[اينٿالاجي]

# اسان جو قلم هڪ علم



حميد سنڌي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

حميد سنڌي

# اسان جو قلم هڪ علم

اينٿالاجي

# اسان جو قلم هڪ علم

[ چونڊ ڪهاڻيون، مضمون، مقالا،
انٽرويوز، مهاڳ ۽ همعصرن جا تاثر]

حميد سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2018ع

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون سال 2018ع تعداد 1000

[هيءَ ڪتاب اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جي مالي تعاون سان شايع ڪيو ويو.]

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

ڪتاب جو نالو: اسان جو قلم هڪ علم

موضوع: اينٿالاجي

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

لي آئوٽ: نصير مرزا

ٽائٽل ڊزائن: نعيم خان ديسوالي

ڪمپوزنگ: شاهزيب انور هڪڙو حبيب قادر قريشي ۽
محسن علي خاصخيلي، گلزرين مغل

ملهه: 600 رپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

هيءَ ڪتاب پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي مان الهڻتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

شريڪِ حيات محترمہ

**تهذيب النساء**

۽

پنهنجن نور چشمن

**ارشد حميد**

**تمڪنت**

۽

**عائشہ**

جي نالي

**ساري سنڌ جيجل ۽ سنڌ جي ماٺهن لاءِ اٹکت دعائون**
**جيئي سنڌ ۽ لطيف جي ٻولي**

**حميد سنڌي**

# ڇپائيندڙ پاران

60 جي ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب ۾، ليکڪن جي هڪ کير ڏار ظاهر ٿي هئي، پرجوش، باهمت ۽ بهادر... جن سنڌي ادب ۾ جرئت ڀريو ساهت سرجيو ۽ سنڌي ادب جو مان مٿاهون ڪيو، حميد سنڌي صاحب، پنهنجن اهڙن ئي همعصرن ۾ تڏهن مور جي ڪلنگيءَ وانگر نمايان ٿيو. ڀهرئين ڪهاڻيڪار، پوءِ وطن پرست ايڊيٽر، پُرجوش مقرر پوءِ بهترين منتظم ۽ علمي ادبي ادارن جو سربراهه ماضيءَ ۾ 'جشنِ روح رهاڻ' هاڻي وري 'بزمِ روح رهاڻ'. ائين سندن ساري حياتي عملي جدوجهد جو استعارو ۽ اهڃاڻ بڻي ۽ ايندڙ نسلن جي لاءِ مشعلِ راهه پڻ. حميد سنڌي جنهن اڌ صدي اڳ علمي ادبي سفر شروع ڪيو. اهو اڄ به ساڳئي جوش خروش سان جاري ۽ ساري آهي ۽ سندن قلم ۾... اڄ به... لکڻ لاءِ مس روشن آهي، ۽ روشنيون پکيڙي رهي آهي. بطور قلم ڌڻي حميد صاحب گهڻ پاسائين تحريرن جا خالق آهن ۽ ڪيئي شاندار ڪهاڻيون، مقالا، مضمون، تاثر، تقريرون، سندن ڪريڊٽ تي آهن، جن منجهان چونڊ ڪري هن 'اينٽالاجي مالها' ۾ انهن کي سموهيو ويو آهي. حميد صاحب جي ذات ۽ ذات جي باري ۾ سندن ڪيترن ئي همعصرن وقت به وقت جيڪي مضمون لکيا، اُنهن مان به چونڊ تحريرون هن ڪتاب جي زينب بڻايون ويون آهن. سهيڙ جي ان ڪم ۾، سنڌي ادبي بورڊ کي نصير مرزا صاحب جو تعاون حاصل رهيو. منهنجي ايامڪاريءَ ۾ هي اينٽالاجي ڇپجي نروار ٿي رهي آهي، جنهن لاءِ آءٌ جناب مخدوم جميل الزمان چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جو تهه دل شڪرگذار آهيان، جنهن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلن کي آسان ڪيو.

اُميد آهي ته هيءُ ڪتاب سنڌ جي اهلِ علم حلقن ۾ پذيرائي حاصل ڪندو.

**الهڏنو وگهيو**

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

## سونهن سناءُ


منهنجي پاران ٻه اکر — حميد سنڌي — 15

جوڳيءَ تي جڙاءُ — نصير مرزا — 18

حميد سنڌي-جاڻ سڃاڻ — نصير مرزا — 22

حميد سنڌي-خدمتون — انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا — 25

- **حميد سنڌي جا انٽرويوز**

حميد سنڌيءَ سان روح رهاڻ — نور الهدي شاهه — 29

جوڙي سلامت — نصير مرزا — 41

(مسز حميد سنڌي سان ملاقات)

- **حميد سنڌيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون**

جي قيام مڙن — حميد سنڌي — 49

لڳي لڳي واءُ — حميد سنڌي — 53

مرين تہ آرهڙ ۾ مرجان — حميد سنڌي — 65

هي زهر ڪير تہ پيئندو — حميد سنڌي — 75

نوٽ ڏرتي — حميد سنڌي — 86

درد ونديءَ جو ديس — حميد سنڌي — 101

پاڙي ناهہ پروڙ — حميد سنڌي — 112

راڻا جي رجپوت — حميد سنڌي — 115

| | | |
|---|---|---|
| ويريون | حميد سنڌي | 131 |
| خوشبوءَ جا گهاوَ | حميد سنڌي | 138 |
| شهزور ڏينهن، رتل رات جي ڪهاڻي | حميد سنڌي | 142 |

- **حميد سنڌي جو نمائنده ناٽڪ**

| | | |
|---|---|---|
| طوفان ۽ رات | حميد سنڌي | 151 |

- **حميد سنڌي جا لکيل چونڊ مضمون ۽ مقالا**

| | | |
|---|---|---|
| ماضي جا صوفي-اڄ جا مسيحا | حميد سنڌي | 173 |
| آدم جي ڪهاڻي لطيف ۽ سچل جي زباني | حميد سنڌي | 178 |
| سُر ڪاپائتي | حميد سنڌي | 184 |
| آٽي ڏنائون هيرا لعل هٽن سان | حميد سنڌي | 188 |
| مرزا قليچ بيگ جا ناٽڪ | حميد سنڌي | 193 |
| شيخ اياز ۽ روح رهاڻ | حميد سنڌي | 199 |
| جيجي زينت عبدالله چنه | حميد سنڌي | |
| | ۽ محبوب علي چنه | 215 |
| ريڊيو حيدرآباد ۽ ادب | حميد سنڌي | 223 |
| ڏورڻ گهٽو ڏاڪٽرو-محمد عثمان ڏيپلائيءَ | حميد سنڌي | |
| جون ڳالهيون | | 230 |
| نسيم کرل- هڪ پرولي | حميد سنڌي | 233 |
| سئيا مون نه سوال- هڪ خط | حميد سنڌي | 243 |
| اسان جو ساٿ ڏٽي | حميد سنڌي | 252 |
| يادگيرين جو سفر 1 | حميد سنڌي | 254 |
| يادگيرين جو سفر 2 | حميد سنڌي | 257 |
| يادگيرين جو سفر 3 | حميد سنڌي | 259 |
| يادگيرين جو سفر 4 | حميد سنڌي | 264 |

- **حميد سنڌي جا لکيل خاڪو** **شخصيت**

اي اسيرانِ قفس — عنايت بلوچ — 273
جي هڪ وار قلم بينو — ريتا شهاڻي — 282

- **حميد سنڌي جا چونڊ مهاڳ** **شخصيت**

اُتر واءُ اوتي، جِتي عطر توتي — جيجي زرينہ بلوچ — 289
پن ڇڻ ڪان پوءِ جا ورق — فتاح ملڪ — 295
پنهنجي وجود جي ڳولا ۾ — خواجہ سليم — 301
جوڳي جاڳايوس — نذير ناز — 307

- **همعصرن جا تاثر ۽ مضمون**

حميد ۽ روح رهاڻ — شيخ اياز — 313
پيارو حميد سنڌي — مولانہ غلام محمد گرامي — 314
سنڌي ادب جي تاريخ جو اهم باب ـ حميد — ڊاڪٽر غلام علي الانہ — 315
سيمي ۽ حميد — زينت عبدالله چنہ — 330
ادب دوست، حميد سنڌي — گوبند مالهي — 331
حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون — تنوير عباسي — 333
ماٺهو شهر پنيور جا ـ حميد سنڌي — غلام رباني آگرو — 347
حقيقت پسند ڪهاڻيڪار — آغا سليم — 360
حميد سنڌي:هڪ شارح طور — هيرو ٺڪر — 366
حميد سنڌي: روح رهاڻ — رشيد ڀٽي — 368
سيني جو يار ۽ سيني جو همدرد — پروانو ڀٽي — 370
خوشبوءِ ٻڌجي موتجانءِ — لڇمڻ ڪومل — 372
حميد سنڌي هڪ سچو فنڪار — مراد علي مرزا — 375
حميد ڪاريگر ڪهاڻيڪار — علي احمد بروهي — 377
حميد ـ اڻ ٿڪ انسان — قمر شهباز — 380
حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار — ناصر مورائي — 387
ادبي هيرو ـ ادبي ولين — ماهتاب محبوب — 389

| | | |
|---|---|---|
| حميد | عبدالقادر جوڻيجو | 400 |
| حميد سنڌي ۽ عڪس | ريٽا شهاڻي | 411 |
| حميد سنڌي وڏو اديب وڏو ماڻهو | تاج بلوچ | 413 |
| حميد : احساسن جو رکوالو | قاضي خادم | 418 |
| حميد سنڌي، هڪ خاڪو | خواجه سليم | 423 |
| حميد سنڌي ـ اڌ صديءَ جو ڪهاڻيڪار | شوڪت حسين شورو | 426 |
| ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون | رکيل مورائي | 431 |
| ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون | نصير مرزا | 434 |
| حمید سندھی: ایک منفرد افسانہ نگار | شوکت صدیقی | 438 |


- **ڪھ جاڻان ڪيڏانهن ويا**

**حميد سنڌي جا لکيل تعزيتي تاثر** **شخصيتون**


| | | |
|---|---|---|
| جديد ادب جو رومانٽڪ شاعر | شيخ اياز | 445 |
| پير علي محمد شاهه راشدي | پير علي محمد شاهه راشدي | 456 |
| ڳالهيون پير حسام الدين راشدي جون | پير حسام الدين راشدي | 460 |
| پُر بهار شخصيت | حسين شاهه راشدي | 470 |
| منهنجو ساٿي منهنجو دوست | حفيظ شيخ | 472 |
| جيل جي هڪ رات | حفيظ شيخ | 474 |
| فخر لائق سائين ع.ق شيخ | ع.ق شيخ | 476 |
| آءِ ايم لال پُشپ | لال پشپ | 478 |
| تنوير ـ عجيب فقير | تنوير عباسي | 480 |
| شمشير جي زماني جا رنگ | شمشير الحيدري | 491 |
| روهه ۾ رولي ويو | الطاف عباسي | 497 |
| اچي ملي ها | بردو سنڌي | 498 |
| رهنديون سندس ڳالهيون | ثميره زرين | 501 |
| ريموٽ ئي گُم ٿي ويو آهي | قمر شهباز | 503 |
| هم سفر ۽ هم رڪاب | ناصر مورائي | 505 |
| جوڳيءَ تي جَرَّاءُ، نسوروئي نِينهن جو | اشفاق قاضي | 511 |

| | | |
|---|---|---|
| تولئه تڪيندي ڏيئا اُجهاڻا | اشفاق قاضي | 521 |
| محمد حسين پنهور ـ هڪ مشن | محمد حسين پنهور | 526 |
| املهه ماڻهو | ڪامريڊ تاج محمد ابڙو | 528 |
| رشيد موتي آءُ | رشيد ڀٽي | 536 |
| سرڪي ـ ادب جو مينار | نور الدين سرڪي | 538 |

- **رسالو "روح رهاڻ"**

| | | |
|---|---|---|
| حميد سنڌي جي رسالي روح رهاڻ جي حوالي سان | بدر اجڻ | 543 |
| مختصر تعارف | انسائيڪلوپيڊيا | |
| | سنڌيانا جي تورن سان | 582 |

# منهنجي پاران

بہ اکر

حب الوطني ڏوهہ ناهي. پر اها مالڪ جي عنايت آهي جو هر انسان جي سرشت ۾ شامل ڪئي وئي آهي. ايئن انسان جي صفتن ۾ جوڙجڪ ۾ اڳيان اڳيان آهي. جڏهن حب الوطني، وطن جي مٽي سان عشق سيکاريندي آهي تہ ماڻهو ٿي پيو ٿي ويندو آهي. ها سائين! اسان پنهنجي سنڌ وطن جي مٽي مان ڳوهيل مٽيءَ ڪري هن سدوري سهڻي ۾ معصوم ڌرتي سان عشق ڪيو ۾ وچن واريا. پر جڏهن اڄ سنڌواسين لاءِ ڌرتي تامڻي ڪئي وئي آهي تہ اسان محب وطن جهونن جوڳين جا هاڻي عشق تڏا تي ويا آهن. هن ڌرتيءَ ورهاڱي جو سور سنو هاڻي ٽڪرن ۾ پلاٽن ۾ ورهائجي ياڳا تيندي سهڻيءَ وانگي پٽي وڪامي ۾ پنهنجن کان کسجي ڪٿي بحريہ ٽائون نالي قائم ڪيل شهر، ڪٿي ذوالفقار آباد، ڪٿي بيلا برباد، سوسائٽيون آباد، ٻنيون ٻارن جا نقشا ٿي گم. نوان ڪاتا، نيون ديهون، نوان ٻارا، سنڌ جو نقشو ٿي نئون. نيون لالچون نوان دلبا، نوان آسرا، ڪير ڪُڇي؟ ماڻهن کي هڪ پاسي بيروزگاري ماريو ٻئي پاسي ڪوڙن آرڊرن ۾ نون روزگارن جا آسرا مليا (ڏسو نئين بجيٽ ياڳو پهريون)

بدامني، ڌاڙائي، ڪوڙا جرگا، قبيلائي جهيڙن سان سنڌ جي ماڻهن جي نسل ڪشي، ڌاڙا ڦرون، ڪارا ڪاريون، قبضا مافيا، ڇا! هي اڃي اڃي سڀ برايون بچڙايون هاڻي ويچاري سدوري سنڌ جو مقدر ٻڻجي چڪيون آهن؟ ڇا اسين واپس جهالت، انساني حقن جي لتاڙ واري دؤر ڏانهن وڃي رهيا آهيون. علم ادب مان ڦُتندڙ روشني جا واعدا اسان جيڪي هنن بيوس ماڻهن سان ڪيا هئا سي سڀ ڪوڙا ثابت ٿيندا. وطن ويڙهيچن کي وري ڪئين سچي علم جا، سُک سپنا ڏيکاريا هئا اُنهن جي هنن کي ساڀيان ڪير پسائيندو؟ ڇا هي نئون نڪورو نوجوان نسل، جن جون پاڙون هن ڌرتي تي جڻ ڪُتل ئي ناهن. ۾ هو هن وطن جي مٽي جي عشق کان بہ آگاهہ ناهن. نہ ئي هو ڌرتيءَ تي سر ڏيڻ جي رسم کان آشنا

آهن. اُهي ڪهڙو انقلاب آڻي سگهندا ۽ جنهن جي آسري ڪو ڪنڌ ڪٽي سنڌ هلندي ۽ جڏي جيءَ سان بہ جيئندي رهندي. جي سنڌ جو نئون نسل پڙهي ٻيو سنڌ جي علمي ادبي ۽ آگاهيءَ وارن ادارن سندن پر گهور لڏي، ڪوڙين داعوائن ۽ ڦڙٻاتين کي ڇڏي سچ ۽ حق جو پرچار ڪن. سنڌ جي ماڻهن سان ڪو دوکو ڪا دغا نہ ڪن. اچو تہ ستايل ياڳا ٽيل سنڌ جي وارثي ڪيون ۽ جيجل کي ڪو آٿت ڏيون. ڇا منهنجي هن حياتي جي پڇاڙين گهڙين ۾ اهو ئي اورڻ ٿيندو

حبيبن هيڪار، منجهان مهر سَڏُ ڪيو
سو مون سڀ ڄمار اورڻ اُهو ئي ٿيو

شايد ائين بہ هجي جو جيجل کي اهو احساس هجي ۽ ميار ڏيندي چوندي هجي.

ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ. امر مون سين ائين ڪيو

پر مفڪرن روشن خيال اديبن جيڪي آگاهي ۽ اميد جا روشنيءَ لاءِ ڏيا ٻاريا هئا، انهن جو ڇا ٿيندو؟ ائين ٿيڻ نہ کپي تہ:

آگهي کي روشني جب دور تک پائي گئي
کٹ گيا اس کا گلا ظلمت ۾ دفنائي گئي.
(انوار فيروز)

هن صدين جون مسافتون صرف مايوس ٿي ٿڪجي ويهڻ سان رائيگان نہ وڃڻ کپن.

مسافت رائيگان هي اور مجهہ سي
تکن اپنا اثاثہ لي رهي هي
(شبنم شڪيل)

اڄ اسين ان چوواٽي تي بيٺا آهيون سڀ رستا اٽ ملن ٿا. جت نوجوان نسل رهبري لاءِ بيٺو هجي، اهو ئي اسان جي جيئڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ائين بہ نہ ٿيڻ کپي:

ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاڻا ويا پري
تن کي ناتر ڪوهہ ڪري جي لڏوٽيا لنگهي ويا

هاڻ سنڌ جو آئيندو پڙهيل ڪڙهيل هنرمند نوجوان نسل تي آڌاريل آهي جن جو سچو عشق، سنڌ جيجل سان هجڻ لازم آهي. عشق کان سواءِ وچن ناتا سڀ ڪوڙا آهن.

اياز چواڻي:

عشق عقاب پکي پرڏيهي، جهرپ ڏئي ٿو جهٽي
ڪير انهي کان ڪٽي

شاهہ نصير نوشهري جو هاڪارو شاعر چئي ٿو:

ڪن کي دين مليو ڪن کي دنيا
عشق اصل ڪنئون انعام ڏئي وئين
يار اسان کي
دوست اسان کي

هيءَ جيڪا نئين جوڙ جوڙي اٿئون سا ”ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون“ جوئي تسلسل آهي. هن ۾ ڪجهہ بيون صنفون ملائي سنڌي ادبي بورڊ جي مهرباني سان هڪ نئين قسم جو ڳٽڪو تيار ڪيو اٿئون جنهن ۾ عزيزم نصير مرزا جي محنت بہ شامل آهي. سندس چوڻ اهو بہ آهي تہ اينتالاجيءَ لاءِ وٽس ايترو مواد آهي جو بيا بہ ڪيترا ئي جلد ٺهي سگهن ٿا ۽ هو انهن کي ترتيب ڏئي رهيو آهي. هن ڪتاب جي ترتيب منهنجي حوالي ڪندي وڏيڪ سنوارڻ لاءِ جيڪا مدد ڪئي آهي ان لاءِ مون وٽ لفظ ڪينهن. ان لاءِ مان سندس تمام گهڻو ٿورائتو آهيان.

مان ٿورائتو آهيان. مخدوم جميل الزمان صاحب، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جو جن هن ڪتاب ڇاپڻ لاءِ ڪاميٽي جي فيصلي جي منظوري ڏني. ۽ سيڪريٽري الهڏتي وِگهي جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن تمام گهڻي دلچسپي وٺي هن ڪتاب کي سهڻو ڪري ڇپرايو.

مواد جي سهيڙ لاءِ ٿورا حافظ احمد دين انيڙ جا پڻ ضروري ٿو سمجهان.

هن ڪتاب جي ترتيب جنهن نموني ۾ ڏني اٿم، اُميد تہ اڳئين ڪتاب ”ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون“ وانگر پسند ايندي. نصير مرزا جي صلاح، مدد ۽ مشوري کان سواءِ هيءُ هيڏو جبل جيڏو ڪم پورو ٿي نہ سگهي ها. ڏٺي ڪيس ان جو اجر ضرور ڏيندو.

سنڌ جيجل لاءِ دُعاگو

**حميد سنڌي**

**حيدرآباد**

05 جولاءِ 2015ع

مهاڳ

## جوڳيءَ تي جڙاءُ
## نسوروئي نينهن جو

نوشهروفيروز...! يا الله...! ڪنهن بہ شهر جو هي ڪهڙو نہ ڪنڊ نبات جهڙو منڙو نالو... جي ها! بلڪل ئي اهڙو جهڙو انهيءَ ديار ڄائي خود حميد سنڌيءَ صاحب جو نالو. شيخ اياز جو اجهو هي شعر سندن شخصيت تي 'منديءَ تِڪَ' جيان... صفا نهڪي ٿو بيهي.

آهي تنهنجي نانءَ سان، ڇوڏاري ٿڏڪار،
اونهاري جو وار، مون تي ٿئي ڪِينَ ڪي.

۽ ان ئي نوشهري فيروز ديار ۾ ابدي آرامي... شاهہ نصير سائين... جنهن... ڪنهن وقت فرمايو هو:

رمزن ساڻ غلام ڪري وئين...

تہ بس ايئن ئي هيڏانهن سمجهو تہ سالن کان، آئون وري حميد سنڌي سائينءَ جي قربن ۾ ڪُنل، سندن شفقت جي ڇانوَ ۽ احسانن جي بار هيٺان دٻيل... سندن رمزن جو غلام... جنهن جي من ۾ مٿن هن 'شخصيت ۽ فن' اينتالاجي جوڙڻ جي دلي خواهش پيدا ٿي، تڏهن سُري حميد صاحب جي ويجهو ٽيس ۽ نيٺ هي ڪتاب جوڙي راس ڪئم.

ادب پارکو ڄاڻن ٿا حميد صاحب: بطور ڪهاڻيڪار 1958ع کان ادب ۾ پير پاتو هو ۽ هاڻي هي سال 2015 ع آهي. يعني انهن سيني سالن دوران حميد صاحب مُڙي پنيان تہ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو ۽ نہ ئي ٿڪجي ورچي... ويهي رهيو. اجهو هي لڳ ڀڳ 58 هون سال آهي، جو هو مسلسل لکندو ڄاڪوڙيندو ۽ ڇوندو پيو اچي تہ...

كينجهر كان كارونجهر تائين، تو كي چشمن چايان
سنڌ ديس جي ذرتي توتي، پنهنجو سيس نمايان.

حميد صاحب سان منهنجي اوائلي شناسائي، سندن تحريرن جي ئي نسبت سان جڙي هئي. تڏهن سندن جاري ڪيل 'روح رهاڻ' رسالي جا پرچا، مون لائبريرين ۾ ئي ڏٺا هئا. ائين سندس افسانن جا ٻه اوائلي مجموعا... پهرئين "سيمي" ۽ پوءِ "اداس واديون" جڏهن منهنجي مطالعي هيٺ آيا هئا. ته اجا ٻه ساڻن ذهني ويجهڙائي ٿي، بعد ۾ حميد صاحب سان جيڪا پهرئين منهنجي روبرو ملاقات ٿي، اها ٿي 77 ـ1976ع ڌاري، جاگيراڻي پاڙي سکر ۾، جتي پاڻ سائين رشيد ڀٽي صاحب جي اوطاق تي ترسيل هئا. منهنجو دوست ادل سومرو مون کي ساڻن ملائڻ لاءِ اُتي خاص وٺي هليو هو ۽ اُهو منجهند جو وقت هئو جڏهن هي ٻيئي جگري يار ڀٽي صاحب جي گهران پهتل لنچ ۾ مڇي ۽ پُگل ٻيهن مان لطف اندوز ٿي رهيا هئا. حميد صاحب جي شخصيت ۾ جيڪا قربت، محبوبيت، حُسن ۽ ڊرامائيت هئي، ان ته مون کي انهيءَ ئي ڏينهن بيحد مُتاثر ڪيو هو. خاص طرح سندن هن گفتي ته ڏاڍو ئي موهيو مون کي... "ادا توهان ٻيئي دوست نئين ٿهيءَ جا ڏاڍا سنا ليکڪ ثابت ٿيندؤ"... ته بس اهي ڏينهن اُهي شينهن.. حميد صاحب کي پوءِ ته آئون بنهه ئي ويجهو ٿيندو ويس. تڏهن هاڻي نه فقط مون سندس تحريرن کي وڌيڪ دلچسپي ۽ گهرائيءَ سان پڙهيو... پر ريڊيو حيدرآباد تان سندن بيحد پيارو ڊرامو به مون ٻڌو: "طوفان ۽ رات". ۽ گڏوگڏ مراد علي مرزا صاحب جي ادبي پروگرام 'ماهناهي' ۾ ڪانئن ڪڏهن ڪهاڻي، ته ڪڏهن وري ڪتابن تي تبصرا به آئون ٻڌندو رهيس! يادش بخير... ادب ۾ چاڪاڻ ته مون 74ـ 1973ع کان پير پاتو انهيءَ ڪري سندس جڳ پڌري رسالي 'روح رهاڻ' کي ريگيولرلي مطالعي ۽ 'جشنِ روح رهاڻ' وارين تقريبن ۾ شريڪ ٿيڻ جو ڪڏهن به مون کي موقعو نه مليو پر ادبي گڏجاڻين ۾... ڪنهن نه ڪنهن بهاني حميد صاحب جي آئون ويجهو ضرور ٿيندو رهيس ۽ ائين سندن ذات جا رنگ ۽ شخصيت جا شيڊ مون تي ظاهر ٿيندا ويا. ان عرصي دؤران سندن جن جن ڪهاڻين خاص طرح سان منهنجو ڌيان ڇڪرايو.. اهي هيون 'دربان' 'ڏوپار'... 'خانو چور نه آهي' ۽ ... 'ويريون' وغيره. اگرچ ستر اسي واري ڏهاڪي دوران سندن آس پاس ٻيا به ڪيترائي همعصر ڪهاڻيڪار... نشانبر ۽ نمايان

هئا.. جيئن آغا سليم صاحب، امر جليل صاحب، نسيم کرل صاحب، غلام نبي مغل صاحب، پر انهن سڀني جي وچ ۾ پاڻ به تہ اوترا ئي نمايان هئا... ۽ ايئن... جو چوڻ ڏيوم تہ...

جو ذره جس جڳہ تا، وهين آفتاب تا!

پانئيان ٿو پنهنجن انهن سڀني همعصر افسانہ نگارن ۾ حميد صاحب کي هي بہ انفراديت ۽ فوقيت حاصل رهي، جو هُو انهن مڙني جي مقابلي ۾ سنڌيت پرين محفلن مچائڻ ۽ تحريڪن ۾ وڌيڪ حصيدار پئي رهيا. جنهن سبب، همعصر ڪهاڻيڪارن ۾ سندن شخصيت وڌيڪ هرواسي بڻجندي ويئي، جنهن سبب ان ئي تسلسل ۾ بعد واري دور ۾ نهايت عزت ۽ احترام سان کين علمي ادبي ۽ ثقافتي محلفن ۾ محفل جي مور طور سڏايو وڃڻ لڳو.

...تہ خير مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ... ڊرامائيت ۽ رومانيت، حميد صاحب جي اوائلي ڪهاڻين جي خاص خصوصيت پئي رهي. پوءِ سنڌيت ۽ قوميت جو رنگ بہ سندن اسلوب ۾ پوري طاقت سان ظاهر ٿيو. جنهن لاءِ موضوعن جي مناسبت سان سندن 'ڪهاڻي ڪرافٽ' جو انداز بہ الڳ ٿلڳ نظر آيو..جي ها! نجو پجو حميد سنڌيءَ جو پنهنجو انداز... يعني ٺورو ناسٽلئجڪ... جنهن لاءِ محاورو ۽ ٻولي وچولي واري. يعني ساهتي پرڳڻي واري.. اٽڪاري ميلو ڊريمٽڪ... دک پري.. گڏوگڏ ماضيءَ جي عظيم قدرن جي سار پچار اُپٽار... ۽ ساڻ ساڻ هي اميد، آسرو امنگ ۽ چتاءُ پڻ:

چٽنگ چولي ۾ جي ناهي، اُهو پنهنجو ناهي!

سندن ڪهاڻين جي اٽڪاري جو ڍنگ ڪجهہ هي تہ، اها وائلن جي سُرن وانگر ڌيمي ڌيمي انداز ۾ شروع ٿيندڙ ۽ جيئن پاڻيءَ ۾ دائره در دائره رنگ پکڙبو آهي، حميد صاحب جي ڪهاڻين ۾ درد بہ اُيئن ئي ڦهلبو نظر ايندو آهي ۽ تان تہ ڪهاڻي هڪ ڀرپور تاثر تي وڃي ختم ٿيندي آهي.

... المختصر..تہ زندگي!... جيڪا اسان جي حميد صاحب جي حصي ۾ آئي ، سچ پچو تہ اُها هُن سچي جي سچي چا تہ مُتحرڪ، مصروف ۽ سونُ گذاري آهي. اوائل جوانيءَ ۾ ڀرين تہ پوري توجہ سان نصابي تعليم، پوءِ ان دوران افسانہ نگاريءَ سان شغف. پوءِ جڳ پڌري رسالي 'روح رهاڻ' جو آغاز ۽ گڏوگڏ جشن روح رهاڻ. پوءِ بطور پروفيشن... علمي ادبي ۽ نصابي ادارن سان والهانہ وابستگي ۽ انهن جي تنظيم ڪاري علاوه ازين ڏيهي پرڏيهي نجي سرڪاري دورا ۽ سئر

سفر. پوءِ هند سنڌ اندر برپا ٿيندڙ ادبي محفلن، مجلسن ۾ شرڪت. گڏوگڏ سالن جا سال سالانہ شاھہ لطيف ڪانفرنسن جي زبردست ميزباني... پوءِ ادبي ثقافتي شامن ۽ ڪتابن جي مهورتن وارين محفلن جون صدارتون.

اسان جي قمر شهباز صاحب...حميد صاحب بابت هي بہ ڪيڏو نہ درست لکيو آهي تہ: حميد ڪڏهن بہ ورچي نہ وينو آهي. اها ئي وک وتري ۽ اهو ئي قلم هٿ ۾. ۽ ائين دل جو سمورو درد ڪاغذن تي اوتي ڇڏيو اٿس، سندس پهريون ۽ آخري عشق آهي سنڌ... ۽ سنڌي ادب! ۽ هو اڄ بہ ساڳي لگن سان پنهنجي ٻوليءَ کي مالا مال ڪري رهيو آهي. ۽ ادبي اڄ اجهاڻ خاطر، هڪ دفعو وري ... هن روح رهاڻ کي 'بزمِ روح رهاڻ' جي نالي ۾ جيئاري ڇڏيو آهي. جنهن سبب سندس گهر جي چائنٽ، حاضر دور ۾ هڪ دفعو ٻيهر، علم ادب جي آماجگاھہ بڻجي چڪي آهي.

...تہ بس اهڙي ادبي هستيءَ جي مالڪ حميد سنڌي سائينءَ بابت سندس همعصرن جا رايا، تاثر، ادبي اڀياس، تاريخ جا حوالا تہ هن ڪتاب ۾ مون گڏ ڪيا ئي آهن، پر گڏوگڏ سندن يادگار انٽرويوز سندن ڪي بهترين ڪهاڻيون، لاتعداد لکيل مضمونن، مقالن، خاڪن، تاثرن ۽ تعزيتي نوٽس منجهان... هڪڙي چڱي خاصي چونڊ پڻ هن ڪتاب ۾ شامل رکي آهي، ۽ اها ان لاءِ، تہ جيئن مستقبل جو محقق، حميد صاحب جي واپرايل مختلف اسلوبن ۽ سندن ادبي قد و قامت کان پوري ريت آگاھہ رهي.

هيءَ ڪم، گهڻو وقت طلب ۽ اٽانگو! بيشڪ تہ هئو پر خود حميد صاحب جن جي تعاون ۽ دوستن منجهان نفيس احمد شيخ ناشاد، حافظ احمد الدين انيڙ ۽ فقير محمد ڍول ان ڪم ۾ منهنجو هٿ ونڊايو ۽ ائين هيءَ اينٿالاجي جلد تيار ٿي وئي. اُميد تہ پڙهندڙن کي حميد صاحب جو هي پورهيو گهڻو پسند پوندو. السلام _ والسلام!

حيدرآباد
24.03.2015

**نصير مرزا**

# حميد سنڌي_ڄاڻ سڃاڻ

| | |
|---|---|
| نالو: | پروفيسر عبدالحميد ميمڻ |
| ادبي نالو: | حميد سنڌي |
| والد صاحب جو نالو: | محمد اسماعيل ميمڻ |
| تاريخ ڄم ۽ جنم ڀومي: | 12 آڪٽوبر 1939ع، نوشهروفيروز سنڌ |
| قابليت: | بي اي [آنرز]، ايم. اي [اڪنامڪس _سبجيڪٽ ايگريڪلچر اڪنامڪس] ايل_ايل بي، هائير ايجوڪيشنل ايڊمنسٽريشن ۾ ڪورس [مانچيسٽر يونيورسٽي] برطانيہ مان. |
| عهدا: | وليج ايڊ ڊپارٽمينٽ ۾ بحيثيت پبلسٽي آفيسر [1960_61ع] |

سنڌ يونيورسٽي جي مختلف شعبن ۾ بحيثيت

1. ايڊمنسٽريٽو آفيسر [1970]
2. اسسٽنٽ ڪنٽرولر ايگزامينيشن
3. ايڊيشنل ڊائريڪٽر سنڌلاجي
4. رجسٽرار

تعليم کاتي ۾ بحيثيت ڊائريڪٽر ڪاليجز [1976_1977ع ۽ 1989_1990ع]

بحيثيت پرنسپال پبلڪ اسڪول حيدرآباد [1978_1989ع]

بحيثيت وائيس چانسلر سنڌ زرعي يونيورسٽي، ٽنڊو ڄام.

وائيس چانسلر. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور. [1991_1995ع]

ڊائريڪٽر، بيورو آف ڪريڪيولم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ [1996ع]
چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو [1997ع]
چيئرمين سنڌ لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد [1997ع]
چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بُوڪ بورڊ، ڄام شورو. [1998ع]

ميمبر: ميمبر سينيٽ، سنڌ يونيورسٽي 1980ع تائين.
ميمبر، سنڌي ادبي بورڊ
ميمبر ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

مصنف: هنن ڪتابن جو ليکڪ هڪ اردو ۾ لکيل

1. سيمي [ڪهاڻين جو مجموعو]
2. اُداس واديون [ٻه ڇاپا]
3. وِيريئُن [ٽي ڇاپا]
4. راڻا جي رجپوت [ٻه ڇاپا]
5. جاڳ ٻه ٿُنهنجي جيءَ سان
6. سوني زنجير، جاپاني لوڪ ڪهاڻيون [ترجمو]
7. سوکي ڌرتي [اردو]
8. تماهي مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون [مرتب]
9. سو مون سپ ڄمار
10. ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون
11. درد ونديءَ جو ديس
12. آرِي اڇين شال [سچل سرمست تي تحقيقي مقالن جو مجموعو]

هر سال شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عُرس واري موقعي تي ٿيندڙ ڀٽائي ڪانفرنس ۾ مختلف سُرن تي لکائيل تحقيقي مقالا ۽ مضمونن جو سهڙيندڙ سنواريندڙ انهيءَ سلسلي جا يارهن ڪتاب شايع ٿيل. سُرن جا نالا هن ريت آهن.

1. سُر ليلا چنيسر، 2. سُر گهاتو 3. سُر ڪاموڏ، 4. سُر مارئي، 5. سُر ڪاپائتي، 6. سُر بلاول، 7. سُر رام ڪلي، 8. سُر ڪاهوڙي، 9. سُر ڪارايل، 10. سُر بروو 11. سُر سارنگ.



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ايڊيٽر، ايسوسيئيٽ ايڊيٽر

يا صلاحڪار 1. ماهوار 'روح رهاڻ'
2. ماهوار 'ماروي'.
3. هفتيوار 'ماروي'
4. لطيف ڊائجسٽ
5. نئين زندگي [صلاحڪار]

اعزاز: 1. پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان ڪهاڻين جي مجموعي ويريون تي 'شاهه عبداللطيف ايوارڊ' [1981ع]
2. سنڌالاجي ادبي ايوارڊ ڪهاڻين جي مجموعي 'ويريون' تي [1981ع]
3. پاڪستان رائٽرس گلڊ پاران 'ويريون' تي ايوارڊ (1981]
4. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان 'لطيف ايوارڊ' [ادب]
5. نئشنل بُڪ فائونڊيشن طرفان 'راڻا جي رجپوت' تي ايوارڊ [1995ع]

قومي اعزاز: 1. 'تمغئہ امتياز' 23 مارچ 1990ع [گورنمينٽ آف پاڪستان- صدارتي اعزاز]
2. اعزازِ فضيلت 28-8-1993ع [گورنمينٽ آف پاڪستان- صدارتي اعزاز]
3. شخصي اعزاز: حميد سنڌي صاحب پنهنجي شاندار علمي ادبي حيثيت جي آڌار تي هن وقت تائين هزارين محفلن جي صدارت ڪري چڪا آهن.

ڪنوينر: سنڌي ڊرامي جي هڪ صدي- 'جشن تمثيل' جو منتظم [1980ع]

مکيہ مهندار: شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ سيمينار ڊاڪٽر دائود پوٽو سيمينار، ممتاز مرزا ۽ استاد بخاري وغيره بابت گڏجاڻين جو مهندار.

بزمِ روح رهاڻ: ان عنوان سان گڏريل ڪيترن ئي سالن کان هفتيوار ادبي گڏجاڻي جي شروعات ڪئي اٿن، جيڪا اڄ بہ جاري و ساري آهي.

❊

## انسائيڪلوپيڊيا

### سنڌيانا مان

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري اديب، ڪهاڻيڪار حميد سنڌيءَ جو پورو نالو عبدالحميد ولد محمد اسماعيل ميمڻ آهي. هن 12 آڪٽوبر 1939ع تي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو. پرائمري توڙي سيڪنڊري تعليم نوشهري فيروز مان حاصل ڪيائين. گريجوئيشن ڪرڻ بعد هن ’زرعي اقتصاديات‘ جي مضمون ۾ ايم. اي ۽ ايل. ايل. بي ڪئي. 61- 1960ع ڌاري وليج ايڊ کاتي ۾ پبلسٽي آفيسر مقرر ٿيو جنهن بعد مختلف ڪوآپريٽو توڙي ڪمرشل بئنڪن ۾ 1966ع تائين آفيسر ۽ مئنيجر طور ڪم ڪيائين. 1966ع کان 1970ع واري عرصي ۾ وڪالت ڪيائين. بعد ۾ هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ امتحاني ڪنٽرولر، رجسٽرار ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر (سنڌالاجي) طور خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪجهه عرصو تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر ڪاليجز پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي پرنسپال طور ذميواريون سنڀاليائين. ملازمت دوران علمي ادبي ڪم به جاري رکندو آيو ۽ ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ پنهنجي قائم ڪيل ’بزم روح رهاڻ‘ جي پليٽ فارم تان ادبي گڏجاڻيون، مشاعرا وغيره منعقد ڪندو رهيو. ادبي مخزن ’روح رهاڻ‘ جاري ڪيائين، ان سان گڏ ’مارئي‘ ۽ ’لطيف ڊائجسٽ‘ جو ايڊيٽر ۽ ’نئين زندگي‘ مخزن جو صلاحڪار به رهيو آهي. سندس انتظامي تجربي کي آڏو رکندي حڪومت ڪيس سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام ۽ پوءِ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو. انهيءَ پد تي 1995ع تائين رهيو. 1996ع ۾ ڊائريڪٽر، بيورو آف ڪريڪيولم. 1997ع کان 1998ع تائين سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جو چيئرمئن ۽ 1997ع کان 1998ع تائين سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمئن رهيو.

حميد سنڌي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينيٽ، مالياتي ڪميٽي ۽ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو ميمبر به رهيو. تعليمي بورڊ سکر، حيدرآباد، سنڌي

ادبي بورڊ، ڄام شوري، پبلڪ اسڪول سکر، فيڊرل سوشل ايڪشن پروگرام اسلام آباد، سنڌ ڪائونسل آف اسڪائوٽس وغيره جي انتظامي بورڊن جو ميمبر ۽ سچل اڪيڊمي خيرپور جو چيئرمئن بہ رهيو آهي.

حميد سنڌيءَ کي علمي ادبي خدمتن عيوض ڪيترا ايوارڊ/ اعزاز بہ مليا جن ۾: ڪهاڻين جي مجموعي 'ويرون' تي پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، پاڪستان رائيٽرس گلڊ ۽ سنڌالاجي ڄامشوري طرفان اوارڊ (1981ع)، يٽ شاهہ ثقافتي مرڪز پاران 'شاهہ عبداللطيف ايوارڊ'، نئشنل بوڪ فائونڊيشن طرفان ڪتاب 'راڻا جي رجپوت' تي ايوارڊ (1995ع)، پاڪستان سرڪار طرفان 23 مارچ 1990ع تي 'تمغہ امتياز' ايوارڊ، ۽ 28 آگسٽ 1993ع تي صدارتي 'اعزاز فضيلت' شامل آهن.

پاڻ هن وقت ثقافت کاتي حڪومت سنڌ جي اينڊاومينٽ فنڊ جا ميمبر آهن.

## حميد سنڌيءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾:

(1) سيمي (ڪهاڻين جو مجموعو)، (2) اداس واديون (ڪهاڻيون: بہ ڇاپا)، (3) ويرون (ڪهاڻيون: ٽي ڇاپا)، (4) راڻا جي رجپوت (ڪهاڻيون: بہ ڇاپا)، (5) ڄاڳ بہ تنهنجي جيءَ سان (ڪهاڻيون)، (6) سوني زنجير (جاپاني لوڪ ڪهاڻين جو ترجمو)، (7) سوکي ڏرتي (اردوءَ ۾ ڪهاڻيون)، (8) آري اڇين شال (سچل سرمست تي تحقيقي مقالا، ترتيب)، مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون (ترتيب) شامل آهن. ان کانسواءِ هر سال شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن ۾ مختلف سُرن تي پيش ٿيل تحقيقي مقالن جو مرتب رهيو آهي، انهيءَ سلسلي ۾: (1) سر ليلا چنيسر، (2) سر گهاتو (3) سر ڪاموڏ، (4) سر مارئي، (5) سر ڪاپائتي، (6) سر بلاول، (7) سر رامڪلي، (8) سر ڪاهوڙي، (9) سر ڪارايل، (10) سر بروو، (11) سر سارنگ وغيره ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن.

حميد سنڌي ڪجهہ عرصو پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي بورڊ آف گورنرس جو چيئرمئن بہ رهيو. 'روح رهاڻ' مخزن جاري ڪرڻ کان سواءِ 'بزم روح رهاڻ' جون محفلون منعقد ڪندو رهي ٿو. هيءُ هن وقت قاسم آباد، حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

[انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا-
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد
جي ٿورن سان]

# حميد سنڌي
# جا
# انٽرويو



## حميد سنڌيءَ سان روح رهاڻ

نور الهديٰ شاهه

سوال1 : اوهان جي راءِ ۾ سنڌي ڪهاڻي هن وقت ڪٿي بيٺل آهي؟

جواب: منهنجي نظر ۾ سنڌي ڪهاڻي ئي آهي جنهن جي پهچ سماجي، سياسي ۽ اقتصادي آهي. جيئن جيئن سماجي سياسي ۽ اقتصادي صورتحال تبديل ٿيندي رهي آهي تيئن تيئن سنڌي ڪهاڻي جو رخ تبديل ٿيندو رهيو آهي. ان ڪري موضوع ۽ نظريي جي خيال کان سنڌي ڪهاڻي هميشه ڀرپور ۽ دنيا جي ڪهاڻين ۾ نمايان حيثيت وارالي آهي. هن وقت به سنڌي ڪهاڻي خال ڀرڻ يا تفريحي نظريي سان نه پئي لکي وڃي. ان جي پهچ انهن مسئلن ڏانهن آهي. جيڪي اسان جي قدرن سان واسطو رکن ٿا.

سنڌي ڪهاڻيڪار هر دور ۾ سجاڳ ۽ سجاڻ رهيو آهي. جنهن ڪري اسان جي ڪهاڻي هر دور ۾ سجاڳي جو پيغام پئي پهچايو آهي. سنڌي ڪهاڻي جي انهي پهچ ڪري نه ان وٽ موضوع جي ڪوٽ آهي، نه وري نظرياتي طور نامڪمل آهي. سنڌي معاشري جي صحيح صورتحال ڏسڻي هجي ته سنڌي ڪهاڻي هڪ آئيني مثل مثبتي ۽ منفي ٻئي رُخ پئي پسائيندي

سوال2: ون يونٽ کان پهرين ۽ پوءِ وارين ڪهاڻين کي ڪهڙيءَ پرک جي آڌار تي ڏار ڪري سگهجي ٿو؟

جواب: ون يونٽ کان پهرين واريون ڪهاڻيون سنڌي معاشري ۾ ايندڙ انقلاب جو اهڃاڻ ڏيندڙ هيون. پراڻو سماجي نظام جيڪو جاگيرداري، وڏيرا شاهي ۽ ڪامورا شاهي سان لاڳاپيل نظام هو تنهن جي پرڪندڙ ڀتين جي ڪرڻ جا آثار ون يونٽ کان اڳ جي ڪهاڻين

۾ چٽا پئي نظر آيا. اهو عمل جاري ۽ ساري رهيو. ڇو تہ اهو ڪوٽ ايڏو تہ مضبوط ۽ قديمي هو جو ان جون مڪمل پاڙون پٽڻ ۽ انقلاب آڻڻ ۾ ورهيہ لڳڻا ئي هئا. ون يونٽ کان پوءِ بہ اهو ئي عمل جاري رهيو. فرق اهو رهيو تہ ڪهاڻيڪارن مسئلن جي کولي اُپٽار ڪئي ۽ ڪنهن هنڌ بہ لڪ لڪاءُ نہ ڪيو. جيڪڏهن ڪٿي هو ڳالهہ کولي نہ ٿي سگهيا تہ علامتي ڪهاڻين جو سهارو ورتو ويو. منهنجي خيال ۾ سنڌي ڪهاڻيڪار سڌي طرح اثر انداز ٿيندڙ فرد يا جماعت طور هڪ ردعمل جو مظاهرو ڪيو ۽ ان ۾ ون يونٽ جا بخيا تہ اڌڙيا پر ايندڙ نسل لاءِ بہ ڏاڍائي جي خلاف آواز اٿارڻ جي روايت پئي. پر اهو چوڻ ضروري ٿيندو تہ ان روايت جو حقيقت ۾ بنياد ون يونٽ کان اڳ ئي پئجي چڪو هو. اڳ وارن ڪهاڻيڪار ۽ پهچ جو ڍنگ ۽ طريقو ٻڌائي ڇڏيو هو ڇو تہ سنڌي سماج جون اوڻايون ان سجاڳ ڪهاڻيڪار آڏو پڌري پٽ هيون. اڳتي هلي جيئن جيئن ڏک ۽ تڪليف ۾ اضافو آيو تحفظ نہ هجڻ جو احساس وڌيو تيئن تيئن سنڌي ڪهاڻيڪار کلي طرح ميدان ۾ آيو ۽ سندس ڪهاڻين ۾ جيڪو بہ امرت يا زهر ڀريل هو تنهن سماجي ۽ اقتصادي نظام کي لوڏي وڌو.

سوال3: نئين ٿهيءَ جو ڪهاڻيڪار ڇا پنهنجي اڳوڻن ڪهاڻيڪارن جي ڀيٽ ۾ سگهارو ٿي سگهيو آهي؟

جواب: بدقسمتي سان نہ ان جا ڪيترا ئي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. جن مان منهنجي نظر ۾ هيءُ آهن. هڪ تہ معاشري ۾ تڪڙيون تبديليون، ٻيو تہ سياسي ۽ اقتصادي نظام جي غير موجودگي ٽيون ڪارڻ ڳوناڻي آبادي جو شهرن ڏانهن لڏپلاڻ جو رجحان. نئين ٿهي انهن تبديلين جي اثر هيٺ رهي، ادبي جماعتن يا رهبرن جي رهبري کان وانجهيل رهي آهي يا ائين چئجي تہ انهن کي قبول ڪري نہ سگهي آهي. نہ وري ادبي جماعتن يا سنگتن يا رهبرن انهيءَ سلسلي ۾ ڪو انقلابي قدم کنيو آهي. جنهن ڪري نئين ٿهي پنهنجي ذاتي مسئلن ۾ ڦاسي صرف ذات يا فرد کي محور بڻايو آهي ۽ اجتماعي مسئلن کان پاسو بدلي ڪيو آهي. انهن جي ڪهاڻين ۾ عام ماڻهو يا پوري عوام لاءِ ڪي بہ ڪينهي.

سوال4: نعري بازيءَ واري ڪهاڻيءَ کي ادب ۾ ڪيتري عرصي تائين زنده رکي سگهجي ٿو. ان حوالي سان جمال ابڙي جون پشو پاشا جهڙيون ڪهاڻيون ۽ جليل جون ڪهاڻيون اڄ جي ادب ۾ اوهان جي راءِ مطابق ڪيتري حيثيت وارايون ٿيون؟

جواب: منهنجي خيال ۾ نعرو شديد رد عمل جي علامت يا اهڃاڻ آهي. جيستائين سنڌي ڪهاڻيڪار اهو محسوس ڪندو رهيو ته ڏاڍائي يا زبرائي جي خلاف شديد رد عمل جي ضرورت آهي ته هو نعري بازي واريون ڪهاڻيون لکندو رهيو ۽ انهن ۾ هو ڪامياب رهيو. سنڌي معاشري ۾ اڄ جي سجاڳي انهن ڪهاڻين ۽ لکڻين جي ڪري آهي. جيڪي نه رڳو شديد رد عمل هيٺ لکيون ويون پر اثرائتي نموني سان اهو رد عمل هر فرد تائين پهچايو. جيتوڻيڪ سنڌ جو ڪهاڻيڪار نعري بازي کان اڳتي نڪري معاشري ۽ ان ۾ رهندڙ فرد کي عملي راه ڏسي آهي انهن ۾ جمال ابڙو ۽ امر جليل به شامل آهن جن جون بيون ڪهاڻيون رڳو نعرو نه آهن پر ڏکئي پنڌ ڏکي واٽ تي هڪ پيچرو ناهينديون هليون آهن. سنڌي ڪهاڻيڪار ان وقت به حالتن پٽاندر سوچي سمجهي ڏانوَ سان هليو هو ۽ بعد ۾ به سندس هر وک سنڌ جي ڀلائي بهتري ۽ سجاڳي لاءِ پئي کڄي آهي.

سوال5: هن وقت سنڌي ادب ۾ وڏو ناول ڪهڙو آهي؟

جواب: سنڌي ادب ۾ ڪيترائي سٺا ۽ وڏا ناول لکيا ويا آهن. جن ۾ مرزا قليچ بيگ جو ”زينت“ قاضي فيض محمد جو ”جنسار“ ۽ ٻيا ورهاڱي کان اڳ جا لکيل پنگتي ناول شامل آهن. جن ۾ لالچند امر ڏني مل، نارائڻداس ميوارام ڀمڀاڻي، ميلارام ۽ رام پنجواڻي جا لکيل ناول وڌيڪ مشهور آهن. سنڌي ادب ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان جي اديبن گوبندمالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ سندري اتمچنداڻي جا ناول پڻ نمايان آهن.

سوال6: هن وقت سنڌي ڪهاڻيڪارناول جي صنف ۾ گهٽ پوئتي بيٺل آهي ان جا ڪارڻ ڇا آهن؟

جواب: اول تہ منهنجي لاءِ اها هميشہ حيران ڪندڙ ڳالهہ رهي آهي تہ سنڌي ڪهاڻيڪار ڪي ناول نہ لکڻ جو ڏوهاري چو نهرايو ويندو آهي، ڪهاڻي ۽ ناول جي صنف جي اُپٽار ڪبي تہ ٽيڪنڪ توڙي موضوع جي لحاظ کان گهڻو فرق نظر ايندو. هر ڪهاڻيڪار ڪنهن بہ صورت ۾ ناول نويس نہ ٿو بڻجي سگهي. جيئن هر ڪهاڻيڪار ناٽڪ نويس نٿو بڻجي سگهي. انهن صنفن جي ويجهڙائي يا ياڻپي ٿي سگهي ٿي، پر هنرمندي ۽ فڪر انگيزي جو فرق پنهنجي جاءِ تي آهي.

هو نئن بہ مڪمل ۽ اثرائتو پيغام يا منشور پهچائڻ لاءِ ناول نهايت ئي ڪارگر صنف آهي. جنهن جي ڪاريگري ۽ ڏانءُ پنهنجو آهي، جنهن لاءِ هر ڪهاڻيڪار موزون يا مناسب ڪاريگر يا ڪمانگر نہ ٿو ٿي سگهي. تنهن لاءِ ضرورت آهي تہ اسان وٽ ان صنف لاءِ ڏار ليکڪ پيدا ٿين ۽ هن صنف کي اداري (انسٽيٽيوشن) جي حيثيت ڏين. جيئن ڪهاڻيڪارن، ڪهاڻي جي صنف جو هڪ ڏار ادارو (انسٽيٽيوشن) قائم ڪيو آهي جيڪو سالن کان قائم آهي ۽ سندس بنياد، اسان جي سماج جي بنياد سان گڏ پيو آهي. جيتوڻيڪ ڪهاڻيڪارن انهي ڏس ۾ ڪوششون ڪيون آهن، پر آهي ايتريون ڪامياب نہ ويون آهن. ڪهاڻيڪار جيترو سنڌي ڪهاڻي ۾ پاڻ موکيو آهي ۽ پنهنجي صنف کي وڌايو ۽ ويجهايو آهي، ان لاءِ مٿس اها ميار ئي نٿي رهي تہ هو ناول جي صنف کي اڳيرو ڪري. جن بہ ڪهاڻيڪار انهي ڏس ۾ ڪوششون ورتيون آهن، جهڙوڪ سراج، محمد عثمان ڏيپلائي، آغا سليم، قاضي خادم، سندري اُتمچنداڻي ۽ ٻيا تن جس لهڻي.

ناول نويسي لاءِ مان ڏار ليکڪن جي اداري جي ضروري ان لاءِ ٿو سمجهان جن بہ سنڌي ۾ سنا ناول لکيا آهن سي گهڻو ڪري ڪهاڻي نويس نہ هئا، جهڙوڪ مرزا قليچ بيگ، پروفيسر هوتچند گربخشاڻي، قاضي فيض محمد ۽ ٻيا. ورهاڱي کان اڳ جي ناول تي نظر وجهبي تہ صاف نظر ايندو تہ اهو هڪ ڏار ادارو هو ۽ ان جي ليکڪن جي هڪ ڏار برادري هئي.

سوال 7: نئين ٿهيءَ جي ڪهاڻيڪارن تي هڪ الزام اهو بہ رهيو آهي تہ هن اجائي فرسٽريشن پکيڙي آهي اهو ڪيتري قدر صحيح آهي اوهان جي نظرن ۾؟

جواب: منهنجي نظر ۾ نئين تهي پيداوار ئي اُنهي دور جي آهي جنهن ۾ بنيادي قدر پائمال ٿيل آهن. سماجي، سياسي ۽ اقتصادي صورتحال پاڻ ۾ صحيح نموني سان ڳنڊيل ۽ نهڪيل نہ آهي. معاشرو پاڻ افراتفري ۽ فرسٽريشن جو شڪار آهي. اُن ماحول ۾ اڪيون ڪوليندڙ ضرور اِهوئي ڪجھ ڏيندو جيڪو نہ سمجھ ۾ ايندڙ هوندو ۽ جيڪو نہ سمجھ ۾ ايندڙ حالتن جي پيداوار هوندو. نئين تهي جو پنهنجي ماضي ۽ ثقافتي قدرن کان ان ڄاڻائي يا غير دلچسپي انهي فرسٽريشن کي جنم ڏنو آهي. قومون تڏهن فرسٽريشن يا مونجهاري جو شڪار ٿينديون آهن جڏهن هو پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي ثقافت کي ميساريل پٿيءَ جيان پنهنجي بغل ۾ وجهي ڪٽي هلنديون آهن. ۽ دنيا کي هڪ اهڃاڻ طور اُها ميساريل پٿيءَ ڏيکارينديون آهن تہ هيءَ اسان جي تاريخ آهي ۽ هن تي اسان جي ثقافت اُڪريل آهي، جنهن تي حقيقت ۾ ڪجھ بہ نہ هوندو آهي.

اسان جي اڄ جي ليکڪ سان اها ئي ٽريجڊي آهي، هو ماضيءَ کي تاريخ بجاءِ پُل ۽ چڪ جو دفتر ٿو سمجهي، هو اروڙ ۽ موهن جي دڙي کي صرف کنڊر ٿو سمجهي. هو ريتن رسمن ۽ رواجن تي چٿرون ٿو ڪري، ان جي ثقافتي رُخ کي صحيح رُخ مجڻ لاءِ تيار ئي نہ آهي. انهيءَ لاءِ حقيقت ۾ سندس ڏوھ نہ ناهي. هو پيدا ئي انهي دور ۾ ٿيو آهي جنهن ۾ اسان جا سماجي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي ادارا تباھ حال آهن. جنهن جي ڪري معاشري جو تباھ هجڻ ۽ نہ سمجھ ايندڙ يا مونجهارا پيدا ڪندڙ رجحان جو وجود ۾ اچڻ لازم آهي. مان مٿن الزام نہ ٿو ڏيان، پر ايترو چوندس تہ هنن لاءِ ضروري آهي تہ تاريخ جاگرافي ۽ ثقافتي ڄاڻ لاءِ هو نہ رڳي علم جو سهارو وٺن پر شهرن يا شهري ماحول کان نڪري ٻهراڙين سان لاڳاپو رکن جتي اڄ بہ مارئي ڳائجي پئي، جتي اڄ بہ همرچو آهي، جت اڄ بہ ڪچهريون آهن، جت اڄ بہ ماڻهو حالون بيحال هوندي ڳائي وڄائي، ڏک سک ۾ پائيوار ٿي جيءَ جياري پيو. جت اصل ۾ اسان جي تاريخ جا گرافي، ثقافت جيئري جاڳندي آهي، ۽ اهائي ڄاڻ کين اجائي فرسٽريشن کان پاسيرو رکي، کين اصل مسئلن کان واقف ڪندي، جيڪي مسئلا نہ ڪنڌا آهن نہ ڪتندا جن جي لاءِ هزارين ڪهاڻيون لکيون ويون، توڙي لکيون وڃن تہ بہ ٿورو آهي.

سوال8: ڪهاڻيءَ ۾ جديديت جي (ڊيفينيشن) Definition ڇا آهي؟

جواب: جديد Modern۔ جديديت Modernism يعني موجوده يا تازي صورتحال متعلق ڪابہ ڳالهہ. اُنهي ڪي نواڻ آٽيندڙ ۽ اڄ تائين مڪمل صورتحال چئي سگهجي ٿي.

جديديت، موجوده حالتن پٽاندر صورتحال ڪي نالو ڏنو ويو آهي. جنهن بہ صنف ۾ پنهنجي حال متعلق نئين سر ۽ پراڻي قدرن ڪان هٽي ڪا ڳالهہ ڪئي وئي تہ انهي ڪي جديد يا ماڊرن سڏيو ويو. اهو نالو اسان جي ادب ۾ باهرين ادب ڪان آيو جتي جي صورتحال، سياسي، صنعتي ۽ زراعتي انقلابن ڪان پوءِ تبديل ٿي ۽ انهنجو معاشري ۾ انهي پٽاندر تبديليون ٿيون ائين سندن ادب ۾ بہ تبديليون آيون. موضوع ڦريا، قدرن جي ماپ تور ۾ گهٽ وڌائي ٿي، نين صنفن جنم ورتو ۽ ائين ڪهاڻي ۾ جيڪو انقلاب آيو تنهن ڪي بہ جديديت جو نالو ڏنو ويو.

سوال9: سنڌي ڪهاڻيءَ جي نقاد جو جيڪو ساڳئي وقت Creative رائيٽر پڻ آهي ان جو سنڌي ڪهاڻي ۽ ڪهاڻيڪار سان رويو ڪهڙو رهيو آهي؟

جواب: جيئن مون اڳ ۾ عرض ڪيو تہ جهڙي طرح اسان وٽ ناول جي اداري يا انسٽيٽيوشن جي اڻ موجودگي آهي تهڙي طرح تنقيد جو ادارو پڻ صحيح معنيٰ ۾ قائم ٿي نہ سگهيو آهي. تنهن ڪري جنهن نموني سان سنڌي ڪهاڻي ڪي تنقيد جو منهن ڏسڻو پيو آهي اهو ايتري قدر تعميري ۽ پرجهلائو نہ آهي.

جيئن بين بولين جون ادبي صنفون نسرنديون ۽ اپرنديون ئي تنقيد جي سهاري آهن تيئن اسان وٽ نہ ٿيو آهي، خاص طرح اسان جي سنڌي ڪهاڻي وري نسري ۽ اُپري آهي سنڌ جي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي صورتحال جي ڪري. جنهن بہ نموني جو سنڌ ۾ معاشر تي انقلاب آيو تنهن ۾ وڏو تضاد هو ۽ تضاد ئي قوت بخشيندو آهي. لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي قوت ۾ اُڇل ۽ اضافو ئي تڏهن ايندو آهي جڏهن تضاد وارو مونجهارو موجود هجي. تنهن هوندي بہ سنڌي ڪهاڻيءَ جي نقاد جو ڪردار جي وزنائتو نہ آهي تہ سندس تارازي جا پڙ خالي بہ نہ آهن.

سوال10: هڪ راءِ اها بہ آهي تہ سنڌي ڪهاڻي ۾ جنسي مسئلن کي فحاشي جي حد تائين اُگهاڙو ڪيو ويو آهي ان لاءِ اوهان جي راءِ؟

جواب: فحاشي هڪ Relative term آهي، جيڪي اڳ فحش هو اڄ فحش نہ آهي جيڪي اڄ فحش آهي سڀاڻ نہ هوندو. اها ڳالهہ هر معاشري جي پنهنجي ايرائين يا اوٽاين سبب ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ هر شيءَ جا پنهنجا قدر ٿين ٿا ۽ اُهي دائمي آهن. پر اڄ جي سڄي عالمي معاشري اُنهن دائمي قدرن ۾ بہ ڦير ڦار آندي آهي. جيئن سچ، محبت، حسن ۽ خوبين جا قدر آهن، جن کي اڄ جي دور ۾ اصلئون ۽ نسئلون ئي بدلايو ويو آهي.

سنڌي ڪهاڻي جي اڄ جي دور جي باري ۾ مان ڪجهہ نہ چوندس باقي اسان واري دور ۾ يا اسان واري ٿهي جيڪو بہ لکيو اُهو ڪنهن بہ صورت ۾ فحاشي جي خاني ۾ نہ ٿو اچي سگهي اُنهن ڪهاڻين ۾ ڪيتريون ڪهاڻيون اُنهي وقت فحش ۽ تيز لکيون ويون پر اڄ جڏهن پڙهجن ٿيون تہ اُنهن تان اهو ليبل لٿل نظر اچي ٿو.

هونئن بہ سنڌي معاشرو انهي قسم جي مواد تي اهڙي نموني سان بندش وجهندو رهيو آهي جو اسان جو ادب گهٽي قدر ٻين ٻولين جي ادب جي ڀيٽ ۾ فحاشي يا اُگهاڙپ جو پرچاري نہ رهيو آهي.

جنسي مسئلن جي جهڙي بہ نموني سان اوگهڙ ڪئي وئي آهي اها ڊڪيل ۽ پاسيري آهي. جنهن جو اثر اڻ سڌو ۽ پاسيرو آهي جنهن اسان انسان جي وحشي جذبي جي ڪنهن بہ صورت ۾ همت افزائي نہ تي ٿئي. مون رڳو اهڙي وحشيانہ عمل خلاف نفرت پيدا ٿئي ٿي.

سوال11: اسان جا ون يونٽ کان پهرين جا ڪيترا ڪهاڻيڪار اردو ڪهاڻي رشين ۽ انگريزي ڪهاڻيءَ کان ترجمي جي حد تائين Inspire نظر اچن ٿا. ڇو؟

جواب: منهنجي خيالن ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ادب تيستائين نسري نہ ٿو اچي جيستائين دنيا جي ٻين ٻولين جي ادب مان لاڀ نہ ٿو پرائجي. اها ڪا ڳالهہ عيب جو ڳي نہ آهي تہ اسان جي ادب ۾ ٻين ٻولين مان گهٽا ترجما ٿيا يا فني قدر حاصل ڪيا ويا.

مان تہ سمجھان ٿو تہ اڄ جو نئين ٿهيءَ جو ڪهاڻيڪار ٻاهرين ادب کان وڏيڪ متاثر ۽ بنا سوچ سمجهہ جي انهن نظرين جو پرچاري آهي جن جو اسان وٽ اڃا وجود ئي ڪونهي. ون يونٽ کا اڳ يا پوءِ جيڪي بہ ڪهاڻيون لکيون ويون انهن ۾ سنڌ جي ماڻهوءَ وڻ ٽڻ، پکي، پکڻ، جڳهين جاين، باغن بستانن کي جهڙي نموني سان ڪردار بڻايو ويو انهي هر ماڻهوءَ کي پنهنجي وجود ۽ حيثيت جو احساس ڏياريو. منهنجي نظر ۾ اسان جي ڪهاڻي دنيا جي ڪهاڻين ۾ نرالي حيثيت والاري ٿي ۽ سندس پهچ يا رُخ انهيءَ جذبي کي اياري ٿو جيڪو انسان جي جيئڻ لاءِ بنيادي طرح سان تمام ضروري ۽ اڻ ٽر آهي.

سنڌ ڪهاڻي جنهن طرح ٻاهرين ادب کي متاثر ڪيو آهي ان لاءِ ٻاهريان رسالا، ڪتاب موجود آهن جن ۾ سنڌي ڪهاڻيون ترجمو ڪيون ويون آهن ۽ اڄ بہ گهر اها ئي آهي تہ سنڌي ڪهاڻيون ترجمو ٿين تہ جيئن ٻين ٻولين وارن کي Inspire ڪن.

**سوال12: ون يونٽ کان پهرين وارن سنڌي ڪهاڻيڪارن پنهنجي شخصي پيڙائن کان شعوري طرح سان پاسو ڪيو آهي جڏهن تہ نئين ٿهيءَ جي ڪهاڻيڪارن رڳو پنهنجي شخصي پيڙائن تي ياڙيو آهي. اهي ٻئي انتهائون سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڪلهہ ۽ اڄ ڪهڙي پاسي وٺي وڃن ٿيون؟**

جواب: 'اڄ' ۽ 'ڪلهہ'، سياڻ تہ ناهي جنهن جو پتو نہ پئي. ڪلهہ جي ڪهاڻي جيڪي رخ روشن ڪيا ۽ مثبتي ڪردار ادا ڪيو اها سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ ٻڌائيندي مان سمجهان ٿو تہ ڪلهہ واري ڪهاڻيڪار جو ڳاٽ اوچو هوندو جو هن اجتماعي مسئلن تي توجہ ڏني، جنهن جي هر قوم جي جياپي لاءِ سخت ضرورت آهي.

باقي شخصي پيڙائن جو مسئلو تہ اهو بہ پنهنجي جاءِ تي هڪ مسئلو آهي توڙي ڪٿي انفرادي آهي. ان جي اهميت پنهنجي جاءِ تي آهي. ان جي ضرورت آهي يا نہ اهو ڄاڻن انهن ڪهاڻيڪارن جو فرض آهي. سمجهڻ ۾ ائين ئي آيو آهي تہ اها پيڙا ان ڏينهن کان اسان جي جي جسماني يا ذهني لڏپلاڻ ڳوٺن کان شهرن ڏانهن ٿي آهي.

منهنجي نظر ۾ اهي اهڙا بہ رخ آهن جن سان حياتي کي پرکي تہ سگهجي ٿو. پر الڳ الڳ ماپ تور جي نظام سان، هر هڪ جو ماپ تور جا نظام يا قدر مختلف آهن. 'اڄ' جي صورتحال واضح آهي. 'اڄ' جو

ڪهاڻيڪار پنهنجا مسئلا ڪٿي آيو آهي. سندس مسئلا اجتمائي نہ سهي، پر ڪيس ان بيانسان جيڪا تسڪين ٿئي ٿي اها هر فرد جو حق آهي. فرق صاف ظاهر آهي تہ 'ڪلهہ' جو ڪهاڻيڪار پرچارڪ هئو ۽ 'اڄ' جو ڪهاڻيڪار 'پرچارڪ' نہ آهي.

باقي رهي تہ اهي رخ يا بقول اوهان جي انتهائون ڪهڙي پاسي وٺي وڃن ٿيون. اها سيان جي ڳالهہ آهي ۽ مان "سيان" مان پُر اميد ضرور آهيان، پر نجومت جو علم نہ ڄاڻڻ ڪري ڪا بہ پيشنگوئي نہ ٿو ڪري سگهان.

سوال13: نئين ٿهيءَ جو ڪهاڻيڪار پنهنجي شروعاتي لکڻ واري دؤر ۾ گهڻو ڪري جليل کان Inspire ٿيو آهي ڇو؟

جواب: مون کي اهڙي خبر ڪانهي نہ وري چڱيءَ پر ڄاڻ اٿم جو ويهي جليل جهڙي خوفناڪ ڏاڙهي واري شخصيت کي آئيڊيل بڻائي ڇڏيان. جيڪڏهن ائين ٿيو آهي تہ سٺو ٿيو آهي هر ادب ۾ ائين ٿيندو آهي. ان لاءِ جليل کي ساراهيو وڃي لک شاباسون ڏنيون وڃن. ۽ ماڻ ڏٺو وڃي جو نئدي ٿهي کي Inspire ڪري سگهيو آهي نہ تہ ٻيا تہ سڀ ڏئي وٺي ويٺا آهن.

سوال14: اوهان جي راءِ ۾ ٻنهي دؤرن ۾ ڪهڙا اهڙا ڪهاڻيڪار آهن جن ڪوبہ ادبي لاڙو رکندي سنڌي ادب کي سگهاريون ڪهاڻيون ڏنيون آهن؟

جواب: لسٽ تمام وڏي آهي، جي ڪنهن جو نالو رهجي ويو تہ سنگت ناراض ٿي ويندي هر سنڌي ڪهاڻيڪار سنڌي ڪهاڻي کي جلا بخشي آهي ۽ ان جو ڪردار اهم آهي. سنڌي ڪهاڻي اسان جي تاريخ آهي ۽ سنڌي ڪهاڻيڪار اهڙو ڪهاڻي نويس آهي جنهن جو ماڻ فرد وسي کان بہ مٿي آهي. هن پاڻ هڙان وڙان ڏئي سنڌي ادب جو مان مٿي ڪيو آهي.

سوال15: اوهين سنڌي ڪهاڻيءَ مان نظرياتي لاڙن، سوچ، Technic ۽ ادبي لاڙن جي چند ڇاڻ ڪندي ڪيترو ڪجهہ ڏس اون ڪندا؟

جواب: مان ڪجهہ بہ بس اون ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان. سنڌي ڪهاڻي جنهن ارتقائي دور مان نڪري اڄ هڪ فعال ادارو بڻجي پئي آهي تنهن جي ڪنهن بہ لاڙي کي بس اون نہ ٿو ڪري سگهجي.

منهنجي نظر ۾ جن به نظرين يا ادبي لاڙن هيٺ سنڌي ڪهاڻي لکي وئي آهي سي منفي نه هيا ۽ ڪنهن به وس پڄندي، سنڌي معاشري کي ڇيهي رسائڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. هر ڪهاڻيڪار اهڙن مسئلن کي ڪنيو جيڪي اسان جاوهان جي سيني جا مسئلا هيا. ڪٿي به هن ذهني عياشي يا تفريح کان ڪم نه ورتو. ان حالت ۾ ڪاٻه ڳالهه يا ڪو ڪوبه اکر هيٺ مٿي نه ٿو ڪري سگهجي.

سوال16: ڪهاڻيڪار جو Committed هئڻ ضروري آهي؟

جواب: تمام ضروري جڏهن ته معاشري جو هر فرد ڪنهن نه ڪنهن Causeسان Committed رهي ٿو. ڪنهن نه ڪنهن سوسائٽي يا جماعت يا ڪميونٽي سان وابسته رهي ٿو اتي اوهان جو ڪهاڻيڪار ڪيئن اڻ ڏريو رهي سگهي ٿو. جڏهن اسين سڀ هن سماجي نظام ۾ هڪ ڏر آهيون اتي ڪهاڻيڪار ڪنهن به صورت ۾ اکيون ٻوٽي، پاسيرو ويهي، پنهنجي غير جماعتي هجڻ يا اڻ وابستگي جو اعلان ڪري سگهي ٿو.

سنڌي ڪهاڻيڪار جڏهن به لکيو آهي ته سندس لکڻيون سندس نظريي ۽ وابستگي جو کليو اعلان ڪن ٿيون. ۽ پنهنجي نظرين آدرشن جي تڪميل لاءِ Committed هجڻ کان سواءِ ٻيو رستو ڪونهي.

سوال17: مشتاق شورو چوي ٿو ته سنڌي ڪهاڻي نظرين، آدرشن جي دٻائن ۾ گهٽجي ۽ ٻوساٽجي وئي آهي ان ڪري ئي سنڌي ڪهاڻي جو ڪوبه لاڙو ڪامياب نثري صنف نه بڻجي سگهيو آهي. ان لاءِ واهان جي راءِ ۾ انهن حالتن جا ذميوار ڪهڙا ليکڪ آهن؟

جواب: اول ته مان مشتاق شورو سان سهمت راءِ نه آهيان. نظريا يا آدرش انسان جي اڏو عملي طور تي هڪ کليو ميدان مهيا ڪن ٿا.

جڏهن به نظريا يا آدرش ڪا جڪڙ يا پابندي ڪن ٿا ته هر ماڻهوءَ پنهنجو ڏگ پاڻ بڻايو آهي. ڪهاڻيڪار جيڪو هڪ حساس پرچاري جي حيثيت رکي ٿو انهي ڪڏهن به ڪنهن دٻاءَ هيٺ نه لکيو آهي.

هو نئن به نظريا يا آدرش ماڻهو گهٽ يا ٻوساٽ لاءِ نه پر اڳتي وڌڻ لاءِ ناهيندو آهي. انسان اميد ۽ خوف جي وچ ۾ پيل ميدان ۾ سڄي

حياتي ڊوڙندو رهي ٿو. اُميد هجي يا خوف اُهي جي آدرشي ۽ نظرياتي نہ هجن تہ انسان جو جياپي مان ارواح ئي ڪجي ويجي.
سنڌ ڪهاڻي جي ارتقائي تاريخ ڪي ڏسجي تہ محسوس ٿيندو تہ ان ۾ نظريا يا آدرش انسان جي اچي اُجري، سٺي ۽ ڀلي هجڻ لاءِ ضروري سمجهيا ويا هيا. آهستي آهستي اسان جو ڪهاڻيڪار هر انهي نظريي جي مخالفت ڪئي آهي جنهن سان بنيادي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حق جڪڙيا پي ويا آهن. هن اُهي نظريا ۽ آدرش چونڊيا جيڪي انسان جي بنيادي حقن ۽ عزت واري جياپي سان تعلق رکن پيا. جيئن مون اڳ بہ چيو تہ سنڌي ڪهاڻي، سنڌي ادب ۾ نوالي ۽ اثرائتي صنف رهي آهي. ائين جي نہ هجي ها تہ اڄ جو پڙهندڙ سنڌ جي ڪهاڻيڪار کي مان نہ ڏئي ها. سنڌ جي تاريخ ۾ سنڌي ڪهاڻيڪار جو ڪردار آدرشي ۽ مان ڀريو آهي جو هن انهن نظرين جي پنيرائي ڪئي آهي جيڪي سقراط جي زهر جي پيالي ۾ هيا، جن جو سر مد جي سر سان تعلق هو منصور جي نعري ۾ هيا. شاهہ عنايت شهيد جي شهادت ۾ هيا. سنڌ جي ڪهاڻيار حق ۽ سچ جي ڳالهہ پي ڪئي آهي. جي اهو نظريو يا آدرش گهٽ ۽ ٻوسات ٿو پيدا ڪري تہ پوءِ الائي ڪهڙي نظريي ۽ آدرش هيٺ گهٽ ۽ ٻوسٽ ٿو ٿئي. ان جي وضاحت شورو صاحب ئي ڪري سگهي ٿو.
ٿي سگهي ٿو تہ شورو صاحب ٻاهرين ادب مان آيل ڪن جيوڙن جو ذڪر ڪندو هجي، جهڙوڪ Suri-realism ۽ Existentialism جن جو اثر چند جوانن ۽ ليڪڪن تي آهي پر اهو ڪنهن بہ صورت ۾ اسان وٽ تہ نظريو يا آدرش بڻجي سگهيو آهي ۽ نہ وري بڻجي سگهندو جو اسان جا سماجي قدر ٻاهرين دنيا جي سوسائٽي کان مختلف آهن.

سوال18: مجموعي طرح سان سنڌي ڪهاڻيءَ جي پرک ڪجي تہ پارت ۾ لکيل سنڌي ڪهاڻي زندگيءَ کي وڌيڪ ويجهي نظر اچي ٿي، ان ڪو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟

جواب: اها راءِ انهي ذهن جي آهي جيڪو ڳوناڻي زندگي کان شهري زندگي لاءِ لڏي پلاڻي آيو آهي.

پارت جي سنڌي ڪهاڻيڪار جا بہ وڏا موضوع آهن. هڪ وطن ڇڏي وڃڻ وارو موضوع ۽ ان جو احساس ٻيو اتي جي زندگي ڪي گهارڻ جيڪا شهري زندگي آهي ۽ ان جا مسئلا اهي ئي آهن جيڪي ڪنهن بہ ٻي گهر ڪي شهر ۾ گهر ٺاهڻ روزگار ڪمائڻ وقت پيدا ٿيندا آهن.

سنڌي ڪهاڻيڪار وٽ وڏا مسئلا پنهنجي گهر ۾ ويهي ٻي گهر ۽ يتيم هجڻ جو احساس ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي تحفظ لاءِ پاڻ پتوڙڻ آهي.

منهنجي نظر ۾ ٻنهي ڪهاڻيڪارن پنهنجي پنهنجي گهر ۾ ويهي جيڪي ڪجهہ بہ لکيو آهي اهو زندگيءَ جي ويجهو آهي.

هونئن بہ پرک Rational هئڻ کپي ان لاءِ ٻنهي ليکڪن جي ماحول ۽ حالتن پٽاندڙ جاڻ ۽ جائزي جي ذريعي پرک جو عمل جاري رکي تو سگهي.

توهان ڪيئن ٿا چئي سگهو تہ جمال، رباني، سراج، رشيد، جليل، حفيظ اياز نسيم، سليم، غياث، اياز قادري، پليجو قادر، خادم، سوبي، علي بابا، سرڪي، بيگم زينت چنہ ماهتاب محبوب، ثميره زرين، نورالهدي شاهہ قمر واحد، خيرالنساءِ تنوير جوڻيجو رشيده حجاب ۽ ٻين جون ڪهاڻيون زندگي جي ويجهو نہ آهي.

❊

# جوڙي سلامت

نصير مرزا

[حميد سنڌي صاحب جي شريڪ حيات
محترمہ تهذيب النساءِ سان ڳالهہ ٻولهہ]

نصير مرزا: ياپي تهذيب النساءِ صاحبہ.... توهان کي، ۽ 74هين جنم ڏينهن تي خود حميد سنڌي صاحب جي سهڻي پياري شخصيت کي ڏسجي ٿو تہ، چوٽو پيو پوي تہ واقعي جهڙا آهيو اوهين پاڻ سهڻا، اهڙو ئي آهي سدا بهار ۽ سدا جوان ۽ شاندار شخصيت جو مالڪ، هي اسان جو حميد سنڌي صاحب.

12هين آڪٽوبر حميد صاحب جي جنم جو ڏينهن آهي. ان مناسبت سان پهرين تہ، اهڙي شخصيت جي وني هجڻ ۽ سندن جنم ڏينهن جون واڌايون قبول ڪريو ۽ ٻڌايو تہ، اوهان ٻيئي، هڪ مان 'ٻہ' ۽ ٻن مان ڦري هڪُ، ڪهڙي سن ۽ تاريخ تي ٿيا؟

مسز حميد: ادا نصير.... اسان جي شادي 14هين آڪٽوبر تي ٿي هئي ۽ اُهو سن هو 1967ع.

نصير مرزا: شاديءَ کان پهرين، حميد صاحب سان ڇا اوهان جو مٽي مائٽيءَ وارو ڪو رشتو هئو؟

مسز حميد: ها!....شادي کان اڳ ئي اسان جا پاڻ ۾ رت جا رشتا هئا. ۽ حميد صاحب، رشتي ۾ منهنجي والده جو ماروٽ لڳندو آهي.

نصير مرزا: شاديءَ کان پهرين، اسان جي خوبرو حميد صاحب کي، اوهان ڪڏهن ڏٺو بہ هو يا؟

مسز حميد: ها.... حميد صاحب کي خاندان جي گهريلو گڏجاڻين ۾ ڏسبو پيو هو پر اِها خبر بلڪل ڪانہ هئي، تہ اڳتي هلي ساٿُن منهنجو

ڪو رشتو ٽيندو. ۽ نه ئي مون کي ڪا خبر هئي ته مستقبل ۾ پاڻ منهنجا هسبينڊ ٿيڻ وارا آهن.

نصير مرزا: حميد صاحب جو اوهان لاءِ جڏهن پروپوزل آيو ته ڇا اوهان کان پڇيو ويو ته.... هي رشتو ڪجي؟

مسز حميد: ادا.... حميد صاحب مائٽن کي موزون لڳو ۽ هنن کي ڇاڪاڻ ته مون تي اعتماد هو.... سو هنن اِهو رشتو پاڻ ئي طئه ڪري ڇڏيو. الله جو شڪر آهي حميد صاحب تمام سٺو انسان آهي ۽ هنن سان گڏ زندگي تمام سٺي گذري آهي ۽ گذري به پيئي.

نصير مرزا: اوهان جي شاديءَ کي هي پنجون ڏهاڪو پيو هلي. ۽ جيڪڏهن ڇئجي ته. مُڙي پويان ان ڏينهن ڏانهن ڏسو ۽ ٻڌايو ته ان سموري عرصي دوران، حميد صاحب بحيثيت ڪانت.... اوهان کي ڪيئن لڳو ته ڇا چوندؤ!

مسز حميد: جيئن هڪ سٺي هسبينڊ کي هجڻ گهرجي، حميد صاحب ائين ئي رهيو آهي....
ظاهر آهي، حميد صاحب پنهنجي ذات ۾ هڪڙو معروف ۽ مصروف ماڻهو آهي. جنهن جي وڏي اُتي ويني آهي. شروع جوانيءَ ۾ روح رهاڻ رسالو.... پوءِ جشن ورح رهاڻ وري ادبي تحريڪن ۾ شرڪت.... لکڻ پڙهڻ جي مصروفيت، هاڻي بزمِ ورح رهاڻ... پر ان جي باوجود مون کي خوشي آهي ته، حميد صاحب گهر کي به ٽائيم ڏنو ۽ ٻارن کي به ۽ هڪ دفعو بيهر ٿي چوان، ته شڪر آهي.... وقت سٺو گذري ويو آهي.... (ڪِلندي) ۽ هي جو اوهان چيو ته اسان جي شاديءَ کي هي پنجون ڏهاڪو پيو هلي ته ان سلسلي ۾ به چئي سگهان ٿي ته....اِهي سڀ ورهيه اسان جا سُٺا ئي گذريا آهن!

نصير مرزا: ڇا ان سموري عرصي دوران، ڪي رُساما، رنجشون، ناراضگيون به ٿيون- يا سڀ خير ئي خير گذريو!

مسز حميد: اِهي جيڪي ڳالهيون، اوهان چيون.... اهڙا موقعا اسان جي زندگيءَ ۾ ضرور آيا. پر، چئي سگهان ٿي ته تمام ٿوري وقت جي لاءِ آيا هوندا.... نه ڪ گهڻي وقت جي لاءِ!.... (ڪِلندي) ۽ ظاهر آهي ادا....اهو صرف اسان سان ئي Life ۾ نه. هر ڪنهن سان ئي ٿيندو آهي ۽ ٿيندو رهندو آهي.

نصير مرزا: حميد صاحب، مزاجن هڪڙو صلح ڪُل انسان آهي. سو ظهار آهي اوهين جي ناراض ٿيندا هوندا تہ هو اوهان کي پرچائي وٺندا هوندا.... پر وري بہ پُڇڻ چاهيندس تہ پرچائڻ ۾ پهل ڪير ڪندو رهيو آهي، حميد صاحب يا اوهين!؟

مسز حميد: بس ائين سمجهو تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني هڪ ٻئي کي پرچائي وٺندا آهيون. ۽ باقائده هڪٻئي کي پرچائڻ جو موقعو.... ايندو ئي ڪونهي، ۽ ان کان اڳ ئي، پنهنجو پاڻ پرچي ويندا آهيون.

نصير مرزا: حميد صاحب هڪڙا ناهوڪا مرد رهيا آهن، حسين و جميل ۽ خوبرو.... ويل ڊريسڊ.... سٺن عهدن تي رهندڙ.... يقيناً ڪي خواتين هنن ڏانهن ضرور متوجهہ ٿيون هونديون.... ۽ اهڙين خبرن ملڻ تي، انهن خواتين سان ضرور.... اوهان جيلس بہ ٿيا هوندا!

مسز حميد: نہ ادا.... Never!_ اهڙي ڪنهن بہ معاملي ۾ مون جيلسي محسوس ڪانہ ڪئي هوندي.. ڇو تہ آئون خود بہ حميد صاحب جي Fan آهيان ۽ جيڪڏهن ڪڏهن ڪا اهڙي ڳالهہ ڪٿان ٻُڌي بہ هوندم تہ مون کي اعتماد هوندو هئو.... تہ حميد صاحب هسبينڊ تہ بهرحال منهنجو ئي آهي.... (خوشگوار ٽهڪ ڏيندي) ۽ سچي ڳالهہ آهي تہ.... حميد صاحب جي رويي ۾ مون سان ڪڏهن ڪا تبديلي آئي بہ ناهي.... ان ڪري ڪنهن بہ خاتون سان منهنجي جيلسي تي ئي ڪونهي!

نصير مرزا: اڇا! هتي ٻي ڳالهہ ڇوان تہ.... ڪنهن بہ ليکڪ جي گهر واريءَ جي لاءِ پهاج جو ڪم ڏيندو آهي، ليکڪ جو قلم!_ ۽ اِها بہ حقيقت آهي تہ ليکڪ جي جنهن وقت، هٿ ۾ قلم هوندو آهي ۽ مٿس لکڻ جي ڪيفيت طاري هوندي آهي تہ هن کي، نہ ياد هوندو آهي، گهر، نہ ٻار.... نہ گهر واري ۽ نہ گهريلو مامرا!_ ڇا اوهان جي زندگيءَ ۾ بہ ڪڏهن اهڙا موقعا آيا، جڏهن حميد صاحب لکڻ ۾ مصروف هجن ۽ اوهان چاهيو تہ ان وقت هو توهان جي پرسان هجي؟

مسز حميد: ها ادا.... اوهان درست ٿا چئو. اهڙو وقت زندگيءَ ۾ ڪيئي ڀيرا آيو هو ۽ شاديءَ کان فورن پوءِ وارن ڏينهن ۾ تہ گهڻو ئي آيو هو.... پر وقت سان گڏ. آهستي آهستي عادي ٿي ويس.... ۽ اِهو سوچي ڇُپ

تي ويس تہ... حميد صاحب جو لائيف پئٽرن ئي اِهو آهي ۽ چاڪاڻ تہ اسين هن کي پنهنجي اهڙين مصروفيتن کان روڪي بہ نہ پئي سگهياسين... ان ڪري آئون... ۽ ٻار... بالآخر عادي ٿي ٿي وياسين سندن اهڙين activities جا. ۽ ساڳئي وقت موٽ ۾ اهو بہ ڏٺوسين، تہ هو جيڪي ڪجهہ سنڌي ٻولي ۽ قوم جي لاءِ contribute ڪن پيا، اهو بہ ڪو گهٽ ڪم ڪونہ آهي. ان ڪري گڏوگڏ اطمينان بہ ٿيندو آهي تہ هنن جو وقت سجايو پيو گذري... ۽ هيڏانهن اسان جي قسمت وري اسان سان.

نصير مرزا: اوهان ٻنهين جي گڏيل رفاقت ۽ محبت جو ثمر... اوهان جو اولاد آهي. اهو ڪيترو آهي؟

مسز حميد: ٻہ نياڻيون... ۽ هڪڙو پُٽ. ارشد حميد. ان جي شادي ٿي چُڪي آهي ۽ هاڻي ٽن پيارن ٻارن جو پيءُ بہ بڻجي چڪو آهي.

نصير مرزا: پلا ٻارن سان حميد صاحب جو رويو ڪيئن آهي؟

مسز حميد: تمام سنو ۽ تمام فرينڊلي! بلڪل دوستن وانگر ۽ شفقت ڀريو... پر ائين بہ آهي تہ جيڪا ڳالهہ هنن کي پسند ناهي هوندي يا اولاد لاءِ بهتر نہ سمجهندا آهن، تہ اُن لاءِ سختي بہ ڪندا آهن.

نصير مرزا: ماشاءَ الله... اوهان جو گهراڻو... خوشحال گهراڻو آهي ۽ ڪم ڪار لاءِ اوهان جي گهر ۾ نوڪر چاڪر آهن. پر ان جي باوجود، بطور هائوس وائيف... ڪِچن ۾ وڃڻ جو ڇا ڪڏهن موقعو ملندو آهي اوهان کي؟

مسز حميد: هاڻي تہ نہ ادا... شروع ۾ گهڻو شوق ڪري ڪِچن ۾ ضرور وينديون هئس... مختلف طعام بہ پچايم. ۽ حميد صاحب جي ٽيسٽ ۽ خواهش مطابق بہ پچايم... پر هاڻي، ڪِچن جي ڪم ڪار کان آئون پري آهيان.

نصير مرزا: پلا حميد صاحب ڪنهن شيءِ يا ڪنهن ڊِش جي خواهش ڪري تہ؟

مسز حميد: (کِلندي) حميد صاحب... ڪنهن شيءِ جي فرمائش ڪندا تہ definetly ڪِچن ۾ وڃبو ۽ پچائبو بہ. يعني Most welcome. پر شرط آهي تہ فرمائش ڪن بہ تہ سهي!

نصير مرزا: حميد صاحب... هڪڙو جماليات پسند انسان آهي. ۽ ان حيثيت سان. زال جي روپ ۾، هو اوهان کي ڪيئن ڏسڻ چاهيندو آهي... ناهہ نوهہ سان يا سادو سُودو؟

مسز حميد: ادا.... ڳالهہ هيءَ آهي تہ هسبينڊ جي حيثيت سان هر مرد کي.... پنهنجي گهر واري، هر روپ ۾ هر صورت ۾ وڻڻ گهرجي. باقي جيتري قدر حميد صاحب کي مون ڏٺو آهي، يا جيئڻ هن بابت منهنجو مشاهدو آهي تہ هُو چاهيندو آهي تہ وڏيڪ ٽِپ ٽاپ ڪٽي نہ.... پر ماڻهوءَ کي پنهنجي Look ۾ نيڪ ناڪ ضرور نظر اچڻ گهرجي.

نصير مرزا: عام طرح سان هر خاتون چاهيندي آهي تہ ان جو گهر وارو مقرر وقت تي گهر اچي ۽ ٻار منتظر هوندا آهن، تہ بابا اچي تہ گڏجي ماني کائون.... تہ ان سلسلي ۾ اوهين ڇا چوندؤ!؟

مسز حميد: ڪنهن وقت ۾ برابر تہ ائين سوچيندا بہ هئاسين، پر هاڻي اهڙي صورت ناهي. ٻارڙا وڏا تي ويا آهن ۽ انهن جو بہ ساٿ آهي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ ٻارڙن جا بہ ٻارڙا تي ويا آهن. ان ڪري گهر ۾ زندگي مختلف تي بيٺي آهي. حميد صاحب نهايت محنتي ۽ جفاڪش انسان آهي. ۽ سندن فطرت آهي تہ هو جنهن بہ شعبي لاءِ ڪم ڪندا آهن. پوري توجہ سان ڪندا آهن، ۽ ان ڪم ٽي کي وڏيڪ اهميت پيا ڏيندا آهن. سندن اهڙين مشغولين جي ڪري، هاڻي اسين سندن دير سوير جا عادي بڻجي ويا آهيون. سو تقريبات مان سندن دير سوير موٽڻ تي ارها ڪونہ ٿيندا آهيون.

نصير مرزا: ماضيءَ ۾ حميد صاحب تمام اهم عهدن تي رهيا آهن. توهان ڪڏهن کين ڪنهن غريب مسڪين جي سفارش ڪئي تہ.... هن کي نوڪري ڏيو يا اسڪول يا يونيورسٽيءَ ۾ داخلا.... يا ڪا ٻي مدد!

مسز حميد: ها.... ان معاملي ۾ حميد صاحب کي مون گهڻن ئي موقعن تي ڪن ماڻهن لاءِ چيو هوندو. ۽ آئون سمجهان ٿي تہ ڪم ممڪن هوندو هئو تہ هو ضرور اُهو ڪري بہ ڇڏيندا هئا. ناممڪن هوندو هو تہ پريشرائيز البتہ آئون ڪڏهن بہ کين ڪانہ ڪندي هئس.

نصير مرزا: (کِلندي) پلا ٻايي، هن وقت حميد صاحب کي توهان جي معرفت، ڪا سفارش ڪرائڻ چاهجي، تہ ڇا ڪرائي سگهجي ٿي!؟

مسز حميد: (ڀرپور ٽهڪ ڏيندي) توهان جي لاءِ آئون سفارش کين بلڪل ڪري سگهان ٿي- پر ڳالهہ صاف آهي، پريشرائيز آئون کين بلڪل ئي ڪونہ ڪنديس. هونئن ادا نصير.... حميد صاحب جي وڏي خوبي اِها بہ اٿوَ تہ، توهان پاڻ ڪم چوندؤِ تہ، پاڻ ئي

ڪري چڏيندا، ۽ صاف گو ايترا آهن..جو ڪم ٺيڪ جهڙو نہ هوندو تہ اوهان کي 'ڏاج' ۾ بہ بلڪل ڪونہ رکندا..

نصير مرزا: گهر ۾ ڪائڻ پيئڻ جي سلسلي ۾ حميد صاحب جي پسنديده ڏش کهڙي آهي؟

مسز حميد: حميد صاحب کي 'فراءِ فش' تمام گهڻي وڻندي آهي. ان کان سواءِ ڀيهن جي ڀاڄي بہ وڻندي اٿن.

نصير مرزا: رڳو توهان جي هٿ جي.... يا ڪنهن جي بہ هٿ جي نهيل....

مسز حميد: (کِلندي) نہ ان جي ڪابہ پابندي ڪانهي. ها، شرط رڳو اِهو آهي تہ اُها سٺي Cooked هجي.

نصير مرزا: حميد صاحب جون ڪهڙيون ڪهڙيون لکڻيون پڙهيون اٿوَ؟

مسز حميد: (کِلندي) سچ ٻڌايانَ ادا.... حميد صاحب جون مون تمام گهٽ لکڻيون پڙهيون آهن. (ٿهڪ ڏيندي) سو غلط بياني نہ ڪنديس. ها.... سندن جيڪو مشهور ڪهاڻين جو مجموعو آهي: 'ويريون'. اُن جا ڪجهہ افسانا مون ضرور پڙهيا آهن، ۽ اِن ڪتاب تي کين جڏهن صدارتي ايوارڊ مليو هو... تہ مون نهايت فخر محسوس ڪيو هو ۽ ايوارڊ وٺڻ وقت، آئون ساڻن گڏجي اسلام آباد بہ وئي هئس ۽ ان موقعي تي بہ: I feel very Proud.

نصير مرزا: 74 سالہ حميد سنڌي صاحب، توهان کي هاڻي ڪيئن ٿا لڳن.... نوجوان.... جوان.... يا....؟

مسز حميد: (خوشگوار موڊ ۾) ادا.... حميد صاحب، اسان کي اڄ بہ بلڪل جوان لڳندا آهن.... ۽ تمام سٺا! ۽ اڃان تہ حميد صاحب ۾ اسان جون ڪيئي توقعات آهن. ۽ اسان جي دلي دعا آهي تہ شال سندن سايو سدائين اسان جي سِرن تي قائم ۽ دائم رهي ۽ الله سائين هنن کي سدائين تندرست ۽ صحت مند رکي. (آمين)

نصير مرزا: وڏي وڏي مهرباني ڀاڀي تهذيب النساءِ! جو اوهان مون کي هن انٽرويو جي لاءِ هيترو سارو وقت ڏنو.

مسز حميد: ادا نصير... آئون بہ اوهان جي ٿورائتي آهيان... جو توهان بہ هن موقعي تي حميد صاحب ۽ اسان کي ياد رکيو.

٭

حميد سنڌيءَ

جون چونڊ

ڪهاڻيون



اچي ٿو. هن کان وڏڙا بارِاتِي- ڏکر راند پيا ڪن ۽ هو سندن نعرو ٻڌي خوش ٿئي ٿو: "ڏوپار" ۽ شمعدان جي شيشن جو ٽڙڪو ٿئي ٿو ۽ سڀ ڀڄي وڃن ٿا. هو اڪيلو اُن شمعدان ۽ حاويليءَ مان نڪرندڙ بزرگ کي تڪيندو رهي ٿو جيڪو بين کي چڙي اچي سندس ڳن جهلي ٿو ۽ ٺڦون نوڪي ٿو. هو خاموش آهي. اِئين هو بارڙو هڪ مست کي ڏسي ٿو جيڪو ڦاٽل چولو پائي گهٽيءَ ۾ ڊوڙون پائي ٿو ۽ "پيچ مولا، هڻ ڪو گوڏي جيڏو" جا نعرا هڻي ٿو ۽ هاڻ بار خوش ٿئي ٿو ۽ ڊوڙ پائي حاويليءَ ۾ وڃي، اِهوئي نعرو هڻي ٿو. "پيچ مولا. هڻ ڪو گوڏي جيڏو." ٺڦيون ۽ ماسيون سندس معصوميت تي قربان وڃن ٿيون ۽ هو نعرا هڻندو رهي ٿو. گهڙي ڪانـ گڏري ٿي تـ ابر اُهاءُ ڪري ٿو آگم آءُ ڪري ٿو جهڙ ڦڙ بهاريون ٿي وڃن ٿيون. هيءُ پنهنجين سوٽن ماساٽن سان گڏ مينهن جهلي ٿو ۽ نعرو هڻندو رهي ٿو "هڻ مولا ڪو گوڏي جيڏو." سندس انگ انگ بهارين ۾ آهي ۽ مينهن بـ ائين وسي ٿو جڻ اڳ نـ اُنو آهي نـ اُنيو. ائين ڪير بزرگ ڪيس ڪن کان جهلي وراندي ۾ وٺي وڃي ٿو ۽ ٽڙ سان ڪُٽي ٿو هو حيران آهي ۽ درد جي پيڙا کان سندس اکيون آگمجيو اچن ٿيون ۽ جهڙڦڙ جي بهاري لايو ڏين. ڪيس ڪير پيار سان اندر وٺي وڃي ٿو. هوءَ سندس وڏي پيڻ آهي. هوءَ جيڪا سندس ڳوڙها اُگهي ٿي ۽ سمهارڻ جي ڪري ٿي، هو سمهي نـ ٿو. پوءِ ڪيس پيٽس هڪ بادشاهہ جي ڳالهہ جيڪو چمڙا پوش ڪري، ماڻهن جا ڏک درد معلوم ڪندو هو ڏک دور ڪندو هو ۽ سندس بهادر شهزادي جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿي، جيڪو ڏک ڏاڪڙا سهي، ڏاڍ ڏمر جو مقابلو ڪندو انعام طور هڪ سهڻي شهزادي حاصل ڪري ٿو.

هو هاڻي وڏو ٿيندو وڃي ٿو سندس تصور ۾ اُهو ئي شهزادو ۽ شهزادي وڃي رهن ٿا. هو ڪئين ئي ڪچا رنگ، پڪا رنگ سمجهي، پنيلندو اڳتي وڌي ٿو. سندس هٿ سهاري لاءِ گهڙي جي ڳولا ڪن ٿا ۽ هر ويلي سندس هٿ ۾ ڪچو گهڙو اچي ٿو ۽ مئي متي مهراڻ ۾ وجهڻ سان اُن جا چٽ رنگ لهہ. ٿا. ڪچو گهڙو ڀُري پوي ٿو ۽ هو ترندو تڙڳندو نڪري ٿو. وري ٻيو گهڙو کڻي ٿو. اِئين سندس تلاش جاري آهي. نـ هُن شهزادي ماڻي آهي ۽ نـ پڪو گهڙو. مون سڄاتو تـ سائين اُهو مان آهيان، مان پاڻ.

منهنجي اندر جي اک جيڪي ڏٺو ان مان لاپ پرايم. چاڪاڻ تـ سوچيم تـ شهزادو ٻڌجي دک پرايو اٿم ۽ نـ وري ڪا شهزادي ماڻي اٿم. سو هاڻ چو نـ ٻيو ڪجهہ ٻڌجان. مون اُن ڪهاڻيءَ کي اُٿلايو پٿلايو جيڪا پيڻ ٻڌائي

عملي طور جيڪي ڪجهہ ڪين ڪرڻو آهي، پنهنجي لاءِ پنهنجن ماڻهن لاءِ اُهو ڪن پيا. جي ڪائن پڳو تہ هن ماضيءَ جي بادشاهہ کي آزاد ڪري، سندس تجربي مان فائدو وني سگهن ٿا.

منهنجا سائين! ”ويريون“ اُنهيءَ من جي بادشاهہ جو نذرانو آهي، جنهن جا هٿ خالي، جهريل جيءُ هڪ قيد ۾ آهي. جيسين سسيءَ ۾ ساهہ اٿس، بيان جاري رهندو ۽ اج اُن بيان ٻڌڻ لاءِ جيڪي پنهنجا مڙيا آهن، تن جا ٿورا نہ لاهڻ جا آهن ۽ نہ لهي سگهندا. اُن بادشاهہ وٽ ڏيڻ لاءِ ڪي بہ ڪينهي، سواءِ هنن لفظن جي:

جي قيام مڙن تہ ڪر اوڏا سپرين،
تهان پري سڄڻ، واڏايون وصال جون.
(شاهہ)

❊

## لڳي لڳي واءُ

ڪيترن يارن جي، انهن خيالن کان چڱي پر آگاهه آهيان ته منهنجي ڪهاڻين ۾ هاڻ 'موت جو موهه' ۾ قبرستان جا قصا مڙيوئي ڪجهه وڌي ويا آهن. هڪ يار ته لکيو ٿي ائين ته، منهنجا گهڻا تڻا ڪردار 'موت جي موهه' جا ماريل آهن. مان ڪيس ڇا چوان ۾ ڪيئن ٻڌايان ته ماڻهوءَ جي اصل حياتي موت کان پوءِ شروع ٿي ٿئي، ڇو ته ڳالهه آهي 'هونداسي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا' واري جنهن کان ڪير به انڪاري نه ٿو ٿي سگهي. هيءُ جيڪي جيءُ جيارا ڏنل وائنل. سولا سڌا ماڻهو ڏاهپ ۾ ٻز.گي جي رنگ ۾ رڱيل شخص، بهادري ۾ دل وارا جوڌا جوان سهڻيون نسبتون، پڪين جيان ٻوليون ڪندڙ مان شان واريون مايون ۾ ڪيترا ٻيا جانب جن مون سان ڪي پل ڪي گهڙيون مس گهاريون. ڪي ڏنم ڪي چڱي پر به ڏنم، ڪي ته مور نه ڏنم. واريءَ جيان هٿ وٽين مان سپ وهي ويا. سي حيات نه پانيان ۾ اُنهن کي جيءَ ۾ سانڍي نه رکان ته مان ڪيئن جيان، هو موت کان پوءِ ڪيئن جيئن. مون لاءِ سپ جيئرا آهن ۾ جيئرن سان ڪيئن جدائي ڪبي.

هميشه جيان ڳوٺ وڃان ته پن قبرستانن جو پيرو ته ضرور پيچبو. هڪ ميان آدُر وارو قبرستان جتي نه رڳو منهنجا جيئرا جگر پر سنڌ جي سالن جي تاريخ رکندڙ ڪئين ئي ج ڏا جوان، نندا وڏا ستل آهن. جن ۾ گهڻا تڻا بادشاهن ۾ حاڪمن جي ج نيل جنگين جو ٻڪُ ٽيا، ڪيرُ ته ڪين ياد ڪندو. ٻيو قبرستان آهي شاهه نصير وارو جتي سنڌ جو عظيم شاعر ڪجهه عرصو اڳ بنا ڇت نتهڻ اُس ۾ ستل رَهيو، مينهن ۾ طوفان ۾ پڇندو رَهيو. وَري به پنهنجي زمين مان تڪر دُڪانن لاءِ ڏئي، مقبرو نهرايائين، اُهو جنهن به جيئن به جوڙايو اُنهيءَ کي شاباس ۾ پونيئر جن اُها ڪمائي ڇڏي مقبري جوڙائڻ ۾ لڳرائي اُنهن کي به جَسُ هجي. مان اُنهي شاعر ۾ اوسي پاسي سُتل ڪيترن سخين، ڏاتارن ۾ بهادرن کي ڪيئن ماري ڇڏيان، جيڪي سنڌ جي ماڻهن لاءِ جيئري مري ويا پر مون لاءِ هميشه هوندا سي حيات.

هيل عيد تي ڳوٺ ويس تہ شاھہ نصير جي نئين نھيل رنگ ۾ روغن وارو مقبرو ڏٺم پر ٻاھران احاطي ۾ سندن خاندان وارن جون اجڙيل قبرون ڪي پُري ويون هيون. ڪن جا تہ شايد رُڳو آثار نشان رهيا. وقت اچي تہ شاھہ نصير جا پونيئر ٻيا تڪر وڪڻي اُنهن کي نھرائي وجهن. ڪي موزيڪ جي چٽسالي واريون، ڪي لوهي جنگلن ۾ قابو قبرون بہ هُيون پر ڪي پاسيريون قبرون، انهيءَ انتظار ۾ هُيون تہ سندن وارث ڪا سار لهن. اُنهيءَ غريبن جي قبرن ۾ هيل وڏي سيمينٽ ۽ لوهي جنگلي ۾ بہ پختيون قبرون پسيم. ويجهو ويس تہ هڪ قبر شهيد رياض جي هئي. پرسان سندس پيءُ مرحوم مولا بخش جي هئي. رياض جي قبر اڳ بہ ڪچھہ ڏسڻ جهڙي هئي پر مولا بخش جي قبر ڪا خاص نہ هئي. هيل ڏٺم تہ ٻيئي رهيس. ڏاڍا رنگ روغن ڏنل هُيا، بہ وڏيون سنگ مرمر جون تختيون لڳل هيون. شهيد رياض هڪ پاسي لکيل هو ٻي پاسي شهيد رياض جو والد مولا بخش لکيل هو. هونئن تہ ڪجين جا بہ چار ساوا ڪنپ اُچلائي هليو ويندو هُيس. اَج ٻيهي رَهيس تہ هن گورِ غريب کي ڪنهن نوازيو. شهيد رياض کي تہ سندس پيءُ مولا بخش نوازيو هُيو. پر اُهو ڪير هُيو جنهن کيس شاهوڪارن وارين قبرن سان مقابلي ۾ ٻيهاريو هو. مٿن وڻن جا چانورا ۽ پاسي ۾ گل ٻوٽن جي بهار. مالڪ ڪا مهر ڪئي، يا مولا بخش جا پورهيا ۽ نيڪيون ثاب پيون. توڙي جو پڇاڙي جو سندس رُخ بيو تي ويو هو. شايد شهيد رياض ٺي کيس مٺي بہ جياري ويو هو.

مولا بخش کي تہ اوهان سڃاڻندا هوندا. اُهوئي 'تڪي ۾ ٻاتي'، "ڏوپار" ۽ 'ڪنچن ڪايا' وارو مولو ڪوهرن وارو. شهيد رياض جو پيءُ مولا بخش مشهور بيلف. نہ تا سڃاڻو تہ نيڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهڙا غريب يتيم ڪوهر وڪڻڻ وارا يا سنڌ جي شهيدن جا پيئر يا در در جتيون گسائيندڙ بيلف مري کپي ويا. ڪير ٿو کين ياد ڪري ڪير ٿو کين مانُ ڏي پر قبرون نهرائي مانُ ڏيڻ بہ ڪو مانُ ٿيو. ڪير ٿو قبرستان ۾ وَڃي قبرون پسي يا ڪتبا پڙهي. پر دوستو! مون وٽ انهن بي نام بندن لاءِ وڏو مانُ آهي. مون انهن يتيمن غريبن سان گڏ گهاريو آهي.

مولا بخش عرف مولُو هڪ يتيم ٻار هو ۽ مون کيس پاڻ واري گهٽي ۾ هوڪا ڏيندي ڪُوهر (اوباريل چڻا) وڪڻندي ڏٺو. هڪ جست جي ٻاٽيءَ (هنديءَ) جي ڍڪ تي اخباري پنا، مرچ مصالحہ رکيل. پيو گهٽي گهٽي ڦرندو. سندس ماءُ اسان جي حويلي جي گهرن ۾ پورهيو ڪندي هئي. صبح جو هو اسڪول بہ ويندو هو. منجهند جو پنهنجي ڪرت ڪندو هو. گذر سفر ڏکيو

ٽيس تہ پڙهڻ ڇڏي وَڃي ڪن دوڪانن تي ڪم ڪيائين، مزدوري ڪيائين، رَب راضي ٽيس يا ماءُ جي دعا لڳس، هڪ غريب پرور جج ڪٽي ڪورٽ ۾ پٽيوالي جي نوڪري ڏنس. اُتان ترقي ڪري وَڃي بيلف ٿيو. مولا بخش لاءِ تہ اها وڏي ترقي هئي. اسان جي تَر ۾ ڪورٽ جو بيلف وڏي ڳالهہ آهي. هوڏانهن هڪ هو وَلي محمد جيڪو ڊرائيور مان بيلف ٿيو هو اُنهيءَ تہ بيلفي مان جايون جوڙايون. سندس اولاد هاڻي لک پتي آهي. جهڙي تهڙي ڪي هٿ بہ نہ ڏين. اسان جو هيءُ غريب ڪردار اُهو ئي غريب رَهيو. سول ڪورٽ جا سمن يا نوٽيس ڪٽي وَڃي تہ ڪيس اُهو يتيم پورهيت سمجهي ماڻهو خرچي تہ نهيو پر دڙڪا ۽ گاريون ڏئي ڪيدي ڇڏيندا هُيا. ڪن جي بہ چار ڏوڪڙ ڏنس تہ هٿ پير چمندن ۽ پيو سندن ستن پيڙهين کي دعائون ڪندو پر اسان جي اها ئي ڪوهرن ۽ چٽن واري دوستي هئي، سو هُنَ مون وٽان ڪڏهن پيرو نہ ڇڳو. اوطاق تي ايندو هو تہ وينا پراڻا ڏينهن ياد ڪندا هُياسين. جڏهن مان ننڍي هوندي ڪيس سڄي ڏينهن جي خرچي تڪو ڏئي ڪجهہ چٽا ڪائي، گهٽيءَ ۾ پٽ سان ٽيڪ ڏيو وٽس وينو هوندو هُيس. ڪو وڏڙو سيٺ صاحب لنگهيو تہ دڙڪو ملندو هُيو "اڙي گهورڙيو ٽينديں ڇا هل گهر؟" گهر ويندو هوس تہ ڏاڏي سانئڻ پڇندي هئي "ابا منل! ڪوهر ونئي آئين؟" مان ماٺ. وري چوندي "مولوءَ کي سڄو سارو تڪو ڏئي آئين؟" مان گهٽي آڏي پچا تي روئڻهارڪو ٿي ويندو هُيس تہ يڪدم ڇاتيءَ لائي چوندي هُئي "نہ منهنجا منا. تنهنجي لاءِ تڪا ڪوڙ". اهڙيون وڏڙيون، اهڙيون ڏاڏيون اَڄ ڪٿي؟

مولو مون کان ڪي سال وڏو هو پر هُئو تہ ننڍو نينگر، آچي حويلي جي ڏيڍي ۾ بہ ويهندو هو حويلي جا ٻارڙا، نينگريون، وڏڙيون ڏيڍيءَ جو ٻاهريون در بيڪڙائي اچي ڪانئس ڪوهر وٺنديون هُين. سندس ڏندو وڏيو تہ هڪ وڏي ڇيٻي ۾ وَڪر وجهڻ لڳو هاڻ گدامڙي جي چٽني بہ ساڻ ڪٽڻ لڳو. سندس ماءُ جو اندر گهر ۾ ڪم ڪندي هُئي تہ مولوءَ کي ڏيڍي تائين اجازت هئي، گهٽو ٽٽو وڏڙا بہ ڪيس نہ روڪيندا هُيا. وڏڙو ٿيو تہ ڏيڍي جا دروازا بہ بند ٿيا ۽ هو ڏڪجي وري وَڃي گهٽيءَ پيڙو ٿيو. آهستي آهستي ترقي ڪندي جڏهن مولوءَ مان مولا بخش بڻيو تہ گهٽي لاءِ بہ اوپرو ٿي ويو. مولا بخش جي ماٺ ميٺ ۾ شادي ٿي، ٻارڙا بہ جائس ڪو خاص خوشيون ڪونہ ڪيائين. اهو سو ڪيائين تہ بچت سَچت ڪري ٻارڙا پڙهائي وڌائين. ٻارڙا ننڍڙا ئي هُيا تہ

”وارن جا گل ٿو ناهي، پينٽڙي ۽ شرٽ ڪٽي پاتي اٿائين. هاڻ مون ڪان ۽ ماءُ ڪان بہ فيشن لاءِ پئسا ٿو وٺي. هاڻي چئي ٿو تہ جينز ۽ چنهبيارو بوٽ وٺي ڏي“.

”ڏس مولا بخش ڇوڪرو وڏو ٿيو آهي. ڪاليج ۾ پڙهي ٿو هڪ جيڏن سان ضرور هڪ جيڏو ٿيندو. يلا فيشن ٿو ڪري، ڪا بدمعاشي يا لچائي تہ نہ ٿو ڪري“.

”سائين ڏسجوس پيا، مون کي رياض اوهان جهڙو ڪپي. هوشيار سياڻو زماني ساز ۽ ترقي ڪري اوهان جهرو آفيسر يا اُستاد ٿئي“.

”مولا بخش، اسان بہ فيشن ڪيا، رڳ بہ سوتڙا بوتڙا پائي پيا هلون. دعا ڪرينس تہ رُڳو ڪَرجي نہ. باقي ياڳ پلا ٿيس تہ انجنيئر ٿيندو. مان ڪيس ڊپلوما ڪان پوءِ انجنيرنگ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي ڏيندس. ڏسجانءِ تہ ڇا ٿو بڻجي!!“.

مولا بخش ڪنڌ ڌوڻيندو رَهيو ويو تہ مطمئن هيو. هڪ ڏينهن پبلڪ اسڪول پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هجان تہ رياض ڊوڙندو اندر داخل ٿيو سجو پگهريل هجي ۽ سهڪي پيو. مون وٽي ڪيس وهاريو. پاڻي پياريومانس، ٿڌو ٿائنيڪو ٿيو تہ پڇيومانس تہ خير تہ آهي؟ ”سائين مرندي مرندي بچيو آهيان. سنڌي شاگردن کي دل تي ڪتيو اٿن. هيءُ ڏسو“. هُن بشرٽ مٿي ڪري، پٺي ڏيکاري، سڄي پٺي ڏنا تي پئي هيس. مون چيومانس: ”مڙس تہ ڪيڏو آهين، پاڻ ڪُٽائي هٿ پهتو آهين. سو بہ ڌڪَ پٺي وارا. واهہ رياض واهہ، لڄي ڪري ڇڏيئہ. شاهہ صاحب جو هيءُ بيت بڌو اٿئي:

پڳو آءُ نہ ڇوان، ماريو تان وسهان
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سُهان،
تہ پڻ لڄ مَران، جي هئنس پٺ ۾.

رياض ڪجهہ دير خاموش رَهيو. پوءِ اُيو ٿي بيٺو سائين، آئيندي ائين نہ ٿيندو“. هو هليو ويو. ۽ ڪم مان واندو ٿيس تہ سندس چيل سٽ تي غور ڪيم تہ وسامي ويس. هيءُ جوان رَت، شاهہ سائين جي بيت تي عمل ڪيائين بنا سوچ ۽ سمجهہ جي تہ ويل وَهي ويندو. ڪجهہ ڏينهن ۾ خبر آئي تہ رياض، ڪاليج ۾ شاگرد ليبدر ٿي ويو آهي. ويڙهہ ۽ جهيڙي ۾ بہ اڳرو آهي. ڪاليج جو پرنسپل تہ بنهہ چڙيو ويٺو هيو. شايد ڪاليج مان ڪڍيس ها پر منهنجي چوڻ آکڻ تي ٿڌو ٿيو. مولا بخش جي بہ چني آئي تہ رياض ڳوٺ اَچي ٿو تہ رڻ ٻاري ڏئي ٿو. انقلابي

ڪامريڊ تي پيو آهي. نعرا، تقريرون ۽ جهيڙا فساد عام ڳالهه آهي. ايڏانهن پڙهڻ وبو هو هت ته ڳالهه بي ڪري ٿو. مون ڪيس ڳوليو نيٺ هٽي هنڌ ڪيو ۽ منهنجي گهٽڻ نياپڻ بعد آيو. مون چوٽ ۾ چيومانس ”رياض، هيءَ تو ڪهڙو ويل باريو آهي. پڙهڻ آيو آهين يا جهيڙا ۽ فساد ڪرڻ. ڪامريڊ ۽ انقلابي ماڻهو ته نه ماريندا آهن. اُهي ته اُنهن کي جياريندا آهن“.

چپ چاپ ويٺو ٻڌندو رهيو. مون ڳالهائي بس ڪيو ته هڪدم ڳالهايائين، هن دفعي هيءَ اُهو رياض نه هو. ”ڏاڍ ڏمر ۽ آمريت جي خلاف جنگ جوٽڻ ڪو ڏوهه نه آهي. جبر جو جواب جبر سان جيستائين نه ڏبو جَبر ختم نه ٿيندو. مون دنيا جي عظيم انقلابين کي به پڙهيو آهي مون مائو، لينن، جي ايم سيد ۽ ٻين کي به پڙهيو آهي. مون شاهه سچل به پڙهيو آهي. مون اوهان جي دور وارو مزاحمتي ادب به پڙهيو آهي. مون اياز، تنوير، نياز، امداد، شمشير، پليجي، رشيد ڀٽي ۽ جمال ابڙي کي پڙهيو آهي. مون اوهان کي به پڙهيو آهي. مون ’روح رهاڻ‘ جا جُلد به پڙهيا آهن. مون اسڪول جي لائبرري ۽ ٻيون لائبريريون به پيتيون آهن. اوهان به وڏا تحريڪي، انقلابي رهيا آهيو ۽ سنڌ جي سورن جي ڳالهه ڪئي اٿو.

”پر اسان ڪڏهن به جهيڙي فساد ۽ تشدد جي ڳالهه نه ڪئي هئي. مٿيان جيڪي به مفڪر تو ڳڻايا آهن، اُهي به ته عدم تشدد جا حامي رهيا آهن. اسان ته علم ادب جون ڏياتيون ٻاريون، گهر گهر وَڃي محبت جا گيت ڳاتا آهن. اسان جلسا جلوس ڪيا هوندا جشن ڪرايا هوندا. اُنهن ۾ اسان جا وڏڙا، امڙيون، ڀينرون اسان سان گڏ هيون. اسان هڙتالون ڪونه ڪرايون. اسان چندا پتا ڪونه ورتا“. رياض اٿي بيهي رهيو. ”سائين اسان پتا چندا ڪونه وَرتا آهن. اسان به علم ادب پڙهون ٿا. اسان به محبت ۽ انقلاب جا گيت ڳايون ٿا اسان صرف تشدد ۽ زيادتي جو جواب ڏيون ٿا. سروتي جو جواب سروتي سان......

”ها. هاڻي توهان پُرامن تعليمي ادارن ۾ سروتا هلائيندؤ. ڇُريون ۽ چاڪون پستل هلائي پوءِ محبت جا گيت ڳائيندؤ. هاڻي بس! وڌيڪ بحث نه ڪبو. ٻيا تنهنجا ساٿي ڇا ٿا ڪن منهنجو انهي سان نه وَڃي. تون منهنجي ذميواري آهين. اَج کان وَٺي اُرهه زورائي بند. اَج کان انقلاب اهو ايندو ته تون پڙهندين رُڳو پڙهندين. پڙهي پورو ڪر. پنهنجي پيرن تي بيهه پوءِ سڄو ملڪ پيو اٿئي پيل ۽ جيترا انقلاب وَٺئي سي سڀ آڻ. سنڌ جي ماڻهن جو انهيءَ انقلاب جي انتظار ۾ متو اَچو ٿي وبو آهي، ڊپ جمي ويا

آهن. بس جي وڏو سمجهين ٿو تہ وَجي پڙهائي جو پورهيو ڪر. آخري امتحان بہ مٿان اٿئي نہ...!!“

هُن ڪنڌ ڌوڻيو. سندس چپ پڪوڙيل هيا. رَت منهن تي بہ مڙي آيو هوس. هو هليو ويو ۽ پوءِ سندس انقلابي نمونو بند ٿي ويو. امتحان ڏئي پاس ڪري پوءِ مون وٽ آيو. انهيءَ وچ ۾ پئسي پنجڙ لاءِ نياپو نڙو ڪندو هو. هن پيري آيو تہ پريشان ۽ جهڪو هُيو. مون ڪيس امتحان جي مبارڪ ڏني ۽ چيو تہ بي ٽيڪ لاءِ فارم پري. پهريائين بہ ٿي ڳيتون ڏنائين پوءِ آهستي آهستي ڳالهائيندو ويو. ”سائين، هاڻي بس، مان وڌيڪ پڙهڻ نہ ٿو چاهيان. مون کي ڪا نوڪري وني ڏيو تہ مهرباني ٿيندي. مان جي ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽي ويس تہ پوءِ مان بہ ٿي پاسي هليو ويندس..!!“

”ڪهڙي پاسي؟“

”اُنهي پاسي جنهن جي اوهان کي ڳالهہ نہ ٿي وڻي“.

”تون پڙهي بيهہ پوءِ جهڙي پاسي وڻئي تنهن پاسي وڃجان. هاڻي تون ڳوٺ وَڃ. مولا بخش ۽ تنهنجي امڙ پريشان آهن. هفتي ڏيڍ ۾ مان اتي ايندس پوءِ فيصلو ڪنداسين“. هو تہ هليو ويو. مون کي اُن ويلي خيال نہ آيو. اخبار پي پڙهيم تہ ايم آر ڊي تحريڪ جون زوردار خبرون پي ڇپيون. ايم آر ڊي جو زور پهراڙين ۾ ڏاڍو هو. ننڍو وڏو ماڻهو سنڌ سان ٿيل ڏاڍ ڏمر ڪري، سَڙس ڪاوڙيل هو. وڏا زميندار ۽ اُنهن جا نينگر بہ پڙ ۾ لٿل هُيا. اسان وارو ٽُر ٻريو پيو هو. مون محسوس ڪيو تہ رياض کي اوڏانهن موڪلي مون غلطي ڪئي آهي. پر هت ڪهڙي برف پي وَسي. اهو سوچي ڪجهہ آٿت آيم. ڪيس دوستن ۽ ڪامريڊن کان ڇني ڌار ڪرڻ تي مان ڪو خوش ڪونہ هيس. مون کي اُلڪو هو تہ پرائو بار ڪنهن آويءَ ۾ نہ اَچي وڃي. پوءِ مولا بخش کي ڪهڙو جواب ڏيان ها. هاڻ مولا بخش پاڻ سنڀاليندس. تنهن هوندي بہ وسوسي جان نہ ڇڏي. اُهو وَسوسو اُن ڏينهن پورو ٿي ويو. جنهن ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم تہ نوشهري شهر ۾ وَنگ تي شاگردن ۽ پوليس جي چڪري ٿي جنهن ۾ پوليس خالي هٿين شاگردن تي گوليون هلايون. ڪي ڌڪيا ڪي بچيا پر رياض هڪ ٺي گولي جو ٻڪُ ٿي ويو. مون سوچيو پي تہ پوليس وارن جو گولي سان ڪهڙو ڪم. هنن عمر هلايون لنيون، ڌڪا ۽ گئس. شاگردن جا خاص طرح مٿا ڇٽڻ ۾ تہ ايڪسپرٽ هُيا. چوٿين مارچ واري واقعي جا ڇٽيل مٿي وارا شاگرد اَج تائين سنوان نہ ٿيا. هيءُ تہ ڏاڙيلن وٽ گوليون بارود ڇڏيو اَچن. هيءُ شاگرد ڪهڙا ڏاڙيل يا رهزن هُيا جو

سڏيون گوليون پيو هلايائون. ٻين ماڻهن جيان پڪڙي ٽاٽي تي ’سچ پتر‘ هٽن ها تہ بہ ڪا ڳالهہ هئي. گوليون هنيائون بہ رائيفل جون!! ماريون بہ رياض، جنهن جو مون ۽ مولا بخش پاڻ ئي مٿو چٽي سانچي ۾ وجهي دولا شاهہ جي ڪوئي وانگر ڪري ڇڏيو هو. هيءُ ڪهڙو قهر ٿي ويو هو. مولا بخش ۽ سندس گهر واريءَ جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو. مان وني پڳس ۽ پنهنجي ڳوٺ پنهنجي شهر نوشهري وڃي پهتس. جنهن جي گهٽي گهٽي ويران هئي، رستا ۽ چوڪ سنسان هُيا، دوڪان بند، ماڻهو الائي جي ڪاڏي هليا ويا هُيا. پوليس جو هن خاموش شهر کي ڪڙو ڏنل هو. مون کي اُهي ماڻهو نہ پيي لڳا، جو هنن جا منهن ڦريل، مٿي تي لوهي ٽوپ، بندوقون اُپيون، منجهن سنگينون لڳل، نہ دُشمنن، نہ ويرين جو نشان، هيءُ ڪهڙو جنگ جو ميدان هُيو هيءَ ڪهڙي جنگ هئي، جو فضا ۾ اَجا تائين دونهين ۽ بارود جي بوءِ هئي. مان سڌو مولا بخش جي گهر وڃي پهتس. گهٽي ۾ تڏو وڇايل هو. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ويٺا هُيا. مولا بخش مليو نہ اوڇنگار ڏنائين نہ پار ڪيائين. ’رب جي رضا‘ جي جواب ۾ ’سائين قبول آ‘ چئي خاموش ويٺو رَهيو. مون اطلاع نہ ڪرڻ ۽ جلدي جلدي ۾ رياض کي دفنائڻ جو ڏورا پو ڏنو. هُنَ ڪو جواب نہ ڏنو. پرسان سندس عزيز ماستر صفر ويٺو هو. تنهن وراڻيو ”سائين پوليس، فرياد بہ نہ وَرتو پوسٽ مارٽم بہ نہ ڪرايو ڏنڊو ڪٽي بيٺي تہ جلدي دفنايوس. بنهہ پيرا ڏاهيو اسان تہ رات ئي کيس دفنائي ڇڏيو. ڪلهہ منجهند ڌڪيونس. ڪي ڪلاڪ ونگ ۽اري روڊ تي پيو رَهيو. گولي بہ ران کي چيري ڦاڙي نڪري وئي. هو رَت وَهائي گذاري ويو“. ”پر ٿيو ڇا، اهو ڪيئن ٿيو“. مون کيس ڪٽيو. هو اجان ڪجهہ ٻڌائي ها تہ مولا بخش اُٿي بيٺو ۽ مون کي ٻانهہ کان ڇڪيائين ۽ اُٿاري پاڻ سان ساڻ ڪنيائين. گهٽيءَ جي ڇيڙي تي سندس گهر هيو. اوڏانهن وني هليو. ”بابا پاسي — بابا پاسي“ ڪندو اڳڻ ٽپي، هڪ ڪمري ۾ هلي وهاريائين پوءِ هو گهڙيءَ ڪان پوءِ هڪ ڪمزور ۽ نبل مائيءَ کي سهارو ڏئي اندر وني آيو. مون کيس بنهہ نہ سڃاتو. هڪ جهريل، جهولن ۽ جهڪن ماري چُڙيل چٽن سان ڪا عورت هئي. هن جڏهن ويجهو اَچي دانهن ڪئي. ”او ادا، او ادا، منهنجي رياض کي ڪاڏي ڪيئہ. پاڻ سان ڪونہ وني آئين. مون تہ رياض توکي ڏنو هو. ڪاڏي ڪيئہ رياض. مون کي پنهنجو رياض موٽائي ڏي، منهنجو رياض، منهنجو رياض...“ چوندي هوءَ مورڇا ٿي ڪري پئي. يڪدم مولا بخش ۽ ٻين ماين کيس کٽي کٽ تي ليٽايو. پاڻي جا ڇنڊا هنيا هوءَ سامت ۾ آئي. پر سندس دماغ جاءِ تي نہ هو. مان گهر مان ٻاهر نڪري آيس. مولا بخش بہ مون سان گڏ ٻاهر نڪتو.

ٻاهر در تي ڪٺي ٿيهاريومانس. ”مولا بخش! اهو ٿيو ڪيئن؟“ مولابخش جا ڳوڙها جهڻ سڪي ويا هُيا. هُن ڳالهه ائين ٻڌائي جڻ ڪو راوي ٻئي ڪنهن جو قصو بيان ڪندو هجي. ”مان ئي سائين، ڪيس قابو ڪيو هو. دوست ساٿي ايندا هيس. مان ڪيس وچڻ ڪونه ڏيندو هُيس. هن ايم آر ڊي جو زور به زور هُيو. پيو ڦٿڪندو هُيو. مان ڪلهه ڪورٽ ويو هيس ماٺس کي جهلي ويو هُيس ته ڪيس ٻاهر نه ڪڍي جو ڇوڪرن جو روز جلوس نڪرندو هو. ڪلهه به زوردار جلوس نڪرڻو هو. ماٺس پي ٻڌايو ته نعرن جا آواز ٻڌي پيو ته ڇوڪرو لُڇي پيو.

”اَمان مون کي وڃڻ ڏي.

اَمان مون کي وڃڻ ڏي“.

ماٺس به اندران ڪُلف ڏئي ڇڏيو هو. هو به پڃري ۾ ڦاٿو هو سو شينهن وانگر اڱڻ ۾ پيو اَچي وڃي. نيٺ گَرِڻ لڳو. رڙيون، واڪا، دَر کي ڪلها پيو هڻيس. ڪُلفُ پيو ڇڪي ۽ پٽي. ٿڪي ۽ ساٿو تي ماٺس جي پيرن تي ڪري پيو.

”امان مون کي وَڃڻ ڏي، مان پري کان بيهي ڏسندس. واعدو آ جلوس ۾ جلسي ۾ شريڪ نه ٿيندس. منهنجي اَمان ناهين، مني ناهين“. ماءُ آخر ماءُ آهي سائين. ماٺس ڪلف کولي کيس ڇڏيو پر گهٽي تائين، مٿس دعائون پڙهندي شوڪاربندي آئي. چو ته ڪيترن ڏينهن کان جو جلوس هُيا. پوليس جو لٺ ڏُڪو کين گهٽين ۾ ڊوڙائڻ جون سڀ خبرون هيس. ويو ته اجهو ائين لاش تي وَريو. چون ٿا ته هيءُ پريان بيٺو هو. ڇوڪرن ۽ نوجوانن جون چڪريون هليون پي اوچتو گولين جي ٺڪ ٺڪ تي وئي. هيءُ ته جلوس ۾ ڪونه هو. الائي ڪٿان اها نياڳي گولي آئي، سا به رائيفل جي سَٺُر چيري وَيس. هو گولين جي ٺڪائن، ماٺهن جي پيچ پيچان ۾ اُتي بي دريافتو پيو هو. مان گهر تي پهتل هيس، پي گهر واريءَ سان جهيڙيم. ائين گولين جا ڏوڏات جو ٻڌم ته وني پڳس. ويجهو پهتس ته پوليس وڃڻ نه ڏنو. ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ ڇڏيون، هيءُ روڊ تي هڪ مانڊٽي وٽ ڪنڊائتو پيو هو. رَت ريلا ڪيو پي وَهيو. سائين بس ميدان جنگ هيو. ڪي ڪٿي ڏڪيا پيا هُيا ڪي ڪٿي. هر ڪنهن پنهنجن پيارن کي پي ڳوليو. مون کي به رياض ڏکيو لڌو. مون کيس هن حال ۾ ڏنو ته وني دانهون ڪيون ڪي جوان ڪي نينگر ڊوڙندا آيا. ڪنهن سٺر کي پوتڙي سان ٻڌو. اجان هوش هيس. اسپتال وَچون ته وَڃڻ نه ڏين. پوليس ڏِڪي گهر اُماڻيو. گهر ۾ ڇا نه ٿيو هوندو ماتم هو ماتم. مون کي سڏي ويجهو ڪيائين ۽ چيائين ته سائين کي چئجان ته 'پڳو آءُ نه چوان' پيو شاهه سائين جو سڄو بيت پڙهيائين. الائي جي ڪيئن

آهي ڏڪڙا سيڪيندي سهان..... مون ڪيس هٿ سان روڪيو. مان هاڻ روئڻ لڳو هيس. پوءِ چيم: ”مولا بخش اهو هيئن آهي، جي سمجهين:

ڀڳو آءُ نہ چوان، ماريو تان وسهان
ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سهان
تہ پڻ لڄ مران، جي هئنس پٺ ۾

اها ڳالهہ ٻڌائي ٿي تہ هو ميدانِ جنگ ۾ هو ۽ ڊوڙي وَڃي شريڪ ٿيو هو. رياض، شهيد ٿيو آهي. هُن کي پٺ ۾ ڏڪ نہ هُيا. ڀڄندي ڪونہ مئو هو“.

هو خاموش بيٺو رَهيو. مان آهستي چُرندو گهر آيس، شهر ۾ چوڌاري اوندهہ هئي. منهنجي اندر ۾ بہ اوندهہ انڌڪار هُيو. مان تڏي تي ويندو رهيس. نيٺ تڏو کڄيو. مون ڪائنس موڪلايو پي تہ هو منهنجي ويجهو آيو ۽ چيائين، ”مون هڪ فيصلو ڪيو آهي. سائين! شهيد جو خون رائيگان نہ ويندو آهي. مان ڪين نہ ڇڏيندس. ڏسو تہ مان ڇا ٿو ڪيان. شهيد رياض جتي ايم. آر.ڊي تحريڪ کي ڇڏيو آهي اُتان مان کڻندس. سنڌ جي ماڻهن کي حق وٺي ڏيندس. مان تڪڙي رٽائرمنٽ وٺي تحريڪ هلائيندس“. هن تحريڪ جي شروعات اُنهي ڏينهن ڪري ڇڏي. مان اوطاق وٽ بيٺو ئي هيس ۽ حيدرآباد نڪرڻ جي تياري پي ڪيم تہ اوچتو نعرا ٻڌم ڏسان تہ بازر واري گهٽي مان هڪ جلوس آيو پي. نوجوان ڇوڪرڙا، ڪي وڏڙا، ڪي ٻارڙا ڏوڪيندا آيا پي. مولا بخش اڳيان هُيو. ڪيس گلن جا هار پيا هُيا. نعرا پي لڳا ”قاتلو حساب ڏيو- خون جو حساب ڏيو. انقلاب زنده آباد. شهيد رياض زنده آباد — مولا بخش زنده آباد“. جلوس اڳيان ڪي نينگر سُر سان گيت ڳائيندا پي هليا.

تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين اعلان هزارين مان نہ رُڳو

پوءِ ڪن وري ڳائڻ شروع ڪيو.

اڄ اٿلو آهي شينهن جيان،
ڪنهن آنڌي آندل مينهن جيان.
۽ ٻوڙان ٻوڙ اسهٽو آ،
ها تابڙ توڙ اسهٽو آ

هيءُ جلوس سڌو اَچي مون آڏو اوطاق تي بيٺو. ڪنهن نعرو هنيو ”منل سائين زنده آباد!“

مون هٿ سان اشارو ڪري ڪين خاموش ڪيو ۽ چيو. ”دوستو چئو شهيد رياض زنده آباد.“ نعرن جي گونج ۾ مولا بخش کي و=ي ياڪر پاتم.

هن دفعي هن جي اکين ۾ پاڻي هو ڳوڙها ڳڙي پيس. مان بہ هئس ڏکويل بنهہ روئي پيس. اوچتو هڪ جوان چيو تہ "سائين چئو! انقلاب زنده آباد" مون کجهہ نہ ڪڇيو. ڳوڙها اُگهندو اوطاق ۾ اندر هليو آيس. مون چوڻ تي چاهيو تہ ويچاري سنڌ ۽ سنڌ جا ابوجهہ ماڻهو صدين کان، انقلاب جو انتظار ڪندا رَهيا آهن پر ويچارو انقلاب بين هنڌ پهچيو وڃي، پر هتڙي نہ ايندو آهي. مون کي مولا بخش جون خبرون ملنديون هيون، هُن رٽائرمينٽ وٺي ڇڏي هئي. ايم. آر. ڊي جي اڳواڻن کيس سڏي چڱي مالي امداد ڪئي. شهر جي چڱن مڙسن بہ سندس مدد ڪئي. آهستي آهستي هُن کي هير پئي ۽ هو گهر گهر، هر هنڌ شهيد رياض نالي ۾ چندا چيڙا ڪرڻ لڳو. پهريائين تہ ماڻهن دلِ کولي ڏنو پوءِ آهستي آهستي تڏا تيندا ويا. هاڻي مولا بخش کي ڏسندا هُيا تہ گهٽي مٽي ويندا هُئا. جلسا ۽ جلوس پورا ٿي ويا هُئا. گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ وڃڻ ٿيو. مولا بخش آيو. گهڙي ويٺو ۽ پوءِ چيائين: "منل سائين اوهان سان الڳ ڳالهائڻو آهي." جيئن ئي بئي ڪمري ۾ ويناسين تہ هو شروع ٿي ويو "سائين، شهيد جي زبردست قبر نهرائي اٿم. اُن جي نالي ۾ بارهي جي موقعي تي هڪ وڏو جلسو بہ ڪرڻو اٿم. اوهان جي امداد جي ضرورت آهي." مون کيسي مان ڪجهہ نوٽ ڪڍي کيس ڏنا. يڪدم چيائين: "سائين هنن مان ڇا ٿيندو." ڏس مولا بخش هيءُ پئسا اُنهن سمنن ۽ نوٽيسن جي حساب ۾ خرچي آهي. جيڪي تو در در وڃي هاڻوڪي چندي چڙي جي نالي ۾ جڻ تہ چنبڙايا آهن ۽ اهڙا چنبڙايا آهن، جو ڇڪي ڦاڙي لاهڻ سان بہ نہ ٿا لهن. تنهنجي منهنجي ۽ رياض جي چڱي ناماچاري ٿي آهي جو اج بہ تون شهيد رياض جي شهادت کي جڻ ڪيش ڪرائيندو ٿو وتين. رياض ڪڏهن ڪنهن کان چندو يا پتو نہ ورتو. تون آهين جو وتين ٿو ماڻهن کان سندس قيمت وصول ڪندو. اهو تنهن جي منهن تي پئي ٿو. مولا بخش ماڳ موٽي آ. امدادون گهٽيون پر رُڳو رياض کي بدنام نہ ڪر. رياض رُڳو تنهنجو نہ پر اسان سڀني جو هو. سڄي قوم جو هيرو هو" چپ چاپ منهنجي منهن ۾ تڪيندو رهيو. مون اُهي نوٽ ڪجهہ بين نوٽن سان گڏي سندس کيسي ۾ وڌا. هُو هليو ويو تہ جڻ گم ٿي ويو.

مولا بخش جو هاڻ غوغاءُ گهٽجي ويو. نہ بارها ٿيا نہ تحريڪ هلي. چيائون تہ مولا بخش بيمار آهي. مهيني اڌ کان پوءِ مان کيس پڇڻ ويس، هو گهر ۾ نہ هو. سندس گهر هاڻي اُهو ڪچو گهر نہ رهيو هو. اهڙو پڪو هو جو هُن ماڙي بہ نهرائي هئي هاڻ تہ گهٽي بہ پڪي گهٽي ٿي وئي هئي. سندن

پڪي گهٽي کان نڪري پنهنجي پراڻي حويلي واري ڪچي گهٽي ۾ آيس ته ڏسان مولا بخش اُنهيءَ ئي پٽ کي ٽيڪ ڏيو منهن مونن ۾ هنيو ويٺو آهي، ڪوهرن (چٽن) جو ڇبو آڏو اٿس. هو ڪوهر وڪڻي رهيو هو پر اُنهي سنسان گهٽي ۾، اُنهي پراڻي پور پور ٽيل حويلي جي سامهون جتي هاڻي شايد ڪير به نه رهندو هُيو. مون هيٺ ويهي ڪائنس ڪوهر گهريا، هُن پئسا ورتا ڪوهر ڏنا پوءِ منهن مونن ۾ هٽي ويهي رهيو. "مولا بخش يار هو پاڻ وارو هوڪو ته ڏي" "مون ڪوهر چباڙيندي چيو. هُن آهستي ڪنڌ مٿي ڪنيو. اکين ۾ پاڻي پرجي آيس. پوءِ گهگهي آواز ۾ هوڪو ڏنائين، "هَلُ تازه ڪوهر هُل تڪي ۾ ٻاتي" پوءِ آواز وڏيڪ گهگهو ٿي ويس. هو وري منهن مونن ۾ هٽي ويهي رَهيو. جهونو جهاز جنهن جا سڙهه وڏيڪ سٽ جهلي نه سگهندا، چاڪاڻ ته مولا بخش آهستي آهستي مَري رهيو هو ۽ هڪ ڏينهن مَري ويو.

اوچتو ڪُلهي تي هٿ جو هلڪو دٻاءُ محسوس ڪيم، مون کي انهن ٻن قبرن تي ويٺي ڪو وقت لڳو هو. هيءُ منهنجي ياءُ شمس جو هٿ هُيو هو ڪافي دير درگاهه جي وڏي دَر تي انتظار ڪندو رَهيو هو. اتي منهنجو پائيٽيو بابز وڏي آيو ۽ اکين ۾ ڳوڙها ڏسي چيائين، "بابا! ڇا ٿيو." "بابا تکو واءُ وريو. ريتي ۽ مٽي مٿان وَري ويئي هئي." هن واءُ ۽ مٽيءَ ۾ اکيون به پرجي ويو اٿم. اهي ڳوڙها ان ڪري آهن.

"بابا پر ڪاٿي آ مٽي، ڪاٿي آ ريتي؟" مون ڪيس سڄي قبرستان ڏي اشارو ڪندي چيو"، انهيءَ ريتي ۽ مٽي ۾ جيڪي سٽل آهن هيءُ اُنهن جي مٽي آهي." هُن سمجهيو الائجي يا نه. ياءُ مون کي ٻانهن کان وٺي هلڻ لڳو ته شاهه سائين جي هيءُ سٽ هيئين تي تري آئي:

لڳي لڳي واءُ ويا انگڙا لڻجي.

ٻي سٽ ياد هُئي پر مون ۾ پڙهڻ جي سگهه هئي، نه حُجت.. ۽ نه وري حقداري

❊

## مرين تہ آرهڙ ۾ مرجاڻ

مان ان ويلي اباڻي شهر ۾ پنهنجي گهر ۾ اڪيلو ويٺو هوس. ويٺي پراڻا ڪتاب سهيڙيم تہ اوچتو دَر وڳو. پهريائين تہ لنوايم پوءِ جڏهن درُ ڏاڍيان کڙڪڻ لڳو تہ اُٿڻ لتاڙي دَر کوليم. سامهون هڪ سوٽيڊ بوٽيڊ سهڻو نوجوان بيٺو هو. ساڻس پاڙي جو هڪ نينگر گڏ هو.

"سائين، بس اسٽينڊ تي هيءُ همراهہ بيٺو هو. اوهان جي پي پڇا ڪيائين.ا چي پهچايو اٿمانس. هاڻي امانت سنڀاليو."

ائين چئي هو نينگر هليو ويو. مون هن نوجوان کي بنهہ نہ سڃاتو. بنهہ اوپرو لڳو. هٿ ڏنومانس. پوءِ وري بہ گهوري ڪيس ڏٺم. منهنجي منهن تي سوال کي ائين تڪڙو اُپري آيو جو يڪدم نوجوان هڪ هلڪي مُرڪ چهري تي آڻيندي چيو.

"سائين، توهان مون کي ائين نہ سڃاڻيندو. مان ديوان موتي رام جو ڏوهٽو آهيان."

"ديوان موتي رام؟"

"سائين مان سيتا جو پُٽ, هريش چندواڻي آهيان. مان وڏو پنڌ ڪري آيو آهيان. توهان جي حيدرآباد واري گهر بہ ويو هئس, ڏس مليم تہ سڌو هت هليو آيو آهيان. اوهان سان ڳالهائڻو اٿم."

هاڻ منهنجي سامهون ڪئين پنا اُٿلي ويا. نوجوان کي ور ڪري ڏٺم تہ جڻ ديوان موتيرام آڏو بيٺو هو. سندس نياڻي سيتا جا نقش چٽا بيٺا هئا. ائين ڪيس ڏسندي ڏسندي ڪي پَلَ لنگهي ويا. هو گهڙيءَ کان پوءِ حيران پريشان ٿيڻ لڳو. هُن هڪ خاموش بت کي ڏسي نيٺ وَرُ ڪري چيو.

"سائين مان هريش چندواڻي سيتا جو پٽ ۽..."

مون يڪدم ڪيس ٻانهن کان وٺي ڇڪيو ۽ ڇاتيءَ لاتو. منهنجي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو ۽ ڳري آواز ۾ چيم ۽ ديوان موتيرام جو ڏوهٽو آهين

”اندر هلي آ بابا!“ وڏيڪ نہ پئي ڳالهائي سگهيس جيئن ڪيس اندر گهر ۾ وٺي آيس ۽ اڱڻ ۾ ئي هياسين تہ چيائين:

”هن ئي اڱڻ ۾. اوهان ڪڏندا هُيا؟ ڀلا اسان واري جاءِ ڪاٿي آ. اها هن گهر سان هئي نہ؟“ هو ائين ڳالهائي پيو جڻ گهڻو ڪجهہ ڄاڻندو هجي.

”مَنَ، هن جاءِ جي پوئتان هڪ جاءِ آهي. اُن پوئتان ٻي جاءِ آهي. ٻنهي جي وچ ۾ لنگهہ هيا. سيتا وارا ٽيپي، سوٽ علڻ جي گهر ۽ وري جي ٽيپي آيا تہ هن گهر ۾. هيءَ جايون يا پاسي اوسي واريون جايون سڀ سنڌي هندن جي ملڪيت هيون. هنن گهرن اندر ڪيئين گهر هُيا. آباد هُيا تہ آباد هُيا. هينئر آباد هوندي بہ غير آباد آهن. جي آباد آهن تہ ڪُٺو ڪٽي ڪان ڏار آهي.“

هو حيران ٿي منهنجي منهن ۾ تڪڻ لڳو. مون چوڏاري ڦهليل لنگهہ ۽ گهَٽ ڏيکاريس جيڪي بند هُيا.

”هو در ڏس، اهو بند آهي جنهن ڪي پريان بہ وڏا لوهي ڪلف ڏنل آهن. اهو در سوٽ علڻ جي گهر ڏي کلي اوهان جي گهر جي دري بہ ٽپائيندو هو. اسان اتان ويندا هياسين. سيتا دادي شيلا، سيتا جي ڀيڻ نرملا، سڀ هن اڱڻ ۾ ايندا هيا. هن گهر کي ئي اڱڻ هو. ڪٿن تي اسان جي مائرن ڀينرن ۽ ڪاڪي موتيرام جي گهر وارن لاءِ ڪڇهري جو هنڌ هو. تون ڀڪ پنهنجو گهر ڏسڻ آيو هوندين؟ پر معاف ڪجانءِ منا. توهان جو گهر پٽ ڪري سوٽ علڻ وارن پنهنجو نئون گهر نهرايو آهي. تون ڇا ڏسندين. هتان سنڌ مان ڪئين ئي لڏي ويل. سانگي سان جڏهن بہ سنڌ ايندا آهن ۽ جڏهن پنهنجا ماڳ مڪان ڳوليندا آهن تہ ڪين يا تہ ڳوليندي نہ ليندا آهن يا اُنهن جي شڪل اهڙي هوندي آهي جو هو رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي واپس موٽي ويندا آهن.“

مان يڪو ڳالهائيندي پيو هليس. هو ماٺ ڪيو بيٺو هو ۽ مون ڏي تڪي رهيو هو. هن جي چهري تي ڪي بہ جذباتي اهڃاڻ نہ هئا. پوءِ خيال آيم تہ پرانهين پنڌ کان آيل هن مهمان کان نہ سندس حال احوال ورتو اٿم نہ وري چانهہ پاڻيءَ جو پڇيو اٿم. پوءِ مون کيس وٺي وڏي ڪمري ۾ وهاريو. ڪمري ۾ بہ چار ڪٺون، پلنگ ۽ ڪرسيون پيون هيون، هيءَ گهر ٻن ٽن هندڪين جاين تي جُڙيل هو. ڪي ڪمرا پراڻا، تہ ڪي نوان ڪمرا بہ جوڙايل هئا. هنن جاين تي مقامي ماڻهن جو حق نہ هو هي جايون ۽ ٻيون سڀ جايون ڪليمن ۽ ٻاهران آيلن کي مليون جن پوءِ وڪيون.

هريش هر پاسي هر هنڌ لوٽا هٽي ڏسندو رهيو. مون منجهس ڪا بيچيني ڏٺي. مون کي هڪ ڳالهه سمجهه ۾ آئي. مان اُتي ڪيس ٻانهن کان ورتم ۽ سڌو ڪوني تي وٺي ويس. سوٽ علڻ واري جاءِ پاسي پلئڙي کان بيهاريو مانس. اڳڻ ۾ ڪير ڪونه هو. سوٽ علڻ جي وفات کان پوءِ گهر ۾ سندس اولاد ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو. سندس گهر واري پيڪن ۾ رهندي هئي ۽ ڪڏهن ايندي هئي. سوٽ علڻ جي پاءُ جو گهر ويري وجهڻ ڪري پاسي تي هليو ويو.

هيءُ اهو پاسو آهي جتي ڪاڪو موتيرام ۽ اُن جو خاندان رهندو هو. اهي جايون سڀ ڍهرائي سوٽ علڻ جي پيءُ سيٺ عبدالڪريم هي نيون جايون جوڙايون. ڪاڪو موتيرام ۽ سيٺ عبدالڪريم گهاٽا دوست هئا ۽ ڏنڌي ۾ ڀائيوار به هئا. توڙي ڪاڪو موتيرام ڪورٽ ۾ وڏو سرشتيدار هو پر پئسي پنجڙ وارو هيو. هن ئي سيٺ عبدالڪريم کي وڏي ڏنڌي تي لاتو. هن ئي ڪيس وڏي حاويليءَ جي سوڙهه مان ڪڍي هن گهر ۾ آندو. هيءُ پريون حصو جيڪو ٻئي پاءُ کي مليو اهو ڪنهن ٻئي ديوان جو هيو. جنهن ۾ ڀهريائين سيٺ عبدالڪريم اچي گهر ڪيو. پوءِ هي ٻئي گهر جڙ هڪ تي ويا. وچ ۾ هڪ دري هئي، جتان سڀ هڪ ٻئي ڏي ايندا ويندا هئا. ٻاهر لنگهه لاءِ هڪ گهٽي هئي. هنن ٻنهي جي دوستي ايتري ته پائدار هئي جو ورهاڱي کان پوءِ ڪاڪو موتيرام کو ٻارنهن تيرهن سالن پنهنجي جاءِ ۾ رهيو پيو هو. هن جو وڃوڙو به وڃوڙو هيو. ويو ته جاءِ، دوڪان، ڏنڌو ڏاڙي سڀ ڪجهه ڪيس لکي ڏئي ويو. ڪاڪو موتيرام شايد نه وڃي ها پر ڪي بيوسيون اهڙيون هونديون آهن جو ماڻهن کي مجبور ڪيو وجهن ۽ وطن کان بي وطن ڪيو ڇڏين. هاءِ ڙي زمانا!!“

مون اچا ڳالهايو پي ته ڏٺم هريش پوٺتي موتي وڃي ڏاڪڻ وٽ بيهي رهيو. هُڻ اباڻين جاين ۽ ماڳن جي نئين سر جوڙجڪ تي ڪجهه نه ڳالهايو. مان به تڪڙو موتي اچي ڪيس رَسيس. ڪمري ۾ آياسين ته اسان جي جهوني ڪم ڪار واري ماسي چانهن کڻي پيئڻ لاءِ اشارو ڪيو. هو خاموش ويٺو رهيو. اوچتو ڳالهايو. ائين لڳو جڻ ڪنهن قتل کوهه مان سندس آواز ايندو هجي.

”سائين. نه مان چانهه پيئڻ آيو آهيان نه مان ٻنهنجا اباڻا ڪک ڏسڻ آيو آهيان. مان ٻي پيڙهيءَ جو شخص آهيان. نه مون هيءَ پومي ڏٺي نه هتان جو پاڻي پيتو. هتي جو ماضي منهنجو ماضي نه آهي. منهنجو پيءُ به سنڌي نه هو. هو هڪ هندستاني مرهٽو هيو جيڪو امان سيتا سان شادي کان پوءِ سِگهو ٿي

گذاري ويو. امان سيتا پاڻ نوڪري ڪري، پورهيا ڪري مون کي پالي وڏو ڪيو. پالنا ۾ دادا موتيءَ جو بہ وڏو هٿ هيو. مان هاڻي اتي هڪ وڏي ڪمپنيءَ ۾ اليڪٽريڪل انجنيئر آهيان. هيءَ بولي، هن ڏرتيءَ سان ٿورڙي ڪي گهڻي وابستگي منهنجي ماءُ ۽ دادا جي بخشيل آهي. منهنجي گهر واري پڻ سنڌي آهي پر هن کي ايتري سنڌي نہ ايندي آهي. ٻہ ٻارڙا اٿم، اهي سنڌي سمجهندا آهن پر گهٽ ڳالهائيندا آهن. هو ممبئي جي وڏي ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهندا آهن. گهڻو تڻو انگريزي يا اردو گاڏڙ هندي ڳالهائيندا آهن."

هن جيئن ساهي کنئي تہ مون ڳالهايو. "تو سويل چيو پئي تہ تون هت کنهن خاص ڪم سانگي آيو آهين. اهو خاص ڪم ڪهڙو آهي؟"

هو اٿي ٻاهر ويو ۽ وراندي ۾ چڏيل ٿيلهو کڻي آيو. هُن هيٺ ويهي ان جي زپ کولي ۽ ڪنجهي جو وڏو گول لوٽو ڪڍيو. ان لوٽي جو منهن ڳاڙهي ڪپڙي سان سوٽلي ويڙهي بند ڪيو ويو هو. هن اُهو لوٽُ ڪڍي ٽيبل تي رکيو پوءِ ٿيلهي مان هڪ ننڍڙو لفافو ڪڍيو. هن ۾ ڪا چٺي هئي. هن اهو لفافو مون کي ڏنو ۽ سامهون ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. مون ڏنو انهيءَ ٿورڙي ڪرت ۾ هو سهڪي پيو ۽ اکين ۾ آلاڻ هيس. ان آلاڻ کي لڪائڻ لاءِ هو ڇت ۾ اکيون وجهي ويهي رهيو. مون لفافو آهستي آهستي ڪري کوليو هي هڪ پني واري چٺي هئي.

"پيارا پاءُ.

ورهيہ لنگهي ويا آهن. وڇوڙي پينهي چڏيو آهي. مان پنهنجي پٽڙي هريش کي اوهان ڏي هڪ امانت سان گڏ موڪليان ٿي. هيءَ امانت دادا موتيءَ جون هانيون آهن ۽ انهيءَ لوٽي ۾ بند آهن. سندس وصيعت هئي تہ هي سنڌ جي پاڻيءَ ۾ لوڙهجن. خاص طرح ان واهہ ۾ جت دادا ۽ اوهان سڀ گڏ وهنجڻ ويندا هئا. هن جي اوهان سان گهڻي دل هوندي هئي. هو اوهان کي هميشہ لڇڻو يا لکڻو ٻار ڪري ياد ڪندو هو. دادا عبدالڪريم جي گذرڻ جو ڏک هيس. علڻ جي بيوفائيءَ جا ڏنل سور چاڪ ڪري چڪندا هيس. ان ڪري هن جو حڪم هيو تہ سندس هانيون، اوهان ڏانهن موڪليون وڃن تہ جيئن ان واهہ يا ٻريچ واري وڏي واهہ ۾ لوڙهجن. هو اهي آرهڙ جا ڏينهن، انبن جي مند، مڇي ۽ پلي کي نہ وساري سگهيو هو آرهڙ جي ڏينهن ۾ پٽ نڪرندي آهي، هت جڏهن پٽ يا آرايون نہ نڪرنديون هيون تہ سنڌ جي گرميءَ کي ياد ڪري آرهڙ جي مند کي ياد ڪندو هيو. گنگا يا جمنا تي

ڪٿ تي سمهندو هو. حيدرآباد ايندو هو تہ رهندو بہ اسان وٽ هو. مان ڪاڪي موتيرام کي ننڍي هوندي کان ڏسندو آيو هيس. سهڻو سيپڪڙو قدارو جوان. پهراڻ ۽ پاجامي ۾ هجي يا شرٽ پينٽ ۾. لوڏ ڏئي هلندو هو تہ ڪنهن فلم جو هيرو پيو لڳندو هيو. هر وقت پيو مرڪندو ۽ کلندو. سندس اڇا کير جهڙا ڏند اونداهہ ۾ بہ پيا جرڪندا. جهڙو پاڻ سهڻو تهڙي دادي شيلا. اُن کان وڌ سندس بہ نياڻيون سيتا ۽ نرملا پيون ٻهڪنديون. ڪاڪو موتيرام ڪچهريءَ جو ڪوڏيو شام تي ناهي اسان جي اوطاق تي اچي نڪرندو. بابي جي سوٽن سان گهڻي هيس. خاص طرح سيٺ عبدالڪريم سان, ساڻس گڏ چمن لال, پمن داس ۽ ٻيا ديوان گڏ هوندا هيا تہ اسان سڀ نينگر نينگريون هن اڱڻ ۾ پيا ڪڏندا هياسين. چاچو سيٺ عبدالڪريم لڏي آيو تہ ڪاڪي موتي اسان کي ۽ ٻئي چاچي کي بہ جايون وٺي ڏنيون ۽ حويليءَ جي ڳُن مان ڪڍي هتي سوکو ڪيو. بابي جي نوڪري سانگي اسان کي ٻين شهرن ۾ وڃڻو پيو. وئڪيشن ۾ ايندا هياسين تہ منگل تي ويندا هيا.

ڪاڪي موتيءَ جون نياڻيون ملوڪ هيون. وڏڙيون ٽيون تہ هر هڪ جي منجهن اک هوندي هئي. چاچي سيٺ عبدالڪريم جي وڏي نينگر سوٽ علڻ وجي سيتا تي اَکن ڇَڪن ٽيو. گڏ جو رهندا هُيا تہ هن سيتا کي آهستي آهستي دام ۾ آڻڻ جي ڪئي. سيتا پڙهيل ڳڙهيل هئي ان ڪري هوءَ تيز ۽ هوشيار هئي. هوءَ ساڻس اهڙي قرب ۽ محبت سان پيش ايندي هئي جو اسان کي بہ شڪ پوندا هئا, متان سوٽ علڻ جي لاڦ تہ مٿس هڪ ڇوڪري اُکن ڇَڪن تي پئي آهي. هو جنهن نموني هن کي بدنام ڪندو هيو مون کي ڏک ٿيندو هو.

سيتا هڪ دفعو سڪ سان مون کي رکڙي جو ٻڌي تہ مان کيس ڀيڻ وانگر ڀائيندو هيس. سوٽ علڻ ڏاڍو مڙس هيو ۽ مون کان بہ وڏو هيو. مون کيس چوڻ جي سگهہ بہ نہ هئي. مون هڪ ڏينهن پاسو وٺي سيتا کان پڇيو. "هي سوٽ علڻ ڇا پيو وقلندو وتي!"

"ها, مان کيس چاهيندي آهيان. سندس پريم پوڄاري آهيان پر مَنَ ۾ پوڄا ڪندي آهيان. هن وانگر پڙها ڪونہ ڏيندي آهيان. مون کيس چيو اٿئي همت تہ مون کي پنهنجو ڪر. مذهب بدلائي بہ مون سان شادي ڪر." سوٽ اندران نبل هو. هو سيتا کي چاهيندو هو پر هو پريم ۽ پيار جي نازڪ ۽ ڪئنرن جذبن کان آگاهہ نہ هو. هاڻ اسان سڀ وڏڙا ٿي ويا هياسين.

ڊوپڙا، ڦر ڦر سونتا سپ پورا ٿي ويا هيا. ڪونن تي چڙهي، هڪ ٻئي ڏانهن چڙهي وبندا هياسين. گڏجي سڏجي ڪچهريون ڪندا هئاسين. هڪ ڏينهن سوٽ علڻ سيتا سان پريرو بينو ڳالهائي رهيو هو. اسين ٻيا سوٽ، پينر پائر غلم وچايو ڪچهري ڪري رهيا هئاسين. ڪنهن پڪوڙا آندا هيا، ڪنهن گيهَر، ڪنهن مرملا ته ڪنهن پيڙا. ڪل پوڳ جاري هيا ته ائين سيتا جو آواز تيز ٿيندو ويو.

”علڻ ٻڏي چڏ مان سيتا آهيان. اٿئي همت ته جهر جهنگ جهاڳي گهر ٻاٽ چڏي مون لاءِ بنواس به ڪاٽي مون تائين پهچ ته رام ڪري پوڄيانءِ. منهنجو تنهنجو پريم جو ناتو آهي چريا. ڪجهه سمجهه مون کي ڏکوءِ نه. مان توسان سچي آهيان. شڪ نه ڪندو ڪر.“ پوءِ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. مون وڏي کيس پرچايوءِ علڻ کي ٽڪ لعنت ڪئي.

عشق ۽ مشڪ ڪو لڪڻ جا ناهن. ڳالهه کي گهٽو ڍڪيوسين. پر ٻاڦ ڪاڪي موتيءَ تائين پهتي. هُو حيدرآباد هليو آيو. رات جو ائين کٽن تي ليٽيا پيا هياسين ته ڪاڪي موتيءَ ڏک مان پٽڪو ڪڍيو.

”مون کي ڏک رُڳو اهو آهي ته مون کان تو هيترو عرصو ڳالهه چو لڪائي. قصو شاديءَ تائين پهتو آهي ۽ مون کي خبر ئي نه آهي. تون گهٽ ۾ گهٽ اهو ته نه لڪائين ها ته هنن ٻنهي ۾ پريم جو ڪو چڪر اهو به ان حد تائين پهتو آهي؟“

مون وٽ ڪو جواب ڪونه هو. ڪاڪو موتي ڪو اندران اهڙو راجائتو اڇو اجروءِ ننگن وارو هيو جو آهستي پٽڪو ڪيائين.

”جي ادو عبدالڪريم راضي ٿئي ته مان سيتا کي هٿ چڏي هليو وڃان پوءِ پل مسلمان ڪري سندس شادي علڻ سان ڪرائي. مان پريت جي پت وڃائڻ نٿو چاهيان. ورهين جا ناتا ڪو ائين وڃائبا يا اولاد مِنو ڪبو؟“

مان ٽپ ڏئي کٽ تان اُٿي ويهي رهيس. دل مان بي اختيار نڪتو ”واهه لاکيٽا، ڪاڪا موتي.“

پهريائين مون سوٽ علڻ سان ڳالهه ڪئي. گهٽي همت ٻڏائي مانس پر پيءُ کان چرڪي پيو. مان ئي سندرو ٻڏي چاچي عبدالڪريم وٽ ويس. ڳالهه ڪرڻ جي دير هئي هو ٻنهه پڙ ڪڍي بينو.

”ميان توهان ٻار آهيو. اها ڪا سولي ڳالهه آهي. هندو مسلم فساد ڪرائيندو ڇا؟ موتي به جذباتي آهي. ٻارن جي ڳالهه آهي ٻاڻ ئي ختم ٿي ويندي“

”بابلا. هيءُ درياءَ بادشاهہ ڪونهي. هت پوتر پاڻي بہ ڪونهي، جنهن ۾ ڪاڪي موتيءَ جي رَڪَ وهايون.“

”پر دادا. هيءُ ٽيو ڇاهي. امان ۽ دادا موتي، جنهن سنڌوءَ جون ڳالهيون ڪندا هيا، اهو ڪاڏي ويو. هت تہ اُهي بيڙيون اُهي ملاح بہ ڪونهن جن تي چڙهي هو سير ڪندا هيا. مڇيون پلا ماري گهر ڪٺي موٽندا هيا. اهو جَلُ پوتر سمجهي گهر ڪٺي اچي پيئندا هيا. هيءُ سڀ ڇا ٿي ويو آهي؟“ مون کيس ڪو جواب نہ ڏنو. جو مون وٽ ڪو جواب نہ هو. پنهنجي وڏيءَ جو نہ ويج نہ طبيب، بس ايترو چيم، ”اپٽي گهتي هي بابا اپٽي گهتي!“

هو انهيءَ گهتيءَ کي سمجهي نہ سگهيو ۽ پڇيائين، ”دادا، اها اپٽي گهتي ڇا ٿيندي آهي؟“ مون وک کي تيز ڪيو ۽ ڊوڙندو اچي ڪار وٽ پهتس. هريش منهنجي پويان آهستي آهستي واريءَ جا دڙا ۽ ٻيلاٽيون لتاڙيندو ڪاڪي جي هانين کي سيني سان لايو اچي پهتو.

”دادا، پوءِ هن جو ڇا ڪيون؟“ هن جو ائين چيو تہ ڳوڙها تري آيم. ”هئہ ڙي وقت، ٻي وطن جي مٽي پنهنجي وطن جي پاڻيءَ جي پياسي آهي ۽ پاڻي بہ ڪنهن ٻي پَر هليو ويو آهي.“

مون هريش کي ڏنو هو بہ روئي رهيو هو. مون کيس ڪار ۾ وهاريو ۽ واپس گهر ڪنيو آيس.

گهر پهچي مون کيس ٻانهن کان ورتو ۽ سڏو ڪوني تي هليو ويس ۽ اُتي وڃي ٻيهاريومانس. جتان سڄو شهر پئي نظر آيو. سانجهيءَ جا پاڇا پئجي چڪا هيا ۽ ڪجهہ ٻتيون بہ ٻري چڪيون هيون. ڪي انتظار ۾ هيون. بهار جي بهاري ڏيندڙ هوا چوڏاري ڳهلي پئي هئي.

”هريش، هيءُ شهر، ڪاڪي موتيءَ جو شهر آهي. هن پاسي سندس جاءِ هئي جت هو رهندو هو. هيءُ اڳڙ آهي، جتي هن پيير گهمايا. هو سامهون اُهي گس پنڌ آهن، جتان ڪاڪو موتي لنگهندو هو. هوءَ اها اوطاق آهي جتي هو وهندو هو. ڇڏ انهيءَ رک کي تہ انهيءَ مٽي ۾ ملي وڃي، جنهن مٽيءَ تي سندس وکن جا نشان آهن. ڇڏ انهيءَ جُسي جي رک کي تہ انهيءَ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن مٽي جو هوُ ڳوهيل هو ۽ جنهن مٽيءَ سان سندس عشق هو.“

هريش ڪا گهڙي خاموش رهيو پوءِ هن انهيءَ لوٽي جو منهن کوليو. ڪپڙو لاهي پري ڪيائين. هن هٿ وجهي پهرين لپ رک جي ڪنئي، ان کي چميائين پوءِ هُن گهر واري پاسي هوا جي تيز جهوٽي سان اُن کي اڏائي ڇڏيو.

هن ہي لپ لاءِ لوٽو منهنجي ويجهو ڪيو ۽ مون بہ لپ ڀري ان کي پنهنجي اگهڙ تي ڇٽيو. ائين هوا جي جهوٽن ۾ ڪاڪي موتيءَ جي جُسي جي رک کي سندس شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۽ گام تي وڃائي ڇڏيوسين. جيئن حياتي بہ هڪ جهوٽو هوندي آهي. ڪڏهن پُر بهار ڪڏهن جهڪ تہ ڪڏهن جهولو. ڪاڪي موتيءَ جي رک کي سنڌ جي بهار جا جهوٽا نصيب ٿيا. سندس شهر جي ماڻهن جي ساهہ ۾ بہ هاڻ اُن رک جي خوشبو رچي وئي هوندي!!

هيٺ لٿاسين تہ هريش بنهہ ساڻو ٿي پئجي رهيو. پاڻي پيارومانس تہ سامت ۾ آيو. چانهہ پياري مانس تہ ڪجهہ تڪڙو ٿيو. يڪدم وڃڻ جي واريائين. مون ان رات ئي ڪيس ڪار ۾ ساڻ ڪري، ڪراچي ايئر پورٽ تي آڻي ڇڏيو. موڪلائڻ مهل هو ڏڪارو هو. ياڪر پاتومانس تہ روئي پيو. مون کيس ڀر ڀچائي مِنيون ڏئي روانو ڀئي ڪيو تہ هڪ ڳالهہ ياد آيم.

”هريش بابلا، منهنجي پيءُ سيتا کي چئجان تہ پراڻ تياڳڻا هجنس تہ آرهڙ ۾ تياڳي. سنڌو ۾ تورو گهڻو پاڻي آرهڙ ۾ ئي ايندو آهي. چئجانس جڏهن بہ مري تہ آرهڙ ۾ مري جو سندس هانيون وهندڙ سنڌوءَ ۾ لوڙهي سگهون!!“

مان وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيس. منهنجو آواز ائين ئي ڳرو ٿي ويو جيئن هريش جو ٿيو هو جڻ ڪنهن ويران ۽ ڦٽل کوهہ مان ايندو هجي. هاڻ هريش جي آواز ۽ منهنجي آواز ۾ ڪوبہ فرق نہ هو.

❊

## هي زهر ڪير تہ پيئندو

استاد شفيع محمد جي جيئن 1936ع جي پراڻي گهڙيال تي نظر پيئي تہ هو اهڙي ئي پراڻي ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي اُٿيو. هو ٽنگڻيءَ ڏانهن وڌيو مس تہ گهڙيال ٻہ ٽڪاءَ هنيا. هن جيئن ٽڪڙ ۾ صدري ۽ ڏوتل پوتل اڇو وڳو ٽنگڻيءَ تان ڇڪي لاٿو تہ ٽنگڻي سوڌو وڳو ۽ صدري هٿ ۾ هيس. هن وڳو کٽ تي رکيو ۽ ٽنگڻي پٽ تي ڦهڪائي، ڪوڪا ساڳين سوراخن ۾ اٽڪائي هٿ سان ڪٽي ٺوڪيا. ٽنگڻي اُهائي ٽنگجي بيهي رهي. هن کي ان جو فڪر نہ هو جو ائين روز ٿيندو هو. هن وڳي ۽ صدري کي چنبڪو ڏنو ۽ پوءِ وڳو پائي مٿان اڇي صدري اوڍي ڪٻٽ ڏانهن وڌيو جنهن جا طاق بہ اُڌڙيا پيا ها. هٿ وڌائي ترڪي ٽوپي ڪڍي پوءِ هڪ برش ڪڍيو جنهن سان ترڪي ٽوپي کي صاف ڪيو. برش رکي ڪٻٽ جي هڪ طاق تي لڳل آئيني ۾ ڏٺو. ٽُرڪي ٽوپي مٿي تي ٻيهاري ان کي جائيتو ڪيو ۽ پوءِ وري ڪنڌ ڪان رکيل مُنڍي وارو لڪڻ ڪنيون تڪو وريو. هاڻ هو آڳر ۾ هو جت سندس هڪ نياڻي ٽانو پئي ڏوتا. ٻي نياڻي اڱڻ ۾ نهيل چپر واري بورچيخاني ۾ ماني پئي پچائي. ٽين نياڻيءَ ٻهاري پئي ڏني. هو جيئن ٻاهرئين دروازي وٽ پهتو تہ ڇوڪري ڊوڙندي آيس.

"بابا بابا، اِهو چا، هاڻ تہ اسڪول ٽائيم تي پهچڻو بہ ڪونهيو پوءِ اِها تڪڙ چا جي؟"

هو چرڪجي بيهي رهيو. پوءِ هوءَ ڪيس ٻانهن کان ڇڪي ڇپري ۾ وٺي آئي. هڪ منجي تي ڪيس ويهاري ٻي منجي ريڙهي پاڻ ويٺي ۽ مڪيل ڊِگڙي ڍڪي ۾ وجهي آڏو رکيائينس. هن ڪاڙهيل چانهہ، ڪومچي سان ننڍڙي ديگڙي مان ڪڍي سندس آڏو رکيل ڪوپ ۾ وڌي. هو چپ چاپ ڊِگڙي پور پور ڪري وات ۾ وجهندو ويو ۽ مٿان مٺي چانهہ جا ڍڪ پريندو رهيو. هن ڪوپ کي ڏٺو سڄو ڏريل هو. هن رنڌڻي ۾ نهاريو پڳل سڳل ٽانو. اڱڻ تي

”پر سائين ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن. نذر نياز بہ بس! ان ڪان تہ عرمان پلو ڇٽبو جو هاڻ روز اچي ۽ درگاهہ وسائي ڇڏي اٿائين.“

استاد شفيع محمد. موالي موليڏني کي جيڪو درگاهہ آمن شاهہ جو ڀهاريندار بہ هو گهوري ڏٺو.

شڪ جا دروازا وري کُلي پيا. هو آهستي آهستي ڇُريو پر موليڏنو ڪڏهن آيس.

”بابل سائين. عمران کي تہ موڪلجو ڇئجوس تہ سندس يار انتظار ۾ ويٺا آهن.“

پوءِ پيلا ڏند ڪڍي کلڻ لڳو. استاد پٽ ورائي ڏٺو.چار پنج ڇوڪرا اوتاري، جي ڀاسي کان بيٺل نم جي وڻ هيٺان موالين وانگر ڪنڌ لاڙيو پيا هيا.

هن هاڻ وڪ تکي ڪئي. موليڏني جا پيلا ڏند ۽ کلڻ وارو نمونو کيس نہ وڻيو. هاڻ سندس من ۾ شڪ جو پوکيل ٻوٽو وڏي وڻ ٿي ويو.

هو جيئن بزار مان لنگهيو تہ ڪيترن ماڻهن يا دڪاندارن اُٿي بيهي کيس سلام ڪيو ۽ ڪيڪاريو. استاد شفيع محمد پراڻو استاد هو سڄي شهر کي پڙهايو هئائين. سندس عزت هئي پر الائجي ڇو اڄ جنهن بہ ڪيڪاريس پئي يا سلام ڪيس پئي، هن کي ائين پئي لڳو تہ هو هاڻ اهو سڀ ڪجهہ رسمي طور تي پيا ڪن ۽ ڪين سندس پٽ جي افعالن جي خبر پئجي ويئي آهي. هو چُپ چاپ لڪڻ ٽيڪيندو وڌندو رهيو. ڪنهن کي مرڪي ڪيڪر جو جواب ٿي ڏنائين يا هٿ ٿي ٻڌائين پر سندس دماغ جاءِ تي نہ هو. هر هر کيس من اِهوئي پئي چيو تہ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ هڪ استاد جو پٽ هيروئنچي ٿئي ۽ هيروئن وڪڻي. ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو. اوچتو هڪ همراهہ دوڪان مان ٽپ ڏيئي اڳيان اچي بيٺس. هن سڃاتو عثمان بقالي هو. هُو عثمان جي دوڪان تان سيڌو سامان کڻڏي ٿي کڻندو هو. کيس ياد آيو تہ اڄ سيڌي لاءِ ڏيڻس بہ کيس چيو هو ۽ کيس اها بہ خبر هئي تہ عثمان جي اوڌر چڱي خاصي ٿي هوندي. هو هاڻ ڪڏهن ڪڏهن شاهي بزار واري گهٽي لنوائي ويندو هو پر اڄ بيخيالي ۾ پراڻي پنڌ پيو هو. هن کي خيال آيو تہ هن کي سيڌي ڏيڻ لاءِ چوي پر عثمان هٿ ڏيندي ئي شروع ٿي ويو.

”استاد سائين. ناراض نہ ٿجو پر هاڻ ڳالهہ چڙهي ويئي آهي. ڇهن مهينن کان کنڏي ۾ اوهان ريپيو بہ جمع نہ ڪرايو آهي. اوڌر هزارن ۾ اچي پهتي آهي. مان وڏو واپاري تہ نہ آهيان. اڳ بہ چيو هيم پر هاڻ تہ دوڪان هلائڻ مشڪل ٿي پيو آهي. اوڌر وارا مهيني سوا اندر پيسا ڏئي ويندا آهن پر

اوهان جو حساب ڳروڻي ويو آهي.“ هو اجا ڪجهه ڪڇي تہ پر واري ڪپڙي جي دوڪان مان سيٺ هريرام لهي آيو.

”استاد اسين بہ اُميدوار آهيون. اڳين ٻن عيدن جي اوڌر ڪاتي جي ٽنگ ڪنيو بيٺي آهي.“ سوڙهي بزار ۾ ٽي چار ماڻهو بيٺا هئا تہ ٻيا بہ بيهي رهيا. هن هيڏانهن هوڏانهن لوڏو هنيو. پاسي وارن دوڪانن جا مالڪ هن ڏانهن گهوري ڏسي رهيا هئا. استاد کي محسوس ٿيو تہ سڄي بزار ڪيس ڇتر وارين نظرن سان گهوري رهي آهي. هن آهستي هٿ سان سندن گفتگو کي روڪيو. خشڪ ٽيل نڙي کي ڪنگهي آلو ڪيو. هن ڪوشش پئي ڪئي تہ کين هلڪي لهجي ۾ سمجهائي، پر سندس آواز ڏاڍيان ٿيندو ويو ۽ ان ۾ شايد صبح کان ٽيل وارتا جي ڪوڙاڻ بہ شامل هئي.

”بابا مري تہ ڪونہ ويو آهيان، اجا جيئرو آهيان. رٽائر ٿيو آهيان پر سُڄو ڪونہ ٿيو آهيان. توهان جي اوڌر ڪڏهن رهي آهي جو وچ بازار ۾ ڪٽي جهليو اٿوَ. دير سوير پئي ٿيندي آهي.. ماڻهو ٿي نٿا ڏسو. وٺيوَ تہ وچ بازار ۾ هٽي ڪنهن شريف ماڻهوءَ کي پٽڪي لاهي ڇڏيو. وٺيوَ تہ لفظن جا تير تفنگ هڻو وٺيوَ تہ ماڻهوءَ کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو وٺيوَ تہ...“ استاد شفيع محمد جو آواز ويو بلند ٿيندو. اهڙو بگڙيو جو وٺ نہ ڏني. ٻنهي دڪاندارن ڪٽي مات ڪئي. هڪ بہ ٻيا دوڪاندار جن جي هلڪي سلڪي اوڌر رهيل هئي، جن پريان بيٺي تماشو ڏٺو. تپ ڏئي واپس دوڪانن ۾ گهڙي ويا. استاد شفيع محمد ٻڙٻڙ ڪندو لڪڻ ٽيڪندو بازار ٽپي اچي پرائمري اسڪول جي ميدان ۾ گهڙيو. پرائمري اسڪول جي پراڻي جهريل عمارت سندس سامهون هئي. جيئن هو جوش ۾ وراندي ڏانهن وڌيو تہ سندس نگاهہ ٻن ٽن ماسترن تي پيئي، جيڪي اسڪول جي وراندي هيٺان بيهي ڪچهري ڪري رهيا هئا. سندن هٿن ۾ سگريٽ هئا ۽ دونهان ڪڍي رهيا هئا. هڪ ٻن جو ڪيس ايندي ڏٺو تہ سگريٽ وسائڻ ۽ لڪائڻ جي ڪئي. يڪدم هڪ همراهہ روڪين.

”اڙي سگريٽ ڪي مفت جا آهن ڇا جو زيان ٿا ڪريو. استاد ڪو هاڻي اسان جو هيڊ ماستر ٿوروئي رهيو آهي. روز اچيو اسان تي رعب ٿو رکي. پلي اچڻ ڏيوس، سگريٽ ڦٽو نہ ڪجو.“

استاد سهڪندو سندن پرسان پهتو. کيس ڪلاس ڇڏي ٻاهر سگريٽ پيئندي ڏنائين تہ بنهہ ٻرُ تي ويو. اڳيئي ڇتو ڪيل هاڻي تہ گڦ پئي وهيس. ”اڙي استاد ٿيا آهيو! شرم نہ ٿو اچيو؟ هڪ تہ ڪلاس نہ ونو بيو ٻاهر

بيهي ٻيڙيون ٿا پيو. ڇورا ڇا سگهندا. ڪاٿي آ توهان جو هيڊ ماستر غلام علي، ڇهه مهينا ٿيا اٿس پر اسڪول جو منهن ڪارو ڪري ڇڏيو اٿائين. جي مان روز خبر نه لهان ته پيننگ ٿي وڃي."

اوچتو سندس نظر اسڪول جي عمارت جي پڇاڙي تي پيئي، جتي پٽ جي اوٽ ۾ ٽي چار ننڍا وڏا ڇورا ويٺا دونهان ڪڍي رهيا هئا. ڪي ليٽيا پيا هئا. الائي خالي سگريٽ يا نشي جا سگريٽ پئي پيتائون.

"اڙي هو ڏسو منهن ڪارو پيو ٿيوَ. هاڻي ته نشو به هلي ٿو. لخ جي لعنت هجيوَ."

هو کين گاريون ڪيندو سهڪندو هيڊ ماستر غلام علي جي آفيس ۾ در کي ستاڪ ڪري کوليندي اندر گهڙيو. غلام علي به پن جي ٻيڙي وات ۾ جهليو دونهان ڪيندي سوچ ۾ ٻڏو پيو هو. اوچتو جو در ٺڪاءُ ڏنو ته هن ڇرڪ ڀريو ۽ ٽپ ڏيئي اُٿي بيهي رهيو. 'ڪٿي ڪو اسڪول جو صاحب ته نه آيو آهي،' پر استاد شفيع محمد کي ڏٺائين ته پيٽ ۾ ساهه پيس.

'سائين اڄ ته ساهه ڪڍيو هُيوَ" هن کي ڪاوڙ ۾ ٻڙٻڙ ڪندي ڏٺائين ته غلام علي ڇوهڻ لڳو "سائين مان ڇا ڪيان. توهان جي پينشن لاءِ ايس ڊي او جي آفيس به ويو هوس. توهان به ته ٻه ٽي دفعا ويا آهيو. هاڻ هو ڪاغذ نٿا ڪڍن ته مان ڇا ڪيان. توهان به دنياداري ڪيو نٿا. ڪجهه ڏوڪر اڳوات گهرن ٿا. اوهان به ٽڪو پيسو ڏيو نه ته ڪاڳر ڪيئن نهندا؟"

هو اڃا وڏيڪ ڳالهائي ته هن ڏٺو ته اُهي چارئي اُستاد سامهون بيٺا هئس ۽ انهن جو منهن ڦريو پيو هو. هن سمجهيو ته ڳالهه مڙئي ڪا ٻي آهي. استاد شفيع محمد ٺپ هنيو بيٺو هو. هو جيسين ڳالهائي هڪدم هڪ استاد وڏي واڪي ڳالهايو:

"سائين جي پينشن نهي يا نه. اسان کهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو روز اچيو بيعزتو ڪيو وڃي. ڪڏهن ڪنهن استاد کي بڇڙو ڪيو وڃي ته ڪڏهن ڪنهن کي. اڄ به اسان ڇئن کي ٻُجا ۽ گاريون ڏيئي هيڏي آيو آ. اها جي صورتحال آهي ته اسان ڪم ڪونه ڪنداسين. اڳ ته پاڻ هيڊماستر هو ته اسان ٿنو پئي. هاڻ ڪو اسان جو صاحب آهي جو پيو بڇڙو ڪري"

غلام علي هيڊ ماستر يڪدم پٽڪيو.

"سائين ائين ته نه ڪيو."

"ائين نه ڪيان؟ ماستر ورانڊي آڏو بيهي شاگردن جي سامهون سگريٽ پين، ڪلاس ڇڏيو اچن. کين ڪجهه نه چئجي. کين وهڻ جو ڪمرو به ڏنم ته

اُتي وچي ٻاڙ پوري ڪيو پر هاڻي هو اگهاڙا ٿيو ويٺا آهن. ڇورا سندن سامهون ويٺا سگريٽ پين. الائي نشو ٿا ڪن. سندن ٿي منهن ڪارو پيا ڪن، پر آهي ڪا هنن بيشرمن کي سمَڪ؟“

استاد شفيع محمد اجان وڏيڪ ڳالهائي ته ساڳئي استاد جنهن استادن جي ٽولي جي اڳواڻي پئي ڪئي، سندس تقرير کي روڪيو ۽ هيڊماستر غلام علي ڏانهن نهاريندي چيو. ”هاڻي بس، اسان وڌيڪ گاريون نه کائينداسين. سائين اسين وڃون ٿا. هاڻ توهان ٻيئي ويهي اسڪول هلايو.“ چارئي ڄڻا ٽپ ٽپ ڪندا نڪري ويا. غلام علي ڦان ٿي ڪرسيءَ ۾ ڪري پيو. استاد شفيع محمد ڪا گهڙي بيٺو رهيو پوءِ هڪ ڀڳل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪمري ۾ سانت هئي. ٻيئي چپ هئا. هيڊماسٽر غلام علي ڪجهه چوڻ لاءِ چپ کولي وري بند پئي ڪيا. استاد شفيع محمد ڇت کي گهوري رهيو هو. ائين سانت ٽٽي ۽ اوچتو اسڪول جو گهنڊ وڄڻ لڳو. گهنڊ جو آواز هن دفعي ايڏو تيز هو جو هو ٻيئي ڄڻا ڇرڪ ته نند مان ڇرڪ پري اُٿيا هجن.

هنن هڪٻئي ڏانهن نهاريو ۽ سوچيو ته اجا رسيس جو ٽائيم ٻه نه ٿيو آهي، پوءِ هيءُ گهنڊ؟ ائين هڪ استاد جيڪو نائب به هو اندر گهڙيو.

”سائين، استاد ڏاڍا ڪاوڙيا آهن، وٺ ٿي نٿا ڏين. هنن ٻاڻ گهنڊ وڄائي موڪل ڪري ڇڏي آهي. هو چون ٿا ته استاد سندن بيعزتي ڪئي آهي. هاڻ جي استاد ايندو رهندو ته هو نه ايندا.“

هو ڏڪوئجي ويو. ٻارن جي گوڙ ۾ جوش وارن آوازن استاد شفيع محمد کي ڏڪويو. هن جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. نائب ڪيس رئندي ڏسي پاڻي پري آيو. هن پاڻي جا ٻه ڍڪ پيتا.

پل ۾ ٻارڙن جا آواز پري ٿيندا ويا ۽ پوءِ چوڌاري چپ چپات ٿي ويئي. هو آهستي آهستي اُٿيو ۽ ڳالهائڻ کان سواءِ هيڊ ماستر جي ڪمري مان نڪري آيو. ورانڊي مان هيٺ لٿو ته هن ڏٺو ته سندس ٽاهيل ننڍڙو باغيچو به سُڪي ۽ ويران ٿي ويو هو. ڪنهن ان کي پاڻي به نه ڏنو هو. گل ٻوٽا ۽ ڇبر سڙي خاڪ ٿي ويا هئا. هو ڪا گهڙي بيٺو رهيو. ڳوڙها وري جاري ٿي ويا. هو تڪڙو تڪڙو ميدان ٽپڻ لڳو.

ميدان پورو ٿيو. هن جي سامهون هاڻ گهرن جي گهٽين جو چار وچايل هو. هن گهٽين ۾ گم ٿيڻ کان اڳ پوئتي ورائي اسڪول جي عمارت کي ڏٺو. هو ڪا گهڙي ان ڀڳل سڳل عِلم جي گهر کي گهوريندو رهيو. پوءِ هن کي احساس ٿيو. هاڻ ته اوڏانهن وڃڻ لاءِ مٿس بندش پئجي ويئي آهي. هن گهورڻ بند ڪيو.

هن جون اکيون وري ڳوڙهن سان ڀرجي ويون. هاڻ اها عمارت کيس چٽي بہ نظر نہ پئي آئي. هن يڪدم اسڪول جي عمارت کي پٺي ڏني ۽ پوءِ هڪ گهٽيءَ ۾ گهڙي پيو.

هو گهٽيون لتاڙيندو هليو پر کيس لڳو تہ سندس من اهڙو منجهيل آهي جو سُٺ جيان منجهيل گهٽيون کيس دڳ نہ پيون ڏين. ائين جيئن هو هڪ وڏي ۽ موڪري گهٽي لتاڙي رهيو هو ۽ اوچتو چرڪ ڀريائين. پريان هڪ نينگر تيز ڊوڙندو آيو ۽ کيس ڌڪيندو پاسي واري گهٽيءَ ۾ گهليندو ويو. ڀِرِيائين تہ کيس ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي پوءِ ڏٺائين تہ هيءُ سندس پٽ عمران آهي. عمران يڪدم بہ ننڍڙا پُڙا قميص جي کيسي مان ڪڍي سندس صدري جي ٻنهي کيسن ۾ دٻائي زور سان اندر وڌا، پوءِ آهستگيءَ سان چيائين:

"بابا، هيءُ امانت اٿو ڪو ماڻهو ڪڻڻ ايندو."

ائين چئي هو اڳتي ڊوڙندو ويو ۽ ننڍين گهٽين جي جار ۾ گم ٿي ويو. هُن کيس گُم ٿيندي ڏٺو ۽ سامهون ڏٺائين. کيس بہ ٽي اڇن ڪپڙن وارا ماڻهو نظر آيا، جيڪي ڊوڙندا وڏي گهٽيءَ مان الوپ ٿي ويا. هو ڪا گهڙي بيٺو رهيو پوءِ هن کيسي مان هڪ پُڙو ڪڍيو. پُڙي ۾ ڪافي پڙٻون پيل هيون. هو سمجهي ويو تہ اِهي اُهي ئي پُڙيون آهن، جيڪي 'پُڙيون' سڏبيون آهن ۽ جن جو ذڪر اُستي غفور ساڻس ڪيو هو.

هن پٽ لاءِ ڪيڏا نہ خواب ڏٺا تہ پڙهي ڳڙهي ڪو وڏو آفيسر بڻبو. لاڏ پيار کيس مئٽرڪ فيل تي بيهاريو هو. ڪا گهڙي اُن پاسيري ننڍي گهٽي ۾ بيٺو سوچيندو رهيو سندس بت وڏيڪ پگهرجي ويو پوءِ ڳرين وکن سان اڳتي وڌيو ۽ وڏي گهٽي ۾ داخل ٿي پنهنجي رُخ ۾ هلڻ شروع ڪيائين. گهٽي پوري ٿي تہ هو آمن سائينءَ جي درگاهہ وٽ هو. اوتاري آڏو موليڏنو موالي بيٺو هو.

"سائين آبڪاري وارن ڇاپو هنيو دلبر عمران ائين ڇانگ ڏيئي ڀڳو جو فرشتا بہ نہ ونيئنس. انهي گهٽي ۾ اڏار ڪيائين.

توهان سان مليو؟ استا، شفيع محمد چپ بيٺو رهيو. ڏٺائين تہ موليڏنو بي اونو هو. هان اوتاري ۾ ڪوبہ ننڍو وڏو موالي ڪونہ هو. استاد جي چهري تي فڪر ۽ پريشاني جا آثار نمايان هئا. موليڏني پنهنجا پيلا ڏند ٽيڙيندي کيس آٿت ڏنو.

"اُستاد، هن ڏنڊي ۾ ائين ٿيندو آ. پيا ڇاپا لڳندا آهن. عمران بہ دلبر ماڻهو آ. نئون ڏنڊو آهي، آبڪاري وارن سان ڪو حساب ڪتاب رکبو آ. هن

يار بہ آڱوٺو ڪيڏي ڏنن. اڳي بہ ڪيڏ پيا هيس پر هيءُ گولي ٿيو وڃي. جي هٿ اڃين تہ ڪيسا خالي، سڀ بہ نہ. پر اڄ مال هيس. پڪڙجي ها تہ وڏي ڏچي ۾ اچي ها. عمران هڪ دفعو انهن گهٽين ۾ گهڙي سو سهين، وٽ جو ناهي.“

اُستاد سڀ ۾ مال جو ٻڌو تہ ڪڪو وڪو ٿيو. يڪدم ڪڙين تي زور ڏنائين. سڏ و اچي گهر ساهہ پٽيائين. موليڏني ڪيس تڪڙو ويندي ڏنو تہ اچرج ۾ پيو.

استاد شفيع محمد تپڙي کڻي جيئن در کڙڪائڻ جي ڪئي تہ ڏٺائين تہ در ڀيڪڙيل هو. هٿ جي لوڏي سان طاق کلي پيا هو اڱڻ ۾ آيو ڪو بہ نظر نہ آيو پر رڌڻي ڏانهن نظر ڪيائين تہ اُستي غفور جو پٽ نظر آيو.

”سائين، اديءَ جن نانيءَ جي گهر ويون آهن. مون کي سار سنڀال لاءِ وهاري ويون. اڄ تہ موڪل بہ سويل ٿي ويئي. خبر ناهي ڇو؟“

هن نينگر جي مٿي تي هٿ رکيو. هن رنڌڻي ۾ ڏٺو اڄ تہ منجهند لاءِ باهہ بہ نہ ٻري هئي. رَڪَ ۾ ڪِرُ هئي جتان هلڪو سيڪُ پئي آيو. هو سمجهي ويو تہ هي سڀ ويلو ٽارڻ لاءِ نانيءَ جي گهر ويا آهن. هو چپ چاپ وڏيو ۾ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ گهڙي پيو. ائين نينگر ڪوٺيءَ جي در وٽ بيهي سڏ ڪيس.

”سائين، مان وڃان.“

هن ڪنڌ ورائي ڪيس ها ڪئي، پوءِ پاڻ واري پراڻي آرام ڪرسيءَ تي آهلي پيو. سڄو پگهريو پيو هو ۽ پوءِ صدري ڇڪي لاهي کڻي کٽ تي اُڇلي، جنهن مان هڪ ننڍي لفافي اچي ٻاهر نڪاءُ ڪيو. هيءُ پُڙو تہ ٻي جان هو پر سندس جسم ۾ جان پجئي ويئي ۽ هو سڄو ڏڪڻ لڳو. ڪي گهڙيون هن جي ڪيفيت عجيب رهي. هو سڄي ڏينهن جي ڪارگذاريءَ تي سوچيندو رهيو. هن اهو بہ سوچيو تہ استادن تہ ڪيس ڪيڏي ڇڏيو جو هو اڄا تائين ان ڪاٺي جيان هو جيڪا ڪڏهن بہ ڪير پڇي نہ سگهيو هو. هو قديم قدرن جو امين اُستاد هو. پر اڄ هيءُ ڇا ٿيو؟ سندس ئي گهران باهہ جا شعلا اُٿيا هئا. هن عمران کي ڏوهہ ڏيڻ جي بدران پاڻ کي ڏوهاري سمجهيو. ماءُ جي دادلي سو بہ هڪ پٽ هجڻ ڪري، هن ئي ڪيس ڍر ڏني ۽ اڄ هيءُ زهر سندس سامهون پيو هو. هو اُٿي بيٺو. مُنئي وارو لڪڻ هٿ ۾ جهلي هوا ۾ ڦيرائڻ لڳو. ”اڄ عمران اچي سو سهين، ڪل لاهي ڇڏيندو سانس.“ هو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿيندو ويو. ائين ٻاهريون در آهستي کڙڪڻ لڳو. هو ڇرڪي ويو ۽ ڪاوڙ ڍري ٿي ويس. هيءُ زهر جون ڍير پڙيون لفافن ۾ ويڙهيل وٽس بيٺون آهن. ڪٿي آبڪاري وارا تہ نہ آهن؟ هو بيٺو رهيو. در وري کڙڪڻ لڳو. هو نہ ويو. در وري کڙڪڻ لڳو. هن

محسوس ڪيو تہ ڪڙڪي ۾ ايڏو زور ناهي. آبڪاري وارا هجن ها تہ ڏنائين تہ ڪيس اطمينان ٿيو. موليڏنو موالي بيٺو هو. هو ٽپڙي هٿائي ٻاهر آيو. هاڻ ڪيس ڪاوڙ پئي آئي تہ هيءُ بدمعاش جنهن عمران کي ڪاريو سو در تائين اچي پهتو هو. هن خار مان پڇيس. "وري ڇا هي؟"

موليڏنو سُري ويجهو آيس. ڪن ۾ سس پس ڪيائين:

"سائين خير آ. عمران پڪي هنڌ تي آهي. آبڪاري يا پوليس پلي مٿو هٽي. پر نياپو ڪيو اٿائين. تہ جيڪا امانت ڏني اٿائين اُها ڏيو."

استاد ويچار ۾ پئجي ويو. پهريون تہ خيال آيس تہ لڪڻ وهائي ڪڍيس، پر پوءِ وري خيال آيس، هو پوئتي ڊوڙيو بيٺي لفافا ڪنيائين.

"هن مصيبت مان تہ جان ڇُٽي."

هن دروازي وٽ بيهي ٽپڙي هٿائي، موليڏني کي ٻانهن کان اندر ڇڪيو. هو سٽ تي اندر هليو آيو.

"اچي پنهنجي امانت کڻ هيڏي وري نہ اچجانءِ مروان! توئي عمران کي ڪاريو آهي. هيءُ هڪ اشراف جو گهر آهي سمجهيئي، وري ايندين تہ ٽنگون ڀجي ڇڏيندومانءِ" موليڏني هڪ لفافو ڪنيو ۽ ربڙ ۾ ويڙهيل مچو ٿيل نوٽ سندس هٿ تي رکيا ۽ اُهوئي کلندو پيلا ڪارا ڏند ڏيکاريندو اهو ڇٽي پجي ويو:

"استاد اڄ ايترو ئي مال کپي، سڀاڻ وري ايندس، عمران بہ تي ڏينهن نہ ايندو. هيءُ گهر تہ اسان کي سولو آ. استاد ڊڄ نہ. فڪر ئي نہ ڪر." هن کي ائين لڳو تہ عمران جي وڃڻ کان پوءِ هاڻ هو هيروئن جو دلال بڻجي ويو آهي. هن کي ٻُڇان اچڻ لڳي.

پوءِ هن ڪاوڙ ۾ در بند ڪيو ۽ اڱڻ ۾ هلڻ لڳو. هن ٽنگن ۾ سگهہ ئي ڪانہ پئي پائنئين پر گهلجي پئي هليو. جُڏهن رنڌڻي وٽ پهتو تہ ڏنائين تہ چلهہ اُهائي وساميل آهي. هن وڏو ٿهڪ ڏنو ۽ بہ ڪانيون وجهي، پوءِ وينو چلهہ کي ڦوڪڻ. هو ايستائين ڦوڪون ڏيندو رهيو جيستائين ڪا چڻنگ نہ دُکي. هن نوٽن وارو مڙيل سُڙيل مچو بہ ان ۾ وجهي ڇڏيو. باهہ دُکي پيئي، تيئن هن اندر ۾ باهہ محسوس ڪئي. هن پلاسٽ جي پراٽي جڳ کي ڪنيو ۽ وڃي پراٽي مٽ مان پاڻي اوتڻ لڳو. سڄو جڳ پي ويو پر کيس لڳو تہ سندس اڃ ئي نہ لٿي آهي، هن ٻيو جڳ ڀريو ۽ منجي تي سهڪندو ويهي رهيو. اوچتو سندس نظر پُڙين واري لفافي تي پيئي.

"هيءَ زهر ڪير تہ پيئندو؟" سٽ ڏيئي لفافي مان هن پڙيون ڪڍيون ۽

تڪڙو تڪڙو جڳ ۾ خالي ڪرڻ لڳو. سندس هٿ ڏڪي رهيا هئا. پوءِ هن جڳ ۾ هٿ وجهي ان کي گهمايو پوءِ هو تڪڙو تڪڙو هيروئن مليل پاڻي پيئڻ لڳو. هو ڀٽڪي رهيو هو:

"هيءُ زهر ڪير ته پيئندو؟"

هوهر هر چوڻ لڳو "هيءُ زهر ڪير ته پيئندو... هيءُ زهر ڪير ته پيئندو؟"

هن چلهه ڏانهن ڏنو هاڻ اُت باهه وسامي ويئي هئي ۽ کيس لڳو ته زهريلي ڪمائي سڙي وڃڻ سان گڏ سندس اندر جي باهه به وسامي ويئي آهي ۽ پوءِ هو ساڻو ٿي پٽ ڪي ٽيڪ ڏيئي آهلي پيو.

سندس اکيون پورجڻ لڳيون. هو ڀٽڪڻ ۽ وڦلڻ لڳو: "موليڏنا، هن گهر ڏي هاڻ نه اچجانءِ، تنگون ڀڄي ڇڏيندومانءِ."

پوءِ هن ڏٺو ته عمران سوٽ بوٽ ۾ گهر ۾ داخل ٿيو. سندس نياڻيون پلن وڳن ۾ ملبوس، هٿن ۾ طعام ساٽس گڏ اچي بيٺيون آهن. اوستو غفور به پنيان آيو— مزور ساڻ هٿن ۾ تيشي ۽ مارو. "استاد جاءِ جوڙيون پيا."

ائين استاد غلام علي هيڊ ماستر گهڙي آيو ۽ چيائين، "استاد پينشن به اچي ويئي اٿو."

استاد گدگد ٿيڻ لڳو. پوءِ هن اکيون کوليون پر اُتي ته ڪير به نه هو. دروازي ڏانهن ڏنائين، دروازو بند هيو پوءِ هن وري اکيون بند ڪري ڇڏيون جو اُتي ته ڪير به ڪونه هو!

❊

## نوٽ ڏرتي

مستن تي کهڙي ميار. پَرو ننهڙ اُس ۾ ڪي ڪلاڪ جهُمر هڻندو رهيو. ڏکهي چولي جو پلوَ مٿي ڪري جهولي جهلائي دانهون ڪندو رهيو: ”پيچ مولا!“؛ ”هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو“؛ ”هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو“؛ ”پيچ مولا“.

رب جي ذات وڏي آهي. اَگهي ته ڪائو ڪچ، نه ته ماڻڪن ڪي به موٽ. پَروءَ جي چوڏاري ماڻهن جا ميڙ هئا. پر رب جي ذات اجا به وڏي آهي، پروءَ جي جهول ۾ نه هو ڪائو ڪچ، نه هُن آچ ڪئي، نه هيس لچ. انگ اگهاڙو هڪ وڏو چولو جنهن جي هيٺان ڪجهه به نه هيس. هو ٻاڏائي رهيو هو. رڙيون ڪري رهيو هو. پر رب جي ذات اجا به وڏي آهي. جڏهن ڪو ڪرم ڪري. پروءَ جهڙا مست ته گهڻئي، پر پرو سڏبو ئي هو ”مينهاڻي مست!“ پرو ڪهڙو جي ”مينهاڻي مست.“

اج هن لاءِ آزمائش جي گهڙي هئي. ماڻهن جا ميڙ اک اک منجهس. سندس هر ڇُر پُر تي ماڻهن ۾ ڇُر پُر اچيو تي وئي. سندس هر نعري تي نعرو پي لڳو: ”پيچ مولا“؛ ”پيچ مولا“؛ ”هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو“؛ ”هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو.“

”جيڏو تنهن جو نانءُ اوڏوئي آسرو“ واري آسري تي خلق جميو بيٺي هئي. پگهر پي ڳڙيا. جسم پي سڙيا. پر هو سڀ آسروند هئا ۽ سندن هڪ نظر پروءَ ۾ هئي ۽ هڪ نظر آسمان ۾. اجا ته ڪٿي به آڪر جو اُهاءُ نه هو. ابر جو اُهڃاڻ نه هو. پر آسروند اهو ئي آسرو ڪنيو بيٺا هئا ته رب جي ذات گهڻي گهڻي وڏي آهي، وسي ته وڏتڙو اچي ته اڱڻ آگهاري برسي ته بهاري، اُني ته اُجايل پياري. اُجايل اُج ڪنيو بيٺا هئا. ڏرتي نوٽ هئي، سو ڪهڙي ساوا به سڪائي چڏيا هئا.

انهيءَ نوٽ سڪل ڏرتيءَ تي اج پرو بيٺو هو جنهن سان هن جو ازلي ناتو هو. سڄي ڳوٺ وارا سنيرن ته هو پروءَ مان مينهاڻي مست ڪيئن ليکيو.

پرو ڪو جائي جم ڪان مست ڪونه هو. پرو ائين ئي هو جيئن عام ٻار ٿئي. هڪ غريب پيءُ ماءُ جو غريب پٽ. ڦاٽل چولو هيٺان ڪجهه به نه. گهٽيءَ ۾ ليٽڙيون پائيندڙ مٽيءَ سان راند. ٻاراڻي وهيءَ جي مستي، ڪيس انهيءَ ڳالهه جو پتوئي نه رهيو ته هُن جا پيءُ ماءُ مري ويا آهن. هڪ ننڍڙي گهر ۾ يقين جي

حوالي، چاچي جي مار موچڙي هيٺ پئي پليو. پروءَ لاءِ سوٽن جو ولڙ وڏي نعمت هو. کيڏڻ، رڙيون ڪرڻ، واڪا ڪرڻ سندس وس هو. ننڍڙي ڪچائين گهر جي وڏي اڳڻ ۾ بيهي جڏهن ٻارن جي لڏي سان گڏ ڦيريون پائيندو هو ته سندس ڪيفيت ڪنهن مست کان گهٽ ڪانه هوندي هئي. جيتوٽيڪ سندس ڪابه اهميت ڪانه هئي، پر هو پنهنجي دلبريءَ جا داوَ ڏيکاريندو رهندو هو. سندس ڪلٽي، ملوڪ منهن لاءِ ڪنهن کي ڪو خاص چاهه نه هو. هو هڪ يتيم ٻار هو ۽ اهڙا يتيم، اهڙا ئوهه پٽن ۾ ڪيئن پيا هئا.

پروانهيءَ ۾ به خوش هو. سندس خوشي تڏهن وڌي ويندي هئي، جڏهن پنهنجي سوٽ مومل کي آڱر کان وني هلائڻ جي ڪندو هو. هوءَ جڏهن پدمڙا پيير کٽي هن سان گڏ اڳڻ ۾ هلندي هئي، ته هو خوشيءَ وچان رڙيون ڪندو هو ۽ پڇي زبنان کي سڏ ڪندو هو "پڇي، اوپڇي، هيءَ مومل ته ڏس ڪيئن هلي ٿي، جهڙي ڊيل!"

پڇي جنهن پروءَ کي پنهنجو ڪري رکيو هو ورانڊي مان جواب ڏيندي هيس، "ها، ها پريل مومل ته ڊيلن جي به راڻي آهي." هو خوش ٿي، مومل کي مٺي ڏيندو هو ۽ زور سان چوندو هلندو هو: "هلي منهنجي ڊيل راڻي، هلي منهنجي ڊيل راڻي!" ۽ وني اچي پڇيءَ وٽ بيهندو هو. پڇي هيڏانهن هوڏانهن نهاري چوندي هيس، "اڙي پريل، هوءَ ته ڊيل آهي تون ڇا آهين، منو مور؟" ته پرو مومل کي ڇڏي ٻانهون کولي مور وانگر نچندو هو ۽ نچندي ٽپندي ٻاهر هليو ويندو هو.

پروءَ جي اها نچڻ ڪڏڻ جي مستي ويتر وڌي ويندي هئي، جڏهن آرهڙ جا ڏينهن سانوڻ اچي نارينده هو. مينهوڳيءَ جي موسم پروءَ لاءِ من مستي ۽ ڦوهه ڦلارجڻ جا ڏينهن هوندا هئا. هو پهرين ڪٽيءَ تي ٻاهر نڪري ايندو هو ۽ خوشيءَ وچان دانهن ڪندو هو "پيچ مولا!" ۽ پوءِ سندس سوٽ به هنبوچيون هٽندا نڪري ايندا هئا، نعرن جو ڏوڏڪاٽ هوندو هو "پيچ مولا، چانڊي جا گولا." "پٽ تي نوڙي، مينهن آيو ڊوڙي" پر پروءَ جو وٽندڙ نعرو هوندو هو: "هڻ ڪو مولا گوڏي جيڏو!" نعري هڻن ۾ هو بنهه مست ٿي ويندو هو. جڏهن تکو مينهن پوندو هو ٻار سڀ اندر ورانڊي ۾ ڊوڙي ويندا هئا، ته به پرو بينو هوندو هو. سندس رڳ رڳ بهاريءَ ۾ هوندي هئي. هو مينهن ڦڙا بت تي وراڻيندو ويندو ۽ مينهن ڦڙن کي پيئندو ويندو هو. ڪڏهن ته گپ ڪٽي بت تي لائيندو منهن تي ملندو ۽ ڪڏهن ته ڏبن مان پاڻي پيئندو هو. پڇيس رڙيون ڪندي هيس: "پرو اڙي پرو مري پوندين، اندر اچ." پر هو مينهن جي گوڙ ۾ جڻ ته ٻڌندو نه هو. پر جڏهن چاچو نڙ ڪٽندو هو ۽ ورانڊي مان اُلاريندي

هيس: ”اڙي اچين ٿو يا نہ. هڏ گڏ پچي چڏيندو سانءِ.“ تڏهن لاچار اندر ايندو هو. پڦيس چولو لاهي سڪڻ وجهندي هيس ۽ هو پوتڙو ٻڌي، وراندي جي هڪ ڪنڊائتي در وٽ ويهي، مينهن جي ڪا لار جهتي وٺندي هو.

مينهن اجا اڪري مس هلندا هئا تہ پروءَ لاءِ ساوا پَٽ. پَٽ پٽيهر ٻڻجي پوندا هئا. هو لهي وڃي رئيس جي باغ ۾ پوندو هو خوشيءَ جون للڪارون ڪندو ليٽڙندو ويندو. يارن سان مستي ڪندو ويندو. موٽندو تہ اچڻ سان مومل کي ڪڻندو ۽ چوندس، ”منهنجي ڊيل راڻي هلي تہ سائي پٽ پٽيهر تي. هت نہ هلي، هلي تہ سائي پٽ تي. راڻي! باغ ۾ هلنديَن؟“

يڪدم چاچس رڙ ڪندي هيس، ”مٺا. باغ ۾ نہ ڪڻي وڃجانس. ڪو تو وانگر پنڌ تي ڪري. تنهنجي ٽنگن ۾ تہ لوهہ پيو آهي.“

”چاچي مومل وڏي ٿئي تہ پوءِ تہ هلندي؟“

”چڱو چڱو وڏي تہ ٿئي.“

هو مومل جي پدمڙن پيرن کي تڪيندو توريندو رهندو هو. پرو خوش هجي ۽ مومل پير نہ ڪڍي ۽ خوشيءَ وچان چيٽون نہ ڪري. مول جڏهن ڇتو ڳالهايو تڏهن بہ پروءَ دانهن ڪئي: ”پڦي ڊيل تہ ٻولي ٿي!“ پڦي وراڻيندي هيس: ”ٻولي سدا ٻولي، منو مورا“ ۽ هو ٻانهن جون ڪنيڙاتيون هڻندو پيرڙا ڪڻندو نچڻ لڳندو هو ۽ مومل بہ هاڻ ساڻس گڏ پيرڙو ڪڻندي هئي. مومل نچي ۽ پرو خوش نہ ٿئي.

ائين نئين موسم آئي، نئون سانوڻ آيو پروءَ ۾ جڻ تہ وڄ واسو ڪيو هو ۽ ڪيس اسڪول جو بہ خيال نہ رهيو نہ وري موسم جو ئي ڊپ! ڪڪرن جي اُهڃاڻ تي هو اسڪول مان ٻاهر نڪري آيو. چاچو پڙهڻ چا جو لکڻ. هو ٻيلا من جي مستيءَ ۾ ٻهاريءَ ۾ اچڻ وارو پکي. سو خشڪ پٽن، سڪل ميدانن کي ڏسندو ڊوڙندو آيو. ڪيس بس نہ هئي، جيستائين گهر نہ پهتو. هُن دانهن ڪئي، ”هڻ مولا گوڏي جيڏو.“ سيني سر تن گڏجي وراڻيو ”هڻ مولا ڪو گوڏي جيڏو.“ مومل ٻاتائي چيو ”هن مولا تو دوڏي ديڏو.“ ائين ابر ۾ اُهاءُ ٿيو گوڙ تي، گجگوڙ جا نڪاءُ ٿيا. وڄُ وراڪو ڏنو بادل مستيءَ ۾ ورندا آيا. ڦڙ ڦڙ ڦري لارون ٻڌي، پرو ٽيئن ٻهاريءَ ۾ آيو: ”هڻ مولا ڪو گوڏي جيڏو.“ وسڪارو ٿيو نيسارا وهيا. پر پرو اجا بہ مستيءَ ۾ هجي، مور ڪٿي پر ڪنڌيريا. ڊيل پريان آواز ڪري، پرو ڪنيڙاتيون هڻندو وڃي، چوندو وڃي: ”مولا اصل گوڏي جيڏو گوڏي جيڏو۔ گوڏي جيڏو مولا ـ!“ جيئن پروءَ صدا هڻي ٽيئن ڪارونيار ۾ وڄ وراڪو ڏئي، وڄ جو وڄُ اجا وڃي بس ڪري تہ بادل ٻڙ تي ٻيهن ۽ گوڙ جا ٽڪاءُ هيان

ڏڪائڻ ۾ مست هو. سندس ساٿي وراندي ۾ ويچي لڪا. هاڻ ته مومل جو به آواز نه هو پر پروءَ جي صدا صدين جون سڪون لاهي ڇڏيون. وسيو به ائين وسيو جو هاڻ پڪي پڪڻ لڪڻ لڳا. ماٺهوءَ جا ته اڳيئي ڦڦڙ ڏڪڻ لڳا هئا. ڪچيون جايون، سو هڪ هڪ نڪاءُ تي سندن پتيون تي لُڏيون، ڇتيون ته اڳ ئي وهي هليون هيون. گهر وارن جو بنهه ساهه منجهيل هو. هر هڪ اهو پي وراڻيو "جل تون جلال تون آئي بلا کي ٽار تون."

پڦي زينو ته وراندي ۾ بيٺي هئي، هاڻ ته هوءَ پروءَ کي سڏ به نه ٿي ڪري سگهي، متيون منجهيل هر هر "حسبي الله..." جو ورد پئي ڪيائين ۽ شوڪارا پئي هنيائين. چاچي، پڦي صفوران ۽ ماسي نعمت، تغاريون ۽ بالٽيون ڇت هينان ڏيڻ ۽ گاري ڊوئڻ ۾ پوريون هيون ۽ چاچو تيشي کنيو پرهلن کي بند ڪرڻ ۾ لڳو پيو هو. مينهن هٽي جاءِ کي ڇني وڏو هو ڪلاڪ کن ۾ مينهن اصل پوريون ڪري ڇڏيون.

ماسي نعمت ته وهلور پئي ويئي، "هئڙو مينهن نه ڏٺوسين نه ٻڌوسين. اصل قيامت اهي قيامت." چڱي ويل وهي ويئي، مينهن بس نه ڪري، ائين سيڪنهن کي محسوس ٿيو ته ڪا خاموشي آهي. هاڻ مينهن گوڙ وڄ جي نڪائن سان گڏ هڪ آواز بند ٿي ويو آهي. چاچو يڪدم اُيو تي ٻاهر ڊوڙيو پڙو اُتي ئي بيٺو هو هاڻ هو نعرو نه هٽي رهيو هو. هو مينهن جهتي رهيو هو آهستي آهستي پٽڪي رهيو هو "واهه ڙي مولا واهه. بنهه بهاري ڪري ڇڏيئه مولا، اصل رنگ لڳي ويا. واهه منهنجا مولا!"

اِئين چاچي وچي ٻِتر ڪان جهليس. ڪنيي اندر ڪٽي آيس، "ڪتي جا ڦر، اسان جو تو وچي سِرُ ۽ تون آن بهارين ۾. "هڻ مولا گوڏي جيڏو"، هاٽي جهل دب. جاءِ جهڪي آ، ڇت وهي آ، اجا به مولا گوڏي جيڏو!" نڙ ڪٽي چلم مان ڪڍيائين ۽ اچي ورتائينس: "اڙي چوندين هڻ مولا گوڏي جيڏو. پٺهين برگهل بند ڪندو ماٺهين گارو ڪندين. توکي اصل نه ڇڏيندس. اڙي ٻيا ڪهڙا هئا، جن گوڏي جيڏو جو نعرو هنيو هو؟"

ٻين نينگرن جو ساهه مٺ ۾ هو. ڪن ته ڪندون پاسا ورتا هئا، گلو ۽ شيرل ته ڪٽ هينان وچي لڪا هئا. "نڪرو ٻاهر نڪرو اڙي وَرِوُ شمو يارو هيڏي اچو."

ڇوڪرا جيئن ايندا ويا تيئن چاچي نڙ ڦيرايو "اڙي گهوڙا ڙي مري وياسين، اڙي بابا ڙي، الاڙي- گهوڙا ڙي" پي پئي. اِئين وڏو نڪاءُ ٿيو. سڀ چپ

تي ويا، اُن سان گڏ "ڌبڪ" جو آواز ٿيو. سيني ورانديءِ مان ٻاهر ڏٺو رنڌڻي جي ڇت ويهي ويئي هئي. اُن سان گڏ سيني ڏٺو تہ پرو چپ چاپ ٻاهر وڃيو. وچ اڱڻ ۾ بيهي رهيو نَنڍڙا هٿ مٿي ڪٽي چيائين "مولا هاڻ هالار ۾ هارينس." هُن وري صدا هنئي "مولا، هاڻ هالار ۾ هارينس." "مولا ـ مولا ـ منهنجا مولا!"

پروءَ جي صدا بہ ڪا صدا هئي. مينهن جهڪو ٿيڻ لڳو ڪا گهڙي نہ گذري جو مينهن بس ٿي ويو. پرو اتي ايستائين بيٺو رهيو جيستائين، ڪڪر ٽڙي پکڙي نہ ويا، هاڻ تہ ڏينهن شينهن هو. سڀ ٻاهر نڪري آيا. پڦي زينو وڏي پروءَ وٽ اچي بيٺي ۽ سندس منهن ۾ نهارڻ لڳي. اِئين وڏي واڪي چاچس کي چيائين، "ادا نصير، هيءُ ڇوڪرو فقير اٿئي، ملنگ مست اٿئي، آئندي سنيالي هٿ ڪٽندو ڪر. سندس ڪرامت ڏٺئي!"

گهر وارا سيئي پروءَ جي چوڌاري مڙي آيا هئا، هن کي ائين ڏسي رهيا هئا، جڻ ڪا نئين شيءِ ڏٺي هئائون. چاچي نصير ويجهو اچي پروءَ جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ پوءِ ڪِريل رنڌڻي ڏانهن وڌي ويو. هاڻ تہ مومل بہ پدمڙا پير ڪٽندي ٻاهر نڪري آئي هئي.

"پلو ـ مولا دوڙي ديڏو نہ ڊيل راڻي هلي ڪيون." پرو هن کي هلائيندو "منهنجي ڊيل راڻي هلي" ڪندو ٻاهر نڪري ويو. هن ڀيري سندس چاچي خاموش جمي بيٺي هئي، هن کي مومل جي ٻاهر وڃڻ تي شايد ڪوبہ اعتراض نہ هو. پرو سڏو اچي رئيسن جي باغ مٿان بيٺو ۽ برسيل جي بهار اُني جي هڳاءُ ڪان مست ٿي مومل کي ڏسي رهيو هو جيڪا کيس هن مست ڪندڙ موسم جهڙي پئي لڳي. هيءُ ڏوتل پوتل وڻ، اُجريل ڌرتي، هو گپ ۾ ويهي رهيو مومل گپ ڪٽي کيڏڻ لڳي. اج پرو ٻهاري ۾ هو مينهن وسيا هئا، ٻهاريون ٿيون هيون، ڊيل راڻي ساڻس هئي.

هوڏانهن ماسي نعمت کي برقعو نہ ٿي هٿ آيو ٿوري دير ۾ گهر گهر ۾ اهائي وات وائي هئي، "پرو ڪاني ڪرامت وارو آهي" ۽ ائين پروءَ جي ڪرامت سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي. الائي ڪٿان ڪٿان ماڻهو اچڻ لڳا. سيني نَنڍڙو مست ڏسڻ تي گهريو. اچرج مان پروءَ کي ڏسندا هئا ۽ ڪانئس دعا گهرائيندا هئا. پرو منڊ ۾ تہ حيران هو تہ هيءُ آهي ڇا؟ پوءِ جڏهن نذر نياز ملڻ لڳو اسڪول بند ٿيو مار موچڙو بنهہ گم، پرو بالم تي مست ٻڻجي ويهي رهيو. چاچي نصير ۽ پڦي زينوءَ جي تہ چاندي هئي. آهستي آهستي گهر ۾ رونق اچڻ لڳي. پرو ڪوڙا سچا ليڪا پائيندو وڃي، "حق الله هو" جو نعرو هڻندو وڃي ۽ چاندي نہ وسي!

جيئن ڪرامتون ڪامياب ٿينديون ويون، پرو ڪامياب مست بڻيو ويو. هو ڪڏهن ڪڏهن پڦيءَ کان پڇندو هو "پر پڦي مون کي تہ ڪجهہ بہ نہ ٿو اچي، مان قرآن بہ پڙهيل نہ آهيان. الف بي بہ پوري نہ ٿي اچيم. مان ڪيئن ڪرامت وارو ٿيس؟"

پڦي، هُش ڪري آهستي چوندي هيس، "منو مور، ڪرامت جي صاحبن کي ٻاهرين علم جي ضرورت نہ هوندي آهي. توکي باطني علم آهي پٽ! تون رڳو نيت سان اُبتو ليڪو ٿو پائين يا هٿڙو ٿو گهمائين يا پاڻيءَ ٿو شوڪارين يا پاڻيءَ ۾ ٿو هٿ ٻوڙين تہ سيني جا ڪم سولا ٿيو ٿا پون ۽ اُن سان گڏ اسان جا بہ ڪم سولا!"

پرو ڪجهہ بہ نہ سمجهندي ڪنڌ ڌوڻيندو هو. پرو جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو، سڀ ڳالهہ ڪيس سمجهہ ۾ ايندي وئي. هن چاچي جي مجبوري بہ سمجهي، سڄي گهر جي بي وسي جو بہ پتو پيس. هن پاڻ کي مست سمجهڻ شروع ڪيو. هاڻ هنن جي گهر ۾ غريبيءَ جو نانءُ نشان نہ هو. ڪچي گهر مان پڪو گهر ٿي ويو اوطاق نهي وئي، وڏي ڳالهہ تہ پروءَ لاءِ ڌار ڪمرو نهيو جنهن کي آڏو سهڻو ڇاپرو هو. سيڪجهہ چاچي نصير جي نظرداريءَ هيٺ نهيو. آخر چاچو پراڻو رازو هو. هاڻ تہ سندس هٿ بہ ڏڪندا هئا. پوءِ هو ڪيئن رازپو ڪري ٿي سگهيو! هونءَ بہ ڪيس رازپي جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ قدرت جا بہ عجيب رنگ آهن. ڪنهن کي هٿ ۾ شفا ڏئي، ڪنهن کي هٿ ۾ ڪرامت ۽ پروءَ جو ننڍڙو هٿ ڪجيو ناهي، ۽ سواليءَ جو سوال پورو ٿيو ناهي! هاڻ تہ پروءَ جا هٿ مضبوط جوانن وارا هٿ هئا. ڪرامت ۾ بہ اوڏوئي زور هو.

پروءَ لاءِ هاڻ اها ڳالهہ ڪا دلچسپيءَ واري ڳالهہ نہ هئي، هن لاءِ جيڪي ڪجهہ هو سا مومل هئي. مومل هاڻ پوري ڊيل راڻي هئي. هوءَ هُن جي سامهون جوڻ متائيندي رهي. هاڻ هوءَ هڪ خوبصورت ۽ ڊگهن وارن، جهٽ ڪلڻ ۽ جهٽ بند ٿيڻ وارين وڏين اکين واري سهڻي راڻي هئي. پرو جيئن ڪيس راڻي سڏيندو آيو هو تيئن سڏيندو ايندو هيس. مومل جو چاهہ بہ رنگ متائيندو رهيو. هاڻ جڏهن هوءَ پروءَ جي پير ۾ وهندي هئي ۽ پرو سندس هٿ وٺي، مَٽ ۾ وجهندو هو تہ ٺڌو پاڻي سندس رڳ رڳ ۾ ڦهلجي ويندو هو. اُهو پاڻي ٻين لاءِ تہ شفا جو پاڻي هو. پر مومل لاءِ آب حيات هو. هوءَ روز اُن هٿ لاءِ واجهائيندي رهندي هئي، تہ ڪڏهن ٿو پرو سندس هٿ وٺي. هوءَ نہ چوندي بہ چوندي هيس: "پرو، منهنجي هٿ ۾ ڪهڙي شفا آهي؟ تون منهنجو هٿ ڇو

تو مٿ ۾ وجهرائين؟“ پرو سندس منهن ڏي ڏسي مرڪي ڏيندو هو.

پرو اُن ڏينهن تہ بنھہ سندس ويجهو وهندو هو. جنهن ڏينهن هوءَ وهنجي سهنجي، اُجريل ڪپڙا ڍڪي، آلا وار پکيڙي، دبڪيءَ ۾ ماني ۽ اُن تي ٻوڙ جو پريل وٽو رکي، تلندي سندس ويجهو ايندي هئي. پرو ماني پاسي تي رکي، ڪيس ٻانهن ڪان وٺي وهاريندو هو. سندس اکين ۾ نهاريندي، هو ويجهو وجي سندس وارن جي اڻ اٽيل تاجي پيٽي کي ڇڪي، نڪ جي ويجهو آڻي، وڏا ساهہ کڻندو هو اُن مهل بي اختيار ٿي چوندو هو ”رب منهنجي جي قدرت!“ موملِ وَرُ وَرُ ڪري پڇندي هيس ۽ اُن جو جواب بہ ساڳيو ملندو هيس، تہ بہ هوءَ چوندي هيس: ”پرو ان ۾ ڪهڙي رب جي قدرت آهي؟“

”راڻي تنهنجي آلن وارن مان اُهوئي هڳاءُ اچي ٿو جيڪو اُني ويل ڌرتي ڇڏيندي آهي، ۽ ملڪ واسجي ويندو آهي. ڇا اُهو هڳاءُ عطر عنبير کان گهٽ آهي!“

اُني جي ويل سان سندس قرب هليو آيو. اُني جون بهارون آيون ناهن. پرو ڇاپري ۾ نڪري ايندو سندس صدا اُها ئي هوندي: ”هڻ مولا گوڏي جيڏو!“ اجا هڪ بہ صدا مس هڻندو تہ موملِ پري کان ڊوڙندي ايندس. ”بس پريل!“ هو ماٺ ٿي ويندو. پر اُهو ٿي پيو نچندو. مينهن بٽ تي ورائيندو پاڻيءَ جون لارون پيئندو ڌٻن مان ڏِڪ پريندو مٿي ڪٽي ٻوٽ تي لائيندو هڪ وڏو مٽيءَ جو چاڻو ڪٽي مٿي تي رکندو هو. هڪ چاڻو ڏوپجي ويندس تہ پيو ڪٽندو. چڱي ويل ڪان پوءِ موملِ سڏ ڪندي هيس ۽ هو اندر ڇاپري ۾ هلي ايندو هو. موملِ پوتڙو ڪٽي انگ اُگهندي هيس. هو ڏيرج سان هٿ وٺي سندس هٿ ۾ پيل نِڪر جي ڇٽيل ڇلي کي وٺي ڦيرائيندو هو ۽ پوءِ انگوڇو وٺي، پاڻ کي پاڻ اُگهندو هو. هوءَ چپ چاپ ٻاهر وڃي ڇاپري ۾ ويهندي هئي ۽ پرو لٽا مٽائي اچي پر ۾ ويهندو هيس. موملِ سندس اکين ۾ نهاري چوندي هيس: ”پريل تون مينهاڻي مست ڇو آهين؟ مينهن توکي مست ڇو ٿو ڪري؟“

پرو مُرڪي چوندو هيس: ”راڻي، مينهن ۽ هن ڌرتيءَ جو ازلي لاڳاپو آهي. اسين هن ڌرتيءَ جا ننڍڙا ڏڏي آهيون. اسين بہ مست نہ ٿينداسين تہ ٻيو ڪير ٿيندو! ڇا توکي مينهن مست نہ ڪندو آ؟ هن جهُڙ ڦُڙ جي بهاري ۾ تون ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿي ڪرين؟“

موملِ انهيءَ جملي سان جڻ تہ ڇڪجي سندس پر ۾ هلي ويندي هئي ۽ پوءِ سامهون وراندي ڏي نظر ڦيرائي هڪدم پوئتي هٽي ويندي هئي. رڳو ايترو چوندي هيس: ”پرو مون کي پتو ناهي!“ اهو چئي رئو ڪٽي ڇباڙيندي هئي يا انهيءَ نڪر جي ڇلي کي ڦيرائيندي هئي، جنهن ۾ سندس ساهہ هو ۽ پرو يڪدم هٿ وٺي چوندو هيس:

”انهيءَ ڇلي جا ڇڪر مان ڦيرائيندس، گهمي تہ تو پر سولو نہ ڪاڏي ويندو نيٺ تہ هن هٿ وس ايندو.“

مومل مرڪي چوندي هيس، ”هاڻي تنهنجي هٿ وس ناهي ڇا، هينئر بہ تہ تنهنجو آهي!“

”نہ راڻي جڏهن مان موڙ ٻڌي تنهنجن رتڙن هٿن ۾ هٿ وجهي انهيءَ ڇلي کي مقدر سمجهي ڦيرائيندس، پوءِ جيڪي نصيب!“

مومل شرمائجي ڇاپري جي ڪنڌ وجي ڪٽندي هئي ۽ سندس ساهہ اُيو ڪچندو هو. پرو ويجهو ويندو هو تہ هوءَ هٿ وڏائي چوندي هيس:

”پرو انهيءَ ڇلي کي ڦيرائيندو ڪر، الائجي ڇو منهنجو شاديءَ ۾ ايمان نہ ٿو ٻيهي، هونئن بہ پرو شادي محبت جو معراج تہ ڪونهي.“

پرو هڪ سادي سودي نينگر کان اهي اکر ٻڌي، ڇرڪي ويندو هو ۽ ڳالهہ ٽارڻ لاءِ چوندو هيس: ”تون بہ ڪنهن کان گهٽ ناهين. بنهہ مست آهين، مون کان بہ وڌيڪ۔ تو ۾ هونئن بہ مٽيا آهي، پر راڻي جڏهن سمجهہ پريو ڳالهائين ٿي تہ بس، پوءِ اسان پارو مست وڏو مست ٿي وڃي ٿو.“

ائين ٻئي ڄڻا کلي ڏيندا هئا ۽ پڦي زينو جيڪا هاڻي قبر ۾ پير لڙڪايو ويٺي هئي، سامهون وراندي مان اهو نظارو پئي پسندي هئي. نُور اجا سڄو هيس، پر سندس ياءُ چاچي نصير کي تہ پتو بہ نہ ٿي پيو. پڦي زينو ڏسندي ڏسندي ڪنڌ لاڙي ياءُ کي چوندي هئي، ”ادا، هو جوڙو ڏسين ٿو؟“

”ڪهڙو جوڙو.“

”پکين جو؟“

”مينهن ۾ اجا پکي وينا آهن.“

هوءَ گهڙي ماٺ ڪري، پوءِ چوندي هيس: ”ادا، پريل جي پارت اٿئي.“

”توکي بہ رکيو رکيو ٽا پُور پون. الله ڪري جُڙي هجين، مون کي پارت چو ٿي ڪرين.“

”ادا، مومل کي پريل کان ڌار نہ ڪجانءِ نہ تہ سيڪجهہ ختم ٿي ويندءِ ٻڌايانءِ ٿي، اِهو بہ ٻڌايانءِ ٿي تہ هيءُ نهيا ئي هڪبئي لاءِ..“ ۽ اچي ڪنگهہ چڙندي هيس، هوءَ ساڻي ٿي ڪرندي هئي ۽ چاچو نصير ڪيس اوچڻ ڍڪي سمهاريندو هو.

”چري، ڳٽتي چو ٿي ڪرين؟ گهر جي گهر ۾ ڳالهہ آهي، ڪا پري آهي ڇا. ڪنهن ڏينهن مڪا ميڙو ڪرائي ڇڏيندا سون.“ ائين چوندي هو مرڪي بہ ڏيندو هو ۽ ڀيڻ کي دلداري بہ ڏيندو هو. پر پريان ماسي نعمت جيڪا ڪن

لايو ويني هوندي هئي. ڪوڙو منهن ڪريو موڙو ڏيندي هئي ۽ آهستي پٽڪندي چوندي هئي، ”رک ڏٽيءَ تي، رڳو منهنجو شيرل روزگار سان لڳي، ڏس تہ مان ڪيئن تي پنهنجا بيڙا بني لايان.“

ماسي نعمت جي ٻيڙن ڪي واقعي ڪو واءُ سولو لڳو جو پڦي زينو تہ الله ڏي هلي، پر چاچي نصير بہ ڏڪ نہ جهليو. مِني پيڻ جي ڏڪ هٽي ڏڪي وڌس. ٻئي جٽا وڏي جيءَ سان تي جيا، پر جيءَ جو ڪهڙو جياپو سڀ ڪي ڏٽيءَ وَس. وٽيس تہ جياري وٽيس ڳڳُ پن ڪري ڇڏي.

پروءَ ڪي ڪنهن بہ اڄ تائين رئندي نہ ڏٺو هو سو وَسيو ۽ سندس اکين جي وسڪاري، مومل ڪي وبتر رئاري وڌو. مومل هجي پئي ۽ سندس هڇيل هانءُ ڪي ڏسي، پروءَ ڪٽي ماٺ ڪئي نہ تہ شايد اُپ ڪي بہ رئاري ها، پر پروءَ جو هانءُ تڏهن ٻنهہ ڪاڃي ويو جڏهن هڪ ڏينهن مومل ڏانهنس نہ لڙي، منجهند جو ماني بہ ماسي نعمت ڪٽي آيس. هُن رات تائين صبر ڪيو پر جڏهن رات جو بہ ماسي نعمت اچي سندس آڏو ماني اُڇلائي، تڏهن هو ٻرُ تي ويو. ”مومل ڪاتي آ.“

”مومل ڪا تنهنجي ٻَڌل ٻانهي آ جو هر ويلي تنهنجي ماني ڪٽي اچي، ٺهل ٺڪور ڪري“

”ماسي مستن ڪي نہ ڇيڙ“، پروءَ رڙ ڪئي اُن سان گڏ سندس اکيون ڳاڙهيون تي ويون.

”اِهي اکيون ٻين ڪي ڏيکار اِهو ميڻهاٽي مست تون ٻين لاءِ هوندين، مان سجاٽانءِ تي تہ تون ڪهڙو مست فقير آن! مون سان گهٽي ٺين ٺين ڪندين، تہ وجهندس هٿ برقعي ۾. جيئن مون ٻاڙي ٻاڙي وجي توکي مست ناهيو هو هاڻ تنهنجي مستي ڪيڏي ڪنديس ٻاهر.“

پروءَ يڪدم ماني ڪٽي ٻاهر اُڇلائي، ”نڪري وڃ هتان.“

”وڃان تي پر اِهو ياد رک تہ مومل هاٽي شيرل جي نالي تي چڪي آهي، جي تون اُن جو نالو بہ ڪنيو آهي، تہ مون جهڙو بڇڙو نہ ٿيندءِ!“

پَرو حيران تي سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳو ڪا گهڙي هو خاموش رهيو. پوءِ تہ جڻ جلالي اچي ويس، يڪدم ٺپڙ ڪٽي اڇلايائين، مَستن وانگر مست تي پيو ڏانهن اهڙي ڪيائين جو ماسي نعمت چرڪي وٺي ٻاهر ڀڳي. پروءَ رڙ ڪئي ”مولا. ڪٿي آهين. مولا. ڪٿي آهين!“ ۽ هو جوجُڪيءَ ۾ ٻاهر نڪري آيو اڱڻ ۾ ڊوڙڻ لڳو ”مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو! مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو.“

نار جا ڏينهن هئا. سڀ وراندي مان نڪري آيا. ماسي نعمت وڃي ڪنڌ جهلي هئي، پروءَ جي چاچي وڏي آيس، ”ماسي ڇا ڪَيس!“.

ڏنائين، جيڪا بت ٻڌيو بيٺي هئي، چوڌاري سڀ ياتي مڙي ويا هئا. ماسي نعمت جو آواز چٽو هو "ٻڙي، هن جو خيال ڪيو. هيءُ الله لوڪ نينگر اٿو ڪرامت ڪانہ ڏنو؟ ونی هلي اندر ويهاريوس. هنڙا الله لوڪ ماڻهو ڪانيءَ ڪرامت وارا ورلي پيدا ٿيندا آهن." پروڪڙو ڪولي ٻاهر نڪري ويو. هن جي وڃڻ تي مومل جڻ سجاڳ ٿي پئي، دانهن ڪيائين، "پريل- پريل!" پرو جيئن ڏيڍي چائنٺ ٽپيو تيئن وري نہ آيو. هو هاڻي سچو پچو ميهناڻي مست هو. هڪ الفي ۽ پاڻ، ڪڏهن کهڙي دڪان تي، ڪٿان ريوڙيون کنيائين، ڪٿان پڳڙا. ڊوڙون پيو پائيندو رکي رکي دانهن پئي پوندس، "هاڻي جهڙڦڙ ٻهاريون نہ ٿينديون، هاڻي مينهن نہ وسندا."

ڪو ڳالهائڻ جي ڪندس تہ وارن ۾ ڊڪيل چپ کُلي پوندس ۽ کلي چوندو "منا. شادي محبت جو معراج ناهي."

ڪو دل جليو اُتي ئي پڇندس، "ميهناڻي مست! پوءِ محبت جو معراج ڇا آهي."

"جهڙڦڙ جي ٻهاري ۽ وسندڙن جو خير!"

"پر تون ڇئين ٿو تہ هاڻي مينهن نہ وسندا، هاڻي جهڙڦڙ جي ٻهاري نہ ٿيندي"

"اڪين جي جهڙڦڙ کي ڪنهن روڪيو آ!"

پرو غلاموءَ جي دڪان تي گهڻو ويهندو هو غلاموءَ سان دل بہ هوندي هيس. رات جو سندس دڪان جي دڪيءَ تي سمهي پوندو هو. تڏ ۾ ولهہ ۾، سوڙيا رلي بہ نہ ورتائين، دڪان مان ٻہ- ٽي ڦاٽل ڳوٽيون کنيائين، جيڪي کيس رات جو اوچڻ جو ڪم ڏينديون هيون. غلامو جو پاڻ بہ ڦتيل هو ڪو نينهن لاتو هئائين، پر دل جو دلبر کيس ڏڪ ڏئي هليو ويو هو. هو جڏهن پرندو هو تہ يڪدم دانهن ڪري ڇڏيندو هو "پريل! دل ڪنهن سان لائجي؟ هنن ماڻهن سان جن ۾ وفا ناهي؟"

پريل رکي رکي چوندو هيس، "پنهنجي مولا جا غلام. تون هن مولا جي ڏرتيءَ جو بہ غلام آهين. هتي ڌرتيءَ سان نينهن لاءِ، ڏاڍي سوادي اٿئي." پوءِ مٽي کڻي مٿي ۾ وجهندو منهن تي مکيندو ڏڏڙ اُڏائيندو ڊوڙندو ويندو "واهہ منهنجا مولا، اصل ٻهاريون ڪري ڇڏيئي."

هاڻي تہ واقعي مٿيءَ جو مينهن وسڻ لڳو هو. ڪيتريون مندون ٽري ويون، ۽ هيءَ نئين مند بہ خير سان پوري ٿيڻ تي هئي، مينهن جو تہ پتوئي نہ هو چوڌاري خشڪيءَ جو سمنڊ هو جنهن ۾ سڀ پئي سڙيا ۽ ٻريا. ڍورا ڍوريون، ڪسيون، ڪورون، تل ترايون سڀ خشڪ هيون. وڻ ٽڻ، پڪي پکڻ، ڍور ڍڳو

سوڪهڙي جو ساءُ نتي ماٺي سگهيا. ڪن دم تي ڏنو تہ ڪي پوين پساهن ۾ هئا. ٻنيون ٻارا تہ ٻري ٻارڻ ٿيا. هاڻ ماڻهن جو وارو هو. سڀ پروڪي ڦري ايندا هئا. پر هو دانهن ڪري چوندو هو: "هاڻ جهڙتڙ جون ٻهاريون نہ ٿينديون. هاڻ مينهن نہ وسندا." ۽ ڊوڙ پائي شاهن جي درگاهہ واري ميدان ۾ لهي ويندو هو. پوءِ هن کي ڪير وٺي. نيٺ غلاموءَ چيس: "پرو ائين نہ ڪر. مينهن وساءِ!"

"مينهن منهنجي مولا جي هٿ وس آهي. پروءَ کي ڪهڙي طاقت آهي."

"پر پرو تنهنجي دعا ۾ وڏي طاقت آ. تون ڪٺي دعا گهر. ڌس ڌرتي سڄي نوٽ تي وئي آ. هاڻ تہ کوهيون بہ سڪي ويون آهن. باقي بچيو آ مارڪيٽ وارو کوهہ اهو بہ گهٽا ڏينهن؟ هيءَ ڌرتي وڏيڪ نوٽ رهي تہ اسين سڀ نوٽ تي ويندا سين پريل!"

پرو ڪلندو هوءِ پور پوڻ تي چوندو هيس: "منهنجي مولا جا غلام منهنجي مولا جي ڌرتيءَ جا غلام هن ڌرتيءَ ۽ سندس ماڻهن جي نوٽ هجڻ ۾ شڪ اٿئي ڇا؟ پر اهو ياد رک تہ ڌرتي هميشہ دان گهرندي آهي. سمجهيئہ! ڌرتي دان گهري ٿي!"

غلاموءَ دان تي چرڪيو. سيني کي سڌي چيائين. ۽ خير خيراتون شروع ٿي ويون. پر شايد اُتي نہ اگهاميون يا اڃا دير هئي.

هن ڀيري غلاموءَ کي جيئڻ پروءَ منهن تي چڙهيو اصل ٻِرُ تي بيٺس: "تون مست ٿيو آن. ڏوڙ جو مينهاڻي مست آن! تون الله لوڪ آن. رڳو عاشق جيئڙو آن. مومل جي عشق ۾ حيران. اڙي ڪر اٿئي هن ڌرتيءَ سان بہ عشق؟ ڌرتي دان گهري ٿي. ڏوڙ نہ چائي. هاڻي وڃي ڏوڙ پاءِ. مومل ڪارو منهن تي ڪرئي. سڀ مومل کي مڃائي آيا آهن. هوءَ توکان فقيري ۽ مستيءَ ۾ گهٽ ڪانهي. اڄ دعا گهرندي. ڌس تہ منهنجو رب ڇا ٿو ڪري؟"

پرو ڪا گهڙي جمي ٻيهي رهيو پوءِ ڊوڙ پاتائين. سڌو وڃي پنهنجي گهر جي ڏيڍيءَ وٽ پهتو پر چائنٺ نہ ٽپيو. اندران مومل جو آواز پئي آيو "مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو!"

"ڀيچ مولا. منهنجا مولا رحم!" پروءَ اُت بيني ئي سين هنئي: "ڀيچ مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو!" هڪ ئي صدا تي مومل ڊوڙندي ڏيڍيءَ وٽ پهتي. پرو هن کي سڃاڻي نہ سگهيو هڏن جو پڃرو! ڪاڏي ويا چوٽا چنبيل جا. ڪاڏي ويون پنڃيون پناهہ واريون. ڪاڏي ويا گل گلاب جا. ڪاڏي ويا عطر عنبير جا هٻڪاءُ! هو هڪ نوٽ خشڪ سڪل ڌرتيءَ کي ڏسي رهيو هو.

مومل هن جي ملوڪ منهن کي چيڙهالي وارن جي ڪڪرن ۾ پسي ڪو خوش ڪانہ ٿي. اَڃي اُجري ماڻهوءَ کي ڏڏڙ ۽ مٽيءَ جي تهن ۾ ڏسي ٻُوڙها ڳڙي پيس. هوءَ وڏي ونس آئي. پروءَ ڏيرج سان سندس هٿ ورتو. اُتي اهوئي نڪر

جو چنيل چلو موجود هو. هن ان کي ڦيرايو ۽ چيائينس، ”راڻي! هاڻ بهاريون ٽينديون، مينهن وسندا، سيڪجهه اوجري پوندو تون دل نہ لاهہ.“

۽ هن زور سان نعرو هنيو ”مولا! هڻ ڪو گوڏي جيڏو.“

هن ڏٺو تہ ماسي نعمت اچي پيرن کان جهليو هيس، ”ابا، پنتي نہ موٽ بس، جيڪا ٿي، سا ٿي. مومل اج بہ تنهنجي آهي، تنهنجي رهندي، مون کان خطا ٿي.“

هن آهستي پير ڇڏايا ۽ گهوري ماسي نعمت ڏانهن نهاريو ”ماسي، مستن سان وڏيڪ مستي ڪندينءَ تہ تنهنجي شيري کي خاڪ ڪري ڇڏيندوسانءِ.“

”اڙي ابا، هن تہ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. هن تنهنجي ڊپ کان مومل سان شادي ٿي نہ ڪئي.“

”مومل سان شادي؟“ پرو ڪليو ڪلندي ڪلندي چپ پڪوڙجي ويس.

”هيءَ مومل ٿوروئي آهي، هيءَ تہ منهنجي ڌرتي آهي ۽ هن سان لائون لهڻ لاءِ ٻاڙهو گهوٽ ڪپي. ڌرتيءَ لاءِ سر ڏيڻ سُترو ناهي، ڌرتي دان کان سواءِ ڪنهن جي ڪانهي، سمجهيئہ ماسي!“

ماسي ڪجهہ بہ نہ سمجهندي وچي پٽ ۾ لڳي هئي.

پروءَ مرڪي، مومل جو هٿ ورتو. ونې چلي کي ڦيرو ڏنائين ۽ صدائون هٽندو ٻاهر نڪري ويو ”هڻ مولا گوڏي جيڏو!“ جيئن گهٽي ٽپي پرئين پر ٽيو تہ نظر وچي رئيسن واري باغ تي پيس، جتي هاڻ سلا بہ سڙي خاڪ ٿي ويا هئا. وڻن جي جڻ ڪنهن چانگ ڪري ڇڏي هئي. هو آهستي لهي ان پٽ تي بيٺو جيڪو ڪنهن وقت هن لاءِ پٽ پٽيهر هو جنهن جي سائي گاهہ تي هو ليٽڙيون پائيندو هو. هو ان ئي پٽ تي دڙها هڻڻ لڳو جيڪو هينئر خشڪ ميدان جي صورت اختيار ڪري چڪو هو جنهن جو هر حصو نوٽ ٻڌجي چڪو هو. گهڙيءَ ۾ ماٺهو اچي مڙيا. سڀ آسائتا، آسروندا، اُجايل اُج کنيو بيٺا هئا ۽ ڌرتي نوٽ هئي.

.............

هاڻ پروءَ جي مينهاڻي مست هجڻ مان ماڻهن جو بہ ايمان لڏڻ لڳو. پروءَ جي زبان نوٽ ٿي وئي هئي. هو نچي ڪڏي ٿپا ڏئي ڪنيڙا ٿيون هٽي سهڪي پيو هو. سندس نڙي ويهجي وئي هئي، پر سندس صدائن ۾ ڪا بہ ڪمي نہ آئي هئي، اُها ئي صدا، پر منهنجي رب جي ذات اجا گهٽي وڏي آهي، جڏهن راضي ٿئي. پروءَ کي الائجي ڇا ٿيو اوچتو هن دانهن ڪئي:

”ها منهنجا مولا، هيءَ نوٽ ڌرتي دان گهري ٿي، رت جو ريج گهري ٿي، تون سو منهن نہ موڙ باقي بندو حاضر آهي.“ ائين چئي پرو نوڙبو وچي نہ اڙ

## دردونديءَ جو ديس

گهر تہ ساڳيو هو پر ان جا مڪين وقت بوقت مٽبا رهيا هئا. هيءُ هڪ سرڪاري گهر هو جنهن گهر ۾ پنهنجي ابي امڙ سان چوڪراٽي وهي ۾ رهيو هوس ۽ من جون ڪيئي موجون ماڻيون هيم. ورهين پڄاڻان اڄ ان گهر جو نئون مڪين مان هيس. مان اتي ئي سول سرجن ٿي پهتو هوس جت بابو اڳ سرڪاري ڊاڪٽر هو. زماني هن گهر کي ڪيئي لوڏا لما ڏنا هئا, پر لوڏي لمي، مرمت جي ٽوٽين ۽ ٽنين سان سرڪاري گهر ڪرندا نہ آهن، جو انهن جا بنياد پراڻا پر مضبوط هوندا آهن. شهر پهتس تہ مان سڌو اسپتال هليو ويس. شام ڏاري هن جهونڙي پر هڪ پڪي ارادي سان بينل گهر ۾ داخل ٿيس. اندر اهي ئي ڪمرا, پر ڪجهہ جهڪيل ڇتيون، ڀڳل فرش ۽ اڌوهي کاڌل -رن ۽ درين منهنجي آجيان ڪئي. مون کي انهي صورتحال سان بہ ڪا غرض نہ هئي تہ ڪٿي صفا سيٽ بہ هئا يا نہ. ڊبل بيڊ تي هڪ هلڪي نظر ڦيرائي، مان ان ڪمري ڏانهن وڌيس جت پندرنهن سال اڳ مان رهندو هيس. بين ڪمرن مان ٿيندو ان پاسيري ڪمري ۾ گهڙيس تہ حيران ٿي ويس, منهنجو بيگ ۽ ٻيو سامان ان ئي پراڻي ميز تي رکيو هو جنهن جا پراڻا لڏندڙ پاوا اڃا سلامت هئا. سامهون اهو ئي پراڻو ڪاٺ ڪو ڪٻٽ پيو هو جنهن ۾ مان ڪپڙا لٽا ۽ ٻيو سامان رکندو هيس. پاسي سان ننڍڙي ٽيبل ۽ ٻنا ٻانهن واري ڪرسي رکيل هئي. اهي بہ ساڳيون هيون. وڏن ٿلهن پاون واري مضبوط واٽيل کٽ بہ ساڳي پئي لڳي. وقت جي دز ۽ مٽيءَ هن سرڪاري سامان کي لٽيو ضرور هو پر ڪاڏ نہ ڪٽي هئي. مان حيرت ۾ هيس. يڪدم ٻاهر آيس، پنهنجي سينيئر ڪمپائونڊر کي سڏ ڪيم جيڪو مون سان گڏ آيو هو ڊوڙندو آيو. ساڻس چوڪيدار بہ گڏيو آيو.

”هن ڪمري ۾ هيءُ ساڳيو سامان ڪٿان آيو ۽ هن ڪمري ۾ منهنجو سامان ڪنهن رکرايو آهي؟ تون نئون آهين يا پراڻو؟“ مون چوڪيدار کان پڇيو.

”سائين اوهان جو پراڻو خادم شمن. توهان جي والد ئي نوڪري ڏني هئي. مان اسپتال ۾ ڪم ڪندو هيس. مون توهان کي ڏٺو هو. ان زماني ۾ توهان اسڪول ۾ پڙهندا هئا... صاحب جي بدلي ٿي وئي، توهان سان اچا گهٽي ڏيٺ ويٺ نہ ٿي هئي. ورهيہ بہ گذريا آهن.“

”پر بابا هيءُ ڪمرو هيءُ سامان.“

”سائين، توهان کي ياد هجي تہ هن بنگلي جو هڪ پراڻو چوڪيدار چاچو گلو هوندو هو جنهن جي گهر واري ماسي جنان اوهان وٽ ڪمڪندي هئي.“

”ها، ها برابر چاچو گلو جيئرو آهي؟“

”ها سائين جيئرو آهي پر، جهونو ٿي ويو آهي، گهڻو اڳ رٽائر ڪيائين. هاڻ بيمار آهي، اڪين کان ويهجي ويو آهي، مون کي سڏي چيائين تہ منهنجو ننڍو صاحب ٿو اچي خيال ڪجائنس. ماسي جنان گڏجي ڏنائين، پوءِ بنهي گڏجي هيءُ ڪمرو ٺيڪ ڪيو. مون گهڻو چيو مان تہ ڊبل بيڊ وارو ڪمرو صاحبن جو هوندو آهي.“

”پي ڪير هئي.“ مون آهستي کانئس پڇيو.

”سائين لالان سندس ڌيءَ. اها بہ تہ هت ڪم ڪندي هئي. توهان کان شايد وسري وئي آهي.“

مان ماٺ ڪري پاسي ۾ پيل ڪرسي تي ويهي رهيس. دل ۾ چيم تہ لالان بہ وسرڻ جي شيءِ آهي. پوءِ ڏانهس نهاري چيم، ”ٺيڪ آهي ٺيڪ. ڪنهن کي چئہ تہ مون کي چانهہ پياري.“

”حاضر سائين، مان ناهي ڪٽي ٿو اچان. بورچ بيمار اهي. ماسي جنان کي چئي آيو هيس، اجها تي اچي ۽ رات جي ماني اها ڪندي.“

مون ڪوبہ جواب نہ ڏنو. هو ويو تہ اٿي ان ڪمري جو ٻاهريون در جيڪو پٺين اڱڻ ۾ کليو ٿي، کوليم ۽ اڱڻ ۾ هلندو ويس. آخر ۾ هڪ ڏيڏي نهيل هئي، ان ۾ اچي ٻاهر ڪلنڊڙ در کوليم. اها ويران گهٽي هئي پريان ٻيا سرڪاري بنگلا هيا. انهن بنگلن جي بہ اُهائي پٺ هئي. اها گهٽي آخر ۾ وڃي لاهيءَ تي کُنندي هئي. اتي هڪ پيچرو نهيل هو جيڪو هيٺ لهي روڊ تي کُنندو هو. روڊ جي پريان اسپتال هئي. اسپتال جي پويان ننڍين ملازمن جا ڪوارٽر هئا. مان ٽڪري تي پيچري وٽ بيهي هيٺ نظارو ڪرڻ لڳس. هن پيچري جو پٿر پٿر

سجاڳو هو. گهڻو ڪجهه ساڳيو هو. اهي ئي هوائن جا جهوٽا هئا. مان آهستي آهستي پٿرائين رستي تي هلي موٽي بنگلي جي پٺئين ڏر وٽ پهتس. هي رستو به سجاڳو هو. ڏٺم ته شمون چوڪيدار ويٺو هو. مون هن دفعي ڪيس ڏيان سان ڏٺو. هيءُ چڱي عمر جو پي لڳو. ڏاڙهي کي خضاب، مڇن کي تيل لڳل، ڳچيءَ ۾ تعويذ، هٿن کي مينڌي، عجيب شوقين چوڪيدار پي لڳو.

"سائين چڪر تي ويا هيو؟ چاهن نري تي، اچو." دل نه پي چيو. ڪيتريون يادگيريون ڪنيون پي وبون. مان اندر آيس. هن اهو در ڏٺو. ڪمري ۾ آيس ته چانهن ناهي ڏٺائين.

"سائين رات جو ماني ڪيڏي مهل کائيندو؟"

"مان هاڻي آرام ڪندس. اُتي پوءِ ٻڌائيندس اجا پهر پيو آهي."

"چڱو سائين، ماسي جنان پاڻهي اچي ماني ڪندي، توهان فڪر نه ڪيو. توهان جي پسند جي خبر اٿس."

مان ڪافي دير خاموش رهيو هيس. بي اختيار مون کان روڪيل لفظ نڪتا، "شمن،لالان ڪاٿي آهي؟"

"لالان اتي آهي، گهرايانس."

"نه نه ائين پڇيم تي."

هو ٿورو مرڪيو پوءِ چيائين، "جڏهن حڪم ڪندو لالان به ايندي" مون سندس چهري کي ڏٺو پر هڪ يڪدم ٿانو ڪٽڻ ۾ لڳي ويو. پوءِ هو در بيڪڙي هلي ويو. هاڻ مان ڪمري ۾ اڪيلو هيس.مان ته ڪڏهن به لالان کي ياد نه ڪيو هو. ويهن سالن کان به مٿي عرصو گذري ويو. اهي ورهيه پاڻيءَ وانگر وهي ويا. ڪئين ئي جوان جا جهوٽا آيان، ڪئين ئي سهڻا ماڻهو مليا. ڪئين ئي رنگين گهڙيون آيون. ڪئين ئي وڇوڙا آيا پر مون لالان کي ته ياد ئي نه ڪيو. مان اتان اٿي در کولي ورانڊو ٽپي بنگلي جي آڏو اڱڻ کي ڏسندي ڏسندي ايئن محسوس ڪيو ته ننڍڙي ڪڏندڙ لالان ڪڏي پئي. پاڙي جا ڪي ٻار منهنجوننڍڙيون پينر ۾ مان. ڪنهن مهل ڏوڙي ته ڪنهن مهل اک ٻوٽ. نوڙي ٽپنديون هيون ته چوڪرن کي ڪڏي چڙينديون هيون. هيءُ تڪر تي نهيل ڪجهه سرڪاري بنگلا هئا. شام ٿيندي ئي ته ڪيڏي به گرمي هجي هوائون گهلڻ لڳنديون ۽ جسم نري پوندو هو. منهنجي سامهون هن ويل ڪئين ئي نظارا آڏو پئي آيا. وري گم پي ٿيا. جيئن مان وڏو ٿيندو ويس. هوءَ به وڏي ٿي پر هڏ ڪاٺ جي اهائي ننڍڙي قد واري سيپڪري ڪمزور لالان. ماڻس الائي چو

سندس نالو لالان رکيو هو جو سندس منهن تي ڪابہ لالي نہ هئي. سندس ماءُ اسان جي گهر ڪمڪندي هئي.هوءَ ماءُ سان گڏ ايندي هئي، ڪڏهن ڪنڊ وٺي ماٺ ڪيو ويٺي هوندي هئي. ڪڏهن امان کيس دڙڪو ڏيندي هئي. ”لالان، چو ماءُ جو هٿ نٿي ونڊائين؟“ تہ هو اٿي ننڍڙن هٿن سان ڏوتل ٿانو اگهي رکندي هئي. ڪڏهن ويهي ٻهاري ڏيندي هئي ڪڏهن پوچي. مون کي مٿس قياس ايندو هو. شام جو راند کيڏندا هئاسين ۽ هوءَ جڏهن سهڪي پوندي هئي تہ مان چوندو هيس، ”ياٺي هارڻ راند ختم، لالان ٿڪجي پئي آهي.“

ڪڏهن هوءَ ٿانو مليِ منهنجي ڪمري ۾ اچي ٻهاري ڪيندي هئي تہ مان ٿپ ڏئي سندس هٿ پڪڙي انهن کي زور ڏيندي چوندو هيس. ”زور ڏيانءِ ٿڪجي پئي هوندين.“

هن جي چهري تي ڪوبہ تاثر نہ هوندو هو. آهستي آهستي جيئن مان وڏو ٿيندو ويس اهو عمل مونکي وڻند هو. دل ڪندي هئي تہ سندس هٿ منهنجي هٿ ۾ هجن ۽ مان ان کي زور ڏيان. ائين مين گيٽ تي کڙڪو ٿيو. مان يادگيرن جي وهڪري کي روڪي ڪمري ۾ هليو آيس. اچي انهيءَ پراڻي ڪرسي تي ويهي رهيس. جتي ويهي ٽيبل تي ڪتاب رکي پڙهندو هيس. مون کي ياد آيو تہ اهو زمانو اُهو آهي جڏهن مان ميٽرڪ ۾ هيس. پڙهڻ آيو تہ ڏاڍا رومانٽڪ ناول وڻڻ لڳا. پئي ٽئين ڏينهن فلمن جا ميٺني شو ڏسڻ لڳس. من ۾ عجيب هلچل پئي يانئيم هر شيءِ مختلف پي لڳي.لالان جا هٿ جهليندو هيس تہ منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳندا هئا. ڪڏهن هوءَ بنان ڪنهن تاثر جي چوندي هئي. ”سائين توهان جا هٿ ڇو ٿا ڏڪن؟“

مان هٿن کي ڏڪڻ کان روڪڻ جي ڪندو هيس پوءِ جڏهن وس ۾ نہ هوندا هئا تہ سندس هٿ ڇڏي وڃي هن ئي ڪرسي تي وهندو هيس ۽ ڪتاب منهن ۾ ڏئي ڇڏيندو هيس جت اکر ان مهل ليڪن ۽ ليڱهن کان سواءِ ڪجھ نہ هوندا هئا.

ان ڏينهن بہ جيئن ڪمري مان ٻهاري پئي ڪيڍائين تہ مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. مئترڪ جي امتحانن ڪري مان صبح جو گهر ۾ هوندو هيس. بابو آفيس، امڙ ڪم ڪار سان، ڀيا ٻار اسڪول اهو وقت مون کي وڻندو هو جو مان سندس هٿ پڪڙي ان جي ڇهاءَ سان هڪ سرور حاصل ڪندو هيس. هوءَ هيٺ ويهي ٻهاري ڏئي رهي هئي. مان موقعي جي تلاش ۾ هيس تہ اٿي هميشہ جيان سندس هٿ وٺي چوان، ”لالان ٿڪجي پئي هوندين، اچ تہ هٿن کي زور ڏيانءِ“ اوچتو مون کي محسوس ٿيو تہ هيءَ ڪا ٻي لالان آهي سندس

آهيان، انهيءَ ننڍڙي پنڌ ۾ بہ مان ڪونہ ڪو رومانٽڪ ڊائيلاگ هٽي ونندو هيس، ”تون منهنجي راڻي آهين لالان.“ ڪڏهن چوندو هيس، ”لالان دل چوي ٿي تہ هيءُ رستو اصل نہ ڪٽي، پاڻ هلندا هلون هلندا هلون.“ هوءَ پوءِ مون ڏي نهارڻ بدران ڊوڙندي هيٺ لهي ويندي هئي. مان اهو ئي ٽڙڪندو پگهر ۾ شل ٿي موٽندو هيس.هڪ ڏينهن ڏيڍي ۾ ملي تہ ماني جي هڙ وني هيٺ رکي مانس ۽ پاڪر ۾پيري سندس چپ وري چمڻ لاءِ ڇهان تہ وري ڪلڻ لڳي.

”ماٺ تہ ڪر ڪلين ڇو ٿي؟“ وري ڪلندي چيائين، ” مون کي خبر آهي تہ اها مني انگريزي آهي. مون کي الائجي ڇا ٿو ٿئي.“ مان حيران ٿي ويس. هوءَ ڪلندي هلي وئي. پوءِ مون کيس انگريزي مني ڏيڻ ڇڏي ڏني. ڇاڪاڻ تہ ڊپ هو سندس ڪجڪي تي ڪوا ڇي نہ وڃي. هڪ ڏينهن چيائين، ”امان چئي ٿي تہ تون وڏي ٿي وئي آهين اڪيلي نہ ايندي ڪر.“ پوءِ مان کيس اسپتال جو گيٽ ٽپائي يا ڪوارٽر تائين بہ ڇڏي ايندو هيس. آهستي آهستي منهنجي من ۾ لالان وبهي رهي. ڪڏهن ماءُ سان گڏ هلي ويندي يا ماٽس ٻهاري ڪڍي ويندي تہ مان اباٽڪو ٿي پوندو هيس.ڪٽي بيني هوندي تہ مان کيس ڏسڻ لڳندو هيس پر هن جي ڇهري تي ڪجهہ نہ هوندو هو. هڪ ڏينهن ٻڌم تہ لالان جي شادي ٿا ڪرائين. امان هڪدم مائي جنان کي چيو. ”ڇريا ٿيا آهيو ڇا جو لالان جي شادي ٿا ڪرايو اجا ننڍي آهي ڪجهہ تہ خيال ڪيو.“

”جيجي، لالان ننڍي نہ آهي، سياڻي ٿي وئي آهي. شادي ۾ اجا مهينا پيا آهن، رڳو توهان دعا ڪجو.“ لالان ملي تہ پڇيو مانس تہ ڪلي پئي پوءِ چيائين، ”تون مون کي شادي ۾ ڇا ڏيندين؟“

”جيڪو چئين، وڳو ڏيانءِ؟“

ڪنڌ سان نهڪر ڪيائين.

”پلا چاندي جون چوڙيون؟“

وري بہ ڪنڌ لوڏي ناڪار ڪيائين.

”پوءِ پلا ڇا؟“

ويجهو اچي آهستي ڪن ۾ چيائين، ”لالي.“

”لالي..ڪهڙي لالي؟“

هن چپن تي هٿ رکي چيو ”هيءَ لالي پر انگريزي لالي.“

”لپسٽڪ؟“

شرمائجي ڪنڌ ڪٽي مون ۾ لڪايائين. مون سندس ڪنڌ متي ڪٽي

ڪيس چپن تي چمڻ جي ڪئي ته وري کلي پئي. ”مان ڪنوار ٿينديس ته اها انگريزي لپسٽڪ هڻنديس. پوءِ مان توکي به انگريزي مني ڏينديس.“

”پوءِ ڪيئن اڳ ۾ مان.“

”چڱو سائين اڳ ۾ تون.“

پهريان ته مان بازار مان لپسٽڪ جو اگهه پڇڻ ويس.

پلا خرچي ملندي هئي به آنا، روز ايترا پئسا ڪٿان اچن. پڇيم ته ولايتي لپسٽڪ به ويهن پنجويهن رپين کان گهٽ نه هئي. مايوس ٿي موٽيس.

مان جڏهن به ڪيس پاڪر ۾ پري مني ڏيڻ جي ڪندو هيس ته چوندي هئي. ”هون هون لپسٽڪ.“

مان پري هٽي ويندو هيس. هاڻ مان ڪيس ڇڏڻ ويندو هيس ته پڻ ڪان ڪيس پاڪر به نه پائيندو هيس. سڏو ڪيس ڇڏي ايندو هوس. هاٽي ڊائيلاگ به وسري ويا هيم. هاڻ هوءَ ئي ڳالهائيندي هئي. ”پڌ، تون منهنجي شاديءَ تي ايندين نه. مان ميندي هڻنديس. امان ڳاڙهو وڳو به ورتو آهي. مان لپسٽڪ به هڻنديس، تون لپسٽڪ وٺي ڏيندي نه؟“

مان ڪنڌ سان هائو ڪندو هيس. مون کي ياد آهي شام جو پهر هو ان ويل گهر ۾ ڪير به نه هو. امان جن ڪاڏي گهمڻ ويا هئا، بابو به گهر ۾ نه هو مان ٽيوشن تان موٽيو هيس. رنڌڻي ۾ ٿانون جو ٽڙڪو هو لبئو پاتم لالان ويني ٿانو ڌوتا. مان پوئتي موٽيس هڪ عجيب خيال آيم. سڌو امان جي ڪمري ۾ ويس. سندس ڊريسنگ ٽيبل جو خانو کوليو، اڪيچار ولايتي لپسٽڪون پيون هيون سوچيم ته هڪ لپسٽڪ ڪڍنديس ته امان کي ڪهڙي خبر پوندي، مان هڪ لپسٽڪ ڪڍي اچي ڪمري ۾ ٽيبل جي خاني ۾ رکي پوءِ تکو ٻاهر نڪتس. سڌو رنڌڻي ۾ آيس، اچي لالان جي ٻانهن ۾ هٿ وڌم. هوءَ ويچاري ڇرڪجي وئي. پوءِ آهستي چيومانس، ”لپسٽڪ تنهنجي لپسٽڪ آندي اٿم.“ هن خوشي ۾ هٿ ڌوتا نه ڌوتا ڇڪجي هلي آئي هئي. مون ڪمري ۾ پهچي ڪيس لپسٽڪ ڏني. هوءَ پهريائين ان کي ڏسندي رهي.

”ڪيئن کُلندي؟“

مون کولي ڏني مانس ته ڪيس هٽڻ نه اچيس، مون سامهون ويهاري ڪيس لپسٽڪ هنئي. پوءِ ڪبٽ واري آئيني ۾ بيهاريومانس. هيءَ هلڪي برائون رنگ جي لپسٽڪ هئي- هن کي پنهنجا رڱيل چپ وڻيا ۽ هوءَ کلي پئي.

”شادي تي مان اها لپسٽڪ لڳائيندس.“ پوءِ چپ اڳيان ڪري چيائين.

”پنهنجي متي جلدي وٽ ڪير اچي نہ وڃي؟“

مان سندس چپن تي چپ رکيا مس تہ اندر ۾ هورا کورا مچي وئي. بنهہ طوفان هو. عجيب ڪيفيت هئي. هيءَ لپسٽڪ تہ منهنجي ماءُ جي آهي ڇا مان امڙ جا چپ پيو چمان، مان پوئتي هٽي ويس. هوءَ ڪجهہ دير اکيون بند ڪيو بيٺي هئي پر اکيون پٽي ڏٺائين تہ مان پري بيٺو هيس.

”ڇا ٿيو؟“

مون آهستي ٿوال کڻي، آلو ڪري سندس چپ اگهيا.

”ڪو ڏسي نہ وٺي.“

پوءِ مان ڪانئس لپسٽڪ واپس ورتي.

”ڇو ڇو؟“

”اها امان جي آهي، توکي هٽي تي ڏنم توکي بي وٺي ڏيندس.“ هن جون اکيون ڦاٽي ويون.

”جيجان جي! توبهہ توبهہ تون تہ مار ڪارائين ها.“ چوندي ٻاهر نڪري وئي، مون چپ چاپ لپسٽڪ واپس رکي ڇڏي.

مون ان ڪان پوءِ ڪڏهن نہ سندس ڳل يا چپ چميا نہ ڀاڪر پاتا. مان سندس ويجهو ويندو هوس تہ عجيب احساس ٿيندو هيم. پوءِ بہ هن نہ پڇيو تہ ائين ڇو آهي؟ سگهو ئي بابي جي بدلي ٿي وئي. لالان جي شادي ٿي يا نہ مون کي پنهنجي پڙهائي ۽ ڊاڪٽري جي نوڪري ايترو تہ ڦاسائي رکيو جو مون ڪڏهن لالان جو پڇيو بہ نہ. آهستي آهستي لڳم تہ جڻ لالان هئي ڪانہ. هاڻ مان يادگيرين ۾ غرق کٽ تي ليٽي پيو هوس. ڪجهہ دير ۾ اک بہ لڳي وئي هيم. در تي ٺڙڪو ٿيو. ننڊ جي نشي ۾ پڇيم. ”ڪير آهي؟“ جواب نہ آيو. وري ٺڙڪو ٿيو ”ڪير آهي بابا در کليل آهي.“

آهستي در کليو .هڪ تيهن پنجٽيهن ورهين جي پلن ڪپڙن ۾ ڳري ميڪ اپ واري ڇهري سان خوشبوءِ ۾ ٻڏل هڪ عورت ڪمري ۾ گهڙي آئي. مان ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهيس.

”سائين مان آهيان.“ مون پوءِ بہ کيس نہ سڃاتو. پويان اوچتو شمون چوڪيدار نظر آيو. هن مون کي هن ڏانهن حيرت مان نهاريندي ڏٺو تہ يڪدم ڏند ڪيندي چيائين، ”توهان هن کي نہ سڃاتو صاحب. هي لالان آهي. توهان سويل پڇيو پي نہ هن ئي توهان جو ڪمرو ناهيو آهي. توهان کي ياد بہ ڪندي آهي.“ ان عورت يڪدم پنيان نهاري حجت سان چيس، ”چڱو چڱو گهٽو فري نہ ٿيءُ. هل هل هلي ٻاهر ويهہ. منهنجو سائين پاڻهي مون کي سڃاڻي وٺندو. ورهيہ بہ تہ ٿيا آهن.“

”لالان، ماسي جنان مانني پڇاڻ هلي وئي آهي، مون کي ٻڌائجانءِ صاحب ڪيڏي مهل مانني کائيندو تہ مان ماني کڻي اچان.“

”چيمر نہ تہ تون هل، مان پاڻهي سائين کي ماني کارائيندس. ٻيو ٻڌ.“ در بيڪڙي ڪيس ٻاهر ورانڊي ۾ وٺي وئي. مان سري دروازي وٽ وڃي ويهي رهيس، در جي وٽي مان لالان جو هلڪو آواز اچي رهيو هو ”فون ڪري گهر ڇئي ڇڏ. اڄ مان ڪاڏي نہ ويندس. ٻئراج ڪالوني مان گل صاحب يا ڪنهن جو بہ فون اچي تہ جواب ڏئي ڇڏين تہ اڄ ناز ٻئي هنڌ بزي آهي. سمجهيئہ چريا چرٻٽ.“

مان حيران پريشان موٽي اچي کٽ تي ويٺس. هيءَ ڪير ۽ ڪهڙي عورت آهي. هيءَ تہ ٻولي ئي ٻي پئي ڳالهائي. هيءَ تہ انگريزي اکر پئي ڳالهائي هيءَ تہ پاڻ کي ناز پئي چئي.

ڪجهہ دير رکي پوءِ موٽي تہ سندس هٿن ۾ هڪ پلاسٽڪ جي ٽوڪري هئي. هن اها ٽوڪري پاسي تي رکي. شيشون پئي کڙڪيون. ٽوڪري رکي مون ڏي مرڪي عجيب پر حرڪتي نظرن سان ڏٺائين. ”هيءَ توهان جي دعوت آهي، جڏهن دل چيو تہ مال پاڻي حاضر آهي. شغل تہ ڪندا هوندؤ نہ؟“ پوءِ وڃي ٻئي در بند ڪيائين. پردا نيڪ ڪيائين ۽ ٽپ ڏئي منهنجي پرسان ئي پلٽي ماري کٽ تي چڙهي ويٺي.

”ها سائين ڪر خبر، ٻڌو اٿم تہ شادي بہ نہ ڪئي اٿئي. عيش تہ ڪندو هوندين. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ ورهين پڄاڻان ڦري گهري مون وٽ آيو آهين. هاڻي پاڪر پائيندين يا مني ڏيندين. هاڻي مان ائين خاموش ويهي نہ رهنديس، مان بہ توکي چنبڙنديس، پوءِ ڏسجان مزو منهنجا ڊڄڻا ڏڪڻا سائين، مان هاڻي اها لالان ناهيان، مان هاڻ ميڊم ناز آهيان، ناز انداز واري ناز.“

هوءَ سُري منهنجي ويجهو آئي. تيز ڳاڙهي رنگ وري لپسٽڪ، پرون نهيل، آئي ليشز آئي شيڊ ۽ ميڪ اپ سان ٿقيل چهرو هو جنهن تي سڀ رنگ هئا ان جي هيڻان ئي وقت ۽ زماني جون پاتل ليڪون ۽ نشان جيڪي هن لڪائي رکيا هئا. هن کلي مونکي ويجهو ڪيو.

”اڃان ڊڄين ٿو. تون جنهن شراب کان سڪين پي، اهو هاڻ تہ پيءُ، تو تہ مون کي ولايتي لپسٽڪ وٺي نہ ڏني، مون هي ولايتي لپسٽڪ هنئي آهي. چکي تہ ڏس.“

پوءِ هن اهي رڱيل چپ منهنجي چپن تي رکيا. پوءِ هن ڪنڌ کڻي مون ڏي نهاريو تہ مان سڄو ڏڪي ويس، مون کي ائين لڳو تہ ان جي هيڻان ٻي

لپسٽڪ هئي. ڳاڙهي رنگ جي برائون رنگ واري لپسٽڪ. مون کان اندران رڙ نڪري وئي. هيءَ ته منهنجي جيجل امڙ جي لپسٽ آهي، جنهن کي اڳ چميو هوم ته هڪ ڏوهه ۽ گناهه جي ڄر ۾ سڄي عمر سڙندو رهيس. مون وري نه ڪنهن جا چپ چميا. ڊپ کان مون شادي به نه ڪئي. وري اهي ئي چپ اها ئي جيجل واري لپسٽڪ اڀي آيم. مان کيس ٿيلهو ڏئي اٿيس ۽ پري ويهي رهيس.

”تون ڪير آهين، تون لالان نه آهين. تنهنجي ڳچن تي ته جيجل جي لپسٽڪ جا نشان اڃان باقي آهن. تو ڪيئن اهي مقدس نشان مٽائڻ جي ڪئي آهي. تنهنجو ڏوهه ناهي، تون هاڻي لالان نه آهين، تون ته ميڊم ناز آهين، ميڊم ناز.“

مون سندس چهري تي ڦهليل بچيل ڏينڊڙ لپسٽڪ ۽ ميڪ اپ جا نشان ڏٺا. ته وري اڀي آيم. ڀانيم ته الٽي ڪندس. يڪدم باٿ روم ڏانهن ڀڳس. آت ڏٺم، نڪتو ڪجهه ڪونه. پوءِ آئيني ۾ ڏٺم، منهنجي چهري تي به رنگين لينگها پئجي ويا هئا. يڪدم آلو ٽوال ڪري اگهيم. وري اگهيم، سڄي لالي منهنجي چهري تي ڦهلجي وئي. اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. محسوس ڪيم ته مون کان هيءَ ٻيهر گناهه ٿيو هو. مون جيجل جا چپ چميا هئا. مان ٻاهر نڪتس ته ڪمري ۾ ڪير نه هو. ٻاهر اڱڻ ۾ ڳالهائڻ پئي ٻڌم. مان وڏي وڃي وراندي واري جافري کان بيٺس.

”هل ڙي شمون ڪڻ سامان هو هاڻ به لالان کي ٿو ڳولي، ڏاڍيون پيار جون ڳالهيون ٻڌائي ورهيه جا ورهيه ڇڏي ويو پوءِ لالان ڪيئن ٿي بچي. شمون شال تنهنجو خانو خراب ٿئي، نه تو سان شادي ٿئي ها نه هن ڪني ڪاروبار سان واسطو پئي ها.ٻچڙو ڪري ماريو اٿئي. هاڻ ته هنن هڏن ۾ به ڪجهه نه رهيو آ، اڃا ڪيترو ذليل ڪرائيندين ڪميڻا؟“

مون جافري مان ڏٺو هوءَ سگريٽ جا دونهان ڪڍي رهي هئي، هن وري ڪلي چيس، ”يلا ڪجهه صاحب به ڏنئه ڪين رات ڪوٺي آهي.“ شمو به سگريٽ جا سوٽا هنيا. مان يڪدم ٻاهر نڪري آيس ۽ خونخوار نظرن سان شمون کي تڪيم ۽ بجو ڏنومانس، ”لخ لعنت هجئي، معصوم لالان کي ماري ڇڏيئه خدا توکي معاف نه ڪندو. نڪر هتان.“ ڏڪ الاريومانس ته ڀڄي وڃي مين گيٽ جي ٻاهران ويهي رهيو. مون وٽ کيسي ۾ جيڪي به نوٽ هئا ڪڍي لالان کي ڏنم پر هن ونڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڏکاري آواز ۾ چيائين، ”لالان هجان ته توکان لک به گهري وٺان هان. مان پيشي واري عورت آهيان. توکان ڇا وٺان؟ لالان رهي ئي نه آهيان. توکي ڏنو ڇا اٿم جو وٺان. مون کي معاف ڪجانءِ منهنجا سدورا

سائين.“ سڏڪي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي. پوءِ هوءَ رئي جي پلئه سان چرين وانگر تڪڙو تڪڙو زور سان ميڪ اپ صاف ڪرڻ لڳي ۽ چپن تان لپسٽڪ لاهڻ لڳي پر اهي لڳل ليپ ۽ تهه ايترو ته ڪيس چنبڙي ويا آهن جو ڪانئس لهن نٿا پوءِ هو اڳڻ ۾ لڳل واش بيسن تي وئي نلڪو فل کولي چڏيائين ۽ اتي پيل صابڻ سان منهن رڳڙي رڳڙي ڌوئڻ لڳي. مان ماٺ ڪيو بيٺو رهيس. پوءِ هو آئي ته نه رنگ نه روغن نه نقلي پرون، نه آئي ليشن نه آئي شيڊ هتي هاڻ ڪجهه به نه هو. ويجهو اچي مون کي چيائين، ”سائين، مون سڀ ڪجهه متائي ڇڏيو آهي،ميڪ اپ نه آهي، ڪابه لپسٽڪ نه آهي هاڻي ته هڪ مني ڏينم.“

هيءَ هڪ بنهه اجڙيل ويران پوني جيان هڪ دردوندي هئي. جنهن جو ديس ڪڏهن ڪونه ونو هو. هيءَ الائي ڪٿان جهاڳيندي ووڙبندي ڪاٽي پهتي هئي. ڪيس ان جي خبر به نه هئي. بي اختيار دل ۾ درد جو اٿڪت ستون محسوس ڪيم. وڏي ياڪر ۾ پريومانس ۽ جڏهن ڳلن تي منيون ڏنيون مانس ته هن دفعي هن اهي پوتي سان نه اگهيون پوءِ پنهنجي چپن سان مون کي مني ڏنائين هاڻي ات ڪنهن جي به لپسٽڪ جا نشان نه هئا. هوءَ مون کي فرشتن وانگر ڌوتل پوتل لڳي. اکيون کڻي مون ڏي نهاريائين. سندس اکين ۾ جيڪي هو اهو اڳ نه پسيو هيم. سندس اکڙين مان ڳوڙها لارون ڪندا وهندا رهيا. مون کي ائين لڳو ته هڪ دردونديءَ جو ديس وسي پيو هو. هن گيٽ ڏانهن نهاريو اتي سندس مڙس سوٽا هڻندو ليٽا پائي رهيو هو پوءِ هوءَ مون کان پاڻ ڇڏائي مون واري ڪمري ڏي وئي. پوبون در کولي ننڍو اڳڻ ٽپي، ڏيي ڏانهن وئي. مان به ڊوڙندو سندس ڪڍ ويس. هوءَ ڏيڍي وارو در کولي گهٽي ۾ وئي، مان ويجهو پهتس ته هوءَ ٽڪريءَ واري پيچري تي پهچي چڪي هئي. ان کان پوءِ پراٽي پيچري تان لهي هيٺ وئي، مان جڏهن اتي پهتس ته هوءَ اسپتال جي گيٽ وٽ ٽيوب لائيٽن جي روشني ۾ بيٺي هئي. اڳي وانگر ڪنڌ ورائي ڏنائين مون کي ائين لڳو جڻ ته اهائي معصوم سنهڙي سپيڪڙي لالان بيٺي آهي. جڻ چوندي هجي مان پنهنجي اباڻي گهر پهچي وئي آهيان.

موتيس ته محسوس ڪيم ته هاڻ ڪنهن به گناهه يا ثواب جو احساس نه هيو.

*

## پاڙي ناھہ پروڙ!

باھہ پنيت، ھٿ حليمان جو آنُ تڙڪات ڪندو ڦُلن جو روپ اختيار ڪري اُڏرڻ لڳو. ڦُلا ڦولايا. حليمان جو ھٿ ھٽيو. پرڻ سان ھن واري چاٽي ۾ چڀي ۾ وڌائين.

"ماسي! اھي ڦُلا منھنجا آھن." ھڪ نينگر دانھن ڪئي.

"اھي منھنجا آھن ڪين."

ماسي مُرڪي ٻنھي جا جھول پريا ۾ وري ھڪ ھٿ ۾ ڏنڊي ڪنيائين، جنھن جي ھڪ مُنھن تي ڪپڙو ويڙھيل ھو. ٻئي ھٿ سان، ٻئي چڀي مان تئيءَ تي آنُ لپ وڌائين. ڦُلا ڦولاريا رھيا ۾ حليمان چڀو پريندي، ڦلا ورھائيندي، ڪنھن کان اِن لپ تہ ڪنھن کان روڪڙ وٺندي انھيءَ پورھئي ۾ پوري رھي. ماٺھن جو ميڙ گھٽيو تہ تئہ بہ ھٽيو. ھوءَ سَٽ ڏيئي اُٿي، پسانگ سان ڪرڙ ڪانڌيرا ريڙھي لنبيل تئيءَ پوبان نھيل چلھہ ۾ وڌا ۾ پنيت وري پڙڪو ڪاڏو. جيين ۾ نھاريندي ھُن پريان نظر ڪئي تہ ھڪ ٻار تي نظر پيس. اُھو ڦلن جي چڀي وٽ نئڙيو بينو ھو. ھن اتان ئي دانھن ڪئي:

"چورا! چڀي ۾ ھٿ نہ وجھہ. مان اچان پئي."

ڇوڪري ڇرڪ پري ڏانھس نھاريو ۾ ڦلن جي لپ پري پڇڻ جي ڪيائين. پر ٻت ۾ جوپ، وڏي ھڏ ڪاٺ واري حليمان جي لوھہ ۾ ٻرانگھہ اھڙي ھئي جو اچي ٻچيءَ کان ورتائينس.

"اڙي ڪاڏي ٿو ڀڄين. ڪنھن جو ڇورو آھي؟" ماسيءَ ٻيلن ڏانھن تڪيو. ٻن چئن ٻارڙن، ٻن چئن وڏڙن، ڪنڌ ڌوٽي سڃاڻپ کان انڪار ڪيو. سامھون ئي گلو پڪوڙائيءَ جو دڪان ھو. ماسيءَ رڙ ڪري گلوءَ کان پڇيو:

"اڙي ادا گلو! آھي ڪو جو ھن چور ڇوري کي سڃاڻي."

”ماسي، خبر ناهي، چور آهي تہ ڏينس ڪاٺ ۾.“ گلوءَ اُتان ئي پڪوڙن کي تئي ۾ اُٿلائي ڏيندي وراڻيو.

ماسيءَ هن کي تيلهو ڏيئي، هيٺ جهڪائي وهاريو ۽ ڏانهس تڪيائين. چوڪرو هيسيل ضرور هو پر ڊپ بنهہ نہ پئي لڪايائين. انگ تي وڏو چولو هئس ۽ هينان ڪجهہ بہ نہ. ماسي جيئن سندس ٻانهن ڇڏي تہ هن يڪدم ڦلن ڀريل مٺ ڪٽي وات ۾ وڌي ۽ هو تڪڙو ڦلا چٻاڙڻ لڳو. ماسي واڻڻ وانگر کيس تڪڻ لڳي. ماسيءَ کي الائجي ڇو مٽس قياس اچي ويو. کيس ائين لڳو تہ هو بکايل آهي. ماسيءَ يڪدم کيس اٿاريو ۽ ڦلن لپ ڀري سندس جهوليءَ ۾ وڌي.

”ٻچي وچ چورا، هيڏي نہ اچجانءِ الائي ڪتان جا چورا، ماڻٽن جٽي گهتين ۾ ڪٽي اچلايا آهن. هاڻي ٻُک آ، جو گهتين ۾ پئي واڪا ڪري.“ هوءَ يڪدم پورهئي کي جنبي ويئي. هاڻي چٽن جو وارو هو سو تئيءَ ۾ چٽا وجهي بہ اُٿلاٽيون ڏنائين ۽ پوءِ پاڻيءَ جي تري سان انهن کي ڏڏرڻ لڳي. گهڙيءَ ۾ چٽا پڳڙا ٻڻجي ماسيءَ جي ڇٻي ۾ آيا تہ خوشبوءِ چوڌاري واسو ڪري ويئي. جيئن هوءَ گراهڪن کي لپ لپ ڏيندي ڏوڪڙ ونندي ويئي تہ اوچتو هڪ ننڍڙو هٿ سندس سامهون آيو. هن ڪنڌ کٽي مٿي نهاريو تہ سندس سامهون اُهوئي ننڍڙو نينگر بيٺو هو ۽ پوءِ هن چولو مٿي ڪري خالي جهولي ڏانهس ڦهلائي. هيڏي سيءَ ۾ سندس انگ اگهاڙو ۽ لٻل ميرو جسم ڏسي ماسيءَ کي وري قياس آيو ۽ چٽن جي لپ ڀري سندس جهوليءَ ۾ وڌائين، پر يڪدم دانهن بہ ڪيائين:

”اڙي هيترا بينا آهيو ٻڌايو نٿا تہ هيءُ اوبرو نينگر ڪير آهي؟ هيءَ بک اڄ ڪتان هن گهتيءَ ۾ پئي رُلي.“

ڪنهن بہ ٻڙڪ نہ ٻوليو. سندس منهن تي تہ سڃاڻڻ وارا پار پتا پڌرا هيا. هوڏانهن نينگر تڪڙو تڪڙو پڳڙا چٻاڙيندو اتان هٽي ويو. ماسي ڪنڌ ڏوٽي وري پورهئي سان لڳي ويئي. اتي اوندهيڙي اچي ٿي ۽ ڪوبہ گراهڪ نہ بچيو. باهہ بہ اچي وسامڻ جي ڪئي هئي ۽ ماسيءَ ٽپڙ ميڙڻ شروع ڪيا. دستور موجب گلڻ پڪوڙائي ڏانهن منهن ڪري واڪو ڪيائين:

”ادا گلڻ! ٻي آني جا سنها ۽ ٻي آني ڇوِن ڪچوريون. ڏسجانءِ، متان سڀ مال کپائي نہ ڇڏين ۽ منهنجا ٻچا بک مارين.“

”ها ماسي، تنهنجي حصي جا پڪوڙا ڦابو آهن، فڪر نہ ڪر. مال مٺين آهي، رڳو دل وڏي ڪر. تنهنجا ٻچا، سي منهنجا ٻچا.“

ماسيءَ ملير ان جون ننڍڙيون هڙون ٻڌي ڇپن ۾ رکيون. ڇپي ۾ گڏ ٿيل روڪڙ مان چار آنا مُٺ ۾ جهليا ۽ ڇپا مٿي تي رکيائين. هوءَ سڌي گُلوءَ جي دڪان تي آئي. گلوءَ کيس پڪوڙن جو پُڙو ڏيئي کانئس ڪلي پڇيو:

”ماسي، ڪير چورو هو جو تنهنجي رڙ پئي پيئي؟“

”الائي ابا ڪير چوڪر هو جهڙي بڪ. مون ته هن پاڙي ۾ ڪڏهن نه ڏٺو.

”هوندو ڪو غريب جو ٻار. ماسي بک به ته ملڪ ۾ ڪاهي پيئي آهي.“

ماسي ڪنڌ ڌوڻي پڙو ڪنيو پر يڪدم دانهن ڪيائين:

”هيءَ ڇا گُلو! پڪوڙا ٿورا پيا لڳن.“

گلوءَ ٿڌو ساهه پريو: ”مهانگائي، ماسي. مهانگائي ڏس ماسي! ٻچن جو پيٽ توکي به پالڻو آهي ته مون کي به. مان پلا ڇا ڪريان؟“

ماسي ماٺ ميٺ ۾ پڙو کنيو ۽ ويچارن ئي ويچارن ۾ ڇپا مٿي تي، پڙو هٿ ۾ لوڏيندي، گهٽيون لتاڙيندي، گهيڙ ٽپندي هلندي هلي. اوچتو کيس لڳو ته ساڻس ڪير گڏ پيو هلي. هن يڪدم بريڪ هنيو ۽ اوندهه ۾ ننيان نهاريو. کيس ڪجهه نظر نه آيو. هوءَ هلڻ تي هئي ته اوچتو سندس هٿ کي سٽ آئي ۽ هُن ڏٺو ته ڪير کانئس پُڙو کسي وني پڳو. هن ڇتيءَ طرح سڄاتو ته اُهو ئي نبل اڌ اُگهاڙو نينگر هو جنهن جو چولو هوا تي اُڏامندو نظر آيس. هو ڏسندي ڏسندي سندس اکين آڏو غائب ٿي ويو. هوءَ ڪا گهڙي ته واڻڙن وانگر انهيءَ پاسي تڪيندي رهي، پوءِ جڏهن هن کي هوش آيو ته رڙين واڪن ۾ پئجي ويئي.

”بيهجان چورا! اڙي چورا! نياڳا! شل ٽنگون ڀڄنديءِ. اڙي چورا! شل....“

هوءَ اوندهه ۾ رڙيون ڪندي، اچي گهر پيڙي ٿي. ٽپڙي ڪٽي در کي ڌڪو ڏيئي، اندر داخل ٿي. سندس زبان جهل ئي نه ڏئي.

”هي نماشام جو ڦُر.... هيءَ ڌاڙو.... هيءَ ڪيس... هيءَ ڦهر...“

اوچتو سندس زبان کي ٻُنجو اچي ويو. سندس آڏو هڪ ننڍڙو هٿ وڌيو ۽ پوءِ هن اڌ اگهاڙي ٻار جهولي ڦهلائي. هن کي پنهنجي ننڍڙي ٻکايل ٻار کان مختلف نه پئي لڳو. ائين سندس نظر پنهنجن ٻارن تي پيئي، جن مان ڪي جهولي جهليو ڪي هٿڙا وڌايو بيٺا هئا ۽ سندس نظرون ڇپي کي ۽ خالي هٿن کي تڪي رهيون هيون. هن کي هاڻ ائين پئي لڳو ته گهٽيءَ ۾ رلندڙ ٻک سندس گهر ۾ ڪاهي پيئي آهي ۽ کيس تعجب ٿيو ته هن ايتري دير انهيءَ نينگر کي ڇو نه سُڃاتو.

※

## راڻا جي رجپوت

هن ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي منهن تان وارن کي مٿي ڪيو ۽ ڦيري پاتي، سندس وڏا ۽ ٿلهن وار ڦرندا لهرو هڻندا اچي هڪ هنڌ بيٺا. سندس پيرن ۾ ٻڌل گهنگهرن آواز ڪيو باجي واري سر ملايو ۽ شروع ڪيائين:

مومل کي مجاز جا اکين ۾ الماس،

نہ ڪا عام نہ خاص جي ويا سي وڍيا

محفل ۾ جيڪو چوٻول هو تنهن دنگ ڪيو ۽ ماٺ جي راڄ ۾ هو اجان بہ اڳتي وڌيون:

مومل کي مجاز جا اکين ۾ انبور،
هٽي حاڪمين کي پَٽِ نهاري پورُ
گهوٽ پهري گهور ويا سي وڍيا

سندس ٻوانجهڙين اکين ۾ خمار هو سندس نازڪ هٿ، سندس سنهڙي چيلهہ سان وٺ وراڻيون ڏيندا وڏي تي آيا ۽ جيئن جيئن هو ساز سان هم آهنگ ٿي سر سان سنگ ڪري محفل کي اوج تي پهچائيندو پي هليو تئين سندس ڳلن جي ڳاڙهاڻ، اکين جي مئي، هٿن ۽ پيرن جو وچ وراڪو ۽ چير جي چمڪار جو جادو هر ماڻهو کي جادونگري ڏانهن پي نيو. هاڻ تہ وائي وات هجي:

راڻا جي رجپوت مومل سي ئي پسندا،
پڙهئا پٽت، پير، توٽي مير، همير، مرندا،
مومل سي ئي پسندا.

ائين پي لڳو جڻ هو مومل آهي سندس چوڏاري ڪاڪ آهي، جنهن جا رنگ

بہ پنهنجا، ڦند ۽ ڦير بہ ساڳيا. جڏهن هن موج کي مستي سان ڪناري تي لڳايو ۽ سندس اکين جي الماس ۾ انبورن ڪئين گهائي وڌا تہ سيني کي هوش آيو.

"واهہ گلاب واهہ!"

"واهہ سهڻا واهہ!"

"اڙي شال جيئين، ڪوسو واءُ نہ لڳئي، سونهن سلامت هجئي، اصل وڻ وجائي ڇڏيئي."

ائين مٿس نوٽن جو وسڪارو ٿي ويو. چوڌاري واهہ واهہ هجي. رئيس جانب علي جيڪو اجان تائين اُنهيءَ جادونگري جي طلسم ۾ ڦاٿو پيو هو اوچتو ٽپ ڏئي اُٿيو ۽ چيائين:

"گل، جيڪي گهرڻو هجيئي سو گهر!"

گلاب کِچي مان ٻاڙهو رومال کولي، ٻارو ڪري نئڙيو ۽ چيائين، "رئيس مان خادم، مان گولو مان تہ سائين گولا جي گولن جا، تن جو بہ غلام."

رئيس اصل مست ٿي ويو ٿڙندو اڳتي وڌيو ۽ ڀاڪر پاتائينس، "اڙي دل خوش ڪئيہ من موج ڪيئہ، اجان بہ نہ گهرندين. اچي هيءُ وٺ"

رئيس سڀ کيسا ڪٽي خالي ڪيا، نوٽ مٿس وسائيندو ويو ۽ پوءِ وٺي اچي پاڻ سان وهاريائينس. اتي سندس ڪمدار ڪن ۾ اچي سرٻاٽ ڪيس، پوءِ تہ اهو اتي درگاهہ جي موالين واري وڏي ڪوني جيڪا پر پرو هئي اتي وچي وينا. ائين وري محفل ۾ ڪنگهہ ڪڙڪو ٿيو باجي واري رينگٽ ڪيو ڏڪڙ جي هڪ بيو نينگر سُر سان سُر، تال سان تال، انگ سان انگ ملائي رهيو هو. هن ڪنيس بہ اتان جت گلاب ڇڏيو هو:

هلو هلو ڪاڪ تڙين جي نيہ اُچل
نہ ڪا جهل نہ پل، سيڪو پسي پرين کي

اُهو ئي راڻو اها ئي مومل، اها ئي ڪاڪ. پر گلاب ڪون سڏائي. اکين ۾ اهو ئي ڪجل هو پر اها مستي ڪٿي، سندس سر ۾ اها ئي مناڻ هئي، پر اُهي مرڪون ڪٿي، سندس ڳل ٻاڙها هيا پر اها شبابي سرخي ڪٿي، جنهن ماڻهن کي مست ڪيو هو. هوئين درگاهہ تي ٽيندڙ هن محفلن ۾ گلاب نہ اچي تہ ماڻهو ڪونہ مڙن. اڄ نہ عرس هو خلق سٽي پئي هئي. مومل جي مجاز جا ماريل انهيءَ ڪوني ڏانهن نهارين پيا جتي رئيس جانب علي گلاب سان رهاڻ پيڪئي. سيني ائين پئي سمجهيو تہ ڪو وچوڙي جا ود وجهي پرينءَ کي پاسير و ڪري ويو آهي، ڪو رقيب روسياهہ سندن پرين سندن گلاب جو گل ڪاٽئن ڦري ويو آهي.

گلاب سال ۾ اندر مڪڙي مان گل ٿيو هو. سندس سر ويندي وريو هو. اڳ به ڳائيندو هو پر استاد نبن جو اهڙو هٿ لڳس جو ڪٿي به ميڙو هجي ته گلاب جي نه نچي ۽ راڳو نه ڳائي ته پوءِ بس ٿي.

سهڻو ته هو پر هاڻ جيئن وڏو ٿيو هو سندس انگ انگ ۾ جيڪا مستي پرجي آئي هئي تنهن بنهه ماڻهو مارايا، ڪنل وڙ وڙ کهايا، جيئرا جيئندي به نه ٿي جيا.

هاڻ محفل ڦتندي پئي وئي، استاد نبن ڦٽڪيو پي ڦٽڪيو. سو سٽ ڏئي اٿيو ۽ سڌو درگاهه جي چيڙي تي نهيل موالين واري ڪونيءَ تائين ڊوڙندو پهتو. در بيڪڙيل هو پر ڪمدار سنهڙو خان دڳ جهليو بيٺو هو.

"سنهڙا خان، گلاب کي ٻاهر ڪڍ، ماڻهون وڃن ٿا پيا، ڪجهه اسان جو به خيال ڪريو."

پوءِ الائجي استاد نبن کي پيسي جو سور هو يا پنهنجي پيٽ جو سور. پر سچ اهو به هو ته گلاب جو سچو عاشق هيو ۽ انهيءَ ئي عشق ۾ سرشار ٿي، گلاب کي گلاب بڻايو هئائين. جنهن جي خوشبو ۽ واس پاڻ به ورتائين ٿي پر هاڻي ڏوران ڏور اها خوشبو اندر جهير ڪندي، من وسائيندي، هر ماڻهو ۾ پيهبي پي وئي. سندس هڳاءُ اهڙو هو جو اڄ رئيس جانب علي جيڪو نه ميڙن تي اچڻو نه ويڻو سو به ٻڌسڻ تي آيو ۽ قتلام تي ويو کيس پهرين گهور ئي وڏي وڏو هو. پر هاڻ ته نبن جو سر پي ويو.

"او سنهڙا خان، گلاب ڪڍي ڏي، ائين نه ڪر."

سنهڙو خان ڏند شيڪندو در جهليو بيٺو هو تنهن نيٺ استاد نبن کي ويجهو ڪري ڪن ۾ چيو.

"استاد هاڻي گلاب جو خيال لاهي ڇڏ. هو جو نئون پورل، رتن اٿئي انهيءَ سان نينهن اڙاءِ، ان کي رتن جوت بڻاءِ."

نبن وسامندو پي ويو سندس ڪنن جون پاپڙيون ڳاڙهيو هجن، اندر جي آنڌ مانڌ کيس بيهڻ نه ڏنو سو بس ائين ڦيري پائي سنهڙي خان کي ڌڪيندو اندر ڪاهي پيو. دڙ يا ته بيڪڙيل هو يا پورو ڪڙو نه هيس، ٻئي وچي اندر پيا. رئيس جو گلاب جي سونهن ۾ مست هجي اصل ٻاهه تي ويو.

"اڙي نڪرو هتان ۽ جي وري آيا آهيو ته هيءُ ڏسو ٿا."

رئيس اصل پستول ڪڍي ڪڍيو.

نبن اصل پيرن تي ڪري پيس، "او سائين، او رئيس ائين نه ڪر گلاب لاءِ ٻاهر ميڙ. وينا آهن هيءُ پڙ ڪٺون پوءِ ڪٺي گلاب ڪٺي وڃانءِ."

”ڇا جو پڙ، ڇا جو گلاب، هاڻ گلاب ماڻهن جو نہ آهي، منهنجو آهي، سمجهيئہ گلاب منهنجي اوطاق وسائيندو. ڏسان تہ ڪير ٿو ڪيس مون وٽان ورائي.“

استاد نبن جون ٻہ ٻہ ويون ڇهہ ٿي ويون، هن هاڻ ليلڙاٽيون پائڻ شروع ڪيون.
”اُٺي تہ لڳيئي نہ لت حرامزادا. اڙي سنهڙا ڪڏهن ڪي ٻاهر ۾ بگهي تيار ڪراءِ اسين ڳوٺ هاڻي ٿي هلنداسين.“

سنهڙو هن کي گهلڻ تي ۾ هو رڙيون ڪرڻ تي. جڏهن هو گهلجي در تائين پهتو تہ پاڻ ڇڏائي گلاب کي سڏ ڪرڻ لڳو.

”گلاب!، تون بہ ماٺ آهين، اڙي سهڻا سڀ ڳالهيون پل ۾ وساريئہ. اڙي بي وفا! ڪجهہ تہ چئہ، ڪجهہ تہ ڪر، تنهنجو عاشق در تي حيران پريشان آهي.“

گلاب جنهن جي لبن جي لالي ڦٽل هئي. ڳلن جي ڳاڙهاڻ رنگ ڇڏي ڏنو هو ، سندس اکين جو ڪجل لهي هيٺ آيو هو ڏاڍي ناز ۾ ادا سان اٿي بيٺو. ويجهو وڃي نبن کي ڳراٽڙي پاتائيس، ”نبن هاڻ تون مونکي ڇڏ، هيءَ حياتي ائين آهي، ڪٿي ميڙا تہ ڪٿي جدايون. رئيسن سان ڪهڙا ضد، پنهنجن سان ڪهڙيون جدايون. بس، ائين سمجهہ تہ ڪي ويجها ٿي ڏور تہ ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين.“

نبن جي ڳلن تان هاڻ ڳڙها بس ٿي نہ ڪن، هو ٿڙندو ٿاٻڙندو وريو سندس آواز ڳروءِ اکين ۾ پاڻي هيس.

پوءِ هنَ لوهہ پاتي ۾ اڳتي وڃي ميڙ ۾ گم ٿي ويو جت رتن رڙيو پي.

”هُنَ تاري هُنَ هنڌ، هُتِ منهنجا سپرين،
سجڻ ماڪيءَ مُنڌِ ڪوڙا ٿين تہ ڪڏهين.“

ميڙي ڦٽڻ کان اڳ ۾ ٿي رئيس، گلاب کي ڪنيي اڏائي ڪٽي ويو.

گلاب ناچو ٿي سهين پر ننڍي عمر ۾ جيڪي ڌڪا ڪاڌا هئائين، عشق حقيقي ۾ عشق مجازي جي مام پروڙي هئائين تنهن هن کي گهڻو ڪجهہ سيکاريو هيو. هُنَ کي اها خبر نہ هئي تہ هو پاڻ ڪير آ، نہ ابو ڏنائين نہ امان، جڏهن ماڻهو سڃاڻڻ جهڙو ٿيو تہ پاڻ کي فقير غلام عليءَ وٽ ڏٺائين جيڪو ميڙن تي ڳائيندو وڄائيندو هئو. ائين هن کي سر تال جي خبر پئي ۾ هو هڪ ناچن جي ٽولي سان ڳنڍجي پيو ۾ وڃي لاڙ نڪتو.

ڪيترين درگاهون اوطاقون ٽپندو، ڳائيندو وڄائيندو تر جي رئيس رحيم بخش وٽ وڃي نڪتو جيڪو پاڻ وڏو راڳ جو ڄاڻو ۾ نچڻ جو ماهر هو. هُنَ کيس اهڙا داوَ پيچ سيکاريا جو هو جڏهن رچي راس ٿيڻ تي هو تہ اتي

ئي استاد نبن سان هن جو پيچ اڙيو. استاد نبن، رئيس رحيم بخش کان گهري ورتو ۽ جڏهن موڪل مليس تہ هو گلاب کي ڪٽي اڏاٽو ۽ اچي اتر وسايائين، پوءِ تہ ساهتي جو ساهت رنگ ڏسي اچي ساهتيءَ کي ويجهو ٿيو. هاڻ تہ اجا گلاب جي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور ئي نہ ٿي هئي جو هو استاد نبن کان کسجي رئيس جانب علي جي حوالي ٿيو هو.

رئيس جانب علي هن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. اوطاق ۾ هُنَ لاءِ خاص ڪمرو هو. جت غلم غاليچا، هنڌ پٿراٽيون، ڪوچ ڪرسيون، مال پاڻي سڀ ڪي هو. جانب علي جيئن واندو ٿيندو هو تہ گلاب سان رهاڻيون ات ٿينديون هيون. راڳ جي محفل جمندي هئي تہ بہ اتي، دل جون ڳالهيون بہ اتي تہ روساما پرچاءُ بہ اتي. جڏهن وري جام تي جام هلندو هو تہ سڄي رات وهامي ويندي هئي.

رات جو جيسين رئيس ساڻس رهاڻ نہ ڪري ۽ زور نہ ڏياري تيستائين ڪيئن سمهي. رئيس اونهاري ۾ ڪوٺي تي سمهندو هو. سندس واطاق تي نهيل ڪونو بہ اهڙو ئي خوبصورت هو. چيڪي مٽي سان راڳو ڏنل تنهن تي چٽڪار سان جيڪو هڳاءُ ٿيندو هو تنهن ۾ رابيل، موتيي ۽ رات جي راڻي جا ٻوٽا پنهنجي حصي جي خوشبو رچائيندا هئا.

اتي نهيل ماڙي بہ ايتري ئي رڱيل ۽ رتل هئي جيترو ٻاهر وڻندڙ ماحول هو. ماڙيءَ مان ئي هڪ ڏاڪڻ هئي جيڪا هيٺ ڪوٺ ڏانهن ويندڙ هئي. جنهن تي هر وقت ڪُلف هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن رئيس رات جو اتان لهي هيٺ ويندو هو ۽ در ورايو ڪُلف ڏيئي ويندو هو.

گلاب اڪيلو انهن ٻوٽن وارين ڪونڊين جي آبياري ڪندو هو يا ٻيهي تارا ڳڻيندو هو. جت ڪڏهن ڪيس تارا تروڪڻيون ڪڏهن تيڙو اُيا ٿيئي، ڪڏهن نڪت نيئي وجڻ جو احساس ٿيندو هو ۽ ائين ڪو تارو ڪڙندو هو تہ هو انهي پاسي ڪا ويل تڪيندو رهندو هو جت اهو گم ٿيندو هو. ان ويل کيس اهي ٻي ٻيا ٻوندا هيا تہ اج تہ هو رئيس جي اکين جو تارو آهي سيان جي هو ڪڙندو تہ ڪٿ گم ٿيندو اها ڪيس خبر نہ هئي. ان ويل ڪيس استاد نبن ياد ايندو هو. جنهن وٽ گهٽ ۾ گهٽ ڪيس وڃائجي وڃڻ يا گم ٿيڻ جو مسئلو نہ هو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو مر هو آهستي آهستي پاڻ کي اڃهاميل ۽ وساميل محسوس ڪرڻ لڳو.

ڪيس اُهي محفلون، اُهي مجلسون، اُهي ميڙ ياد اچڻ لڳا جنهن ۾ سندس

هڪ نگاهہ کي گهائي وجهندي هئي، سندس سريلو آواز ائين ڪائنات ۾ ڦهلجي ويندو هو جڻ تہ ڪير ۾ ڪنڊ گڏجي. مناڻ جو احساس ٿيندو هو. هاڻ هو ڳائي بہ گهٽ پيو واهہ واهہ ۾ بہ رڳو رئيس شامل. سندس روح خالي هو ۽ ڪيس ائين لڳندو هو جڻ هو ڪنهن قيد ۾ بند آهي ڪيس نہ اهي سهٽا ڪوتا، آهي هنڌ پٽرائيون، نہ اُهي هڳاءُ وٽڻ لڳا، بس بس چين تي ڦٽڪندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن جيئن جام تي جام پي ٻريو. رات ڏاڍي خماريل هئي. چوڌاري هڳاءُ، رنگ جي مستي ڇانيل هئي تہ رئيس سندس سهٽي منهن کي ڏسندي چيو "گلاب اج تي وڃي." ۽ گلاب بہ دير ئي نہ ڪئي، بي اختيار ڪائنس نڪتو:

جر ۾ سپون جيئن، آهين ابر آسري
جيئن ڪونجون سارن روهہ کي، مون تن اندر تيئنءَ
هت وعدا وچڻ جا هُتِ نہ پانيم هينءَ
ڪونين ويهان ڪيئن. جي نظر بندياٽي نہ هٿان.

گلاب اڃا بہ اڳتي هليو.

"پهري رات پسي، مون ماڙي مَنُ ڦڪو ڪيو.
موهڙ ماروئڙن کي، واحد اڏيج وسي!
آهر جنهن اسين، سو ملندو شال ملير ۾!"

بيت ڏيندي هن جو وائي کنئي تہ رئيس ايو تي وينو فضا سڄي سنگيت تي ويئي. سندس آواز ۾ سر بہ هو تہ درد بہ نرمل ڪومل وهندڙ ندي هئي جا پيي وهي ۽ منڙا سُر بوليندي پيي اڳتي هلي:

"روندي رات وهاءِ مون کي رويو رات وهاءِ
عمر ميان سومرا!

آئون بندياٽي بند ۾ ڪہ ڪي بند بيٺا
عمر ميان سومرا"

وائي پوري ڪرڻ سان جڻ تہ سڄو مانداڻ سنجي اچي پٽ پيو. رئيس ٺڏو ساهہ پري، گلاب کي سيني کٽي لاتو گلاب جي ڳلن تان ڳوڙها بس ئي نہ ڪن، رئيس سندس ڳوڙها اگهندي پڇيس، "ڇو سهٽا هاٽي هتي تنگ ٿيو آهين. اسان تہ ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي. سڀ ڪي تنهنجو آهي منا! پوءِ ڇو ملول ٿيو آهين."

”نہ سائين مان خوش آهيان بس انسان آ دل پرجي آئي.“

پوءِ بہ ڪا ڳالهہ هجي تہ ڪر. اِج تون راڻو ڇڏي، مارئي پيو ڳائين، ڪا تہ ڳالهہ آهي...“

گلاب جي منَ ۾ آيو تہ سڀ ڪجهہ چئي ڏئي. ڪيس ٻڌائي تہ هو جنهن پاڻي جي مڇي آهي اهو پاڻي ڪونهي، هو جنهن هوا ۾ ساهہ کڻندو هو اها هوا ڪانهي، هو جنهن مٽي جو جڙيل آهي اها مٽي بہ تہ ڪانهي. ڳالهہ اڌ ۾ رهجي ويئي هو سو ڪڙڪيو. رئيس ٽپ ڏئي اٿيو ڪنجيون کڻي دروازو کولي ڪنهن سان ڳالهايائين ۽ پوءِ هيٺ لهي ويو. گلاب ان ماڙي ۾ ٻرندڙ لالٽين کي گهوريندو رهيو ائين اندريون دروازو وري کليو.

رئيس ماڙي ۾ آيو ۽ پويان ڪير گڏ هيس. گلاب کي ائين محسوس ٿيو تہ ماڙيءَ ۾ ڪي گولا ٻري ويا آهن ۽ ڪيئي شيعون جرڪنديون اڳتي وڌيون آهن ۽ اکين ۾ نرورا پيدا ڪنديون, ڪيس گهري پل لاءِ پي نور ڪري ويو آهن، ائين رئيس ان جرڪندڙ پهڪندڙ بت کي ڪٽ تي وهاريو ۽ هٿ وڌائي پٽيءَ جي وٽ کي جهڪو ڪيو تيئن گلاب کي لڳو تہ روشني جا انبار ڦهلجي ويا آهن.

رئيس ٻاهر اچي، ڪا گهڙي گلاب کي تڪيندو رهيو ۽ پوءِ پٺ ورائي ماڙي ۾ ڏنائين. هاڻ گلاب جو ڪنڌ هيٺ هو. هن کي ائين لڳو رئيس جڻ ڪا پيٽ ڪندو هجي. گلاب کي پُڌسُڻ تي اها خبر هئي تہ پئي جهتيل هئا. اها راڻي بہ رئيس هڪ ميڙي تان جهتي هئي، هوءَ بہ ڪا ڳائڻي هئي ۽ اجا چوٽ تي ئي نہ پهتي تہ رئيس جي چنبي ۾ اچي وئي.

رئيس مڙ مايا جا اچلي من جي موهہ کي پرچايو هو. بہ ٽي سال ئي مس گذريا تہ گلاب بہ جهڙپجي آيو. گلاب گهڻو ٻڌو هو پر ڏٺو نہ هو.

اج جو سونهن جي سرسي ڏنائين تہ ڪيس محسوس ٿيو تہ عورت ذات جي سونهن مڙيو ماڻ لهي. گلاب پاڻ کي بلڪل نئيون جايل سمجهيو. ڪيس هوا جو رخ ئي بيو لڳو جڻ تہ ماحول پاسو بدلايو آهي، جڻ تہ ڪي رمزون جيڪي هن اڳ نہ پروڙيون هيون ڪيس اج سمجهہ ۾ اچڻ لڳيون آهن. هو اجان سوچ ۾ غرق هو تہ رئيس اچي پاس ۾ ويٺس.

”گُلَ ! تو بہ اسان جو من موهيو آهي پر يار اسان جو هڪ سر جو سائين بہ آهي، ڪيس اهي محفلون ڇڏي ڏينهن ٿيا. سندس سر ۾ بہ ڪئين مستيون آهن، پر اج تنهنجي ملي آواز ڪيس بي چين ڪري وڌو آهي. اج منهنجي سائين جو حڪم آهي، بس، ڪو الله جي ڏني مان ٿي وجي.“

گلاب ڄڻ ڪو خواب مان جاڳيو هجي. رات ٺري هئي ۽ مومل راڻي کي نہ موهي. بس هن اتان ئي شروع ڪيو.

مومل کي مجاز جا اکين ۾ الماس،
نہ عام نہ ڪا خاص، جي ويا سي وڍيا.

هو انهن اکين ۾ تکي تاءُ کي سهندو بہ وڃي ۽ بيت ڏيندو وڃي.

گجر کي گجميل جيون تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمن کي زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون پسو پرڏيهن جيون

هن لاءِ روشني جهڪي نہ هئي هو اڳتي وڌيو.

مومل کي مجاز جا اکين ۾ انبور،
هٽي حاڪمن کي پٽ نهاري پور،
گهوٽ پهري گهور، جي ويا سي وڍيا.

۽ جڏهن هن وائي ڪنئي تہ ائين لڳو ڄڻ سڄي ڪائنات ڳائي پئي.
”راڻا جي رجپوت مومل سي ئي پسندا.“
بيت بہ اهي هئا تہ وائي بہ اها ئي هئي، جنهن ميڙ موهيا هئا. پر اڄ سندس من موهيل هو.
هن کي اهو بہ احساس هو تہ سندس سامهون انهيءَ ڏانوَ جو ماٺهو ويٺل آهي. سندس ئي ٽولي جو ڪوياتي وينو آهي. سو جيڪي مولا کيس ڏنو هو سو هن پيش ڪيو. سندس آواز ۾ جيڪا مناڻ هئي، سر جو جيڪو سنگيت هو گلي جي مرڪين ۾ جيڪا مرڪ هئي، هن مستانو ٿي ڳايو. چاڪاڻ تہ هن جي اکين جي ڏنو هو سو اڳ نہ پسيو هيائون. هن مومل جون اکيون نرمل نهاريون هيون.
هن چوٽا جي چنبيل جا سي سڳنڌ واسيل پسيا هئا. هن واڄٽ ڪنڌڙ ٻانهون، اڇا اجرا، کير جهڙا هٿڙا، پدمڙا پير جي سُٽيا سي ڏٺا چوڏاري هڪ اهڙو ماحول ٺٽيل هو جو بلڪل نہ بينو ائين هلندو هليو جيئن ڪا ندي مستي ۾ مگن هلندي هلي، جُرَ ٽر ٻوڙبندي، تنهن ۾ ڪي فنا ٿين تہ ڪي نهاريو نهارين.
هن کي راڻي مان جيڪي ياد هو رئيس رحيم بخش جو ياد ڪرايل يا استاد نبن جو سکاريل، هو بيت ڏيندو وايون ورائيندو هليو. هن اڄ سر مومل

راڻي کي رڳو ڳايو نہ پر سمجهيو پئي ۽ اکين سان اهو سڀ ڪي پسيو پئي جيڪي هن اڳ نہ پسيو هو.

هن هاڻي هوءَ وائي ٿي چئي:

نيئي نيئي ڏيج اي ادا! ادا!
ساٿي! پرينءَ سنيهو.

پيرين وجهي هٿڙا زاريون زور ڪريج
ساٿي! پرينءَ سنيهو.

ڪال ڪوماڻا گلڙا سڪا متي سيج
ساٿي! پرينءَ سنيهو

هوا اچا اتي مس پهتو
نماڻي جي نجهري پيهي تون پڇيج

نہ هن روئڻ جو آواز ٻڌو اوڇنگار هئي ۽ هن ڪٽي ماٺ ڪئي ۽ ماٺ ۾ رئڻ جو آواز ائين آيو جڻ ڪنهن جا چاڪ چڪي پيا هجن، پڙي چڙهيل ڦٽ، پڙي اکوڙي کلي پيا هجن. رئيس جو پاڻ گم هو تنهن جو ماٺ ڏني ۽ اوڇنگارون ٻڌائين يڪدم اندر پڳو. وبل ٽري وئي ۽ هاڻ ات ڪوبہ نہ هو رئيس پنهنجي راڻي کني هيٺ هليو ويو.

گلاب آسمان ڏانهن نهاريو جت نکت سڀ نيئي ويا هيا. هاڻ سچ پچ ويل ٽري وئي هئي. گلاب ڪوماڻل گل وانگر ڪومائجي پئجي رهيو اجوڪي رات ڪيس گهڻو ڪجهہ ڏنو هو تہ گهڻو ڪجهہ پاڻ سان کنيو وئي هئي.

ائين وري جڏهن اهڙي محفل مچندي هئي تہ گلاب نئون سنئون ٿي ويندو هو. هاڻ تہ فرمائشون بہ ٿينديون هيون ۽ هو جڏهن اهي پوريون ڪندو هو تہ ڪيس جهيڻي روشنيءَ تي ڏسڻ ايندو هو تہ راڻيءَ جو منهن جرڪي اٿيو آهي. ڪيس صاف سمجهڻ ۾ آيو تہ راڻي بہ اهو ئي پاڻي اها ئي هوا گهري ٿي، جنهن جو هو طالبو پي رهيو آهي.

هڪ ڏينهن رئيس کي ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر وڃڻو پيو. ان رات گلاب محسوس ڪيو تہ هن اونداهہ ۾ جيڪي اميد جا ڪرڻا هيا سي بہ جڻ گم ٿي ويا آهن، هو ٿڌا ساهہ ڀريندو پاڻ کي اڪيلو سمجهي آسمان ۾

تڪيندو رهيو جت تارا بہ گم نظر آيس. هو نيٺ اوطاق جي اڱڻ ۾ پيپل ڪٺ تي پئجي رهيو. هو هر هر ان ڏاڪڻ ڏانهن نهاري رهيو هو هن جو ت پسي هئي. ڪيس هم خيال، همراز هٿ آيو هو. وڏي ڳالهہ تہ هو اُت هڪ عجيب سونهن سان سونهو ٿيو هو. جنهن اندر جو جوڳي جاڳائي وڌو هو. اهڙي تہ من اندر جي مونجهہ پرائي هئائين جو ڪنهن مہ تہ پريءَ ۾ سمجهيائين پي ۽ ڪنهن مهل ياڪر ۾. رات نري هئي، هير گهلي هئي ۽ هو خيالن ۾ غرق هو. وري بہ سندس اندر جي فنڪار ڪيس ماٺ وهڻ نہ ڏنو ۽ بي اختيار هن جا چپ چريا.

"نيئي نيئي ڏيج ادا! ادا!
ساٿي پرين سنهيو."

هن مستيءَ ۾ ڳايوءُ هن دفعي هن وائي جي پڇاڙي بہ ڪئي.

اوڪيءَ عبداللطيف چئي اچي ڏيج آڌر
ساٿي پرين سنهيو."

هو مستيءَ ۾ مگن هو هن کي خبر نہ رهي تہ ڪي ڪڙاڪي پيڪڙا سپ ٽٽ پيا آهن. هڪ هڳاءُ هو جو مٿس مري آيو ۽ چمڪي جي آواز تي هو جڻ تہ سجاڳ ٿي ويو.

هن اونده ۾ روشني جا ترورا پسيا. هو ماٺ ۾ اچي ويو. سندس سامهون اهي ئي وڄ وراڪا هيا، اهي ئي چرڪندڙ ٻانهون، ڪير جهڙا هٿڙا، پدمڙا پير جن ۾ پازيب چلڪيا پي، ڪيس لڳو تہ انهن مان جيڪي منڙا سُرَ پي نڪتا تن سندس سرن کي مات ڪري ڇڏيو آهي. سندس سامهون اهائي راڻي هئي جنهن ڪيس جوت پسائي هئي، انهي ئي سونهن سان سونهون ڪيو هو ۽ ڪيس اهو ساٿ بخشيو هو جنهن جو هو ڳولائو هو. ڪيتريون گهڙيون گذري ويون ڪيس سمڪ نہ رهي، هن کي هوش تڏهن آيو جڏهن پازيب پيرن ير چريا، پدمڙن پيرن ۾ ساهہ پيو ۽ هوءَ پوئتي موٽي آهستي آهستي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳي. ائين چوڌاري اوندهہ ٿي وئي، روشني ائين گم ٿي وئي جڻ هئي ڪانہ. سندس اکين آڏو اوندهہ اچي وئي هئي. هو آهستي آهستي چريو ۽ هٿوراڙيون ڏيندو بي اختيار اُن ڏاڪڻ تي چڙهي ويو جيڪا ڪيس ويندي بہ سجاڻيندي هئي ۽ ايندي بہ ڪيس رستو ڏيندي هئي جو سندس وک اوپري نہ هوندي هئي. پر اڄ هو ائين چڙهيو پي جڻ هن ڪڏهن هن ڏاڪڻ تي پير نہ رکيو هو. سندس هٿ پٽين کي محسوس ڪندا، پير ڏاڪڻ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندا اڳتي وڌيا ٿي.

ڪيس مٿي پهچي محسوس ٿيو ته ڏاڪڻ جو مٿيون دروازو جيڪو اندران بند هوندو هو ۽ جنهن کي رئيس اچي کولي ڪيس سڏ ڪندو هو. اڄ اهين کليل هو جڻ ڪڏهن بند نه ٿيو هجي. هو جيئن اڳتي وڌيو ته ڪيس سڄو ماحول اوپرو لڳو ماڙي ۾ روشني نه هئي، تارن جي روشنيءَ ڪيس پسايو ته ماڙيءَ ٻاهران، هيٺ هڪ خوبصورت غاليچو وڇايل آهي، جنهن جي چوڌاري ٻه ٽي ڪٽون پيل آهن جن تي هنڌ وڇايل آهن ۽ اهو هڳاءُ آهي جنهن هن کي مست ڪيو هو.

هو آهستي آهستي وڌيو سندس سڄو جسم پگهريل هو. ڪيس ان وقت هوش آيو جڏهن اها مومل مثال موهڻي سندس پير ۾ اچي بيٺي ۽ ڪيس وٺي اچي کٽ تي وهاريائين. گلاب هن جي ڇهاءَ تي سڄو ڏڪڻ لڳو ۽ سندس ننگون ٽڙڪڻ لڳيون.

انهيءَ حسن ازل جي انهيءَ انداز تي اصل قتلام تي ويو. جڏهن هن آهستي آهستي پازيب ڇمڪايا ۽ سندس انداز ائين هو جڻ هوءَ انهن پازيبن جي ڇمڪي تي نچي پئي. گلاب انهيءَ مجسمي کي ڏسندو رهيو جنهن ۾ ساهه پئجي ويو هو. آهستي آهستي سندس پگهر خشڪ ٿيڻ لڳو هُنَ هوش سنڀاليو ته مومل کي پيرن ۾ وينٺل ڏٺائين ڏاڍي هلڪي ۽ سريلي آواز ۾ پئي ڳيائين:

راڻا جي رجپوت مومل سي ئي پسندا.

گلاب اٿي بيٺو ۽ پوءِ يڪدم ندس پيرن تي ڪري پيو هُن. سندس ڪنڌ مٿي کڻي هنج ۾ آندو ۽ سندس وڏن وارن ۾ آڱريون وجهي سيرون ڪيڻ لڳي ۽ پوءِ هلڪن سرن ۾ جهونگارڻ لڳي.

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا،
زندان هزارين مان نه رڳو.

گلاب سندس چرندڙ چپن ۽ ڳلن تان وهندڙ ڳوڙهن کي ڏسندو رهيو.

گلاب محسوس ڪيو ته هوءَ به ولر کان وڇڙيل پکي آهي جيڪو هن وانگر آهي ۽ هن وانگيان ئي سوچي ٿو. سندس سر به ساڳيا آهن ته گيت به ساڳيا، هوءَ ڪانئس ڌار نه آهي. ان سان سر سنگيت، سونهن ۽ سوڀيا جو ميلاپ جيڪي هن پسيو آهي تنهن بنهه ڪيس ڪُهي ڇڏيو آهي.

هن ڪيئي جلوا ڏٺا، خلوتن جا مزا ماڻيا، ڏيهه پر ڏيهه گهميو ڪيس خبر نه هئي ته زندگي ايڏي وشال آهي، اڏي ڪشادي ۽ شادو آباد آهي جو هن جهڙا

ڪيئي گلاب آيا جوين ماڻي، منزل ماڻڻ بنا هليا ويا پر هو تہ ڪنهن ڪناري لڳو هو ڪيس منزل ملي وئي ڪو اهڙو ساٿي جنهن جي سورن ۾ سندس سورن ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ هو. هنن لاءِ اها رات ڪافي نہ هئي، ڳالهيون بہ تہ هيون. ٻيون راتيون بہ آيون، هنن هڪ ٻئي کي پروڙيو گلاب کي راڻيءَ جي ڪهاڻي مختلف نہ لڳي. هوءَ يتياڻي هئي، سندس پيڻ بہ ڳائيندي هئي، هن بہ ڳائڻ شروع ڪيو. سندس پيڻ جو بہ ڪنهن سان پيچ اڙيو ۽ پيءُ ماءُ کي ڇڏي وئي. سندس پيءُ ماءُ وري ڪيس سهارو هو ۽ سندن گذر سفر ٿيندو هو. پوءِ ميڙن تي نڪتي اجا اوج ئي نہ ماڻين تہ ڪنيجي وئي، ٽن سالن کان ڪوٺ ۾ قابو هئي. سندس مونجهہ اهائي هئي جنهن گلاب کي مونجهو ڪيو هو.

پاڻيءَ جا رهاڪو پاڻي گهرن، مٽي جا ماڻهو مٽيءَ ۾ گهر ڪن. گلاب بہ موڙهو هو ۽ راڻي بہ. ٻنهي کسي اُهي محفلون، اُهي مارو اُهي ماڻهو ياد ايندا هيا جن جي خلوص کين کهي ڇڏيو هو.

رئيس وچ ۾ ٻئي ڌريون راضي ڪندو رهيو جيڪي اڳ ۾ ئي پاڻ ۾ راضي هيون، کيس اها خبر نہ هئي تہ جڏهن هو نہ هوندو آهي تہ مومل، راڻو ماڻيندي آهي ۽ راڻو لڏاڻو جهاڳي ڪاڪ ڪنڌيءَ پهچي مومل سان رهاڻيون ڪندو آهي. هو مام ۾ ڳايل مارئي، عشق ۾ رتل جا سُرَ ٻڌندو رهيو ۽ جام ۾ غرق رهيو. کيس خبر تڏهن پئي جڏهن هو هڪ ڏينهن شهر کان موٽيو تهڪاريءَ وارا ڪڪ ڏنائين سندس راڻي، گلاب جي مومل ائين ڏهاڳ ڏئي وئي هيس جو هو ڪي سال جهر جهنگ جهاڳندو رهيو پر کيس راڻي نہ ملي. رئيس جا شوق پاڻي ٿي ويا هئا، سندس اکين ۾ پهريائين رت پوءِ پاڻي آيو. پاڻي خشڪ ٿيو تہ ڪي ورهہ لنگهي ويا. جيتوڻيڪ وٽس رائين جي ڪمي ڪانہ هئي پر کيس وڏو سور اهو هو جو راڻي پاڻ سان اُهو ٻار بہ کڻي وئي هئي. جيڪو رئيس مان هيس ۽ رئيس جو ان ۾ ساهہ هو.

رئيس جانب علي حيران هيو تہ گلاب ۽ راڻي کي زمين ڳهي ڳئي يا آسمان. تر ۾ تہ ڪو سام جهلڻ وارو ڪونہ هو ايتري ۾ هيءُ اهو تر ڇڏي ٻئي تر تائين پهتا ڪيئن.

کيس اهو خبر پئجي نہ سگهي تہ گلاب عشق ۾ رتل، فراق ۽ وڇوڙي جون وايون ڳائيندڙ استاد نبن کي نياپو ڪيو هو ۽ هو وٽس واڄ مينهن ڪري پهتو. گلاب هن کي نہ وساريو هو ۽ نبن هن کا سواءِ بي قرار ۽ بي چين هو. وٽس هاڻ تہ اهو ئي سجڻ پهتو هو جنهن کي هو سائين نبن ڪري پڪاريندو هو جنهن کي ڪنهن ڏينهن 'ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، حد ٻنهين جي

هيڪڙي‘ جي مام سمجهائڻ جي ڪئي هئائين. استاد نبن به نيايو ۽ انهيءَ قول تي پورو رهيو ته ’ڪم پوي تي ڪل پوي‘ هو جيپ ڪنيو آيو ۽ پڪي تي بهاريائين جو ڦيٽن جو نشان به نه ملين. ائين اڏائي ڪٽي وين جو وڃي لاءِ ۾ رئيس رحيم بخش جي ڳوٺ ۾ دنگ ڪيائين.

رئيس رحيم بخش جيڪو پاڻ سنگيت جو ڄاڻو نچڻ ۾ ماهر سو پلا اهڙن دلبرن کي ڪيئن ڇڏي. گلاب، راڻيءَ ۽ ننڍڙيءَ نينگر کي ائين گم ڪيائين جو ڪي ورهيه ته ڪنهن کي پتو نه پيو. جي محفلون لڳنديون به هيون ته رئيس رحيم بخش جي اندر هڙين ۾ نهيل بنگلي تي جت نانگ سڃن نيلا ۽ جت حاجت نه هئي هوتن جي. هيو ته اڙانگي پنڌ تي نهيل بنگلو پر منجهه سڀ ڪي هو. هوندن به ڪنهن شيءِ جي ڪمي ڪانه هئي. ڪاڏو پيتو خرچ پکو رئيس رحيم بخش تي هو. پاڻ هنرمند هو ته وڏو يار ڪو به. هُنَ کي خبر هئي ته هيءُ پکيئڙا پرَ پکيڙي وڏي پرواز ڪندي اچي هيٺ ستيا آهنب، ڪيس ساهي ملي ۽ پوءِ اُنهيءَ پنڌ انهيءَ اڏام کان واقف ڪجي جيتري منجهن سهپ هجي.

رئيس رحيم بخش گلاب جي فن ۽ هنر جو ته عاشق هو وري جو راڻي کي ڳائيندي ٻڌائين ته پڪ سمجهيائين ته هن وڃايو ناهي ۽ سندس نورتن ۾ اضافو ٿيو آهي. هُن جا بنگلا اهڙن ڳائڻن، سُر سنگيت ۾ ٻڌل فقيرن ۽ انهيءَ پنڌ جي پانڌيئڙن سان پر هيا. هو خوش هو ۽ راڻي به خوش هئي، هنن آهستي آهستي منڊليون مچائڻ شروع ڪيون. راڳ ۽ وڄت جي ميدان ۾ ائين وڌندا هليا جڻ اها شهسواري سندن مرڪ آهي ۽ ائين ڪي ورهيه گذري ويا.

هوڏانهن وري رئيس جانب علي به ڪجهه پر ساهيا، ڪجهه فڪر ڪان اجو ٿيو ڪجهه غم وسارڻ جي ڪيائين، ڪجهه محفلن کي پنهنجو ڪيو. هاڻ ته ونس هڪ نئين پکيءَ واسو ڪيو. جنان ڳاڻي ته هئي پر انهيءَ ڏانو جي نه هوءَ لوڻي تي ڳائيندي ۽ پنندي رئيس جانب عليءَ وٽ پهتي، رئيس جانب علي ڪيس پان وٽ وهاريو پر حويليءَ ۾ نه. هن ان لاءِ استاد رکيو پر جهونو. هو پراڻو ڳهاڳ ته هو جيتوڻيڪ هن ڏڪ هٽي ڪيس ساڙي وڏو هو سو هاڻ گرهه گرهه به ڦوڪي ڦوڪي تي ڪاڏائين. جيتوڻيڪ سندس نگاهون هاڻي اُهي ڇهرا ڳولي ٽڪيون هيون جن کي هو ڪهي نه سگهيو پر هو ڪيس ڪُهي ويا هيا.

آهستي آهستي ڪيس گلاب جي جاءِ تي رتن مليو جيڪو استاد نبن جي گم ٿي وڃڻ کان پوءِ اڪيلو ٿي پيو هو. سندس مستين ۾ ڪمي ڪانه آئي، ائين ڪي

ورهيہ پيا بہ گذري ويا. هاڻ تہ رئيس جانب علي ڪجهہ سور وساريو ڪجهہ سهسايو محفلون ماڻيندو گهمندو ڦرندو ميلا ملاکڙا ڏسندو وتندو هو. ائين هڪ دفعي محمد خان مختيارڪار جي دعوت تي وڃي لاءِ نڪتو. محمد خان وٽ پهتو تہ محفلون ٿيڻ لڳيون. هڪ ڏينهن شام جو جيئن محفل متل هئي ۽ تر جي پلي ڳائڻي دلبر، ڳائي دنگ ڪيو تہ محمد خان اشارو ڪيو ۽ ميدان ۾ بہ نينگر، پتوڙان وار گل گلاب جهڙا، جر ڪندا، ٻهڪندا، چمر چمر ڪندا لٿا ۽ اصل وڃ وراڪي وانگي وري ويا.

سندن اکين جي مستي، آواز جي جادو سيني کي حيران ڪري ڇڏيو. جوڙي بہ جوڙي هئي، ڪنهن ويهي هٿن سان ڪيس ناهيو هيو. ڳل رتل، چپ لال ٻانهن ۾ گجرا، ڳچي ۾ ڳاڙها رومال جڏهن گڏجي مفتون جي ڪلام کي کنيو.

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا،
زندان هزارين مان نہ رڳو.

رئيس کي تہ ماٺ وڃي وئي. رئيس جانب علي جيڪو اڳيئي نشي ۾ ٽپ هو سو ويتر ٻڏي ويو. سندس اکيون وڏي نينگر ۾ کتل هيون جيڪو قد بت ۾ بہ ناهو ڪو هو. اڃا اهو ڪلام پورو ٿيو تہ هن مهل موقعو ڏسي راڳي کي کنيو. ننڍي نينگر بيت ڏنو.

جوڳي تي جڙاءُ، نسورو ئي نينهن جو
پتنگ جيئن پيدا ٿيو سامي سڄ وڙاءُ
آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪنوارين ڪڪورئو.

وڏي نينگر اکين ۾ مستي پري ڪيس نهاريو ۽ بيت ڏنائينس.

مومل کي مجاز جا اکين ۾ الماس
نہ ڪا عام نہ خاص جي ويا سي وڍيا.

ننڍو وچ وانگر ڦرندو ڦري آيس.

آءَ لنگو ٿيا لال! ڪِهِ پرَ ڏنيءَ گجريون؟
آب ارتو اکين، لڙڪ وهائين لالَ
ڏِٺءِ جي جمال، سامي! ڪہُ نہ سلائين.

وڏو ڪنڌ ڌوڻيندو اڳتي وڌيو سندس هن بيت سيني کي لوڏي وڌو.

گجر کي گجميل جيون تارون ۾ تبرون،
هٽي حاڪمين کي زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ ڦبرون پسو پر ڏينهين جون.

ننڍي وري ورائي ڏنس.

گجر گاروڙين اچو اڏي اپيي
مٿان پيئي تن، ٻڏا پاڻ هٿن جي.

وڏو بہ تيار هو مومل کيس ٻنهہ نهوڙي وڏو هو.

مومل کي مجاز جا اکين ۾ انبور،
هٽي حاڪمين کي پٽ نهاري پورَ
گهوٽ ڀرين گهورَ جي ويا سي وڍيا

ماڻهن مر واهہ واهہ هجي، هڪ تہ پاڻ حسين وري جو حيران ڪندڙ حسن کي بيان ڪرڻ بيٺا تہ محفل مست ٿي وئي. بيت هجي.

مومل ماري مير، آهيڙين کي اُڪري
سوڍي گهٽا سڪائيا، پڙهيا پٽت پير
هٽي تن کي تير، مٽيو جن مٿن ۾.

وڏي بہ وڏو تڪ هنيو.

جهڙا گل گلاب جا تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيلئا ها ها ! هو هميشہ
پسئو سونهہ سيد چئي، نينهن اچن نيش
لالڻ جي لبيس آتڻ اکر نہ اجهي.

هاڻ محفل مٿل هئي ۽ هنن وائي ڪنئي:

راڻا جي رجپوت، مومل سي ئي پسندا.

وائي اوج تي هجي جو رئيس جانب علي ٻنهہ اپو ٿي بيٺو. هڪ نسو ٻيو ڏنئين سهٽا ماڻهو مٿان مستو مست مدام ڪلام ٻنهہ هوش ڪان نڪري ويو. سڏو وجي وڏي نينگر ۾ هٿ وڌائين ۽ پاڪر ۾ پيري کيس ڇڪڳيندو اندر بنگلي ۾ ڪنيو ويس، راڳ بند نہ ٿيو ٻيو نينگر اچا پڙ تي هو.

مٿان ڇڏيين مگٽو مهدا مرشدا!
مومل سي ئي پسندا.

وائي تي وجت بہ وڻ وڃائي ڇڏيا هيا.

رئيس جانب علي هاڻ لوڻو بہ نہ هنيو سڏ وچي ڪمري ۾ دنگ ڪيائين. اتي پهچي ڪا گهڙي سندس سونهن ڏسندو رهيو. پوءِ هنج ۾ وهاريندي پڇيائينس.

”پاڻ ڪير آن سهڻا؟“

نينگر اتي بيهي رهيو ڳاڙهو رومال کولي ڳارو ڪري نئڙي چيائينس:

”سائين مان خادم، مان گولو مان تہ سائين گولا جي گولن جا تن جو بہ غلام.“

رئيس جانب علي ڪا گهڙي وائڙو ڪيس تڪيندو توريندو رهيو ۽ پوءِ پاڻ ڏي ڇڪيندي چيائينس، ”سهڻا ڪجهہ گهر تہ سهين. دل خوش ڪيئہ، من موج ڪيئہ، ڪجهہ تہ چئہ.“

ائين چئي کيسا کڻي خالي ڪيائين. مٿس نوٽ وسائيندو هليو ۽ پاڪر ۾ پري ڏاڍيون منيون ڏيڻ لڳس. اوچتو نينگر چرڪ پري در ڏانهن ڏٺو. رئيس بہ اوڏانهن ڏٺو. در کليل هو پر ڪو ماڻهو در ٻاهران جهڪي روشني ۾ نظر پي آيو. رئيس دانهن ڪئي. ”اڙي ڪهڙو آهين، نڪر هتان!“ جواب نہ آيو. هاڻ رئيس ڳاڙو ٿي ويو پستول کڻي ڪڍيائين.

”اڙي نڪر هتان نہ تہ اچيئي ٿو.“

هاڻ اهو ماڻهو بہ يڪدم روشني ۾ اچي ويجهو هليو آيس. رئيس جانب علي جيئن کيس ڏٺو تہ سندس پنيءَ کان نڪاءَ نڪتو جيڪو سجي بت ۾ ڦهلجي ويس. لونڊڙيون نهڪڻ لڳس، سجو بت ڏڪڻ لڳس.

”رئيس! چو ٿو قيام ڪاري ڪرين. اجا شوق نہ ٿو ڇڏين. ڏس سڄاڻ تنهنجي هنج ۾ ڪير آهي.“

رئيس ڇوڪري کي ائين هيٺ ڦٽو ڪيو جڻ ڪو وڇون هجي، هو سجو پگهرجي ويو ۽ زبان آلي ڪرڻ جي ڪيائين، پر نہ زبان ساٿ ڏنس نہ دل. هو اتي پٿجي رهيو جيستائين گلاب وڏي: ڪيس نہ ڏٺو. رئيس جي نبض خاموش هئي.

گلاب انهيءَ نينگر کي پٽ تان کڻي پاڪر پاتو ۽ چيائينس:

”پٽ! تون وچي ماءُ کي ٻڌاءِ تہ هاڻ پلي چوڙيون پڃي ڇڏي رئيس جانب گذاري ويو آهي.“

ٻاهر اڱڻ ۾ اجا مستي هئي ۽ ٻئي نينگر جيڪو ننيڙي گلاب کان سواءِ ٻيو نہ هو تنهن ڳايو پي.

راڻا جي رجپوت مومل سي ئي پسندا،
اصل لکندو آنگ ۾ تيندو تان پي ادا،
مومل سي ئي پسندا.

❊

## ويريون

[نوٽ: پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، هجري 1401 ۾ قومي ۽ صوبائي زبانن ۾ ڇپيل بهترين ادبي ڪتابن تي انعام ڏنا آهن. سنڌي ڪتابن لاءِ منظور ڪيل "شاهه عبداللطيف ڀٽائي انعام" ممتاز سنڌي افسانه نگار حميد سنڌيءَ کي "ويريون" نالي سنڌس افسانن جي مجموعي تي مليو آهي. هت انهيءَ ڪتاب جي مکيه ڪهاڻي "ويريون"، مهراڻ جي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿي. -ادارو]

نورپور ڪنهن وقت ۾ ته ڳوٺڙو هو پر جيئن جيئن رئيسن جي رئيسي اوج تي پهچندي ويئي، نورپور به اوج تي پهچندي ويئي. چڱا سکر مڙس اچي وسيا، وڻج واپار ته هوئڻ ئي رئيسن جي دم سان هو. سنڌن بنيون ٻارا ايترا ته جهجها هئا جو شهر جي چڱي ڀلي ڀلاوٽي نيئومل جي وس جي ڳالهه نه هئي، جو سمورو مال سودي وجي. نيٺ رئيسن جي ڪڙم مان جوان نڪتا جن پاڻ سيٺڪي ڪئي ۽ سيٺين وانگر تر ۾ پنهنجو مال سودڻ لڳا. ماڻهو سا ڪائتا هئا، سنڌن وک وک مان ڏاهپ پئي بکي. ترت ئي چڱا وڏا سيٺيون بنجي ويا. سنڌن وڻج واپار بمبئي جي ڪوٺين تائين وڃي لڳو پر سنڌن خانداني لقب رئيس نه هيٺ ٿيو نه مٿي ٿيو. رئيسپائي مان نڪري سيٺپائي تي پهتا هئا، پر ته به نه سنڌن ڪڙم جا نالو مٽيو نه وري سنڌن کي رک رکاءُ ۽ اٿي ويٺي ۾ فرق آيو. چڱو ڪائيندا چڱو پهريندا هئا. سنڌن ڪڙم جو واڏارو ڏسي سنڌس وڏي رئيس گل محمد هڪ چڱي چوکي حويلي نهرائي. پرسان اوطاقون ۽ مال جون جايون نهرايون. سنڌس نگاهه ڏگهي هئي، سنڌس هٿ وڏا هئا، پر ۾ چڱا پٽ وني چڏيائين. رئيس گل محمد ڏاڍي تجربي وارو ۽ هوشيار ماڻهو هو. ساڻس عمر وفا ڪانه ڪئي ۽ سگهو وڃي بر وسايائين. سنڌن پونيَر چڱا سمجهو هئا پر جيئن نه ڪو رئيس گل محمد ياڳ جي علامت هجي، سنڌس موڪلائڻ سان رئيسن جي راڄ جي به پڇاڙي ٿي.

رئيس گل محمد جي نہ رڳو واپار تي پر زمينداري ۽ راڄ تي بہ نظر هئي. سندس پونيَرن جي وري نظر واپار تي وڌيل هئي. سيڪجه وڪٽي بہ داءُ واپار تي لڳايائون. ڪرٽي منهنجي مالڪ جي اهڙيءَ تي جو وڏيءَ جنگ ۾ ڪروڙپتين ڪر ٺي نہ ڪنيو ۽ وچي پٽ پيا، اُتي هي لکن ۾ مس هئا. سندن واپار ۾ هڙ جهڳوٺي ناس ٿي ويو. اوسي پاسي جيڪي زمينو پٽ هئن سي وڪٽي وچي جان ڇڏايائون. پر هو جو چوندا آهن تہ نڪي نڪ ڪي مر لائبي ابي جي پَر وڃائبي، ڪهڙي بہ حال ۾ هئا پر پنهنجي پر نہ وڃايائون. اٿي وبني مهمان تاٽي ڪي ڪارائڻ پيئارڻ، اُهيئي اوطاقن جا ميڙا قائم رهيا.

پر آخر ڪيستائين. آهستي آهستي آڪهيون وڌيون، ڪن وچي ٻاهر نوڪريون ڪيون، ڪن اتيئي ڏنڌي ڪي ورتو پر اها اوچ وري نصيب نہ ٿين. هونئن بہ نيٺ ڪمال کي زوال آ. نورپور جي اوچ بہ ڪا رئيسن جي دم سان هئي. آهستي آهستي، اهي ٺي پٺون پاٽا، اهي ٺي چن ۽ وٽاڻ. جهڙيءَ طرح وقت سان گڏ ماڻهن جي طبيعتن ۾ بہ هيٺ مٿاهيون اچيو وڃن، اهڙيءَ طرح رئيسن جي حالت ۽ گهرن جون رونقون لٿجي خزان جي صورت اختيار ڪري ويون. اڄ بہ نورپور جي شهر ۾ گهڙبو تہ منهن ۾ وڏي بازار پوندي جا نالي ماتر وڏي بازار وچي رهي آهي، جنهن ۾ سواءِ چند دڪانن جي ڪي بہ ڪينهي. اهي ٺي دڪان لتاڙي صابوگرن واري گهٽي ۾ پئبو ۽ جيئن وڏي مسيت کان هينين ميدان ۾ لهبو تہ چڱي مٿانهين تي هڪ ڪوٽ نظر ايندو جنهن جا ڪنگرا جهور، سندس وڏين ڏگهين پتين ۾ جهيرون، سندس پاڙون ڪتل ۽ ڪاڏل. اها آهي رئيس گل محمد جي نهرايل حويلي، جا اڄ بہ رئيسن جي حويليءَ جي نانءُ سان مشهور آهي.

جيئن ٺي حويليءَ ڏانهن وجبو تہ هڪ چڱي چاڙهي چڙهي حويليءَ جي لنگهہ وٽ پهچبو. چاڙهيءَ جي هيٺان رئيسن جي پونيَرن جون مَنهين واريون اوطاقون نظر چڙهنديون. انهن اوطاقن جي اوچ اجڙيل آهي. سندس پونيَرن مان ڪنهن بہ اهڙي اوچ ڪانہ ڪئي. جي ڪن ڪئي بہ آهي تہ اهي ٻين شهرن ۾ نوڪرين يا ڏنڌي سانگي آهن.

حويليءَ کي هڪ تمام وڏو در ۽ هڪ ڏيڍي آهي جا اندر وچي هڪ وڏي ميدان ۾ پوي ٿي. لنگهہ شايد ان ڪري مختلف نہ آهن جو سيني جا پاسا ورهايل ۽ طرف ڪنيل آهن.

ڪنهن وقت ۾ ته طرفن ۾ پاسن کي ڪنهن ڪنگهيو به نه ٿي جو وڏڙن جو قرب پريو ساهه به هڪ ئي نڪئون ڪجندو هو. گهرن ۾ نه وڇا نه ويريون، نه دوريون نه جدايون، بس پنهنجائي وارو ڪارخانو هو. رئيس گل محمد ڪي ناتا اهڙا اُٿيا هئا جو ڪي ورهيه ته ڪارخانو ائين پئي هليو. گڏ جا گهر، وڏ ۾ وڏ ڏاڏان جي نالي تي ڪمرا وراهيل، پر نه ڪو ڪي ڏار پتيون نه ڪي ويريون.

گڏ جو کائڻ، گڏ جو اٿڻ ويهڻ، لنگه هڪڙو ڪهڙي پاءُ کي ڪهڙي پاءُ کان جدا ڪري ڳڻائجي. بس سڏجي ته بابا رئيس گل محمد جو ڪڙم. رنگيءَ جا رنگ آهن، ڪڙم جو ته وڃي هن دؤر ۾ هن رنگ ۾ نانءُ رهيو آهي. هاڻي هر هنڌ ڪڙم جي نانءُ کان اڳ هر ڪنهن جي پنهنجي حيثيت، ڳڻپ ڏارئون ڏار آهي. اڳ رئيس گل محمد جي آڪهه، پوءِ ٿي رئيسن جي آڪه. پوءِ ڇا، ڇي هي محمد ابراهيم جو ويڙهو هي نظير احمد جو ويڙهو هي ولي محمد جو ويڙهو هي شمس الدين جو ويڙهو. هيءُ سڀ هئا رئيس گل محمد جا پائر. اڄان به اڳتي هلو ته شمن جو گهر، رسول بخش جو گهر، منڻ جو گهر، مولا بخش جو گهر، ۽ اڄ بس گهر ۾ گهر. ڪنهن جو نانءُ ونجي. اندر ويريون پئجي ويون، حويلي پاڳا ٿي ويئي، هيٺ اوطاقون ٽڪرا ٿي ويون، آڪهه وڏندي ويئي، ڪٽنب ڇڄندا ويا. حويليءَ ۾ ٽڪرن ۾ پاڳن جو تعداد وڌي ويو پر جي نه ڇڄجي ها ته ڏيڊي نه ڇجي، جتان حويليءَ ۾ اندر داخل ٿيو هو ۽ اها پنهنجي ننڍڙي پر ڏکهي ڇٽ سان قائم دائم لنگهندڙن کي گس ڏيندي رهي. ڏيڊيءَ کي پنهنجا به در هئا، هڪ منهن ۾، هڪ آخر ۾. ڪير جي ٻن درن کي بند ڪري ته ڇڻ ته صفحو ٿي ٿي پيو. رئيس گل محمد جي آڪهه جو ڇڱو مڙس محمد ابراهيم پراڻي کهي جو ماڻهو پراڻن قدرن ۾ ايمان، پر ليکي چوکي ۾ ڏاڍو سخت ۽ ڏکئي طبيعت جو ماڻهو هو. سندس شمس الدين وارن سان اصل ڪانه پوندي هئي، جو رئيسن جي ڏاڏنگ ۾ ڪونه هو. هونءَ به ناناڻي پر زالون ۾ بار پاڙيندا آهن. باقي مڙداڻي پر اها آهي جو هميشه ڏاڏنگ پيا ساراهيندا. شمس الدين جو گهر ڏيڊيءَ سان گڏ هو. شمس الدين پورهيت ماڻهو هو پر سندس نينگر پڙهي پيا. ان مان ڪو مليريا جو صاحب هو ته ڪو فيملي پلاننگ ۾ هو. نوڪرين سانگي ٻاهر. گهر ۾ پيرسن شمس الدين ڏيڊيءَ جي پٽ کي ٽيڪ ڏيو آرسين لوپن ۽ جاسوس بليڪ جا جاسوسي چڪر وارا ناول پڙهي وقت گذاريندو هو. سندس گهر جو خرچ نينگر ڪنيو وينا هئا، هن رازڪو ڪم گهٽا ڏينهن ڇڏي ڏنو هو.

هڪ ڏينهن، جيئن هو اکين تي عينڪ چاڙهيو ڪتاب ڪنيو وينو هو ۽ ڏسي رهيو هو ته ڪيئن جاسوس بليڪ، سمٿ کي دڙڪا پيو ڏئي، ايميلي ڪارٽر کي سمجهائڻ پيو ڏئي، سندس هٿ پٽ جي هڪ دز تي پيو. هن جو هٿ بي اختيار هٿوراڙيون ڏيندو رهيو ۽ هڪ هوشيار رازي وانگر پٽ کي ٽوريندو رهيو ۽ ائين هن ڪتاب رکي ڇڏيو. هن ڪٽ ريڙهي پري هٽائي ڇڏي، هٿ لائي ڏٺو ته پٽ ڇگي ڪاٺ ڪري ويئي ۽ ڪافي هنڌن کان ڏري ڇجي به پئي آهي.

پراڻو ڪاريگر هو قصي کي سمجهي ويو. صبح جو اٺين سان هڪڙو رازو جو سندس يار به هو، به مزور وٺي اچي ڏيڍيءَ ۾ بيٺو. ڏيڍي ۽ سندس ڪمري جي پٽ مڙيوئي هڪڙي پٽ، سو خيال پچائڻ لڳو ته اهڙو ڪم ٿئي جو پٽ جي مرمت ٿئي نه ته سڄي ڏيڍي ڇت سوڌي هيٺ لاهڻي تي پئي. شمس الدين ۽ سندس يار رازي گلڻ جا هٿ پٽ کي ٽوڙي رهيا هئا ته ائين محمد ابراهيم اچي لانگهائو ٿيو. پراڻي ٿلهن شيشن وارين عينڪ مان نظر ڪرڙي ڪري شمس الدين کي ڏنائين ۽ لڪڻ کي زمين تي ٽيڪي چيائين: "اڙي ماما! ڇا کي لڳو آهين، پٽ ٿو ڊاهين ڇا!" اجان شمس الدين وراڻي ئي ورائي ته مٿان ٿهڪايائينس، "ڏسجانءِ ماما پاڙين مٿان هٽي پٽ ڪانون ڪيرائي وڌي، ڪاٽي گلڻ پارا مٿان نه پٽ ڪيرائينئي." شمس الدين کي خبر هئي ته محمد ابراهيم ذکي طبيعت جو ماڻهو آهي، تنهنڪري سور پي چيائينس، "پائو ڏيڍيءَ جي پٽ ڪمزور ٿي پئي آهي، جي ڪري پئي ته نه رڳو ڏيڍي ويندي پر مون واري ڪوٺي کي به کنيو ويندي. تنهنڪري گلڻ کي وٺي آيو آهيان ته ڪا صلاح بيهاريون ته ڪيئن ڏيڍيءَ کي بچائجي." ۽ ائين محمد ابراهيم عينڪ لاهي هٿ ۾ ڪئي، تکي رڙ ڪري چيائينس "اڙي مٿان پٽ کي هٿ لاتو اٿئي، هي سڄي ڏيڍيءَ وچ جي ملڪيت آهي شما! جي تو ڪا به حرڪت ڪئي آهي ته سيني کي سڏائي انهيءَ پٽ ۾ لنبائي ڇڏيندوسانءِ، سمجهيئه!"

"پر به پائو جي پٽ ڪري پئي ته مان ڪاڏي ويندس. ڇگو پلا ايترو حق اٿم ته اندران پنهنجي پٽ ڪٺايان، پوءِ پلي هيءُ ڪريو ته ڪريو توهان جي مرضي."

محمد ابراهيم جي ڪنن جون پاڙون ڳاڙهيون ٿي ويون. لڪڻ کي پٽ تي هڻندي چيائين، "شما، مان سڀ سمجهان ٿو انهيءَ بهاني تون هيءُ پٽ ڪيرائڻ ٿو چاهين ته جيئن مان ڏيڍيءَ تي قبضو ڪيان. تون نه نئين پٽ نهرائي سگهين نه هن کي هٿ لائيندين. نه ته ـــ بس سمجهين ٿو."

محمد ابراهيم لڪڻ سان گڏ ڏند ڪڙڪائيندو هليو ويو. شمس الدين حويليءَ جي ٻاهران گلڻ ۾ مزورن سان گڏ ويهي رهيو. سندس نظرون پاتال ڏي کتل هيون، سندس نرڙ تي پگهر هو. هو سوچڻ لڳو ته هن کي ڪيڏو نه گهٽ ۽ ذليل سمجهيو پيو وڃي. هن انهيءَ ذلت کي انهيءَ نموني گهٽايو هو جو نياٽيون ويهاري ڇڏيائين، پر رئيسن ۾ نه ڏنيون هئائين. رئيسن جي آڪهه ۾ پنهنجي پيءُ جو اوچ تڏهن ڏنو هئائين جڏهن رئيس گل محمد حيات هو.

پر جيئن هو الله ڏي هليو ته سندس ساڻ اها ڪار ڪيائون جو ڦهريائين حويلي اندر اڱڻ ۾ ويري وجهائڻ وارو سندس پيءُ هو. لنگهه ٻه ايڏو ڏيڍيءَ جي ويجهو رکيو هئائين، جو شمس الدين يا ٻيا گهڻو حويلي ڏانهن ويندا نه هئا.

شمس الدين کي خبر هئي ته حويليءَ ۾ اڄ ڪنهن ٻه گهر ۾ قرب جو نانءُ نشان ڪونهي. سڀ انهن ويرين جا قيدي هئا، جيڪي هنن پنهنجي آنا جي تسڪين ۽ ڪوڙي ڀرم خاطر نهرايون هيون. انهن ويرين جا بنياد ٻه اونها ڪرايا هئائون، جيئن ڪو به نسل انهن کي ڍهرائي نه سگهي. هونءَ قرب ۽ پيار جا بنياد به اونها ئي هوندا آهن، پر جي نفرتن ۽ جداين جا بنياد کٽائبا ته وڏيڪ اونها کٽائبا. ڇاڪاڻ ته ڦهرين محبت ۽ پيار جي بنياد کي لٽرائي نفرت جي ويري اونهي گهري کٽائبي آهي، صرف انهيءَ لاءِ ته ڪٿي قرب ۽ پيار جي لٽيل ديوار جا بنياد هنن نفرتن جي بنيادن کي لوڏي نه وجهن. شمس الدين سوچيندو ويو هو نيٺ ڏيڍي ٽپي اندر حوليءَ ۾ آيو اڱڻ ۾ ڪنيل نندڙيون پر اونهيون ويريون ڪيس نفرتن جي جداين جون ويريون نظر آيون. هو سوچڻ لڳو ته آخر انهن نفرتن ڪيس ڏنو ڇا آهي. هو هڪ هڪ ويري ويجهو وڃي اندر نهارڻ لڳو. گهر گهر انهيءَ ڪوٽ جي ديوار اندر نڪتل ديوار اندر ديوارهينان ڪيئن نه ڏکي زندگي گذاري رهيو هو. شمس الدين کي ائين لڳو ته هيءُ سڀ ڪوڙو ڀرم رکڻ لاءِ جيون گهارين پيا. هو ويرين جي ڏکهي سلسلي ڏانهن هلندو ويو. سندس وکون هڪ هنڌ بيهي رهيون. سندس ماڻٽن مان ڪا مائي ڪنگهي رهي هئي. هن ڪنڌ مٿي ڪري ويري مٿان هيٺ اندر نهاريو. هن کي ڄاڻ هئي ته هوءَ ٽي- بي جي مريض هئي. پاسي ۾ سندس پوٽو ملي ۾ ورتو پيو هو. هو وڏيڪ سوچي نه سگهيو ۽ پنٽي موٽيو. هاڻ سامهون سندس گهر هو. هو ويري جي لنگهه وٽ وڃي بيٺو. هن پنهنجي گهر اندر ڏٺو اڻپوري روشني، گهر ۾ گهر، حويلي ۾ ايڏي سوڙهه. هن جو هنياءُ منجهڻ لڳو. هنن يقين به ته ڄاءِ والاري آهي. هو سوچڻ لڳو هنن ويرين

سوڙهه چو ڪئي آهي؟ هو اندر پهچندڙ جهڪي روشني ۾ پنهنجي وچين پٽ ڪي گيسيون پائيندو ڏسي سگهيو ٿي، جنهن جون ٽنگون پوليي سبب ختم ٿي چڪيون هيون. سندس ٻه نياڻيون جن جا مٿا ٻه ٽيڻ لڳا هئا، هاٺي چڙيل چٽن سان درون ۾ مبتلا هيون. هن حويليءَ جون ديوارون ايڏيون ته ڏگهيون هيون جو ڏاريا سنگ ٻه اندر اچي نه ٿي سگهيا. حويلي اندر هيءَ وبريون ايڏيون ته گهٽيون ۽ مضبوط هيون، جو پنهنجا سنگ هڪ ٻئي جي ويرين کي ڏاهي نه ٿي سگهيا. هن جاتو ٿي ته اهي ڪچين يا پڪين پٽين واريون پٽيون روڪ نه هيون، پر اهي دلين جون ويريون هيون، جنهن هڪ ٻئي کي ڏار رکيو هو. هن کي اها ٻه خبر هئي، ته رئيسن جي ڪانئس انهيءَ ڪري نفرت هئي جو هو نانگ ۾ هئن، پر جيڪي هڪ ٻئي جي ڏاڏنگ ۾ هئا، انهن ۾ وري ڪهڙي محبت هئي. هو ائين سوچ جي انبهوهه مان سٽ ڏئي نڪتو ۽ ٻاهر پڳو. ڪٽ ڪان گلو رازي جي تيشي ڪنيائين. ڊوڙندو اندر ويو گلو گهٽو ئي ڏيڍيءَ تائين پڳس، پر هو ڪيس وٺي نه سگهيو ۽ ڪجهه سوچي هيٺ اوطاق ڏانهن پڳو. شمس الدين ڏيڍي لتاڙي سڌو اچي پنهنجي گهر واري ويريءَ وٽ بيٺو سندس هٿ زور سان ڪم ڪرڻ لڳا. سندس پٽ پراٺي ۽ ڪچي هئي. چئن پنجن ڌڪن سان هن پٽ جا ٻرگهل لاهي وڌا. سندس هٿ تيز هلي رهيا هئا. هر هر پنهنجي منهن ڳالهائي ٻه رهيو هو. ”هي ويريون اسان جون دشمن آهن. ابراهيم! هي تنهنجون ٻه دشمن آهن. تو پنهنجي گهر ۾ تڪيو آهي. توکي تنهنجي زال ۽ نياڻين کي ٻه هيءَ ويريون ڪائي ويون آهن. هيءَ ويريون دلين جون ويريون آهن. ابراهيم. هيءَ اڄ ڊهڻ کپن!“

ائين هن ڪنڌ مٿي ڪنيو. ابراهيم ۽ ٻيا مٽ مائٽ پرسان اچي بيٺا هئس، هو يڪدم وڏي محمد ابراهيم وٽ آيو.

”رئيس محمد ابراهيم! اچي هيءَ تيشي وٺ. اهي سڀ ويريون توڙي چڏ. گهٽ ۾ گهٽ پاڻ واري ويري ته ڊاهه. اڙي سڀ گهٽجي مري ويندؤ. اڙي بوساتجي ويندو اڙي ڏبجي مري ويندو. اڙي ويريون ڊاهيو ته دليون صاف ٿين. دليون ڏوپنوَ. اڙي چو ٿا هڪ ٻئي کي گهٽي بوساٽي ماريو اڙيا!“

هو زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو. محمد ابراهيم سجو ڏڪڻ لڳو هو. هو هيڊو ٿي ويو هو. وڏيڪ ٻڌڻ جو روادار نه هو. هن پر ڪري شمس الدين کي چمات وهائي ڪڍي ۽ پاڻ ٿڙڪندو جهڪي ويهي رهيو ۽ شمس الدين رئندو ڊوڙندو پنهنجي ڪوٺي ڏانهن هليو ويو جنهن جو در هن هڪدم بند ڪري ڇڏيو. اها رات حويليءَ جي اداس ۽ تاريڪ رات هئي. انهيءَ رات

ڏيڍي جي پٽ ڪري پئي ۽ شمس الدين انهيءَ پٽ ۾ پنهنجي ڪوٺيءَ جي ڇت هيٺان دٻجي ويو. جڏهن شمس الدين کي مٽيءَ جي ڍير مان ڪڍيو ويو ته تيستائين سندس هٿ ۾ هئي. جڏهن هن کي مٽيءَ جي ڍير مان ڪڍي ٻيءَ مٽي جي ڍير ڏانهن نيو ٿي ويو تڏهن ڇوڙ وارن ڇيو ته سڄي رات شمس الدين ڪوٺيءَ ۾ بند انهيءَ پٽ جو بنياد تيشيءَ سان کوٽيندو رهيو هو. هنجي لاءِ شايد اها ڏيڍيءَ جي پٽ حويليءَ جي پٽ هئي، جنهن کي ڪيرائڻ سان شايد سڄي حويليءَ جو بنياد ڍهي پئي ها، پر حويلي اڄ به قائم آهي. سندس ڪنگرا ۽ ڪوٽ جهور ٿي چڪا آهن، اندر ويرين ۾ دوربون اڃا قائم آهن. ڏيڍي هاڻي هڪ گهٽيءَ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. وچ جو مال آهي ڪير نهرائي. شمس الدين جي ڪوٺي انهيءَ ئي پڳل حالت ۾ آهي، ۽ انهيءَ پڳل حصي ۾ شمس الدين جا ٻار ٻڪريون ٻڌندا آهن. باقي ايترو سو ضرور ٿيو آهي جو نوربور يا اوسي پاسي هاڻي حويليون ڪونه نهنديون آهن، جي نهنديون به آهن ته انهن ۾ ڏيڍيون ۽ ويريون نه هونديون آهن.

❋

## خوشبوءَ جا گهاوَ

اچانڪ مون کي محسوس ٿيڻ لڳو ته مان، مان نه آهيان. مان پنهنجي هستي وڃائي چڪو آهيان. مون آهستگيءَ سان هن ڏانهن نهاريو هوءَ خاموش اکيون بند ڪيو وٽندڙ ۾ هڳاءُ واري فضا ۾ خواب جي دنيا ۾ گم هئي.

چوڌاري وڏا وڏا ڏار سِرهن جا وڻ جهڳٽن ۾ پکڙيل هئا. ڪٿي ڪٿي نم جا وڻ جهڪيا بيٺا هئا. سرنهن جي گلن ۽ نم جي نمورين جي خوشبوءِ اهڙي ته رچجي وئي هئي جو نشي ۾ مدهوشي جو گمان ٿي ٿيو.

مون سيما ڏانهن گهوري نهاريو ۽ سوچڻ لڳس ته گهڙيءَ کان پوءِ هيءَ پنهنجو وجود وڃائي وهندي، هوءَ اُها سيما نه رهندي، جنهن جي مرڪ مکڙين جي مرڪ هوندي آهي، جنهن جي پلڪن ۽ اکڙين کي ڏسي سپن جي منهن ۾ اُن ۾ پيل آبدار موتين جو گمان ٿيندو آهي، سيما جي بي داغ مکڙو ۽ سندس جسم جو چمڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ رنگ چانڊوڪي ۾ لسي چاندي مثل چمڪي رهيو هو.

مان هن وٽان ائين اُٿيس جڻ ته مان اُهو نه آهيان، جنهن ڪي گهڙيون اڳ ويهي کيس يقين ڏياريو هو ته زندگيءَ جي هرڪا تمنا هوءَ آهي زندگيءَ جي هر آس مان آهيان.

هوءَ مون مان مايوس به ته نه هئي پوءِ ڇو مون کيس يقين ڏيارڻ ٿي چاهيو ته مان صرف سندس ئي آهيان. مان ائين ڇو چوان ته ٻن ٽن ڏينهن کان سوچ مون تي ڇانيل آهي. ڪو مقصد آڏو اٿم ۽ مان انهيءَ رٿا مطابق هلان پيو مان ائين ڇو چوان ته مون کي يقين ڏيارڻ جي ضرورت انهيءَ لاءِ محسوس ٿي ته متان هوءَ بي يقينيءَ جي پاڇي هيٺ اچي نه وڃي ۽ منهنجا خواب منهنجيون رٿائون سڀ هيٺ مٿي نه ٿي وڃن، سيما سان جهڙي نموني ۾ مان مليس ۽ مان پيار جي دنيا ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. سا ڳالهه ائين پئي لڳيم ته جڻ سيڪجهه سوچي سمجهي ڪيو هوم.

مان تمام گهڻو اڳتي وڌي هڪ وڻن جي جهڳٽي اندر اچي ويٺو هوس. مون کي ائين پئي لڳيم تہ مون هٿ پاڻ لڪايو آهي. مون اُها اوگهڙ لڪائي آهي جا جيڪڏهن ظاهر ٿي پئي تہ منهنجيون سڀ رٿائون لڙهي وينديون ۽ صرف مان رهجي ويندس. مان جيڪو هن دنيا ۾ ٻجندو رهيو آهيان ۽ ڪجهہ بہ تہ نہ ڪري سگهيو آهيان. اج تائين مون کي اها خبر نہ آهي تہ بهارن کان اڳ ڇا ٿيندو آهي ۽ بهارن کان پوءِ ڇا ٿيندو. ڪنهن جي مرڪ ڏسي، ڪانئس مرڪ کسڻ جي چاهنا ڪيتري ڪريل چاهنا آهي، اها بہ تہ خبر ڪين هيم.

”اج جڏهن منهنجي تمنائن پوري ڪرڻ واري رات آئي آهي. جنهن جو انتظار آءُ انهن راتين سان گڏ ڪندو رهيو آهيان، جن هميشہ مون کي تمنائون ۽ خيال پئي بخشيا آهن، ۽ مان سوچ ۾ پئجي ويو آهيان، اُهي خيال مون تي ڇانئجي ويا آهن جن کان اڳ آءُ اٽڃاڻ هئس. مون کي محسوس ٿو ٿئي تہ هيءُ سڀ خيال مون کي پنهنجي مقصد کان هٽائي ٿا وجن.“

مون سامهون نهاريو چانڊوڪيءَ جا ڪِرڻا دريا جي وهندڙن لهرن تي مرڪ وڇائي رهيا هئا. اهڙي مرڪ جا اڳ پسي هئم، ياد اٿم اُن ڏينهن سيما مون ڏانهن نهاري مرڪيو هو ۽ مون گهبرائجي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. هوءَ منهنجي گهر جي پرسان رهندي هئي، ۽ مان جڏهن بہ هنن جي گهر جي در آڏو لنگهندو هوس تہ گهڻو ڪري هنن جو در کليل هوندو هو. مون ڪڏهن بہ در ڏانهن نگاهہ نہ ڪئي هئي. مان ڪنڌ هيٺ ڪري لنگهي ويندو هوس. منهنجي اها عادت يا ائين چوان تہ حسرتن ۽ خواهشن کي دٻائڻ جو بيو طريقو هو تہ مان سيني عورتن اڳيان لنگهان تہ منهنجو ڪنڌ هيٺ هجي ۽ اکيون زمين ۾ هجن. مان پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ اڪيلو هوس، مون کي ڪڏهن بہ اهو ويچار نہ آيو تہ انهيءَ اڪيلائي ۽ تنهائي ۾ گهڻا خواب حقيقت بڻجي سگهن ٿا. هڪ ڏينهن جڏهن مان تڪو تڪو وڃي رهيو هئس تہ هوءَ بہ در مان اوچتي نڪتي ۽ مان ڏانهس نہ اري وينس. پانيم تہ زمين ڪسڪي پئي ۽ مان پاڻي سنيالي ويس ۽ هن مرڪي ڏٺو. مان گهبرائجي ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ويس. سمجهيم تہ مون ڏانهنس نهاري غلطي ڪئي آهي، ان غلطي جي تلافي ان نموني ۾ ڪيم جو ساڻس ڳالهائي وينس، ڇا ڳالهايم ۽ ان جو ڇا جواب مليم، ڪجهہ بہ ياد نہ رهيو اٿم. مان هر وقت سندس پرسان لنگهندي ڪنهن مخصوص خوشبوءِ کي سنگهندو هوس ۽ خوشبوءِ ۾ ويڙهجي سڀ ڪجهہ وساري ويهندو هوس. زندگي

جي پهرين جرئت اها هئي جو مان ڪيس پنهنجي گهر وٺي آيس. ان وقت مان سڄو ڏڪي رهيو هوس. منهنجي پگهريل پيشاني ۾ ڌڪندڙهٽ هر هر مون ڪي پنهنجي گيرپيٽي جو احساس ڏياري رهيا هئا. هوءَ مرڪي رهي هئي هئي معصوم بي داغ، خوشبودار مرڪ.

”توهان جي طبيعت نيڪ آهي نہ_؟“

”ها_ ها_ مان تہ نيڪ آهيان_“

”توهان گهبرائجي ڇو ويندا آهيو_ ويهو نہ — توهان بيٺا ڇو آهيو.“

”او_ ترسو_ م‌ان وهان ٿو_ توهان وهو توهان ڇو ٿا اُٿو!“

واقعي مون ڪي سندس پر ۾ وهڻ جي همت نہ ٿيندي هئي. مان سندس پر ۾ ٻيهندو هوس تہ ائين محسوس ٿيندو هو تہ هيءَ خوشبوءَ ۾ هڳاءُ جي دنيا آهي. مان ائين محسوس ڪندو هوس تہ هوءَ خوشبوءَ جو جسم آهي. خوشبوءِ ئي خوشبو_ گهاوَ وجهندڙ خوشبوءِ_ مان اِهي گهاوَ اِها ذهن جي بغاوت برداشت ڪري نہ سگهيس. مان انهن وڏندڙ تقاضائن ڪي لاجواب ڪري نہ سگهيس. مان ڪيس هٽ وٺي آيس، سوچيم تہ هن خوشبوءِ جا گهاوَ خوشبوءِ ڦهلائيندڙ۽ وٽندڙ فضا ۾ ئي پريان دريا جي وهندڙ پاڻيءَ جو سنگيت ۾ سندس چوڏاري بيٺل سِرهن، نم ۾ تاليءَ جي وڻن جا جهڳٽا_ جن جي گلن ۾ نمورين جو ڳرو ڳرو هڳاءُ ان سان گڏ جيڪي مٽي ۾ ساوڪ جي خوشبوءِ منهنجي ذهن ڪي اهڙو تہ مدهوش ڪري ڇڏيو جو ڪي گهڙيون تہ ڪجهہ سوچي نہ سگهيس. سيما تہ اصل ٽڙي پئي هئي، منيون منيون ڳالهيون پي ڪيائين ۽ ٽيلارا پي ڏنائين ۽ پوءِ اُتي ئي رئو وڇائي ليٽي پيئي، آءُ سندس مٿي ڪان ويهي سندس وارن سان راند ڪرڻ لڳس. مون اُن جي وارن ۾ سرنهن جا پن ۽ گل وڌا، ۽ مان خوشبودار فضا ڪان وڌيڪ خوشبوءِ ۾ ڳوهيل جسم جي خوشبوءِ بہ رڇجي ويس، نيٺ مان اُن جهڳٽي مان نڪري آيس، منهنجي ذهن تي سيما جو تصور ۽ دل ۾ خوشبوءَ جا هڳاوَ هئا. سيما اڃي رئي تي ائين لٽيي پئي هئي، جڻ گلن جي ڳوهيل چادرن مان سندس پرسانْ ويهي رهيس. سندس جسم جي خوشبوءِ جهير وجهڻ لڳي، آءُ گهايل ٿي بہ سوچ ۾ پئجي ويس.

هيءُ نرم بي داغ ڪير جهڙو جسم، اُن تي گهاوَ سونهدار آهي گهاوَ جيڪي ڪيس بخشيندس، ڇا پلا اُهي لهي ويندا.

هيءُ خوشبوءِ جا گهاوَ تہ جتاءُ بہ نہ ڪندا پر هو گهاوَ_ سيما جي مرڪ تہ داغجي ويندي.

گھاوَ- ۾ مون کي ياد آيو تہ مان بہ تہ زندگيءَ جي گھاوَن جو گھايل آهيان حياتيءَ جي سورن جي مون سان پريت آهي، تنهائي ۾ پنهنجي من جي پيڙ جو مون سان سنبنڌ آهي، مان تہ انهيءَ پيار کان اڻواقف آهيان جنهن ۾ ممتا جا جذبا سمايل هوندا آهن- مان ڪيئن چوان تہ پيار ڇا آهي ڇاڪاڻ تہ پيار پيار تہ ڏنوئي ڪونهي پوءِ مون آخر ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي. مان مٿس جهڪيس، مون کيس پيار ڪيو سندس پيار مون کي مدهوش ڪري ڇڏيو مون جڏهن ڪنڌ مٿي ڪنيو تہ ڏٺم تہ سندس ڳلن تي نشان هئا- منهنجي پيار جا- هوءَ جاڳي پئي هئي مون ڏي نهاري رهي هئي سندس رونقي اکين ۾ خمار هو. مون سوچيو اِهي داغ گهرا ٿيندا تہ ڇا ٿيندو بهارن جا گهر لٽبا تہ ڇا ٿيندو رونقن جا منهن لٽبا تہ ڇا ٿيندو، زندگي کان موت کسبو تہ ڇا ٿيندو- اِها پيڙا اِهو عذاب- اِها زندگيءَ ڪنهن جي؟ اِهي سڀ ڪنهن جا! - مون سيما ڏانهن نهاريو اُت معصوميت ۾ پريت جا اڻ ميا نشان هئا- ۾ مان ڏڪي ويس- اُنجو شڪار مان پاڻ تہ نہ بڻبس؟ ڇا مان پاڻ پاڻ کي عذاب بخشيندڙ!- مان روشنيءَ کان تاريڪي کسيندڙ آهيان مان بهار کان خزان ڇيندڙ آهيان- مان ڇا آهيان مان پاپ مان پيڙا- مان آخر ڇا آهيان؟ مون سامهون نهاريو اُت دريا ۾ ڪِرڻا، زندگي جي راند ڪري رهيا هئا، ڇايا ۾ روشني، پريت ۾ سنگيت. مان وڌي آيس اورتي، جتي داغدار اُجالو هو- وٽن مان پي روشني ڇٽي- تاريڪِي بي روشني کي جنم ڏنو ۾ جت خوشبوءِ خود گهايل هئي، مون سيما کي اُٿاريو کيس ٻانهن کان ورتو سيني سان لڳائي پيار ڪيو ۾ سندس مٿان رئو وڌو. سندس ڀڪندڙ چهرو اُن ۾ روشني جهڪي ڪري ويو ۾ اسين جڏهن هڪٻئي سان گڏ اڳتي وڌياسين تہ مون محسوس ڪيو تہ مان ۽ هوءَ منزل ڏي وڌي رهيا آهيون: جت اجالو داغدار آهي ۾ خوشبوءِ گهايل آهي.

❊

## شهزور ڏينهن،
## رتل رات جي ڪهاڻي

جڏهن جڏهن رات ڀني آهي، تڏهن ماڪ مرڪي پاڻ مَرڪايو آهي. ڀنل رات، ماڪ ماٺيل رات، هڳاءَ ۾ خوشبوءِ جي راڻي هوندي آهي. ماڪ ڀنا رابيل، گُلال گل گلاب جا، رتل رتن جوت، ڪئنرا ڪئنرا ڪنول، رچيل رات جي راڻي؛ ڀنل ڀنل، نرم نرم، ڪُنل ڪُنل رات جي سونهن ۾ سهاڳ هوندا آهن. انهيءَ رات ڪي ماڻهو وارا اهنجن جو اهيج، ڏکن جو ڏک، رنجن جو رنج، ڪنهن گهڙيءَ بہ سنياري نہ سگهندا آهن.

جڏهن جڏهن ڏينهن، شينهن ٻڄي، ڏِک ۾ تک جي گجگوڙ سان ڪنبيل ڪي ڪنبايو آهي، تڏهن ستل سنگن ڪَر ڪٽي نندا ڪڙين اکين سان نئڙي سلام ڪيو آهي. ڏينهن ٿين شينهن تہ ڪوڙ گُندي نہ سنياري سچ ۾ حق هڪ زبان تان ترڪي سوين زبانون ٻڄيو پون. جرڪيل جوت تيان جرڪي.

اهڙيون ڀنل رتل راتيون، اهڙا شينهن شهزور ڏينهن ورهين ڪرهين اچن ۾ ؟؟؟ ۾ رتل روح ريجهايو وڃن. اڄ مان بہ هڪ ڀنل رات ۾ شهزور ڏينهن جي ڪهاڻي ڪٺان ٿو جيڪي اسان وٽ ورهيہ ۾ هڪ دفعو اچن ۾ ميڙو مچايو وڃن.

هيءَ ڪهاڻي انهي ڏينهن ۾ رات جي آهي، جيڪي اسان وٽ هيل منٿن ميڙن بجاءِ همٿ ۾ مڙسي سان آيا. اُنهي ڏينهن ۾ رات جو اچڻ ڪنهن ڪشالي ڪان گهٽ نہ هو ۾ نيٺ ڪاڪ ڪري پئي. رتل راٽا سرچي پيا، ميهار متل، پنهون پانڌي ڏناسين. هو وُڙائو ۾ وِرچ، اصل يار ڪٽي نہ ٿي پڳا، جشن روح رهاڻ جي ڏينهن ۾ رات ورهيہ هو لڳايو ڪير سجڻ نہ سرهو ٿئي. چوٿين جون جو ڏينهن سچ جو شينهن، حقيقت جي شهزوري سندس موڙ هئا.

صبح سنيارڻ ڪان اڳ،ساٿين چنچرجو ڏينهن ۾ رات هڪ ڪري چڏيا. سليم، امداد، ناصر، غياث ۾ شمس اورچ ٿي لڳا. نيون رٿائون، نيون صلاحون عمل ۾ اچڻ لڳيون.

رنگي جا رنگ نرالا آهن، ڇا مايوسي، اپريل جي مهيني ۾ اسان کي ٿي هئي، ۽ ڪيڏو اوسيئڙو ۽ انتظار هن تاريخ جو هو. پر جتي دلين جا اُجڙيل، منجا متل، سچائي ۽ خلوص ۾ رتل، ساٿي ۽ پانڌيئڙا هجن اُت هر اوکائي، سوکي ٿيو پوي.

جشن جو صبح هر دفعي نئين روايت جو نئون صبح هوندو آهي. اُن کي پنهنجي اهميت ۽ پنهنجو رنگ هوندو آهي.

افتتاح لاءِ محمد عثمان ڏيپلائي جو اعلان ڪيو ويو هو پر ڪيس صرف لکت ۾ لکيو ويو پر منهن تي منا ٻول نـ ٻوليا ويا ۽ سڏ نـ ڏنو ويو. ڪم جي گهڻائي، نيٺ اسان کي آخري رات سندس پوڀان ڊوڙايو پر ڏيپلائي صاحب اسان کي هٿ نـ آيو. جڏهن نـ آيو تـ هو بسنت هال ۾ اسان کان اڳ موجود هو ۽ ساٿين کان پڇي رهيو هو "ادا، ڪو مون لاءِ ڪم ڪار؟"

خاص مهمان جي ايڏي نهٺائي ۽ قرب اسان کي محسوس ڪرايو تـ هن ڪم ۾ هن مقصد ۾، هن جذبي ۾، هن قوت ۾، هن همٿ ۾ ڪير بـ اڪيلو ڪونهي.

افتتاح کان اڳ سوينيئر ورهايو ويو جنهن ۾ 'پيغام پرين جا' سان گڏ ڪوشش اها ڪئي وئي تـ سنڌ جي جديد ذهن جي ماضي حال ۽ مستقبل جو نقشو ڪنهن نموني چٽجي، اُن لاءِ 'ڳولا جو ڪٽڇي، سچ جي ٻرڇي' هڪ ادبي جائزي ۽ 'روح رهاڻ' هي ننڍڙي تاريخ جي صورت ۾ پڙ ڇپيو ويو. اسان جي آجيان کان پوءِ ڏيپلائي صاحب اسان جي هن جشن جي اونهي آجيان ڪئي ۽ اُپاريندڙ جذبن سان جشن جو افتتاح ڪيو. سندس نمائش ۾ داخل ٿيڻ سان ڪتابن ۽ رسالن جو وڪرو شروع ٿي ويو. هن دفعي روح رهاڻ جا مختلف سالن جا سيٽ ميز تي ميلي پٽر وانگر پياهئا، هر ڪنهن جي نگاهه اُنهن ڇهن سالن جي همٿن ۽ ڪوشش جي انبارن تان ترڪيو مختلف ڪتابن تي ٿي پئي، جيڪي زندگي پبليڪيشنس جو سنڌي ادب ۾ ڪنڌ مٿي ڪنيو بيٺا آهن.

هن دفعي 'جل جل مشعلُ جل جل' جو اضافو ٿيو هو تنهن نمائش جي سونهن وڌائي ڇڏي هئي. صبح کان شام تائين ٿيل وڪري اسان کي تازگي ڏئي ڇڏي

افتتاح کان پوءِ يارن ملڻ شروع ڪيو. ٻاهران آيل ساٿي هيج وچان هڪ ٻئي سان وَرُ وَرُ ڪيو ملن، اکين آب آٿين ۽ دل جي اونهاين ۾ اونهو پيهي اصل اُتلايو. پٽلايو ڇڏين. منهنجي هر ياڪر ۾، هر ٻول ۾ اٿاهه جذبا ۽ اڻکٽ دعائون هيون. جن هر هر ائين محسوس ٿي ڪرايو تـ هن ابتدا کي انتها ڪانهي، هن وهڪري کي ڪو ڇوڙ ڪونهي، هن روشني کي وسامڻو ناهي.

هن جشن ورائي ورائي اها پي ڏک ڏني تہ هن جشن ۾، هن تحريڪ ۾، هن مشعال جهلڻ ۾ نوجوان نسل جو هٿ آهي. يونيورسٽيءَ ۽ انجنيئرنگ ڪاليج جا نينگر جشن جا پلا هنيو ڪر ڪنيو پنهنجن ڪان بہ وڏيڪ پنهنجا ٿي، همٿ ۽ مڙسيءَ جا وڏا نظارا پسائي رهيا هئا.

افسانن جي نسشت جي صدارت لاءِ رشيديتي آيل هو. سندس ساٿ اهو جو رات جو پاڻ اچي ڪرسيون ٺيڪ ڪرايائين ۽ صبح جو اچي صدارت ڪيائين. ڪهاڻيون پڙهجي هليون. اسان جي ادب جي تاريخ نهندي هلي، نوجوان ڦورا آڻيندا ڦولهيندا، سلجهائيندا، وڏندا هليا. رشيديتي نوجوان ڪهاڻيڪارن جي ماضي جي تاريخ جو سرو ڪٽي اچي هن وقت هن گهڙيءَ سان ملايو. سندس اکرن ۾ هڪ ڪليل دعوي هئي، هڪ ڪلم ڪلا اعلان هو نئين همٿ، نئين قوت ۽ نئين روشني جو جنهن ڪي نوجوان ڪهاڻيڪارن ڳليءَ ڳليءَ، شهر شهر، وستيءَ وستيءَ ڦيرايو آهي.

جشن جو پهريون پاڱو پورو ٿيو. مون پر ۾ نظر وڌي جيجي (بيگم زينت چنا) ڏاڍي قرب ۽ پاڀوهہ سان مهمانن ۽ اديبن سان ڳالهائي رهي هئي. سندس پر ۾ اسان جون ٻيون مهمان ڀينر، مهرالنساءقريشي، سيما چنہ محسنہ عيساڻي، مس رشيده شيخ پڻ وينل هيون. سندن اسان جي هن ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ اسان لاءِ هڪ نئون پيغام هو ۽ نئون اعلان هو. مان سيني جا ٿورا مجيا. مان هرهڪ ساٿي سان ملندو اڳتي وڌندو رهيس. هر ساٿي آزاد پکيئڙي وانگر پنهنجي ويچارن ۽ خيالن جي پرڙن کي پکيڙيندو وڌندو ٿي هليو مان ڪنهن کي جهتي ڪنهن کي جهتيان. هر اُڏام، هر اوچائي مون منجهيل کي سلجهايو ٿي. مون ڊڳل کي همٿايو ٿي، مون ٿڪل کي اُٿاريو ٿي. مان انهن ڪچهرين ۽ نظارن ۾ ٺي هوس تہ جيجي سائڻ سڏ ڪيو. هوءَ اڄ هر سال وانگر ميزبان بہ تہ هئي. هن دفعي هن منجهند جي ماني موڪلائي هئي. سندس ساٿ کي ساراهيان يا سڪ سنياريان، پر جيجي انهن ڳالهين ڪان مٿي اسان آڏو هميشہ جذبي ۽ قوت جو مجسمو بڻجي آئي آهي ۽ اسان کي هميشہ دعائن ۽ قربن سان پي نوازيو آهي. سندس سڏ، ڳرو سڏ هو. حڪم ٿيو تہ ماني جي پڇا ڪيو. مانيءَ جي پڇا ڪرڻ ڪان اڳ محترم عبدالله چنا بخار جي حالت ۾ اچي پهتو ۽ ٻڌايو تہ ماني سڀ تيار آهي، صرف توهان تيار هجو. سندس طبيعت جي خرابي کيس انتظامي ڪم ڪان پري نہ رکيو ۽ اچي فرض ۽ ساٿ نڀايائين. مانيءَ ۾ سڀ ساٿي اچي شريڪ ٿيا. جيجي سائڻ ۽ چنہ صاحب پاڻ ويهي سيني کي ماني کارائي. سندن ٿورا واقعي ڳائڻ جهڙا آهن. مانيءَ

ڪان پوءِ وري بہ ساٿين اچي هال ۾ ديرو ڄمايو ۽ ٻي ٻجي تائين اسان سيني سان ساٿ ڏنو ۽ پوءِ اسان وري وڃي شام جي تيارين ۾ لڳاسين.

مون ساٿين کي ڏنو. خاص طور نئين شريڪ ٿيل ساٿي فتاح ملڪ کي ڏنو جو هيل دير سان پهتو هو پر ڪنهن وٽ بہ ٽڪ نہ هو هرهڪ مطمئن ۽ خوش ٿي ڏنو. شمس نمائش جو حساب ڏنو ڪافي همٿ افزا هو.

ٽپهري ٿي ۽ اچي يارن ڪم وارن ۾ ڦڙڦوٽ پئي، پنجين وڳي هال ۾ پهتاسين، ساٿي گهڻي ڀاڱي موجود هئا. هال ڀريل پي لڳو. رسول بخش پليجي مذاڪري جي صدارت لاءِ پنهنجو وقت تي پهچڻ وارو اُصول توڙي وقت کان اڳ پهچڻ جي نئين روايت قائم ڪئي هئي. 'روح رهاڻ هڪ مخزن- هڪ تحريڪ' مذاڪري جو روشن موضوع هو. اسان جي نوجوانن، اسان جي بزرگن، اسان جي سڄڻن، اسان جي ساٿين 'روح رهاڻ' جي هر چڱائي، هر اوڻائي کي پٽ پڌرو ڪيو. اسان جيڪي گهريو ٿي اُهو اسان کي مليو. اُنهن اُنهيءَ تحريڪ جي ڪهاڻي ورجائي، جيڪا سالن کان سانديل هئي ۽ 'روح رهاڻ' اهو بار پنهنجي ڪلهن تي ڍوئي، تحريڪ ٻڌجي، وڻ وڻ واءُ تي ماڻهوءَ ماڻهوءَ منجهہ پيهي پکڙجي ويئي. 'روح رهاڻ' جي ٻوليءَ جي مسئلن، شاگردن جي ڏکاين، سماجي اوڻاين، حياتي جي ڪريل قدرن ۽ ٻين مونجهارن کي سلجهائڻ مُنڍ کان وٺي هڪ نجو اصول پي رهيو آهي. سندس سچائي ۽ هڏ ڏوکائي سنڌ جي هر فرد جو احساس آهي ۽ اُنهيءَ احساس اهو محسوس ڪرايو تہ اج اُها هر تبديلي ۽ هر نواڻ لاءِ هلايل تحريڪ، تحريڪ پيدا ڪيو آهي ۽ اهو ڪڏهن نہ ختم ٿيندو. اها هئي مذاڪري جي موضوع جي ڪهاڻي جنهن جو توڙ صدر رسول بخش پليجي پنهنجي دل جي گهراين مان نڪرندڙ آواز ۾ اُڏمن سان آندو. مذاڪري کان پوءِ مهمان هليا چانهہ پيئڻ، جنهن جو بندوبست سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد شاخ طرفان ڪيو ويو هو. جوائنٽ سيڪريٽري جي حيثيت ۾ منير سنڌي ڊوڙ ڊڪ لائي ڏني هئي. سندس پيچ ڊڪ ثابت پئي ۽ چانهہ مهمانن چڱي طرح پيتي ۽ يڪدم بسنت هال جي اڱڻ ۾ جايون والارڻ شروع ڪيون.

هن دفعي سهڪاري دوستن جي نئين صلاح اها هئي تہ شام واريون بينڪون ٻاهر اڱڻ ۾ ڪجن، جتي هڪ ٿلهو بہ نهيل آهي. چنچر واري رات ڪافي ڪرسيون اڳ ۾ ئي وڇايون هيون سين. باقي ڪرسيون مهمانن جي چانهہ تي وڃڻ کان پوءِ ڍوئڻ لڳاسين. ويچارا ساٿي، سهڪي پيا پر سندن همٿ ڍري نہ ٿي. شاگرد ساٿي هجن يا اديب ڊکون پي پاتائون، ۽ قطارون بہ ناهيائون.

شام جو ماحول ڏاڍو وڻندڙ ۽ سهائيندڙ هو. هلڪي ۽ ٿڌي هوا جا هلڪا ۽ ننڍا جهوٽا، چوڏاري سڄڻ، قرب وارن، سڪ ۽ ساٿ وارن جو ميڙ. سامهون اسٽيج تي غاليچا وڇايل، چوڏاري رنگين بتين جا رنگ هاريل. خوشي جا خوش ڪندڙ آواز ٽهڪن جي بلند گونج، ٽوڪون، چرچا ۽ وندرائيندڙ ڳالهيون. مان صدر مشاعري نياز همايوني جي دير ڪرڻ جي ڪري پريشان هوندي بہ ان ماحول ۾ ٻڏو ٻڏو پيو ويس. دل ٽپا تي ڏنا ۽ بي خودي جي عالم ۾ مان گهڻن مهمانن جي آجيان بہ ڪري نہ سگهيس جن سڄو اڳڻ پري ڇڏيو هو.

آهستي آهستي جيئن رات ٿيندي وئي، تيئن خوشبوءِ ۽ هڳاءَ جي هٻڪار ٿيندي وئي. رات هئي رتل، اصل روح اندر پيهي وئي. نياز همايوني ڪافي دير سان پهتو تيستائين پرواني پٽيءَ هميشہ وانگر ويهي شاعرن جا نالا لکيا. جڏهن پرواني ۽ امداد مون کي لسٽ ڏني تہ مان ڇرڪي ويس، وقت تمام ٿورو ۽ چاليهن شاعرن کي پڙهڻو هو.

مشاعري اُٿڻ سان ٿي مهمان ساٿين ۾ اُڌما پري ڇڏيا. چٽنگ هئي دڪيل پوءِ تہ پنيٽ پنيٽ باهہ ٻري وئي. هر شاعر تبديلي، نواڻ لاءِ واجهہ وجهندڙ وڏندو ٿي هليو ڪيرروڪي ڪير ٽوڪي، هر شاعر جي آڏو سندس تخيل، سندس منزل هئي، جيڪا ورهين کان سندس من جي پرجهلائو هئي. مشاعري جي مهل، مُلهائتي هئي جنهن اسان سيني کي انهي پيچري پنڌ تي ڪجهہ اڳيرو ڪيو جنهن تي اڳ ئي پانڊيڙن پير گهمايا هئا.

اڄ سنڌ پنهنجن سنڌين کي سڏي ڇپر ڇانوري هيٺ گڏ ڪيو هو. هر آواز هر لهر 'جيئي سنڌ ـ جيئي سنڌ' جي گونج هئي.

مون هر طبقي کي هن تحريڪ کان متاثر ۽ مطمئن ڏٺو. مون شاگردن کي وڏيڪ اُسرندو ۽ نسرندو ڏٺو. سندن اڳواڻ يوسف لغاري، مسعود نوراني، مجيب پيرزادو، ڪامل راڄپر سڀ اُت موجود هئا. يوسف لغاري جڏهن شعر پڙهڻ آيو تڏهن شاگردن سندن جيڪا آجيان ڪئي، تنهن اسان جي اکين ۾ اُميد جا ڏيا ٻاري ڇڏيا. نئون نسل، نئين رهبري، نوان رنگ، نوان ڍنگ، هر وک نواڻ، هر وک تبديلي ۽ انقلاب شاگردن جي دکن جون ڪهاڻيون، 'سُر ڪيڏارو' سنڌ جي هر فرد جي بيوسي ۽ اُن جا اونها اونها ساهہ. هر ويلي جذبي سان جذباتي ٿيڻ، مشاعري جي عجيب ڪهاڻي هئي.

نياز همايونيءَ انهي سنڌيت جي لهر کي دائرن کان ڪيڏندو ڪٽي وڃي ڪناري لاتو. سندس مني سُر ۾ عجيب مڌرتا ۽ سنگيت هو جنهن اسان جي

لنؤ لنؤ ڪانڊاري ڇڏي. سندس تقرير ۽ شعر جو هر لفظ اسان لاءِ پيغام بڻجي آيو ۽ من ۾ گهاءُ ڪري چپ هٽي ويهي رهيو.

رات جو رنگ عجيب هو. پنل پنل ۽ رتل رتل رات، رنگن ۽ خوشبوءِ جو حسين ميلاپ. مون عجيب سرور جي عالم ۾ راڳ جي محفل جو اعلان ڪيو.

مشاعري ختم ٿيڻ سان مون پنهنجي بزرگ، پنهنجي ساٿيءَ، محمد ابراهيم جويي کي ڳولڻ شروع ڪيو. سندس ساٿ کي ڪهڙو ساراهيان. سندس 'روح رهاڻ' سان ساٿ نہ ايندا ڪان وٺي آهي ۽ اُن جي انتها نہ ڪونہ هو نہ ڪي اسين ڄاڻون. جشن جي هر ڏڪائي، سندس ڏڪائي هئي. سندس راڳ جي محفل جو ذمو ڪڻڻ وڏي مشڪلات کي منهن ڏيڻو پيو. جهڙي نموني هن پنهنجي قول کي پاڙيو تنهن سندس رتبو اڃا بہ مٿيرو ڪري ڇڏيو.

هن دفعي راڳ جي محفل ۾ وڏو بهرو وٺندڙ هئي هڪ 'ميوزڪ لورس ڪلب' جنهن کي تيار ڪرڻ ۽ ميدان ۾ آڻڻ ۾ جويو صاحب ۽ سندس ساٿين جو وڏو هٿ هو. مانُ وارن دوستن نصيرالله عباسي ۽ عنايت الله عباسي ڏينهن رات ڪري اسان جي جديد شاعرن جي ڪلام جون ڌنون تيار ڪرايون هيون. هوڏانهن پيڙ زرينہ بلوچ پنهنجي سر ويهي ڌنن تي محنت ڪئي هئي ۽ اُنهن کي تخليقي روپ ڏنو هئائين.

راڳ جي محفل ۾ اسان جو خاص مهمان هو قاضي فيض محمد. هن مهمان جي ساٿ ۽ قرب جي ڪهڙي واکاڻ ڪري ڪهڙي ڪيان. سندس هر نشست ۾ سڪ وارو ساٿ. مذاڪري واري سندس يادگار تقرير، وٺندڙ صلاحون ۽ ڳالهيون. راڳ جي محفل ۾ هو مٿي ٿلهي تي پنهنجن وانگر اچي ويٺو. سندس جذبن ۽ اُدمن جو اِهو عالم هو جو هو هر نئين گيت ۽ غزل تي گم ٿيو ٿي وبو ۽ پٽڪي ڇپائين ٿي 'سنڌ ۽ سنڌي زندهہ آهن ۽ زندهہ رهندا.'

راڳ جي محفل عجب رنگ هو ڄمايو. شاهہ، بلهي شاهہ، اياز نياز تنوير، فتاح جي شعر اصل بنهہ گهائل ڪري ڇڏيو. زرينہ هجي يا ميان عنايت الله عباسي- رجب علي هجي يا ميان نصيرالله- انور منور هجن يا فقير علڻ- بنهہ مست ڪري ڇڏيائون. ڇا تہ سندن منا سُر هئا، ڇا تہ سندن چاهہ ۽ پابوهہ مان ناهيل ڌنون هيون. هنن سنڌ جي نئين اُسرندڙ شعر کي عام ڪان جهونگارايو. اِهو سندن وڏو ٿورو ۽ نہ وسارڻ جوڳو احسان آهي.

هيءُ محفل هڪ بجي رات جو پوري ٿي. سندس آخري رسم اسان جي قومي رسم 'هو جمالو' هئي، تنهن تي سڀ اُٿي بينا ۽ اديبن ۽ شاگردن ان ۾

شرڪت ڪئي. ’هو جمالو‘ جي ڪيفيت نرالي ٿئي ٿي، هر فرد سنڌيت جي جذبي سان سرشار ٿي گهر موٽي ٿو.

مون مهمان ساٿين کي نئين جذبي ۽ نواڻ جي ڏن ۾ مست ڏٺو. سنڌن ذهن، زبان ۾ تحرڪ هو اها اسان جي، اسان جي تحريڪ جي وڏي ڪاميابي هئي. انهيءَ ڏينهن شهزور شينهن جي ڪهاڻي انهي ينل ۽ رتل رات جي ڪهاڻي، انهي تحريڪ جي ڪهاڻي هئي. اها ڪهاڻي، ڳالهير ڪٽندا رهندا، انهيءَ ڪهاڻي جا سورما، مٽير، پنهنجا ڪردار نڀائيندا رهندا. هر نسل اها ڪهاڻي ورجائيندو رهندو ۽ سورما منهن مٿي ڪٽي سنڌ ۽ سنڌيت کي جيئاريندا، رت جي راند، کيڏندا، ڪڌندا وڏندا هلندا. شال سنڌ جو هر فرد انهيءَ ڪهاڻي جو سورمو بڻجي، جنهن جي ابتدا، اسان جي سجاڳ نوجوان ساٿين ڪئي آهي.

مان آخر ۾ انهن سيني سڄڻن، قرب وارن، سڪ وارن جو ٿورائتو آهيان، جن مون کي همٿ ۽ قوت بخشي ۽ اهو بار کڻائڻ ۾ مون سان سهڪاري ٿيا.

مان خاص طور انهن پينرن ۽ مائرن جو ٿورائتو آهيان، جن وڏا وڙ ڪيا جو هن تحريڪ جي فرد جي حيثيت ۾ گهرن کان نڪري پيون ۽ اسان سان ساٿ نڀايائون. شال سنڌن دعا ۽ قرب، سنڌن پائرن ۽ پٽن جي همٿ ۽ حوصلي کي بلند رکي.

ريڊيو پاڪستان جي عملي وس آهر اسان سان جيڪو ساٿ ڏيو تنهن جو آءٌ ٿورائتو آهيان. خاص طور علي محمد چاڳلا، الياس عشقي، آغا سليم، پير سرهندي ۽ ممتاز مرزا جا وڏا قرب ۽ ٿورا ڇئبا، جن اسان سان تعاون ڪيو.

پيڙ زرينه بلوچ هر سال وانگر هن سال به هن اهم ڪم کي فرض سمجهي ادا ڪيو. سندس ساٿ ۽ سڪ لاءِ اسان سندس احسانمند آهيون.

ميوزڪ لورس ڪلب لاءِ مان اُن جي سيڪريٽري، محمد ابراهيم جويو ۽ سندس ساٿين، نصرالله عباسي ۽ عنايت الله عباسي جو ٿورائتو آهيان. ان سان گڏ بين سيني فنڪارن جو پڻ جن بنا اُجوري هيءُ وڙ ڪيو.

مان اُنهن اخبارن خاص طور عبرت، خادم ون ۽ نواءِ سنڌ جو ٿورائتو آهيان، جن اسان سان سهڪار ڪيو.

مان آخر ۾ پنهنجي سهڪاري دوستن غياث، غلام رباني، ناصر، شمس، مطيع الرحمان ۽ عبدالرزاق جو ٿورائتو آهيان، جن پنهنجي سهڪار سان نوازيو.

[جشنِ روح رهاڻ جي هڪ رپورٽ]

*



# حميد سنڌيءَ
# جو نمائنده
# ناٽڪ

# طوفان ۾ رات

## ريڊيائي ناٽڪ

**ڪردار**

1. زرينہ ـ (هيروئين)
2. اصغر ـ زرينہ جو سؤٽ
3. حامد ـ زرينہ جو پيءُ
4. امينہ ـ زرينہ جي ماءُ
5. سلطان ـ ڊاڪٽر (هيرو).

(1)

(ابتدائي موسيقي ۾ رات جو تاثر)

(طوفان ۾ مينهن جو وسڪارو)

زرينہ: (ڪنگهڻ جو آواز) توبهہ! هيءُ طوفان ۾ مينهن شايد ختم نہ ٿيندو. ايڏو مينهن ۾ ههڙو طوفان! خبر نہ آهي تہ ڇا ٿيندو؟ بتي وسائي سمهان، من آرام اچي ۾ هيءَ پاسي واري دري بہ بند ڪريان. (بتڻ بند ڪرڻ جو آواز) (دري بند ڪرڻ جو آواز) زندگي ڪيڏي نہ عجيب آهي! دل جي دنيا ٻي، حقيقت جي دنيا ٻي. بتي وسايم تہ اوندهہ ٿي ويئي ۾ دري بند ڪيم تہ مينهن ۾ طوفان کان بچاءُ ٿي پيو. پر دل جون دريون ڪيترو بہ بند ڪريان تہ بہ ماضيءَ جي ياد الائجي ڪٿان ٿي هليو اچي. شايد اهو سيڪجهہ هن طوفان ۾ انڌاري رات جو سبب آهي.

(در جي کڙڪڻ جو آواز) هون! در ڪنهن کڙڪايو. هن وقت ڪير هوندو؟ شايد منهنجو وهم آهي. (در آهستي پوءِ زور سان ٿو کڙڪي) شايد طوفان جي زور ڪري پيو دروازو کڙڪي. خير! ڀلا مون وٽ

رهيو ٿاهي، جو ڪير اچي منهنجو در کڙڪائيندو. سڄي زندگي انهيءَ کڙڪي جي سهاري تہ گذري ويئي ۽ اڃا بہ خبر نہ آهي تہ انتظار جو ڪيترو عذاب سهڻو پوندو.

(در کڙڪڻ سان ڪنهن جو آواز اچي ٿو.)

مسافر: دروازو کوليو دروازو کوليو.

زرينہ: واقعي ٻاهر ڪو آهي. پر مان در ڪيئن کوليان؟ ڪٿي اسلم ڪي ٿي جاڳايان، پر نہ اڄايو هن جي ننڊ ڦِٽو ڦٽايان، مان ئي ٿي پڇان. (دروازو کوليندي)

زرينہ: ڪير آهي؟

مسافر: مان آهيان، هڪ مسافر!

زرينہ: هن مهل ڪهڙو ڪم اٿئي؟

مسافر: مسافر جو ڪهڙو ڪم ٿي سگهي ٿو؟ مون کي اَجهو کپي.

(زرينہ خاموش رهي ٿي.)

مسافر: محترمہ! اوهان اطمينان ڪريو. هن مينهن ۽ طوفان جي ڪري منهنجي موٽر خراب ٿي پيئي آهي ۽ آءٌ پنهنجي منزل تي نہ پهچي سگهيس. آءٌ دراصل پرئين ڳوٺ ۾ هڪ مريض کي ڏسڻ ويو هوس.

زرينہ: (تعجب مان) ڇا اوهان ڊاڪٽر آهيو؟

مسافر: هائو مريض جي حالت تمام خراب هئي ۽ منهنجو اتي وڃڻ ضروري هو. اوهان پاڻ ڏسو پيون تہ ڪيترو نہ سخت طوفان ۽ مينهن آهي! بس اوهان جي گهر وٽ ئي گاڏي خراب ٿي پيئي مجبوراً اوهان کي تڪليف ڏني اٿم. (تعجب مان) ليڪن، هن هيڏي ساري گهر ۾ ٻيو ڪير بہ نٿو ڏسجي.

زرينہ: اوهو! اوهان اندر تہ اچو. (در بند ٿيڻ جو آواز) آءٌ اڪيلي ڪانہ آهيان، منهنجو هڪ ساٿي بہ هت موجود آهي. (ٽڏو ساهہ ڀريندي) اوهو! اوهان جا تہ سيئي ڪپڙا پِسجي پيا آهن!

مسافر: اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. بارش ۾ تہ ائين ٿيندو آهي. منهنجي خيال ۾ مون کي ٿورو انتظار ڪرڻ گهرجي. ممڪن آهي تہ بارش جلد بند ٿي وڃي.

زرينہ: اهو تہ چئي نٿو سگهجي. بهرحال، اوهان هُن ڪمري ۾ وڃي ڪپڙا مٽائي سگهو ٿا، اُتي ڪي ڪپڙا پيا آهن.

مسافر: مهرباني، اوهان کي سچ پچ تڪليف ڏني اٿم.

زرينہ: نہ نہ، اوهان اطمينان رکو. ڏسو ڪجهہ سردي بہ آهي، جلد ڪپڙا متائي اچو آءٌ اوهان جي لاءِ چانهہ تيار ٿي ڪريان.

(2)

زرينہ: (ٻئي ڪمري ۾ پنهنجي ليکي) هن اجنبي جو آواز لهجو ڇاتل سچاتل پيو لڳي. الائجي ڇو دل ٻيئي چوي تہ ان سان ڳالهاءِ ۽ ڳالهائيندي رهہ. ايستائين جو صبح ٿي وڃي، پر آءٌ هي ڪهڙيون ڳالهيون ٻيئي سوچيان! هو تہ هڪ اجنبي آهي. ان هوندي بہ هن مان اجنبيت جي بوءِ ڇو نٿي اچي! هن مان ڇو هڪ قسم جي پنهنجائپ ۽ پيار۔ اوهہ نہ، اوهہ نہ۔ مان وري اڄ پيار ۽ پنهنجائپ جا ويچار ويچارڻ ويهي رهيس. ڪنهن جي ڳالهين تي مست ٿي مون انهن کي زندگيءَ جي منزل بڻايو وري ڪنهن پيو ڪجهہ ٻڌايو تہ وڏي وچي انهيءَ خيابان کي وَسايم. اڄ وري مان۔ مان، ڪجهہ نہ سوچينديس، مان ڪجهہ نہ سوچينديس.

مسافر: جِيءَ.

زرينہ: معاف ڪجو هن وقت پيو ڪجهہ بہ انتظام نہ ٿي سگهيو هي ڪجهہ بسڪيٽ ۽ ٿوري مٺائي حاضر آهي.

مسافر: اوهان سچ پچ ڏاڍي تڪليف ڪئي آهي. هنن شين جي ڪا ضرورت بہ نہ هئي. پر هائو اوهان چيو هو تہ اوهان سان گڏ ڪو پيو بہ هت رهي ٿو. شايد اوهان جو خاوند هوندو؟

زرينہ: (خاموش).

مسافر: (ڪِلنِدي) اوهان مون کي جواب ڏيڻ پسند نٿيون ڪريو. اوہ! معاف ڪجو شايد مون اوهان کي ڏکويو آهي!

زرينہ: نہ، زندگيءَ ۾ ڪير ڪنهن کي ڏکوئي نٿو سگهي، جيسين پاڻ اُٿي، ڏک کي ڪير سڏي پنهنجو نہ ڪري. منهنجو خاوند مون کي ڇڏي هليو ويو آهي، ان باري ۾ آءٌ وڌيڪ ڪجهہ بہ ٻڌائي نٿي سگهان.

مسافر: محترمہ! مون کي سخت افسوس آهي، پر الائجي ڇو منهنجي دل چاهي ٿي تہ آءٌ ان بابت اوهان کان پڇان تہ اهو سڀڪجهہ ڪيئن ٿيو؟ حق تہ ڪونہ اٿم پر ڪڏهن هڪ گهڙيءَ جي ملاقات ورهين جو رشتو قائم ڪري ڇڏيندي آهي، تنهنڪري..

زرينہ: اهو ذڪر ڪري اوهان منهنجي ماضيءَ تان ڇڙ تہ پردو کنيو آهي. مون فيصلو ڪيو هو تہ آءٌ پنهنجو ماضي ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندس، حال ۾

ڪنهن کي بہ حاليائي نہ ڪنديس، اوهان جيڪي ڪجهہ چئو ٿا، ان ۾ ڪنهن ڪهاڻيءَ جي ٻڌڻ جي اشتياق کان سواءِ ڪي بہ ڪينهي. پر اوهان کي معلوم نہ آهي تہ اُن ڪهاڻيءَ کي ڱڙين کي مِلائڻ ۾ مون کي خود بہ ڪنهن ٻنيءَ ۾ جلڻو ٿو پوي. مان ڪهاڻيءَ جي هڪ ڱڙي نہ آهيان، هڪ زنجير آهيان، جنهن کي ڏڪ هڻي ڏار ڪيو ويو آهي.

مسافر: توهان شايد ناراض ٿي ويون!

زرينہ: مان ناراض ڪانہ ٿي آهيان، پر ڪنهن جي مٿان ڪابہ ذميداري وجهندؤ تہ هو خوش ڪين ٿيندو. هن جهڪي روشنيءَ مان اوهان کي ڏسي تہ نٿي سگهان، ۽ نہ توهان جي چهري جو ڪو تاثر مون تي ڪو اثر ڇڏي ٿو. پر ايترو ضرور آهي جو اوهان جي آواز جي گونج الائجي ڇو مون کي ڪيترائي ورهيہ پوئتي ڪٽي ٿي وڃي، جتي اهڙي گونجدڙ آواز مون کي سهارو ڏنو هو.

مسافر: ڪير هو اُهو؟

زرينہ: اُهو منهنجو مڙس هو.

مسافر: ها ها، توهان خاموش ٿي ويا.

زرينہ: الائجي ڇو منهنجو سڄو ماضي مجسمي جي صورت ۾ مون وٽ موٽي آيو آهي، ماضي، ماضي! (موسيقي ۽ هلڪن مردانہ ٽهڪن جا آواز.)

زرينہ: منهنجي زندگي خوشين ۽ مسرتن ۾ گذري، پر انهن مسرتن ۽ خوشين جو وڏو عيوضو ادا ڪرڻو پيو. شايد انهن لاءِ منهنجو وجود بيڪار هو. پر اها تہ بعد جي ڳالهہ آهي. هو ٻڌو پيا نہ. هلڪا سُريلا ٽهڪ؟ ڪيڏا نہ وڻندڙ ۽ زندگيءَ سان ڀرپور ٽهڪ آهن اُهي. اوهو! اوهان حيران ڇو ٿا ٿيو؟ اهي آواز اوهان کي شايد نٿا ٻڌڻ ۾ اچن. اهي آواز منهنجا ۽ اصغر جا آهن. سال اڳ... اصغر، جنهن کي مان ڪجهہ بہ ڏيئي نہ سگهيس!

(ٽهڪن جي گونج تيز ٿي وڃي ٿي)

(ماضيءَ جي ياد تازي ڪندڙ موسيقي)

(3)

زرينہ: اصغر! اصغر! توکي ٿيو ڇا آهي، جو ايترو کِلين ٿو؟ توبهہ! تو تہ کِلڻ سان حد ڪري ڇڏي.

اصغر: ڪِلان نہ تہ رُئان؟ هيڏڙي مان هيڏو قصو ٿي ويو آهي ۽ تون چوين ٿي تہ آءٌ چُپ رهان.

زرينہ: آخر ڳالهہ ڇا آهي؟ ڪجهہ مون کي بہ تہ ٻڌاءِ.

اصغر: زرينہ! هو آهي نہ اسان وارو ماسات... گل.

زرينہ: ها، ها، هُن کي وري ڇا ٿيو؟

اصغر: ڇا وري ڇا ٿيو؟ هن جي زبيده سان شادي ٿيڻ واري آهي.

زرينہ: واهہ واهہ! اهو تہ ڏاڍو سٺو ٿيو.

اصغر: سٺو وري ڊوڙ ٿيو. ڪيڏانهن گل، ڪيڏانهن زبيده! گل کي هجي شابس جو اهڙي عجيب صورت واريءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو آهي.

زرينہ: شاديءَ جو مطلب ڇوڪريءَ جي سونهن کي پوڄڻ آهي ڇا؟

اصغر: پر ٻڌ نہ، وري مون سان مليو تہ زبيده جون ايڏيون تعريفون پيو ڪري جو ڇئي ڪٽي بس ڪر. سچي، ڪل اچي ويئي. مان تہ کلندي کلندي بيحال ٿي ويس.

(وري کلي ٿو)

زرينہ: (ڪجهہ تيزيءَ مان) اصغر!

اصغر: ڇا ٿيو زرينہ!

زرينہ: اصغر! تون انهيءَ زماني سازيءَ جي چار مان هٿندين بہ يا نہ؟ ائين نہ ٿئي جو ڪنهن وقت ڪو بيو زماني جو روپ ڌاري توتي ڇٽرون ڪري!

اصغر: انهيءَ ۾ ڪابہ زماني سازي نہ آهي، بلڪ هڪ قسم جو حقيقتن تان پردو ڪڻڻ آهي.

زرينہ: پردو ڪڻڻ! اهو بہ ڪهڙيءَ طرح؟ واه واه، توکي شايد اها خبر نہ آهي تہ زبيده جيتري تعليم پرائي آهي، ان کان وڌيڪ ذهين آهي. گل هن جي ذهني صلاحيتن ۽ خوبين کي چڱيءَ طرح جاچيو آهي، چڱيءَ طرح پرکيو آهي، ۽ تنهن کان پوءِ ئي هن کلم کلا اعلان ڪيو آهي. توکي اها بہ خبر هوندي تہ زبيده سان ڪير بہ شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. نہ پنهنجن مان نہ ڌارين منجهان ئي. گل لاءِ ڇوڪريون ڪونہ هيون ڇا؟ اصغر! انهن ڳالهين کي مٿاڇرو نہ جاچ تون مٿاڇري کي جاچيندي گهرائيءَ کي وساري ٿو ويهين.

اصغر: هون! اڄ تہ ليڪچر جو موڊ آهي!

زرينہ: ڇا بہ هجي، مان رڳو اهو ڄاڻان ٿي تہ هن زندگيءَ ۾ منهنجي لاءِ جيڪڏهن ڪا بہ شيءِ وڻندڙ آهي تہ اها ضرور خوبصورت هوندي. خوبصورتي ۽ سونهن سان منهنجو پيار آهي ۽ سيرت بہ سونهن جي هڪ علامت آهي. آءٌ چوان ٿي تہ زندگيءَ ۾ ذهني هم آهنگي انسانن کي ويجهو ڪري ٿي ۽ پوءِ...

اصغر: ۽ پوءِ پيار شروع ٿو ٿئي، يعني رومانس (ٽهڪ ڏئي ٿو).

زرينہ: (ڪلندي) حرڪتي!

اصغر: زرينہ! سچي ڳالهہ ٿو ڪريان. اسان ٻنهي ۾ ڪيڏو نہ ذهني اختلاف آهي. هر ڪنهن ڳالهہ تي جهيڙو ۽ بحث، پر، پر، تون ائين نٿي چئي سگهين تہ اسان ۾ پيار نہ آهي. اسين هڪٻئي سان ايترو تہ پيار ڪريون ٿا، ايترو تہ...

زرينہ: بس اصغر!

اصغر: ڇو زرينہ! توکي منهنجي ڳالهہ نہ وڻي؟

زرينہ: نہ، بلڪل نہ.

اصغر: تہ پوءِ توکي منهنجي انهيءَ ڳالهہ تي اعتبار ڪونهي؟

زرينہ: اعتبار؟ اعتبار تہ آهي!

اصغر: تہ پوءِ هن انڪار جو ڇا مطلب؟

زرينہ: (جذباتي ٿي) اصغر! اصغر! مون کي پاڻ تي اعتبار ڪونهي، اصغر!

اصغر: زرينہ! هيءَ تون ڇا پيئي چوين؟ ٻڌ تہ سهي، اڙي وئي هلي، عجيب ڇوڪري آهي!

(4)

امينہ: زرينہ! زرينہ! اڃا تونيرن بہ نہ ڪئي آهي، ڪاليج جو ٽائيم اچي ٿيو آهي.

زرينہ: امان! ڇا ڪريان، اک لڳي ويئي.

امينہ: ايترو بيخيالي نہ ٿيءُ. تنهنجون اکيون ٿيون ٻڌايئن تہ رات جو گهڻيءَ دير تائين پڙهيو اٿئي.

زرينہ: نہ امان! بس، اونهين ننڊ نہ آئي.

امينہ: هون! ڇو ياڻين ڳل سان ڪو جهيڙو ٿيو آهي ڇا؟

زرينہ: نہ امان! اهڙي ڳالهہ ڪانهي. بس ائين ئي ننڊ نہ آئي.

امينہ: نہ نہ، آءٌ سڀ سمجهان ٿي. اوهان جو جهيڙو تہ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو. اِجهو هو ايندو تہ سندس منهن بہ سُڄيو پيو هوندو.

زرينہ: نہ امان! سچ ٿي چوان تہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ هئي.

امينہ: تڏهن ڪهڙي ڳالهہ هئي؟ مون کي ٻُڌائين ڇو نٿي؟

زرينہ: ڪجهہ نہ آهي امي! مون کي دير ٿي ٿئي، مان وڃان ٿي.

امينہ: چانهہ تہ پيءُ. زرينہ! زرينہ! ٻُڌ تہ سهي. (زرينہ جي وڃڻ جو آواز).

حامد: ڇو ڇا ٿيو؟

امينہ: ڇا وري ڇا ٿيو؟ مون کي تہ هن ڇوڪريءَ جي خبر ئي نٿي پوي. الائي ڪنهن تي ويئي آهي، گهڙيءَ ۾ تولو گهڙيءَ ۾ ماسو! اُتي جو اُتي پئي پنهنجي سوٽ اصغر سان کِلندي ڳالهائيندي، اُتي جوا ُتي مِٺ مِٺ تي چڙهي ويندس! رات ڪو وري وڙهيا آهن. بس نيرن بہ نہ ڪيائين. وري پڇجيس ٿو تہ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏيندي!

حامد: ٻار آهن. پيا وڙهندا ۽ پرچندا تون تہ اجايو پئي پاڻ پتوڙين.

امينہ: توهان بہ ڪمال ٿا ڪريو. هيڏي عمر اچي ٿي اٿن ۽ اوهان اجا تائين کين ٻار ٿا سمجهو. منهنجو تہ خيال آهي تہ جيئن توهان کي ادي اڳ ۾ چيو آهي تيئن توهين وڏيڪ ڳالهيون ٻولهيون ڪري، امتحان پوري ٿيڻ کان پوءِ ٻنهي جي شادي ڪري ڇڏيو.

حامد: پر زرينہ جي ماءُ! مون کي هڪ ڳالهہ کٽڪي ٿي: ڪيڏو بہ ٻنهي ۾ پيار آهي پر ساڳئي وقت ٻنهي جي خيالن ۽ عادتن ۾ بہ وڏو اختلاف آهي. ذهني طور ٻيئي هڪٻئي کان پري آهن. ظاهري طرح تہ کلندا ڳالهائيندا ٿا رهن، پر جيڏيءَ مهل ڪابہ اهڙي ڳالهہ ٿئي ٿي تہ هڪٻئي کان ڇڄي ڏار ٿيو ٻيهن. انهن سيني ڳالهين کي بہ ڌيان ۾ رکڻو آهي.

امينہ: اوهان کي تہ سدائين انهن ڳالهين جي اُلڻ هوندي آهي: هوڏانهن ڇئو ٻار آهن، هوڏانهن سندن طبيعتن جو پيا ذڪر ڪندا. توهان جي ڌيءَ بہ توهان تي ويئي آهي. ڏوهہ رڳو توهان جي ڌيءَ جي هنيلي طبعيت جو آهي.

حامد: (کلي ٿو) توسان تہ ڪا ڳالهہ ڪري آءٌ اڙجيو وڃان. ٻار جي ڳالهہ ڪرڻ کي ڪٽي ڪيم، پوءِ تہ اڙجي ويس. زرينہ جي ماءُ! حقيقت اها آهي تہ منهنجي ڌيءَ ويچاريءَ جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي. هن پنهنجي ذهن جي پرورش اهڙي نموني ڪئي آهي جو ائين پيو لڳي، سندس منزل ئي ڪا ٻي آهي.

امينہ: اوهان جون اهي تقريرون منهنجي ذهن ۾ ڪين ويهنديون. مون تہ هڪ ڳالهہ ڪئي، هاڻي اوهان جيئن مناسب سمجهو تيئن ڪريو. آءٌ هلان ٿي.

حامد: ٻڌ تہ سهي! مان تہ ادي سان ڳالهہ ڪريان ٿو پر هاڻي تون رڳو هڪڙي مهرباني ڪر جو زرينہ کان پُڇ.

امينہ: پڇڻ جو ڪوبہ ضرور ڪونهي، ٻيئي راضي آهن.

حامد: زرينہ جي ماءُ تون نٿي ڄاڻين، اڄڪلهہ جو اولاد مائٽن کي پنهنجي ٿورڙي غلطيءَ جي ڳري سزا ڏئي ٿو ۽ پاڻ بہ هڪ نہ ختم ٿيندڙ عذاب ۾ مبتلا ٿيو وڃي، تنهنڪري مناسب آهي تہ سڀ کان پهرين تون هن کان پُڇي خاطري ڪر. باقي سمورو معاملو آءٌ پاڻ طئہ ڪندس.

امينہ: چڱو جيئن اوهان جي مرضي.

(5)

اصغر: زرينہ! مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آخر توکي ڇا ٿيندو ٿو وڃي. آءٌ ڪيڏو نہ خوش خوش آيس توکي خوشخبري ٻڌائڻ، پر هت ڏس تہ سائيجن جو موڊ آف لڳو پيو آهي.

زرينہ: اصغر! مون کي پريشان نہ ڪر. مون کي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي.

اصغر: پر مان پُڇان ٿو تہ اهو سور ڇو ٿيو آهي؟

زرينہ: مون کي سڀ خبر پئجي ويئي آهي، اسان ٻنهي جي شادي.. اوه! ڪيڏو نہ خوش ڪندڙ خيال آهي، پر اصغر! مون کي الائجي ڇو ڊپ ٿو ٿئي تہ اهو صرف خيال ئي آهي، ان جو حقيقت سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.

اصغر: زرينہ! هيءُ تون ڇا ٿي چئين، زرينہ!

زرينہ: آءٌ سچ ٿي چوان. حقيقت آخر ڪيستائين لِڪل رهندي! هاڻي تہ فيصلو ٿيڻ وارو آهي، پوءِ ڇو نہ مصيبت کان پهرين ان جي بچاءَ جو تدارڪ سوچجي.

اصغر: هون! تہ اها ڳالهہ آهي. پر اهو سڀڪجهہ آخر ڇو... صاف صاف ٻڌاءِ زرينہ!

زرينہ: ڇا چوان، اصغر! مهنجي ذهني ڪيفيت عجيب ٿي پيئي آهي. دل چوي ٿي تہ تون هميشہ منهنجي قريب رهہ. پر جڏهن تون منهنجي ويجهو هوندو آهين تہ لڳندو اٿم تہ اصغر... مون کي... نہ اصغر، آءٌ ڪجهہ بہ نٿي چئي سگهان. مون کي اهي لفظ ئي نٿا ملن.

اصغر: ڇا مون کان توکي خوف ٿئي ٿو؟

زرينہ: نہ اصغر نہ، توهان کان نہ مون کي تہ پاڻ کان خوف ٿو ٿئي. منهنجو ذهني بيٺ چولين جي لپيٽ ۾ آهي. اپرندڙ لهرون... جيڪر اهي چوليون مون کي ٻئي هنڌ گهلي وڃي ڦِٽو ڪن تہ بہ چڱو اهي تہ وري ويران واري جي ڏِڍن تي اُڇلين ٿيون. جتي الائجي ڇو مون کي اُڃ جو احساس ٿو ٿئي.

اصغر: مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي زرينہ! مان ڪيترن ڏينهن کان تو ۾ اها تبديلي پيو ڏسان. جيئن ئي اسان جي شاديءَ جون ڳالهيون هليون آهن. تيئن تون وڌيڪ انهن اجاين ۽ بيڪار خيالن جي جار ۾ ڦاسندي پئي وڃين. خدا جي واسطي تون انهن خيالن کي ڇڏي ڏي. نہ تہ انهن خيالن جو وهڪرو اسان جي پيار جي گهرڙي جو نالو نشان بہ مٽائي ڇڏيندو زرينہ!

زرينہ: اصغر! مون کي سيني ڳالهين جو اعتراف آهي. آءُ توسان وڙهان ٿي، تنهنجي خيالن سان ٽڪرجان ٿي، پر منهنجو من جيڪا بغاوت ڪري ٿو ان سان ٽڪرجڻ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي. مون ۾ اها همت نہ آهي، اصغر!

اصغر: زرينہ! خدا جي واسطي بس ڪر. آءُ ڪجهہ ٻڌي نٿو سگهان. اهي خيال الائجي ڇا آهن، ڇو پيدا ٿيا آهن؟

زرينہ: تون بہ تہ سوچ تہ اهي ڇو پيدا ٿيا آهن؟ مون ۾ اختلاف جي خواهش پيدا ٿيندي وڃي ٿي ڇو تون بہ تہ سوچ.

اصغر: مان سوچيان؟ تون اهو نٿي سوچين، جهن کي تو پيار ڏنو. اج ان کي ٿي چوين تہ پيار تي نہ سوچ. من جي مِنين ڳالهين تي نہ سوچ.

زرينہ: تون ناراض ٿيو آهين؟

اصغر: ناراض ڇو ٿيندس. تون رڳو خوش رهہ اهائي منهنجي لاءِ خوشي آهي.

زرينہ: اصغر! مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. توکي شايد اها خبر نہ آهي تہ جيسين تون اچين اچين، تيسين منهنجي الائجي ڪهڙي حالت ٿي ويندي، تون سمجهين بہ ڪٿي ٿو سگهين.

اصغر: اها تنهنجي ڀُل آهي زرينہ! تون مون کي اجا تائين نہ سمجهي سگهي آهين. جيئن ئي مون شاديءَ جي ڳالهہ ٻُڌي، مون کي پنهنجي من جي دنيا روشن ٿيندي نظر آئي. آءُ خوشيءَ ۾ ٽِڙندو توڏي هليو آيس. هيڏانهن ٻاهر تہ نهار! فضا ۾ مسرت جون لهرون پکڙيل آهن چوڌاري

چراغان آهي. آءٌ خوش اهيان، زرينہ! اسين خوش آهيون، دنيا خوش آهي زرينہ! ڏس تہ سهي، اڙي تون تہ روئي رهي آهين، تون روئي رهي آهين، زرينہ! چو زرينہ؟ زرينہ!

زرينہ: (روئندي) ڪجھہ بہ نہ آهي، اصغر آءٌ تہ خوش آهيان، پر مون کان خوشي برداشت ٿي نٿي سگهي. توکي خبر آهي تہ اصغر، مان ڪڏهن بہ خوشين جي حقيقي محلن ۾ نہ رهي آهيان. مون هميشہ خوشيءَ جي تصوراتي خيابانن تي گذارو ڪيو آهي. منهنجي لاءِ اها خوشيءَ جي ڳالھہ آهي اصغر! پر اها خوشي، اها خوشي مون کي ماري ڇڏيندي!

اصغر: زرينہ! هيءُ توکي ڇا ٿي ويو آهي؟

زرينہ: اصغر! مون کي ڪجھہ بہ نہ ٿيو آهي. مان خوش آهيان، اسين بہ چراغان ڪنداسين. بيھہ تہ مان بتيون ٻاري ڇڏيان.

اصغر: زرينہ، زرينہ! تون چري تہ نہ ٿي آهين زرينہ!

زرينہ: (سختيءَ مان) مون کي ڇڏ، اصغر! آءٌ اڄ سڄي گھر جون بتيون ٻاريندس، چراغان ڪنديس، روشني ڪنديس. ذهني انڌيري ۾ رهندي رهندي آءٌ بينور ٿي پيئي آهيان. مون کي روشني گهرجي. مون کي ڇڏ، مون کي ڇڏ، روشني... چراغان... بتيون...

اصغر: زرينہ! زرينہ! (چماٽ ٿو هڻيس) تنهنجو پاڳلپڻو اِئين ختم ٿيندو! (وقفو) اُف... مون هي ڇا ڪيو؟ مون کي ڪجھہ بہ سمجھہ ۾ نٿو اچي. تون پاڻ سان گڏ مون کي بہ پاڳل بڻائي ڇڏيندينءَ زرينہ! آءٌ وڃان ٿو.

زرينہ: (جهيڻي آواز ۾) هڪ ڳالھہ تہ ٻڌ!

اصغر: ڇوءُ؟

زرينہ: مون کي معاف ڪر اصغر! مون توکي ڏکويو آهي... آءٌ... آءٌ شرمسار آهيان...

اصغر: ائين نہ چؤ زرينہ! معافي تہ مون کي گهُرڻ کپي. مون توکي اهنج رسايو آهي، تون تہ منهنجي زندگي آهين! زرينہ!

زرينہ: اصغر! منهنجو اهو پاڳلپڻو ختم نہ ٿيندو. تون مون کي پنهنجن هٿن سان ماري ڇڏ. نہ تہ منهنجي ذهني اٿل پٿل مون کي ماري ڇڏيندي.

اصغر: زرينہ! خدا جي واسطي اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر.

زرينہ: نہ اصغر! هاڻي سيئي ڳالهيون منهنجي وس کان ٻاهر نڪري ويون آهن، منهنجي هڪڙي التجا آهي.

اصغر: پھريائين مون کي رڳو اهو ٻڌاءِ تہ تون ايترو گهڻو سوچين ڇو ٿي؟

سوچبو تڏهن آهي جڏهين ڪا تڪليف پهچندي آهي يا ذهن ڪنهن ڳالهہ کان متاثر ٿيندو آهي. تنهنجي سوچ جو آخر ڪهڙو سبب آهي؟

زرينہ: اصغر! اهي ڳالهيون ڇيڙي تون مون کي انهيءَ ذهني دنيا ۾ واپس وٺي ٿو هلين. جتي خيال ۽ سوچ جون شمعون ٻرنديون رهن ٿيون. ڏس، ائين نہ ٿئي تہ هوا جو جهُوتو انهن کي وسائي ڇڏي ۽ اتي تاريڪي ۽ اوندهہ جو راڄ ٿي پوي. اصغر! منهنجي انهيءَ دنيا ۾ انڌارو نہ آڻ. انهن شمعن کي ٻرڻ ڏي، ٻرڻ ڏي، ايتريقدر جو اهي پاڻ ئي جلي ٻري ختم ٿي وڃن!

اصغر: منهنجي زرينہ! آءٌ تنهنجي حڪم کان انڪار نٿو ڪري سگهان. تنهنجي پيار منهنجي پير ۾ زنجير وجهي ڇڏيا آهن.

زرينہ: تہ پوءِ ٻڌ، اصغر! جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ اسان جي آئنده زندگي خوشگوار گذري تہ...

اصغر: ڇو نہ، تہ پوءِ...؟

زرينہ: تہ... تہ تون ڪيڏانهن ٻاهر هليو وڃ. اصغر! ٿورن ئي ڏينهن لاءِ

اصغر: هون!

زرينہ: اصغر! آءٌ چاهيان ٿي تہ اها ذهني ڪيفيت پاڻهي ختم ٿي وڃي.

(6)

زرينہ: ٻاهر طوفان جي اچا اهائي حالت آهي (طوفان جو آواز) پر هيءُ طوفان نيٺ ختم ٿيندو ۽ پنيان تباهيءَ جا ڪي نشان رهجي ويندا. پر هو ڪهڙو طوفان هو اصغر... اصغر... تون ڪيڏانهن هليو وئين؟ اصغر!

(موسيقي، پس منظر ۾ طوفان ۽ مينهن جو تاثر)

زرينہ: ۽ اصغر واقعي هليو ويو ناراض ٿي. مون ڪيترو ئي منع ڪيو پر هو نہ رهيو ۽ مون کي اڪيلو ۽ تنها ڇڏي هليو ويو هميشہ هميشہ لاءِ.

مسافر: محترمہ! اوهان ڪجهہ همت ۽ صبر کان ڪم وٺو.

زرينہ: ها، اهوئي باقي هڪڙو سهارو آهي. اصغر جي وڃڻ کان پوءِ آءٌ بيمار ٿي پيس. سخت بيمار ٿي پيس، ۽ وري مسرت ۽ خوشيءَ جي ٿهڪن منهنجي ذهن دنيا ۾ ترٿلو مچائي ڏنو.

(ماضيءَ جي ياد ڏياريندڙ موسيقي)

(7)

سلطان: ڪِلو مس زرينہ! هي ڇا آهي، سڄو ڏينهن ائين ليٽيا پيا آهيو

خاموش ۽ اُداس. اتي ٻاهر تہ ڏسو ڪيڏي نہ شاندار موسم آهي. باغ ۾ ٽڙيل گل، ٿڌڙي هوا ۽ موسيقي پڪڙيندڙ ماحول! اُٿو تہ سهي، هلو تہ ٻاهر لان ۾ ويهون. هاڻي توهان بلڪل نيڪ آهيو مس زرينہ! (ڪلي ٿي) کِلو نہ مس زرينہ!

زرينہ: (آهستي کِلي ٿي).

سلطان: ها ها، ائين بلڪل نيڪ، ڪنهن ٿي چيو تہ توهان بيمار آهيو؟ توهان نيڪ آهيو ائين نہ، مس زرينہ!

زرينہ: ڊاڪٽر صاحب، هُو...

سلطان: ها، ماحول ۽ فضا ۾ ڪيتري نہ سونهن ۽ حسن آهي. قدرت جي هن فياضيءَ جا شڪرانا بجا آڻيو.

زرينہ: ڊاڪٽر صاحب! توهان ڪي خوشيءَ سان ڏاڍو چاهہ ٿو ڏسجي.

سلطان: خوشيءَ جي چاهت ڪنهن کي نہ هوندي؟

زرينہ: چاهت تہ ڪڏهن بہ حقيقت نٿي سڏي سگهجي. چاهت تہ چاهت ئي رهندي، ڇاڪاڻ تہ اها هڪ اهڙي ڪيفيت جي باري ۾ آهي، جنهنجو ڪوبہ وجود ڪونهي.

سلطان: مس زرينہ! اوهان وري اهي ڳالهيون شروع ڪيون. ڏک سک، خوشي ۽ غم تي نہ ويچاريو تہ بهتر. توهين رڳو اهو ويچاريو تہ توهان نيڪ آهيو.

زرينہ: ڊاڪٽر صاحب! اهي ئي خيال تہ مون کي سڪون بخشي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ جو ذهن ٻيو وڌيڪ ويچاري ئي نہ سگهندو.

سلطان: چڱو ائين سهي، پر معاف ڪجو توهان هر هر "ڊاڪٽر صاحب، ڊاڪٽر صاحب" جو گردان شروع ڪري ڇڏيو آهي. منهنجو پيشو بيشڪ ڊاڪٽر جو آهي، پر منهنجو نالو "سلطان" آهي. (کِلي ٿو.)

زرينہ: هون، تہ توهان کي "سلطان" سڏائڻ ۾ خوشي محسوس ٿي ٿئي؟

سلطان: توهان خود چيو تہ خوشيءَ کي ڪو وجود ڪونهي، پوءِ منهنجي خوشي اوهان کي ڇو ٿي نظر اچي؟

زرينہ: ڇاڪاڻ تہ ڊاڪٽر! اسين سڀ خوشيءَ جي بيابان ۾ رهون ٿا، جتي رڃ ئي رڃ آهي. هر ڪنهن کي ٻئي لاءِ خوشي نظر اچي ٿي، پر جڏهن هو ان جي ويجهو وڃي ٿو تہ اُتي تہ ويران وير وڌ لڳي پيئي آهي. ڊاڪٽر صاحب! معاف ڪجو، مسٽر سلطان، ڇا ائين ٿي نٿو سگهي تہ اسين انهيءَ احساس کان ئي ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهون؟

سلطان: ڪهڙي احساس ڪان؟
زرينہ: خوشي ۽ غم جي احساس ڪان! اسين ذهن کي ان ڳالهہ تي آماده ڪريون تہ غم غم نہ آهي، خوشي خوشي نہ آهي ۽ اهو ئي سڪون جو ذريعو آهي.
سلطان: مس زرينہ! بس اهو سوچڻ ڪافي آهي تہ جيڪي ڪجهہ ٿئي پيو سو نيڪ آهي، جي نيڪ نہ آهي تہ نيڪ ٿي ويندو. مون کي ڏسو توهان سمجهو ٿا تہ ڪوبہ غم منهنجي ويجهو نہ آيو هوندو مس زرينہ! منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙيون ويرانيون آيون آهن، جتي ڪيترو ئي وقت ڀٽڪندو رهيس. پر پوءِ احساس ٿيو تہ زندگي جيئڻ لاءِ آهي، جيڪي ٿئي پيو سو نيڪ آهي. بهرحال، هينئر اسان کي ڪجهہ بہ سوچڻ نہ کپي. منهنجا ڏک مون تائين رهن تہ چڱو. ڪيئن نيڪ آهي نہ؟ (ڪلي ٿو) هو ڏسو اوهان جو والد هيڏي پيو اچي. توهان اتي ويهو قدرت جي فياضيءَ جي فراخدليءَ سان تعريف ڪريو ۽ پاڻ کي خوش رکو. مان اجازت وٺان ٿو. مون کي ٻين مريضن کي بہ ڏسڻو آهي.
زرينہ: مهرباني، ڊاڪٽر او مسٽر سلطان! خدا حافظ.
سلطان: خدا حافظ (ڪلڻ جو آواز)
حامد: هلو ڊاڪٽر!
سلطان: (ڪلندي) هلو سر!
حامد: زرينہ جي طبيعت ڪيئن آهي ڊاڪٽر صاحب؟
سلطان: بلڪل نيڪ آهي. بهرحال، منهنجي تشخيص صحيح ثابت ٿي. هو جسماني مرض کان وڌيڪ ذهني مرض ۾ مبتلا هئي. هن کي دوا کان وڌيڪ همدرديءَ جي ضرورت آهي.
حامد: ڊاڪٽر! اوهان جي وڏي مهرباني. انهيءَ مرض تہ هن جي ذري گهٽ جان ورتي هئي. بهرحال، شڪرانا ڏٽيءَ جا جو هوءَ هينئر نيڪ آهي.
سلطان: مان سڀاڻي کان وٺي ڪونہ ايندس. چاڪاڻ تہ مس زرينہ نيڪ ٿي چڪي آهي. ڪڏهن ڪڏهن حال احوال پيا ڀڏائجو.
حامد: ضرور ضرور، اوهان سچ پچ تہ چوڪريءَ جي زندگي بچائي آهي.
سلطان: چڱو يلا آءٌ اجازت وٺان ٿو. خدا حافظ (ڪِلڻ جو آواز)

(8)

سلطان: مس زرينہ! اوهان هتي؟ طبعيت ڪيئن آهي؟

زرينہ: طبيعت نيڪ هجي ها تہ ڊاڪٽرن جا در ڇو ڏسڻا پون ها. پر خبر تڏهن پيئي جو خود ڊاڪٽر صاحب جي طبيعت خراب آهي!

سلطان: (ڪلندي) نہ نہ. آءٌ تہ نيڪ آهيان. پر اوهان کي ڪنهن ٻڌايو؟

زرينہ: ٻہ ڏينهن ٿي ويا، توهان نہ آيا، ماڻهو دوا خاني موڪليم ۽ خبر پيم تہ توهان جي طبيعت خراب آهي ۽ آءٌ هلي آيس. توهان ٻڌايو بہ نہ...

سلطان: مس زرينہ! توهان جي طبيعت اڃا نيڪ نہ آهي ۽ توهان وتو ٿا ٻين جي مزاج پرسي ڪندا؟

زرينہ: توهان کي شايد منهنجو هتي اچڻ نہ وڻيو. چڱو ڀلا، مان هلان ٿي.

سلطان: پر ترسو توهان تہ پنهنجي طبيعت ڏيکارڻ آيا آهيو نہ... ها... (کلي ٿو).

زرينہ: منهنجي طبيعت کي ڇڏي ڏيو مان نيڪ آهيان. توهان رڳو پنهنجي صحت جو خيال رکو ٻن ڏينهن ۾ اڌ ٿي ويا آهيو. چڱو ڀلا مان...

سلطان: ٻڌو توهان پنهنجي مرضيءَ سان آيا آهيو پر ويندو منهنجي مرضيءَ سان. ڪيئن ها نہ... (کلي ٿو)

زرينہ: چڱو جيئن اوهان جي مرضي.

سلطان: ترسو مان توهان جي لاءِ چاءِ گهرايان.

زرينہ: ۽ اوهان ترسو تہ مان اوهان جي لاءِ چاءِ ٺاهيان.

سلطان: توهان چاءِ ٺاهيندؤ؟ (کلي ٿو)

زرينہ: ڇو توهان سمجهو ٿا تہ مون کي چاءِ ٺاهڻ ڪانہ ايندي آهي؟

سلطان: نہ نہ. منهنجو اهو مطلب نہ آهي. توهان تڪليف نہ ڪريو. نوڪر آهي، اُهو ٺاهي ڪٽي تو اچي.

زرينہ: نوڪر جيڪا چاءِ ٺاهي ڪٽي ايندو سا بہ ڏسبي.

سلطان: ڇو؟

زرينہ: توهان جي گهر جي حالت ڏسان ويني ڪيڏو نہ ننڍڙو سهڻو ۽ سنو بنگلو آهي، پر حالت ڏسي ڏک پيو ٿئي. ڇا تہ ڪمرن جي حالت آهي، ڇا هن ڊرائنگ روم جي حالت آهي. توهان جو ريڊنگ روم بہ سامهون پيو ڏسجي. مان ڀانيان ٿي تہ ڪو پوري ٻهاري بہ نٿو ڪري، ۽ توهان بہ تہ ڪو خيال نٿا ڪيو.

سلطان: مِس زرينہ! جي ايئن گهر جي بي ترتيبيءَ جو خيال ڪندؤ تہ پوءِ توهان کي منهنجي سڄي زندگي بي ترتيب نظر ايندي. بي ترتيب! اِوجر... اجائي... ڪٿي آهي. مس زرينہ! نہ ذهني طور اسين با ترتيب

آهيون ۽ نہ وري ظاهري طرح اڇا اُجرا... بس جيڪي ڪجھہ آهي، نيڪ آهي. ڏسو جمن پاڻ ئي چانھہ ڪڻي آيو آهي. اسان جي لاءِ ايتري سمجھہ ۽ سوچ ڪافي آهي. بس وڏيڪ شايد ڪجھہ بہ نہ... جُمن! چانھہ رک. اوهہ! بسڪيٽ بہ آهن. نيڪ آهي. توهين وري ڪهڙي سوچ ۾ پئجي ويؤ؟ ڇڏيو اهي خيال ۽ چانھہ ڻاهيو.

(چانھہ جي ڪوپن جي ڪڙ ڪڙ جو آواز)

زرينہ: ڊاڪٽر! اوهان ڪان هِڪڙي ڳالھہ پڇان؟ اوهان ڪلندا آهيو تہ محسوس ٿيندو آهي تہ زوري ٽا ڪلو!

سلطان: جي!

زرينہ: اوهان منهنجي ڳالھہ نہ سمجهي؟

سلطان: مان اوهان ڪي سمجهي نہ سگهيس.

زرينہ: توهان ڇو سمجهي نہ سگهيا؟ آءٌ انهي ئي سطح تي ڳالهائي رهي آهيان، جنهن سطح تي توهان پاڻ ڪي ٿڪن ۾ گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو.

سلطان: مس زرينہ! توهان اهڙن ڳالهين تي نہ سوچيو تہ بهتر.

زرينہ: مسٽر سلطان! اهو ناممڪن آهي. سوچ تہ منهنجي زندگي آهي. مان پنهنجيءَ سوچ سان پيار ڪندي آهيان، ۽ سوچ ۽ ويچار مون ڪي زندگيءَ جي اڀوڳن رازن ڪان واقف ڪندا آهن. اهي ڪنهن جي ڳالھہ ڪونہ لڪائين.

توهان جي زندگيءَ جي بي ترتيبي ۽ ٿڪن ۾ بہ متضاد ڳالهيون آهن. اهي توهان جو راز فاش ڪري ٿيون وجهن.

ڊاڪٽر: توهان منهنجو نفسياتي علاج ڪيو آهي، پر توهان خود نفسياتي مريض آهيو. توهان جو من مريض آهي، ڊاڪٽر! توهان جي من ڪي علاج جي ضرورت آهي.

سلطان: مس زرينہ! مس زرينہ! خدا جي واسطي... مان وڏيڪ ٻڌي نٿو سگهان.

زرينہ: ڊاڪٽر! توهان ڪي ياد آهي، جڏهن اوهان منهنجي ذهن ڪي ڦولهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، مٺين ۽ شيرين ڳالهين سان. پر مٺين ڳالهين سان بہ ڪڏهن ذهني زخم دور ٿيا آهن؟ نشتر ڪڍو ڊاڪٽر. مان تي توهان جو علاج ڪريان. توهان تہ ڊاڪٽر آهيو. توهان

ڇرڪو ڇو ٿا؟ اڄ توهان مريض آهيو ۽ مان ٿي ڊاڪٽر بڻجان. اڙي
هيءَ ڇا؟ ڪلو نہ ڊاڪٽر صاحب!

(سلطان کلي ٿو.)

زرينہ: هيءَ کلڻ سچ پچ ائين پيو لڳي، ڄڻ اوهان جو سچو پچو کلڻ آهي.

سلطان: ها، مس زرينہ! اڄ محسوس ٿيو تہ مان مصنوعيت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري رهيو آهيان. زندگي حقيقت بڻجي منهنجي آڏو اچي بيٺي آهي. توهان پلي منهنجو علاج ڪريو. نشتر ڪڻو. پر مون جيڪي هن گهڙيءَ ۾ محسوس ڪيو آهي. ان لاءِ نشتر ڪڻڻ جو ضرور ناهي.

زرينہ: توهان سمجهيو تہ آءٌ وڍڪٽ جو سامان کڻي ٿي آيس. ائين نہ! (کلي ٿي)

سلطان: مس زرينہ! مذاق نہ ڪريو مون کي ڏک ٿيندو.

زرينہ: نہ مسٽر سلطان! مان اوهان سان مذاق نٿي ڪريان. اسان جي جهڙي نموني ملاقات ٿي ۽ جهڙي قسم جو سبنڌ ٿي ويو آهي، مان ائين ٿي چوان تہ اسين بہ پٽڪيل راهي هئاسون. اسان جڏهن ملون ٿا، الائجي ڇو مون کي منزل جو احساس ٿو ٿئي.

سلطان: مس زرينہ! اسين رڻ جا راهي آهيون، رڃ جا رولاڪ! آءٌ تہ رڃ کي منزل سمجهي زندگيءَ جي بيابان ۾ پٽڪندو رهيو آهيان. پر سچ پچ تہ جنهن ڏينهن مان اوهان سان مليس ۽ اوهان جون ڳالهيون ٻڌم تہ محسوس ٿيم تہ منهنجي منزل ويجهو اچي ويئي آهي. پر اهو سوچي تہ شايد اوهان جي ڪا ٻي منزل هجي، مون اچڻ ڇڏي ڏنو.

زرينہ: ڊاڪٽر!

سلطان: نہ زرينہ، ”سلطان“!

زرينہ: سلطان! سلطان! آءٌ ڪيئن ٻڌايان تہ اڄ تو مون کي ڇا ڏنو آهي. اڄ مايوسين جي تاريڪيءَ ۾ اميد جي شمع روشن ٿي آهي. مسرت ۽ خوشيءَ جي روشني، ازلي آرزو ازلي خواهش (ويندي) آءٌ... آءٌ... (ڊڪندي ڊڪندي ٻاهر هلي وڃي ٿي).

سلطان: زرينہ! زرينہ! ٻُڌ تہ سهين.

زرينہ: آءٌ وڃان ٿي سلطان! آءٌ وري ايندس، وري ايندس.

سلطان: تون ضرور ايندينءَ زرينہ! هن گهر جي راڻي بڻجي. هن گهر جي سونهن، هن گهر جي خوشي!

(شرناين جي گونج)

سلطان: زرينہ. زرينہ.

زرينہ: جي!

سلطان: زرينہ، اڄ منهنجي خوشين جو ڪاتو ئي نہ آهي. سوچ تہ سهي. جيڪو ورهين جا ورهين راتين جو پٽڪندو رهيو. هُن شهر کان هن شهر تائين، صرف منزل جي تلاش ۾، سڪون جي تلاش ۾، اُن جي آڏو جي ان جي منزل هلي اچي تہ ان کي ڪيڏي نہ خوشي هوندي؟ مون کي تہ سيڪجهہ ملي ويو آهي. سيئي خوشيون، سيئي منزلون.

(9)

(طوفان ۽ مينهن جو آواز

درين کڙڪڻ جو آواز)

زرينہ: توبهہ! ڪيڏو نہ سخت طوفان آهي. سلطان کي جهليم بہ تہ نہ وڃ، پر هو ڪٿي ٿو مُڙي. الله خير ڪري. منهنجي تہ دل جي ڪٿ ڪٿ وڃي ئي نٿي. بيقراري ٿي پئي آهي. ننڍڙو اسلم بہ مس مس ستو آهي. طوفان جي شور تي جاڳي پيو تہ آزار باري ڏيندو.

(در کڙڪي ٿو آهستي پوءِ ڏاڍيان)

زرينہ: ڊاڪٽر اچي ويو! آيس ڊاڪٽر، توبہ انصاف ڪيو آهي. (در کولڻ جو آواز) اوه! تون ڪير آهين؟ تون صغر! اڄ اصغر. اصغر، تون سڄو مينهن ۾ پڃي ويو آهين. اندر اچ، سخت طوفان آهي، تون اندر تہ اچ.

اصغر: طوفان کان ڊپ ٿي ڪرين.

زرينہ: اصغر! توکي ڇا ٿي ويو آهي. مون کي طوفان کان نہ پر توکان خوف آهي. تون... تون... ائين مون ڏي نہ وڌ، اصغر!

اصغر: زرينہ! مون کان نہ ڊڄ. مون تنهنجي حڪم جي تعميل ڪئي. رڳو اهو سمجهي تہ اهڙيءَ طرح من ڪو دل کي قرار ۽ سڪون اچي، پر، مون کي ڪجهہ بہ نہ مليو. ڪجهہ بہ نہ زرينہ! منهنجي اميدن ۽ آسن جو دامن ائين جو ائين خالي رهيو.

زرينہ: اصغر! مون کي بيحد افسوس آهي. مون... مون تہ هميشہ توکي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ... تہ...

اصغر: تہ تنهنجو مون سان پيار نہ هو ائين نہ...

زرينہ: ائين تہ آءٌ نٿي چئي سگهان، پر ايترو ضرور آهي تہ مون ڪڏهن بہ توکي پنهنجي منزل نہ سمجهيو. ان ڪري ئي آءٌ هميشہ ذهني عذاب ۾ مبتلا رهيس. مون ذهني طور ڪڏهن بہ توکي قبول نہ ڪيو. آءٌ

تنهنجي ڪري هميشہ پنهنجي ذهن سان بغاوت ڪندي هيس ۽ اُها بغاوت ڪيڏي نہ بيقرار ڪندڙ هئي.

اصغر: ليڪن تو مون کي تہ ائين محسوس ڪرايو تہ تنهنجو مون سان پيار آهي. تون منهنجي آهين. تنهنجو اهي مڻيون وڻندڙ ڳالهيون، پيار جو احساس. تون چوين ٿي تہ تنهنجو مون سان ڪنهن بہ قسم جو پيار نہ هو! تون ائين چئي پنهنجو پاڻ کي بيوفائيءَ جي الزام کان ڇڏائي نٿي سگهين.

اصغر: خدا جي واسطي مون کي ڇڏ. مون گهڻي مشڪل ۽ تڪليف کان پوءِ اها خوشي حاصل ڪئي آهي. منهنجي خوشي مون کان نہ ڦر، اصغر!

اصغر: آءٌ تنهنجي خوشين تي ڌاڙو هڻڻ ڪونہ آيو آهيان. توکي صرف ايترو چوندس تہ هن دل جي ويراني ۾ هاڻي ڪڏهن بہ بهار نہ ايندو هن گلشن ۾ ڪڏهن بہ گل نہ ٽڙندا. هتي تباهيءَ ۽ بربادي جا واچوڙا اٿندا ۽ منهنجي ساري ڪائنات ان ۾ لڙاتجي ويندي!

(چرين وانگر کلي ٿو)

زرينہ: اصغر! اصغر! هوش ۾ آءُ...

(اصغر کلندو رهي ٿو)

اصغر: اصغر! پنهنجو پاڻ سنڀال، هي توکي ڇا ٿيندو وڃي؟

(۽ ڪنهن جي تيز قدمن سان پڄڻ جو آواز)

زرينہ: اوه! هيءُ ڪير هو؟ ڊاڪٽر سلطان!

(درن جي ٺڪرجڻ جو آواز)

(زور سان) سلطان! سلطان! منهنجو سلطان! هو پاڇو جيڪو هتي بيٺو هو هو هليو ويو. تاريڪن ۾ اونداهين هميشہ ڪوڙ ڳالهايو آهي. هو انهيءَ ڪوڙ کي سچ سمجهي ويو. هوا ٿين مون کي ڇڏي وڃي نٿو سگهي، هو منهنجي زندگي آهي، منهنجو جياپو آهي، هو تہ منهنجي منزل. اُف الا مان ڇا ڪريان!

(ماضيءَ جي ياد ڏياريندڙ موسيقي)

زرينہ: ... ۽ هو جيئن ويو تيئن نہ موٽيو. پندرهن ورهيہ ٿي ويا آهن، ۽ هاڻ تہ اميد جا آخري ڪرڻا بہ غروب ٿيندا پيا وڃن. مايوسيءَ جي تاريڪي آهستي آهستي وڪوڙيندي وڃي.

(روئي ٿي)

منهنجي باقي حياتي ائين ڪاري رات وانگر اڪيلي ۽ تاريڪ رهندي
(اجنبي جي سڏڪن جو آواز)

اوه، اوهان بہ روئ پيا! شايد اوهان بہ دکي آهيو. ڏک سک تہ اسان جي منزل جا رکوال آهن. صبح ٿي چڪو آهي، آءٌ توهان جي نيرن جو بندوبست ڪريان. اوهان کي شايد پري وڃڻو هوندو.

مسافر: نہ. منهنجي منزل منهنجي سامهون آهي. زندگيءَ جي فريبن ۾ ڏوڪن منهنجي سڪون ۽ آرام تي ڏاڙو هڻي منهنجي مسرتن کي قتل ڪيو هو. زرينہ! آءٌ ئي تنهنجو "سلطان" آهيان!

زرينہ: سلطان! منهنجا سلطان! هيءُ آءٌ ڇا پيئي ڏسان!

مسافر: ها زرينہ. مون توکي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي ۽ ان جي سزا ۾ آءٌ ڀٽڪندو رهيس هڪ راهہ وڃايل مسافر جيان منزل ۽ سُڪون جي تلاش ۾ ڀٽڪندو رهيس. مون اصلي منزل کي منزل نہ سمجهيو پر نظر جو فريب سمجهي فريب ۾ مبتلا رهيس. آءٌ ڇا ٻڌايان زرينہ! مان هينئر ڇا محسوس ڪري رهيو آهيان. پشيماني ۽ خوشيءَ جا احساس مون کي بيهوش ڪري رهيا آهن.

(زرينہ سڏڪا ڀريندي رهي)

[ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي شڪريہ سان]

❊

حمید سنڈیءَ

جا لکیل

چوند مضمون

ءُ مقالا



# ماضيءَ جا صوفي
# اڄ جا مسيحا

هن ڌرتي جي گولي تي جڏهن کان چاڻ جي پکيءَ پرڙا ڦهلايا آهن ۽ چوڌاري اُهو پکي ماضيءَ کي وساري حال جي ٻولي ٻوليندو وتي ٿو ماڻهن کي نوان گس نوان پنڌ ڏسيندو. تاريخ جي صفحن مان هن پکيءَ جو گذر ٻـ ٿيو آهي، پر اڄ جو پکي جنهن نموني جي ڄاڻ ڏئي ٿو اُها ڄاڻ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي وسيلي ائين تکي پئي پهچي جهڙي برق.

هن جي ٻولي اها آهي تـ جيڪي منجهـ جهان آهي اُهو اهوئي آهي تـ پنهنجين خواهشن ۽ گهرجن جو پورائو ڪريو هر شيءَ ۾ اک وجهي اُن کي هڙپ ڪريو. پنهنجن خواهشن ۽ گهرجن جي پورائيءَ لاءِ پنهنجو ضمير، پنهنجي سوچ وڪڻي ڇڏيو. دنيا جي گولي تي هر شيءَ موجود آهي، ان لاءِ ئي سوچيو ۽ پوءِ ٻئي جي حقن تي ڌاڙو هڻو ڦر ڪيو جنگ جدل ڪيو ماڻهو ماڻهو کي ڦري ۽ کائي، قومون، قومن کي کائن ۽ ڳهن، وڏي مڇي، ننڍي مڇيءَ کي ڳڙڪائي ۽ کائي، ڪا فڪر جي ڳالهـ نـ آهي. دنيا ۾ هن وقت آدم جو آدم جيئڻ ائين حرام ڪري جو هر هڪ پنهنجي خواهشن ۽ گهرجن جي پورائيءَ لاءِ ڳڻتيءَ ۾ گرفتار هجي. ڳڻتي ٻـ اهڙي، جا ڪيس خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ڪري، هڙي ڳڻتي هن دور جي پيداوار آهي.

مون ڳڻتي تي هڪ ڏاڍو سٺو مضمون ٽائيم رسالي ۾ 1965ع ۾ پڙهيو هو جنهن جو ترجمو پنهنجي دوست سليمَ خواجہ ان وقت ڪيو هو. ان ۾ ڇا ڪجهـ نـ هو. هن دور جي دردناڪ ڳڻتيءَ وهيٽي ڪهاڻيءَ جو منڍ هو ۽ پڇاڙي اڃا تائين نـ ٿي آهي. اهو مضمون ڪجهـ هيئن شروع پئي ٿيو: 'پاڻ وهيٽي لفٽ هڪ جهٽڪي سان بيهي رهي ٿي. لفٽ جا در نهايت آهستيءَ سان کُلن ٿا. پر ٻاهر نڪرڻ جي در بدران مسافر کي هڪ پٽ نظر اچي ٿي. هو ست ڏئي آگر سان بٽڻ دٻائي ٿو ڪجهـ ٻـ نـ ٿو ٿئي. آخرڪار هو خطري

جي گهنٽي وڄائي ٿو. هينان اسٽراٽر جو گهرو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. لائوڊ اسپيڪر مان آواز اچي ٿو ’هن عمارت ۾ پنجويهين ماڙ آهي ئي ڪانه.‘ مسافر وراڻيس ٿو ’اهو وري ڪيئن؟‘ مون کي هتي ڪم ڪندي ورهيه ٿي ويا آهن؟‘ هو پنهنجو نالو ٻڌائيس ٿو. ’مون اهو نالو اڳ ڪڏهن ٻڌوئي ڪونهي.‘ ’گهٻراءِ نه‘ مسافر پنهنجو پاڻ کي چوي ٿو: ’هي رڳو ڊيڄارين ٿا.‘ پر وقت گذرندو ٿو هلي ۽ ڪا تبديلي ڪا نه ٿي اچي. ان بي انت گهڙيءَ ۾ مسافر جو ٻاهرين دنيا سان لاڳاپو اهي نيزاريون ۽ ٻن چئن ڪهرن نولهن جي ڏي وٺ ئي آهن. نيٺ اهو به ختم ٿي وڃيس ٿو. هيٺ وارو ماڻهو چئيس ٿو ته هو واندو ڪونهي. اُمالڪ مسافر کي ڊپ ويڙهي ٿو وجي ۽ هو دانهن ٿو ڪري: ’ترس ميان! مون سان ڳالهائيندو رهه.‘ پر لائوڊ اسپيڪر خاموش ٿي وڃي ٿو. ڪلاڪ، ڏينهن يا صديون گذري وڃن ٿيون. مسافر پنهنجي رُڪائين دبي (لفٽ) ۾ ڊپ وچان ڪروندڙو ٿي ويهي رهي ٿو ۽ هن جون نظرون چمڪندڙ ڏاتوءَ تي ڪتل ٿيون رهن. ’اُن آواز جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. شايد اهو آواز وري ٻڌڻ ۾ اچي.‘

ليڪڪ اها ڪهاڻي ٻڌائي چئي ٿو ته هيءَ جرمنيءَ جي اشاريت پسند اديب فرانز ڪافڪا جي ڪا آکاڻي ناهي، نه وري هن جي ڪنهن همعصر نقال جي آکاڻي آهي. هيءَ هڪ خواب آهي، جيڪو تازو نيويارڪ جي هڪ ڪامياب شهريءَ لڌو. فرائيڊ جو پوئلڳ يا ڪو بيو نفسي ڇيد جو ماهر ان جو مطلب ڇا به ڪڍي، اهو خواب هڪ اهڙي دور لاءِ هڪ مڪمل تمثيل طور ڪم اچي سگهي ٿو جنهن کي عام طور ’ٻُڏتيءَ جو دور‘ چيو وڃي ٿو. هيءَ انهن ڇپ جيڏن شهري منارن بابت ٻڌائي ٿو جن ۾ حياتي تهه خانن جهڙين اونداهين ۽ سوڙهين ڪوٺين اندر گهاري وڃي ٿي. هيءَ خواب هن صدي جي انهن ڏينهون ڏينهن وڌيڪ پيچيده ٿيندڙ ڪلن بابت ٻڌائي ٿو جن تي ڪو هڪڙو ماڻهو ضابطو رکي نه ٿو سگهي. هيءَ خواب نه رڳو ڇتاپيٽيءَ سان ڀريل ڪاروباري حياتيءَ بلڪ هڪ سدائين ڦرندڙ گهرندڙ سماج جي تڪڙن لاهن چاڙهن بابت ٻڌائي ٿو. هيءَ خواب ان خطري ڏانهن اشارو ٿو ڪري ته انسان پنهنجي انفراديت وڃائي نه ويهي. هيءَ خواب پنهنجن هم جنسن، دنيا ۽ هن دنيا ڪانپوءِ ٻيو جيڪي ڪجهه هجي، تنهن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لاءِ انسان جي جنون جي حد تائين پهتل گهرج ڏانهن اشارو ٿو ڪري. سڀ کان مٿي، هيءَ خواب ان خدا بابت ٻڌائي ٿو جيڪو خاموش ٿي ويو آهي.

مان ٻُڏتيءَ جو اهو خوفناڪ روپ پڙهي، في الحال ته ان خدا وانگر

چپ تي ويو هوس، جيڪو خاموش تي ويو آهي. مان ڳڻتيءَ ۾ خوف ۾ مبتلا تي، علم دين جي ماهرن ڏي پڳو هوس، خدا کي ڳولڻ لڳو هوم، هر هنڌ، هر جاءِ، مسجدن ۾، خانقاهن ۾، آواز ٻڌڻ لاءِ وڏن منارن تي چڙهي ويو هوس، ته خدا جي ويجهو ٿيان ته من آواز ٻڌان. اُت وڏيڪ پؤ ٿيم ۽ ڳڻتي ٿيم ته انهن منارن تان هيٺ ڪري نه پوان. نيٺ هڪ ڏينهن رلندي رلندي واٽ ويندڙ فقيرن جي ٽولي ڏٺم، ڏاڍو منو پئي ڳاتئون:

من ۾ "الا سو تن ۾!"

محبوب ڳولي ڏس من ۾!"

مون ڪانئن پڇيو: 'يارا ڪير آهيو؟' چيائون: 'سائين فقير آهيون.' عربيءَ ۾ فقير جي معنيٰ آهي گداگر يا پينو. مون ڪجهه آڇيو مان ته چيائون:

گولا جي گراهه جا، جوٺا سي جوڳي،
قتل او قوڳي، جنين شڪم سانديا.

زور ڪيو مان ته چيائون:

جي فڪر ڪٺون فارغ ٿيا، ٿيا دنيا کان دور،
هوندا سي حضور، آءَ ته ڳرهيون ڳالهڙيون.

ڳالهين ۾ پياسين ته منهنجا سپ اهنج لهي ويا. ڪاڏي ويا ڏپ ڊاءُ، ڪاڏي ويو خوف هراس، ڪاڏي وئي ڳڻتيءَ جي ڏائڻ. چيائون 'سائين! ڪهڙي ڳڻتيءَ ۾ هيا.' چيو مان: 'هن دنيا پٺ ڏنو آهي، خدا کي ٿو ڳولهيان، ڪو اُهو ترياق ڏسيو.' اتي چيائون: 'سائين ڪجهه صوفي فقيرن جون ڏنل سوکڙيون اسان وٽ آهن، اسان وٽان ڪنيو وڃو شايد توهان جي دل جو درمان ٻڻجي، ڳڻتي فڪر کان آجا ٿيو.'

ڪٺي سوکڙيون سوجهيان، ته مارا هي ته فقير ڪينهن، پر وڏا امير ۽ 'سپ ڪي' وارا مٽيادار ماڻهو آهن. سوکڙيون اج به سنڀاليل اٿم:

ڏني ڏکويا، اڻ ڏني راضي ٿيا،
صوفي سي ٿيا، جئن ڪين ڪيائون پاڻسين.
(شاهه)

مون جيئن محراب جسو جامع تن جو
قبلي نماءُ قبل ڪري، تن کي ڪيائون طواف،

تحقيق جي تڪبير چئي، جسمان ڏنئون جواب
تن ڪهڙو ڏوهہ حساب، جن هنئڙي هادي حل ٿيو

چيائين سائين! هاڻ اجا بہ اڳ پروءِ توهان جي ڳولاجو جواب آهي.

حڪم هلي ٿو جنهن سان،سو ڪر پيدا پاڻ
صورت سا سڃاڻ، منهن ڪري مورت ڪي

مون ورتي فقراءَ لڌي جي پُٺ، اچي لطيف پيڙو ڪيائون، اتان ڪنيائون تہ اچي سچل وٽ ستيائون،ڳڻتيون فڪر تہ لٿا، ڳولا جو عمل جاري آهي.ڏس پنڌ اهو ئي مليو:

’تون‘ هي سا ’تون‘ ليين، مان ليان ’تو‘ سان
’تون‘ هي ’آئون‘ سيهين، ’لا‘ ۾ موجودات ٿي
(سچل)

پاڻ سڃاڻڻ لاءِ اها ڳالهہ مليم، پر الائي جي چويؤ نہ ٿيم:

جي تو ڄاتو پاڻ، تہ آئون ٻيو ڪو آهيان
ڪندو غرق گمان، ڳهلا انهي ڳالهہ ۾
(سچل)

صوفي فڪر ڪي هر ڳڻتيءَ جوعلاج پائنين،مون نہ رڳو شاهہ سچل سامي، پڙهيو ٻڌو پر ٻيجي منبع لڌا. هونئن بہ جڏهن حقيقت، عشق،موت يا ڳڻتيءَ وانگر عالمگير هوندي آهي تہ ان جو پورو پورو اندازو لڳائڻ يا ان جي درجا بندي ڪرڻ تمام ڏکيو ٿيو پوي ماڻهو جيڪڏهن ڳڻتي نہ ڪري ها تہ هو انسان نہ هجي ها. ڇا ماڻهو اڄ اڳي کان بہ وڌيڪ فڪرمند آهي؟ ڇا ان جون ڳڻتيون ۽ انديشا حضرت ايوب کان نرالي نوعيت جا آهن. يا ڇا هن دور جو انسان بگڙيل تاريخي نڪتهءِ نظر جو شڪار آهي، جو هو سدائين حال کي ماضيءَ کان وڌيڪ وڏو ۽ برتر سمجهندو آهي؟.

جيتوڻيڪ مفڪر انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ هن دور ۾ ڳڻتي في الحقيقت ڪميت توڙي ڪيفيت ۾ مختلف ضرور آهي، پر بنيادي طرح سان انسان بنيادي خصلتن ۽ جبلتن ۾ اڄ بہ ساڳيو آهي.ان لاءِ ضروري هو تہ ماضيءَ جي ماڻهوءَ ۽ انهيءَ دور جي انهن مسيحائن کي بہ ڳولي لهجي، جن انسانن جو علاج ڪيو ۽ ڪين غم ۽ فڪر کان آجو ڪيو

شروعات حضرت آدم کان ٿئي ٿي، ڪيئي نبي، پيغمبر، ولي ۽ مفڪر آيا. هر هڪ پنهنجي دور جو مسيحا هو. صوفي فڪر تڏهن جنم ورتو جڏهن انسان کي ڳڻتي ۽ فڪر کان آجو رکڻ وارن جو مواد ته ڪنو ٿي ويو هو پر هر دور جي تقاضا پنهنجي هئي. دنيا جي گولي تي آدم وڌندو پئي ويو فڪر ۽ نظريه ڦريا گهريا پئي. ماڻهو بنهه منجهي پيو. مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا سو ضروري هو ته مذهب سان گڏ انسان لاءِ هڪ اهڙو فڪر ايجاد ڪجي، جيڪو نه رڳو کين مادي ڳڻتيءَ کان آجو ڪري پر روحاني خوشي ڏئي، من جي تسڪين ڏي امن ۽ آشتيءَ ڏانهن ڪڍي وڃي. صوفي فڪر تي جن به ڪم ڪيو انهن جو مقصد انسانن کي هڪ عالمي فڪر ۽ نظريي کان آگاهه ڪرڻو هو. جنهن ۾ محبت، عشق، سچائي، سونهن ۽ سوڀيا، امن ۽ آشتيءَ جو پرچار هو.

❊

# آدم جي ڪهاڻي
# لطيف ۽ سچل جي زباني

انسان جي ڪهاڻي ايتري پراڻي آهي، جيترو سندس وجود. هن ڪهاڻي جو پهريون امين حضرت آدم عليہ السلام کي چيو وڃي ٿو جنهن جي ڪهاڻي پيار ۽ محبت کان شروع ٿئي. بي بي حوا اُن ڪهاڻي جو ٻيو ڪردار آهي. هن ڌرتي تي پيار، محبت ۽ امن آشتي جي رشتن جي تخليق ٿي تہ ان سان گڏ نفرتن ڪدورتن بہ جنم ورتو. هر رُخ کي بہ پاسا آهن. اوندهہ آهي تہ روشني بہ. انسانيت آهي تہ حيوانيت اُن سان گڏ جنم وٺي ٿي. حضرت آدم آدم جي ڪهاڻي جا ٻيا ڪردار هابيل قابيل آهن، جيڪي انسان جي اندر وقت بہ وقت پيدا ٿيندڙ تضاد کي بيان ڪن ٿا. اُن تضاد جو نتيجو هدايت ۽ رهبري کي اورانگهي اڳتي وڌي وڃڻ جو نتيجو آهي ۽ هن ڌرتي تي پهريون قتل ٿئي ٿو. اهو قتل ڪئين قتلامن کي جنم ڏئي ٿو. ايئن هي ڪهاڻي پيار، محبت، امن آشتي سان گڏ حيوانيت ۽ گمراهي جي ڪهاڻي بڻجي تاريخ جي صفحن تي ڦهلجي وڃي ٿي. رب جبار انسان جي ٻئي تاريخ رُخ کي جلال سان نہ جمال سان ڏکي ٿو ۽ وقت بہ وقت هن ڌرتي تي ڪئين پيغمبر موڪليا. آسماني ڪتاب موڪليا. ان مان ڪئين شاخون ڦٽيون. پر هن ڌرتي تي جيڪو رت پهريون وهيو هو اهو ڪڏهن نہ سڪو. انسان پنهنجي ڪرت ۾ ڏينهن ۽ رات جي تضاد کي قائم رکيو ۽ ڏٺي پنهنجي ڪِرت ۾ هن ڌرتي تي سنائي سُپتائي، سچ ۽ حق جو علم بلند ڪرڻ لاءِ جيڪي سندس صنعتون پڻ آهن، نبين پيغمبرن سان گڏ لامحمد ولي، مفڪر، شاعر موڪليندو رهيو. هن ڌرتي تي جنهن ذڪر تي جنهن جو هو تخليق ڪيل آهي ۽ انهن ئي وصفن سان هن ڌرتي کي اجاري انسانن ۾ غير برابري، غير متوازن هجڻ جو لاڙو تڏهن پيدا. ٿيو جڏهن هو دنيا جي رنگينين ۽ مزن ۾ ڀنيلجي هڪ ٻئي جي وجود کي فنا ڪرڻ لاءِ رستو ڳوليو.

حقن تي ڏاڍا، ٻئي جي جياپي کي پنهنجي وجود لاءِ خطرو سمجهڻ ۽ مان ئي مان هجڻ لاءِ هن هيءَ ڌرتي تامڻي ڪري ڇڏي. ڪائنات جي هر شيءِ ۾ ڪثرت جا ڪئين فرق قائم ڪيا ۽ سيني شين جون الڳ الڳ حيثيتون مقرر ڪري، غير برابري تي ايمان آندو. ائين جنگ جدل، ڏاڍ ڏمر جو بنياد پيو. اسان جي نبين پيغمبرن جي ميٺ محبت، امن ۽ آشتي جي پيغام کي اڳتي نيڻ لاءِ جنهن فڪر وڏيڪ ماڻهن تي اثر ڪيو اهو هو صوفي فڪر. صوفين جي فڪر جڏهن قرآن جي فڪر کي سولو ڪري ماڻهن کي پڙهايو تہ ڪئين پوئلڳ ٿيا، امن جا پيامبر بڻيا. ايئن امن ۽ آتشي ۾ ايمان آڻڻ وارن جو تعداد وڌيو. امن آڻڻ جو فڪر ڪو سولو فڪر نہ هو. ان لاءِ پهريائين پاڻ مارڻ وارو سبق پڙهڻو هو. ”مان بيو ۽ هو بيو“ وارو خيال دل مان ڪڍڻو هو. ان صوفي فڪر جي ڪهاڻي بہ ان ڏينهن کان شروع تي ٿئي، جنهن ڏينهن کان انسان جي ڪهاڻي. مفڪر پيامبرن جا ڪردار ان ڏينهن کان جنم وٺن ٿا، جڏهن کان هن ڌرتي تي رب جليل پيغمبر موڪليا ۽ آسماني ڪتاب موڪليا. هي پيغمبر، هي ولي، هي صوفي، هي مفڪر هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي آهن. لطيف ۽ سچل سائين بہ انهي لڏي جا پيامبر، صوفي فقير آهن. هو هن ڌرتي تي عشق ۽ امن جا پيامبر بڻجي آيا. هُنن سيني سماجي قدرن ۽ بنڌڻن کي ٽوڙيو ان لاءِ تہ ان جو بنياد، مان بيو ۽ هو بيو تي پيل هو. هُنن پهريائين امن جي بنياد وجهڻ لاءِ پنڊت پادري، ملا ۽ محبت جي مدي خارج تاويلن ۽ تشريحن کي رد ڪيو. هُنن انسان کي پاڻ اعليٰ ۽ افضل سمجهائڻ لاءِ سڀ فرق متائڻ لاءِ چيو. لطيف ۽ سچل اهڙين ڪيفيتن سان سرشار آهي، جيڪي ڪين هن ڌرتي تي امن ۽ پيار ڦهلائڻ لاءِ بخشيون ويون آهن. هيءَ انسانن سان عشق، هيءُ پيار ۽ محبت جو پيغام حقيقت ۾ اُن اَمن ڏانهن وک هئي، جنهن جي شروعات لطيف جي ڏينهن ۾ تي چڪي هئي ۽ ان لاءِ سچل بہ تو هو. لطيف ۽ سچل جي فڪر ۾ هم آهنگي، اڳتي نيڻ جا پنڌ پيچرا تقريباً ساڳيائي آهن. ماڻهن سان محبت، ڏاڍ ڏمر خلاف جنگ، انسان اندر ٿيندڙ ٻيج ٻاهه ۽ نيڪي بدي جي ويڙهہ لاءِ نصيحتون، ”مون ۾ آهين تون“ وارو لطيفي سبق سچل بہ هيئن پڙهائي ٿو:

مان ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بجلي بادل سان، آهي جيئن سپرين.

اِهي حقيقتون حقيقت ۾ اُن وقت سنڌ ۾ جيڪي سياسي ۽ مذهبي

حالتون هيون، ان جي نشاندهي ڪن ٿيون. منهنجي نظر ۾ لطيف ۽ سچل سنڌ تي جيڪي ٿيو پئي يا جن جو تعلق رهيو. يا جيڪي سچ هو يا حقيقت هئي، ان جو آواز آهن. لطيف ۽ سچل سنڌ جي ماضي ۽ ان وقتت جي حال جو ردعمل آهن. ارغونن ترخانن واري دور کان ڪلهوڙن تائين واري دور کي ڏسجي. يار محمد ڪلهوڙي کان نور محمد ڪلهوڙي تائين ۽ انهن ڏينهن ۾ نادر شاهه جي سنڌ تي ڪاهه، نادر شاهه سنڌ جي حاڪم نور محمد ڪلهوڙي جا ٻه پٽ يرغمال ڪري وٺي ويو. انهيءَ صورتحال تي ڊاڪٽر درشهوار سيد پنهنجي ڪتاب The Poetry of Shah Abdul Latif ۾ لکي ٿي:

The great Sindhi mPoet, Shahn Abdul Latif who forms the subject of this study was destined to experiences the impacts of internal political weakness within the sub- continent as well as the effect of attacks from muslim neighbours from Iran and Afghanistan.

پير حسام الدين راشدي سنڌ جي تاريخ بيان ڪندي چئي ٿو:

”ڏهين صدي هجري سنڌ لاءِ ڌارين جي تسلط زور زبردستي ۽ تمام ڏچي جي صدي هئي، جنهن بعد اڍائي سو ورهين تائين سنڌ غلام جي زنجيرن کي ٽوڙي ڪانه سگهي. انهن اڍائي سو ورهين تائين سنڌ غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙي ڪانه سگهي. انهن اڍائي صدين جي مايوس ۽ پراون جي غير شريفانه سلوڪ سنڌي عوام جي ذهن ۽ فطري حوصلن ۽ همتن کي ايترو ڇيهو رسايو جنهن جا اثرات اڄ تائين مختلف صورتن ۾ سندس مزاج ۽ طبيعت تي اثرانداز رهندا اچن ٿا. ارغونن جي استبدادي حڪومت، ترخانن جي زور زبردستي، مرزا باقي ترخان ۽ محمود بکري جي ظالمانه گرفت، ازانسواءِ خراسان مان لاتعداد اميرن، صاحبِ اختيار ۽ اقتدار جي آمد، سنڌ جهڙي ننڍڙي، امن پسند ۽ مانيٽي سياءَ واري ملڪ لاءِ در حقيقت هڪ عذاب، قهر ۽ خدائي ڪوپ هو جيڪو هتان جي گهرو جهڳڙن جي نتيجي ۾ قدرت طرفان سزا طور نازل ٿيو جنهن جو نتيجو اجتماعي خواهه انفرادي سمورو سنڌ کي ڀوڳڻو پيو....“

مٿئين صورتحال کي ڏسي ائين چيو ويو ته اسان جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي پاڻ پنهنجي اکين سان سنڌ ۽ سنڌي سماج جي انهن پوڙن ٻن سئو سالن جي غلامي جي پوين 47 سالن جي عرصي کي پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ ان جو مشاهدو ۽ تجزيو ڪيو.

اسان جو سچل به انهي سلسلي جي ڪڙي آهي. عطا محمد حامي

پنهنجي ڪتاب ”نينهن جا نعرا“ ۾ لکي ٿو تہ: ”سچل سائين انهيءَ زماني ۾ پرورش پاتي، جيڪو سياسي لحاظ کان پر آشوب هيو. شاهہ عنايت جهوڪ واري ۽ مخدوم عبدالرحمن کهڙن واري جي شهادت جي ياد پراڻي نہ ٿي هئي. ڪيترا ماڻهو جيئرا هئا، جيڪي مٿين واقعن وقت موجود هئا. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ۽ سندس پاءُ عطر خان جي ويڙهہ، مير بهرام خان جو پنهنجي پٽ مير صوبدار خان سميت جو بي دردیسان قتل ٿيڻ، ميان سرفراز جو شهيد ٿيڻ ۽ مير بجار خان جو دغا سان قتل ٿيڻ وغيره سمورا واقعا سچل سائين جي وقت ٿيا. انهن کان سواءِ ڪلهوڙن جي ڪمال جو سج لهڻ ۽ ٽالپرن جي اقبال جو آفتاب اڀرڻ، سچل سائين پنهنجي اکين سان ڏٺا. هيءُ اهو زمانو هو جڏهن مدد خان پٺاڻ سنڌ ۾ اچي پنهنجي قهر جو طوفان ڪڙو ڪيو هو.“

مٿيئن صورتحال ٻڌائڻ جو مقصد اهو هيو تہ سرمد هجي، شاهہ عنايت شهيد هجي، لطيف هجي يا سچل، اهي وقت ۽ تاريخ جو اهڙو پڙاڏو آهن، جو اڄ بہ سندس فڪر کي وقت جي ضرورت سمجهي سنڌ جو ماڻهو اهو فڪر اها سوچ پنهنجي ڪري اها واٽ وٺڻ چاهي ٿو جيڪا ڪين حق، سچ، پيار، محبت ۽ امن ڏانهن نيئي. سرمد، شاهہ عنايت ۽ ٻين صوفين تي جيڪو ملڪ ۽ ماڻهن جو بار هو ان کان وڌ لطيف تي پيو جو اِهو لقاءَ ڏسندو رهيو. سچل تي وقت جو بار اڃا بہ وڌ رهيو جو هو اُنهي دور تائين ڏاڍ، ڏمر، بدامني، قتل غارتگيري کي ڏسندو رهيو. هو وڏيڪ باغي هو انهي سماج کان جيڪو ناانصافي، مذهبي مٿيبد، ڪوڙ ۽ ڪپٽ تي ٻيٺل هو. هُن آدم جي ڪهاڻي اصل سمجهي هئي، جتان شروعات ٿي هئي:

الف مون آدم ٿيو ڪري هنگاما هُل،
هندو مومن سو ٿيو پول نہ پئي ڪنهن پُل،
”خلق الاشيا فهمو عينها“ ايهو آڻ عمل،
ٿج گلابي گل، مر مارينئي منصور جيان.

سچل جو گلابي گل ٿيڻ جو تصور بہ منصور سان لاڳاپيل آهي، منصور جنهن جو فڪر ناقابل شڪست رهيو. سچل گلابي گل ٿيڻ لاءِ تہ چيو پر اڄ تائين گلابي گل ٿيڻ لاءِ ڪنهن ويچاريو آهي. اڄ اسان تي لطيف ۽ سچل کان پوءِ وڏ بار آهي، اسان ڪانئن ڪيترن سو سالن جي تاريخ جا امين آهيون، جيڪا تايخ هابيل قابيل واري قصي کي دهرائيندي ٿي اچي، جيڪا تاريخ وهيل رت سڪڻ نہ ٿي ڏئي

انسانذات جورت وهندو رهي ٿو. اهي ئي حقن تي ڏاڙڻا، اهي ئي ڏاڙيل، اهي ئي ڏاڍ ڏمر جا ڌڪائو. هر انسان شاهه عنايت وانگي شهيد ٿئي ٿو يا بلاول وانگي گهاڻي ۾ پيڙهيو وڃي ٿو. پر شهيد ناهي ۽ گمنامي جو موت سندس مقدر آهي.

هن سماج جو پورا ٽيڻ، اهو غير برابري ۽ گمراهي واري وات وڃي وڃڻ جي ڪري آهي. هر دور ۾ نبي پيغمبر آيا. انهن کان پوءِ ولي، مفڪر ۽ شاعر آيا. سرمد، شاهه عنايت، لطيف، سچل، سامي، بيدل کان پوءِ ماڻ ونيو وڃي. ڳالهه تہ ڳوهڻ جهڙي، خلق اڳيان خاموش نہ عبرت نہ غيرت آهي، حيراني حيرت.... اڄ اسين سڀ پاڻ حيرت جي تصوير آهيون.

صاحب تنهنجي صاحبي عجب ڏڏني سون،
پن پوڙين پاتال ۾، پاهڻ تارين تون،
جي راضي ٿيين تون، تہ ميريائي مان لهان.

سچ تہ لطيف ۽ سچل اسان وٽ آهن ضرور، پر نہ اسان وٽ اَمن، ۽ پيار خلوص، نہ سچ نہ حق، چا وري ڪو لطيف اچي يا سچل اچي. پا هي سندن ڪلام سڀ لطيف ۽ سچل جو پرتوو نہ آهي، سندن وجود جو اهڃاڻ نہ آهي. پوءِ ڇو اڄ اسين مصلحتن جو شڪار آهيون، ڇو تہ اسين سچل وانگر اهو چئون ٿا:

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ڀٽي نہ ڀٽي.

مان انهيءَ انسان، انهيءَ آدم جي ڪهاڻي کي، هت ختم ڪريان ٿو جنهن جي فڪر کي اڌوهي ونئي وئي آهي، هو عظيم صوفي شاعرن ۽ مفڪرن جي فڪر کي وساري وينو آهي ۽ وٽس لڳي ٿو تہ اٽڪٽ تاريڪ رات آهي. باک ڦٽڻ لاءِ وري بہ هن کي انهي صوفي، شاعرن، مفڪرن ڏي ويٺو پوندو. هن دور جي انهن عظيم شاعرن ڏانهن ور وَرُ ڪيو بيوسي مان تہ نهاريان ٿو:

آري اڇين شال، نماڻي جي نِجهري،
هيءَ مون ڏسي حال، ڪرين غور غريب تي.

❊

**مددي ڪتاب:**


1. آڏواڻي، ڪلياڻ، "سچل"، جئہ هند ڪاليج، بمبئي 1954ع77ع
2. آڏواڻي، ڪلياڻ، "سچل سرمست جو چونڊ ڪلام"، ساهتيہ اڪيڊمي، دهلي،
3. ٻلديو مٽلاڻي، "سچل جون وايون" الهاس نگر،1991ع.
4. تنوير عباسي، "شاهہ لطيف جي شاعري".
5. حامي عطا محمد، "نينهن جا نعرا".
6. درشهوار سيد، ڊاڪٽر، "The poetry of Shah Abdul Latif"
7. گوبند مالهي، سچل سرمست، مضمون، تماهي رچنا، ڪلڪتو جولاءِ- سيپٽمبر 1999ع
8. وترڻ مل: .The life Religion and poetry of Shah Abdul Latif

## سُر ڪاپائتي

ٻاروچي ساڻ، ٻَڙيا اي جيڏيُون!
هيڪَرَ تِيا هيڪاندي.

چَڙهي نہ سَگهان چوٽئين، يارَ ٻِنا، دِلِ ماندي!
هيڪَرَ تِيا هيڪاندي.

شاھ سائين سان ڏاڍي دل اٿم تہ 'هيڪر ٿيان هيڪاندي'، شايد ائين ڪو چوٽين چڙهي سگهان، پر هيءُ دل ڏتاريندڙ دنيا، ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ سان وڇڙائيندڙ وچتر وسنيون، ڪٿين دلبريون ڪٿين دلبا، ڪٿين دستور، وک وک تي ڪٿين راهون، ڪٿين رستا، هر طرف واٽون ويھ ٿيون واري ڪار آهي.

شاھ سائين جي تخليق ڪيل دُنيا ۾ جڏهن بہ داخل ٿيو آهيان تہ پاڻ کي هڪ طلسم ۾ وڪوڙيل پاتيو اٿم. پر هيءُ طلسم ڪو ٽنڻ جو هجي تہ مان سائين کي ساحر ڪٺي چوان. پر سائين اُيو ڪنيو وڃي، اهڙي هنڌ هٽي ٿو جت طلسم، طلسم نہ ٿو رهي، پر حق حقيقي واري واٽ نظر اچيو وڃي، پر سوال آهي تہ اُن واٽ تي پهچڻ ڪان پوءِ اسان مان ڪيترا آهن. جيڪي اُن حق حقيقيءَ واري واٽ تي هلي منزل ماڻين ٿا. شاھ سائينءَ جي ڪلام کي پڙهڻ سان ايئن ضرور ٿيو آهي تہ:

ويني آهيان واٽ تي، آهيان آسروندي،
مون کي تان سي نہ ڇڏيندا هوتا.

شاھ سائينءَ جن ڪهاڻين کي کنيو آهي، اُهي ديون پرين جون نہ پر عام ماڻهن جون آهن. سورما هجن يا سورميون سڀ جيئرا جاڳندا ماڻهو شاھ جي مهر ۽ قرب ڪٺي جا محتاج رهيا آهن. شاھ سائين سيني کي جاودان بڻايو آهي. اُن سان گڏ بنھ عام ماڻهوءَ کي هيرن ڪاڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. "سر سامونڊي" جا ناکئا هجن يا سنڌن آسروند نمايوٽيون، سر گهاتوءَ جو مورڙو ميربحر هجي، يا سنڌس پائر ۽ سنڌن راڄ جا ماڻهو مارئي سان گڏ

سندن ماروئڙن جا لافاني ڪردار، نوريءَ سان گڏ سندس مڪڙي ۽ ملاح، سُر ڪاپائتيءَ جي ڪاپائتي، چرخو چورڻ واريون جيڪي ڪتن بہ تہ ڪنبن پڻ.

شاهہ سائينءَ جي ڪلام ڪي جنهن جنهن جهونگاريو آهي، اُهو سندس طلسم ۾ گرفتار وڃي ٿيندو ۽ جڏهن مست ٿيو وڃي تہ ڪيس خبر پوي ٿي تہ هي طلسم نہ آهي پر "چت جي ورتين ڪي بند ڪرڻ بعد ساڪي پنهنجو پاڻ ۾ ٿو رهي. پاڻ سڃاڻڻ جو اول رستو آهي، من مارڻ. يعني ڪوڙي "پاڻ" ڪي وڃائڻ. جنهن طلسم مان نڪرڻ بعد جزو ڪل ۾ ٿو سمائجي، سڀ ڪجهہ سائين ٿو پسجي."

شاهہ سائين اصل ۾ ڳالهہ اثبات Affirmation جي ڪئي آهي، پر Negation يعني نفي ذاتهن نئون طلسم پسايو اٿس. اهو رستو همہ اوست جو آهي، جنهن ۾ Negation يعني نفي ضرور آهي، يعني مان هيءَ نہ آهيان، هيءَ بہ نہ آهيان، پر پنڌ اثبات Affirmation جو آهيان. جت اُها واٽ وٺي ماڳ پهچڻ وارا يڪدم چون ٿا، مان هيءَ بہ آهيان، هو بہ آهيان، سڀ آهيان. شاهہ سائين ڳالهيون ڳچ ڪري، واٽ اُها ئي ڏسي پر سچل ڳالهين جو ڳهير گهٽ رهيو ۽ سڏو سنئون ائين بہ چيائين "مٿي ڪٿ نهين، ساروئي سر آهي، ڪاٿي سچو ڪاٿي ذات سچل دي" سچل، شاهہ سائين جي مام پروڙي طلسم توڙي هن ڳالهہ کي بہ کوليو آهي: "حق هويا اثبات جڏهان تڏهان گم هويا اهو دعويدار."

هونئين بہ ائين آهي تہ فنا جي رستي ۾ پنڌ ڪندي، نفس ۽ من کي مارڻ ۾ جهد ۽ جفا ڪبي آهي، تنهن ڪري هر طالب کي تڪليف ٿي ياسي. شاهہ سائين اِن ڪري چوي ٿو:

> ڪوءِ هاڙو پَنُ هوت، ڪوءِ پنهون، ٻن پريتڻو
> مادر مون موت پسڻا پرايو.

سچل بہ چيو:

> آءُ ادا سالڪ صحي ڪر تون تہ طلسمات کي
> پيچ دوئي تان ڪل پويئي دور ڪر درجات کي
> ڪيئن وساري ويهي رهين هر هر نفس اثبات کي
> اثبات ڪؤن اڳتان لنگهي، ڪرتم تون طاعات کي.

مان نہ انهيءَ طلسم سمجهي صحي ڪي سگهيو آهيان نہ نفي ۽ اثبات تائين پهتو آهيان، مون کي خبر نہ آهي بس ايتري خبر اٿم:

رَتيءَ جي رهاڻ جيءَ اڙايُم جيڏيون

اِن ڪري اها بہ پلي پٽ جاڻ اٿم تہ:

پايم جي سرواڻ، ڇُلائيندم ڇپرين
ڪايم هُند پَلاڻ، اُڏ گڏايم اُن جا.

منهنجي لاءِ اجا اهو بہ مونجهارو آهي تہ شاهہ سائين جيڪو سر ڪاپائتي ۾ چرخو چوريو هو اُهو سائينءَ جي سڄي ڪلام ۾ چرندو رهي ٿو. شاهہ سائينءَ جي ڪپهہ جي هڪ پوٽي ايڏي تہ تند پيدا ڪئي آهي، جو مٽين سُٽ مهيا ٿي ويو آهي. ڪاپائتي ويچاري حيران آهي تہ هو ڪتي ڪتي بيني آهي، پر سُٽ بي حساب نہ آهي، شاهہ سائين فڪر جي هڪ پوٽي مان اٿاهہ ڏيگ لڳائي ڇڏيا آهن، هو اسان وانگر شاهہ سائين واري اُن سٽ کي ڦولهي ٿي ۽ اڄ تائين ڦولهيندي رهي ٿي، ڏسون اسان وانگر ڪيس رُڳو سُٽ مليس ٿو جيڪو وڃي سوديندي يا ڪو اهڙو سٽ مليس ٿو جنهن سان سندس سودو سڦرو ٿي وڃي ٿو. هيءَ تہ شاهہ سائينءَ جي ڪاپائتي هئي، جنهن نہ چرخو ڇڏيو نہ آتڻ. پر سچل ڳالهہ ئي عجيب ڪئي:

آئون ڪيئن آتڻ وڃان ڙي ڀينر،
منهنجو چرخو ڇيو ناڪري.

منهنجي دوستن ساٿين، محققن ۽ مفڪرن ڪاپائتي جي سُٽ کي ڦوليو آهي ۽ سندن قول ۽ ٻول اوهان جي آڏو آهن، شال صاب پون، اُن ڪان اڳ انهن ساٿين انهن مفڪرن جي شاهہ سائين جي عرس جي موقعي تي منعقد ڪيل ادبي ڪانفرنس ۾ ڪئين ليک پڙهيا ۽ پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ ثقافت کاتي جي تعاون سان اُهي ليک ڪتابي شڪل ۾ پڙ آندا ويا. تفصيل وڏو آهي، پر جيڪي ڪتاب منهنجي جهوليءَ ۾ پيا، سي هي آهن:

سُر ليلا چنيسر، سُر گهاتو سور ڪاموڏ، سُر مارئي ۽ هاڻ سُر ڪاپائتي. جيتوڻيڪ سر ڏهر بہ منهنجي جهوليءَ ۾ لطيف سائين جي دعا سان پلئہ پيو هيو جڏهن ناهي سنواري تيار ڪيم تہ ڪنهن دلبر کي اهڙو وڻيو جو اُهو ڇپيو ۽ مٿس سهيڙيندڙ ۽ تدوين ڪندڙ جو نالو ئي ڪو هيو هو. مان هن موقعي تي ورجائي چوندس تہ اها مهر لطيف سائين جي آهي، جو مون نِڌر کي انهي قابل سمجهي سندس نانءُ تي منعقد ٿيندڙ ڪيترين ادبي ڪانفرنسن جي

اڳواٽي نصيب ڪيائين ۽ هيءَ هيرن ۽ لعل سنديون ڪاٽيون آڏو ڪيائين، جن مان ڪي چونڊي اوهان آڏو آڻڻ جي اجازت ڏنائين.

مان ٿورائتو آهيان، هميشہ جيان دوست ۽ ساٿي حميد آخوند جو جنهن مون ڪي نہ رُڳو مانُ پئي ڏنو آهي، پر لطيف سائينءَ جي خدمت ڪري جس ڪٽيو آهي. ڏٽي هميشہ ڪيس اِنهي ڀلائيءَ جا ڀاڙا ڏيندو.

مان دوست ممتاز مرزا جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن وارو وارو ڪري مون جهڙي هڄ هڄان ۾ ورتل ماڻهوءَ کان هن ڪتاب جو ڪم مڪمل ڪرايو آهي.

ٿورا ساٿي پرواني ڀيڻي ۽ نفيس احمد ناشاد جا جن هن ڪتاب جي سهيڙڻ ۽ ادبي ڪانفرنس جي ڪم ڪار ۾ هميشہ پئي هٿ ونڊايو آهي.

سُر ڪاپائتيءَ جو اهم ڪردار ڪاپائتي اوهان آڏو آهي ۽ سندس ٻول، ورجاءُ ۽ آلاپ جڏهن وَرُ وَرَ پڙهبا ۽ ٻڌبا تہ اها ڪِرت، نہ رُڳو پورهيئي واري ڪرت نظر ايندي ۽ اُن ۾ اسان جا ثقافتي اُهڃاڻ نظر ايندا پر اُن سان گڏ اُهو سٽ ڦولهڻ سان مَن جا مونجهارا لهي ويندا. چاڪاڻ تہ ڪاپائتي جو سڄڻ تہ پورهيت ڪي 'پر ۾' سڏي پُڇڻ وارو آهي، ۽ اهڙي سڀاجهي سائين آڏو تہ مون وارو حال، اهو ئي آهي:

اَگلڙي آءٌ، مون کان ڀِڙا ڀڳا نہ ٿيا.

[مرتب جي حيثيت ۾ سُر ڪاپائتي بابت
سهيڙيل مقالن واري ڪتاب جو مهاڳ]

❊

## آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٿن سان

[نوٽ: حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي 244 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ طرفان گذريل سال منعقد ڪيل ادبي ڪانفرنس ۾ سُر ڪاموڏ تي جيڪي مقالا پيش ڪيا ويا هئا، انهن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. ادبي ڪانفرنس جي ڪنوينر ۽ ڪتاب جي فاضل مرتب جناب حميد سنڌيءَ جي طرفان جيڪي ٻه اکر ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڏنا ويا آهن، سي ادبي جامعيت ۽ علمي افاديت جي لحاظ کان مهراڻ جي قارئين لاءِ پيش ڪجن ٿا. ــ ادارو.]

تاريخ جي صفحن تي مون ڪئين نقش اڀرندي ڏٺا آهن ۽ ڪي ته دائمي ٿي رهجي ويا آهن ۽ ڪن کي توهان نشان نه پر اهڃاڻ چئي سگهو ٿا، سي نالي ماتر رهجي وڃن ٿا. تاريخ قومن جي هجي، ان جي نشانن يا اهڃاڻن جي هجي يا ان جي فردن جي هجي، ايندڙ نسل لاءِ هڪ روشن مشعل جو ڪم ڏئي ٿي. اها مشعل انهن پنڌن ۾ پيچرن کي چٽو ڪري ٻيهاري ڪري ٿي. قومون انهن شخصيتن کي رهبر ڄاڻي پنهنجي مقدر جا فيصلا انهن جي هدايتن ۽ عمل پٽاندر ڪن ٿيون.

هن خطبي جي تاريخ جيتري پراڻي آهي، ان جا ماڻهو ايترائي قديمي ۽ پراڻن قدرن جا سنڀاليندڙ آهن. انهن لاءِ حق ۽ سچ جا قدر سندن ورثو آهن. سچ ۽ حق جي مبلغن جو درجوئي وٽن تمام گهڻو مٿانهون آهي. اهي مبلغ نه رڳو کين راهه ڏسين ٿا يا حق ۽ سچ جو درجوئي وٽن تمام گهڻو مٿانهون آهي. اهي مبلغ نه رڳو کين راهه ڏسين ٿا يا حق ۽ سچ جو پيغام ڏين ٿا پر سندن اُٿڻي ويهڻي ۽ روايتن تي به اثرانداز ٿين ٿا. اهي پوءِ هڪ ثقافتي علامت بڻجي سندن درگاهن، اوطاقن، ڪچهرين ۽ گهرن کي روشن ۽ منور ڪن ٿا. لطيف منهنجي نظر ۾ انهن شخصيتن جو اڳواڻ آهي، جيڪي قومن جي جياپي سان تعلق رکن ٿيون. سندس ڪلام سندس شخصيت جو نقش آهي. انهيءَ سنڌ جي سرزمين کي سهڻو سکيو ۽ ستابو رکيو آهي. انهيءَ ئي سنڌ جي فڪر کي رستو ڏيکاريو ۽ ذهن کي سنڌو درياهه جي موجن واري رواني ڏيکاري.

هر نقش ڪہ بر تختۂ هستي پيداست
اين صورت آن ڪس است ڪہ اين نقش آراست
درياي ڪهن ڪہ مي زند موج تو
موجش خوانند في الحقيقت درياست

شاهہ صاحب "حق، حسن ۽ خير" وارن قدرن جو پڻ علمبردار آهي. اِهي قدر ئي انسان ذات جو جياپو آهن.

لطيف سائينءَ جي پوئواريءَ ۾ سچل، سامي، بيدل ۽ بين صوفين بزرگن گهڻايو ڪونهي، وک اڳتي وڌائي آهي، جو ظاهر کان اڳيرو هلي باطن جا رازدار پڻ بڻيا آهن. پر لطيف هر حالت ۾ پنهنجي ماڻهن جي ظاهر ۽ باطن جو مطالعو ڪري جنهن عوامي تحريڪ جو محرڪ بڻيو اها هر درگاهہ هر گهٽي، هر گام پٽي پنڌ پيرا ڪٽي.

ان پيغام جا پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙ هر لحاظ کان تصوف جي فڪر، "علم" ۽ مستي جي فرق کان آجا ٿي، لطيف جي عوامي پٽي کي سرمايو بڻائي، جيءَ اندر جايون ڏيو وينا آهن. لطيف هر ماڻهوءَ لاءِ "صاحب - ڪيف و حال" بزرگ آهي تہ ان سان گڏ سندن غم، فڪر ۽ ذڪن جو ساٿي پڻ آهي. لطيف سنڌ جي ماڻهن جي وجود کان بنهہ ڌار نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هن پنهنجي ڪلام ۾ توڙي ذاتي زندگيءَ ۾ پاڻ کي سنڌ جي مسئلن ۽ ماڻهن کان بنهہ ڌار نہ ڪيو آهي.

لطيف درگاهہ جي پراڻي پانڌيئڙي ۽ منهنجي اُستاد محترم مرحوم و مغفور پروفيسر عبدالعلي قلباڻي چواڻي:

"شاهہ جي سڦنڌ سَنڌ ۾ سِنڌ آ،
سِنڌ جي سَنڌ سَنڌ ۾ شاهہ آ،
سنڌ ساري شاهہ جي آ، شاهہ سنڌ جو ساهہ آ."

ان ڪري لطيف جي درگاهہ اڄ بہ آباد آ. نہ رڳو عام ماڻهوءَ جي عقيدت واري نظريي کان، پر سڄي دنيا اچيو گڏ ٿئي، اِن لاءِ بہ تہ لطيف جي ڪلام کي ور ور ڳائي، اُن جي لفظ لفظ کي ورجائي، لطيف کي زنده رکيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ لطيف سنڌ جي عام زندگي ۽ جياپي جي علامت آهي. هر ماڻهو سندس نينهن واري نياپي کي سمجهيو ۽ پرجهيو آهي ۽ ائين ڪئين ئي ماڻڪ ميڙيا آهن.

ايءَ گت غواصن جيئن سمنڊ سوجهيائون
پيهي منجهہ پاتار جي ماڻڪ ميڙيائون
آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٿن سان.

يٽ ڌڻيءَ جي عقيدتمندن جو ڪاتو ئي ڪونهي. ڪو ڏينهن خالي ڪونهي جو سندس درگاهہ تي ميڙو نہ هجي. خاص طرح سندس ورسيءَ تي سڄو عالم اچيو مڙي. اُن ۾ اسان جي سنڌ جو سڄاڻ طبقو ادب سان چاهہ رکندڙ عقيدتمند شاهہ صاحب کي نذراني طور عقيدت جا گل اچيو چاڙهين. ادبي ڪانفرنس، يٽ ڌڻيءَ جي ورسيءَ جي موقعي تي ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ اهم گڏجاڻي آهي، خاص طرح گذريل ڏهن - ٻارهن سالن کان جنهن نموني سان سڄي سنڌ جي اديبن گڏجي يٽ ڌڻيءَ جي خدمت ۾ اچي حاضريون ڀريون آهن، اُنهن جي شاهدي ورسيءَ جي موقعي تي پڙهيل مقالا آهن. جن کي گڏ ڪري ڇپايو پڻ ويو آهي. ادبي ڪانفرنس جي نئين دور جا ٻہ مجموعا ”سُر ليلا چنيسر“ ۽ سُر گهاتو“ هن مهل تائين پڌرا ٿي چڪا آهن. هيءُ ”سُر ڪاموڏ“ وارو ڪتاب پڻ اُن سلسلي جي ڪڙي آهي.

هيءَ ادبي ڪانفرنس، ان جا ڪتاب ڇپائڻ، لطيفي راڳ جون محفلون منعقد ڪرائڻ جو سڀ ڪم ڪار ”يٽ شاهہ ثقافتي مرڪز“ جي ذمي آهي. ”يٽ شاهہ ثقافتي مرڪز“ جنهن نموني سان هن وقت شاهہ سائين جي ڪلام ۽ فڪر کي سنڀالڻ ۽ عام ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن قدم کنيا آهن، سي ساراهہ جوڳا اهن. خاص طرح سان شاهہ صاحب جي ڪلام جا مختلف رسالا ڇاپي عام ڪيا آهن. ان جي ڪلام تي ٿيندڙ تحقيق کي پڻ نوان رخ ۽ لاڙا بخشيا آهن، جنهن لاءِ يٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ۽ ان جا ميمبر جس لهن. خاص طرح ان جي سيڪريٽري مسٽر حميد آخوند هميشہ وانگر هن ڪم کي سنڀاليو ۽ نڀائيندو اچي. جيتوڻيڪ هاڻ هو سنڌ جي ثقافت کاتي جو سيڪريٽري پڻ آهي. لطيف سائينءَ سان سندس عقيدمندي، عجز ۽ نيازمندي ئي سندس مان ۽ مرتبو بلند ڪيو آهي. هو شاهہ سائين جي ڪلام جي سلسلي ۾ سنڌ جي اديبن جي ڪيل جاکوڙ کان چڱيءَ پر واقف ۽ آگاهہ پڻ آهي، جو نہ رڳو ڪتاب ڇپجن ٿا يا ادبي ڪانفرنسون ٿين ٿيون، پر ان سان گڏ هن سال (1988) گورنر جو ڏهن هزارن وارو اوارڊ، جو بهترين تحقيقي ڪتاب يا مقالي لاءِ آهي، سو سندس ئي ڪوشش سان جاري ٿيو آهي.

مان هن موقعي تي بدلي ٿي ويندڙ يٽ شاهہ ڪلچر ڪاميٽي جي چيئرمين محترم علي محمد شيخ صاحب جي لاءِ اهو ضرور چوندس تہ سندس ايامڪاريءَ ۾ يٽ شاهہ ثقافتي مرڪز جي ڪم وارن اسمن ۾ نہ رڳو واڌارو ٿيو پر بهتري پڻ آئي. مان هن موقعي تي نئين چيئرمين محترم سالڪ نذير صاحب جي آجيان ڪيان ٿو جو سندس دلچسپي جو اظهار

ثقافتي مرڪز جي هر پهلو کي نمايان ڪرڻ واري رخ مان ٿئي ٿو. سنڌس سڄي ميڙي، ادبي ڪانفرنس ۽ راڳ جي محفل جي منعقد ڪرائڻ واري رخ مان ٿئي ٿو. سنڌس سڄي ميڙي، ادبي ڪانفرنس ۽ راڳ جي محفل جي منعقد ڪرائڻ لاءِ ڪيل مثبتي قدمن کي ساراهڻ کان سواءِ نه ٿو رهي سگهجي. اميد اٿم ته سنڌس ايامڪاريءَ ۾ لطيف جي درگاهه سان لاڳاپيل سڀ ڪم ڪاريون توڙ تائين پهچندا. مان هن موقعي تي وري به اهو چوندس ته جن اديبن جنهن نموني سان هر سال ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پري پري کان ڪهي اچي ساٿ نڀايو آهي، تن لاءِ شاهه سائين چواڻي ته:

تورا نه تورا مون تي ماروئڙن جا
پلائي جا پيرا ڳڻي ڳڻيان ڪيترا.

هونئن به سنڌ جي اديب تي نه رڳو شاهه سائينءَ پر ساڻس لاڳاپيل هر ماڻهوءَ جو حق آهي ۽ جيسين سنڌ جو اديب "پاڻ" ماري اندر اجاري ماڻهوءَ اندر نه ٿو پيهجي وڃي ته شايد سنڌس فڪر ۽ فن اڏاڳابرو رهجي ويندو. ان لاءِ ئي شايد پنائي گهوٽ چيو آهي:

جان تن ڪيوءِ نه تيئن سوئيريان ئي سنهڙو
پرين پائيندا ڪيئن، توکي اکڙين ۾.

"سر ليلا چنيسر"، "سر گهاتو" ۽ هاڻ "سر ڪاموڏ" جي مرتب جي حيثيت ۾ مشهور ليکڪ ليلارام وطنمل چواڻي ته ڪجهه به نه ٿو چئي سگهان. هو پنهنجي ڪتاب The Greatest Poet of Sind ۾ چوي ٿو:

"The present work is chiefly a compilation and as a mere complier I do not in the least to be considered an original authority. I have compiled this book more from love than ambition and if it serves the purpose of making the greatest poet of Sind and his poetry more familiar to people in general my object is gained."

مٿينءَ پئراگراف کي بحيثيت Complier يعنيٰ مرتب جي منهنجي جذبات جي عڪاسي سمجهڻ کپي. هونئن به هڪ مرتب جي آڏو ڪتاب ترتيب ڏيڻ لاءِ اهو ئي اصول سامهون هجڻ کپي ته هو ڪيئن مفڪر ۽ سنڌس فڪر جي وڏيڪ اپٽار ڪندڙن لاءِ پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو گهٽي کان گهٽ اظهار ڪري.

هن مهل تائين آيل سرن جهڙوڪ: سر ليلا چنيسر، سر گهاتو ۽ هاڻ سر ڪاموڏ سان گڏ جيڪي نوان موضوع آندا ويا ۽ جن تي مقالا لکيا ويا، اُهي هيءَ آهن:

1. سر ڪاموڏ جو مطالعو.
2. شاهه لطيف جي ڪلام ۾ اخلاقي قدر.
3. برصغير ۾ شاهه لطيف جا همعصر صوفي شاعر.

ايندڙ سال جو سر "سر ڏهر" آهي. ساڻس گڏ ٻه موضوع نوان پڻ آهي، جيڪي هيءَ آهن:

1. شاهه لطيف ـ بحيثيت عوامي شاعر.
2. شاهه ـ انسانيت جو علمبردار.

سر ڪاموڏ، نوري ڄام تماچي جي عشقيه داستان جو اهڙو سُر آهي، جنهن مان اندر ۾ پيدا ٿيل اڄ اجهاميو وڃي ۽ ماڻهوءَ جي اندر گيرب ۽ گاءَ، نئڙت ۽ نياز جو جذبو جنم ٿو وٺي. ان سان گڏ عشق محبت، غريب پروري، انسان دوستي، خوابن جهڙا خيال جيئرا ٿيو پون. ليلا رام وطڻمل انهيءَ ئي ڪتاب ۾ جڏهن چوي ٿو ته

I think it was the first Tamachi and not his son Tamachi, who fell in love with the beautiful fisher woman named Nur or Nurahin who lived in village on the banks of lake Kinjhar. The woman was Gandari by caste, and the king gave her a place in his palace and raised her above his queens.

يڪدم شاهه جو هيءَ بيت ياد اچيو وڃي، جيڪو نوريءَ جي نياز جو نذرانو آهي:

جي، ڳرَ ڄاڻي ڄام ته ڪو نوازيندو نورئين،
ته سندو مٿي مقام، ڪٿي سمي سيرانديءَ ڪيو.

آخر ۾ مان سيني ساٿين جو ٿورائتو آهيان، خاص طرح لطيف سڄاڻ ساٿين جو جن مون ۾ هيءَ فڪر پيدا ڪيو آهي:

هڏ نه پڙان هيڪڙي ٿور ٿر ڇاين،
مون ڪي ماروئڙن ميري ڪري نه مٽيو.
(شاهه)

❊

## مرزا قليچ بيگ جا ناٽڪ

هيءَ اُنهي زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن سماجي ۽ پنگتي مسئلن جي تبليغ ۽ انسان جي جوڙيل سماج ۾ سڌارن ۽ نون پنڌن پيچرن لاءِ ڪتاب تہ هئا پر سڌو سنواتو تُز پيغام ڏيڻ لاءِ ”ناٽڪن“ وسيلي بہ ماڻهن کي اهڙي آگاهي ڏني ويندي هئي، جنهن سان هنن جي تفريح طبع بہ ٿي ويندي هئي.

مان اجا ٻار هئس، جو ورهاڱي کان ڪجهہ اڳي نوشهري فيروز ۾ پنهنجي چاچي مرحوم سيٺ عبدالغني (جيڪو بابي جو سؤٽ هو ۽ جنهن کي اسين ”ڏاڏو“ ڪري چوندا هئاسين) سان گڏ ٿيئٽر ڏسڻ ويو هئس، جنهن کي اُن زماني ۾ ”نيٽر“ چوندا هئا. عجب ”نيٽر“ هوا... هڪ پراڻي جاءِ جي اڳڻ جي هڪ حصي ۾ ننڍي ڪڏ کٽي اُن ۾ هيٺ ويهارڻ لاءِ جاءِ نهيل هئي، باقي ۾ ٿلهو نهي ويو هو جيڪا جڻ اسٽيج ٺهيل هئي. اسان سيٺن کي تہ کٽي ڪرسين تي ويهاريائون، باقي ماڻهو هيٺ ويٺل هئا. هڪ ڊائلاگ ياد ٿي ويو هئم، جنهن سان بعد ۾ خبر پيئي تہ اُهو آغا حشر ڪشميري جو ڊرامو هو.

”رفيق ڪس حال مين هي؟“

”شير پنجري کي جال مين هي.“

نوشهري ۾ نوجوانن جي هڪ ناٽڪ منڊلي هئي، جنهن ۾ گهڻو ٺٽو هندو ديوان هئا، منهنجو سڳو چاچو ۽ مرحوم عبدالرؤف، جنهن کي ناٽڪ ۾ اداڪاري ڪرڻ جو جنون هو سو رات جو دير سان گهر موٽندو هو تہ ڪيس حويليءَ جا در بند ملندا هئا. پوءِ هو ننڍي هوندي کان ئي مون کي پائيندو هو ۽ مون کي هنج ۾ کڻي بازار مان ٿول وٺي ڏيندو هو. وڏڙو ٿيس تہ بہ سندس اِهو پيار قائم رهيو تنهنڪري منهنجي ڪٿ سندس پرسان ئي هوندي هئي. آهستي اچي منهنجي پرسان آهلي پوندو هو ۽ مٿي تي هٿ ڦيري پڇندو هو:

”مِنل! جاڳين پيو؟“

مان گهڻو ڪري سندس انتظار ۾ هوندو هئس ته هو اچي ۽ مون کي اُنهيءَ رات واري ناٽڪ جي باري ۾ ٻڌائي. اسان ننڍن لاءِ ناٽڪ تي وڃڻ جي منع هوندي هئي. خود چاچو رؤف، جيڪو ڇوڪرات هو اُنهيءَ تي به بندش هئي، تنهنڪري هو به لڪي ويندو هو. ڪيس وڏا وار هوندا هئا، جيڪي پوبان ڇهنبڙيون ناهي ٻيهندا هئا ۽ سندس شڪل بجاءِ هر ماڻهوءَ جي نظر اُنهن زلفن تي پوندي هئي. وڏڙا ڪيس ٺوڪيندا هئا يا وار لهرائڻ جي ڪندا هئس، پر هو پڇي ويندو هو. هو سڄي عمر پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ به ناٽڪن جو ڪردار رهيو. ڪڏهن گيڙو رتا ڪپڙا پائي، وڏيون ڪنٺ مالائون وجهي، ملڪان ملڪ گهمندو هو ته ڪڏهن سفيد اَلفي پائي بزرگ بابا بڻجي، ماڻهن کي دُعائون ڏيندو هو. اُن وقت تائين سندس ڪيل ناٽڪن ۽ اداڪاري کي ڏٺو ڪو نه هئم. سو ٽپ ڏيئي اُتي ويهندو هئس.

”چاچا! اَڄ ڪهڙو ڪيل هو؟“

هو آڱر چپن تي رکي شُش...شُ...شُ... ڪندو هو ۽ آهستي ڳالهائڻ لاءِ چوندو هو ته متان اوريان پريان وڏڙا جاڳي نه پون. پوءِ هو پڙ پڙ ڪري ناٽڪن، اُنهن جي ليکڪن ۽ پنهنجن پارٽن متعلق ٻڌائيندو هو.

”اَڄ مان هئمليٽ هئس... اَڄ مان خانچند درياڻيءَ جي ڊرامي ’زمينداري ظلم‘ ۾ دلمراد هاريءَ جو پارٽ ڪيم... اڄ نل دمينتيءَ ۾ دمينتيءَ جو پارٽ ڪيم... اڄ مرزا قليچ بيگ جي ’حسنا دلدار‘ ۾ حسنا هئس...“

جڏهن زالاڻو پارٽ ڪٽندو هو ته سندس منهن تي زنڪ آڪسائيڊ جي پائوڊر جي اَچاڻ ڪجهه سرس لڳل هوندي هئي. هُن جي واتان ڪيترن ئي ناٽڪن ۽ ناٽڪ نويسن جا نالا ٻڌم. جيئن وڏو ٿيندو ويس، تيئن اُهي نالا ياد ٻيهندا ويا. خانچند درياڻي، ديوان ڪوڙو مل چندنمل، احمد چاڳلا، ليکراج عزيز، جيٺمل پرسرام، منگهارام ملڪاڻي، اُڏو جهانگياڻي، عثمان علي انصاري ۽... مرزا قليچ بيگ! مرزا صاحب جا اصلوڪا ۽ ترجمو ٿيل ٽيهارو کن ڊراما آهن، جن مان گهڻا اسٽيج تي آيل آهن.

بابي مرحوم جي چاچي لالا (خان صاحب) مرحوم عبدالفتاح جي هڪ وڏي اوطاق، مال متاع ۽ مڏي الڳ هئي. هڪ الڳ بنگلو به نهيل هو. سندس هڪ فرزند سيٺ اعجاز حسين، جيڪو مون کان سال کن ننڍو هو اُن سان منهنجي مڙوئي گهڻي لڳندي هئي ۽ اڄ به ساڻس اُهائي قرب ۽ محبت جي وات آهي. اُن اوطاق تي گهڻو ڪري اعجاز حسين سان ويندو هئس. اوطاق

جي پرسان جوڙيل بنگلي تي مولا عليءَ جا قدم رکيل هئا. اُهي بہ عقيدت وچان پسند هئس. هڪ ڏينهن چيائين، ”هل تہ سنڌ جي مشهور اديب مرزا قليچ بيگ جي خاندان جي هڪ هستي مرزا سڪندر بيگ سان ملايانءِ، بابي وٽ وڏي ڪچهري لڳي پيئي آهي.“ مرزا قليچ بيگ جي ڊرامن، ناولن ۽ ڪتابن جو گهڻو ٻڌو هُئم ۽ اسڪول جي ڪتابن ۾ سبق بہ پڙهيو هئم، سو ٽپ ڏيندو سندس اوطاق تي ويس.

لالا (ڏاڏا) عبدالفتاح سان پيرين پئي مليس، سندس پاءُ لالا عبدالرزاق (مرحوم غلام شبير ترابيءَ جو پيءُ) کي بہ پيرين پيس، لالا عبدالفتاح اشارو ڪيو. سندس پرسان مُوڙي تي هڪ پورو چٽو هڏ ڪاٺ جو مضبوط ۽ پريل، منهن تي ڏيا ۽ حشمت، سنواريل اَڇين مڇن ۽ ترڪي ٽوپي سان شخص ويٺل ڏٺم. مان ڪيس پيرين پئي مليس، هو پاڻ اُٿي مليو. مون ڏي ٿوري دير چتائي ڏٺائين ۽ پوءِ چيائين:

”بابل!... تون اَبي سيٺ محمد اسماعيل جو پٽ تہ ناهين. مهانڊا تہ اُهي ئي اٿئي.“

مون ها ڪئي، پوءِ هُن مون کي شفقت وچان پنهنجي پرسان هڪ موڙي تي ويهاريو. هُن بزرگ پوءِ ڳالهہ کي وري اُتان کنيو جت ڇڏيو هئائين. وڏي مدبرانہ ۽ مفڪرانہ گفتگو هئي. مون کي في الحال تہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي پر پوءِ جڏهن سنڌي ادب، ناٽڪن ۽ خاص طرح مرزا قليچ بيگ جو ذڪر ڪيائين، تہ منهنجا ڪن ڪڙا ٿيا ۽ منجهس منهنجي دلچسپي وڌي ساڻس ڪيترين ملاقاتون بہ رهيون. اُن سببان مون ’عبرت‘ لائبرري نوشهر فيروز مان مرزا صاحب جا ڪجهہ ناول ۽ ڪجهہ ڊراما وٺي پڙهيا. هيءَ لائبرري محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جي تحريڪ هيٺ قائم ڪيل سنڌ اندر شهر شهر ۾ ”عبرت“ سيريز جي لائبررين جو هڪ حصو هئي، جيڪو ڏيپلائي صاحب جي ڪارنامن مان اهم ڪارنامو هو.

هاءِ اسڪول جيڪب آباد ۾ پنجين انگريزي پڙهندي، استاد عبدالرشيد (ڊرائنگ ٽيچر) جي ناهيل ”اسڪول ڊراميٽڪ سوسائٽي“ پاران ڪرايل خانچند درياڻيءَ جي ڊرامي ’ٻُڪ جو شڪار‘ ۾ پارٽ مليو. ٽريننگ لاءِ اُستاد عبدالرشيد ڪڏهن ناٽڪن جا پراڻا ڊائريڪٽر يا اداڪار گهرائيندو هو. سندن ڳالهائڻ ۽ هلت چلت مان ئي لڳندو هو تہ هي ماڻهو ناٽڪ جي دُنيا جا رهواسي آهن! اڌڙوٽ عمر جو هڪ ديوان آيو تہ محفل ئي

مست ڪري ويو. هُن مرزا قليچ بيگ جي منظوم ناٽڪ (اوپيرا) ”ليليٰ مجنون“ (جيڪو 1880ع ۾ سرجيو ويو هو) مان ڪجهه حصو پاڻ ڪري ڏيکاريو. واهه جي دلپذير ادائگي هئس. بُت مان سيسراٽيون نڪري ويون، مون هن مهل تائين اسٽيج تي به اهڙو دل کي ڇُهندڙ منظر نه ڏٺو آهي. پاڻ ئي ليليٰ پيو ٿئي، ته پاڻ ئي مجنون پيو بڻجي! ”آپي هير هوئي آپي رانجها“ وارو منظر هو. بيٺي پير هو ليليٰ آهي، ته اچانڪ زبڪو کائي زمين تي ڪري مجنون بڻجي ڳالهائڻ شروع ڪري ڏئي. ليليٰ جو آواز زالاڻو ڪيئي ته اُتي ئي اوڏيءَ مهل مرداڻو ڪري. اِهو سندس وڏو ڪمال هو!

منهنجي زندگيءَ تي ناٽڪ، ٿيئٽر ۽ اداڪاري جي ڇاپ اهڙي ته ڇانئجي وئي، جو اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ڊرامن ۾ لاڳيتو حصو وٺندو رهيس. اڳتي هلي ريڊيو لاءِ به ڊراما لکيم. پر شروع کان وٺي مرزا صاحب جي ناولن ۽ ناٽڪن کي غور ۽ دلچسپيءَ سان پڙهندو پئي رهيس، جن مان گهڻو ڪجهه پرايم. ننڍپڻ ۾ چاچي مرحوم عبدالرؤف جي ڏنل نقلي ڏاڙهين ۽ وارن جي وِگن سان گهر ۾ هڪ منڊلي به ناهيم، جيڪي مٽ مائٽ ۽ بارڙا شوق سان ڏسندا هئا.

1955ع ۾ حيدرآباد آيس ته ”بابِ قليچ“ وٽان لنگهڻ ٿيندو هو ته سمجهندو هئس ته اُن اوطاق اندر وجان ۽ قليچ جي دنيا ڏسان. تي سگهي ٿو ته اُت اجان به زندگيءَ جا ڪئين ڊراما سرجندا هجن. ڪي ليکڪ، ڪي ڊرامانگار ڪي ڪردار پڻ سرجندا هجن!

”بابِ قليچ“ جي اندر جي دنيا مون لاءِ پهريان ڏاڍي پراسرار هئي، پوءِ آهستي آهستي اُهو دَرُ کُليو. عزيزم اعجاز حسين پانيان ٿو ته مون کي پهريون دفعو وٺي هليو هو جڏهن هو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو. پهريون دفعو رئيس مرزا سڪندر بيگ وٽ وياسين. بيو دفعو وياسين ته مرزا اسد بيگ صاحب نوادرات ۽ لائبرري ڏيکاري، جيڪا شايد موجوده عمارت ۾ نه هئي; پر جي هئي، ته اُن لاءِ گهٽين ۽ گهرن اندران لنگهڻو پوندو هو. هڪ به دفعا تنڊي نوڙهي ۾ مجلس ۾ به ويس. پراسراريت تڏهن ختم تي ويندي آهي، جڏهن آگاهي ۽ جاڻ اُن جي جاءِ وٺندي آهي ۽ اُن هنڌ جا ماڻهو ويجها اَچي پنهنجا لڳندا آهن.

حيدرآباد ۾ بابو سائين اسسٽنٽ ڪمشنر هو ته ڪم سانگي ڪمشنر آفيس وڃڻ پيو ٿيندو هو محمد اسماعيل نُون جي آفيس سان گڏ خوراڪ کاتي جي هڪ وڏي هال ۾، شايد سپرنٽينڊنٽ جي ٽيبل تي، هڪ پورو چٽو نوجوان وينل نظر ايندو هو جيڪو گهڻو ڏنل وائنل لڳندو هو. معلوم ڪيم

تہ شڪ صحيح نڪتو. اُهو مرزا قليچ بيگ جو فرزند مرزا اجمل بيگ هو جنهن سان پڇاڙيءَ تائين محبت جو رشتو قائم رهيو. مشاعرن ۽ ادبي محفلن جو مور هميشہ پيار سان ملڻ وارو. محترم اعجاز علي مرزا سان تہ نوڪريءَ کان اڳ ئي پنهنجائپ وارو رستو ٿي ويو هو. پوءِ نوڪري دوران تہ وڌيڪ ويجها ٿياسين. سندس ننڍو ڀاءُ مرزا حبيب بيگ بہ اسان سان ادبي محفلن ۽ مجلسن ۾ ملندو آهي، جو نهايت قربائتو وضعدار آهي. هاڻ تہ مرزا قليچ بيگ جو پوٽو اسان جو دلبر سهڻو ساٿي نصير مرزا هر گهڙي هر پل اسان سان گڏ آهي ۽ روح ۾ رچيل آهي. سائين شمس العلماء جو گهراڻو اوپرو نہ پر "پنهنجو" لڳندو آهي. مان وٽن مرڻي پرڻي تہ شريڪ ٿيندو آهيان، پر عزا جي مجلسن ۾ بہ ڪيترا دفعا ويل آهيان. ٿي سگهي ٿو تہ مرزا صاحب مرحوم سڪندر بيگ ۽ ٻين سهڻن سيبتن مرزائن سان عقيدت ۽ محبت جي ڪري ائين ٿيندو هجي يا سندن ذات جي ڏيهہ ۾ رهڻ جي ڪري ڪانئن ڪجهہ پرائڻ خاطر هجي.

مرزا قليچ بيگ ڪيترائي ناٽڪ لکيا ۽ اُهي ڇپيا ۽ اسٽيج تي آندا ويا. سندس ناٽڪن جو تعداد ٻين سيني ناٽڪ نويسن جي تعداد کان گهڻو مٿي آهي. مون کي چٽيءَ طرح سان ياد آهي تہ 1980ع ۾ "سنڌي ناٽڪ صدي" ملهائي ويئي ۽ اِن سڄي ڳالهہ جا محرڪ، سرپرست اعليٰ ۽ مهندار مرحوم عبدالله ميمڻ صاحب، ڪمشنر حيدرآباد سنڌ، جن هئا ۽ هن پروگرام ۾ پاڻ غير معمولي دلچسپي ورتائون. اِها سندن نگاهہ هئي، جو سڄي پروگرام جي ذميواري منهنجي ڪمزور ڪلهن تي وڌائون. حسن اتفاق سان مون سان گڏ ساٿي بہ نهايت ڄاڻو ۽ ناٽڪ جا عاشق هئا. مراد علي مرزا اسڪرپٽ ۽ رڪارڊنگ وغيره جو انچارج هو. مرحوم محمد يوسف پنهور سندس مددگار هو. علي محمد چنا انتظامي ساٿي ۽ ريهرسل وغيره جو بندوبست ڪندڙ هو. عبدالقادر جوڻيجو مير محمد نظاماڻي ۽ ٻيا ڪيترا ساٿي هئا. ڀاءُ غلام رباني سووينئر سهيڙيو ۽ سُهڻو ڪري ڇاپيو. هيءُ هڪ يادگار سووينئر آهي، جنهن ۾ مراد علي مرزا ۽ محمد يوسف پنهور جا سنڌي ناٽڪ تي بہ تحقيقي مضمون ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو "حيدرآباد شهر" تي لکيل يادگار مضمون ۽ اسٽيج تي ٿيندڙ ڇهن ڊرامن جو تفصيل ڏنل آهي. جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ناٽڪ 'ليليٰ مجنون' مرزا صاحب

جن 1880ع ۾ لکيو هو. تنهن ڪري 1980ع ۾ 'سؤ سال' پوري ٿيڻ تي، شمس العلماء کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هيءُ جشن ملهايو ويو جنهن جي انتظامي ۽ عملي ڪمن جي سعادت منهنجي حصي ۾ آئي.

هن جشن ۾ مرزا صاحب جا ٻه مشهور ڊراما "ليليٰ مجنون" ۽ "انڪوائري آفيسر" اسٽيج تي آندا ويا. ''"ليليٰ مجنون" منظوم ناٽڪ هو. اُن ۾ مرزا صاحب جا گيت عابده پروين ڳايا هئا. ڪيترن ئي مشهور اداڪارن اُن ۾ حصو ورتو هو. ٻيئي ناٽڪ نهايت ڪامياب ويا. خاص طرح سان "ليليٰ مجنون" ناٽڪ ته ناظرين رُئاري ڇڏيا. عبدالله ميمڻ صاحب "ليليٰ مجنون" پهريائين فائينل ريهرسل دوران ڏٺو ته ڊرامي جي پوري ٿيڻ تي بي اختيار ڳوڙها ڳڙي پيس ۽ ڪي منٽ ته سُن ٿيو وينو رهيو. مرزا قليچ بيگ جي قلم ۾ ايڏي ته وڏي طاقت هئي، جو سندس ٻولي، ڏسندڙن جو هيانءُ نپوڙي وڌو!

هن جشن جو ٻيو اهم ناٽڪ "انڪوائري آفيسر" هو. جو پڻ ڏاڍو ڪامياب رهيو. اُن وقت تائين اچا سنڌ اندر نه رڳو ڊرامي جا شائق موجود هئا پر اُن سان گڏ ڊرامي جي هڪ پوري دُنيا آباد هئي. ڪئين ڊائريڪٽر، ائڪٽر ۽ ليکڪ موجود هئا. جن هن دُنيا کي ئي پنهنجي دنيا مال متاع سيڪجهه سمجهيو هو. اَج ڪٿي ڪٿي، ڪڏهن ڪڏهن، نوجوان ڪا نه ڪا ناٽڪ منڊلي ناهي ويٺا آهن پر ماڻهو ڪنهن ٻيءَ دُنيا ۾ غرق آهن، جو 'ڪيبل' جي زماني ماڻهن جو ذوق ئي بدلائي ڇڏيو آهي! ڇا ته هجي، ڪڏهن نه ڪڏهن "بابِ قليچ" جو دَرُ وري کُلندو ۽ اُتان ئي ڪا تحريڪ هلندي ۽ سنڌي ناٽڪ وري جيئارو.

[نوٽ: هي "يادگيرين جا ورق" اڻپورا آهن. هن جو موضوع عزيزم انعام شيخ ڏنو ۽ عزيزم ناشاد مٿان ويهي لکرايو جنهن لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان. ناٽڪن جون ساروڻيون اجان ڳچ آهن. يار زنده صحبت باقي.] قلم تازو: ڪاوش اخبار ۾ ڏنل انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جا هنن ملهايل ناٽڪ صدي ۽ سوينيئر بابت تفصيل منجهائيندڙ اڻپورا ۽ غلط تاثر ڏيندڙ آهن. اُهي هن مضمون جي آڌار تي ڪجهه سڌاري سگهجن ٿا.

*

## شيخ اياز ۽ روح رهاڻ

ڳچيءَ ڳانا لوھہ جا زيرين ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾ ڪونين اندر ڪِيرَ،
چاري چوڳانن ۾، واهيت ڪن وزير،
چن نہ چجي آهيان، اهڙيءَ سَٽ سرير،
مارو جام ملير! پچج ڪِي پنهوار ڪي.

يادگيرين جا ورق اُٿلائيندي، شاھہ سائينءَ جو هيءُ شعر هنيانءُ تي تري آيو اٿم . لڳيم ائين ٿو تہ اڳ بہ ائين هو اج بہ ائين آهي، سُيان بہ اِئين رهي، جو مَنُ اندر جيڪا پيڙا آهي، پوَ ۽ انديشا آهن، اِئين جو اِئين رهيا. پُل هينان پاڻي وهندو پئي رهيو آهي، اج بہ وهندو رهي ٿو. من ۾ اِئين ئي يادگيريون وهڪرا ناهي ڪتي ڍنيون، ڪتي ڍورا. ڪتي ڊُبا تہ ڪٿ وري بنھہ خشڪ پونا ...! يادگيرين جي وهڪري سان هلڻ ۾ جياپو آهي ۽ اُن جيئڻ ۾ ڪنهن ويل مري بہ ويجي ٿو تہ اُهي صدين جا پل وري پل ۾ گذري وڃن ٿا.

گهڻن ڏينهن کان پوءِ مَن ۾ اٿل ٿتل هئي. ڪيئي همسفر، همرڪاب، همدم، همغم ٻڌائڻ موڪلائڻ بنا ائين وقت جي وهڪرن ۾ لُڙهي ويا. جو پتو ئي نہ پيو. اشفاق لاءِ لکيل يادگيرين جي سفر مان هڪ بہ ورق اُٿلايا ئي مس هيا تہ ڪيئين ورق وري ويا. اياز قادري ويو تہ وريو ڪونہ. پراڻي همسفر هئڻ ناتي بہ اکر لکڻ لاءِ سوچيم پئي تہ ڊاڪٽر دُرشهوار الله توهار ڪئي! سائين جي. ايم .سيد سان پراڻو ناتو_ سائين امير حيدر شاھہ ۽ سائين امداد محمد شاھہ هميشہ چڻ اندر ۾ وينا هجن. اصل ٻاڻ لڳي ويو! ڪير اُهي ورق ورائي؟ جيئري هيءُ جهان ڇڏي في الحال موڪلائي وڃجي، پوءِ جڏهن ڪو ڪنهن پَل کي قياس پوي، جو جيئرو موٽائي وني اچي.

ڪاتي تان نہ ڪنهين، مَن وِجهلڻ وڍيو
ماريس سو ٿنهين، جو نہ جِئاري جيڏيون!

جڏهن جو خبر پيم تہ شيخ اياز بہ هلڻ هاري ڪئي آهي ۽ سفر اُسهيو آهي تہ پانيم تہ وقت بيهي ويو آهي!

اُتي جتڻ مورَن، اوپر ولهارن جتڻ،
سا پر گوندر ڪن، جُهہ ڦوڙائو سڄڻين.

شيخ اياز سان ڪي ورهين جا ورهيہ گهاريل هئا. ساڻس سنگ سفر سندس شعر ۾ لڪڻين وسيلي هو. فتاح، رشيد ڀٽي، علي بخش، تنوير وارن تہ ساڻس گهڻو گڏ گذاريو هو. سندن ڳالهيون ٻڌي ٻڌي مان بہ ائين سمجهندو هيس تہ ڄڻ سندس ميخاني مان مڌ جا پيالا پي هاڻ وريو آهيان. اياز سان دوستيءَ جي هام آئون نٿو هڻي سگهان، جو آئون سندس همعصر بہ نہ هيس. بقول رشيد ڀٽي تہ ”حميد چاڪ چڱو ڀلو هو. ڪيس اِها لوڻي واري لپاٽ ڪيئن لڳي؟ خبر ڪانہ ٿي پئي.“

مرحوم رشيد ڀٽيءَ کي شايد ٻڌائڻ وسري ويو هجيم تہ اِهي چوڪڙيون، پنجڪڙيون ناهي، ادبي ڪاڪ محل سجائي، موملن جا هوڪا ڏئي، اسان جهڙن ڪيترن ئي راڻن کي ريجهائي، ڏاڇيءَ چاڙهي، اهڙي طلسم ۾ ڦاسايو هيو جو اڄ تائين اُن طلسم جي اثر هيٺ آهيون ۽ زماني ۾ سرگردان آهيون. سچ ۽ حق کي طاقت سمجهي پنهنجي ڪچڙن ذهنن سان باطل قوتن سان بہ ٽڪرائجي وياسين. اُن وقت صورتحال ائين ٿي هئي:

سگهہ ڏي اهڙي سچ، منهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ڳچي ٿئي ڳچ، تہ بہ چوان جو چوڻو هجي.

محمد ابراهيم جويو، اياز قادري، رشيد ڀٽي، جمال ابڙو، سوڀي گيانچنداڻي، غلام رباني آگرو، عبدالغفور. انصاري، نورالدين سرڪي، حفيظ شيخ جو سڄي سنڌ ۾ غوغاءُ هجي! ترقي پسند ادب جو جهنڊو ڪڻي جهولايو هئائون. ادبي سنگت نڪريَ نروار ٿي هئي. تماهي ”مهراڻ“ جاري ٿي چڪو هو. مون اڃان مئٽرڪ بہ پاس ڪانہ ڪئي هئي. بس اها لوڻي واري لپاٽ لڳي وئي. سنڌ اندر ادب ۽ ٻوليءَ جو چوٻول زور وٺندو ويو. ون يونٽ جي ڪهري قانونن اسان جي ذهنن ۾ اُهي ڀو ڀولا آڻي ڇڏيا هئا. جو اسان جي چوياري جن دوستن سان حيدرآباد ۾ هئي، تن بنهہ ڀَندي ٻاري ڇڏي. سنڌي شاگرد الڳ تحرڪ ۾ هئا. ڏينهن رات سنڌ جي سورن، سنڌي ٻولي تي بندشن جو ذڪر، ادبي انقلاب جي ايندڙ طوفان جا سعيا. سڀ ڪنن پئي سُڻيا. نوشهري جي

سينين ميمڻن جي خاندان جو لاڏڪوڏ سان پاليل چشم و چراغ! والد صاحب وڏي سرڪاري عهدي تي هيو پر اسان بہ ڪٿي الفي پاتي! عزيزن قريبن کي ڏندين آڱريون هيون. والد صاحب کي چيائون تہ هن چرئي کي روڪيو هيءَ تہ ڪورڻ جو راهي ٿو ڏسجي. ڪتي ڪو پنهنجي لاءِ ممڻ نہ پاري چڏي. والد صاحب (مرحوم سيٺ اسماعيل) سياڻو ماڻهو هو. هُن زماني ۾ ڪئين جنوني ڏٺا هيا. ڪنهن بہ هنڌ رستو نہ روڪيائين. اُن وقت اديبن جو لڏو ويچارن ۽ واندن جو لڏو هو. وڏن اديبن جو نالو وڏو هيو پر ڇوڪرات. جهڙا لوفر لَڙا ليکبا هيا. گهڻو تڻو رومانٽڪ خيال. پر هيل هنن ڇوڪراٽن سنڌ سان بہ ڪٿي رومانس وڌو. جڻ ڪنهن من موهڻي اپسرا من ۾ موهہ وجهي پٺي ڇڪيو. اسان کي اِها خبر نہ هئي تہ وطن ۽ مٽيءَ سان رومانس ۽ عشق ڪرڻ وارا سوريءَ سزاوار ٿيندا آهن. سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين جڻ باهہ تي گاسليٽ وڌو. وڏن اديبن ۽ دانشورن حيدر بخش جتوئي، غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويي، جمال ابڙي، محمد عثمان ڏيپلائي، حفيظ قريشي سان ملو تہ ائين پئي لڳو تہ وس پڄين تہ ڪتاب پڙهائڻ ۽ پرائڻ بهاني گهاٽي ۾ ڏاند وانگيان جوٽي ڇڏين. پيا اسان ڇوڪراٽن کان ڪجهہ وڏڙا اديب غلام رباني، رشيد ڀٽي، جمال رند، منصور، شمشير، ناصر مورائي، خواجہ سليم پارا ملن تہ چقمق جيان چڪين ۽ ونيو ادبي وعظ ٻڌرائين . هاڻ ڪهاڻيون پيا لکون. ’سيمي‘ ڇپيو تہ جڻ پير ڌرتي تي نہ هيا. ائين ڪٿي ”زندگي پبليڪيشن“ ناهي سين. ڪڏهن جمال ابڙي، غلام رباني ۽ ناصر مورائيءَ جا ڪتاب پيا ڇپجن. تہ ڪڏهن ادبي تحريڪن ۾ ورڪر ٿي پيا هلون. پٺفليٽ پيا ورهايون. تقريرون پيا ٻڌون تہ ڪڏهن ڳالهائڻ جو وارو مليو وجي تہ اُپ ڏري پئي ويو. جيجي بيگم زينت چنا جو ادبي حيثيت سان وڏو نانءُ هو. ماهوار ”مارئي“ پئي ڪڍيائين. معاون ٿي اڌ ايڊيٽري سکيم. سنڌ يونيورسٽيءَ جو نوجوان شاگرد پڙهڻ ۾ هوشيار پر دل ئي نہ لڳي. ائين ”روح رهاڻ“ رسالو نڪتو. ڪيئن هٿ وڌم ۽ ڪيئن وک وڌايم. اڄ معجزو پيو ڀانيان! خالي هٿ، بنا پائي پيسي، ههڙو ڪم ڪيئن ٿيو؟ اڃان بہ ويچار اِهي اٿم تہ ”مون کي مون پرين ٻڌي وڌو بار ۾ !“ يارن جو زور ۽ بيگم زينت چنا ۽ محترم عبدالله چنا جي رهبري. ٻهريون پرچو اپريل 1960ع ۾ نڪتو. اِجهو سامهون سامهون شروعات ۾ شيخ اياز جا بيت آهن. اڃا بہ لوٽي واري لپاٽ نہ لڳندي؟

سدا آهي ساهہ کي، ڳيي جي ڳولا،
ڏؤ بنا ڍولا ناهي ساڃهہ سونهن کي.

رتي ناهي رت، ڇؤرون مڙيون جندڙي،
ساٿي اُٿ سُتت، ساڙيون هن سماج کي.

اُن وقت بہ سماج جي هيٺ مٿانهينءَ ۾ زماني جي گرمين ۾ سردين جي مزاج کان اڻڄاڻ هيءُ مسافر تڪ تيز ۾ هليو پئي.

اياز جو گيت جون واري پرچي ۾ ڇپيو تہ من ۾ هورا ڪورا وڌي ويئي.

پري پرينءَ جي لوءِ،
الا، او لوءِ ووءِ ڙي ووءِ!
سُري پترڻ تي آئي سانجهي پڳهہ نہ آيا پار
ايندا نيٺ تہ منهنجي من جا مانجهي اي منجهدار
آياجي نہ تہ پوءِ، الا، او پوءِ، ووءِ ڙي ووءِ!

شيخ اياز جو هيءُ گيت مون لاءِ شايد اشارو هو تہ واقعي پرينءَ جي لوءِ پري آهي! پر اُنهيءَ ئي پرچي ۾ شمشير جو غزل هو تہ

اسين حال هيٺا، اوهان جي خُدائي _ وڏي ڳالهہ آهي!
هلي پئي اجا زندگيءَ جي لڙائي _ وڏي ڳالهہ آهي!
انڌيرن ۾ پلجي پئي روشنائي _ وڏي ڳالهہ آهي!
اجان وقت کي پيئي ڳولي سچائي _ وڏي ڳالهہ آهي!

ان سچائيءَ کي ڳولڻ لاءِ ڪجهہ سر ڦريا نوجوان، سنڌ جي پراڻن مسئلن، سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جي واڌاري کي سچائيءَ ڏانهن هڪ رستو ۽ وسيلو سمجهي گهر گهاٽ ڇڏي اڳتي نڪري آيا هيا.

"روح رهاڻ" مالي مسئلن جو شڪار ٿيو تہ ڳوٺ سڏار ڪاتي ۾ نوڪري ڪرڻي پئي. ڪجهہ وقت قصو هليو پر والد صاحب جي حڪم تي نوڪري ڇڏيم جو پڙهڻو بہ هيو. صفا گهر بہ نہ ڇڏڻو هيو. سيڪڙات پڪي کي اباڻي گهر شام جو تہ وڃڻو ئي وڃڻو هيو. ڪو پنهنجو آکيرو تہ هوئي ڪونہ. نوڪريءَ ۾ هجڻ ڪري دوست جمال رند کي "روح رهاڻ" حوالي ڪيم. اُن وقت "روح رهاڻ" جو رُخ پرکي نہ پيو سگهجي . اُن ۾ ڪڏهن عورتن جو حصو تہ ڪڏهن ٻارن جو حصو ڪڏهن وري فلمي تصويرون ڏيڻيون پيون.

جمال رند اُن ۾ تبديلي آڻي، سائيز گهٽائي، ڪجهہ نوان موضوع ـــ شڪاريات، سياحت، وغيره وڌا، جن جو ماهوار رسالن ۾ هجڻ ضروري تہ سمجهيو ويندو هو. پر پرچي جو منهن مهانڊو بنهہ ڦري ويو. نيٺ نوڪري ڇڏي پهتس ۽ ڪتابي سائيز ۾ ”افسانا نمبر“ ڪڍيم، جنهن چوڌاري چوٻول پيدا ڪيو. ائين پريس جا نوان قانون آيا ۽ سيني جا ڊڪليئريشن رد ڪيا ويا: ”روح رهاڻ“ ، ”مارئي“، ”انسان“ ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا. ان سڄي عرصي ۾ ادبي لڏا چرپر ۾ رهيا. پڙهائيءَ جو جيڪو سال هليو ويو هو اُهو بچائڻ لاءِ ايل .ايل .بي .بہ پئي ڪيم. 1963ع جو اهوئي مارچ جو مهينو هو جو مرحوم رمضان، جيڪو ڊي .سي. جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو ”روح رهاڻ“ جو نئون ڊڪليئريشن آڻي ڏنو. 1960ع کان 1963ع تائين اسان جي ڪچڙن ذهنن ۾ گهڻي پُختائي اچي ويئي هئي. سنڌ ۾ ”ائنٽي ون يونٽ موومينٽ“، ٻولي ۽ ادب لاءِ هلايل تحريڪن ۾ ڏينهن رات دوست گڏ هيا. اصل ۾ سنڌ ۾ اُن جي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ جو مسئلو هو. هنن کي خود آگاهي جو عادي بڻائڻو هو. شهرن کان ٻهراڙين تائين جڏهن ويندا هياسين ۽ جلسا ڪندا هئاسين تہ محسوس ٿيندو هو تہ خلق خدا جي پريشان تہ آهي، پر اسان جون ڳالهيون ٻُڌي حيران ٿي ويندي هئي. ”روح رهاڻ“ انهيءَ ڏس ۾ ڀرين ۽ فيصلي جي قوت بخشيندڙ ڪنيل وڪ هئي.

شيخ اياز اُن معاملي کي هيئن پرکي ورتو. سندس نظم جو عنوان هو ”نئون انسان“:

هيءَ ميرانجهي سانجهي آيا ڏوڙ۔ ڏئي جي جهول،
چاڻ ستارا ان مان نڪتا جرڪي سون سمان؛
تيسين پنهنجيءَ مشعل ۾ جا آهي لاٽ اڏول،
تنهن تي وات سجاڳي ويندا واٺڙو انسان!

ڏينهن ٿيا، ڪنهن شينهن اسان ۾ ناهہ ڪئي گجگوڙ
هيءَ بہ غنيمت آ تہ ڪٿي ڪو اونائي ٿو ڪوڪ:
نيٺ تہ بادل وسندا، پوندا مينهن بہ ماٺهوءَ ٻوڙ
نيٺ تہ وڄندي گجندي اُٿندي آنڌي جيئن مخلوق.

سندس هيءَ نظم آگسٽ1963ع واري پرچي ۾ ڇپيو. ڳالهہ ڳري، پر

اُنهيءَ ساڳئي پرچي ۾ اياز جو هڪ ننڍڙو نظم ڇپيو:

لڙي ٻيهري، لانڍي، ٽانوَ
پنڊيءَ ۾ پارتو ڊوڙو
اڏريا هيٺ ڪنڊيءَ تان ڪانوَ
جن سان گڏجي ڪو نينگـرڙو
ڪاٿي وينو
ڳتيءَ ڳتيءَ سان ڳائــي وينو.

1963ع وارن پرچن ۾ امداد حسيني جا نظم نئين سماجي فڪر جي ڪنيو بيٺا هيا. اُن سان گڏ شمشير الحيدري، اُستاد بخاري، محسن ڪڪڙائي ۽ ٻيا هڪ نئين سوچ جا اڳواڻ هيا.

هيءَ هڪڙو جديد فڪر هو جنهن ڳالهه کي سيني سمجهيو پئي، جديد ۽ قديم جي جنگ شروع ٿي چڪي هئي. اياز جو ڀهريون مضمون "روح رهاڻ" سيپٽمبر1963ع ۾ "جديد ادب جي اهميت" ڇپيو.

"مون سان گڏ سنڌ جي نئين اُمنگ، نئين فڪر ۽ اُن جي حامين جي ڪافي مخالفت ڪئي ويئي آهي ۽ اڃان ڪئي وڃي ٿي. قديم ڇا آهي ۽ جديد ڇا آهي، قديم ڇو آهي ۽ جديد ڇو آهي، ان جو صحيح شعور ۽ شناس وسيع مطالعي ۽ گهري فڪر سان ملي ٿي. قدامت ۽ جدت ۾ قابل قبول ڇا آهي ۽ انڪار جي قابل ڇا آهي، ان جي پرک جنهن نظر جي گهرائيءَ ۽ دل جي وسعت جي گهرج آهي، اُها هر ڪنهن جو نصيب نہ آهي. ادب ۾ جديد ۽ قديم جو قصو ڪم نظريءَ جو دليل بہ آهي ۽ بالغ نظريءَ جو بہ. ڪم نظريءَ جو دليل ان سبب ڪري آهي، جو جديد کان جديد ترين شاعر ۽ اديب بہ پنهنجي ماضيءَ کان بلڪل منحرف نٿو ٿي سگهي. بالغ نظريءَ جو دليل ان سبب ڪري آهي، جو هر سچو فنڪار ڪنهن جي بہ نقش قدم تي هلڻ کان پاسو ڪندو آهي ۽ پنهنجي منزل، پنهنجي راهہ پاڻ متعين ڪندو آهي. ازرا پائونڊ جو هي عجيب غريب نظم، جو هن آمريڪا جي بهترين شاعر والٽ وٽمئن متعلق لکيو آهي، هڪ منفرد شاعر جي نفسيات جو صحيح جائزو آهي :

I make a Pact with You, Walt Whitman!
I have detested you long enough,
I come to you as a grown child,

Who has had a Pig- headed father
I am old enough now to make friends,
It was you that broke the new wood,
Now it is a time for carving:
We have one sap and one root,
Let there be commerce between us.

[مان توسان معاهدو ٿو ڪريان، والٽ وٽمئن!
مون توسان ڪافي وقت نفرت ڪئي آهي،
مان تو ڏانهن ائين ٿو اچان، جيئن بلوغت تي پهچي،
اولاد، ڪم فهم پيءُ ڏانهن موٽي ايندو آهي.
هاڻي منهنجي بالغ نظري ايتري آهي، جو تون مان دوست ٿي سگهون،
تون نئون ڪاٺ ڪپيو هو اڄ ان تي نقش طرازيءَ جو وقت آهي:
اسان جي جڙ ۽ گونچ ساڳيا آهن،
بهتر آهي تہ تنهنجو ۽ منهنجو سمجهوتو ٿئي.]

❊ ❊ ❊

هيءُ "روح رهاڻ" جو نئون پر ابتدائي دور آهي. 1964ع ۾ شيخ اياز جون لاءِ 1964ع کان وري نظر اچي ٿو. سندس بيتن جو عنوان ئي هو: "سنڌڙي تنهنجي سينڌ ڏسي، رات پٽائي گهوٽ رُنو."

توکي ساري سنڌڙي، ساري پٽ ڏٽي،
مورنہ ٿيندي مارئي، ٻي ڪا ماءُ جڻي،
تنهنجي پير پٽي، ڏات سموري ڏيهہ جي،

روئي پيئي رت، سڏڪا پري سنڌڙي،
وهہ تي لڳو وات ۾ پينر مون کي پت،
هيءُ پورو پربت، آخر ڪيئن پٽون ٿئي؟

هيءُ بيت سندس جوش ۽ جذبي جو اظهار هيا، ڇاڪاڻ تہ اهو ئي 1964ع آهي جڏهن شيخ اياز جي مجموعي "پونر پري آڪاس" تي سرڪار بندش وڌي هئي.
مون اُن پرچي ۾ پنهنجي "رهاڻ" (ايڊيٽوريل) ۾ لکيو هو:
"شيخ اياز جو فن زندگيءَ جو علمبردار آهي. سندس قول ۾ سندس مجموعہ ڪلام موجب: هيءُ نہ برگ سبز آهي نہ تحفہ درويش'. هيءُ ڪويل جي ڪوڪ آهي. ڏسجي تہ اها رات جي انڌاري ۾ گُم ٿي وڃي ٿي يا وقت جي هانوَ ۾ ٻڙڪي ٿي لڳي ٿي."

"اسان کي يقين آهي تہ سندس آواز رات جي انڌاري ۾ گم ٿي نہ سگهندو ڇاڪاڻ تہ اسان صبح جا روشن سپاهي آهيون. رات جي انڌيرن جي هانوَ ۾ اسان پنهنجي تخليق جون سنگينون هڻي، ڪوڙ جا سڀ ڪوٽ ڪيرائي، 'سچ' جي روشني ساڻ ڪٺي صبح کي جنم ڏيندڙ آهيون..."

"حڪومت هڪ طرفو فيصلو ڏيئي، اياز جي مجموعہ ڪلام 'ڀونر ڀري آڪاس' تي بندش وجهي، سنڌي ادب جي حق تلفي ڪئي. حڪومت جي ان قدم کي سنڌ توڙي پاڪستان جو ڪوبہ صالح ۽ باشعور فرد سٺي نگاهہ سان نٿو ڏسي، ان مسئلي کي ڪن مفاد پرست شخصن اشتعال انگيزيءَ سان هوا ڏني آهي، جنهن ڪري حڪومت ۽ باشعور فردن جي تعلقات تي غلط اثر پوڻ جو انديشو آهي. اسان جي حڪومت کي پرزور اپيل آهي تہ اياز جي مجموعہ ڪلام 'ڀونر ڀري آڪاس' تان بندش هڪدم هٽائي وڃي." (ح_س)

شيخ اياز جي ڪلام ۾ هيءَ سونهن پرکيو ۽ ڏسو:

ڌرتي چمڪي، واري اُڏري، رائو ڏينهن ٽتو.
هرٽي هونءَ بہ مرٽي، پر جي ماري رڃ رڳو.
جُڳ جُڳ جو جادو آ تنهنجي سانجهي جيسلمير،
تل ترائي تي اڏري جي ڪونج وجهي ڀاڇو.
پٽ پٽيهر پير اسان جا سامهون ساري ريت
ڪيچ اسان سان پيچ نہ پائي، آ ڀنيور پلو.

("روح رهاڻ" آڪٽوبر 1964ع)

شيخ اياز نومبر 1964ع واري "روح رهاڻ" ۾ هيئن بہ لکيو هو:

تون ياد ڪجانءِ!
سنڌ ۾،
منهنجي موت کان پوءِ،
جيڪڏهن،
ٻئي ڪنهن جو شعر،
زندهہ رهندو،
تہ اهوائين اُسرندو
جيئن ڪمند جي،
هڪ فصل ڪپڻ کان پوءِ،

ٻيو فصل
ان جي جڙمان
خود نثري ايندو آهي.

پر ٿيو ائين تہ سنڌس جيئري گيتن ۽ نظمن جا ٻج ائين چوڌاري ڇڻجي ويا جو هم فڪر ۽ هم خيال شاعرن جي هڪ وڏي کيپ تيار ٿي ويئي. شمشير الحيدري، امداد حسيني، تنوير عباسي، قمر شهباز استاد بخاري، تاج بلوچ، فتاح ملڪ، سرويچ سجاولي، نعيم دريشاڻي، پروانو ڀٽي، عبدالڪريم پلي، گدائي، واسديو نرمل، گووردن ڀارتي، ارجن حاسد، لڇمڻ ڪومل ۽ ٻيا ڪيترا جن سنڌ جي شاعريءَ کي نہ رڳو سنواريو ۽ سينگاريو، پر هڪ فڪر کي عام ڪيو. اِهو سال 1965ع ئي هيو جڏهن دوستن ۽ ساٿين فيصلو ڪيو تہ هن سال "جشن روح رهاڻ " ملهائجي، مبهم خيال، اشفاق قاضيءَ ڏنو. اُن ۾ رنگ ڀريندڙ خواجہ سليم، امداد حسيني، شمشيرالحيدري، غياث جوڻيجو ۽ ٻيا ساٿي هئا. پر جن پل پل پئي خبر لڌي، اُهي هيا جيجي بيگم زينت چنا ۽ محترم عبدالله چنا.

جشن روح رهاڻ 4 اپريل 1965ع جي موقعي تي اسان "سالنامو" ڪڍيو ڪئلينڊر ڪڍيو ۽ سووينيئر تيار ڪرايا. سڄي سنڌ جا اديب شاعر ۽ سڄاڻ سنڌي اچي گڏ ٿيا.

مئي 1965ع ۾ "جشن نمبر" ڪڍيو سين، اُن جي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ مون لکيو هو:
"... مشاعرو شروع ٿيو. شيخ اياز جنهن لاءِ ڪنهن بزرگ چئي ڏنو تہ ڀٽائيءَ جي چاڙهيل ڪُني، سچل جنهن جو ڏڪڻ لاٿو. اياز انهيءَ ڪني کي ڪٺي پاٽ ۾ پيٺيو آهي ۽ مون بہ چئي ڏنو 'شيخ اياز اڄ جو سچ ۽ سڀان جي تاريخ آهي،' اياز اڄ جي جذبن ۽ قدرن جو علمبردار آهي،'

شيخ اياز جي صدارتي تقرير حقيقتن ۽ سچ جي اها تکي تلوار هئي، جنهن هٺي انهيءَ ياد پريل اَڌَ کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. چوڌاري هڪ منڙي روشني ڦهلجي وئي، هڪ هڪ چهرو ٻهڪي رهيو هو هُو هر پڪار ۽ سڏ جو جواب ڏئي رهيا هئا. اياز اسان کي جاڳائي رهيو هو. اياز وقت کي آواز ڏئي رهيو هو اياز زندگي کي زنده ڪري رهيو هو:

"هيءَ سين نہ ڏيندي ڇين، اُتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا."

اياز کُلي پيو. سنڌس هر اکر، اکر کي ٿي پيٺيو. هو اڄ اهو مهراڻ جنهن جو نہ ٻَهي، نہ هو پتو. هن جَرَ جي جهاڳ مٿان ديپ جلايو هو. هو ڇونہ چوي؟

هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هٿو ايندو نہ وري هي وڻجارو.
ڪجهہ ڏات ڏسو پوبات ڪيو هي شور اجايو آ پيارا.

هن پنهنجي سچ جي جار ۾ اسان زندگي ۾ پينل ڪوڙ جي سُري جي جيتن کي جڪڙي ڇڏيو. اسان کي غذا ٿي بي ٿي ملي. پيام ٿي نئون مليو: اسان لاءِ اميد جزيرو بڻجي پئي. 'آخر هيءَ رات گذرڻي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا.'

چوڏاري ايامن کان ستلن جو ميڙ هو. هو اڄ جاڳي پيا هئا. هو هر انهيءَ غيرت جي تير تي ٿڌڪي ٿي اٿيا، جو ڪنهن مسڪين شاعر کان زبان جي ونگ مان نڪري ٿي ويو. ڪير هو جو سچ کي روڪي .ڪير هو جو روايت کي روڪي. ڪير هو جو تاريخ کي روڪي. ڪير هو جو هن اٿاهہ ساگر کي روڪي.

اسين مڙڻ جا ڪينڪي آهيون پلي ڪريو سو ڦند ڪٽي.

اسين پنڪي پنڪي اڄ ماڳ پهتاسين. اسان اڄ منزل پاتي هئي، اسان کي سڀ ڪجهہ ملي ويو هو. اياز تہ ائين بہ چئي ڏنو:

هيءَ پريو پنيور چا ڪافي نہ آهي!
اي چري، ڪنهن ڏي وڃين ٿي، ڪيچ ڪاهي؟

هرشاعر پنهنجي جذبي ۾ سرشار آيو تي ۽ ائين تي لڻو جڻ هن زندگيءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو جڻ هن سچ چئي ڏنو. هاڻ پلي ڪير سقراط وارو پيالو سندس لبن تي رکي، هو پي ويندو. مان اياز سان اسٽيج تي ويهي چوڏاري ڦهليل اڏمن جي راند ڏسي رهيو هوس.

اياز جيڪا تقرير "جهول ۾ گُل ۽ هٿ ۾ مشعل" ڪئي هئي، انهيءَ مان ڪجهہ ٽُڪرا پيش ڪجن ٿا:

"ڪيتريءَ مدت کان سنڌ ۾ منهنجي فن ۽ فڪر لاءِ محبت جو اظهار بہ ڪيو ويو آهي ۽ نفرت جو بہ مون پنهنجيءَ مخالفت کي اهميت نہ ڏني آهي ۽ جنهن لاءِ نہ مون کي رغبت آهي ۽ نہ فرصت، پر متان خاموشي نيم رضا يا اعتراف سمجهي وڃي ان ڪري اڄ مان اوهان جي اڳيان سنڌ جي جديد فن ۽ فڪر سان گڏ ان جي ڪيل مخالفت جي باري ۾ بہ ويچار پيش ڪيان ٿو...

...ادب جو دليل منطقي نہ آهي، پرپوءِ بہ منطق کان وڌيڪ مڃائيندڙ آهي. ادب انساني روح کي يڪدم گرفت ۾ آڻي، اُن تي هڪ پائدار تاثر ڇڏي ٿو ۽ انهيءَ تاثر جو عملي زندگيءَ جي تشڪيل ۾ وڏو هٿ آهي. شاعر جي قول ۽ فعل ۾ جيڪڏهن ڪوئي تضاد نہ آهي، جنهن لاءِ هر فڪر هڪ عمل جو پيش خيمو

آهي، تہ هن جي شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو درجو مليل ٿو. پر منهنجيءَ نظر ۾ هن جو هر قول هڪ فعل آهي۽ ان جو نتيجو جي هن لاءِ نہ، تہ هن جي قوم لاءِ يا پوريءَ انسانذات لاءِ لازمي طرح عمل آهي. مان ادب جي آدرش تي سوچي انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ ادب اديب جي روح جو اظهار آهي، ۽ اهو اظهار بنا مقصد جي نہ آهي، ۽ ادب جي زبان، جا ان جي اظهار جو ذريعو آهي، ۽ پوري قوم جنهن تائين ادب جي رسائيءَ لاءِ انهيءَ اظهار جو سهارو ورتو وڃي ٿو جڏهن انهن سڀني جو وجود، ڪنهن ٻاهرئين يا اندرئين خطري سبب، خاتمي جي قريب، نظر اچي ٿو تڏهن ادب جو پنهنجيءَ حفاظت کان وڌيڪ ۽ ان ڪري لازمي طرح پنهنجيءَ زبان ۽ قوم جي حفاظت کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو! اهو لازمي نہ آهي تہ هر وقت ادب جو مقصد سياسي يا سماجي هجي، پر مٿينءَ حالت ۾، ٻئي ڪنهن مقصد جي گنجائش گهٽ آهي. ادب ۾ سياسي سماجي مقصد جو اظهار ادب جي اهميت کي نٿو گهٽائي. ائين صحيح آهي تہ ادب جي پرک اول ادبي آهي ۽ پوءِ سياسي ۽ سماجي، ائين بہ صحيح آهي تہ ادبي تخليق نہ اخباري مراسلو آهي نہ اشتهار، پرپوءِ بہ ادبي تخليق جي سياسي ۽ سماجي افاديت تي مون کي ڪوئي اعتراض نہ ٿو نظر اچي. جي ادب هر لطيف فن وانگر حسن جي تلاش آهي تہ ان تلاش جي دائري کان سماج ۽ سياست کي ڇو ٻاهر رکيو وڃي؟ آخر هر عظيم سياسي ۽ سماجي ادب ۾ سياست ۽ سماج جو هڪ تصور آهي، جو ان جي خالق جي نظر ۾ تاج محل تي تروري وانگر ٻکندو آهي. هو ان تصور کي ڪنهن بہ فطري منظر کان زياده دلڪش ڪري پيش ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي جذبي کي ٻيءَ ڪنهن بہ محبت جي جذبي کان وڌيڪ ڀڙڪائي ۽ مهڪائي سگهي ٿو. ڪنهن وقت هن جي ٻوليءَ جي ڪوڙاڻ هن امرت کي مات ڏيئي سگهي ٿي ۽ هن جي لڪٽيءَ جي واگهہ نک پاتوليءَ جي هٿ کان وڌيڪ پياري لڳي ٿي. زندگي پٽ جي ڳنڍ بہ آهي، وهہ جو ڳنڍيو بہ آهي. ڪهڙو با شعور اديب هوندو جو انهيءَ وهہ جي ڳنڍي کان منهن موڙي ويندو! گيت نہ واريءَ ۾ ڳُت آهي ۽ نہ فقط ڪتيءَ جي ڪانڌ. چڪور جو چڪوريءَ کان اهو سوال بہ آهي تہ 'اهو ديس ڪٿي آهي، جتي رات نہ آهي!...'

....اسان تي الزام ڏريو ويو آهي تہ اسين ماده پرست آهيون. اسان جو نثر ۽ نظم گواهہ آهي تہ اسان ماديت جي فلسفي کي ڪڏهن بہ آخرين حقيقت نہ سمجهيو آهي، جيتوڻيڪ اسان کي مادي زندگيءَ جي بي انتها اهميت ۽ افضليت جو اقرار آهي. ڪوڙهئي سماج جو روح بہ ڪوڙهيو هوندو آهي. جو اديب زندگيءَ جي ڏاڍ، ڏمر ۽ ڏک کان منهن موڙي اهو ڪانئر ۽ ڪميڻو آهي. هو پنهنجي فرار جي باوجود

ادب تخليق ڪري سگهي ٿو. پر هو فقط ڪوڙي ڪيمياگر وانگر ڏنگيءَ جي ڏِڪ پيدا ڪري سگهي ٿو باقي هن وٽ آهي رڳو ٽڪي جو ٽامون. سرجٽهار جوني جنسار سان دل نہ بهلائيندو آهي. فراري ادب زندگيءَ جي ڪاري ڪوهہ ۾ ڪوڙ جي ڪنگري آهي، جنهن ۾ وسوڙا آب حيات تلاش ڪن ٿا. اهڙو ڪو بہ اديب نہ آهي جو دلي طرح مادي زندگيءَ کي اهميت نہ ڏيندو هجي، پر مادي زندگيءَ ۾ انقلاب لاءِ ڪوشش 'ڳيروءَ جي راند' ۽ 'سسي نيزي پاند اچلڻ' هر ڪنهن جي وِٽ ۾ نہ آهي.

مون هميشہ انفراديت پرستيءَ ۾ فرق ڪيو آهي. انساني زندگي اجتماعي آهي ۽ انفراديت پرستي ان لاءِ مُهلڪ آهي. باقي انفراديت هر عظيم فنڪار لاءِ ايترو ضروري آهي، جيتري گل لاءِ خوشبو. هر عظيم فنڪار هڪ جوڙيندڙ آهي ۽ پنهنجيءَ ڪائنات جو جوڙيندڙ آهي. فن زندگيءَ لاءِ هوندي بہ، ان ڪان مٿيرو آهي. فن جي ڪمال ۾ زندگيءَ جي روحانيت جي تڪميل آهي. هر عظيم شاعر جي ست ڏسي يڪدم انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ اها خوشبوءِ فقط هن جي روح جي تي سگهي ٿي. مون ڪڏهن بہ عظيم فن کي ڏسيل راهہ يا پيري جو محتاج نہ ڏٺو آهي. فن هميشہ اڻانگي واٽ ورتي آهي، جنهن تي اڳ ڪنهن بہ پکيءَ جو پاڇو نہ پيو آهي. عظيم فن جي منزل ان جي پهرئين قدم تي بہ شروع ٿئي ٿي ۽ ان جي پوئين قدم تي بہ رسائيءَ ڪان دور نظر اچي ٿي. عظيم فن ازل ڪان ابد تائين ٻرندڙ شعلو آهي، جنهن تي مثل سڏ پنڌ ڪان پوءِ بدلجندي رهندي آهي. ان ڪان سوا اها جوت جتاءُ نہ ڪري سگهندي آهي...

....وقت جي ڪميءَ سبب مان جديد فن ۽ فڪر تي مفصل بحث نٿو ڪيان ۽ آخر ۾ ان ساريءَ سنگت جو احسان مڃان ٿو. جنهن مون کي هن مشاعري جي صدارت جو شرف بخشيو آهي ۽ سنڌ جي نئين فڪر ۽ فن جي جرات سان حوصلہ افزائي ڪئي آهي. روح رهاڻ رسالو جديد ادب جي اشاعت ۾ اڳرو رهيو آهي ۽ ان جي ارادي، هر مشڪل جي باوجود، جدت پسنديءَ جي حمايت ڪئي آهي، جنهن لاءِ جناب حميد سنڌي ۽ هن جا سنگتي مبارڪباد جا مستحق آهن."

انهيءَ جشن ڪان پوءِ ڏينهن ئي بہ لڳا، جو انهيءَ مهيني مئي 1965ع ۾ شيخ اياز کي حيدرآباد مان شهر بدر ڪيو ويو جو پاڻ ڪنهن جلسي ۾ صدارت لاءِ سڏيل هو. حيدرآباد لا ڪاليج ۾ فنڪشن رکيل هو جنهن ڪان روڪڻ لاءِ منجهند جو ئي ڪوٽڙيءَ مان ريل رستي پوليس جي پهري ۾ ڪيس سکر روانو ڪيو ويو. اصل ۾ "جشن روح رهاڻ" جي اجتماعي اثر ۽ انقلابي رُخ قدامت پسندن کي پنهنجي هَٽ نہ چمڪڻ سبب مٿس ڪئين الزام هڻي شهر بدر ڪيو ويو.

جون 1965ع ۾ پرچو ڪڍيو سين تہ اُن جي ٽائيٽل تي سندس تصوير هئي ۽ رت جي چندبن سان لکيو ويو هو:

هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هٺو ايندو نہ وري هي وڻجارو
ڪجھہ ڏات ڏسو پو بات ڪيو هي شور اجايو آ پيارا.

اياز اُنهيءَ پرچي ۾ هڪ بيت وسيلي جڻ پڇيو پئي:

ڪڏهن ڪرندي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو مينڌرو
پڇان وڏي واڪ، سڌ بہ ڏي ڪو سنڌ ۾؟

اُن موقعي تي مون پنهنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ هيئن لکيو هو:

ڪنهن بہ انقلاب کي تيستائين سچو انقلاب نٿو چئي سگهجي، جيستائين اهو انقلاب انسان کي ذهني غلاميءَ کان ذهني آزادي ڏانهن نہ وٺي وڃي. ماضيءَ جو هر دور، حال جو هر وهڪرو مستقبل جي هر اميد، ذهني انقلاب جي تاريخ ۽ ان جو پورو دستاويز آهي، جنهن کان انڪار ڪرڻ انسان جي ذهن جو ڏيوالو آهي. قدرت جو هيءُ نظام ارتقا جي هر صورت ۾ تشڪيل تي ٻڌل آهي. ارتقا، انسان جي هر عمل جو بدلجندڙ ۽ سُلجهيل روپ آهي، جو انسان جي ذهني شڪل آهي.

اسلام جو خود هڪ بنيادي نظريو اهو آهي تہ خلقڻهار انسان کي آزاد خلقيو آهي، پر هن پاڻ کي زنجير وجهي جڪڙيا آهن. انسان جو ڇوٽڪارو انهن ذهني انقلابن ۾ آهي جي وقت بوقت پئي ٿيا آهن ۽ هر انهيءَ سچ، جذبن ۽ قدرن جي علمبردار وقت، وقت مطابق انهن لاڙن جي اڳواڻي پئي ڪئي آهي، جن ڪوڙ کي ڪوڙ ۽ ڏوڙ کي ڏوڙ ۽ جنمن جي سڙيل رک کي رک پئي ثابت ڪيو آهي. انهن علمبردارن هر دور ۾ پراڻن ذهني بخين کي پئي اُڌوڙيو آهي. سندن هر تبديلي ۽ ذهني انقلاب جو پيام، پراڻن مڙهين جي مڙدن لاءِ قاتل بڻجندو رهيو آهي ۽ پوءِ هو هميشہ انهيءَ زهر کان بچڻ لاءِ هر ترياق ڪم آڻيندا آهن ۽ آخر ۾ اچي مذهب جو هٿيار ڪڻندا آهن.

اج ذهني انقلاب اچي چڪو آهي. نوان لاڙا، نئين رچ، نئين اُڃ، هر دور تي حاوي آهي. هر اهو ذهن، جو نئين ڳالھہ ڪنيو ٿو اچي، اج جي سچ جو علمبردار آهي ۽ سيان جي هو تاريخ آهي. هن جديد ادب ۽ نون لاڙن جي تحريڪ جو هر فرد پاڻ انقلاب آهي. اج جي پراڻين مڙهين جي رکوالن مذهبن جي آڙ ورتي آهي يا شيخ اياز تي حيدرآباد ۾ پابندي وجهرائي آهي تہ انهيءَ سان تحريڪ ختم ڪانہ ٿيندي هر نوجوان نئون ذهن ڪنيو پيو اچي. هو لڪير جو فقير نہ آهي. زندگيءَ جي هر

حقيقت کي پروڙي ڪوري مان پڇي نڪري ٿو ان تي جيڪا بہ پابندي وجهبي، هو تيئن پڙڪندڙ لاٽ بڻجي پراٽيون مڙهيون ساڙيندو ۽ وڌندو هلندو.

شيخ اياز تي پابندي ڪا سندس خيالن تي پابندي نہ آهي. ثابت ٿي چڪو آهي تہ شيخ اياز تي ڪي سياسي ۽ اليڪشن جا ڪوڙا الزام لڳائي، حڪام اڳيان غلط ڳالهيون پيش ڪري، هڪ طرفو فيصلو ورتو ويو آهي. انهيءَ لاءِ انصاف جو مطالبو ڪجي ٿو ۽ اسان کي خبر آهي ۽ هر روشن خيال فرد ڄاڻي ٿو تہ هن دور ۾ ڪير بہ ڪنهن جي ذهن ۽ زبان تي بندش وجهي نٿو سگهي. انصاف حق ۽ سچائي انسان جي فطرت آهن. هو جان لڙائي بہ ڪوڙ ثابت ڪندو ۽ جڏهن وقت سندس، ساٿ ڏيندو روشن لاٽ سان هيءَ واٽ روشن ٿي ويندي. ذهني تبديلي اچي رهندي، تحريڪون هلنديون رهنديون، نوان ساٿي ساٿ ڏيندا رهندا. هر اياز جي شهيد ٿيڻ تي ڪئين نوان اياز پيدا ٿي پوندا. مڙهين جا مڙدا ڪنهن تي بندش وجهرائي ڪنهن تي وجهرائيندا. جب لهو پڪاري گا آستين ڪان.

اياز تي پيل بندش کي هر باشعور طبقي ڏاڍي ناپسندگي سان ڏٺو آهي ۽ ڀانئجي ٿو تہ اهو قدم ڪنهن غلط فهميءَ جو نتيجو هو ۽ انهي ۾ گهڻن شرپسند فردن جو هٿ هو .اسان جو اختياري وارن کي عرض آهي تہ انهيءَ معاملي جي تحقيقات ڪرائين ۽ جن فردن انهيءَ ۾ حصو ورتو آهي، انهن کي ڪهڙي سزا ڏين، جن وڪالت جي پيشي ۽ شاگردن جي نالي کي استعمال ڪري ان تي هميشہ جي لاءِ ڪارا داغ لڳائي ڇڏيا آهن. حڪام کي اها ڳالهہ پڻ واضح ڪرڻ گهرجي تہ بندش جو وڏو سبب ڪهڙو هو ؟ جنهن مقامي اخبار غلط سبب ڄاڻائي اياز تي ملحد ۽ ڪافرپڻي جو سرڪاري الزام ڄاڻايو آهي، انهيءَ کي پريس ائڪٽ تحت عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، جيئن ان جي هميشہ واري روش ختم ٿي وڃي. ڇاڪاڻ تہ امن ۾ وڳوڙ وجهڻ ۽ ٻن طبقن درميان منافرت ڦهلائڻ جي پاڙ ئي اها اخبار آهي.

مان آخر ۾ شيخ اياز کان حيدرآباد جي باشعور سنڌي حلقي طرفان معذرت خواه آهيان، جو اسان هڪ عظيم شاعر جو پورو قدر نہ ڪري مهمان نوازي جي روشن روايت کي تاريڪين سان تاراج ڪري ڇڏيو. انشاء الله اسان ڪيس وري جلد ڪوٺائينداسين ۽ سندس شايان شان استقبال ڪري اکين ۾ جاءِ ڏينداسين ۽ هو ائين چئي اسان جي وچ ۾ وهندو:

مان ايندس ، مان ايندس، تو وٽ سپني سان ساڻ،
آڳ اکين ۾، راڳ چپن تي، آهه منهنجو اهڃاڻ.
(حميد)

هيءَ احوال اڻپورو آهي ۽ 1965ع تائين ياد گيرين جي حوالي سان آهي.
حياتي رهي تہ ”اياز“ جي انقلابي شعر ۽ وک وک تي هن سجاڳ شخصيت جو
احوال ”روح رهاڻ “ جي حوالي سان جلد لکي ”مهراڻ“ جي حوالي ڪبو.
شيخ اياز ويندو رهيو پر سندس روح کي چين مليو تہ اسان ڪٿيو.

هيءَ سين نہ ڏيندي چين، اُتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا،
هيءَ شايد ساڳو رمتو آ، آڳ جيئن اُجايو آ پيارا.
جنهن وقت جراغ شام ٻري ۽ ميخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو بہ پرايو آ پيارا،
جنهن وقت اسان جي تند تپي ۽ ساز تپي آواز جهپي،
تنهن وقت ٻلي ڪو ڪنڌ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا.
(جشن روح رهاڻ 1965ع ۾ پڙهيو ويو.)

ڪورو آهہ ڪڏهن ڪان پيارا، آءُ اُمايون ڊِلو ! هُو
ماڻهوءَ جو ايمان تيو آ رب مان ڪيڏو ڍلو ! هُو
جڻ سارو ويران لڳي تو روحانيت۔ ڳلو ! هُو
آ اڳ جئن وبساهہ ٻَلو اڄ تنهن جو ڪيون ٻلو! هُو.
(شيخ اياز)

﹡

# جيجي زينت عبدالله چنا

حميد سنڌي ـ خط
محبوب علي چنا ـ مضمون

تنهنجي حڪم هوندي بہ آءٌ اڄان تائين جيجل مٺيءَ لاءِ ڪجهہ بہ نہ لکي سگهيو آهيان. ائين ڪونهي تہ لکڻ جي ڪا نہ ڪئي اٿم. پر لکيو پڙهيو ور ڪريو ڦاڙيو ڇڏيان. پانيان تہ مون جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، سندس عظمت ۽ بلندي لاءِ پورو خراج عقيدت ڪونهي ۽ مان انهيءَ ۾ ڪوتاهي ڪري رهيو آهيان.

تو کي تہ خبر آهي تہ سندس مانُ ۽ شانُ ڪهڙو ڪيترو آهي. انهيءَ لاءِ ائين ڪجهہ لکي ڇڏيان، سو ڪجهہ سونهي نٿو. سنڌي اديبن جيڪو جيجل جي وفات جي موقعي تي ٿڌائي ۽ ڏاريپ کان ڪم ورتو آهي، تنهن اسان جو ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو آهي. جيجي بيگم زينت چنا جو نالو انهيءَ لاپرواهي ڪري ڪو تاريخ ۾ هيٺ مٿي ڪو نہ ٿيندو باقي ائين ضرور آهي تہ تاريخ اهڙن احسان فراموشن تي ضرور ڏکُ ڪيندي جيڪي جيجي جي لاءِ رڳو تعزيتي نهراءُ بحال ڪرڻ کان بہ ويا.

هونئن بہ ڪنهن جي ڪرڻ ۽ چوڻ سان ڪنهن شخصيت جو نالو تاريخ مان نڪري سگهيو آهي؟ جيجي اڄ اسان وٽ نہ آهي تہ سندس ڪيل يادگار ڪم اسان وٽ موجود آهي. سندس ماهوار رسالو "مارئي" ۽ پوءِ هفتيوار رسالو "مارئي" موجود آهن. سندس ڪيتريون لکڻيون "مهراڻ"، اديب ۽ سنڌ ۽ ٻين رسالن ۾ موجود آهن. سندس اهي ڪوششون يادگار آهن، جيڪي هن جديد ادب لاءِ ان جي معمار سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪيون. مون کان سنڌي اديبن جو اهو تاريخي جلوس نٿو وسري، جيڪو ايوب جي دور ۾ احتجاج جو ڪليل عَلم هو ۽ جنهن جي رهبري بيگم زينت چنا ڪئي هئي.

روح رهاڻ جي هر جشن ۾ تون بہ هئين. سندس مددون، ليڪن ڪي

انعام ڏيڻ، مانيون ڪارائڻ ۽ همتائڻ ڪو ڪنهن کان وسرندو. سندس خير جو هٿ هميشہ ليکڪن ۽ ضرورتمندن لاءِ کليل رهيو. جيجل اڄ بہ زنده آهي. سندس عظمت پريو ناٿ سنڌي ادب لاءِ اڄ بہ چپر ۽ چانءَ آهي. سنڌ جو نئون نسل کيس ڪڏهن ڪو نہ وساري سگهندو. تون ڏسندين تہ سندس نمبر بہ نڪرندو ورسيون ملهائبيون. جي سنڌ ۽ سنڌ واسين جو ضمير زنده آهي ۽ جي هو "جيجل" جو علامتي نشان جو سنڌ لاءِ مامتا جو نشان آهي، هميشہ زنده رکڻ چاهين ٿا تہ کين جيجي چنا کي ورجائڻو پوندو. مون کي اميد آهي تہ سنڌ جو اديب نيٺ انهيءَ نيڪيداري جي چار مان نڪرندو ۽ اهو سچائي جو علم بلند ڪندو. جيڪو جيجل اسان کي ڏنو هو.

اهو بہ ڪڏهن ٿيو آهي تہ اسين سنڌي ماڻهو سنڌ جا. پنهنجي عظمت جي نشانيءَ کي مٽائي ڇڏيون.

اسان جيجي چنا کي "سنڌ جيجل" جو علامتي نشان ڪري ورتو هو. اهو جي ميٽيو ۽ ڪنهن ميٽڻ جي ڪئي تہ پوءِ مان انهيءَ ڏينهن سنڌ ۽ سنڌين جا گڻ ڳائڻ ڇڏي ڏيندس. ان ڏينهن منهنجو ايمان سنڌيت ۽ انسانيت مان نڪرندي ويندو.

مان ڪن يارن ۽ دوستن کي گڏ ڪري سندس نمبر ڪيدرايان پيو. ان سلسلي ۾ جلد توسان ملندس ۽ صلاح مصلحت ڪبي.

تازو جيجل جو چاليهو ٿي گذريو. ان موقعي تي محترم پروفيسر محبوب علي چنا صاحب. جيڪو جيجل جو پيارو پاءُ ٿئي، هيءُ مضمون لکيو آهي، جو مان توڏي موڪليان ٿو اميد تہ سندس جذبات نگاري کان اديب دوست متاثر ٿيندا.

شال خوش هجين، آباد هجين!
قرب منجهان تنهنجو پنهنجو
حميد سنڌي

***

دنيا جي فنا جو نقشو سامهون آهي، پر ويچارو غافل انسان دنياوي ڪشش ۽ آرائش ۾ ايترو تہ مصروف آهي جو پاڻ کي "دنيا" جوئي ڪري سمجهي ٿو.

ڪلهوڪي ڳالهہ آهي جو پاڪستان ٺهڻ کان بہ مهينا کن اڳ، منهنجي ايم. اي. جي شاندار نتيجي نڪرڻ بعد، منڙو بابا سائين راهہ رباني ونئي، امڙ، منهنجي ٻن ڀينرن ۽ مون کي ڦوڙائي جو داغ ڏيئي روانا ٿيو. ساريءَ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر اچڻ سبب بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان مون

ڪي سونو ٻلو ۽ ولايت وڃي ڊاڪٽريٽ پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ مليو. اهڙو پريس نوٽ بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان بابي سائين جي ٽيجهي تي شايع ٿيو. جيجل کي پيرين پئي، اها خوشخبري ٻڌايم. پر سندس شفيق اکڙين مان لڙڪ لڙي آيا. ڇو ته هوءَ پنهنجي لخت جگر کي ڏورانهين ڏيهه ڏي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي. مون ڪيس مودبانه عرض ڪيو ته ”امي، مان تو کي ڇڏي نه ويندس.“ ٿيو به ائين. پر ڪعبه و قبله امڙ جي اٽوٽ آسيسن ڪري، قادر مطلق دنيا ۾ علم ادب خواه دنياوي مرتبي جو اهو مقام عنايت ڪيو آهي جو شايد ڪنهن ڊاڪٽر صاحب کي حاصل هجي. الحمد الله عليٰ ذالڪ.

اڃا بابي سائينءَ جي ڦوڙائي جو داغ تازو هو ته جيءَ کي جياريندڙ جيجل، جهوري جي دائم لوري هٽي، 5- صفر 1375 هه مطابق 22 سيپٽمبر 1955ع تي، ٻن پيڻرن ۽ مون کي هن دولابي دنيا ۾ ڇڏي پاڻ وڃي مٺي مولا سائينءَ سان مليو. ان ڪاري ضرب جو اثر ”محبوب“ جي دل جي تهين مان ”جيجل جي جهوري“ جي عنوان سان دوهن ذريعي ظاهر ٿيو جنهن جا درد نومبر 1955ع جي ماهنامه ”نئين زندگي“ جي ورقن ۾ نمودار ٿيا.

مان پنهنجي انگريزي، اردو ۽ سنڌي ڪتابڙن، بعنوان ”سنڌي ادب جا مختلف رجحانات“ ۾ جاٽائي آيو آهيان ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملازمت دوران، بي پناهه محنت ۽ مشقت ڪري، لازوال ساٿي ”ذيا بيطس“ جو پرو مون کي جولاءِ 1954ع ۾ پيو. منهنجي همشيره مرحومه بيگم زينت عبدالله چنا کي به هن ساڳي سال جي ڊسمبر مهيني ۾ هن موذي مرض جي معلوميت ٿي، جو آخر اديءَ جي هتان لڏڻ جو قادر مطلق طرفان سبب بڻيو.

اهڙيءَ طرح منهنجي ”ياڳوند پيڻ“ اسان سيني کي مفارقت جو اڻ ميٽجندڙ داغ ڏيئي، ناقابل تلافي خال ڇڏي، 12 جولاءِ 1974ع، بمطابق 20 جمادي الثاني 1394 هه، جمعي جي پلاري ڏينهن، ملڪوتي ملڪ ڏانهن اُسهي. شال منو مولا سائين مرهيس! آمين.

جيئن ته مان اديءَ کان فقط 3 سال ننڍو آهيان، ۽ ننڍي هوندي کان اسان جو ساٿ بلڪل ”ڪڙو منجهه ڪڙي“ وانگر رهيو آهي، تنهن ڪري ”جيجي“ جي متعلقن فداين لاءِ سندس زندگيءَ جا چند اهي چٽڪا پيش ڪريان ٿو. جي شايد ٻين سڄڻن کان اوجهل هجن ۽ انهن لاءِ درس عبرت ۽ عمل ثابت ٿين.

(1) مرحومه مغفوره همشيره مڪرمه بيگم زينت عبدالله چنا 4 جنوري

1919ع بمطابق 1 ربيع الثاني 1327 هہ سيوهڻ شريف جي پاڪ خاڪ ۾ جنم ورتو. جناب والد صاحب مرحوم و مغفور محمد صالح چنا پوسٽ ماسٽر هئا، ۽ اسان جو خاندان خدا تعاليٰ جي نوازش سان علم جو گهوارو رهيو. اسان جي خاندان جا مرد خواهہ عورتون قرآن شريف جا حافظ هئا ۽ شهر جي سيني معزز خاندانن جا اُستاد رهيا. امڙ بہ پڙهيل، سفيد پوش، اوسط درجي جي گهر ۾ پيدا ٿي.

(2) اديءَ جي تولد کان ٿورو اڳ مرحوم مرزا قليچ بيگ جو ناول "زينت" شايع ٿيو هو جنهن ۾ مکيہ ڪردار "زينت" سان گڏ "محبوب علي" نالي جو بہ پيو ڪردار هو. جڏهن امڙ جي نظر مان هي ڪتاب نڪتو تڏهن تهيو ڪيائين تہ ان بعد مون کي جيڪڏهن ڌيءَ طرفان ڌيءَ ۽ پٽ عطا ٿيا تہ مان سندن نالا "زينت" ۽ محبوب علي" رکنديس. ٿيو بہ ائين جو ادي جو نالو "زينت" ۽ بندي جو نالو "محبوب علي" رکيو ويو. ان سبب ڪري، "زينت" ناول منهنجي پسنديده ڪتابن مان هڪ آهي.

(3) امڙ کي اولاد خير ڪي بچندو هو. جواني جو پهريون لاڏلو ادو غلام قادر ننڍي هوندي ئي الله جو ٿي ويو. ان بعد ادي وڏي، صاحب خاتون (بيگم علي محمد ڪوريجو الله حيات درازه بخشيس) پيدا ٿي. ان بعد هڪ نياڻي ۽ بہ پٽڙا جدا ٿيا. ان کان پوءِ ادي زينت هن دنيا ۾ رونق افروز ٿي. ان ڪري امڙ جو پيار ادي ننڍي تي سرس هو. ادي جي تولد کان ٽن سالن بعد مون هن عالم ۾ اکيون کوليون. والدين خواهہ چاچي سائين (بابا وڏي) يا مامي وڏي جن کي نرينو اولاد ڪو نہ هو. ان ڪري گهر ۾ سيني بزرگن جي شفقت ۽ محبت جو مرڪز ۽ محور رهيس. اهڙي طرح، ننڍڙي زينت بہ بيحد محبت ڪندي هئي ۽ هر لمحي ننڍڙي محبوب کي پيئي کيڏائيندي هئي.

(4) اهڙي اٿمئي محبت جي عالم ۾ بئي پيڻ ۽ ڀائر وڏياسين ۽ ويجهياسين. ادي تہ مون سان بيپناهہ پيار ڪندي هئي ۽ شيون کارائيندي هئي. پر مان هوس اُتيتي، يعني جاٺو هوس سندس مٿان، ان ڪري ڪنهن ڪنهن مهل کيس تنگ ڪندو هوس. امڙ تہ امڙ هئي، پر منهنجي پرورش چاچي وڏي (اما وڏي) پنهنجيءَ پير ساليءَ باوجود ڪندي هئي. پنهنجي امڙ کي امان ننڍي سڏيندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ادي مون کي زبان سان ڪجهہ چوندي هئي تہ مان کيس ڏڪ هڻي ڪڍيندو

هوس ۽ واڪا ڪري چوندو هوس، "اما وڏي! امان وڏي!" امان وڏي ۽ اما نندڙيءَ جي وچ ۾ تون چا؟ تون چا؟ شروع ٿي ويندي هئي. وڏو ٿيس، شادي ڪيم، تہ بہ اديءَ کي ڦٽائيندو رهندو هوس. شايد هي ذڪر هيٺ اچي. پر پاڻ ۾ قرب جو ڪمال هوسين.

(5) ادي نندڙيءَ کي نندي هوندي ماتا ٿي پيئي. تملم چچ هئي، جڻ تہ ڪنهن سرنهن گهري چٽي آهي. ان عالم ۾ بہ مان وڃي اديءَ کي منيون ڏيندو هوس ۽ پيار ڪندو هوس، حالانڪ امان جن مون کي منع ڪنديون هيون. الله ۾ آسرو هو پر جيئن تہ اديءَ کي ديس جي ادب، صحافت، معاشرت جي حلقن جي زينت بنجڻو هو ان ڪري قادر مطلق کيس نئين حياتي بخشي، ادي سان گڏ رهڻ ڪري مون کي بہ ماتا ٿي پر وڏن ڪٽڻ واري

(6) ڪريم جي ڪرم سان ادي مرحومہ نندي هوندي کان ڏاڍي ذهين هئي. هندن جو هر قدم تي زور هو. سيوهڻ شريف ۾ اُهي هر گام ۾ اڳرا هئا. ڇوڪرين جي اسڪول ۾ مسلمان نينگريون اٽي ۾ لوڻ کان بہ گهٽ هيون ادي انهن مسلمان نينگرين مان هئي، جن تعليم جي دائري ۾ بہ پالو ڪييو. سنڌي ڪاميٽيءَ اعزاز سان پاس ڪيائين. انگريزي پڙهڻ جو ان وقت خواب خيال بہ نہ هو. ان ڪري جناب والده صاحبہ سوچيو تہ کيس حيدرآباد جي زنانہ ترينگ ڪاليج ۾ پڙهائي ماسترياڻي ڪرائجي، جيئن مستقبل جي اتسهائيندڙ اوتن کي منهن ڏيئي سگهي. ان وقت جو ماحول زناني تعليم جي سخت خلاف هو سو امڙ ڳالهہ چوري سو چوري ڪئين! آخر گهر ۾ آهستي آهستي ڪري بابا سائينءَ سان ڳالهہ چُري. ڀهريائين ڀهريائين بابي سائينءَ مخالفت ڪئي. چئي، نياڻي گهر جي پروده، سوتون ڪيڏانهن ٿي پرديس ۾ رلائينس پاڙي وارن ۽ رشتيدارن بہ چميگويون ڪيون. پر امڙ جا هئي پختي ارادي جو مجسمو سا ڪٽي ٿي هٽي. آخر اديءَ زينت کي امڙ حيدرآباد وني وڃي زناني ترينگ ڪاليج ۾ داخلا ڏياري سجي ڪاليج ۾ اسان جي همعصر قوم جو غلبو هو. هاسٽل جي واردن هڪ بيبي صاحبہ هئي، جنهن جيجل کي خاطري ڏياري تہ نندڙيءَ نينگر جو چڱيءَ طرح خيال رکبو. اسان جا پراڻا سڄڻ، چاچا حاجي پير محمد ۽ دادا نظر محمد، ڪاهي روڊ جي خدا آبادي محلي وارا هئا، جن جو رستو قبلہ والد صاحب جن سان 1905ع کان وني هو:

انهن بہ خاطري ڏياري تہ ادي صاحبہ جو پورو خيال رکندا، موڪلن جي

ڏينهن تي اُهي صاحب ادي جن کي پاڻ وٺي ايندا هئا. مامو ننڍو مرحوم شير محمد چنا جن بہ حيدرآباد ۾ هئا. اهي بہ گاهہ بگاهي اديءَ جن جي خبر رکندا هئا. انهن خاطرين جي ماحول ۾ امڙ ادي کي ڇڏي، پاڻ سيوهڻ شريف آئي. ادي جو هي پهريون دفعو گهر کان ٻاهر نڪرڻ جو موقعو هو. سو جڏهن امڙ هن سان ٽريننگ ڪاليج جي هاسٽل ۾ آخرين طور موڪلائي، ڳوٺ اچي رهي هئي تہ ادڙيءَ ايترو تہ رنو جو سندس اکيون سڄي پيون. پر امڙ ايترو تہ دل کي ظاهري طور پڪو ڪيو جو نندڙيءَ زينت کي ائين چوندي موڪلاياڻين تہ "اهو ڇا آهي؟ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ائين نہ ڪبو آهي." اهي منڙيون حقيقي ٻوليون هن غمزده جيجي امان ۽ منڙيءَ ادي کان ٻڌيون، جي مان سڄڻن لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان.

(7) ادي مرحومہ نامساعد حالات ۾ ڪاليج جا ٽي سال خير خوبيءَ سان پورا ڪيا. پاڻ گهر کان ٻاهر نہ نڪتي هئي، ۽ هئي جذباتڻ. سو ويچاري کي ٽيپي ٽيپي تي تڪليفون درپيش آيون. پر ادي ۾ امڙ جي پختگي ۽ بابي سائين جي صالحيت هئي، ان ڪري قلندر وارو مقابلو ڪري، ڪاليج وڏي اعزاز سان پورو ڪيائين.

(8) ادي مرحومہ جڏهن خير خوبيءَ سان ڳوٺ پهتي تہ سندس نوڪري جو سوال هو. گهر وارن چاهيو ٿي تہ سيوهڻ ۾ ملي، پر ڪجهہ عارضي وقت لاءِ تلٽي ۾ نائبي ملي. مان بہ پنجون انگريزي پڙهندو هوس. بابا سائين، مان، ادي، سان گڏجي، ڊاڪٽر مرحوم دائود پوٽي جئ محلي ۾، سندن عزيزن جي جاءِ ۾، ديوان ڊنگومل ڊپٽي ڪليڪٽر جي بنگلي ويجهو وڃي رهياسين. رب جي فضل سان، والدين مڪرمين جي تربيت سان، ننڍي هوندي کان نماز نصيب هئي. ادي مرحومہ بہ پابند هئي. مون کي "والعصر" تائين سورون مبارڪ ياد هيون. اُتي تلٽيءَ ۾ "تڪاثر" سوره ياد ڪيم ڏاڍي خوشي هئي. پاڙي جي ٻارن سان پر واري ڏيڍ مان پيٽيون هٿ ڪري اچيبون هيون. بابا سائين پيٽيون ڦوڙي اسان کي کارائيندا هئا. سبحان الله ڪهڙو نہ سٺو وقت هو. ان وقت ۾ تلٽيءَ جي بہ پلان پل هئي. بازارن ۾ بہ رونق هيس. سندس پيڙن جي هاڪ ڏينهان ڏينهن مشهور هئي. هڪ ڳالهہ مون کي چٽي طرح ياد آهي تہ بازار مان ٽيندا جڏهن گهر ڏانهن روانا ٿيندا هئاسين تہ ديوارين تي اجڪلهہ جي نلهن ۽ دل آزاريندڙ نعرن بدران لطيف سائين جو نياز ۽ نماٽائيءَ وارو بيت:

ستر ڪر ستار آءُ اُگھاڙي آهيان
ڍڪين ڍڪڻهار ڏيئي پاند پناهہ جو

ٿلهن ڪارن اکرن ۾ لڳل هو. خير، ٽلٽيءَ وارو تمام ٿورو عرصو ڪاٽي، اسين وري سيوهڻ شريف آياسين، جو اديءَ کي اتي اسسٽنٽ ماسترياڻي جو عهدو مليو. بنهہ ٿورو وقت هن عهدي تي هئي. ان بعد جلد ئي هيڊ ماسترياڻي ٿي.

(9) هي ڳالهہ ياد ڪرڻ گهرجي تہ سيوهڻ شريف ۾ لعل شهباز قلندر جو تصرف نہ رڳو مسلمانن تي هو پر هندن تي بہ. هندو بہ سندس پريت وارا پڄاري هئا. ان ڪري هندن جي بہ سيوهڻ شريف ۾ ڪافي آدمشماري هئي، ۽ هيٺين محلن ۾ خاص ڪري هندو صاحب ساڪن هئا. جيئن، نڪرن جو محلو لالائن جو محلو قانوگن جو محلو ڪڏ، نٽ، نئين وغيره سو عرض پئي ڪيم تہ اديءَ جن جو زنانو اسڪول ديوان آيمتراءِ جي جاءِ ۾ شهر جي مٿئين مغربي طرف هوندو هو. يعني اسان جي گهر کان گهڻو پري. اسان جي گهر مسلمانن جون با پردي نياڻيون صبح جو اچي گڏ ٿينديون هيون. جي ولر ڪري ادي مرحومہ سان گڏ اسڪول وينديون هيون. امڙ صبح جو ادي جي نيرن جو ڏاڍو خيال ڪندي هئي. سيوهڻ جي گرمي مشهور. توبہ توبہ، جيئن ڪانءَ جي اک پيئي نڪري. ان وقت ادي جو باپردي اچڻ ۽ وڃڻ وڏي آزمائش هئي. پر تمام وڏيءَ ڪاميابي سان ان آزمائش ۾ پار ٿي.

(10) اديءَ جي اسڪول جي اردگرد هندو ديوانن جا گهر هئا. اديءَ جي منيءَ طبع ڪري سندس هندو ساهيڙيون بہ ججهيون هيون. جن مان ديوان عالمر چند جي ٻن نياڻين، ديوي گوپي ۽ دادي ڀاڳيءَ ۽ انهن جي ماروٽ دادي رامي جا نالا پيش آهن. شادي شده هوس. هي داديون اسان جي گهر اينديون هيون تہ رامچند ۽ گوپچند جا نالا سر سان وٺي، مان ادي مرحومہ کي پٽائيندو هوس، ۽ ادي واڪا ڪري چونديءِ هئي تہ "ادا هي ڇا آهي؟ اما، ادا کي سمجهايو." بس، امڙ جي تابناڪ رڙ نڪرندي هئي تہ "محبن! اهو ڇا آهي؟" ان بعد مان ماٺ ڪري ويهندو هوس. ڪهڙا نہ منا ڏينهن هئا هت مرحوم سيد حافظ شاهہ پرديسي حيدرآبادي جو حقيقت افروز نظم ننديءَ اوستا بابت ياد اچي ٿو. جڏهن مرحُوم حافظ شاهہ اهي سٽون رديف طور ڪم آڻي ٿو تہ "ڪهڙا نہ منڙا ڏينهڙا."

(11) ان وقت اديءَ مرحومہ کي هسٽريا جي بيماري ٿي ۽ ڪيس فائدو حڪيم

١ مرحوم الله خش بوبڪائيءَ ۽ ڊاڪٽر عبدالعزيز آخوند جي دوائن مان ٺيو. حڪيم صاحب جا پوسا تہ ڪيترا سال سانوڻي ۽ اونهاري ۾ ادي مرحومہ کي پيارينداهئاسين.

(12) هن در ناياب لاءِ گهڻن ئي سوداڙن گهر ڪئي. پر هي محترم مڪرم برادر عزيز من عبدالله خان چنا جي تاج لاءِ منظور هو ۽ انهن ٻنهي ادب جي شهپارن جي شادي خانہ آبادي 13 آگسٽ 1944ع ۾ ٿي. مون کي ياد آهي تہ معمول جي خلاف صبح جو نڪاح پڙهيو ويو ۽ ابر رحمت نيڪ شگوني جون علامتون ڪٽي وسي رهيا هئا. ان وقت ادا جن سيوهڻ جا ڊيپوٽي ڪليڪٽر هئا. ان ڪري سندن قيام مشهور سيوهڻ جي قلعي واري ڊاڪ بنگلي ۾ هو. مينهن اهڙو اوڙيڪ سان پيو جو مان اديءَ جن وٽ گوڏ سان، پير اگهاڙا، لٺ هٿن ۾ کڻي، ٽئي ڏينهن صبح جو مس پهتس. خير سان اديءَ مرحومہ کي 3 نياڻيون هڪ فرزند آهن. الله شال شاد ۽ آباد رکين، آمين! ماشاءَ الله سڀ ذهين ۽ هوشيار آهن وڏي نياڻي ڊاڪٽر نصرت بلوچ، ڪولچسٽر انگلينڊ ۾ اسپتال جي ڪنسلٽنٽ آهي، ٻي نياڻي سکر جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ انگريزيءَ جي ليڪچرار آهي، ٽيون نمبر پٽڙو شوڪت (جنهن کي اسين پيار وچان راجا چئون ٿا) فرسٽ ڪلاس ۾ انجنيري پاس ڪري آمريڪا روانو ٿي ويو آهي ۽ ننڍي نياڻي اجا ڊاڪٽري پڙهي پيئي ان فرزند ۾ ادي مرحومہ جو ساهہ هو جو گويا انڊن آڏو لٺ هو. آخر ۾ جڏهن سندس آمريڪا جي ويزا اچي ويئي تہ ادي مرحومہ جي طبع ڍرڪڻ شروع ڪيو. سندس وڃڻ بعد ويچاري راجا ولايت وڃڻ تان بان ڪري ڇڏي، پر سندس ڀينرن ۽ والد صاحب ۽ اسان ڪيس همت ڏياري، اديءَ مرحومہ جي چهلم بعد روانو ڪري رهيا آهيونس. شال رب سائين وڏائيس آمين!

(13) ادي مرحومہ پنهنجي ڀينرن ۽ ساهيڙين جو وڏو حلقو ڇڏي ويئي آهي. سندس چاليهو 15 آگسٽ تي ٿي گذريو. ان ۾ سندس متعلق فدائي ڀينرون، ساهيڙيون ۽ ساٿياڻيون، گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿي، لطيف سائينءَ جي آواز ۾ پڪاريندي رهيون تہ:

اڄ نہ اوطاقن ۾ سي طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين.
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

شال منو مولا منهنجي ياڳوند پيڻ کي مرهي. (آمين)

# ريڊيو حيدرآباد ۽ ادب

تازو جڏهن محترم سڪندر بلوچ ۽ ياءُ نصير مرزا مون وٽ هلي آيا ۽ ٻڌايائون تہ ريڊيو پاڪستان وارا گولڊن جوبلي جو جشن ملهائي رهيا آهن تہ مون کي اُهو ڏينهن ياد اچي ويو 14_آگسٽ 1947ع منهنجي چاچي اسان ننڍڙن کي ساڻ ڪري سڄي گهر جي ٻتين جا ٻتڻ هيٺ ڪرائي، ڏيئن ۾ ڏياتين جهڙو ڏينهن ڪرائي جشن ملهايو هو سڪندر ۽ نصير جڻ تہ نئين سر اڄ اسان سيني کان ٻتڻ هيٺ ڪرائي ڏيئن ۾ ڏياتين جهڙي روشني سان جشن ملهائي رهيا آهن، پر آءُ اُن ڏينهن کان پريشان آهيان، جو هنن چيو تہ ريڊيو حيدرآباد جي حوالي سان پنهنجي يادگيرن جي سفر سان هن سڄي جشن ۾ ڪي ڏيئا، ٻاريان ڪا ڏياتي، ڪا مشعل جهليان، جو آواز جي دنيا جا ڏوست بہ هن خوشيءَ ۾ شريڪ ٿين.

اندر ۾ روشني ٻاري اُن کي گهڻو وقت روشن رکڻ وڏي دل گُردي جو ڪم آهي، ڇا ڪاڻ تہ هر روشن دل ٻاڻ کي ٻاري ٻين جون دليون روشن رکندي آهي ۽ پوءِ ڪيس روشني وري ٻين دل وارن کان ملندي آهي. اهو سلسلو صدين کان جاري آهي.

اڄ اسان جڏهن ٻرڻ ۽ ٻارڻ واري تسلسل مان نڪري اهڙي هنڌ تي پهتا آهيون، جڏهن اندر ۾ نهاريون ٿا تہ ڪٿي بہ ڪو ڏيئو يا ڏياتي ٻرندي نظر نٿي اچي باقي دل جو دُود آهي جو دُکندو نظر اچي ٿو اُن ڇٽنگ کي وڏيڪ دُکائڻ ۽ ينيت باهہ بنائڻ لاءِ اُنهن جي روشني جي منارن ڏانهن واجهائڻو پوي ٿو جيڪي دل وارا هيا ۽ پنهنجي ٻاڻ کي ٻاري، ڪيترين ماڻهن ۽ ادارن جا اندر اُجاري ويا! ادبي ادارا هجن يا آواز جي دنيا جا امين اِهي ادرا هجن، انهن مٽيادار ماڻهن بزرگن ۽ مفڪرن جي ٻاريل روشن مشعلن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهن اسان جي يادگيرين جي ورقن تي انهن جا صرف نالا اُڪريل آهن، جن ادب کي اُجاريو ۽ هنن ادران کي سنواريو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد اهڙو ادارو

اهي، جنهن بنيادي طرح اهڙي فڪر جا ماڻهو آندا جن مٽيادار ماڻهو ميڙي پنهنجي دونهي دُکائي ۽ انهن جي مٽيا سان پنهنجو اڱڻ روشن رکيو.

ريڊيو پاڪستان سان لاڳاپيل احباب خود اهڙا جوهر شناس هئا جوهُو هن اداري کي روشن رکڻ لاءِ علم ۽ ادب جي سمنڊ ۾ ٽبيون هڻي ڪئين موتي ڳولي ڪڍي آيا، هن فن ۾ هنر جا صاحب ڪئين هيا: ذوالفقار بخاري جيڪو "زيڊ اي بخاري" جي نالي سان مشهور هو ۽ آل انڊيا ريڊيو ڇڏي ريڊيو پاڪستان جو پهريون ڊائريڪٽر جنرل ٿيو هن اداري جو جڙ تہ پڪو پختو بنياد وجهڻ وارو هو. مشهور ليکڪ ۽ آواز جو بادشاهہ پطرس بخاري سندس ڀاءُ هو اُن جو تخليقي فن ريڊئي جي لاءِ وڏو سرمايو آهي.

سي پوڄارا پُر ٿيا، سمنڊ سيويو جن،
آندائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لعلون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، ملهہ مهانگو اُن جو.
(شاهہ)

جڏهن 1955ع ۾ اُن وقت جي وفاقي وزيراطلاعات ۽ نشريات پير علي محمد شاهہ راشديءَ ذاتي توجهہ ۽ تحريڪ سان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي وجود ۾ آيو تہ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان هنن کي اڱڻ اُجارڻو هو.

سنڌ جي تاريخ جو پنهنجو پس منظر آهي.اُن جي ٻوليءَ جي پنهنجي سواد ۽ ميناج آهي.سنڌ پنهنجي تاريخ جي تهذيب، ٻولي ثقافت، ۽ موسيقيءَ جي سگهہ سان صدين کان وٺي عام ۽ خاص جي دلين تي راڄ ڪندڙ هڪ قوت آهي جنهن کي نزاڪت ۽ نفاست سان آواز جي لهرن وسيلي ورجائڻ ڪو سولو ڪم نہ هو ريڊيو حيدرآباد هڪ ڪلوواٽ جي ٽرانسميٽر سان، هومستيڊهال جهڙي عام ۽ ننڍڙي عمارت ۾ قائم ٿيو.مختصر عمارت، مختصر سامان. ۽ مختصر ماڻهوا پر انهن مختصر ماڻهن منڊل مچائي ڇڏيا. ذوق سليم وارا ماڻهون ڇڪجي آيا. نوجوانن جا ميڙ لڳي ويا. آڊيشن پيا ٿين، راڳي پيا راڳ ڳائين، مشاعرن جا منڊل پيا ٿين، ناٽڪ نويس پنهنجي ناٽڪن ۽ ڪردارن سان گڏ سڄي سنڌ کي سنوارڻ جو عزم ڪيو پيا اچن مقرر پنهنجي تقريرن وسيلي پنهنجي ڏاهپ جا نقطا پيا بيان ڪن، ٻارڙا پيا گيت ڳائن، ٻارڙن ۽ عورتن جا الڳ پروگرام پيا ٿين. پر انهيءَ سڄي سلسلي کي سنوارڻ ۽

ڳنڍڻ لاءِ ڪيترن ئي ڊائريڪٽرن، پروگرام پروڊيوسرن، ڊيوٽي آفيسرن ۽ انجنئرن ڏينهن رات محنت ڪئي.

1962 ع ۾ موجود نئين عمارت ۾ حيدرآباد ريڊيو وارا لڏي پلاڻي آيا. 1971ع ۾ 120 ڪلو واٽ جو هاءِ پاور ٽرانسميٽر لڳو ۽ ٻه چينل ٿيا. شروع کان وٺي ريڊيو جا ڊائريڪٽر سجاد حيدر، حميد نسيم، ايم بي، انصاري، اي ايم چاڳلا، الياس عشقي، عنايت بلوچ، بدرعالم، آغا سليم، شڪيل فاروقي ۽ ٻيا انهيءَ ڪوشش ۾ رڌل رهيا ته مٺيادار ماڻهو مڙن ۽ ميلومچي، ڪيترا نوجوان پروڊيوسرن جي صورت ۾ ايندا ويا، پير اسحاق سرهندي، الله بخش شاهه، مصطفيٰ قريشي، سڪندر بلوچ، انور بلوچ، ممتاز مرزا، سرور بلوچ، عبدالڪريم بلوچ ۽ ٻيا ڪيترا.

سنڌي ادب ۽ تحقيق جي حوالي سان هن اداري، هوا جي لهرن تي جيڪي ڪجهه ڏنو اُهو سمورو مواد جي گڏ ڪجي ته هزارين ڪتاب نهي سگهن ٿا ۽ ڪوڙين ڪاپائون بدلجي سگهن ٿيون.

هومستيڊ هال ۾ هڪ نئون تجربو ڪيو ويو ته سنڌي شاعريءَ جي بنيادي ۽ اهم صنف "ڪافي" جو مشاعرو ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي معروف ڪافي گو شاعرن ريڊيو وسيلي نه رڳو پنهنجون ڪافيون پيش ڪيون، پر مشهور ڳائڻن اُن کي ڳايو به.

جهڙي طرح شاهه ۽ سچل کي ماڻهن ڳايو ۽ اهي صوفي بزرگ هر ڪچهريءَ جي جان هئا تهڙيءَ طرح حيدرآباد ريڊيو اسان جي سمورن صوفي بزرگن ۽ شاعرن جي ڪلامن سان هرڀنڊڙ جي اندر کي روشن رکيو. شاهه سچل، سامي، ميون شاهه عنايت، بيدل، بيڪس، روحل، دريا خان مصري شاهه، صديق فقير، منٺار فقير، شاهه نصير، خوش خير محمد، نانڪ يوسف، فقير ولي محمد لغاري، زمان شاهه، رکيل شاهه ۽ سرائيڪي شاعرن ٻلي شاهه، خواجه فريد ۽ ٻين صوفي فڪر جي ڪلامن کي عام ڪيو

شاهه سائينءَ جي هيءَ وائيءَ ڏسو:

چوري چڏ ۾ چپرين، ٻاروچل ٻانهي!
جانب جهڙو جڳ ۾ ناهي ڪوٺاني،
پنهل نيو پاڻ سان پورهيت پرتياڻي،
پورهيو ڪنديس پرلئه، پرينديس پاڻي،
هوت مَ چڏيو هيڪلي هيءَ جا وندر وڪاڻي،
اديون عبداللطيف چئي ايندم آرياڻي.

سچل سائينءَ جو"دل ڪر درخت جي دستور" هجي يافقير خوش خير محمد جو سنيهو

رخُ رانجهن ماهہ مُنير هويا،
ساڏا دمَ دمَ ساهہ سُڏير هويا.

خواجہ غلام فريد "ميڏا عشق وي تون"هجي يا بُلهي شاهہ جوڪلام هجي، سنڌ جي شاعرن انهيءَ ڪافي، وائي، بيتَ ۽ غزل جي تسلسل کي قائم رکيو تمامي مهراڻ هجي، ماهوار روح رهاڻ هجي، ماهوار فردوس هجي، ماهوار مارئي هجي يا ٻيا ادبي رسالا هجن، پنهنجي فڪر ۽ فن کي سنياليو پئي آيا.

ريڊيو حيدرآباد هڪ اهڙو پليٽ فارم بڻيو جت هنن پاڻ اچي شعر ٻڌايا ۽ فنڪارن سندن شعر ڳايا. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، محمد خان غني، سرشار عقيلي، سيد منظوري نقوي، شيخ عبد الحليم جوش، مرزا گل حسن"احسن" ڪربلائي، مرزا اجمل بيگ، مرزا اسد بيگ، زيب عاقلي، "بيخود"حسيني، شبير"هاتف"، نياز همايوني، تنوير عباسي، بلاول پرديسي، علي محمد مجروح، رشيد احمد لاشاري، مظفر حسين"جوش" عبدالله خواب، شمشير الحيدري، نُور شاهين، عبدالقيوم صائب، امداد حسيني، پروانو ڀٽي، مرتضىٰ ڏاڏاهي، وغيره. مخدوم طالب المولىٰ جڏهن ريڊيو جي مشاعريءَ ۾ هيءَ شعر ٿو پڙهي تہ ريڊيو تي سندس گونجندڙ آواز سان چوڌاري بهار جو سمو پيدا ٿي پوي ٿو

رهي ٿي ڪانہ دلبر يار يڪتائي ٻيائي ۾،
جدائي ٻن پوي، ملندي حقيقت هيڪڙائي ۾،
سچڻ چوڏهينءَ جي آهي چنڊ کان برتر خدا جو سنهن،
ٻڌائي ڪو پلا ٿيندي ڪڏهن اوندهہ سهائي ۾.

اُنهن فنڪارن کي بہ ڪيئن ٿو وساري سگهجي جن سنڌي شاعريءَ کي دوام بخشيو. ماسٽر محمد ابراهيم، محمد جمن، استاد منظورعلي خان، ناروپيگت، سُشيلا مهتاڻي، فقير عبدالغفور فقير امير بخش، روبينہ، زرينہ، فقير يار علي، صادق علي، ـ نگهار سليم، نور بانو مائي ڀاڳي، موهن ڀڳت، حسين بخش خادم، عابده پروين، منو ڪڇي، ڍول فقير، علڻ فقير، محمد يوسف، سهراب فقير، وحيد علي ۽ ٻيا. ان طرح خمنسي خان، مصري خان جمالي، اقبال جوڳي، بلاول بيلجم، منا خان زرداري، ميرمحمد لنڊ، غلام

نبيءَ عبداللطيف، فيروز گل، استاد نياز حسين ۽ ٻين ٻہ سازن ۽ سُرن سان سنڌي شاعريءَ ۽ موسيقي کي وڏي جلا بخشي.

جن مفڪرن ۽ مقررن پنهنجي فڪر و نظر سان سيني جي دلين ۾ محبت ۽ پيار جو درد ڏکايو انهن مان ڪي هيءُ آهن: مخدوم اميراحمد، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پير حسام الدين راشدي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مولاناغلام محمد گرامي، محترم عبدالله چنا، بيگم زينت چنا پروفيسر محبوب علي چنا، ڊاڪٽر نبي بخشُ قاضِي، عبدالعلي قلباڻي، ڊاڪٽر حميده کهڙو محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ علي محمد، قاضي عبدالمجيد عابد، ڊاڪٽر عبدالجبارجوڻيجو ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر محمد علي قاضي، ميرمحمد نظاماڻي، علي نواز جتوئي، محرم خان، مير محمد پيرو معمور يوسفاڻي، محمد سومار شيخ، ڊاڪٽر گل حسن لغاري شيخ محمد اسماعيل، محمد ڪاشف، پرواني پيٽي، پيرزو فقير ڪنير ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شخصيتون.

سنڌي ادب جو وڏو حصو ڪهاڻيءَ ڊرامي سان پريل آهي، سنڌي ڪهاڻيءَ جي اُنهن محفلن ۾ مان بہ شريڪ ٿيو هوس. جڏهن ڪهاڻي پڙهي ويندي هئي تہ دوست راءِ بہ ڏيندا هئا. مون پنهنجي "سمند ۽ مان ڪهاڻي 1963ع ۾ پڙهي، جا بعد ۾"مهراڻ ۾ شايع ٿي هئي. مونکي ڪي ادبي ڪچهريون ياد آهن، جن ۾ عبدالغفور انصاري، ع.ق.شيخ، مقبول پٿي، نجم عباسي، مُراد علي مرزا، ممتاز مرزا، علي بابا، قاضي خادم، مقبول صديقي، عبدالقادر جوڻيجي ۽ ٻين دوستن کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي نئين سماجي رُخ کي روان دوان ڪندي ڏٺم ۽ ٻڌم ادبي پروگرامن ۾ ڪيترا دوست گڏ ٿي ڪهاڻيون ۽ شعر پڙهندا هئا.

ريڊيائي ڊرامو هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن تي لکڻ ڪوسولو نہ هيو۽ وري ريڊيوجي پاليسي مطابق لکڻ ليکڪن لاءِ وڏو مونجهارو رهيو.جيئن تہ هيءَ صنف تمام جلد مقبول ٿي ويئي، چاڪاڻ تہ ڀهريائين ترجما پيش ڪيا ويا.سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين، شاهہ سائين جي سورمين جي ڪردارن کي ڊرامي ۽ تمثيل جي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو.عمر مارئي، سورٺ راءِ ڏياچ، مومل راڻو نوري ڄام تماچيءَ ٻيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون هيون، جن کي ريڊيائي ڊرامي جي صورت ۾ آئي ڪيترن ليکڪن ڀاڻ ملهايو.

سنڌي ڊارمي جي واڌاري لاءِ پهريون دفعو حيدرآباد ريڊيو تي ٽن ڏينهن ۾ ڊئريڪٽر محترم سجاد حيدر جي سربراهيءَ ۾ هڪ گروپ قائم ڪيو ويو جيڪو هر هفتي ڀاڻ ۾ ملندو هو۽ هرليڪ پنهنجو ڊرامو ڪٽي اچي پڙهندو هو. انهن گڏجاڻين کي آرگنائيز ڪرڻ ۾ آغا سليم جو وڏو هٿ هو. پهرين گڏجاڻي ۾

مون پنهنجو ڊرامو”طوفان ۾ رات“پڙهيو جيڪو سجاد صاحب کي تمام گهڻو وڻيو ۽ آغا سليم پڻي نپري، جڏهن نشر ٿيو ته مون کي نه وڻيو جو سنڌي ڊرامي جي وقت گهٽائڻ ڪري مٿس قينچي هلي هُئي، جيتوڻيڪ اُهو ٻڌندڙن کي يا ريڊيو وارن کي ايترو نه وڻيو هوجو ڪي ورهيه مسلسل پيش ٿيندو رهيو. ”طوفان ۾ رات“ سائين گرامي صاحب ٿماهي ”مهراڻ“ ۾ ڇاپيو بي گڏجاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل پنهنجي جاسوسي ڪهاڻي ”فُيل پا“ کي ڊرامائي شڪل ڏئي پيش ڪيو هو منظور نقوي، آغا سليم، قاضي خادم ۽ ٻين دوستن جي ڊرامن پيش ٿيڻ کان پوءِ سجاد صاحب جي بدلي ٿيڻ سان هيءُ سلسلو به ختم ٿي ويو. اسڪٽس يا ننڍن ڊرامن جو هفتيوار سلسلو ”گلدستو“ پروگرام وسيلي شروع ٿيو.جنهن پروگرام ۾ ڪيترن دوستن ۾ اسان ننڍڙا ڊراما اسڪٽس جي صورت ۾ لکيا. سنڌي ڊرامي ترقي ڪئي ته سيريل به پيش ٿيا.

ڊراما ليکڪن جا ڪجھ نالا، جيڪي هينئر دل تي تري آيا اٿم، اُهي ڪجھ هيئن آهن. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، ابن الياس سومرو سيد منظور نقوي، ايم. بي. انصاري، محمد اسماعيل، ابن واصف، رشيد احمد لاشاري، عبدالڪريم بلوچ، آغا سليم، غلام حيدر صديقي، زيب عاقلي، امر جليل، علي بابا، ممتازمرزا، قاضي خادم، ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور، عبدالقادر جوڻيجو منظور قريشي، شوڪت شورو گل زمان قاضي، فيروزالدين احساس، رهبريٽي، امداد حسيني، نور گهلو، سيد ماڪن شاھ رضوي، مشتاق چنگيزي، هي خاڪسار ۽ ڪجھ ٻيا.

ڪراچيءَ تان نشر ٿيل سنڌي ڊرامن جا ڪجھ ليکڪ هيءُ هيا: امام بخش نياز، حبيب الله، عبدالڪريم شاد، خديجہ چاڳلا، عبداللطيف عباسي ۽ ٻيا.

حيدرآباد تان جن پروڊيوسرن ڊرامن جي سرپرستي ڪئي ۽ محنت ڪري سٺا ڊراما پيش ڪيا. سي هيا: آغاسليم، زيب عاقلي. ايم. بي. انصاري، الياس عشقي، الله بخش شاھ بخاري، منظورنقوي، مصطفيٰ قريشي، عبدالڪريم بلوچ، پيراسحاق سرهندي، سڪندر بلوچ، سرور بلوچ، انور بلوچ، مراد علي مرزا، ممتازمرزا، ابراهيم شيخ، زاهد قلباڻي، گل حسن قريشي، جهانگير قريشي ۽ ٻيا.

هتي احمد علي چاڳلا جي ڊرامي ”خوني“ جو ذڪر نه ڪرڻ ناانصافي ٿيندي، هيءُ اسٽيج ڊرامو هو پر 1960ع ۾ ريڊيو طرفان ايم. بي.انصاري پروڊيوس ڪيو ۽ گورنمينٽ ڪاليج ڦليلي جي اسٽيج تي آندو ويو.اُن ۾ جن صداڪارن حصو ورتو اُهي صداڪاريءَ جي دنيا ۾ اُن وقت وڏا نالا هيا: نسيم مغل، نصرت چنا، روبينه، سيما، ايم بي، انصاري، مصطفيٰ قريشي، سيد صالح

محمد شاهہ مشتاق مغل، عبدالحق ابڙو قربان جيلاني ۽ ڪامران پٺي، اڳتي هلي صداڪاريءَ ۾ هڪ اهم نالو اُڀريو اُهو هو مهتاب چنا جو نالو. جنهن نہ رڳو ڊرامن ۾ صداڪاري ڪئي. پر خاص طرح ٻارڙن جي پروگرامن ۾ حصو وٺي پنهنجو نالو موڪيو. مهتاب چنا ڪمپيئرنگ ۾ جنهن طرح پنهنجو نالو روشن ڪيو اُهو آواز ۽ ٽي وي جي دنيا جو وڏو نالو ٿي اُڀريو.

حيدرآباد ريڊيو جا اُهي پروگرام ڪيئن وسرندا، جيڪي ادبي ۽ لوڪ پسند حيثيت رکندا هئا : "جهڙا گل گلاب جا "، "گلدستو"، "نئون سج"، وغيره.

صالح محمد شاهہ ( فتح خان) جي ڳوناٺي ڪچهريءَ ۾ ڏاهپ جا نقطا وسارڻ جهڙا نہ آهن سندس بزرگيءَ وارا انداز ڪيترا نوجوان ۽ پوڙها اڄ بہ اُن وانگر ڳالهائيندا آهن. ان طرح سندس ساٿي "گنهور خان " (عبدالڪريم بلوچ)جو ڪردار بہ وسارڻ جهڙو ڪونہ آهي. لطيف سرڪار جي ڪلام ڪي تحت اللفظ پڙهڻ جو انداز سندس شاہ سائينءَ سان عقيدت منديءَ جو وڏو اظهار هو.

اڄ بہ ادبي پروگرامن جو سلسلو جاري آهي، جنهن جي پيشڪش ۾ بہ وڏي نواڻ آهي. ان سلسلي ۾ نصير مرزا رات ڏينهن جي اٽڪ جاکوڙ سان سڄيءَ سنڌ ۾ پنهنجي معيار جي هڪ خاص مڃتا حاصل ڪري چڪو آهي، ان طرح سندس همعصر گل حسن قريشي، ڪوثر برڙو علي نواز خاصخيلي، الاهي بخش ٻانيڻ ۽ ٻيا بہ پنهنجو پاڻ پتوڙين پيا هيءُ ريڊيو ادب جو نہ ختم ٿيندڙ سلسلو آهي، جيڪو اصل ۾ تخليق جو سفر آهي، خيالن ۽ هوائن جو نہ ختم ٿيندڙ سفر آهي، جيڪو ازل کان ابد تائين بہ جاري ۽ ساري آهي، هيءُ هيو انهن جوڳيئڙن جي سفر جو مختصر احوال ۽ ٻري جن ٻاري، جي نہ ختم ٿيندڙ ڪهاڻي.

نوري ۽ ناريَ، جو ڳيئڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاريَ، آءُ نہ جيئندي ان وريَ

اِهي شخصيتون اڄ بہ اُنهن ادارن جي ايوانن ڪي روشن ڪيون بيٺيون آهن جن ڪي ياد ڪرڻ سان اڄ منهنجي اندر ۾ بہ جشن جو سمان پيدا ٿيو آهي، ڪيئن ئي ڏيئا ڏياتيون ٻري پيون آهن، مشعالون قطارون ڪري سفر پيون ڪن. خاص طرح ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وارن ڪي منهنجي طرفان لک لک مبارڪون هجن، اُن سان گڏ آواز جي دنيا جا دوستو! اوهان ڪي بہ خوشيون مبارڪ هجن، شال اوهان جو اندر نہ وسرندڙ يادگيرين جي روشنيءَ سان منور رهي.

❊

## ڏورڻ گهٽو ڏاکڙو

### محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون ڳالهيون

ياد گيرين جي اَنبوهہ مان ڪي يادگيريون پاڻ ڪڏندي ٽپندي نڪري ايندي آهن ۽ وڏي لاڏ ڪوڏ سان چونديون آهن تہ هاڻ اسان جو وارو آهي. ڪهڙي يادگيري ماضيءَ جي سُنن ڏينهن سان وابستہ آهي، جيڪا مون کي هنن ڏنين جي ڏينهن کان ڪجهہ گهڙيون پناهہ ڏئي سگهي ٿي. اُها منهنجي خاص چونڊ هوندي آهي جو اُها مون کي سڪون ڏيندڙ بہ هوندي آهي ۽ مان لکڻ لڳندو آهيان.

ورهين کان سانديل هيءَ ڪچو گهر ۽ سندس پناهہ گاهہ اوچي. شايد هيءَ گهر ۽ پناهہ گاهہ هن شهر جي لاءِ يادگار اهڃاڻ بہ آهي ڇو جو اُن ديوار تي هڪ اهڙي تختي لڳل آهي جنهن تي هڪ تاريخي جملو لکيل آهي:

”اي اکين وارؤ عبرت حاصل ڪريو.“ هيءَ مون اُن وقت پڙهيو جڏهن مان اجا ڇوڪراٽي وهي مان ٻاهر نہ نڪتو هئس. وڏڙن سان گڏ پنهنجي سهڻي شهر جي اُنهي رستي سان لانگهائو ٿيندو هئس جڏهن شام جا پاڇا اُنهي وڏي جاءِ ۽ پناهہ گاهہ تي پوندا هئا، مان اُن هنڌ بيهي اُتي تختي کي تڪيندو هئس. هڪ ڏينهن پنهنجي هڪ وڏڙي کان پڇي ويٺس تہ انهن اکرن جي معنيٰ ڇا آهي، هن هلندي ٻڌايو تہ اتي ڏيپلائي لائبريري آهي، جيڪا سندس اخبار عبرت جي نالي سڏبي آهي. هُن جملي جي معنيٰ بہ ٻڌائي. مان ڪي ڏينهن اُن جملي تي غور ڪندو رهيس. ڪتابن جي شوق ۾ مان اُن جاءِ ۾ لنگهي ويس هن ديوار پويان هڪ ڪمرو هو جنهن ۾ ٻہ- ٽي ڪبٽ ڪتابن جا رکيل هئا، اُتي هڪ نوجوان ويٺو هو جنهن ٻڌايو تہ ”هيءَ هڪ انقلابي اديب محمد عثمان ڏيپلائي جي نانءَ ۽ سندس ڪتابن ۽ تحريرن تي مشتمل لائبريري آهي، جي پڙهين تہ ڏيانءِ.“

هن مون کان خرچي وارو آنو ورتو ۽ ڪتاب ڏنائين. ائين مون کي اُهي ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليا جن منهنجي سوچ ۾ گهرائي ۽ گيرائي آندي، ڪيترين آنکيون پريم، اهو ياد نہ اٿم پر انقلابي ادب پڙهڻ لاءِ ڪي

آنکيون بہ پرٽيون پونديون، اها ڄاڻ نہ هئم.

اڄ جڏهن تڪا ڏئي، ان ڏئي پڙهياسين تہ آنکيون تہ پرٽيون هيون، انهن اديبن جيڪي اياز چواڻي: ”پنهنجو نور نچوئي ويا“ لاءِ سوين تڪا ڏجن آنکيون پرجن تہ بہ ٿورو آهي. هي اديب اُهي هئا جيڪي خاڪشوري جو پورهيو ڪندي لکڻ پڙهڻ سان جيءُ جڙي ادب جا پيغامبر بڻيا. سنڌ ڌرتي اڻ ميا اهڙا ليکڪ، مفڪر ۽ دانشور پيدا ڪيا، جن جي ڏنل خزاني کي سانڍيندي اسان پونئرن جا وجي ڪي حال ٿيا آهن. نہ اُنهن اسان کي وٽواند ڇڏيو نہ اسين کين ڇڏڻ يا وسارڻ لاءِ تيار آهيون. پلا محمد عثمان ڏيپلائي جهڙن عام ماڻهو مان نسرندڙ گُل گونچ ڪيڻ واري هن هستي کي ڪير وساري سگهي ٿو. يا محمد عثمان ڏيپلائي جي فڪر کي ڪير مات ڏئي سگهي ٿو. مون چوڪراڻي وهي کان ساڻس ۽ سندس لکڻين سان جيئري تہ گڏ گذاريو باقي ’مرڻ ناهي مون وس‘ يا ’مُئي کان پوءِ سج اُپري يا نہ‘ ڇا چئجي، تنهنڪري ’جيئري جيڪي ڪجھ ڪجاءِ‘ وانگر ڏيپلائي صاحب جون ڪيتريون ڳالهيون مون مور نہ وساريون.

ڏيپلائي صاحب پنهنجي دور جو هڪ ويڙهاڪ ليکڪ هو. هُو پنهنجي لکڻين وسيلي ڪڏهن پيرن، وڏيرن ۽ راجائن مهاراجائن سان جنگ جوٽيندي رياستي ڏاڍ ڏمر خلاف اُٿي بيهي ٿو تہ ڪئين پيرا جيل ۾ وڃي ٿو. مون هن کي هڪ جلوس جي قيادت ڪندي ڏٺو. هو متي اُگهاڙي ڪوڪر محلي کان منهنجي وڪالت واري آفيس ۽ زينت پريس مان بين اديبن اديبائن جي رهبري ڪندي نمودار ٿي اڳتي هلي ٿو ۽ ڪوهہ نور سينما وٽان جلوس جي اڳواڻي ڪندي هومسٽيڊ هال واري چاڙهي چڙهي قلعي جي داخلي دروازي کان اندر داخل ٿئي ٿو. ساڻس گڏ بيگم زينت چنا، زرينہ بلوچ، تنوير عباسي، پروانو ڀٽي، امداد حسيني، گرامي ۽ ٻيا سوين اديب گڏ هئا، جيڪي شيخ اياز پليجي، رشيد ڀٽي، حفيظ قريشي ۽ ٻين جي آزادي لاءِ نعرا هڻي رهيا هئا. هي وڏو تاريخي جلوس هو جنهن اينٽي ون يونٽ جو اديبن، شاعرن، مفڪرن ۽ دانشورن جو وڏو محاذ کولي وڌو هو. هيءُ جلوس سنڌ جي عظيم ويڙهاڪ سپہ سالار هوشو جي قبر تي سلامي پري جنگ جوٽڻ جو وچن ڪرڻ آيو هو.

ڏيپلائي صاحب جي طبيعت ۾ هميشہ هڪ عجيب جولان رهيو جنهن تحت هو سڄي عمر مات ڪري نہ وينو سندس من پسند ڪردار بہ هڪ سنڌ جو سپوت

شهيد اعظم جنهن سنڌ جي تاريخ جا ڪئين ورق اهلائي ڇڏيا، هو جنهن انگريزن کي ٽوٽا چبرائي ڇڏيا. ڏيپلائي صاحب هن بلندپايه ڪردار پير صاحب پاڳاري جي شهادت عظميٰ کي "سانگهڙ" ناول ۾ سَون حُر مجاهدن سان سموئي هڪ تاريخي معرڪو سرانجام ڏنو. مون کي ته ائين لڳندو آهي جڻ ته ڏيپلائي صاحب پاڻ هڪ حُر جيان ميدانِ جنگ ۾ وڙهي پيو ۽ تاريخ ۾ هو اَمر ٿي ويو آهي.

هيءُ ادبي مجاهد، جڏهن "شيخ المشائخ" لکي ٿو ته: سندس ويڙهاڪ جندڙي وَرُ وَرُ جاڳي اُٿي ٿي. هو وري وري جيل جيل پيو ڪري مون ڪيس جيل ويندڙن لاءِ اَڻ ميو پيار ڏنو جڏهن سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر حسن علي عبدالرحمان تي ون يونٽي ڪمشنر واري سرڪار ڏمري هئي، شاگردن جا هٽي مٿا ڦاڙي وڏا هٿائون، "روح رهاڻ" ۾ ڏيپلائي صاحب جا رسالا مات ڪري نه وينا هئا. رسول بخش پليجي جي مشهور ڪهاڻي "اور گولي چل گئي" ڇپجي چڪي هئي. مٿي چچريل پوٽ سجيل پند وارن سان هي جيئرا ساهه جيڪي واڙيا ويا هئا تڏهن مان پليجي صاحب سان گڏ سندن وڪيل هئس، ڏيپلائي صاحب مون سان حال احوال اوربندي اياز جون هيءُ سٽون آلاپيون:

سنڌڙي تنهنجي سينڌ ڏسي
رات پٽائي گهوٽ رُنو

پوءِ هُن هي بيت به جهونگاريو هو:

اوري اُڄ ته اُگهان، ڳوڙها تنهنجي ڳل تان
ڪيڏا ويل وَهي ويا، تنهنجي ٻچڙن سان
ڏرتي ماءُ! متان، پٽي پاراتو ڏئين!

ان وقت ڪيس ڳوڙها ڳاڙيندي ڏنو هو. هو بهادر شخص سنڌ جي نوجوان نسل جي نسل ڪشي ۽ بي حرمتي تي صدبار افسوس ڪندو هو. شيخ اياز جي حيدرآباد نيڪالي واري قدم خلاف هُن به لکيو هو. سندس اهڙا خط روح رهاڻ ۾ پڻ ڇپيا جيڪي سندس طبيعت ۾ جوش ۽ جولان واري طوفان جو اظهار هو. اُن وقت به هن اياز جي هيءَ وائي جهونگاري هئي، وائي جا ڪجهه بند هت ڏجن ٿا:

جي پنهنجو نور نچوئي ويا ۽ تنهنجي جوت جلائي ويا،
سي لڙڪ مٽي ۾ لوئي ويا پر ڇا ڇا موتي پائي ويا!
سي وڻ وڻ لوڏي واءُ ٿيا، سي پَن پَن ۾ پڙلاءُ ٿيا،
جي بن بن بين وڄائي ويا، جي تن من واري ڳائي ويا،

مون ڏرتي! تنهنجا ڏگ ڏنا، مون تن جا لويل لگ ڏنا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني، سي وارا وير وڃائي ويا.

هيءَ طويل غزل ڏيپلائي صاحب جي ويڙهاڪ ۽ مزاحمتي اديب ۽ مفڪر هجڻ جو چٽو ثبوت آهي.

ڏيپلائي صاحب اياز جي هن غزل ۽ سراج جي ٻولي واري مضمون جي ساراهه ۽ روح رهاڻ جي انقلابي ڪردار متعلق مون ڏانهن هڪ خط لکيو جيڪو مارچ 1968ع واري پرچي ۾ ڇپيو. هن اهو غزل شيخ عبدالمجيد سنڌي کي ڏيکاريو هو. سنڌس ٻيو خط هن غزل بابت ۽ جنائي خان جي بدڙي تي لکيل خط اهي ڏيپلائي صاحب جي قلم کان ڪير بچي سگهي ٿو سنڌس ڪيترن ادبي محاذن تي ڪليل جنگ هڪ ڏانوَ آهي، جيڪو مزاحمتي سنڌي ادب جي تاريخ جو وڏو ياڳو والاري ٿو.

مون کيس ويڙهاڪ اديبن پروفيسرن، اُستادن جي جيل واري لاري سان گڏ هلندي ڏٺو پوءِ ڪورٽ مان واپسي ۾ هن لاري کي پريس وٽ بيهاري ڇڏيو ۽ هن اسان الزام هيٺ آيل بنگلہ ديشي قيدين ۽ پوليس وارن کي چانهه پياري هئي، تڏهن به سنڌس غصي ۽ ڪاوڙ وچان چهرو ڳاڙهو رتول هو. هيءَ محمد عثمان ڪو ٻيو تي لڳو. ان محمد عثمان جي کهڙي ڳالهه ڪجي جنهن "عبرت" ۽ "انسان" جهڙا رسالا ڪڍيا، جن ۾ هن سماجي انصاف ۽ سياسي مسئلن تي دل کولي لکيو هن انصاف ۽ ڪورٽن کي موضوع بڻائي لکيو تہ سنڌس ڪيتريون ڪهاڻيون جُلهہ ڪندڙ هيون ۽ اُنهن رڻ ٻاري ڏنو. ڏيپلائي صاحب جو دور ادب ۾ ڪرب و بلا جو دور ليکبو آهي. سنڌس ون يونٽ وارو تحريڪي دور سنڌ جي نوجوانن جي روح کي جهنجهوڙي وڌو.

هو پاڻ بہ نوجوان ٿي پيو مون کيس جشن روح رهاڻ ۾ اسٽيج تي گجندي ڏٺو. مون کيس هميشہ اهي معرڪا کلندي ماريندي ڏٺا. مون سنڌس چهري تي اُن وقت هڪ اهڙي اطمينان ڏيندڙ روشني ڏٺي جڏهن هن جو ڊرامو "شاهدي" ناٽڪ صدي جي ملهائڻ ويل اسٽيج تي پيش ٿيو. هو بيماري سبب هيٺو ۽ ڪمزور هوندي بہ هشاش بشاش ٿيو وينو هو. محمد علي ڏيپلائي سنڌس ڊرامي جي وڊيو ناهي هئي. هن مون کي سڏي ڀاڪر پاتو ۽ چُمي ڏني ڇاڪاڻ جو کيس خبر هئي تہ هنن ڇهن ناٽڪن کي اسٽيج تي آڻي ناٽڪ صدي ملهائڻ جو ٻين دوستن سان گڏ مرڪزي ڪردار مان بہ هيس. هن

خيال ڪي جوڙڻ وارو ۽ شڪل ڏيڻ وارو عبدالله ميمڻ صاحب ان وقت جو ڪمشنر حيدرآباد هو. هڪ ليکڪ هڪ ڊرامہ نويس جا ڪردار جاڳي اُٿيا هئا. هو سندس سامهون بيٺا هئا، ڏيپلائي صاحب جڏهن منهنجي ڪم مان خوش ٿيندو هو تہ سڏي جوش جذبي وچان انعام ۽ شاباس طور مِٺي ڏئي ڇڏيندو هو. اڄ سندس جهڙا باغ بهار ماڻهو ولولي ۽ جذبي وارا ماڻهو ڪاٿي ٿا گهٽجو جيئرا رهن يا ڪين زماني جون لُڪون ۽ جهڪون جيئرو رهڻ ڏين.

بردي، گرامي، گدائي، نياز، اياز جي لڏي جو هيءُ مسافر اسان سان ڪيئن "جيءُ اڙايم جتن سين" وانگيان اچي گڏيو ۽ پوءِ هلندي هلندي اسان کي جيئدان ڏئي پنهنجي واٽ وٺي رَمندو رهيو. اڄ مون کي ان موقعي تي گدائي جي نظم جو هيءُ بند ياد اچي ٿو جڏهن مان پاڻ کي اڪيلو پيو پانيان، سٿن جا سٿ ڪي لڏي ويا ڪي ڇڏي ويا. چوڏاري ڏيپلائيءَ جي ديس ۾ ماٺ آهي:

اي همسفرو آواز تہ ڏيو
هن ماٺ ۾ دل گهبرائي ٿي
هيءُ ماٺ انڌيري ڪائي ٿي
اي همسفرو ڪجھ ڳالهايو
اڄ ڌرتي ماءُ پڪاري ٿي.

شهرن جا شهر اِها ماٺ اونداهي ڳڙڪائي وئي آ.

اُهي عبرت جي نگاھ جو سبق ۽ هدايت ڏيندڙ ديوارون پُري ڌري پٽ پئجي چڪيون آهن. ڪاڏي ويون اُهي ڏيپلائي صاحب واريون محرڪ لائبريريون! اڄ ڪتاب پنهنجي پناھ گاهن کان محروم آهن، باب العلم جا دروازا بند ٿي چڪا آهن، جيڪا علم جي صدا ٿر جي ريگستان ۾ گونجي هئي، ڏيپلائي صاحب جهڙي شخص اها صدا هنئي هئي، انهي اُميد تي شايد اڳتي هلي ٻڌجي ۽ سڻجي چاڪاڻ تہ هن سڄي زندگي ويڙهاڪ جيان گذاري ۽ اُميد جي لاٽ سندس رهبري ڪئي پر هو سنڌ جي لاءِ دعاگو رهيو. گدائي وانگر:

سمون ڪو اهڙو اچي، اهڙو اهتمام ٿئي
الاهي رسم محبت جهان ۾ عام ٿئي
سين دلين ۾ هجي شل نفاق کان نفرت
هميشہ امن و محبت جو احترام ٿئي

اڄ سنڌ هڪ ٻئي ڏيپلائيءَ لاءِ واجهائي ٿي. اهڙي اُميد سندس لائق

جاڪوڙي فرزند محمد علي ڏيپلائيءَ مان بہ ڪري سگهجي ٿي. ڏيپلائي صاحب ۽ سندس همعصر مفڪر ساٿي سندس رهبري لاءِ ڪئين جهول جهليو بيٺا آهن رڳو پورهئي ۽ محنت سان وک وڌائڻي آهي.

شاهہ چواڻي بہ ائين ٿي آهي:

ڏور مَ ڏيئان ڏارِ ڏورڻ گهٽو ڏاڪڙو
ڪوڙين لک هزارِ ان اونداهي انڌا ڪيا.

❊

## سنڌي اديبن جو پُرامن احتجاجي جلوس

### اپيل

سنڌ جي عظيم قومي شاعر شيخ اياز سنڌي ادب جي عظيم نقاد رسول بخش پليجي، سنڌ جي مشهور دانشور حفيظ قريشي، سنڌ جي سپوت شاگردن ۽ انساني بنيادي حقن جي حفاظت ڪندڙ محب وطن ماڻهن جي گرفتارين ۽ نظربندين جي خلاف، پُرزور احتجاجي جلوس تاريخ 15- ڊسمبر 1968ع تي، صبح جو 11:00 بجي، مسٽر عبدالحميد ميمڻ وڪيل (حميد سنڌي) جي آفيس، نزديڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد، لڳ ميونسپل ڊسپينسري وٽان شروع ٿيندو. اسٽيشن روڊ ڏئي، اورينٽ هوٽل وٽان، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد جي رهائشگاهہ وٽ ختم ٿيندو.

سنڌي زبان جي سيني اديبن، اديبائن، عالمن ۽ دانشورن کي پُرزور اپيل ٿي ڪجي تہ هو پنهنجي دلي جذبات ۽ ڏک جي اظهار لاءِ مقرر تاريخ، وقت ۽ هنڌ تي پهچي، اديب جي ضمير ۽ قلم جي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ هن پُرامن احتجاجي جلوس ۾ شامل ٿين.

سنڌي اديبن، اديبائن، عالمن ۽ دانشورن جي برادري، حيدرآباد

جاري ڪندڙ: ايڪشن ڪاميٽي،

1. بيگم زينت عبدالله چنا
2. تنوير عباسي
3. حميد سنڌي

❊

## نسيم، هڪ پرولي

سنڌڙي ويچاري هميشہ مختلف دورن ۾ پاڳا ٽيندي رهي آهي. جيڪڏهن انهن دؤرن کي ملايو وڃي تہ سنڌ جي تصوير اهڙي تہ سهڻي من موهڻي ۽ مڪمل آهي، جو ڪوبہ اوچو فنڪار اهڙي تصوير مان عيب نٿو ڪڍي سگهي. پر جيڪڏهن انهن دورن ۾ سنڌ جي تاريخ کي ورهائبو تہ هر دور جي پنهنجي شڪل نڪري نروار ٿيندي. ڏاڍ ڏمر جي ڪهاڻي، جوڌن جوانن جي ڪهاڻي، فريب ۽ دوکي جي ڪهاڻي، سچائيءَ ۽ خلوص جي ڪهاڻي، هر دور جو مَرڪُ آهي. پوءِ اهو دؤر مغلن جو ڇو نہ هجي، ارغونن ترخانن جو ڇو نہ هجي، سنڌ هميشہ لتاڙبي ڇيتاڙبي، ڇيهون ڇيهون ٿيندي آئي آهي. پر تہ بہ سنڌڙي هر دؤر جي نئين نسل ۾ اڪ وجهيو پرينءَ جو پرتوو ڏسيو پئي چوي: 'پئي ڪٽي پساهہ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.'

اهڙي ئي هڪ دور جي ڪهاڻي آهي تہ سنڌ جي سر ڦريل جوانن، سنڌڙيءَ جي ڏتڙيل حالت کي ڏسي، ان جي سجاڳيءَ، ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ جو سونو ڪنيو. اهو دور مارشل لا جو دور هو جڏهن ون يونٽ جا ڪوٽ هئا ۽ جن بہ ساهہ ڪنيو ٿي، تن جي دم گهُٽڻ جي ڪئي ٿي وئي. انهيءَ ڪوٽ ۾ ساهہ کڻڻ سولو نہ هو. ان وقت سنڌ جي اديبن جا سجاڳيءَ ڀريل سَڏ، زندگيءَ جي علامت هئا. سنڌي ادبي سنگت وارو لڏو ڪوشش ۾ رُڌل هو. اُن وقت آهستي آهستي نئين پوڪ بہ سَلا ڪڍيا هئا. انهيءَ دور ۾ ڪيترائي ڪهاڻيڪار نڪري نروار ٿيا هئا، جن ڪهاڻين کي سجاڳيءَ جو ڀنڊار بڻائي، سنڌ جي ماڻهن کي نت نون طريقن سان ريجهائي سجاڳ ڪرڻ جو سونو ڪنيو هو. انهيءَ زماني ۾ وقت ۽ حالتون هر دور وانگي ڪي سوليون ڪونہ هيون، پر تنهن هوندي بہ هر ليکڪ جي سِرَ تي هڪ ڀوت سوار هو تہ "آءَ ٽيان اڳيري"

انهيءَ وقت ۾ همعصر دوست، ڪنهن نہ ڪنهن جي ڪهاڻي پڙهيو اچيو ٽيڪا ٽپڻي ڪندا هئا. تنهن وقت جو هڪ دوست، هڪ ڏينهن ساراهہ جا

ڏول پري هميشہ وانگي روپ محل جي ڪُتيا اوٺويهينءَ ۾ اسان آڏو اچي هاريا. انهيءَ ساراهہ جي پاٽيءَ ۾ رڳو نالو نسيم کرل، نسيم کرل، نسيم کرل هو. جڏهن ڏول کي ڇنڊيوس تہ ڪهاڻيءَ جو نالو نڪري نروار ٿيو 'ڪِني آڱر'.

اسان 'ڪني آڱر' کي وڍيوسين ڪونہ. باقي اُن جي خالق کي وڍڻ ڪٽڻ لاءِ ملڻ جو پهہ ڪيوسين. جڏهن ڏٺوسين تہ نسيم هيءُ آهي تہ اسان جون ٻہ ٻہ وبون تہ ڇهہ ٻہ ويون. اسان آڏو هڪ آفت بيٺي هئي، بنهہ ڊپ ٿيوسين تہ اسان کي نہ وڍي وجهي. پر پوءِ جڏهن گهرا ٿياسين تہ يقين ٿيوسين تہ دلبر نہ ڪُهڻ جو نہ ڏهڻ جو آهي، باقي جيڪي ڪهاڻيون لکي ٿو انهن ۾ اها مٺيا آهي، جيڪا ظاهر ۾ تہ منجهس ٻُوليو نہ ٿي ليپي. مون کي ان تي هڪ بدڪَ جو مثال ياد آيو جيڪا سونا آنا لاهيندي هئي. نسيم بہ ان بدڪ مثل هو جنهن جون ڪهاڻيون اسان جي ادب ۾ سونن آنن مثل آهن.

هڪ دفعي نسيم کي ڪو ويٺي ويٺي خيال ٿيو سو طنز نگار ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو چرچائي مضمون لکڻ جي ڪوشش ۾ 'سچو سچو سچ چوان' لکيائين، جنهن ۾ اديبن ۽ اديبائن متعلق ڪي چرچا لکيائين. زور پيو تہ 'روح رهاڻ' ۾ ڇپيو سائين اُن ۾ ڇاپيو. 'روح رهاڻ' منهنجي ذاتي ملڪيت تہ ڪانہ هئي، پر سائين ڇپجڻ کان پوءِ محسوس ڪيم تہ اها منهنجي ذاتي ملڪيت هئي، ڇاڪاڻ تہ مون مسڪين تي گارين جو ڏوڙيو شروع ٿي ويو. 'روح رهاڻ' جو اوائلي دور هو سو سٺَن ۾ پئجي ويس. بس سائين ڏاڍي ڏکي جان ڇڏائي سين. نسيم جون ڪڇيون پي لڳيون. تان خبر پئي تہ هڪ نئين سنڌي هفتيوار اخبار نڪتي، پوءِ هن لاءِ خاص نڪتي هئي الائي ڇا. ڇاڪاڻ تہ پرچو بہ اهوئي هڪ نڪتو ۽ ان ۾ نسيم تي گارين جو ڏوڙيو هجي. پر تہ بہ نسيم خوش، ڇاڪاڻ تہ نسيم کي چوڪري سمجهي هنن گاريون ڏنيون هيون.

اٿين نسيم وقت جي وهڪري ۾ وهندو 'پتُ'، 'گذريل واردات'، 'زر ۽ زور'، 'ڳرڻ'، 'زماني جي گردش'، 'گنس'، 'ڪچو رنگ'، 'پهرين مراد'، 'مجاور'، 'ڪرنٽ'، 'پهريون پهر'، 'چوٿيهون در' ۽ ٻين ڪهاڻين سان رڻ ۾ طوفان مچائيندو، فتح جا جهنڊا ٻينڊ باجن سوڌو کنيو هلندو هليو.

سندس ڪهاڻين ۾ نسيم کي ڳوليو تہ نسيم بنهہ ڪونہ ملندو. اٿين ڪونهي تہ ڪو اهي ڪهاڻيون نسيم جون ڪونهن. پر نسيم جو ذاتي تصور خود اهڙو آهي، جيڪو ڪهاڻين جي تخيل کان گهٽو پري آهي. سندس ڪهاڻيون، سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ٿيندڙ ناانصافين جو هڪ نہ ختم ٿيندڙ

داستان آهي. هوڏانهن نسيم خود هڪ گڙنگ زميندار سيني ۾ پُر، تر جو چڱو مڙس، غربت ۽ ناانصافيءَ جي بنيءَ ۾ پچڻ تہ نهيو پر پاڻ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي پڻ آهي. هاڻ ڪير وڃي انهيءَ پروليءَ کي پڇي، هونئن بہ ڪو بہ نسيم جي ذات کان انڪاري ناهي، پر حيرت ۾ ضرور آهي تہ ايترو گهرو وڃي، اهي مسئلا چونڊڻ، جن جي گهر جي پيديءَ کي ئي خبر هوندي. نسيم ڪهاڻيڪار ڪيئن ٿو لکي. جڏهن تہ ڪهاڻي تيسين مڪمل ناهي، جيسين پاڻ بہ ڪهاڻيڪار اهو ڏک درد پوڳي، اِهي ڪائنس ائين دور آهن، جيئن چنڊ کان چڪور، دل کان دلبر، ازل کان ابد، سچ کان ڪوڙ.

نسيم وٽ ڪنهن جو احساس هجي، ڪنهن جو درد هجي، اهو ممڪن ناهي، چاڪاڻ تہ سندس ماحول ڪيس اهڙي انا ڏني آهي، جيڪا جهُڪڻي ناهي. پوءِ اهو سڀ ممڪن ڪيئن آهي تہ نسيم جو هر ڪردار اسان جي سنڌ آهي، اسان منجهان آهي، سندس ڪردارن جو ڏک درد اسان جو ڏک درد آهي. اها پرولي نسيم کي ڏسي سلڻي تہ نہ هئي، پر اڄ جڏهن پاڻ اجازت ڏني اٿس تہ پوءِ جيءُ بسم الله.

نسيم، جن بہ ڪهاڻين کي پيار سان لکيو آهي، هونئن هر فنڪار کي پنهنجي تخليق پياري هوندي آهي، پر نسيم جي سنين ڪهاڻين تي سندس هڪ مخصوص ڇاپ آهي. نسيم جي گهڻين ڪهاڻين جو ماحول ٻهراڙيءَ جو ماحول آهي، جنهن ۾ پاڻ اتي ٿو وهي ٿو. انهن ڪهاڻين لاءِ ڪردار جي چونڊ ۽ ان جي عمل ۽ ردعمل ۾ نسيم مڪمل خودمختيار آهي ۽ اتي ئي هو پاڻ کي حاوي ڪري ٿو. صاف لفظن ۾ جيڪر ائين چوان تہ: نسيم هر ڪردار ۾ پاڻ اچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

نسيم جيڪا زندگي گهاري رهيو آهي، ان ۾ سندس مطمئن هجڻ ناممڪن آهي. ان ۾ جسماني آسائشون آهن، پر ذهني نہ. سڀ خوشيون آهن پر دلي نہ. انهيءَ ڪري نسيم هميشہ آدرشي زندگي گهارڻ ۽ آدرش ماڻڻ لاءِ هرممڪن ڪوشش ڪندو رهيو آهي. ان لاءِ هن ڪهاڻين رستي آدرش ماڻڻ گهريو آهي. پر نسيم ڪهاڻين لکڻ مهل اهو وساري وينو آهي تہ منجهس ماحول ۽ حالتن جي ڪري جيڪا 'انا' پيدا ٿي آهي، سا هر ڪردار جي عمل ۽ ردعمل ۾ ظاهر ٿيو پوي. نسيم جي ڪهاڻين جو هر ڪردار نسيم آهي، منجهس آدرشپڻو آهي تہ وري آخر ۾ اها ئي خودي ۽ انا آهي، جنهن خود نسيم کي ڪنهن آڏو جهڪڻ سندس مَرڪ ۽ شان نہ آهي.

ان ڪري ئي نسيم ڪهاڻيون لکيون ۽ انهن ڪهاڻين جو گهڻو تڻو ڪردار پاڻ آهي. سندس جيڪي بہ زندگيءَ جون حسرتون پوريون نہ ٿيون آهن، سي هو ائين پوريون ٿو ڪري، پر پڇاڙيءَ جو سندس 'EGO' / 'انا' هر ڪردار نسيماڻو ڪري وجهي ٿي، نہ ڪي آدرشي. ڪن ڪهاڻين ۾ جت هو رڳو آدرشي ٿيڻ ٿو چاهي، انهن ۾ پنهنجي اَنا کي جهڪائي ٿو انهيءَ لاءِ تہ سندس ڪردار عظيم ليکيو وڃي يعني سندس حسرتون پوريون ٿين ۽ هو خود عظيم ليکجي.

سندس حسرتن جو ڪمال سندس ڪهاڻين 'گتس' ۽ 'ڪچو رنگ' ۾ آهي: جنهن ۾ هو هڪ لاپرواهہ Don Juan ڊان زووان پارو هيرو آهي. سندس مٿان ڇوريون فدا آهن ۽ پاڻ انهن کي پامال ڪندو وڃي ٿو. ائين هڪ 'پارس' نالي نينگر اچي ٿي، جيڪا هن کي شڪست ڏئي ٿي ۽ ڪنگهي ئي نٿي. نسيم هڪ وڻندڙ انداز ۾ ادا سان دٻجي اُڀري ٿو سندس شڪست، فتح ۾ تبديل ٿيو وڃي، جڏهن پارس سندس هنج ۾ اچيو ڪري ۽ چيو ڏي:

"پر اڄ ڪنهن انجام سوچڻ بنا توڏي هلي آئي آهيان' وٺي تہ هميشہ لاءِ پنهنجو ڪرين يا وٺيئي تہ شاهده برني ۽ صوفيہ وانگر... جيئن تنهنجي مرضي!"

سندس اها وڏي فتح، وڏي حسرت آهي. سندس هيرو جو شاهوڪار هجڻ ۽ پيسا اُڇلڻ سندس خواهشن منجهان آهي. هيءَ سٽ تہ ڏسو:

"ويري ساري بيگم برني، هي افورڊس تو بيٽ فائيو ٿائوزنڊس آن آرڊنري ميئر، بڪاز اٽس نيم واز پارس."

ڪاش نسيم ئي هن ڪهاڻيءَ جو سچو پچو هيرو 'زلفي' هجي ها. ڪاش اِئين هجي ها تہ پوءِ نسيم کي اهڙيون ڪهاڻيون لکڻ جي ضرورت نہ پوي ها.

'گتس' جي ٻئي حصي 'ڪچو رنگ' ۾ سندس انداز ڊرامائي ۽ جادوگراڻو آهي، پڙهندڙ ليکي تہ اڄهو هيرو 'زلفيءَ' صاحب جو والد، سندس پارس سان ڪيل شاديءَ جو قصو پورو ٿو ڪري يا هيرو کي سُڄو ڪري گهر ڪان ٿو ڪڍي، پر نسيم جي 'اَنا' جي جهوليءَ ۾ ڪيترائي ڪرتب آهن. هيرو هٿ ٻڏيو بيٺو آهي، پر واهہ نسيم تنهنجي من مستي، پيءُ کي بہ جهڪائي پنهنجي حسرت پوري ڪري ٿو. هيرو جو پيءُ پارس کي سؤ سؤ جا نوٽ ڏئي، نسيم جي خوشين ۾ شريڪ ٿو ٿئي.

سندس 'گذريل واردات' انسپيڪٽر غوث بخش شاهہ جي حسرتن جي مزار آهي، جنهن تي نسيم گلن جي چادر بہ چاڙهي آهي تہ چراغ بہ ٻاريا آهن. هو رٽائر ٿيل انسپيڪٽر آهي، دستوري شڪست هو قبول ڪري ٿو. گهڻوئي

چوي ٿو تہ: ’مزار ما غريبان ني چراغ ني گُلي‘ پر نسيم پچاڙيءَ جو بہ سندس حسرت پوري ڪرائي، پنهنجي شڪست، ڪاميابيءَ ۾ تبديل ٿو ڪري.

اهڙي ئي نموني سان سندس آدرشي ڪردار ’شبنم شبنم‘ ’ڪنول ڪنول‘ جي مس پال، ’ڪافر‘ جا عبدالله ۽ مکي، ’ڳڻ‘ جو ڏينو ’ڪني آڱر، جي زينب، اهڙي قسم جا ڪردار آهن، جن جو آدرش بلند آهي، پر سمورا ڪردار نسيم جي ’اَنا‘ ۽ مرضيءَ جا ٻانها آهن. پر جي نسيم جي ڪنهن ڪردار ۾ رڳو نسيم بنا اَنا جي ڏسڻو هجيوَ تہ اهو ڪردار ’زماني جي گردش‘ ۾ رئيس قيصر خان آهي، جنهن جي ڪردار ۾ هن کي پنهنجو مستقبل نظر اچي ٿو. ان ۾ هو ايڏو جذباتي آهي، جو هو مجبور ٿي لکي ٿو:

”خان، مان بہ تو جهڙوئي زميندار هيس، پر زماني جي گردش سبب هي حال اچي ٿيا اٿم. تو وٽ لنگهي آيو آهيان تہ پنهنجي شان تي جيڪي سري سگهئي، سو ڏئينم تہ گذر سفر ڪري وڃي ڪي وڻ ڏسان. ٻيو تنهنجي سر بخت جو خير.“

سڄي ’شبنم شبنم، ڪنول ڪنول‘ مجموعي ۾ اِهائي هڪ ڪهاڻي ڏٺم، جنهن ۾ نسيم، زماني جي گردش کان ڇرڪيل ۽ مجبور ٿيل پانيم.

هاڻي مان ڳالهہ ٿو سندس ٻئي مجموعي ’چوٿيهون در‘ جي ڪهاڻين کي سندس پهرين ڪهاڻي ’مڪسڊ گرل‘ جنسي علامتن جو مجموعو آهي.

سندس حسرت: ’سنهڙي عبا ۾ ٻرندڙ جسم، اکين بجاءِ بہ ٽانڊاٽا ۽ پبن تي مون ڏانهن آيل ’اُم ڪلثوم‘ ڪرُ ڪنيو بيٺي آهي.

اهڙي نموني ۾ ’ڪرنٽ‘ جنسي خواهشن جو ٻرندڙ جوالا مکي آهي، اهو تڏهن سرد ٿئي ٿو جڏهن:

”اوچتو ڪنهن پياري پياري ڇهاءَ تي منهنجي ننڊ ٽُٽي تي وڃي، منهنجيون اکيون کُلن ٿيون، ڪمري جون چارئي وال لائيٽس وچين شئنڊليئر سوڌو روشن آهن. هُووينس جي بت جيان صفا نيوڊ آهي ۽ مون کي جوڙ جيان چنبڙي پئي آهي.“

انهن ٻنهي ڪهاڻين ۾ نسيم جي ذهن جي اها ڪنڊ روشن نظر پئي اچي، جتي هڪ عام ماڻهوءَ وانگر جنسي حسرتون خوابناڪ ماحول ۾ ’ڊبل بيڊ‘ تي ليٽڙيون پائي رهيون آهن. خاص طرح غور ڪيو: ’پبن تي مون ڏانهن آيل اُم ڪلثوم‘ ۽ ’وينس جي بت جيان صفا نيوڊ آهي ۽ مون کي جوڙ وانگر چنبڙي پئي آهي.‘

آخر ۾ اچو تہ توهان کي نسيم جي اَنا جي انتها ۽ سندس بيوسيءَ جا ڪي شاهڪار پڻ ڏيکاريان:

’پهرين مراد‘ جو ماٺڪ، ارڏو ۽ ضد پريو اهڙوئي آهي، جهڙو نسيم، چوري ٿيل مينهن ڪُهي ڇڏي ٿو پر پهرين مراد نہ ٿو باسي.
سندس ’آٿت‘ جو رئيس، سندس اُها اندر جي باهہ وسائي ٿو جيڪا ورهين کان اندر ۾ پئي دُکيس. نسيم اِتي بہ شڪست نہ کاڌي آهي. سندس منهن مٿي آهي، رئيس سان گڏ سندس بہ اندر ٺري پيو هو تہ زمينون بہ ٺري پيون هيون.
’پهريون پهر‘ ۾ عورت جي کاڌل شڪست تي مني مرڪ پيو مُرڪي ۽ بيگم حسين کان ٺهڪ ڏياري چٽڙ ڪرائي چورائيس ٿو:
”مَنَ. جي اڱ ۾ وعدو ڪيو اٿئين تہ پوءِ تو بہ اِهو سيٽ پاتو، بڌو نہ اٿئي تہ ڪم نڪتو ڍڪڻ وسريو.“
’السلام عليڪم.‘ سندس نيٺ آدرشي ڪهاڻي آهي.
اهڙي ئي نموني ڪي ڪهاڻيون اهڙيون آهن. جن ۾ هو بيوس ۽ مجبور آهي. ’دارالفلاح‘ جي نيلم هن سماجي سرشتي جي جڪڙيل ٻانهي آهي، ’چوتيهون در‘ جو گيج ريڊر بہ اوتروئي بيوس آهي. ’پارٽنر‘ جو مومن سماجي حالتن جو شڪار ۽ يتيم آهي. اهڙين چئن پنجن ڪهاڻين ۾ جتي مون نسيم کي بيوس ۽ يتيم ڏٺو آهي، اُتي مون کي فن جي بلندين ۽ اوچائين تي بہ ڏٺو آهي، ۽ جيتري انهن ڪهاڻين ۾ اصليت ۽ حقيقت آهي، اوتري ٻين ڪهاڻين ۾ نہ آهي. ٻين شاهڪار ڪهاڻين جي ڪردارن کي سندس هٿان رُئندي ڏٺو آهي. بهرحال جي نسيم هھڙين چئن پنجن ڪهاڻين ۾ شڪست کائي، پنهنجي اَنا کي دفن ڪري ڇڏي ها تہ مون کي خوشي ٿئي ها. پر نسيم اڄ بہ انهن ڪهاڻين کي جنم ڏيڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي، جن ۾ انيڪ رنگارنگ حسرتون دفن ٿيل آهن. ڪٿي ڪٿي اهي ڪارناما ٿيل آهن. جن سان سندس ذهن، دل ۽ جسم کي سُڪون پهچي ٿو. نسيم پنهنجي فن ۾ يڪتا ۽ پنهنجي طرز جو انوکو فنڪار آهي، جنهن وٽ سنڌڙيءَ جا سور بہ آهن تہ جسم جون تقاضائون بہ آهن: هٿ ۽ ارڏائيءَ جا ڪليل داستان بہ آهن. ڪڙا ۽ ڪسارا جام بہ آهن تہ مصري جو ٽڙون بہ آهن.
نسيم کي ڏسي الاجي ڇو مون کي يوناني ديومالا جو هڪ ديوتا ’سسيفس‘ ياد ايندو آهي، جنهن تي ديوتائون جڏهن ناراض ٿيا هئا. تڏهن کيس چيائون تہ: وڏا پٿر کڻي جبل جي چوٽيءَ تي پهچ. ۽ هو جڏهن ڳرا پٿر کڻي جبل تي پهچندو هو تہ اُهي ان چوٽيءَ تي نہ ٽڪندا هئا ۽ هيٺ ڪري پوندا هئا. وري هو کڻي مٿي پهچندو هو تہ وري اهائي ڪار. چون ٿا تہ

سسيفس اج بہ انهيءَ عمل ۾ رُڌل آهي. نسيم بہ انهيءَ ديوتا وانگر اج بہ پنهنجي حسرتن ۽ تمنائن کي ڪهاڻين جو روپ ڏئي، اُن پهاڙ ۽ اوچائيءَ تائين پهچائڻ جي پيو ڪري. شال سندس پنڌ ثاب پون ۽ سندس هڪ بہ حسرت ۽ تمنا ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ سچائيءَ جو روپ وٺي، انهيءَ منزل جي جبل تي ٽِڪي پوي. شال ائين ٿئي!

نسيم جي هن جائزي ۾ منهنجن پنهنجن خيالن جو هڪ چار آهي، جنهن نسيم کي جڪڙي، ڪيس ۽ سندس ڪهاڻين کي اُکوليو آهي. ان ۾ ڪنهن ٻئي جي مرضيءَ جو دخل ناهي، نہ وري ڪنهن ٻئي جو مون سان متفق هئڻ ضروري آهي.

※

# سليا مون نہ سوال

## هڪ خط

پيارا ياءُ! توهان جا لک قرب جو توهان ماضيءَ جي دز ڇنڊيندي ڪي سوال اهڙا پڇيا آهن جو "سليا ڪنهن نہ سوال" وانگر ڪنهن بہ سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ هٿ ڇيو نہ ٿا ڪن. ڪهڙا ويهي گپ ۾ ٿاڦوڙا هڻون؟ چوندا آهن تہ گهڻو پاڻي پُل هينان وَهي چڪو آهي، پر مون کي ائين لڳندو آهي تہ پُل هينان پئي پئي سڙي ٻري ويا آهن. نہ ڪنڌيءَ ڪناري گُل، گوئنج يا سَلا ۽ گاهہ. اُن اندرين سُڪي مٽيءَ مان ڇا نڪرندا. مون لاءِ تہ ائين هو تنهنڪري ڇئبو ائين تہ "سليا مونہ سوال."

مان ننڍو هيس تہ پهريائين سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي ادبي فڪر کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ ڪئين خواب ڏٺا هئم. گهر ۾ لولين سان گڏ شاهہ سائينءَ جا ڏُائيہ بيت، اَمڙ ڏاڏي ۽ ماسين کان ڪنن تائين پهتا. ٻاهر جهان بہ اُهوئي هو. ماڻهو پنهنجن جي ئي اهڙن شڪنجن ۾ هو جو دُعائيہ بيت گهٽ، پُنا اُگهاڙا ڪيو وتندا هئا گاهہ پنو ڪندا، ٻڪريون چاريندا، فصل اُپائيندا ۽ واندڪائيءَ ۾ همرچا ڳائيندا ۽ چنگ وڄائيندا. سنڌ ورهاڱي کان اڳ ڇا هئي يا ڇا نہ هئي، اڳتي هلي ڪتابن، شاعرن جي ويڇوڙي وارن گيتن ۽ ڏرتيءَ جي ڏار ٽيڻ واري فراق جا ڪيئي ورلاپ ۽ آلاپ ٻڌم. ان وقت سنڌ هڪ نئين انقلاب کان آگاهہ ٿي رهي هئي، جڏهن اسان ڪجهہ سمجهہ ۾ پريا ٿياسين، تہ خبر پئي تہ اُن انقلاب سان اسان سنڌ وارن جو تہ ٿالهيءَ وٽي تي بہ نالو نہ هو. هندن جون ملڪيتون، جايون، زمينون، جن تي ڪيترن اسان جي وارثن ۽ وڏڙن جي نظر هئي، اُنهيءَ مان ڪين تہ ڇا پر هيٺين پورهيت طبقي وارن يا ٻاڙي وارن دنگئي هجڻ جي ناتي ڦڪ بہ نہ مليو. سنڌ اندر تعليمي فضا هوندي ئي قائم هئي پر ادارن ۾ ماڻهو نہ هئا. علم جي روشني

هنيانءَ جي روشني کان گهٽ هئي، سماجي ناانصافي ۽ اڻبرابريءَ جو طوفان هو. هر هنڌ بي چيني ۽ بي صبريءَ واري ڪيفيت هئي. اُن وقت جيڪو نسل وڏو ٿي رهيو هو، اُهو ڏاڍو دٻاءَ هيٺ هو. اوچتي ورهاڱي ڪري ڪيئي مونجهارا پيدا ٿيا هئا. نه ويندڙ موڪلائي سگهيا نه وري ايندڙن موڪلائڻ يا پڇڻ کان بنان سڀ شيءِ پنهنجي سمجهي هڪ نانءَ هڪ سٽ ۾ پنهنجي ڪئي. هن نئين معاهدي ۾ وَچن گهڻا هئا، پر پاڙڻ ڏکيو هو. هڪ حصو مشرق هو ته ٻيو مغرب. ڳالهه مڙيو ڳنڍي هلڻ جي هئي.

سنڌ جو نوجوان پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت جي جهلڪ پسي خوش پئي ٿيو. علم جون لاٽون روشن هيون. ٻوليءَ جي سڃاڻ هئي ته ادب جي تخليق ٿي. اُن دَور ۾ سنڌي اسڪولن ۾ پڙهائي ويندي هئي. ادب نئين سر پئي سرجيو. نئين سماج ”ڳاءِ انقلاب“ جا گيت پي ڳاتا. هيءَ سنڌ جي نئين جوڙجڪ لاءِ هڪ سماجي انقلاب جي تياري هئي اُن کي خبر نه هئي ته ٻئي پاسي نوان سنڌاءَ هئا.

علمي ۽ ادبي دنيا جون نئين سربتيون ٻريون ۽ ٻتائي گهوٽ جا اڳڻ آباد ٿيا ته هن روشنيءَ ۾ گهڻو ڪجهه نظر ايندو ويو. جي. ايم. سيد، ميران محمد شاهه، علامه آءِ. آءِ. قاضي عثمان علي انصاري، عبدالله، بيگم زينت چنا، آغا تاج محمد، محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، اياز قادري، غلام رباني آگرو محمد عثمان ڏيپلائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جمال ابڙو غلام محمد گرامي، رشيد ڀٽي، حفيظ شيخ، حفيظ قريشي، آهستي آهستي نڪرندا نروار ٿيندا ويا ۽ ٻيا ڪيترا. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت بنيادي ادارا هئا، جيڪي علم ادب لاءِ ٻرانگهون ڀري رهيا هئا. سنڌ جي سڄي فضا پاسو ورايو هو. نينگر شهزادا پيرين پنڌ نڪري پيا. هر هنڌ نئين روشني نئين سماج جي جوڙجڪ جي ڳالهه هئي. ڪٿي سوشلزم ڪميونزم جو ذڪر هو ته ڪٿي ترقي پسنديءَ جو غوغاءَ هو. ڪٿي جديد ادب جو نانءُ هو ته ڪٿي جدت جي نانءَ تي فحش ادب پئي ڇپيو. اِهو سجاڳيءَ جو سلسلو 1950کان 1960ع تائين هليو. پوءِ جڏهن نوجوانن پوتا ميل ناهيو وڏڙن ليڪا چوڪا ڪڍيا ته سنڌ کي ڪجهه پلئه ڪونه پيو هو. سنڌ جو پڙهيل ڳڙهيل طبقو ۽ نواجوان نسل، مشرق مغرب واري فلاسافي سمجهي پئي. ون يونٽ جو پاور پلانٽ ڪيترائي يونٽ سازي ٻاري چڪو هو. سنڌي ادب ۾ چوڏاري پٽڪو شروع ٿيو هو. مارشل لا جا دَور، لفافي تي سنڌ نه لکڻ جو قانون، سنڌي زبان جي زبان بندي، بيروزگاري، هر ماڻهوءَ ۾ عدم تحفظ جو احساس پيدا ڪيو هو. اِنهيءَ

عالم ۾ سنڌ جي عالمن اديبن شاعرن، اهڙو لکڻ شروع ڪيو جيڪو سنڌ سجاڳيءَ جو سبب بڻجي اچي.

تماهي مهراڻ علم ۽ ادب سان گڏ ذهني سجاڳيءَ جي مشعل هئي، جنهن جي سربراهي، ليڪڪن، ادارت ۽ هلائڻ ۾ ڪيترن رهبرن ڪاريگرن جو هٿ هو. جي. ايم. سيد، ميران محمد شاهه، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو غلام رباني آگرو مولانا گرامي ۽ ٻيا ڪيترا جن انقلابي ادب جي ابتدا ڪندي ڪيترن اديبن ۽ شاعرن کي اڳيان آندو جيئن شيخ اياز تنوير عباسي، جمال ابڙو حفيظ شيخ.

اِنهيءَ دَور ۾ ماڻهن جي ذهنن ۽ جذبن ۾ ايتري شدت هئي، جو ماهوار ”نئين زندگي“، جيڪو سرڪاري پرچو هو ۽ اُهو مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جي زير ادارت نڪرندو هو ۽ مولانا صاحب سرڪاري ملازم هوندي به سنڌ اندر سماجي سياسي ۽ اقتصادي بي چينيءَ جو ڪليل اظهار ڪرايو. محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ”انسان“ ان وقت جي ڪيفيتن جي ترجماني پئي ڪئي. بيگم زينت چنا جو ماهوار ”مارئي“ عورتن ۾ سجاڳي آڻڻ جو واحد ذريعو هو جنهن وسيلي ڪيترين ئي نوجوان نينگرين ثميره زرين، ڊاڪٽر دُرشهوار سيد، ايس تبسم، ذڪيه دريشاڻي عورتن جي اُنهن مسئلن تي لکيو جيڪي اڄ به سماج ۾ ظاهر ظهور واقعن جي صورتن ۾ روز ٿين ٿا.

اِنهيءَ سوچ ته سنڌ کي پنهنجو هڪ اقتصادي نظام هجي، ذهني ۽ فطري طور فڪر جي آزادي هجي، سنڌ جي ماڻهوءَ کي حق ملڻ ۽ انصاف پلئه پوي، ڪيئي فورم نهيا، ادبي ادارا وجود ۾ آيا، پر اُنهن سيني ۾ جٽادار تحريڪ جو ادارو ”زندگي پبليڪيشن“ قائم ڪيو ويو جنهن جي شروعات اهڙن ڪتابن ڇپائڻ سان ٿي، جن جا ليکڪ اڳ ئي پنهنجن لکڻين وسيلي ماڻهن جو ڌيان ڇڪائي چڪا هئا. جمال ابڙي جو ڪهاڻين جو مجموعو ”پشو پاشا“ غلام ربانيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”آب حيات“، حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”اُداس واديون“ ناصر مورائيءَ جو ناول ”راتيون جاڳن جي“ جڏهن هٿون هٿ کپي ويا ته خبر پئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻين ناولن وسيلي ڪيتريقدر ماڻهن سان سنڌن مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي.

”زندگي پبليڪيشن“ راقم (حميد سنڌي) جي اڪيلي سر ڪوشش سان قائم ٿي ۽ ڪتاب ڇپيا، جنهن لاءِ پيسا ڏوڪڙ، پورهيو ۽ مزوري ڪري

پورا ڪيا ويا. اُن وقت ڪيترا دوست منهنجي ويجهو آيا، جن ماهوار رسالي ”روح رهاڻ“ ڪڍڻ تي اُتساهيو. تمام وڏو ڪم هو هر ڪنهن مدد جو واعدو ڪيو. پر 1960ع کان 1969ع تائين ڪنهن به رُپئي جي مدد نه ڪئي. روح رهاڻ 1960ع ۾ نڪتو پر به چار پرچا نڪرڻ کان پوءِ حالت سقيم ٿي وئي. مون وليج ايڊ ۾ نوڪري ڪري پرچي کي بچايو. جمال رند اُن وقت ڪجهه وقت لاءِ ڪم ڪار کي سنڀاليو هو. سڄو سال هليو پوءِ سرڪاري نئين پريس آرڊيننس ڪري اسان جا ڊڪلئريشن رَد ڪيا ويا. چيو ويو ته نئين سر ڊڪليريشن فائيل ڪيو. هفتيوار ”انسان“، ماهوار ”مارئي“، ماهوار ”روح رهاڻ“، کي ورهيه سندن ڊڪليريشن جون درخواستون بي دريافتيون پيون هيون ٻن سالن بعد مارچ 1963ع ۾ ڊڪليريشن مليو. روح رهاڻ لاءِ پيسا نه هئا. ايم. اي جو امتحان مٿان هو. غياث جوڻيجو ۽ مان گڏ پڙهندا هياسين. سندس ڏنل سَو رپيو مون کي ياد آهي. ”روح رهاڻ“، لڏندي لمندي پئي هلي، منهنجون نوڪريون پورهيا جاري هئا، پر 1965ع کان روح رهاڻ پنهنجي مقصد سان ظاهر ٿي بيٺي. منهنجا ايڊيٽوريل نشتر جو ڪم ڏيئي رهيا هئا ته اياز جي شاعري وطنيت جو پيغام ڏئي رهي هئي. نوجوان شاگرد تعليمي ادارن ۾ سجاڳ ٿي رهيو هو. ”روح رهاڻ“، نه صرف هڪ ادبي رسالو هو پر هڪ تحريڪ جي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي ويو. ”جشن روح رهاڻ“ رڳو هڪ سالانه ميڙ يا روح رهاڻ جي سالگرهه ملهائڻ جو موقعو نه هو هيءُ سنڌ جي لاءِ نئين فڪر کي جنم ڏيڻ جو موقعو هو.

سوين ليکڪ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان اچي مڙندا هئا. روح رهاڻ رسالي جا ليکڪ هجن يا حفيظ قريشي، رسول بخش پليجو غلام محمد گرامي، عبدالله چنا، جهڙا مقرر هجن، شيخ اياز جهڙا شاعر هجن، جنهن هيئن به چيو هو:

ماروئڙن کان منهنڙو ڦيريان؟ ڏاهپ ٻي ڪا ڏس ميان
تون ڪانڌي ڪونه ٿجانءِ

بس ميان! او بس ميان‘ مان ويندس گوندر گس ميان
تون ڪانڌي ڪونه ٿجانءِ

تنوير تڏهن هيئن چيو هو:

ڪنهن پرهہ اسان کي پاليو هو رات اسان کي روليو آ تہ بہ اونداهين جي قيدن ۾ در آزادين جو کوليو آ. سوين شاعر سنڌ جي فڪري آجپي لاءِ نڪري پيا. اياز جا ٽي شعري مجموعا، "جل جل مشعل جل"، "هيءُ گيت اُڃايل مورن جا" ۽ "رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي"، ماهوار روح رهاڻ ۾ ڪيترا مهينا بار بار ڇپجندا رهيا ۽ الڳ ڪتابي صورت ۾ آندا ويا. ائين هزارن جي تعداد ۾ انهن مجموعن کي ڇپيو ويو. (افسوس تہ اياز جي الڳ ڪتابن ۾ اِهو حوالو بہ ناهي تہ اول اِهي مجموعا ۽ اِهي گيت ڪٿي ڇپيا هئا).

اياز جا پيا گيت غزل 'روح رهاڻ' ۾ الڳ هر ماهہ ڇپجندا رهيا. پر ٻئي هنڌ ڇپڻ مهل ڪير بہ اُنهيءَ جو حوالو نہ ٿو ڏئي. محترم جناب سليم خواجہ جيڪو "روح رهاڻ" جي سرواڻ ساٿين مان آهي بعد ۾ اُهو صاحب سليم احمد ٻٽيو ۽ اجڪلهہ سليم نور حسين آهي تنهن اياز جي ڪجهہ شاعري 'Songs of Free dom' نالي ڪتاب ۾ انگريزي ترجمو ڪري ڏني آهي، پر هُن ڪٿي بہ روح رهاڻ جو حوالو نہ ڏنو آهي. جيڪي ماڻهو ادب کي رڳو ويڪائو مال پائي سمجهي اُنهي کي سودي سلف جو ذريعو سمجهن ٿا، اُن مان ڪابہ ڀلائيءَ جي اُميد رکڻ عبث آهي.

روح رهاڻ جي شاعرن جو سٽ تمام وڏو آهي، جن جو سفر ڇهن سٽن سالن جي جلدن ۾ محفوظ آهي. سڀ نالا اچي نہ ٿا سگهن. ڪجهہ ڏبا ضرور نہ تہ گهڻا ناراض ٿي ويندا. ڪيترا اديب تہ روح رهاڻ جو دور ۽ اهميت کي گهٽ ڪئي وسارڻ جي ڪن پر ماضي سنڌن پيچو ڪندو ايندو. عبدالڪريم گدائي، تنوير عباسي نياز همايوني، محسن ڪڪڙائي، استاد بخاري، (اڄ نہ اوطاقن ۾)، فتاح ملڪ، قمر شهباز امداد حسيني، شمشير، پروانو ڀٽي، وفا ناٿن شاهي، رنگريز تاج بلوچ، يوسف لغاري، عارف المولي ڍنڙي وارو ڄام ساقي، مجرم لغاري، ناشاد، رجب علي ضيا. 'روح رهاڻ' کي صرف هڪ رسالو چوڻ يا هڪ ماڻهوءَ جي ڪوشش چوڻ غلط آهي. هيءَ هڪ تحريڪ هئي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي. ون يونٽ خلاف، شاگردن جي حقن جي، سنڌ جي هاري ناري ۽ مظلوم طبقي جي. توهان کي اِهو ٻڌائيندو هلان تہ هن تحريڪ ۾ ننڍا تہ ننڍا پر وڏڙا بہ منهن موڪي ويا، جيئن شيخ عبدالمجيد سنڌي، حيدر بخش جتوئي، شيخ علي محمد. عبدالله چنا، زينت عبدالله چنا (روح رهاڻ ۽ مون کي سنيارڻ سنوارڻ ۾ خاص طرح هنن محب وطن شخصيتن جو هٿ هو جن کي قوم وساري ويٺي آهي.)

ادا، ائين تہ ڪيترا خدمتگذار سپاهي هئا، جيڪي جشن ۾ پاڻي پياريندا هئا، ديڳيون رڌائي ماني وڌائيندا هئا. اندس پريس مان مطيع الرحمان (جنهن جو ڪردار روح رهاڻ ڪي اوڏر تي چپرائي ڏيڻ، اسان فقيرن جي منجهند جي ماني ٽڪر جو پنهنجو هڙان وڙان بندوبست ڪرڻ، سرڪاري وٽ پڪڙ مهل سچاڻڻ کان انڪار ڪرڻ وارو ماڻهو اِهوئي هو). قادري، اڪبر ۽ ماجد پريس جا ڪمپازيٽر هوندي پنهنجي روزيءَ جو هنڌ ڇڏي، اسان وٽ وينا هوندا هئا.

'روح رهاڻ' جو داستان ڏکن جو داستان آهي، پر فخر اٿم تہ ڪي دوست ساٿي اهڙا هئا جن پڄاڙيءَ تائين ساٿ نہ ڇڏيو. وڏو ساٿ مرحوم اشفاق قاضي، سندس والد سچيڏنو قاضي ۽ ڪتنب جا ٻيا ڀاتي ۽ ڀينر، جيڪي روح رهاڻ جا بنڊل ٻڌي پوسٽ ڪري ايندا هئا. شروع ۾ تہ ڪو دور هو تہ مان ۽ غياث سائيڪل تي بنڊل ڊوئي پوسٽ آفيس ۾ اندر فرش تي ويهي، بنڊل ۽ بڪ پوسٽ رسالن تي ٽڪليون ۽ ٺپا هڻندا هئاسين. پوءِ قاضي سچيڏني مرحوم جي حڪم تي هڪ اسڪواڊ تيار ڪيو ويو جيڪو ڊسپيچ سنڀاليندو هو. پوءِ ڪوٽڙيءَ جو ليلارام خانواڻي منهنجو ساٿي بڻجي آيو جنهن روح رهاڻ جو ڪاروباري ڪم تہ سنڀاليو پر منهنجي وڪالت دوران منشيگيري ڪئي. هو ايڏو ايماندار ۽ محنتي ماڻهو هو جو اوڳڙ بہ زوريءَ ڪري ايندو هو. سندس موڪليل وي. پي وري نہ موٽندي هئي. هن 'روح رهاڻ' جي پائي پيسي کي هٿ نہ لاتو. وڪالت واري منشيگيريءَ مان پنهنجو درويشاڻو گذر سفر ڪندو هو.

شروعاتي دور ۾ ڪي دوست روح رهاڻ جو رسيد بڪ کڻي، ساليانيِ خريداريءَ جي ٻهاني پيسا وٺي کائي ويا. ڪين ڇيو ويو تہ وٽائن ايڏي دشمني ڀاتي جو جيسين جيئرا هئا تہ پٺي ڪندا وچايائون ۽ مون کي لَويئون. اشفاق، سليم، امداد، ادارتي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندا هئا. امداد هر مهيني ٽائيٽل لاءِ شعر لکندو هو. هڪ ٻارڙي اڏ اگهاڙي نينگر تي سندس لکيل هي شعر ڪنهن کان بہ نہ وسرندو. "هٿ لڪيرون ڊائل".

مون کي سنڀالڻ وارا شمشير، گرامي صاحب غلام رباني آگرو بيگم زينت چنا، رشيد ڀٽي، ڏيپلائي، حفيظ شيخ ۽ ٻيا ڪيترائي هئا. جن کي وسارڻ ممڪن نہ آهي. چاڪاڻ تہ ههڙي مهم جوئي هڪ ويهن ٻاويهن سالن واري نينگر کان سفر ڪرڻ آسان ڳالهہ نہ هئي. هيءُ ۽ ڪيترا ٻيا منهنجا لڪل مددگار ۽ رهبر هئا. ادا، زمانا بہ اهڙا هئا، واٽ ويندي پوڙهي سوڙهي جو

بار پنهنجي ڪلهن تي کڻي ڪيس گهر پڄائيندا هئاسين. مون کي نينگر سمجهي، نيت نيڪ حق سچ جو علم ڏسي سڀ ويجها آيا. اڄ نہ وڏڙا رهيا نہ جهانديده ۽ روشن فڪر وارا ماڻهو. نوجوان سمجهن ٿا تہ عقلِ ڪُل وٽن آهي، ٻوڙي وٽن وڃون ٿا تہ تيڄُ سمجهي نظر انداز ڪيو يا چڙهون ڏيو هلي ٿا وڃن.

'روح رهاڻ' جي همٿائيندڙن ۾ منهنجو والد مرحوم سيٺ محمد اسماعيل هو. هو منهنجا ايڊيٽوريل پڙهي حيران ٿيندو هو ۽ پڇندو هو "بابا مِنا، (گهر جو نالو) هيءُ ايڊيٽوريل ڪير ٿو لکي." اُن وقت گهٽن کي اعتبار نہ ايندو هو. پير حسام الدين هڪ هنڌ لکيو هو "هي ايڊيٽوريل جيڪڏهن حميد سنڌيءَ جا لکيل آهن تہ ڪمال جا آهن." ڪيترا دوست، اشارن ۽ ڪنايَن سان اُنهن ايڊيٽوريلن کي پنهنجو ظاهر ڪرڻ جي ڪندا هئا. منهنجو پنهنجي اَبي، پير صاحب ۽ ٻين کي چوڻ هوندو هو تہ ڪير بہ مون وانگر مسلسل هڪ ئي ٻوليءَ ۽ هڪ ئي فڪر يا طرز سان لکي وجي تہ پوءِ ايڊيٽوريل سڀ سندس ٿيا.

منهنجو ڀاءُ شمس اسان جي سٿ ۾ تہ شامل هو پر جشن ۾ پاڻ، اعجاز قاضي، ارشاد قاضي، ابرار قاضي، (اشفاق جا ڀائر) بندوبستن ۾ بہ رُڌل هوندا هئا. شاگردن ۾ يوسف لغاري، يوسف ٽالپر، اعجاز قريشي، اقبال ترين، لالا قادر ۽ ٻيا ڪيترا جن جا نالا دل تي نہ ٿا اچن. دادوءَ مان شوڪت سنڌي منهنجي ننڍپڻ جو يار ۽ محمد مٺل وارا واڪار ڪندا پهچندا هئا. منهنجو ماسات مرحوم غلام شبير ترابي نوشهري جو وڪيل، مون کي ننڍپڻ ۾ ئي پيو مهميزون ڏيندو هو. سندس روح رهاڻ سان عشق هو.

ڪهاڻيڪاريءَ تي ڳالهہ ياد آهي تہ 'روح رهاڻ' واري دَور ڪيترا ڪهاڻيڪار نہ رُڳو پيدا ڪيا پر ڪن کي تہ کڻي اچي وچ سير ۾ وڌو. ڪيترا اڳ ئي مشهور هئا. جيڪي اسان جي سٿ ۾ اچي شامل ٿيا. جيڪي اڄ بہ ياد اٿم، اُهي لکان ٿو: جمال ابڙو، حفيظ شيخ، غلام رباني آگرو، نسيم کرل، رشيد ڀٽي، آغا سليم، آمر جليل، شمس نورالدين، عبدالقادر جوڻيجو، غلام نبي مغل، جمال رند، اختر جانوري، عبدالفتاح صديقي، عبدالحق عالماڻي، شوڪت شورو، مشتاق شورو، منير ماڻڪ، چتر ٺاڪرداس، ارباب سنڌي. چوٿين مارچ وارو واقعو جڏهن ٿيو تہ روح رهاڻ پمفليٽن وانگر ايڊيٽوريل ۽ ٽائيٽل وڏيڪ ڇاپي ورهايا جو اخبارن ۾ تہ خبر بہ نہ ڇپي.

جڏهن روح رهاڻ تي 1968ع جي آخر ۾ بندش پئي ۽ ٽيهہ هزار

ضمانت گھري وئي تہ چارج شيٽ ۾انهي ايڊيٽوريل ۽ ٽائيٽل سان گڏ شيخ اياز جو روح رهاڻ ۾ ڇپيل جڳ مشهور نظم:

هيءَ سنگرام
سامهون آ نارائڻ شيام

جو حوالو هو ۽ بيو ڪيترو مود اعتراض جوڳو ڄاڻايو ويو هو. بين ڇپيل خطن سان جنهن ۾ هڪ خط يوسف لغاريءَ جو بہ هو. اڄ شڪر آهي جو هند سنڌ جا اديب هڪبئي وٽ اچن وڃن پيا. اڳ ايندا هئا تہ خبر هوندي هئي رڳو خاوند ڏني کي. شروع ۾ هند جا سنڌي اديب روح رهاڻ ۾ ٿي لکندا هئا. پوءِ جڏهن 'روح رهاڻ' ۾ ڇپجندڙ ادب کي جن سنڌي ادب ۽ اديبن کي صرف پنهنجو اثاثو سمجهيو ۽ بين کي پري رکڻ جي ڪئي. پر مان سندريءَ ۽ اُتم جي سنڌياترا، هري ۽ جئوير، جو ڪتابن جي واڌاري وارو ڪردار ڪٿي وساري سگهان ٿو. ادا، مان سوالن ۽ حڪم موجب اُهي گهربل جواب نہ ڏئي سگهيو آهيان. هيءَ سڄي عمر جي ڪمائي ۽ اکين ڏٺي احوال جو ماضيءَ جي خرار نما ڍڳن مان ڪنيل ڪي داڻا سمجهڻ کپن. گهڻو ڪجهہ بئي دفعي.

'روح رهاڻ' وري نڪري يا نہ، پر بزم روح رهاڻ پنجن سالن کان هلندڙ آهي. اُن جا بہ ايترا سڄڻ ۽ ويري بہ اوترائي نڪري پيا آهن. جيترا ماهوار 'روح رهاڻ' جا.

تازو هڪ نواجون صحافي صاحب جيڪو جڏهن بہ لکندو آهي، منهنجي خلاف ئي لکندو آهي. ڪيترائي خلاف لکندا رهيا آهن، مون واتان ورائي ڪنهن کي بہ جواب نہ ڏنو آهي. پر هيءَ ڳالهہ عجيب ۽ غريب آهي تہ هُن لکيو آهي: "جي.ايم.سيد روح رهاڻ ڪيندو هو ۽ جشن روح رهاڻ منعقد ڪرائيندو هو ۽ سندس جشن وارو آواز سندس ڪنن ۾ گونججي رهيو آهي." (هو تہ شايد اُن وقت ڄائو بہ هو يا نہ) ادا اُن کي ڇا چئجي. وڏيڪ تون ڄاڻين ٿو. تون تہ ڪيترن بزرگن دوستن وٽ گڏ هليو هئين، جن مدد ڪرڻ بجاءِ آسرا ڏنا هئا تہ تہ لهن تہ پوءِ پيسا جام. نہ تر لٿا نہ پيسا مليا.

بهرحال، جن بہ مالي حالتن مان گذري هيءَ ورهين جا ورهيہ اڄ تائين ڪم ڪيون ٿا ۽ پنهنجن ٻچن جو پيٽ ڪٽي بين آڏو سيڪجهہ رکيوسين. راضي ڪير نہ ٿيو. هٿان الزام لڳا، پر منهنجي اندر واري مٿان ڪوبہ بار نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي قرض مان ڪجهہ ڪٽا لاهڻ جي تہ ڪئي آهي. بين وري قرضن کي بيٺو ڪري پنهنجي مٿان قرض تہ نہ بيهاريو

آهي، پر پين مٽان وتن ٽا الزام هڻندا ۽ قرض چاڙهيندا. پر آخر ڪيستائين؟ سنڌ ويچاري جي دانهن نيٺ تہ اگهائبي. (مرحوم غلام رباني کي لکيل هڪ جوابي خط جيڪو سندس ڪتاب ”ماٺهو شهر ڀنڀور“ جي سلسلي ۾ لکيو ويو.

مان توهان جو ٿورائتو بہ آهيان جو تو مون تي مضمون لکڻ جو سوچيو آهي ۽ انهي ڪتاب لاءِ مون کي ديباچو لکڻ جو پڻ ارادو ڏيکاريو آهي. اُميد تہ نامڪمل احوال ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪم ايندو.

❊

# اسان جو ساٿ ڏٺي

## شخصيت: قاضي سچيڏنو صاحب

ڪي رَسُ رهائي، رهيو پون، ڪي رَسُ ئي رَسُ ۾ اُٿي ڪڙا ٿين، ڪي تہ اهڙي رَسُ رسائي وڃيو عرش رسن، جو سندن رس رهاڻ، سندن ساٿ پريو ساٿ وسريو نہ وسري، هر وقت سندن احساس ئي هنئين اندر هَرُ ٻٽيو پيو ڦاڪون ڪندو يا تہ نري ۾ گهري ڏي جا پها تيو رڳ رڳ ڻاري ڇڏيندو.

محترم قاضي سچيڏنو اسان جي هن پتڪيل قافلي جو اهو ساٿي هو جيڪو رس ئي رس ۾ ساٿ نڀايو وڃي عرش رسيو. سندس سونهي ذات اسان کي گهڻو ڪجهہ ڏنو. سندس صلاحون، قرب پريا ٻول وڪ وڪ تي سرهائي ۽ ساٿ ٻنهہ وسرڻ جو ناهي.

سندس نوڪري وارو زمانو جڏهن هو ڊپٽي ڪمشنر هو ايڊيشنل ڪمشنر هو ۽ مختلف وڏين جاين تي رهيو تڏهن بہ سندس نرم سڀاءُ، ٻين لاءِ جيئڻ جي آس، قوميت پريا جذبا ۽ هر ڪنهن جي دک سک جو احساس سندس وڏيون خوبيون هيون. نوڪري هلندي ئي سندس صحت ڪِري پئي، انهي ئي زماني ۾ سندس جذبن نوان لاڙا پسيا ۽ هُن پنهنجي نينگرن اشفاق حسين، ابرار حسين، اعجاز حسين ۽ ڪڪين نسيم ڪوثر ۽ نشاط تبسم کي هن قافلي سان ساڻ ڪري ڇڏيو ۽ کين هر وقت سنڌيت جي جذبن جي اونهاين ۾ نيندو رهيو ۽ همٿائيندو رهيو. جنهن جي نتيجي ۾ سندس اولاد سنڌي ادب جو سرمايو آهي.

سندس اهو ساٿ وسريو نہ ٿو وسري جو بستري داخل هوندي بہ هو اسان سيني کي گڏ ڪري، همٿ نہ هارڻ جي قوت بخشيندو رهيو. نوان طريقا، نيون روشنيون رسائيندو رهيو. اسان هُن مردِ مجاهد کي ڪڏهن بہ مايوس نہ ڏٺو. سندس آڏو مايوسي گناهہ هئي ۽ مايوسي جا اهڃاڻ پُرخطر اهڃاڻ هئا. اهوئي سندس وڏو ساٿ هو جو 'روح رهاڻ' اڄ تائين مايوسي جو منهن نہ ڏٺو آهي ۽ سنڌيت جي جذبن جي تحريڪ بڻجي جڳ جڳ ۾ ڦهلجي وئي آهي.

اسين انهي ساٿ ڏٺي جا ٿورائتا آهيون. شال ڏٺي کيس انهن نيڪين

۽ پلاين جا پاڙا ڏئي ۽ اُتي ڪيس سڪيو رکي، ۽ سندس پونئيرن کي اها همٿ ۽ قوت بخشي جا سندن وڏو خانداني اهڃاڻ آهي.

جيئن ئي سندري اُتم هت آيا، دعوتن، جلسن ۽ محفلن جو دور شروع ٿي ويو. ڏيپلائيءَ جي المنظر تي چانهه، اُتم جو ٿيوسافيڪل هال ۾ ليڪچر، رباني جي مانيءَ جي دعوت، سچل ڪاليج طرفان منعقد ڪيل جلسو سٽي ڪاليج ۾ چانهه، سنڌي ادبي سنگت، بزمِ طالب المولىٰ ۽ رائٽر گلڊ جي گڏيل مانيءَ جي دعوت ۽ زندگي پبليڪيشن طرفان منعقد ڪيل ڪچهري ساڻن گڏجاڻين جا نمايان موقعا ۽ مهلون هيون. زندگي پبليڪيشن طرفان ڏنل دعوت ۾ سيني اديب دوستن ۽ مهمانن جهڙي نموني ۾ بي تڪلف ٿيا ۽ محفل ۾ جو رنگ پريوُن تنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

مون سندن آجيان ڪندي هتي جي ادبي سرگرمين جو جائزو ونيو سندن ڏيکاريل قرب جا ٿورا مڃيا. ۽ پوءِ ادبي محفل شروع ٿي. امداد حسينيءَ سندن آمد تي جيڪي ڪجهه محسوس ڪيو هو اُهو سيڪجهه سندريءَ ڏانهن مخاطب ٿي نظم جي صورت ۾ پيش ڪيو.

شمشير جي نظمن پڻ رنگ ڄمايو. مراد علي مرزا جي ناول جو باب پڻ ڪافي دلچسپ هو. انهي ادبي محفل هلندي، چانهه جو دور هليو ۽ پوءِ سندريءَ اياز جي ڇيڄ ۽ 'دڪايل' جو گيت جهڙي نموني ۾ ڳائي ٻڌايا تنهن تہ ٻنهه چوڌاري آواز جي سنگيت جون لهرون ڦهلائي ڇڏيون.

آخر ۾ اتم ۽ سندريءَ پڻ سيني دوستن جو شڪريو ادا ڪيو جن ڪين سڪ ۽ قرب جا گل آڇيا هئا.

محفل ۾ خاص طور محمد ابراهيم جويو، غلام رباني، شمشيرالحيدري، امداد حسيني، ع.ق. شيخ، ناصر مورائي، آغا سليم، جمال رند، اشفاق حسين، مراد علي مرزا، عبدالغفور انصاري، چنہ شبير نازؔ ۽ شمس عرساڻي نمايان هئا.

خواتين اديبن مان بيگم زينت چنہ ۽ بيگم مجيده سلطانہ پرڳڙي خاص طور شرڪت ڪئي.

اِنهي محفل کي يادگار بڻائڻ لاءِ اشفاق حسين تصويرون ورتيون.

- ۽ پوءِ ياد اچي ٿي اُها شام جا اوتري اُداس هئي جيترو اُهو وڻندڙ صبح، جنهن شام جو مون کين الوداع چئي. سندن اکين ۾ محبت ۽ پيار جي ساگر پئي چوليون ڏنيون. مان سندريءَ جي انهن سڪ ۽ قرب وچان چيل ٻولن جو بہ تہ جواب ڏئي نہ سگهيس، پوءِ مون کين جهڪي پرڻام ڪيو ۽ هليو آيس.

[1964]

## يادگيرين جو سفر_ 1

يادگيرين جا انبار ڪٽي ماڻهو ڪاڏي وڃي؟ يا ته وڃي ڪي محفلون مچائي ۽ يارن سنگتين سان ٻاڙون نڪاءَ هٽندي هنيان جو بار هلڪو ڪري، يا وري ويچار پچاري وڏيڪ هنيان ڳرو ڪري ويهجي سپ ڪان پلو ڏان اهو آهي جو قلم کٽي يادگيرين جي انبار مان ڪاڳهڙي چورائي ڪجهه لکي ونجي.

هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي سفر جو رُخ پنهنجو پنهنجو ٿئي ٿو. ڪڏهن اٽائو ڪڏهن سٽائو ڪير چئي سگهي ٿو ته گودڙيءَ ۾ لعل لڪل آهي يا هندوري ۾ لڏندڙن جو حال وڃي هيٺو ٿيندو.

اصل ۾ انهيءَ حياتي جي سفر جي رستي ڪي ڪئين ور وڪڙ آهن. مان جڏهن انهيءَ رستي تي هنيل پنڌ کي ياد ڪندو آهيان ته ڪڏهن ته سرور ۾ اکيون ٻوٽجي ويندیون اتم، ۽ وري ڪڏهن بت سڄو سيسرات ٻڻجي ويندو آهي.

مون کي ياد آهي اهو زمانو جڏهن "روح رهاڻ" رسالي جي ذميواري سر تي هئي. "روح رهاڻ" جي شروعات 1960ع ۾ ٿي، اسانجو فقيراڻو لڏو روزانو اٺ آنا خرچي ملي توڙي جو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا هجون. پٽ سٽ، پن سن ڪري رسالي جي شروعات ڪئي سون، ڏاڍا پر اُميد هجون، ان وقت شروع ۾ مون سان غياث ۽ ناصر گڏ هيا. پئي مون وانگر ڦڪڙ غياث ويچارو ڳوٺان آيل خرچ مون کي ڏئي، مهينو سڄو ويچار ۾ گذاريندو هيو. ناصر ساليانی خريدارن لاءِ ستون ڏاڍيون ڏنيون، پر جنهن وٽ وڃي : يلا ڪيس تقرير جو شوق وني ڪو اهڙو بحث شروع ڪري جو يار پرچي جي ڪاپي مفت ۾ وني چڏنس خبر تڏهن پئي جو ٻن چئن مهينن ۾ اسانجو حال هيٺو. مطيع الرحمن پريس وارو ڪيستائين اوڌر رکي؟ اهو به ان وقت اڄا "هاري حقدار پريس جو مقاطيدار هو مقاطعو ڏئي، يا اسان سان وهي ! جڏهن پنهنجي پريس ٿيس تڏهن واقعي هو وهيو ۽ مڙسان مڙسي هليو. ڏٽي ڪيس جنت ۾ جايون ڏئي. جڏهن پرچو بند پي ٿيو: سنگت پي ويچاريو مان جيجل بيگم زينت چنه سان صلاح ڪئي. اها

ويچاري ان وقت پاڻ مالي مشڪلات ۾ هئي. تنهن پاڻ اجازت ڏني ۽ مان مرحوم جي، ايم شيخ سائين وٽ گهڙي ويس. شيخ صاحب ان وقت "ڳوٺ سڌار" کاتي جو وڏو صاحب هو ۽ جي او آر ۾ اسان جي گهر سان گڏ گهر هيس ۽ منهنجي والد صاحب مرحوم سيٺ محمد اسماعيل سان دوستي پڻ هوندي هيس. مون شيخ صاحب لاءِ نوڪري لاءِ عرض ڪيو هن بنهه انڪار نه ڪيو پر والد صاحب سان ڳالهائڻ جو اشارو ڏنائين، مون ڪٽي پيرن تي هٿ رکيامانس. ڇاڪاڻ ته مون کي خبر هئي ته بابو سائين مون کي نوڪري ڪرڻ نه ڏيندو. هن جو ارادو هيو ته نينگر پڙهي ۽ پڙهي سي ايس پي يا وڏو آفيسر بڻجي. شيخ صاحب جو اهو احسان مان نه وساريندس، هن مون کي نوڪري ڏني ۽ انهن پيسن مان" روح رهاڻ" تڙڳي هلي.

مون کي جڏهن پهرين پگهار ملي ته "روح رهاڻ" جي سلسلي ۾ قرض ڏيڻو هو پر ان سان گڏ اهو به هوته پهرين پگهار امڙ جي هٿن تي رکان مان منجهي پيس. جيتوڻيڪ بابي سائين جي ناراضگي سبب والده به ڪجهه پري پري هئي. جيتوڻيڪ منهنجي پگهر جو پورهيو قوم جي لاءِ هيو پر امڙ جنهن سڄي حياتي مونکي ڏني ۽ پگهر سان گڏ رت ست ڏنو ان کي مان ڏيڻ تمام ضروري هو. مان وڃي پيرن تي هٿ رکيامانس. پهرين پگهار 250/ (اڍائي سو) هٿ تي رکيامانس. اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس. وڏي پٽ جي پهرين ڪمائي جو هيس. مان ڏاڍو خوش هيس. روح رهاڻ جو حشر نشر ٿي ويو. رسالي جي سائز نون يارن ڪتي چڊيءَ جهڙي ڪري ڇڏي هئي. مطيع الرحمن چپ هو. اوڏر ٿي پني ڏيڻ وارن به هاڻ نابري واري، مون ڇڪي بيو مهينو ڪڍيو. پهرين تاريخ پگهار ڪٽي امڙ وٽ ويس. وري به روئي پئي هيڏي عيال وارو گهراڻو سندس هٿ به ايڏو ڪليل نه هو. مان صبح جو جيئن ٻاهر نڪتس پتلون جو کيسو ڳرو لڳم: ڏٺم ڪافي پيسا هيا. ويچار ۾ پئجي ويس، ڳڻيم ته ٻئي پگهارون پوريون هيون. سمجهي ويس، هڪدم امڙ وٽ ويس، اچا ڪچان ٿي ڪچان ته يڪدم چيائين:

مٺل، هنن پيسن جي ضرورت توکي آهي جڏهن مون کي ضرورت پوي ته پوءِ جهجها ڏجان وڃ وڃي قرض لاهه. ڏٺي ڪندو ته توکي تنگي ڏسٽي نه پوندي پر ياد رکجان منهنجو هي قرض اٿئي"

پاڻ ڪلي بئي پر مان رئندو نڪري آيس اهو قرض نه لٿو ٻيا قرض لٿا. تنگي به لٿي، پر پانيان ٿو امڙ جو قرض نه لهي، نه لٿو.

جيتوڻيڪ ڪيئي سال پوءِ اها ويل بہ ياد اٿم جڏهن والد صاحب جي وفات کان پوءِ گهر جي ذميواري مون تي آئي ۽ مان سندس پورهيت هٿين تي گهر جو خرچ رکندو هيس، تہ سندس چهري تي فخر هوندو هيو. جيتوڻيڪ خرچ اڃا بہ ٻي جي ڪمائيءَ جو هيو. منهنجو ڪنڌ هيٺ هوندو هيو. سوچيندو هيس تہ اها گهڙي ڪڏهن ايندي جڏهن مان سندس تري تي پنهنجي جهجهي ڪمائي رکي قرض لاهيندس، اڃا اِنهي ٻڌ تر ۾ هيس جو پيڻ جي شادي اچي سر تي پئي. جيڪي ابي جو رکيل هو سو بہ ڏنم پر پوري ڪانہ پئي. جو ڪنڌ هيٺ هيو سندس انا کي مون مجروح ٿيندي محسوس ڪيو مان سڄو ڏکي ويس،

منهنجي آڏو سندس زندگي جو لاهين چاڙهين وارو دور سامهون اچي ويو سندس جهريل جسم کي ڏٺم. سندس ٿڪل چهري تي گهنج ڳڻڻ جي ڪيم. پر ڳڻي نہ سگهيس. پيرن تي ڪري پيومانس، ”امڙ تنهنجو ڪو قرض لهڻ جوڳو آهي؟ سچي، هڪ ڏينهن سڏي چيائين ”منل پيسا ڪپڻ، نياڻي جو معاملو آهي،

مان ان وقت پريشان هيس، ”ڪٿان بيا آڻيان؟ سڀ ڪجهہ تہ ڏنو اٿم!“ منهنجي لهجي ۾ ڪهرائي هئي. هوءَ ڪا گهڙي چپ رهي، پوءِ يڪدم چيائين، منهنجو توڏي قرض آهي.

”قرض_!“

چوڻ پئي چاهيم چاجو قرض، ڪهڙو قرض؟ پر يادگيرين جي سفر جي گهڙي گهڙي ياد هوندي اٿم. ٻڌي ويس، ”ايترا پيسا ڪٿان ايندا“ پر يڪدم امڙ کي چيم، ”امڙ توکي پيسا پهچندا.“

مان نوشهري کان حيدرآباد واپس آيس، منهنجي ڏک سک جي ساٿي زينت پريس کي اچي وڪيم. ٻنهہ روئي پيس. ڏاڍن سورن ۽ پيٽ کي منيون ڏئي اها پريس ناهي هيم. جنهن ۾ جيجي زينت چنہ جي پل پل جو پورهيو بہ شامل هيو. هوءَ بہ هاڻ ٿن دنيا ۾ نہ رهي هئي. مون پريس اوڻي پوڻي اگهن ۾ وڪي ۽ پيسا اچي امڙ جي هٿ تي رکيم، هو هيترا پيسا ڏسي واٽڙي ٿي وئي. هن کي منهنجي هيٺي حال جي خبر هئي ”نيٺ قرض لاٿئہ!“

پل لاءِ منهنجو ڪنڌ فخر کان مٿي ٿي ويو پر چيم تہ، ”امڙ ڇمار وهان ۽ ڳران تہ بہ نہ لاهي سگهان، تنهنجو قرضي آهيان ۽ رهندس جيجل!“

هن منهن مٿي ڪٽي نهاريو سندس چهري تي هاڻ ڪو فڪر نہ هو مون محسوس ڪيو تہ سندس سڀ گهنج لهي ويا هئا. سندس منهن اجرو ۽

روشن هو مون کي لڳو تہ منهنجو من نہ رڳو وڏيڪ اجرو ٿي ويو آهي، پر منهنجو آئيندو بہ روشن آهي وڏي مٿي تي هٿ رکيائين رڳ رڳ ٺري پيم. اٺانگي پنڌ وارو هيءَ حياتيءَ جو سفر ڏاڍو سولو پيانيم.

❊

## يادگيرين جو سفر _ 2

زندگي جو سفر ڏکيو هجي يا سکيو پر انهي سفر ۾ گڏ، ڏک سک ۾ شامل همسفر ساٿي ڪڏهن نہ وسريا اٿم ۽ نہ وسرندا. ان ڏينهن پنهنجي جهوني بزرگ ساٿيءَ کي ڏاڍو ياد ڪيم، جڏهن سندس نياٽيون ڊاڪٽر نصرت ۽ ڊاڪٽر سيما سندس ٻارهي جي انتظام جي سلسلي ۾ صلاح ڪرڻ آيون. هن مهيني ۾ سندس ٻارهو آهي لڳم جڻ منهنجي سامهون ويٺو آهي، ڪل ڪلهوٽي ڳالهہ آهي، زينت هائوس جي خوبصورت ورانڊي ۾ ساڳوان جي آرام ڪرسي تي ايو جڳن ڪان ويٺل هڪ ڏاهو باهمت، اهڙو انسان جنهن جي شفقت ۽ محبت سان ڀريل جملا اڄ بہ ڪنن ۾ ٻرن ٿا.

"بابا! تنهنجي جيجان تہ ڇڏي وئي، پر تون نہ ڇڏ جان"

مون جيجل بيگم زينت چنہ سان ساٿ توڙ تائين نڀايو هو هن پنهنجي ڏک سک جي ساٿي کي ڪيئن ڇڏيان ها؟

مون ساٿس توڙ نڀايو آخري آرام گاهہ تائين گڏ هو مانس. لڳندو اٿم تہ هو اڄ بہ مون سان ساڻ آهي ۽ پنهنجو توڙ پيو نڀائي.

محترم عبدالله چنہ، اصل ويٺل پاٽ جو جهونو اديب، روينيو کاتي جو ڄاڻو آفيسر ٿي رهيو. هن اديب سنڌ ۾ اوائلي دور ۾ لکيو سندس لکڻيون مختلف رسالن ۾ ڇپبيون رهيون. سندس خاص وٽندڙ مضمون تاريخ هو. ڪيس خاص طرح سنڌ جي تاريخ تي وڏو عبور حاصل هو. سندس دلچسپ ڪهاڻيون بہ لکيل آهن. سندس وڏو اهم ڪارنامو رڻ ڪڇ واري ڪيس ۾ ڪيل محنت ۾ جينوا تائين پنڌ، سندس اهميت جو اهڃاڻ آهن. اُن ڏينهن دوست احمد (رحمان بوڪ بائينڊنگ وارو) آيو ۽ چيائين تہ سندس روزانہ عبرت ۾ ڇپيل رڻ ڪڇ جو ڪيس هڪ تاريخي مقالو آهي ؛ اهو ڪتابي

صورت ۾ ڇپجڻ کپي. هو شايد جلد اهو ڇپائي. مون کيس چيو ته، سندس تاريخي مضمون پڻ ڇپجڻ کپن، عبدالله چنه صاحب جي سنڌ ۽ ان جي ماڻهن سان عشق جو اظهار هيٺ ڏنل مضمونن مان پڙهندڙن کي چڱي پر ٿيندو.

عبدالله چنه صاحب جي مشهور ڪهاڻين "سرڪاري نڪاح" "رشوت بند" جلسو" ناني امان جو ڏاجل وٺو" جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. چنه صاحب پنهنجي يادگيرين کي هڪ ڪتاب ۾ به جمع ڪيو آهي. وقت مليو ته ان مان ڪجهه ٽڪر پڙهندڙن کي ضرور پڙهائيبا. چاڪاڻ ته چنه صاحب جي هر اکر ۾ تاريخ سمايل آهي. سندس هر مضمون مٽيا ۽ ڏاهپ سان ڀريل آهي.

سادي ٻولي، گهرو فڪر چنه صاحب جي لکڻين جي خاص خوبي آهي.

محترم چنه صاحب جو ساٿ مون سان "روح رهاڻ" سان ۽ اسانجي سڀي اديب لڏي سان ان وقت رهيو جڏهن پنهنجا به پراوا هيا. ڪيترن بزرگن خاص طرح اسان جي نئين فڪر کي ننديو پئي. اسانجي ماڻهن جي ڳالهه ماڻهن تائين پهچڻ نه پئي ڏئي. عبدالله چنه صاحب، "روح رهاڻ" جي هر صفحي تي سنڌ ۾ سنڌ جي ستايل ماڻهن جي ڳالهه ڪئي.

سندس ٻارهي جي موقعي تي مون وٽ لفظ نه آهن جو کيس خراج عقيدت پيش ڪريان، ان لاءِ مون هي به لکڻيون چونڊيون آهن. اج کان ڪيئي سال اڳ لکيل هي لکڻيون اسانجي اندر جو احوال اورين ٿيون. شال ڏڻي چنه صاحب کي جنت ۾ جايون ڏئي ۽ سندس پوئيرن کي توفيق ڏئي ته سندس نان جي مشعل روشن رکن ۽ ههڙي املهه ماڻڪ مٽان وقت جي دز نه چڙهڻ ڏين. ماڻهو پل متيءَ ۾ دبجي وڃي پر شال سندس مٽيا متي ۾ نه ملي!

## سنڌ جو پهريون گورنر

اج کان اٽڪل سوا سو صدي اڳ، سنڌ جو پهريون گورنر نيپئر هو. ان جي نالي تي ڪراچيءَ ۾ نيپئر روڊ آهي. خاص انهيءَ رستي تي نيپئر جو نالو ڇو پيو، سا خبر نالي رکڻ وارن کي، ان کان سواءِ ڪياماڙيءَ جي رستي تي نيپئر نل آهي ۽ ۽ نيپئر بئرڪس وغيره. جنهن جي نالي چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن ڪنهن دوست کي چيو هو ته مون کي پنهنجين نياڻين جي شادين لاءِ چڱي رقم جي ضرورت آهي، جا پوري ڪرڻي اٿم اها ڪيئن پوري ٿي؟ ان جو ذڪر به عجيب آهي.

17 فيبروري 1843ع نيپئر گورنر جنرل کي ڪلڪته ۾ هڪ تار موڪلي، تار جو مضمون لاطيني زبان ۾ ڏنل هو ته معاملول مخفي رهي (piccavi) جنهن جي معني ٿيندي "گناهه ڪيو اٿم (i have sinned) لفظ (Sinned) (i have scinde) ذو معني هو يعني ته سنڌ هٿ ڪيم.

1843ع کان ٻارنهن ورهيہ اڳ يعني 1831ع ۾، جڏهن پاٽنجر مشن سنڌ ۾ آئي تہ پهرين فيبروري 1831ع جي، جڏهن انگريزن جي ٻيڙي ڪچي قلعي جي قريب آئي تہ هڪڙي سنڌي صاحب رڙ ڪري چيو ”گهوڙا ڙي! سنڌ هاڻي وئي، جو اسان جو سنڌ درياهہ جو رستو هنن ڌارين ڏسي ورتو “ 1843ع جي ساڳي فيبروري مهيني ۾ ٻارهن کان پوءِ اها پيشنگوئي لفظ بہ پوري ٿي. سنڌ جو ملڪ ”ٽوپلي وارن (Hat Men) 20 فيبروري 1843ع ورتو ۽ حيدرآباد جي قلعي تي انگريزي جهنڊو لڳايو ويو. بيگمات کي پنهنجي سامان کڻڻ جي اجازت نہ ڏني وئي ۽ مرزا خسرو بيگ ميرن جو وزير ۽ خزانچي، ان کي چيلهہ ۾ رسا وڌا ويا تہ اسان کي خزاني جون ڪنجيون ڏي يا ڏس ڏي تہ خزانو ڪٿي آهي. بيگمات پنهنجو زر زيور وغيره ڪڍن ۾ پورائي ڇڏيو هو مگر انهن جي نوڪرن ۽ نوڪراڻين کان سچي ڪرائي ڪڍون ڪوٺائي سمورو خزانو لوٽيو ويو تہ شيطان جي ياءُ جي ڏيئرن جي ڏامر ڏوم سان شادي ٿئي ۽ نيپيئر جا محلات اڏجن. هي هو ان وقت جي انگريزي حاڪمن جو انصاف، عدل، رعيت پروري ۽ رحمدلي.

❊

## يادگيرين جو سفر_ 3

زندگي جا پنڌ پيچرا ڪڏهن بہ خالي نہ رهيا آهن. هنن پيچرن تي ڪئين ئي اکيچار پائڌينڙا پنڌ ڪندا هلندا هلندا واٽ وندر جي وٽي ويندا رهيا. زندگي جي هنن پيچرن تي نہ ڪي ميل جا پٿر لڳل آهن. نہ وري اشتهاري بورڊن جي جاءِ. جو ماڻهو انهيءَ سفر دوران پنهنجي لنگهڻ جو نشان پتو ڏيندو وڃي. ان ماڻهو جيِ انهي سفر ۾ لنگهڻ جو ڏس پتو همسفر ئي ڏئي سگهي ٿو.

هن حياتيءَ جي سفر ۾ منهنجا ڪئين همسفر رهيا آهن. ڪنهن وڪ تي ڪو ڪنهن واٽ تي ڪو مليو. ڪي ساٿ نڀايو اچن، ڪي وري وچ پنڌ ۾ هٿڙو ڇڏايو رمندا رهن. مون سياري ۾ صبح جو ڪوهيڙي کي لهندي ڏٺو آهي ۽ سج جي ٽڪ تي گم ٿيندي ڏٺو آهي. مون قاضي فيض محمد کي هڪ دفعيِ اِئين ڪوهيڙي ۾ ويندي ڏٺو. ڪوهيڙو گم ٿيو روشني ڇٽي ٿي، قاضي صاحب مون کي نظر نہ آيو. مان اڄ بہ ڳوليندو رهانس ٿو جڏهن جڏهن لکت جي پراڻن پنن کي ڳوليندو آهيان، تہ ٻين سان گڏ هيءُ ملندو

اٿم. سندس ادب ۾ وڏو اهڃاڻ سندس ناول ”جنسار“ آهي. اُن کانپوءِ ٻيو بہ ناول لکيائين، پر سندس جنسار کي وڏيڪ شهرت ملي. پر مون لاءِ قاضي صاحب رڳو ناول نگار اديب نہ هو. منهنجي عزيز هوندي بہ ساڻس ايڏي ويجهڙائي نہ هئي. هالاڻي جي اصل وينل هن همراهہ نوابشاهہ ۾ وجي گهر ڪيو هو. مون کي تڏهن مليو جڏهن ”روح رهاڻ“ جي جشنن ۾ شريڪ ٿيو ءِ لکڻيون موڪليائين. هيءُ سياسي ميدان جو پراڻو رانديگر، عوامي ليگ جو وفادار ساٿي ۽ سنڌ جي نئين فڪر جو اڳواڻ هو. سنڌ ۾ آيل نئين هلچل ۾ هن هستيءَ جو نمايان هٿ هيو. مڪمل صوبائي خودمختياري واري نظريي جو اڳواڻ، سنڌ جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو. سنڌ جي اديبن مفڪرن کي پاڻ سان گڏ کنيو وتندو هو سنڌ جي اديبن مفڪرڻ کي پاڻ سان گڏ کنيو وتندو هو سنڌ جي حقن جون پچارون ڪندو. ڪو وقت، ڪو زمانو هو ماٺ نہ وينو. جلاوطني، جيل، سڀ ڪاٽيائين، پر مون سندس فڪر ۾ ڦير گهير نہ ڏٺي. نوابشاهہ سندس پراڻي پر شاندار روايتي گهر ۾ ،مان ساڻس ڪئين دفعا ملڻ ويس. ڪڏهن اڪيلو ڪڏهن سگهرو. سندس گهر وارا تہ ماڻُ ڏين، پر پاڻ وسان نہ گهٽائيندو هو. پيو ڪودمان ڪندو. جڏهن گهر وارا پنهنجين ڪچهرين ۾ هوندا اسين سري ٻئي پاسي ويهندا هياسين. چوندو هو ”بابا! جيسين سريءَ ۾ ساهہ آهي سنڌ لاءِ وڙهبو رهبو.“

سندس پويون ملاقاتون مون لاءِ عبرت جوڳيون ۽ نصيحت ڀريون هيون.

”حميد بابا، تو جيڪا مشعل ٻاري آهي، اها نہ وسامندي. اسين ڀل وسامي وڃون پر اِها ذهني ۽ فڪر جي آزادي واري مشعل ضرور ٻرندي رهندي“ منهنجون ان زماني ۾ ساڻس سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن تي ڪافي ڪچهريون ٿيون ۽ روح رهاڻ جي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ سندس ڪنهن نہ ڪنهن فڪر جي پچار ضرور هوندي هئي. سندس فڪر ۾ گهرائي ۽ گيرائي تڏهن آئي جڏهن هو سنڌ جي مفڪر علامہ آءِ آءِ قاضي جي ذات سان وابستہ ٿيو. سندس پويون لکڻيون علامہ آءِ آءِ قاضي جي فڪر ۽ شخصيت جي پڙلاءَ سان ڀريل آهن. سنڌي اديبن جا احتجاجي جلوس جلسا هجن يا سياسي پارٽين جا جلسا ۽ جلوس، قاضي صاحب هميشہ اڳيان ۽ نمايان هوندو هو.

شايد ٿورن کي خبر هجي تہ قاضي صاحب ڪافي شعر بہ لکيو. جيئن تہ پاڻ راڳ جو جاڻو ۽ شوقين هو تنهنڪري سندس شعر ۾ بہ اهائي سنڌي راڳ جي ڪيفيت آهي. جشن روح رهاڻ ۾ ميوزڪ لورس ڪلب“ جي

پاران سجايل راڳ جي محفل ۾ ضرور شريڪ ٿيندو هيو. هو هڪ دفعو ان محفل ۾ ضرور شريڪ ٿيندو هيو. هو هڪ دفعو ان محفل جو خاص مهمان بہ رهيو. سندس شعر جا ڇپايل ڪتابڙا ڏٺا هيم پر اتم ڪونہ. سندس ڪافي مواد اڻ ڇپيل ڏٺو هيم. سندس نينگر توڙي نينگريون پڙهيل لکيل روشن خيال ۽ همٿ وارو سٽ آهي، سندس هن وائي جا بند ڏسو:

ڪانهي خاطر ڪنڌ ڪپائڻ،
ڪانهي ڳالهہ ڳري او سائڻ،
منصور بنجي سوري سجائڻ
ڪانهي ڳالهہ ڳري او سائڻ
مومل ماڙي سيج وڇائڻ
ڪانهي ڳالهہ ڳري او سائڻ
گڏجي ڪا نئين جوت جلائڻ
ڪانهي ڳالهہ ڳري او سائڻ
دل ۾ سنڌ جو درد سمائڻ
ڪانهي ڳالهہ ڳري او سائڻ

ڪين گهرجي تہ قاضي فيض محمد جي فڪر کي عام ڪن، ڇاڪاڻ تہ سندس سڄو فڪر سنڌ جي فڪري آزادي متعلق آهي، سندس لکڻين ۾ همٿ ۽ ڏاهپ جا نڪتا آهن. جڏهن سنڌ جي تاريخ جا صفحا اٿلائبا تہ قاضي فيض محمد جو ذڪر ضرور ايندو جو هو پڇاڙي تائين فڪر جو پرچار سنڌ جي حوالي سان ڪندو رهيو.

ڪاڳر ڳوليندي ڦولهيندي سندس لکڻي هٿ آئي اٿم.

علامہ آءِ آءِ قاضي سان عشق هن مضمون ۾ نمايان آهي. ان جي فڪر جو بہ هيءَ پرچاري نظر ايندو.

مان اڄ بہ آسائتو آهيان تہ ڪنهن ڏينهن منهنجا همسفر ساٿي فجر واري ڪوهيڙي ۾ لڪي ئي ملن ۽ مون کي ڪا مام ڏني وڃن. جو جيڪي فڪري مونجهارا ڪلهہ هيا، اڄ اوندهہ بڻجي ڪو رستو نہ پيا ڏين. شال! اهي ساٿي ور ڪري ملن جي نہ مليا تہ بہ مان ڪين سندن ڏنل يادگيرين ۾ ڳولي هٿ ڪندو رهندس، ۽ اسانجي اڄ جي موجود مونجهاري لاءِ ڪانہ ڪا راهہ ضرور ڳولي لهندس. مون لاءِ هي يادگيريون حڪمت جي نسخي کان گهٽ نہ آهن.

## سڄڻ جي آخري مسافري ـ علامہ آءِ آءِ قاضي جي وفات تي هڪ تاثر

سڄڻ سپ لاڳاپا لاهي وڃي سنڌوءَ سان ساڻي ٿيو. بس اتي ئي اندر مهراڻ جي پيٽ ۾ وڃي آرامي ٿيو. مهراڻ، پراڻين هزارن ورهين. لکن ورهين جي روايتن جي هڪ ياد آهي، هڪ تاريخ آهي، هڪ ڪهاڻي آهي. سندس ڪپر ڪڏهن ڪٽ ڪڏهن ڪٽ: سڄي سنڌ سندس قدمن هيٺ پئي ٻڏي آهي. ڪئين انسان، ڪئين يادون، ڪئين ٻيڙيون ڪئين ٻيڙا، سندس آرپار هليا. ڪئين ڪنا، ڪئين منا، ڪئين ٻڏا ڪئين تريا بس، هيءَ سنڌو هلندي رهي. ايڏي وڏي ندي ۽ ايڏو وڏو درياهہ ڌرتيءَ جي پيٽ تي هلندو رهيو. مگر اهو بہ اڄ ويران ٿيڻ وارو آهي. سندس ڦڙو بہ چون ٿا تہ ڪنهن ڏينهن سمنڊ تائين نہ پهچندو. هيءَ لکن جي لوڏ واري مومل هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندي.

اڄ ان ڏهاڳڻ نديءَ ۾ سڄڻ وڃي آستانو ڄمايو. سڄڻ سان سنڌڙيءَ سان سڄڻ جي ڪيڏي نہ محبت هئي! ڪيترا سنياسي پنهنجي هڏڙن کي گنگا ۽ جمنا موڪلن، پر سڄڻ جيئري سنياسي بنجي، سنڌوءَ ۾ وڃي آخري آرام ڪيو. سڄڻ سنڌ جي نشاني هئا. جيئن لطيف کي پنهنجا مارو جهانگي، ساموندي سپ ساهہ ۾ سانديل هئا، ايئن سڄڻ پڻ ساموندين کي ياد ڪري رئندا هئا، ايئن سڄڻ پڻ ساموندين کي ياد ڪري رئندا هئا. سڄڻ پنهنجا سانگا لاهي، ساموندين سان وڃي سنمک ٿيا.

پر پرين کي پريت وارن موتائي ساڳي مڙهي ۾ آندو. پر اڄ پرين جي اِها جهلڪ اها فلڪ ڪانہ آهي. اڄ ماٽ آهي. ماٽ بہ ڏاڍي ماٽ! جت پنجاهہ سان گذري ويا. جت جوڳيڙن جو جوڙو هلندو هئو. ڦرندو هئو. کهڙو ترين سان گڏ گهمندو هئو. گڏ وهندو هئو. اهي وڻ، اها ڇانو اهي ڇپر، سپ ويران آهن. بس چپ آهي ماٽ آهي سانت آهي! سپ قرب وارا اچي وهن ٿا. پر اڄ تربدار تمنا جي هٿن ۾ اچي قابو ٿي ويا. سڄڻ جوسهڻو آواز سڄڻ جي منې لات. اڄ هن اوتاري ۾ ڪانہ آهي. خالي بدن آهي اڄ زندگيءَ جي شام آهي، نہ تہ اڄ اها زندگي ڪانہ آهي، صرف هڪ مام آهي. هيڏي وچ، هوڏي وچ، بس سڄ ۽ رڄ آهي. هيءَ منين تارُن وارو ساز هيءَ محبت وارو راز هيءَ مونن ۾ منهن پائي وهڻ وارو ناز اڄ بي آواز آهي، سپ تانگهي رهيا آهن. من کي من موهيندڙ مورتون نڪري نروار ٿين. اهو مرڪڻ ويو هو بس اڄ بي وس آهن. هيءَ مورتون ۽ صورتون هي ڪتون وهاڻا. هيءَ هنڌ پلنگ. سپ اداس آهن. هيءَ وهڻ ۽ گهمڻ وارا. هيءَ ٻولين ٻولڻ. هيءَ ٻين جي ڏکن ۾ ڏکي ٿيڻ وارا اڄ آخري سفر تي هلڻ وارا آهن.

عاشقن جو جنازو ذرا ڏوم سان نڪري، نہ هيءَ اهي عاشق نہ آهن. ڏوم
کان دور تمام گهڻو دور بس اڪيلائي، نہ ڪو ماڻهو هجي نہ ڪو پکي هجي، نہ
پن هجي، نہ پن جو آواز هجي بس خاموشي هجي، چپ هجي، ماٺ هجي، پڙ
سندن قرب جي جهولي ڏاڍي اونهي ۽ وڏي هئي: جو بہ جهولي ۾ آيو ۽ جنهن بہ
قرب جون گهڙيون وٺن ڪاٽيون ، تن کان سڄڻ وسرڻ جهڙا ڪين آهن.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
انئي پهر اٿن، سعيو ڪنهن سفر جو

ڪهڙو سفر؟ ڏاڍو ڏکيو سفر، وري نہ موٽڻ وارو سفر! سڄڻن جي مٿان
گل ڦل وڏا ٿا وڃن، سينگاري سڄڻن کي، ساري سنگت سنبري نڪري ٿي،
جوڳيئڙا جهان جي جهنجهٽ کان اڳئي پري هئا. پر اڄ تہ ڏاڍو پري پيا وڃن.

ننگر ۾ ناڙيون، پڳهہ ڪٽي پنڌ پيا،
بندر بازاريون، سڃا سامنڊين ريءَ

—

سيئي جوين ڏينهہ، جڏهن سڄڻ سفر هلئا
رئان، رهن نہ سپرين، آيل! ڪريان ڪيءَ
مون کي چاڙهي چينءَ، ويو وڻجارو اوهري!

هيءَ هتان اڄ هلي رهيا آهن. هيءَ آسمان، هيءَ چنڊ، هيءَ تارا نياز وارا اڄ بند
ٿي ويا، هو تارا، هو چنڊ، هو آسمان، اوپارا ۽ لهوارا پڇن ٿا. هنن تارن ۾ پاڻ کي ڏسڻ
لاءِ مگر هيءَ اکيون هميشہ لاءِ بند ٿي ويون. هيءَ هوا هيءَ پڙلاءِ هرهر هيڏي هوڏي
ڦرن ٿا. من زبان چري، من منهن کلي، من موتي جهڙا اکر اچارجن تہ هو هن کي ڪٽن،
سڪ وارن کي پهچائن، هوا اداس آهي، هيءَ زبانون هيءَ منهن هميشہ لاءِ بند ٿي ويا.

وڻجارن وري، پره پڳهہ چوڙيا
اوا ڄن پسي انجون پئڙم ڳچ ڳري
ويندي‍س ماءُ مري، ساري ساموندين کي

هيءَ نسبت بہ عجيب آهي، هيءَ سنگت بہ عجيب آهي. سنيِ چپ!
سڄڻ تہ صفا چپ! ايڏي چپ!

هيءَ مڙهي بہ هاٽي چڏي نڪتا آهن. وري هت ڪونہ ايندا، وري هت ڪونہ گهمندا، وري هت ڪونہ ملندا.

مون اُيي تڙ وٽ پرين پڳهہ چوڙيا
ڪا منهين ۾ گهٽ، نات سجڻ سپاجها گهٽون

هاٽي سپرين راهي ٿي ويا، اڳ ۾ پرين، پوبان سندن پور. ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون، ڪهڙا ڪهڙا زمانا! ڏاڍا منا منا ڏينهن، سپ پور ٻڌجي سور ٿيو پون، ڪنهن ٿي چيو تہ هيءَ ڏينهن بہ ايندو؟ اِهو ڏينهن ڏهاڳ جو بہ آيو. اچي گذري بہ ويو.

اچي ساڳيءَ سنڌڙيءَ تي بہ پهتا، اها سنڌڙي تہ آهي، پر اهي سجڻ اج ڪونهن : سجڻ گهٽو اڳ ۾ هليا ويا. هيءَ بہ پاڇا آهن. هي رج آهي. پاڻي ۽ پياس اڳ ۾ ختم ٿي ويا. پر هيءَ بہ سجڻن جا پرتاءَ سي بہ سجڻن کان سواءِ، پنهنجو سانگ توڙيو. سنبري هميشہ وجڻ لاءِ نڪتا آهن. هنن جو ناز بہ سجڻن سان هو: جڏهن تہ هيءَ سجڻ ويا تہ هيءَ ڪيئن رهن، هي بہ نصيب وارا وفادار پتلا آهن، پرين کان ڏار هڪ پل بہ نہ رهيا.

هيءَ مسافري بہ اچي پوري ٿي آهي. اچي سپ هت بيٺا. سجڻن ڪي سينگاري ٻنپاري هيٺ لاهن پيا. بس، آخري گهڙي آهي: وري هيءَ گهڙي بہ نہ ايندي. سيني ڪي اکين ۾ آب آهي، دل بي تاب آهي.

اج پڻ وايون ڪن، وڻجارا وجڻ جون
هلڻ هارا سپرين رئان تان نہ رهن
آئون جهليندي ڪيترو آيل! ساموندين
پڳهہ چوڙي جن: وڏا ٻيڙا ٻار ۾

[قاضي فيض محمد
روح رهاڻ، نومبر 1968ع ]

❊

## يادگيرين جو سفر_ 4

هيءَ تنهن زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن حيدرآباد جو گاڏي کاتو گهوڙي گاڏين سان پريل اچن اجرن پرامن ماڻهن جي چرپر سان پر هوندو هو. گاڏي کاتي جو مشهور چوڪ ۽ هاري حقدار پريس هڪ ٻئي کان جدا نہ هيا. مون جڏهن مئٽرڪ ۾ گورنمنٽ هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي تہ دادن جتوئي سان ملاقات ٿي جنهن سان گڏجي هاري حقدار پريس گهمڻ آيو هيس. ڏاڍي حسرت سان پريس

ڪي ڏنم. ڏاڍي سٺو هيم تہ پنهنجي پريس هجي ۽ مان هڪ سٺو ماهوار رسالو ڪڍان. انهي شوق ۾ هاري حقدار پريس ايندو بہ هيس ۽ ڪجهہ ڪجهہ سکڻ جي بہ ڪيم. ان زماني ۾ مطيع الرحمن ۽ رزاق يائي گڏجي پريس مقاطعي تي ڪنئي. ماٺهو چڱا هيا. مون کين سمجهيو ۽ هنن مون کي. مون ڪتابن ڇپائڻ سان شروعات ڪئي ۽ زندگي پبليڪيشن جو پايو وڌو.

اُن زماني ۾ جمال ابڙي جو "پشو پاشا" غلام رباني جو "آب حيات" مورائي جو "راتيون جاڳن جي" ۽ منهنجو ڪتاب "سيمي" انهي پريس مان ڇپيا.

اِنهيءَ ڪم سانگي منهنجو اُٿڻ وهڻ پريس سان هيو. مان جڏهن پريس تي ويندو هيس يا شام جو پريس تان نڪرندو هيس تہ عبرت پريس واري گهٽي جي ڪنڊ تي "مولانا تائيپ" هڪ ٿلهو ٿنيرو اڇو اجريل وڳو پايو هڪ ماٺهو مون کي نظر ايندو هيو. سهڻي سونهاري عينڪ ۽ ٽوپي سندس جسم مناسب نہ بہ هوندي سندس شخصيت ۾ هڪ ڪشش هئي. هميشہ سندس هٿ ۾ پڪوڙن جو دونو يا ڪاغذ جي شي هوندي هئي. مان کيس هڪ وڏي ناmiاري اديب جي حيثيت سان سڃاڻيندو هيس، رسالن ۾ سندس فوٽو بہ ڏٺو هيم. هلڪي ملاقات بہ هئي. پر مان ڪانئس ڇرڪندو بہ هيس. هڪ وڏو اديب شاعر ۽ ڪيترن رسالن جو ايڊيٽر تي رهيو هو. سو پري ڪان وڏو سلام هڻي سرڪي ويندو هيس. هو جڏهن بہ پريس تي ايندو هيو ۽ مرحوم حيدر بخش جتوئي سان اچي ملندو هيو. اسان کيس ڏسي پريس ۾ اندر تي ويندا هياسين پر هو مرڪندو دادن يا مصطفيٰ سان ڳالهيون ڪندو مٿي هليو ويندو هيو. مون سان سندس مکا مک ملاقات سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ۾ ٿي. مان ان ڏينهن سنگت ۾ هڪ تاثر لکي کڻي آيو هيس. کيس ڏنم تہ سڄو پگهر جي ويس. منهنجي تاثر کي ڪو خاص مان نہ مليو. هن ٿلهي ٿنيري شخص بنهہ مون کي روئاڙي ڇڏيو. جيتوڻيڪ مون ڏاڍي سٺي انداز ۾ تاثر ڏيندڙ آواز ۾ اهو تاثر پڙهيو هو. پهريائين تہ ڏاڍي لاپرواهي سان ٻڌو ۽ پوءِ پنهنجي واري اچڻ تي، هن هڪ پاسي واري وڏي اديب کي چيو هن نينگر کي چئوس تہ ريڊيو اسٽيشن تي وڃي صداڪاري ڪري، لکڻ سندس وس جي ڳالهہ نہ آهي.

ان وقت "سيمي" منهنجي ڪهاڻين جو مجموعو پڌرو ٿي چڪو هو ۽ اِهو بہ محسوس ڪيو هيم تہ ادبي فضا ۾ ڪنهن پر مون وٽان لنگهندڙ هوا جو جهوٽو بہ نہ هو. مون ڪو وقت ڏک ۾ مونجهاري ۾ گذاريو مون وچ ۾ ڪجهہ ڪهاڻيون بہ لکيون پر ڏنم تہ ڪو خاص چوبول نہ ٿيو. پر جلدئي سٽائو واءُ وريو. اهو سنڌي

ادبي سنگت جو ساليانو ميڙ هو. بسنت هال ۾ ڪهاڻي جي نشست هئي. مان جڏهن پنهنجي واري تي ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ اسٽيج تي پهتس تہ ڏٺم تہ منهنجي سامهون اهوئي سانورو ٿلهو ٿنيرو عينڪائي مولانا ٽائپ ويٺو هو. منهنجيون ٻہ ٻہ ويون تہ ڇهہ ٻہ ويون. دل ۾ چيم مري ويس. پر ڏٺم تہ پر ۾ ڪافي مهربان بزرگ ۽ ساٿي ويٺا هيا. مون اُتِ پنهنجي ڪهاڻي ”ڪارو رت“ پڙهي. ڪهاڻي پڙهندي ئي مون محسوس ڪيو تہ هال ۾ خاموشي ڇائنجي وئي آهي ۽ ڪهاڻي تاثر ڇڏيندي پئي وڃي. هيءَ ڪهاڻي ڪجهہ چرڪائيندڙ ڪهاڻي هئي. ڏٺم تہ سيني کي وٺي. منهنجو ڪنڌ مٿي تي ويو. ان اوچي ڳاٽ سان جيئن اسٽيج تان هيٺ لٿس تہ ان ٿلهي ٿنيري شخص مون کي ٻانهن کان جهلي رستي ۾ روڪيو ”اها ڪهاڻي مون کي ڏي مان ڇاپيندس“.

مون هن جي لهجي ۾ محبت محسوس ڪئي پر ،سندس ڏنل زخم مون کان ڪاٿي ٿو وسري.

سائين مان ويجهو ريڊيو تي صداڪاري ڪرڻ موٽان تہ پوءِ ڳالهائيندا سين.

هو کليو. پوءِ ست ڏئي ڪهاڻي مون کان ڦري ورتائين.

ڇورا! تون هاڻ اهو حميد نہ آهين. مون تنهنجيون ڪهاڻين پڙهيون آهن. تون سنو ٿو لکين. بس هاڻي تون سہ ماهي ”مهراڻ“ لاءِ لک. مان توکي ڇاپيندس“ ان زماني ۾ سہ ماهي مهراڻ ۾ ڇپجڻ وڏي ڳالهہ هئي.

ها سائين! هيءَ ڳالهہ ان زماني جي نامي گرامي مهراڻ جي ايڊيٽر عالم مفڪر ۽ ليکڪ موانا غلام محمد گرامي جي ڳالهہ هلي پئي. مولانا گرامي واقعي مون کي مهراڻ ۾ ڇاپيو ”ڪارو رت“، ”زندگي ٻڻجي نہ شل سسئيءَ جا سور“ ”هڪ خواب هڪ حقيقت“.

هي ڪهاڻيون هيون جن بحيثيت ڪهاڻيڪار منهنجي ادبي حلقن ۾ سڃاڻپ ڪرائي. منهنجي ٻي وڏي سڃاڻپ ”روح رهاڻ“ هئي. ان روح رهاڻ جي تدوين تاليف منهنجي لاءِ هڪ وڏو چئلنج هو. ادارت جو ادراڪ مون کي گرامي صاحب جي معرفت ٿيو. ايڊيٽنگ آهي ڇا؟ ”روح رهاڻ“ جديد قدرن جو حامي هوندي، ڪيئن پنهنجو ڪردار نمايان طور تي ادا ڪري سگهي ٿو؟ ان جي ڄاڻ گهڻي قدر گرامي صاحب وٽان پئي. جڏهن هو زوريءَ مون کي پنهنجي آفيس ۾ روڪي ونندو هو ۽ گاريون ڏيندي چوندو.

ڇورا! هٽ ڪجهہ ڪم سک. اجان ٻار آن ٻار“

اهو ٻار ڪئين وڏو ٿيو ۽ ڪنهن ڪنهن جي هٿن ۾ پليو نپنو ۽ پيرن تي بيٺو. مون کي خبر نہ آهي. انهي سلسلي جو ڪڙيون. انهي سلسلي جا وارث

وصي گهڻا آهن جن جا قصا واري سان ٻڌائندو هلندس. هن دفعي صرف مولانا غلام محمد گرامي کي ياد ڪرڻ ڏيو تہ بهتر. هيءَ ڏسڻ ۾ بزرگ، اندر ۾ ننڍو نيٽو پهلوان مڙس، قلم جو ڌڻي خطابت جو بادشاهہ. ڏکن ۾ تڪليفن لاءِ ويڙهو جوان. سندس زندگي جا رخ عجيب هيا. مولانا گرامي جو دور ڪجهہ هن طرح لڳيم ٿو جو ان دور جون نمايان شخصيتون جيڪي سندس ويجهو رهيون يا پاڻ سندن ويجهو رهيو ڪجهہ هن طرح آهن مخدوم طالب المولئ، شيخ عبدالمجيد سنڌي، حيدر بخش جتوئي، پير حسام الدين راشدي، محمد ابراهيم جويو غلام رباني آگرو ابن حيات پنهور مجمد عثمان ڏيپلائي، تنوير عباسي، شيخ علي محمد، خير محمد کوکر، خانصاحب عبدالله چنا، مظهر جتوئي، شمشر الحيدري ۽ ٻيا کوڙ بزرگ ساٿي.

اِنهن شخصيتن سان گهٽ وڌ جو ساٿ ڪجهہ گهڙيون ڪجهہ گيهرايون، ڪجهہ اهنج ڪجهہ خوشيون سندس شخصيت کي چٽو ڪري بيهارين پيون. جڏهن هو انهيءَ ساٿ سفر در سفر مان پچي پچي نڪتو تہ هاڻ سائين ڪير کيس روڪي. سندس تقرير ۽ تحرير ۾ جيڪا تکائي هئي تنهن ون يونٽ واري دور ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. سہ ماهي مهراڻ جا ايڊيٽوريل هجن يا جشن روح رهاڻ جي موقعي تي ڪيل تقريرون. ادبي ڪانفرنس هجن يا ميلا، کيس ڳالهائڻ سو ڏيو باهہ ٻري ويندي هئي. مان گهڻو ڪري کيس پنهنجي "فوڪسيءَ" ۾ عبدالله چنہ صاحب ۽ ٻين جهونن سان گڏ ڪٺي ون يونٽ واري دور ۾ پنيت پنيت باهہ لڳائڻ لاءِ ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر پهچائيندو هيس. هڪ دفعي ٽنڊي محمد خان ۾ جلسو هجي، ڪي يار بس ۾ تہ ڪي جهونا مون سان، مون واري "فوڪسيءَ" ۾ هجن (جنهن ڪار انهي دور ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو)

جڏهن ٽنڊي پهتاسين ۽ اڃا شهر ۾ داخل ٿياسين ۽ سينيما وٽ پهتاسين تہ هڪ ٽانگي تي سينيما جا بورڊ ٽنگيل ڏناسون، ٽانگو لائوڊ سوڊو پڙهي لاءِ تيار هو. مون جئين بورڊ پڙهيا تہ ڪار ڪٺي جهليم. سامهون لکيل هو. "اڄ جو شاهڪار عظيم الشان جلسو" ستارا فلاڻا فلاڻا (اديبن جا نالا) ۽ دشمن جي دل ڏهڪائيندڙ هنيان ڦاڙ خوفناڪ مقرر غلام محمد گرامي. لائوڊ تي بہ هڪ همراه لڳو پيو هو "اچي ويو اچي ويو اهو شاهڪار جنهن جو انتظار هو. طوفاني پروگرام دونهان دار تقريرون مولانا غلام محمد گراميءَ جو خوفناڪ پروگرام، زبردست تماشو اڄ رات اڄ رات"

گرامي صاحب باهہ ٿي ويو.

وڏا ڪي حرامي آهن. اسان ايڪٽر آهيون هيءَ ڪهڙي حرامپائي

آهي؟ ماٺهن جو تماشو پٺهن جو تماشو“

”سائين توهان ايڪٽر آهيو لکيو بہ آخر ۾ اٿن تہ ڍڪائيندڙ ڦتڪائيندڙ ۽ هنيان ڦاڙيندڙ خوفناڪ غلام محمد گرامي“.

تون تہ بس ڪر بدمعاش“

”هلو پنڌال تي تہ ڪئين ٿو حرامين کي ڦتڪايان. اهي ڪم هوندا لچ پرواني جا“

پنڌال تي هليو پرواني ۽ ٻين کي گاريون ڏئي بالم ٿي ويهي رهيو. سنڌن هنيان تہ نہ ڏاريائين باقي ون يونٽي سرڪار جون ليڙيون ڪري ڇڏيائين. مجال جو ڪو هو انقلابين جو جلسو ڇڏي. ان زماني نئين فڪر ۽ انقلاب جي ڳالهہ ڪرڻ ڪفر هو. اسان تي ملحدي ۽ ڪفر جي فتوي هئي ۽ اسان ڇا بہ هياسين پر اسان جي فڪر ۽ نظريي جي سند مولانا غلام محمد گراميءَ جهڙو جيد عالم ۽ مفڪر هو. جيستائين گرامي صاحب جيئرو هو تيستائين سنڌ ۾ ان جي ماٺهن جي ڳالهہ ڪرڻ اسان لاءِ ڏکي نہ رهي. ڇاڪاڻ تہ بقول مولانا گرامي جي تہ طاغوتي قوتون هميشہ پيو پيو لبادو اوڍي سچ جي ڳالهہ ڪرڻ وارن تي وار ڪنديون آهن. هن جشن روح رهاڻ ۾ جڏهن چيو.

”عزيزو“ تازه فڪر پيدا ڪريو سٽلن کي جاڳايو. جاڳيلن کي وڏايو. انسان ذات جي خدمت کي عبادت سمجهيو. حق چئو ۽ حق قبول ڪريو اهوئي آهي اسلام“. جڻ تہ اسان جي سڄي لڏي کي جيئاري ڇڏيائين. ڇاڪاڻ تہ اسين سڀ ان وقت سڄي سنڌ ۾ سنڌ جي ايندڙ نسل کي نئين سر جيارڻ جو متو ڪٽي اڳتي وڌي رهيا هياسين.

گرامي صاحب جي زندگي جا ڪئين ئي رخ آهن. هڪ رخ سندس چرچي گهبي وارو بہ آهي. سندس چرچي ۽ گارين کان اسين ڏاڍا لطف اندوز ٿيندا هياسين ۽ وري جوابي چرچا ڪرڻ اسان جو ڪم هو. جي ساڻس چرچو نہ ڪيو تہ دل ۾ ڪندو هو. پر هڪ دفعي ڏاڍو چڙي ويو. سکر ۾ ادبي سنگت جو سالانہ ميڙ هجي. هتان اديبن جو لڏو ساڻ هجي. خاص طرح شيخ عبدالمجيد سنڌي ساڻ هجي ۽ شيخ صاحب جو ڇوڪراٽي ڇيڙ ڏني، ڏاڍو ڪو لطف آيس. ور ور ڪيو ڇوي تہ ابا حميدا! ماٺ ڇو ٿي وئي آهي. گرامي صاحب، کي واندو نہ ڇڏيو“. پلا نياز همايوني جهڙو پوڳائي گڏ هجي تہ پوءِ اسان جهڙن کي بہ همٿ ٿيو پوي هونئن تہ مان پوڳائي نہ آهيان پر ٻن ماٺهن سان جيترا مون چرچا ڪيا. اهي منهنجي حياتيءَ جو وڏو سرمايو آهن. ڇاڪاڻ تہ ان عيوضي جيڪي بہ هنن گاريون ڏنيون، اهي جهول پائي مون جهليون. اڄ جڏهن بہ کين ياد ڪرڻو

هوند اتم تہ سندن گارين وارن مَنن بولن کي پهريائين ياد ڪندو آهيان. اهي بہ ماڻهو هيا. هڪ غلام محمد گرامي ٻيو رشيد ڀٽي. سو ڳالھ تي ڪيم ريل جي سفر جي، جنهن ۾ اسان سڀ واٽ گرامي صاحب کي تنگ ڪندا رهياسين. ڪڏهن سندس ڪاڏي تي ٽوڪ ڪڏهن ٽولھ تي پر گرامي صاحب بنھ نہ چڙيو. رڳو چوندو هو، ڇورا مستي پل ڪيو پر ڪارائيندا هلو"

اسان جا بہ شيون آڻيندي بهرحال... ٿيا ڪيسا خالي. جي ڪنهن اسٽيشن تي گاڏي نہ ٿي بيني ۽ گرامي صاحب جو موڊ ٺيو تہ هن اسٽيشن جي هيءَ شيءِ مشهور آهي تہ زنجير ڇڪي بہ گاڏي روڪائي ڊوڙي وڃي، ڪڏهن ڪير پيڙا ڪڏهن کوهر ڪڏهن ڪٽ منڙا، ڪڏهن پڪوڙا ڪڏهن ڪيلا. بس سکر تائين پيينگ تي وئي. اسان بہ ان عيوض ڏاڍا چرچا ڪيس. چڙيو ڪونہ پر جڏهن ڪيلا اندران خالي، آلا پڪوڙا کوهرن ۾ پٿريون ڏنيوسين تہ بنھ چڙي ويو. هو ڪاڏي جي سلسلي ۾ نهايت حساس هو. هاڻي پرچي ڪيئن، سکر ۾ بہ ڪاوڙيل. رات جو سڀ صلاح ڪري گڏجي وياسين ۽ سڏو "ماتا! ماتا ڪميا ڪريو! " ڪري سندس پيرن تي ڪرياسين بنھ پيرن کي چنبڙي وياسين.

"اڙي ڇورا! ڇڏيو اڙي ڇڏيو!

ڪو چوي "ماتا مان يڌشتر" ڪو چوي "ماتا مان ارجن" ڪو چوي ماتا مان ڌريو ڌن. بس ڪلي وينو دل تي بجا ۽ گاريون ڏنائين.

ڇورا! وڏا ڪي ايڪٽر آهيو! بس اوهان جي سزا آهي تہ ڪاڏي جو بندوبست ڪريو. بک لڳي آهي هاڻي رات جو ٻاهرين وڃي ماني ڪٿان اچي.

"سائين توهان ديگ پوري ڪاڏي آهي، ڪجھ تہ رحم ڪريو"

"بڪواس بند ڪريو. ڪاڏي جو بندوبست ڪريو"

رباني سان شوڪت جماڻي ملڻ آيو هو. انهيءَ گراميءَ صاحب کي اسڪوٽر تي پويان وهاريو ۽ روهڙي اسٽيشن تي وڃي ورهين جا رکيل باسي پڪوڙا ۽ ٻوٽيون کارائين. تڏهن اسانجي جان ڇٽي. واپسي تي بہ شيخ عبدالمجيد صاحب گاڏي ۾ وهندي ئي ڊانهن ڪئي "اڙي نياز حميد ڇاهي پلا ڇو ماٺ آهي. شروع ٿي وڃو" هٽ سان مولانا گرامي صاحب ڏانهن اشارو بہ پيو ڪري گرامي صاحب ڪجھ ٿڪل هو ۽ چرچا بہ گهٽا ٿيا هيا. نيٺ چڙي پيو ۽ خار ۾ اٿي هليو ويو. گهڙي ڪان پوءِ ڪجھ خيال آيو. ڳوليوسين تہ هلندي گاڏي مان گرامي صاحب گم. ڏاڍا پريشان ٿياسين. نيٺ هٽي هنڌ ڪيوسين. ٻين مسافرن ٻڌايو ۽ ڏنو گرامي صاحب (Toilet) ۾ بند هيو. بس پوءِ در پيچي گرامي صاحب کي موٽائي وني آياسين. پيرن تي هٿ رکياسين تہ ڪلي پيو.

چورا ايڏو گستاخ ٿيو آهي ڇا“.

مون ان وقت کان پوءِ ساڻس چرچا ڪرڻ ڇڏي ڏنا. نيٺ زينت پريس تي هڪ ڏينهن لنگهي آيو.

”اڙي ڇورا ڇاهي، آفيس ۾ به نه آيو آهين. تنهنجا ٿهڪ نه ٻڌا اٿم ته دل بي چين ٿي پئي آهي.

”ها سائين ڪجهه پريشان آهيان.“

”مون کي تنهنجي پريشانيءَ جي خبر آهي. تو سان ڏاڍيون ناانصافيون ٿيون آهن. پر ڏس مون سان نه ٿيون آهن ڇا؟ سڄي سنڌ سان ناانصافي نه ٿي آهي ڇا؟ همٿ ڪر حميد. تنهنجيون قربانيون رائگان نه وينديون. همٿ ڪر!.

گرامي صاحب هر انهي ويلي پهچي ويندو هو. جڏهن مان سندس ٻڌايل طاغوتي طاقتن سان وڙهي وڙهي ٿڪجي پوندو هيس. مون لاءِ اهي شامون اڻ ميو ملهه رکن ٿيون. جڏهن گرامي صاحب مون سان گڏ هوندو هيو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ زينت پريس ۾ مون تي آيل ڏکين ڏينهن کي سکن ڏينهن جو آواڻ سمجهي سبق ڏيندو هيو ۽ مان سندس ڏيل کي ڏسي ٽپ ڏئي اٿندو هيس. گڏجي وچي ڪراچي هوٽل تي ڪباب کائيندا هياسين.

گرامي صاحب جي گهڻ رخي شخصيت کي بيان ڪرڻ لاءِ دفتر کپن. هڪ همٿ وارو. دل جو امير. عالم مفڪر. وقت جي هٿان ٻين اديبن عالمن وانگر پاڻهيءَ پاڻ گذاري ويو. اسان نه سندس علاج ڪرايو. نه سندس لاءِ اپيلون ڪيون. هو شايد ايئن ويٺو هو. اڄ ورهيه گذريا. ڏاڍي ڏام ڏام ڏوم سان دفن ڪري آيا هياسين. هڪ وڏي قبرستان ۾ انهي وعدن سان ته هت مقبرو ٺهندو ۽ هن مزار تي ادبي ڪانفرنسون ٿينديون. ميلا لڳندا. پر ٿيو ايئن جو ڪڏهن سندس مزار پرسان لنگهندي لڳندو اٿم ته گرامي صاحب چئي پيو.

بر مزار ما غريبان ني چراغي ني گلي

تنهن ڪري شايد اڄ مان يادن جا چراغ ٻاريو ويٺو آهيان. ڪيس ياد ڪرڻ، ان اڇي اجري ٿلهي ٿنيري ماڻهو کي، ڪيترو وقت ”عبرت“ جي گهٽيءَ وٽ پڪوڙن جي دوني سان بيٺل ڏسندو هيس. پر جڏهن کان گاڏي کاتو گاڏي کاتو نه رهيو آهي، ان پاسي ويندي پيو ٿو ٿئي، گولين جا نڪاءَ ٻڌان ٿو. بس ڀ ۽ انهيءَ ۾ پلائي سمجهندو آهيان ته يادگيرين جو سفر جاري رهي. ساري رهي. ايئن منهنجا همسفر ساٿي بزرگ مون سان ساٿ ڏئي هلندا رهندا، هلندا رهندا. جيسين شايد سڀي ۾ ساهه اٿم.

❋

# حميد سنڌيءَ

# جا لکيل

# خاڪا

## شخصيت



## اي اسيران قفس!

شخصيت: عنايت بلوچ

"**عنايت تي ڪا عنايت ٿئي**"... اِهي آهن اُنهيءَ شخص جا لفظ، جيڪواچ بہ ڪنهن ڪم ڪار سانگي ڪجهہ چوندو تہ سندس پهريان لفظ اِهي هوندا تہ: "ادا! عنايت تي ڪا عنايت ٿئي". هيءُ نئڙت ۽ نهنائيءَ جو اهڙو انداز آهي، جو اڳلو انڪار ڪرڻ جي جرئت بہ نٿو ڪري سگهي. هن دفعي جڏهن اِهو جملو چيائين تہ مان انڪار نہ ڪري سگهيس. محمد عثمان منگيءَ تہ اڳ ۾ بہ چيو هو پر عنايت جو بہ اکر 'عنايت ڪرڻ' لاءِ اهڙي قربائتي انداز سان چيا، تہ پوءِ ڪو ڪافر انڪار ڪري؟ مون ها تہ ڪئي، پر هاڻي عنايت بلوچ تي لکجي تہ ڇا لکجي ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڪيئن لکجي، ڇو تہ مون لکڻ ڇڏي ڏنو آهي. ڪو ڏنڊو ڪڻي بيهي ٿو تہ لکڻ جي ڪجي ٿي، نہ تہ پوءِ ڏينهن لڳيو وڃن. تنهن ڪري هيءُ بہ چار سٽون لکڻ ۾ بہ ڏينهن لڳا آهن. مون لکڻ ڇو ڇڏيو آهي، اُن جا ڪجهہ سبب بہ آهن، پر هِت اُهي سبب بيان ڪرڻ پنهنجي ئي ڦِڪائي ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ اُن جو وڏو سبب پنهنجن عزيزن، قريبن، دوستن ۾ گهٽگهرن جو ويساهہ گهاتيءَ وارو سازشي عمل آهي، جنهن جي مون کي خبر ئي نہ پيئي! مان ۾ منهنجو قلم اُن بي قدري، منافقيءَ ۽ سازشي عمل سبب گهائل آهيون. پر سوچيم تہ ڪن سجڻن ۾ درويش صفت انسانن تي ڪجهہ لکيو اٿم تہ عنايت جهڙي سني انسان ۾ مون وانگر پنهنجي دنيا پاڻ ناهڻ واري ۽ پنهنجي اُنهيءَ دائري اندر رهڻ واري هن شخص، جنهن دائرن کي ليڪيو بہ پاڻ آهي، نہ اُن ۾ ڏاهہ ڏوهہ. هن پنهنجي مقدر جو ستارو بہ پاڻ چمڪايو آهي. اسم بامسميٰ پڻ بڻيو. مٿس اصل ۾ عنايت انهيءَ مالڪ جي ٿي جنهن کيس سونهن ڀري ذات ۽ اهليت بخشي. کيس هن عظيم ۽ ڀاڳن ڀري سنڌ جي ڌرتيءَ تي موڪليو.

مون کي اهو يقين آهي تہ مالڪ جن تي بہ عنايت ڪري سنڌ ڌرتيءَ تي هيءَ ملهہ اَملهہ ماڻهو موڪليا سي سڀ هن ڌات جي ڏيهہ جو سينگار بڻيا. اُها بي ڳالهہ آهي تہ ظالم وقت ڪيترن جا اُڏامڻ وارا پَرَ ئي ساڙي ڇڏيا. ڪي مٽيَن تي موهجي سونهن ۽ ڌات وڃائي ويٺا. پر ڪي هٺا جن اُن مالڪ جي عنايت ڪيل ڏيا ۽ ڏيل تي سوڀ ماڻي ۽ اج بہ اُنهن مان ڪيترائي سوڀارا رهيا آهن ۽ سچ جي سوڀ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. هِن عنايت جڏهن لوئيءَ ۾ لائون لڌيون هيون تہ هو سنڌ جي علم ادب ۽ سُر سنگيت سان پيچ اڙائي ويٺو هو. هن پاڻ جڏهن حُسن جو بہ خير گهريو تہ قدرت ڪيس شاعريءَ جي ڌات سان نوازيو. جڏهن علم ۽ ادب سان واڳيو تہ هن ڪتاب لکيا. سفرناما لکيا ۽ جڏهن سُر سنگيت سان واڳيو تہ قدرت ڪيس اهڙي اداري جو صاحب بڻايو جتي سُر سنگيت سِرجڻ سان گڏ آواز جي دنيا ۾ هن جڻ نئون جنم ورتو.

سائين! هيءَ ذڪر اُن عنايت بلوچ جو هلي پيو جنهن تي جڏهن مالڪ جي عنايت ٿي تہ هُن پوئتي نہ نهاريو. هيءَ وڌندو هليو توڙي جو هيءَ سفر پورهئي ۽ محنت جو سفر هو. فڪر ۽ فقر سان هن زماني سان ائين گذاريو جو ڪيس بہ خبر نہ پيئي، هو پنهنجي ڌُن ۾ ڪم سان لڳو رهيو. سندس هر قدم هر سمت ۾ وڌندو رهيو. مون کي سندس شاعرانہ فڪر تي هڪ شاعر ايوب خاور جو ماهنامہ 'ادبِ لطيف' ۾ لکيل هڪ بند ياد اچي ٿو:

ابھی مجھ کو بہت سے کام کرنے ہیں
کسی کے پاؤں کو مٹی کی جوتوں سے چھڑانا ہے
حلق میں بوئی گئی پچھلے رُتوں کی
پیاسی فصلیں کاٹنی ہیں
اور کسی خاکستری تن پر کوئی پیراہن گل کھینچنا ہے
اے اسیرانِ قفس! مجھ کو بہت سے کام کرنے ہیں

عنايت سنڌ جي 'اسيرانِ قفس' واري ڪيفيت کي سمجهي ٿو. سندس سچي شاعري ڪيفيتن سان گڏ سوچ وارن جذبن سان اڳتي وڌي ٿي. هو چوي ٿو:

اے اسیران قفس! مجھ کو بہت سے کام کرنے ہیں

سندس فن، هنر ۽ صلاحيتن کي جنهن جِلا بخشي اُها سندس شاعري

آهي. عنايت جي بنيادي سڃاڻپ ئي سندس شاعري آهي، جنهن ۾ هو سونهن جو دلداده، عشق جو قائل، مراد ماڻڻ جي اُميد رکندڙ هڪ سهڻو شاعر آهي. جيئن تہ پاڻ سهڻو سيبتو ۽ وڻندڙ شخصيت جو مالڪ آهي، اُن لاءِ سونهن ۽ محبت سان دل لڳائڻ جو سنيهو سندس شاعريءَ ۾ هر هنڌ ملي ٿو:

جڏهن چاهہ جي چِٽنگ پڙڪي اُٿي
تڏهن سونهن جو ساٿ ٿوڙي وٺي
نشيلي نظر ساڻ حملا ڪري
جُهريل جندڙيءَ کي جهنجهوڙي وٺي
اُمالڪ اچي وٺي عنايت ڪري
محبت جي موءِجن ۾ ٻوڙي وٺي

عنايت جي شاعري ڪائنات جي سونهن سان بہ ڀريل آهي. سندس شاعري سنڌي ادب جي سونهن آهي. غزل سندس پسنديده صنف آهي تہ فڪري بلندي سندس شرط آهي:

مهڪندڙ ماڻهو بہ ٿي مايوس مُرجهائڻ لڳا
اوچتو ڇو باغ جا گُل ڦل بہ ڪومائڻ لڳا
ڇهچٽا ها چوطرف پر هي لڳي ڪنهن جي نظر
هر طرف بربادين جا ڏيک جڻ ڪائڻ لڳا
سڀ نظارا 'هُن' بنا ٻُچڙا ۽ ڪوجها ٿا لڳن
ظاهري هي چمڪندڙ چهرا بہ جڻ ڏائڻ لڳا
دل جي دلبر راهہ رهبر سان چمن آباد هو
سونهن جي سنسار وارا ڏينهن تڙپائڻ لڳا

'مهراڻ' -3، 2008ع

ڇا ٿيو جو حوصلو ٻيهي رهيو
هلندي هلندي قافلو ٻيهي رهيو
ٿو لڳي ڪو گُل ڇِنو گِرنار جو
وقت جو جڻ وهڪرو ٻيهي رهيو
ساهہ جي سُرهاڻ جيئن کسجي وئي

رنگ رونق ڇهڇٽو بيهي رهيو
سونهن سوڀيا جو هو سرچشمو سڄڻ
جنهن ڏنو هُن کي، اُهو بيهي رهيو

’مهراڻ‘_2، 2009ع

اِهي بيئي غزل تاريخي حيثيت جا حامل آهن. ڇاڪاڻ تہ هي اُنهيءَ تاريخي شخصيت لاءِ لکيل آهن جنهن وطن لاءِ جامِ شهادت پيتو ۽ عنايت جي دل مان دانهن نڪتي. هيءَ عظيم شخصيت هئي اسان سڀني جي محترمہ شهيد بينظير ڀٽو صاحبہ. غزل جي روپ ۾ هي بيئي نوحا جڏهن عنايت صاحب شهيد جي ياد ۾ حيدرآباد ۾ منعقد ڪيل ريفرنس ۾ پڙهيا تہ مون ڏٺو تہ سڀني جون اکيون لڙڪ لاڙي رهيون هيون.

عنايت جي شاعريءَ جا ڪيئين روپ آهن. سندس شاعريءَ جو هڪ مجموعو آهي ’تند ڪتارو ڪنڌ‘. جيڪو آڳاٽو آهي پر سندس شاعري جيڪا تماهي ’مهراڻ‘، ’روح رهاڻ‘، ’سوجهرو‘ ۽ ٻين رسالن ۾ مسلسل ڇپجندي رهي ٿي اُها رُڳو ٻاهرئين سونهن سوڀيا جا جلوا نٿي پسائي، پر اندر جي اُڌمن سان ڀريل ۽ اُميدن ۽ حوصلن جي پُڪار سان ڀريل آهي.

غزل جو هيءُ عاشق آخر ۾ چوي ٿو تہ:

ڪا تہ چرپر ٿئي عنايت سانت ۾
سوچ جو نہ تہ سلسلو بيهي رهيو

عنايت جي شاعريءَ جو هڪ رُخ نہ آهي، هو گهڻ رُخو شاعر آهي. هو جديد شاعريءَ جي انقلابي رُخ کان بہ چڱيءَ طرح آگاهہ آهي:

ساجهري اڄ ڇو انڌارو آ ٿيو
دوستو! ڪوئي ڏِيو ٻاري ڏيو
جيڪا تمڪي ٿي، وسامي سا بہ وئي
ٻاهہ کي ڦوڪو نہ شايد ڪنهن ڏنو
واهرُو شايد وري ٿيا ويسلا
ٿورڙو اڳ ۾ تہ هو يَرا! سوجهرو

جيستائين مَڃَ کي ٻاري وجهو
تيستائين ڇِٽنگ ئي روشن ڪريو

’مهراڻ‘_2، 2009ع

عنايت بلوچ لاءِ هت مون ’فڪر‘ ۽ ’فقر‘ جي روين جو ذڪر ڪيو آهي، سندس هيءُ شعر هڪ غزل جو شروعاتي بند، سندس فقيراڻي طبيعت جو مظهر آهي:

نہ منهنجي همسري توسان، آ تنهنجو شان شاهاڻو
طبيعت پنهنجي درويشي، طريقو آ فقيراڻو

هڪ ٻئي بند ۾ چوي ٿو تہ:

محبت پيار قربن جا مَتل تيسين هئا ميلا
ڪدورت، بغض جو راڪاس جيسين هو نہ ساماڻو

اڳتي چوي ٿو تہ:

ٻچان ٻجران، لُچان تڙپان ڪُچان پر ڪين ٿو هرگز
عنايت حال ڪهڙي ۾ اوهان شايد نتا ڄاڻو

عنايت رُڳو غزل جو شاعر نہ آهي، هو نظم ۽ ڪيترين ئي ٻين صنفن جو شاعر آهي. مون ڪيس آسن ۽ اُميدن سان گڏ هر حال ۾ جمي ويهڻ وارو هڪ مٺي، گهڻو مٺي، ٻينل شخص طور ڏٺو آهي، جيڪو هڪ مجسمي وانگر نظر اچي ٿو:

بيشڪ سخت ستائي سگهندين
پر هرگز نہ مِٽائي سگهندين
ٻات ۾ لات تي ٻرڻو آهي
مون کي ڪين وِسائي سگهندين

مون عنايت کي غزل سان گڏ شعر جي ٻين صنفن تي موضوع جي لحاظ کان منفرد شاعر کي جنم ڏيندي ڏٺو آهي. منفرد موضوع سندس نظمن سان سلهاڙيل آهن. سندس ڪيترائي نظم جهڙوڪ: جهومي جندڙي جيون روڳ، افلاطون جو قول، آسائش، ڏاڙيل، جَڳَ. پنهنجي ياد ۾ سندس خاص نظم، ’شيڪسپيئر جي مزار تي‘، جو ذڪر ضرور ڪندس، جيڪو هن اسٽرئٽفورڊ اپان آئون، انگلنڊ جي وزٽ وقت لکيو هو. هيءُ نظم دنيا جي ٻن عظيم شاعرن ڏي منسوب ٿيل آهي ۽ هڪ نئين اُيرندڙ نوجوان شاعر ۽ لطيف جي عاشق جي ساڻس گفتگو آهي:

## شيڪسپيئر جي مزار تي:

تنهنجي مزار تي آيو آهيان
دل سان پيش ڪرڻ ٿو چاهيان
پنهنجي عقيدت جو نذرانو
پنهنجي محبت جو نذرانو
پر، تو شايد ڪين سڃاتو
ڪير مان آهيان ڪين تو ڄاتو
منهنجي حيثيت ڇا آهي؟
منهنجي پنهنجي حقيقت ڇاهي؟
شيڪسپيئر! مان ڪجهه به ناهيان
ڪجهه به ناهيان، ڪا شيءِ ناهيان
پر تون جلد سڃاڻي وٺندين
هڪ لمحي ۾ ڄاڻي وٺندين
هيڪر جي مان توکي ٻڌايان
ڪهڙي ديس مان آيو آهيان؟

غور سان ٻُڌ! اي سائين منهنجا
مون اُن ’مٽيءَ‘ جي ڪئي پوڄا
جنهن مان ’**شاهه لطيف**‘ ٿيو هو
جنهن جو فڪر هتي پهتو هو
مان ته فقط هڪ آهيان قطرو
فڪر جي گوناگون بحر جو
فڪر اُهو جو شاهه ۾ تو وٽ
جوڙ نه جن جو مُور نه ڪو مَٽ
شاهه ۾ تنهنجو ڪو به نه ثاني
هندستاني يا ايراني
شاهه سان تنهنجون ٿينديون هونديون،
من موهيندڙ روح رهاڻيون

هاڻي ڪيئن نہ ياڪر پائئي
شاهہ مُحابي، جهٽ سڃائئي

..........

ڏاڍو پوءِ تہ قرب ڏنائين
جيڪي چيم، سو سڀ سمجهيائين
رخصت وقت چيائين مون کي
بيشڪ تو مان جاڻان توکي
آهين لطيفي لات جو مالڪ
جو آهي ٻوليءَ جو خالق
منهنجا نياز سلام ڪڻي وڃ
پيار سندو پيغام ڪڻي وڃ
آهي مٿاهين 'شاهہ' جي عظمت
فڪر ڪري تو جنهن جي عبادت

جڏهن سندس ٻاهرين ورڻس جو ذڪر آيو آهي تہ سندس ٽن سفرنامن جو ذڪر چو نہ ڪجي. اِهي ٽي سفرناما: 'پرين جي پرديس'، 'پرديسي ڪهڙا پرين'، ۽ 'سهسين ٽيا سارنگ'، اُن وقت لکيا ويا هئا جڏهن عنايت بلوچ ريڊيو پاڪستان جي هڪ اهم عهديدار جي حيثيت ۾ ڪرڪيٽ مئچز ڪوَر ڪرڻ لاءِ انگلينڊ، ويلز آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ويو هو. دلچسپ پيرايي ۾ بيان ڪيل اِهي سفرناما سنڌي سفرنامن جي تاريخ جو حصو بڻيا. مون سندس هي سفرناما اڳ ڪنهن سانگي پڙهيا هئا ۽ تازو ماهوار 'سرگذشت' اردو ۾ ترجمو ٿيل ٻيهر پڙهيم. سائين محترم قاضي عبدالمجيد عابد صاحب جي مشهور سفرنامي "سفر يورپ جي ڊائري" جون سڪون ٽي لٿيون. هونئن بہ هن عظيم هستي قاضي عابد صاحب سان عنايت بلوچ صاحب جو تمام ويجهو رستو رهيو. خاص طرح اُنهن ڏينهن ۾ جڏهن قاضي صاحب انفارميشن ۽ براڊڪاسٽنگ جو فيڊرل منسٽر هو ۽ عنايت بلوچ صاحب ريڊيو حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر هو. قاضي صاحب جي آمد تي عنايت صاحب ريڊيو اسٽيشن تي ٻاهر لان ۾ شاندار فنڪشن ڪيو هو جنهن ۾ قاضي صاحب عنايت بلوچ جي تمام گهڻي

تعريف ڪري ڪيس هڪ سنو منتظم ۽ براڊڪاسٽر قرار ڏنو. اُهو ڏينهن مون کي چٽيءَ طرح سان ياد آهي. مون عنايت کي اهڙين شخصيتن جي ويجهو ڏٺو جن جڻ سندس تربيت ۽ پرداخت ٿي ڪئي، جيئن قبلہ مخدوم طالب الموليٰ جهڙي هستيءَ سان بہ گهڻي نيازمندي هيس.

مخدوم صاحب جي ’مهراڻ‘ خاص نمبر ۾ سندس شاندار مضمون بعنوان ”جوڳي جيڪس ويا جبروت“ ڇپيو آهي. جيتوڻيڪ ’مهراڻ‘ جو تازو آيل مخدوم صاحب تي هيءَ نمبر اڳين نمبرن جي مقابلي جو تہ نہ آهي پر سائين قبلہ جي شايان شان بہ نہ آهي جو اُن ۾ گهڻو مواد اڳ ۾ ئي ڇپيل آهي. پروفن جي چُڪن سان گڏ انٽرويو ۽ بين مضمونن جي ترتيب ۽ هيڏي هستيءَ لاءِ چيل جملا ۽ رَويا دُرست نہ آهن. ان هوندي بہ عنايت بلوچ جو مضمون هر لحاظ کان مٿيرو ۽ سائين مخدوم طالب الموليٰ صاحب کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو ڪيس ڏانءُ آيو آهي. هونئن بہ عنايت جن بہ شخصيتن کي خراج عقيدت جا تحريري گل پيش ڪيا آهن اُهي سڀ اُنهن شخصيتن جي وڏي حيثيت ۽ مانائتي اديب ۽ مفڪر هجڻ جا دليل آهن. سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تي سندس لکيل مضمون ”تاريخ جو وڇوڙو“ صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي هڪ تاريخي هستيءَ جي وجود کي هن مضمون ۾ سلام پيش ڪيو ويو آهي ۽ جَس جا پيمانا پري پيارا اٿئين.

اهڙيءَ طرح ’ڪاوش‘ ۾ مرحوم مراد علي مرزا جي وفات تي ڇپيل سندس ڏک ڀريو تعزيتي نوٽ ۽ اهڙو ئي ڏکوئيندڙ تاثر هڪ وساريل هستي مرحوم عبدالڪريم بلوچ لاءِ روزاني ’ڪاوش‘ ۾ ڇپيو. الائجي ڇو هن ريڊيو ۽ ٽي ويءَ کي عمر اربيندڙ هر فن ڄاڻندڙ هستيءَ کي وساريو ويو آهي! جس هجي عنايت کي، جنهن اهڙي شخصيت کي ياد ڪيو آهي. عنايت سائينءَ تہ ’هر فن مولا‘ (جنهن جو نعرو ئي هوندو هو ’مولا تي ننگ آ‘) شمشير الحيدريءَ تي ’مهراڻ‘ جي خاص نمبر ۾ مضمون ’اوهين تہ وسرڻ جا ڪين آهيو‘ لکيو آهي ۽ شمشير جي شاعري ۽ شخصيت کي نروار ڪيو آهي.

قمر شهباز تي ٺماهي ’مهراڻ‘ ۾ هن جي انتقال پُرملال تي سندس ڏکوئيندڙ تعزيتي اکر سيني کي ياد رهندا. اِهي سڀ ڪير هئا ’اسيرانِ قفس‘، جن جي ذهني ۽ فڪري آزادي جا امين اُهي اديب ۽ دانشور هوندا آهن جيڪي سندن فڪر کي قفس مان آزاد ڪري هن جهان آڏو سوَلو ڪري بيان ڪندا آهن. هيءَ ماڻهو يا هو ماڻهو هر ماڻهو اَملهہ هوندو آهي ۽ فڪر جي بلنديءَ تي پهچي آخر ۾ هر طرح آزاد ٿي ويندا آهن ۽ تاريخ ۾ امر رهندا آهن.

ايوب خاور جي پيش ڪيل نظم کي ڪجهہ وڌائجي تہ بهتر. ائين عنايت بلوچ جي لوچڻ واري جدوجهد ۾ هڪ ادبي متاهين حيثيت کي ڪئين سلام پيش ڪرڻ واري مقصد کي معنيٰ وارو بڻائڻ اسان تي هڪ فرض طور عائد ٿو ٿئي. **سلام عنايت صاحب!**

میرے چاروں طرف دنیا ہے
دنیا کے ہزاروں کام ہیں
اور میں اکیلا ہوں
اک ایسا حیرتی ہے
جس کی مُٹھی سے گذرتی ساعتیں بھی
ریت کے ذروں کی صورت
دانادانا کر کے نکلی جا رہی ہیں
ہاتھ خالی ہو رہا ہے
اور ابھی مجھ کو بہت سے کام کرنا ہیں

هاڻي عنايت کي بہ شايد وڏيڪ عنايت جي ضرورت نہ رهي آهي جو متس مالڪ جي عنايت ان ڪري بہ آهي جو هن کي خلق خدا جا ڪم خالي هٿين بہ ڪرڻا آهن. عنايت جي وُوڙ ۾ مسلسل جدوجهد لاءِ لطيف سائين هينئن چيو آهي تہ:

تتيءَ ڏڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو

*

# جي هڪ وار قلم بينو

## شخصيت: ريتا شهاڻي

وقت تہ پنهنجي واٽ وٺي ويندو رهي ٿو پر هنيانءُ ۾ جيڪي پل ۽ گهڙيون سونپي وڃي ٿو سي سڄي عمر جو سرمايو بڻجي هر ماڻهوءَ کي اِهي پل ۽ گهڙيون ڪڏهن تہ جيئدان بخشين ٿا. ڪڏهن تہ اهڙو ڏنگي مارين ٿا، جو ماڻهو جيئري هوندي بہ ڪنهن گهڙيءَ ڪانئس ساهہ ڪڍڻ بہ وسريو وڃي. اسين جيڪي يادگيرين جي پَلن ۾ گهڙين جا اَسير آهيون، اَسين جيڪي هر ياد کي مقدس سمجهي اهڙي جنون ۾ مبتلا آهيون جو ماضيءَ جا ڪيل ڪڏهن تہ هڪ ڳالهہ بڻجي هوا جي جهوٽي وانگر گذريو وڃن. ڪڏهن ڏوهہ ۽ پڇتاءَ جي اهڙي احساس سان رُٺاريو وجهن، جو اسان پارا اُنهي اَسيرانِ جنون جا شڪار بڻجي ٿا پئون.

*ديارِ قلب وجاں میں روزن وعدہ نہیں کھلتا۔*

وعدو ڪيم تہ پوني ضرور ايندس. وعدو ڪيم تہ ڪي ڏينهن گڏ گهاريا ۽ هڪ ٻئي سان حالي احوالي ٿيندا سين. اندر اوريندا سين پر اڄ جڏهن اُهي پَلَ گهڙيون نئوينا آهن تہ روح کي رنج رَسيو اَٿم. مان جيڪو جيئرو آهيان الائجي نہ، اهڙي قيمتي سرمايي وڃائڻ ڪانپوءِ جيئرو رهندس الائجي نہ. منهنجي من اندر بيٺل ريتا شهاڻي جهڙا باغ بهار ماڻهو بہ ائين ويندا رَهن ٿا. جن سان جڏهن 2004 ۾ ملاقات ٿي هُئي تہ من اندر ڪيئي گلاب ڪڙيا هُيا. چاڪاڻ تہ هيءَ سڄي ميڙ ۾ بين کان مختلف هئي. مان جڏهن هندستان جي ڪرشماتي سفر کان پوءِ موٽيو هُيس تہ مون کيس گهڻو ياد ڪيو. هُن سينٽر جي ڇت تي ڪانفرنس هلندي هڪ چانهہ جي پيالي پيئندي گهڻو وقت خاموش پلن ۾ گهڙين کي رُخصت ڪندي مون گهڻو ڪجهہ محسوس ڪيو هو. هڪ اهڙي وجود کي جيڪو حيات جي جذبن سان سرشار هو. هُن جي

اندر ذات جا انبار هُيا. مون اُهي جذبا اج سندس وڃڻ کانپوءِ ٿي ساريا آهن تہ سامهون ٿي سهٽي مُک سان انهن جذبن مان جُڙيل ۽ سينگاريل ريٽا شهاڻي بيٺي آهي. اج جڏهن هوءَ بنا موڪلائڻ جي هلي وئي آهي، ائين جيئن ڪو هاڻ اُٿي ويو آهي ۽ سندس ويهڻ واري هنڌ اجان سندس وجود جي گواهي ڏئي رهيو آهي تہ مون کيس ڳولڻ شروع ڪيو آهي. اڳ مونُ کيس ڏٺو هو مليو هيس ڪئين دفعا - نفيس جذبن جي مالڪ، سونهن سوپيا جي مالڪ سنڌ واسڻ ريٽا شهاڻي پر سندس ذات ۽ حياتيءَ جا ڪئين رنگ مون کان لڪل هُيا. مون سندس لکيل ڪي پنا هاڻ پڙهيا آهن تہ هيءَ ريٽا تہ ڪا ٻئي جهان جي ريٽا آهي. مون کيس "سڄاڻ جون سمرتيون" ۾ ڳولي لڌو آهي. هي ريٽا اهڙن ڪيترن ۽ نہ مڃڻ جهڙن جذبن جي مالڪ ٿي لڳي، جو دل چئي ٿي تہ دادي منگهارام سان گهاريل جيون جا ڪيئي اُهي پل موٽي اچن ۽ ريٽا اهڙن نرم آڱ گاڏڙ پاونائن سان منهنجو بہ دادَي وانگر خيال ڪري ۽ مان سندس حياتيءَ جا اُهي خدوخال پريان جيڪي دادومنگهارام ائين ڇڏي ويو آهي، جيئن ڪي جڻ تہ حسرتون رهجي ويون هجن.

پر ريٽا چواڻي "جيئن جيئندان ميلا" هن ٻي بقا زندگيءَ ۾ اهڙو موقعو وري نصيب ٿئي يا نہ ٿئي. ڏياريءَ جو اهڙو ميلاپ ٿئي نہ ٿئي."

ها! ريٽا، اج بہ ڏياريءَ جي ڏينهن مان توکي ياد ڪريان ۽ تو لکيو هو تہ "هاڻ ڏيئا ٻري چڪا آهن". پر مون لاءِ ڏيئا سڀ اُجهامي چڪا آهن چاڪاڻ جو 'گونگي گگن سان گفتگو'، 'آڪاش گنگا' جي ليکڪا دادا جي آڏو ٻرندڙ ڏيئن کي ڇڏي آڪاش جي گنگا ۽ گونگي گگن ۾ ٽمڪندڙ هڪ ستاري جيان روشن هجي ٿي ۽ پرسان ٿي پرسان وارو ستارو سندس دادَي منگهي جو هجي پر هاڻ مونکي ائين لڳندو آهي تہ ريٽا ميٽرو سئنيما هال ۾ هلندڙ پڪچر Pagan Love Song ڏسڻ لاءِ دادي منگهارام سان گڏ وئي آهي ۽ هيروئن جي ڳاتل Song سان گڏ دادو بہ ڳائي ٿو پر سين منهنجي جذبن اثر هيٺ بدلجي وڃي ٿو ۽ مان ريٽا سان گڏ ميٽرو سئنيما ۾ وينو آهيان ۽ هيءَ راڳ ڳاتو آهي. ريٽا بہ مون سان گڏ ڳائي رهي آهي:

Come with me where moon-beams
Light ahiesian skies
And the star-lite water

Lingering your eyes
Native hills are calling
To them, we belong
And we, well cheer each other
With the Pagan Love Song.

"سچاڻ جون سمرتيون" اهڙي خلوص، سچائي، پاپوهہ سان لکيل آهي، جو مان تہ عجيب ايرڪا جي جذبن سان آشنا ٿيس ۽ ائين سمجهيم تہ اُن وقت بہ ريتا جيئري هُئي ۽ اڄ بہ جيئري جاڳندي وبني آهي ۽ "جيئڻ جيئندڻ ميلا" پڻ مچايو ويني آهي. ريتا شهاڻي سنڌ جي سڪ سان سرشار هئي ۽ سندس لکيل انيڪ ڪتاب سنڌي ادب سان بي انتها پيار ۽ خلوص جو اظهار آهن.

"ريتا! اوهانجي ڪتاب 'آڪاش گنگا' ۾ سنڌ جي اديبن سان گڏجاڻين جا ميلا آهن اُن سان گڏ سنڌ ياترا وقت سنڌ جي چپي چپي ۽ ماڳن مڪانن سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار اوهانجو ئي مانُ مٿانهون ڪري ٿو. مان اهڙي نرم هردي ۾ اهڙي وشال دُنيا آباد گهٽ ڏٺي آهي، جنهن وٽ اٿاهہ سمنڊ پيار جو موجود هجي، خاص طرح اُنهي شخص لاءِ جنهن جي ٻڌڻ جي سگهہ ختم ٿي چڪي هجي ۽ عُمر جي اهڙي حد تي پهتل هجي، جو ريتا کيس پنهنجي ڪوتا ٻڌائي ٿي تہ هو چِڙي پوي ٿو. ريتا کيس ڪوتا ڏيکاري ٿي:

لاچاريءَ ڪان تون پگوان - بچائج،
محتاجي، ڪان اڳ جڳ مان اُتارج.

بس آڳبگولا ٿي ويو چئي: "مون کي ڏسي ٿي ڪويتا لکين؟ ڪير ٿو چوي تہ مان لاچار آهيان. موت جي ڳالهہ اُن سان ڪبي آهي جو مرڻ وارو هوندو آهي. مان مرڻ وارو ٿورو ئي آهيان؟"

شاهہ صاحب جي هيءَ آيت ياد ڪري چپ ٿي ويس ۽ وري موت ۽ ٻُڍاپي جي ڳالهہ بہ زبان تي نہ آندم:

جيئڻا اڳي جي جيئا، جڳ جڳ شال جيئن،
اوءِ موتي ڪين ورن، مرڻان اڳي جي مُئا.

ڪير مهان آهي؟ دادا منگهارام ريتا سان هيڏو پيار ڪري ٿو ۽ ريتا کيس پنهنجو نرم هردو آڇي ٿي. هو هڪ هنڌ لکي ٿي: "ٽرين ۾ پنهنجي سيٽ تي ويهي هر هر وشنوءَ جي مهرباني مڃيائين ۽ مون کي پيار پئي ڪيائين. منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ٿائيت جهلي وينو هو جو ٿڌو برف ٿيو

پيو هو. پڇاڙيءَ ۾ موڪلائڻ مهل مون ٻنهي هٿن سان سندس چهرو جهليو پنهنجي ڇپن سان چميو پاڻ بہ موٽ ۾ پيار ڪيائين. مان پاڻ کي وڏ ڀاڳي ٿي سمجهان جو اُن مهان آتما سان جنهن لاءِ مون کي هميشہ کان اپار پيار ۽ عزت هئي. ڪجهہ ڏينهن ويجهو گهاري سگهيس.“

ريٽا! تو پنهنجي نئين آخري ڪتاب ’آڪاش گنگا‘ ۾ ’منهنجي ڪهاڻي‘ يادن جي جزيري جو حوالو ڏيندي ’حميد سنڌي ۽ عڪس‘ ۾ لکيو آهي:

”اُن واقعي مان اِهو ظاهر ٿي بينو تہ هر هڪ ليکڪ جو نقش چٽڻ جو انداز نرالو آهي ۽ پانڪ جي ذهن جو اُن نقش کي جهٽڻ ۽ محفوظ رکڻ جو طريقو بہ انفرادي ۽ علحدو آهي! نقش دائمي ٿي سگهن ٿا، ٿيندا آهن. سڀ ڪجهہ چٽڻ واري جي ڪلا تي منحصر آهي. هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار سان گڏ حميد سنڌي هڪ زنده دل شخص ۽ سنو مهمان نواز آهي، جنهن جو کِلندڙ چهرو ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي ٽهڪڙو پُرڪشش آهي. اهڙو عڪس بہ منهنجي ذهن تي دائمي رهندو.“

”ريٽا! تنهنجو عڪس بہ منهنجي مٿان ائين ڇانيل ۽ گڏوگڏ هلي ٿو جڻ پاڇو مونکي ائين لڳندو آهي تہ جيئن دادي توکي چيو هو... ’اڙي! ڏس تہ سهين اسان جا پاڇا اسان جي اڳيان پيا هلن. ڏس تون مون کان بہ وڌيڪ ڏکي ٿي وئي آهين‘ ۽ تڏهن تو دل ئي دل ۾ چيو هو ’دادا! مان ڏکي ڪانہ ٿي آهيان، توهين جهُڪي ويا آهيو.‘“

”ها ريٽا مان ڪيترن پنهنجن پيارن جي وڇ کان وڇڙيل آهيان ۽ انڪري هيٺ جهُڪندو وڃان ٿو. تنهنجي وڇڙجڻ سان منهنجي آتما ـ روح کي جيڪا جهٻي آئي آهي، سا ورهين کان پوءِ محسوس ڪئي اٿم. شال جتي بہ هجين خوش هجين. مون کان تنهنجا هي اکر نہ ٿا وسرن تہ ’مان ڇو ٿي لکان؟ جي هڪ وار قلم بينو تہ مان بہ بيهجي ويندس، بس رُڳو ايتري خبر اٿم.‘“

”ريٽا! مونکي خبر ناهي تہ تنهنجو قلم ڇو بينو ڪنهن بيهاريو مونکي اها خبر بہ ناهي تہ منهنجو قلم ڪڏهن بيهي رهندو ۽ مان بہ تو وانگر تنهنجي پرسان ئي دادي منگهارام سان گڏ هڪ تاري جيان ڪڙي بيهندس. پر منهنجي آسمان ۾ تہ مقدر جا ستارا ڪڏهن هوندا آهن، ڪڏهن نہ بہ هوندا آهن. منهنجي ٻن ڪهاڻين ’واٽهڙو ڪر واٽ مُنجهي‘ ۽ ’ڪڏهن آسمان ۾ تارا نہ هوندا‘ جا سِرا ائين چوَن ٿا. ڳالهہ اڳ بہ مقدر جي هئي، هاڻ بہ مقدر جي آهي. بس! لکيي جا ليکا هِن مَن!“

موڪلاڻي تہ ڪانهي پر تنهنجي هيءَ ڪوتا منهنجي ايمان کي پختو ڪري ٿي. مان تہ 'آڪاش گنگا' موڪليل ڪتاب جي منڍ ۾ اهو پڙهي گد گد ٿي ويس: 'احترام ۽ پيار حميد سنڌيءَ لاءِ ـ ريتا شهاڻي'
تاريخ اٺس 2013ـ8ـ11

**ڪوتا:**

سبحان
تنهنجي قدرت تي قربان
وَهي گنگا ڌارا
گگن ۾ ستارا
ڌرتيءَ تي بہ تارا
گهٽي تيج وارا
ڪيئن ڪيان بيان؟
سبحان!

چنڊ تارن ۾ ڳولهيان
هِتي هُتي ڦولهيان
ڳولهيان ڳولهيان
ڪيئن لهان مان
ڪيئن راز عيان
سبحان!

قلم روان آ
ذهن دوان آ
سوچ جوان آ
چپ چپ زبان آ
ويچار نوان نوان
سبحان!

(ريتا شهاڻي، آڪاش گنگا)

[نومبر 2013]

# حمید سنڈیءَ
# جا چوند
# مھاگ



# اُترواءُ اوتي، جتي عطر توتي

## جيجي زرينہ بلوچ جي ڪتاب جيجيءَ جو مهاڳ

زرينہ بلوچ لاءِ بہ چار اکر لکڻ وينو آهيان، تہ لفظ هٿ نہ ٿا اچن. مضمون جوڪو فريم نہ ٿو جُڙي، مان جڏهن بہ تمام ويجهن ۾ زندگي جي پل پل سان جُڙيل سڄڻن ۾ ساٿين لاءِ لکڻ لاءِ ويهندو آهيان، تہ ائين ٿيندو آهي. ان ويل ضرورت محسوس ڪندو آهيان، ڪنهن شاعر جي اڌمن وارن بيتن، يا شعر سان جيڪر شروع ڪيان.

شاهہ سائين جا ڪجهہ بيت، اهڙن موقعن لاءِ ڏاڍا مناسب هوندا آهن. جهڙوڪ:

”اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين....!“

”ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.“

۽ اهڙن بيتن سان شروعات ڪبي آهي تہ ان ماڻهو جي ڪا نہ ڪا خوبي يا خوشبو ڳولي وٺبي آهي، پر ڇا زرينہ بلوچ لاءِ مان گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ تعزيتي يا تعريفي دستور موجب لکي سگهان ٿو؟ جيئن سڀ ڪو لکي سگهي ٿو تہ پوءِ ڪنهن ٻئي اهڙي شاعر جا اکر ڇو نہ ڳوليان، جنهن جا ٻول خوشبو زرينہ جي سيني ۾ وڏي وڻ ٿيا هجن ۽ اهي ٻاهر نڪرن تہ ڳاءُ خوشبو ڦهلائيندا نڪرن. اياز ڪانسواءِ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو. سوچيم ۽ اياز مليو تہ هينئن مليو. ۽ سندس اکر اکر جي پاڻ لاءِ هو تہ زرينہ جي وجڻ ڪان پوءِ هوا جي ڪيفيت بہ اها ئي ٿيڻي هئي. يعني هوا هينئن بہ کُهلندي آهي.

ڪڏهن هوا دروازو کولي.
منهنجي گهر ۾ پيهي ايندي،
۽ مون کي ڪرسيءَ تي ڳولي،
مايوسيءَ مان موٽي ويندي،

منهنجيءَ ميز مٿان سَوَ ڪاغذ،
پڪڙيل هوندا، آءُ نہ هوندس!
گيت اڌورا آءُ نہ هوندس!
۽ بيو چا چا، آءُ نہ هوندس!

مان انهن هوائن جي جهوٽن جي پوئٽي ورڻ جو انتظار ٿو ڪيان ۽ جيئن واءُ پوئٽي وري ماضيءَ ۾ موٽي ٿو وڃي، مان سندس رَٿ تي سوار ٿي اتي پهچان ٿو جت زرينہ آهي ۽ سندس چهري تي پريشاني آهي، "ادا! تون هيڏي ڪاڏي اچين ٿو هيءُ ماضي نہ آهي، هيءُ حياتي جو سپنو نہ آهي، هيءَ موت جي وادي آهي. پوئٽي موٽ. الله تو کي ڏينهن ڏئي، شال وڏي حياتي ماڻين، ٻچن سان خوش هجين." ۽ مان انهيءَ وبل حال ۾ موٽي آيو هيس. زرينہ تہ ڪانہ هئي. پر سندس دعائون ساڻ هيون، جيڪي منهنجي ماضيءَ جو سرمايو هيون. هن هميشہ مون کي ٻي دعائون ڏنيون، چاڪاڻ تہ سندس جيڪو بہ سفر هو ان ۾، ڏکن سکن ۾ هن سان ساڻ هيس. هوءَ اسان جي گهر جو ڀاتي هئي، جيجي بيگم زينت چنا جو گهر هجي،جيڪو جڻ منهنجو گهر بہ هو. يا لطيف آباد وارو گهر هجي. هوءَ پئي پيرا پچندي، پئي خوشيءَ غميءَ وارا پير پريندي هئي، پر مون کيس بطور حب الوطن شخصيت جي تڏهن سڃاتو جڏهن مون کيس هٿ ڦهلائي ۽ آسمان ڏي نهاري سنڌ لاءِ صدائون هڻندي ٻڌو. سنڌ لاءِ انقلابي گيت سندس مُک تي اهڙي جوت ڦهلائي ڇڏيندا هئس، جڻ شعلا ٻرڪندا هجن. شايد سندس اندر وارو ڪانئس ئي ڪي سوال پيو پڇندو ۽ پيو جهوريندو هوس.

جوت ڪٿي آهي؟ جوت جڳاءِ،
ياهہ برهہ سان جوت جڳاءِ
ڏک پيو تنهنجو در کڙڪائي،
پرينءَ وٽان پيغام پڄائي،
هڪڙو دم ٻي دير نہ لائي.
[ٽئگور جو گيت]

ڪيترا دوست سڃڻ پڇندا آهن تہ ڇا زرينہ بلوچ ڪا خاص وصفن واري عورت هئي؟ هائو سندس وصفن جا ڪيئي، تہ در تہ هيا، هر تہ هينان ڪونہ ڪو دُرَ (موتي) لڪل هو جي هوءَ لکيل پڙهيل عورت هئي تہ ذميدار

گهريتڙي عورت بہ هئي. ان سان گڏ پنهنجن ٻارن کي جنهن نموني محدود وسيلن هوندي بہ پالي وڏو ڪيو. هو هڪ مثالي ماءُ ۽ هڪ پورهيت عورت جو مهان ڪردار ليکبو. بحيثيت وَرَ جي رسول بخش پليجو سندس اهليت لياقت جو معترف هو ۽ سندس بحيثيت استاد جي ڪردار اڄ بہ ماڊل اسڪول جي ٻچي ٻچي جي وات آهي. ماڊل اسڪول جي انهيءَ دؤر جي پرنسپل، پرائمري سيڪشن، ڊاڪٽر قمر واحد، سندس قول فعل ۾ ڪوبہ تضاد نہ پسي، بطور محبتي دوست جي ڪيس پنهنجي ايترو تہ ويجهو ڪيو جو هوءَ اسڪول ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ وٽس ويهي جهونگاريندي ۽ ڏنون جوڙيندي هئي، سندس ڏنون جوڙيندڙن ۾ وڏو هٿ محترم رسول بخش پليجي جو پڻ هيو.

سنڌي ادبي سنگت جي سالانہ ميڙن ۽ ڪاليجن جي لطيفي مجلسن ۽ شامن ۾ سندس ڳايل گيتن ڪيس نانءُ بخشيو. خاص طرح ون يونٽ وارن ڏينهن ۾ ڪرايل جلسا سندس ڳايل انقلابي گيتن سبب سڄي سنڌ ۾ گونجي اٿيا. ماهوار روح رهاڻ جي هلايل جديد ادبي تحريڪ ۾ هيءُ اسان جي سٺ جي ساٺياٽي هئي، جشن روح رهاڻ سنڌيت ڦهلائڻ جو وڏو ذڙ هو. سڄي سنڌ مڙندي هئي، اسان جي ان دؤر جي شاعرن جو هڪ ٿي پسنديہ آواز هو جيڪو ڪين ڳائي پي سگهيو ۽ سندس آواز هوائن جي جهوٽن وسيلي سنڌ جي ڳلي ڳلي گونجيو. اياز جي پڪار ۽ زرينہ جا آواز:

مان توکي گيت ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي زنجير وجهين.

جشنِ روح رهاڻ ۾ سندس ڳايل اياز جي لولي، عجب اثر رکندڙ هئي. اکيون آليون ۽ وار ايا ي ويندا هئا.

شال دولهہ ٿئين! شال دودو ٿئين!
شال سورهيہ ٿئين، سنڌ تي سر ڏئين
لوليون، او ابا! لوليون! لوليون.

مون اڄ بہ ڪيترن ئي گهرن ۾ سنڌ تان سر جان گهوريندڙ مائرن کي هيءُ گيت انهيءَ ڏن ۾ سُرَ ۾ جهونگاريندي ٻڌو آهي.

مون سندس اندر ۾ موجود ڪيترن تهن ۾ هر تهہ هينان موتيءَ دُرَ جو جو

ذڪر ڪيو آهي، سندس ڳائڻ جو هنر هڪموتي آهي تہ سنڌيت جو جولائي جذبو بيو موتي آهي.

اسان جي دوست مشهور ليکڪ مرحوم رشيد ڀٽي جشنِ روح رهاڻ 1968ع جو احوال ”ڏيئا ڏيئا ڳات اسان“ جي عنوان سان لکيو هو. هو زرينہ بلوچ جي ڳايل گيتن جو باب کوليندي چوي ٿو: ان بعد زرينہ بلوچ اسٽيج تي آئي. سنڌ جي اُم ڪلثوم، جنهن جي آواز ۾ جيئون ۽ جَرَ آهي، جنهن جو آواز سندس جيءَ جي جهوري ۽ زخمي روح جو ورلاپ هوندو آهي. هوءَ رڳو ڳائڻي نہ آهي پر صحيح معنيٰ ۾ هڪ وڏي فنڪاره آهي. ادب جي پارکو ۽ خود ماڻ جوڳو مقام رکندڙ ڪهاڻيڪاره، ”جيجي“ جهڙي اڻمٽُ افساني جي خلقيندڙ (هڪ ٻيو دُرُ چون ٿا تہ هن ڪهاڻيءَ تان متس نالو جيجي پيو پر مان سمجهان ٿو تہ سندس شفقت ڀريي مَکَ هردي ۽ هر وقت مادرانہ محبت جو اظهار بخشيندڙ رويي ڪيس جيجي بڻائي ڇڏيو هو جو ان کان اڳ سنڌي اديبن جي جيجي بيگم زينت عبدالله چنا هئي ۽ سندس مادرانہ ۽ سنڌيت واري روش سنڌ جي پراڻن اديبن کي اج بہ ياد هوندي.

رشيد ڀٽي لکندو هلي ٿو تہ زرينہ بلوچ جي فن آڏو پليجي جهڙو سخت جان پارکو بہ سِرُ جهڪائي بيٺو هوندو هو. زرينہ هن جشن ۾ اوپري ڪانہ هئي. ان جو هڪ ازلي ۽ ابدي حصو هئي. هن ڪورس ۾ اياز جي مشهور وائي: ”سهندو ڪير ميار او يار سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو“ ڳائي، جنهن جي ڏن زرينہ جي ئي نهيل هئي. هو اڳتي هلي لکي ٿو: ”وري زرينہ اسٽيج تي آئي تہ هن هيل حيدر بخش جتوئي جو نظم:

جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!
جام محبت پيئي سنڌ!

ڳايو نظم جي سُرن تي زرينہ جو آواز اتساهہ ۽ چاهہ جو ڪم ڪري رهيا هيا. من موهيندڙ ڏن تي، ٻڌندڙ جهومڻ لڳا. هڪ هڪ تي سامعين ساڻس سات ڏيڻ لڳا ۽ آخر ۾ سڄي پنڊال ساڻس گڏ اٿي بيهي ڳائڻ ۽ جهومڻ شروع ڪيو. راڳ ۾ جادو هوندو آهي! اهو اُت ڏٺوسين. سڄي محفل پاڻوساري مستي ۾ اچي چڪي هئي. مان هت ٻڌائيندو هلان تہ پليجي صاحب جي رهبري هوندي بہ جن شخصيتن زرينہ بلوچ جي آواز کي جلابخشي، ڪيتريون ڏنون ناهيون ۽ درست ڪيون، اهي هيا ميوزڪ لوَرس

ڪلب ۾ روح رهاڻ ميوزڪ سرڪل جا ساٿي ۽ اڳواڻ، محترم محمد ابراهيم جويو صاحب، مرحوم احسان علي شاهه، مرحوم نصرالله عباسي صاحب، مرحوم عنايت الله عباسي صاحب، (ٻه مشهور موسيقي جا ڄاڻو ۽ پائر جن منجهان مرحوم عنايت الله تازو گذاري ويو آهي جيڪو پڇاڙيءَ تائين ميوزڪ لورس ڪلب ۾ روح رهاڻ ميوزڪگ سرڪل کي هلائيندو رهيو.) سندس هر وقت ساٿ ۾ جويو صاحب، آءِ. نذير ڪمال ميمڻ ۽ ٻيا دوست رهياسين ۽ اها هڪ الڳ تاريخ آهي. ڊاڪٽر قمر واحد ۽ سندس ٻيون ٻه ڪيتريون سرتيون هيون، جن ڪيس همٿايو ۽ سنواريو.

زرينه بلوچ جو فورم رڳو ريڊيو يا ٽي وي نه هو. هن جو وٽنڊڙ پليٽ فارم اديبن، شاگردن ۽ عوام جا جلسا هئا، جن جون رونقون رڳو سندس آواز سان نه پر سندس دم سان هيون، سندس شرڪت، ۽ ڪاريءَ ٻات رات ۾ جوش جذبي ۾ آئت وارا ٻه ٻول سيني کان نعرا هڻائي ڇڏيندا هئا.

”جيئي سنڌ... جيئي سنڌ“ زرينه وٽ ذات جا ڪيئين موتي هئا، جن جي ڪيترن کي خبر نه ٻه هجي. زرينه بلوچ جو ريڊيو تي آواز گونجيو ته منهنجي لکيل ڊرامي ”طوفان ۽ رات“ ۾ سندس ادا ڪيل ڪردار هڪ نفسياتي مونجهاري ۾ مبتلا نينگري جو هو جيڪا شڪ جي بنياد تي گهٽو ڪجهه وڃائي ويهي ٿي. هيءُ ريڊيائي ڊرامو ڪيترا سال ورائي ورائي هلندو رهيو. ڪيترن جو چوڻ ه ته زرينه بلوچ جي، ڊرامي ۾ ڊائيلاگن جي ادائگي لاجواب هئي. پلا ٽي وي ڊرامن ۾ لوڪ گيتن ۾ سهرن تي سندس پرفارمنس ڪنهن کان وسري آهي. علي بابا جي ڊرامي ”دنگي منجهه دريا“ نه ته زرينه بلوچ جي پرفارمنس تاريخي آهي.

سندس وصفن جون ڳالهيون ايتريون آهن جو هيءُ صفحا ڪافي ناهن، سندس پاڻ شاعر هجڻ واري وصف ٻه وڏي وصف آهي، سندس هڪ گيت روح رهاڻ آڪٽوبر 1965ع ۾ ڇپيو هو ۽ محترم عبدالله چنا جي جاري ڪيل عورت ليکڪائن لاءِ مارئي انعام لاءِ ان کي چونڊيو ويو هو. هيءُ گيت سندس اندر جي ڪيفيتن کي ظاهر ڪري ٿو.

منهنجا نيڻ اداس ٿو ٻن،
ياد ۾ تنهنجي نير وهائن،
جڏهن اچي ٿي مون لئه شام،

رات اڪيلي مون کي ماري،
ڏينهن ڏکن جو ڏيل تو ڏاري،
دل کي ناهي ڪو آرام،
من مندر ۾ توکي ويهاريان،
پڳ پڳ تو لئہ ڏيئا ٻاريان،
تن من بيڪ بي آرام،
اکڙيون تنهنجي لئہ واجهائن،
روئي روئي من پرچائن،
ڪونہ ڪڏهن ٿيون ڪن وسرام.

زرينہ بلوچ سان ذهني يا جذباتي ويجهڙائپ رکندڙ ڪيترائي عقيدت مند آهن پر سائنس عقيدت رکندڙن پاران، هي ڪتاب واري پيتا وڏي پيتا يہ. توڙي جو مُئي کانپوءِ ڪيترائي ڪتاب لکجن پر جيئرو ماٺهو وٺ آهي، جنهن جي هڪ ئي صدا سڄي ساري تاريخ کي جنم ڏئي وجهي ٿي.

اڄ زرينہ بلوچ ڪانهي پر مون کي جشنِ روح رهاڻ ۾ سندس ڳاتل اياز جو گيت جهوري وجهي ٿو ۽ سندس صدا... تاريخ جي صدا بڻجي منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ ٿي لڳي:

نہ تڙ تي تماچي، نہ گندري گذارا،
آسارا آسارا ڪينجهر جا ڪنارا،
اتر واءُ اوتي جتي عطر توتي،
هيا هنج تنهنجا اتان جي اڏارا.

اسلم ۽ اياز لطيف، ننيڙا هئا جو زرينہ بلوچ جي هٿن ۾ هنجنَ مثل ڪين وڏو ٿيندي ڏٺم. اختر بلوچ انقلابي هجڻ جا اهڃاڻ پَسيم. زرينہ بلوچ جا ڏات وارا چڳيل موتي هنن هنجن وٽ اميد تہ محفوظ آهن، پر سڄي سنڌ، اڄ بہ ڪيس ساري ٿي، جنهن جو مظهر هيءُ ڪتاب آهي. اڏمن ۽ جذبن سان پريل هڪ اهڙو ڪتاب. جيڪو شايد زرينہ کي جيئرن وانگر ئي زندهہ رکي. پلي ڪيترا جُڳ گذري وڃن. زرينہ بلوچ جهڙيون موتين مالها هستيون، ورلي ئي پيدا ٿينديون.

※

## پن ڇڻ کان پوءِ جا ورق

### فتاح ملڪ جي ڪتاب: 'جيڪي ياد پيوم' جو مهاڳ

عجب هيءَ داستان حيات آهي، تبي هڻ تہ تبي، نہ لڳي، ترڻ جي ڪر تہ تري نہ سَگهُہ پر هن داستان جو اَنتُ ڪونهي، ڪُنڊ جو ٿي ڪونهي. بَحر هوندي بہ تراڪڙو آهي. ڇا وطن جي عشق سان لاڳاپيل داستان ائين هوندا آهن؟ ڇا حياتي جي بي ثباتي جي ڪري يا داستان پوري ٿيڻ کان اڳ حياتي ختم ٿيو وڃي پوءِ نہ داستان گو رهيو نہ داستان پورو ٿيو. حياتي اڳ ئي پوري ٿي وئي.

اسان جو فتاح ملڪ هيءَ ڪهڙا داستان، ڪهڙا سفر ڪٽي وينو آهي حياتيءَ جو سُٽ سلجهائڻ بابا! جي ائين هيءُ منجهيل سُٽ سلجهي ها تہ پوءِ اسين سڀ هيءُ گانو نہ ڳايون ها!

لَتِ اُلجهي، سُلجها جاري بالم

فتاح سائين جو سُٽ انهيءَ ڪري منجهي پيو آهي، جو ڪالم لکندي داستانِ حيات بيان ڪرڻ ويهي رهيو آهي. پلا ڪالمن ڪڏهن حياتي جي لاهن چاڙهن جي سَٽ جهلي آهي. اهي ڪٿائون هجن. يا "عمر رفتہ کو آواز دِينا" واريون آپ بيتيون جن کي نہ منڍ هوندو آهي نہ بڇاڙي پيون بيان ٿينديون آهن. دفترن جا پنا، ڪٽي ويندا پر هيءُ آتم ڪٿائون هيءُ جيوٽيون، هيءُ من موهٽيون سهٽيون سلوٽيون يادگيريون، هر هڪ پڙهندڙ کي اهڙي وَڪڙ ۾ آٽي ڇڏينديون آهن جو جڻ ائين پيو پاسبو آهي تہ بيان ڪندڙ ءِ ٻڌندڙ يا پڙهندڙ وچ ۾ ڪو سنڌو نہ رهيو آهي، تڏهن ئي حياتي جو داستان ڪنهن نہ ڪنهن فلسفي يا عقيدي سان آخر تائين ڪمتيد هجڻ سان ئي، پير ڪپي سگهي ٿو وفا جا گيت ڳائي سگهجن ٿا. پر جيئن تہ "جيڪي ياد پيوم" (يادگيريون) عبدالفتاح ملڪ (عفي عنہ) جو نئون ڪتاب آهي. هيءُ

هڪ اهڙو داستان آهي جنهن ۾ ايترا تہ ور وڪڙ لاها چاڙها آهن جو ماڻهو سمجهي وڃي ٿو تہ سچ پچ حياتي ائين ئي ٿيندي آهي.

حسينائن جي زلفن جيان پُر پيچ هنيانءَ ۾ جهير وجهندڙ ڏکڻ ڏونگرن جا لڙڪ آڻيندڙ Episodes هر وقت سفر وسيلہ ظفر لاءِ تيار. لڙڪن سان گڏ ٽهڪ. "نامڪمل مرڪون اُن سان گڏ ڪي ڪاميابيون ۽ ڪي ناڪاميون جيڪي ياد پيوم" جيئن مان عرض ڪري چڪو آهيان. تہ اخباري ڪالمن وسيلي بيان ڪيل داستان حيات آهي، ڪجهہ جهوريندڙ يادگيرين، ڪجهہ نہ ياد رهندڙ گهڙين ۾ پلن جون ڪي اڌوريون يادگيريون، ڪي مڪمل ڪهاڻيون آهن.

فتاح ملڪ جيڏو وڏو شاعر آهي اوڏو سنو ڪهاڻيڪار ۽ نثر نويس آهي جيئن هُن ڪي اوچتو خبر پئي تہ هو شاهر آهي ۽ دوستن نئين زندگي ۾ "روح رهاڻ" ڪيس مهميز ڏني ۽ هو اڳتي وڌي شاعر بڻجي ويو. ائين ڪيس خبر پئي تہ هو ڪهاڻيون بہ لکي سگهي ٿو. ائين روح رهاڻ ۾ سندس ڪهاڻيون "مامو" اُجايل بڪايل " ۽ ٻيون ڪهاڻيون ڇپيون.

عبدالفتاح ملڪ ائين ڪمالات ڏيکاريندو رهيو جيئن هن "هلال پاڪستان" ۾ ڪالم لکيا. اُنهن جو بہ هڪ ڪتاب جڙيو "پينر هن پنيور ۾" سندس شاعري مختلف رسالن ۾ رنگ ڏيکاريندي رهي . هن سنهڙي سيپڪڙي جا شاعري جا (ٻہ يا هڪ) ڪتاب ڇپيا.

اِجهو هاڻ سندس "جيڪي ياد پيوم" جي هيءُ ضخيم ڪتاب ڇپيو آهي وزن ڪبو تہ سندس وزن کان سندس ڪتاب ڳرا ٿيندا.

عبدالفتاح ملڪ صاحب جي يادگيرين جو سفر ڪجهہ عجيب آهي، سندس ڪي ڳالهيون تہ نيڪ پر ڪجهہ ڳالهيون نہ اعتبار ۾ ايندڙ آهن ۽ ڪيترن هندن تي پنهنجا سڀ ڏوهہ گناهہ دوستن جي ڪاني ڪراتبين جي حوالي آهن، سندس ڪاني ڪراتبين لکڻ کان آجا وينا آهن.

مان پنهنجي همسفر ساٿين ۽ دوستن کي پنهنجو همزاد سمجهندو آهيان. اڳين زماني ۾ اعتبار ۽ ڀروسا هوندا هُيا. هن زماني ۾ بقول جوڳي (اشفاق قاضي) جي تہ

"همزاد بہ ائين ڏنڊي هٽي ويندو
اِها جوڳي کي خبر نہ هئي."

هيءُ 300 صفحا پڙهڻ کان پوءِ خبر پئي تہ فتاح سائين ڪيترن هنڌن تي تارازي ڪٽي ڏنڊي هٽي پنهنجو بچاءُ ڪيو آهي. مون کي پوءِ ياد آيو تہ

هيءُ ڪالم آهن. جيڪي آتم ڪٿا جو حصو بڻجي سگهن ٿا پر خود آتم ڪٿا نہ آهن. هن ۾ جوڙ توڙ ٿي سگهي ٿو پر اصل آتم ڪٿا ۾ ڀيج ڏاهہ جي گنجائش نہ هوندي آهي.

فتاح سائين ڪيترن هنڌن تي پاڻ کي صحيح سمجهندي خبر هوندي بہ اصل نسل کان پاسو ڪيو آهي. اسان بابا انهيءَ ۾ خوش آهيون تہ اوهان اسان کي ياد تہ ڪيو ناڪردهہ گناهن ۾ بہ شامل ڪيو.

هيءُ ڪتاب يادگيرين کي اُتلائڻ With Reference to Context لاءِ ڪتب اچي سگهي ٿو پر ڪيترن انهن ساٿين کي ڏکوئڻ جو باعث بڻجي سگهي ٿو جن لاءِ پاڻ لکيو هو.

ولر کان جدا ٿي پکيڙي پڪاريو
ڪٿي آهيو ساٿي ڪٿي آهيو آهيو
خوشيءَ ساڻ لهرون ڪنارن لڳن ٿيون
اُجايل اُمنگن اوهان لاءِ نهاريو.

ڇا مان هت اُن آصف فصيح وردگ لاءِ اُهو ايڊيٽوريل هت اُتاريان جيڪو اُن وقت جي روح رهاڻ ۽ هاڻوڪي روح رهاڻ ۾ ڇپيو جيڪو اياز ۽ اوهان کي نہ وڻيو هو جيڪو آصف جي اڏنگي رويي ۽ ڪيل تقرير جي جواب ۾ هو.اُتي اسان حيدرآباد مان آيل دوست بہ موجود هئاسين.

توهان مرحوم عبدالسميع (فرزند) جي وڇوڙي تي اڪيلائي جو اظهار ڪندي ڪجهہ يارن جي ساٿ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪيترن کي وساريو آهي. پر يار پاڻ تہ اُن ويلي کان گڏ هئاسين. جڏهن مومل ڄائي هئي. عبدالقيوم عبدالسميع جي بيماري ۽ عبدالسميع صحتمند ۽ ارشد، تمڪنت، عائشہ ڄاوا هئا. موڪلاڻي تي بہ پل پل گڏ هئاسين توهان حيدرآباد مان سان لنگهيو تہ بہ پي پڇتايم. بيماري ۽ جڏي جيءَ ڪري مان نڪري نہ پي سگهيس. اُمالڪ ارشد کي ڏياري موڪليم بئي ٽئين ڏينهن مان بہ سکر اچي نڪتس. ڪافي گهڙيون ۽ پل تڏي تي گذاريا هئاسين. اَسين الڳ ڪڏهن ٿيا هئاسين جو تو دوستن يائرن کي پنهنجو هم غم نہ سمجهيو تو پنهنجا درد لڪائي ۽ سانڍي اسان کي کلائيندو اسان سان پڳتيون وجهندو هلندو هلين. ،تو ڪالمن وسيلي اندر جي سانڍيل باڦ ڪيڻ جي ڪوشش تہ ڪئي پر اُها

اسان لاءِ نہ هئي. اِهي ڪالم بہ اسان لاءِ نہ هئا جيڪي اهڙي اخبار ۾ ڇپيا جيڪا نہ تنهنجي سڄڻ هئي نہ منهنجي. جو اُن ۾ هڪ ٻئي دوست نما دشمن جا ڪالم بہ ڇپيا هئا. جنهن ۾ اسان جي خاندان ۽ ٻچن کي پٽيو ويو هو. اُها اخبار ان ڪري نہ مون وٽ ايندي هئي نہ ٻين دوستن وٽ. پوءِ ڪِن وٽان خبر پئي تہ اسان جي ڦٽن ملڪ کي رنج سپريان رَسيو آهي.

اصل ۾ هيءَ ڪتاب، اُنهي Depressistion جو نتيجو آهي، جڏهن فتاح انهيءَ Depression جي دور مان گذريو هو. اسان کي ان ڳالھ تي حيرت ٿيندي هئي تہ فتاح جهڙو اُميد ڀريا گيت ڳائيندي هن وٽان اهڙا گيت نہ ڪتندا هئا. ڪو وقت اهڙو بہ آيو جو فتاح جشن روح رهاڻ ۾ ڳايو ويو ايا زکان پوءِ فتاح ۽ پوءِ تنوير، اُستاد بخاري، نياز ۽ ٻين جا شعر ڳلي ڳلي ڳائجڻ لڳا. فتاح جا ڪيترا اُميد ڀريا گيت، نظم ۽ شعر "صبح ڇو نہ ٿو اُڀرين اَچا" اُن نظم ۾ هو چئي ٿو.

او صبح!
تو ساڻ منهنجو آهہ اهڙو ڀي پيار
جهڙو ڪنهن ڪنواري جو
رتل
اکڙين ڀريل
انتظار
معصوم
اهڙو ئي
جهڙو ڪنهن ٻارڙيءَ جو ننڊ ۾ ٿهڪ
اهڙو ئي سچو منو ۽
اٽڪ
جيئن ماءتا جي چُمي.

ههڙا شاعر انهيءَ دور پيدا ڪيا جڏهن نوجوان نسل، ون يونٽ جي ڦهري نظام، سماج ۽ ناانصافي جي ڏيڄ ۾ قاتل هو جنهن شاعر مايوسين مان ڪنڌ مٿي ڪٽي حياتي کي وزندار سمجهي، مرڪي منهن ڏيڻ لاءِ هيئن چيو هو.

هاڻ حياتي هلڪي ناهي، مرڪي نيٺ نڀايو
پنهنجو من پرچايو.

پيو جي راڳ رڱن ۾ ناهين، گيت خوشي جا ڳايو
پنهنجو من پرچايو.

ڪوئي ناهين جي ڪو همدم ڳوڙهن سان ڳالهايو
پنهنجو من پرچايو.

سارو ڏيهہ ڏکن ۾ سائين، ڪنهن کي تا پرچايو
پنهنجو من پرچايو.

منهنجا فتاح سائين، توهان پنهنجين تخليق ڪيل هنن سٽن تي غور ڪيو. خاص طرح ”سارو ڏيهہ ڏکن ۾ سائين. ڪنهن کي تا پرچايو.“

هيءَ ڪتاب پنهنجي Catharsis جو ڪتاب آهي. هن ۾ بين جي ڏکن ۽ بين کي آيل تڪليفون بيان ناهن ٿيل. شابش اوهانجي. والدين، پائرن، عزيزن، قريبن کي آهي جو انهي ڏکيي دور مان اوهان کي ڇپر ڇانءَ بڻجي ڪڍي آيا ۽ باقي واري دور ۾ اوهان ڏاڍ ڏمر کي منهن ڏئي پاڻ کي ۽ پنهنجن ٻچڙن کي ڪڍي آيا آهيو. اِهي سڀ اوهان سان گڏ جيئا آهن ۽ سَنو بہ اٿن. پر ٿوري آسپاس تي نظر تہ ڪيترا سڄڻ ساٿي اوهان سان گڏ رهيا آهن. ڪي مُئا، ڪي جيئري ئي مئل آهن. اُنهن جي سارَ ڪيو ها تہ جيڪر باقي ٻچيلن مان ڪو ڪنڌ ڪٽي ڇٽي ها.

جي ديپ وسامي ويو سڪرات هلي ويندي
۽ تيل ٻرڻ کان پوءِ، فڪرات هلي ويندي
جيسين هيءَ جياپو تيسين تہ رڱون رڙنديون
تارون جي ڇڳيون هيڪر، هر لات هلي ويندي

هيءَ ساروٽيون سنڌ جي هڪ وطن پرست شاعر جي ڏکن سکن جي وارتا آهي. جيڪا جڏهن متانهس گذري تہ هُو سنڌ سان عشق ڪرڻ لڳو ۽ اُت عشق ۾ هُو شاعر بڻيو. هن جي سچاٽپ شاعري آهي. هُن جي وڪالت سندس پروفيشن آهي. اُن ۾ مهارت سندس شاعري ۾ مهارت کان سيڪنڊري ڳالهہ آهي.

نثر نويسي، ڪهاڻي نويسي، ڪالم نويسي سندس ”آءُ ڪبوتر توکي ساز سڏي ٿو“، ”محفل مست بڻايون يار“، ”اسان مست الستي هون“، ”ڪنهن پر ڪاڪلي ڪني ٿي“، ”سنڌڙي جا سينگار اجا پيي ساڳياڙي“ ۽ ”هيءَ شهر

بہ ڪو شهر هيو“ جهڙن گيتن کي ڏکي پوئتي نہ ٿي ڪري سگهي. هنن ڪالمن جو مقصد سنڌ جي مظلومي واري صورتحال بيان ڪرڻ هو جنهن ۾ ڪٿي تہ مصنف يقينن ڪامياب ويو آهي ۽ سندس ادائيگي هڪ سٺي داستان گو جيان ڏيان ڇڪي وٺي ٿي، ڪٿي جڏهن هُن کي پنهجو خيال اچي ٿو تہ ڪيترين حقيقتن کان منهن موڙيو اٿس. هو ڪيترن هنڌن تي کي ڳالهيون سچي مچي ڪرڻ کان الائي ڇو لنوائي ويو آهي، جنهن جا کي ساکي پلي مرڻ ڪنڌي تي هجن پر کي جيئرا جاڳندا وينا آهن. فتاح جا هيءَ ڪالم اُميدن ۽ مايوسين جو سنجوڳ آهن. انهيءَ خود بياني کي بنهہ بياني تہ نہ ٿو چئي سگهجي پر سنڌڙي جي غم گاڏڙ سنهري داستان جا ڪيترا ورق چئي سگهجن ٿا. جن کان منهن موڙي نہ ٿو سگهجي. فتاح جي خوبصورت انقلابي شاعري کان پوءِ هيءَ پن ڇڻ کان پوءِ جا ورق ضرور سُڪل پنن جيان پهريان محسوس ٿيندا پر پوءِ فتاح جي ڳلن تان وهندڙ ڳوڙهن سان اُهي پن توهان کي ترو تازو نظر ايندا. هيءَ هڪ شاعر جو داستان حيات آهي ڪو مذاق ناهي، سنڌ سان عشق جي رُوداد آهي ۽ اُنهي شاعر جي جنهن چيو هو:

ڏرتي پنهنجي سَر تي آهي،
توکان ڪهڙو لَڪُ لڪاءُ
سوري سيج اسان جي آهي،
مُرڪي لائج ميندي ماءُ

*

## پنهنجي وجود جي ڳولا ۾

### خواجہ سليم جي ڪتاب: ڪهاڻيون ساروڻيون ۽ خط جو مهاڳ

سليم خواجا کان سليم نورحسين تائينءَ جو هيءُ سفر مڃيل تخليقڪار کان پڪي پختي مترجم جو سفر آهي. هن مجموعي ۾ جيڪي بہ لکڻيون خلقيون ويون آهن، اُهي اُنهيءَ دؤر جون آهن جڏهن ممدوح سليم خواجا هو ۽ سنڌس شمار گهڻو تڻو ڪهاڻيڪار يا اصلي تخليقن خلقڻ وارن منجهان هو. هو ڪڙين تلخ حقيقتن جو نہ رڳو اکين ڏٺو شاهد هو پر ڪٿي پاڻ بہ هڪ ڪردار وانگر ڪهاڻين ۽ ٻين لکڻين اندرجذب ٿيل هو. هي ڪهاڻيون ۽ ٻيون لکڻيون رڳو وقت گذارڻ يا مزي وٺڻ لاءِ نہ لکيون ويون. هيءَ سليم جي رولڙي واري زندگيءَ جي انهيءَ حصي جي وارتا آهي، جڏهن سليم صرف سليم خواجا هو. هو جڏهن مزاحمتي ادب ۽ ان جي پرچارڪ ٽوليءَ جو ساٿي بڻيو تڏهن هو وري سليم احمد بڻيو. هو انهيءَ دؤر لاءِ صرف ’روح رهاڻ‘ جو ٿورائتو آهي.

هُن هِن ڪتاب ۾ ساروڻيون لکڻ ويل ڪيترين تلخ ڳالهين کي ڍڪي بيان ڪيو آهي. ڪيترا مضمون، خط ۽ ڪهاڻيون هن ڪتاب ۾ نہ آنديون آهن. ڇاڪاڻ تہ سنڌس پاتل ڇهنڊڙيون ئي ڪيس مطمئن ڪري سگهن ٿيون. بنانpricks جي ڪيس لکڻ ۾ مزو نہ ايندو آهي. ائين ئي سڀ ڪهاڻيون ۽ انهن جا ڪردار وري سڄي سماج کي ڇهنڊڙيون پائي پاڻ بہ رَتو رَتُ روئن ٿا ۽ ٻين کي بہ روئارين ٿا. انهن ڪهاڻين ۾ سليم خواجا جو پنهنجو ڪردار نروار ٻينو آهي پر بحيثيت تخليقڪار يا ڪهاڻيڪار جي سنڌس ٻوليءَ ۽ لکڻ جو انداز مڃيل ۽ لازوال آهي.

سليم خواجا ۽ سليم احمد تہ هتي ڏسڻ ۾ اچن ٿا پر جي سليم نور

حسين کي ڏسڻو آهي تہ سندس ترجمو ڪيل ڪتاب Songs of Freedom ۽ Glimpses of Sindhi Short Fiction ۾ ڏسڻ گھرجي.

ڇا بہ هجي، سليم پلس جون لکڻيون ۽ ترجما سندس سالن جي پورهيئي ۽ اعليٰ فن جو مظهر آهن. جن کي ساراهڻ ۽ مان ڏيڻ لاءِ الڳ صفحن جا صفحا لکڻ جي ضرورت آهي، جنهن جي اجازت سليم خواجا نہ ڏني ان ڪري Back Cover Title تي گذارو ڪجي ٿو.

(2)

سليم نورحسين هڪ فڪرمند وڏو ليکڪ. ها! سائين اَسين اُنهي سليم خواجہ يا سليم احمد يا سليم نور حسين جو ذڪر ڪري رهيا آهيون جيڪو اج تائين شايد طئي نہ ڪري سگهيو آهي تہ هو ڪير آهي. ڇا هو پنهنجي وجود جي ڳولا لاءِ 'Brown girl in Search of God' وانگر خود اُنهي خدا جي ڳولا ۾ آهي جنهن کيس تخليق ڪيو آهي. هونئن بہ هن پنهنجي تخليقڪارڪان گهٽ ۾ گهٽ فن ۽ ڪردارن جي تخليق جو هنر سکي ورتو آهي اُنهي ءَ زندگي جي سفر ۾ جيڪا کيس بخشي وئي آهي. اج جي سليم نورحسين هن ڪتاب ڪهاڻيون ۽ ساروڻيون تخليق تہ ڪيون پر شايد ثَمت باالخير ڪرڻ چاهي ٿو پر اڃا سفر جاري آهي: يار سليم! فلم تو اڃا باقي هئي.

هيءُ شخص جيڪو نالا متائيندو وتي ٿو سو پنهنجي وجود جي تلاش ۾ ٿي لڳي ٿو. پر هن يتيمي ۽ فقيري جي عرصي ۾ جيڪي پرايو آهي اُهو هن کي هڪ داناءُ پر هنرمند بنائڻ لاءِ ڪافي هو جنهن هن کي حياتي جا ڪيئي رنگ پسيا ۽ سندس اندر ۾ اُڌمن جنم ورتو.

هيءُ مرحوم حفيظ شيخ جي معرفت اسان وٽ روپ محل ۾ رُڳو بقول سندس جي تہ "رهڻ ڪرڻ لاءِ 19 روپ محل کي استعمال ڪندا هئاسين." هيءُ ڪيئن روپ محل کي پرداخت ۽ جيئاپي جي عمل سان گڏ کيس سجاڳپ ملي. هيءُ ادارو هو جنهن سليم صاحب جهڙا ڪيئي هنرمند پيدا ڪيا ۽ هيءُ ساٿي بوٽن جيان هن وڻ جي ٿڌي ڇانءَ ۾ نسريا ۽ رُڳو هوا کائي پاڻي پي وڏا ٿيا. هنن ساٿين کي خبر نہ رهي تہ جياپي لاءِ، گهر جي وهنوار کي هلائڻ لاءِ ڪيڏا پاپڙ ويلڻا پون ٿا. جڏهن تہ مٿس "روح رهاڻ" جي بہ ذميواري هئي. جي سندس يتيمي جا ڏينهن هُئا تہ منهنجي مٿان ذميوار ۽ هوشمند ساٿين جي بي پناهہ ذميوارين ۽ طعنن تنڪن جا وسڪارا بہ هئا. بي علمي، جاهليت ۽ اٽڪاڻ هجڻ جا الزام بہ هُئا. هر قلعي فتح ٿيڻ تي منهنجي بجاءِ سندن پذيرائي ٿيندي هئي. ڪا سني تقرير ڪندو هوس يا سنو ايڊيٽوريل

لکجي ويندو هو يا ”روح رهاڻ“ رسالي جي ماهوار سنگ ميلن جي منزل درمنزل ماڻبي هئي تہ ڪونہ ڪو همراھہ (لسٽ وڏي آهي) ڪٽي وڏي چاتي تي هٿ هڻي چوندو هو تہ هيءَ سڀ مون ڪيو آهي. مونکي القاب اِهي پلئہ پوندا هئا هيءَ صرف ”چاڪليٽي هيرو“ آهي، يا ”ادبي هيرو“ يا وري ڪم عقل، ٿورو پڙهيل سنڌي خواندو آهي يا وري گگدام اسڪينڊلن جي ور چڙهيل آهي. هاڻ ائين بہ چوندا آهن تہ ”روح رهاڻ“ جي ٽيم سٺي هئي، باقي حميد سنڌي سنڌي ادب ۽ ٻولي جي واڌاري لاءِ ڪکُ ڀڃي ٻيٽو نہ ڪيو. پر يارو جي ٻيو جنم مليو تہ اُن کان وڌ ڪم ڪبو. ڪيئي اُميدن ڀريا سپنا هن پڇاڙي ويل بہ ڏسندو آهيان. دوستن ساٿين جي صدمن جو ماريل آهيان. ڇو وينو ڦورا ڦوليان ۽ آڦي باقي چند بچيل دوستن کان محروم ٿيان. سليم جي ساٿ کان انڪاري ناهيان پر پنهنجن ڏجهن عيوض ٻين دوستن کي رَنج رسائڻ، قلم وسيلي ڇهنڊڙيون پائڻ نادان ساٿين جو ڪم تي سگهي ٿو. مان دوستن ساٿين جي همسفر هجڻ جو قائل ضرور آهيان، پر گل اُڇلائڻ پل شو مئي قسمت پٽر تي پون پر آه و فغان واري رسم کي جاوداني نہ بخشٽي آهي. جيڪا گذري يارن جي صحبت ۾ سٺي گذري. هت مونکي ضيا جالنڌري جي نظم جون ڪجهہ سٽون ياد آيون آهن. انهي کان اڳ جو هيءَ روج راڙو بند ڪجي ۽ بقول اشفاق تہ روجاري (سليم جي ترجمي سان منهنجي لاءِ استعمال ٿيل اکر) جو روج پٽڪو نيٺ تہ ختم ٿيندو.

جڑیں جن کو خنداں گلوں کی خبر نہیں
جن کی دنیا میں شام و سحر نہیں
آنکھ کی اُن جڑوں تک رسائی نہیں
اور اُن میں خواہش خود نمائی نہیں
پھر بھی دردِ آگہی دل کا دستور ہے
ایسا لگتا ہے جیسے لہو کی دھمک میں کہیں
کوئی ان دیکھا مردنگ ہے
جو جڑوں کے جنوں سے ہم آہنگ ہے

دوستو اڄو تہ هن ڪتاب متعلق ڳالهايون جنهن جو عنوان آهي، ”ڪهاڻيون، ساروڻيون ۽ خط“ هي چوڻ تہ سندس خواهش تي هن ڪتاب

هيءَ شڪل اختيار ڪئي آهي ڇاڪاڻ تہ سندس اڳيون ڪتاب تقريباً ڪي سال ٿيا انهيءَ ساڳئي عنوان سان زندگي پبليڪيشن پاران ارشد حميد ڇاپي پڌرو ڪيو هو رڳو اُن جو انتساب ۽ سندس پيش لفظ بيا هُيا قارئين هن مهاڳ ۾ چند سٽون نوٽ ڪرڻ جهڙيون آهن جنهن ۾ نانءُ ڳڻائڻ لاءِ بندي جا ٿورا پڻ مڃيا ويا آهن.

منهنجو مطلب صرف ڪيس اُن ڳالھ جي يادگيري ڪرائڻ آهي تہ هن ڪوبہ ڪنهن کي رنجائڻ جو گناھ نہ ڪيو آهي. ”دردونديءَ جو ديس“ جو ٽائٽل Back Cover جيڪو هن ٻي دفعا منهنجي خلاف لکيو پر تاج بلوچ آخرڪار ڪائنس پڇيو تہ ”حميد تنهنجو ڪهڙو ڏوھ ڪيو آهي؟“ پوءِ مون ڪيس ٻڌايو تہ سليم خواجا يا سليم احمد منهنجو سخت هيڊ ماسٽر جيان نقاد رهيو آهي پر مان سندس حياتي جو Well wisher نيڪ تمنائي رهيو آهيان ۽ سندس تخليقي لکڻين ساروڻين جي طرز تحرير جو وڏو مداح رهيو آهيان. ”الا ڪنهن پر“ سندس شاندار ڪهاڻي آهي جنهن ۾ سندس ذاتي زندگي جي اولڙن سان گڏ درد ڀريون ڪيفيتون جهلڪا ڏين ٿيون.

سندس ڪهاڻي ”آڏ تراڇا آئڙا“ جديد ڪهاڻي جو انوکو موڙ آهي. مون سندس لکڻ جي ڏانءُ جي هميشہ کُليءَ دل سان ڪيس ٿورين ڪهاڻين لکڻ باوجود هڪ وڏو ڪهاڻيڪار ۽ سنو مترجم بنا ليکي چوکي مڃيندو آهيان. اها ٻي ڳالھ آهي تہ منهنجي هڪ ڪهاڻي ”نوٽ ڏرتي“ ڪيس وٽي هئي ۽ هُن مڃتا ۾ منهنجي نراڙ تي هڪ عدد چمي بہ ڏني هئي ۽ مون اُها گهڙي پاڻ وٽ سنڀالي رکي آهي. سليم جي ٻي يادگار ڪهاڻي ”درد جو رشتو“ آهي. هيءَ گگدام موتي جو رشتو آهي. اهڙيون ڪهاڻيون هاڻي ڪاٿي ٿيون لکجن يا ”انٽريسٽ“ سچ پچ تہ زندھ ڪردارن جون ڪهاڻيون آهن. سندس ٻن پاڳن ۾ ورهايل ”پيار آئڏي ڇانو“ هڪ اهڙي رومانٽڪ ڪهاڻي آهي جا نوجوانن جي لکيل ڪهاڻين جن ۾ صرف هڪ ڪردار هوندو آهي يعنيٰ ”مان“ پوءِ رُڳو هڪ ڪردار جا جذبا، سيڪس اُپارڻ ۽ چمين پاڪرن جو داستان. هيءَ آفتاب ۽ نشاط جي ناڪام عشق جو داستان آهي، اُن ۾ ڪيئي ڪردار سي بہ جيئرا جاڳندا ڪردار موجود آهن. هڪ سچي ڪهاڻي جا ڪردار هڪ ٻئي لاءِ جڏهن اوپرا ٿي پون ٿا تہ ڪوبہ ممڻ ڪونہ ٿو مچي نہ ڪو طوفان ٿو اچي. عام زندگي جيان هر ڪو راھ وٺي رمندو رهي ٿو. ائين اصلي زندگي ۾ ٿيندو آ ۽ ٿيندو رهندو. جيئن جواني جهوٽو آ ٽيئن

زندگي تلخ شراب جو ڍڪ آهي. سليم جي ذات نرالي ۽ لڪٽي جو انداز پنهنجو آهي. آخر تہ حفيظ، مرغوب، پوهوءَ سوڀي جي سڪيا ۽ ساٿن گهاريل ذهني انقلاب آٽيندڙ اتاهہ وقت جو اثر ٿيندو. جيتوڻيڪ سندس لڪٽيون، ترجما پرانهون ۽ مٿانهون پنڌ ڏسين ٿيون. سندس ساروڻيون يادگيرين کي سانڍڻ جو ڪيس هڪ گُر هٿ اچي ويو آهي جيئن قاضي خادم کي يادگيرين جو جهان اڏڻ جو بہ ڏانءُ اچي ويو آهي. اسان کي تہ نہ لکڻ جو ڏانءُ نہ وري سانڍڻ، سنڀالڻ جو ۽ نہ ورتائڻ جو سليقو آيو. هيءُ بہ ٽيم ۽ ليڊر سليم نہ هجي ها تہ مان ادبي ميدان ۾ اجان رندا روڙيان ها. پر بقول سليم جي تہ ذاتي زندگي ۾ جيڪڏهن عشق عقاب پکي وانگر جهٽ هڻان ها تہ منهنجو ڪو وڏو حرم هجي ها ۽ عيش ئي عيش هجن ها.

سليم جي نئين سر هن مجموعي کي ڇپائڻ جو وڏو سبب خط آهن جيڪي مارن ڪيس مڪا آهن. هيءُ خطن جو عجيب خزانو آهي جنهن ۾ هن ٻين جي راءِ کي ريٽيو نہ آهي مون بہ ڪيس خط موڪليا هئا پر شايد انهن ۾ اُها چاشني نہ هُئي جيڪا اشفاق ۽ ٻين دوستن جي خطن ۾ آهي. هي خط فڪر ۽ ذڪر ٻنهي جا پابند آهن، انسان شناسي جو وڏو مظهر آهن. سليم هينئر هيترا ڪتاب لکي ۽ سنڌي ادب لاءِ قيمتي ترجما ڪري سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي هڪ وڏي گهڻگهري جي حيثيت اختيار ڪئي آهي. سليم صاحب جي ڪم تي نظر وجهبي تہ سليم هڪ دشت ۾ وڃايل شخص هو. اڄ هو ڪيترن ڪتابن جو مترجم، ليکڪ، ايڊيٽر، جوڙيندڙ ۽ ڇا ڇا نہ آهي. هُن جي جاڻ ۽ هُنر جو انت ڪونهي.

تو جا پانئين موج، سامڙيئي مهراڻ تي.
هيءُ اُنهن جا اوج، جن سنبت سوري پار ڏي.
(شاهہ)

سليم اشفاق قاضي، آغا سليم، شيام، رشيد ڀٽي ۽ ٻيا ڪيترا سٺا دوست هئا ۽ آهن. ڪن هن سفر ۾ ساٿ ڇڏيو يا دوستيءَ جي واٽ وڃائي. دوستي جو ڀرم رکڻ ڪو سولو ناهي، ربت نڀائڻ ڪو ڪو جاڻي. هاڻ سليم نور حسين اسان کان گهڻو ڇڊو آهي پر ادبي حيثيت ۾ اسان گهڻن کان گهڻو مٿي ٿي ويو آهي. هونئن بہ هر دوست جي نڀائڻ ۽ وفا جي انداز جا ماپا پنهنجا پنهنجا هوندا آهن. جيئن شاهہ سائين چيو آهي:

ڪڏهن تاڪيون ڏين ڪڏهن کُليا در دوستن جا،
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لهان ڪڏهن ڪونيو پيا نين،
ڪڏهن سڪان سڏ کي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙا ئي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

سليم هيءُ هجي يا سليم خواجا يا سليم نورحسين جيتوڻيڪ اچ جو سليم مونکي ڪجهہ اوپرو اوپرو لڳندو آهي، دوستي کي مال پاڻي سان ماپڻ وارو پر سندس فن، ڏاهپ ۽ دانائي جا گهڻا ئي معترف ملندا مون سوڌو. (ياءُ شمس، آغا سليم، تنوير، حميد آخوند، شيام ۽ ٻيا ڪيترا)مان تہ ائين چوندو آهيان تہ هيءُ ادبي ستارا سدائين چمڪندا رهن.

جوت اوهانجي جي نہ هجي
واٽهڙو ڳر وات مُنجهي

[7 مارچ 2015]

٭

## جوڳيءَ جاڳايوس

### نذير ناز جي ڪتاب: اديون عبداللطيف ڇٽي جو مهاڳ

ڪڏهن تاڪيون ڏين، ڪڏهن ڪُليا در دوست جا!
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوٺيو پيا نين،
ڪڏهن سِڪان سڏ کي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙا ئي آهين، صاحب منهنجا سُپرين.

شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي هيءَ گهرائي ۽ گيرائي ڏسو حق ۽ سچ جي ڳولا اُن جو مقصد آهي تہ نفي ۽ اثبات جو مظهر پڻ. ههڙو لقاءُ جيڪو مٿئين بيت ۾ آهي، ڪڏهن سُٽيو ڪڏهن پسيو تصوف جي رمزن، حق ۽ سچ جو آواز بڌڻ لاءِ ڪي سال ٿيا جو ڪن ديوانن گڏجي ڀٽ تي لطيف جي نگريءَ ۾ ڪي سانگ رچايا هُئا. راڳ رنگ سان گڏ ادبي ڪانفرنس وسيلي هن تصوف جا ڦورا ڦوليا هئا. جيئن لطيف جو سيني صوفي شاعرن ۾ پلڙو ڪجهہ سرس هو ۽ ڀٽائيءَ هڪ مرڪز بہ هو. تہ ڪئين مفڪر هر سال هتي اچي سندس شانُ ۽ مانُ مٿانهون ڪرڻ لاءِ ڪيس پيتا پيش ڪندا هُئا.

انهي اَدبي ڪانفرنس جي رونق ئي ٻي هئي. ڪهڙو مفڪر يا اديب اُنهن ڪانفرنس ۾ شريڪ نہ ٿيندو هو! اُهي ڪانفرنسون قومي ڪانفرنسون هُيون. جنهن ۾ هر سال ٽيهہ چاليهہ کن مقالا پڙهيا ويندا هئا. نمايان شخصيتون صدارت ڪنديون هُيون، خاص مهمان دانشور حضرات هوندا هُئا. رات جو راڳ جون محفلون ٿينديون هيون. "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ." ادب ۽ موسيقيءَ جي ڪيتر ۾ ڏنا ويندا هُيا.

ادبي ڪانفرنسن ۾ خواتين ليکڪائن جي همٿ افزائيءَ لاءِ ڪائن مقالا لکايا ويندا هُيا. جتي ڊاڪٽر دُر شهوار سيد جهڙيون هستيون مقالا پڙهنديون

هيون. اُتي نذّير بيگم ناز، نسرين نوري، نسيم شيخ، عربيہ نُور ۽ ٻيون ڪيترين ئي خواتين پنهنجا شاهہ پارا ڪٺي اچي پڙهنديون هيون.

هيءَ ڪتاب نذير ناز جي انهن مقالن تي مشتمل آهي، جيڪي هُن اُتي پڙهيا ۽ سانڍيا. هي مقالا انهن ادبي مقالن ۾ شامل ڪيا ويا. جيڪي مختلف سُرن کي راقم مرتب ڪري ڪتابن جي سُر وار ترتيب ڏني، ۽ ڀٽائي ثقافتي مرڪز (هاٽوڪو سنڌ ثقافت کاتو) ڇاپيا.

اَڄ جڏهن تہ هي مقالا (سُروار) ۽ ٻين مقالن کي گڏي پاڻ نذير ناز ڇپائي پئي، پر ٽيڻ ايئن گهرجي ها تہ اهي سنڌ ثقافت کاتو ڇپرائي ها. پر سائين! هت حالت اها آهي تہ ناچيز جا مرتب ڪيل ٻارنهن سُرن وار ڪتاب اڻلڀ آهن. جيڪي ورائي ڇپايا نہ ويا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي دور جا سندس مرتب ڪيل سُروار ڪتاب بہ اڻلڀ آهن. اسان (مان ۽ نذير ناز) کهڙي باغ جي موري آهيون. منهنجي ٻن ترتيب ڏنل ڪتابن جو مواد ٻين دوستن جي ور چڙهي ويو آهي، انهن جي نالي ئي ڪتاب ڇپيا. بس آهي تہ ائين، (جسي پيا چاهي، وه سهاگن ڪهلائي.) مان پاڻ انهن مقالن جو مرتب ۽ ايڊيٽر رهيو آهيان، تنهن ڪري انهن مقالن جي ورائي تعريف ڪرڻ ڪجهہ عجيب ٿو لڳي. سر پرڀاتيءَ هجي، سُرڪارايل، سُربروو شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ اخلاقي قدر ۽ ٻين سُرن سان گڏ ٻيا مضمون بہ شامل ڪيا اٿائين، جيڪي موضوع ۽ فڪري لحاظ کان نهايت ئي معتبر ۽ اهميت وارا آهن. خاص طرح سورٺ جو راءِ ڏياچ سان جنم جنم جو ساٿ، سُرڪيڏارو ۾ سمايل عورت جو ڪردار، شاهہ سائين ۽ تاريخ يا سائين ڀٽائيءَ جي ڪلام سان هٿ چراند ۽ ٻيا مقالا فڪري طرح سان پڙهندڙ کي سوچ ۽ سمجهہ بخشين ٿا. اُن جو محور رُڳو شاهہ سائينءَ جو ڪلام، فڪر ۽ سندس ذات جو مڪمل اظهار آهي.

مون جڏهن نذير ناز جي هنن مقالن جو هاڻي مڪمل جائزو ورتو تہ مون کي حيرت ٿي، تہ جنهن کي لطيف جي پانڌيئڙي ۽ عقيدت رکندڙ هڪ خاتون ليکڪا جي صورت ۾ سڃاڻندو هُئس، ڪا اهڙي هستي لطيف جي فڪر ۽ سندس هستيءَ ۽ ڪلام سان ايڏو چاهہ رکندي، جو هيءَ ننڍڙو ڪتاب، پر سوچ ۽ لطيفي فڪر سان هڪ وڏو ۽ ڳرو ڪتاب ٿي ويندو ۽ سندس ليکڪا نذير ناز هوندي. نذير بيگم ناز جي شخصيت مون لاءِ هميشہ احترام جوڳي رهي آهي مون کي پڪ آهي تہ سندس تخليق ڪيل ڪتابن سان گڏ هن ڪتاب جي اُتل بہ اوڏانهين ٿيندي ۽ ڪيس ضرور اُن جي مڃتا ملندي.

ڪيس هن ڪتاب کي هن دور ۾ ڇپائي پيش ڪرڻ سان احساس ٿيندو ته هُن هڪ وڏو ادبي ڪم سرانجام ڏنو آهي. جڏهن ته اسان جا علمي ادبي ادارا اهڙي فڪري ڪم کي سطحي سمجهي پُٺي ورائي ڇڏين ٿا، ۽ اُن سان گڏ اکين ٻُوٽ ۽ ٻوڙا ٻڻجي وڃن ٿا. هو نه ورائي نوشته ديوار پڙهن ٿا نه پنهنجي هاڃيڪار عمل کان آگاهه آهن. هن بي قدري دور ۾ نذير ناز پاران، انساني قدرن جي شاهه سائينءَ جي ڪلام وسيلي آگاهي يا اٿاهه جاڻ ڏيڻ، مون جهڙي جُهريل حقير فقير لاءِ گهٽ ۾ گهٽ وڏي وَٿ آهي شاهه سائينءَ جو ڪم ئي جاڳائڻ آهي، ۽ اسين سُتل سُتل رهيا آهيون.

فيض فراق فقير، جوڳي جاڳائي ويو

❊

# همعصرن
# جا تاثر ۽
# مضمون



# حميد ۽ روح رهاڻ

شيخ اياز

شام جو جيل جي جمعدار ڪجھ رسالا ڏنا جي رشيد ڀٽيءَ سکر مان موڪليا ها. اُنهن ۾ نومبر ـ ڊسمبر جي روح رهاڻ, سماهي مهراڻ ۽ سر گوڏا مان نڪرندڙ رسالو اوراق هيا. روح رهاڻ ۾ منهنجون ٻه وايون ۽ ڪجھ امير خسروءَ جي 'ڪھ مڪرنين' وانگر ڳجهارتون هيون. مون انهن واين مان، هينين وائي ڪافي وقت جهونگاري:

جيئڻ مرڻ مون وَس ميان،
تون ڪانڌي ڪو نہ ٿجانءِ
ماروئڙن ڪان منهنڙو موڙيان،
ڏاهپ ٻي ڪا ڏسِ ميان
تون ڪانڌي ڪو نہ ٿجانءِ

'روح رهاڻ' جهڙو ڪردار برصغير جي ڪنهن بہ رسالي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ورلي ادا ڪيو آهي.

[ساهيوال جيل جي ڊائري مان]

※

# پيارو حميد سنڌي

**مولانا غلام محمد گرامي**

رسالن ۾ ٽماهي 'مهراڻ'، ماهنامہ 'روح رهاڻ' ۽ هفتيوار 'انسان' کي نظرانداز ڪرڻ حماقت ٿيندي. اُنهن جي ايڊيٽرن تي ڇا ڇا نہ گذريو! انهن رسالن تي تاديبي ۽ تنبيهي ڪار گذاريون ڪيون ويون. انهن جي ايڊيٽرن کي قانوني شڪنجي ۾ جڪڙڻ لاءِ ڪافي سختيون ڪيون ويون.

'روح رهاڻ' جي ايڊيٽر حميد سنڌيءَ پنهنجو ارڪو ترڪو قربان ڪري، تيز تازي وڪٽي، 'روح رهاڻ' جي مشعل کي بلند رکڻ جي تاريخي ۽ بي مثال ڪوشش ڪئي. 'روح رهاڻ' جي نالي ۾ انقلاب انگيز ۽ باطل سوز جشن ملهائي، ون يونٽ جي خلاف سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آگ لڳائي ڇڏي، تان جو سرڪار پاران ڪيس وڏيءَ ڇٽيءَ ۾ ڦاسائي، 'روح رهاڻ' کي بند ڪرڻ تائين مجبور ڪيو ويو ۽ اڳتي هلي 'سنڌ دوستي' ۽ 'وطن پرستيءَ' جي پاداش ۾ ڪيس سينٽرل جيل جي سلاخن پنيان، قيد و بند جون هوائون ڪاٽيون پيون!

(ٽہ ماهي 'مهراڻ' جي 3-4/ 1997ع تان)

❊

## سنڌي ادب جي تاريخ جو اهم باب

ڊاڪٽر غلام علي الانا

منهنجي پياري ۽ اجوڪي دور جي نماڻي ۽ سباجهي حميد کي آءٌ 1958ع کان سڃاڻان. جڏهن هو سنڌ يونيورسٽي جي اولڊ ڪئمپس (مدر ايلسا قاضي ڪئمپس) ۾ بي اي (آنرس) جي نصاب لاءِ گهربل لازمي سنڌي جي سبجيڪٽ واري ڪلاس ۾ مرحوم جمال رند، پروفيسر عزيز چنا، مير محمد قريشي، قاضي فضل الحق ۽ ٻين ڪيترن ئي شاگردن سان گڏ پڙهندو هو ۽ باقاعدگي سان ڪلاس ۾ حاضر رهندو هو. اڄ ان کي 44 سال گذري ويا آهن، پر حميد جي مون سان محبت ۽ قربت ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو آهي. سندس تازي شايع ٿيل ڪتاب: درد ونديءَ جو ديس جي هڪ ڪاپي مون کي 20 نومبر 2002ع تي تحفي طور پيش ڪيائين، ان تي جيڪي لفظ لکيا اٿس آئون چاهيان ٿو تہ پڙهندڙن کي اهي لفظ ٻڌايان. لکيو اٿس:

”منهنجي سائين، ڏکن سکن جي ساٿيءَ محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لاءِ سڪ، قرب، ادب ۽ احترام سان“ اهي ۽ اهڙا لفظ، اهو بااخلاق ۽ مهذب خاندان جو فرد ئي لکي سگهي ٿو جيڪو بنيادي ۽ اصيل گهراڻي ۾ ڄائو آهي، اتي ئي وڏو ٿيو آهي ۽ پنهنجن وڏن کان مليل ماڻتياڻي ميراث کي قائم رکندو آيو آهي. وڏن چيو آهي تہ: اصل اصل آهي ۽ نقل نقل آهي.

حميد صاحب جو واسطو نوشهري فيروز جي سيڻين جي خاندان سان آهي. نوشهري فيروز جي سيڻين جي هن ٻار ۾ خانداني نياز ۽ نوڙت، نماڻائي، حليمائي ۽ نهڻائي، نڌڙپڻ واري ڄمار کان وٺي خانداني روايتن موجب ڪٽي پري هٿائون، نياڻيءَ سياڻيءَ لاءِ حيا، شرم ۽ احترام جي سلسلي ۾ حميد هڪ مثالي انسان آهي.

آئون ڪيس سندس شاگرديءَ واري زماني کان ”سهڻا حميد“ واري فقري

سان مخاطب ٿيندو آهيان، حميد اڄ بہ ساڳيو آهي. هيڏن وڏن عهدن تي رهڻ جي باوجود، منجهس ڪنهن بہ قسم جي تبديلي نہ آئي آهي. ڇو جو هو اصلي خاندان جو اولاد آهي ۽ اصيل آهي پُڄ ڏاڍو ڪونهي جو هلڪڙائي واري هلت هلي. جائي ڄم ڪان چانديءَ جي چمچن سان کير پيتائين. تنهن ڪري رڙيءَ وارن سيٺين جهڙيون خوبيون ۽ خصلتون منجهس هر وقت موجود رهنديون آهن.

نوجوانيءَ واري عمر بلڪ شاگردي واري زماني کان، سنڌي قوم پرست هجڻ ۽ روح رهاڻ رسالي ذريعي سنڌي قوم پرستي لاءِ نہ فقط پرچار ڪرڻ پر ڪم ڪرڻ ڪري، حميد ڪيترائي قوم پرست نوجوان، پنهنجا عاشق ۽ پيرو بنائي ڇڏيا ناصر مورائي سليم خواجو اشفاق قاضي، سيف بنوي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ساٿس گڏ هئا ۽ انهي ڪري جيجي زينت عبدالله چنا، مرحوم خانصاحب عبدالله چنا، شيخ اياز مولانا غلام محمد گرامي، تنوير عباسي، سرائي اميد علي، ع_ق شيخ، شيخ حفيظ، نورالدين سرڪي، مقبول پٽي، غلام رباني، سوڀي گيانچنداڻي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ مقبول صديقي توڙي ڪيترن ئي مردن توڙي عورتن جي نظرن ۾ هو مانائتو رهيو آهي.

هي ڪتاب، درد ونديءَ جو ديس، جيئن پاڻ ديباچي ۾ لکيو اٿن تہ:

اُهو مختصر پر پنهنجن جذبن ۽ ڪيفيتن جي ڪهاڻي منهنجي زباني آهي.

جيئن چوندا آهن تہ ماڻهوءَ جي خبر ساڻس ڪجهہ ڏهاڙا گڏ رهڻ سان يا ساڻس گڏ سفر ڪرڻ سان پوندي آهي. حميد سان گڏ مون سڄا سڄا ڏينهن سفر بہ ڪيو آهي تہ ست مهينا حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ڏکيا ڏينهن بہ گڏ گذاريا اٿئون، جتي اسان جا ڪي ساٿي، حوصلو وڃائي ڪڏهن ڪڏهن ڇتا بہ ٿي پوندا هئا. اسان ٻنهي جي وائيس چانسلريءَ وارو زمانو بہ ساڳيو آهي. انهي ڪري چئبو تہ اسان ٻنهي ڏکيا سکيا ڏينهن گڏ گذاريا آهن ۽ ڏک سُک ۾ هڪ ٻئي جي حامي رهيا آهيون.

حميد، سندس نوجوانيءَ واري زماني کان وٺي، اڳتي ون يونٽ واري دور ۾ سنڌ ۽ جديد سنڌي ادب لاءِ هڪ مبلغ ۽ سرويچ وانگر ڪم ڪيو آهي. محنت حميد ڪئي ۽ کٽيو ٻين ڪاڏو. روح رهاڻ رسالو ڪڍيائين، زندگي پبليڪيشن ادارو قائم ڪيائين. ۽ ون يونٽ واري زماني ۾ سينو سپر ڪري، جشن روح رهاڻ جا اهتمام ڪيائين ۽ انهن جشنن ذريعي جديد سنڌي ادب

جي فروغ ۽ بچاءَ لاءِ اهڙي ته جدوجهد ڪيائين جو سنڌ جي جديد ۽ قومي شاعرن مان اڪثر شاعرن ۽ ڪهاڻي نويسن کي قومي حيثيت تائين پهچائي ڇڏيائين. جيڪا سندس خواهش به هئي. اهو ته هر شخص ڄاڻي ٿو ته مبلغ پنهنجي مقصد لاءِ سختيون سهندا آهن ۽ قربانيون ڏيندا آهن. حميد ته پنهنجي مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ سختيون سٺيون ۽ جيل جي ياترا به ڪيائين، انهي آزمائش ۾ هو پڪو ۽ پختو ٿي نڪتو روح رهاڻ رسالي ۾ سندس ڪهاڻيون، سندس ايڊيٽوريل ۽ ٻين رسالن ۽ ڪتابن ۾ سندس ڇپيل مقالا، مضمون ۽ ڪالم جڏهن پڙهجن ٿا ته ماڻهو دنگ رهجيو وڃي ۽ ائين چوڻ لاءِ مجبور ٿيو پوي ته اسان جو ڏک سک جو هي ساٿي، لکڻ ۾، پنهنجي انداز بيان، پنهنجي خاص نموني جي عبارت ۽ طرز تحرير ۾ سندس حسن بياني، رنگين زبانيءَ، فصيح عبارت ۽ آسان ٻوليءَ، ڪهاڻيءَ نويسيءَ جي سيني خوبين، خصوصيتن جهڙوڪ: منظر نگاريءَ، حقيقت نگاريءَ، ماحول جي عڪاسيءَ، واقع نگاريءَ، ڪردار نگاريءَ، اسلوب بيان، مڪالمه نويسي ۽ ڪردارن ذريعي سنڌي ماڻهن جي نفسيات ۽ انهن جي نفسياتي ڪيفيتن ۽ جبلتن ۽ سنڌن سماجي مسئلن کي تحرير ذريعي پيش ڪرڻ ۾ وڏي مهارت رکي ٿو.

پاڻ خود لکي ٿو ته:

"انهيءَ سونهاري سنڌ جي حُسن، اُتان جي ماڻهن جي جذبن، ڪيفيتن، ڏجهن ڏوجهرن ۽ ڪيئن ئي سهڻا، ساپيا سپنا سرجيندڙن مون کان گهڻو ڪجهه لکرايو. ڪئين ئي ڪهاڻيون لکيم. جن ڪيئي ڪتاب پيري ڇڏيا "سيمي" هجي، "اداس واديون"، هجي، "ويريون" هجي، "راڻا جي رجپوت" هجي، جاڳ به پنهنجي جيءَ سان". انهن جا ڪئين ئي ڪردار نبل هيڻا، مت موڙهيل پاڻ وهيڻا، مڙس مٿير ٻڻجي پنهنجي قوت جلايو هر ڪهاڻيءَ جر مان مٿاهون ڪيو بيٺا آهن."

سنڌي ڪهاڻيءَ کان سواءِ، ٻين صنفن ۾ به سندس ادبي خوبين جي ڪري حميد صاحب، سنڌي ادب جي تاريخ جي هڪ اهم باب جي حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي، جنهن لاءِ هڪ نقاد نه، پر ڪئين ويهي تجزيو ڪندا ته ڪا ڳالهه نهي پوندي.

حميد هڪ اهڙو اديب آهي جنهن وٽ پنهنجي زندگيءَ جي اُنهن

تجربن واريءَ دنيا مان ڪنيل موضوعن ۽ عنوانن جو بي انتها اڪٿ خزانو آهي. اهو ئي سبب آهي جو حميد صاحب دائما لکندو رهيو آهي. هن جو قلم لکڻ کان هرگز ۽ هر حال ۾ رڪيو نه آهي، پوءِ چاهي هو حيدرآباد پبلڪ اسڪول جو پرنسپال هو. چاهي ڊائريڪٽر ڪاليجز هو چاهي سنڌ الاجيءَ جو ائڊيشنل ڊائريڪٽر هو چاهي سنڌ يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار هو ۽ چاهي سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو. يا اُن کان پوءِ سنڌ جي تعليم کاتي جي ٻين عهدن تي فائز رهيو. سندس قلم ڪڏهن به خاموش نه رهيو. پاڻ خود لکيو اٿن ته: "اسان واري ڳالهه نه ڪتي نه اڳتي هلي. هن ٻرندڙ سماج وانگر، هٺ لاءِ ته سڀ ڪجهه پريو پوي، پوءِ به وٽي نه وٽي، مون هٺ نه روڪيو ۽ لکندو رهيو آهيان. ڪهاڻيون ڪهندو رهندو آهيان، اُبتو سبتو ڳالهائيندو رهيو آهيان، پر فڪر ۽ نظرين ۾ تبديليءَ جو قائل نه رهيو آهيان، جو انساني، اخلاقي سچ، حق، حسن ۽ خير جا قدر سانڍيندو ۽ پاليندو رهيو آهيان ۽ اهو يقين اٿم ته قدر يا ماپا ڪڏهن به مٽبا ناهن يا ڪنهن جي مزاج مطابق ڪو ڦرندا گهرندا آهن."

حميد صاحب تخليقي ادب جو هڪ مڃيل قداور اديب آهي. حميد جي نثر نويسي، تخليقي ادب وارين خوبين ۽ خصوصيتن سان ڀريل آهن. جڏهن سندن ڪوبه افسانو روح رهاڻ رسالي ۾ ڇپيل سندس ڪوبه ايڊيٽوريل يا ڪنهن ڪتاب ۾ شامل ڪيل سندس ليک مهاڳ پڙهبو آهي ته ائين محسوس ڪبو آهي ته هو خود سامهون ويٺو آهي ۽ پنهنجي خاص انداز ۽ اسٽائيل سان پنهنجي لکيل اها صنف خود پڙهي ٻڌائي رهيو آهي. مثال طور سندس لکيل هي پئراگراف اکيون پوري ٻڌو يا خود پڙهو. اوهين محسوس ڪندو ته حميد پنهنجي خاص انداز ۽ اسلوب سان، اهو پئراگراف پڙهي رهيو آهي. مثال طور هي پئراگراف ملاحظه ڪريو: "هن حياتيءَ جو هيءُ وڏو پنڌ لتاڙي آيو آهيان پر نه نينهن نپجڻ وسريو اٿم، نه "چنڊ مور نه سکيا"، واري فڪر ۽ عمل کي پاسيرو رکيو اٿم. ٻئي ڳالهيون هڪ پانيون اٿم، هڪ لڪائي ٻي ڪڍ، ٻي لڪائي اڳين ظاهر ڪر. نينهن وارو پيچ اتڪائي اسان پارو ماٺهو چنڊ واري ڳالهه بنهه نه وارينـدو. سارو جهان پلي چنڊ جي ڪري، پر نينهن وارو ناتو ڳنڍڻ ئي سيڪاريندو، ڪير ۾ ڪنڌ پوندي ته منو ٿيندو. مون اڄ تائين انهيءَ وات تي هلندي ڪئين مزا ماڻيا آهن، سکن ۽ خوشيءَ جا ڏينهن، ته ڏجهن جا ڏاج مليا اٿم."

حميد جيئن ون يونٽ واري دور ۾ سنڌ جي مسئلن، سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن، سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن جي مسئلن، سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي مسئلن تي زوردار لفظن ۾ هڪ حقيقت نگار جي حيثيت ۾ زوردار ايڊيٽوريل لکيا ۽ سرڪاري ڪارندن جي قدمن جي پرواهه نه ڪئي، تيئن هن ڪتاب جي فقط مهاڳ مان ئي معلوم ٿئي ٿو ته هن صاحب قلم اديب (حميد) جي دل، سندس هن عمر ۾ (حميد هاڻ پوڙهو ٿي چڪو آهي) به، نوجوانن جي دلين وانگر سنڌ ۾ سنڌ وارن لاءِ تڙپي، هو لکي ٿو ته:

”اڄ اسين جنهن دور مان گذري رهيا آهيون، پنهنجي ماضيءَ ۽ پنهنجي ادبي، سماجي تاريخ جي دائري کان ٻاهر نڪري سگهون، جو اهائي تقاضا آهي، ثقافتي ۽ سماجي اڳهائي اُهائي ساڳي آهي، بک، بيروزگاري، اَمن، پاڻي ۽ پوک جا ساڳيا مسئلا آهن. فرسوده وڏيرڪي نظام يا ڏاڍ جي لٽ ڪي اُهي ئي به مٿا آهن. تنهن ڪري ادب سَرجي پيو ۽ اُهو ڪجهه سَرجي پيو جنهن اڳ به فڪري نظام ۽ سوچ ۾ انقلابي تبديليون آنديون هيون. اڄ به سڪل درياهه جي ڪنهن ٻوڙ ٻوڙان رخ بجاءِ ماڻهن جو درياهه، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ اٿلي پيو آهي. هر مسئلي تي پرجوش احتجاج، ڌرڻا، جلسا ۽ جلوس، ڇا هو سنڌ جي تاريخ جو حصو نه آهي؟ اِهو ادب پيو سرجي، ڪلهه ادبي رسالا ۽ مخزنون پريل هيون، اڄ اخبارون ۽ اُنهن جا ايڊيشن پريل آهين.

اڳتي حميد صاحب لکي ٿو ته:

”تاج بلوچ صاحب جي ماهوار سوجهرو رسالي جي ايڊيٽوريل، جنهن ۾ تاج بلوچ صاحب لکيو هو:

موجوده سنڌي ادب، اوسر بدران زوال پذير قدرن جي ور چڙهي ويو آهي. ماضيءَ جي ادب جي ڀيٽ ۾ هلندڙ دور جي ڪهاڻي ۽ شعر ۾ اهو نياپڻ تاب ۽ اُجل نه رهي آهي.“ پر حميد صاحب موجوده دور مان به نااُميد نه آهي ۽ تاج بلوچ صاحب کي مخاطب ٿي لکي ٿو ته:

”بقول تاج بلوچ جي، اڄ جي اديبن ۾ اُها تاب يا اها اُجل نه رهي آهي، ته ڀاءِ! سيان ايندي، پرينهن ايندي، سنڌ جي تاريخ جا ورق اَڃا پنا نه آهن، اُهي ڪنهن گهڙيءَ، ڪنهن پل ضرور ڳالهائيندا ۽ ماضيءَ جي احتجاجي ادب يا ون يونٽ واري دور ۾ تخليق ڪيل ادب جيان، اُن دور مان ٻيو دور تاڙو ملائي نڪري ايندو (مهاڳ ص 12)

حميد صاحب جا اهي تاثرات ظاهر ٿا ڪن تہ حميد جا اهي جذبا، موجوده دور جي جوانن جي جذبن کان بہ وڌيڪ اثر وارا آهن ڇاڪاڻ تہ حميد جا اهي جذبا کوکليون ڳالهيون نہ آهن، سندس اهي ڳالهيون نشي پيتل جوانن جي وقلجڻ واريءَ حالت وارين ڳالهين وانگر نہ آهن. حميد هڪ ڪهنہ مشق اديب، سالم سوچ رکندڙ مفڪر ۽ قوم پرست آدرشي انسان آهي، جنهن نهايت ئي هوش وچان اهي ڳالهيون ڪيون آهن.

اسان ڳالهين ڪرڻ وارا اديب بہ ڏٺا آهن، اسان جلسن ۾ اسٽيجن تي ٻيهي ڌاڙون هڻڻ وارا ليکڪ ۽ شاعر بہ ڏٺا آهن، جيڪي ڪامورن جي خوشامد ڪرڻ لاءِ انهن جي گهرن تي حاضريون پرين ٿا ۽ تحفا پهچائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا: پر اسان جو سدا بهار ۽ سهڻو حميد، هڪ سچو سنڌي ۽ آدرشي انسان ۽ سنڌ جي عشق ۾ سدائين ٻُڏل نظر ايندو آهي، جنهن کي نہ فقط سنڌ لاءِ نہ فقط سنڌ جي ماڻهن لاءِ نہ فقط سنڌي ٻوليءَ لاءِ عشق پر ڪيس سنڌي ادب لاءِ خلوص سان پريل دل ۽ اُن ۾ سچا ۽ نيڪ جذبا آهن. اهو ئي سبب آهي جو حميد کي هر ڪو سنڌي، ننڍو توڙو وڏو مرد توڙي عورت پيائي ٿي، هر ڪو سنڌي کيس عزت ڏئي ٿو ۽ هر ڪو ماڻهو حميد جي سڏ تي اچيو وٽس حاضر ٿئي.

هن ڪتاب جو مهاڳ گويا حميد جي دور جي ادبي تاريخ جو اهو باب آهي جيڪو حميد جي چوڌاري ڦري رهيو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجن متقدمين ڪهاڻيڪارن جا نالا ڄاڻايا آهن، جن سندس چوڻ موجب:

"اسان واري نسل کي دڳ ڏسيو ۽ ماحول مان ڪردارن جي چونڊ ۽ پيغام ڏيڻ جو ڏانءُ ڏسيو (مهاڳ، ص 13)

ان کان پوءِ حميد صاحب پنهنجي همعصر ڪهاڻيڪارن جا نالا ڏنا آهن ۽ انهن جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

"انهن ڪهاڻيءَ جي هڪ تسلسل کي هٿ ۾ هٿ ڏيئي قائم رکيو. وقت آيو جو ٻنهي دورن جا ڪهاڻيڪار هڪ ئي دور جا ڪهاڻيڪار ليکيا ويا (مهاڳ ص 13)

يقينن انهن ٻنهي دورن جي ڪهاڻيڪارن جي سوچ ساڳي آهي: سنڌ جي مسئلن ڏانهن سندن پهچ ساڳي آهي، حميد صاحب هڪ صحيح نقاد جي روپ ۾ بلڪل درست فرمايو آهي تہ:

"ڪهاڻيءَ جي انهن دورن کي سهہ ماهي مهراڻ، ماهوار روح رهاڻ، اڳتي قدم، ماهوار سهڻيءَ، ماهوار سوجهرو. ماهوار نئين زندگي ۽ ماهوار نئون نياپو

۽ ٻين ڪيترن ئي ڪتابي سلسلن بہ زنده رکيو تہ اُن سان گڏ انهن ليکڪن کي آب حيات پياري ڇڏيو جو اهي، ڪهاڻيڪار اڄ بہ مَرڪِن پيا.

سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن وانگر حميد بہ پئسي ڪمائڻ خاطر ڪونہ لکيو آهي، هن پيٽ جي بک لاهڻ لاءِ ڪونہ لکيو آهي، مون پنهنجي ڪتاب، سنڌي نثر جي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ ”سنڌ جي اديبن جي محبوبہ ڪا پري پيڪر، حسين ۽ جميل جوانڙي ڪونهي، پر سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي محبوبہ سنڌ آهي. اُهي سڀ سنڌ کي امڙ سڏين ٿا ۽ سنڌ امڙ سان پيار ڪن ٿا. هو سنڌ لاءِ ئي جيئن ٿا ۽ سنڌ لاءِ ئي مرن ٿا. انهن جا ڪردار يقينن سنڌ جا عام توڙي خواص ئي آهن. انهن جون ڪهاڻيون، انهن جا لکيل ناول، ڊراما يا سندن شاعري سنڌ متعلق آهي، سنڌ جي سماجي تاريخ متعلق آهي. منهنجي نياڻيءَ ڊاڪٽر نور افروز خواجہ پنهنجي Ph.D واري ٿيسز ۾ بلڪل درست تجزيو ڪيو آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ:

”جيڪڏهن ڪوبہ محقق سنڌي ماڻهن جي نفسيات ۽ نفسياتي لاڙن، جبلتن ۽ ڪيفيتن، توڙي سنڌي زبان، سنڌي زبان جي حسن بيانيءَ جي نمونن جي مطالعي ڪرڻ جي خواهش يا تمنا رکندو هجي يا سنڌي سماج جي ڌار ڌار پهلوئن قدرن نظرين جي اڀياس لاءِ ارادو رکندو هجي تہ منهنجي هيءَ ٿيسز هر طرح سان مدد ڪندي ۽ سندس سڀ تحقيقي گهرجون پوريون ڪندي“

هن دعوا مان پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز جو مقصد هيءُ آهي تہ هن پنهنجيءَ هن ٿيسز ۾ ورهاڱي کان پوءِ لکيل اڪثر سنڌي ناولن جو گهرو مطالعو پيش ڪيو آهي جنهن ۾ سنڌي ناولن ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي نفسياتي پهلوئن ۽ سنڌي سماج جي مختلف دورن ۾ پيش ايندڙ مختلف مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي. اُهي مسئلا سنڌي سماج جي تاريخ لکندڙن لاءِ، سندن تحقيق جا موضوع بڻجي سگهن ٿا.

پنهنجي هن ڪتاب (درد ونديءَ جو ديس) جي مهاڳ جي آخري حصي ۾ حميد صاحب پنهنجين ڪهاڻين ۾ آندل مسئلن، ڪهاڻين جي ڪردارن ۽ موضوعن جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

”هن مجموعي بابت صرف ايترو عرض ڪندس تہ هيءُ ڪهاڻيون تهدر نئيون هونديون بہ سنڌ جي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ سان ڳوهيل، جيئرن جاڳندن ساهہ وارن جا اُهي داستان آهن، جيڪي مون، من ۾ دفن ڪري ڇڏيا هئا.

هيءَ ڪردار ايترا تہ طاقت وارا رهيا آهن جو نيٺ مون کي مجبور ڪيائون تہ سندس بابت لکان. زماني جي هيٺ مٿاهين هن وبلي منهنجي قلم ۾ ڪڙاڻ ۽ تکاڻ، ڪجهہ سرس وجهي ڇڏي آهي. سندن گذاريل حياتي جي تلخ ۽ ڪوڙي آهي تہ مون جيڪي منجهہ جهان گهاريو آهي اُهو بہ ڪجهہ گهٽ زهريلو نہ رهيو آهي. اڳ ڪئين ئي زهر پاڻ چؤسي ۽ پي پنهنجي ڪهاڻين ۾ رحم، ٻاجهہ ۽ قرب وارن جذبن کي مٿانهون پي رکيو هيم، هن دفعي جذهن حياتيءَ جو پوبون پهر آهي تہ جسم بہ گهڻو زهر ڳهي هضم نہ ٿو ڪري ان لاءِ زهر اوڳاڇڻو پيو آهي. مون دراصل هن زهريلي سماج، جيڪو منهنجي جيئرن جاڳندن ڪردارن کي بي رحميءَ سان ڏنگيندو رهيو آهي، اُهو زهر سندن انگ جي هر ڏنگ تان چوسي هٿ اوڳاڇيو آهي، تان تہ جيئڻ منهنجا همسفر ڪردار، سنڌ جي مٽي ۽ پاڻيءَ جي وفا جي علامت، هيءَ پاڻ جيئڻ ۽ ٻين کي جياريندا رهن (مهاڳ ص ص 14 ۽ 15)

حميد صاحب جو هيءُ ڪتاب ڪل ڏهن افسانن تي مشتمل آهي. انهن افسانن جا عنوان هي آهن:

”زماني جو دستور، بند ڪتاب جو بند باب، تيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾، “هي زهر ڪير تہ پيئندو؟” ڪهڙي مومل ڪهڙو راڻو؟” “پل جو موهہ”، “تانداڻا تا تمڪن”، “درد وندِيءَ جو ديس”، “ڇت ۾ لڳل گولي” ۽ ”رومانس جي خودڪشي.“

انهن افسانن مان هر هڪ تي تبصرو ڪرڻ کان بهتر آهي تہ ڏسون تہ سنڌ جي وڏن ڪهاڻيڪارن ۽ حميد سنڌي صاحب جي هم عصر ساٿين، حميد صاحب جي فن، فڪر ۽ ڪهاڻيڪاريءَ جي خصوصيتن سندس ڪردارن، سندس حسن بيانيءَ، منظر نگاريءَ، حقيقت نگاريءَ ۽ افسانہ نويسيءَ جي ٻين خوبين جي باري ۾ ڇا لکيو آهي؟

حميد صاحب جي انهن ساٿين مان آغا سليم، حقيقت پسند ڪهاڻيڪار جي عنوان سان، قمر شهباز حميد، اٽُٽڪ انسان جي عنوان سان، ماهتاب محبوب پارس جهڙو شخص ۽ سچائين جي آرسيءَ جي عنوانن سان ۽ خواجہ سليم پاڻ سڃي رکڻ جي وات، جي عنوان سان، حميد صاحب جي فن ۽ شخصيت جي باري ۾ رائزني ڪئي آهي.

آغا سليم، حميد جي همعصر ليکڪ هجڻ جي حيثيت ۾ اهو اظهار ڪيو آهي تہ ”اهڙي حالت ۾ حميد جي فن تي لکڻ سندس لاءِ هڪ وڏو مسئلو آهي.“ آغا صاحب جي نظر ۾ حميد هڪ حقيقت شناس ۽ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي. هن جي ڪهاڻين جا ڪردار ۽ واقعا هٿ جا گهڙيل

نہ آهن. حميد جا ڪردار زندگيءَ جا ڪردار آهن. حميد جون ڪهاڻيون پڙهندي لڳي ٿو تہ عام زندگيءَ ۾ اسين انهن ڪردارن کي ڪٿي نہ ڪٿي مليا چڪا آهيون ۽ هنن جي زندگيءَ ۾ جيڪي واقعا پيش آيا آهن، اهي اسان جي اڳيان رونما ٿيندا رهيا آهن." آغا سليم صاحب جي هن مان ائين ٿو ظاهر ٿئي تہ حميد صاحب ڪردار نگاري ۽ واقع نگاريءَ وارين فني خصوصيتن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. آغا صاحب اها راءِ حميد صاحب جي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل هر ڪهاڻيءَ جي پڙهڻ کان پوءِ ڏني آهي، آغا صاحب دليل طور انهن ڪهاڻين مان ڪافي مثال بہ ڏنا آهن.

آغا صاحب ڪردارن جا قسم بيان ڪيا آهن. ڪن ڪردارن کي هو flat ڪردار ٿو سڏي تہ وري ڪن ڪردارن کي round ڪردار ٿو ڪوٺي، وري هر قسم جي ڪردار جي مثالن جي وضاحب بہ ڪئي اٿس. ان لاءِ flat ڪردار لاءِ زماني جو دستور ڪهاڻيءَ ۾ مامي شمن، جو ڪردار ۽ Round ڪردار جهڙي منجهيل ۽ ڳتيل ڪردار جن جي شخصيت جا تہ آهستي آهستي کلن ٿا، اهڙي ڪردار لاءِ پل جو موهہ ڪهاڻي ۾ ڦلان جو ڪردار آهي.

آغا صاحب پاڻ بہ هڪ وڏو ڪهاڻيڪار آهي. جنهن لاءِ حميد صاحب خود لکيو آهي تہ:

"آغا سليم تشبيهن جو بادشاهہ، پنهنجي دور جو رومانٽڪ ڪهاڻيڪار، جنهن ڪسوٽيءَ سان هنن ڪهاڻين ۾ انهن جي ڪردارن کي پرکيو آهي، اهو سندس انفراديت واري پهچ کي ظاهر ڪري ٿو."

آغا صاحب جي راءِ ۾ حميد جون ڪهاڻيون ادب ۾ حقيقت نگاريءَ واريءَ روايت جون ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار اسان جا ڏٺل وائٺل ۽ جاتل سڃاتل ٿا لڳن ۽ ڪهاڻين جا واقعا بہ اڻ ڏٺل ۽ اوپرا نٿا لڳن. آغا صاحب حميد کي Realism واري ادبي نظرئي جو ليکڪ ٿو تسليم ڪري اُن لاءِ هن، هي زهر ڪير تہ پيئندو؟ ڪهاڻيءَ مان مثال ۽ دليل ڏنا آهن.

محترم قمر شهباز حميد صاحب جو بيو نقاد آهي. قمر شهباز بہ سنڌي ادب ۾ هڪ قداور ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس جي حيثيت ٿو رکي. محترم قمر شهباز پاڻ بہ جديد تخليقي ادب جو هڪ وڏو اديب ۽ مڃيل نقاد آهي. قمر شهباز صاحب جو هن ڪتاب ۾ ڇپيل تبصرو سندس هڪ سٺي نقاد هجڻ لاءِ وڏو دليل آهي. قمر شهباز صاحب پنهنجي تبصري جي شروع وارن

صفحن ۾ ناول، ڊگهي مختصر ڪهاڻي، ڪهاڻي ۽ مختصر ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ فرق تعين ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. پوءِ جديد افساني جي اُڀرڻ، اُسرڻ ۽ سنڌي ادب ۾ افساني جي ابتدا کان فورن پوءِ سنڌ ۾ افراتفري، سياسي استحصال واري دور ۾ روح رهاڻ ۽ سهڻي رسالن جو جاري ٿيڻ، جيڪي قمر شهباز جي راءِ ۾ رسالا ڇا هئا جڻ ته سنڌين جي سيني ۾ صدين کان سانديل ڪوڪ هئي، جا زمان ۽ مڪان جا بند ٽوڙي، سانتيڪن صحرائن ۾ هر طرف گونجي اُٿي، سندس راءِ ۾ روح رهاڻ ۽ سهڻي صرف رسالا نه هئا، پر سجاڳيءَ جي تحريڪ جي علامت بڻجي پيا. انهن رسالن سوين اديب پيدا ڪيا. حميد سنڌي به اهڙي ئي دور جي پيداوار آهي. قمر شهباز لکي ٿو ته:

”حميد جا افسانا انهن ڏينهن جي پيداوار آهن، جڏهن مزاحمتي ادب جي تواريخ لکي پئي وئي، سندس ڪهاڻين ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو ۽ سنڌوءَ جو ڇوهه هو اجرڪ جون قلڙيون ۽ ٽوپيءَ جون ٽڪريون هيون. ڪاشيءَ جو چلڪو ۽ جنڊيءَ جا اندلني رنگ هئا. عام ماڻهو هئا. عام ماڻهن جون محبتون ۽ نفرتون هيون، عزتون ۽ غيرتون هيون.“

قمر شهباز اڳتي لکي ٿو ته:

”منهنجي راءِ ۾ هن جو پهريون عشق سنڌي ادب ئي آهي، هو لکندو رهيو بي خوف، بي پرواهه، بي ڊپو هو اڄ به لکي رهيو آهي.“

هن ڪتاب جي ٽين تبصري نگار سنڌ جي نياڻيءَ محترمه ماهتاب محبوب آهي، جنهن کي حميد: سنڌي ادب ۾ هميشه چنڊ جيان روشني ڦهلائيندڙ سهڻي، سدوري پر قلم جي تکي ۽ تيز ڪهاڻيون، ناول ۽ سفر ناما لکندڙ اديب سڏيو آهي. حميد صاحب جي راءِ ۾:

جنهن جي لکڻ جي وڻندڙ انداز ۽ ٻوليءَ جي مهارت، کيس ليکڪائن ۾ مٿاهون درجو بخشيو آهي.

آئون به حميد صاحب سان کيس محترمه ماهتاب محبوب لاءِ ڏنل انهي راءِ سان اتفاق ٿو ڪريان، بلڪ کيس ڪجهه اڃا به وڌيڪ خصوصيتن ۽ خوبين واري، پنهنجي فن ۾ ڏاهي اديبه سمجهان ٿو جنهن سنڌي ادب کي عورتن جي بيشمار مسئلن تي بهترين ڪهاڻيون ۽ ناول ڏنا، جن ۾ حقيقت نگاريءَ کان سواءِ عورتن متعلق ڪيترائي سماجي موضوع بيان ڪيل آهن.

محترمه ماهتاب، حميد جي شخصيت جي باري ۾ پارس جهڙو هڪ

شخص جي عنوان سان جيڪي ڪجھ لکيو آهي اهو سچائي ۽ خلوص سان پريل آهي. محترم ماهتاب جو هڪ هڪ لفظ سچ تي مبني آهي. بيشڪ اڄوڪي دور جي ڇڪتاڻ ۽ مونجهاري وارين حالتن درميان، حميد سنڌيءَ جهڙا سچا، ٻاجهارا ۽ همدرد انسان تمام گهٽ ملن ٿا. ماهتاب اهي تاثرات دراصل حميد صاحب جي جنم ڏينهن واري جشن جي سلسلي ۾ ڪوٽائيل ادبي ميڙ ۾ حميد صاحب جي گهر واريءَ نشست ۾ حاضرين جي سامهون پڙهيا هئا.

محترم ماهتاب، حميد جي هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين تي جيڪو تبصرو لکيو آهي ان جو عنوان آهي: سچاين جي آرسي هن تبصري ۾ ماهتاب پاڻ هڪ اعليٰ ڪهاڻيڪار هجڻ جي حيثيت ۾، حميد صاحب جي ڪهاڻين جو جائزو ورتو آهي. محترم لکيو آهي ته:

”حميد سنڌيءَ جون اهي نيون ڪهاڻيون به سچائين جي آرسيءَ کي سامهون رکي پوءِ لکيل آهن، جن کي دل جي نظر ۽ احساس جي گهرائيءَ سان پڙهڻ جي ضرورت آهي. داخلي ٽوڙڦي خارجي مسئلا، مونجهارا يا ماڻهن جون محروميون، ملولايون... نازڪ نرمل احساس.... سنڌس ڪهاڻين جا خاص موضوع رهيا آهن.“

محترم ماهتاب محبوب، حميد صاحب جي ڪهاڻين جي باري ۾ تنقيدي پرک، هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

”هڪ سچو ليکڪ پنهنجي تحريرن سان رڳو تڏهن ئي انصاف ڪري سگهي ٿو جڏهن هو پاڻ به انهن سان سچو هجي.... هن جي من ۽ ذهن مان لڪڻ جا چشما آبشار جيان ڦٽي نڪرندا هجن.... ۽ تڏهن ئي هن جون اهي جاندار لکڻيون، دل جي دروازي تي دستڪ ڏيڻ بنان ئي من ۾ ويهي وينديون آهن. حميد سنڌي جي زير نظر مجموعي ۾ سنڌس مختلف رسالن ۾ ڇپيل ڪهاڻيون، اهڙن ئي نج نبار احساسن.... اڏمن جو جيئرو عڪس ۽ ترجمان آهن، جن کي پنهنجن جذبن سان همڪنار محسوس ڪندڙ هر حساس دل پڙهندڙ لاشڪ ته جيءَ ۾ جايون ڏيندو.“ (ص 36)

حميد جي هن ڪتاب جو ڇوٿون تبصري نگار سنڌس يارغار غمگسار ساٿس سڄي زندگي ساٿ نڀائيندڙ خواجه سليم آهي. خواجه سليم سنڌي اديبن وٽ ڪو اوپرو ماڻهو ڪونهي. هو ڏاڍو منٺو ماڻهو آهي. هو سيني اديبن

جي گهر جي ڀاتيءَ مثل آهي، حميد هر حال ۾ سندس ساٿي رهيو آهي. ان ڪري جيترو هن حميد کي ويجهو ڏٺو آهي، ڪيس غور سان پڙهيو آهي، سمجهيو آهي، اوترو شايد ئي ڪو ٻيو اديب حميد جي ويجهو هجي.

خواجہ سليم، پاڻ سڃي رکڻ جي واٽ جي عنوان سان نہ فقط حميد صاحب جي هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين تي تبصرو ڪيو آهي پر هن، حميد صاحب کي هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ پرکيو بہ آهي هو لکي ٿو تہ:

”حميد سنڌيءَ جو پنهنجي اندر سان هي ٻول ڪيو ٿو ڏسجي تہ جيڪي ٻڌو ڏٺو ۽ محسوس ڪيو اٿائين سو سنڌي نئين لهجي ۾ بنا ڪنهن نظرياتي ڦندڦير ۽ اجائي ناهہ نوهہ جي، جيئن جو تيئن پنهنجن ڪهاڻين ۾ بيان ڪندو رهندو. سندس ڪهانين جو ڪرداري ڪئنواس چڱي چوکي پکيڙ وارو آهي. ان ۾ وچين وچولي طبقي جي مونجهارن جي ور چڙهيل وائڙا ڪردار بہ آهن، جيئن، بند ٿيل ڪتاب جو بند ٿيل باب، جو جهونڙو گل ۽ ڪائنس ويهہ ورهيہ ننڍي هوءَ، جن هڪ ٻئي کي چاهيو پر مهل سر فيصلو نہ ڪري سگهيا تہ هڪ ٻئي کي ڪيئن هنڊائن. يا جيئن، هي زهر ڪير پيئندو؟ جو رٽائرڊ ٿيل هيڊ ماستر استاد شفيع محمد، جيڪو متجي ويل وايو منڊل هٿان رد ٿي وڃڻ تي شيزو فرينيا جو شڪار ٿيڻ وارو آهي. يا جيئن ڦل جو موهہ، جا مان ۽ ٻلان جيڪي نٿا ڄاڻن تہ ڇا ٿا چاهين (ص 38).“

اهي ڪردار عام رواجي هوندي بہ عام رواجي نٿا لڳن. ڄاتل سڃاتل هوندي بہ ڄاتل سڃاتل نٿا ڀاسن. حميد کي داد ڏيندي سليم خواجہ لکي ٿو تہ:

”مان نٿو سمجهان تہ جهڙا ڪردار حميد ڪٺي ٿو تهڙا ڪنهن ٻئي ڪهاڻيڪار ڪنيا هوندا، ۽ جي ڪنيا هوندا تہ انهن کي ائين ورتايو هوندو جيئن هن. حميد وٽ پاڻ تہ ڪا ڪئميرا آهي جيڪا ڪردارن جا، واقعن جا هڪ پاساوان عڪس جهٽيندي هلي ٿي، پر جڏهن درد ونديءَ جو ديس، وٽ پهچي ٿي تہ منجهس ڄڻ تہ وڏيڪ لينس لڳي وڃن ٿا ۽ ان جا جهٽيل عڪس گهڻ پاساوان ٿي وڃن ٿا.“ (ص 39 ۽ 40)

انهن نقادن جي راين جو لب لباب هيءُ آهي تہ حميد هڪ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي، حميد سنڌ ۾ سڄاڳيءَ جي تحريڪ جو محرڪ رهيو آهي، حميد جي ڪهانين ۾ ڌرتيءَ جي خوشبوءِ، سنڌوءَ جو ڇوهہ، ڪاشيءَ جو ڇلعو ۽ جنڊي جا انلني رنگ آهن، عام ماڻهن جون محبتون ۽ نفرتون، عزتون ۽ غيرتون آهن.

حميد جو پهريون عشق سنڌ. سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب سان ئي آهي، هو بي خوف، بي ڊپو ۽ بي پرواهه ليکڪ آهي، حميد، سنڌ جون اهي ڪهاڻيون سچائين جي آرسي کي سامهون رکي پوءِ لکيون آهن. سندس انهن ڪهانين کي دل جي نظر ۾ احساسن جي ڳهرائيءَ سان پڙهڻ گهرجي.

حميد فجي ڪهانين جا موضوع سنڌ جي ماڻهن جا داخلي توڙي خارجي مسئلا، يا ماڻهن جون محروميون، ملولايون ۽ نازڪ نرمل احساس آهن. آئون چاهيان ٿو تہ حميد جي هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين مان سندس خوبين جا ڪي مثال پيش ڪريان جن جي مدد سان سندس تبصري نگارن جي مٿي ڏنل راين کي پختن دليلن طور پيش ڪري سگهجي تہ واقعي هو هڪ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي، سندس ڪهاڻين جا ڪردار اسان جا ڏنل ۽ واٺنل ڪردار آهن ۽ اهي ڪردار اسان مان ئي آهن. مثال طور:

تيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾ ۾ مائي نور جي ڪردار جي باري ۾،

حقيقت نگاريءَ واري خوبي کي هن طرح پيش ڪيو اٿس:

”مون چني مان ٻاهر نهاريو. مائي نور چلهہ تي ويٺي هئي، ٻاهہ جي روشني سندس سانوري چهري کي چمڪائي ڇڏيو هو سندس چهري تي عجيب چمڪ هئي. منهنجي لاءِ تہ جڻ هڪ گهريتڙي عورت چلهہ تي ويهي، چانهہ ڪاڙهي رهي هئي. اٿين پير صاحب جو آواز آيو: نور، چانهہ جو چا ٿيو؟ منهنجي لاءِ بہ ڪوپ ڪنيو اچجانءِ، پر مني چانهہ جو“. (ص 60)

ساڳيءَ ڪهاڻي ۾ مائي نور جي ڪردار جي باري ۾ سندس ڪردار نگاريءَ واري خصوصيت ڏسو:

”سائين، منهنجي ماءُ هن درگاهہ تي، رتيديري ڪان اچي ڳائيندي هئي. جهوني تہ هتي ٿي، ٻهاريدار ٻڻجي. مون کي بہ رتيديري مان آڻي هت رهاياٺين. تڏهن درگاهہ وسيل هئي، چا تہ ميلا هئا: چا تہ مٽيادار ماڻهو هئا؟ رنگ لڳا پيا هوندا هئا. ڪتان ڪتان جا ڳاٽا اچي، سائينءَ جو سلام ڀريندا هئا. مون بہ اتان ڀرايو ۽ ڳائڻ لڳيس. ماءُ سان گڏ سائين نصير جو هيءُ اڱڻ ٻهارڻ لڳيس، اسين هن درگاهہ جا ٻهاريدار آهيون.

مٺل سائين! جڳ يلي ينگي چوي، ڪهڙي خبر تہ ڪير ڪيترو ۽ ڪهڙو گند ٻهاري ٿو؟ سائين ڪٽي جو سيني لاتو تہ سمجهان ٿي تہ مان اندران

ڪاري ٻاهران بہ ڪاري، سڄي اڇي اجري ٿي پيئي آهيان. پلي ٻيا پيا مون تي گند اڇلائين بابل، ڪنهن پنهنجا عيب ثواب ڏنا آهن." (ص 63)

هي زهر ڪير تہ پيئندو؟ ڪهاڻيءَ ۾ حميد صاحب جي ڪردار نگاريءَ واريءَ خوبيءَ ڪان سواءِ ٻوليءَ جون خوبيون، جذبات نگاري، پنهنجن ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيت کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو اٿس:

"هن ڪنڌ ورائي ڪيس ها ڪئي، پوءِ پاڻ واريءَ پراڻي آرام ڪرسيءَ تي آهلي پيو. سڄو پگهريو پيو هو ۽ پوءِ صدري ڇڪي لاهي ڪٽي ڪٽ تي اڇلي، جنهن مان هڪ ننڍي لفافي اڇي نڪاءُ ڪيو. هي پُڙو تہ بيجان هو پر سندس جسم ۾ جان پئجي وئي (ص 75).

انهن ٿورن مثالن مان حميد سنڌي صاحب جي ڪهاڻي نويسيءَ جون فني خوبيون، سندس طرز تحرير، حسن بياني، عبارت جو اسلوب، عام فهم ۽ سليس ٻُلي، اصطلاحن ۽ پهاڪن سان ڀرپور آهي.

حميد صاحب اصل نوشهري فيروز سان واسطو ٿو رکي، سڄي زندگي حيدرآباد ۾ گذاريائين پر سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي ٻولي جي اترادي لهجي جو استعمال گهڻو آهي، مثال طور: صفحي 66 تي ڪم آندل ٻوليءَ جا مثال ڏسو:

ڪنڌ ڪان رکيل مُني وارو لڪڻ ڪنيو تہ تڪو تڪو وريو.

هو آڳر ۾ هو.

سيڏو ڪپي ويو آ.

هونئن بہ پرائمري يا هيڊماستر جي پگهار گهڻي؟

صفحي 71 تي ڪم آندل ٻوليءَ جا ڪي مثال ڏجن ٿا:

ڪاٿي آ توهان جو هيڊ ماستر غلام علي، ڇهہ مهينا ٿِيا اٿس پر اسڪول جو منهن ڪارو ڪري ڇڏيو اٿائين.

پٽ تي اوٽ ۾ ٽي چار ننڍا ڇوڪرا ويٺا دونهان ڪيدي رهيا هئا. ڪي ليٽيا پيا هُيا.

سائين، مان ڇا ڪيان؟

صفحي 72 تي ڪم آندل ٻوليءَ جا ڪي مثال ملاحظہ ڪريو:

سائين، ائين تہ نہ ڪيو.

ائين نہ ڪيان؟

اتي وڃي ٻاڙ پوري ڪيو.

يا حميد جي ٻوليءَ جا ڪم آندل ٻولي جا هي مثال ڏسو:

اُستاد هن ڏنڏي ۾ ائين ٽيندو آ. پيا ڇاپا لڳندا آهن، عمران بہ دلير ماڻهو آ. نئون ڏنڏو آهي، آبڪاريءَ وارن سان حساب ڪتاب رکبو آ.

هڪ ٻئي جاءِ تي هن طرح ٻولي ڪم آندي اٿس:

ايندين تہ ٽنگون ڀڃي ڇڏيندو مانءِ.

مطلب تہ حميد صاحب سنڌ جو هڪ سدا ملوڪ ڪهاڻيڪار آهي جنهن جي ڪهاڻين جو مطالعو سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي زندگي جو مطالعو آهي، يقيناً هي ڪتاب حميد صاحب جي جذبن ۽ ڪيفيتن جي ڪهاڻي، سندس زباني آهي.

❊

## سيمي ۽ حميد

### زينت عبدالله چنا

"سيمي" مسٽر عبدالحميد سنڌي بي-اي (آنرس) جي طالب علم جي پهرين ڪوشش آهي. نوجوان جي پهرين ڪوشش ئي ڪار آمد آهي. اسان جوادب گهڻو پنتي آهي، اسان افسانہ نگار ڪي ڳاڻ ڳڻيا آهن ۽ اهي بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪم رڌل رهن ٿا ۽ جڏهن، تڏهن هڪ اڌ افسانو رهڙيو رکن ٿا ۽ وري ڪن مهينن بعد فرصت ملين ٿي. ائين ڪونهي جو "افسانہ نگار" پيٽ ڪان پالهو هجي سندس روزي سندس عيال جي روزيءَ تعليم و تندرستيءَ جي بار جو بندوست هجي ۽ هو رڳو "افسانہ"لکندو رهي، اهڙي حالت سيني اديبن جي آهي. نيڻ نچوئي، رت پست ست ڏئي منيون نندون ڦٽائي اديب. ادب پئدا ڪري ٿو ۽ اهو ملهائٽو "مٽيو" ڪڏهين ڪڏهين ڪمائٽو ٿيو پوي. هنن افسانن جي مجموعي ۾ ڪهڙيون گهٽتايون آهن، ڪهڙيون ڪمزوريون ۽ ڪميون پيشيون آهن ان جي اپٽار ڪرڻ "تنقيد نگار" جو ڪم آهي. اهو تہ ضروري آهي "ڪوبہ ماءُ پيٽان ڪونہ سکي ايندو آهي، هرڪو آهستي آهستي لکندي سکندو آهي. اهڙي وقت ۾ جڏهن اديب لاءِ ادب پيش ڪرڻ بہ "مومل جي ڪاڪ" وارو ڦند ۽ ڦير آهي، تڏهن هن نوجوان طالب علم جيڪا جرئت ڪئي آهي سا ساراهڻ جوڳي آهي. اهڙن نوجوانن کي جيڪڏهن قوم يا پڙهندڙن همٿايو ۽ سندن لکڻين کي هنيئن سان هنڊايو من سان منڊيو ۽ دل ۾ جاءِ ڏني تہ اهو ڏينهن دور ڪونهي جو هي نوجوان ادب جي ميدان ۾ انقلاب آڻي، اڳتي وڌن ۽ ماڳہ تي پهچن. اسين اهڙن ئي نوجوانن ۾ اميدون رکون ٿا.

[بيگم زينت عبدالله چنہ: ايڊيٽر "مارئي، حيدرآباد سنڌ 2 آڪٽوبر 1958]

**نوٽ:** حميد سنڌي صاحب، پنهنجو ڪتاب "ويريون" جي ارپنا جيجي زينت جي نالي هنن لفظن ۾ ڪئي آهي: سنڌ جي عظيم ليکڪا، سنڌي ادب جي برک ليکڪا ۽ منهنجي جيجل بيگم زينت چنہ جي نالي.

*

## ادب دوست، حميد سنڌي

### گوبند مالهي

هنن پنجاهہ سالن ۾ سنڌ ۾ سنڌي اديبن جي وڌنڙ انداز ۽ معيار تي بيحد خوشي تہ ٿيندي آهي، گڏوگڏ مون کي حيرت بہ ٿيندي آهي تہ اها ترقي قدرت جي نہ، قلم دوستن طرفان هڪ مرحبا لائق حاصلات بہ لڳندي آهي.

مون لاءِ ڪلهہ ڪلهوڻي ڳالهہ آهي، 1946ع ۾ اصلوڪي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقيءَ جو پيمانو جاچڻ لاءِ مون 'نئي دنيا ڪتاب گهر' طرفان اصلوڪين ڪهاڻين جو انتخاب 'ريگستاني ڦول' ڇپائڻ شروع ڪيو. سوبي گيانچنداڻيءَ ڪهاڻين جي چونڊ پسند تہ ڪئي پر هڪ نراسائيءَ جو اظهار بہ ڪيو. 'آرٽڪ کيتر وانگر ساهتيڪ کيتر ۾ بہ هندن جي هڪ هٽي رهندي ٿي اچي. مون کي هيءُ مجموعو ڪنهن مسلم دوست جي شرڪت بغير راس نہ ٿو اچي.' مون چيومانس، 'اهڙو اديب آهي ڪٿي؟' هن چيو 'هاڻي نہ تہ آئيندي ۾ پيدا تي سگهي ٿو ڪرڻ بہ کپي.' کن جي خاموشيءَ بعد چيائين، 'مان هڪ ڪهاڻي لکان ٿو تون اُن کي تخليقي ۽ ڪلاڪاري روپ ڏج. ڇپينداسين همراهہ شيخ عبدالستار جي نالي ۾' ۽ سچ پچ هڪ ڪهاڻيءَ جو سهڻو خاڪو ناهي، ٻئي ڏينهن منهنجي هٿ ۾ ڏنائين. خاڪو مون کي وڻيو مون اُن ۾ ماس پريو ۽ ڪهاڻي عبدالستار جي نالي ۾ ريگستاني ڦول انتخاب ۾ ڇپي.

هفتي ڏهن ڏينهن بعد سوبي ڏهن شعرن جو ٿهو آڻي مون کي ڏنو ۽ چيو 'عبدالستار جي آڪاڻيءَ جو اثر نہ آهي پر آهي مبارڪ حاصلات. هيءُ انقلابي شعر اياز لکيا آهن. انهن جي ڇپائڻ جو انتظام ڪر.'

اِنهن شعرن مون کي بہ موهيو. پهريون شعر هو: 'اوباغي، راج دروهي...'

مون نظم ۽ نثر جو مسيلني تائيپ انتخاب شايع ڪيو 'پرهڦٽي.' اياز جا سڀ شعر ڇپيا. پوءِ اياز ورهاڱي ۽ لڏپلاڻ کان اڳ ئي شاعريءَ تي ڪافي اڳتي وڌيو ۽ ادبي ڪلاس ۾ هڪ ڪهاڻي پڙهيائين: 'هاجران' اُن بعد، ٻيون بہ ڪهاڻيون لکيائين ۽ اُهي ڇپيون بہ. مون کي 'مفڙي بيوقوف' ۽ 'سفيد وحشي' ڪهاڻيون ڪافي معياري لڳيون.

ورهاڱي ۾ هندو ليڪن جي اڪثريت جي سنڌ مان لڏپلاڻ بعد مسلم اديب دوستن اياز راز ۾ جوبي ۾ ڪن ٻين اديبن جي اُتساهه ڏيارڻ سان خال پُريو ئي نه. گهٽو ڪي پارتي اديبن جهڙي معيار جو خلقيو به.

مون کي ائين لڳندو آهي ته ريگستاني قول بي اثر نه رهيو. جنهن اديب سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقيءَ جي اِن پهرينءَ منزل کان اڳتي وڌڻ شروع ڪيو ۽ منزلن پٺيان منزلون طئه ڪندو رهي ٿو سو آهي ’ادب دوست - حميد سنڌي‘ هن. ريگستاني قول جي مقصد سان نباهيو به آهي ۽ اُن کي وسعت، اهميت ۽ مقبوليت به بخشي آهي. منهنجي نظر ۾ هو سنڌي عوام جي حسرتن ۽ مسرتن، سپنن ۽ خواهشن جو عيوضي ڪهاڻي نويس آهي. مون کي هو منهنجي ادبي نظريه، هئيت ۽ مواد جي لحاظ کان ويجهي ۾ ويجهو لڳندو آهي.

مان تنوير عباسيءَ جي ڳڻ سان متفق راءِ آهيان ته ’حميد فڪشن ۾ فنڪت کي گڏيو آهي. هن جون ڪهاڻيون اسان جي دؤر جي تاريخ جي اُها ڏارا آهن جنهن جي لهر جا لک لباس آهن، جيڪي حميد اکين ڏٺا آهن ۽ سندس قلم محفوظ ڪيا آهن.‘

مان اِن کان وڌيڪ شامل راءِ آهيان حميد سنڌي جي پنهنجي اعتراف سان ته: ’منهنجي ڪهاڻي سنڌ جي ڪهاڻي آهي.‘ ’سنڌ جي هر رهواسيءَ سان هر طرح ڇهنيل، اُنهيءَ پهراڻ مثل جو پگهر هوندي جسم کان ڏار نه ٿيندو آهي. منهنجون ڪهاڻيون ڪنهن کي به اوپريون نه لڳنديون.‘

’راڻا جي راجپوت‘ ڪتاب جي ’ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي‘ باب ۾ ان اعتراف هينان ساڳئي صفحي تي حميد منهنجي ۾ پنهنجي عقيدي جي ساڳيائي جتائي آهي. مون مارڪسوادي هوندي به سهڻي شاهه لطيف جي اثر جو اعتراف ڪيو آهي. مون به ڪن ڪهاڻين ۾ ناولن جا سرا شاهه کان ورتا آهن ۾ سنڌي جيون جي هر پهلوءَ سان هو جڙيل ۾ اُن جو بهترين ترجمان رهيو آهي.

حميد جي انساني دوستي هن جي هر رچنا مان ليئا پائيندي نظر ايندي آهي، پر هن جي وسيع نظر ۾ نظريه جي اِن مان به ساک ٿي ملي ته هن شاهه جي سُرن تي ادبي مقالن جو نه صرف انتخاب ڪيو بلڪ بي ڏڙڪ شاهه جي هندو سنياسين سان ڪاٽيل زندگيءَ جي عڪاسي به ڪئي آهي ته ٿنا ۾ پنهنجي ليک کي سِرو به ڏنو اٿس: ’جا گُر ڏني گودڙي‘

سنڌ ۾ حميد سنڌي سان مختصر ڪچهريءَ مون کي بيحد تسڪين ڏني، هن جي محبوب طبيعت کان بيحد متاثر به ٿيس ۽ بس....

❊

# حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون

تنوير عباسي

ورهاڱي کان پوءِ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو جيڪو نئون جنم (Renaissance) شروع ٿيو ان جي پهرئين دور ۾ جمال ابڙو حفيظ شيخ، رباني، رشيد ڀٽي ۽ آغا سليمءِ ان کان پوءِ واري ٽهيءَ ۾ حميد سنڌي، امرجليل، غلام نبي مغل، طارق اشرف، عبدالقادر جوڻيجو ۽ جمال رند اچي وڃن ٿا. سنڌي ڪهاڻي انهن کان اڳتي هلي ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه،خيرالنساءِ جعفري ۽ شوڪت شوري تائين پهتي.

پهرئين ٽهيءَ ۾ رڳو رشيد ڀٽي هئو جيڪو آخر تائين ڪهاڻيءَ سان ناتو نڀائيندو رهيو. ان کان پوءِ واري ٽهيءَ ۾ امر جليل ۽ حميد سنڌي آهن، جيڪي لڳاتار لکندا اچن. حميد جا هن وقت تائين ڪ چار مجموعا ڇپجي چڪا آهن جن ۾ آيل ڪل ڪهاڻيون اٺ.

حميد سنڌي نہ فقط پنهنجي دور جو منفرد ڪهاڻيڪار آهي، پر هن ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي جي نئين جنم ۾ وڏو عملي حصو ورتو آهي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي پوين پساهن ۾ هئي. محمد ابراهيم جويي، "مهراڻ"، ۽ مولانا عبدالواحد سنڌيءَ، نئين زندگيءَ جي ذريعي ان ۾ ساهہ وڌو تہ حميد سنڌيءَ "روح رهاڻ" ۽ طارق اشرف سهڻي جي ذريعن ان کي نيئن سر جوان ڪيو. روح رهاڻ کان اڳ حميد "زندگي پبليڪيشنس" جو بنياد رکيو. جنهن ذريعي پنهنجي مجموعي ""سيمي"" ۽ اداس واديون" ناصر مورائيءَ جي "راتيون جاڳن جي"، کان سواءِ هن دور جي سنڌي ڪهاڻين جا ٻہ اهم ترين مجموعا شايع ڪيا. اهي هئا جمال ابڙي جو "پشو پاشا" ۽ غلام ربانيءَ جو "آب حيات"

ان کان پوءِ "روح رهاڻ" سنڌي جديد افساني جي لاءِ هڪ تحريڪ جو ڪم ڪيو. حميد نہ فقط "روح رهاڻ" ۾ پنهنجي دور جا بهترين افسانا شايع ڪيا، پر "روح رهاڻ" جي ذريعي ڪيترائي نوان ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا، جيڪي اڄ ڪلهہ ادبي آسمان تي جڳمڳ جرڪي رهيا آهن. انهن ۾ امر

جليل، عبدالقادر جوڻيجو نسيم کرل، شوڪت شورو غلام نبي مغل، سراج، علي بابا، ۽ رشيده حجاب اچي وڃن ٿا.

نئين سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر ۽ سنوارڻ ۾ان دور ۾ نئين زندگيءَ، مهراڻ ۽ سهڻي سان گڏ روح رهاڻ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

1957ع کان اڳ، جيڪي بہ ادبي ڪانفرنسون ٿينديون هيون. ان ۾ رڳو مقالن جي نشست ۽ مشاعرو ٿيندو هيو. ڪهاڻيءَ کي ادب جو حصو ئي نہ سمجهيو ويندو هئو. سنڌي ادبي سنگت برپا ٿي تہ ان جي گڏجاڻين توڙي ڪانفرنسن ۾ ڪهاڻيءَ جي نشست ڪئي ويندي هئي، ۽ پوءِ جڏهن حميد ساليانہ "جشن روح رهاڻ" شروع ڪيا، تہ انهن ميڙن ۾ ڪهاڻيءَ جي نشست هڪ اهم ادبي پروگرام هوندو هئو جنهن نہ صرف اڀرندڙ ڪهاڻيڪارن جي همت وڌائي، پر ڪهاڻيءَ کي سنڌي ادب جي هڪ اهم صنف جي حيثيت ۾ مڃتا ڏياري. وبتر جو ""روح رهاڻ"" طرفان بهترين ڪهاڻين جي حيثيت ۾ ڪهاڻين تي انعام ڏنا ويا، تہ ڪهاڻيءَ جي اهميت توڙي مقبوليت ۾ واڌارو آيو.

حميد سنڌي، نہ فقط هن دور جي اهم ترين سنڌي ڪهاڻيڪارن مان آهي، پر سنڌي ڪهاڻيءَ کي سنڌي ادب ۾ رائج ڪرڻ ۽ ان کي مقبول بنائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي.

ڪهاڻي پنهنجي دور جي تاريخ آهي. تاريخ نويس جي ڪنهن دور تي لکي ٿو تہ ان کي Generalize ٿو ڪري، ان جي اونهي اڀياس ۾ نہ ٿو وڃي. ان جي تفصيلن جي اپٽار ڪرڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪري. هو ان وقت جي سماجي، سياسي توڙي اقتصادي حالتن تي هڪ طائرانہ نظر ٿو وجهي. پر افسانوي ادب پنهنجي دور جي حالتن، ان جي ڪردارن، انهن جي نفسياتي لاڙن، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي تفصيلن تي روشني ٿو وجهي، جيڪا ڳالهہ تاريخ نويس جي وس ۾ نہ آهي. ڊڪنس جو (A Tale of Two Cities). هيمنگوي جو (Farewell to Arms) ان ڳالهہ جو مثال آهن. حميد جي افسانن جي وڏي خوبي اها آهي، جو هن سنڌ ۾ اسان جي دور جي سماجي، نفسياتي، توڙي سياسي حالتن کي آتشي ڪائي (Magnifying glass) سان وڌائي، انهن مان ڪن اهڙن ڪردارن، واقعن ۽ اهڙي ماحول کي هميشہ لاءِ محفوظ ڪيو آهي، جيڪي اج کان چوٿائي صدي پوءِ موجود ئي نہ هوندا ۽ اسان جي دور جي تاريخ ان جا اهڙا چٽا ۽ پڌرا نقش نہ ڏيئي سگهندي، جيڪي اسان جي هن انوکي ڪهاڻيڪار ڏنا اهن. "ڏو پار" ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ارڏو ڪردار آهي،

جيڪو اتي ذڪر راند تو ڪريءِ ان ۾ ايترو ماهر آهي جو جنهن به فانوس کي چاهي، گهڙيءَ ۾ پنهنجي اِتيءَ سان پيچي تو ڇڏي. اها اِتي ذڪر راند، ۽ اهي گاسليٽ وارا فانوس،هاڻي سنڌ ۾ نه آهن. نه وري اهي آرڏا ڇوڪرا (نفسياتي ساخت پڻ وقت ۽ دور سان بدلجي ٿي.)

اهڙين ئي ڪهاڻين مان هڪ ڪهاڻي ”راڻا جي رجپوت“ نه فقط حميد جي شاهڪار ڪهاڻين مان آهي، پر سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻين مان پڻ!

مون کي ياد آهي، ته حفيظ شيخ، انهي ئي هم جنس پرستيءَ واري موضوع تي ڀهرين ڪهاڻي ”اوستو جاڙو“ لکي هئي، نه ان وقت سنڌيءَ جي سيني رسالن جي ايڊيٽرن ان کي ڇاپڻ کان انڪار ڪيو هئو ۽ اها ڪهاڻي اڻڇپيل ئي رهجي ويئي ۽ هاڻ اها شاهڪار ڪهاڻي گم ٿي ويئي آهي، ۽ ڪٿي به هٿ نه ٿي اچي.

حميد، ”راڻا جي رجپوت“ لکي سنڌي سماج جي ان اداري Institution کي ابدي حياتي ڏيئي ڇڏي آهي. جيڪو اڄ ڀوين پساهن ۾ آهي، ۽ اڄ کان چوٿائي صدي پوءِ اسان جون ايندڙ تهيون ان ڪهاڻيءَ کي پڙهي ”ڏندين آڱريون“ ڏيندوين ته ”مار ـ ڪڏهن سنڌ ۾ ائين به ٿيندو هئو.“ اها ڪهاڻي، سنڌ جي جاگيرداري سماج (Feudal Society) جو هڪ ڇڪندڙ ناسور آهي، حميد جنهن جي تفصيلي اپٽار ڪئي آهي.

”پڳت جي اداري کي، سنڌي سماج ۾ خوبيون به آهن، ته خاميون به پڳت جي اداري مان سنڌ کي ڪنور پڳت ۽ ان کا پوءِ ڪي ئي پڳت مليا، جن سنڌي موسيقيءَ ۾ شاندار ۽ فخر لائق ڪردار ادا ڪيا. انسان دوستي، رواداريءَ ۽ پيار جو پيغام ڏنو. تعصب ۽ نفرت کي ٻنجو ڏنو. ۽ صوفين توڙي پڳتن جي عظيم پيغام کي ڦهلايو. پر جڏهن اهو ادارو وڏيرڪي قبضي ۾ آيو ته ان ۾ ’Corruption‘ شروع ٿي، ۽ سهڻا ناچو ڇوڪرا، وڏيرن جي هوس جو شڪار ٿيا. حميد ان ڪهاڻيءَ ۾ مثالي ڪردار ڪنيا آهن. ناچو ڇوڪرو ـ ان جي نفسيات، وڏيرا، جيڪي ان ناچو ڇوڪري جي ناز تي مست آهن، وڏيري جي زال، جيڪا اڪيلائيءَ سببان پريشان آهي. اهي سڀ ڪردار ڪوبه ڪهاڻيڪار ان سماجي تمام اونهي ۽ وبجهي اڀياس کان سواءِ خلقي نه ٿو سگهي. حميد جي هيءَ ڪهاڻي ايندڙ دور جي تاريخدانن، سماجيات توڙي نفسيات جي ماهرن لاءِ هڪ اهم ”ڪچو مال“ (Raw Material) ثابت ٿيندو.

.اهڙي ئي قسم جي حميد جي هڪ ٻي ڪهاڻي ”زبرو ذڪ“ به ڏاڍي اهميت واري آهي. جانورن جي ويڙهه (Animal Sports) تي سنڌيءَ ۾ ٿي ڪهاڻيون اهم

آهن. هڪ رشيد ڀٽيءَ جي ”ٻڙ“ ٻي حميد سنڌيءَ جي ”زيرو ڊڪ“، ٽين بادل جماليءَ جي ”خفتي“.

”زيرو ڊڪ“ جو ڪردار سنڌ جو هڪ مثالي ڪردار آهي، جيڪو حجامڪو ڪم به ڪري ٿو پر ڪيس بلتري ڪُتن جو به خفت آهي. ڪتن جي ويڙهه جو به شوقين آهي. هن افساني ۾ حميد انسان ۾ رحم دليءَ جي عنصر جي اونهي اپٽار ڪئي آهي. استاد نبن، ڦٽي ڦوڪارو ڪنديءَ هڪ آفيسر کي بلتري ڪتن جي فرمائش ٿوڪريءَ نيٺ وڃيو سندس آفيس ۾ نڪريءَ جو بلتري ڪتن کي هٿ ڏاڍو خوش ٿئي ٿو انهيءَ ڪتي جو سوئر سان ميل ٿئي ٿو ۽ ڪتو ڦٽجي مرٽينگ ٿو ٿئي، تہ استاد نبن پاڻ ميدان ۾ لهي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، اچ ائين پاڻ بہ ڦٽجي ٿو پوي، ۽ ٻيا ماڻهو ميدان ۾ لهي، سوئر کي ڏڦن سان ماري، استاد نبن کي بچائن ٿا.

انهي ڪهاڻيءَ ۾ حميد نہ فقط ڪردار نگاريءَ جو ڪمال ڏيکاريو آهي پر انهي طبقي جي خفتين جي ٻولي پڻ ڊائلاگن ۾ محفوظ ڪري ڇڏي اٿائين، جيڪا اڄ ان ويهہ- پنجويهہ سال پوءِ گم (Extinct) ٿي ويندي.

”هي لوسي آ، هي لوسي آ، واهہ سائين واهہ! واهہ جي عزت ڪئي اٿوَ خانداني ڪتي جي؟ خانداني ماڻهو ٿي ڪري خاندان جو قدر نٿا ڪريو!“

”پنهل سائين ڪاٽي ٿو ڇڏيانءِ اسان جي تہ پينگ تي وئي آهي هو شهنشاهہ بلتري ڏنو هُيئہ اهو بہ نيٺ ميدان ۾ لاٿم. هن ڏڪ ئي نہ جهليو. پهرين ئي سٽ ۾ ريچ چڪ هنيس. شهنشاهہ ”ڪئون“ ئي نہ ڪئي ۽ الله ڏي هليو ويو“.

هن ڪهاڻيءَ جي چوٽ (Climax) دکدائڪ بہ آهي، تہ انساني رحم جي جذبي جي چٽي تصوير پڻ. جڏهن استاد نبن پنهنجي پاليل پياري بلتري ڪتي کي بچائيندي زخمي ٿئي ٿو ۽ ان کان پوءِ ڪتو بہ ڪنهن ڪم جو نہ ٿو رهي، ۽ استاد نبن جي منهن تي زخمن جا چچريل نشان رهجي ٿا وڃن. تڏهن بہ هو ان بيڪار ۽ اپاهج ڪتي کي پنهنجي دڪان ۾ ٻڌيءَ ان جي خدمت ڪندو ٿو رهي، ۽ جڏهن اهو آفيسر، جنهن کيس اهو بلتري ڪتو هٿ ڪري ڏنو هئو) ۽ استاد نبن انهي ڪتي کي شهنشاهہ چوندو هو ڪيس ڇيڙائڻ لاءِ چئي ٿو تہ:

”استاد- هيءَ بلتري بہ لوسي تي ويو آهي“ تہ هو چڙي نہ ٿو مرڪي ٿو چوي ٿو“.

”پنهل سائين- اسين ئي لوسي تي ويا آهيون- ٻچن جا ڏڪ ڏاڍا ڪي زبرا آهن“

حميد جي ڪيترن ئي ڪهاڻين ۾ انهي انسان رحم دليءَ جي جذبي جي اپٽار آهي. سندس ڪهاڻي ”هڪ هرڻيءَ جي ڳالهہ“ بہ ان قسم جي ڪهاڻين

مان هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ هڪ ٻار جا پاڪ پوتر ۽ نرمل جذبا بيان ڪيا ويا آهن. هرڻيءَ جهڙو سهڻو ۽ شانائتو جانور ۽ هڪ ٻار جا معصوم ۽ سادا جذبا، اهو ٻار جڏهن وڏي وڏو ٿئي ٿو تڏهن به سندس دل ۾ اهي جذبا قائم رهن ٿا، ۽ هرڻيءَ جي ٻچي لاءِ سندس دل ۾ رحم تهائين وڏي وڏي ٿو وڃي.

اهڙي ئي موضوع تي حميد جي هڪ ٻي ڪهاڻي آهي "بابا منهنجو چوزو" حميد نه رڳو انسانن سان پيار ڪري ٿو پر هو پکي پکڻ (پرديسي پکيئڙا) جانورن (زيرو ڏڪ، هڪ هرڻيءَ جي ڳالهه ۽ بابا منهنجو چوزو) وڻن ٽڻن (دربان) ۽ ماڳن (ويريون) سان به محبت ٿو ڪري هن جو موضوع محبت آهي. هن جو سچل جي هن سِٽ وارو حال آهي ته: "يار مليو ڪک پن ۾" هن جي محبت لا محدود آهي. نه رڳو انسانن، جانورن ۽ پکين تائين، پر وڻن ۽ پٿرن تائين هن جا محبوب آهن.

"بابا منهنجو چوزو" جو مرڪزي ڪردار جيڪو پاڻ کي ترقي پسند ٿو سڏائي پر ويس وڳا ۽ ڪاڏا پيتا شاهاڻا اٿس. ڪناري گاڏيءَ ڏکهو سفر ڪري ادبي ميڙ ۾ شريڪ ٿيڻ ڪان اڳ نه رڳو ڦٽي ڦوڪارو ضروري ٿو سمجهي پر ميزبانن کي ڪپڙن جي استري ۽ بوٽ جي پالش ڪرائڻ لاءِ به هدايتون ٿو ڏئي. ڪاڏي جي باري ۾ صاف چئي ٿو ته "اسين گوشت ڪائون ٻاڪرو- اهو به ننڍي ليلي جو. ۽ ڪڪڙ نه- پر چوزو."

ميزبان ڪڪڙ جو ٻوڙ ته ڪرايو هيو پر لاچار همراه جي فرمائش ٻڌي، چوزي جي ٻوڙ جو ڏونگو ٿو آڻي، جنهن کي ميزبان جو ننڍڙو معصوم ٻار "بابا منهنجو چوزو" چوندو ان اديب جي ڪپڙن تي ڦهڪائي ٿو ڏئي.

حميد جي هن ڪهاڻيءَ جي چوٽ (Climax) به انساني رحمدليءَ ٻار جي پاڪ معصوم ۽ چوزي لاءِ همدرديءَ وارن جذبن جي تاثر جي تمام چٽي ۽ زورائتي نموني ۾ اپٽار ٿي ڪري.

پکين سان پريت جي موضوع تي حميد جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي "پرديسي پکيئڙا" هن مجموعي م شامل آهي. ان ڪهاڻيءَ جا ٽي مکيه ڪردار آهن: سچل- نوجوان باغائي، جيڪو پنهنجي پيءُ بچل جي پوڙهي ۽ بيمار ٿي وڃڻ جي ڪري ڪانياٺي ٿو سنڀالي- بچل جيڪو پوڙهو جهانديد آهي. سڄي عمر ڪانياٺي ڪٽي پکين کي باغ مان اُڏاريو اٿس. پر هن کي پکين سان پريت آهي. پنهنجي پٽ کي سمجهائي ٿو ته "سچل ڪانياٺي وهندي جي ڪنهن پکي کڻ جو ڪنڀ ڪريو سمجهه ته ڪيسُ ڪري ڇڏيئه. خاص طرح وهين جو ته خيال ڪجانءِ هي پتڪڙو پورڙو پکي پرديسي پکي اٿئي."

بچل ڪيترن سالن کان وهين کي قطارون ڪندي، ڪجين جي چوڏاري لامارا ڏيندي ۽ ٻن ڳڙين خاطر جان جوکم ۾ وجهندي ڏٺو هئو.“

نوجوان سچل، جڏهن وهين جي ولرن سان پڄي نہ ٿو سگهي، تہ ڪاوڙ ۾ سڏي ۽ اُيي کانياٽي ٿو وهائي، جنهن مان هڪ ٻوڙهو وچي وهئي کي ٿو لڳي، ۽ سچل خوشيءَ مان رڙ ٿو ڪري "اهو ٿو وڃئي“ جڏهن اهو زخمي وهيو ڪٽي. هو مناهين ڏي ٿو وڃي تہ پنهنجي پيءُ کي مرٽينگ ٿو ڏسي، جنهن جي لونڊڙيءَ ۽ منهن تي ٻوڙهن جا نشان هئا. هو پيءُ کي هوش ۾ آڻي ٿو تہ پٽس جي نظر ڏڪيل پکيءَ تي پئي تي، ۽ چوي ٿو.

سچل! پٽ گهبراءِ نہ پرواهہ ناهي. هر هڪ پرديسي آهي. اڄ پرديسين جو وارو هيو. جهڙو وهيو پرديسي پکي تهڙو مان.“

۽ انساني رحمدليءَ واريءَ چوٽ (Climax) تي، هيءَ شاندار ڪهاڻي پنهنجو ڀرپور تاثر ڇڏيندي ختم ٿي ٿئي.

حميد جون ڪجهہ ڪهاڻيون آهن جن جو موضوع ٻار آهن. انهن مان هڪ ڪهاڻيءَ "ڏو ٻار“ جو اڳ ۾ بہ ذڪر اچي چڪو آهي. ڏوٻار جو مرڪزي ڪردار هڪ ارڏو ٻار آهي جيڪو فانوسن جا شيشا اِتي۔ ڏڪر ڪيڏندي پڇي ٿو. ۽ ڪيس اڻ وٽندڙ هڪ ڪردار کي بہ اِتي وهائي ٿو ڇڏي. "تڪي ۾ ٻاتي“ هڪ ٻئي ٻار جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ڪوهر وڪندڙ ٻار جي مايوسين جي اپٽار ڪئي وئي آهي، ۽ ان جي باوجود بہ سندس همت ۽ عزم کي چٽو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. "ڪنچن ڪايا“ هڪ ٻئي ٻار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو ڇڏي راند جو ماهر آهي. "منوءَ جي ڪهاڻي“ هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جنهن جو مرڪز ڪردار "منو“ هڪ اهڙي آفيسر جو پٽ آهي، جيڪو بدلي تي هڪ وڏي ڳوٺ ۾ ٿو وڃي، ۽ منوءَ جي، دل تي اهو نئون ماحول هڪ عجب تاثر ٿو ڇڏي.

هو ڊِڳي ڳاڏي ڏسي عجب ۾ پئجي ٿو وڃي. اسڪول جو گهنڊ ٻڌي پڇي ٿو تہ اسڪول ڇا ٿيندو آهي. سندس پيءُ ڪيس "استاد ڇاڱي مل“ جي حوالي ٿو د ۔ ي جيڪو روشن خيال آهي. مثالي ماستر آهي جيڪي رڳو ورهاڱي کان اڳ هزند هئا. چوي ٿو: "منواڄ کان وٺي منهنجو پٽ آهي. ڪيس مان تيار ڪندس.“

منوءَ جو من سونجهڻو (Inquisitive Mind) آهي. هو هر مشاهدي تي سوال ٿو ڪري

"پورهيت ڇا ٿيندو آهي؟“

۽ پوءِ پيءُ کي چوي ٿو:

"بابا۔ اسان اڄ پورهيت ڏٺو. بابا پورهيت سنو هوندو آهي نہ؟ مان وڏو

تي پورهيت ٻٽبس. پنهنجي هٺ سان اڻ اُپائيندس. مامي غلام وانگر."

۽ پوءِ ماستر چاڳي مل جي گهر ويجي، انهن کي "سرلا" جي ڏک ۾ روئندو ڏسي، سندس معصوم من به انهن جي ڏک ۾ شريڪ تي تو.

ٻارن تي لکيل ڪهاڻين مان حميد جي ڪهاڻي "خانو چور نہ آهي" هڪ شاهڪار آهي. اها نہ فقط حميد جي، پر سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻين مان آهي. خانو هڪ معصوم ٻار آهي، جيڪو ٻين ٻارن سان گڏ اسڪول پڙهڻ ويجي ٿو. هو نبل ۽ ڪمزور بہ آهي، تہ غريب بہ. سندن اسڪول ۾ شودا پيداگير ۽ دادگير ڇوڪرا هئا، جيڪي اهڙن ڇوڪرن کان "آنڪي" اُڳاڙيندا هئا. خانو اها "آنڪي" ڀرڻ لاءِ چوري ڪندو هئو. هنن پيداگيرن جڏهن "آنڪي" مان اڳهه وڌائي ڀياني ڪيو تہ خانو چوري ڪرڻ مهل ضمير جو آواز ٻڌو. "خانو چور نہ آهي" ۽ ان ضمير جي آواز کان متاثر تي، هن چوري ڪيل ڀياني واپس رکي ڇڏي اسڪول آيو تہ بہ سندس ڇپن تي اهي لفظ هئا تہ "خانو چور نہ آهي".

موڪل ٿيڻ وقت جڏهن شودن ڇوڪرن کانئس ڀياني گهري تہ هن انڪار ڪيو. ڇيائين "خانو چور نہ آهي" ان تي شودن هن کي نوُنشا هنيا، ۽ سندس رت وهندو ڏسي ڊڄي ڀڄي ويا. خانو جيڪو مار کان نستو تي پيو هئو ٻاهر اسڪول جي گيٽ تي آيو جتي اجا ڪجهہ سندس جهڙا مظلوم ۽ شودن، داداگيرن ۽ پيداگيرن جا ستايل بيٺا هئا. هن رڙ ڪري چيو "اڙي نورا، اڙي شمن، علڻ رحيم، ٻڌو ڪوبہ هاڻي پيروءَ ۾ سندس شودن جي ٽولي جي آنڪي نہ ڀريندو".

هو ڏسو سامهو وجي ٿو پيرو ۽ سندس شودن جو ٽولو. نہ ڇڏيون دسيون، همٿ ڪيو وڌو همٿ ڪيو".

پوءِ انهن شودن جي ٽولي کي هٽي ڊاهي وڌو. حميد لکي ٿو تہ "اج ڏينهن پويان ڪمزورن جي سرسي تي" ۽ "خانو خاموش اونڌو پيو هئو. پر سندس ڇپن تي مرڪ هئي. ڇچريل ۽ رتائون منهن ڀڪي رهيو هئو. هنن جڏهن ڪمزور بي جان ۽ نبل جسم کي ڪنيو تہ هنن کي ائين لڳو تہ ڪنهن ڳري ٻت واري جوڌي جوان کي کڻي رهيا هجن.

حميد جي هيءَ ڪهاڻي سنڌ ۾ هن ڌاڙيلن ۽ ڪلاشنڪوف جي دور ۽ تعليمي ادارن ۾ نراسيت جي زماني ۾ وڌيڪ اهميت رکي ٿي. سنڌ ۾ ڦهليل هن ڪئنسر جو علاج تڏهن ئي ممڪن آهي. جڏهن سنڌ جو عام ماڻهو توڙي تعليمي ادارن جو شاگرد ڌاڙيلن ۽ داداگيرن کان ڊڄي، ان جي "آنڪي" ڀرڻ کان انڪار ڪري، همت ۽ ٻڌيءَ سان خانوءَ جي مثالي ڪردار کي آڏو رکي، انهن جو مقابلو ڪندو.

چڱائيءَ ۽ برائيءَ جي ويڙهہ هر دور ۾ هلندي رهي آهي، پر اسان جي دور ۾ چڱائي جيتر هيسيل، دٻيل ۽ نستي آهي، اوتري شايد سنڌ ۾ ڪنهن بہ دور ۾ نہ رهي هئي. پر تڏهن بہ هيءَ ڪهاڻيءَ سنڌ جي مستقبل جي ڪهاڻي آهي، جڏهن سنڌ ۾ چڱائيءَ جون هيسيل دٻايل ۽ ڪمزور قوتون، ڪنهن خانوءَ جي مظلوميءَ واريءَ همت جي همدرديءَ ۾هڪ هنڌ گڏ ٿي، ٻڌي ڪري سماج ۾ پيدا ٿيل داداگيرن کي شڪست ڏينديون. هيءَ ڪهاڻي، ٻارن ۾ نہ فقط چڱائيءَ لاءِ احترام ۽ پيار ۽ برائي لاءِ نفرت پيدا ڪندي، پر انهن ۾ برائيءَ خلاف جنگ جوٽڻ ۽ ان جنگ جي حڪمت عمليءَ جي طرف پڻ رهنمائي ڪندي ڇو تہ داداگير، ظاهر ۾ ڪيترا بہ طاقتور هجن، پر اهي عوام جي اٿاهہ سمنڊ آڏو تڇ آهن. ڇو تہ عوام ۾ گهڻائي نيڪيءَ، انصاف ۽ حق جا طرفدار آهن.

حميد جون ڪجهہ ڪهاڻيون ڊرامائي تاثر رکن ٿيون. انهن ۾ اهم ڪهاڻي آهي "تنهنجو سفر منهنجو سفر" هيءَ ڪهاڻي فيڊر لائين جي هڪ مسافر جي ڪهاڻي آهي، جيڪو صبح جو ريل گاڏيءَ ۾ ڳوٺ ڪنهن ڪم سان وڃي ٿو ۽ شام جو دير سان موٽي ٿو اچي. ساڳيءَ ئي گاڏيءَ ۾ ويندي بہ ان گاڏيءَ ۾ هڪ ننڍيءَ اسٽيشن تي هڪ ڪنوار هڪ اڌڙوٽ ۽ هڪ لسات ٽا چڙهن ٿا موٽندي بہ ساڳي اسٽيشن تان اهو ئي اڌڙوٽ، اهوئي لسات ۽ هڪ پڪيءَ عمر واري ڪنوار سان گڏ ٽا چڙهن، جنهن جا وار مينديءَ سان ڳاڙها ٿيل آهن.

هن ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ جو ڪمال اهو آهي، جو اهو سمورو واقعو اهڙيءَ حالت ۾ ٿئي ٿو جڏهن ريل جي گاڏي ۾ پوري روشني نہ آهي ۽ ڏسندڙ کي انهن ڪردارن جا مهانڊا بہ چٽا نٽا نظر اچن. هو رڳو سندن قد ۽ عمر جو اندازو لڳائي سگهي ٿو. ويندي مهل ڪوبہ ڊائلاگ نہ آهي. پر ڪنوار جي جسم مان ايندڙ خوشبو ۽ چوڙين جي جهنڪار اهي بہ اهم ڊائلاگ آهن. موٽندي مهل رڳو بہ مختصر ڊائلاگ آهن. ان ڪانپوءِ لسڙات گهوٽ. پڪيءَ عمر جي ڪنوار جي هنج ۾ سڏڪا پريندو پنهنجي پياريءَ پيڻ کي ياد ڪندو (جنهن جي ان اڌڙوٽ سان شاديءَ ٿي) ۽ ان جي ٻارت ڪندو سمهي ٿو پوي، جڻ تہ ماءُ جي هنج ۾ سمهي ٿو پوي.

هيءَ ننڍي ڪهاڻي. ٽيڪنڪ ۽ موضوع جي لحاظ کان تمام وڏي آهي، نہ واقعو نہ ڊائلاگ، رڳو چار ڪردار — جن جون شڪليون بہ چڱيءَ طرح نظر نہ ٿيون اچن، اها اجوڪيءَ سنڌ جي سماجي ناسور اڻ برابري واري شاديءَ جو ڀرپور اونهو ۽ چٽو تاثر ڏئي ٿي. جوان ڇوڪريءَ جي اڌڙوٽ سان شادي ۽ پڪيءَ عمر، مينديءَ رتل ڳاڙهن وارن واريءَ ڪنوار جي لسڙات سان شادي

جنهن کي مپن جي ساول مس آئي آهي، ۽ جيڪو سندس هنج ۾ سمهي ٿو پوي. ڏي وٺ جو ناسور۔ عورت کي وٺ (Commodity) بنائڻ جو ناسور ۽ ان مشاهدي کان، انهن اڻ چٽن ڪردارن جي چٽن دردن، ۽ اڻ ڳالهايل مڪالمن کان متاثر ٿي فيڊر لائين جو اهو مسافر هڪ خط ٿو لکي، (جيڪو پاڻ پنجاهه جي پيٽي ۾ آيل هڪ جهونو آهي) جنهن ۾ پاڻ کان ٽيهه ورهيه ننڍي ڪجهه رقم جي عيوض پرڻجڻ لاءِ ورتي آهي، ان جي پيءُ کي لکي ٿو ته اها رقم ان ڇوڪريءَ کي ڏاج ۾ ڏئي هو پاڻ ان ڇوڪريءَ سان شادي نه ٿو ڪري سگهي اها اهن هن شاندار ڪهاڻي جي چوٽ (Climax)

هن ڪهاڻيءَ ۾ حميد، سنڌ جي هڪ اهم دور کي محفوظ ڪيو آهي. حميد جون ڪجهه ڪهاڻيون ڪردارن واريون ڪهاڻيون آهن۔ هونءَ ته حميد جي هرڪهاڻيءَ ۾ انوکا ڪردار هوندا آهن، متي ذڪر ڪيل ڪهاڻين مان "زيرو ڏڪ"، خانو چور نه آهي"، "راڻا جي رجپوت" وغيره ڪرداري ڪهاڻيون آهن، پر حميد جون اهي ڪهاڻيون ڪردار نگاريءَ سان گڏ ٻين طريقن جي اپياس مر ٻه اچي سگهن ٿيون. پر حميد جون هن مجموعي ۾ آيل ڪهاڻيون "ڪاڪ ڪنڊيءَ قبرون"، "زوراور"، "اسان اُڌارا"، "چور ڪير، ساڌ ڪير"، چوري ساڻ چسن" ۽ "اسان تي الزام" اچي وڃن ٿيون.

ڪردار نگاري ڪهاڻيڪاريءَ جو اهم شعبو آهي، پرڪهاڻيءَ ۾ توازن (Balance) پيدا ڪرڻ ڪهاڻيڪار جي فني مهارت جو ثبوت آهي. حميد جا ڪردار اهڙا آهن، جهڙا توهان ۽ مو ڏٺا آهن. فطري (Natural) ۽ اڻ اياريل۔ "زيرو ڏڪ" وارو خفتي حجام "ڪاڪ ڪنڊيءَ قبرون" جو شهباز توڙي "راڻا جي رجپوت" جو ناچو ڇوڪرو ۽ وڏيرو۔ اهي نه زوراتا ۽ فلسياڻا مڪالما ٿا ڳالهائن، نه وري پنهنجي وت کان وڌيڪ ڪرتب ٿا ڏيکارين۔ اهي هن ئي دنيا جا، هن ئي دور جا،هن ئي مٽيءَ جا چرندڙ پرندڙ هلندڙ چلندڙ حقيقي ڪردار آهن. اسان جي دور جي ڪن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين کي پڙهندي لڳندو آهي ته انهن جا ڪردار نه هن زماني جا آهن، نه هن ماڳ مڪان جا — جڻ خلا مان فرشتا آيا هجن، ۽ فوق الفطرت (Super Natural) مڪالما ڳالهائيندا هجن — جيڪي رڳو فلسفي ۽ تاريخ جا پروفيسر ڳالهائي ٿا سهگن. حميد نه خلائن جو ڪهاڻيڪار آهي، آسمانن جو — هو سنڌ جي سر زمين، ان جي مٽيءَ، ان جي عام ماڻهوءَ جو ڪهاڻيڪار آهي. هن جار ڪردار حقيقي ۽ فطري آهن. هو پنهنجي ڪردارن تي ڪابه ڳالهه مڙهي نه ٿو. جهڙا آهن، تهڙا ئي پيش ڪري ٿو. سواءِ ڪنهن ناهه نوهه، يا ميڪ اپ ي جي — ان ڪري حميد جا ڪردار ڇڪائيندڙ ڏيان ڇڪائيندڙ يا

ذهن تي حملو ڪندڙ ڪردارن بدران فطري ۽ حقيقي آهن. جيڪي پر هندڙن جي ذهن تي حملو ڪرڻ بدران انهن جي دل جي اونهاين ۾ وڃيو گهر ڪن.

انهن ڪرداري ڪهاڻين ۾ حميد جي ڪهاڻي 'زورآور' ڏاڍي دلچسپ آهي. هن ۾ فقط اهو اڄڪلهه اڻ لڀ ڪردار جيئرو جاڳندو چُرندو پُرندو نظر تو اچي، پر اهو ماحول پڻ چٽو ۽ پڌرو اکين آڏو اچيو وڃي، جيڪو اڄڪلهه اڻ لڀ آهي. اهي زمانا هئا. اها سنڌ هئي، جنهن جا ڪامورا ايماندار هئا. خانداني رٿا بندي به نه هئي، ان ڪري اهي ڪامورا وڏي عيال وارا به هئا. سُڪيءَ پڪيءَ پگهار مان وڏا عيال پالڻ ۽ انهن جي لٽي ڪپڙي جو بندوبست ڪرڻ ناممڪن هيو. ان ڪري ٿيندو ائين هئو جو گهر جي وڏن ڀاتين جا ڪپڙا ڪٽائي ننڍا ڪرائي ننڍڙن کي پارايا ويندا هئا، ۽ انهيءَ ڪاروائي کي آلٽر ڪرڻ چيو ويندو هئو. اهي زمانا مون به ڏٺا ۽ اهڙا آلٽر ٿيل ڪپڙا مون به پاتا. اهڙو ئي هڪڙو ماهر درزي، ”مامو محمد“ اصل شڪارپور جو ان ايماندار آفيسر جي ٻارن لاءِ ڪپڙا آلٽر ڪندي ساڻن گهرو ٿي تو وڃي ۽ جڻڪ گهر جو ڀاتي ٿي تو وڃي. اهو زمانو اعتبار ۽ اعتماد جو هئو.

اهو ڪپڙن آلٽر ڪرڻ وارو درزي – گهر جو ڀاتي ٿي تو وڃي. پاڻ به سئنيما جو شوقين ته ان ڪاموري جي ٻارن کي به ان شوق تي لاهي تو. هن جو تڪيو ڪلام هوندو هئو ”ير – تون ڪو ڏاڍو زورآور آن“.

جڏهن ان ڪاموري کي خبر پئي ٿي ته اهو مامو سنڌس ٻارن کي پڙهڻ کان ”ڪاري“ سئنيما تي وٺي تو وڃي ان ڳالهه تي ڪاوڙجي مامي کي ڏاڍي چنڊ ٽر ڪڍي ان ڳالهه تي ڪاوڙجي، مامو بنا موڪلائڻ جي هليو تو وڃي.

ڪامورو جڏهن گشت مان موٽي تو ته گهر ڀاتين کي بڌائي تو ته مامو سخت بيمار آهي، ۽ ايئن سڄو ڪُٽنب تياز ٿي شڪارپور تو پهچي. اتي دل ڀڃائيندڙ ملاقات ٿئي ٿي. هڪ پاسي مامو تو روئي، ته ٻئي پاسي ڪامورو.

جڏهن ڳوٺ پهچن ٿا ته اطلاع تو ملين ته مامو گذاري ويو. حميد جي هيءَ ڪهاڻي به انساني همدرديءَ تي ٻڌل آهي ۽ ان جي چوٽ ڏاڍي دل ڇهندڙ آهي.

اهڙي ئي هڪ ٻي ڪهاڻي جيڪا پڻ ڪردار واري ڪهاڻي آهي، اها آهي، ”ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون“ ان ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار هڪ سيٺ آهي. جنهنجي سڄي عمر اوڙي پاڙي وارن جون ملڪيتون ڦٻائڻ ۾ گذري آهي. جو ڪو مِٽ مائٽ يا پاڙي وارو مري تو وڃي ته هيءَ ڪمال فنڪاريءَ سان يتيمن ۽ رنن زالن جي ملڪيت هڙپ ڪيو ڇڏي، شهباز خان ظاهر ۾ ٻي رويئي وارو ڊاڪٽر آهي. پر اندر ۾ کوٽ اٿس. ڪهاڻي هڪ اتفاق تي ختم ٿي ٿئي، جڏهن سندس ستايل مائٽ رات جو گند ڪچري رکڻ لاءِ ڪڏ

ان گنڀير صورتحال ۾ به حميد ظرافت جي جهلڪ ته ڏيکاري، جيڪا ان مزور طبقي جي ان بي رحم سيٺ تي اونهي طنز آهي.

پر سيٺ هاشم کي چُڪ نه پئي هئي، هن کي ته اٽيڪ (Attack) ٿيو هئو "هو ٻوٽ پر وجي ڪَلُن ۾ ڪريو."

"انهيءَ ويڙهه سيڙهه ۾ سيٺ ته جهڙوڪر ڪَلُن ۾ ويڙهبو ويو"

اهو جملو اهڃاڻ (Symbolic) آهي. ۽ هن شاندار ڪهاڻيءَ جي چوٽ (Climax) انساني ڪمزوريءَ تي ٿئي ٿي، جڏهن محمد ٻچل مئل سيٺ جي ڪيسي مان پنهنجو ڏنل سوا ربيو ڪڍي ٻجي ٿو وڃي، ۽ ڪيس ان بادشاهه جي ڳالهه ياد ٿي اچي، جيڪو ظالم ۽ ڏوهاري ماڻهوءَ کي جيئري ئي ڪَلُن ۾ ويڙهائي ڇڏيندو هئو.

هن مجموعي جي ڪهاڻي "جاڳ به تنهنجي جيءَ سان" جيڪا هن مجموعي جي نالي واري ڪهاڻي آهي، اها جيتوڻيڪ سنڌي سماج جي هڪ اهم موضوع تي آهي، پر ايترو ڀرپور تاثر نه ٿي ڇڏي، سنڌ ۾ اچا ائين ٿئي پيو ته نياڻين جا پيءُ لالچ ۾ اچي، پئسن تي ڌيءَ مڱائي ڏين ۽ وري مڱڻو ٽوڙي پئسا وٺن، ۽ اهو سلسلو هلندو رهي، جيتوڻيڪ هن ڪهاڻيءَ جو موضوع جاندار ۽ انوکو آهي، پر حميد ان ۾ اهو رنگ ڀري نه سگهيو آهي، جيڪو حميد جي ٻين ڪهاڻين ۾ آهي، ۽ هيءَ ڪهاڻي اهڙو ڀرپور تاثر نه ٿي ڇڏي جيڪو حميد جي ڪهاڻي ۾ هوندو آهي، ۽ هيٺ گهرجي، لڳي ٿو ته هڪ آفيسر، پنهنجي عزيز ڇوڪريءَ تي ڦيرڻ، نظر ۾ عاشق ٿي ٿو پوي، ۽ آخر ۾ سهڻي ميهار سسئي پنهونءَ ۽ مومل راڻي جيان ٻئي ڇٽا گڏ ٿا مرن.

ڪهاڻي "چوري ساڻ چسن!" ۾ تمام چنائيءَ سان سنڌ جي وڏيرڪي ۽ پوليسي ماحول جي چٽسالي ڪئي وئي آهي. هڪ هڪ ڪردار هڪ هڪ واقعي ۽ هڪ هڪ ماڳ مڪان جو بيان اهڙيءَ طرح لکيو اٿس جو پڙهندڙ جڻ پاڻ کي ان ماحول جو حصو ٿو محسوس ڪري، پوليس ڪيئن ماڻهن کي "ڏاڙيل" جو الزام هڻي ۽ ايڪسيڊنٽ ڏيکاري مارائي ٿي ڇڏي.

ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ۽ چوٽ ڏاڍي دکدائڪ آهي ۽ ڏاڍي اثرائتي پڻ، ڪهاڻي م زميندار، ان جي هارين سان روشن، پوليس آفيسر، شوقيه چور جيڪو پوءِ عشق جي اري ۾ اچي ٿو وڃي ۽ آخر ۾ "ايڪسيڊنٽ" ۾ مري ٿو وڃي، اهي سڀ اهڙا ته فطري ۽ حقيقي ٿا لڳن جو ڪهاڻي، ڪهاڻي نه پر حقيقت پئي لڳي ڪهاڻي جي پڄاڻي ايڏي ته دکدائڪ ۽ اثرائتي آهي، جو پڙهندڙ جون رڙيون نڪريو وڃن. جڏهن رستي تي پيل ڪتي جي لاش کي

ڏسي، هن کي پنهنجو هاري ٿو ياد اچي، جيڪو ان ڪتي جان ماريو ويو هئو ته هو ڊرائيور کي چوي ٿو "شمن ڏس ڪنهن جو لاش آهي."

۽ شمن چوي ٿو "سائين هي لاش نه آهي. پر مئل ڪتو آهي توهان هرويرو چرڪي ويا آهيو

ڪهاڻي "اسان تي الزام" اهڙي وڏيرڪي سماج جي ڪهاڻي آهي. جتي عورتن کي شادي ڪرڻ کان سواءِ وهاريو ويندو آهي، ۽ اهي مجبور عورتون ذهني مونجهارن (Complexes)، وهمن ۽ وسوسن جو شڪار ٿي وينديون آهن.

هن ڪهاڻيءَ جي "پڦي زليخا" به اهڙين حالتن جو شڪار آهي، جيڪا "شهزادي" جا خواب ڏسندي رهي، ۽ ڏسندي ڏسندي سندس وار اڇا ٿي ٿا وڃن ۽ سندس ڀائر ملڪيت وڃڻ جي ڊپ کان سندس شادي نه ٿا ڪن.

هن ڪهاڻيءَ ۾ حميد پڦي زليخا جي داخلي ڪيفيتن ۾ مونجهارن جي تمام سني چٽسالي ڪئي آهي.

ڪهاڻي "ريب فريب زندگيءَ جا" هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جيڪو (Frustrated) آهي. سندس پيءُ چيڙاڪ ۽ نامهربان آهي. ڳالهه ڳالهه تي ڪيس چينبي ٿو ڪڍي. نوجوان جنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي، سندس پيءُ ان جي آڏو ٿو اچي. نيٺ نوجوان انتهائي قدم ٿو کڻي، ۽ گهر وارن کي خودڪشي ڪرڻ جو دڙڪو ڏيئي اسٽيشن تي ريل گاڏي هيٺيان پاڻ کي ختم ڪرن لاءِ اچي ٿو. اسٽيشن جو ماحول تڏهن جو آهي، جڏهن سنڌ ۾ اڃا بجلي عام نه ٿي هئي. گاسليٽ جون بتيون ۽ گولا ٻرندا هئا. هن ڪهاڻيءَ ۾ حميد روشنيءَ جي اثر (Light effect) کان ڪم ورتو آهي، ۽ انهن روشنين کي اُهڃاڻ طور استعمال ڪيو اٿس. هو سوچي ٿو ته مون کي بچائڻ لاءِ منهنجا گهر وارا نه آيا ته مان هنن لاءِ ڇو مران نيٺ هو خودڪشيءَ جو ارادو ترڪ ڪري ٿو.

جڏهن ريل گاڏي اسٽيشن تي اچي ٿي ته سندس نظر هڪ گُلر تي پوي ٿي جيڪو ريل جي پٽي ڏي ڊوڙي ٿو ۽ گاڏيءَ هيٺان اچڻ وارو آهي.

هو ڪيس بچائڻ لاءِ ريل جي پٽي ڏي ڊوڙي ٿو ۽ ريل هيٺان ٿو اچي وڃي ۽ بيهوش ٿي وڃي ٿو.

هوش ۾ اچڻ سان ڏسي ٿو ته سندس ماءُ پيءُ ۽ گهر وارا سندس چوڌاري آهن، هو اطمينان محسوس ٿي ڪري، پر پڇي ٿو ته گُلر بچي ويو.

۽ پوءِ هو گلر جي "ڪئون ڪئون" ٻڌي ٿو ۽ هميشه لاءِ اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏي

حميد جي هن ڪهاڻيءَ جي چوٽ (Climax) پڻ دڪدائڪ ۽ اثرائتي آهي ۽ هن ڪهاڻيءَ ۾ به هن "جانورن سان رحم" وارو موضوع اختيار ڪيو آهي.

حميد جي ڪهاڻين تي مجموعي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته حميد جون ڪهاڻيون ن خلائي آهن ۽ نه تصوراتي — هن جون ڪهاڻيون ڌرتيءَ جون ڪهاڻيون آهن. انهيءَ ڌرتيءَ جون ڪهاڻيون جتي حميد جنم ورتو پليو نپنو ۽ وڏو ٿيو. حميد جا ڪردار ڪي آسماني ڪردار نه آهن، پر اُهي به ڌرتي جا ڪردار آهن. حميد جا ڏنل وائنل، ڪهاڻين جو ماحول به حميد جي ارد گرد جو ماحول آهي انهي ڌرتيءَ، ۽ انهي ماحول ۾ ۽ انهن ڪردارن سان حميد جي ننڍپڻ،نوجوانيءَ ۽ جوانيءَ جو يادون وابسته آهن هن انهي ڌرتيءَ، ماحول ۽ ڪردارن جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. هو انهن جو حصو آهي، ۽ اُهي حميد جو حصو آهن، حميد جو انهن سان جذباتي لڳاءُ آهي. هو انهن کي رومانوي انداز ۾ پيش ٿو ڪري. "دربان" جي ڪجي هجي، "ويرين" واريون حويليون هجن، ۽ "ڏوپار" وارا پار هجن، "تنهنجو سفر منهنجو سفر" ۽ "ريب فريب زندگيءَ جا"، واريون ريلوي اسٽيشنون هجن، "راڻا جي رجپوت" جا ناچو ۽ وڏيرا هجن "زورآور" وارو درزي هجي يا "ڇُڪ" وارو سيٺ... اهي سڀ حميد جي شخصيت جو حصو آهن. مان حميد جي ويجهي دوست جي حيثيت ۾ ان ڳالهه جو شاهد آهيان ته حميد جون سڀ ڪهاڻيون، انهن جا ڪردار ۽ انهن جو ماحول حميد جي ماضيءَ جو اڻ وسرندڙ حصو آهن. جن کي حميد هميشه لاءِ محفوظ ڪري ۽ جيئرو ڪري ڇڏيو آهي.

سنڌي ادب ۾ هيءَ دور، ڪهاڻيءَ جي نئين جنم جو دور آهي. ڪيترائي بي مثال ڪهاڻيڪار حميد جا سهيوڳي آهن، پر مان ايترو چوندس ته حميد کي اها ميجتا نه ملي آهي. جنهن جو هو لائق آهي. (ادبي دنيا ۾ ايئن ٿيندو آهي). حميد جي ڪهاڻين جي باري ۾ هڪڙي ڳالهه پوري يقين سان چئي سگهجي ٿي، ته حميد پنهنجي سهيوڳين ۾ هڪ انوکي اسلوب جو مالڪ آهن، جنهن جي ڪهاڻين جا ڪردار، ماڳ ۽ انهن جو ماحول سنڌ جي سماجي تاريخ جي هڪ اهم باب آهي.

※

# ماڻھو شھر ڀنڀور جا

## غلام رباني آگرو

عبدالحميد ميمڻ جو ذڪر ڪبو تہ ماڻھو منجھي پوندو پر حميد سنڌي ڪنھن بہ تعارف جو محتاج ڪونھي. پاڻ کي "سنڌي" چوسڏايائين، ان بابت مان تہ ايترو چئي سگھان ٿو تہ ڪانئس گھڻو گھڻو اڳ بہ ڪيترن اڪابرن بہ پاڻ کي "سنڌي" ڪوٺايو ھو جن جي لسٽ ڊگھي آھي. ليڪن، مڙني ۾ سڀ کان مشھور نالو عبيدالله "سنڌي" آھي. پير علي محمد راشديءَ پنھنجي ڪتاب "اھي ڏينھن اھي شينھن" ۾ ڪيس پنھنجي دور ۾ سنڌ جي مشاھيرن ۾ اوليت جو درجو ڏنو آھي ۽ اعتراف ڪيو آھي تہ "اسان جي دور ۾ سنڌس سوچ ئي سيني ۾ صحيح ھئي."

عبيدالله "سنڌي" اصل ۾ پنجابي ھو ۽ سک ڌرم جو ھو ٻاراڻيءَ عمر ۾ اسلام ڏانھن مائل ٿيو ۽ سنڌ آيو پر چونڊيءَ ۾ امروٽ جي بزرگن سنڌس مٿي تي شفقت جو ھٿ رکيو ڪيس پنھنجي اولاد وانگر پاليو،مٿس عبيدالله نالو رکيو. اڳتي ھلي، پير جھنڊي جي بزرگن ڪيس پنھنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. سو انھيءَ پس منظر ۾ پاڻ کي شعوري طرح "سنڌي" ڪوٺايائين.

ھونئن، عام طرح سان ڪنھن بہ ماڻھوءَ کي پرديس ۾ "سنڌي" انڪري سڏيندا آھن، جو سنڌ سان سندس نسبت ھوندي آھي. مثال طور ابو معشر "سنڌي" ھو يا سندس خاندان ڪھڙي زماني ۾، سنڌ جي ڪھڙي شھر مان عربستان ويو سو تہ معلوم ڪونھي. پر، عرب دنيا ۾ ايڏو تہ نالو پيدا ڪيائين، جو وفات ڪيائين، تہ اسلامي دنيا جي ھاڪاري خليفي ھارون رشيد خود سندس جنازي نماز پڙھائي.

ابو معشر "سنڌي" بغداد ۾ دفن ٿيو ھين اسلامي علومن ۾ تہ اڪابر پر حضور پيغمبر ﷺ جن جي اولين سيرت نگارن ۾ بہ سندس نالو مقدم آھي. "مغازي" جي نالي سان سيرت رسول لکي ھئائين. جا ھاڻي ناياب

آهي. جرمن عالمن جوزف هورو وتس پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو اردو ترجمو نثار فاروقي "سيرت نبوي ڪي اولين ڪتابين اور ان ڪي مولفين" نالي سان دهليءَ مان شايع ڪيو آهي.

***

مون هڪ دفعي هڪ ڏچ عالم کان پڇيو ته، "اسان به ڪو وڏو ماڻهو پيدا ڪيو آهي؟ يا هر هنڌ لپي هيٺان واري آهي.

هو حيدرآباد آيو هو. دهليءَ ۾ قرآن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي واپس موٽيو هو. مون سان ۽ سائين قاسمي صاحب سان مليو هو چيائين ته "اوهان شاهه ولي الله دهلوي پيدا ڪيو آهي، جيڪو واقعي وڏو ماڻهو هو.

شاهه ولي الله ننڍپڻ ۾ جڏهن قرآن ڪريم حفظ ڪيو هو. تڏهن سندس استاد هڪ "سنڌي" هو. محمد فاضل نالو هئس. ايڏو ته وڏو عالم هو جو شاهه عبدالرحيم دهليءَ ۾ پنهنجي پٽ شاهه ولي الله کي قرآن پڙهائڻ لاءِ کيس ئي منتخب ڪيو. جڏهن شاهه ولي الله پاڻ وڏو ٿيو ۽ درس تدريس شروع ڪيائن، ته سنڌ جي سائين شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پڳ مٽ يار مخدوم معين ٺٽوي وٽس علم پرائڻ لاءِ ائن، ۽ گهوڙن تي سفر جا ڏک ڏاکڙا برداشت ڪري دهليءَ ويو ۽ ورهين جا ورهيه سندس قدمن ۾ ويهي ابن عربيءَ جو فلسفو سمجهيائين. مون مهراڻ رسالي ۾ مخدوم معين ڏي شاهه ولي الله جا لکيل خط ۽ مخدوم معين جو هڪ دستاويز شايع ڪيا آهن.

***

پاڪستان ٿيو ته هندستان مان جيڪي شخص مهاجر ٿي سنڌ ۾ آيا، تن ۾ مولانا عبدالواحد "سنڌي" به شامل هو. عمر جو وڏو حصو جامعيه مليه، دهليءَ جي تڏهوڪي وائيس چانسيلر ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي سرپرستيءَ هيٺ گذاريائين، جو پوءِ هندستان جو صدر ٿيو. مولانا عبدالواحد پاڪستان ۾ هجرت ڪري آيو ته دهليءَ جي سندس مهاجر دوستن پاڪستان نهڻ جي نسبت سان "نئين زندگي" رسالي جو ايڊيٽر مقرر ڪرايو. عمر ۾ مون کان ويهه ورهيه کن وڏو هو. پر، اهڙي محبت ٿي ويس، جو مون کي پاڻ نئين زندگيءَ ۾ مقرر ڪرايائين ۽ رسالو منهنجي حوالي ڪيائين. مون کان وڌيڪ دوست ڪير به ڪونه هئس. نياڻين جي شاديءَ ۾ به مون سان ئي صلاح ڪيائين.

نئين زندگيءَ ۾ ڪن ٻين رسالن ۾ منهنجون جيڪي شروعاتي تحريرون ڇپيون، تن ۾ مان به پاڻ کي "سنڌي" لکندو هئس. ليڪن ڪجهه سالن کان پوءِ فقط سنئون سڌو پنهنجو نالو لکندو هوس.

اسان جي ٿهيءَ ۾ سنڌ جي محب وطن اديبن ۾ حميد نالو ڪڏيو ۽ شعوري طرح پاڻ کي "سنڌي" ڪوٺايو. هونئن، عمر ۾ مون کان ۽ رشيد ڀٽيءَ توڙي تنوير کان ڪجهه سال ننڍو هو. پر، گڏ وهندا هئاسين ته اهو فرق محسوس ڪونه ٿيندو هو. چرچا گهٻا ۽ هِتان هُتان جون ڳالهيون ٻوليون ڪندا هئاسين. هر معاملي ۾ حُجائتا هوندا هئاسين. حميد "سنڌي" کان به اڳ سنڌ ۾ شيخ عبدالمجيد "سنڌي" مشهور هوندو هو. پر، هو بزرگ سياستدان هو ۽ حميد سنڌي نوجوان اديب.

***

حميد سنڌيءَ جي والد بزرگوار ڪافي عرصو ڊپٽي ڪمشنر رهيو ۽ ايڊيشنل ڪمشنر جي عهدي تان رٽاير ڪيو. پر حميد سنڌي پنهنجي زندگي پاڻ ٺاهي. جڏهن سندس عمر ۾ اجا چوڏهينءَ جي چنڊ جي چانڊاڻ هئي. تڏهن ئي زندگيءَ جي غم جو "دو_آتشو" جام پيٽو پيس. مون کي پاڻ ئي پنهنجي جوانيءَ جي "غم روزگار" ۽ "غم جانان" جو سربستو احوال مختلف موقعن تي ٻڌايائين. پر، انهن ڏکن ڏاکڙن هوندي به هڪڙو ڪم ڪيائين، جو اسان مان ڪير به ڪري ڪونه سگهيو. ماهوار "روح رهاڻ" رسالو ڪڍيائين. اِها ڪا معمولي ڳالهه ڪانه هئي. هونئن ته سنڌي زبان ۾ خانگي طرح ماهوار رسالا ٻين به ڪڍيا هئا ۽ حميد کان اڳ ڪڍيا هئا. پر، سندن قبلو ڪونه هو. هر قسم جو ويس ڊڪيندا هئا. سندن ڀيٽ ۾ حميد سنڌيءَ هڪ اهڙو رسالو ڪڍيو جنهن جو مول متو ۽ مقصد هو. "سنڌ جي حقن جي حفاظت."

ون يونٽ واري زماني ۾ مارشل لا کي لٺ باني وانگر استعمال ڪري، جنرل ايوب خان ۽ سندس ٽولي ڪوٽڙي بئراج توڙي سکر بئراج ۾ سنڌ جي زمينن جي ڦرلٽ ڪئي. سنڌ جا مير، پير ۽ وڏيرا ته سدائين چڙهندڙ سج جا پوڄاري هوندا آهن. اهي سندس ٻڏا ٻانها هوندا هئا. کيس سنڌ ۾ شڪار ڪرائيندا هئا ۽ لک لٽائيندا هئا. تن ڏينهن ۾ ايوب خان جي هڪ هڪ شڪار تي گهٽ ۾ گهٽ اڌ لک رپيا خرچ ايندو هو. مون کي هڪڙو شخص سُڃهي، جنهن شڪار جي خرچن کي منهن ڏيڻ لاءِ حيدرآباد ۾ پنهنجو بنگلو ٻن لکن روپين ۾ وڪيو هو وڏيرو هو. جنهن ڪا تمام پلي مينهن، ايوب خان کي تحفي طور راولپنڊيءَ موڪلي، سوچ ويچار ڪري، مينهن جي سڱن ۾ سون جو قيمتي هار وجهي موڪليائين.

سنڌ جي محب وطن اديبن سنڌي وڏيرن جي انهيءَ ڪريل ذهنيت ڪي ڀرپور انداز ۾ ننديو ۽ سندن چوڏا لاٿا. پر، متين ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ هُو نود هوندا هئا. جمال ابڙي پنهنجي ڪتاب ”توهر ۾ ٻاڙها گل“ ۾ انهيءَ دور جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

مان 1965ع کان وٺي 1969ع تائين حيدرآباد ۾ پڙهيا چار سال رهيس. سنڌ ۽ سنڌين لاءِ تمام نازڪ ۽ هنگامي دور هو. هڪ تہ جنرل ايوب جي مارشل لا، مٿان وري ون يونٽ جي ڳٽ، هندوستان سان لڙائي، تاشقند ناهہ وزارت تان ڀٽي صاحب جي استعيفا ۽ ٽپال جي لفاظي تي ايڊريس وجهڻ مهل لفظ ”سنڌ“ جي استعمال تي بندش. حيدر بخش جتوئيءَ جو جيئي سنڌ جو نعرو ۽ سائين جي ايم سيد جو سنڌو ديش جو اعلان. بزم صوفيائي سنڌ جي تحريڪ، ”روح رهاڻ“ رسالو ۽ حميد ”سنڌي“ وارن جي باهڙي دڪائڻ ۽ ڪانفرنسون ڪوٺائڻ، ڀٽي صاحب ۽ شيخ اياز جو قيد ٿيڻ. ڪمشنر مسرور جون ڏاڍايون ۽ فرعونيت، شاگردن جو چوٿين مارچ وارو هنگامو ___ ڏاڍو پُر آشوب دور هو.

جمال ابڙي اڳتي هلي لکيو آهي:

اياز سان ملڻ جا گهڻا موقعا بہ حميد سنڌيءَ پيدا ڪيا. ڪيس جس هجي، جو ميمڻ هوندي بہ ”نفعي نقصان“ کان بي نياز ٿي، باهہ سان کيڏندو رهيو. اهڙي ڏکئي دور ۾ هڙان وڙان خرچ ڪري ڪانفرنسون ڪوٺائيندو هو. سنڌ جي هڪ هڪ ضلعي مان ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. مير مجلس شيخ اياز هوندو هو. اهڙو هڪ شاندار جلسو 31 مئي 1967ع ۾ بسنت هال ۾ ڪوٺايائين جنهن ۾ اياز پنهنجو مشهور نظم پڙهيو:

هيءَ سئن نہ ڏيندي چين، اتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا،<br>
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن اجايو آ پيارا.

ماڻهو جهڙو ڪر مندجي ويا، سجو نظم پڙهي. آخر بند پڙهيائين تہ:

هيءَ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌ اياز نہ مرٽي آ،<br>
آخر تہ رات گذرٽي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا.

هال ۾ تاڙين جا ڦهڪا ٿي ويا. ماڻهو جوش ۾ اٿي بيٺا ۽ جيئي سنڌ جا نعرا لڳا.

***

پُر آشوب جمال دور جو جيڪو نقشو ڪڍيو آهي. انهيءَ دور ۾ ايوب سرڪار اجان بہ طاقت جي انڌ ۾ هئي، تنهن هڪ بيو بہ بڇڙو ڪم ڪيو. سندس تعليمي سيڪريٽريءَ شريف خان سنڌي ٻولي جي نڙيءَ تي ننهن ڏنو. ايوب خان کان اعلان ڪرايائين تہ اڳتي هلي وقت گذرڻ سان هڪ نئين ٻولي ازخود نهي ويندي جيڪا "هندستاني" وانگر "پاڪستاني" ڪوٺبي. سنڌي، پنجابي، پشتوءَ بلوچي ازخود ختم ٿي وينديون.

اهو بيان بنگالين کي بيوقوف بنائڻ ۽ اولهہ پاڪستان جي علاقائي ٻولين کي ختم ڪرڻ لاءِ چيائين. بنگالي شاگردن مظاهرا ڪيا. پوليس مٿن گوليبازي ڪئي شهيدن جا منارا نهيا. نفرت زور ورتو. اوڀر پاڪستان جي جدائيءَ جو ٻج پيو.

سنڌ ۾ ايوب خان جي انهيءَ بيان باهہ تي پيٽرول وارو ڪم ڪيو. غصي ۾ مچريل سنڌي عالم، اديب ۽ شاگرد باهہ تي اُٿيا. ايڏي تہ زوردار تحريڪ هلايائون، جو آخرڪار فيلڊ مارشل جي حڪومت سندن آڏو اچي گوڏا ڪوڙيا.

انهيءَ تحريڪ توڙي "روح رهاڻ" جا ساليانا جلسا حيدرآباد جي بسنت هال ۾ ٿيندا هئا. جن جو روح روان حميد سنڌي هوندو هو ۽ سمورا سنڌ دوست اديب سندس مددگار هوندا هئا. مکيہ مهمان، شيخ اياز هوندو هو. جنهن پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ انهن جلسن جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

"حميد سنڌيءَ جي رسالي "روح رهاڻ" ئي ون يونٽ خلاف، صحيح معنيٰ ۾ تحريڪ پڙڪائي هئي. هن بسنت هال حيدرآباد ۾ ٿيل جلسن جا احوال، منهنجون تقريرون ۽ ٽر بابت منهنجا ٿي ڳنتڪا، "هي گيت اُجايل مورن جا" ۽ "جل جل، مشعل جل جل" ۽ "رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" شايع ڪري، سنڌي قوميت جو ڪُلم ڪُلا پرچار ڪري، حڪومت جون وايون بتال ڪري ڇڏيون هيون."

***

ون يونٽ واري دور، "روح رهاڻ" رسالي ۽ بسنت هال ۾ ساليانن جلسن بابت خود حميد سنڌيءَ جا پنهنجا تاثرات هي آهن:

"ون يونٽ جو پاور پلانٽ الائي تہ ڪيترا يونٽ سازي چڪو هو ايوب خان جي مارشل لا ۾ ٽپال جي لفافي تي ايڊريس ۾ "سنڌ" نہ لکڻ جو حڪم، سنڌ جي زبان بندي، عام بيروزگاري ۽ سرڪار جي ٻين اهڙن ڪُڌن ڪمن عام ماڻهن ۾ سخت احساس محرومي پيدا ڪيو هو.

سنڌ جي محب وطن اديبن ۽ شاعرن پاڻ ملهايو ۽ سنڌ جو ساڻ ڏنو. هنن اهڙو ادب تخليق ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪو سنڌ ۾ سجاڳيءَ جو سبب بڻجي. ان سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ”مهراڻ“ سجاڳيءَ جي شمع جو ڪم ڪيو. مهراڻ جي شروع ڪرڻ ۽ هلائڻ ۾ هونئن تہ ڪيترن ئي سنڌ جي سڄڻن جو هٿ هو پر، سائين جي ايم سيد، ميران محمد شاهہ محمد ابراهيم جويي، غلام رباني آگري، مولاني گراميءَ، شمشيرالحيدريءَ ۽ امداد حسينيءَ جا نالا هن وقت ياد اچن ٿا.

ٻيو اهم رسالو ماهوار ”نئين زندگي“ هو. مولانا عبدالواحد ”سنڌي“ انهيءَ جو ايڊيٽر هو. هن سرڪاري ملازم هوندي بہ رسالي جي وسيلي، سنڌ ۾سماجي، سياسي ۽ اقتصادي بيچينيءَ جو کليل اظهار ڪيو وڏو مجاهد ماڻهو هو.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو رسالو ”انسان“ ماڻهن ۾ عام سجاڳيءَ ۽ بيگم زينت چنا جو ماهوار ”مارئي“ عورتن ۾ سجاڳي آڻڻ جو واحد ذريعو هو جنهن جي وسيلي ڪيتريون ئي سنڌي لکندڙ خواتين مثال طور، ثميره زرين، ڊاڪٽر درشهوار سيد ۽ ٻيون اڳتي آيون. انهن سمورن مردن ۽ خواتين لکندڙن جي سوچ هئي ”سنڌ ۾ ذهن ۽ فڪر جي آزادي“ اهڙو اقتصادي نظام جو سنڌ جي عام ماڻهن کي حق ملن ۽ انصاف پلئہ پوي.

اها ڳالهہ من ۾ رکي، ڪي دوست مون وٽ آيا ۽ هڪ آزاد ماهوار رسالي ”روح رهاڻ“ ڪيڻ لاءِ چيائون. رسالو ڪيڻ تمام وڏو ڪم هو. هر ڪنهن مدد جو واعدو ڪيو. پر، 1960ع کان 1969ع تائين پورن نوَن سالن جي عرصي ۾، هڪ روپئي جي بہ مدد ڪانہ ملي.

سنہ 1960ع ۾ ”روح رهاڻ“ رسالو ائين نڪتو پر، ٽي چار پرچا نڪرڻ سان ئي منهنجي مالي حالت سقيم ٿي وئي. مون وليج ايڊ کاتي ۾ نوڪري ڪري پرچي کي بچايو. سڄو سال هليو. پر، اسان جو ڊڪلئريشن رَد ڪيو ويو سرڪار چيو تہ وري ڊڪلئريشن فائيل ڪيو.

هفتيوار انسان، ماهوار مارئي ۽ ماهوار روح رهاڻ جون نوَن ڊڪليئريشن لاءِ درخواستون ڪيئي ورهيہ ٻي دريافتون پيون هيون. جڏهن اسان واسطيدار آفيسن ۾ ڪامورن جا هٿ سٽيا ڪرايا. تڏهن مس مس وڃي ”روح رهاڻ“ کي ٻن سالن بعد مارچ 1963ع ۾ ڊڪليئريشن مليو. پر، رسالي لاءِ پئسا ڪونہ هئا. مٺان منهنجو ايم اي جو امتحان هو غياث جوڻيجو ۽ مان گڏ پڙهندا هئاسين. هن سو روپيا ڏنا. جيڪي مون کي اجا ياد آهن.

”روح رهاڻ“ لُڏندي لمندي پئي هلي. منهنجيون نوڪريون ۽ پورهيا بہ جاري هئا. 1965ع کان ”روح رهاڻ“ پنهنجي خاص مقصد سان ظاهر ٿي بيٺي. هاڻي ”روح رهاڻ“ سنڌيت جي هڪ تحريڪ هئي جا سڄيءَ سنڌ ۾ ڦهلجي وئي. جشن ”روح رهاڻ“ رڳو هڪ ساليانو ميڙ ڪونہ هو. پر، سنڌ جي نئين فڪر کي فروغ ڏيارڻ جو ذريعو هو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سوين ليکڪ ساليانن جلسن ۾ اچي مڙندا هئا. شيخ اياز هي نظم اهڙي هڪ جلسي ۾ پڙهيو هو:

ماروئڙن کان منهڙو ڦيريان؟
ڏاهپ بي ڪا ڏس ميان.
تون ڪانڌي ڪونہ ٿجانءِ

اياز جا ٿي شعري مجموعا، ”جل جل مشعل جل“، هيءَ گيت اُڇايل مورن جا“ ۽ رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي.“

ماهوار ”روح رهاڻ“ ۾ ڪيترا ئي پيرا وري ڇپيا.

”روح رهاڻ“ جو ڪم ڪنهن بہ اڪيلي ڄڻي جي وس کان مٿي هو. مولا گهڻا مددگار پيدا ڪيا. ڪنهن جا نالا ڪٽي، ڪنهن جا ڪٽان؟ پر، سائين عبدالله چنا، بيگم زينت چنا ۽ منهنجي گهر جي ڀاتين وڏي سرپرستي ڪئي. هم قلم ساٿين ۾ اشفاق قاضيءَ، ناصر مورائيءَ، غلام رباني آگري، غلام محمد گراميءَ، تنوير عباسي، امداد حسينيءَ، خواجہ سليم، نياز همايونيءَ ۽ خاص طرح انڊس پرنٽرز جي مالڪ مطيع الرحمان جا نالا منهنجي دل تي اڄ بہ نقش آهن. ٻيا بہ ڪيئي محسن هئا. پير حسام الدين راشديءَ هڪ موقعي تي چيو تہ ”حميد سنڌيءَ جا ايڊيٽوريل دشمن جي دل تي داغ آهن.“ پير صاحب ڏاهو شخص هو. سندس ڳالهہ هڪ ڏينهن صحيح ثابت ٿي. سرڪار کي آخرڪار ”روح رهاڻ“ تي بندش وجهڻي پئي.

***

حميد سنڌيءَ ”روح رهاڻ“ رسالو ڪڍيو ۽ ”زندگي پبليڪيشنس“ قائم ڪيائين. جنهن ڪتاب شايع ڪيا. پنجاهہ ۽ سٺ وارن ٻنهي ڏهاڪن ۾ تمام گهڻا سنڌي افسانہ نگار اڀريا: جمال ابڙو شيخ حفيظ رشيد آخوند، ابن حيات پنهور، اياز قادري، رشيد ڀٽي، خواجہ سليم، جمال رند، ثريا ياسمين، جميلہ نرگس، ثميره زرين، رشيده حجاب ۽ ٻيا ڪيئي نمايان نالا هئا. حميد سنڌيءَ

اول جمال ابڙي جو ڪتاب "پشو پاشا" ڇاپيو ۽ پوءِ منهنجو ڪتاب "آب حيات ۽ ٻيا افسانا" شايع ڪيائين. حميد ۽ منهنجيءَ دوستيءَ جو آغاز ائين ٿيو.

اياز قادريءَ جي افسانن جو ڪتاب "بلو دادا" غالباً ٻئي ڪنهن ناشر ڇاپيو. خواتين لکندڙن ۾ ثميره زرين جي افسانن جو ڪتاب "هي گيت اڃايل مورن جا" پڻ ٻئي ڪنهن ناشر ڇاپيو. البت، حميد پنهنجو ڪتاب "اداس واديون" ۽ ناصر مورائيءَ جو ناولٽ جو ڪتاب "راتيون جاڳن جي" ڇاپيو. سندس ڇاپيل سڀ ڪتاب سندس چوڻ موجب "هٿون هٿ کپي ويا." حميد سنڌيءَ جا ڇاپيل اهي افسانوي مجموعا هاڻي سنڌي ادب ۾ هڪ خاص دور جا تاريخي يادگار آهن. پر، انهن تاريخي يادگارن جي حفاظت شمشيرالحيدريءَ ڪئي. جنهن ماهنامي "نئين زندگيءَ" ۾ ڇپيل جملي سنڌي افسانن جو هڪ نهايت سهڻو انتخاب شايع ڪيو. ان زماني ۾ سنڌي افسانو عروج تي هو. ٻوناٽي زندگيءَ جي پياري تصوير عبدالقادر جوڻيجي ۽ شهري زندگيءَ جي تصوير غلام رباني مغل پنهنجن افسانن ۾ اهڙي تہ ڏانوَ سان ڪڍي جو پڙهندڙن کي آسمان ۾ اندلٺ جا سمورا رنگ ياد اچي ويا. پوءِ تہ سنڌيءَ ۾ ڪيئي اعليٰ پايي جا افسانہ نگار پيدا ٿيا، جن جي افسانن جا مجموعا هاڻي سنڌي افسانہ نويسيءَ جا سنگ ميل آهن.

***

سماجي ۽ سياسي جماعتن ۽ تحريڪن ۾ ڪيئي دوست ۽ ساٿي اچي گڏ ٿين ٿا. پر، جڏهن اهو دور گذري وڃي ٿو تہ هو هڪٻئي کان اهڙو تہ وڇڙي وڃن ٿا، جو ڄڻ تہ ڪڏهن گڏ ٿيا ئي ڪونہ هئا. مثال طور، "ون يونٽ" واري زماني ۾ ميرپور بٺوري جو عبدالفتاح اسان جو ڏاڍو ويجهو ساٿي هو. هاڻي سالن کان سندس نالو ئي ڪونہ ٿو ٻڌجي. اسان ٻئي ڄڻا سائين جي ايم سيد جي "بزم صوفيائي سنڌ" جو سڄو لٽريچر وڏي محنت ۽ محبت سان شايع ڪندا هئاسين. مان سرڪاري نوڪريءَ ڪري، هر هنڌ ڪتابڙين مان پنهنجو نالو ڪڍي ڇڏيندو هئس. عبدالفتاح اهو ڏسي ڏاڍو کلندو هو ڪيس ڪوبہ ڊپ ڊاءُ ڪونہ ٿيندو هو وڏو مجاهد ۽ مخلص انسان هو.

***

حميد "سنڌي" نوشهري فيروز جو وينل آهي ۽ مون بہ نوشهري جي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪئي. اها حميد سنڌيءَ ۽ منهنجي دوستيءَ جي ٻي نسبت آهي. حميد نوشهري جو وينل آهي ۽ مان ڪنڊياري جو. پاڪستان نئون نئون ٺهيو تہ روڊن تي بس ۽ ويگن سروس عام ڪونہ هئي. ٻئي ڄڻا،

عيد جھڙن موقعن تي، ريل ۾ سفر ڪري، پريا روڊ اسٽيشن تي وڃي لھندا ھئاسين. اڳتي نوشھري ۽ ڪنڊياري وچڻ ھڪ مسئلو ھوندو ھو. ٽئڪسين ۾ ايڏي تہ رش ھوندي ھئي. جو انھن ڏي پير پائڻ جي ھمت ڪانہ ٿيندي ھئي. حميد سان سندس بيگم ۽ مون سان منھنجي گھر واري گڏ ھونديون ھيون. حميد ھر ڀيري پنھنجي والد صاحب کي تڪليف ڏيندو ھو. چاچو (مرحوم) دادوءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر ھوندو ھو. جيپ موڪليندو ھو. اول حميد ۽ سندس گھر واري نوشھري لھندا ھئا. پوءِ اھا ئي جيپ مون کي ۽ منھنجيءَ گھر واريءَ کي اسان جي ڳوٺ لاھي ايندي ھئي.

حميد "سنڌي" ڪنڊياري جي پرسان ھالاڻيءَ جي ھڪ معزز ميمڻ خاندان مان شادي ڪئي ھئي. ھالاڻي اسان کان ڇھ ميل پري آھي ۽ ڪنڊيارو بہ ھالاڻي کان اوتري ئي پنڌ تي آھي. بيگم حميد سنڌيءَ جا ڪي بزرگ، درياءَ جي پرئين پاسي لڏي وڃي دادوءَ ۾ سڪونت پذير ٿيا ھئا. واپار ڪندا ھئا. سيٺيون سڏبا ھئا. مون سيٺ يعقوب ۽ سيٺ شمس الدين جا نالا ننڍپڻ ۾ ٻڌا. منھنجن وڏن جا سيٺ يعقوب ۽ سيٺ شمس الدين سان لاڳاپا ھوندا ھئا، ان جو مکيہ سبب اھو ھو جو اھي ميمڻ بزرگ اسان جي وڏي ڏاڏي مخدوم محمد دائود آگري جا نھايت عقيدتمند ھوندا ھئا. جنھن جي ابدي آرامگاھہ ھالاڻي شھر جي ٻاھران نيشنل ھاءِ وي جي ڪپ تي آھي.

مخدوم محمد دائود عظيم انسان ھو پير صاحب پاڳارن جي متبرڪ خاندان جي معزز اعليٰ، پير سائين روضي ڌڻي، سيد محمد راشد رحمت الله عليہ ۽ ھالاڻيءَ جي نيڪ نام بزرگ سيد عاقل شاھہ "گيسوئي دراز" سان گڏ ڪوٽڙي ڪبير جي مدرسي ۾ ھم درس ھو. اھو مدرسو اُن زماني ۾ سنڌ جي وڏي درسگاھہ ھو. اِنھيءَ سبب سان ٽنھي جڻن جي سڄي عمر پاڻ ۾ محبت رھي.

ھڪ دفعي منھنجي والد مرحوم جو ڊاڪٽر دائود پوٽي ۾ ڪو ڪم پيو جو تڏھن سڄيءَ سنڌ جو ڊي پي آءِ ھو. انگريزن جو زمانو ھو. منھنجو چاچو ٻيڙيءَ ۾ چڙھي درياھہ پار ڪري دادوءَ ويو. سيٺ محمد يعقوب سان حالي احوالي ٿيو. ھن ھڪدم ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي والد صاحب کي پاڻ وٽ سڏايو جنھن پنھنجي فرزند سان احوال ڪيو. ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب فوراً ڪم ڪيو.

***

سنڌ جي مشهور تاريخ نويس، مير علي شير قانع پنهنجيءَ تاريخ "تحفته الڪرام" ۾ مخدوم محمد دائود آگري جي والد مخدوم عبدالله آگري کي پنهنجي دور جي سنڌ جي چونڊ مشاهيرن ۾ شمار ڪيو آهي. تڏهن ريل گاڏيون ڪونه هيون. تار ۽ ٽيليفون ڪانه هئي. ٽپال جو ئي انتظام ڪونه هو. پوءِ به مخدوم عبدالله آگري جي دينداريءَ جي شهرت سنڌ جي هاڪاري تاريخ نويس مير علي شير قانع تائين ڪيئن نه پهتي؟ هاڻوڪي دور جي ڪنهن محقق واري ٻي هڪ اهم روايت بيان ڪئي آهي ته "شاهه ڀٽائي کهڙن ڏانهن ويندي، مخدوم عبدالله آگري وٽ ترسندو هو."

نثار احمد آگري ٻڌايو ته شاهه ڀٽائي چمڙي جو هڪ ٿيلهو مخدوم عبدالله آگري کي ڏئي ويندو هو جنهن ۾ سندس شعر ڪاغذن تي لکيل هوندا هئا. ته ڏسي پڪ ڪري ڏيو ته ڪنهن به شعر ۾ شريعت جي خلاف ڪا ڳالهه ته ڪانهي. واپسيءَ تي وري اهو ٿيلهو ساڻ کڻي ويندو هو. غالباً، شاهه ڀٽائي ٻين ڪن عالمن ۽ درويشن کي به ساڳئي مقصد سان پنهنجو ڪلام ڏسڻ واسطي ڏيندو هو. ٿورا سال ٿيا، جو ڪنهن سوال ڪيو ته ڪيئن خبر پوي هي ڪلام شاهه سائينءَ جو آهي؟

ڪنهن عالم اتي جو اتي ئي پهه جواب ڏنو ته: "جيڪو شعر شريعت مطابق نه هجي، سو شاهه سائين جو ڪونهي."

نثار احمد آگري اهو به ٻڌايو ته جڏهن شاهه ڀٽائيءَ هي جهان ڇڏيو ته ان وقت جي دستور موجب، سندس قريبي حلقي ۾ مخدوم عبدالله آگري کي به اطلاع ڪيائون. هن هڪدم پنهنجن طالبن جو تعزيتي اجلاس ڪوٺايو ۽ دعا گهرڻ کان پوءِ فرمايو ته "سنڌ هڪ الله واري کان خالي ٿي وئي."

***

هن پس منظر ۾ هالاڻيءَ جا سادات ۽ ميمڻ خاندان جا برک ماڻهو مخدوم محمد دائود آگري سان دلي صدق رکندا آهن. دادوءَ مان بيگم حميد سنڌيءَ جا مٽ مائٽ مونکي اسلام آباد ۾ خط پٽ لکي تاڪيد ڪندا رهندا هئا، ته "مخدوم محمد دائود آگري جو احوال لکي ڇپايو." دادوءَ وارن انهن بزرگن جي اولاد مان يوسف سان منهنجي سڪ رهي آهي. پاڻ به اسلام آباد ۾ رهندو هو. ڪجهه وقت جرمنيءَ ۾ ڪنهن اعليٰ عهدي تي ويل هو. بيگم حميد سنڌيءَ جو ويجهو مٽ مائٽ آهي.

***

حميد سنڌي هڪ اديب جي حيثيت ۾ قومي خيالن جو ماڻهو ۽ سنڌ جي روشن مستقبل جو آرزومند آهي. مٽيءَ جي خوشبوءِ ڌرتيءَ جي ڪشش تهذيبن ۽ پيغمبرن کي بہ متاثر ڪيو آهي. سو حميد جو پاڻ کي ”سنڌي“ ڪوناٺڻ سمجهہ ۾ اچي ٿو.

هونئن، حميد جو ذات پات، رنگ نسل ۽ مذهب جي ڪري ڪنهن سان ڪوبہ متڀيد ڪونهي. 1963ع ۾ اياز ۽ رشيد ڀٽي هندستان گهمي آيا، تہ سال پوءِ اتم ۽ سندري سنڌ گهمڻ آيا. هندستان ۽ پاڪستان جا تعلقات تڏهن خوشگوار ڪونہ هئا. هڪ خاص مذهبي جماعت سان وابستہ سنڌي اديب، هتان جي سنڌ دوست اديبن تي هندستان جي ايجنٽيءَ جو الزام هڻندا هئا ۽ سدائين مٿن چغلخورن وانگر درخواستون ڪندا هئا. هنن هڪ دفعو شيخ اياز کي حيدرآباد ۾ هڪ جلسي جي صدارت ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ شهر نيڪالي ڏياري هئي. پنهنجين اهڙين سنڌ دشمن حرڪتن ۾ کين شرم حياءَ تہ ڪونہ ٿيندو هو، بلڪ انهن کي ٿي عين ”اسلام“ سمجهندا هئا.

ٻئي طرف، ان زماني ۾، سرڪاري آفيسن ۾ سنڌ دشمن تہ سَٿيا پيا هوندا هئا، تن کي هر ڳالهہ ۾ صوبائي تعصب جي بوءِ ايندي هئي. سو اياز ۽ رشيد ڀٽيءَ، ٻنهي ڄڻن کي، ”هند_ياترا“ جي ڪري، ڪجهہ عرصو جيل وجھڻو پيو. هن پس منظر ۾، سنہ 1964ع، ۾ جڏهن اُتم ۽ سندري سنڌ گهمڻ آيا تہ سندن آدرياءَ سڄيءَ سنڌ ۾ وري بہ فقط سنڌ دوست اديبن ڪيو. حميد سنڌي انهن ۾ سرفهرست هو. اسان جا هاڻوڪا ”سباجهڙا سنڌي اديب“ تڏهن ايڏو تہ ڊڄندا هئا، جو سَوُ ڪوهن جي مفاصلي تي بہ نظر ڪونہ ايندا هئا. سندري ۽ اُتم حيدرآباد آيا، تہ سڄو انتظام حميد سنڌيءَ، مون ۽ جمال رند ڪيو. حميد سندن رهائش جو انتظام عبدالله چنا ۽ بيگم زينت چنا جي گهر ۾ ڪيو. ڪراچيءَ ۾ سائين جي ايم سيد ۽ پير حسام الدين راشديءَ، حيدرآباد ۾ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ۽ سچل ڪاليج جي روح روان محترم شيخ صاحب سندن دعوتون ڪيون. سچل ڪاليج جو پرنسپال محبوب علي چنا صاحب هو. سکر ۾ مغل عبدالستار ۽ ٻين صاحبن بہ سندريءَ ۽ اُتم جون دعوتون ڪيون.

***

حميد جڏهن ٽنڊي ڄام ۾ وائيس چانسلر ٿيو تہ مان اسلام آباد ۾ هئس.

فون تي ڪيس واجبي ڪم ڪار جي تڪليف ڏيندو هئس. اوڏيءَ مهل ئي ڪري ڇڏيندو هو. اتان خيرپور وائيس چانسلر ٿي ويو ته اتي به منهنجي چوڻ تي ڪيئي قرب ڪيائين. خيرپور ايندو هئس، ته ڳوٺ وڃڻ لاءِ موٽرون ته ڏيندو هو پر، خيرپور روهڙيءَ ۽ شڪارپور جون مشهور منايون ۽ تازي لٽل کجور به تحفي طور موڪليندو هو. سندس ننڍو ڀاءُ شمس اوڏيءَ ئي سک سان ملندو هو شمس نهايت منو ماڻهو آهي.

هڪ دفعي حميد ۽ مان شمس سان سکر ملڻ وياسين. شمس شام جي چاءِ لاءِ ٻيو ته سڀ اهتمام ڪيو ليڪن پنجهتر ميلن جي مفاصلي تان، خاص نموني سان پڪل ڪڪڙ به گهرايائين ۽ ڪائڻ پيڻ جي ٻئي مال ۽ منايين سان گڏ اسان جي اڳيان چاءِ جي ميز تي رکيائين. ٻئي دفعي حيدرآباد ۾ مان حميد سان ملڻ ويس. جو عيد جو موقعو هو پاڻ ۽ سندس بيگم نوشهري مان عيد ڪري آيا هئا. حميد گهر ۾ نه هو پر، سندس بيگم هئي. دستور موجب نوڪرياڻيءَ بسڪوٽ، پاپڙ ۽ پاٽي آٽي، منهنجي اڳيان رکيو. مون ٿڌو ساهه ڀري چيو ته، "نوشهري ۽ هالاڻيءَ جي ميمڻن مون سان ڪانه نڀائي، عيد تي موقعي تي، به منائي ڪانه ملي، پاپڙ ۽ پاٽي مليو."

اهو ٻڌي بيگم حميد اچي ٽهڪن ۾ پئي. نوڪرياڻيءَ کي دٻ ڪڍيائين، سا ٽڪڙي ٽڪڙي نوشهري فيروز جا "کيرپُڙا" کڻي آئي.

ڳالهه هئين آهي ته سنه 1949ع ۾ مان نوشهري ۾ پڙهندو هئس، ته ڀرين ۽ نوشهري جا کير پُڙا مشهور هوندا هئا. اسان جي هاءِ اسڪول جي هاسٽل ۾ هڪ شاگرد شهر مان ڪنهن خاص دڪان تان وٺي ايندو هو ۽ اسان کي اوڌر تي ڏيندو هو. سندس قرض لهندو ئي ڪونه هو ڇو جو اسان روزانو ڪانئس اوڌر تي خريد ڪندا هئاسون کير پڙن ۾ ڏاڍو مزو هوندو هو.

حميد سان اها ڳالهه ڪيم، ته چيائين ته نوشهري فيروز جي کير پُڙن وانگر اتان جو "ملڪ روز" به مشهور هوندو هو. پر، هاڻي اُهي ماڻهو ڪونه رهيا. ملڪ ۾ "منائي" ۽ "ملڪ روز" ته نهيو محبت ۽ سچائي ڪانه رهي.

حميد اهلِ دل انسان آهي. سورهن آنا سچ چيائين. برابر سڀ ماڻهو هڪجهڙا ڪونهن. پر، سندس فرزند ارشد سون جهڙو سچو ماڻهو آهي. 1947ع ۾ اَسان جي تعليم واري زماني ۾ نوشهري فيروز ۾ پير نوَل گهوٽ جو ڏاڍو نالو هو. چوَن ٿا ته سنڌ ۾ تمام وڏو حڪيم هو. انهيءَ کان اڳ واري زماني ۾ وري شاهه نصير جو نالو هو. هاڪارو شاعر هو جنهن جي ڪلام جون هي به سٽون اهلِ دل انسانن جي دل تي اڄ به نقش آهن:

کن کي ڏين مليو کن کي دنيا
عشق اصل کنئون انعام ڏئي وئين يار اسان کي
يار اسان کي، دوست اسان کي.

***

زمانو سدائين هڪ حال تي ڪونهي. حميد سنڌيءَ ۽ سندس بيگم صاحبہ جي صحت، سکئي ستابي گهر، آرام ۽ آسائش جي باوجود صحيح ڪانہ ٿي رهي. پر زماني کي منهن ڏيڻ ۽ پراون بلڪ انهن کان وڌيڪ پنهنجن جا زخم کائڻ جي باوجود، مون ڪڏهن بہ سندس قرب ۽ محبت، اخلاص ۽ اخلاق ۾ ڪمي ڪانہ ڏٺي. بيگم حميد جيتري همت ۽ حوصلي واري آهي، اوتري ئي ذهين ۽ کل ڀوڳ جي مزاج واري خاتون آهي. پر، شابس آهي. حميد کي جو ناساز طبيعت هوندي بہ هن زماني ۾ هر ڪنهن سان پير کڻي ٿو. تازو دل جي بيماريءَ سببان باءِ پاس آپريشن ڪرايو اٿس.

ايران جي هاڪاري شاعر حافظ شيرازيءَ کي ”لسان الغيب“ ڪوٺيندا آهن. ايرانين ايڏو بلند رتبو پنهنجي ٻئي ڪنهن بہ شاعر کي ڪونہ ڏنو آهي. حافظ جو هڪ شعر آهي تہ:

خلل پذير بود هر بناڪ مي بيني
بجز بنائي محبت ڪہ خالي خلل است.

يعني هن جهان ۾ جيڪا بہ شيءِ ڏسين ٿو تنهن ۾ آخرڪار خلل پوي ٿو سواءِ محبت جي، جو اها خلل کان خالي آهي.

مسلمان جي گهر ۾ ٻار ڄمندو آهي، تہ سڀ کان اول سندس ڪن ۾ ٻانگ چوندا آهن. حميد ڄائو هو تہ ماڻٽن سندس ڪن ۾ ٻانگ ڏيڻ کان پوءِ، حافظ جو اهو شعر بہ پڙهيو هو جيڪو سڄي عمر کانئس ڪونہ وسريو آهي.

*

# حقيقت پسند ڪهاڻيڪار

## آغا سليم

حميد منهنجو همر عصر ليکڪ ۽ ذاتي دوست آهي. هن جي شخصيت منهنجي اڳيان ائين ڪليل آهي جيئن سندس ڪهاڻين جو هي ڪتاب. جنهن جو هڪ هڪ پنو هڪ هڪ سٽ ۽ هڪ هڪ اکر مان پڙهي سگهان ٿو. اهڙي ليکڪ جي لکڻين لاءِ لکڻ وڏو مسئلو هوندو آهي. جو لکڻ وارو يا ته ساڻس دوستي نڀائڻ لاءِ سندس اجائي تعريف ڪندو آهي يا وري رشڪ جو شڪار ٿي سندس قد گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ٻنهي حالتن ۾ ساڻس انصاف ٿي نه سگهندو آهي. ٻيو مسئلو هي هوندو آهي ته اهڙي ليکڪ جي باري ۾ لکڻ وارو هن جي لکڻين کي سندس شخصيت جي حوالي سان پڙهندو آهي، جڏهن ته لکڻين جي ليکڪ کان الڳ پنهنجي حيثيت ۽ شخصيت هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو 1968ع ۾ Roland Borthes نالي هڪڙي نقاد ليکڪ جي موت جو اعلان ڪيو ۽ هڪڙو مضمون لکيو جنهن جو عنوان ئي The Death of the Author هو. ان مضمون ۾ هن لکيو هو ته فنڪار ئي پنهنجي فن جي آخري تشريح سمجهيو ويندو آهي پر ائين نه آهي. فنڪار جي تخليق پاڻ ئي پنهنجي تشريح هوندي آهي. اها تشريح پڙهندڙ ڪندو آهي ۽ پڙهندڙ جو جنم ليکڪ جي موت سان ئي ممڪن آهي. بودليئر جي ڪنهن نظم کي هڪ ناڪام انسان جي ناڪاميان ۽ وان گوگ جي ڪنهن تصوير کي هن جي چرياڻپ جي حوالي سان اڃڻ گهرجي. مارڪس لاءِ به چيو ويندو آهي ته هو يوناني آرٽ جو وڏو مداح هو ۽ آرٽ جي relative autonomy جو قائل هو. ان ساري تمهيد جو مقصد اهو آهي ته مان پنهنجي پر ۾ ڪيتري به ڪٺي ڪوشش ڪيان پر ته به مان شايد حميد جي لکڻين سان انصاف ڪري نه سگهان.

حميد جي ڪهاڻين ۾ جنهن ڳالهه سڀ کان وڌيڪ منهنجو ڌيان ڇڪايو اها وقت جي بي رحميءَ جو غمناڪ ۽ ڏکوئيندڙ احساس آهي. هر شيءِ وقت جي لتڙ ۾ آهي ۽ پجنديءِ پرنديءِ ۽ جهرندي ٿي وڃي. ماڻهو مڪان،

ماڳ – ڪا شيءِ پنهنجي اصلي حالت ۾ نہ آهي. وقت جي اهڙي احساس جي ڪري سندس گهڻي ڀاڱي ڪهاڻيون حال کان ماضيءَ ڏانهن سفر ۾ فليش بيڪ ۾ آهن. ماضي حال کان وڌيڪ... آهي. "ڳوٺ ۾ نہ اهي گهٽيون آهن نہ اهي ماڳ مڪان، نہ اهي راڳ رنگ جا روپ، ڳتيل گهٽيون، چوڏاري جاين جو جوڙاءُ، لنگهہ بہ بازاريون، نہ اهي باغ بستان، نہ آهي مستيءَ جا پيمانا پياريندڙ پيرن فقيرن جون درگاهون."... "هي اجڙيل ديار چوڏاري مڙهہ ئي مڙهہ. نصير شاهہ بي وس. سندس خاندان رُليل" (تيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾). 'زماني جو دستور' ڪهاڻي جي تہ شروعات ئي قبرستان جي ذڪر سان ٿي ٿئي. "جڏهن بہ ڳوٺ ويجان تہ صبح جو پنڌ ڪندي وڃي قبرستان نڪران."

'ڪتاب جو بند باب' ۾ لکي ٿو تہ هڪڙو پوڙهو جهور ماڻهو هڪڙي جهرندڙ ڪمري ۾ ويٺو آهي. سندس نڙي ۾ ڪينسر آهي. ارد گرد جو ماحول سندس وانگر ئي وقت جي لتڙ سان جهريل آهي. سامهون ڀت تي هن جي جوانيءَ جي تصوير ٽنگيل آهي. "ڳل ڀريل، ٽويڊ جي ڪوٽ ۾ سنئي تاءِ، اڏڙوٽ... پڪي ارادي وارو بهادر ليڪڪ، بهادر استاد، هڪ مڪمل بهادر انسان. وقت ڇي مان بادشاهہ... پوڙهن جي پيشاني ۾ پيرا مون پسجن."

۾ هوءَ جيڪا، 'دردونديءَ جو ديس'... جي نازو آهي، ڪال گرل، تيز ڳاڙهي رنگ واري لپسٽڪ، پرون ٺهيل، آئي ليشز جيڪا مڙس سان تڙيءَ سان ٿي ڳالهائي ۽ انگريزي اکر ٿي استعمال ڪري، اها ماضيءَ جي لالان آهي. معصوم ۽ بي خبر. پنهنجو پاڻ کان، پنهنجن جذبن، احساسن کان ۽ زماني کان. ڳل تي چمي ٿي مليس تہ رئي سان اُکهي ٿي ڇڏي، چپن تي چمي ٿي مليس تہ پنهنجن احساسن کي سمجهي نٿي سگهي ۽ چئي ٿي، 'مون کي الائي ڇا ٿو ٿئي'. اهڙي معصوم ڇوڪريءَ کي وقت ڪال گرل بڻائي ٿو ڇڏي.. هوءَ روئي ٿي تہ سندس اجڙيل ويران پوني جهڙي وجود تي لڙڪن جو وسڪارو ٿو ٿئي ۽ جڻ تہ دردونديءَ جو ديس وسي ٿو پئي. هوءَ پنهنجي ماضي جي معصوم منظر کي replay ڪرڻ لاءِ انهن ساڳين هنڌن تان ٿي لنگهي جتان بہ نندپڻ ۾ لنگهي هوءَ گهر ويندي هئي. پوپون در ڏيڏي، ٽڪري وارو پيچرو ان کان پوءِ پراڻو پيچرو. هوءَ اسپتال جي گيٽ وٽ ٽيوب لائيٽس جي ورشنيءَ ۾ بيٺي آهي. اها ئي معصوم سنهڙي سيپڪڙي لالان. اتي هاڻ کي جهبوا ڇي ٿو وڃي.

'پل جو موهہ' جي ڦلان، وڪيل جي پراڻين فائيلن مان هڪ فائيل ۾ دفن آهي. "فائيل کي ڇنڊڻ سان دَزَ اڏاڻي، مون کي لڳو تہ هيءَ زماني جي دَزَ

آهي، جنهن ڪئي ڊنگ لتي ڇڏيا. هن ٿوريءَ دَرَ ۾ ٿي ڦلان دفن هئي جو هن جوڙِت ٿي ايترو هو."

'هي زهر ڪير پيئندو' جو استاد شفيع پينشن جي ڪاغذن جي پڇا ڪرڻ جي بهاني پوري وقت تي اسڪول ويندو آهي. سندس زندگي سندس ڪمري ۾ تنگيل 1936ع واري گهڙيال جهڙي آهي.

حميد جي ڪهاڻين جا ڪردار ۽ واقعا هٿ جا گهڙيل نہ هوندا آهن. ائين بہ ٿيندو آهي جو ڪي ڪردار زندگيءَ جي ڪنهن رويي، ڪنهن نظري ۽ ڪنهن سوچ جي تجسيم (personification) هوندا آهن ۽ انهن جي اوسر لاءِ ليکڪ ڪي خاص واقعا ۽ صورتحال گهڙيندو آهي، جن ۾ انهن ڪردارن جي اوسر ٿيندي آهي ۽ سندس اندر اجاگر ٿيندو آهي. پر حميد جا ڪردار زندگيءَ جا ڪردار آهن، جن جون ڪهاڻيون پڙهندي لڳي ٿو تہ عام زندگيءَ ۾ اسين انهن ڪردارن سان نہ ڪٿي ملي چڪا آهيون ۽ هنن جي زندگيءَ ۾ جيڪي واقعا پيش ايندا آهن اهي اسان جي اکيان رونما ٿيندا رهيا آهن. ڪهاڻين جي ڪردارن لاءِ چوندا آهن تہ ڪي ڪردار type هوندا آهن، جيئن 'دردوندي..' ڪهاڻيءَ ۾ لالان جو مڙس شمن جنهن سان اڄ بہ ڪنهن بہ سرڪاري بنگلي ۾ ملاقات ٿي سگهي ٿي. ڪهاڻي ٻڌائڻ وارو جڏهن ڪانئس لالان جو پڇي ٿو تہ هو جواب ٿو ڏي تہ "لالان اتي آهي، گهرايانس." ۽ پوءِ هو ٿورو مرڪي. ٿو. هن جي جواب، خاص ڪري سندس مرڪ سان هن جو سمورو ڪردار چٽجي ٿو وڃي، جيڪو هونئن شايد صفحا لکڻ سان بہ چٽجي نہ سگهي ها. ڪي ڪردار فليٽ هوندا آهن. اهي ڪردار ايڏا تہ سڌا سنوان هوندا آهن جو هنن جي باري ۾ پڙهندڙ اڳ ۾ ئي اندازو لڳائي سگهندو آهي تہ هو ڇا ڪندو، ڇا ڪري سگهندو ۽ ڇا ڪرڻ وارو آهي، جيئن، 'زماني جو دستور' جو ڪردار مامون شمن، جنهن مان اندازو ٿي ٿو وڃي تہ پنهنجن مائٽن سان، جيڪي وڏن ماڻهن جا پٽ آهن، سندس اٺڻ ويهڻ ڪهڙي نوع جو هوندو. ڪي وري round ڪردار هوندا آهن، منجهيل ۽ ڳتيل، جن جي شخصيت جا تهہ آهستي آهستي کلن ٿا. جيئن 'پل جو موهہ' جي ڦلان. وهي ڪاڏل، پنجاهہ ويجهو پهتل، ڪمزور نبل، ميرن لٽن ۾ ويڙهيل، فقيراڻي حال واري، هڪ بغچو هنج ۾، پراڻو ڳڳل گهيتلو پيرن ۾، پير مٽيءَ ۾ ڪِٺ، ماس ڪوريل، هڏاوان هٿ، منهن ڏوتل نہ ڏوتل، وار پنڊ. پراڻو ميرو رئو مٿي تي، جُتي گسڪ گسڪ ڪندي سڄي جهان کي ٻڌائيندي هلندي تہ ڦلان اچي وئي آهي. پيڙين جا سوٽا، ڳالهہ ڳالهہ تي اک پيچڻ. ماسي ڇئوس تہ مچرجي پوندي، 'ماڻهين ماسي،

پٺهين ماسي، مائي نـ ڪندو ڪر. اج بہ ڏنڊين ڏاند آهيان. ڪيئي پاڻي پري پري مري کپي ويا. ڪي پرڻ لاءِ اجا بہ آتا آهن.‘

”سهڻا صاحب، نظر هٽائي.“ ڳالهائڻ ڪريل پر دل ڏوتل. هٿ چراند جو شڪ پئيس تہ لتن سان ٺُڪ ڪڍي ڇڏي. وڪيل جي منشيءَ ڪيچل ڪيس تہ ٺڦون وهائي ڪڍائينس. ڪهاڻيءَ جي هيرو جي موهہ ۾ ونجي وئي. نيٺ ڪيس جوان ڏيءَ ڏيڪاري، دارون پياري، پهر مستيءَ ۾ ساڻس سمهي پل جو موهہ حاصل ڪيائين.

حميد جي ڪهاڻين جي ڪردارن مان جيڪو ڪردار پوري طرح اُڀري سامهون ٿي اچي: اُهو ڪهاڻي ٻڌائڻ واري جو ڪردار آهي. اهو ڪردار ڪڏهن مان تہ ڪڏهن ٽيون ماڻهو ٿي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو ۽ پڙهندڙن جي ذهن ۾ هن جو جيڪو ڪردار جڙي ٿو اهو هن ريت آهي: نرم ۽ رحمدل، ننڍيءَ ننڍيءَ ڳالهہ تي روئي ڏيڻ، جذبن جي غلبي ۾ ڏڪندڙ ’دردوندي..‘ ڪهاڻي جي لالي گهٽن سالن کان پوءِ ساڻس ملي ٿي تہ کيس ڏڪڻو سائين ٿي سڏي. ’تانداڻا تا تمڪن‘ ۾ سندس دوست عاشق ۽ هن جي گرل فرينڊ پاڪر ٽا پائين ۽ چميون ٽا ڏين تہ سندس سڄو بت ٿو ڏڪي ۽ پنڊ پهڻ ٿي بيهي ٿو رهي. گهريتڙو بار جنهن کي هر وقت بابي ۽ خاندان جو خيال ٿو رهي. رڳو خيالي عشق ڪندو، دردناڪ چنيون لکندو يا وري دريءَ جي اشارن وارو ديدار ڪندو آهي. Middle class morality وارا عاشق ائين ئي هوندا آهن. اخلاقي جرئت ايتري بہ ڪانہ جو بنگلي جي چوڪيدار کان لالان جي سڏي پڇا ڪري. ڪانئس اڻ سڏي طرح ٿو پڇا ڪري تہ، ’ماسي جنان سان بي ڪير هئي؟‘ ۽ کيس گهربل جواب ملي ٿو ’سائين لالان، سندس ڏيءَ.‘

’تانداڻا تا تمڪن‘ ڪهاڻيءَ ۾ سندس اخلاقي جرئت جو فقدان کيس ولئن ٻڌائي ٿو ڇڏي، ولئن بہ بديءَ جي قوتن وارو نہ پر ڊپ ۽ خوف جهڙو نبل ۽ سازشي. هو وڏي چالاڪيءَ سان پنهنجي دوست عاشق ۽ سندس گرل فرينڊ ۾ اختلاف پئدا ڪري پاڻ ان کي حاصل ٿو ڪري. ڪوڙي انسان پرستي، غريبن سان همدردي ڪري ۽ پنهنجي همدرديءَ مان مزو وٺي پنهنجي انا کي تسڪين ٿو ڏي، هن کي mother fixation آهي. هو جڏهن لالان جا چپ چمڻ جي ٿو ڪري جن تي ڪهاڻيءَ جي هيرو جي ماءُ جي لپ اسٽڪ لڳل آهي تہ سندس مدر فڪسيشن ڪراهت ۾ بدلجي ٿي وڃي. ان فڪسيشن جي ڪري هو ساري زندگي شادي نٿو ڪري. ڦلان جي جوان جماڻ ڏي شانان کان وڌيڪ هن لاءِ ڪانئس بيڻ تي وڏي عمر واري ڦلان جي

ياد آهي، ايئن لڳم تہ ڦلان ياڪر ۾ پري منيون پئي ڏئي. مان وري ڦلان جي موهہ ۾ پئجي ويس. هي پل جڻ ورهيہ هئا. شانان ڪوهہ پري هئي.“

ڪو زمانو هو جو ادب ۾ اميرن جي اَجاره داري هئي. اميرن جي زندگي جا ناول ۽ ڪهاڻيون لکيا ويندا هئا. ٽريجڊي ڊرامن جا هيروز تہ هوندا ئي بادشاهہ ۽ جرنيل هئا. جيڪي سماجي بلنديءَ تان پستيءَ ۾ ڪرندا هئا ۽ سندن زوال مان ٽريجڪ تاثر پيدا ڪيو ويندو هو. پر پوءِ آهستيءَ آهستيءَ عام ماڻهوءَ بہ ناولن، ڪهاڻين ۽ ٽريجڊي ڊرامن ۾ جاءِ والارڻ شروع ڪئي ۽ هيرو سان گڏ اينٽي هيرو جا ڪردار بہ پيش ٿيڻ لڳا. ادب جيڪڏهن زندگيءَ جو آئينيدار آهي تہ پوءِ زندگيءَ کي خوبصورت ۽ آدرشي بڻائي پيش ڪرڻ جي بدران جيئن جو تيئن ڇونہ پيش ڪيو وڃي. ٽريجڊي ڊرامي جيڪڏهن هن ڪائنات ۾ ماڻهوءَ جي مقام ۽ ڪردار، سندس عروج ۽ زوال، اهنجن، ايذائن جو عڪاس آهي تہ پوءِ بادشاهن ۽ جرنيلن جا ڊراما ڇو لکيا وڃن، عام ماڻهوءَ جا ڊراما ڇونہ لکيا وڃن؟ ايئن ادب ۾ ريئلزم جي تحريڪ شروع ٿي ۽ هڪڙي نقاد تہ حقيقت نگاريءَ جو نالو ئي slices of life رکيو.

حميد جون ڪهاڻيون بہ ادب ۾ حقيقت نگاريءَ واريءَ روايت جون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ اينٽي هيروز بہ آهن تہ اينٽي هيروئنز بہ. اهو زندگيءَ کي جيئن جو تيئن ڪرڻ جي ڪري ئي آهي جو سندس ڪهاڻين جا ڪردار اسان کي ڏنل وائنل ۽ جاتل سڃاتل ٿا لڳن ۽ ڪهاڻين جا واقعا بہ اڻ ڏنل ۽ اوپرا نٿا لڳن. شمن باغائي جي پيڻ ۽ سوٽ حويليءَ ۾ پرڻيل آهن. اهو انهن سان رڳو ڏيوڍي ۾ ملي ٿي سگهيو. ڏيوڍيءَ جي چائنٽ ٽپي نٿو سگهي. امير گهراڻي جا مائٽ ڇوڪرا ساڻس چرچا پوڳ ۽ چٽرون پيا ڪن، ڪرڪيٽ ۽ اتي ڏڪر راند ۾ پيا ڪيس ڊوڙائن ۽ هو انهن ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهہ پيو سهي ۽ ڪري.

’پل جو موهہ‘ جي ڦلان جي ننڍي هوندي جي شادي، پهريون مڙس گلو ڌاڙي ۾ ٻڌو تہ پوليس گولي هڻي پورو ڪيس. ٻئي مڙس کان رئيس طلاق ڏياري ساڻس شادي ڪئي. جوان زال کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪيمن جي بلي ٿيو جن کيس ڪشتا کارائي اڏرنگ ڏيئي ڇڏيو. مئو تہ ڦلان کي سندس ملڪيت مان حق نہ مليو. اهي واقعا روز پيا اسان جي اڳيان ٿين.

ريئلزم جي روايت ۾ لکيل حميد جي ڪهاڻين مان، ’هي زهر ڪير تہ پيئندو‘ بي رحم حقيقت نگاري واري ڪهاڻي آهي. استاد شفيع محمد ريٽائرڊ هيڊماستر ٽن جوان ڌيئن جو پيءُ، پٽ ڪريل، ڌيئن جا ڪپڙا ڦاٽل ۽ گهرجون

پٽيون جهريل. مٿي تي ڦندڻ واري ترڪي ٽوپي، هٿ ۾ منئي وارو لڪڻ. ڪيڏو نہ عزتدار ٿو لڳي. بازار مان لنگهي ٿو تہ سڀ ڪيس سلام ٿا ڪن. پر پوءِ وچ بازار ۾ بڪالي ۽ هندو بجاج ڪانئس اوڌر گهرڻ لاءِ ڦري ٿا اچن. هو سندن اوڌر ڪيئن لاهي. هي anti-people معاشرو ڪيس وفاداري ۽ عزت سان جيئڻ جو حق بہ نٿو ڏي. سندس پينشن جا ڪاغذ نٿا نهن، جو ڏيتي ليتي ڪان سواءِ هتي ڪنهن جو ڪم نہ ٿيندو آهي. اوستو غفور ڪيس ٻڌائي ٿو تہ سندس پٽ هيروئن وڪڻندو آهي. ويٽن جا وَڏ ڪائيندو هو اسڪول ۾ ٿو اچي تہ استاد ڪلاس ونڻ جي بدران ٻيڙيون پيا پيئن، شاگرد بہ دونهان پيا ڪڍن، هيڊماستر بہ آفيس ۾ ٻيڙي پيو ڇڪي. هي سڀ ڪجهہ هن لاءِ ناقابل برداشت آهي. ۽ هو پاڻ بہ ان ئئين صورتحال لاءِ ناقابل برداشت آهي. ساري صورتحال سندس خلاف ٿي وڃي ٿي. هو وساري ويٺو آهي تہ هو هاڻي ڪنهن ڪي علم جي عبادت گاهہ جي تقدس ڪي پامال ڪرڻ ڪان جهلڻ جي حيثيت ۾ نہ آهي. سندس ذلت جي انتها ان وقت ٿي ٿئي جڏهن سندس پٽ آبڪاري وارن ڪان ڇڳندي هيروئن جا بہ پڙا سندس ڪيسي ۾ ٿو وجهي ۽ پوءِ ڪيس نوٽن جومچو ٿو ملي. هو نوٽن جو مچو باهہ ۾ وجهي ٿو ۽ لفافي ۾ ٻيل هيروئن جون ساريون پڙيون پاڻيءَ جي جڳ ۾ ملائي پي ٿو ڇڏي. هي زهر نيٺ ڪنهن ڪي تہ پيئڻو هو جيڪو استاد شفيع پاڻ ئي پي ڇڏيو. زهر شو ديوتا بہ پيتو هو.هن سمنڊ ولوڙي امرت ۽ زهر ڪڍيو هو. امرت هن دنيا ڪي ڏنو ۽ زهر پاڻ پي ويو. زهر پيئڻ جي ڪري هن جي ساري ڳچي نيري ٿي وئي، ان ڪري نيل ڪنٺ يعني نيري ڳچي وارو سڏبو آهي. زهر جو رڳو هڪڙو ڦڙو سندس چپن مان ترڪي زمين تي ڪريو هو. دنيا ۾ هي ساري ڪاوڙ ڪروڌ نفرت ۽ حسد ان هڪڙي ڦڙي جي ڪري آهي. پر استاد شفيع جي زهر پيئڻ سان نہ سندس نياڻين جا انگ ٿا ڍڪجن، نہ سندس پٽ سڌري ٿو نہ سندس پينشن جا ڪاغذ ٿا نهن ۽ نہ هيروئن جو ڪاروبار بند ٿو ٿئي. ڇا هيءَ عام انسان جي ڪهاڻي، سماجي بلندين تان پستين ۾ ڪرندڙ ڪنهن بادشاهہ يا جرنيلن جي زوال ۽ سندس اذيتن ۽ ايذائن واري ٽريجڊي ڊرامي ڪان ڪنهن بہ طرح ڪو گهٽ ٽريجڊي ڊرامون ناهي.

ڪراچي

16 مارچ 2002ع

## حميد سنڌي: هڪ شارح طور

### هيرونڪر

حميد سنڌي هونئن ته سنڌي ادب ۾ هڪ مقبول ڪهاڻيڪار طور ڄاتل سڃاتل آهي ۽ سنڌس شمار موجوده دور جي پهرئين صف جي ڪهاڻي نويسن ۾ ٿئي ٿو. 'روح رهاڻ' جي حوالي سان ۽ تعليمي حلقي ۾ پنهنجن مثالي ڪاوشن سببن هن جي نالي کي هڪ ڪامياب ايڊيٽر ۽ بهترين تعليمي ماهر ۽ تعليمدان طور پڻ مڃتا حاصل آهي، پر 'آري اڇين شال....' ۽ سنڌس طرفان مُتب ڪيل 'سر ڪارايل' ۾ آيل سنڌس تحريرون، حميد سنڌي کي اسان اڳيان هڪ نئين روپ ۾ پيش ڪن ٿيون. انهن ۾ اسين هن کي شاهه ۽ سچل جي هڪ نئين نرالي شارح طور ڏسون ٿا.

شاهه، سچل ۽ سامي سنڌي ادب ۽ ثقافت جو هڪ اڻٽوٽ انگ آهن، جن تي سنڌيءَ جي اڪثر وڏن عالمن ۽ اديبن علمي، تحقيقي ۽ تشريحي مقالا لکيا آهن. حميد آهي ڪهاڻيڪار پر هن اسان جي سدا حيات شاعرن جي لافاني فڪر ۽ فهم مان ڪِن نقطن کي ڪڍي، انهن جي جنهن طرح شرح ۽ وضاحت ڪئي آهي، سا ڳالهه ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. هتي حميد اسان کي هڪ اوڙ رنگ ۾ نظر اچي ٿو.

علمي لکڻيون اڪثر تحقيقي فطرت جون ۽ خشڪ ٿينديون آهن، پر حميد جهڙي ڪهاڻيڪار ۽ فنڪار طرفان اهڙين ڪاوشن ۾ هٿ وجهڻ سان اُنهن کي جيڪي تخليقي ۽ فنڪارانه سمتون مليون آهن، تن سان اُنَ صنف جو رنگ ئي نيارو ٿي پيو آهي.

'آري اڇين شال' ۾ شامل حميد جا سچل سائينءَ تي اهي مقالا تاثراتي ۽ تحقيقي لِکڻيءَ جو هِڪ انوکو ميلُ آهن. هِتي حميد سچل سائينءَ جي شعر کي نوان زاويه ڏيندو اُن کي نئين نُڪته نظر سان پيش ڪندو نظر اچي ٿو. سنڌس انوکي اسلوب اِن ڪاوش کي منڍيءَ تي تِڪ جهڙو زيب بخشي ٿي.

حميد جون اِهي تاثراتي، تحقيقي لکڻيون، قديم جي، جديد حوالن

سان تشريح آهن. انسان هر زماني ۾ ۽ هر ماڳ مقام تي پنهنجي سونهن ۽ سُڳنڌ برقرار رکندو اچي، سو اسان جي پراڻن شاعرن جي سونهن ۽ سُڳنڌ اڄ بہ ڪيئن برقرار آهي، اِهو اسان کي حميد جي انهن تشريحي لکڻين ذريعي محسوس ٿئي ٿو. هو جڏهن سچل جي ڪا سٽ کڻي، اُن تي پنهنجا تاثرات ڏئي ٿو تہ اِئين پيو لڳي تہ جڻ ڪالھ شام وارو اُلهيل سِج، اڄُ جي پِرھ جون باکون ڦُٽي وري روشن ٿي پيو آهي.

سنڌ جي هر باشعور اديب جو اُنس سنڌ سان جُڙيل آهي. پر حميد جو سنڌ سان پيچ ڪجھ وڌيڪ ئي پختو آهي. سندس تاثرات پڙهي ائين پيو لڳي گويا صدين کان سفر ڪري ٿڪجي آيل سنڌ جو ماضي، اُن جي گوندر، گهاريندڙ حال سان ياڪر پائي اچي گڏيو آهي ۽ ٻيئي جڻ تہ ور ور هِڪ ٻئي سان گلي لڳي، اُن مهان ڌرتيءَ جي عظمت ۽ اُن جي موجوده حالت جون هِڪ ٻئي سان اورون پيا اورين...

*

## حميد سنڌي: روح رهاڻ

رشيد ڀٽي

سياسي دانشورن جي سياسي ادب ۽ ترقي پسند اديبن جي تخليقي ادب جو سنڌ جي ذهن ۾ ٿوري عرصي ۾ انقلاب، سجاڳي ۽ ساڃهه آندي، تنهنجو مثال دنيا جي ادب جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. ان ساري عمل ۾ 'روح رهاڻ' جو ڪردار نيارو، نمايان ۽ نه مٽجندڙ آهي. ترقي پسند اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جي ڀرپور اظهار جو وسيلو رڳو 'روح رهاڻ' ٿي وڃي بچيو هيو. مارشلا سبب انساني بنيادي حق (جنهن ۾ تقرير ۽ تحرير جي آزادي به آهي) معطل ڪيا ويا هيا. بدنام پريس ۽ پبليڪيشن آرڊيننس سبب (تخليق) پريس ۾ پر ڪتيل پکي ٿي پئي هئي، ان ڪري 'مهراڻ' تماهي، 'نئين زندگي' ۽ ترقي پسندن جون حمايتي روزانيون اخبارون پوءِ احتياط ۽ پابندين هيٺ اچي ويون. 'ادا' ۽ 'تقاضا' نڪرڻ بند ٿي چڪا هيا. ان گهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ هڪ سر ڦرئي نوجوان چئن يارن سان گڏجي حيدرآباد ۾ زندگي پبليڪيشن جو بنياد رکيو ۽ ان جي سهاري هيٺ ماهوار ادبي رسالي 'روح رهاڻ' جو 1960ع ۾ اجراءَ ڪيو. اهو سر ڦريو جوشيلو جوان هيو حميد سنڌي، اڄ جو سنڌيءَ جو مشهور ۽ نامور ڪهاڻيڪار ۽ سندس ساٿ ڏيڻ وارا هيا غياث جوڻيجو جمال رند، ناصر مورائي، قاضي اشفاق ۽ خواجه سليم، جن ڏکيا سکيا ڏينهن ڪٽي، پيٽ تي پٿيون ٻڌي، هن ترقي پسند ادبي رسالي کي مثالي انداز ۽ نموني هلايو. سندن اخلاقي ۽ ڪي قدر مالي معاون هئي. مرحوم بيگم زينت عبدالله چنا. سٺ ئي هيءَ رسالو سنڌ جي ترقي پسند ۽ وطن دوست اديبن جو اڪيلو ۽ بي باڪ ترجمان ٿي پيو. رسالو نه رڳو سنڌي ادب ۾ نمايان ۽ اهم موڙ جي علامت ٿي پيو پر پنهنجي جاءِ تي هڪ ادارو ۽ تحريڪ ٿي پيو. ترقي پسند تحريڪ ۽ روح رهاڻ هڪ شيءِ جا ٻه نالا هيا. هي رسالو اپريل مهيني ۾ شروع ٿيو. جلد ئي هر سال ان مهيني (اپريل) ۾ حيدرآباد ۾ رسالي جو ساليانو 'جشن روح رهاڻ' ملهائجڻ لڳو. هي جشن سنڌ ۾ قومي

ميلي جي حيثيت وني ويو. سچي سنڌ جا ترقي پسند ۽ وطن دوست انقلابي اديب، شاعر ۽ دانشور حيدرآباد اچي ميڙ ڪندا هيا. شاگرد ۽ وچولو طبقو بارين ٻچين جشن ۾ ائين اچي شريڪ ٿيندو هيو جڻ تہ ڪو الاهي فرض بجا آڻيندا هجن. صبح چانهہ ۽ رات مانيءَ جي وقفي (جن جو بہ پنڊال يا ميڙي جي جڳهہ تي بندوبست هوندو هيو) صبح جو باڪ ڦٽي تائين هلندو هيو. مقالن، تقريرن، ڪهاڻيءَ جي نشستن کان سواءِ، هن جشن جا دلچسپ ۽ روح پرور ۽ ايمان پختو ڪندڙ پروگرام هوندا هيا. مشاعرو ۽ راڳ رنگ جي محفل، شاعري ترقي پسند لاڙن، وطن دوست انقلابي هلچل ۽ قوم پرستيءَ جي خيالن ۽ جذبن سان ايترو تہ سرشار هوندي هئي جو مشاعري جو هال ۽ پوءِ حيدرآباد جي شهر ۽ ساري سنڌ ۾ ان جي گونج ٻڌبي هئي. انهن مشاعرن ۽ جشن ۾ 'جيئي سنڌ' ۽ 'سنڌ جو آواز- شيخ اياز' جا نعرا اٿيا ۽ پڪڙيا، راڳ ۾ اڪثر نوي سيڪڙو جديد شاعرن جو قومي جهدوجهد جي موضوع وارو شعر ڳايو ويندو هيو. ان ۾ ڌُنن تيار ڪرڻ ۾ حيدرآباد جي ميوزيڪل ڪلب جي ماهرن عباسي برادران (نصر الله ۽ عنايت الله) جون خدمتون ۽ ڪاوشون نہ وسارڻ جوڳيون آهن. قومي ڪلام جي ڳائڻ ۾ مادام زرينہ بلوچ جنهن جوش ۽ جذبي جو مظاهرو ڪندي هئي، تنهن کيس اُن وقت سنڌ جو اُم ڪلثوم جو لقب ڏئي ڇڏيو هيو. جديد ۽ قومي شاعري جي ڳائڻ جي شروعات بہ ان جشن روح رهاڻ کان ئي ٿي. فقير عبدالغفور ۽ علڻ فقير بہ قومي جديد شاعري ڳائڻ ۾ حصو ورتو. ان روح رهاڻ ۽ سندس ساليانن جشنن ئي سنڌ جي قومي سگهہ شاگرد ۽ پڙهيل ڳڙهيل وچولي طبقي کي تعليم ۽ تربيت ڏئي قوم پرست وطن دوست انقلابي تنظيم لاءِ همٿايو ۽ اٿاري هڪ تحريڪ ۽ هلچل بڻائي ڇڏيو.

⁂

## سيني جو يار ۽ سيني جو همدرد

### پروانو ڀٽي

سال 1956ع جي ڳالهہ آهي. هڪ نوجوان ادبي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن افسانو يا خاڪو پڙهڻ لاءِ ڪٽي ايندو هو. نماڻو ۽ سلڇڻي سڀاءُ وارو هي نوجوان ڪچهري ۾ ويٺل دوستن جو هميشہ پيارو رهيو. اتفاق سان اگر ڪنهن رهاڻ ۾ نہ ايندو هو تہ مولانا غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويو، مولانا محمد عثمان ڏيپلائي جهڙا بزرگ اديب بہ کيس ياد ڪندا هئا. اهو نوجوان سنڌي افساني ۾ مسلسل تجربا ڪندو اڳتي وڌندو رهيو ۽ اڄ سنڌي افسانہ نگارن ۾ سندس نالو سرفهرست آهي ۽ اهو آهي ڪالهہ جو نوجوان اديب ۽ اڄ جو دانشور، تعليمي ماهر، يارن جو يار، سيني جو هڏ ڏوکي ۽ همدرد محترم حميد سنڌي، جنهن جي وڌيڪ تعارف لاءِ آءٌ ڪهڙا لفظ لکي سگهان ٿو. حميد سنڌي اڄ اسان جي اديبن ۾ انهيءَ معيار تي بيٺو آهي، جتي رَسڻ لاءِ هر شخص کي ڏاڍي محنت ڪرڻي پوي ٿي.

1950ع کان 1970ع تائين جڏهن جمال ابڙو، سائين داد سولنگي، ڪروڙ پتي، علي احمد بروهي، اياز قادري، شيخ اياز ع. ق شيخ، غلام رباني آگرو، ممتاز مرزا، مراد علي مرزا، غلام نبي مغل، ثميره ذرين، زينت عبدالله چنہ، رشيده حجاب، ماهتاب محبوب، عبدالغفور انصاري، حفيظ شيخ، رشيد ڀٽي، نسيم کرل، نجم عباسي، شوڪت شورو، علي بابا ۽ ٻين افسانہ نگارن جو نالو سنڌي ادب جي شاگردن لاءِ وڏي اهميت رکندو هو تڏهن انهيءَ دور ۾ حميد سنڌي بہ سنڌي افساني جو چمڪندڙ نالو هو.

حميد سنڌي کي سنڌي زبان جي خدمت ڪرڻ جو جنون آهي، سنڌي ادب جي ڦهلاءُ لاءِ، سنڌي ٻولي جي واڌاري ۽ ويجهہ واسطي، سنڌي ثقافت کي نمايان ڪرڻ، سنڌ ۾ ادبي سرگرمين کي تيز ۽ منظم ڪرڻ، هر تقريب ۾ حاضر رهڻ، پنهنجي هڙان ۽ وڙان خرچ ڪري سنڌي رسالا ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ، 'روح رهاڻ' جهڙي رسالي کي تحريڪ جي صورت ۾ پيش ڪرڻ ۾

حميد سنڌي جو ڪردار نہ وسارڻ جھڙو آهي. مون کي اهو فخر حاصل آهي تہ 1956ع کان وٺي اڄ تائين اسين گڏ رهيا آهيون. هر محفل ۽ هر تقريب ۾ گھڻو ڪري اسان ٻنهي جي موجودگي ضروري سمجھي ويندي آهي.

حميد- يار جو يار آهي.

حميد- سيني دوستن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيندڙ هڪ اهڙو قرب دار انسان آهي، جو ڪڏهن تہ پنهنجي ذاتي زندگي جي اهم پروگرامن کي بہ ملتوي ڪري ڇڏيندو آهي.

بهرحال- اڄ جي هن ڪشمڪش واري دور ۾ حميد سنڌي موجوده وقت ۾ سنڌ اندر هڪ اهڙو روشن چراغ آهي، جنهن جي لاٽ سان سنڌ جا ادبي ۽ تعليمي ادارا، درسگاهون ۽ ادبي محفلون روشن آهن.

❊

# خوشبوءِ ٻَڻجي موتجانءِ

لڇمڻ ڪومل

اڄ ڪان اٺ ڏهه سال اڳ جو ذڪر آهي.

سياري جي هڪ سرهاڻ ڀريل صبح جو مان سنڌ مان شايع ٿيندڙ رسالي 'روح رهاڻ' جا سڀ پڙهيل پرچا سهيڙي رهيو هوس، جو فون جي گهنٽي وڳي. ڪنهن ڳري آواز ۾ چيو:

'سائين لڇمڻ ڪومل آهي؟'

'اجا تہ آهي ۽ توهان سان ڳالهائي رهيو آهي.'

'شل سدائين هجين- مان حميد سنڌي ڳالهائي رهيو آهيان.'

'ڪهڙو حميد سنڌي؟ روح رهاڻ جو ايڊيٽر حميد سنڌي يا سنڌيءَ جو معروف ڪهاڻي نويس حميد سنڌي؟'

'يار، مان اهو ئي Two-in-one حميد سنڌي آهيان.'

۽ فون تي ئي هڪ نئين روح رهاڻ شروع ٿي ويئي. يارن، دلبرن، پريتوانن، محبوبن ۽ معشوقن جا پيار ڀريا پيغام. ڪن جي خوشين ۽ خوشحالين جا من کي آٿت ڏيندڙ احوال تہ ڪن جي وڇوڙن ۽ دکن جا دل ڏاريندڙ داستان.

'ڪونج' جو ايڊيٽر هري موٽواڻي وڏو ادبي دهشت گرد ۽ دادا گير آهي. دهليءَ ۾ رٿيل سنڌي اڪادميءَ جي سيمينار ۾ ڪن ڪلاڪن لاءِ مليو آهي ۽ ڇهبوڪ جهلي مون تي حڪم صادر ڪيو اٿائين تہ ڪنڌ پاسيرو ويهي حميد سنڌيءَ تي هڪ يا وڌ ۾ وڌ ٻہ صفحا لکي ڏي. پرچو سڄو تيار آهي. تنهنجو صفحو ٻہ وچ ۾ چنبڙائيندس. ۽ مان هن جي نادر شاهي حڪم جي تعميل ڪندي، يادگيري جي ڳَڙکيءَ مان ليئا پائي، پنهنجي دلبر دوست حميد سنڌي تي هي سٽون رهڙي رهيو آهيان.

ها، سو مون ڳالهہ پئي ڪئي 'ٽو- ان- ون' حميد سنڌيءَ جي. حميد چيو 'اڄ شام جو اوبيراءِ انٽر ڪانٽينٽل ۾ سارڪ ملڪن جي يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جي گڏجاڻي آهي. 'مون کي اتي ملجانءِ'. چيومانس: 'حميد،

اتفاق سان انهيءَ ئي جڳهہ تي، انهيءَ ئي وقت مون کي بہ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ اچڻو آهي. تون مون کي ستين وڳي اوبيراءِ جي لابيءَ ۾ ملجانءِ،‘

هوٽل جي هال مان هڪ هجوم ٻاهر نڪتو. هڪ سهڻو ناهوڪو قداور ۽ خوش پوش شخص هجوم ۾ پنهنجي جدا شخصيت ۽ سجاٽپ سان چيتي واريءَ چال ۽ ڦڙتيءَ سان وڌي رهيو هئو. مون نہ نالو نہ ڏس، نہ پتو نہ پار پڇيو ۽ سيني صفن کي سلام ڪري، هڪ ئي اسم ’حميد‘ پڪاري هن جي پاڪر ۾ پرجي ويس. اوبيراءِ کان ٻاهر نڪري سڌو گهر جو رخ ڪيوسين.

ان شام حميد منهنجي ميڪدي ۾ هئو. گوپيءَ سان سنڌي رسم موجب پاڪر پائي مليو. ٻارن کي مٿي تي هٿ رکي آسيسون ڪيائين. پنهنجن ٿهڪن ۽ وٽندڙ ڳالهين سان منهنجي گهر جي هر پاتيءَ جا چهرا ٻهڪائي سندن منهن سرها ڪري ڇڏيائين.

چيومانس، يار حميد پنهنجين موهيندڙ ڳالهين سان سيني مٿان نشا تہ چاڙهي ڇڏيئہ. هاڻي اسان جي نشي جو بہ ڪجهہ سوچ. دنيا جي ڪهڙيءَ بہ وسڪيءَ يا وائين جو نالو کڻ. پل ۾ گلاسن ۾ اوتجي ويندو. حميد نالو ڪٽي ان کان اڳ ئي ان برئنڊ جي بوتل ۽ گلاسن تي منهنجيءَ سگهڙ گهر واريءَ جو هٿ پهچي چڪو هو.

۽ پوءِ هئاسين حميد، مان ۽ وهسڪي ۽ رات دير تائين اسان جي روح رهاڻ. مون ڏٺو تہ حميد سنڌي ’تو- ان- ون‘ نہ پر سچ پچ ’ٿري- ان- ون‘ آهي.

سنڌ مان ايندڙ اسانجا اڪثر دوست بمبئيءَ ۾ هري موتواڻي ۽ دهليءَ ۾ مون کي زنده يا مرده ڳولهي لهندا آهن. هري کين گهڻو ڪري ڪنهن بار ۾ وٺي ويندو آهي ۽ مان هنن لاءِ پنهنجي ذاتي بار کولي ڇڏيندو آهيان. انهن دوستن ۾ گهڻوتڻو دلبر ۽ قربدار هوندا آهن. پر ڪڏهن بدقسمتيءَ سان ڪن اهڙن سان بہ واسطو پيو آهي، جن جي حالت ڏسي مٿن انوريءَ جي هيءَ رباعي صادق ٿئي ٿي:

هر بلائہ ڪ از آسمان مي آيد
گرچ بردیگران قضا باشد،
بر زمين نارسيده سي پُرسد،
خانہ انوري ڪجا باشد.

حالانڪ مون سان اهڙي واردات ورلي ئي آهي، پر ٿي ضرور آهي. ان بابت وڌيڪ بيان نہ ڪجي تہ بهتر.

بهرحال، منهنجو دوست حميد مون لاءِ ۽ منهنجي گهر جي ٻاتين لاءِ هڪ شام جي ڪچهريءَ ۾ ٿي شام اوڏ جهڙي سونهن ۽ سُرهاڻ ڪٺي آيو.

مون ٽوپيءَ مان خرگوش ڪيندو ڪيترن ئي جادوگرن کي ڏٺو آهي، پر ڪنهن بہ جادوگر کي خرگوش مان ٽوپي ڪيندي نہ ڏٺي آهي ۽ حميد سنڌيءَ جي هڪ شام جي جادوگريءَ ۾ مون ۽ منهنجي گهر جي ٻاتين هن کي خرگوش مان الائي ڪهڙن ڪهڙن رنگن جون ٽوپيون ڪيندي ڏٺو. اهي رنگ اڄ بہ منهنجي گهر جي درن ديوارين تي چمڪي رهيا آهن ۽ مان سوچيندو آهيان.

يار حميد، اسان تہ هٽي هٽي حسن جو هي انداز هٿ ڪيو. ٽوڪي تہ هي حسن گهر ويٺي ويٺي ملي ويو آهي.

حميد، تنهنجي ادب تي تہ لکندڙن جي هڪ وڏي لائن آهي. مان تنهنجي ادب تي ڇا لکندس؟ ڪڏهن ڪجهہ لکي سگهڻ جي سگهہ ساري سگهيس تہ رڳو امر جليل جهڙي راڪاس تي ئي لکندس. تو جهڙي اشراف اديب تي ڪجهہ بہ لکڻ جي مون وٽ جريت ۽ جسارت ڪٿي؟

ٻئي صبح جو مان حميد کي ايئرپورٽ تي ڇڏڻ وڃي رهيو آهيان. منهنجو ڊرائيور اقبال شايد اڃا تائين راتوڪي خمار ۾ آهي. هو دهلي- جئپور هاءِ وي تي پوريءَ رفتار سان گاڏي ڊوڙائي رهيو آهي. ايئرپورٽ ڪيئي ڪلوميٽر پوئتي رهجي ويو آهي. اوچتو اسين ٻالهين مان سجاڳ ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاريون ٿا.

’اقبال ڪيڏانهن هلي رهيو آهين؟‘ اقبال اوچتو بريڪ ڏيئي گاڏي پوئتي موٽائي ٿو. ايئرپورٽ تي پهچي حميد ڊوڙڻ ٿو لڳي. الائي هن اُن جهاز کي جهليو يا نہ- يا شايد ٻئي جهاز جي انتظار ۾ ايئرپورٽ تي ئي ويٺو رهيو.

۽ مان ٻاهر ٻيٺو سوچي رهيو آهيان: اقبال گاڏي پوئتي ڇو موٽائي؟ حميد ۽ مان هلندا هلون هان- هلندا هلون هان- جتي حد بيحد جي ڪا سرحد نہ هجي ها.

*

# حميد سنڌي: هڪ سچو فنڪار

## مراد علي مرزا

سنڌي افسانوي ادب ۾ حميد سنڌيءَ کي اهم حيثيت ان ڪري به حاصل آهي ڇاڪاڻ ته هو پنهنجن سهيوڳي ساٿين ۾ اڪيلو ليکڪ آهي جيڪو لاڳيتو پنهنجي پسند جي ادبي صنف افساني ۾ پنهنجن تخليقن جي ذريعي واڌارو ڪندو رهي ٿو. هن وقت تائين هن جي افسانن جا پنج مجموعا ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪن مجموعن کي ته ٻيهر ڇپايو ويو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي پڙهندڙ طبقي ۾ هن جي افسانن کي ڪيتري نه مقبوليت حاصل آهي. ان مقبوليت جا ڪيترائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. پر اصل سبب ان جو اهو آهي ته حميد سنڌي جي افسانن جو ماحول اوپرو ڪونهي، هن جا ڪردار جاتل سڃاتل آهن، هن جا بيان ڪيل واقعا جُڙتو ڪونهن ۽ هن جو اسلوب يا طرز تحرير وروڪڙ واري ۽ منجهيل ڪونهي. هو سولي، سادي ۽ چالو ٻوليءَ ۾ واقعا بيان ڪري ٿو ڪردارن جي پڙهندڙن سان سڃاڻپ ڪرائي ٿو ۽ ماحول جي وڏي هنرمنديءَ ۽ ڪاريگريءَ سان چٽسالي ڪري ٿو. اهو ماحول وچولي سنڌ جو آهي ۽ اهي ڪردار اتي جا چڱا مڙس سيڻيون، پورهيت، دڪاندار، پرايو مال تڳائيندڙ عام مرد، عورتون ۽ ٻار آهن. انهن افسانن ۾ ڇيرن جا ڇمڪا، گهنگهرن جا آواز ۽ هرڻين جا چال ڏسجن ٿا. انهن ۾ ڪنهن ڪنهن وقت اتي جا وڻ ۽ ٻوٽا به پڙهندڙن سان ڳالهيون ڪندا ڏسجن ٿا. وچولي سنڌ جي عام ماڻهن جي اُٿڻي ويهڻي، ڏيتي ليتي، ڏکن سکن ۽ ريتن رسمن کي حميد سنڌي پنهنجن افسانن جي تاڃي پيٽي ۾ اهڙي ته هنرمنديءَ سان اُڻيو آهي جو انهن جي اصليت کي ڦيرائڻ ممڪن ئي نه ٿي سگهندو. ترجمي جي صورت ۾ به انهن جي سنڌيت قائم ۽ دائم رهندي. اصل ۾ حميد سنڌي هڪ سوچيندڙ ذهن جو مالڪ آهي ۽ ان جو ڪمال اهو آهي ته اهڙو سوچيندڙ ذهن حيرت جهڙن واقعن ۽ حادثن کي

پنهنجي اندر ۾ پوريءَ طرح سان جذب ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ ضرورت وقت انهن جو ڏاڍي فنڪاريءَ سان ورجاءُ ڪندو آهي. اهو حيرتن کي وڃائي نہ ڇڏيندو چاڪاڻ تہ حيرتن جو وڃائجي وڃڻ زندگيءَ جو هڪ ڏاڍو ولوڙيندڙ حادثو هوندو آهي. حيرتن کي رڳو هڪ سچو فن ئي بيهر جياري سگهي ٿو. حميد سنڌي هڪ سچو فنڪار آهي، هن وٽ سچو فن آهي، هن پنهنجي ماحول، وچولي سنڌ جي واقعن، ڪردارن ۽ ماحول جي حيرتن کي گم ٿي وڃڻ کان بچائي ورتو آهي ۽ پنهنجن افسانن ۾ انهن کي بيهر زندهہ ڪيو آهي.

*

# حميد ڪاريگر ڪهاڻيڪار

علي احمد بروهي

حميد سنڌي ڪهاڻيءَ جو استاد ڪاريگر آهي، خاص طور ڪهاڻيءَ جي گهڙائيءَ ۽ جڙائيءَ جو. خيال جي اُڏام ۽ اکرن جي اُٽت ٻه پنهنجي ڏانوَ جي اٿس. ڪهاڻين جا پلاٽ ٻه سيئي سهڻا ۽ سيبتا. الائجي سونجهڙن جيان ڪٿان ٿو ڳولي ڪڍي. هونئن ٻه 'ناسا نوس' جي مڙو ئي پراڻي عادتڙي اٿس. اڪثر چمڙا پوش ڪري نڪرندو آهي، هن ٻهاني ته 'وچان ٿو واءُ سواءُ لهڻ' ـ جڻ ته حميد سنڌي نه هيو پر اوڏيءَ مهل هو 'خليفو هارون الرشيد' هيو.

پلاٽ جو خاڪو ذهن ۾ آيس ته پوءِ پڪ ڄاڻو ته ڪهاڻي اجهو آئي ڪ آئي. آڪاڻيءَ جي الله توهار ٻه اوچتي ۾ اُمالڪ ڪندو. بجاءِ ان جي، جو قصي جي شروعات ڊيرج ۽ پيار سان ڪري يا واقعي متعلق مهل، موقعي يا ماحول جي پچار ڪري ـ جڻن اڳ عام دستور هوندو هيو ته "هڪ هيو بادشاهه ۽ بادشاهه پاڻ الله هيو پر هو زماني جو بادشاهه هيو" وغيره. بلڪل نه. هي همراهه سڌو سنواٽو وڃيو هر ڳالهه جي ڳاٽي تي ڪڙڪي، جڻ ڪالهوڪيءَ ڳالهه جي ڪڙي آهي، جا رات ڪُٺڻ ڪري اڌوري رهجي ويل هئي. اهو "ڳالهه ۾ ڳالهه" وارو داستان گوئيءَ جو انوکو طريقو اصل ۾ ايجاد ته ڪيو هو "الف ليلا" واري "شهرزاد" ۽ هاڻوڪي رنگ جو حميد سنڌيءَ.

ڪهاڻيءَ جي اڏاوت ٻه ڪچي ۽ ڪڪائين. اوڏڪي اسٽائيل. نه چٽسالي نه ڪمانگري. سادي سليمي. ڪچو مال نه پسگردائيءَ وارو. پنجو گارو پنجر ۽ ٽوٽا، سڀ ديسي. ولائتي مال نه وني، نه وڪٽي، نه ڪتب آٽي. پر عمارت جي اوساري ڏسڻ جهڙي، سراپا سادگي ۽ سونهن، جهڙي مومل جي ماڙي. سنڌس فن تعمير جي ڄاڻ شاهجهان بادشاهه کي هجي ها ته هوند تاج محل جي تڪساد اڏڻ بجاءِ حميد سنڌيءَ کي سڏي راڻيءَ جي ڪهاڻي لکرائي ها. جي حميد تاج محل جهڙو ممتاز محل نه ٻه اڏي ها، ته ٻه لافاني يادگار ضرور ڪڙو ڪري ها.

مون عمر ۾ ڪهاڻيو ٻڌيون ۽ پڙهيون. پر بادشاهن ۽ راڻين جون، پرين ۽ پريزادن جون، جن جو تصور توڙي تاثر طراوت ڏيندڙ هيو. پر حميد وٽ الٽي گنگا وهندڙ هئي. سڀ ڳالهيون هيون سچن سکڻن ۽ پينگين جون، بک ڏک ۽ بيوسيءَ جون، ويڇوڙن ۽ ورلاپن جون، ڇورن ٻارن ۽ ڇرين مائين جون. ڪهاڻيون پڙهي، پوءِ رت جا ڳوڙها ڳاڙيندو وت. ڳالهه تي يا جٺ. ان ڪان ته ماڻهو سنئون سنواڌو امامن جي پڙ ۾ وڃي ڪو پتڪو ڪري ته چڱو. گهٽ ۾ گهٽ امامن جي ياد جو ثواب ته ملندو. هن وانگر هنياءَ تي مونجهه ته نه تيندي مان ”بابا منهنجو چوزو“ پڙهي، اُپاڻڪو تي پيس. پورو ڏينهن ويڳاڻو رهيس-توڻي جو منهنجو نه چوزو هيو ۽ نه ڪڪڙ!

حميد جي ڪهاڻين پڙهندي هڪ قسم جي عجيب احساس جو ٻه علم ٿئي ٿو جو تاثر اڪثر هر ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ پيدا ٿئي ٿو. اهو آهي رکي رکي دل ۾ مني سور جي تات جو اُيرڻ. اهڙي ردعمل واري ڪيفيت صاف ڏيکاري ٿي ته ڪهاڻين ۾ درد جو ضرور ڪو مرچ مصالحو سمايل آهي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته ليکڪ جي دل تي ڪا ڪاپاري چوٽ آيل آهي. ٿي سگهي ٿو ته اها ضرب ڪنهن نڌيڙ جي صدمي سبب رسيل هجيس. شايد اهوئي سبب آهي جو ”ياد، ٻاجهه ۽ خدا ترسي“ حميد جو ٽريڊ مارڪ آهي، جو نپو هر ڪهاڻيءَ مٿان لڳل ٿو ڏسجي. دراصل زندگيءَ جي روز مرهه واري ٽرئجڊي به اها ئي آهي، جنهن جا خاڪا حميد سنڌيءَ پيش ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. ”ڇوري ڇڏ مَ ڇيرين“، ”پاڙي ناهه پروڙ“، ”جت جر وهي ٿو جال“- اِهي سڀ انساني احساس واري ڀرپور وهڪري جا واهه ۽ واهڙ آهن. ڪهاڻين پڙهندي ڪڏهن ڪڏهن ته ائين ٿو معلوم ٿئي ته ڄڻ ليکڪ زندگيءَ جي ٻاٻرن ڊينگهرن تي ڪري، زخمي ٿي، تڙڦي رهيو هيو.

هڪ انگريزي ڪتاب ۾ ڪامياب ڪهاڻيءَ جون ڪجهه ڪسوٽيون بيان ٿيل پڙهيم، جي هن طور آهن: الف- انساني ڪردار جي اوچتي جهلڪ، جا وساريان نه وسري. ب- دنيا جو اُهو لقاءُ جنهن جو ڏيکاءُ ٻين جي اکين وسيلي حاصل ٿئي ٿ- سچ جو ڪو ترورو يا اولڙو. ث- وقت جي وهڪري جي جهٽ گهڙيءَ لاءِ بندش. ان لحاظ کان هن ڪتابڙي جو ڪاٿو وڏن ڪتابن ۾ ٿئي ٿو ڇو ته بنيادي ڳالهه آهي فڪر جي اهڙي اونهائي ۽ گهرائي، جنهن جو احساس هڪ اکر، جملي يا صفحي ۾ ادا ٿي سگهي جو هونئن عام رواجي طور پوري ڪتاب ۾ به اظهار ڪري نه سگهجي.

شخصي طور منهنجي ليکڪ سان چڱي خاصي شناسائي آهي. اها به

ان زماني کان، جڏهن ليکڪ اجا لسوٽ هيو ۽ عام سنڌي محاوري مطابق ”چوزو“ هيو. هي دور سنڌ جي انهن نالي چڙهيل اديبن جي ناموس وارو هيو جن جا نالا اڄ بہ پرو چانڊئي جيان هاڻ بہ ڳائجن ٿا ۽ هر محفل ۽ موقعي تي ورجائجن ٿا. پر سندن دڪان ڪڏهو ڪو بند ۽ ڪاروبار ڏيوالي ۾ وڃي چڪو آهي. معلوم ائين ٿو ٿئي تہ جڻ وٽن پنهنجو نہ هيو ست ۽ نہ ڪپهہ، مورڳو ڏنڊو ئي ڪيل هيو اوڌر جي موڙيءَ تي. هاڻ بهانو اهو ٿا ڪن تہ سندن ”آنٽ“ نہ ٿي کلي. جو عجيب آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو ڪهڙي قسم جو ليکڪ آهي جو پنهنجي اندر جي آڳ ٻاٻڻ کان ئي نابري واري، خير هينئر ڳالهہ هئي حميد جي پر اسين وڃي پياسون ٻين جي گلا غيبت جي مامري! پرائي پچار جي عادت جو آهي!

سو سائين، حميد سنڌي اڄ بہ لکي پيو ۽ سندس آنٽ ٽپيل آهي، وٽس ڪوبہ بهانو نہ آهي.

مون کي هميشہ ائين ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ سندس شخصيت جي جسم ۾ بہ اسم سمايل هئا. جي جاڙا ڇاول ۽ ٻيلهہ رهندي بہ هڪٻئي کان الڳ ۽ نرالا هئا. ٻنهي شخصيتن وچ ۾ زمين آسمان جو فرق هيو. انهن ۾ هڪ فارمل قسم جو سوٽيل بوٽيل معزز ماڻهو هيو جنهن جي مڇن جي ڪٽ ائڪٽرن واري ۽ وڏين اکين کان ڏاهپ ٿي ٽپڪي. ڏاهو بہ اهو ڪانءُ، جو اڃا هڪ ٽنگو بہ ڦاٿو نہ هيو. هي محترم هيو جناب عبدالحميد ميمڻ، پرنسيپال پبلڪ اسڪول حيدرآباد. ٻيو همراهہ هيو حميد سنڌي. اڙي اهو اسان وارو حميد مولائي ۽ ملنگ ماڻهو. يارويچ ۽ سرويچ. منهنجي خيال ۾تہ ولڻ وارو ڪردار حميد سنڌيءَ جي ڪنهن جوت جو عڪس هجي، تہ بہ شڪ نہ آهي. عجب هي آهي جو سيٽ ۽ سنڌي هڪ ئي فلئٽ ۾ گذارو ڪيئن ٿا ڪن. شايد ڪين ڪا تہ لاچاري هوندي. ڪا منزل جي مجبوري! جيئن چور ۽ چاڪي هڪ ئي دٻي ۾ سوار ٿي سفر ڪندا هجن. پر اها ”نباهہ“ ڪرڻ واري شاباس ڪنهن کي ڏيون_ عبدالحميد ميمڻ کي، يا حميد سنڌيءَ کي؟ منهنجي خيال ۾ ’جس‘ ٻنهي کي آهي، اڃا بہ عبدالحميد کي رتي پر سرس آهي، ڇاڪاڻ جو حميد سنڌي تہ آهي ئي گولا جي گولن جا تن جو بہ غلام. نہ ڪري انڪار ۽ نہ تڪرار هميشہ حڪم تنهنجو. اهڙي حال ۾ اها شابس استاد عبدالحميد لهڻي.

٭

# حميد: اڻتڪ انسان

## قمر شهباز

جهڙيءَ ريت ادب جي مڪمل طور نهڪي ايندڙ تعريف ڪرڻ اوکو ڪم آهي. بلڪل ساڳئي طرح شاعريءَ توڙي افساني جون حدون مقرر ڪرڻ ممڪن ناهي. هرڪو پنهنجي سمجهه، ڄاڻ ۽ تجربي جي آڌار تي ويجهي ۾ ويجهي راءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر اهڙي راءِ جا هر طرح اطمينان جوڳي هجي، سا اڃان تائين قائم ٿي نه سگهي آهي ۽ شايد ڪڏهن ٿي به نه سگهي. اها پڻ حقيقت آهي ته ناول، ڊگهي مختصر ڪهاڻي، ڪهاڻي ۽ مختصر مختصر ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ تفاوت جو تعين ڪرڻ به ڏکي ڳالهه آهي. اهو فيصلو ڪير ڪندو ته ناول تفاوت جو تعين ڪرڻ به ڏکي ڳالهه آهي. اهو فيصلو ڪير ڪندو ته ناول ناوليٽ جي درميان سنڌو ڪٿي ڪڍجي؟ ڪٿي پهرئين جي حد پوري ٿي ۽ ڪٿان ٻئي جي حد شروع ٿي؟ اهڙيءَ طرح افسانو يا ڪهاڻي (Short Story) ڊيگهه ۽ جوڙجڪ جي حوالي سان، ڪردارن ۽ واقعن جي لحاظ کان، ناول ۽ ڊگهي مختصر ڪهاڻيءَ کان ڪنهن نه ڪنهن ريت مختلف ضرور هئڻ گهرجي، پر ڪٿي ڪيئنءَ ۽ ڪهڙي انداز ۾، سا ڳالهه اڃان تائين پوريءَ ريت طئه ٿي نه سگهي آهي. فن جي ڪنهن به شاخ ۾ مهربند حد بنديون ڪرڻ ممڪن ئي ناهي. ان ڪري جو تخليقي ذهن ڪلا جي خاڪي ۾ اهي رنگ ڀري ٿو، جيڪي ڪنهن خاص وقت ڪن خاص حالتن ۾ ڪيس ڀلا ٿا لڳن. ائين ڪٿي چئجي ته فنڪار پنهنجي اندر ۾ سانديل سوچ جو چڱئي پر اظهار ڪرڻ لاءِ ماهرن توڙي نقادن جي مقرر ڪيل خيالي سرحدن جو محتاج ناهي. سرحدون هُو پاڻ جوڙي ٿو. ان عمل ۾ جيڪڏهن ڪيس ڪو ليڪو لتاڙڻو به پوي ٿو ته هُو بنان جهل پل ائين ڪري گذري ٿو. پوءِ اها توهان جي مرضي آهي ته ان تخليق کي ڪهڙي خاني ۾ ٿا وجهو. ٿلهي ليکي ناول جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻيءَ منجهه خيال جي يڪسوئي هئڻ گهرجي. هڪ کان وڌيڪ گڏوگڏ هلندڙ خاڪا نه هئڻ گهرجن

پلاٽ ڪردارن توڙي بناوت ۾ ڪفايت کان ڪم ونجي. ڪنهن بہ سنيءَ ڪهاڻيءَ لاءِ ضروري آهي تہ اها ڪنهن مقرر وقت ۽ جڳهہ کان شروع ٿي، ٻئي مقرر وقت ۽ جڳهہ تي ختم ٿئي. اهي مقرر وقت ۽ جڳهون جيترا مختصر هوندا، ڪهاڻي اوترو وڌيڪ موثر ٿيندي اهو بہ ياد رکڻ کپي تہ ڪهاڻيءَ جو مواد اوترو اهم ناهي جيتري ان جي جوڙجڪ (treatment) اهم آهي. ڪيترين ئي سٺي پلاٽ وارين ڪهاڻين ڪمزور جوڙجڪ سبب بي اثر ٿيو پون، ۽ ان جي ابتڙ ڪيترين ئي ڪمزور پلاٽ وارين ڪهاڻين ليکڪ جي مهارت سبب امر ٿيو وڃن. هونءَ بہ دنيا ۾ ڪهاڻين جا پلاٽ (مرڪز خيال) نهايت ئي محدود آهن. غور سان ڏٺو وڃي تہ ساڳين ئي ڪهاڻين ٿوري گهڻي ردوبدل سان بار بار دهرايل نظر ايندين. سمجهو ليکڪ انهن ڪهاڻين جي اٿت ۾ يا ڪردارن جي رَوَين ۾ نواڻ پئدا ڪري، ڪين دلچسپ بنائڻ جا جتن ڪندا آهن. مثلا منفي ڪردارن ۾ روايتي طور سڀ برايون بيان ڪرڻ بجاءِ منجهن ڪجهہ خوبيون شامل ڪرڻ. ڪين مزاحيہ بنائڻ يا حالتن جي جار ۾ وڪوڙي سندن رويي کي ناڪاري بنائڻ وغيره. اهڙيءَ طرح هاڪاري ڪردارن کي پڻ ٿورو گهڻو بدلائي سدلائي، ڪين خوبين جو پندار ڀڏائڻ بجاءِ منجهن ڪي خاميون تلاش ڪرڻ. طرز بيان کي مختلف ٽيڪنيڪن ذريعي وڌيڪ دلچسپ بنائي تجسس پئدا ڪرڻ پڻ اڄڪلهہ جي ڪهاڻي نويسن ۾ عام آهي. بس ايترو سو خيال رکيو وڃي ٿو تہ ڪهاڻيءَ جي شروعات توڙي پڄاڻي هڪ عام پڙهندڙ جو ذهن آسانيءَ سان قبول ڪري سگهي. ڪهاڻيءَ جو پلاٽ، ڪردار ڪردارن جا پاڻ ۾ رتيل ناتا، ماحول توڙي مرڪزي فلسفو انهن مان ڪوبہ هڪ، ايڪائيءَ ۽ ممڪنات (probability) جي ليڪي کي لتاڙي ٻاهر نہ نڪري وڃي. هڪ سٺي ڪهاڻي اجائي وڌاءَ، غير ضروري چٽسالي ۽ غير فطري مڪالمن کان پاڪ هئڻ گهرجي. ڪوشش ڪجي تہ ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌايل واقعن جو دورانيو مختصر کان مختصر ترين عرصي جو هجي، پر جي اهو ممڪن ناهي، ۽ ڪهاڻي ڪيترن ئي ڏهاڪن يا پيڙهين تي ٻڌل آهي، تہ پوءِ ان عرصي کي مجائڻ لاءِ ماحول پڻ اهڙو پئدا ڪرڻ ضروري آهي، جنهن ۾ پڙهندڙ جو ذهن هڪ مرحلي کان ٻئي تائين پهچڻ ۾ غير ضروري جهٽڪو محسوس نہ ڪري شايد هيٺ ڏنل خاڪو منهنجي مقصد کي وڌيڪ چٽيءَ طرح بيان ڪري سگهي،

هاڻي جيڪڏهن AB واري لائين کي ڪهاڻيءَ جي ڪنهن خاص ڪردار جي زندگيءَ جو ڪل عرصو سمجهي ۽ CD واريءَ ليڪ کي ان ڪردار جي زندگيءَ ۾ پيدا ٿيل مشڪلات (crisis) وارو عرصو ڄاڻجي، ته پوءِ EF واري لڪير، جيڪا ڪهاڻيءَ جو دورانيو آهي، سا ڪنهن به حال ۾ AB توڙي CD کان وڌي هئڻ نه گهرجي. ڪردار جي حياتي به وڏي تي سگهي ٿي ۽ سندس آزمائش وارو عرصو به ڊگهو ٿي سگهي ٿو پر ڪهاڻيءَ جي دورانئي ۾ ٻنهي کي سمائي پورو ڪرڻو آهي. EF واري عرصي ۾ ڪردارن جو تعارف به ڪرائڻو آهي، سندن اختلاف اندروني توڙي ظاهري ويڙهاند به ڏيکارڻي آهي ۽ مناسب پڄاڻي به ڪرڻي آهي. موافق ۽ مخالف ڪردار هر ڪهاڻيءَ ۾ موجود هجن ٿا. جي ائين ناهي ته پوءِ هڪ ئي ڪردار کي اهي ٻئي جذبا نڀائڻا پون ٿا. بهرحال، اهو ليکڪ جي ذهانت تي منحصر آهي ته هُو ”ڪشمڪش“ کي گهرو ۽ دلچسپ بنائڻ لاءِ ڪهڙا گهاٽ ٿو گهڙي ۽ ڪهڙا حيلا بهانا ڪري انهن مونجهارن مان پنهنجن ڪردارن کي پار ٿو اڪاري. ڪامياب ڪهاڻيڪار اهڙي ڪا به لکا پورڻ نه ڏيندو جيڪا سندس اڻ تڻ تي چغلي هڻي.

مختصر ڪهاڻيءَ جي فن کي پڙهندڙن پهريون ڀيرو 19 صديءَ ۾ سنجيدگي سان قبول ڪيو.

ان فن کي مقبول ڪرڻ ۾ ٽي مکيه ليکڪ اڳرا هئا. امريڪي ايلن ايجگر پو (1849_1809) فرينچ گاءِ ڊي موپاسا (1893_1850) ۽ روسي اينٽن چيخوف (1904_1960) هنن ليکڪن اها طرز تحرير جوڙي جيڪا مختصر ڪهاڻيءَ جي قريب تر هئي ۽ جنهن کي چلي صاف ڪري خود هنن ئي افساني جي جديد صورت جي ابتدا ڪئي. ڳُٺيل جوڙجڪ، موڊ جي يڪسانيت، هلڪن اشارن ۽ ننڍڙن جملن ۾ تفصيل کي محدود ڪرڻ ۽ لفظن توڙي واقعن ۾ ڪفايت کان ڪم وٺڻ، اهي چند گڻ هئا، جن کي ڪتب آڻي. هنن ناول جي موضوعن کي افساني جو رنگ ڏنو. اڳتي هلي، پوءِ ايندڙ افسانا نگارن معمولي واقعن ۽ جذبن کي سامهون رکندي، ڪردارن جي زندگيءَ مان هڪ ڏينهن، هڪ مهينو يا هڪ سال اوڊر وني، سندن ڪنهن ڪنڌائتي گوشي کي نظر ۾ رکندي، ڪنهن هڪ نقطي تي روشني وجهي، ان کي افساني جو روپ ڏنو. شروعاتي افساني جا موجد بنيادي طور ناول نگار

ئي هئا، پر پوءِ ايندڙ ليکڪ افساني لکڻ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سبب گهڻي ڀاڱي نئينءَ صنف تي ئي ڀاڙڻ لڳا. بهرحال افسانو چاڪاڻ تہ ناول جي ئي پئداوار آهي، ان ڪري شروعاتي توڙي پوءِ ايندڙ افسانا نگار ناول جي جادوءَ کان ٻاهر نڪري نہ سگهيا. جديد افساني جا ليکڪ پڻ گهڻي ڀاڱي ناول نگار ئي آهن. اڄڪلهہ جي ڪاروباري دور ۾، جڏهن پرڏيهي ليکڪ کي صفحن يا سٽن جي حساب سان معاوضو ملي ٿو تڏهن تفريحي ادب تعميري ادب تي ڇائنبو پيو وڃي ۽ گهڻو لکي، گهڻو ڪمائڻ جي حرص ۾ سستا جاسوسي، رومانوي ۽ مزاحيہ ناول مارڪيٽ ۾ سٽيا پيا آهن. ان هوندي بہ خالص علمي ۽ ادبي مزاج رکندڙ ليکڪ معيار کي ناڻي تي ترجيح ڏئي سٺا افسانا ۽ معقول ناول لکي رهيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ افساني جي ڄمار سَو کن سال مس ٿيندي. ان مان پهريان پنجاه سال تجرباتي دور جا هئا. جنهن ۾ سڌيون سيون آکاڻيون واقعا ۽ نصيحت ڀريا ٽوٽڪا لکيا ويا. ها، ڪي چڱا افسانا پڻ پڙهڻ لاءِ ملن ٿا، پر اهي پڻ لسا ۽ نوڙها تفصيل ٿا لڳن. منجهن ٽيڪنيڪي نواڻ جي ڪمي شدت سان محسوس ٿي ٿئي. ورهاڱي کان ڪجهہ سال اڳ، ترقي پسند ادب ۽ خاص طور روسي اديبن جي گهڻ رخي اثر سبب سنڌي نثر توڙي نظم ۾ اوچتي نواڻ اچي وئي. اسان جيئن تہ هن وقت فقط افساني جو ذڪر ڪري رهيا آهيون، ان ڪري ٻين ڳالهين کي پاسيرو رکندي، ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ نئين افساني جو روح گهر پهچي چڪو هو. ورهاڱي کانپوءِ چند سال افراتفريءَ جو شڪار ٿي ويا، پر لڏ پلاڻ جي ڏک ۽ قتل ۽ غارت جي المئي سموري، سنڌي ادب کي عام طور ۽ سنڌي افساني کي خاص طور ٻالڪپڻي مان ڪڍي بلوغت جي ڏاڪي تي آڻي بيهاريو. مٿان جو شروع ٿيو سنڌ واسين سان سياسي ۽ سماجي ڏاڍ ڏمر، تنهن ني رهيل ڪسر بہ پوري ڪري ڇڏي. ڪراچيءَ جو سنڌ کان ڌار ٿيڻ، سنڌي ٻوليءَ کي مناسب رتبو نہ ملڻ، ون يونٽ جو نهڻ ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا اڻ وڻندڙ واقعا نهہ پهہ هڪ ٻئي پويان اهڙيءَ طرح رونما ٿيندا رهيا جو سنڌي عوام، خاص طور تي سنڌي اديب سراپا احتجاج بڻجي اڀريو. هيءَ اهو دور هو جڏهن حيدرآباد مان حميد سنڌيءَ ماهوار "روح رهاڻ" ۽ طارق اشرف ماهوار "سهڻي" جاري ڪيو. رسالا ڇا هئا، ڄڻ سنڌين جي سيني ۾ صدين

ڪان سانڊيل ڪوڪ هئي جا زمان ۽ مڪان جا بند ٽوڙي سانتيڪين صحرائن ۾ هر طرف گونجي اٿي. ضمير جو آواز هو آزاديءَ جي پڪار هئي، ڏاڍ خلاف للڪار هئي. سموري ساڃهه، سمورو درد، سموري بغاوت، سمورو فرياد پلٽجي پيو. سندن لکڻين ۾ مزاحمت، نفرت، حسرت، ڪروڌ، ڪاوڙ، سرڪشي، غيرت، غصو ۽ خودداريءَ جا جذبا اوچتو ئي اوڇري اٿيا. برپٽ بيابانن ۾ دبيل آگ هئي، جا ڀڙڪي ملندي ئي ڀنيٽ ڪري پڙڪي پئي هئي. دردوند دلين ۾ ڏسندي ئي ڏسندي اياز، تنوير، رشيد، امر، پليجو سراج، آغا سليم، قادر، مانڪ، شوڪت، علي بابا، مغل، جمال، حميد، طارق ۽ سوين ٻيا ادب جي ميدان ۾ پلٽجي پيا. روح رهاڻ ۽ سهڻي صرف رسالا نه رهيا، سڄاڳيءَ جي تحريڪ جي علامت بنجي پيا. اها شاعري ئي، جيڪا اڄ به وار ڪانداري ٿي وڃي. اهي افسانا لکيا ويا، جي اڄ به دنيا جي عظيم افسانن جي صف ۾ بيهاري سگهجن ٿا. عجيب دور هو. جا راند سياستدان ٽيبل تي هارائي آيا هئا، اها ساڳي راند چند سرڦرين سوداين ڪاغذ تي ڇپيل چند تحريرن سان جيتي ورتي.

اسان جو يار حميد سنڌي ان ويڙهاند ۾ سڀ کان اڳرو سڀ کان اڇهل سڀ کان اٿل رهيو. بيوروڪريٽ پيءُ جو پٽ، ناز انداز سان پليل. سهڻو موچارو. نئين جواني. گهر ۾ نوڪرن چاڪرن جو ٽولو خدمت لاءِ ڪڏهن ڪک ڪٽي ٻيڻو نه ڪيو هئائين، اهو قومي ڪارج خاطر، اجيو ۽ بکيو در در ڪڙيون گسائيندو وتي. ڪڏهن پريس ته ڪڏهن مارڪيٽ، قلم هٿ ۾، لکندو به وتي، هلندو به وتي، ڪڏهن جهيڙو ٻين سان ته ڪڏهن پنهنجي پاڻ سان ڪڏهن جلسا، ڪڏهن جلوس ڪڏهن سيمينار ته ڪڏهن جشن روح رهاڻ. مطلب ته ڪڏهن ورچي نه ويٺو. قلم اهو ئي هٿ ۾. افساني مٿان افسانو. سنڌ جو روح ڳولي لڌائين. دل جو سمورو درد ڪاغذ تي اوتي ڇڏيائين. اهو دور به ڪو دور هو. لکڻ وارا ٽڪجي پون. پڙهڻ وارا پوءِ به پيا واجهائين. قدم قدم تي جاڻ جون ڏياٽيون جلي اٿيون. ماڻهو ماڻهو سڄاڳيءَ جو اهڃاڻ بنجي پيو. سنڌ جاڳي اٿي، جهنڊا جُهولي پيا. جيل ڀرجي ويا. گوليون ساٽيون ٿي ويون، حڪمران حيران ته اگهور ننڊ ۾ ستل هئي قوم آخر ڪيئنءَ ڇرڪ ڀري چال ڏئي، حقن حاصل ڪرڻ لاءِ اٿي کڙي ٿي آهي؟

حميد جا افسانا انهن ڏينهن جي پئداوار آهن، جڏهن مزاحمتي ادب جي تواريخ لکي پئي وئي. سندس ڪهاڻين ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو ۽ سنڌوءَ جو ڇوهه هو. اجرڪ جو ڦلڙيون ۽ ٽوپيءَ جون ٽڪڙيون هيون. ڪاشيءَ جو چلغو

۽ جنديءَ جا اندلني رنگ هئا. عام ماڻهو هئا. عام ماڻهن جون محبتون ۽ نفرتون هيون، عزتون ۽ غيرتون هيون. جيت هئي، هار هئي خوبصورتي ۽ بدصورتي هئي. جيڪي اڪثين ڏنائين تي، بي حد سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان، امانت سمجهي، ڪهاڻين جي روپ ۾ عوام کي موٽائي ڏنائين ٿي. هيءُ عجيب شخص هر محاذ تي ور ور ڪري ائين ٿي وڙهيو جڻ ڏهيسر جا ڏه سِر ۽ هوشوءَ جون بارنهن بانهون هڪ ئي وقت سندس سرير جو حصو بنجي ويون هجن.

ڪنهن چيو هو تہ دنيا ۾ پلاٽن جي کوٽ آهي؟ ڪنهن چيو هو تہ موضوع محدود آهن؟ حميد جي قلم ايترين ڪهاڻيون جوڙيون جو حدن جو حساب ئي نہ رهيو. ڌرتيءَ جا ڏک پاند ۾ پائي، ننڍڙن ننڍڙن معصوم ۽ اڻ ڇهيل، ابهم واقعن کي پنهنجي حساس ذات جو ڇهاءُ ڏئي، هن ڪرشماتي طور سوين ڳوڙهن ۽ منيون ڪهاڻيون گهڙي ورتيون. آمريت جي اونداهي دور ۾ علامتي ڪردار ڳالهائيندا هئا ۽ وياڪل، اجايل، اجهاميل انسان منجهن پنهنجي پاڇو ڏسي تڙپي. اٿندا هئا. هونءَ تہ حميد جي ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ روايتي آهي. سڌو سنئون من جي ماجرا ٻڌائيندو هلندو. ذري پرزي جو تفصيلو ڏيندو هلندو. نہ لڪ لڪاءُ، نہ ڇپ ڇپاءُ. نہ ٽيڪنڪ جو سهارو نہ پڙهندڙ کي آخر ۾ اوچتو ڇرڪائڻ لاءِ پراسرار آخري جملي جو انتظار جيڪي ٿيڻو آهي، سو ڪهاڻيءَ جو منتقي نتيجو ئي آهي. اٽت، گهڙت، چنڊ ڦوڪ، چلڪائڻ ۽ چمڪائڻ ڪوڙن جو ڪم. ڪهاڻي هڪ مَنِي، نهر سان، ڳنڀيرتا سان، سنجيدگيءَ سان ۽ سپ کان وڏي ڳالهہ تہ سچائي سان پنهنجي پڄاڻي ڏانهن پنهنجو پاڻ هاڪاريندي هلي، اهو ئي حميد جو ڪمال آهي. نہ اکر جي جادوگري، نہ لفظن جي بازيگري، پڙهندڙ سان ڪُئي ٻليءَ واري راند، نہ ٽوپلي مان سيهڙ ڪڍڻ واري نظربندي.

حالتن روح رهاڻ توڙي سهٽيءَ کي بند ٿيندي ڏٺو. سنڌي ادب جا ٻہ سرموڙ رسالا، جن سنڌي قوم کي ساهس ڏنو اتساهہ ڏنو اتهاس ڏنو پنهنجو قومي فرض نڀائي چڪا هئا. سنڌي ادب ڪانئن پوءِ ٻہ اٽڪل ٻہ ڏهاڪن سندن سحر مان نڪري نہ سگهيو. نئين ٿهي انهن ئي قدمن جي نشانن تي پير پير مٿان رکي پاڻ ملهائيندي ۽ مڃائيندي رهي، جيڪي انهن پنتي ڇڏيا هئا. سنڌي افسانو ڏيهہ پرڏيهہ ۾ مان پرائڻ لڳو هو. ڌاريون ٻوليون مثال ڏيڻ لڳيون هيون سنڌي ڪهاڻيءَ جا جيڪا ڌرتيءَ جي درد مان ڦٽي نڪتي هئي ۽ جنهن جي ساهن ۾ محروميءَ

جو هڳاءُ هو ۽ جنهن جي مرڪ پويان آهوتيءَ ۽ قربانيءَ جا لڙڪ لڪل هئا ۽ جنهن جي سونهن سوريءَ تي لٽڪيل انهن سوڍن جي محتاج هئي، جن سچ جي سورج کي ترِيءَ تي ڪٽي ڏيکاريو ۽ جيڪي ظالم کي ظالم چوندي نہ هٻڪيا ۽ جن مورڙئي جي سُنت نباهيندي مڇَ تي ٻجَ ڪئي هئي.

حميد هڪ ذهين انسان هئڻ سان گڏوگڏ هڪ سٺو منتظم پڻ آهي. هُو پنهنجي قابليت، محنت ۽ لياقت سبب وڏن عهدن تي رسيو. ڪاليجن جو ڊائريڪٽر، يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ۽ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمين هئڻ سان گڏ هو مختلف ادبي، سماجي ۽ علمي تنظيمن ۾ پڻ عزت وارن عهدن تي فائز رهيو. بي حد مشغول هوندي بہ هو هڪ لمحي لاءِ بہ پنهنجي ادبي فرض کان غافل نہ رهيو. پاڻ ڪٽي ڇا بہ چوي، منهنجي راءِ ۾ هن جو پهريون ۽ آخري عشق سنڌي ادب ئي آهي. هو لکندو رهيو. بي خوف، بي پرواهہ، بي ڊپو. هُو اڄ بہ لکي رهيو آهي. ادبي اڄ اجهائڻ خاطر هن هڪ دفعو ٻيهر روح رهاڻ کي بزم روح رهاڻ جي نالي ۾ جيئاريو آهي. سندس گهر هڪ دفعو وري علم ۽ ادب جو محراب بنجي پيو آهي، جتي هر هفتي سنڌي ادبي تواريخ جا سيئي همعصر اهم جوڙا گڏجي ماضيءَ جي عظمت کي موٽائڻ جا جتن ڪندا آهن. شايد هڪ دفعو ٻيهر ساڳئي شخص هٿان سنڌي ادب جو نئون جنم ٿئي، نئون جنون جاڳي نئين جوالا ڦاٽي، نئون نوجوان ڪر موڙي اٿي کڙو ٿئي. ۽ اهو سڀ ڪجهہ ساڀيان ڪرڻ لاءِ منهنجو سهڻو سڀاجهو سمجهو ۽ سياڻو دوست، حميد سنڌي، جيڪا جنگ لڙي رهيو آهي، ڪهاڻين جو هي مجموعو ان سلسلي جي اڪيچار ڪاوشن مان صرف هڪ نئين ڪڙي آهي، آخري نہ.

❊

# حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار

ناصر مورائي

سنڌي ٻوليءَ جي افسانوي ادب ۾ حميد سنڌي هڪ مٿاهون مقام رکي ٿو. هن 1957ع کان لکڻ شروع ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ان کان به اڳ لکڻ شروع ڪيو هجيس، پر اشاعت هيٺ 1957ع کان آيو آهي ۽ هن وقت تائين لکندو رهيو آهي. ڪهاڻين لکڻ ۾ سندس اظهار جي طرز (Style) لڳ ڀڳ ساڳي آهي، اها سندس خاص خوبي آهي. ائين ڪٿي چئجي ته ڪهاڻيءَ جي سري تي سندس نالو ڇپيل نه هجي، پر ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ سڃاڻي وٺبي ته ڪهاڻي حميد سنڌيءَ جي آهي. اها خوبي ڪن ٿورن ليکڪن ۾ هوندي آهي. دنيا جا وڏا ڪهاڻيڪار پنهنجن موضوعن، ڪردارن ۽ اسلوب بيان مان سڃاتا ويندا آهن ۽ ان طرح هو منفرد هوندا آهن.

حميد سنڌي اسان جي سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ منفرد ڪهاڻيڪار آهي. هن جيئن ته ننڍپڻ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ گذاريو آهي ۽ اتي تعليم به حاصل ڪئي آهي ته سندس شعور ۾ انهن شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۽ اتي رهندڙ ماڻهن جون يادگيريون آباد آهن. سندس ٻالجتيءَ جي انهن مشاهدن ئي کيس هڪ ڪهاڻيڪار بنائي ورتو آهي. حميد جو مطالعو وسيع آهي، پر سندس لکڻين تي ڪنهن به ڏيهي توڙي پرڏيهي اديب جي ڇاپ نه آهي. سندس موضوع ۽ ڪردار سنڌ جا عام موضوع ۽ ڪردار آهن ۽ ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ سادو سلوڻو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي. سندس ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي پڙهندڙ کي ڇرڪ پرائي وجهي ٿي. حميد ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪنهن به تصوراتي دنيا جو سهارو نٿو وٺي. سندس ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ موضوع کان وٺي ڪردار نگاريءَ تائين، منظر نامي کان وٺندي مڪالمن تائين، سنڌي ماڻهن جي زندگي جهلڪندي آهي. اها حقيقت پسندي سندس ڪهاڻيءَ جو خاصو آهي.

مان ان ڳالهہ جو اکين ڏٺو شاهد آهيان تہ حميد تي ڪهاڻي لکڻ جو موڊ تڏهن طاري ٿيندو آهي، جڏهن سندس آسپاس ۾ رهندڙ ماڻهو ڪيس پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪندا آهن يا جڏهن ڪيس ڪهاڻي لکڻ لاءِ چيو ويندو آهي تہ هو پنهنجن يادگيرين ۾ گم ٿي ويندو آهي. حميد جو مشاهدو تيز ۽ گهرو آهي ۽ سندس دل ڪومل ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب لاءِ پيار سان سرشار آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس هر ڪهاڻي سنڌي ماڻهوءَ جي مزاج جو اولڙو آهي. سندس سمورين ڪهاڻين جا ڪردار جيئرا جاڳندا هجن ٿا ۽ سنڌ جي هر شهر، ڳوٺ ۽ واهڻ ۾ وسندا هجن ٿا. اهي ڪردار مون وانگر سندس ڪهاڻي جي هر پڙهندڙ جا واقف هجن ٿا. حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار سڀ سنڌي هجن ٿا ۽ سندس آسپاس ۾ رهندڙ آهن ۽ سندس ڪهاڻين جو موضوع آهن. اهي سمورا ڪردار مان سڃاڻان ٿو. مان 'ڇُڪ' جي سيٺ محمد هاشم ۽ محمد بچل، 'منوءَ جي ڪهاڻي' جي منوءَ، 'ڪچان تان ڪوڪُ ٿئي' جي موسي، 'چور ڪير، ساڌ ڪير' جي حاجي شاهہ محمد، سيٺ هاشم ۽ 'زور آور' جي سرڪاري ڪاموري، ان جي پٽ ۽ مامي کي سڃاڻان، جيڪو امڙ کي چوي ٿو: 'ادي، پر ڏاڍي زور آور آهين' ۽ ان سرڪاري ڪاموري جي پٽ (جيڪو هن وقت بہ سرڪاري ڪامورو آهي) جي ان پٽ کي بہ سڃاڻان جيڪو پيءُ کي چئي ٿو ڏئي: 'بابا، ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو هن زماني ۾ ڪٿيل آلترڊ ڪپڙا؟ ڏاڍا زور آور آهيو!'

حميد سنڌي جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جو ماضي ۽ حال جهلڪي ٿو.

❊

# ادبي هيرو_ ادبي ولين

## ماهتاب محبوب

جڏهن مون ”سنڌي ادبي انڊسٽري“ ۾ نئون نئون قدم رکيو هو تڏهن هن جو غائباڻو تعارف اهڙي تہ زهريلي طرح سان ذهن نشين ڪرايو ويو هئم، جو غير ارادي طور ڪيس ادبي ولين سمجهي ويٺس. ويتر جو منهنجي ڪهاڻي هڪ رسالي جي ٻانهن ٻيلي هئڻ جي حيثيت ۾ سٽن جون سٽون ڪاٽي ۽ پروف جي زبردست چڪن سميت شايع ڪيائين تہ بدگماني جون پيڙهون وڏيڪ پختيون ٿي ويون. پر اهي ڪيڏيون بہ پختيون هجن، بند ڪيڏا بہ مضبوط هجن، ڪڏهن ڪڏهن سمر ۽ دريا جي زور ڪري ان ۾ ڏار پئجي ويندا آهن. اهي ڀُري بہ ويندا آهن.

مون کي بہ ڏيان ۾ ئي نہ هو تہ ڪو هن لاءِ دل ۾ عزت احترام ۽ خلوص جا جذبا پيدا ٿي پوندم.

پيڪن جو گهر ڇڏڻ بعد خبر پيم تہ هن جا منهنجي ساهري گهر سان دوستاڻا ناتا آهن. ان ڪري محبوب جي بہ ساڻس دعا سلام هوندي هئي. گهر ۾ دعوتون هجن يا ٻيا ڪي فنڪشن، محبوب ۽ هو انهيءَ جو انتظام پنهنجي سر ڪلڻ ۾ سدائين اڳيرا هوندا هئا.

محبوب جي ٽرانسفر ٿيڻ ڪري اسين تہ پوءِ جلد ئي حيدرآباد کان ڪراچي وڃي رهياسين تنهن ڪري هن سان ملڻ جا ڪي چانس پيدا نہ ٿيا ۽ جي ٿيا بہ هئا تہ جاڻي واڻي سامهون نہ وئي مانس. هڪ ڀيري اسان جي ڪار جي پرسان هن جي ڪار لنگهي تہ پنهنجو هٿ مٿي ڪري محبوب کي وش ڪيائين. تڏهن مون بہ متاڃري نظر سان هن کي ڏٺو هو. هڪ اڌ ڀيري اوچتو سامهون بہ ٿيم پر ڪا دعا سلام تہ نهيو مون اکيون ئي ڍڪي ڇڏيون.

بہ چار سال اڳ ساهراڻي گهر ۾ ڪو ڪاج هو. پبلڪ جي بي حد اسرار تي مون کي بہ ”پردهءِ سيمين“ تي اچڻو پيو نہ تہ ”ڊبل ڊيڪر“ واري حالت ۾ گهران نڪرڻ معنيٰ خلق جي خواري. گوڙ گهمسان کان بچائڻ لاءِ،

انجام موجب محبوب مون کي جلد ئي سڏارايو. ڪاچ ۾ آيل زالن سان گهر سٽيل هجي، مان بنا موڪلائڻ جي لڪي لڪي اتان ڪسڪيس تہ متان ڪير ترسڻ لاءِ نہ چئي. مهمانن کي ماني کارائڻ لاءِ شاميانو لڳل هو اهو سڄو لتاڙي ڪار تائين پهچڻو هئم. شاميانے اندر پير رکندي ئي هن کي فل سوٽ ۾ فنڪاراڻي انداز سان ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺم. ڪنڌ مٿي ڪري مون ڏانهن نهاريائين. مون پنهنجون نظرون جهڪائي چڙيون پر ڏاڍي شڪي ٿيس. آخر مان بہ تہ "سنڌي ادبي انڊسٽري" جي "هيروئن" هيس ۽ هيروئن کي اهڙي حال ۾ ڏسڻ معنيٰ سڄو اميج خراب ٿيڻ!

"ڇو آيس مان ان مئي شاميانے ۾؟"... سوچيم، "ڪاش اهو ڪو ڪارڙو ڪوجهڙو ايڪسٽرا هجي ها تہ مان ڪيڏي نہ شان سان اُتان لنگهي وڃان ها..." وهم گمان بہ نہ هو تہ اهڙي گوڙ ۾ ائين اڪيلو سوچن ۾ غرق ملندو. مان ايڏي ڀوري هيس جو جيڪا وک اڳتي کڻان سا ائين لڳي جڻ پٽ تي پئي ڪجي. شاميانو ڪٽڻ جو نالو ئي نہ وٺي. آخر خبر نہ آهي تہ ڪيئن اچي "ڏوپار" پهتس. محبوب ڪار ۾ ويٺو هو. مان بہ جهٽ در کولي اندر ويهي رهيس.

"اتان ڪار بيهارڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي" مون ڪسرون ڪيڻ چاهيون.

"غلطي ٿي، نہ تہ ڇت تي بيهاريان ها..."

هن ويتر ڏنپ ڏنو.

مون مونجهہ مان زالن وانگر ساهہ کنيو جيڪي "ڊبل ڊيڪر" تي جڻ سڄي جهان تي تورو ٿڦيندڀون آهن.

"ايڏو ميدان لتاڙي اڌ مئي تي پئي آهيان!"

"شاميانے لڳڻ ڪري پارڪنگ جي ٻي ڪا جاءِ بہ تہ ڪانہ هئي."

محبوب نرمائيءَ مان چيو.

"... بہ اتي ويٺو هو مون کي ڏسي ڇا سوچيو هوندائين تہ هلڻ کان هلاڪ هوندي بہ ڪاچن ۾ تي اُٿي ويهي." آخر سور سنو نہ ٿيم.

"گهر جو ڪاچ هو ڪو پرايو تہ نہ هو."

پر هن جنهن نظر سان ڏنو ان ۾ تنز هئي ٿوڪ هئي.

"اجايا وهم نہ ڪندي ڪر. هو اهڙو ناهي."

.............

بيگم زينت چنا جي ٿيجهي تي حسب معمول ورانڊي ۾ هو بہ ڪمن ڪارين ۾ رڌل هو. اوچتو آواز: "محبوب جا بار ڪٿي آهن." مون ڏانهن نهاريو تہ چيائين، "پاپي، توهان کي محبوب ونڻ آيو آهي." هو مون سان گڏجي در تائين آيو. ڪڏهن ڪڏهن فون بہ ڪندو هو. "بابا... محبوب آهي؟"

”جي نہ.... ٻاهر ويل آهي.“ گهڻو ڪري منهنجو اهو جواب هوندو هو.
”چڱو بابا، مان وري پوءِ فون ڪندس.“

لهجي ۾ ايڏي پنهنجائپ، ايڏو خلوص، شرافت ۽ اخلاق جو مان محبوب کان پڇڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيس تہ اهڙي آواز وارو ڪهڙو هو؟ هن پاڻ ئي نہ ٻڌايو مان ڪيئن پڇان ها.

هڪ ڀيري محبوب جي گهر ۾ هوندي هن جو فون آيو. تڏهن ئي خبر پيم تہ هو ڪو ٻيو نہ پر حميد سنڌي هو. ادبي ولين!.

هاڻ فون تي منهنجي بہ ساڻس دعا سلام ۽ ڪڏهن ڪا ادبي ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي.

”مني ڀيڻ، توهان کي اسان لاءِ گهڻي ئي بدگمانيون دل ۾ پيل آهن، پر موقعو مليو تہ مان انهن کي ضرور پري ڪندس.“

”اهڙي ڪا ئي ڳالهہ ناهي، ادا....“

”آهي، بلڪل آهي. تڏهن تہ افسانو لکيو هيو. مون پڙهيو هو ڏاڍا اسان تي چوهہ چنڊيا هيو.“

”مان تہ رڳو اها ڳالهہ ڪئي تہ پينر اڳ ئي گهٽ ٿيون لکن، وري جو سندن لکڻيون اهڙيءَ ريت ڇپنديون تہ ڪنهن جي دل چوندي لکڻ تي.“

”ڀيڻ، مان جلد ئي اچي اوهان جون بدگمانيون پري ڪندس.

آواز شخصيت جو آئينو آهي. مون کي ان آئيني ۾ هن جي شخصيت بي داغ نظر آئي. منهنجون بدگمانيون پاڻ مرادو پري ٿي ويون.

حميد سنڌي همدرد انسان آهي. هن جو قرب ۽ شفقت ڀريو انداز ڪڏهن بہ ذهن تان ميسارجي نٿو سگهي. بابلا، امان، مني ڀيڻ ۽ بابا جهڙا پنهنجائپ ۽ قرب جو احساس ڏياريندڙ عزت ۽ خلوص ڀريا پيارا لفظ جڏهن هن جي زبان مان ٻڌبا آهن تہ دل کي راحت ملندي آهي.

پر انهن قربائتن لفظن جي ميناج مان هرڪو نہ ڄاڻي. ڪنهن غير سنڌي نينگريءَ کي جڏهن امان ڪري ڪونيائين تہ هوءَ ڪاوڙجي پئي هئس. هن ليکي تہ مون کي پاڻ کان وڏو ٻنهہ ماءُ جيڏو ڪري ٿو سمجهي. پر حميد جي وضاحت کان پوءِ وڃي نينگريءَ جي ڪاوڙ ٺڏي ٿي.

”بس ڇا ڪريون، ڪنهن کي بابا ڪنهن کي امان ڪري ٿا سڏيون. سالن جا سال مڙهن جي سرپرستيءَ ۾ ڪم ڪري ڪري مڙها تي ويا

آهيون. ڪاليجن جو ڊائريڪٽر هئس، تڏهن بہ مڙها عقاب وانگر اکيون وجهيو ويٺا هوندا هئم. هينئر ايڊيشنل آهيان تہ بہ مڙها غارن ۾ ويٺي ويٺي طلسمي شيشي مان اهڙو تہ ڏائڻ وارو ڏهڪاءُ ٿا ڏين جو هيانءُ ئي روڙيو وجهن. ان کان تہ ميوزڪ ڊائريڪٽر هجان ها تہ پلو هيو پوڙهن جي ڏنل دردن جون پيڙائيتيون ڌُنون تيار ڪري پنهنجو هيانءُ تہ هلڪو ڪيان ها."

حميد تہ ائين ئي کلي ڳالهہ ڪئي، پر ان ۾ جيڪو درد ۽ پيڙا هئي، تنهن کي منهنجي حساس دل هڪدم پرکي ورتو. منهنجي صلاح آهي تہ پوڙهن کي جوانن سان ڪم نہ ڪرڻ گهرجي. گڏجي ڪم ڪرڻ سان نہ رڳو جوان جلدي پوڙها ٿيندا پر جلدي لاڏاڻو ڪري ويندا.

زندهہ دل ۽ خوش مزاج پوڙهن کي پوڙهن جي قطار ۾ شامل نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ انهن جي ساٿ مان جوانن کي ڪوبہ ڇيهو نٿو رسي. البت اهي پوڙها جيڪي اصلي جڙي بوٽين مان تيار ٿيل، يعني پوڙهائپ جي مڙني خوبين جهڙوڪ ڪُرڪڻ، پٽڪڻ ۽ ڇهتڻ وغيره سان مالا مال هوندا آهن تن کي جوانن کان پاسي رکجي. پوڙهن جو پنهنجو ويڙهو هئڻ گهرجي جنهن ۾ ڪُڪڙيون سنيالڻ، ڪبوتر پالڻ، پاڇيون پوکڻ، گڏ ڪري ٻج چٽڻ کان وٺي سوانح عمريون وغيره لکڻ جهڙا دلچسپ مشغلا هئڻ گهرجن.

مان ڪجهہ سالن کان لڳاتار پنهنجن ماءُ پيءُ ۽ پائرن پينرن جي وڇوڙي جا ڏک سهندي آئي آهيان پر تازو پنهنجي بي حد پياري، معصوم، سادي ۽ شريف ڀاءُ شاهہ محمد عباسي جي بيدرديءَ سان ڪيل خون ناحق منهنجو جيءُ ٻنهہ جهوري ڇڏيو جنهن جو اثر صحت تي پوڻ لازمي هو. محبوب جي گهڻي زور تي بہ مان پنهنجو علاج نہ ڪرايو. علاج تہ جيئڻ لاءِ ڪرائبا آهن.

هن کي بہ ڪا خبر پئي، مون کي مايوس ۽ ملول ڏسي پڇيو هئائين:
"ادي! طبيعت تہ نيڪ آهي؟"

"نيڪ آهي، محبوب چوي ٿو تہ علاج نٿي ڪرائين، مان وٺي هلئين ڊاڪٽر ڪريم عباسي وٽ؟"

"مهرباني ادا، اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي، مان نيڪ آهيان. مون کي ڪجهہ بہ ناهي ٿيو."

"مون سان بہ ڪوڙ! يقين ڪريو تہ مان توهان کي بيحد گهڻو گهرندو آهيان پر لکا نہ پوڻ ڏيندو آهيان."

"اسان کي خبر آهي ادا! ڪير ڪنهن جو سجڻ ۽ گهڻ گهرو هوندو آهي تہ اڳلي کي بہ انهيءَ جو احساس ضرور ٿئي ٿو."

حميد مون کي ڪوڙ ساريون تسليون، سمجهاڻيون ۽ دلداريون ڏيندي وعدو ورتو تہ مان خوش رهنديس. ڏاڍي ڏک مان چيل هن جا اهي لفظ تہ مون کان ڪڏهن بہ نہ وسرندا.

"ڪير ٿو جيئڻ چاهي؟ ڪنهن جي خواهش آهي تہ جيئون؟ مان بہ تہ نٿو جيئڻ چاهيان...پر جيان پيو..... پنهنجي اولاد لاءِ.... تون بہ انهن لاءِ جيءَ. دنيا ۾ پنهنجي لاءِ نہ پر ٻين لاءِ جيئڻ گهرجي."

مان ادا حميد جي چوڻ تي گهڻو ئي عمل ڪيو. خوش رهڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان، پر ڇا ڪريان.... هيانءُ ۾ لڳل ڳُنڍيءَ کي مان اڃا بہ پري نہ ڪري سگهي آهيان.

حشر جي ڏينهن رشيد پٽي پنهنجي فيملي سميت اسان وٽ آيل هو. محبوب ۽ حميد بہ ڊرائنگ روم ۾ انهن سان ڪچهريون ڪري رهيا هئا، مان رڌڻي ۾ بور ٿي رهي هئس. ڪاش مون وٽ جادوءَ جي ٽيبل هجي جنهن ۾ جيڪو ڪاڏو حڪم ڪيان تہ انهيءَ دم حاضر ٿي وڃي، يا ڪاش! مون وٽ جادوءَ جي منڊي هجي جنهن کي ڇڙو گهڪو ڏيان تہ ڳاڙهي اندرويئر وارو ڦونڊڻو جن حڪم جو ٻانهو ٿي اڳيان اچي بيهيم ۽ ڪن ۾ طرح طرح جا طعام سهڻن ٿانون ۾ سجائي پيش ڪري....

ٽن ٻارن جي ماءُ ٿي وڃڻ بعد رڌڻي ۾ وڃڻ مهل اهڙا ٻاراڻا ۽ بيوقوفي جا خيال ايندا اٿم. انهيءَ ۾ منهنجو ڏوهہ ناهي، چو تہ سياڻن جو چوڻ آهي تہ، ڏِگها ماڻهو اڪثر ڪري بيوقوفيون ڪندا آهن تنهن ڪري بزرگن جو ڀرم رکڻ بہ تہ عين سعادتمندي آهي.

"ڪو ڪم ڪار؟" ڪنهن اندر اچي پڇيو. مون کان ڇرڪ نڪري ويو. ڪٿي منڊي کي تہ گهڪو نہ آيو! پر افسوس اهو منهنجو وهم هو ڪنڌ مٿي ڪري جو نهاريان تہ اڳيان فل سوٽ ۾ حميد سنڌي بيٺو هو.

"ادا، مهرباني. توهان هلي ويهو بس چانڊ ماني تيار ٿي."

ڪيڏو نہ رسمي جملو ڳالهايم. دل تہ ائين پي چاهيو تہ چوانس: "ادا، توهان جي مهرباني، لک لائق! ڀلي اچي ڪم ڪار سنڀاليو مان جيسين وڃي ٽيپڙو ٻيپڙو چالو ڪيان."

"مان بہ تہ هٿ وندرايان." ائين چوندي حميد ديڳڙي جو ڍڪ لاٿو ۽ ڪمال ڪاريگريءَ سان ڏوئي گهمائيندي صلاحون ڏنائين.

رس گهاٽو ڪرڻ هجيئي تہ پينل ڏاٽا گهٽا وجهجن. ديڳڙي جو ڍڪ لاهي چڏ تہ پلي ٻاڦ نڪري ائين چوندي شيشيءَ ۾ رکيل پينل ڏاٽن ڏانهن هٿ وڌايائين. مون کان رڙ نڪرندي رهجي ويئي. ڏنم تہ هاڻ ٻوڙ جي ٻيڙي تي ٻڏي سو جلدي ۾ چيو مانس. "مان ثابت ڏاٽا ڳنڍ ۾ ٻڌي اڳواٽ وجهي چڏيا آهن.

هو حيران ٿي ويو ڏاٽا سي بہ ڳنڍ ۾ ٻڌل! پر مان بہ پنهنجن وڏڙن کان لکايل ترڪيبون پڙهي پوءِ رڌڻي ڏانهن وک کڻندي آهيان. سو خاطري هئم تہ پاون جو ٻوڙ خراب نہ ٿيندو البت پاڻي سڪڻ جو ڪجهہ انتظار هو.

ايتري ۾ محبوب، ادا رشيد پٺي ۽ سندس گهرواري پاپي سڪينا بہ اچي رڌڻي ۾ پيڙا ٿيا.

"بس، ادا، اجهو ماني تيار آ، ڪنيو پيا اچون." حميد مون کان ڏوئي وٺي پيالن ۾ ٻوڙ وڌائيندي چيو.

"ادا توهان چڏيو." محبوب چيس.

"مون کي ڏيو تہ مان ٿي وڌايان." مون چيو "اهي زالن جا ڪم آهن."

"اسين بہ تہ اڌ زالون آهيون، ڪيئن محبوب."

حميد جي انهيءَ ڳالهہ تي ادا رشيد، پاپي سڪينا، مان ۽ محبوب ڏاڍا کلياسين.

باقي جس هجي پاپي سڪينا کي، جنهن ويچاريءَ پوءِ ٿڌا مانين جا پچائي ڏنا. جيڪا بہ ڏينهن مون سان رهي تہ کٽ تي ويهاري مون کي کارايائين. ڏنائين تہ ٻيرن کان کهڙا ٻير گهربا. سو پنهنجي مڙسيءَ سان پٺي حالتن کي منهن ڏنائين.

تحريڪن جو اڳواڻ حميد سنڌي، سنڌي ادب جو سچ پچ تہ هيرو ۽ گهڻگهرو آهي. روح رهاڻ ذريعي سنڌي ادب جون هن جيڪي بہ خدمتون ڪيون، سي ڪنهن کان لڪل ناهن. تڏهن هو اڪيلو نہ هو. پيا بہ هن جا ٻانهن ٻيلي هئا، جن سڄي سنڌ ۾ سڄاڳي آڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو هو. چوندا آهن تہ ٻيڙي ڪنهن ٻوڙي؟ خواجہ خضر ٻوڙي! عين ان وقت، جڏهن هو ڪاميابين سان همڪنار ٿي رهيا هئا، تہ پنهنجن ئي نعرا هڻي پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ جي مصداق سندن تحريڪون مشڪوڪ بنائي وڌيون. اهڙي ريت روح رهاڻ اسان کان جدا ٿي ويو. اڄ جا ناميارا اديب امر جليل، نسيم کرل، خواجہ سليم، قادر جوڻيجو شوڪت شورو، علي بابا ۽ شيخ اياز وغيره روح رهاڻ جي ئي همٿ افزائي سان ڏينهون ڏينهن نکرندا رهيا.

حميد کي پنهنجي ماضيءَ سان پيار آهي. انهيءَ لاءِ نہ تہ ڪو هن جي ماضيءَ سندس جهول خوشين سان ڀري ڇڏيا هئا، پر ان لاءِ تہ ماضي جيڪي بہ محروميون ڪيس ڏنيون سي هن جي شخصيت جو حصو بنجي ويون آهن ۽ پنهنجي شخصيت سان ڪير نہ پيار ڪندو. ان ڪري ئي هو جيڪي ڪهاڻيون قلمبند ڪري ٿو سي ماضيءَ جي ڀرپور مشاهدن جو نچوڙ آهن. اڳي ڪان سندس هن وقت جون لکيل ڪهاڻيون بلڪل مختلف آهن. انهن جو انداز سمبالڪ آهي. "ڏوپار" ۽ "دربان" جهڙين پيارين ڪهاڻين کان پوءِ هن جي تخليق "نوٽ ڏرتي" بہ پڙهندڙ جي آڏو آئي. جنهن ۾ هن اهڙي پار جو نقشو چٽيو آهي، جنهن کي سنڌ جي روايت موجب مست جو درجو ڏئي سندس ارمانن ۽ خواهشن کي چٽيو ۽ چيپاتيون ويو آهي. حميد جيڪو ناول "آپي رانجها آپي هير" جي ٿيم تي لکي رهيو آهي، اهو سنڌي ادب ۾ پنهنجو مثال پاڻ ٿيندو. اها ٿيوري تہ انسان جو ڪوئي ساٿي ناهي، هي رشتا ناتا سپ ڏيک آهن، هو دنيا ۾ اڪيلو اچي ٿو اڪيلو وڃي ٿو انهيءَ ناول ۾ سهڻي انداز سان پيش ڪيل آهن.

هڪ هوشمند حساس انسان وانگر حميد جي سوچ ۾ گهرائي آهي. سطحي سوچن ۽ سستن جذبن جو هن جي سجاڳ ذهن ۾ ڪو گذر ناهي. جذبن جي سچائي سان لکندو آهي ۽ ڪنهن کي آئيڊيل بنائي فنڪار جو فنڪار سان ذهني ٽڪرائي لکڻ جي محتاجيءَ کان بنهہ آجو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ ڪهاڻي سنئين سڌي سمجهہ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ لکڻ گهرجي. پنهنجا خيال فلسفاڻي انداز ۾ زوريءَ ٺنبڻ بدران ڪردارن جي زباني ادا ڪرائجن. هن کي شڪايت آهي تہ اڄ ڪلهہ جا اديب سيڪسيوئل فرسٽريشن جا شڪار آهن، تنهن ڪري سندن ڪهاڻين ۾ صرف مان ۽ سيڪس جو درجو گهٽو هوندو آهي. انهن جي لکڻين مان ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ زندگيءَ کان گهٽو پري ٿي ويا هجن. هو ڏينهون ڏينهن پنهنجي پاڻ ۾ گم ٿي اڪيلا رهجي ويا آهن ۽ اڪيلائيءَ ۾ پاڻ کي وساري ويٺا آهن. پاڻ کي ڏسڻ لاءِ انهن کي ڪپي تہ بين کي ڏسن. پنهنجو مهاندو ڏسڻ لاءِ آئيني ۾ ئي تہ ڏسبو آهي. انهن کي ڪڙمين ڪاسبين جي فرسٽريشن تي لکڻ گهرجي ڇو تہ انهن جا بہ ڪوڙ مسئلا آهن. ڪين ڳوٺن ۾ ويهي اتي جي زندگيءَ جو مشاهدو ڪرڻ گهرجي. ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن مزدورن جي حال مان لازمي طرح واقف ٿيڻ ڪپين ۽ اهو سڀ سني تحرير سان ئي ممڪن آهي. مون کي حميد جي خيال سان بلڪل اتفاق

آهي چو تہ رڳو مان مان ۾ سيڪس سيڪس مان نڪهو جنسي بيمارين کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ملنو اٿن. وري جي ڪنهن يونانين حڪيم جي هٿ چڙهي ويا تہ پوءِ نہ رهندن بانس نہ وَڄندن بانسري.

حميد رومانٽڪ افسانا لکڻ چڏي ڏنا آهن. عورت ۽ مرد جي رومانس ۾ ڪيس غرض ئي غرض نظر اچي ٿو. هن جو خيال آهي تہ هن زماني ۾ اهڙي رومانس جو هئڻ محال آهي جنهن ۾ ڪائي غرض شامل نہ هجي. بي غرض پيار ۽ محبت جڏهن آهن ئي ڪونہ تہ ان تي لکڻ ئي فضول آهي. هن جي خواهش آهي تہ ساڻس بي غرض پيار ڪيو وڃي جنهن ۾ بي چيني هجي. تيزي ۽ رواني هجي. بي غرض پيار جي ڳولها ۾ هن دين جون مائرون ۽ ماسيون بہ ٿاهيون پر موٽ ۾ چا مليس. وري بہ تنگ نظر زماني جون دل ڏکوئيندڙ ڳالهيون.

تنهن ڏينهن حميد ذهني طرح منجهيل پيو ڏٺو. محبوب ائين ئي ڪٽي رومنٽڪ افسانن بابت پڇيس تہ اهي هاڻ چو نہ ٿو لکين.

"يار مان تہ پنهنجو پاڻ سان ئي رومانس ڪرڻ ۾ پورو آهيان."

"اهو وري ڪيئن" محبوب حيراني مان پڇيس.

"پاڻ واري ساوڻ کي نت نوان رومانس ڪندي ڏسي رومانس تان هيانءُ پلجي ويو اٿم...."

"ساوڻ هڪ وقت ۾ ڪيترا رومانس ڪندو آهي؟"

"پائو ڪو ڪاتو ئي ناهي!"

"ابول! اصل ائين چا؟"

"ڳالهہ ئي نہ پڇ"

هو اڳ ٿورو ڪومايل هو. سو ٻن ٽن ٽهڪڙن کان پوءِ تڙي گل ٿي پيو. ڳالهائڻ جو انداز سانتيڪو سنجيدو ۽ سمجهہ پريو. هر لفظ دل تي نقش ٿيڻ جهڙو. ٻڌندڙ بور ٿيڻ بدران دل ۽ ذهن جي پوري لاڙي ۽ سوچ سان ٻڌي ٿو. موقعي ۽ مهل جي لحاظ کان مزاح جو عنصر منجهس بدرجہ اتم موجود آهي. اهڙو ڪو واقعو يا ڳالهہ جڏهن هو ڊراماٽي انداز ۾ ايڪشن ۽ ايڪسپريشن سان ٻڌائيندو آهي تہ کِلي کِلي کيرو ٿي وڃبو آهي. لکڻ لاءِ ڪنهن ماحول جي ڪا ضرورت نہ پوندس. ڪيترو بہ گوڙ شور چو نہ هجي ان جي پرواهہ نہ ڪندو. پهرين ويهڪ ۾ ٿي ليک ڪمپليٽ ڪري وجهندو. انهيءَ جو سبب اهو بہ آهي تہ هو پلاٽ ذهن ۾ رکي ڪهاڻي نٿو لکي پر سجي ڪهاڻي اٿندي ويهندي گهمندي ڦرندي توڙي ڊرائيونگ ڪندي پاٽمرادو ذهن جي ديگ ۾

پيئي پچندس، جڏهن پڇي راس ٿيندي تڏهن قلم جي ڏوئيءَ سان ائين جو ائين ڪٽي ڪاغذ جي ڊش ۾ وجهندو. ”نوٽ ڊرتي“ پهرين ڪهاڻي اٿس جا وچي تي ڏينهون ڏينهن وڌندي ۽ وقت وٺندي ان لاءِ حميد کي گهڻي حيراني آهي. هو ڪهاڻي فيئر ڪرڻ مان نه جاڻي، ڪاغذن تي جيتري ڪاٽ ڪوٽ، ليڪا لينگها ۽ دٻا نه هوندا تيتر مزو نه ايندس. لاشعوري طور سان هن جو هر عمل ماضيءَ جي منجهيل زندگيءَ جو هڪ عڪس به ٿي سگهي ٿو. هن ڪوڙ ڪتاب پڙهيا آهن، جيڪي ياد نه هوندي به ڊسڪشنس وغيره ۾ سمورن حوالن ۽ مثالن سميت ياد اچي ويندا اٿس. هن وٽ ڇهه ست سو ڪتاب آهن پر افسوس ته انهن کي طريقي سان سنڀالي رکڻ جي في الحال حالتون اجازت نٿيون ڏينس ۽ اهي ٻورين وغيره ۾ بند آهن، گهڻي ياڳي ته ڪجهي به ويا اٿس. جيسين ڪتابن جي سنڀال جو ڪو جوڳو انتظام ٿئي، تيسين هو پنهنجا ڪتاب ڪٻٽن جي پويان، هيٺان ۽ مٿان پيو لڪائيندو جوانهيءَ ۾ ئي انهن جي سلامتي آهي. هن کي هر قسم جا ڪتاب پڙهڻ جو جنون جي حد تائين شوق آهي، پوءِ ڪٽي اهو تفريحي ادب هجي يا سندس سڪيلڊي پٽڙي هوشو (ارشد) جي ڪورس جو ڪتاب. هن کي آٽوبائيگرافيون پڙهڻ خاص طور سان وڻنديون آهن.

لاڏا ۽ شرنايون هن جي ايڏي ته ڪمزوري آهن، جو ٻڌڻ شرط وار ڪاندارجي ويندس. اڪيون ٻوٽي ڪا دير جڻ خوابن جي دنيا ۾ وڃائجي ويندو آهي. ڪپڙي لٽي جو نه رڳو شوقين پر ان جي صحيح استعمال جو ڏانءُ به حميد کي آهي. سنڌي ادبي انڊسٽري ۾ مغربي لباس جي مقابلي، ورلي ڪو جهڙس خوش پوش اديب هوندو. سوٽ نئين فيشن جو هجي يا پراڻي جو حميد کي بدني بناوت سبب جڙي جڙي نهندو. شايد هن کي به اهو احساس آهي، تڏهن ئي ته گهڻو ڪري ڪمپليٽ سوٽ ۽ ٽاءِ پهريل هوندي اٿس نه ته به پينٽ ۽ سهڻي شرٽ ته ضرور پائيندو هونءَ به سهڻيون ٽايون ۽ شرٽس هنجي ڪمزري آهن. اهي ايڏي ججهي تعداد ۾ گڏ ٿي ويون اٿس جو واري اچڻ تي پائيندو آهي. جنهن ڪري پراڻيون ٿين ئي ڪونه. سنڌي لباس ۾ جيتوڻيڪ گهٽ ڏسبو آهي ته به ڪنهن زماني ۾ سنهڙي پرت سان شبلمي پهراڻ پائڻ جو شوق هن جي نفيس ذوق جو سنو ثبوت آهي.

کائڻ پيئڻ جو ته گهڻو ئي شوقين پر پرهيز طور ڪن پسنديده شين تان

هٿ ڪٽڻو پيو اٿس. سنڌ جي مٽي پاڻي جو ڏيرو مڃي بي حد پسند ڪندو ساموندي مڇيون بنهه ڪونه وٺنس. سائون، لوڙهه ۽ بيهه پڻ چاهه سان کائيندو. آهي. هو نه رڳو کائڻ جو شوقين آهي، پر کارائڻ جو به ملهه آهي، اها خبر ڪنهن کي نه هوندي ته حميد مڇي پچائڻ جو وڏو ماهر آهي. ڪيس مڇي پچائڻ جا ڪيترائي قسم اچن. خاص ڪري مڇيءَ جو پاڻي ڪڍي پوءِ ان کي پچائڻ وڏي ڪاريگري آهي، جنهن کان پڻ حميد مون کي واقف ڪيو. پٺاتي ۽ قيمي جي ڪبابن لاءِ سندس چوڻ آهي ته انهن کي بيدي يا روٽيءَ جي چوري جي آڌار تي بيهارڻ ڪانسواءِ تيار ڪجي ته پوءِ ڪا ڳالهه نهي. ان لاءِ پڻ سنو نڪتو ٻڌايائين ته ڪبابن کي سيڪڻ کانپوءِ هلڪو هلڪو گيهه ڪڙائجي ته اهي نه پُرندا. مان اول ته ڪباب ناهيان ڪونه، ڪير ناهي کارائي ته بي ڳالهه آهي، پر جي 'پولي بسري نغمي' وانگر ڪڏهن ڪٽي تيار به ڪيم ته انهن کي گيهه ۾ ايڏيون ٽٻيون ڏياريندس، جو 'دوست، دوست نا رها' وانگر ڪباب، ڪباب نه رهندو بلڪ ڪڏهن حلوي جو ته ڪڏهن چٽنيءَ جو پيو ڏيک ڏيندو!

حميد کان ڪبابن بابت اهو گُر ٻڌي منهنجو وات پٽجي ويو ۽ دل ۾ ڪيس صوم صلوات جي پابنديءَ جو نه سهي پر 'امور خاناداري' جو سرٽيفڪيٽ ڏيڻو پيم.

حميد ڪنهن جو به برو ناهي چاهيو. هن جو باطن سندس ظاهر وانگر اڇو اجرو ۽ صاف شفاف آهي. شفقتن ۽ خلوص جا بي ڪران سمنڊ سندس وشال سيني ۾ روان دوان آهن. ڊائريڪٽر ڪاليجز واري زماني ۾ جڏهن انبوهه ماڻهن جا سندس اڳيان پوبان ڦرموٺين وانگر پيا ڦرندا هئا، تڏهن به پاڻ کان گهٽ درجي وارن جي آجيان ڪرڻ لاءِ هميشه اٿي بيٺو. سندس استاد جي ڪنهن ڪم سانگي آفيس ۾ لڙي ايندو ته حميد اٿي ادب سان آڌر ڀاءُ ڪندو ۽ جڏهن ڪو ائين ڪرڻ کان توڪيندو هئس ته چوندو "ڀائو ائين ڇو ٿو چوين، سندن ٻن اکرن جي طفيل ته مان هن جاءِ تي آهيان."

تڪليف ۽ مصيبتن ۾ هو يارن جو يار، دشمنن جو دوست ۽ سنگتين جو ساٿي آهي. پنهنجي سر جو سانگو نه ڪندي به انهن لاءِ پاڻ پتوڙي رکندو اهي به اهڙي وقت ۾ ڪيس ڏتڙيلن جو ڏاتار ڪري سمجهندا آهن، پر ڪي اهڙا هوندا آهن، جي ڪم اُٽي کانپوءِ 'جهرڪي ۽ ڪٺيءَ' واري روايتي ڪهاڻي جو 'ڪٺي' وارو ڪردار بنجي نيڪ ٺاءِ درست ڪري چوندا اٿس، "هونهه! مان ٻڌس ٽورئي ٿي، مان ته وهنتس ٿي!" يا "ڪنڊن ۾ ٽوروئي ڦاٿو هئس، مان ته والو پائڻ ڪاڻ ڪن ٿي ٽوبرايا!"

زماني جون ناانصافين ۽ بيقدرين انسان جي شخصيت تي گهرو اثر وجهن ٿيون. حميد کي بہ اهي ڏاڍ ڏمر ۽ ڏنج نہ صرف پراين کان پر پنهنجن يارن دوستن ۽ عزيزن کان بہ سهڻا پيا. هو جو اعتماد جي صلاحيت سان مالامال آهي، تنهن جي اعتماد ۾ بہ ڏار پئي ڏسجي، پر هن همٿ ۽ حوصلي واري انسان مان اميد آهي تہ انهيءَ کي جلد ئي پري ڇڏيندو. هن هڪ پيري ڏاڍي ڏک مان چيو هو:

”مون کي اها سا خاطري آهي تہ جڏهن مان نہ هوندس تہ بہ تي جڻا ئي سهي پر مون کي خلوص دل سان ياد ڪندي بہ لڙڪ لاڙيندا. منهنجي لاءِ ٻاڙو ٻول ڪوئي نہ ٻوليندو...“

حميد جو وقت اڄڪلهہ زندگيءَ جا ڏائچا پيٽڻ ۽ پرکڻ جهڙي دلچسپ وندر جي نذر ٿي رهيو آهي. جمڻ جي وقت جي ڏائچي ۽ موجوده سال جي ڏائچي جي هڪ جهڙائي علم نجوم جي بلندين کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهيس. جنتريءَ جو ماهر سياڻي صلاحڪار وانگر اڪثر ساڻس گڏوگڏ هلندي چلندي ڏنو ويو آهي. ڏسون تہ سندس گردش ۾ آيل ستارو ڪڏهن ٿو گرهڻ مان نڪري وري چمڪي.

❊

## حميد

**عبدالقادر جوڻيجو**

هن ڪان اڳ بہ تي خاڪا "رهڙيا" اٿم. شخصيت جو ڪٿان ڪن ڪٿان پُڇ ڪٽي، "تڪڙ" جو پورائو ڪري ويهي رهيس. مون کي تہ اهو احساس هو تہ مضمون سان انصاف ڪونہ ڪيو اٿم پر يارن جو چوڻ هو تہ. مضمون سان نہ پر شخصيت سان انصاف نہ ڪيو اٿيئي" "ٻئي ڪيئن ؟" جڏهن سڪي جا بہ پاسا آهن تہ پوءِ ماڻهو جا تہ ڪ سان بہ پاسا هئڻ کپن. پر تون هڪڙو پاسو ڪٽي ويهي رهيو آهين. مهرباني ڪري قصيده گوئيءَ جا ڏنڊا ڇڏي ڏي" يارن جي ڳالهہ اکين تي پر پاڻ خاڪو لکون ئي اُن تي، جنهن جو هڪڙو پاسو ڏسڻ ۾ اچي ۽ جيڪڏهن هلندي ٻيو پاسو جيڪڏهن ڏيگهہ ويڪر وڌيڪ هجيس ڏسي ونان، تہ پوءِ خاڪي لکڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ٻئي تي حڪم هلائڻ سولو آهي، پر پنهنجو پاڻ تي حڪم هلائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. شخصي طرح ڏاڍو جانبدار ماڻهو آهيان.

خير وري بہ يارن جي ڳالهہ تي ڪن ڏيڻو ٿو پوي. سو ڪوشش اها ڪيم تہ جيڪڏهن ٻيو پاسو آءٌ پاڻ پنهنجي هنن اکين سان ڏسي نٿو سگهان تہ ڪنن کان ڪم ونان. ٻيءَ خلق کان پُڇان. سو حميد جي "ٻئي پاسي" کي ڳولي لهڻ لاءِ پنهنجي "سوشيالاجي" جي علم کي هلايم. حميد جي نون پراڻن پٽيوالن کان پڇا ڪيم تہ "ٻئي خبر ڏيو مڙس جي، ڪيتري پاڻيءَ ۾ هو؟"

"سائين، الله ٻچن ۾ برڪت وجهيس. بادشاهہ ماڻهو آهي. خدا خوش رکيس. حميد کي هلندي ڪوسو واءُ لڳو تہ ڇهنڊ اسين بہ محسوس ڪنداسين." بلي بلي؟ هاڻ سائين ڏيو. مُنهن انهيءَ ڳُٽ خلق جي زبان کي آڏو اچڻ وارو آءٌ ڪير!

هاڻ وارو آيو ڪلارڪن جو ڪلرڪ جي ذات واڪاڻ خرچ ڪرڻ ۾ مڙيئي ڪميٽي آهي، سو پڪ ٿيم تہ اتان ڪو سُريلو جواب ملندو

پر... "سائين آفيسر ڪجهئي ذات سان آهي ته پلا پلي پر حميد... حميد." جئي ناڪار واريءَ لوڏ سان، "حميد آفيسر آهي ئي ڪونه."

چڱو پلا اهي به چڏياسين. هاڻ وٺ انهن اديب دوستن کي جيڪي ڪيس ويجها رهيا. ظاهر آهي ته اديب ته نيٺ اديب آهي. اديب جي ذات عقل جو بار مٿي تي کڻي هلندي آهي. ڳالهه جو شيءِ جهڙ شخصيت جو تجزيو ڪندي آهي. "زبان" ۽ دوستيءَ جو ساٿ گهٽ رهندو آهي. انهيءَ ڊر مان اها پڪ هيم ته پلا جي خاڪي لکڻ تان هٿ نه کڻي سگهيس ته گهٽ ۾ گهٽ قلم جي نب ۾ مس سان ٿوري ٿوري ڪوڙاڻ به شامل هوندي. ڪوڙاڻ نه ئي سهي دل جو رت ئي سهي. پر اتان به اهوئي جواب مليم، جيڪو بين ڊرين ڏنو.

پنهنجيءَ مشن ۾ سوشيالاجي جي علم کي ائين بُريءَ طرح فيل ٿيندو ڏٺم. سو حميد جا دوست چڏياسين. من ڪو دشمن هٿ اچي ۽ خدا نٿو پلائي ته بئنڪ جي ماڻهن کان سواءِ اجا بيو... ته دشمن هٿ ئي نٿو اچي ۽ بئنڪ وارا وري چيڪ تي پئسن ڏيڻ ۽ مُنهن تي واڪاڻ ڪرڻ جا سخي پر گلا ڪرڻ ۾ صفا ڪنجوس. پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته بئنڪ جو ماڻهو حميد جي گلا نه ڪندو ته حميد کي گهٽيءَ مان ايندو ڏسي لِڪي پجڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو. سائين بئنڪ وارا به ڪيڏانهن وڃن، اڪائونٽ ۾ پئسو نهي نه جُڙي، ڏي هن کي چيڪ. جيڪو ڏس سو حميد جو چيڪ کڻيو اُڏاڻو اچي ۽ جي چيڪ نه مڃائين ته حميد پٿر هڻي بئنڪ جي درين جا شيشا نه پڃي پوءِ حميد محمد اسماعيل ميمڻ جو پُٽ ڪيئن سڏائي؟

خير، انهن سيني ڳالهين جي باوجود يارن جي صلاح ته يارن جي صلاح آهي. "بئي پاسي" تي بندوق هڻڻ لاءِ ڪو اُت هٿ نه اچي ته مَن سهو هٿ اچي. سهو ضرور هٿ ايندو چو ته حميد "ماڻهو" آهي. ملائڪ ڪونهي.

حميد سان پهرين ملاقات " روح رهاڻ " سان ملاقات هئي بئي ملاقات روح رهاڻ جي جشن ۾ نفيس بنفيس تي، اُتي ئي حميد کي تجلا ڏيندي ڏٺم، ڪهاڻيڪار تي آيس پر ماستر تي وينس. اتي ئي "اياز" جو ن ستن ڪوٺن ۾ ٽُنگ ڪرڻ واريون اکيون ڏٺم. اياز جي اک ۽ شاعريءَ کي زمانا وساري نه سگهندا.

ان کان پوءِ به حميد سان ملاقاتون ٿيون، پر پري پري کان. رجسترار هو تڏهن به پري کان. چو ته منهنجو "صاب" هو.

صحيح معنيٰ ۾ حميد سان تڏهن ملاقات ٿيم جڏهن همراهه پنهنجين سيني خوبين کي ننڊڙي اٽيچي ڪيس ۾ کڻي اچي منهنجي آفيس ۾ اُها ٽيبل

وسايائين، جيڪا ڪانئس اڳ مرحوم حنيف صديقي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، امداد حسيني، ثميره زرين ۽ عبدالقادر جوڻيجو وسائي چُڪا هُئا. جي نهيءَ ٽيبل جا ويهي قصا ڪهاڻيون بيان ڪجن تہ پوءِ حميد جي ڳالهہ ڪري نہ سگهبي.

پهريون پيرو حميد ڪرسيءَ تي ويهي ٽڏو ساهہ پريو تہ مون، ناز پٽي ۽ قاسم هيدر هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو دل ۾ چيوسين، "مري وياسين، صاب گڏ وبنو آهي. پنجين نمبر سگريٽن جا سوٽا هڻڻ ختم. غير پارلياماني لفظ استعمال ڪرڻ بند. چٽا ۽ ٻي ڏوڙ چائي ڪائڻ بند. پر پنهنجيءَ مرضيءَ سان چرڻ پُرڻ بہ بند. مطلب تہ اسان جي آزاديءَ تي ڏاڙو لڳو هو واهہ جو لڳو هو ۽ پوري ٽائيم تي شامڙين جو لڳو هو. اسان جي گهر ۾ ڪڪ بہ ڪونہ بچيو.

سائين هاڻ هڪڙي پاسي پنهنجي وقت جي هاڪاري ڪليڪٽر جو پُٽ، سابق "روح رهاڻ " جو سابق ايڊيٽر، وڪيل، ٺيڪيدار، ڪنٽرولر، رجسٽرار، ڊائريڪٽر آف ڪاليجز ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ايڊيشنل ڊائريڪٽر ۽ ٻئي پاسي وري اهڙو ماڻهو (آءٌ) جنهن جي ماٿئن هڪڙيون چاريون اُنيون، ٻيون ڪيون چوريون. پاڻ ڏهہ سال پرائمري ماسٽر ٿي در در جا ڌڪا کاڌائين. احساس ڪمتريءَ جو شڪار ڄَٽُ ڄَٽُ جو پُٽ، سچ ڪري پڇو تہ جڏهن رڳو A ٽائيپ ڪوارٽر مليم. جنهن ۾ وري هجن اٽيچڊ باٿ روم ۽ ڦوهارا ۽ پهريون پيرو جڏهن باٿ ۾ گهڙي مٿان ڦوهارو ڇڏيم تہ چار ڪلاڪ ڦوهاري هيٺان نڪران ئي نہ. آرٽس فئڪلٽيءَ ۾ آيس تہ وات مان گِگ ٻيهي نہ.

سو ڪٿي آءٌ ڪٿي حميد. رُڳا اديب هُجون تہ نيڪ پر هڪڙو زبردست آفيسر، ٻيو زبردست آفيسر. هلي ويس ڊاڪٽر الانا صاحب وٽ. احتجاجي نظرن سان ڏانهس نهاريم. ڳالهہ کي صحيح ڪيائين ۽ مُرڪي ڏنائين. سندس مُرڪ ۾ ڳاڙهي بتي پئي ٻري. ماٺ ڪري ڪنڌ لاڙي اچي آفيس ۾ وينس ۽ صرف اهوئي ڪري سگهيس جو حميد ڏانهن خار مان نهاريم. پر حميد ڪنگهيو ئي ڪونہ. همراهہ مٿي ۾ لڳٹو هو سو لڳو پر ڪو همدردي ڪرڻ وارو نہ ليپي ڪنهن بہ خدا جي بندي بہ وکون وڌي اچي مونکي ائين ڪونہ چيو تہ "پنهنجيءَ آزاديءَ تي ڏاڙو لڳو آهي، توکان تنهنجي ٽيبل ڦُراڻي آهي. تنهنجيءَ پر ۾ هڪ اهڙي شخصيت وبني آهي، جيڪا تنهنجي شخصيت ختم ڪري ڇڏيندءِ تنهنجي لئہ گڪي تي وبندي" يارن ۾ ڏاڍيون اُميدون هيم، پر اُميدون پوريون ٿيڻ پنهنجيءَ جاءِ تي مورڳو جيڪو يار اچي سو اچي، حميد جي مٺن ٻولن

جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي. منهنجو رڳو اوباسين تي زور هو ۽ اوباسين جو زور ٽٽڻ تي ڌهن ڌنو جڏهن رعنا صديقيءَ پنهنجي مخصوص انداز ۾ انگريزيءَ زبان ۾ به تي ڦوهارا ڏنا. منهنجي حالت تي رحم کائڻ جي بدران پنهنجي آزادي ختم ٿيڻ ۽ دادلي ٽيبل ڦُرجڻ تي سخت احتجاج ڪيائين. ۽ مونکي صورتحال جي مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ڪيائين. خدا جي مهربانيءَ سان ان وقت حميد آفيس ۾ ڪونه هو ڇو ته رعنا ڪڏهن به مصلحت کان ڪم نه وٺندي آهي، جيڪو دل ۾ سوچين تي، ڪنهن کي ڳالهه وٽي نه وٽي، ست راجيءَ ۾ جنهن ڳالهه کي سچ سمجهندي، چئي ڪيندي. خدا جي بندي ڪڏهن به Diplomacy مان ڪم نه وٺندي آهي. ياڳ وڏا آهن شفيق صديقيءَ جا جنهن جي گهر ۾ اهو سچ جو سونو ٽڪر اچي ڪريو آهي.

بهر حال آزادي ۽ ٽيبل جي جدوجهد اچا ڪو رنگ اختيار ئي مس ڪري ته حميد آهستي آهستي ڪوڙڪي مون ڏانهن اُڇلائي. پتوئي ڪونه پيو هٿ، ٻانهون ۽ دماغ سڀ سُڪ تي ويا.

”قادر بسڪوٽن سان مڙيئي دل اٿئي نه ؟“

”ها سائين مڙيئي...“

”ها ها دب قصي کي....“ ٽيبل جي خاني مان بسڪوٽ ڪڍي پر ۾ ويهاريندي بسڪوٽ اڳيان رکندي چيائين، ”سڄو ڊبو چٽ نه ڪجان گهر ۾ موچڙا ملندم.“

بسڪوٽن سان گڏ گهر جو هڪ ننڍڙو راز به منهنجي اڳيان رکي ڇڏيائين.

پوءِ ڳالهه آهستي آهستي اڳتي وڌي لکندي لکندي وچ مان هڪل ڪندو.

”پکي!“

”جي.“

”آهين ٽاٽائيءَ ۾؟“

”ها!“

”سگريٽ جو سوٽو ڪونه ٿو هٽين؟“

”پکي اج آرٽس فئڪلٽيءَ جو چڪر ڪونه ٿو ڪاٽين.“

”سستي تي پيئي آهي.“

”بس نه , ٻيو ته ڪجهه نه آهي“

”ٻيو ڇا ٿيندو.“

پوءِ ڪُلندي حميد جي بئگ بئگ ۾ ڪاغذ گهٽ ۽ گوريون دوائون وڌيڪ پيل هونديون آهن. دل جي مريض ٽان وٺي ٽنگ جي سور تائين ۽ ٽنگ جي سور کان وٺي ”پيٽ جي سور“ تائين وٽس دوائون پيل هونديون آهن. هونئن مرض نہ ڇڏيو تہ پوءِ چيڪ بوڪ ڪڍندو. چيڪ بوڪ نڪتو آهي تہ دل جا سڀ درد دور ٿي ويندا.

حميد رڳو دوائن ۽ چيڪ بڪن سان علاج نہ ڪندو آهي پر جنُ بہ ڪڍندو آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ ڪڏهن ڪو ڏينهن اهڙو هوندو آهي جو ماڻهو جي مٿي تي ڀوت چڙهندو آهي. انهيءَ ڀوت جي وڏي ۾ وڏي نشاني آهي تڏا ساهہ حميد تڏا ساهہ ٻڏي ڀهرين تہ اکين ۾ معنائون ڀري نهاريندو پوءِ چپن تي ٽڙنديس مُرڪ. انهيءَ مُرڪ ۾ هڪڙي هوندي معنيٰ، ٻي هوندي بيماريءَ کان بچڻ جي سوچ، پوءِ هلندو علاج. هتان هُتان جون اوپاريون لهورايون. ذري کان پوءِ مُرس اٿ ڪور چڱو ڀلو. بهر حال حميد اهڙو هٿ جهليو جو اسان جي آزادي موتي آئي، غير پارلياني لفظ موتي آيا. ڏوڙ مٿي ڪائڻ موتي آيو. بلڪ اڳ بينا هٿاسين لٺ جي وچ تي، سو حميد مورڳو ڪٽي وجي ڇڏيو لٺ جي مُڇي تي. حميد صاب مان ڦري پڪي ٿي پيو.

ان آفيس مان ئي اسان جي هڪ ٻئي سان سڃاڻپ ٿي. هونئن تہ پنهنجو پاڻ کي ئي سڃاڻڻ ڏکيو آهي سو ٻئي ماڻهو کي سڃاڻن ڏاڍو ڏکيو آهي، پر حميد اهڙو ماڻهو آهي جنهن کي پاڻ کان اڳ ۾ سڃاڻي سگهجي ٿو.

”حميد ڏاڍو سهڻو آهي.“ اهو جملو مون گهڻن ماڻهن جي زبان مان ٻڌو پر گهڻن اکين بہ مونکي ٻڌايو تہ ”....“ خير اها ڳالهہ اتي. ڀلا حامي خيرپوريءَ کان وٺي قاسم ماڪا تائين ماڻهو ڀيا سندس حسن جي تعريف ڪندا تہ انهن کي آءُ ڇا ٿو ڪري سگهان. پر ايمانداريءَ سان ٿو چوان تہ حميد ايترو خوبصورت نہ آهي جيترو ماڻهو ٿا چون يا اکيون ٿيون ڳالهائين. ها, قد ڊگهو اٿس, ڀيو تہ ماڻهن جهڙو ماڻهو آهي. دراصل دوستن ڏوڪو ڪاڏو آهي. حميد وڏو دوکيباز آهي. حميد جي شڪل ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي. دراصل حميد جي ”شخصيت“ جو فعلي تاثر ۽ قُرب اهڙيون شيون آهن, جيڪي ڪيس خوامخواه سونهن سوڀيا وارو ٿيون سڏائين ۽ هرويرو حسن جي بازار ۾ بازي ڪٽيو بيٺو آهي. حميد اهو قرب تہ الائي کهڙيءَ بازار مان آندو آهي. الائي لنڊن مان آندو اٿس يا نوشهري فيروز مان. باقي اٿس ڀلا ڀلي. کهريءَ جنس سان جو حميد هيئن ٿو پيش اچي تہ پوءِ ٻئي پاسي هن جو ڪهڙو حال هوندو. اها خبر انهن کي، جن کي لڳي.

اسان جي سماجي جوڙجڪ ۾ ”اڇو ڪپڙو“ ڏکي ڏُر آهي. اڇي ڪپڙي وارو سياست کان سواءِ بيءَ هر ڪنهن ڳالهه ۾ سياست هلندو آهي. ان ڪري هلندي ڦرندي ڪپڙا وڏيڪ ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ ماڻهو گهٽ. حميد جيتوڻيڪ سنا پائيندو آهي، پاڻ کي اڇي ڪپڙي وارو سڏائيندو آهي. پر جيڪڏهن ڏانهس ايمانداريءَ سان نهاريو (ائين نه جيئن مانيٽو اونو عينڪ لاهي پوءِ نهاريندو آهي.) ته ”حميد“ وڏيڪ ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ڪپڙا گهٽ. وسين لڳين ڪنهن کي ڏڪ نه ڪيندو. ان خيال سان ڪيس جپان جي ٽويٽا جيپ يا جرمن زال چٽئي سگهجي ٿو. حميد سيني کان اڳتي وڏي وچڻ جو گهڻو شوقين آهي، بلڪ انگريزيءَ ۾ ڪيس Crazy چٽئي سگهجي ٿو پر اڳتي وڌڻ وقت بين جي آڏي تنگ ڏيئي انهن کي ڪيرائڻ جي ڪوشش نه ڪندو. پرپٺ ”ميارا“ رکي ويندو پر گلا نه ڪندو. (ميار ۽ گلا جي وچ ۾ تمام ننيڙو ۽ تمام وڏو تفاوت آهي.) ”سيني ڏرين جو خير.“ چٽئي پوءِ پوءِ پنڌ پوندو آهي. انهيءَ پنڌ دوران سيني کان وڏيڪ يادگيري مولي سائينءَ جي هوندي اٿس. ڪڏهن ڪڏهن پنڌ ڪرڻ وسري ويندو اٿس ۽ رڳو مولي سائينءَ چوندو ته ”شُڪر آهي رب جو.“

حميد کي ڪيڏي به وڏي ڪرسي تي ويهاري ڇڏيو ڪنهن کي نقصان نه ڏيندو. ڪنهن تي ڪاوڙيو ته بڙ بڙ ايتري ڪندو جو ماڻهو چوندو ته ”شڪار“ جو سر ويو پر بئي ڏينهن سڄيءَ ڳالهه تان پاڻي ڦيري مات ڪري ويهي رهندو بلڪ ائين چئجي ته سڄي ڳالهه وساري ويهي رهندو. خدا جي بندي پنهنجيءَ ڊائريڪٽريءَ جي دوران هلندي هڪڙي مک ماري وڏي ڪنهن کي معمولي مڙيئي هڪڙي ماتحت کي تمام معمولي نقصان پهچايائين، نقصان اُن ماڻهوءَ کي پهچايائين ڦاٽاسين اڇي اسين. بئي ڏينهن ٽئين ڏينهن اها ڳالهه ڪٽيو وينو هوندو ”سائين فلاڻي کي اهڙي چوٽ ڏني اٿم جو ياد ڪندو.“ پوءِ هلندو فلاڻي خان کي چوٽ ڏيڻ جو قصو پوءِ سڄ ڪٽي يا ٻج ڪٽي. چار ڪلاڪ خدا جا اُهو قصو هلندو. مون کي ايترا پيرا ٻڌايو اٿس جو هاڻ جڏهن به ساڻس ملندو آهيان ته هٿ ملائڻ وقت دعا پيو گُهرندو آهيان ته، ”خدا سائين سڀ عذاب قبول آهن پر اِهو قصو مٿي ۾ نه هٽجانءِ.“

توهان پاڻ سوچيو ته مک مارڻ تي مڙس ايترو وني گوڙ ڪيو آهي. سو ماڻهن کي ڪهڙيءَ دل سان نقصان ڏيئي سگهندو.

ڳالھ آئي آهي قصن ٻڌائڻ جي. حميد وٽ ٻيا ٻہ قصا جام آهن. قصو بيان ائين ڪندو جو هڪڙو هوندو ئي ڏکو ٻيو وري ڏرو ڏرو ڳالهائي. ڳالھ ڪي يڪو فرڙاٽ ڪرائي وجي، سو نہ ڪندو. وات مان لفظ وڪ وڪ ۾ ڏيئي سنجيدو ٿي نڪرندو. سندس وات مان نڪرندڙ لفظ آهن تہ ڏاڍا شوقين پر هلڻ ۾ صفا سست. پنجن منٽن جو قصو ٻہ ڪلاڪ وٺندو. ان ڪري حميد وٽ ويججي تہ پويان ڪم ڪاريون وساريءَ پوءِ ويججي. ماڻهو ويو تہ ست ڪلاڪ ڇٽو. (رڳو قصو ڪونہ ٿو هلي، (يارن ڪي ڏجڻ ڪپي) پر وچ ۾ چانهہ، ماني ، سگريٽ، فروٽ، داليون، يارن لاءِ خريد ڪيل ڪتمنڙا پيا هوندا (سندس گهر واريءَ جي صبر ۽ سخاوت کي سلام آهي. )

هڪ ڀيري اها ڳالھ هلي تہ حميد ريفريجريٽر ٿو وڪڻي. پڇيا ڪئي "ڇو؟" جواب مليو تہ "ننڍي سائيز جو آهي. " پئي ننڍڙو آهي تہ ڇاٿي پيو؟ ماڻهن کي پئسا ڏيئي ڇڏيا هونداين ڪُڻ ڪُتو آهي." پر جڏهن سندس گهر وياسين تڏهن خبر پئي تہ ڇو ٿو وڪڻي. وڏو ريفريجريٽر کپي، آخر قصن ٻڌڻ وارن دوستن جي پورت اهو ننڍو ريفريجريٽر ڪيئن ڪري سگهندو.

مڙسن جون قطارون هڪڙيون ڏنيونسون سئنيمائن تي ٻيون سياستدانن جي درن تي ۽ ٽين قطار ڏٺيسين حميد تي. هڪڙو ماڻهو اُٿي تہ ٻيو وينو آهي ٻيو وڃي تہ ٽيون آءُ، قاسم ماڪا ۽ قاسم حيدر ڪرسيءَ تان اُٿي ٻاهر اچي آرس ڀڃي وري اندر اچون تہ سڀ ڪجھ بلاڪ. ڪرسيون ميزون، اسٽول حميد آهي سو وچ ۾ ويو گهوٽ وانگر تڙي قصو ٻہ ٻڌائيندو وجي. چنيءَ واري لاءِ چني ۽ نياپي واري لاءِ نياپو نشانيءَ سميت ڏيندو وجي ۽ جي فون ڪرڻي پوي تہ پوءِ اُٿيو اچيو فون ٻہ ڪري

"....يار ماڻهو موڪليان ٿو. ڪم ڪجانءِ نہ تہ آءُ ٻچڙو ڪري ماريندوسانءِ" هاڻو ڦاٽو اهو يار جنهن ۾ ڪم هوندو. حميد جو ڪم نہ ٿئي ۽ پوءِ ۽ پوءِ حميد ڇو سڏائي. مطلب تہ ڪڏهن ٻيو نوڪريون وٺيو ڏيندو ڪڏهن داخلائون، ڪڏهن قرض طور ڪيندو تہ ڪڏهن خيرات طور چيڪ ڪيندو. ڪڏهن وري نلهي پارت تي زور هوندس. الائي ڪنهن صلاح ڏنيس جو اسيمبليءَ ۾ ٻيهڻ جي دوران آفيسر اچي ٿيو آهي. ڪم واري کي تہ چوڻ جي همت ڪانہ اٿس. وس وڏا ڪندو ڪم ڪرائڻ لاءِ پر جي ڪو ڪم ناممڪن هوندو تہ ٻہ ٿورڙيءَ اُميد تي ها ڪري ويهي رهندو ۽ پوءِ نيٺ خطاب ملندس، "ڏاٽائي" حميد جي وڏي ۾ وڏي گلا انهن لفظن ۾ ڪري سگهجي ٿي. حميد ڪو ملڪ جو بادشاهہ تہ ڪونهي جو سڀ ڪم ٿيندا وٽس. چار ٿيندا تہ ٻہ نہ ٿيندا.

ڪا پنج مٽي ڳوڻ ڪٽٽي هجي. اُهو ڪم پنج ڄڻا پلي گڏجي ڪن، حميد رڳو ڳوڻ تي آڱر لاتي هوندي تہ بہ چوندو تہ اها ڳوڻ ڪنئي ئي مون.

"اڙي بابا توڪيئن ڪنئي. هيءَ تہ اسان جي..."

"نہ نہ آءُ ائين ڪونہ ٿو چوان. پر آءُ نہ هجان ها تہ ڳوڻ اوهان کان ڪونہ کڄي ها."

پر اها لئہ ڪندو اُتي روبرو. بئي پاسي رپورٽ ڏيٽي پوبس تہ پوءِ پنهنجو "ڪريڊٽ" بہ ٻين جي حوالي ڪري ڇڏيندو. باقي مُنهن تي پنهنجيءَ طاقت جو رعب ضرور وجهندو. انهيءَ مان اهو نہ سمجهبو تہ ڪو الانا صاحب اسان کان ڳوٺيون کڻائيندو هو پر مطلب تہ ٻيا ڪم جيڪي ڪارڪنن جا ٿيندا آهن.

پڇيس، "حميد صاحب، اوباسيون ڇو ٿا ڏيو؟"

"بس يار پوڙها اچي ٿيا آهيون."

وري پڇيس، "حميد صاحب بس ۾ پويان ڇو ٿا ويهو؟"

"بس پوڙها ماڻهو جو ٿياسين."

وري پڇيس، "حميد صاحب آهستي ڇو ٿا هلو؟"

"يار پوڙها هڏ آهن."

"حميد صاحب تکا ڊوڙندا ڇو ٿا هلو؟"

"ڇا ڪريون پوڙها جو ٿياسين."

بس پوڙهپڻ تہ اچي حميد مان ڦاٽي آهي. اجا تہ ماشاءَ الله وار ڪارا لڳا پيا اٿس، چمڙيءَ ۾ سر ڪونہ پيا اٿس. ڪڙائيءَ تڙائيءَ سان ٿو هلي، سياٽي جڏهن ڪجھ وار اچا ٿيس، هڪڙو اڌ ڪو سُرُ پيس تڏهن مورڳو ائين نہ چوڻ شروع ڪري تہ "بس يار مري ويا آهيون.

زوري پوڙهي ٿيڻ واري هن نوجوان جا آفيس جي ڪم ڪارين جا بہ ڪي اصول آهن.

اسان جو الانا صاحب سخت محنتي ۽ محتاط ماڻهو آهي، ان ڪري اُن جو اصول آهي تہ "ڪم ماڻهو لاءِ پيدا ٿيو آهي."

ڊاڪٽر الانا جي گهڙيءَ جا ڪانٽا سندس ٽنگن جي رفتار سان سُر سُر ملائي هلندا آهن. نيڪ 8 لڳي 1 منٽ تي آفيس. نيڪ هيترا لڳي هيترن منٽن، هيترن سيڪنڊن تي هيءُ ڪم ضرور ٿيڻ کپي. ان ڪري جڏهن ڊاڪٽر صاحب جي ڪرائيءَ ڏانهن نهاريو تہ ڪرائي نظر ڪانہ ايندي، رڳو گهڙيءَ جا ڪانٽا ڏسڻ ۾ ايندا.

حميد جي گهڙي وري سندس دل جي رفتار سان هلندي آهي ٿي پيرا "ٽڪ

ٺڪ“ ڪندي تہ چار پيرا وري ”ڏڪ ڏڪ“ ڪندي ان ڪري حميد جي گهڙيءَ ڏانهن نهاريو تہ گهڙي ڏسڻ ۾ نہ ايندي رڳو ڪرائي ڏسڻ ۾ ايندي. حميد ٻوڙو نہ آهي، ان ڪري سليم خواجي سان سنگت رکي اٿس. خواجہ سليم مٿس ٻيو نہ تہ اهو اثر ضرور ڇڏيو آهي تہ جڏهن حميد ڪجهہ بہ ويهي لکندو آهي، پوءِ اُها چاهي ڪهاڻي هجي يا ڪو آفيس جو ڪاغذ، تڏهن ٽپ ٻوڙو هوندو آهي. اوهان ٽپ ڏيو ميزون وڃايو پستول ڪڍي فائر ڪريو. حميد ڪنڌ مٿي نہ ڪڻندو. اهڙيءَ حالت ۾ اسان لکيل پنو ڦريوس تہ پوءِ ڪنڌ مٿي ڪڻندو. پر پنو ڪڻڻ وقت ويٽ پيپرن تي ضرور اک رکجو ڇو تہ اهڙي حالت ۾ 75 سيڪڙو امڪان موجود هوندو تہ حميد پيپر ويٽ اوهان جي مٿي تي واهي ڪڍي.

وچ وچ ۾ ميان علي محمد چانگ اچي اسان سان سنگت رکي، پر ائين چوڻ بهتر ٿيندو تہ اسان هن سان سنگت رکي. علي محمد چانگ ست بادشاهيون ڦٽائي اچي ايم اي جو شاگرد ٿيو. ريسرچ ڪري ڪاغذ تي ٻين هلائڻ جي دوران سڄو وات ۾ پان وجهي وات هلائيندو آهي. ادب جو دشمن ۽ اديب جو دشمن.

پڇيوسين، ”اڙي ابا ڇو؟“

”ابا اهي جيڪي اديب آهن نہ سدائين ساڪريٽس تي هلندا آهن. اسين زمين جا ماڻهو ڪٽ خلق. اديب آسمان جي مخلوق. هيٺ اک پوين ڪونہ. ٻيو ڪائين مٿو ۾ اُڇتو ٻڌائين لوڪ ڪهاڻيون. ڏندو نہ ڏاڙي رڳو ڪوڙ تي سندرو. اڙي ابا جهاز هلائي نٿا سگهو تہ ريل گاڏيون هلايو. نہ تہ ٻنهين وڃي مال تہ چاريو. ليي ڪجهہ ڪونہ رڳو زبان سان پيا اُپ ڪڇيندا. ٻيءَ دنيا سان ائين ڳالهائيندا ڄڻ دنيا بيوقوف آهي ۽ پاڻ خليفا تي لٿا آهن. بابا يڃ پري ٻي ڪميءَ خلق ڪان.“

هڪڙي ڏينهن حميد ۽ مون پڇيوسين، ”اسان سان ڇو سنگت رکي اٿيئي. اسين بہ تہ اديب آهيون.“

”بہ ڏينهن ڏسان، جي اوهان بہ چوويهہ ئي ڪلاڪ خدا جا، پنهنجي علم، ادب ۽ ڏکين اکرن جو رعب وجهڻ شروع ڪيو تہ پوءِ تي طلاقون ڏيندس اوهان کي بہ.“

طلاق مون کي تہ ڏيندي دير ڪونہ ڪري پر هڪ ڙي حميد تنهنجيون ڪوڙ ڪيون شل نہ ڪو ڦاسي، چانگ نہ رڳو پاڻ ڦاسي پيو پر اسان کي بہ ڦاسائي رکيائين. اسان کي اهو بہ پتو پيو تہ علي محمد چانگ روزانو هڪڙي فلم ڏسندو آهي.

”چانگ فلم ڏسڻ هلون؟“ حميد سنڌ وارو ڏڪ هنيس.

”هلو ڪهڙيءَ فلم تي هلون؟“

”ڇو؟“

”ميان ليڪچرراڻيون ڇا سوچينديون ته اسان جو سابق ڊائريڪٽر هيئن لوفرن وانگر بينو آهي.“

اُهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن حميد وري ٽيچڪ ٽيچڪ فلم اسان سان گڏجي نه ڏٺي، جيتوڻيڪ علي محمد ۽ مون وٽ تازي چڙهيل فلم جي، بنا پئسن ونڻ جي پبلسٽي ڪئي هوندي، حميد اسان کي ”نه ته ڇيو هو ڇو ته هيستائين ڪنهن کي به ”نه“ نه چيو هونداڻين ته اسان کي ڪيئن جواب ڏئي، پر ڪونه ڪو بهانو ڪريو جند ڇڏايو وڃي. سچ ڪري پڇو ته اسان کي به هاڻ مزو ڪونه ٿو اچي. وہ بات کہاں مولوی مدن کی“

ماڻهو جي وزن جي خبر هڪڙي تڏهن پوندي آهي جڏهن هو ساهميءَ جي پڙ تي چڙهي وهي، ٻي تڏهن پوندي آهي جڏهن ماڻهو ڪرسيءَ تان لهي. نه رڳو ڪرسيءَ تي ويهڻ ۽ لهڻ واري جي وزن جي خبر پوندي آهي. پر يارن دوستن جي وزن جو به اندازو ٿي ويندو آهي.

حميد ڊائريڪٽر آف ڪاليجز جي ڪرسيءَ تي ڪجهه ڏينهن ويٺو هو ۽ سڄيءَ سنڌ جا ڪاليجز هلائيندو هو. پوءِ جڏهن اُها ڪُرسي ڇڏي آيو تڏهن مون کي اها پڪ هُئي ته وٽس ڪير ڪونه ايندو. هڪڙي پاسي حميد ضرور ”ڊائريڪٽر“ ٿي وقت گذاريو هوندو، پنهنجو وزن وڃايو هونداڻين، ماڻهن تي رعب ڪيا هونداڻين. ماڻهو آخر وٽس ڇو اچن؟ ۽ وري جيڪي وٽس ڊائريڪٽريءَ دوران سلامي هوندا، اُهي به ڇو اچن، اُهي ته حميد وٽ اينداڻي ڪونه هُئا۔ ڊائريڪٽر آف ڪاليجز وٽ ايندا هُئا. پر پتو تڏهن پيم ته جيڪب آباد کان منيءَ تائين ڪاليجن جا ليڪچرار وٽس ايندا رهيا. حميد ”حميد“ ٿي رهيو هو ڊائريڪٽر ٿي نه.

مونکي وڏيڪ پتو وري تڏهن پيو آهي، جڏهن حميد انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڇڏي پبلڪ اسڪول ويو. اڄ ڏس ته پٽيوالو ولي محمد ڪنپ ڪيو لطيف آبا د اُڏاڻو وڃي. اڄ ڏس ته بشير، لطيف آباد نمبر 6 جا چڪر پيو ڪاٽي. اڄ ڏس ته علي محمد ۽ عبدالقادر نئين چڙهيل ٽيچڪ ٽيچڪ فلم جون خوبيون ٻڌائيندا لطيف آباد ڏُٺا وڃن.

اُهو ”وچڻ“ وارو ئي کهڙو جيڪو پويان پيرن جا نشان نه ڇڏي.

❊

# حميد سنڌيءَ عڪس

## ريتا شهاڻي

حميد سنڌيءَ پنهنجي ڪهاڻي 'ياڏن جي جزيري ۾' جي شروعات هن طرح سان ڪئي آهي. "زندگي هڪ آئيني مثل آهي، جنهن ۾ ڪيئي عڪس پيا پسجن. ڪيئي عڪس اُتي ئي نپجيو اتي ئي ختم ٿيو وڃن. ڪي عڪس اهڙا بہ ٿين جو آئيني کي بہ ختم ڪيو ڇڏين." اهو ڪهڙو نہ انوکو ۽ اهم قؤل آهي! 'عڪس آئيني کي ختم ڪيو ڇڏين' (ان سچائيءَ کي مان پوءِ واضع ڪنديس.) ڪهاڻيءَ جي پُڇاڻي هُن، هِن ريت ڪئي آهي، "مان ان ڳالهہ جو قائل ٿي چڪو آهيان تہ حياتي ختم ٿي وڃي ٿي پر سندس عڪس، سندس چٽ، سندس نقش پوءِ بہ قائم رهن ٿا." حميد سنڌي جي ان قؤل جو آڌار سندس زندگيءَ جو پنهنجو تجربو آهي.

عجيب اتفاق آهي تہ مون پنهنجي تازا ترين ڪتاب "ميران ٻائيءَ سان وارتالاپ" ۾ مشهور جرمن منووگيانڪ ڪارل جنگ (Karl Jung) جو حوالو ڏنو آهي. هر هڪ انسان جي اچيتن من جي گهراين ۾ تمام قديم ۽ اهم تصويرون، اميجز يا عڪس هوندا آهن جيڪي وقت بوقت اپرندا رهندا آهن." پر ان چوڻيءَ جو آڌار سائنس آهي.

حميد سنڌيءَ جي اها ڪهاڻي مون 1986ع ۾ پڙهي هئي ۽ ان جو هڪ عڪس منهنجي ذهن ۾ چنبڙي پيو هو. سندس ڪردارنگاري ايڏي تہ چُست ۽ پاور فل هئي جو ڪهاڻيءَ جو مکيہ ڪردار – دادا پرسرام مون کان وسري نہ وسريو خاص طرح هن جون اکيون. "ڇا سندس چهرو ڇا سندس رعبدار چال، ڇا سندس بت جي لوڏ، ڇا سندس ڳالهائڻ... هو تمام پورو هو منهن تي ڪکيون مچيون، ڪڪا اُيا وار بت چڱو سَبر، سندس منهن ۾ هڪ ڳالهہ هئي، جنهن هن کي سيني کان مختلف ٿي بڻايو- سي هيون سندس اکيون، وڏيون ٿورڙو ڪاراڻ مائل، ڳاڙهيون اکيون. سندس اکيون ڏسي، مون کي سَهي جون اکيون ياد پونديون هيون، جنهن کي هڪ دفعو بابو پڪڙي گهر کڻي آيو هو.

سندس اکين ۾ هراس ضرور هو پر اُن هراس ۾ لڪل شرارت نظر پئي آئي.“

هاڻي منهنجي لاءِ اهي سهي جون اکيون ڪهاڻيءَ جو مرڪز بڻجي پيون! منهنجي ذهن تي ڇانئجي ويون. جڏهن جون 2001ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ حميد سنڌيءَ سان روبرو ٿيس ته مون ماهتاب محبوب جي اڳيان ڪيس چيو ”توهان جي هڪڙي ڪهاڻي، جنهن جو نالو مون کي ياد ناهي، ۾ هڪ سهي جو ذڪر اچي ٿو خاص ڪري هن جي اکين جو. مان انهن کي وساري نه سگهي آهيان.“ عجب جي ڳالهه اها جو ڪانئس به اها ڳالهه وسري ويئي هئي. هن چيو ”مون کي ياد نٿو اچي.“

ماهتاب وَرِي چيو. ”نه، نه. اهو سَهو ڪونه هو. هڪ آڪاڻيءَ ۾ هرڻيءَ جو ذڪر آهي.“ مون وڏيڪ چورڻ مناسب نه سمجهو. پوني واپس اچي مون اهو ڪهاڻين جو مجموعو ڳولهي لڌو. ’اُداس واديون‘ ۾ ڪهاڻي پڙ ’يادن جي جزيري ۾‘ (جيڪو نالو مون کان وسري ويو هو.)

برابر مان صحيح هئس، اهي سهي جون ئي اکيون هيون. پرسرام جي اکين جي مشاهبت، حميد سنڌيءَ سهي جي اکين سان ڪئي هئي.

ان واقعي مان اهو ظاهر ٿي بينو ته هرهڪ ليکڪ جو نقش چٽڻ جو انداز نرالو آهي ۽ پانڪ جي ذهن جو اُن نقش کي جهٽڻ ۽ محفوظ رکڻ جو طريقو به انفرادي ۽ علحدو آهي.

نقش دائمي ٿي سگهن ٿا، ٿيندا آهن. سڀ ڪجهه چٽڻ واري جي ڪلا تي منحصر آهي.

هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار سان گڏ حميد سنڌي، هڪ زنده دل شخص ۽ سنو مهمان نواز آهي، جنهن جو ڪلندڙ چهرو ۽ ڳالهه ڳالهه تي ٽهڪڙو پُرڪشش آهي. هن جو نيرڻ جو دسترخوان طرح طرح جي طعامن سان سينگاريل هوندو آهي جنهن جي سواد جي لذت مان وڻي چڪي آهيان. نرم، گرم مانيون ۽ پراٺا، مکڻ جا چاٽا، لسيءَ جا دنگ، ڪوفتا، سبزيون، ڏهي، شربت، چانهه، سڀ ڪجهه هڪيو حاضر هو. مٿان وري ڪارائڻ واري جو پيار پريو زور. سنڌ جي سنڌين جي مهمان نوازي، هنن جو ڌرم آهي، ايمان آهي. مهمان هنن لاءِ ڪنهن فرشتي کان گهٽ ناهن.

اهڙو عڪس به منهنجي ذهن تي دائمي رهندو.

[ڪتاب: آڪاش گنگا تان ڪنيل 2013]

❊

# حميد سنڌي: وڏو اديب وڏو ماڻهو

## تاج بلوچ

منهنجي جيون ۾ حميد سنڌيءَ جو عمل دخل رڳو ايترو ئي آهي جيترو بن ۾ بيٺل ڪنهن هيڪل وڻ کي ڪا بهار جي هوا لوڏي ۽ مشڪبو ڪري وڃي يا ڪڏهن ڪنهن پوهه جي پوئين رات جيان وجود کي ڏڪائي وڃي. اسان جي ملاقاتن، محبتن ۽ نفرتن جو ڪٺي ڪنهن تجزيو به ڪيو ته ڪيس انهن ٻنهي ڪيفيتن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. منهنجي خيال ۾ دل جي ڪائنات ۾ هڪ همعصر لاءِ انهيءَ تاجي- ٻيٽي کان ڌار ٿي، ڪوبه نقاد ٻنهي سان انصاف نه ڪري سگهندو.

حميد سان نه ته گهاٽي دوستي رهي آهي ۽ نه ايتري دوري، جنهن مان ڪنهن شديد نفرت جو ڪو احساس اڀري سگهي. هن سان هڪ نظرياتي رشتو پئي رهيو آهي ۽ انهيءَ رشتي ۾ رهندي اسان ٻنهي ڄڻن، پنهنجي پنهنجي وس ۽ وت آهر اهو ڪم پئي ڪيو آهي، جيڪو ناساز گار سياسي حالتن اسان جي ٻچپين ۾ ڳاري جيان وجهي ڇڏيو ۽ اسين ٻيئي ڄڻا پرمار قوتن خلاف مهاڏو اٽڪائيندي هڪ ٻئي جي ائين ويجها اچي وياسين، ڄڻ هڪ نه هوندي به هڪ هجون ۽ هڪ ٻئي کان ڌار ۽ ڏور رهندي به هميشه جي لاءِ ويجها ۽ گڏ هجون.

انهيءَ حوالي سان ٻيا به ڪيترائي ويجها دوست، ڪامريڊ ۽ قومي ڪارڪن هئا، جن سان ٻنهي دليون هيون، پر سياسي/ادبي عمل ۾ انهن سان اهڙي وابستگيءَ واري وات نه جڙي سگهي، جيڪا معمولي اختلافن جي هوندي به حميد سنڌيءَ سان جڙي پيئي ۽ اختلاف به ڪهڙو؟ هو ترقي پسند قوم پرست ۽ مان مارڪسوادي.

اسان ٻنهي ڄڻن، جنهن دور ۾ اک پٽي، يعني لکڻ پڙهڻ يا سنڌي ادبي سنگت جي ڪارج ۾ رڌجي وياسين، سي اهي ڏينهن هئا، جو پنهنجي وارن

ڪي اُس جي پاڇن ۾ ڏسبو ۽ جاچبو هو پينٽ يا شرٽ (حميد فل سوٽ پائيندو هو ۽ مان ڪراچي شهر جي هڪ وڏي ۽ مقبول ڪاريگر جي هٿ جون سبيل خوبصورت ۽ مهانگيون ٽي شرٽس پائيندو هوس. يا ٽائي جي ڪريز تي وڏو ڌيان ڏنو ويندو هو. ڪنهن تي اک ئي نہ ٻڌندي هئي. حميد منهنجي سياسي/علمي ۽ ادبي پس منظر مان واقف هو ۽ مان بہ ڪيس اڳ جيان هاڻ بہ چڱي ريت سڃاڻان ٿو. تازو ئي سندس اباڻي شهر نوشهرو فيروز جيڪو منهنجي محبوب ترين شاعر نارائڻ شيام جو بہ شهر آهي، اتي اٽڪل ڏيڍ ٻن سالن جي عرصي تائين ڊسٽرڪٽ ٽريزري آفيسر جي حيثيت ۾ علائقي جي ۽ علائقي جي ماڻهن جي چاڪري ڪري آيو آهيان.

مان حميد جي وڏڙن جون زرخيز ۽ خوبصورت ٻنيون اکين سان جاچي آيو آهيان. اهي ٻنيون ۽ ٻارا منهنجي اباڻي ٻنين ۽ ٻارن جيان ئي زندگيءَ جي لهر کي قائم رکيو اچن ٿا. پر اسان ٻنهي جي انهن کيتن سان سڱ سياپو اهڃاڻ حيثيت کان مٿي ناهي رهيو.

سال گذريا ڳوٺ مان نڪتو هو ڳيرو ڇوڪرو
گم اهو آهي ڪٿي، گمنام تنهنجي شهر ۾

مان وڏيڪ ۽ حميد مون کان گهٽ سطح تي گم ٿيل اهو ٻالڪ آهي، جنهن جو موهہ اجان وڏي شهر ۾ موجود آهي ۽ هاڻ اسين عمر جي ان حصي ۾ اچي پهتا آهيون جو ڳوٺن ۾ هٿ نوڪئي شيطاني نوعيت جي بدامنيءَ، بدعنوانيءَ ۽ اٽجاٽائپ (۽ جنهن اٽجاٽپ جي اسين جاڻ رکون ٿا) جي ڪري وڏ ۾ وڏ عيد برات يا شاديءَ مراديءَ تي ٻن راتين کان وڏيڪ اتي نٽا ترسي سگهون.

ان جا ڪيئي ڪارڻ آهن. هڪ تہ وڏڙن وڃي قبرستان وسايا ۽ ننڍا جيڪي وڏا ٿيا آهن، تن لاءِ اهڙو ماحول جوڙيو ويو آهي، جو اسان پارا ڏکڻا ۽ حساس ماڻهو اتي لمحي لاءِ بہ ترسڻ کان معذور آهن ۽ ٻيو تہ انهيءَ ماحول ۾ هاڻ اهو رنگ، خوشبوءِ زندگي نہ رهي آهي جو سڪ ۽ اڪير کي مهميز ڏيئي سگهي.

مون مٿي حميد ۽ پنهنجي سڃاڻ پئي ڪرائي. ٻئي سڪئي گهرن جا ياتي هئاسين، شڪل شبيهہ ۾ بہ ڪنهن ”هيرو“ کان گهٽ نہ هئاسين پر جڏهن جوڀن جا ڏينهن آيا تہ اسان جيڪڏهن ڪو عشق بہ ڪيو تہ اهو سنڌ ۽ مظلوم سنڌين سان.

مون جڏهن 60_1959ع ۾ ڪاليج جوائن ڪيو ته، مرحوم استاد پرفيسر ڊاڪٽر اياز قادري صاحب، مون کي سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻي ۾ وٺي آيو. جتي ادب/سياست جي ڏاڍن سگهارن ماڻهن سان دوستيون ٿيون، جن اسان جون ڳچيون، عشق جي رهگذار تان هٽائي، ادب ۽ سياست جي گس تي موڙي ڇڏيون ۽ زندگي سرفراز ٿي وئي.

پنهنجي وجود جي احساس کان نابلد ٿي، اسان پاڻ کي فطريءَ ريت Declassified ڪيو ۽ اهو سياءُ اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. وڏيرڪي ٻارن واري ڇيڳرائيءَ جو ته سوال ئي ڪونه ٿئي اُپريو پر اسان جون سنجيدگيون به اڄ کان چاليهه سال اڳ، اسي سالن جي ڄمار وارن ماڻهن جهڙيون هيون. اسان ڏار ڏار هوندي به هڪ ئي پليٽ فارم تان سياسي ڪم ۾ رڌل رهياسين ۽ اٽڪل ٽيهن سالن کان پوءِ جان پوئتي نگاهه ڪري ڏٺو هوندوسين، محسوس ٿيو هوندو ته جتان کان هليا هئاسين، ان هنڌ کان به گهڻو پوئتي رهجي ويا آهيون. جنهن ملڪ ۾ سياسي ماڻهو مسجد جي ونڊ ۽ مندر جي پرساد تي وڪاميا هجن، اتي اسان پارن چريائيءَ جي حد تائين مخلص ۽ Rational approach رکندڙ قومي ڪارڪن ۽ قلمڪارن جي ڪهڙي حيثيت؟

اصل ۾ پيداواري وسيلن ۽ اقتدار تي قابض ڌريون، انقلاب لاءِ ڪم ڪندڙن کي خاص حڪمت عمليءَ هيٺ ڇيڪ ته ڇڏي ڏينديون آهين يا انهن جي وڏڙن جي ڪمائيءَ جي ڪري ٿوري گهڻي رعايت به ڏينديون آهن. پر اصل ۾ انهن جي زهر کي مارڻ جو اهو هڪ خاص انداز آهي. يعني ماڻهو لڳاتار هلچل ۾ به رهي ۽ فڪري توانائيءَ سان، پنهنجي پيل ماڻهن جي سُرت کي، انتهائي خلوص ۽ ايمانداريءَ سان اپاريندو به رهي، پر نتيجو ٻڙي، ڇاڪاڻ ته علم جي ڪوٺ، پرماري ۽ پئسو ميڙڻ واري لاڙي، سڄي سرشتي کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

حميد ته هڙان وڙان، روح رهاڻ، ڪڏيو انقلاب ۽ تبديليءَ لاءِ دوستن جو هڪ هجوم ساڻ ڪري اڳتي نڪتو. ڪير ڪير نه هو انهيءَ درد جي رهگذر جو پانڌيئڙو؟ ڪجهه ڪجهه سالن جي ساهيءَ کانپوءِ مارشل لاءِ ايندا رهيا يا مارشل لا جهڙيون حالتون رهيون ۽ جمهوريت جي ڇهري جو ٻُور انب جي ٻور جيان، بي نام رستن تي ڇڻندو رهيو. ڪال ڪونڙيون آباد رهيون، پيرن ۾ ٽڪنڪيون ۽ پنين تي ڦٽڪن جا وسڪارا رهيا ۽ ڪيترن کي ته سوريءَ سزاوار به ڪيو ويو.

”روح رهاڻ“ جا جشن اڄ بہ اکين آڏو آهن. پڄاڻيءَ کان اڳ، ڊائس تان پيش ڪيل انقلابي گيت اڄ بہ ڪنن ۾ سرور پيدا ڪري رهيا آهن ۽ جشن کانپوءِ واريون جهمريون ۽ جمالا ڪٿي ٿا وسري سگهن؟ روح رهاڻ جي جشن لاءِ اڳواٽ ايئن تياريون ڪبيون هيون جڻ ڪنهن ويجهي مٽ جي شاديءَ تي ويٺو آهي ۽ انهي سڄي مشڪبو جنسار جو سرواڻ حميد سنڌي هوندو هو.

اکين ۾ سنڌي قوم لاءِ درد جون ڏياٽيون ٻاري، بسنت هال جي مک- دروازي تي، هر ايندڙ لاءِ پيئي ٻانهون ۽ ڪشادو سينو کوليو بيٺو هوندو هو ۽ جڏهن ڪجهہ حاصل ڪرڻ جوڳا ٿياسين، تہ وچئون ٿيان ماڻهو دلبو ڏيئي بازي کٽي ويا پر هو اڄ بہ اهڙوئي اڳ جيان سرگرم، هڏ ڏوکي، شفيق ۽ مهربان آهي ۽ سنڌ جي نالي تي ڪوڙ پچي سر گهورڻ وارن کي سجاڻي ويو آهي.

ذاتي تجربي جي آڌار تي چوان ٿو تہ، جڏهن ماڻهو وڏيءَ ڪنهن Post تي هليو ويندو آهي تہ Diplomat ٿي پوندو آهي ۽ ڪي ڪرڻ جوڳا ڪم بہ سولائيءَ سان نہ ڪري ڏيندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ ڪنهن بہ دوست کي تري تي بهشت جمائي ڏنو هوندوسين تہ انهيءَ ايندڙ وقت ۾ وڏا ڏچا ڪڙا ڪيا هوندا. ان ڪري پنهنجي پتڪي بچائڻ لاءِ ڪجهہ ”چيڪ“ رکبي آهي، نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽريزري آفيسري تہ نٿي هلي سگهي. ممڪن آهي تہ حميد واري ڊائريڪٽري وائيس چانسلري يا چيئرمئني هلي وڃي، پر اتي بہ ڏاڍا وڏا ڏچا ۽ خرابيون آهن. سڄو سنڌ سنسار ڪرپٽ ٿي چڪو آهي. جڏهن ذهن ٿي اجڙي وڃن تہ ادارن جي بربادي جو ڪير ۽ ڪيستائين ماتم ڪندو؟

پر انهيءَ مامري ۾، مون حميد کي ڏسڻ ۾ ڏکيو ۽ ڏنگو پر ڪم ڪري ڏيڻ ۾ ڏاڍو سولو سمجهيو آهي ۽ ان ڏس ۾ هڪ شخصي واقعو ٻڌائڻ ضرور ٿو سمجهان.

منهنجي وڏي پٽ (اردو ٻوليءَ جو خوبصورت شاعر ۽ ”تنهائيان“ جو خالق) نديم مراد جي انجنيئرنگ ۾ داخلا هجي، پر هن جو NCC سرٽيفڪيٽ، ڪٿي گم ٿي ويو هو ۽ بہ سيڪڙو مارڪن جي کوٽ پئي آئي داخلا ۾. حميد وائيس چانسلر هو ان ڪري مون کي اُلڪو وڌيڪ هو ڇاڪاڻ تہ اديب/شاعر ۽ وڏو عملدار بہ هجي تہ ڏاڍو ڏکيو پوندو آهي. دوستن کي شيخ اياز جو تجربو هو جو رشيد ڀٽي جهڙي پياري ساٿيءَ جو بہ ڪم نہ ڪيو هيائين. هوڏانهن پٽ NCC وارن اخباري سائيز جي پني تي جيڪا پوتا ميل لکي ڏني هئي، اهو ظلم جو داستان غير اطمينان بخش پئي لڳو يونيورسٽي وارن کي. مون حميد کي

فون ڪيو ۽ احتياط طور جمال ابڙي کان بہ فون ڪرايو مانس. حميد وراڻيو ”ها ياءِ، ڏسنداسين. چوڪري کي سڪر موڪليو ان جو انٽرويو اتي ٿي ٿيندو ڇاڪاڻ تہ ڊوميسائل سڪر جو آهي، پوءِ ڏسنداسين.“

منهنجا تہ ڇيھہ ٿي ڇڄي پيا. هيڏانهن سخت نوعيت واري نوڪري جونيئر بہ موڪل تي هجي، سو سڪر وڃجي ۽ ان ڏينهن ٿي واپسي ممڪن نہ پئي لڳي، ڇاڪاڻ تہ سوين هزارين ڇوڪرن جو انٽرويو هوندو اسان جو وارو الائي ڪڏهن اچي يا اچي بہ ٿو يا نہ؟

خير ڪراچيءَ مان صبح سوير واري فلائيٽ پڪڙي ستين سوائين ستي وڳي بڏايل جاءِ تي پهتاسين، دل ٻڏتر جو شڪار هجي. بهر حال هال ۾ پهچڻ شرط جهڙيءَ ريت منهنجي آجيان ٿي ۽ انٽرويو ونڻ لاءِ آيل هر پرفيسر ۽ استاد جنهن نموني پاٻوهہ مان هن فقير جي پذيرائي ڪئي، ان پوبان حميد جون ئي محبتون سرگرم ٿي ڏٺيون ۽ يارهين وڳي واري سئي ڪان آيل فوڪر ذريعي هلي مون ڪراچي ۾ اچي پنهنجي سرڪاري ڊيوٽي بہ نڀائي ۽ نديم کي بہ داخلا ملي ويئي، ڊگري وٺي بيروزگار رهڻ لاءِ.

حميد نيڪ نيت، ڏيئڻ جهڙو پٽ، انسان دوست ۽ روماني قلمڪار آهي. اجان بہ ساڳي فلڪ اٿس. لتي ڪپڙي ۾ اٿئي ويڻيءَ ۾ يلن ماڻهن واري سياسي اديبن ۾ حميد اڪيلو اديب آهي جيڪو غيرسياسي تهمت آرائيءَ جي بنياد تي غيرسياسي شيخ اياز جيان اجايو ڏکهو جيل ڪاٽي آيو.

سنو ڪهاڻيڪار يا قلمڪار هجڻ ڏاڍي سني ڳالهہ آهي، پر جي اهو ليڪڪ عام ماڻهن لاءِ بہ ڪارائتو ماڻهو آهي تہ پوءِ اها ڏاڍي وڏي ڳالهہ آهي، ۽ سنڌ ۾ اهڙن وڏن ماڻهن جي ڏاڍي کوٽ ٿي پئي آهي. حميد سنڌي ۽ هڪ اڌ ٻين سنڌي ڪامورن جو دم غنيمت آهي جيڪي ڏارين کي. سنڌ غنيمت جو مال سمجهي وڪرو ڪري ڏيڻ جي راهہ ۾ رنڊڪ ٻڻيو بيٺا آهن. حميد نہ فقط وڏو ۽ سگهارو ڪهاڻيڪار آهي، پر وڏو ماڻهو بہ آهي ۽ هن شائستگي سان انهيءَ وڏ ماڻهپائيءَ کي Maintain ڪيو آهي.

*

# حميد: احساس جو رکوالو

## قاضي خادم

مختصر ڪهاڻي افسانوي ادب جي ڪيتر ۾ 19 صديءَ ۾ پير پاتو ۽ ٿوري وقت ۾ ان وقت جي مشهور ترين صنف ناول کي تمام پوئتي ڇڏي وئي. هينري فيلڊنگ، چارلس ڊڪنس، وليم مئڪبيس ٿيڪري، ميري ڪورائي، ٽالسٽائي، سر والٽير، سر والٽر اسڪاٽ ۽ بيشمار مشهور ناول نگار جيڪو نالو ايتري وڏي وقت ۾ ڪمائي نہ سگهيا، اهو اينٽوف چيخون ترگنيف مئڪسم گورڪي (روس) فلابيئر ۽ موپاسان (فرانس) سمر سيٽ ماهم (فرانس ۾ جنم ورتل) واشنگٽن ارونگ ۽ ايڊگر ايلن پو نيشنل هاٿورن مڪينزي جيمس (آمريڪا) ۽ ٻيا ڪيترا ليکڪ پيدا ٿي ويا. جن جي مختصر ڪهاڻين ادب جي دنيا ۾ هڪ وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو. حالانڪ انهن ۾ ڪيترا اهڙا بہ هئا جن مختصر ڪهاڻيءَ سان گڏوگڏ ڊراما ۽ ناول بہ لکيا پئي ليڪن مختصر ڪهاڻي پنهنجي اختصار موضوع جي نواڻ ۽ عام ماڻهن جي مسائل سان واسطو رکندڙ صنف جي طور اڀري آئي ۽ ٿوري ئي وقت ۾ دنيا جي جن جن حصن ۾ يورپي تسلط هئو اتي ترجمن جي صورت ۾ وڃي پنهنجي جاءِ والاريائين.

اهڙن ئي بنيادي ڪهاڻي ڪارن مان انتوف چيخوف (1904_1806) پنهنجي وقت جي Master Story Tellers مان هڪ هئو جنهن مختصر ڪهاڻيءَ کي ئي پنهنجي اظهار جو وسيلو بنايو ۽ 44 ورهين جي عمر ۾ ادب جي دنيا کي اڻ سئو ڪهاڻين سان مالا مال ڪيو. ليڪن هن جو چوڻ هو. ”مون جيڪي ڪجھ لکيو آهي. اهو پنجن يا ڏهن سالن ۾ وساريو ويندو ليڪن مون جيڪو رستو ناهيو آهي، اهو قائم رهندو هڪ ليکڪ جي حيثيت سان منهنجي اهائي وڏي ڪاميابي آهي“.

هي هڪ اهڙي راءِ آهي، جيڪا بين الاقوامي حيثيت رکي ٿي. انڪري جو ڪنهن بہ وڏي ليکڪ جو اندازو هن جي ڪهاڻين جي گهڻي وقت تائين

پسند اچڻ سان نہ بلڪ ان مان لڳايو ويندو آهي تہ هن جي ناهيل گس تي ڪيترا لڳا ۽ ان صنف ۾ اهميت ڪي برقرار رکندا آيا.

برصغير ۾ بنگالي ليکڪن، رابندر ناٿ ٽيگور، شرت چند، بنڪم چيٽرجي، هندي ليکڪن منشي پريم چند، مولانا عبدالحليم شر ڪان وٺي ڪرشن چندر، راجندر سنگهہ بيدي سميت چغتائي، سعادت صفا منٽو ۽ اوائلي دور جا ڪهاڻيڪار جن موضوعن مواد توڙي ٻوليءَ جي لحاظ کان هن صنف کي اوج تي پهچايو تن مان بہ سي ڏسجن تہ صرف راجندر سنگهہ بيدي ۽ سعادت حسن هو، جنهن جو ادبي سرمايو مختصر ڪهاڻيءَ تي مشتمل آهي، ۽ هنن جي ڪهاڻين جديد ليکڪن کي اهي گس ڏيکاريا، جن تي هلي هنن اهڙيون ڪهاڻيون تخليق ڪيون، جن هر طبقي جي ماڻهن جي سوچ ۽ فڪر جو انداز ئي بدلائي ڇڏيو ورنہ عام طرح هر وڏي ڪهاڻيڪار، ناول، ڊراما ۽ ڪن حالتن ۾ شاعري بہ ڪئي آهي.

ان مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪي اديب هر صنف ۾ طبع آزمائي ڪن ٿا تہ ڪن پنهنجو پاڻ کي صرف مختصر ڪهاڻي لاءِ ئي ارپي ڇڏيو آهي. اهڙن ليکڪن جون ڪهاڻيون نهايت اثرائتيون ۽ ادبي حيثيت ۾ پنهنجو جدا مقام قائم ڪن ٿيون.

حميد سنڌي، جديد ڪهاڻيڪارن جي ان جٿي سان واسطو رکي ٿو جن صرف مختصر ڪهاڻيون ئي لکيون آهن. انهن ۾ جمال ابڙو (جنهن بعد ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي) ثميره زرين، نسيم کرل، طارق اشرف ۽ ڪي اهڙا ليکڪ بہ شامل آهن، جن تمام ٿورين پر بهترين ڪهاڻيون لکيون. جن ۾ ع. ق. شيخ، مراد علي مرزا ۽ اياز قادري (بنيادي طرح هو بہ شاعر هو) اچي وڃن ٿا. جڏهن تہ سنڌ جا ٻيا سمورا اهم ڪهاڻيڪار شيخ اياز، غلام رباني، شيخ عبدالرزاق راز محمد عثمان ڏيپلائي، آغا سليم، مهتاب محبوب، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجو نجم عباسي، غلام نبي مغل، نورالهديٰ شاهہ، قاضي خادم (رَقم الحروف) شوڪت شورو، طارق عالم ابڙو، قبول ابڙو ۽ ٻيا ڪهاڻيڪار هڪ ئي وقت ڪهاڻيڪار سان گڏ ڊراما، ريڊيو، ٽي وي، ناول ۽ ڪن شاعري ۽ مضمون نويسيءَ ۾ بہ پير پاتو ۽ نالو ڪيرايائون. ان طرح سان ڏسجي تہ حميد هڪ مڪمل ڪهاڻيڪار آهي. حميد جي ڪهاڻين جا ڪيترا ئي مجموعا اُداس واديون، ويريون، راڻا جي رجپوت، جاڳ بہ

تنهنجي جيءَ سان پنهنجو نالو ڪڍي چڪا آهن ۽ سنڌي ادب ۾ پنهنجي حيثيت مڃائي چڪا آهن. هن جي لکڻ جو انداز ٻين کان اصل جدا آهي. هو ڪهاڻي ٻڌائي ڪونه ٿو بلڪ ڪهاڻي ڪٿي ٿو جنهن ۾ پڙهندڙ کي پاڻ سان وٺي هلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو چاهي ٿو ته جيئن هو محسوس ڪري ٿو. سندس پڙهندڙ به بجنسي ائين ئي محسوس ڪن. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪهاڻين ۾ فڪر کان وڌيڪ احساس نظر اچي ٿو. هو ٿوري ٿوري واقعي ۾ وڏو سبق ٿو ڏسي. ماضي جي قدرن کي تبديل ٿيندڙ ڏسي ڪيس ڏک ٿو ٿئي. هو ان کي سنڌ جي معاشرتي زندگي لاءِ هاڃيڪار سمجهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جا وستيون ۽ واهڻ, ڳوٺ ۽ شهر, نديون ۽ ڍنڍون ۽ عام ماڻهو هاري ناري ڪڙمي ڪاسبي هن لاءِ وڏي حيثيت رکن ٿا. پر ان هوندي به هو اُن سرنديءَ وارن کي پسند ڪري ٿو. جيڪي سنڌ جي پرمپرائن جو بچاءُ ڪيو وينا آهن. جيڪي پاڙي پتيءَ لاءِ ”پوتار“ بجاءِ سائيدار وڻ ٿي رهن ٿا, جيڪي غريب غربي کي پنهنجي برابر وهارڻ ۾ عار ڪونه ٿا سمجهن. پريو مڙس پلي ته غريب هجي ڪنهن ذات جو هجي ان کي چاچا ۽ وڏي عمر جي عورت کي ماسي يا امان ٿا ڪونين.

حميد جتي سنڌ جي رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافت جي مختلف پهلوئن کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي, اهي وهم وسوسا, جن ۽ ڀوت, تعويذ ۽ ڦيٽا, ڪونه وساريا اٿس. جيڪي سنڌ جي جهوني سڀيتا کان معاشري جي اندر ۾ پيهي ويل نظر اچن ٿا. حالانڪ جن ڀوت ۽ تعويذ ڦيٽا ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ هر قوم ۽ هر مذهب جي ماڻهن ۾ هلن ٿا, ليڪن سنڌ ۾ انهن جو واهپو عام آهي.

”سومون سپ جمار“ ڪهاڻيءَ جو به موضوع اهو ئي وهم وسوسو آهي, هو جنهن ڇوڪريءَ سان پيار ڪري ٿو اها اڪيلائي ۾ تصوراتي دنيا ۾ رهندي, نفسياتي مريض ٿي وڃي ٿي ۽ هر اها ڳالهه ڏسڻ ۾ اچيس ٿي, جيڪا هوءَ چاهي ٿي. هيءَ پيار جي هڪ عجيب ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ڪن هنڌن تي سنجها جي عمل کي Justify به ڪيو ويو آهي. حالانڪ جديد دور ۾ Parapsychology تي تمام وڏي تحقيق ٿي آهي, جنهن ۾ اهي نتيجا نڪتا آهن ته ڪي ڳالهيون انساني نفسيات ۾ اهڙيون آهن, جن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ هڪ خاص قسم جي حالت جي ضرورت هوندي آهي. جيئن پري جي منظر کي دوربين سان ڏسبو آهي ۽ پري جو آواز ٽيليفون ذريعي ٻڌبو آهي. ان هوندي به

هن ڪهاڻي جو هڪ پهلو تمام اثرائتو آهي ته سنجها هن سان پيار ڪري ٿي ۽ جاڻي ٿي ته هو سندس ذهني الجهن مان پريشان نه ٿئي، نه ئي وري جن يا اڻ ڏٺل قوت کان کيس ڪو نقصان ٿئي. سنجها کي برين ٽيومر ٿيڻ، سنجها جي جاڙن ٻارن جو شهنشاهه جي پوڀان هليو وڃڻ، اهڙا معاملا آهن، جن جو حل ليکڪ پڙهڻ وارن تي ڇڏي ٿو.

لڳي لڳي واءُ به هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي، جنهن جو موضوع داخلي ڪيفيت سان واسطو رکي ٿو جڏهن ته پليٽ فارم تي بيل هڪ پيتي هڪ سهڻي Deseriptive ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ غريبن جي نفسيات چڱيءَ طرح اجاگر ڪيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ريلوي اسٽيشن ۽ ان سان واسطو رکندڙ Terminology جي استعمال سان وڌيڪ اثرائتي لڳي ٿي. ان جو اردو ادب جي برک ليکڪ دت ڀارتي جي ياد ڏياري ٿو. جيڪو خاص طرح اهڙن ڪردارن جي باري ۾ ڪهاڻيون لکندو هو جن جو پيشو ريلوي سان واسطو رکندو هو ۽ پڙهندڙ تي هڪ انوکو ماحول ۾ پهچائي ڇڏيندو هو. البته هن جي ڪهاڻي پيتي کي واپسيءَ تائين محدود هجي ها ته وڌيڪ اثرائتي ٿئي ها. پيتيءَ جي مالڪن جو رويو ڏيکارڻ ضروري ڪونه هو بدل پيتيءَ جي حوالي سان مختلف ڪردارن کي جيئن پيش ڪيو ويو آهي. اهو خود هڪ اثرائتو انداز آهي ته ڪيئن غريب انسان پنهنجي عزت نفس جي رکوالي ڪري ٿو ۽ ضرورتمند هوندي به خود پنهنجي ڏيءَ جي ڏک کي خوشيءَ ۾ بدلائڻ لاءِ ڪو ڪُڌو ڪم ڪونه ٿو ڪري.

هت اها ڳالهه قابل غور آهي ته حميد پنهنجي ڪهاڻين ۾ تخيل کان وڌيڪ ”حساسيت“ کي اهميت ڏني ٿو ۽ هاڻ هو ان نهج تي پهچي چڪو آهي جتي هر ڪهاڻي هن جي مختلف سوچن، احساسن ۽ اندازن تي مشتمل آهن ۽ ائين چوڻ ۾ ڪو وڌائو ڪونه ٿيندو ته هن جون ڪهاڻيون هن جي ذهني ۽ فڪري آتم ڪهاڻيءَ جو هڪ حصو ٿيون لڳن.

هن مجموعي جي خاص ڪهاڻي ”مرين ته آرهڙ ۾ مرجانءِ“ آهي، جيڪا سنڌ جي تهذيب سان گڏ سنڌ سان ٿيندڙ ظلم جي به نشاندهي ڪري ٿي. سنڌو جو سُڪڻ هڪ لحاظ کان سنڌ ڌرتيءَ لاءِ موت جو پيغام ثابت ٿي سگهي ٿي. اهڙي فڪر کي هن ڪهاڻيءَ جو بنياد بنائي، جنهن طرح بيان ڪيو ويو آهي، اهو قابل داد آهي، خاص طور هندوستان مان هڪ سنڌي جڏهن پنهنجي هانين کي سنڌوءَ ۾ وهائڻ جي وصيت ڪري ٿو ۽

سندس پونير اُهي ڪٽي پنهنجن چڏيل اباڻن ڪکن ۾ اچن ٿا پر ڪيس ڪٽي به درياءَ ۾ ايترو پاڻي ڪونه ٿو ملي جو هو اُهي هانيون اُن ۾ لوڙهي سگهن. تڏهن هو چوي ٿو ته ڪيس (ماءُ پيءُ ڪي) آرهڙ ۾ مرڻ گهرجي، جو آرهڙ ۾ بهرحال سنڌوءَ ۾ ايترو پاڻي چڏيو وڃي ٿو جيڪو جيئرن جي ضرورت ته پوري ڪونه ٿو ڪري، پر شايد هانئين ڪي تڏو ڪري سگهي.

"ڪڙيا ڪنٹهار" وري غيرت ۾ اچي ڪنهن پنهنجي پياري جي جان ونڻ تي بَدَل آهي Honour Killing يا ڪارو ڪاري هڪ اهڙو موضوع آهي جيڪو هن تعليم يافته دور ۾ هڪ وڏي ناسور جي حيثيت وٺي چڪو آهي. ڪارو ڪاري جي نانوَ تي قتل، هڪ طرف ته غيرت سمجهيو ٿو وڃي ته ٻئي طرف اهو اهڙو ڪاروبار آهي جنهن جو نفعو وڏيرن ۽ جاگيردارن کي حاصل ٿئي ٿو. نياڻيءَ جهڙي عزت پرئي نانوَ کي ٻي عزت ڪرڻ جو ان کان وڏو ڪهڙو مثال ٿي سگهي ٿو. هينئر به اسان کي اکيون کولڻ گهرجن علم جي جوت گهر گهر پهچائڻ گهرجي ۽ هن قبيح رسم مان جان ڇڏائڻ گهرجي. هن مجموعي جي هر ڪهاڻي جو موضوع جدا حيثيت رکي ٿو ۽ سيني جو واسطو سنڌ جي مٽيءَ سان آهي، جنهن کي حميد جي قلم هڪ جهاد جي صورت ڏئي ڇڏي آهي.

※

# حميد سنڌيءَ هڪ خاڪو

## خواجہ سليم

اهو وقت 1960ع جي شروعاتي سالن وارو هو جڏهن مون هڪ شخص جي باري ۾ ٻڌو جنهن تازو پنهنجو ادبي رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو هو. ڪراچي جي ادبي حلقن ۾ هن کي شيخ حفيظ کانسواءِ ڪير ڪو نہ سڃاڻيندو هو.

’هو سنو چوڪرو آهي پر چاڪليٽي هيرو آهي:‘ حفيظ آهستي چيو ۽ جڏهن بہ مون کانئس هن شخص جي ادبي حيثيت متعلق پڇيو تہ حفيظ ڪلها لوڏي خاموش ٿي ويو.

آخر منهنجي هن سان ملاقات ٿي وئي. جمال رند وٽ سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهري هئي ۽ هن اُتي ترجمو ٿيل هڪ شيءِ پڙهي، جيڪا موسم جي سونهن متعلق هئي. نهايت بي موقعي ۽ بي مقصد شيءِ. باوجود سندس صاف چٽي لهجي ۽ ڊرامائي انداز جي سندس اهو قلمي زور مون تي نہ هليو. هن جو چوڪراڻو چهرو ڊگهو ۽ پريل جسم ۽ پاڻ ۾ گم رهڻ وارو انداز ڏسي مون کي حفيظ جا وڏيڪ تاثرات ياد آيا: ڪمزور شخص پاڻ تي رحم ڪائيندڙ پنهنجي وڏپڻي جو يقيني مريض.

ٻئي ڏينهن هو مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ ويندي ئي منهنجي هٿ ۾ پنهنجي ناولٽ ’حويلي‘ جو مسودو ڏنائين. مسودو پڙهي ڪيس صلاح ڏنم تہ انهيءَ کي طاق تي رکي ڇڏ. موٽ ۾ هن مونکي سٺي پڪل لذيذ ڪڪڙ کارائي.

ها سائين، هيءَ ذڪر- خير حميد سنڌيءَ جو ئي پيو هلي. هيءَ هڪ اهڙي دوستيءَ جي شروعات هئي جا وقت گذرڻ سان وڌندي رهي آهي. خاص طرح جڏهن اسان کي گڏ رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. 1964ع ۾ اسان ٻئي نرسري ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر عمر جاگيراڻيءَ سان هڪ فليٽ ۾ ڪجھ مهينا گڏ رهياسين، پر سيپٽمبر- آڪٽوبر 1965ع ۽ جنوري- مئي 1967ع ۾ ترقي پسند اديبن جي مرڪز اوٽيھ، روپ محل حيدرآباد ۾ منهنجو ساڻس گڏ رهڻ بي حد خوشگوار ۽ انيڪ تجربن وارو هو.

19۔ روپ محل رڳو ہن ننڍڙن ڪمرن جي زندگيءَ کان وانجهيل جمود واري جاءِ نہ هئي. انهيءَ ۾ هڪ اهڙي صفت هئي، جنهن کي بيان ڪرڻ سولو نہ آهي. پر ائين چئي سگهجي ٿو تہ اها بي جان شين ۾ روح ڦوڪي سگهي ٿي.

حميد، شمس ۽ مان انهيءَ کي رهڻ ڪرڻ جي جاءِ طور ڪتب آڻيندا هئاسين. ناصر ۽ امداد لاءِ وقتي ڇپر ڇانوَ ۽ اشفاق ۽ حفيظ لاءِ ملڻ ڪرڻ جو هنڌ هو. اسان سڀ غياث سميت ۽ ٻيا ساٿي پڻ هن جاءِ کي ونڊر ورونھ جي مرڪز طور يا سماجي ادبي ڪلب طور بہ ڪتب آڻيندا هئاسين. ان سان گڏ هيءَ هنڌ 'روح رهاڻ' جي ايڊيٽري واري ڪم ڪار جو دفتر بہ هو.

اهو 19۔ روپ محل ئي هو جتي اصل پر گهڻ رَکي حميد جو پتو پيم. هتي ئي مون سندس غمگين ۽ خوش، محبت ۽ نفرت، پُر سڪون ۽ سخت ڪاوڙيل، ٻي ڪار ۽ ڪرت سان، هيٺو ۽ ڏاڍو، ناهيندڙ ۽ ڍاهيندڙ جا انيڪ روپ ڏٺا. هتي ئي سندس باري ۾ مون پنهنجن شروعاتي خيالن ۾ ڪجھ ڦير گهير آندي ۽ هن جي شخصي لاڙن لاءِ نئين سر ڄاڻ حاصل ڪيم.

خاص طرح اهو ئي ڄاتم تہ هن جي ڪمزوري هڪ شريف انسان جي ڪمزوري آهي، جيڪو گڏھ کي گڏھ چوڻ کان ڪيٻائيندو آهي تہ متان گڏھ ڏکوئجي نہ وڃي. هن جو پاڻ وبچاري هجڻ وارو جذبو جيڪو هاڻ ڪافي تڏو تي چڪو آهي، حقيقت ۾ ڊرامائيت جي ڪري هو. هيءَ پرجوش ڊرامائيت هن جي طبيعت جو لازمي حصو بڻجي وئي هئي. هو ننڍين ۽ سادين شين کي انهن جي قدر ۽ قيمت مطابق قبول نہ ڪندو هو. هن جي لاءِ هر شيءِ جو وڌو ۽ ڏکيو هجڻ تمام ضروري هو. ننڍيون ۽ خسيس ڪاميابيون ڪيس مٿيري هجڻ جي وهم ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديون هيون، جڏهن تہ ننڍڙين کان ننڍڙيون ناڪاميون ۽ جذباتي پريشانيون ڪيس پاڻ تي رحم کائڻ تي مجبور ڪنديون هيون ۽ اتي اڃي صفا حيران پريشان ٿي ويهي ويندو هو. جيڪڏهن اسان جي هن چاڪليٽي هيرو ۾ ڊرامائيت نہ هجي ها تہ هو يقينن عرب شيخن جهڙو 'حرم' ضرور ناهي وٺي ها. جڏهن بہ سهڻين مان ڪنهن کي بہ سندس ويجهو وڃڻ جو مقعو ملندو هو ۽ سهڻيون سمجهنديون هيون تہ هاڻ سندس جوشيلو ناٽڪيٽو سندن سهڻ کان چڙهي ويو آهي تہ هو وڃي گهٽ جوشيلي ناٽڪ پٺي وارا ماٺهو هٿ ڪنديون هيون. هن جو هيءَ جذباتي ڊرامائي رخ صرف سهڻڻ لاءِ ئي نہ هو سندس لکڻين جي نصيب ۾ بہ ان جو چڱو ياڱو آيو آهي ۽ شايد گهڻو ياڱو. حقيقت ۾ سندس لکڻين ۾ رونق، اوجر ۽

احساس تڏهن پيدا ٿيو هو. جڏهن هو فضائن ۾ اُڏامڻ بجاءِ پنهنجا قدم زمين تي مضبوطيءَ سان ڄمائي لکندو آهي.

اُتي ئي مون منجهس تنظيمي ۽ وقت نيائي چڙهڻ واريون صلاحيتون ۽ قوتون ڏٺيون. هن جو ڏکين ۽ اڻوٽندڙ حالتن ۾ ماهوار 'روح رهاڻ' ڪڍڻ، ان جا سالوار جشن ڪرائڻ انهيءَ ڳالهه جو وڏو ثبوت آهي ته هو اهڙو حيوان آهي، جيڪو يوٽوپيائن ۾ رهي ٿو ۽ انهن جي ڪنهن حصي کي عملي صورت ڏيڻ جي قوت رکي ٿو.

'روح رهاڻ' جي وجود سنڌ ۾ خود شناسيءَ جي احساس کي بيدا ٿيندي ڏٺو ۽ اهڙو پاسو ورائيندي ڏٺو جنهن اڳتي هلي هڪ طوفاني ۽ سيلابي رخ اختيار ڪيو. 'روح رهاڻ' ۽ ان جي جشنن خاص طرح مارچ 1967ع ڪانپوءِ هڪ سيلاب جي صورت اختيار ڪئي. 1968ع جي شروعات ۾ 'روح رهاڻ' تي زوري بندش سان حميد جي زندگيءَ جو ۽ ان سان گڏ سنڌي ادب جي تاريخ جو هڪ چٽو ۽ نمايان باب پورو ٿيو.

حميد جو هيءُ اڻپورو ۽ اُتاولو خاڪو لکندي مون ايترو ئي بار محسوس ڪيو آهي، جيترو بار هڪ ڀيري پياري دوست شيخ حفيظ جي باري ۾ ٽيليويزن جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي محسوس ڪيو هيم. هن مرحوم افسانا نگار دوست جي شخصيت جي نمايان رخن ۽ لاڙن، سندس غير رسمي هجڻ ۽ اڻ ناهه واري طبيعت کي وڌيڪ نمايان ڪرڻ جي خيال ۾ اهڙو ته پري وڃي نڪتس جو ڪيس غير ذميوار شخص بڻائي ڇڏيم. حفيظ ڀيو سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو پر ذميوار نه. انهيءَ حرڪت تي مون کي هر طرف کان ڳالهيون ۽ گاريون ٻڌڻيون پيون، خاص طرح رشيد ڀٽيءَ کان، اهو ئي ڀٽي جنهن کي تازو الهام ٿيو آهي ته منهنجي ۽ شيام جي شخصيت تي حفيظ جو ٺپو آهي. ٿي سگهي ٿو ته مون تي وري ڪي الزام اچن يا ڪي ڳالهين جا تير وسن. جيڪڏهن ائين ٿيو ته هن دفعي الزامن جي تيرن جي تکائي ۽ تيزي اڳي کان گهٽي وڌ هوندي، ڇاڪاڻ جو حميد ان وقت جي حفيظ کان گهڻو جاندار ۽ حياتي سان ڀرپور آهي، جنهن وقت مون هن جي شخصيت لاءِ ٽي ويءَ تي ڳالهايو هو.

[ڏرتي دان گهري تي "جاڳ به تنهنجي جيءَ سان" واري ڪتاب تان خواجه سليم جي مضمون جو ٻيو حصو]

❊

# حميد سنڌي: اڌ صديءَ جو ڪهاڻيڪار

شوڪت حسين شورو

سنڌي ڪهاڻيءَ پنهنجي هڪ صدي مڪمل ڪئي آهي، تہ حميد سنڌيءَ بہ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان اڌ صديءَ کان پاڻ ڪجھ وڌيڪ عرصو پورو ڪيو آهي، هو پنهنجي ٿهيءَ جو هڪ وقت اڪيلو ڪهاڻيڪار آهي جيڪو لڳاتار لکندو رهيو آهي. هن ٻين وانگر ٽي وي جي چمڪ ۾ نہ ڊرامن ڏانهن رخ ڪيو نہ اخباري ڪالمن لکڻ ۾ مشغول ٿي ويو. حميد سنڌيءَ جو ڏيان ۽ موهہ ڪهاڻيءَ سان رهيو. عشق گهڻو ڪري دائمي ڪونہ هوندا آهن، پر حميد سنڌيءَ جو ڪهاڻيءَ سان عشق جاري آهي ۽ دائمي آهي. هو ڪلھ جو ڪهاڻيڪار هو تہ اڄ جو بہ ڪهاڻيڪار آهي. حميد سنڌي بنيادي طور هڪ بهترين داستان گو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ داستان گوئي جو فن سمايل آهي. هن جون ڪهاڻيون تجربن جي ليبارٽريز مان نهي نڪتل ڪونہ آهن، پر داستان گوئي جي اعليٰ معيار واريون سئنيون سڌيون ڪهاڻيون آهن جيڪي پڙهندڙ کي ڪهاڻي پڙهي پوري ڪرڻ تي آماده ڪن ٿيون.

نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ اريگيشن ۽ ٻين سرڪاريءَ کاتن جا اڪثر ڪامورا توبھ تائب ٿي. سونهاري شريف رکائي ديندار بنجي زندگيءَ جا باقي ڏينهن عاقبت سنوارڻ ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. حميد سنڌي جيڪو ٻن يونيورسٽين جو وائيس چانسلر رهي چڪو آهي، تنهن اهڙو ڪجھ نہ ڪيو آهي. هن جي وڏي مشغولي ادب سان لاڳاپيل هجڻ کان سواءِ پنهنجي ارشد اسٽريٽ واري گهر ۾ ”بزم روح رهاڻ“ جو ميڙو مچائي ويهڻ آهي.

سندس لفظن ۾ ”مون هٿ نہ روڪيو ۽ لکندو رهيو آهيان، ڪهاڻي ڪهندو رهيو آهيان. ابتو سبتو ڳالهائيندو رهيو آهيان ۽ ابتو سبتو ٻڌندو بہ رهيو آهيان پر فڪر ۽ نظرين ۾ تبديليءَ جو قائل نہ رهيو آهيان، جو انساني اخلاقي، سچ حق حسن ۽ خير جا قدر سانديندو پاليندو رهيو آهيان....“

حميد سنڌيءَ سنو ڪهاڻيڪار تہ آهي ئي پر ادبي مجلسن ۾ ڪامياب صدر يا مهمان خصوصي پڻ آهي. الائي ڇو ڪن دوستن کي شڪايت آهي تہ حميد سنڌي جي تقريرن ۾ بن ڳالهين جو ذڪر يا ورجاءُ هميشہ هوندو آهي: هڪ روح رهاڻ ۽ ٻي ڪيفيت هاڻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهي ٻئي ٻڌڻ ۾ ٻہ شيون آهن، پر اصل ۾ آهي هڪڙي حميد سنڌيءَ تي روح رهاڻ جو جيڪو ڪيف چڙهيل آهي سو شاهہ لطيف جي هن بيت وانگر آهي:

بيڪاري کي ٻَرَ ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا انگ اڙي، جيئن ڇُٽا ڦٽ ڇُڙي پيا.

حميد سنڌي تہ خير روح رهاڻ جو روح روان هو پر اسان واري ٽهي جنهن ۾ آئون عبدالقادر جوڻيجو منير احمد (پوءِ مانڪ) عبدالحق عالماڻي، قاضي خادم ۽ آخري دور ۾ مشتاق احمد شورو مدد علي سنڌي شامل آهيون سي پيدائش ئي روح رهاڻ جي آهيون، ان ڪري اسان تي بہ اهو ڪيف چڙهيل رهيو. حق جي ڳالهہ اها آهي تہ "روح رهاڻ" جي وسيلي ئي نسيم کرل، امر جليل ۽ خود حميد سنڌي جهڙا ڪهاڻيڪار اڀري وڏي قد ڪاٺ وارا ليکڪ بڻيا. اها "روح رهاڻ" هئي جنهن ۾ شيخ اياز جي شاعري "جل جل مشعل جل جل " بنجي سنڌ ۾ ون يونٽ ۽ اسٽئبلشمينٽ جي خلاق مزاحمت جي هڪ نئين لهر اياري.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ حميد سنڌي بذات خود "روح رهاڻ" هو.

پيهي جا پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون تيس پاڻ، سسئي تان سور هٿا.

جيڪڏهن سسئي پاڻ پنهون ئي سگهي ٿي تہ حميد سنڌي روح رهاڻ ڇو نٿو ٿي سگهي ۽ جيستائين سسئي جي سورن جي ڳالهہ آهي تہ روح رهاڻ رسالو ڪيڻ سسئي جيان ڏونگر ڏورڻ ۽ جبل جهاڳڻ جي برابر هو. هونءَ بہ حميد سنڌيءَ حساس ماڻهو آهي. ڏکن ۽ سورن جو ڪيفيتون هر حساس ماڻهوءَ جي من تي اثرانداز ٿين ٿيون. ان ڪري حميد سنڌيءَ طرفان ان لفظ جي استعمال ڪرڻ ڪان اڳ سندس مزاج ۽ طبيعت جي ڪيفيت کي سمجهڻ ضروري آهي.

حميد سنڌي ۾ ايتري جرئت آهي جو هن لاءِ ڪنهن غلط ڳالهه ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کان پوءِ خاموش رهڻ ممڪن ئي ڪونهي هن جهڙي ريت پنهنجين ڪهاڻين ۾ معاشري ۾ ٿيندڙ ڏاڍ، ظلم ۽ زيادتين جي خلاف قلم کنيو آهي ۽ انهن کي وائکو ڪيو آهي، اهڙي ريت هو ڪنهن غلط ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ مصلحت پسندي اختيار ڪري خاموش ٻه ڪونه رهندو آهي. مون کي هڪ پراڻي ڳالهه ياد ٿي اچي ڪي سال اڳ ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ ڪوٺايل شاهه عبداللطيف ادبي ڪانفرنس جو موضوع سُر مومل راڻي ۾ شاهه لطيف جي شاعري جي حُسناڪي هو. اسان جي اديبن ۽ عالمن ويچاري مومل کي جنهن ريت ڪاري بنائي سنگسار ڪيو ۽ ڪات ڪهاڙا کڻي مومل جي ڪردار سان جيڪا ڪاسائڪي ڪار ڪئي، ان حميد سنڌيءَ جهڙي حساس دل ماڻهوءَ کي ڏکوئي وڌو. حميد سنڌيءَ سڄو ڏينهن ڪجهه غير سنجيده مقالا ٻڌا هئا، سو هن آخري نشست جي صدر جي حيثيت سان جيڪا تقرير ڪئي سا ٻڌڻ وٽان هئي. چيئين: ابا اوهان شاهه لطيف جي شاعريءَ جي حسناڪي تي ڳالهائڻ آيا هئا يا مومل جي ڪردار تي؟ اها نه رڳو مومل جي ڪردار سان نا انصافي آهي، پر شاهه جي شاعريءَ جي خوبصورتيءَ ۽ تقدس جو ٻه خيال ڪونه ڪيو ويو آهي، جيڪو اسان جي اديبن ۽ شاعرن کي نتو جڳائي حميد سنڌيءَ جي لهجي ۾ ڏک ٻه هو ته ڪاوڙ هئي پر هن ڳالهايو فهم ۽ فضيلت سان.

حميد سنڌيءَ ڪڏهن آتش، فشان ٻه بنجي ويندو آهي ۽ ڪيس ان ڪيفيت ۾ جيڪو نئون ماڻهو ڏسندو سو اول ته ڏڪي ويندو ته اجهو ٿو جبل ڦاٽي حميد سنڌيءَ کي ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙ لڳي ته گجگوڙ سان گڏ سندس ٻانهون ۾ هٽ ٻه ساڄي کاٻي ۽ سامهون تيزيءَ سان ڦرڻ لڳندا آهن، نئون ماڻهو سمجهندو ته اجهو ٿو ڪنهن کي ٺونشو لڳي يا چماٽ لڳي. پر اهڙو ڪجهه ٻه ڪونه ٿيندو آهي ڪجهه ئي دير ۾ آسمان کان ڪاوڙ جا ڪڪر صاف ٿي ويندا آهن، حميد سنڌي ائين سانتيڪو ٿي ويندو آهي، ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. پاڻ نه رڳو دل جو صاف آهي پر نرم دل پڻ آهي. سندس لفظن ۾ ”هن حياتيءَ جو هيءُ وڏو پنڌ لتاڙي آيو آهيان، پر نه نينهن نپجڻ وسريو اٿم، نه چنڻ مور سکيا“ واري فڪر ۽ عمل کي پاسيرو رکيو اٿم.“

پُر وقار شخصيت جو مالڪ حميد سنڌيءَ کِلڻو رلڻو ملڻو ڪچهريءَ جو مور، آيلن جو ڪُليءَ دل سان آڌر ڀاءُ ڪندڙ ميزبان پڻ آهي ۽ سندس دسترخوان ڪشادو آهي.

سنڌي ادب ۾ جيستائين هن جي حيثيت جو تعلق آهي تہ حميد سنڌي هڪ وڏو ڪهاڻيڪار آهي سندس ڪهاڻين جا ست مجموعا ڇپجي چڪا آهن: 1- سيمي، 2- اداس واديون، 3- ويريون، 4- راڻا جي رجپوت، 5- جاڳ بہ تنهنجي جيءَ سان 6- در ونديءَ جو ديس. 7-ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون. سنڌيءَ جي هڪ وڏي شاعر ۽ نقاد تنوير عباسي جو چوڻ آهي تہ "حميد پنهنجي سهيوڳين ۾ هڪ انوکي اسلوب جو مالڪ آهي جنهن جي ڪهاڻين جا ڪردار ماڳ ۽ انهن جو ماحول سنڌ جي سماجي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي."

حميد سنڌيءَ ويريون، ڏوهارِ دربان، نوٽ ڏرتي، بابا منهنجو چوزو راڻا جي رجپوت، ڇُڪ، ريب فريب زندگيءَ جا، منوءَ جي ڪهاڻي اسان اُڏارا آڻي آونگ چاڙهيا، زبرو ڏڪ، جاڳ بہ تنهنجي جيءَ سان، زورآور، درونديءَ جو ديس، هي زهر ڪير تہ پئيندو، جي مرين تہ آرهڻ ۾ مرجاڻ ۽ ٻيون کوڙ ساريون بهترين ڪهاڻيون لکيون آهن.

اها سنڌي ادب جي بدقسمتي آهي جو حميد سنڌي جي ڪهاڻين جو باقاعدي اڀياس نہ ڪيو ويو آهي هن مختصر مضمون ۾ آئون سندس فقط ٻن ڪهاڻين جو ذڪر ڪندس. "هيءُ زهر ڪير تہ پيئندو" جو مُک ڪردار استاد شفيح محمد هيڊ ماستر آهي اصولن جو پابند ۽ آئيڊيئل استاد. تن ڏيئرن ۽ هڪ نوجوان لوفر پٽ جو پيءُ ڏيئن جا ڪپڙا ڦاٽل ۽ گهر ڪنڊر بنيل. سندس پينشن جا ڪاغذ اڃا نہ نهيا آهن ۽ هن وٽ گهر جي خرچ هلائڻ جي لاءِ پئسا ئي ڪونہ آهن. انهيءَ ڳڻتيءَ وچان گهرمان ٻاهر نڪري مس ٿو تہ اوستو غفور گڏجيس ٿو ۽ کيس ڪريل گهر جي مرمت ڪرائڻ جي مشورو ڏئي ٻڌائيس ٿو تہ پٽنهن هيروئن وڪڻي بہ ٿو ۽ پيئي بہ ٿو. استاد شفيح محمد جو دماغ ڦري وڃي ٿو. بازار مان لنگهي ٿو تہ ماڻهو کيس سلام ڪن ٿا. سڄي شهر کي اوڏر تي سيڌو ڏيندڙ آهي، سو سندس اڳيان ٻيهي ٿو ۽ پينشن جي ڪاغذن جي پڇا ڪرڻ لاءِ اسڪول ۾ وڃي ٿو تہ ٻن ٽن ماسترن کي وراندي ۾ ڪچهري ڪندي ۽ سگريٽ پيئندي ڏسي ٿو. هو ڪين شرمائي ٿو تہ ماستر ڪاوڙجي پون ٿا. اڳتي وڌي ٿو تہ پٽ جي اوٽ ۾ ڪجهہ شاگرد دونهان پيا ڪڍن، هيڊماستر بہ آفيس ۾ پن جي ٻيڙي پيو پيئي. ماستر، شاگرد ۽ هيڊماستر سڀ استاد شفيح محمد جي خلاف ٿي وڃن ٿا ۽ احتجاج ڪندي اسڪول بند ڪرائين ٿا. هو ڳوڙهن پربل

اکين سان واپس وڃڻ لڳي ٿو تہ سندس پٺ ايڪسائيز وارن کان پڄندي هيروئن جا ٻہ پڙا سندس صدريءَ جي کيسي ۾ وجهي ڊوڙندو گم ٿي وڃي ٿو. استاد شفيع محمد گهر اچي لفافي ۾ پيل هيروئن جون سموريون پڙيون پاڻيءَ جي جڳ ۾ ملائي ٿو "هي زهر ڪير تہ پيئندو" هي اهو پاڻي پاڻ ٿي پي ڇڏي ٿو.

"هي زهر ڪير تہ پيئندو" ڪهاڻيءَ ۾ اسان جي موجوده معاشري جي هڪ وڌندڙ ناسور کي بيحد اثرائتي انداز ۾ چٽيو ويو آهي. هڪ ايماندار ۽ اصولن تي هلندڙ ماڻهوءَ جي لاءِ هن معاشري ۾ ڪا جاءِ ڪانهي. سنڌ جي تعليمي نظام جي تباهي، ماستر جي غيرذميداري ۽ لاپرواهي، نوجوانن ۾ منشيات واپرائڻ جو وڌندڙ خطرناڪ لاڙو هن دور جون تلخ حقيقتون آهن. حميد سنڌيءَ جي هيءَ ڪلاسڪ ڪهاڻي آهي، جنهن جو تازو هندي زبان ۾ ديوي نانگراڻي جو ڪيل ترجمو پڻ شايع ٿيو آهي.

حميد سنڌيءَ جي ٻي شاهڪار ڪهاڻي "جي مرين تہ آرهڙ ۾ مرحان" آهي، هن ڪهاڻيءَ جا ٻہ ڪيترائي رخ ۽ پهلو آهي:

ورهاڱي ۽ جلاوطني جو درد" ميائي جياس جي وڃي مڙهہ ملير ڏي" واري ساٽيهہ جي سڪ. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي جياپي جو د ارو مدار رکندڙ سنڌو درياءَ ۽ ان جي موجوده صورتحال هڪ سنڌي هندو جيڪو ورهاڱي سبب جلاوطن انديا هليو ويو تنهن مرڻ کان اڳ وصيعت ڪئي تہ سندس رک سنڌ ۾ موڪلي سنڌو درياءَ ۾ وهائي وڃي. هن جو ڏوهٽو ناني جون هانيون سنڌو درياءَ ۾ پُرواهہ ڪرڻ لاءِ جڏهن سنڌ ۾ اچي ٿو تہ سنڌو درياءَ جو پيٽ سڪل آهي. ڪٿي بينل، ڪني ٿيل پاڻيءَ جا ڊُبا آهن. هن پنهنجي پيءُ کان مستي موج ۾ وهندڙ سنڌو درياءَ جو ذڪر ٻڌو هو پر هاڻي اهو درياءَ کيس نظر نٿو اچي ۽ هو پريشان آهي تہ پيءُ جون هانيون ڪٿي پُرواهہ ڪري ! حميد سنڌي جي هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ دردناڪ صورتحال جو درد ناڪ narrative (بيانيہ) آهي.

سنڌي ڪهاڻي جيڪا پنهنجي هڪ صديءَ پوري ڪري ٻي صديءَ ۾ داخل ٿي آهي، تنهن ۾ حميد سنڌيءَ جي قلم مان اجا ٻہ اهڙين شاهڪار ڪهاڻين جي سرجڻ جي اميد آهي.

*

# ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون

رکيل مورائي

اهو زمانو منهنجي نسل جي شعوري عمر ڪان اڳ ۾ جو زمانو هئو. جنهن ۾ به رسالا ۽ ادبي ڊارائن جي پرچار ۾ رڌل هئا. اها خبر اسان جي نسل کي تڏهن پئي، جڏهن اسان ادبي طور پڙهڻ ۽ لکڻ شروع ڪيو.

روح رهاڻ رسالي، سنڌ جي قومي جنگ ادب وسيلي وڙهي ڇاڪاڻ ته ادب عام ماڻهن تائين پهچڻ جو اهم ذريعو هئو. سنڌ هڪ ڪان وڏيڪ عذاب ڀوڳي رهي هئي ۽ سنڌي اديب سنڌ جي سياسي جنگ ادب جي ميدان تي وڙهي رهيا هئا. اها وقت جي گهرج هئي ۽ اسان جي اديب/لکندڙ جو وقت جي نبض تي هٿ هئو هو علمي طرح ۽ ويڙهه ۾ جٽيل هئو ته عملي طور به هڪ ويڙهه وڙهي رهيو هئو.

۽ انهن اديبن وٽ جيڪو اهم هٿيار هئو ان جو نالو " روح رهاڻ" هئو جنهن وڏي عرصي تائين سنڌي ادب کي سچ پچ سنڌ جي آجپي جي راهه جو پانڌيئڙو بڻايو. اهو سڀ اسان ڏنو ڪو نه فقط پڙهيو. پر ان روح رهاڻ جي روح روان ۽ سنڌي ڪهاڻي لکندڙن مان هڪ اهم نالي حميد سنڌيءَ کي ڏٺو به ته ڪيس پڙهيو به. پر اهو پڙهڻ سياست جي پيٽ ۾ وڌيڪ تخليقي هئو ڇاڪاڻ ته اها صنف جنهن ۾ هو لکي رهيو هئو. اها سياسيءَ کان وڌيڪ تخليقي هئي ۽ آهي. جيڪا صنف ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي.

حميد سنڌي ان دور جو لکندڙ آهي، جهن دور ۾ اياز، جمال ابڙو، غلام رباني آگرو، حفيظ شيخ، ناصر مورائي ۽ ٻيا گهڻائي ڪهاڻي لکي رهيا هئا ۽ انهن سڀني جي وچ ۾ حميد سنڌي صاحب جي ڪهاڻي، اها اڻٽ ڪٽي آئي، جيڪا سندس معصرن وٽ گهٽ هئي يا نه هئي. هو جئين ته ساهتي پرڳڻي جو رهندڙ هئو ان ڪري سندس عاليشان ٻولي، جيڪو اظهار ۽ احساس ڪٽي آئي. اهو فقط سندس حصو آهي، سنڌي ڪهاڻي ۾.

حميد سنڌي صاحب جي ڪهاڻيءَ جو سفر ڀهراڙيءَ کان شهر ڏانهن جو

سفر آهي، ممڪن آهي تہ اهو سفر سندس شخصي سفر بہ هجي، ڇاڪاڻ تہ پنهنجي تخليق ۾ بہ بحرحال خالق ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود هوندو آهي.

ٻيو مثال اهو بہ آهي تہ وقت جي رفتار سان سندس ڪردار ڀراڙين کان شهري ٿيندا ويا آهن ۽ سنڌي ڪهاڻين جي ڪردارن جو اهو سفر فطري سفر آهي. جيڪو سماج جي بدلجڻ سبب ٿيندو آهي ان سفر کي حميد سنڌي صاحب هڪ ليکڪ طور پنهنجي هٿ ۾ نہ رکيو آهي، پر ڪردارن جي ماحول ۽ سندن جيئڻ زندگي تي ڇڏيو آهي جنهن ڪري سندس ڪردار پنهنجي ماحول ۾ هلن ڦرن ٿا، لکيڪ جي اڳيان پنيان نٿا ملن. مان پايان ٿو تہ حميد سنڌي صاحب جي ڪهاڻين جي اها سچائپ ئي کيس پنهنجي همعصرن کان الڳ ڪري ٿي.

سندس ڪردارن ننڍڙن ننڍڙن دائرن ۾ آئيڊيل ڪردار پڻ آهن ائين نہ آهي تہ پوءِ سندس ڪهاڻي جا ڪردار وڏندڙ ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ تہ اوس آهن. جنهن ڪري انهن ۾ نفي لاڙا گهٽ آهن، جنهن جو سبب اهو آهي تہ حميد سنڌي صاحب پنهنجي ديس کي شعوري طور ڪجهہ ڏيڻ چاهي ٿو. اتي هو نج تخليقي عمل کي اورانگهڻ عيب نٿو سمجهي، جنهن ڪري ممڪن آهي ڪو ادبي لاڙو انهن ڪهاڻين يا ڪردارن کي سياسي نظرياتي رنگ ڏئي پر.

اهي ڪردار جنهن تهذيبي سفر مان گذريا آهن ان تهذيب ۽ ثقافت جا ڳڻ انهن ڪردارن ۾ موجود آهن. جنهن جي نہ هجڻ جي صورت ۾ حميد سنڌي صاحب نهايت ڏک/اذيت مان اهو اظهاري وينو تہ ” اج سنڌ ۾ اهي موهيندڙ ڪردار ئي نہ رهيا آهن، جنهن ڪري مون ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون آهن. “ (سنڌالاجيءَ ۾ تقرير).

ڪنهن بہ ليکڪ جو اهو الميو آهي تہ اهو پنهنجي لکڻين وسيلي جيڪو سماج اڏڻ چاهيندو آهي، جهڙا ماڻهو ڏسڻ چاهيندو آهي، جڏهن اهو سڀ نہ ٿيندو آهي تڏهن هو محسوس ڪندو آهي تہ سندس لکڻ جو شايد ڪارج نہ رهيو آهي. ائين هو پنهنجي اندر ۾ تخليقي طور پيچ ڊاهہ جو شڪار ٿيندو آهي. جنهن مرحلي تي اچي حميد سنڌي صاحب ان ۾ تسڪين ماڻي تہ هن لکڻ کان ڪنارو ڪري ڇڏيو. اهو فقط حميد سنڌي صاحب جو مسئلو نہ آهي پر دنيا جي ڪيترن ئي لکندڙن کي اهڙن تجربن مان گذرڻو پيو آهي، ويجهڙ ۾ اسان وٽ ٽئگور جو نالو آهي، سنڌ ۾ شيخ اياز صاحب جو مثال آهي، پر اهو سڀ وقتي آهي، ليکڪ جي اندر جو فنڪار ڪڏهن بہ پنهنجي سموري

اعتماد سان ظاهر ٿيندو آهي. ۽ پنهنجو ڀرپور عمل پڌرو ڪندو آهي. جيستائين ائين ٿئي تيستائين حميد سنڌي صاحب پنهنجي ڇڙوڇڙ انهن ڪهاڻين جي چونڊ اسان جي آڏو رکي آهي، جيڪي ڪهاڻيون، سنڌي ادبي بورڊ جي شاندار رسالي ته ماهي ”مهراڻ“ ۾ ڇپيون رهيون آهن. جن جي چونڊ کي هن نالو ڏنو آهي. ”ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون“.

اهو چوڻ به شايد ٺيڪ لڳي ته حميد سنڌ انهن ڪهاڻيڪارن مان آهي، جيڪي مسلسل سنڌي ادب کي خوشحال ڪرڻ ۾ رڌل رهيا آهن. انهيءَ ڪري به سندس ڪهاڻيون سنڌي ماڻهن جي اميدن ۽ نااميدين جون ڪهاڻيون به آهن ته سنڌي ماڻهن کي ديس ۽ ديسواسين سان محبت ڪرڻ جو شعور ڏيندڙ پڻ آهن. سندس ڪهاڻين جي محاوراتي ٻولي، نج سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ڪٿي اڇي ٿي. سندس ڪردار سنڌ جا جيئرا جاڳندا ڪردار ٿي سامهون ايندا آهن.

مان ائين چوڻ/لکڻ به چاهيندس ته حميد سنڌيءَ نه رڳو لکڻ جي حوالي ۾ سنڌ جي آجپي ۽ خوشحاليءَ جو سڏ ڏنو آهي پر هو عملي طور به هڪ اڳواڻ جي حيثيت رکندڙ ليکڪ آهي سنڌ جي قومي شعور ۾ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين سندس عملي ڪردار ۽ سندس رسالي ” روح رهاڻ جو هڪ جيترو حصو آهي“ جنهن کي سنڌي ادب جي تاريخ سدائين ياد رکندي.

حميد سنڌيءَ جي هن ڪتاب نالي مان ظاهر آهي ته هيءَ ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. ممڪن آهي ته ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين مان کي ڪهاڻيون ڪن پڙهندڙن جون پڙهيل به هجن پر هاڻ جڏهن اهي گڏيل صورت ۾ آيون آهن ته وڏيڪ نکري بيٺيون آهن. ساڳئي وقت ڪتاب ۾ محفوظ به ٿي ويون آهن.

سنڌي ادبي بورڊ ائين پنهنجي بزرگن جي ادب کي سهيڙي پنهنجي گهرج به پوري ڪئي آهي ته پنهنجي آبروءَ کي به وڌايو آهي تيهن ڪهاڻين جي هن نئين مجموعي مهاڳ، سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجو اسلوب رکندڙ ڪهاڻيڪار مدد علي سنڌي لکيو آهي.

❊

# ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون

نصير مرزا

حميد سنڌي صاحب جيڪو پنهنجي ذات ۾ تحرڪ ئي نه صدا ڪان هڪڙي تحريڪ به پئي رهيو آهي.... روح رهاڻ... جشنِ روح رهاڻ... زندگي پبليڪيشن ۽ هاڻي بزمِ روح رهاڻ... ڏسڻ ۾ گڏ لُڪنگ، گريس فل، سڀ جو هڏ ڏوکي، همدرد ۽ دوست... نه ڏوبار دوست، ۽ جي نه دوست، ته به سڀ جو خير خواهه. بطور ڪهاڻيڪار سنڌس ڪهاڻين ۾ پهرئين ۽ وڏي ۾ وڏي خوبي ته هيءَ، جُو هن جي ڪهاڻيءَ ۾ "ڪهاڻي" هر حالت ۾ هوندي آهي ۽ بي خوبي! پر ٿورو ترسو!.. هتي پهرين 70_80 واري ڏهاڪي جِي ٿوري اُور پچار... ۽ يا الله! سنڌي افساني جي عروج جا اُهي به ڇا ته شاندار ڏهاڪا هئا... جڏهن ڪهاڻيءَ جا سڀ امام ميدان ۾ لٿل هئا... آغا سليم، امر جليل، نسيم کرل، حميد سنڌي، قمر شهباز، ماهتاب محبوب، غلام نبي مغل، ثميره زرين، عبدالقادر جوڻيجو علي بابا، عبدالحق عالماڻي، ماڻڪ، شوڪت حسين شورو مشتاق شورو ۽ هي سڀ پنهنجي پنهنجي زبردست اِننگ کيڏڻ ۾ مصروف.... ۽ سڀ فارم.. يعني ڪهاڻين جي مٿان ڪهاڻيون لکندا پئي ويا (۽ يا مولي! سنڌي ڪهاڻيءَ جي اهڙي اڳوڻي زماني کي وري ٿورو روائيند ڪرنا!) ۽ ايئن انهن مان هر ڪهاڻيڪار جو جي انداز پنهنجو پنهنجو ...نه اسلوب به ڏار ڏار... ڪنهن وٽ ڳوناڳا مسئلا ۽ مامرا... ته ڪن وٽ تاريخ جو پس منظر... ڪو حقيقت نگار... ته ڪو تيدي ۽ ماڊرن ڪهاڻيڪار... ۽ ايئن انهيءَ سموري ٿهيءَ... ڪهاڻي جي فارميٽ ۾ هي رڳو ڪهاڻيون ئي ڪتي پئي لکيون، اڙي بابا! انهن ته جڻ سنڌ جي سماج جِي سچي پچي سماجي تاريخ پئي لکي... زبردست تاريخ!.

ته بس اهڙن ڪهاڻيڪارن منجهان اسان جو حميد سائين به هڪ! جنهن جي ڪهاڻين جي ٻي نمايان خوبي... ۽ اها به ڇا ته رنگا رنگ ۽ زبردست! يعني سندس ڪهاڻين جا 'عنوان'، جيڪي يا ته ڀٽائي صاحب جي بيتن مان کنيل يا وري شيخ اياز جي شعرن مان... جيئن مثال طور: "راڻا جي رجپوت"، "درد وندي‌ءَ جو ديس"، جاڳ به تنهنجي جيءَ سين"، "ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي

ڪهاڻيون“، ”واچوڙن ۾ لاٽ“، ”ڪنچن ڪايا“، ”پاڙي ناهي پروڙ“، ”ڪهڙي مومل ڪهڙو راڻو“، ”ڪڙيا ڪنٺهار“، ”اڪرُيون ميگهه ملهار“، ”جِت جر وهي تو جال“، ”سو مون سپ چمار“، ”سندڙيان سگڙي ڳالهه ڳجهڙي“، ”ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون“، ”اسان تي الزام آندا جڳ جيئڻ جا“، ”اسان اُڏارا آڻي آونگ چاڙهيا“، ”چوريءَ چڍ مرچيرين“ ۽ ”لڳي لڳي واءُ“ وغيره.

هونئن اسان جي حميد سائين جي ڪهاڻين جي ٽين خوبي! ۽ اها بہ ڪمال خوبي! ۽ اها آهي ڪهاڻيءَ جي فن سان هن جي مسلسل وفاداري ۽ ياري.. اڙي بابا! هن جي مٿئين نمايان همعصر ۽ حال حيات ڪهاڻيڪارن مان آغا سليم صاحب، امر جليل صاحب، ادي ماهتاب محبوب، غلام نبي مغل، لاشڪ تہ اڄ بہ بهترين بهترين نثر لکن پيا، پر ڪهاڻي صنف لاءِ نہ! ۽ اِن وِيچاري مسڪين صنف کي تہ هو جهڙوڪر ڪڏهوڪو وساري ۽ ترڪ ئي ڪري چڪا آهن. پر هيڏانهن هي اسان جو حميد سائين... جنهن وٽ ڪهاڻيون لکڻ لاءِ، اجا تائين نہ موضوعن جي کوٽ آهي! نہ ڪهاڻي لکڻ جي شوق ۾ گهٽتائي! پر هي رڳو ڪهاڻي– صنف ئي ڪٿي؟.. حميد سائين تہ ان کان علاوه بہ گهڻو ڪجهہ لکندو رهيو آهي جيئن سفرناما... مهاڳ...تعزيت نامہ.... تاثر.. ۽ هڪ وڏي ۽ منفرد قلمڪار وانگر سندس هر تحرير جو اسلوب بہ بنهہ پنهنجو.. ۽ رنگ ئي ڏارا جي ها! خالص... نج پج... حميد سنڌي اسٽائل... دلفريب ۽ دل آويز.. اڙي بابا! ان کي ئي تہ آئون پنهنجي حميد صاحب جِي... چوٿين خوبي تصور ڪندو آهيان. اڇا! حميد سائين جو ڪو وڏو همعصر ڪهاڻيڪار جي مائينڊ نہ ڪري، تہ همٿ ڪري چئي ڏيان... تہ سنڌيءَ ۾ سواءِ حميد سنڌيءَ ۽ ادي ماهتاب محبوب جي هر وڏي سنڌي ڪهاڻيڪار تي يورپ يا اردوءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن معتبر ڪهاڻيڪار جي ڇاپ! آهي ئي آهي. مثال طور: ڪنهن تي قرت العين حيدر جِي، ڪنهن تي دت ڀارتي، ڪرشن چندر جِي، تہ ڪنهن تي سعادت حسن منٽو تہ ڪنهن تي وري گوگول، گورڪي ۽ چيخوف جي ڇاپ. هوڏانهن ڀارت وارا تہ سڀ جا سڀ سنڌي ڪهاڻيڪار يا تہ شرتچندر جي اثر ۾ يا ڪاميو يا ڪافڪا جي رنگ ۾ رنگيل نظر ايندا. مجان ٿو هند ـسنڌ جا اِهي سڀ انترِيامي ڪهاڻيڪار پنهنجيءَ پنهنجيءَ اٽڪاري ۾ ڪمال ڪمال جا ڪهاڻيڪار آهن... پر هتي آئون هي بہ ڪمال اعتماد سان پيو لکان، تہ سنڌي افساني جي، اِن پُوري سيناريو ۾ حميد سائين، مون کي خالص ۽ پنهنجي ئي رنگ ۾ رڱيل افسانہ نگار لڳندو آهي...

ڪهاڻي دنيا ۾ هُو سنڌ جي وچولي جو ترجمان آهي. پر وسيع پسمنظر ۾ انسان ذات جي الميي، ڌرتي جي ڏُک، سنڌ وطن جي ماڻهن جي بي وسيءَ، قدرن جي زوال، ماضيءَ کان بي خبر، حال کان لاپرواهہ نسل، ڌارين جي يلغار، سنڌ مٿان غير سنڌين جي تسلط، اندا ڌنڌ جدت ڏانهن مائل، نئين نسل جي تقليدي روِش، بالا عملدارن جي نُنهن کان وٺي چوٽيءَ تائين رشوت خور ٿي وڃڻ... ۽ اهڙن سيني موضوعن تي هن جيئن مهارت سان ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ اهو سندس ڏانءُ بہ... پنهنجيءَ جاءِ تي، پر ڀهرين خود ورهاڱي بعد سنڌ ڌرتيءَ سان جيڪو ڪجهہ گذريل 65 سالن ۾ ٿيو آهي، ان بابت خود حميد سائين جو بيان آهي تہ:" اِن دوران هن ڌرتيءَ سان ايڏا تہ ڪلور ٿيا آهن، جو هتان جي ماڻهن کان ساهہ ڪڍڻ ئي وسري ويو آهي". ٻئي پاسي حميد سائين وٽ وچولي وارن ڪردارن جي بہ ايڏي تہ رنگا رنگي آهي، جو شايد ئي سنڌ جي ڪنهن ٻي سندس همعصر ڪهاڻيڪار وٽ اوتري هوندي. ڇا غريب غربا، امير امرا، هاري ناري، سيٺ آفيسر، مايون دايون، مهل ماڙيون، ڳوٺ شهر، گهٽيون پاڙا، چوڪ رستا، چونئرا جهوپا، ڦرون ڌاڙا، ڇيڙيون نبيريون، پکي جانور، وڻ ٽڻ، واهہ درياهہ، ميوا فروٽ، ڪُهر انگور، مرچون لوڻ، ليما انبڙيون ۽ اهڙي را مٽيريل مان جوڙيل سندس ڪهاڻين ڪي... جي هڪ طرف زبردست تاثير آهي تہ ٻي پاسي، دل ڌوڏي ڇڏيندي تاثرپڻ. سندس سڀ ڪهاڻيون، سندس ئي لفظن ۾ ايئن آهن، ڄڻ "سنڌوءَ جو لڙاتيل مٽيءَ جي هڳاءُ وارو پاڻي". مثال طور: سندن ڪهاڻي 'ڪنچن ڪايا' مون پڙهي تہ بي اختيار دل مان آواز نڪتو حميد سنڌي is 'ماسٽر اسٽوري ٽئلر'. اها ڪهاڻي ڇدا ڪيڏندڙ آرٽيڪاپ ٻار 'گلوءَ' بابت آهي ۽ اِهو گلو! جڏهن اک ڇنجهي ڪري بلور ڇُنڊڻ لاءِ طاقت سان ڪنهن بلور تي نشانو ڇُٽي ٿو تہ اهو ڄڻ سڌو نڪاءُ ڪري دل تي اچي ٿو لڳي. ايئن ٻارن جي موضوعن تي لکيل سندس مارولس ڪهاڻي آهي "زماني جو دستور" ۽ ٽين "ڌوپار". جنهن ۾ وري هڪڙو ٻارڙو اِتي ذڪر جو اهڙو تہ خوفناڪ کلاڙي ۽ نشاني باز آهي، جو جتي سندس اِتي ڦيراتيون پائيندي وڃي ڪري ٿي، اُتي تہ بس رڳو دانهون ۽ ڪوڪون... ايئن ٻارن جي موضوعن تي لکيل سندس ڪهاڻين منجهان "هرڻيءَ جي ٻچالهہ"، "بابا منهنجو چوزو" ۽ اُهي بہ ڪمال جون ڪهاڻيون آهن. پوءِ وهيا پکين بابت ڪهاڻي "پرديسي پکيئڙا" حاويلين جي اداسين بابت"ويريون" يا پوءِ ڪهاڻي "دربان" جنهن ۾ حاويلي جي دروازي تي ڪجيءَ جَي اڪيلي وڻ جي ڪٿا آهي. يا پوءِ "راڻا

جي رجپوت“ جنهن منجهہ معصوم ناچو چوڪرن سان وڏيرن جي بيواجبين جا داستان بيان ڪيل آهن.

چوندا آهن، جادو... لفظن ۾ نہ ماڻهن ۾ هوندو آهي، حميد سائين وٽ اهو جادو ’قلم‘ ۾ آهي. خاص ڪري ڪيفيتن ۽ احساسن کي ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪرڻ جو تہ هن وٽ بي پناهہ ڏانءُ آهي.. اهڙي بيان دوران هو جڏهن جڏهن بہ وچ وچ ۾ ههڙي سٽ ٿو لکي ”ميرا ڪيا بني گا ڪاليا“ تہ پڙهندڙ جو موڊ اوچتو ئي اوچتو باغ بهار ٿيو وڃي. سڀ کان اهم ڳالهہ هيءَ تہ حميد سنڌي، رشتن ناتن جون ڪهاڻيون لکندڙ ڪهاڻيڪار آهي، رشتا! جيڪي هاڻي مغربي دنيا وانگر سنڌ ۾ بہ ناپيد ٿيندا پيا وڃن. سئوٽ ڪير؟ ماسات معنيٰ ڇا؟ ڪير ڀقات؟ ۽ اڄ جي نئين نسل کي اهڙن رشتن ۽ خانداني ويڇهڙائپ جي ڪا بہ خبر آهي ئي ڪونہ. جو هن لاءِ تہ سئوٽ، ماسات، ڀقات سڀ، ڪزن... سڀ چاچا، ماما_ انڪل ۽ چاچيون، ماسيون ۽ ڀقيون وري آنٽيون بڻجي چڪيون آهن. حميد صاحب ايڏو تہ سنڌيت پرست ڪهاڻي ڪار آهي جو هن جي تہ ڪردارن جا نالا بہ سنڌي نائيزڊ آهن. مثال طور: زينون، ڦلان، لالان، سونل، ڄنو ڀڳن ماءُ، ڀڳو ڀچل، نانو موسو شمن، منٺار رحمتَ، نعمتَ، مومل، مولو نبن، گلو گلڻ ۽ پڙو وغيره. ڪهاڻي ”مرين تہ آرهڙ ۾ مرجان“ تہ حميد صاحب جي ئي نہ سنڌي ادب جي بہ شاهڪار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻي ۾ ڇا آهي؟ اِن جو تفصيل هتي بيان ڪري ڪهاڻيءَ جو سسپنس آئون ختم ڪرڻ نٿو چاهيان. بس ايئن سمجهو تہ هزارين سنڌي ٻوليءَ جون اهڙيون ڪهاڻيون مون پڙهيون آهن، جن کي هڪ پيرو ئي پڙهي، دل ۾ اڪثر چيو هوندم ”گهڻو ٿيو اي پياري ڪهاڻي Good By!“ پر حميد صاحب جي اِن ڪهاڻيءَ ”مرين تہ آرهڙ ۾ مرجان“ کي ور ور پڙهڻ لاءِ دل اڇلون پئي ڏيندي آهي. عجيب ئي تہ ڪهاڻي آهي هيءَ جهڙي.. سنڌو درياهہ جي درد ڄِي اٽڪت ڪٿا. جنهن جو ڪوئي بہ آنت نہ پار. سنڌي ٻوليءَ جي نقادن تہ هن ڪهاڻيءَ کي ”ڪلاسڪ“ جو درجو ڏنو آهي. ۽ اهڙن سيني معتبر نقادن پاران اها راءِ.. منهنجي لاءِ تہ سنَدَ جو درجو ٿي رکي. سو ان کان وڌيڪ هن ڪهاڻيءَ بابت منهنجي چوڻ لاءِ.. هتي بچي ئي ڇا ٿو؟ اڇهو! سواءِ ايئن لکڻ جي تہ... ”حميد سائين!.. جيئو هزارين سال.. اهڙيون ڪهاڻيون لکندا رهو.. اسين پڙهندا رهون... جو اوهان جي قلم ۽ تحرير ۾ بي پناهہ رواني آهي... رس چس آهي... خوشي خمار آهي ۽ سنڌ جو درد... جيڪو دراصل اسان سيني جوئي تہ درد آهي“.

❋

# حمید سندھی: ایک منفرد افسانہ نگار

شوکت صدیقی

حمید سندھی کا شمار سندھی کے ممتاز اور قابل ذکر افسانہ نگاروں میں ہوتا ہے۔ انہوں نے یہ نمایاں ادبی مقام ریاضت اور فن کارانہ صلاحیت سے حاصل کیا ہے۔ "سوکھی دھرتی" ان کے دس افسانوں کا مجموعہ ہے۔ ان افسانوں کو سندھی سے ترجمہ کرکے پہلی بار اردو میں پیش کیا جارہا ہے۔ اردو کے ساتھ ساتھ سندھ ادب کے لئے بھی یہ ایک نیک شگون ہے اور نہایت حوصلہ افزا اقدام ہے۔ خصوصیت کے ساتھ ان معروضی حالات میں جب سندھی اور اردو لسانی تضاد روز بروز شدت اختیار کرتا جارہا ہی، چنانچہ ضرورت اس بات کی ہے کہ سندھی ادب کو اردو اور اردو ادب کو سندھی ترجموں کے ذریعہ ایک دوسرے کے قریب لانے کی کوشش کی جائے اور اس لسانی ثقافتی تضاد کو حل کرنے کی سبیل پیدا کی جائے جو آخری تجزیہ میں معاندانہ نہیں غیر معاندانہ ہے۔

حمید سندھی کے افسانوں کا مطالعہ کرتے وقت ایسا محسوس ہوتا ہے کہ یہ افسانے محض الفاظ کی تزیئن اور واقعات کی ترتیب نہیں بلکہ تخلیق ہیں اس قدر خیال انگیز اور زندگی سے قریب کہ وہ ذہن اور روح دونوں کو اپنی گرفت میں لے لیتے ہیں۔ حمید سندھی نے اپنے افسانوں کی تعمیر اور تشکیل کے لئے شہروں کی ہنگامہ خیزی اور چکا چوند پیدا کرنے والی زندگی کا انتخاب نہیں کیا ان کے افسانوں کی فضا سندھ کے دیہات ہیں۔ گوٹھوں اور قصبوں کے کچے مکانات، پرانی حویلیاں، تنگ و تاریخ گلی کوچے، لہلہاتی فصلیں، ندی، نالے، ہرے بھرے میدانوں کے ساتھ ساتھ بنجر اور بے آب و گیاہ ریگ زار، اور وہ سب کچھ ہے جس کے وسیلے سندھ اپنے تمام خد و خال کے ساتھ ابھر کر سامنے آتا ہے۔ اس کی انفرادیت اور عظمت نمایاں ہوتی ہے۔ سچ پوچھئے تو سندھ کی شناخت اس کے دیہات ہیں، شہر نہیں شہروں کے سماجی ڈھانچے میں تو کم و بیش یکسانیت ہی پائی جاتی ہے۔

حمید سندھی کے افسانوں کی فضا، انکی انفرادیت ہے انہوں نے اسے سچائی سے پیش بھی کیا ہے، سندھی عوام کے رسم رواج، ان کی خصوصیات، ان کی مسرتیں، ان کے دکھ درد، ان کی نفرتیں، حمید سندھی کے افسانوں میں پوری آب و تاب سے نمایاں ہیں۔ لیکن ان کی روایات اور افراد صرف

سندھ ہی تک محدود نہیں رہتیں، افسانہ نگار نے اپنی فنکارانہ صناعی اور مہارت سے آفاقیت پیدا کردی ہے۔ اس مجموعہ کا پہلا افسانہ "سوکھی دھرتی" ہے اس افسانے کا جو موضوع ہے۔ لگ بھگ وہی موضوع ایک دوسرے افسانے "آرپار" کا ہے۔ دونوں ہی افسانوں میں ظلم اور ناانصافی کے خلاف احتجاج ہے اور یہ احتجاج ایسا ہے کہ اس میں انسانی جبلت اپنے اصلی اور حقیقی روپ میں ابھرتی ہے۔ جب کسی پر حملہ ہوتا ہے تو وہ خاموش نہیں رہتا۔ خود کو بچانے کی کوشش کرتا ہے۔ اس کے خلاف رد عمل کا اظہار کرتا ہی۔ اس لئے کہ اس میں زندگی اور حرکت ہوتی ہے۔ صرف پتھر ہی مار کھا کر چپ رہتے ہیں۔ ان افسانوں کے کردار "پرُو" اور "ہاشو" بھی ظلم اور ناانصافی کے خلاف اپنے زندہ ہونے کا مظاہرہ کرتے ہیں۔ حالانکہ دونوں کرداروں نے اپنے احتجاج کا اظہار مختلف انداز سے کیا ہے، مگر اپنے مفہوم میں دونوں نے ایک ہی بات کہی ہے۔ ایک نے اپنی زندگی کی قربانی دے کر یہ صدا بلند کی۔

"ہاں میرے مولا یہ سوکھی دھرتی دان چاہتی ہے، خون سے سیراب ہونا چاہتی ہے۔ میرے مولا منہ مت موڑنا، باقی تیرا بندہ حاضر ہے"۔

قربانی کا یہ جذبہ سندھ کی سماجی زندگی کا ایسا نمایاں پہلو ہے جسے شاہ لطیف، سچل سرمست، شہباز قلندر اور دوسرے صوفیائے کرام نے محبت اور آشتی کا درس دے کر پروان چڑھایا ہے۔ اس کے برعکس 'ہاشو' کے غم وغصے اور احتجاج کا اظہار اس طور کیا گیا ہے۔

چچا نے کہا "نہیں ہاشو نہیں، شمع دان نہ توڑنا، کمینے، دیکھ، شیشوں کو نہ توڑنا"۔ ہاشو نے چلا کر جواب دیا۔ "چاچا آرپار، آرپار!"" یہ کہہ کر اس نے ہوا میں لہراتی ہوئی گلی پر زور سے ڈنڈا مارا۔ ہاشو گلی پر ڈنڈا مارے اور وہ نشانے پر نہ بیٹھے۔ ایسا کیسے ممکن تھا۔

دونوں ہی یکساں جذبے ہیں مگر اپنے سماجی مزاج کے اعتبار سے وہ مختلف رجحانات کی ترجمانی کرتے ہیں۔ اور ان دونوں رجحانات کا امتزاج "بھاگوان" میں ملتا ہے۔ یہ ایک ایسی ماں کی کہانی ہے، جسے اپنی سات بیٹیوں کا بڑا مان ہے۔ وہ ان سے اس قدر ٹوٹ کر محبت کرتی ہے کہ ان کی مار کھاتی ہے، طرح طرح کے ظلم سہتی ہے۔ جلتی ہے، کڑھتی ہی مگر دل ہی دل میں کہتی ہے کہ مرنے سے پہلے انہیں ایک بار دیکھوں اور پیار کروں۔ پھر ایک ایسا مرحلہ آتا ہے کہ جس ماں کے منہ سے اولاد کے لئے دعائیں نکلتی ہیں وہی ماں جب اپنے ایک بیٹے کے ہاتھوں اپنی بھتیجی کی عزت وناموس پامال

ہوتے دیکھتی ہے تو اس کی مامتا دب جاتی ہی، کھری اور خالص عورت ابھر کر سامنے آجاتی ہے۔ وہ چمٹا اٹھا کر ایسے غیظ و غضب کے عالم میں جھپٹتی ہے کہ چمٹے کی پیہم ضربوں سے بیٹے کو لہو لہان کر دیتی ہے۔ اس شر میں خیر کا پہلو ہے اور یہی اس افسانے کا حسن اور خوبی ہے۔

ایک زمانہ تھا کہ فن افسانہ نگاری میں علامت نگاری کا بڑا زور تھا موضوع پس منظر میں چلا گیا اور ہئیت ہی افسانے کی خوبی ٹھری۔ اس رجحان میں اتنی شدت پیدا ہوئی کہ افسانے سے پلاٹ ختم ہو گیا۔ کردار غائب ہو گئے، صرف، کیفیت رہ گئی، یعنی جذبات اور احساسات کے لئے وسیلۂ اظہار علامات رہ گئیں۔ سوال پیدا ہوتا ہے کہ جب جذبات اور احساسات کے نہایت مؤثر اظہار کے لئے مصوری اور رقص موجود ہے تو افسانہ نگاری کے جمے جمائے ڈھانچے کو توڑ پھوڑ کر مصوری اور رقص کے فن میں دراندازی کی ضرورت کیوں پیش آئی؟ رقص اور مصوری کی تاریخ تو اتنی قدیم ہے کہ انسانی معاشرے کے ارتقا کی پہلی سیڑھی سے اس کا آغاز ہوتا ہے۔ ان دونوں فنون کا اپنا منفرد مزاج ہے۔ ان کی مختلف خصوصیات ہیں۔ مختلف اصول اور قواعد ہیں۔ دونوں ہی الفاظ کے محتاج نہیں، ایک کی خوبی مختلف رنگوں کا امتزاج ہے اور دوسرے کے لئے جسم کے مختلف اعضا کی حرکت اور پیچ و خم کی ہم آہنگی بنیادی شرط ہے۔ الفاظ کے بطون سے جن فنون کا خمیر اٹھا ان کا مزاج اور ان کے اصول یکسر مختلف ہیں۔ اس قدر مختلف کہ دونوں کی سرحدیں مقرر ہیں۔ بہر حال یہاں علامت نگاری کے موضوع پر نہ کھل کر بات کرنے کی گنجائش ہے اور نہ ہی میں علامت نگاری کا مخالف ہوں۔ مجھے تو یہ کہنے میں بھی عار نہیں کہ علامت افسانے کو کبھی کبھی تو اس قدر موثر بنا دیتی ہے کہ شاعری کی زبان میں جذبات کی چاندنی سے کھنڈر کی بھی تصویر کشی کی جائے تو وہ دلکش اور دل آرا لگتی ہے۔ حمید سندھی کا افسانہ "دربان" علامت نگاری کے ذیل میں آتا ہے۔ مگر علامت اس قدر واضح ہے کہ قاری کا ذہن بھول بھلیوں میں نہیں بھٹکتا۔ اس افسانے میں کھجور کا ایک پیڑ علامت کے طور پر پیش کیا گیا ہے۔ جاگیر دارانہ نظام کے زوال اور انحطاط سے سندھی معاشرے میں جو ٹوٹ پھوٹ رونما ہوئی ہے اور اس کے نتیجے میں مشترکہ خاندان کے رہن سہن کا شیرازہ جس طرح بکھر رہا ہے اس کی عکاسی "دربان" میں اس فن کارانہ انداز میں کی گئی ہی کہ بے ساختہ یہ کہنے کو جی چاہتا ہے کہ :

میں نے یہ جانا کہ گویا یہ بھی میرے دل میں ہے

حمید نے جن موضوعات اور سماجی مسائل کو اپنے افسانوں کے لئے منتخب کیا ہے۔ ان کا انہیں

بخوبی علم ہے۔ان کی جزیات کو وہ جانتے ہیں۔یہی وجہ ہے کہ ان کے افسانوں میں ابہام اور تشنگی نہیں پائی جاتی۔یہ خامی افسانے میں اسی وقت پیدا ہوتی ہے جب موضوع ذہن میں واضح نہ ہو، علم ناقص ہو اور فکر انتشار میں مبتلا ہو۔حمید کے افسانوں میں خلوص ہے، سچائی ہے اور درد مندی ہے، خواہ وہ وڈیرے کے بارے میں ہو، ہاری کے بارے میں ہو یا کسی افسر کے بارے میں، مجھے یقین ہے کہ ان کے افسانے ادب کے قارئین دلچسپی سے پڑھیں گے اور پسند کریں گے۔

[9جون1987]

❊

# کھ جا ٽان
# کيڏانهن ويا

**حميد سنڌيءَ جا لکيل**
**تعزيتي تاثر شخصيتون**



# جديد ادب جو رومانٽڪ شاعر

## شيخ اياز

(نوٽ: هيءُ مضمون، محترم حميد سنڌيءَ جي شيخ اياز تي لکيل مضمون جي ٻي قسط آهي، جيڪو "مهراڻ" جي "شيخ اياز نمبر" ۾ شايع ٿيو هو. هيءُ مضمون، حميد صاحب جي اُن تقرير تي آڌاريل آهي، جا پاڻ اياز صاحب جي 2- ورسيءَ جي موقعي تي (28- ڊسمبر 1999ع) ڪئي هئائون. موضوع جي مناسبت جي حوالي سان حميد صاحب ان جو دلپذير پيرايي ۾ وستار ڪيو آهي. - ادارو)

هيءُ 1966ع جو زمانو آهي. "روح رهاڻ" جديد سنڌي ادب ۾ آيل انقلاب جو مڪمل پرچارڪ ٿي اُڀريو هو. اسان جو پراڻو ساٿي ۽ دوست هادي بخش ميمڻ، جيڪو هميشه "روح رهاڻ" جو پارکو ۽ نقاد هو ۽ جام خط لکندو هو. سندس خط جڏهن به ڇپبا هئا ته اسين وڏيڪ خبردار ٿي ويندا هئاسين. سندس هڪ خط روح رهاڻ جي جشن نمبر ۾ ڇپيو:

"انگريزي ادب ۾ Romanticism ورڊ سورٿ جي Lyrical Ballads سان شروع ٿيو هو ۽ سنڌي ادب ۾ Romanticism اوهان جي "روح رهاڻ" شروع ڪيو آهي. اوهان اُن Romanticism کي ختم ڪري ڇڪا آهيو جنهن ۾ ادب رڳو اوچي سوسائٽيءَ جي لاءِ هوندو آهي. سنڌي ادب ۾ پهريون دفعو عام انسان جي زبان استعمال ڪئي ويئي آهي، ۽ ڳالهه پڻ ڪئي ويئي آهي. سنڌي ادب ۾ شيخ اياز- ورڊ سورٿ، امداد- شيلي، شمشير- ڪالرج، نياز- ڪيٽس، تنوير- بائرن، امر جليل- لئمب، نسيم کرل هيزلٽ ۽ جمال ابڙو ڊي- ڪوئنسي آهن. اوهان جا سڀ لکندڙ Romanists آهن."

پر هيءُ عجب رومانس هو جنهن جي اياز کي خبر هئي. 1966ع جي سالنامي ۾ اياز جون هيءُ به وايون ڇپيون:

تانگھہ نہ تاڙي تانگھا تڙ،
اوتڙ اوتڙ آءُ ميان.
راھہ انوکي سڀ کان چوکي، پيرا پيرا ناھي ڪڙا! اوتڙ اوتڙ آءُ ميان!
سڄ سُنھرا نيرا گھرا، جر تي پوپاڙيءَ جا پڙا! اوتڙ اوتڙ آءُ ميان!
جھڙا گونگا گيت ھوا ۾، سانجھيءَ ويلي جھونا ٻڙ- اوتڙ اوتڙ آءُ ميان.
اوتڙ ٻوڙي اوتڙ تاري، اوتڙ اوتڙ پنھنجا وڙ- اوتڙ اوتڙ آءُ ميان.

ٻي وائي ھئي:

ڏونگر ايڏا ڏاڍ ميان! مان تہ پنھونءَ جي پانڌيئڙي ڙي!

منھنجا پير پٿون اي پھڻو آريءَ کي ڏيو آڏ ميان،
مان تہ پنھونءَ جي پانڌيئڙي ڙي،

موٽان ڪيئن؟ مُنيءَ جي من کي ورھہ وڏي ڪيا واڍ ميان،
مان تہ پنھونءَ جي پانڌيئڙي ڙي،

"روح رھاڻ" جي جشن ۾ اُن سال جڏھن اياز آيو تہ تنوير جي صدارت ھئي. مون پنھنجي ايڊيٽوريل ۾ ڏکوئيل اياز لاءِ لکيو ھو:

"مون مشاعري جي باب کي کولڻ کان اڳ ۾ 'جشن' جي ورقن کي پڙھڻ پروڙڻ ۽ پَسڻ وارن تي اک وڌي، چوڌاري اٽڪٽ وھڪرو ھو. مان حيران ھيس تہ ھيءُ جوان، ھيءُ شاگرد، ھيءُ عالم، ھيءُ بزرگ، ھيءُ مائر، ھيءُ ڀينر، ھيءُ سڀ ڪٿان نڪري نروار ٿيا آھن! مون ڏٺو تہ منھنجي ھر اعلان تي سندن چھرن تي گھرا تاثر ڦھلجي ٿي ويا. مشاعري شروع ٿيڻ سان اھي تاثر ڦھلجي گھريون ليڪون ٻڌجي پيا. ليڪ ليڪ اسان جي ادب جو مقدر ھئي؛ ليڪ، ليڪ تي اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي تقدير لکيل ھئي. ھر ريکا پڪاري چئي رھي ھئي:

'ڪو ٻارڻ نيٺ تہ ٻرڻو آ، امڪان ھزارين مان نہ رڳو.'

ھر شاعر پاڻ سان چٽنگ ڪنيو ٿي آيو. ھر شاعر وٽ نئين سوچ ۽ نئون فڪر ھو. ھر شاعر جي خيال جو رخ ۽ لاڙو پنھنجو ھو جنھن جي لاءِ سيني جو ڪنڌ ائين جھڪي ٿي ويو جڻ سڀ انھيءَ تي متفق ھئا:

’تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين، اعلان هزارين مان نہ رڳو.‘

ڪوبہ خاموش ڪونہ هو. سيني پنهنجا اُڏما ڪڍي ٻاهر ڪيا. ڏسندڙن انهن اُڏمن کي پنهنجا جذبا بخشيا. چوڏاري ٻُوڙهي روشني ڦهلجي ويئي، جنهن ۾ سنڌي ادب جو مستقبل ۽ سنڌي ٻوليءَ جو آئنده رخ چمڪي رهيو هو. مون چهرن کي پڙهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو مون واجهائڻ ڇڏي ڏنو مون سوچڻ ڇڏي ڏنو. مان هڪ اهڙي ڏارا ۾ وهي رهيو هوس جنهن ۾ سڀ اُهي مون سان گڏ هئا. جن جي خيالن ۾ جدت، جن جي ارادن ۾ نواڻ، جن جي فڪر ۾ رنگ برنگا منشور هئا. جن مان مختلف روشنيون ڦٽي، اسان جي ادبي ميدان کي منور ڪري رهيون هيون. منهنجو مقصد پورو ٿي چڪو هو. منهنجي ڪلهن تان بار جهڪو ٿي چڪو هو. مان انهيءَ مهل پاڻ کي آزاد سمجهڻ لڳس، جڏهن اياز آيو ۽ چيائين:

هي دور ’اياز‘ گذرڻو آ، ۽ پنهنجو وارو ورڻو آ

اياز جي هر شعر مان مختلف اڻجاتل رنگن جون ڇيڻون ٿي نڪتيون:

ڏات ڏکوئي، جيءَ - جَلي، مُرليءَ ۾ جڻ وڄ پَلي!

هو اڄ ڏکويل اياز هو جنهن جي چهري تي ٿڌي روشني هئي، پر سندس اندر ۾ اُهي يالا ۽ ٻڙڇيون ڇپيل هيون، جو هر لفظ وِهڻ ۾ بڌل، هر لفظ هڪ شڪايت، بس هزارين ارمان، هزارين اعلان، هزارين امڪان هيا. هو جڏهن کُلي پيو تہ چئي ڏنائين:

ٿو ساري ڪوبہ نہ سچ - مٺا، هو رڃ مٺا، جي اُڄ مٺا،
ڇا پاپي جاڻي پيچ - مٺا، ارمان هزارين مان نہ رڳو.

تنوير جي صدارتي اکرن ۾ جيڪي مشعالون ٻريل هيون، انهن جي شعاع سهڻ جي سگهہ مون ۾ نہ هئي. تنوير جي هر اکر ۾ صداقت جا گل هئا ۽ هن جڏهن ائين چيو تہ ”تڏهن چوڏاري هلڪي ٿڌي مني روشني پرهہ ڦٽيءَ جيان ڇانئجي ويئي ۽ رات جي راڻي، سوسن، گلاب ۽ سنبل جون مليل جُيل هيرون گهلڻ لڳيون.“

حقيقت ۾ انهيءَ Romanticism جي ابتدا ۾ رخ جن پسايا هيا، اُن لاءِ

شيخ اياز پنهنجي ”سنڌي شاعريءَ جو مزاج“ (جيڪو ”روح رهاڻ“ جنوري 1967ع ۾ ڇپيو.) (”بزم صوفيائي سنڌ“ جي سهاري هيٺ 18- 19 نومبر 1966ع تي شيخ اياز اهو مقالو پڙهيو).
هو لکي ٿو تہ:

”سنڌي شاعريءَ جي پرک لاءِ برصغير جي پوريءَ شاعريءَ جي مزاج سان آشنائي ضروري آهي. منهنجي نظر ۾ شاعريءَ جو فن پنهنجي ڪمال تي پهچي، دقيق ۾ دقيق خيال جو اظهار سليس زبان ۾ ڪندو آهي. پر ان زبان جي سلاست ۽ عام فهميءَ جي تهہ ۾ فڪر ۽ فن جو اهو رچاءُ هوندو آهي، جنهن ۾ صدين جي سڃڻ سميٽجي ايندي آهي. ڪنهن بہ عظيم شاعر جي هڪ سوليءَ سٽ تي تنقيد يا تبصري لاءِ نہ فقط هن جي موجوده معاشري جو جائزو ضروري آهي، نہ فقط هن جي دور ۾ قومي ۽ بين الاقوامي تعصبات جو تجزيو ۽ انهن ڏانهن هن جي ردعمل جو مطالعو ضروري آهي، نہ فقط شاعر جي داخلي زندگيءَ جي شعوري ارتقا ۽ ان تي هن جي خارجي زندگيءَ جي اثرپذيريءَ جو اندازو لڳائڻو آهي، پر هن جي تحت الشعور جي انهيءَ روشنيءَ کي بہ جاچڻو آهي، جنهن جا پاڇا هن جي شعور جي پردي تي پوندا رهن ٿا. جنهن ڪٺڪلي جي ترت نہ ڏني آهي، اهو ڪاليداس جي ڪويتا جي پوري هڳاءُ ۾ ويڙهجي نٿو سگهي، جنهن رگويد ۾ وايو پرجينا، اوشا، ارنياني ۽ راتڙيءَ جي باري ۾ گيت نہ پڙهيا آهن. جنهن کي اها جاڻ نہ آهي تہ هوا، برسات، باک، جهنگل ۽ رات جي باري ۾ اڳ ڇا ڇا ڳايو ويو آهي، ان لاءِ ميگهہ- دوت جي روح تائين رسائي ناممڪن آهي؛ ۽ جنهن ڪاليداس جي ميگهہ- دوت ۾ اهو نہ پڙهيو آهي تہ ڪاليداس بادل کي آڏو آڻي چوي ٿو تہ:
اُتي، ڪليل ڪڙڪين مان واجهہ- وجهندڙ وار- سنواريندڙ نارين جي سڳنڌ، تنهنجي سرير کي ڳورو ڪري وجهندي. محل جا مور نچي نچي، تنهنجو سواڳت ڪندا، جيڪڏهن تون ٿڪجي پوين تہ رات ڦولن جي سڳنڌ ۾ ويڙهيل سراين مٿان گذارجانءِ- سرايون، جن جا اڱڻ سندر نارين جي پيرن جي مينديءَ سان لال ٿي چڪا آهن.
جنهن ميگهہ دوت ۾ اهو نہ پڙهيو آهي، تنهن کي يٿائيءَ جي آجاتي تاجي

پيتي جي ڪهڙي پروڙ پوندي؟ هن کي ڪهڙي خبر ته پتائيءَ جي ست ست ڪهڙي آتڻ ۾ اُٽي ويئي آهي. ان کي ڪهڙي ڄاڻ ته ڪهڙي ڪهڙي جُڳ جو جادو آهي. جنهن جي سُر سارنگ سرجيو آهي! سر سارنگ جي هيءَ سٽ:

’سُرهي سيج، پاسي پرين، مَر پيا مينهن وسن‘

يا مومل راڻي مان هيءَ سٽ:

’مَڙهيا گهڻي مشڪ سين، چوٽا سا چندن‘

يا سُر ڪنيات جي هيءَ سٽ:

’سجڻ سُتا ولهه ۾، چوٽا پري ڪپور‘

انهن سٽن ۾ اهو جسماني خوشبوءِ جو ڦهلاءُ آهي، اُنهن جي تحت الشعور ۾ جسماني شاعريءَ جي اها روايت آهي، جا اُمارو ڪاليداس ۽ پرتري هريءَ کان هلي آهي ۽ جا ديس ديس واسي، اڄي سنڌيءَ ۾ عنبير جيئن مهڪي آهي:

شڪنتلا جي باري ۾ ڪاليداس چيو آهي:

هوءَ هڪ اهڙي ڦول وانگر آهي، جنهن کي نه سِنگهيو ويو آهي؛
هڪ اهڙي پن وانگر آهي، جنهن کي هٿ سان نه ڇُهو ويو آهي؛
هوءَ هڪ موتي آهي، جنهن کي ڪنهن هار ۾ نه پوپو ويو آهي؛
هوءَ ماکي آهي، جنهن کي اڃا تائين ڪنهن نه چکيو آهي.

پتائيءَ انهيءَ تهذيب جي عطربيزي هن سٽ ۾ آندي آهي:

ڪنواريون ۽ ڪنول، هل ته پسون ڪاڪ جا.

—

جه تڙ ڏوڙئون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪئو
اڃن پونر پنيولئا، پاڻيءَ تهين پون،
راول رتو رون، ڪو وا لڳو واسئين.

– اها خوشبوءِ اُنهيءَ ول جي خوشبوءِ آهي، جا پن– جهڙ ۾ مرجهائجي ويندي آهي، ته به پنهنجا ٻج ڌرتيءَ تي تيڙي پکيڙي ويندي آهي ۽ ميگهه ملار ۾ اهي ٻج ڦٽي وري ڪائي ول پيدا ڪندا آهن. جنهن جي هڳاءَ سان آس پاس

واسجي ويندي آهي. هِن ڌرتيءَ جي ثقافت اِهو گلريز تسلسل آهي، جو بہ صديون اڳ ڀٽائيءَ جي ذات ۾ ڦلارجي، سنڌڙيءَ جي چپي چپي ۾ ڇات ٿي آيو.

هڪ پراڪرت گيت آهي:

”رات هوءَ مسافر لاءِ پلال وڇائي پڻ پڻ ڪري رهي هئي،
۽ باک ڦٽيءَ جو انهيءَ پلال کي ڪنو ڪري روئي رهي هئي.“

جوانيءَ جي انهيءَ ڪيفيت جو اظهار جو هِن ننڍي کنڊ جي گيت گيت ۾ آهي، ڀٽائيءَ ساڳئي رنگ ۾ سر ديسيءَ ۾ آندو آهي:

”مون ڀانيو مون وٽ، هميشہ هوندا پرين.“

يا ساڳئي سر جي هڪ وائيءَ جون هيٺيون سٽون:

لکون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏيهہ،
ووا ڇڏي تون ڪو ڇپر ويندين

اهڙا هزارين مثال آهن، جن ۾ جندڙيءَ ۽ اُن جي ڏک سک، پيار پڇتاو ريت ڪريت کي گيت ۾ سمايو ويو آهي ۽ جنهن جو پڙاڏو ڀٽائيءَ جي ڀِٽ تي ٻڌو ويو آهي، انهيءَ يڪتاري جي تار ۾ صدين جي سنگيت جو پڙلاءُ آهي ۽ آڳرين جي ڇهاءَ ۾ ڪائي آدجڳاد آهي. هن ڌرتيءَ جي ڪائي دين آهي، جا جهوليءَ جهوليءَ ورهائي رهي آهي، ۽ فقط هڪڙيءَ ذات جو ڏاج نہ آهي.

مون ڀٽائيءَ جي الوهيت ۾ بہ اهوئي آواز ٻڌو آهي. هيءَ انسان جي روحاني مساوات جو پيغمبر اهوئي پيغام دهرائي رهيو آهي، جو نرگن واد، پريم مارگ ۽ ڀڳتي تحريڪ جي شاعريءَ آهي، جنهن کي ڪبير، ميران بائي، سورداس، ملڪ محمد جائسي، عبدالرحيم خان خانان پنهنجن دوهن، چوپاين ۽ گيتن جي ذريعي هن ننڍي کنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايو ۽ جنهن کي سرمد ۽ داراشڪوه پنهنجي رت سان ريٽو ڪيو.

برصغير ۾ جي بہ انساني مساوات جون روحاني تحريڪون پيدا ٿيون، جن انسان کي تعصب، تفرقي بازيءَ، ابن الوقتيءَ ۽ خود پرستيءَ خلاف تلقين ڪئي، جن انسان جي خمير ۽ ضمير کي سڀ کان اهم درجو ڏنو ۽ دولت ۽ اقتدار جي هوس کي هن جي روحاني ترقيءَ لاءِ رڪاوٽ سمجهيو- انهن سيني تحريڪن جو تَت ڀٽائيءَ جي بيت ۽ وائيءَ ۾ سمايل آهي، جو هوءَ ڪيتري وقت کان سيني ۾ سانديندي آئي هئي ۽ جڏهن اُن جو پيغمبر پيدا ٿيو تڏهن ان جي واتان اهو پيغام گل ڦل ٿي پکڙجي ويو.

جسم ۽ روح جي شاعريءَ جي انهيءَ سنڌر ميلاپ، ڌرتيءَ ۽ آڪاش جي انهيءَ انوکي سنگم ۾ ئي پتائيءَ جي انفراديت آهي. پتائي سنڌ ۽ هند جي پيوند مان اُهو اُسريل ميوو آهي، جنهن جي جڙ پراڻي آهي، پر ذائقو نرالو آهي.

مون ڪبير ۽ ڪجهه ٻين هندي شاعرن ۾ انسان جي عملي زندگيءَ جي چرخي سان تشبيهه پڙهي آهي ۽ سر ڪاپائتيءَ ۾ ڏنل پيغام جو ماخذ ڳولي سگهيو آهيان. پر مون پوري برصغير جي شاعريءَ ۾ ڪٿي به نه پڙهيو آهي ته نرالي حقيقت کي "ذات" سان تشبيهه ڏني ويئي هجي، يا جنهن ۾ انسان جي دائمي جستجو کي "ذوتيئڙي" ۾ مجسم ڪيو ويو هجي، جيئن پتائيءَ سر ڪاهوڙيءَ ۾ ڪيو آهي."

هيءَ لطيفي روايت جي پوئواري آهي. لطيف جنهن رومانٽسزم کي مڪمل نئون رُخ ڏنو سچل ۽ ٻين صوفي شاعرن اُن روايت جي پوئواري ڪئي، ته اياز هن جديد دور جي حوالي سان اُن رومانس کي طوفان وانگر اُڏائي ڪٺي آيو. اهو رومانس هو ڌرتي ۽ اُن جي ماڻهن سان رومانس، جيڪو عشق جي حد تائين پهتو. اياز اُنهيءَ عشق ۾ رَچي راس ٿيو.

"روح رهاڻ" جي جشن جو ذڪر آهي، جنهن لاءِ اهو چوڻ ڪافي ٿيندو ته اُنهن جشنن وسيلي سنڌ جي اديبن ۽ پڙهندڙن پنهنجن شاعرن ۽ اديبن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيندي ۽ اڳتي وڌندي ڏٺو اُن وقت اسان جي پڙهندڙ عبدالڪريم ٻچاڻي لکيو هو ته:

> "دوستن جو رايو هو ته صرف رسمي جشن ٿيندو پر جڏهن ڏنائون ۽ ٻڌائون، تڏهن مڃيائون ته برابر اوهان جيڪي چئو ٿا اُهو ڪري ڏيکاريو ٿا. شروعات ۾ دوستن ڪجهه سستي ڏيکاري پئي پر شيخ اياز جي اچڻ ڪانپوءِ جڻ محفل ۾ روح ڦوڪجي ويو."

هڪ پڙهندڙ مس سيما قاضي جنوري 1966ع واري پرچي ۾ لکيو هو ته:

> شيخ اياز عظيم شاعر آهي. سندس هر سِٽ پنيت پڙڪائي ٿي ڇڏي سندس هر شعر ۾ پنهنجي ديس جي ڪاهل رهواسين ڏانهن هڪ پيغام چٽيو ويو آهي."

اُن پيغام کي گهر گهر پهچائڻ لاءِ "روح رهاڻ" پنهنجن عام ۽ خاص نمبرن ۾ اياز جا مجموعا گڏ ڇاپي، هزارن ۽ لکن پڙهندڙن کي جڻ مفت ڏنا ته هو اياز جي اصل پيغام کي پڙهن ۽ سمجهن. ان سلسلي "جل جل مشعل جل" "هيءَ ڳيت اُڇايل مورن جا"، "رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" جهڙا مجموعا ڏنا.

محمد ابراهيم جويي صاحب ”هيءَ گيت اُڇايل مورن جا“ جي مهاڳ ۾ صاف لکيو هو:

ڏهه مهينا ٿيا تہ ”جل جل مشعل جل جل!“ جا سدا ملوڪ ۽ روح ۾ امر جوت جاڳائيندڙ گيت شايع ٿيا. اُهو اپريل جو مهينو هو. بہ مهينا پوءِ، اُن سٽ مان رهجي ويل بہ وايون- ”پنهنجي رت ۾ ربٽو جهنڊو اُڀ ۾ جهُولينڊو اهڙو ڏينهن بہ ايندو!“ ۽ ”هئہ هئہ ڪونج نہ مار اڙي آهيڙي!“ ۽ بہ غزل- ”وسٽو آهي، هانءَ نہ لاهہ- ڇورا، ٻج بہ تي ڪي ڇٽ!“ ۽ ”ڪهڙيءَ ڪوهہ- ڪنٺيءَ جي لاءِ- تون هي ڪيرائين ٿو ڪوٺ؟“ ”روح رهاڻ“ جي جولاءِ 1967ع واري پرچي ۾ شايع ٿيا. ان کانپوءِ ”اياز“ اسان کي تي ’لوڪ گيت‘- ”ڏيهہ نہ آيئي منهنجو ڏانءِ!“، ”انبڙيون ڳول نہ ڇورا- ڏينهن تتي ۾“ ۽ ”اوءِ ڪجري گُجر، پير هوريان تہ ڌرا“ ۽ بہ گيت- هڪڙو ناچ- ڏن تي رچيل، ”پريت پرينءَ جي پايل پايل، - آيل آيل!- گهايل گهايل- منهنجا پيرا!“ ۽ ٻيو ”هيءَ ويچاري ڪير؟- پنهنجي! ڏاري! ڪير؟- هيءَ پاٽياري ڪير؟“ ۽ ٽي وايون- ”لالي نيڻ تہ لهڻي آهي!- هئہ هئہ مينديءَ ٻوٽو ڙي!- هاءِ جواني جهوٽو ڙي“، ”منهنجي من ۾ ڪوئي سپنو توڪان سُندر ڦول، موتيا!“ ۽ ”مانجهاندي جا ماڳ سوين، پر منهنجو پنڌ پري!“ ۽ بہ غزل- ”ڪنهن ڪيئن ڇيو ڪنهن ڪيئن ڇيو- پر وائي سڀ کي وات هئي!“ ۽ ”چارڻ سو جو چنگ سوا- لاهي سڀ لاڳاپا لڳا“ ۽ بہ نظم- ”منهنجي ڪوتا جاپ جُڳن جا، - اڻ ڳاتل آلاپ جُڳن جا ۽ ”تون مان دور نہ آهيون پيارا!- توکي مون کي روز ملائي، سنڌوءَ جو سپنو!“ ۽ آخر ۾ بہ بنهہ نند مان جاڳائي هانوَ ۾ هُرڻ واريون لوليون- ”شال دولهہ ٿئين! شال دودو ٿئين!- شال سورهيہ ٿئين! سنڌ کي سر ڏئين!- لوليون! او ابا! لوليون! لوليون!“ ۽ ”لولي لال! جيئين شال! جيئي سنڌ، تنهنجي سنڌ!- جيئي جند، تنهنجي جند!- لولي لال!“- اهي سڀ اُجرا اُجرا، املهہ گيت اسان جي شاعر هنن ڏهن مهينن ۾ اسان کي ڏنا آهن. اڄ اسان جي سامهون اياز جا ”هي گيت اڇايل مورن جا“ موجود

آهن. ڪل 47 گيت آهن، ۽ ڪيڏا نہ مند ماس جا، رسيل ۽ رسيلا آهن هي سپيئي گيت! هيتري مختصر عرصي ۾ ڪو جوهري هيترا موتين جا ٿالهہ ڀري آڻي اسان جي آڏو رکي، ۽ پوءِ اسان کان فقط انهن جي سڃاڻ ۽ سانڍڻ جو دام گهري- تہ اسين پاڻ کي ڪيترو نہ خوش نصيب سمجهي سگهون ٿا.“

جنهن ڳالهہ ”روح رهاڻ“ وسيلي اياز جي فڪر ۽ شاعريءَ کي جڳ ۾ ڦهلايو اُهو هو جديد ”Romanticism “. اُهو هو پنهنجي مٽي ۽ ماڻهن سان اڻ ميو پيار جنهن جي شروعات صديون اڳ ٿي هئي. جڏهن ان سڄي دور تي نظر وجهجي ٿي تہ لطيفي روايت جي پوئواري ۾ اياز اڪيلو نظر نٿو اچي. سنڌي شاعريءَ جي انهيءَ قسم جي رومانٽڪ سفر جا ڪئين همسفر نظر اچن ٿا.
عبدالڪريم ”گدائي“ جڏهن چيو:

اڄ ساقي تنهنجي محفل ۾ سو صبح نہ آ سا شام نہ آ،
ڪو مست الستي رند نہ آ: ڪو ڀِهہ ڀرندڙ جام نہ آ.
سي سچ جي جنس جا سوداگر، ڪُهہ جاڻان ڪهڙيءَ وات ويا،
هر دل ۾ ول ڇل ڪوڙ ڪپٽ ۽ سچ جي جنس جو نام نہ آ.
سقراط کي جنهن لئہ زهر مليو ۽ سرمد پنهنجو سِرُ ڏنو
سو سرمستي آواز ڪٿي، سو پريت پريو پيغام نہ آ.

سنڌ جي حق سچ ۽ سوجهري جي ڳالهہ ڪندڙن مان ”تنوير“ عباسي جي غزل جو هيءُ بند ڏسو:

ڪو صبح جان سياڳو ڪو شام جان نماڻو
محبوب آهي منهنجو هرهڪ وطن جو ماڻهو.
ڪا بات رات جهڙي قند و نبات جهڙي،
ڪا ڳالهہ ڪالهہ جهڙي ڪو غم نئون پراڻو.
هن صبح سوجهري ۾ سڀ ڏک ۽ ڏوجهري ۾،
هر روز سچ نئون پر هر روز غم پراڻو.

سچ جي علامت- سقراط سرمد، صبح ۽ سوجهرو- اهو نئون ”رومانٽسزم“ هو. اياز ائين بہ چيو:

ماروئڙن کان منهنڙو ڦيريان،
ڏاهپ ٻي ڪا ڏس ميان،
تون ڪانـڏي ڪونہ ٿجانءِ.

تنوير عباسي ”جشن روح رهاڻ“ 1965ع ۾ هيءُ غزل پڙهيو:

ڪنهن پرهہ اسان کي پاليو هو هن رات اسان کي روليو آ.
تہ بہ اونداهين جي قيدن ۾ در آزادين جو کوليو آ
ڪنهن جيءُ جهنجهوڙي جاڳايو جو روح بہ پاسو اٿلايو
ڪنهن سيرانديءَ کان آهي سڏيو ڪنهن پيار مان ٻهہ ٻهہ ٻوليو آ.

اياز اُنهيءَ ”جشن روح رهاڻ“ ۾ هيءُ غزل پڙهيو:

هيءَ سين نہ ڏيندي چين اُتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا.
هي شايد ساڳيو رمتو آ اڳ جيئڻ اُجايو آ پيارا.
جنهن وقت چراغِ شام ٻري ۽ مئخاني ۾ جام ڀري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري پنهنجو بہ پرايو آ پيارا.

انهيءَ ئي جشن ۾ شمشير الحيدري پنهنجو مشهور نظم ”پڙاڏو سو سڏ“ ٻڌايو:

ڇا لئہ پنهنجي ذات لڪايان، آدم کان پيءِ اڳ ۾ آهيان،
پاڻ پنهون آءٌ آهيان آهيان، لوح قلم جي بات بنايان.

انهيءَ ڏس ۾ ”پرواني“ پنهنجي جا قطعا هيا:

خوشامد جي دستار تارن سان جڙيل،
انهيءَ کي سدا نوڙ چوندا رهياسين،
اسين سنڌ وارا سڀاجها ۽ سادا،
سچي ڳالهہ منهن توڙ چوندا رهياسين.

’محسن‘ ڪڪڙائيءَ جو هيءُ قطعو ڏسو:

رئندن سان رُئڻ پاڻ سکيا ئي ناهيون،
کلندن سان کلڻ پاڻ سکيا ئي ناهيون،
گذري ويون تيرهن صديون، پوءِ بہ اڃا،
انسان ٿيڻ پاڻ سکيا ئي ناهيون.

تاج بلوچ جو نظم پڻ هو تہ:

ڪوئي بيمار شفاياب ٿيو
پوري مزدور کي مزدوري ملي،
فاقہ مستن کي مليو ماني ڀُڳيو
ڪائي عريان جواني بہ ڍڪي؟

"نياز" همايونيءَ جي "ڇيڄ" (گهوري وڃان گهور وڃان...) ڪنهن کان وسرندي؟

پٽر پوي پاٽيءَ اندر لهر پري زور
تنهنجون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي ٻڌجي پياسين پور
گهور وڃان گهور.

امداد حسينيءَ جو نظم "ماحول" هڪ فڪر جو مظهر هو:

هلي هلي زرد زرد سج آخري ڇڙي هنئي،
اُفق تي ڪنهن بيگناهہ جو خون هارجي ويو
گلاب پنهنجي ئي آڳ ۾ پاڻ تا جلائن،
محاذ دارو رسن تي منصور مارجي ويو.

هيءَ هڪ عشق جي ابتدا هئي، جنهن جا اڳتي هلي سڄي جهان شعلا پڙڪندي ڏٺا.

ناگاساڪي ناهہ، آهي تنهنجي آرسي،
سانپي جا تو ساهہ ۾، پنيت تي سا باهہ،
سياڻو تيءَ ساڄاهہ، اجا ويل وئي نہ آهہ!

هيءَ رڳو گل و بلبل ۽ خار جو قصو نہ هو. خاردار پنڌ پيچري جي ڪهاڻي هئي.
هن رومانٽسزم جو مزو ئي پنهنجو هو. ٻچو ٻچو پنهنجي ڌرتيءَ جي عشق سان سرشار هو. سچ ۽ حق جي پرک تي ڇڪي هئي. سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن ايترا گيت ڳاتا جو اياز کي چوڻو پيو:

سگهہ ڏي اهڙي سچ، منهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ڳچي ٽئي، ڳچ، تہ بہ چوان جو چوڻو هجي.

[پيدائش 2 مارچ 1923، وفات 28 ڊسمبر 1997]

⁂

## پير علي محمد شاهہ راشدي

مون کي اڄ انهيءَ شخصيت جي باري ۾ ڳالهائڻ جو فرض سونپيو ويو آهي، جنهن جو غوغاءُ مون شعور سنڀاليندي ئي ٻڌو.

هيءَ ان زماني جي ڳالهہ آهي، جڏهن مان اڃا ننڍو هوس ۽ انگريزي اسڪول ۾ داخل مس ٿيو هوس. منهنجو والد مرحوم سيٺ محمد اسماعيل روينيو کاتي ۾ چڱي وڏي عهدي تي هو. مان جڏهن بہ اسڪول کان گهر ويندو هوس تہ سندس ٽيبل تي سنڌ آبزرور اخبار ڏسندو هوس. والد صاحب انگريزي جو عاشق هو. هو هميشہ اسانجن چاچن ۽ ٻين دوستن کي چوندو هو تہ جي انگريزي سکڻي ۽ سڌارڻي اٿو تہ ”سنڌ آبزرور“ پڙهو.

بابي سائين ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هڪ ڏينهن منهنجي هٿ ۾ ڏان اخبار ڏني، جيڪا حقيقت ۾ مان فوٽو ۽ فلمي اشتهار ڏسڻ لاءِ وٺندو هوس. بابا اها اخبار مون کان وٺي مون کي ڏاڍي پيار سان چيو تہ: پير علي محمد شاهہ راشدي جي اخبار آبزرور پڙهندو ڪر. تنهنجي انگريزي سڌري ويندي ۽ خاص طرح ان جا لکيل ايڊيٽوريل. ڪوشش ڪر تہ جيئن پڙهي سگهين.

مون ”سنڌ آبزرور“ پڙهي يا نہ پڙهي، پر پير علي محمد شاهہ راشدي جو نالو ضرور ٻڌو ۽ سندس نالو وري تڏهن ٻڌم، جڏهن منهنجي والد صاحب جي بدلي ٿي. خبر پئي تہ پير صاحب روينيو وزير جي حيثيت ۾ سندس ڪم نہ ٿيڻ سبب ناراض ٿي هن جي بدلي ڪئي، جيڪا سيني حلقن ۾ پسند نہ ڪئي وئي، ڇاڪاڻ تہ منهنجو والد مرحوم سيٺ صاحب روينيو جو هڪ هوشيار ۽ اصول پرست آفيسر هو. اُن زماني ۾ سفر جون سهوليتون ايتريون نہ هيون، نہ وري تعليمي ادارا هر شهر ۾ هئا. آفيسر جي بدلي وڏو ڏچو هئي. اسان سڀ بنهہ رُلي وياسين.

ڪي سال گذريا. مان مئٽرڪ امتحان جي ويجهو ٿي چڪو هوس تہ مون وري والد صاحب جي ٽيبل تي هڪ هفتيوار اخبار ”ايسٽرن ايڪسپريس“ ڏٺي. مان هاڻي انگريزي ڪجهہ پڙهي سگهيس ٿي. مون هڪ ڏينهن ايسٽرن

ايڪسپريس اخبار هٿ ۾ کڻي پڙهڻ شروع ڪئي تہ والد صاحب اندر آيو ۽ منهنجي هٿ ۾ اها اخبار ڏسي خوش ٿيو ۽ چيائين تہ توکي خبر آهي تہ هي اخبار پير علي محمد راشدي جي آهي، جيڪو ماهر انگريزي دان، سٺو صحافي ۽ قابل ماڻهو آهي. پوءِ ڪيترا دفعا ڪچهرين ۾ مون کين پير علي محمد شاهہ راشدي جي قابليت جي تعريف ڪندي ٻڌو. نيٺ چيومانس تہ بابا، توهان پير علي محمد شاهہ راشدي جي تعريف ٿا ڪريو جنهن توهان کي ناحق بدلي ڪري اسان جي تعليم کي ڦٽائي، ايڏي وڏي تڪليف ۾ آندو. اها ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ نٿي اچي. کلي چيائين تہ "مان پير علي محمد شاهہ راشدي جي ذات جي تعريف نٿو ڪريان، پر ان جي قابليت، علم، هنر ۽ ڏاهپ جي تعريف ٿو ڪريان. مان سندس تحرير جو مداح آهيان."

اها ڳالهہ منهنجي اندر ۾ گهر ڪري ويئي تہ دنيا ۾ سڀ ڪجهہ ڏاهپ، علم ۽ هنر آهي. مان انهيءَ اصول تي اڳتي وڌيس ۽ پوءِ مان پير علي محمد راشدي سان اهڙي ئي هڪ ڏاهپ جي پليٽ فارم تي مليس، جتي منهنجي تقرير کان پوءِ هو هر هڪ کان پڇندو رهيو تہ "فلاڻا، هي نينگر ڪير آ؟" سائينءَ سان ڪا ڊگهي ملاقات ان وقت بہ نہ ٿي، پر مون ڏٺو تہ هن جي دل ۾ منهنجي لاءِ ٿوري گهڻي جاءِ ضرور ٿي هئي.

اهو وري زمانو "روح رهاڻ" وارو آهي، ون يونٽ خلاف ڪات ڪهاڙا هئا تہ شاهہ صاحب سان موتي محل حيدرآباد ۾ ملاقات ٿي. جت ڪافي وڏي ڪچهري ٿي ۽ مان سندس ڳالهائڻ واري انداز فڪر، ڏاهپ ۽ هوشياري کان ايترو تہ متاثر ٿيس جو مون کان سندس ڏنل زخم "ون يونٽ جو نهراءُ" وسري ويو ۽ مون پنهنجي جگري دوست غلام رباني آگري کي چيو تہ شاهہ صاحب کي روح رهاڻ جشن جي پروگرام ۾ مهمان ڪري ضرور گهرائجي، ڪيس ٻڌجي ۽ نوجوان نسل کي ٻڌرائجي. غلام رباني مون کان وڌيڪ ڏاهو ۽ سينئر ماڻهو هو. هن کلي ڳالهہ کي ٽاري ڇڏيو. حالتن ۽ وقت پٺاندڙ هن جي صحيح هجڻ جو احساس اڳتي هلي ٿيو تہ شاهہ صاحب تي ننڍي ٿهي ڪيتري قدر ڪاوڙيل هئي ۽ منهنجو اهو عمل کين ڪيترو نہ وڌيڪ ڪاوڙائي ها.

ون يونٽ ختم ٿيو ۽ انهيءَ وچ ۾ ساڻس ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ملاقاتون رهيون ۽ مان سندس غوغاءُ ٻڌندو رهيس، لکڻيون پڙهندو رهيس ۽ مون تي بحثيت هڪ ليکڪ جي اهو اثر پوندو رهيو تہ ماڻهو جي قلم ۾ ضرور ڪا

غيبي طاقت پريل آهي، جو وٽيس تہ ماڻھو جو پتو پاڻي ڪري ۽ وٽيس تہ ماڻھو ڪي جبل جيئن اڏول ڪري بيهاري ڇڏي.

جنرل هوش محمد شهيد جي قبر جي سلسلي ۾ ان وقت ڪافي چوٻول هو. عبرت ۾ سندس مضمون بہ ڇپيو پر مون کان سندس هي جملا نٿا وسرن تہ "سنڌ جي هيرو پرستي جا هھڙا حال ڏسي ڪو تعجب ڪونہ ٿو ٿئي تہ جڏهن سنڌ جا سپوت رڻن ۾ جوين وانگر رڙيون ڪري اهي عرضداشتون پيا ڪن تہ جنرل هوش محمد جي قبر وٽ گنبد نہ اڏايو." شايد سندس ئي اِن ڳالهہ جو اثر ٿيو جو هوش محمد جي قبر وارو مسئلو زور وٺي ويو. اديبن جو جلوس نڪتو تہ ختم بہ اُتي ٿيو ۽ تقريرون بہ اُتي ٿيون. پوءِ تہ سلسلو هلي پيو پر صرف ڪجهہ وقت لاءِ.

پير علي محمد شاهہ جي شخصيت کي Controversial شخصيت قرار ڏنو ويجي ٿو پر سندس شخصيت مون لاءِ ڪڏهن بہ ڪنٽروورشل نہ رهي، ڇاڪاڻ تہ مون کيس هميشہ سنڌ جي هڪ ليکڪ، عالم ڏاهي ۽ انگريزي دان جي حيثيت سان ڏٺو. مون هميشہ کيس پنهنجي والد صاحب ۽ ٻين پڙهيل لکيل بزرگن جي اک سان ڏٺو. مون ڪڏهن بہ کيس سياستدان جي حيثيت سان نہ ڏٺو ۽ نہ وري ڪائنس ڪو سوال ڪيو تہ سائين منهنجا، تو وٽ سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ جي ايترو درد آهي ۽ هيڏا ڪالم پيو لکين، پوءِ تو کان اهو ون يونٽ وارو قلم ڪيئن وهيو ڇاڪاڻ تہ "رَند ۽ پنڌ" جي ڪالمن ۾ سندس لکيل ليک پير علي محمد راشدي جو سنڌيت پرستي جو رُخ پيا پيش ڪن. ڪيترن هنڌن تي هن کُلي لکيو آهي. جهڙوڪ: "سنڌ جا رهاڪو جيڪڏهن هنن يارنهن ڳالهين تي عمل ڪن تہ مون کي يقين آهي تہ ٿوري عرصي اندر سندن تقدير بدلجي سگهي ٿي." يا وري هي جملا تہ: "صرف سڏون ڪرڻ، ٿڏن ساهن کڻڻ، منهن مٿو پٽڻ ۽ دنيا کان ناراض ٿي رهڻ سان ڪو خاص فائدو حاصل نہ ٿيندو. هن دنيا ۾ صرف بہ شيون ڪم اچن ٿيون، هڪ فڪر جي قوت ۽ ٻيو عمل جي همت، اهي ٻئي لياقتون پنهنجي اندروني اصلاح، محنت ۽ تنظيم مان ئي اُڀرن ٿيون."

هن ڏاهپ ۽ قلم جي ڌڻي سان، جڏهن جڏهن بہ مان مليس، مون کي تہ هڪ هڏ ڏوکي بزرگ ۽ قرب واري جي حيثيت سان متاثر ڪندو رهيو ۽ وڻجهو ايندو ويو. منهنجي ساڻس ملاقات سائين حسين شاهہ راشدي جي معرفت يا ان جي شاديءَ جي سلسلي ۾ پڻ ٿيندي رهي. جيڪا ڳالهہ پڻ مرحوم

ڪي وٽي ۾ مون کي ڪلي چوندو هو تہ "تو ادبي ميدان ۾ تہ چڱا ڪم ڪيا آهن، پر هن ميدان ۾ پڻ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو اٿئي." اهو ڪارنامو آهي حسين شاهہ راشدي جي شادي. مرحوم جي هر لفظ ۾ هر جملي کي معنيٰ هئي ۾ سندس سنجيده جملن ۾ ڪيل چرچا ۾ طنز مون کان اج بہ نٿا وسرن.

مرحوم هن دنيا ۾ نہ هوندي بہ ميل جا پٿر هڻي ويو آهي. منهنجي لاءِ سندس لکڻيون هڪ وڏو اهم "ميل جو پٿر" آهن، جن ۾ سنڌ آبزرور جا ايڊيٽوريل هجن يا ايسٽرن ايڪسپريس جا، مڪتوب مشرق بعيد هجي يا مشرق و مغرب يا وري عبرت ۾ لکيل رند ۾ پنڌ، جن ڪالمن کي گڏ ڪري، ڪتابي شڪل ۾ آڻي، اج اسان کي پڻ هتي هن مجلس ۾ گڏ ڪيو ويو آهي.

مرحوم پير علي محمد راشدي جي صحافتي زندگي، سياسي زندگي ۾ سفارتي زندگي اگر نمايان رهي آهي تہ سندس عام ماڻهو هڪ پورهيت واري زندگي نہ صرف سندس سرمايو آهي، پر اسان کي ان زندگي ئي هڪ مصنف ڏنو هڪ بي مثل ليکڪ ڏنو.

"اهي ڏينهن اهي شينهن"، "فريادِ سنڌ" محترم جي. ايم سيد ڏانهن 1937 کان 1958 تائين لکيل خط ۾ مضمون (جنهن کي پهريائين ڇاپڻ جو شرف بندي کي حاصل آهي) جهڙا ڪتاب ڏنا، جن جو ادبي دنيا ۾ اج بہ مان مٿاهون آهي. سندس عام زندگيءَ جو پدَ تمام مٿاهون رهيو آهي. هو ان مٿاهين پدَ تي اڳ بہ هو اج بہ آهي، ۾ سيان بہ رهندو.

مان سندس مداح جي حيثيت ۾ نہ ڪيس ڪڏهن وساريو آهي ۾ نہ وساري سگهندس. شال، پير علي محمد شاهہ راشدي جيئن پنهنجن لکڻين ۾ زنده آهي، تيئن اسان جي دلين ۾ بہ زندهہ رهي.

⁂

## ڳالهيون پير حسام الدين راشديءَ جون

هن مهل تائين گهاريل حياتيءَ ۾ مون تہ هر انهيءَ ماڻهوءَ کي حيرت ۽ عجب وچان ڏٺو آهي، جنهن مون کي پنهنجو سمجهي پنهنجو ڪيو آهي، يا مان پاڻ سندس حيرت انگيز عمل دخل کي ڏسي هُن جي ويجهو ويو آهيان. مان اُنهن ماڻهن سان گهاريل گهڙين کي گهڻو ڪري پاڻ وٽ سانڍي رکندو آهيان ۽ سندن لاءِ لکيو اگرچ گهٽ اٿم. پر اَڄ جڏهن يادگيرين جي ورقن کي اٿلائڻ جو حڪم مليو آهي، خاص طرح اُنهيءَ شخصيت لاءِ، جنهن لاءِ مون تہ پنهنجي اندر ۾ جايون جوڙيون جو هُن بہ پنهنجي اندر ۾ منهنجي لاءِ بہ هڪ جاءِ جوڙائي هئي، جنهن ۾ مان رهندو ڇا هوس، پر سندم شعوري پالنا بہ اُنهي مَنَ واري گهر ۾ ٿي. اُت رهندي مون سندس محبت، پيار ۽ شفقت جهڙن جذبن کي جال ڏٺو پر اُنهي سان گڏ حيرت ۽ عجب ۾ وجهندڙ سندس جذبن، احوالن، عمل ۽ رَدعمل کان بہ آگاهہ ٿيس. ڇا هيءَ ڪو عام ماڻهو هو! ڇا هر عام ماڻهو هئڙا ڄاڻ وارا نقطا، آگاهي ڏيندڙ ۽ ڪڏهن تپرس ۾ وجهندڙ پر چرڪائيندڙ خيال رکندڙ ٿو سگهي ٿو؟ ڇا هن جوڙجڪ جهڙا ماڻهو عام جام ملي سگهن ٿا، جن جي ڏاهپ ۽ سمجهہ سان هر ننڍي وڏي ماڻهوءَ جو اِدراڪ ٿي سگهي ٿو؟ ٻهمڻ ڳوٺ جي ڳوناڻي ماحول ۾ پلجندڙ ٻاراڻي اوستا کان وني جوانيءَ تائين، هُن اهڙيون ڪي رمزون ڄاڻي ورتيون يا سُپتيو ٿي گهارڻ جا گُر ڄاڻي ورتا هُيا، جو بنا ڪنهن تاج پهرڻ جي هُن سڄي جهان کي ڪيئي تاج پهرائي ڇڏيا. ها سائين! ٻهمڻ ڳوٺ جي ويراني مان، ماڻهن جي مَن جون ڪيئي وستيون آباد ڪرڻ لاءِ نڪتل هيءَ شخص ٻيو ڪير نہ، پير حُسام الدين راشدي هيو. پاڻ اڪيلو ڪونہ هو هڪ ٻي ڀهڳڻ شخصيت ساڻس گڏ هئي جو: پير علي محمد شاهہ راشدي هيو.

مون شخصيتن جي حوالي سان جڏهن بہ ڪا ڳالهہ ڪئي آهي تہ ذهن

۾ اِها ڳالهه رکي ڪئي آهي تہ ڪين ياد رکڻ لاءِ سندن تسبيح ۾ ڏاهپ ۽ سمجهہ سان گڏ انسانيت جي عظمت جا ڪيترا مڻيا هُيا يا آهن. مڻيادار ماڻهوانِهن مڻين جي آڌر تي پرکيو ويندو آهي. اُن لاءِ ئي سندس هڪ قريبي دوست حڪيم محمد سعيد پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو هو تہ: "... آءٌ جنهن ڳالهہ کي هن جي لاءِ وڏي فضيلت سمجهان ٿو اُها آهي انسان سان سندس محبت. انسان جي لاءِ عزت ۽ احترام ڪو سندن خصلت ۾ ويڙل هو. هو هر انسان سان محبت ڪندو هو ۽ سخت تنقيد ڪرڻ وقت بہ انساني مرتبي کي ڪونہ وساريندو هو..."

منهنجي خيال ۾ چاڪاڻ تہ پاڻ هڪ عظيم انسان هو تنهن ڪري ئي منجهس هر انسان لاءِ عزت ۽ محبت جا انبار هُيا.

مون کي ياد آهي تہ پير صاحب حجت ۽ پيار وچان ڪڏهن ٻاڙا ٻول بہ ٻولي وٺندو هو. سندس اهڙن ٻولن تي ڪيترا دفعا رنج پهتو. مون ساڻس ملڻ ڇڏي ڏنو. پڇا ڪرڻ تي ماهتاب محبوب، جنهن سان سندس ۽ منهنجو قرب جو رستو هو تنهن ٻڌائيس تہ حميد سنڌي کي اوهان جي ڳالهين مان ڏک پهتو آهي. اُن وقت چيائين، "اهڙي ڳالهہ نہ آهي، حميد تہ مون کي ڏاڍو پيارو آهي." پوءِ پاڻ مون وٽ هلي آيو ۽ پرچايائين تہ مان روئي ويٺم، پر ڏٺم تہ سندس اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

هيءُ محبتن جو ڀنڊار شخص چڙ، ڪاوڙ يا حجت ۾ جيڪي بہ وڏيس چئي ويندو هو پر گهڙي پل کان پوءِ هُو ماڻهو ئي ٻيو هوندو هو. سندس هر عمل جو رِدعمل عجيب ۽ مثبتي Positive هوندو هو جنهن ۾ مون Negative سندس اکين ۾ پهريائين پڇتاءُ جو عنصر، پوءِ محبت ۽ قرب جي چمڪندڙ روشني ڏٺي. مون کي لڳو تہ هيءُ شخص رڳو ماڻهن کي پيار نٿو ڪري پر سندس مٽي جنهن مان هو ڳوهيل آهي، اُن کي بہ پيار ڪري ٿو. هو اُن جي ٻوليل اکرن کي بہ مان ڏيندو هو. مرحوم حڪيم سعيد صاحب جو وَري ذڪر ڪيان ٿو جو هُن اُن ئي مضمون ۾ ٻئي هنڌ لکيو آهي:

"... سنڌ جي سرزمين سان تہ کيس ڪا وڏي حُب هئي ۽ سنڌ جو پاڪستان جي هڪ حصي هجڻ جي ڪري هُنَ کي پاڪستان سان بہ عشق هو. جيئن هر پاڪستاني کي هئڻ کپي، سنڌي سندس زبان هئي ۽ هو اُن زبان سان انڪري محبت ڪندو هو جو اُن ۾ شاهہ لطيف جو ڪلام آهي،

جنهن کي هر مذهب ۽ ملت وارن وٽ عام مقبوليت حاصل آهي. انهيءَ هوندي بہ اُردو زبان سان سندس گهاٽو سنٻنڌ هوندو هو ايتري قدر جو مرڪزي اردو بورڊ سان سندس تعلق ۽ واسطو آخري وقت تائين قائم رهيو.

مان ائين سمجهان ٿو تہ پير صاحب ازلي اُڃايل هُيو. پيار جو محبت جو جنهن ڪري هر ماڻهوءَ سان لونءَ لاتئون ۽ ٻيو هُو اُڃايل هو ڄاڻ ڇئو آگهي ڇئو يا علم ڇئو اُن جو جنهن لاءِ هو سڄي عمر ڳولا ۾ رهيو. سڄي جهان جون اهم ٻوليون سکيو. عربي، فارسي، سنڌي، انگريزي، اُردو تہ گهٽي کان گهٽي چاهيندو هو. ڄاڻ جو خزانو شهر شهر، ملڪان ملڪ لتاڙي ڪنهن فاتح وانگر ڪٺي پنهنجي ملڪ پنهنجي وطن ۾ آڻيان. اُن سان ماڻهن جي اندر ٻيوسين ۽ محرومين جي خال کي ڀريان. هُن ايران جي فارسيءَ جي خرزين کولي تہ ڇا نہ نڪتو: مرزا اصلح جو تذڪره شعراءِ ڪشمير، مير علي شير قانع ٺٽويءَ جو تحفة الڪرام، مقالات الشعراءِ، مڪلي نامو مثنويات ۽ قصائد، ميرڪ يوسف جو تاريخ مظهر شاهجهاني، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي تاريخ منشورالوصيت، مير محمد ٺٽوي جو ترخان نامون ۽ ٻيا ڪيترا نادر نسخا. چون ائين ٿا تہ پير صاحب جي اندر ۾ هڪ تاريخدان ويٺل هو جنهن جواهو ڪم هو تہ هِن نسل توڙي ايندڙ نسل کي تاريخ جي عمل ۽ ردعمل مان پيدا ٿيندڙ نفعن نقصانن ۽ تلخ حقيقتن يا خوش فهمين کان آگاهہ ڪرڻ ـ ڇاڪاڻ تہ گهڻو ٺٺو چوندا ائين آهن تہ تاريخ بي رحم ٿيندي آهي پر ڪٽي بيوس ۽ لاچار پڻ.

پر سندس هڪ ٻيو ساٿي ڊاڪٽر جميل جالبي اُن جاکوڙيا پهڻ ٽُڪڻ واري ڪيفيت کي هن نموني بيان ڪري ٿو: "..... پير حُسام الدين راشدي بنيادي طرح تي تاريخ جا عالم هُيا. ۽ تاريخ جي نسبت سان ئي سندن نظر مختلف علمن ۽ فنن تي هئي. پير صاحب، سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جي بنيادي ماخذن کي مرتب ڪري شايع ڪرائي سنڌ جي علمي ۽ تهذيبي زندگيءَ کي نئين حياتي بخشي. اڄ سنڌ جو جيڪو نئون نسل علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪري رهيو آهي، اُهو پير صاحب جي ئي ڪيل بنيادي ڪم مان روشني ۽ رهبري حاصل ڪري رهيو آهي. جديد تحقيق جي روايت کان سنڌي لکندڙن کي پير صاحب ئي واقف ڪيو. سندس اها خدمت تاريخ ۾ هميشہ زندهہ رهندي"

سنڌ جو هيءُ عجائب روزگار شخص تحقيق جي حوالي سان جُهد پٽي ٿو تہ سنڌ جي تاريخ، اُن جي ماخذن ۽ ماڳن مڪانن ۽ ماڻهن ڏي رُخ موڙي،

سنڌ جي ثقافت ريتن رسمن ۽ اُن سان ٿيل ڏاڍ ڏمر لاءِ خاموش صدا بلند ڪري ٿو جنهن کي الهامي آواز هُيو هونئن به ڪتابي آواز الهامي آواز ٿي هوندا آهن. تازو عزيزم زاهد حسين جو نئون ڪتاب "تاريخ هند — پس منظر، پيش منظر" (اُردوءَ ۾) آيل آهي، جنهن ۾ ڪانئس هڪ دوست جهان قدر پڇي ٿو ته زاهد خان! تنهنجي خيال مطابق تاريخ جيڪا اسان کي پڙهائي ويئي آهي يا اسان پڙهي آهي، سڀ قصن ۽ ڪهاڻين تي مبين آهي؛ ڇاڪاڻ ته ماضيءَ جي دور جا ماڻهو اُن کي تاريخ جو نالو ڏين ٿا". زاهد حسين جواب ۾ چئي ٿو ته ائين نه آهي، مان تاريخ کي هاڻي به ڪيترن حصن ۾ ورهائيندو آهيان. اُها به تاريخ آهي، پر ماڻهن جي، جاين، ماڳن مڪانن جي. جارج برنارڊشا جو هيءُ جملو پڙهو:

All history is incorrect except names and places and all novels are correct execpt individuals and places.

جان نويل ولفرڊ چئي ٿو:.All works of history are interim reports

اصل ۾ هر قصي ڪهاڻي ۾ يا ته علدر جو پهلو آهي يا ته غلو جو پهلو آهي يا ڪجهه نه ڪجهه لڪايل هوندو آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته بادشاهن جي تاريخ، ڌاڪوئن جي تاريخ، انسانن کي غلام بنائڻ جي تاريخ، هيءُ سڀ قصا ڪهاڻيون آهن؛ اصل تاريخ ته صرف اُها آهي جنهن جو تعلق عام ماڻهوءَ سان هجي. هڪ ماڻهوءَ جي تاريخ نه ٿيندي آهي، بلڪ تاريخ مان مراد دراصل سڄي قوم يا علائقي يا دور جي حساب سان ليکبي آهي."

اسان جي هڪ ساٿي دوست مرحوم ناصر مورائيءَ، "اروڙ جي مٽيءَ جي سڳنڌ" جي عنوان سان پير صاحب سان هڪ انٽرويو ڪيو هو جيڪو هفتيوار 'برسات' (ڪراچي) ۾ ڇپيو هو. هُن پير صاحب لاءِ لکيو هو 'اروڙ جي فرياد جيئن خاموش ۽ اروڙ جي مٽيءَ جي سڳنڌ سان واسيل پير حسام الدين راشدي وٽ بنا وقت مقرر ڪرڻ جي پني تي سوال لکي وٽس پهتس'. هيءُ تاريخي انٽرويو آهي. سندس هڪ ٻن سوالن جي جواب کي پيش ڪجي ٿو اِن لاءِ ته پير صاحب سنڌ جي تاريخ، اُن جي ماخذن ۽ ماڳن مڪانن تي ڇو ويهي جُهد پٽي آهي ۽ سڄي حياتي رولڙي ۾ رولي هيءُ هزارن صفحن جو مواد گڏ ڪيو آهي، صرف صرف اِن لاءِ ته هُن جو سنڌ، اُن جي عام ماڻهن ۽ اُن جي معاشري سان عشق هو ۽ هُن اِهو خزانو ڇو جو هيئن جوڙيو هو:

ناصر مرحوم کانئس پڇيو هو تہ ”سائين توهان جيئن مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ تاريخ تي جيڪي توهان ڪتاب چڙهيا آهن، اُهي فارسيءَ ۾ آهن ۽ انهن کي سنڌي ترجمي ۾ آڻڻ جي سخت ضرورت آهي، ان ڏس ۾ توهان ڪهڙيون ڪوششون وٺي رهيا آهيو“. پير صاحب جواب ڏنو هو ”ادا، منهنجي ڄمار هن وقت چوهٺ ورهيہ آهي. جيڪي فارسي ماخذ آهن، اُنهن جي جيڪڏهن ڇپائڻ جي ڪوشش ڪريان تہ منهنجي زندگيءَ جا چند سال تہ ڇڏيو اچا پنجاهہ سال گهرجن. منهنجو ڪو متن شايع ڪرڻ آهي، اُن ۾ مون تي چار ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا آهن. مون تاريخ کي نئون موڙ ڏنو آهي. مون کان اِهو ٿي نہ سگهندو تہ اُنهن ڪتابن جا ويهي ترجما ڪريان. اُن لاءِ ڪو ٻيو شخص تيار ٿئي سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجي کي اُنهن ڪتابن جا ترجما ڪرائڻ گهرجن. سنڌ جي تاريخ تي الڳ شعبو قائم ڪرايون. سنڌ جي قديم تهذيب، جيڪا پنج هزار سال پراڻي آهي ۽ جيئن هر ملڪ کي پنهنجين تهذيبن تي فخر هوندو آهي تيئن اسان کي بہ پنهنجي تهذيب تي فڪر ڪرڻ گهرجي. ان ڪري بالڪل ابتدائي تعليم جي نصابي ڪتابن ۾ سنڌ جي قديم تهذيب، تاريخ ۽ ناليوارين شخصيتن جا ذڪر اَذڪار آڻڻ گهرجن تہ جيئن سنڌي ٻار کي ننڍي هوندي کان پنهنجي تهذيب ۽ تاريخ جي ڄاڻ حاصل ٿئي. پر ادا، اسين آهيون پرائي وس. باقي سنڌ جي تاريخ جا ترجما، سنڌ جي سلسليوار تاريخ لکرائڻ، تاريخ ثقافت ۽ علم جي ٻين ڪيترين ئي شاخن تي تحقيق ٿيل نہ آهي. اها تحقيق ڪرائڻ، سنڌ جي قديم تاريخي جڳهين ۽ آثارن کي محفوظ ڪرائڻ قومي فرض آهي. ٻيو تہ جيڪڏهن تاريخ کي سنڌيءَ ۾ نہ آندو ويو تہ اسان جي ماڻهن کي پنهنجي تاريخ جي ڪيئن خبر پوندي ڪيئن سُرت ۽ جاڳرتا پيدا ٿيندي ۽ ڌارين جا سنڌي قوم تي ٿيل ظلم هن جي نگاهن ۾ ڪيئن ايندا. پنهنجي پرائي ۾ جيڪو شرافت ۽ همدرديءَ جو فرق آهي، ان جو هڪ کي ڪيئن احساس ٿيندو.“

پير حُسام الدين راشدي اِنهيءَ جاڳرتا ۽ احساس لاءِ جملي ايڪيتاليهہ ڪتاب ـــ ٻارهن سنڌي ۾، پنجويهہ فارسي ۾ ۽ چار اردو ۾ لکيا. سندس آخري ڪتاب ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“ آهي. سندس سنڌيءَ ۾ ٻيو مشهور ڪتاب ”هو ڏوٿي هو ڏينهن“ آهي. ”ڳالهيون منهنجي سنڌ جون“ سندس مقالن، تقريرن، خطن، انٽرويو ۽ هڪ ڪتاب ”تذڪره مشايخ سيوستان“

تي مشتمل آهي، جو غلام محمد لاکي جو سهيڙيل آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. پير صاحب جي ڪتابن ۾ صفحي صفحي تي سنڌ جا ماڻهو سندن رهڻي ڪهڻي ۽ خوبيون ۽ اوڻايون، سنڌ جي تاريخي جاين جڳهين سان گڏ سندن مڙهه مقام وڪريا پيا آهن.

منهنجي خيال ۾ پير صاحب هرهنڌ هڪ ئي ڳالهه ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته سندس اندر ۾ به ماڻهو ته هڪ ئي رهندو هو جيڪو مؤرخ هوندي به صحافي به هو ڪهاڻيڪار به مفڪر به، سنڌ جي نئين سوچ جو محرڪ. جنهن ڪڏهن به ٻه ڳالهيون نه ڪيون. صرف هڪ ڳالهه: سا آهي بقول پير صاحب جي ته: "سنڌ جي تاريخ گهڻي آڳاٽي زماني کان شروع ٿئي ٿي، جا حد کان وڌيڪ دلچسپ به آهي ۽ تمام اهم پڻ. پر اُها اڄ تائين ڇڙوڇڙ ۽ بنا ڪنهن ترتيب جي ٽڙيل پکڙيل آهي! سنڌيءَ يا ڪنهن ٻي زبان ۾ ڪو به اهڙو ڪتاب نه لکيو ويو آهي، جنهن کي سنڌ جي تاريخ جو بنيادي خاڪو ڪوٺي سگهجي. يعني جنهن مان هن ملڪ جا تاريخي ۽ تمدني حالات هڪ هنڌ معلوم ٿي سگهن. قومن ۾ زندگيءَ جي جذبن ۽ ولولن کي تازي رکڻ ۽ منجهن عملي جوش لاءِ نئين خون پيدا ڪرڻ جو اهم ذريعو قومي تاريخ آهي. قومي تاريخ جي صفحن تي ئي پنهنجن بزرگن جا شاندار ڪارناما آئنده نسلن لاءِ زندگيءَ جو سبق بڻجن ٿا. انهيءَ ئي آئيني ۾ هر قوم پنهنجي ماضي کي بي نقاب ڏسي سگهي ٿي ۽ پنهنجي عروج ۽ زوال جي سببن تي ٿڌي سيني سان غور ڪري پنهنجو مستقبل درست ڪري سگهي ٿي. جنهن قوم وٽ پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ اڪين آڏو نه آهي، اُن لاءِ سمجهڻ گهرجي ته اُها زندگيءَ جي ميدان ۾ عملي محرڪات جي هڪ نهايت اهم وسيلي کان محروم آهي." هيءَ ئي سوچ هئي جيڪا محرڪ بڻي ۽ هڪ تحريڪ بڻي.

پير علي محمد راشدي سنا.س حياتي جي محرڪات تي نظر وجهندي پنهنجي شاندار مضمون "حُسام الدين مرحوم حسام الدين ڪيئن بنيو" (جيڪو مهراڻ 1997ع واري "پير حسام الدين راشدي" نمبر ۾ ڇپيو) ۾ پنهنجي عشق محبت ۽ ساٿ کي هيئن ظاهر ڪيو آهي: "ما و مجنون هم سبق بوديم در ديوان عشق" پر اُن سان گڏ پير صاحب جي جمڻ کان وٺي، ٻالپڻو جواني، بزرگي جا ڏوڙ پورهيي محنت ۽ فقرائي لڏي جا ڇاٽايا آهن، جن دورن پير حسام الدين کي پيرن ۽ زميندارن جي ٻار مان هڪ نئين سوچ ۽ نئون فڪر رکندڙ انقلابي تاريخدان ۽ مفڪر بڻايو. هو لکي ٿو:

”هڪڙي ڏينهن حسام الدين راند ڪندي منهنجي ڪمري ۾ منهنجن ڪتابن سان ڪڙاند ڪرڻ لڳو. مون کيس دڙڪو ڏنو ’اڙي جٽ! تون منهنجن ڪتابن کي هٿ نہ لاءِ.‘ هُن مون ڏانهن ڏنو ۽ هيئن چوندو هليو ويو. ’آءُ جٽ آهيان! چڱو ادا!, اُن واقعي کانپوءِ هُن جي طبيعت ۾ وڏو انقلاب آيو. هُن رانديون رهڻ ۽ ڳوٺ جي ٻارن سان رُلڻ هڪدم ڇڏي ڏنو. اڳي کان وڌيڪ منهنجي ويجهو آيو ۽ هر اُنهيءَ شيءِ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳ, جنهن ۾ مون کي دلچسپي هئي. ماٺ ميٺ ۾ هرڪا ڇپيل شيءِ پڙهڻ لڳو. جيڪو بہ پڙهيل لکيل ماڻهو مليس ٿي تنهن سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ کانئس ڪا ڪم جي شيءِ حاصل ڪرڻ لڳو. رات جي ماني کائڻ کان پوءِ لالٽين رکي ڪجهہ نہ ڪجهہ پيو پڙهندو هو. ڳوٺ تہ ڇڏيو سنڌ جي وڏن شهرن ۾ اَجا بجلي ڪانہ آئي هئي. وري گرميءَ جي مُند ۾ سخت گرمي, گُهٽ ۽ مڇر ـ الامان والحفيظ هُن جي حال تي ترس کائي اسان جي والده مرحومہ پکو کڻي ساڻس گڏ ويهندي هئي ۽ جيستائين هو پاڻ ٿڪجي سُمهي نہ رهندو هو هوءَ اُتان چُرندي نہ هئي. گهڻو ڪري ٻيئي صبح جو ٽين چئين بجي تائين وينا هوندا هئا.“

هو پير حسام الدين راشديءَ جي آخري دور جو ذڪر ڪنديءَ چئي ٿو.

”... آءُ کيس اُن بيماري جي حالت ۾ فلپائن وٺي ويس ۽ پاڻ وٽ بہ سال رهايومانس. اُتي بہ جيئن ئي سندس صحت سُڌري تہ بيڪار ويهي نہ سگهيو. پنهنجو مشهور ڪتاب ”هو ڏوٿي, هو ڏينهن“ لکيائين. اُن ڪتاب ۾ سندس دل جون ڪيتريون ئي ڳالهيون ملن ٿيون جن کي سمجهڻ لاءِ عقل ۽ وقت گهرجي. هيءُ موقعو تفصيل ۾ وڃڻ جو ڪونهي. مختصر هيءُ تہ پنهنجي زندگيءَ جي آخري ٽيهن ورهين ۾ هن ايترو تہ علمي ڪم ڪري ورتو ۽ ايتري قدر نوس ۽ بامعنيٰ, جو انسان اچرج ۾ پئجيو وڃي. فارسيءَ ۾ پنجويهہ وڏا ڪتاب لکيائين, سنڌيءَ ۾ ٻارنهن ۽ اردوءَ ۾ چار. سيئي معياري ڪتاب ۽ وڏي تحقيق ۽ وڏي محنت جو نتيجو. اُنهن سان گڏ هو علمي رسالن جي لاءِ مضمون ۽ تحقيقي مقالا بہ لکندو رهيو. (سنڌيءَ ۾ ٻہ سؤ اردوءَ ۾ ويهہ ۽ فارسيءَ ۾ پنج, اخباري مضمون ڪيترائي هزار). هي اُهي شيون آهن جيڪي ڇپجي چڪيون آهن. اُنهن کان سواءِ مرحوم جا لکيل ٻيا سوين اڌپورا مسودا اجا بہ پيا آهن, جيڪر انهن تي ڪو شخص ڪم ڪري ۽ اُنهن کي پورو ڪري ڇپائي سگهي. اسان جي اوسي پاسي نالي جا بکيا ۽ نااهل تہ ڪيترائي آهن, پر مقصد وارو ۽ محنت سان ڪم ڪندڙ تمام ٿورا نظر ايندا.

شايد ڪہ مردي از غيب برون آيد و ڪاري بڪند

"پنهنجي طرفان مرحوم گهڻوئي ڪي ڪري ويو آهي. ڪيترن ئي اڻليپ ۽ قيمتي شين ڪي تباهہ ٿيڻ کان بچائي عام جي اڳيان آندائين. سنڌ جي تاريخ تي تمام قيمتي مواد ڪنو ڪري ڇڏي ويو. هن خطي جي تاريخ لاءِ پختو بنياد رکي ويو آهي ۽ سڀ کان وڌي ڳالهہ هيءَ تہ هن هتي جي لٽريچر کي مقصديت ڏني.

"آخر پنج سال مرحوم ڪينسر جي موذي مرض ۾ ڪنجهندو رهيو پر تڏهن بہ علمي ڪم جاري رکيائين. علاج جي لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ گهريائين ٿي، پر اجازت حاصل ڪرڻ ۾ وقت لڳي ويو. جيسائين اجازت ملي ۽ هو لنڊن پهتو تيستائين موذي مرض پنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏيو هو. واپس اچڻ کان پوءِ ٿورن ڏينهن ۾ ئي پنهنجي پالڻهار ڪي وڃي پرتو ۽ مون ستر ورهين جي پوڙهي کي هن ڏکن ڀري دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي ويو.

تو عزم سفر ڪردي رفتي ز برما ـ
بستي ڪمر خويش شڪستي ڪمرما.

"هن ڏرتيءَ جو هو سرفروش عاشق هو. وصيت ڪري ويو تہ کيس پنهنجي والد ۽ والده جي قدمن ۾ نہ، پر سنڌ جي قومي قبرستان مڪليءَ ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي مرحوم جي پرسان هميشہ لاءِ سمهاريو وڃي. اُن کان وڌيڪ عشق ۽ قربانيءَ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. هاڻي قيامت جي ڏينهن هو اُنهن بزرگن ۽ شهيدن سان گڏ اٿندو جن جو ذڪر هن پنهنجي ڪتاب "مڪلي نامہ" ۾ وڏيءَ محبت سان ڪيو آهي. هن ننڍڙي حياتيءَ ۾ هڪڙو انسان اِنهيءَ کان وڌيڪ ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو؟ هاڻي سنڌ جو مٿس ڪهڙو قرض رهيو..."

سندم بزرگ سنڌ جي مهان هستي ۽ سنڌس ساٿي، سائين جي. ايم. سيد، پير حسام الدين راشدي جي آخري سفر تي اُسهڻ جو ٻڌي، پير علي محمد راشديءَ کي هڪ خط ۾ لکيو هو تہ:

"... سڄي زندگي صدمن ۾ گذري آهي. ارڙهن سال نظربنديءَ ۽ سرڪاري قيد ۾ گذاريا اٿم. آهستي آهستي يار دوست، هڪ هڪ ٿي جُدا ٿيندا، فراق جا صدما ڏيندا ويا آهن. پر هن صدمي جو

نوع ٿي علحده هو. خبر نٿي پوي، تہ اُن جي توسان عذرخواهي ڪريان جنهن جو ياءُ الوداع ڪري ويو آهي، يا حسين شاهہ سان عذرخواهي ڪريان، جو جيتوڻيڪ فرزند تنهنجو آهي، پر لاڏ ڪوڏ سان نپايل حسام الدين شاهہ جو آهي، يا پاڻ سان غم اوريان، جنهن لاءِ "وڏي وٽ هئام، ٻاروچا ٻنيور ۾" وانگر حسام الدين شاهہ هڪ دوست، ڀاءُ، غمگسار ۽ پيار جو پيندار هو.

برادرم حسام الدين جي وفات اُهو صدمو رسايو آهي، جو قلم تہ رت ڪونہ ٿو هاري سگهي، البت جگر زخمي ٿي رت هاري رهيو آهي. سچ پڇين تہ وڌيڪ سهڻ جي طاقت نہ آهي، سو لکڻ بند ڪريان ٿو. عزيزم حسين شاهہ کي ڀاڪر پائي دلاسا ڏج. قبيلي جي جملي ڀائرن کي منهنجي پاران عذرخواهي ڪج. پر، ارمان اِهو اٿم تہ پاڻ کي هن غم ۾ دلداري ڏيڻ وارو ڪوبہ ڪونہ ٿو ڏسان!

غم جو ماريل
غلام مرتضيٰ

پير حسام الدين راشدي اُهي سڀ محفلون ويران ڪري ويو جيڪي حيدرآباد ۾ سندس مان ۾ منعقد ٿينديون هيون، جنهن ۾ ڪيترائي دوست گڏ ٿيندا هئا، جنهن ڪري حيدرآباد جون هوادار شامون وڌيڪ پُربهار ۽ فرحت بخش ٿي وينديون هيون. جيستائين ياد اٿم تہ رٽز هوٽل هجي يا فاران، ڊاڪٽرس ڪالونيءَ ۾ جيجي زينت چنا جو "زينت هائوس" هجي يا لطيف آباد ۾ ماهتاب محبوب جو "اِرم نما" گهر هجي يا بعد ۾ هيرآباد ۾ نواب نوراحمد خان لغاريءَ جو گهر هجي، هيءُ دوست جيڪي سندس همسفر ساٿي هئا. ميڙو ڀيا مچائيندا هئا: سائين محمد ابراهيم جويو مولانا قاسمي، ڀاءُ غلام رباني آگرو گرامي صاحب، ڏيپلائي صاحب، شيخ علي محمد، نياز همايوني، ڊاڪٽر الانا، ڊاڪٽر مجتبيٰ جوڻيجو نواب نور احمد لغاريءَ ۽ خيرپور ۽ سکر کان ڪڏهن ڪڏهن ايندڙ شيخ اياز رشيد ڀٽي، تنوير عباسي ۽ فتاح ملڪ. "مهراڻ" جي "پير صاحب نمبر" ۾ عزيزم غلام رباني آگري پنهنجي مضمون ۾ سندس حياتيءَ جي اُنهيءَ رُخ ڏانهن اِشارو ڪيو آهي:

"هڪ پيري ڳالهين ڪندي هن مون کي چيو تہ "رباني، چون ٿا تہ

قيامت ڏينهن ماڻهوءَ کي وار کان سنهي ۽ ترار کان تکي پلصراط لنگهي پار بچائي، بهشت ۾ پير رکڻو آهي، پر حقيقت ۾ هن دنيا جي حياتي ئي پلصراط آهي.“

رباني صاحب ان تي لکيو آهي تہ اڄ پير صاحب اسان ۾ موجود ڪونہ آهي، پر مان ائين سمجهان ٿو تہ هو پلصراط تان پار بچائي اڳتي نڪري ويو آهي ۽ خدا جي حضور ۾ پنهنجو آڇو اُجرو اعمالنامو پيش ڪري بهشت برين ۾ داخل ٿيو آهي.

مان اُن ۾ هيءَ واڌارو ڪندس تہ پير صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ ايترين پلصراطن تان لنگهيو هو جو آخرت واري پلصراط رب کيس معاف ڪري ڇڏي هوندي.

حسين شاهہ راشدي ۽ سندس سڄو خاندان علي رضا سميت، پير صاحب جو اُن لاءِ وڏيڪ ٿورائتو هئڻ گهرجي جو حسين شاهہ جي شادي سنڌ جي هڪ وڏي ۽ نامياري خاندان پير غلام الرسول شاهہ جيلانيءَ جي نياڻي سان ڪرائي، جنهن حسين شاهہ جهڙي ماڻهوءَ کي مقصد کان ٽٽڻ نہ ڏنو. مون حقير کي اهو شرف حاصل رهيو هو تہ هن ناتي ۽ رشتي کي ڳنڍڻ لاءِ ڪوششون وٺان. اِن ڳالهہ ۾ پير صاحب حسام الدين شاهہ طرفان محترم رباني آگرو مون سان گڏو هو ۽ سڄي ڳالهہ جو اکين ڏٺو شاهد آهي. تہ ڪيئن مرحومہ بيگم زينت چنا انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌايو ۽ توڙ تائين پهچايو. لِکئي جا ليک آهن. علي رضا جي شادي بہ محترم عبدالله چنا ۽ بيگم زينت عبدالله چنا جي ڏوهٽيءَ سان ٿي. ماشاءالله کيس پُٽڙو بہ جائو آهي، جنهن جو نالو ”حسام الدين“ آهي.

هيءَ سنڌ جي انهيءَ نسل جي ڪهاڻي آهي، جنهن جي تاريخ اسان جي بزرگن پنهنجي رت ست سان لکي ۽ پير حسام الدين راشدي ۽ پير علي محمد راشديءَ جو ڪردار اُنهن بزرگن سان گڏ نروار ٿيو بيٺو آهي. اُميد. اٿم تہ حسين شاهہ، علي رضا ۽ ٻيا سندس خاندان وارا آئنده پڻ اِها ٻِرِ نڀائيندا ايندا، جيئن هيءَ نڀائي اٿن.

ڏوٽي سا ڏورين، جا جُوءِ سُٽي نہ ٻُڌي،
پاسا مٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وڄا اُت ووڙين، جت نهايت ناهہ ڪا.

❋

## پُربهار شخصيت

### عزيزم حسين شاھ راشديءَ جي ياد ۾

ڪي ماڻھو ماس جا ھوندي بہ ڏاتو ھوندا آھن. جيئن ڪي پاري جيان ترڪڻا ۽ وھي وينڌڙ ھوندا آھن. ڪي وري وڄن جيان تڙڪات ڪندا حياتيءَ جي روشن پھلوئن تي روشني وجھي، گھڙيءَ پل لاءِ وڃي وري اچي ڏڏڪات سان اونده ۾ راھ روشن ڪرڻ لاءِ روشني وجھيو وري واري جي انتظار ۾ ھوندا آھن.

مون، پاري جيان وھي وينڌڙ وزن ۾ ڳرو ۽ چانديءَ جيان چلڪڻو ۽ وڄ جيان اونده ۾ روشني ڦھلائڻ وارو ھڪ عجب ماڻھو ڏٺو. ھو واقعي عجب ماڻھو ھو. ھو پارو ھو تہ ھو وڄ بہ ھو۔ پر ھو حسين شاھ راشدي ھو.

پاري جا گڻ گھڻا تہ وڄ جا رخ بہ گھڻا. حسين شاھ جا رخ بہ انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا. ڪنھن کي چئبو تہ حسين شاھ کي بيان ڪر تہ ھو ڇا آھي تہ شايد ائين ڪير بہ نہ ڪري سگھي جو ڇا ڄاڻندو ھو ڇا نہ ڄاڻندو ھو. اھا خبر ضرور ڪيس ھوندي يا وري خاوند کي جنھن ڪيس ۽ ھيءُ جھان خلقيو.

ظاھر ۾ ھو وڪيل، سياستدان، ڪالم نگار، اديب، سٺو مقرر، سٺو فوٽو گرافر، آرڪيالاجي، انٿروپالاجي جي علم جو ڄاڻو ۽ ٻين ٻن ٽن لاجيز کان واقف۔ ائين چئجي تہ ھو ھر فن مولا ھو. مون کي تازو خبر پيئي تہ ھن غفار تبسم جو ھڪ گيت ڪمپوز ڪرائي، سنڌ ٽي.وي لاءِ پروڊيوس ۽ ڊائريڪٽ ڪيو. اھو گيت ھن ماھين ھيسباڻي جھڙي ھڪ آرٽسٽ تي ايڪسپوز ڪيو آھي.

“RASHDI'S WORLD” پروگرام مون نہ ڏٺو آھي، پر مھتاب راشدي اُن ڏينھن حسين شاھ جي تعزيتي ريفرنس ۾ ان پروگرام جي تمام گھڻي ساراھ ڪئي.

ھان، توھان مان ڪيترا تعزيتي ريفرنس جي حوالي تي حيران ٿيا آھن. ھا سائين، ڪلھ ملھ ٽھڪڻو حسين شاھ پاري وانگر آھستي ترڪندو لڙھندو وھي ويو آھي. وڄ جيان ھن دنيا کي ڪن پل لاءِ روشن ڪندو. وَرُ وَرُ روشن ڪندو پئي ويس وسڻ جا ويس ڪيا. ھو جائي اسان وٽ ڪونھي ڪو. شال سنڌس ھيءُ سفر ٻين سفرن جيان سولو ۽ سترو ٿيو ھجي.

حسين شاهہ راشدي سنڌ جي تاريخ يا جاگرافي جو ماڻهو هو يا سنڌ جي ادب ۽ ثقافت جو ماڻهو هو يا سنڌ جي ريتن رسمن ۽ ٻولي جو پاسبان هو ڇا ٻہ هو پر حسين شاهہ حسين شاهہ هو هو پنهنجو وارو وڃائي ويو حسين شاهہ وَرُ وَرُ يا روز روز نہ پيدا ٿيندا آهن. ڪن ماڻهن جي سڄاٽپ سندن باغ بهار شخصيت هوندي آهي. جي حسين شاهہ پنهنجي تي اچي تہ محفل گل و گلزار ڪري ڇڏي.

حسين شاهہ محفل ۾ وينو هجي- غلام رباني، اياز راشدي، مولوي عبدالواحد سنڌي، مولانا گرامي، نياز همايوني، مومن مليرائي يا ڪنهن ٻہ اهڙي ماڻهو کي ڏنو جنهن سان محبت هوندي هيس تہ سندس طبيعت ۾ هڪ مستي اچي ويندي هئي. پوءِ سامهون واري ۽ هن جي وچ ۾ چرچن ۽ جملن جي جُلهہ هوندي هئي. ٺهڪڙا هوندا هئا ڪير وچ ۾ پوي؟ پر جي حسين شاهہ سنجيدو ٿئي تہ ادب جا واهڙ وهائي ڇڏي. ڪيس ورثي ۾ مليل ڏات جهلڪيون پسائيندي هئي ۽ شاهدي ڏيندي هئي تہ ڪيس سائين علي محمد شاهہ راشدي وٽان علم ۽ ٻولي ۽ فڪر جا ڀنڊار مليل اٿس تہ چاچس پير حسام الدين راشدي وٽان تاريخ جا ماڳ ۽ مڪان. ان جي تحقيق ۽ زماني جو فڪر انگيز عملي فلسفو ملي ويو اٿس، جو اڄ هو حسين شاهہ راشدي آهي.

سندس خاندان جي وڏي پرمهمانوازي هئي، جيڪا خاص طرح پير حسام الدين کان ڪيس ورثي ۾ ملي هئي. هو ڪلهہ اسان وٽ پنهنجون وڏن جي سانڍيل قديم نوادرات مخطوطات، شاندار لائبريري ۽ علم ادب جي ڀنڊار جي محافظ جي صورت ۾ موجود هو ۽ اڄ هو سڄو خزانو ڇڏي راهہ رباني وٺي هليو ويو آهي! هن پير حسام الدين سان ڪيل واعدا پاڙيا ۽ سندس هر شيءِ سانڍي، سندس حال ۽ ماضي کي سانڍيو. هاڻ ذميواري آهي سندس وارث علي رضا جي، جنهن کي هيءَ قرمي ورثو سنڀالڻو آهي. سندس والده شميم حسين شاهہ بہ ان علمي خزاني کي واهہ جو سنڀاليو آهي. هاڻي اميد تہ علي رضا کي همٿ ڏياري، هيءَ جبل جيڏي زندگي گهارڻ لاءِ تيار ڪندي ۽ مون کي يقين آهي تہ جلد ٻيو حسين شاهہ نڪري نروار ٿيندو.

*

# منهنجو ساٿي منهنجو دوست

## شخصيت: حفيظ شيخ

مون تہ ائين ڄاتو آهي تہ هر ڪا ڄاڻ تجربي سان لاڳاپيل آهي ۽ اها ٻار جي ڄاڻ هجي، جيڪو ٻائوءَ جي هائوءَ ۾ خوف کان واقف ٿئي يا ڪٺي وڏي جي ڄاڻ هجي، جيڪو وڏو ٿي خوف سان گڏ اميد سان پڻ روشناس ٿئي ٿو. اسان جو هاڻوڪو ڪهاڻيڪار پڻ تجربي جو محتاج آهي. زندگي جي هڄ هڄان ۾ جنهن بہ جذبي کان هو آشنا ٿئي ٿو اهو نئين ڪهاڻي ٻڻجي اسان تائين هڪ پيغام جي صورت ۾ پهچي ٿو اهو جذبو يقيني طور سان نيڪ نيتي ۽ خلوص جي آڌار تي بڌل هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هي ڪهاڻيڪار انهي سماج جو فرد آهي، جنهن جي تارازي ڪوتي ۽ وَٽ پڻ ڪوڙا آهن.

همعصر ڪهاڻيڪار منهنجي خيال ۾ ڪهاڻيڪار ٻڻجي ئي تڏهن ٿو جڏهن سماجي گهٽ وڌايون مٿس اثرانداز ٿين ٿيون. حفيظ شيخ بہ انهن ڪهاڻيڪارن مان هو جيڪو ڪي جَڳ تہ ڏڪاريل رهيو ۽ ڪو وقت وري اهڙو هيو جو سندس رڙ واڪن کي ڪنهن بہ نہ ڪنايو جيتوڻيڪ اسان جي ڪهاڻيڪارن هن دور ۾ مبلغ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. شايد ان لاءِ جو سماج سڌارڪ مبلغ هئا ئي ڪونہ يا ٿيندا ئي ڪونہ آهن. پر حفيظ يقيناً مبلغ ڪونہ هو. ڪيس لکڻ جو ڏانءُ تہ هو پر ان سان گڏ سندس خيالن جي پهچ جيتري تکي ۽ ڪڙي هئي، ايتري مون اڄ تي ڏڪ هڻندڙ ڪاتيءَ جي تکائپ بہ نہ ڏٺي هئي. مون پهرين پهرين سندس ڇرڪ ڀرائيندڙ ڪهاڻي: "امان، مان اسڪول ڪونہ ويندس" پڙهي، تہ مون کي يقين ٿي ويو تہ هي انهن ڇرڪ ڀرائيندڙ ڪهاڻيڪارن مان نہ آهي جيڪي رڳو پيغام پهچائين ٿا. پر حفيظ جي جي هيءَ ڪهاڻي سڌوسنئون ڏس پئي ڏئي تہ اسان کي ڪرڻ ڇا گهرجي؟ حفيظ جي لکڻيءَ جو ڇهاءُ هيانءُ ائين محسوس ڪندو آهي جيئن ڪو ڏک ويلي من پريائي ۽ دل ونڻ جي ڪري سندس ڪهاڻي، "امان، مان اسڪول ڪونہ ويندس" هن ترقي يافتہ، منطقي، سائنسي ۽ فلسفي واري دور کي ڪيئن بي حس ثابت ڪري ٿي، اهو پڙهڻ وٽان آهي. اهو سيڪجهہ ائين لڳي ٿو جيئن روبوٽ انساني جذبي، خلوص، قرب، محبت ۽ پيار کان آشنا نہ هوندو آهي. حفيظ جي

ڏس ڏيندڙ هيئڻون ڇهندڙ "امان، مان اسڪول نہ ويندس" وانگر ٻارن جي ذهني طرح وڏائپ جو اهڃاڻ ڏيندڙ سندس ٻي هڪ ڪهاڻي آهي: "ڀُلي پيو ٻاڳ". "امان، مان اسڪول ڪونہ ويندس" هڪ ٻار جي ڪهاڻي هئي، "ڀُلي پيو ٻاڳ" بہ ٻارن جي ڪهاڻي آهي، پر مون کي لڳي ٿو تہ هي انهن سڀني ٻارن جون ڪهاڻيون آهن، جيڪي سماجي ڏاڍائي ۾ اهنج ڪري بغاوت ڪن ٿا. ڪو سرندي مري وڃي تو پر اسڪول نٿو وڃي. ڪي وري معاشي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ استاد جي گهران چوري ڪن ٿا، جو سندن نظر ۾ تہ هو سرمائي جي علامت آهي. پر حقيقت ۾ سندن ئي ولر جي وٿ آهي ۽ ائين ٻنهي نينگرن جو ٻاڳ ڀُلي پوي ٿو: "ڀُلي پيو ٻاڳ" پوري ٿيڻ سان ذهن وري بہ ڏک ۾ ڪاوڙ ۾ سڄو زهر ٿيو پوي ۽ تلخيءَ جو احساس ٿئي ٿو. حفيظ شيخ جي قلم جي ڪڙاڻ تڏهن وڌيڪ وڌي ويئي، جڏهن هن هڪ ڪهاڻي "هزماسترس وائيس" لکي، جيڪا ايڏي تہ ڪڙي ۽ تيز هئي جو حفيظ پاڻ ڪهاڻيءَ جو سب ٽائيٽل ڏنو هو: "ڦهرين ڪڙي ڪهاڻي". مون کيس سماج جي گهٽ وڌاين، ڏاڍاين ۽ براين جي سلسلي ۾ جنهن نموني سان زهر اوڳاڇيندي ڏٺو آهي، تنهن مان ظاهر اهوئي ٿئي ٿو تہ ان يار بہ جاڻ لاءِ تجربي جي زهر جا پيالا پُر ڪري پيتا آهن ۽ وقت اچڻ تي هو اهو زهر اوڳاڇي ٿو ۽ اسان کي خبردار ڪري ٿو، تہ اُن زهر کي اول تہ نہ پيئو جي پيئو تہ سقراط جي زهر جي پيالي وانگر پيئو. حفيظ سڄي ڄمار حق پرستي ۾ سچائي لاءِ ويڙهہ جاري رکي، ان سان گڏ پيار محبت جي رُڃ ۾ جيئڻ روح روليو هو تيئن پڙهندڙ کي بہ انهيءَ رُڃ ۾ رلائيندو رهيو. حفيظ شيخ جي اهڙي جذبي جو ڏيکاءُ وڌيڪ پسڻو هجي تہ سندس "آتم ڪهاڻي" جا چند ورق پڙهجن. هيءَ آتم ڪهاڻي مختصر هوندي بہ طويل آهي. ڪو ماڻهو پنهنجي باري ۾ ايڏو سچو ۽ کرو ٿي سگهي ٿو اهو پسڻ لاءِ سندس "آتم ڪهاڻي": "سليا ڪنهن نہ سوال" اسان کي هڪ اهڙو فرشتو پسائي ٿي، جيڪو هن ڌرتيءَ تي اچي ڪِريو آهي ۽ ويڳاڻو ٿيو در در سچ ۽ حق جا ڏس پيو ڏي. سندس انهن ڏسن پنڌن اسان کي هميشہ اُمي ڏينهن ڏيکاريا جو اڄ بہ سندس ڏسيل واٽ وٺيو وڃن پيا ۽ لڳي ائين ٿي پيو تہ حفيظ وانگر اسان جي حياتي بہ مختصر آهي، پر وئي پڇاڻان بہ ماڻهو اسان کي گهٽ، پر حفيظ کي وڌيڪ ياد ڪندا جو سچ، حق، قرب، پيار ۽ امن جو ڏڳ سڏوسنئون ڏيکاريندڙ اهوئي شخص هو جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٽڪاڻ ڪڙاڻ، جي آندي تہ ايتري جو وهہ جا مٽ بہ ڪٽيو وڃن ـ جي امن، پيار، قرب جي ٻولاچاري ڪجي تہ اڄ بہ حفيظ جا مصريءَ جهڙا ٻول وسرن نٿا.

❊

# جيل جي هڪ رات

## حفيظ شيخ جي ياد ۾

جيل جون يادگيريون بہ عجيب آهن، ڪي وسريل ياد اچيو وڃن، ڪن دل تي اُڪريلن کي بہ ميسارڻو پوي ٿو. حفيظ انهن ماڻهن مان هو جنهن کي مون جيل وڃڻ کان اڳ دل تان ميسارڻ جي ڪئي هئي، پر جيل وڃڻ کان پوءِ، هو چٽي نقش وانگر دل تي اُڪرجي بيٺو. مون هن کي تڪليف ۾ ياد ڪيو ٿي. ڇاڪاڻ تہ سندس عادت هئي تہ تڪليف ۾ کِلندو ۽ ٽِڙندو هو خوشيءَ جي گهڙين ۾ خاموش هوندو هو. سندس ڪي ڳالهيون دل تي جڏهن چڙهي ايندڀون هيون، تڏهن مان ڪن يارن کي حفيظ جي باري ۾ ٻڌائيندو هوس. اُن جو اثر انهن ايترو تہ ورتو جڏهن مان سنڌ ۾ هلايل ادبي هلچل تي ڪجهہ لکڻ ويٺس ۽ اُن ۾ نمايان شخصيتن کي ورقن تي آڻڻ شروع ڪيم، تڏهن هنن ڏنو تہ حفيظ تي لکڻ مهل منهنجو قلم نهايت ئي پُرخلوص ۽ اثرائتو هو. اُن تي ڪنهن يار چيو "حفيظ ايڏو تہ اهم ڪونهي، جيڏي تون کيس اهميت ڏين ٿو."

ان تي مون کيس وراڻيو هو "حفيظ نہ رڳو مون لاءِ اهم آهي، پر هو سڄي سنڌ لاءِ اهم آهي. جڏهن هو نہ هوندو تہ، سنڌ هن لاءِ واجهائيندي"

اڄ اسين سڀ حفيظ لاءِ واجهائي رهيا آهيون. حفيظ اڄ سنڌ ۾ ڪونهي، پر سندس قلم جي تکائي، ڪڙائي ۽ رواني سنڌي ادب جو نَڪ آهي. سندس ڪهڙيون ڪهاڻيون ياد ڪجن، ڪهڙا ادبي خط ياد ڪجن، ڪهڙيون صلاحون، ڪهڙا رايا، ڪهڙيون ڪوششون ياد ڪجن، هو نسورو "يادگيري" آهي، جيڪا اسان جي سيني ۾ وَرُ هنيو ويٺي آهي. سندس وفات کان پوءِ ساڻس هر لاپرواهي ضمير کي جڪڙيو وجهي.

مون کيس جنهن نموني ۾ بہ ياد ڪيو اُهو منهنجو ذاتي سرمايو آهي، اڄ مان ان سرمايي جي سڀ کي اوهان آڏو کوليان ٿو.

هي بہ اکر حفيظ جي حياتي ۾ جيل ۾ هڪ رات جو جهڪي روشنيءَ ۾ لکيل آهن، پر سندس ياد جو ڏيئو ان وقت بہ مون وٽ روشن هو ۽ اڄ بہ روشن آهي.

حفيظ شيخ جيترو قد جو ننڍو، رنگ جو جهڪو اوتروئي ذهني طور

بلند ۾ من جو روشن ماڻهو. سندس ملاقات جيجي زينت چنا وٽ ٿي، ڪيس مون اتي ڊاڙون هٽندي ڏٺو سندس بعد ۾ ٿيل ملاقاتن مون تي اهو ظاهر ڪيو تہ سندس انهن ڊاڙن ۾ بہ معنيٰ ۾ ڪا حقيقت آهي.

هڪ تيز ۽ تکو ڪهاڻيڪار سندس قلم ۾ تکائي، ڪڙائي، مس جي جاءِ تي پريل آهي. سندس لکيل ڪهاڻيون ۽ Confessions سندس ڪردار جو آئينو آهن. رک رکاءُ جو اصل ڪونہ. ياريءَ جو جيترو سولو اوترو ڏکيو ٻئي کي ايترو ستائيندو. ايترو ستائيندو جو جيڪر ٻيو ياري ڇڏي ڀڄي وڃي. پر اوتروئي تڪليف ۽ ڏکائيون برداشت ڪرڻ لاءِ تيار۔ وقت پيو تہ جيڪي هوندس، حاضر ڪندو. سِر کپيوَ تہ سِر بہ حاضر.

سندس ياريءَ مان يار خوش نہ آهن، پر آءٌ سندس ذهن ۾ ڪردار سان پيار ڪيان ٿو. هو لاجواب ۽ لازوال انسان آهي، کيس سمجهڻ لاءِ انساني اک کپي. منجهس اوڻايون بہ جام آهن، پر پنهنجي اوڻاين جي ڳل پريان پيئي وانگر اڳيئي اوڻايون ڳائيندو وڃائيندو ايندو. سندس گهاتا يار سندس منهن تي هڪڙا، پرپُٺ ٻيا... خبر هوندي بہ خوش ۽ انهن سان اهڙوئي اهڙو.

مون سان سندس ياري آهي، پر پري جي. قرب آهي، پر پري جو پر مون لاءِ پروڙ ۾ پرک ايتري تہ ويجهي اٿس، جو آءٌ بہ پاڻ کي ايترو نہ سڃاڻان، جيتروئي هيءَ جيوُ منهنجي جيون جو جيءَ ۾ وِٽ جاڻي.

وقت ڀڻاندڙ سندس هلت کيس ڀائيندڙن کي مايوس ڪيو پر مون کي اميد آهي تہ هو ضرور موتي ايندو جو سندس ماڳ هي جيجل ڌرتي آهي ۽ ان سان هن جو پيار آهي، جذباتي نہ ظاهري نہ شاعرانہ نہ پر Most Realistic جنهن ۾ مون کي سورنهن آنا يقين آهي ۽ سندس تحريڪ لاءِ تحريڪ ۾ ڪم ڪندڙن لاءِ ظاهر ڪيل حقيقت پسندانہ نظرين اڳتي هلي پنهنجو پاڻ سچ ۽ نسورو سچ ثابت ڪيو آهي.

هو جيترو مقبول افسانہ نگار آهي، اوترو ادبي حلقن جي غير پسنديده شخصيت بہ آهي. اُن لاءِ ذميوار سندس ويجها حلقائي آهن، جن ڪنهن وقت کيس ياريءَ ۾ جڪڙيو هاڻ کيس بدنام ڪرڻ جو سونو کنيو آهي. منهنجي نظر ۾ هُو Group Rivalry جو شڪار آهي، جيڪا ادبي حلقن ۾ عام آهي.

تنهن هوندي بہ سندس چهري تي بشاشت. دوست ۽ دشمن سان هڪ جهڙو ملڻ، سندس، عظيم انسان هجڻ جي علامت آهي. هيءَ تحرير لکڻ وقت پاڻ فئملي پلاننگ جو ضلعي آفيسر آهي.

❊

## فخر لائق سائين ع • ق شيخ

ع.ق شيخ کي آئون ادب ۽ مصوريءَ جي دنيا جو 'هيرو' تصور ڪندو آهيان. جنهن لڳ ڀڳ اسي ورهين جي ڄمار تائين، ادب ۽ آرٽ جي ميدان ۾ هر محاذ تان جدوجهد ڪري، پنهنجي فن جو علم بلند ڪيو ۽ ڪاميابي ماڻيندو رهيو. فن جو محاذ هجي يا ڪهاڻيءَ جو. آئون گواهه آهيان ته هن پنهنجي فني شهپارن ۽ بهترين ڪهاڻين جي ذريعي رڱو ميدان ملهايا ۽ سرخرو ٿيندو رهيو. ڪيڏي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته. ع.ق شيخ صاحب جا پونئير وڏي فخر سان پنهنجي وڏي ۽ سنڌ جي عظيم فنڪار ۽ اديب جو ڏينهن، پنهنجي ليکي، دل جي تسڪين لاءِ ملهائي رهندا آهن. ۽ ان لاءِ آئون هن جي خاندان کي شاباس ٿو ڏيان.

ع.ق شيخ صاحب بابت جيتري قدر منهنجو مشاهدو آهي هو هڪ ساده سياءَ انسان هو. بظاهر سنهڙو سيپڪڙو پر انهيءَ ڪمزور ۽ نحيف جسم ۾ هن وٽ وڏو فڪر ۽ فن هو ۽ ان حد تائين هو جو ڪهاڻيءَ ۽ مصوريءَ ۾ مسلسل مصروف رهڻ جي باوجود. هن وٽ چوڻ ۽ ڪرڻ لاءِ اڃا گهڻو ئي ڪجهه هو. هن جي شخصيت هڪ مڪمل فنڪار جي شخصيت هئي ۽ هن اڃا گهڻو ڪجهه ڪرڻ پئي چاهيو. اي ڪاش! ڪو اهڙو ادارو هجي ها. جيڪو هن جي اندر ۾ موجود سرمايي مان پورو پورو لاڀ ماڻي ها، ته اڃا به گهڻو ڪجهه... جيڪو هو پاڻ سان کڻي هليو ويو اهو به اسان وٽ محفوظ ٿي وڃي ها.

منهنجو ويساهه آهي ته قوم پنهنجي مفڪرن، مصورن، قلمڪارن سان سچائپ آهي ۽ انهن جي ڪري ئي قوم سڏرائڻ جو حق رکندي آهي. جيڪي قومون پنهنجن مشاهيرن کي وسارينديون آهن، اهي پاڻ تاريخ کان وسرنديون ويندريون آهن.

يقين سان ٿو چوان ته ع.ق شيخ هڪ وڏو فنڪار هو ۽ رهندو ۽ مون کي هن جي پايي جهڙو آرٽسٽ ويجهڙائيءَ ۾ ڪو به بيو نظر نٿو اچي. مون

ڪي خوشي آهي تہ هن سان گڏ مون کي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو هو. منهنجي ڪهاڻين جي مجموعي ’ويريون‘ جو ٽائيٽل پڻ ع.ق شيخ صاحب نهايت محبت سان مون کي ڊزائن ڪري ڏنو هو. گڏوگڏ پبلڪ اسڪول جي ڪيترن مئگزينس کي بہ پاڻ ڊزائن ڪيو هئائون.

ع.ق شيخ صاحب, صرف هڪ شخص هڪ آرٽسٽ جو ئي نہ هڪ اداري.. هڪ دور جو نالو پڻ آهي. جنهن جي خدمتن کي سنڌ ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي.

❊

## آءِ ايم لال پشپ

هيءُ لعل بہ عجيب قلندر ماڻهو هوا سندس لکڻيون، ڪتاب، ڪتابن جا عنوان، سندس شخصيت سڀ عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙا هُو پاڻ اِنهيءَ عجيب پڻي کي پسند ڪندو هو يا هو ائين پاڻ اهڙو نهي ويو هو۔ عام ماڻهوءَ کان الڳ، هڪ ٻيءَ دنيا جو ماڻهو. مون سندس ڪتاب پڙهيا هئا، پر کيا هئا، پر مون کيس ڏٺو ڪونہ هو.

شايد اِهو اپريل 2004ع هو جو اسان ڪجهہ اديب ڪانفرنس سانگي انڊيا ويا هئاسين. پهرئين ئي ڏينهن ڪانفرنس هال ۾ هڪ ڪُرتي پاجامي ۾ شخص ڦِريو پئي. ڦِري گهري منهنجي پاسي ۾ آيو. واقفيت ڪرايائين. ”آءِ ايم لعل پُشپ...“ بيني بير مليو ۽ هليو ويو. ماني تي وياسين تہ هيءُ شخص وري ڦِري آيو: ”آءِ ايم لعل پُشپ...!“ مون مُرڪي کيس وري هٿ ڏنو. هو هٿ ڏيئي هليو ويو. شام جو چانهن تي بہ ائين ڪيائين. ڏٺم تہ سنڌ مان آيل هر هڪ اديب سان ائين ئي پئي واقفيت ڪرايائين: ”آءِ ايم لعل پُشپ...“

ڪانفرنس هلندي، ناولن واري سيشن ۾ هُن منهنجي راءِ سان اختلاف ڪندي، سنڌ جي سيني ناولن ۽ اُنهن جي ليکڪن کي لوڙيو. هُن جو آواز بلند کان بلند ٿيندو ويو. هُن لاءِ ماهتاب محبوب، غلام نبي مغل ۽ ٻيا ڪيترائي ناول نگار ليکڪن ۾ ڄڻ شامل ئي نہ هئا. هُن سان الڳ تفصيلي ملاقات ٿي نہ سگهي. اِهو 2005ع جو اهڙوئي مهينو هو جو سنڌي اديب ۽ فنڪار تمام گهڻائيءَ ۾ هڪ دفعو ٻيهر انڊيا وياسين. بمبئيءَ (الائي مُمبئي) ۾ نند جويريءَ وٽ لعل پُشپ سان سني ڪچهري ٿي. هيءُ ٻيو لعل پئي لڳو. سندس گفتگو ۾ ڏيرج هو، ڪاوڙ نہ هئي. هُن ڪيترن ئي ليکڪن ۽ منهنجي لکڻين تي ڳالهايو. هُن ڪيترين جي شخصيت تي بہ ڳالهايو. هُن جي ڳالهائڻ ۾ جيڪي دليل هئا، اُهي اڳين ڏنل دليلن کان وزنائتا هئا. مون هن محفل ۾ سندس اندر هڪ ٻيو شخص ڳولي لڌو جيڪو پنهنجي پاڻ کي

رَد ڪري پاڻ سان جهيڙيندي گذاري ٿو ۽ ائين هر پيري نئون ”لعل“ سامهون اچي ٿو.

سندس ڪتابن جا موضوع عجيب هوندي به عام ماڻهوءَ جي زندگي مان کنيا ويا آهن. سندس حياتيءَ جا آتم ڪتائي پاڳا هڪ عام ماڻهوءَ جي حياتيءَ جو احوال آهي. هن ۾ ڪوبہ (Angryman) ڪونهي. هُو صرف پنهنجي پاڻ سان جهيڙيندڙ شخص ضرور هو پر هُو هڪ سُنو ڪهاڻيڪار ناول نگار ۽ هر فن مولي ليکڪ هو.

هو سنڌي ادب ۾ هڪڙوئي ”منفرد“ لعل پُشپ هو. مان سمجهان ٿو تہ تڏهن ئي هُن کي بار بار سجاڳپ ڪرائڻ جي ضرورت پيش ايندي پئي رهي تہ مون کي سجاڳو: ”آءِ ايم لعل پُشپ...! هُو ائين چوندي انبار ڪتابن جا ڇڏي ويو آهي تہ اِنهن ڪتابن ۾ بہ ”لعل پُشپ“ موجود آهي، پر ڪير ڪيس ڳولي؟

※

## تنوير_ عجيب فقير

يادگيرين جي انبار مان هيل نڪرڻ ڏاو ڏکيو ٿي پيو آهي!.... يادگيرين جا اِهي سلسلا هيل درد جا طويل سلسلا بڻجي ويا آهن!... ڪير ٿر جبل جي اٽڪت ٽڪرين ۽ چوٽين کي ڏسي ڪيئي دفعا سوچيم ته جيڪر اِهي چوٽيون، اهي ترايون، ٽپندو وڃي ڪنهن توڙ تائين پهچان!... هر سفر ۾ ڪڏهن 'مول' وٽ مُهڙ ۾ هجان ته ڪڏهن 'ڪرچات' وٽ پهچان!... ته چون ته هيءَ وچ ناهي. سڄو دادو ضلعو ٽپي وبس، پر اهو ئي پربت. نه جبل کي جاٽي سگهيس، نه ان جي سوڪهڙي کي ڏسي سندس ڪو درد پلئه پيو!

يادگيرين جو سفر به جبل جهاڳڻ آهي. ويچاري سسئي ته هڪ دفعي سان جبل جهاڳيندي، وڃي جبل پيڙي ٿي، ۽ پناهه به ڪيس جبل ڏني. اسين پل پل جبل جهاڳيون ٿا. اهي پل وري يادگيريون بڻجي سڄي حياتي سُک سمهڻ نٿا ڏين. ڪهڙي پاسي وڃجي...؟ ڪهڙو پاسو ورائي ننڊ ڪجي....؟ شايد تيستائين اهو وک وراڪو سمهڻ نه ڏيندو، جيستائين ماٺهو سِڌو سمهي ۽ زير زمين هليو وڃي. ائين دشتِ جنون وارو هيءُ سفر پورو ٿئي ۽ 'ون ايڪٽ پلي' جي ڊرامي جو ڊراپ سين ٿئي....!

هڪ ڪتاب مان جاڻ ملي هيم ته انگلينڊ جي ڪنهن شاعر "Albatross" پکي جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو خوش قسمتيءَ جي علامت سمجهيو ويندو آهي. پکي ديو مالائي داستانن مان اُڏامي نڪري ٿو ۽ ڏکڻ قطب ۾ اُڏامندو رهي ٿو. هڪ دفعي مسافرن جي پريل ٻيڙيءَ جي سامهون نظر اچي ويو ۽ ملاحن هٿي اُنهيءَ پکيءَ کي ماري وڌو! سڀ مسافر ويچارا ڊڄي ويا ته ڪٿي آسماني قوتون ناراض ٿي کين سزا نه ڏين. سائين! پکي ته پکي هوندو آهي: "Albatross" هجي يا هُما، ڪوئل هجي يا بلبل، يا سوچ جو پکي _ آزاد هوائون سندن مَرڪ ۽ خوراڪ. ڪير انهيءَ کان ڪٿي؟ اياز جڏهن لکيو:

عشق عقاب، پکي پرڏيهي، جهڙپ ڏئي ٿو جهٽي،
ڪير انهي کان ڪٿي!

ڪيترا نہ داستان ڇڏيا آهن. ڪن جا ڪن ورق ورايا پر ڪن تہ موربگو سندن ڪتاب ئي نپي ڇڏيا.

شاهہ سائين جنهن روايت جو امين هو اُها عشق جو اهو درجو هو جت اچي دنگ ٽيو هو:

سِر ڍونڍيان ڌڙ نہ لهان، ڌڙ ڍونڍيان سر ناهہ،
هٿ ڪرايون آڱريون، وئا ڪپجي ڪانهہ
وحدت جي وهان، جي وئا سي وڍئا!
سچل عشق جي حد ڪيڏي نروار ڪئي:
جي هجين عاشق تہ برسر، مينهن محبت جو وساءِ
ساهہ جو سانگو ڪرين تان پير هن پڙ ۾ نہ پاءِ

مون "آري اچين شال" ۾ لکيو هو تہ:

"...سرمد هجي يا شاهہ عنايت هجي، لطيف هجي يا سچل، اهي وقت ۽ تاريخ جو اهڙو پڙاڏو آهن، جو اڄ بہ سندن فڪر کي وقت جي ضرورت سمجهي، سنڌ جو ماڻهو اُهو فڪر، اها سوچ پنهنجي ڪري اُها واٽ وٺڻ چاهي ٿو جيڪا کين حق، سچ، پيار، محبت ۽ امن ڏانهن نئي. سرمد، شاهہ عنايت ۽ ٻين صوفين تي جيڪو ملڪ ۾ ماڻهن جو بار هو ان کان وڌ لطيف تي پيو جو هو انهيءَ دور تائين ڏاڍ، ڏمر، بدامني، قتل ۽ غارتگريءَ ڏسندو رهيو. هو وڏيڪ باغي هو انهيءَ سماج کان، جيڪو ناانصافي، مذهبي مت ڀيد، ڪوڙ ۽ ڪپٽ تي بيٺل هو. هن آدم جي ڪهاڻي اصل ۾ سمجهي هئي، جتان شروعات ٿي هئي.

الف مؤن آدم ٿيو ڪري هنگاما هُل،
هندو مومن سو ٿيو پول نہ ٻئي ڪنهن ڀُل،
خلق الاشيا فهو عينها ايهو آڻ عمل،
ٿج گلابي گل، مَر مارينئي منصور جيان.

هھڙي صوفي فڪر ۽ شاعريءَ تہ عجيب رنگ ڪري ڏيکاريا. انهيءَ روايت جي پوئواري ڪندي، خاص طرح سنڌي ادب جي "جا يد شاعري" جو دور اچي ٿو. هن شاعري بہ کين "سوريءَ سزاوار" نهرايو پر هو چوندا هئا:

تو وري حسن کي پهري ۾ لڪايو آهي،
تو وري عشق تي الزام لڳايو آهي؛

هرڪا دل درياهه، ٿو جنهن ۾ چوليون ماري پيار
هرڪو سينو سمنڊ، تري ۾ جنهن جي ڪئي اسرار:
هرڪو مَن مکڻ جو ڇاٽو هر چهرو آهي چانڊاڻ:
هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ!

(روح رهاڻ، آڪٽوبر 1963ع)

تہ سنڌ سڄي ”هيرن جي کاڻ“ بڻجي پيئي هئي. ماڻهن جو هر ماڻهوءَ منجهہ ويساهہ ٻڌجي پيو ۽ سنڌ جي اندر ڏاڍ، ڏمر ۽ دٻاءُ واري ماحول ۾ ڄڻ تہ ڏڌ مکڻ جون نديون وهي ويون. هن شاعر جون تمثيلون ئي عجيب هيون! هونئن تہ ”تنوير“ عجيب هو ۽ عجيب ٿيڻ لاءِ سندس جتن جاري رهيا. پيار حاصل ڪرڻ لاءِ بہ سندس نظريو پنهنجو هو. مانيٽي ۾ سدوري ٻار جيان هڪ وڏو شاعر...! سندس هن نظم جو عنوان هيون ”جيڏو تنهنجو نانءُ.“

ڏس تہ ڪهڙو عجيب فقير آهيان،
نہ صدا ئي ڪيان، نہ سٽون هڻان.
اوچتو بي سبب بنا مقصد،
اچي بيٺس مان تنهنجي در اڳيان
نہ ئي جهولي جهليان ٿو مان پنهنجي،
۽ نٿو پانڌ تنهنجو ئي پڪڙيان،
بس رڳو چپ ڪري ۽ چپ ٻوٽي،
ٿو نماڻين اکين سان تو ڏي تڪيان.
نہ صدا ئي ڪيان، نہ سٽون هڻان.
ڏس تہ ڪهڙو عجيب فقير آهيان،
بيهي سوچيان ٿو مون کي دان ملي،
اڻ ميو پيار تو وٽان پايان،
آس دل ۾ رکي وڏي آيس،
اڻ گهرڻي دان تو وٽان ماڻي
اڻ ميو پيار توکان پائيندس،
جي نہ ڪجهہ ملندو مون کي چپ چاپ،
وات پنهنجي وٺي هليو ويندس،

آس تو مان مگر ڪا ڪيئن لاهيان،
نہ صدا ئي ڪيان، نـــ سـئن هٽان.
ڏس تہ ڪهڙو عجيب فـــقـير آهيان.

(روح رهاڻ، اپريل 1960ع)

اسان جا اهي شاعر ايڏا تہ نماڻا ۽ پيار جا سڪايل هيا جو سندن لهجي ۾ ڪٿي بہ Agreesiveness ڪانہ هئي، سواءِ ڏک ۽ درد جي. ”نياز“ همايونيءَ جو هيءُ نظم ڏسو:

زندگي تو لاءِ ليلائي تي ٻاڏائي تي تڙپائيم تي،
تو سواءِ اي ساهہ جا سينگار دنيا کي تي پئي نڪرائي دل.
تون ائين آئين پرين هن دل جي وستي ۾ ڪهي،
جڻ تہ ويراني ۾ خوشبو جڻ خوشي تنهائي ۾.
مـان ائـين الـمست تي وبس پيار تنهنجي ۾ آلا،
بوند جيئن برسات ۾، خنڪي جيئن سرهائي ۾.
زندگي ٻڌجي نہ شل سسئي جا سور ۽ آس مومل جو ڏهاڳ،
پيار ڪرڻو آهہ پر اُن جي نتيجي کان تي گهبرائي دل.

(روح رهاڻ، جولاءِ 1960ع)

”تنوير“ انهيءَ پيار ۽ محبت جي جذبي کي ايترو سمجهيو تي، جو سندس هيءُ غزل ”روح رهاڻ“ (جون 1960ع) ۾ ڇپيندي لافاني لڳم:
سندس اندر جي اُجل تہ ڏسو ۽ انساني پيار ۽ محبت جي معراج کي ڏسو:

اسان کي نہ ڳوليو اسان کي نہ ڳوليو
اسان دور ناهيون، اسان دور ناهيون،
پراوا تہ ناهيون اوهان جا ئي آهيون،
اسان ڏي نهاريو اسان کي سڃاڻو.
رڳو هيءَ خبر آ اوهان ۾ اسان کي،
هتي پيار ونڊڻ جي لاءِ آيا آهيون.

”تنوير“ جي سموري شاعريءَ ۾ ڇپي ڇپي تي ڪونہ ڪو نياپو ڪونہ ڪو سنيهو (Message) موجود آهي:

بدلائي ڇڏيندي هيءَ دنيا او پرين توکي،
جي تو ڪري همت هن دنيا کي نہ بدلايو!
تنهنجو تہ بهارن تي ڪو حق بہ نہ آهي جو
ڪنڊن سان ڪڏهن پيو تو آ پاند نہ اٽڪايو!
مهربان تہ سڀ آهيو همزبان بہ ٿيو هاڻي،
دوستي جو حق يارو ائين ادا ڪيئن ٿيندو؟

"تنوير جو وڏي ۾ وڏو پيغام پراڻي پريت جي ناتن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هو جيڪو اڄ بہ موضوع جي لحاظ کان وزندار ۽ هيئنئن سان هنڊائڻ جهڙو آهي.

"هيءُ منهنجو چمن، هو تنهنجو چمن."
هيءُ رات جي راڻي، هو سوسن،
هي آهي گلاب ۽ هو سنبل،
هي منهنجو چمن، هو تنهنجو چمن،
هي تنهنجا گل، هو منهنجا گل.

پر تنهنجي باغ جي پت اُڪري،
خوشبو مون ڏانهن اچي هردم،
۽ منهنجي باغ جي خوشبو پيي،
اُڏرڻ ۾ ٿي نہ ڪري ويرم.

توکي ان ڳالهہ تي چڙ ٿي اچي،
ڇو تنهنجي خوشبو مون ڏي اچي،
ڇو منهنجي خوشبو تو ڏي اچي.

هي باغ برابر منهنجو آ،
هُو باغ برابر تنهنجو آ،
سرهاڻ نہ تنهنجي نڪو منهنجي،
خوشبو بہ ڪڏهن ٿي آ باندي،
پوءِ ڪاوڙ ۾ ڇو تون ۽ مان،
هڪ ٻئي جا گل ڇني اُڇليون،
هڪٻئي جا چمن برباد ڪريون.

تڏهن منهنجي چمن کي باھ نہ ڏي،
مان تنهنجي چمن کي باھ نہ ڏيان،
هي گل آخر ٻئي گل آهن،
۽ خوشبو آخر آ خوشبو.

گل تنهنجا توسان جال جُڙن،
گل منهنجا مون وٽ شال ٽڙن،
۽ شال سدا آباد رهي،
هي منهنجو چمن، هو تنهنجو چمن،

۽ شل خوشبو آزاد رهي،
۽ شل خوشبو آزاد رهي،

("جشن روح رهاڻ"، 1966ع ۾ پڙهيو ويو)

"تنوير" جي شاعريءَ ۾ جيڪي بہ موڙ آهن، ڪٿ پيار تہ ڪٿ ڏک جو اظهار ڪٿ ڳوڙهن جي ڳالھ:

وقت جي اک مان ڳوڙهن وانگر،
ٽم ٽم ٽمندي گهڙي گهڙي!
ساھ ساھ تي ويندو آھ،
اندر ڪوري ۾ سڙي، سڙي!

سنڌ اندر جيڪا انقلابي ڪيفيت پيدا ٿي، 4_ مارچ جهڙا واقعا ٿيا ۽ رڻ ۾ ري ويو تہ حقن جي لاءِ آواز بلند ٿيا، لطيفي روايت جي پوئواري ۾ جت هو تہ:

اڄ آڳڙيا آئيا، سائو ڪي سُجاڻ،
لاهيندا موريا‌ڻ، رُڪ ڪريندا پڏروا!

تہ "اياز" ڪُلئي عام چيو:

ڇا نعرا ها ڇا نينهن هيا، هو مڙس هيا يا شينهن هيا،
جي تنهنجا وار سنواري ويا، جي تنهنجي سينڌ سجائي ويا.

ڪيئن توڪي ڪاري ٻات مچان، تي چٽنگ ڪري چمڪات اچا،
آ ٺمر ٺمر ٺمر ٺمر لاٽ اچان، جا جوڳي ڪالهہ جلائي ويا!

تہ ڪيئي شاعر نڪري پيا، جنہن ساٿيءَ جو سڏ ورايو:

ڪاتي آ ڪٽاري ڪاتي آ وهُ جو وٺو؟
ڪونڌر ڳُسندا ڪات سان، سرڙهِ ڏارئن ڏار،
ٻاروچا ٻيهار سوريءَ ساري هليا!
(قمر شهباز)

منزلِ ڏي وڌندا ويندا اوندهہ ۾ ٻاريندا لاٽ،
پيرن ۾ ٽيا ڦلڪٽا پر اکيون آليون، اوچو ڳاٽ!
(پروانو ڀٽي)

گُل گلابيءَ جهڙو گهاءُ،
ساڳيو دشمن، ساڳيو واءُ:
پنهنجو خون ڪٿوريءَ جهڙو
جيئن چُنيءَ تي چٽ چِٽاءُ!
(فتاح ملڪ)

سنڌڙي ديس جي ٻيروئن تي،
هاڻ سانوڻ جا مهينا هوندا،
تنهنجي بندوق مان گولي جي ڇُٽي،
سامهون ڪيترا سينا هوندا!
(امداد حسيني)

جيڪي سِر سهسائيندا، سي سوڀارا ٿيندا!
جيڪي ڪنڌ ڪپائيندا، سي موچارا ٿيندا!

”تنوير“ جو ”سُر ڪيڏارو“ انهيءَ تسلسل جو گونجندڙ آواز هو.

منهنجو پٽ اُهو جنهن جي ڇاتيءَ ۾ ڇُرا،
گهايل ناهي جو مون کي ماءُ نہ سڏي سو
ٿيج نہ بخشيان اُن کي جيڪو ڪين وڙهيو
رنگ جنهن جو ريٿو ماءُ اُنهيءَ جي آهيان!

ڳڀرو ڳاڙها جوان، رَتَ سان ڳاڙهو ٻُت سڄو
نظر نظر جڻ تير آ، پروون جڻ تہ ڪمان.

(روح رهاڻ، آگسٽ 1967ع)

”ڪيڏاري جا بيت ”تنوير“ جي نوجوان نسل لاءِ اڻ ميي پيار جو ثبوت تہ آهن، پر سندس رخُ هاڻي مزاحمتي (Agressive) آهي پوري ڏاڍ ۽ ڏمر جي مانداڻ جي خلاف، پر ڪنهن Message سان.

نياز همايوني انهن ڪيفيتن کي ڏسي ”تنوير“ جي شاعريءَ بابت لکيو هو تہ:

”... دوستيءَ جي ناتي هئڻ ڪري تنوير جي شخصيت بہ منهنجي لاءِ اُن ڪتاب جيان آهي، جنهن کي ڪيئي دفعا چاهہ سان پڙهيو ويو هجي. مان يار جي خوشين پري زندگي کي ڏسندي بعضي اهو سوچيندو آهيان تہ هيءَ شخص جنهن وٽ حاصلات جي ڪا ڪمي نہ آهي سو ڪيئن ٿو پئي ڪنهن جي محرومين جو احساس ڪري سگهي، ۽ هن کي ڪهڙي ضرورت آهي جو ٻين جي غم تي ڳوڙها ڳاڙي هرويرو پنهنجي خوشي ختم ڪرڻ ٿو چاهي؟ پر ستت ئي محسوس ٿيندو اٿم تہ اهو سيڪجهہ ان ذات جو ڦل آهي جا ڪنهن انسان دوست شاعر جي ڀاڱ ۾ اچي ٿي، جنهن جي وسيلي ٻين جو غم پنهنجو ۽ ٻين جي خوشي پنهنجي تصور ڪئي ويندي آهي...“

”تنوير“ انهيءَ ڳالهہ جو مثبت جواب ڪبير ڀڳت جي هن وائيءَ سان ڏنو آهي جيڪا هن پاڻ پنهنجي ڪتاب ”سچ ترِيءَ هيٺان“ جي مُهڙ ۾ ڏني آهي:

”ايسي باني بوليئي من ڪا آپا کوءِ،
اپنا من سيتل هوئي، اورون ڪو سک هوءِ.

مون جڏهن هيٺيون فارسي شعر پڙهيو تہ ڳالهہ اڃان بہ چٽي ٿي بيهي رهي:

راه زي ديده وران پرس کہ گرم روي،
جاده چون نبض تپان درتن سحرا بنيند!

(ازل جو آواز منهنجي چپن تي آيو ۽ ماڻهن منهنجي زبان تي مهرون هنيون. پوءِ منهنجا ڳوڙها ڳالهائڻ لڳا.)

مون هن ”عجيب فقير“ سان ورهين جا ورهيہ گذاريا. هن نہ صدائي ڪئي، نہ سَئن هنئي. هو اهڙي عشق ۾ مبتلا هو جنهن جو پتو ئي نہ پئي پيو. هو اهو ئي اڏول جبل هو جنهن جو منڍ پڇاڙي ڳوليندي ورهيہ ٿيا. ٿي سگهي ٿو تہ هو هڪ بحربيڪران وانگر هجي ۽ وارو وجائي ويو هجي. بس جي هن هر وٿ سان عشق ڪيو تہ اچو تہ اسين بہ سندس ڪيئي سنيها ڏيندڙ اَمُلهہ شاعري ۽ تحريرن سان عشق ڪيون، جو سندس هر ويلي اها تمنا هئي تہ هن کي بہ چاهيو وڃي پربي غرض. بي لوث ۽ اُن جي ظاهري دعوي ڪير نہ ڪري. ”تنوير“ سيني جو آ ۽ سيني جو رهندو.

آيل اُن نہ وسهان هنجون جي هارين،
آٽيو آب اکين ۾، ڏيهہ کي ڏيکارين،
سجڻ سي سارين، نڪي رون نہ چون ڪي.
(شاهہ)

❊

## شمشير جي زماني جا رنگ

شمشيرالحيدري تي تازو اخبارن ۾ مضمون ڇپيا، ٽي.وي تي سندس شخصيت تي ڳالهايو ويو ادبي ادارن، ڪلچر وارن ۽ ٻين سندس ياد ۾ جلسا ڪيا، شمشيرالحيدري تي تازو اخبارن ۾ مضمون ڇپيا، ٽي.وي تي سندس شخصيت تي ڳالهايو ويو ادبي ادارن، ڪلچر وارن ۽ ٻين سندس ياد ۾ جلسا ڪيا، دوستن تقريرون ڪيون، شمشير ته هو ڪونه. جو اُتي جواب ڏي ها، هو ته گذارڻ جي تمنا ۾، ان ڏينهن گُذاري ويو جڏهن هُن چيو هو ته:

هڪڙو شمشير هو زماني ۾،
سو به دُنيا مان اڄ گذاري ويو.

شمشير لاءِ انهن مضمونن، تقريرن، ٽي.وي جي پروگرامن ۾ ايڏا ته وڏا ٻول ٻڌڻا پيا، جو مون کي اهي سڀ پنهنجي تصور ۽ ويچار کان مٿي لڳا. اهڙو شمشير مون ته ڪونه ڏٺو نه هو شيڪسپيئر هو نه هو سارتر هو نه هو اياز هو نه هو مرزا قليچ بيگ هو نه هو آسمان کي ڇُهندڙ شاعر ۽ اديب هو. هو صرف ۽ صرف ڌرتيءَ جو فقير ۽ مست ملنگ شاعر هو جنهن پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽي ۽ ماڻهن سان عشق ڪيو هو. هُو ان زماني ۾ رلندو رهيو ڪيئي سپنا سايبان ٽيڻ لاءِ هُن ڪيئي نظم ۽ گيت ڇپيا، جيڪي هُن جڏهن پنهنجي وجود کان ڌار ڪيا ته سڄي جهان ۾ روشنيءَ جا آثار پيدا ٿيا، اُميد جا ڪرڻا جاڳيا، پنهنجي وطن لاءِ، ماروئڙن لاءِ، هيڻن لاءِ هن اهو به چئي ڏنو ته:

نظر جي ڳالهه زبان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي،
اها ئي ڳالهه جهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي،
هي ظلم آهي اسان سان اوهان جي محفل ۾،
اوهان جي ڳالهه اوهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي.

شمشير ڪنهن به مسند تي پلي پهتو هجي، پر هو هڪ اهڙو شمشير هو

جيڪو هڪ اهڙي انسان جيان گذاريو جنهن کي نہ ماس هو نہ چم، رڳو هڏا هُيو ۽ ساهہ. جنهن مان ذات جا سڀ سر چشما ڦُٽي ٿي نڪتا. ماڻهن کي موهيندي آهي ذات، ذات، حسن، حق، سچ ۽ خير جي امين هوندي آهي. اڄ جڏهن ذات جو ڏينهون ڏينهن ڪال ٿيندو ٿو وڃي ۽ حق، سچ ۽ خير گهُرندڙ بہ اهڙي واٽ وٺيو پيا وڃن جتان ڪير ڪونہ موٽيو تہ حالت ضرور اهڙي بيهندي، اهڙا هاڃا ٿيا بري هن پنيور ۾.

شمشير اُنهن ڏينهن ۾ بہ جوش جذبي سان زندهہ رهيو جڏهن سنڌ جي چوڏاري ون يونٽ جهڙا ڦهري ڪوٽ پئي ڏياريا ويا. هُن انهن طاغوتي قوتن سان مهاڏو اٽڪايو هُو اُن وقت بہ سجاڳ هو جڏهن ايم. آر. ڊي جو آغاز ٿيو هو. هو سنڌ تي مڙهيل اهڙن نظامن جي خلاف ائين للڪاريندو هو جو سندس ذات، پنيٽ پنيٽ، شعلا بنجي اُنهيءَ نظام کي ساڙيو، ٻاري اڳتي وڌندي ويندي هُئي. مون ڪيس هر هنڌ ٻُڌو هو. هُن جشن روح رهاڻ ۾ جنهن نموني هيءَ نظم ”پڙاڏو سو سڏ“ چيو هو تہ سيني جا وار ڪاندارجي ويا هئا. هن جي طويل نظم جا ڪجهہ بند هيٺ ڏجن ٿا:

ڪڏهين عيسيٰ، موسيٰ آهيان،
ڪڏهين ڪرشن، رام سڏايان،
ڪڏهين احمد نانءُ رکايان،
گوتم بنجي گيان ڪمايان،
طور مٿي پي پاڻ پسايان،
باهہ اندر گلزار بنايان،
ڪڏهين ممبر مسجد ناهيان،
مومن جا مذڪور ٻڌايان،
ڪڏهين ڪربل ڪنڌ ڪپايان،
زهر پيان، سقراط سڏايان،
ڪڏهين سوريءَ سيج سجايان،
ملڪ مڙئي منصور بنايان،
ڪڏهين دل جي ديگ دمايان،
ڊونگ سچي جو ڊڪڻ لاهيان،
ڪڏهين لات لطيفي ڳايان،

سامي ۽ سرمست سڏايان،
ڪڏهين قرب قليچ ڪمايان،
دردن جا درياهه وهايان،
محبت جو دستور هلايان،
الفت جا اعلان ڪرايان،
فطرت جو فرزند سڏايان.
پيار سندو پيغمبر آهيان.
چارڻ بنجي چنگ وڄايان،
ڀنيٺ باهه پيو ڀڙڪايان،
ظلم ذلالت لعنت لاهيان،
شيخيءَ پيريءَ ڏينگو ڍاهيان،
آزاديءَ جو ناد وڄايان،
امن سندو جهنڊو جهولايان،
شيخ اياز اهو ئي آهيان،
شوق منجهان ”شمشير“ سڏايان.
ماڻهو ليکي شاعر آهيان،
پوءِ بہ الائي ڇا ڇا آهيان،
جو ئي آهيان، سو ئي آهيان،

(روح رهاڻ 1965ع جشن نمبر)

هيءَ فڪري طرح سان آزاد، صوفي منش هو جنهن اهڙا ڪيئي آلاپ آلاپيا آهن، پر سندس اصل مقصد ڪوڙ دولاب جي ڏانچن کي ڍاهڻ هو هُن پاڻ تي ۽ قافلي وارن تي، ڪيترن الزامن کي قبوليو هُو ڪتي بہ نہ جُهڪيو. سندس شاعري هجي، نثر يا ناٽڪ نويسي، هو سنڌي جديد ادب جي بانين منجهان هو. هُو ماڻهن جهڙو ماڻهو هو پر اندران هڪ جوالا مُکي هو جيڪو سڄي ڄمار ڀڙڪندو رهيو. ان لاءِ هو ڪيترين ئي اخبارن، رسالن، ادبي ادارن ۽ ٽي.وي ۾ ڪم ڪندو رهيو. قلم جو پورهيو هُن اِن لاءِ بہ ڪيو تہ جيئن هو سنڌ جي نوجوان نسل جي ذهن ۾ هڪ مُدي خارج نظام خلاف اهڙي فڪري انقلاب جو ٻج ڇٽي سگهي جيئن اڳتي هلي هيءَ سنڌ جو نوجوان نسل اڳتي وڌي سگهي.

هڪ باضمير، آزاد نسل جي صورت ۾ هو پنهنجي نظم ۾ هيئن چوي ٿو:

ڪير تو ڪنهن لاءِ جئي،
ڪير تو ڪنهن لاءِ مري،
ڪير ٿو ٻڌجي زماني جو اسير،
ڪير ٿيندو بي ضمير.

هڪ باضمير صحافي، اديب ۽ شاعر هجڻ سان گڏ هو زندگيءَ ۽ موت جي فلسفي کان آگاهه هو. مان جڏهن سائٽس اسپتال ۾ ملڻ ويس ته شمشير زماني جي وفا يا بي وفا هجڻ سان گڏ زندگي ۽ موت جي به واتي تي کلندي، مُرڪندي ڏنم، عجيب ماڻهو هو مون کي سڏ ڪري چيائين، اُن ويل نصير به گڏ هو:
يار حميد! مولا تي ننگ آ، مون کي "پُور" جون بيون سٽون ياد پيون.

زندگي تقدير جو تحفو سهي،
موت آدم زاد جو ورثو سهي،
زندگي ڇو موت ۾ پائي نجات،
موت ڇا جي لئہ پيئي آب حيات.

شمشير هڪ مرد مجاهد، هڪ پورهيت وانگر زنده رهيو. هو زندگي ۽ موت جي فڪري پهلوءَ کان آگاهه هو.
سندس همسفري ساٿ، تقريباً سال 1960ع کان شروع ٿيو جڏهن مان ۽ هو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ گڏ هئاسين. مون کيس لطف علي دل جي اخبار خادم وطن ۾ ڪم ڪندي ڏٺو. مان سندس سامهون مطيع الرحمان جي انڊس پريس ۾ وينو ماهوار روح رهاڻ جي لاءِ لکت پڙهت جو ڪم ڪندو هئس. خادم وطن ۾ قاضي خادم به ڪم ڪندو هو. شمشير جڏهن مهراڻ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو ته غلام محمد گرامي ايڊيٽر هو. هُن هڪ ڏينهن منهنجي ٻانهن شمشير جي هٿ ۾ ڏني ته هن کي رسالي جو ڪم ۽ بيهڪ جون نشانيون سيکار. سنڌي ادبي بورڊ جي پريس مئنيجر احمد زئي کي چيائين ته هو مون کي پروف ريڊنگ جي ڪم ۾ پڙ ڪري. ابن حيات پنهور ۽ پاڻ گرامي صاحب منهنجي ادبي صلاحيتن جي واڌاري لاءِ بحيثيت هڪ ايڊيٽر جي، سکيا ڏني.
شمشير الحيدري منهنجو اُستاد ۽ هن سڄي ادبي سفر جو همسفر رهيو. منهنجو ڪهاڻين جو ڪتاب "جاڳ به تنهنجي جيءَ سان" سنڌي ادبي بورڊ جي ڪمپيوٽر ۾ ڦاسي پيو. شمشير پنهنجي اياڪاريءَ ۾ اهو ڇپائي پڌرو ڪيو. ان سڄي ڪم ۾ عزيز مراد علي مرزا، نفيس احمد ناشاد سندس ٻانهن ٻيلي رهيا.

مان جنهن دور جي ڳالهہ ٿو ڪريان اهو دور سکيا جو دور هو. ڪو ننڍو ڪو وڏو ڪو عظيم. ڪو ٿڻي خان ڪونہ هو هر ماڻهوءَ پنهنجي سمجهہ عقل ۽ ادراڪ موجب ڪم پئي ڪيو ڇاڪاڻ تہ سنڌ سموري ويڳاڻي ۽ سنڌ جو عام ماڻهو يا والي، يتيم ۽ ڇورو ڇنو پئي پانيو جيئڻ اڄوڪو دور آهي. سنڌ جو ڪو ليڊر ڦاهي چاڙهيو ويو. سنڌ جي عظيم نياڻي (بينظير ڀٽو) ۽ سندس والده کي جيلن ۾ موڪليو ويو. ماڻهن سرعام ڦٽڪا پئي کاڌا. ون يونٽ کان پوءِ هيءُ سنڌ کي ٻيو جهٽڪو آيو هو. هتان ئي ايم. آر. ڊي جهڙي تحريڪ اُڀرڪو کاڌو هو ۽ اهڙي صورتحال ٻڻي هئي جو سنڌي سياسي خاندانن اڳتي وڌي ڀرپور نموني حصو ورتو هو. جنهن ۾ سائين قبلہ پير صاحب پاڳارو سائين مصطفيٰ خان جتوئي ۽ سندس فرزند خاص طرح غلام مرتضيٰ خان ۽ مسرور خان، مخدوم طالب المولىٰ ۽ سندس فرزند محمد امين ۽ سندس پائر ۽ ٻيا ڪيترا خاندان ۽ خانواده انهيءَ اوڙاهہ ۾ گهڙي پيا. سنڌ جا اديب ۽ ساجاهہ وند ايم. آر. ڊي جي موومينٽ جا اُهي سڀ فرنٽ لائين هئا. ضرورت هئي پرنٽ ميڊيا جي اڳواڻي جي، ڇاڪاڻ تہ ضياءالحق جو هيءُ دؤر بہ سنڌ لاءِ ڦهري دور ثابت ٿيو هو. اخبارون، رسالا ڪجهہ ٿڏا ڪجهہ گرم هئا.

اُن وقت سائين قبلہ پير صاحب اڳتي وڌي اعلانِ حق ڪيو ۽ مهراڻ جي ايڊيٽري هڪ نئين عزم ۽ پاليسيءَ هيٺ شمشيرالحيدريءَ جي حوالي ڪئي ويئي، جنهن ايم. آر. ڊي موومينٽ کي وڌيڪ تحرڪ ۾ آڻڻ لاءِ ايڊيٽوريل، مضمون ۽ خبرون طوفاني انداز سان ڇاپڻ شروع ڪيون. سندس ڀڙين هيڊ لائين اها هوندي هئي تہ ايم. آر. ڊي هلچل جو اڄ ڏهون ڏينهن يا ٻارهون ڏينهن. شمشير جا اُهي ڏينهن اُهي شينهن هئا، واقعي انقلابي ڏينهن هُئا، اسين سڀ همسفر شمشير جي ڪامياب جدوجهد جا ساکي ۽ ساٿي هوندا هئاسين.

شمشير جون گهڻيون ڳالهيون آهن، دل چوي ٿي تہ "شمشير کي سڏ ڪريو شمشير ڪٿي آهي." پر شمشير اسان کان موڪلائي ويو آهي پر هو ضرور موٽي ايندو ڇاڪاڻ تہ هن اهڙي اُميد جي جهلڪ پنهنجي نظم "آرزو جو سفر" ۾ ڏيکاري آهي. هيءُ سندس شاهڪار نظم آهي، جيڪو ماهوار روح رهاڻ جي 1965ع واري سالنامي ۾ ڇپيو هو:

لامڪانيءَ جي فساني ڪان وني،
لازماني جي زماني ڪان وني،
جسم جي بي انتها تاريڪين ۾،
جاودانيءَ جي سفر ۾، سرگرم آهي ازل جي آرزو
تون بہ ڪنهن جي ابتدا،
مان بہ ڪنهن جي انتها،
تنهنجي منهنجي زندگي،
تنهنجي منهنجي ماءُ جي دمدم دعائن جو اثر،
تنهنجي منهنجي زندگي جا صبح و شام،
تنهنجي منهنجي پيءُ جي اڻڪٿ اُميدن جو ثمر،
جسم جو هر هڪ جنم،
ڪئين ڪروڙين آرزو منزن جو موجوده مقام،
بس، ازل جي آرزو آهي مدام،
جاودانيءَ جي سفر ۾ تيزگام،
اي سندم دمدم دعائن جا نرالا شاهڪار!
زندگي تابندگيءَ جا رازدار!
اڄ تہ مان توکان ڪريان اڄ الوداع،
جسم جي تاريڪ راهن کان جدا،
مان ازل جي انتها، ۽ تون ابد جي ابتدا،
اي سندم اميد جا براق، صد صد مرحبا!

شمشير جي زماني جا هي ورق ۽ ٻيا ڪيترائي ورق لکبا رهبا ۽ ڪئين ڪتاب جڙندا، پر ائين چئبو ضرور تہ "هڪڙو شمشير هو زماني ۾، سو بہ دنيا مان اڄ گذاري ويو." سنڌ اڄوڪي دؤر ۾ ساڳي يتيماڻي ۽ نڌڻڪي دؤر مان گذري رهي آهي. موجوده پير صاحب پاڳاري، جتوئي صاحبن ۽ ٻين قومپرستن وسيلي اُميد جاڳي آهي، پر اسين شمشير لاءِ واجهايون پيا، من ڪي نوان نسل، شمشير مان جاڳي پون.

❊

## روھہ ۾ رولي ويو

### الطاف عباسيءَ جي ياد ۾

موت مِٺو ناهي، پر الطاف جو موت، اسان لاءِ مٺو ضرور آهي. اسين موت کي روڪي نہ سگھياسين، نہ روڪ ڪئي سين نہ بند ٻڌاسين. ايئن موت، اسان جو يار ڪنيي ڪٽي روانو ٿيوءِ اسان کي روھہ ۾ رولي ويو. مان موت جي انھيءَ انتھاپسندي تي احتجاج ڪريان ٿو. شال موت، تو کي ڪو موت اچي!!.

[حيدرآباد جي تعزيتي گڏجاڻي ۾ تقرير مان اقتباس]

٭

## اڇي ملي ويا!

### شخصيت: بردو سنڌي

سدوري سنڌ جا سدورا ماڻهو جيئن جيئن هيءَ جهان ڇڏيندا پيا وڃن، اسان پارا ته بنهه نڌڻڪا ٿيندا پيا وڃن. ڀلائي ۽ چڱائي ۾ ايمان رکندڙ دوست اڄ به آهن، پر هو هن دور واري ڀلائي ۽ چڱائي واپرائيندي به ڇرڪن ٿا، ڇو ته الله جاڻي سچ ڇا آهي، الائي اها نيڪي اها چڱائي يا سنائي بنهه ڳڏيءَ ڳت ٿي نه پوي، اڳ جي ڳالهه ٻي هئي. گرامي، حفيظ، رشيد ۽ ڏيپلائيءَ جهڙا ٻي ڊپا پر ڏاها، سدورا ۽ منا ماڻهو بنهه جهان منو ڪيو وينا هئا. اهي اسان جي لڏي جا يار هئا. هليا ويا ته تازو اسان جي ٻئي يار بردي سنڌي کي به گهرائي ورتائون. بردي نه صرف طبيعت ۾ مناڻ هئي، پر سندس سچي شاعري جي جيتري مناڻ هئي، مان سمجهان ٿو ته ايتري مناڻ جديد ادب جي سڄي شاعري ۾ به گهٽ هوندي. جيئن چيم يار هو سدورو ۽ نماڻو سچي زندگي صبر سان گهاري ڇڏيائين، تيئن مرڻ به ماٺ ميٺ ۾ قبوليائين. نه سندس بيماريءَ جا ڪي خاص پڙها آيا، نه سندس علاج لاءِ ڪي وري خاص اپيلون ٿيون. بيمارين کي ڪيترن سالن کان ڪاٽيائين. انهيءَ وچ ۾ پيو ملندو هو. ڪڏهن منهن کي مفلر ويڙهيل ته ڪڏهن جسم ڪوٽن ۾ قابو. سندس زبان تي اثر ٿيو پر ان کي ليڪيائين به ڪونه. هر وقت ٻين جي ڳڻتي. ڪڏهن يارن لاءِ ڦٿڪندو ڪڏهن ٻارن لاءِ. سندس محبت ۽ پيار جو قائل هوندي به مان محسوس ڪندو هوس ته ايڏي وڏي قربائتي پياري ماڻهوءَ کي موت ۾ اسان ڪجهه به ته نه ڏئي سگهياسين.

بردي جي شاعري سچي سون آهي. سندس گيت ڪافيون ۽ بيت سنڌي ادب جو وڏو منو سلوڻو ۽ پيارو حصو آهن. خاص طرح سان سندس سرائيڪي شاعري بنه پيهي ويندي آهي:

خال ڏنم گل لال سلوڻي، موتي ڏند قطار ڏنم
چولي لب خوش ٻولي منڙا، بلبل دي گفتار ڏنم

اڳتي چئي ٿو:

راهہ مريندي شاهہ ڏنم، آ مَلَڪ ٿئي ميهار ڏنم.
ديدارن ديد خريد ڏنم، ليک "بردي" حسين هزار ڏنم.

سندس شاعري ۾ جيتري حجت، اُچل ۽ بي ساختگي آهي، اها بردي جو خاصو آهي.

ڪيوين ڪران هڻ چين نهين يَر،
موهي دل محبوب دي ناز
خونوي چشمان تير چلايا،
ڪيس دل سهڻي ول نہ رجهايا
پئي ٻگل قاهي زلف دراز!

بردو سنڌي شاعريءَ ۾ سڄي سنڌ ڪٽي آيو خاص طرح ڀهراڙي جيڪا نج سڄي ساري سنڌ آهي، اُتان جي ماڻهن جا مسئلا، اُتان جون ڳالهيون اُمنگون، آرزوئون ۽ حسرتون ۽ اُتان جا منڙا ٻيچ ۽ ان سان گڏ قصا ڪهاڻيون. سندس مشهور گيت "پرين چڙهہ پيهي تي" ڏسو:

ٿُري ٻنا هي تو لئہ ٻوليم، هو سڄڻ هو هور
سيڪيل آيون ڏاڍا ريها، ڪاءُ ڙي من جا چور
ڪر نہ اسان ڪئون عار - پرين چڙهہ پيهي تي
ٻيرن ٻوٺ ٻڌو آ ويجهو، هور ڙي ٻيرا هور.
وهيا تہ ڏس وڙاهہ ۾ هوريان، وينا اورن اور
پاڻ ۾ ونڊيون پيار - پرين چڙهہ پيهي تي

مون کي سندس 'سانوڻ آيو' گيت ياد آهي، جڏهن سُر سان ٻڌايائين تہ سندس لڙڪ بہ لڙيا تہ ٻاهر ڪڪر بہ رُنا.

جوڳي بادل، جوڳين وانگي، آيا سڀ سنسار اورانگهي
ڪنوڻ ڪيپي جو اک جهمڪائي، گهوري جوڳين گهمائي
پوءِ نکيڙي ٻُڌيءَ ۾، اک روئي رعد پسائي آ

بردو شاعر هو تہ قصہ گو ڪهاڻيڪار پڻ سندس مشهور ڪهاڻي ”انڌير نگري“ ڪنهن کان بہ وسرندي. سندس زندگي هڪ اُستاد جي سدوري ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ نہ شڪوو آهي نہ شڪايت، نہ رُوساما نہ پرچاءُ. پاڻ پنهون هو تہ پاڻ سسئي، پئي ڏونگر ڏوريائين. بردو مون کان نہ تہ وسرندو جو منهنجي جيءَ جڙيل يارن منجهان هڪ هو. هيءَ سٽون منهنجي جيءَ ۾ لڪل هيون. ڏاڍو دير سان هٿ آيون، جڏهن هو وڇڙيل ڪونج وانگر بنهہ وڇڙي ويو:

ولر وهي ويس، وڇڙيل جيئن ڪا ڪونج اڪيلي ڪُرڪي
ڳاٽ ڪٽي ۽ سوئي ڳچڙي، موت اڳيان تي مرڪي
او منهنجي آس نماڻي
او ڪين وسارج جاڻي،
اچي مل هاءِ!

*

# رهنديون سندس ڳالهيون

ثميره زرين

وڏڙن کان ٻڌو اٿم تہ ماڻهو نہ رهندو پر وڃي رهنديون سندس ڳالهيون. حفيظ ويو تہ چار ڏينهن سندس پچار ڪئي سين. بيگم چنا گذاري ويئي تہ ڪي ڏينهن کيس پچاريوسين. گراميءَ جا گفتا بہ بہ چار هليا. هاڻ ثميره سفر هلي تہ ڳالهين جو بهانو مليو اٿئون. چڱو تہ پوءِ اچو سندس پچار ڪريون، ڪو زوردار ڏک جو اظهار ڪريون، اکين کي زور ڏئي ڳوڙها ڳاڙيون، لفظن جو طلسم ٻڌون. سندس ڳڻ ڳايون، ڪنهن يادگار قائم ڪرڻ جو ڪوڙو عزل ڪريون. سندس پونئيرن سان لکن جي همدردي ڪريون، اچو تہ اُهو سڀ ڪجهہ ڪريون جيڪي ماضيءَ ۾ پنهنجي اديب/ ليکڪ برادريءَ جي ساٿيءَ جي غم ۾ ڪندا رهيا آهيون. توڙي اهو وقتي چو نہ هجي. وقت سان تہ اسين هلي رهيا آهيون. وقت سان تہ اسين هلي رهيا آهيون. وقت سان ساٿ ڏئي، وقت جي اديبن کي ساراهيون اٿئون، مري ويا تہ گهوريا. پويان اهي سگهي پچار ڪريون، ۽ پيڻ ثميره زرين لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ايترا تہ اکر ساراه وارا ۽ يادگار چئون جون هر هڪ اسان کي ساراهي.

پيڻ ثميره لاءِ مون وٽ ساراهہ طور هي اکر آهن تہ هوءَ سنڌي ادب جي اها ڪهاڻيڪار نياڻي هئي، جنهن جي قلم مان اسان جون پنهنجيون، اوهان جون، سيني جون ڪهاڻيون نڪتيون، جنهن پنهنجن ڏکن فڪرن کي ترڪ ڪري ٻين جي ڏکن ۽ فڪرن کي پنهنجو ڪري ڪهاڻيون لکيون. سندس شروع واريون ڪهاڻيون خواب آهن، جيڪي هن اسان سيني لاءِ ڏٺا ۽ پويون ڪهاڻيون، حقيقتون آهن، جن ۾ اُها ڪڙائي بہ آهي جي ڪو چکي چيٽ ڪري. ثميره سنڌي جي نياڻين جي علامت هئي ۽ رهندي.

پيڻ ثميره لاءِ يادگار اکر تہ معنيٰ نہ رکن پر مون لاءِ سندس يادگار اُها آخري فون تي تيل گفتگو آهي، جنهن جو هيءُ جملو مون لاءِ سڀ ڪجهہ

آهي، 'منا پاءُ، پلي پائر پينرن کي وساري ڇڏين پر پينرون پل لاءِ بہ پائرن کي نہ تيون وساري سگهن'. جنهن ۾ هن مون کي جيڪي بہ چيو اُهو منهنجي لاءِ عظيم سرمايو آهي. سندس گفتگو ۾ جيڪي ڏک ۽ درد پريل هو تنهن اُن وقت بہ مون کي روئڻ تي مجبور ڪيو جڏهن مون سندس موت جو ٻڌو ۽ اڄ بہ ڪيو آهي، جڏهن هيءُ بہ اکر لکيا اٿم. ڄاڻان ٿو تہ هي ٻوڙها وقتي آهن، پر سندن ڏک منهنجي لاءِ دائمي آهي اُن ۾ ڪو بہ ڇل ڦند ڪونهي ڇاڪاڻ تہ مون پيڻ وڃائي آهي، جيڪا تي سگهيو تي تہ اڳتي هلي اڃا بہ نياڻين کي وڏيڪ سڄاڳ ڪري ها. جيڪو بہ پينرن ۽ نياڻين وارو هوندو اهو ئي ان جو احساس ڪندو. تي سگهيو ٿو تہ ان احساس هيٺ ئي اسين گهٽ ۾ گهٽ هن نياڻيءَ جي وفات تي سچي ڏک جو اظهار ڪريون، سندس پڇار دائمي ڪري ڇڏيون، سندس اهڙا ڳڻ ڪايون جو اها امر تي وڃي. ابتدا ئي اتان ڪريون تہ بہ سمجهان ٿو تہ هر اديب ساٿيءَ جي انتها سني ٿيندي ۽ عظمت جو اهڃاڻ هوندي

*

## ريموٽ ٿي گم ٽي ويو

### قمر شهباز

قمر اسان جي قلم قبيلي جي سرواڻن مان هو. قلم جا ڏٺي پنهنجو پاڻ ئي سرواڻ، پر پنهنجي پاڻ ۾ نفي ٿين ته ڪجهه به ناهن بچندا قلم جي قبيلي يا ڪُڙم جا پاڻ مڃائيندڙ فرد ها دور ۾ ٿورا، پر ڏاڍا مڙس هوندا آهن. قلم ائين جهليندا جڻ هٿ ۾ تلوار هُجين هنن جي رڳو قلم لهرائڻ سان ڪئين ئي گهايل هنن جي قلم مان نڪتل شعر، بيان ٿيندڙ حرف ڪن جي آبرو ۾ ڪن جي لاءِ آب حيات هوندا آهن.

قمر کي ڏسي خدا جي قدرت تي يقين ايندو هو. خدا جي هيڙي جوڙ ٿورن کي نصيب ٿيندي آهي. خواتين ڏسن ته اپالو ديوتا سندن تصور مان ٻاهر نڪريو اچي. عام ماڻهو ڏسي ته چوي ته هيءَ گورو ڪٿان آندو آٿو. قلم کڻي ته ڪيئي ڪهاڻيون ڪيئي ڊراما، ڪيئي نظم نڪريو نروار ٿين سندس هڪ ڪهاڻي جو ڪردار ”راڄي“ جا راڄن جي لبن تي رهجي ويل ڪهاڻي آهي. ٽي ويءَ تي به ڏنيسين سندس ڪيئي ڪهاڻيون ”روح رهاڻ“ ۾ ڇپيون. ”شڪست“ سندس يادگار ڪهاڻي آهي. تازو سندس ڪهاڻي ”ڪُلهي ڏُرڪي پيل ڪنڌ“ ”سِپُون“ (هند) ۾ ڇپي سالن کان ڪيترائي رسالا. ”مهراڻ“ ”روح رهاڻ“ ”سهڻي“ ”ڪونج“ .نئين دنيا“ ”سپون“ سندس قلم جي آبرو جا شاهد آهن ۽ سندس نظمن ۽ گيتن جي گونجار جا گواهه آهن. سندس چيل وايون ڪورس سانگ. جي صورت ۾ سُر ۽ سنگيت جا شاهڪار آهن. قمر ۽ اسان جيتريون گهڙيون گڏ گهاريون آهن، اوتريون ڪهاڻيون، قصا ۽ داستان آهن. ڇٽني درويشن جا داستان هڪ ئي درويش قمر اِهي قصا ورجائي کڻي ٻُڌائي ته ڏينهن کُٽي ويندا پر راتيون به پوريون نه پونديون. اَڄ نه اُهو فوراِن ون وارو درويش رهيو آهي، ۽ نه اُهي پَل ۽ گهڙيون

موتي سگھن ٽيون، ۽ نہ وري مان اُهو داستان گو ٽي سگهان ٿو جيئن قمر هو. مان اُهو سُر سنگيت وارو شاعر بہ نہ ٿو سگهان. مان ڪيئن قمر ٿي سگهان ٿو جيڪو اپالو ديوتا هو. هُو هڪ اڻ اُڏندڙ طويل ٿهڪ هو جيڪو منهنجي ڪنن ۾ اڄ بہ ٻُري رهيو آهي. هن دنيا جي اسٽيج تي پرفارم ڪندڙ ون ايڪٽ پلي ۾ هر وقت متحرڪ رهندڙ آڄ اُهو اداڪار خاموش ٿي ويو آهي. سندس ٽهڪ صرف هوائن ۾ رهجي ويا آهن. سندس ساٿي صداڪار اَداڪار سندس انتظار ۾ آهن تہ رڳو قمر اچي تہ ڊرامو اڳتي هلي ڊرامي جو هيءُ منظر هڪ فريز ٿيل منظر جيان آهي. "اڙي، هي تہ ريموٽ ئي گم ٿي ويو آهي،" قمر اُتي ئي يادگيرين جي انبار ۾ ڄمي ويهي رهيو آهي. منٿ اڏ ڪان پوءِ اِهو فريز ٿيل منظر بہ ٻين فريز ٿيل منظرن جيان گُم ٿي ويندو!

*

## هم سفر ۽ هم رڪاب

### شخصيت: ناصر مورائي

29- مارچ رات جا پوڻا ٻارنهن ڪن ٿيا هوندا تہ فون جي گهنٽي وڳي، ڪراچيءَ کان خواجہ سليم جو نينگر آذر هو.

”چاچا ناصر اڄ ڏهين وڳي رات جو گذاري ويو بابا اوڏانهن ويل آهي، چيو اٿئين تہ توهان کي خبر ڪريان تہ توهان ايڏانهن اخبارن ۾ خبر ڪريو. صبح جو ڏهين وڳي جنازو ڪڄندو.“

مان ڀهريائين نہ وسامجي ويس، هوش ۾ آيس ۽ خيال ڪيم تہ هن وقت ڪهڙي اخبار ملندي. گهڻو تڻو آخري ڪاپي دير سان ويندي آهي. فون تي نياز پنهور پنهنجي نياز نئڙت سان ڪيڪر ڪئي. ڪيس ٻڌايو تہ ناصر مورائي گذاري ويو. ناصر جي نصرت ۽ تحريڪي ڪارڪن هجڻ سان گڏ سندس ادبي ڪاوشن جو ذڪر ڪيم. هن ڪجھ وڌيڪ تفصيل گهريا تہ ڪٿي دفنائيندا ۽ ڪيڏي مهل ڪڻندا وغيره. هن چيو تہ ڪاپي روڪيل رهندي توهان پڇا ڪري ٻڌائيندا.

ناصر جي ڪراچيءَ واري گهر تي فون ڪيم. غمزده ياجائي فون کنيو. ڪيس وَرَ جي وڇوڙ جو وڏو ڏک هيو ”ادا بس دير ٿي نہ لڳي ڏهن منٽن ۾ قصو پورو ٿي ويو“. هن اڏمن ۽ جذبن کي روڪيندي چيو. پوءِ ٻڌايائين، ”مڪلي تي ڪيس دفن ڪبو هتان شنگريلا اپارٽمنٽس مان اٺين وڳي صبح جو جنازو ڪڄندو ۽ ڏهين وڳي مڪلي ۾ امام بارگاھ وٽ دفنائبو“. ’ڪاوش‘ فون ڪيم. نياز اُٿي ويو هو. هڪ نوجوان ڳالهايو. ڪاپي برابر روڪيل هئي. نياز خبر تہ لکائي ويو هو وڌيڪ گهربل تفصيل مون کيس لکايا. نوجوان اوچتو سوال ڪيو ”سائين توهان لکايو آهي تہ هو نثر جو اديب هو شاعريءَ جو بہ ٻڌايو“.

”ناصر نثر ۾ ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ شاعري واري ٻولي استعمال ڪئي هجي تہ

اها ہي ڳالهہ آهي. باقي ناصر شاعر جي جامي ۾ اها اڻ ٺيٺي هئي“. مون چيو ”ابا، عجب ڳالهہ ٿا ڪيو. هو ڪهاڻيڪار هو ناول نگار هو اينٽي ون يونٽ تحريڪ جو وڏو ڪارڪن سنڌي ٻولي واري تحريڪ جو اهم ڪردار پر شاعر نہ هو“.

ڳالهہ ختم ٿي وئي. مونکي ايڏانهن ڪو خيال ئي نہ ويو تہ هن هڪ ڏڪ سان ڪو مامرو ئي ٻيو ڪري ڇڏيو. صبح جو ڪاوش ۾ خبر ڇپي، ”راشد مورائي گذاري ويو“. بہ ماڻهو هڪ خبر سان مري ويا، ناصر جي تصوير ٽنگيل ئي رهي، ٻيو جيئري ئي موري ۾ گذاري ويو. سنڌس تصوير اڃان ڪانہ ٽنگي هئي. صبح جو مڪلي تي ويڄڻ کان اڳ ’شام‘ اخبار جي نوجوان صحافي الياس، تاج جويي جي خبردار ڪرڻ تي مون سان ڳالهايو. خبر کي وڌيڪ واضح ڪيو ويو. تصوير ڏني وئي تعزيتي پيغام ڏنا ويا ڪجهہ ڳالهہ ٻڻي.

مڪلي تان موٽيس. طبيعت ائين جواب ڏنو جو سمجهيم حيدرآباد واري ڊرائنگ روم ۾ منهنجي تصوير تہ اڳ ۾ ئي ٽنگيل آهي. باقي نوشهري واري اوطاق تي لڳڻي هئي. بهرحال اهڙا جهٽڪا دوستن جي ويڄڻ تي اڳ بہ آيا هئا. مرحوم نسيم کرل جي تدفين جي موقعي تي بہ اهڙي حالت ٿي هئي.

شام ٿي مس تہ خواجہ سليم، ڪراچي، ننو ڪراچي، حيدرآباد هلندڙ بسن جيان نڪاءُ ڪيو.

”ڀلا تدفين ۽ ٽيجهي جي اطلاع واري خبر هلرائي اٿئي“. سليم وقت جي بيوقتن نڪائن کان بيخبر رهڻ لاءِ ٻنهہ ٻوڙو ٿي ويو آهي. نيٺ اشارن ڪناين ۽ رڙين ڪندي سمجهايم، ”ڪاوش جي شفٽ ۾ ڪي ماڻهو اڃن ۽ سي بہ سيبتا تہ صحيح احوال ڏجي“.

انين وڳي رات جو فون ڪيم، نياز پنهور مليو ويو جيڪو نہ رڳو انچارج آهي پر سيبتو ۽ سياڻو ساٿي بہ آهي. مان اڃان غلط خبر جي شڪايت ڪيان تہ هو ويچارو کلي پيو. ”سائين، خبر تہ وينل نينگر کي ڏنم. اندرين خبر بالڪل صحيح هلي آهي. پر نالو تبديل ٿي ويو. جو جيڪي بہ نوجوان هتي وينا هيا تن ناصر مورائي جو شايد نالو ئي نہ ٻڌو هو. هنن راشد مورائي جو نالو ۽ شاعري ٻڌي هئي. هنن سوچي ويچاري فيصلو ڪيو تہ اها ڀل مون کان ٿي آهي. سائين خبر تہ هلي وئي پر اڄ سڄو ڏينهن ويل ۾ رهيو آهيان. راشد مورائي ۽ سنڌس عزيز قريب ۽ دوست تہ پريشان ٿيا پر اسان سان سيني سني ڪئي آهي“.

مون کيس تدفين ۽ ٽيجهي جو اطلاع ڏنو. هن ويچاري خبر هلائي،

تعزيت ڪندڙن جا نالا ڏنا، ڪجهہ اڳئين ڏينهن ڏنا هيا، جيڪي راشد مورائي جي ڪاتي ۾ هليا ويا.

پر منهنجي لاءِ اها وڏي خبر هئي تہ راشد مورائي ان خبر تي رنج جو اظهار نہ ڪيو پر جاڻايو هو تہ ڪيس هن خبر وسيلي خبر پئي تہ ڪيترا سندس چاهيندڙ ۽ پيار ڪندڙ آهن جن ساڻس رابطو ڪيو ۽ پيغام موڪلي همدرديءَ جو اظهار ڪيو.

پر جي ناصر جيئرو هجي ها ۽ سندس موت متعلق ڪا غلط خبر ڇپجي ها تہ شايد هن دؤر ۾ ايترا تعزيتي پيغام نہ ملن ها جيترا راشد مورائي لاءِ جاري ٿيا يا سندس پونيئرن کي مليا.

تازو ممتاز مهر جو هڪ خط، 'سوجهرو' ۾ پڌرو ٿيو آهي. ان ۾ ڊاڪٽر ثمرين شيخ جي خيال سان اتفاق ڪيو اٿائين، "اينٽي ون يونٽ تحريڪ ۾ جيڪي اديب ۽ شاعر هيرو هئا، سي گهڻي ڀاڱي هاڻ زيرو آهن".

دنيا جون سيئي قومون، ڪنهن بہ فرد جي قوم لاءِ ڪيل ڪنهن بہ هڪ ئي ڪارنامي تي نازان ٿي ايترو تہ انهن کي مان ۽ سنمان ڏينديون آهن جو هو نہ رڳو سڄي جمار پر مُئي کان پوءِ بہ وٽن زندهہ رهندا آهن.

هن صاحب مون سان گڏ ٻين دوستن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. جيڪي هاڻ زيرو آهن. مان ڀاءُ ممتاز مهر کي چا چوان. گهٽ ۾ گهٽ مون، ڪڏهن بہ پاڻ کي هيرو نہ سمجهيو آهي. ماهتاب محبوب تہ مونکي، 'هڪ ادبي هيرو- هڪ ادبي ولين' جي نالي سان ياد ڪيو جڏهن مان ڪو ادبي دنيا جو ايڪٽر هجان ۽ اهو مضمون مون پاڻ 'ويريون' ۾ هلايو. ليڪڪ پنهنجي دور سان وابستہ هجي ٿو. پڙهي لکي پنهنجي وٽ آهر وارو وجائي رمندو رهي ٿو. ڪو جيئري ئي مري وڃي ٿو ڪو سچ پچ مري بہ محاوري طور ئي سهين زندهہ نہ ٿو رهي. ناصر اڄ زندهہ ڪونهي ڪوشش اها آهي تہ مُئي کان پوءِ بہ تاريخ جي صفحن تي ڪيس ماري ڇڏجي. ناصر مورائي ڪير هو. هو تہ اسان جو پنهنجو ناصر هو. ون يونٽ واري دؤر جو هڪ جيالو ڪارڪن. هن سنڌي ٻولي جي بچاءُ لاءِ پمفليٽ ۽ پوسٽر ورهايا دوستن سان گڏجي صحيون ورتيون ۽ گهڻيءَ گهڻيءَ، گام گام تي اهي پمفليٽ ڪٽي سجاڳيءَ جو سڏ ڏيڻ لاءِ پهتو. سرڪاري يا يونيورسٽين جي جلسي گاهن ۾ بہ چار دوست ساڻ ڪري اسٽيج تي چڙهي وقت جي حاڪمن آڏو بيهي نعرا هنيا. سزا وار بڻيو

ڪڏهن ڪلارڪي واري نوڪري ڇٽ، تہ ڪڏهن آفيسري ڇٽ، ڪڏهن ڪوآپريٽو اسٽور تلڪ چاڙهي جي مئنيجري ڇٽ، تہ ڪڏهن اوقاف کاتي جي اڪائونٽنٽ ۽ ڪيشيئر واري نوڪري ختم. سندس انهن نوڪرين جي وڃي ڏيڻ ۾ منهنجي والد صاحب جو هٿ هو. سفارشي مان هيس. روز روز سرڪار جي ناراضگي ڏسي بابو سائين بہ تنگ ٿي پيو. "ڇا تنهنجا سڀ دوست سرڪار جا مخالف آهن؟"

ڪيس خبر تڏهن پئي جڏهن ڏنائين تہ ڪوڙي کي ٿي گهمرو آهي. جڏهن ڪمشنر صاحب ڪيس منهنجي خلاف بہ سي آءِ ڊي جون رپورٽون ڏيکاريون، والد صاحب سڄي لڏي کي تہ ڪجھ نہ چيو پر مون کان لاتعلقي ڏيکاري. اهو دؤر مزاحمتي دؤر هو. سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين تي سنڌ جي نوجوانن جو رت ٽهڪيو پئي. پر وهڪرو ڪهڙي پاسي هجي ڪنهن کي ڪا خبر نہ هئي. ترقي پسند ادب اسان سڀني جو ڪاج هو. پر سنڌ ۾ ڦهلجندڙ هن ٺهڪندڙ وهڪري جو رُخ، ترقي پسند جي دائري کان بہ گهڻو اڳي نڪري سنڌ پرستي ڏانهن وڌندو پئي ويو. ون يونٽ هٽي سڀني جون پاسيراٽيون ڪيئي وڏيون هيون. سماجي اقتصادي ۽ سياسي رُخ انهن قائم ڪيل ڪتابي ڊيفينيشنس ۽ بہ ڀڪان چار واري منطقي دائري کان ٻاهر هو. هر هڪ نوجوان پنهنجو مورچو سنڀاليو هو. ناصر مورائي بہ پنهنجي طبيعت ۽ منطق وارو جولاني ماٺهو هو. اسان سڀني کان وڌيڪ بهادر هو. سمجهوتي ۽ مصلحت پسندي کان ون ٿ ويندڙ هيءُ شخص ڪنهن ڪنهن وقت ايڏو تہ ڏکيو ٿي پوندو هو جو ڪيس سنڀالڻ مشڪل هوندو هو. جڏهن مسئلا پيدا ڪري وجهندو هو تہ وري اسان کي ڪيڏا پوندا هيا. هو زماني ۾ هلندڙ وهنوار جو باغي هو. زماني جي سوختي پٽي، ڏنجهن ۽ بيائيءَ ڪري هو هر نظرئي جو باغي هو خاص طرح سياست، سماجي ۽ مذهبي شڪل ۾ آيل آپدائن جي خلاف جهندو جهولائيندي دير نہ ڪندو هو. ڪامريڊي نظام جو قائل ٿيندو پئي ويو. دوستيون هن لاءِ معنيٰ نہ رکنديون هيون. نيٺ هو هڪ ڏينهن رشين ايمبسيءَ ۾ مترجم جي حيثيت سان 'طلوع' رسالي ۾ هڪ خبرنامي ۾ ڪم ڪرڻ لڳو هو. هاڻ ڪامريڊي نظام جو قائل ۽ پرچارڪ بڻجي چڪو هو پر جيئڻ چيو اٿم تہ هو سمجهوتو ڪرڻ نہ ڄاڻندو هو ڪوبہ ادارڪ ٿيس اهو سندس حاڪم ستارو هوندو هو. هن اوچتو اهو من ماندائڻ پوري ڇڏيو ۽ اسٽيل مل ۾ داخل ٿيو.

ڪي سال اسان جي ڪا خاص ميل ملاقات نہ ٿي. اسٽيل مل واري گهر ۾ مان پنهنجي ٻچن ٻارن کي ساڻ ڪري ساڻس ملڻ ويس. ناصر جو

Combination نمبر ڪجھ پيو هو. هن دفعي هو هڪ مذهبي ماڻهو هو پر سنڌيت وارو علم، آلم واري مذهبي علم سان گڏ ڪنيو بيٺو هو. اتي سنڌين کي گڏ ڪري انهن لاءِ هڪ تنظيم ناهي هيائين. سنڌ اندر ٿيندڙ نئين اٿل پٿل ۾ بي سبب ٿيندڙ ناحق ۽ ناانصافي لاءِ واڪو ڪرڻ سندس ڏانوَ وٺان هو. اهو سندس وس ۾ بہ هيو. ايترو ٿيو جو سندس گهر تي حملو ٿيو. ڪيس ڊيچارڻ ۽ هراسڻ لاءِ مٿس بہ حملي جا آثار پيدا ٿيا پر هو ڊنو نہ. هاڻ اسان جو ملڻ جلڻ گهٽو ٿيندو هو جو مرحوم اشفاق قاضي سان گهٽي هوندي هيس. 'روح رهاڻ' واري زماني ۾ 19 روپ محل واري پراسرار ماحول ۾ نپجندڙ دوستي ڪيئي گل گونچ ڪڍيا هيا. اشفاق سان منهنجو تہ عشق هو. هن هڪ چوياري ڪٽي ناهي خواجہ سليم اڳيئي ساڻن گڏ هو. خيرپور مان ڊوڙي ڊُڪي پهچڻ وارو چوٿون جٽو مان هيس. جيتوڻيڪ مان ناصر سان پنهنجي ياري جي هام اڄ تائين هٽي نہ سگهيو آهيان. چاڪاڻ تہ منهنجي نظر ۾ ياري باشي وقت گذارڻ جو نالو آهي. ناصر منهنجو همسفر منهنجو هم رڪاب هو ۽ آهي. چاڪاڻ تہ همسفر ۽ هم رڪاب هجڻ جو تصور پراڻي ڪامريڊشپ جيان هميشہ گڏ هجڻ آهي. سليم ۽ اشفاق بہ هم سفر ۽ هم رڪاب رهيا ۽ آهن. هي اهو زمانو هيو جو دوستي جا بہ آثار نظر آيا. هڪ ڏينهن چيائين، "اڄ تہ وري 'روح رهاڻ' ڪڍون".

مون ڪيس چيو هو "يار چا 'روح رهاڻ' انهي رنگ ۾ نڪري سگهندو. ڪٿي اڳيون اپاريل سج بنھ اُلهي نہ وڃي".

هن گهٽو ئي يقين ڏياريو پر دور بدلجي چڪو هو. ماڻهن جي دلين ۽ ذهنن تي ڪٽ چڙهندي پئي وئي. لاهڻ لاءِ وڏي محنت ۽ وقت جي ضرورت هئي. هڪ ڏينهن آيو تہ نوڪري ڇڏي وقت کان اڳ رٽائرمينٽ وٺي آيو. ڊيلٽا ڪميونيڪيشن جي نالي سان ادارو قائم ڪيائين. شروعات پٽائيءَ جي سر واري رسالي ڇاپڻ سان ڪيائين. "اڄ تہ هاڻي 'روح رهاڻ' ڪڍون".

'روح رهاڻ' سان هو ذهني طرح اهڙو تہ لاڳاپيل هو جو اٿندي وهندي 'روح رهاڻ' جي دور کي ياد ڪندو هو. سندس ادبي ۽ ذهني اوسر 'روح رهاڻ' جي 1960ع واري پهرين پرچي کان معاون ايڊيٽر جي حيثيت سان ئي شروع ٿي. نئين دور ۾ 1963ع کان 1964ع تائين بہ معاون ايڊيٽر رهيو. پوءِ بہ هميشہ سندس ساٿ پڇاڙي تائين رهيو. 'روح رهاڻ' جي نئين سر نڪرڻ

واري خيال مون کي اتساهيو پر جيسين هئي تيار ٿيون تہ بدر ابڙي وارن بنا پڇا جي ’روح رهاڻ‘ رسالو ڪڍيو جيڪو هلائي بہ نہ سگهيا. ناصر مليو تہ پرچو ڪنيو آيو. مان خاموش هيس. بيو پرچو ڏيکاريندي چيائين، ”تئي دل خوش هاڻ سچ اُلهي ويو يا نئون اُپرندو؟“.

هاڻ جڏهن ’روح رهاڻ‘ ڪيڻ جو ور سوچيان پيو تہ اهو خيال آيو اٿم تہ جي ’روح رهاڻ‘ رسالو نڪتو پوءِ کهڙو بہ نڪتو منهنجو همسفر ۽ هم رڪاب ناصر ضرور خوش ٿيندو.

ناصر ڪيترن سالن کان نہ پي لکيو پر چا مهر صاحب سيني اهڙن اديبن کي جيڪي نہ لکي رهيا آهن. زيرو ڪري ڇڏيندو. پل هو زيرو نہ هجن پر وقت شايد اڳتي هلي قوم کي ادراڪ ۽ شعور بخشي ۽ هو ڪين هيرو قرار ڏئي. في الحال ناصر منهنجي لاءِ سچ ۽ حق جي راهہ ۾ مارجي ويل اهو سپاهي آهي جنهن جي تدفين ۾ سندس عزيزن، قريبن سان گڏ اديب صرف ٽي هيا چوٿون جسقم جو هڪ تحريڪي اڳواڻ هو. سندس ٽيجهي تي پندرنهن کن اديب ۽ سندس ساٿي هيا. باقي گهٽي ياڳي عزيز قريب هيا. ناصر اسان جهڙن جو هم رڪاب ۽ همسفر آهي. جن کي ڪنهن بہ سند جي ضرورت نہ آهي. هو هر جنگ جي ميدان ۾ ڪٽي پاٽي پيئاريندي، ڪٽي ملم پٽي ڪندي ۽ ڪٽي رڳو جهنڊا جهولائيندي مارجي ويندا آهن.

تدفين وقت ناصر لاءِ نہ مون وٽ گلن جي چادر هئي نہ جهول ۾ ڪي ڪجهہ هيو. سليم ۽ مان سندس خاموش ٿيل جسم آڏو ڪي گهڙيون چپ چپات ۾ بيٺا هياسين ۽ پوءِ بس. چوڌاري سانت ئي سانت هئي. سامهون ڌرتيءَ جو منهن ڪليل هو.

آڏي ٽي آواز نہ آيو. چارڻ چنگ اڪيلو آ.
ڌڙڪ نہ ڌرتيءَ جي دل هاٽي اڄٽو جاڻ سويلو آ
(قمر شهباز)

*

# جوڳيءَ تي جَڙاءُ نسورو ئي نينهن جو

اشفاق قاضي

”هلو ادا.“

”جي ادا.“

”خبر پيوَ؟“

”نہ.“

”قاضي صاحب گذاري ويو.“

”هان!“ (خاموشي)

”ڪيڏيءَ مهل؟“

”ڪلهہ شام جو. اڄ منجهند ڏاران ڪڍندا. توهان کي اطلاع نہ آهي؟“

”ڪير ڪنهن کي اطلاع ڏيندو؟ وچڙ وارا ويندا رهن ٿا. پر هُو مون کان جدا نہ آهي!“ (خاموشي)

” ادا! ادا! آريو آل رائٽ.“

”مان... مان... نيڪ آهيان... خيرپور پري تہ ناهي. شام تائين پهچي ويندس.“

(طويل خاموشي ۽ فون بند.)

مون گهنٽي وڄائي.

”ڪير اندر نہ اچي.“

وري فون بند.

”پيئس.“

”توهان جي گهران فون آهي.“

”جي. ملاءِ“

”خبر پيئہ؟“

”سليم! صبح سادي ڏهين فون ڪئي هئي. ”منهنجي گهر واري ٻڌايو.

”پائو شمس جي هاڻ فون آئي، هئي. هن ٻڌايو تہ اشفاق انين وڳي رات گذاري ويو آهي. خبر پيم ها تہ رات ئي وڃانس ها. منهن تہ ڏسانس ها. توکي تہ خبر آهي تہ منهنجو هُن سان ڪهڙو ناتو آهي. منهنجو تہ سڄڻ سائين... منهنجو تہ...!“

ڪالهہ گڏيوسين ڪاپڙي، جهڙو ماهہ مُنير،
فيض، فراق، فقير، جوڳي جاڳائي ويو.
(پتائي)

مان روئي پيس. گهر واريءَ آٿت ڏيڻ جي ڪئي. مون آهستي آهستي فون رکي. آفيس جي روشني جهڪي لڳم. آهستي آهستي چوڌاري اونده محسوس ڪيم. ڪرسيءَ ۾ پٺجي رهيم. اکيون ڪٽي بند ڪيم. يادگيرين جو سفر شروع ٿي ويو. جيڪب آباد جو پرائمري اسڪول جو فنڪشن آهي. ٻار ٿالهين ۾ پتاتا ڪٽي ڊوڙ پڄائي رهيا آهن. اُنهن ۾ بہ ٻار نمايان آهن: سهڻا سيبتا، چَديين ۾ ملبوس. هڪ ٻار مَنڊڪائي هلي ٿو. سندس پير ۾ ڄائي ڄم ڪان نقص آهي. سڀ هن ڏانهن عجيب نظرن سان ڏسن ٿا تہ هو ڊوڙ ڪيئن ڪٽندو؟ ڊوڙ شروع ٿئي ٿي. سڀ جوش ۾ آهن. هر هڪ ٻار جا ساٿي رڙيون ڪري هر هڪ کي همٿائين ٿا. ڊوڙ پوري ٿئي ٿي. اُهو ٻار جيڪو منڊڪائي هلي ٿو ڪا بہ ڪمتري محسوس نہ ڪندي صحيح سلامت پتاتن جي ٿالهي ماڳ تي پهچائي ٿو. ٻين مان ڪن جا پتاتا ڪرن ٿا، ڪي رهجي وڃن ٿا ڄائين هيءُ ٻار گوءِ کٽي وڃي ٿو. پيوسيبتو ۽ سڄو ٻار هُن ڏانهن حيرت مان نهاري ٿو. مايوسيءَ مان ڪنڌ لڙڪائي ميدان ڇڏي گهر روانو ٿئي ٿو. شام ٿئي ٿي ۽ سندس گهرهو ٻار جنهن گوءِ کٽي آهي، انعام مليل بسڪوٽن جا پڙا کڻي اچي ٿو.

”يار ڪمال آ. مون کٽيو تہ ڇڻ توکٽيو. انهيءَ ۾ دل لاهبي آهي؟ اچي هيءَ وٺ، انعام تنهنجو آهي.“

ٻئي ٻار کِلي خوش ٿين ٿا ۽ ڀاڪر پائي کير کنڊ ٿين ٿا.

اڄ اُهو ٻار آهستي آهستي منڊڪائيندو وري گوءِ کٽي وڃي ٿو ۽ مان جيڪو بيو ٻار آهيان، هت رهجي ويو آهيان!

***

سياري جي سرد شام. ڪمري ۾ جهڪي روشني آهي. ٻہ دوست خاموش ويٺا آهن. اوچتو هڪ آواز اُڀري ٿو.

”آل سيٽ حميد!“

(مان چپ آهيان).

”يار ٻڌين ٿو. آل سيٽ“ اشفاق چچريل آواز ۾ چيو.

”جي سائين از آل سيٽ“ منهنجو آواز ڳرو آهي. اشفاق جو چچريل آواز وڏيڪ ڳرو ٿي وڃي ٿو.

”آل سيٽ هيئر آلسو. منهنجي بہ تياري آهي. تون تہ باءِ پاس ڪرائي ايندين، پر شايد تيستائين منهنجي بہ روانگي ٿي وڃي ۽ مان هن دنيا ۾ نہ هجان!“

مان روئي پيس. ويجهو وڃي ڳراٽڙي پاتيمانس.

سندس اکيون ڳوڙهن سان ڀريل آهن. اشفاق ۽ روئي يا همت هاري! پر اڄ مون کي لنڊن باءِ پاس لاءِ ويندي ڏسي جهڄي پيو.

”يار ڪمال آ. تو جهڙو ماڻهو ۽هنيانءُ هاري!“

”حميد! مان هاڻ ٿڪجي پيو آهيان. منهنجي حالت ڏسين ٿو. هاڻ مون کان هيءُ درد سَنو نٿو ٿئي. وري تون بہ وڃين ٿو. پويان شايد...“

مون سندس هٿ هٿ ۾ وٺي ڏاڍي پاٻوهہ مان چيومانس: ”تون اِنهيءَ مرض سان ڏهہ سال وڙهيو آهين. ڪڏهن بہ مايوسيءَ تو وٽ پير نہ پاتو. ياد اٿئي، جڏهن لنڊن ۾ گڏ هجون ۽ تو چيڪ اپ پئي ڪرايو. تڏهن تو مون کي ڇا چيو هو؟“

”ڇا؟“

” مون جڏهن حياتيءَ جي ڏکن جي ڳالهہ ڪئي هئي. آيل ڏکيائين ۽ طوفانن جي ڳالهہ ڪئي هئي، تہ تو ٺهڪ ڏئي چيو هو تہ يار بس اُڙاڪي رک ديا. هيءَ حياتي، هيءُ جياپو اسان لاءِ آهي. اسانکي هر طرح منهن ڏئي گهارڻو آهي. ڪٿي بہ مايوس ناهي ٿيڻو. اڄ تون تہ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر.“

هو خاموش هو. مان ڳالهائيندو رهيس.

” لنڊن جي روشنين ۾ ريجينٽ اسٽريٽ وٽ ويٺا هئاسين جو ڪنهن ڳالهہ تان مون توکي چيو هو يار! اسان جو تہ قدر ئي ڪونهي. تو دانهن ڪري چيو هو تہ يار هتي لنڊن ۾ بہ اِهو پاڻ وارو پراڻو جملو! هت تہ ائين نہ چئہ. هيءَ روان دوان زندگي تہ ڏس. اِهو پراڻو رڪارڊ تہ نہ وڄاءِ.“

هٿيار ڦٽا ڪيا. موت زندگيءَ کي شڪست ڏني! هن جو نفيس نازڪ جسم، جنهن هميشه ڪلف لڳل شبلمي پهراڻ پهريا هيا، سهڻا نفيس سوٽ پاتا هيا، سندس خوبصورت چهري تي هميشه گنڀيرتا، مُرڪون ۽ ٽهڪ هيا، اج هن مهل تائين مٽيءَ ۾ مٽي ٿي چڪو هو. هُن کي موت شڪست ڀلي ڏني هجي، پر هو مون کان اُن نِنڊڙي ٻار وانگر گوءِ کٽي ويو هو ۽ اج به اڳ ۾ هليو ويو هو.

***

مون آهستي آهستي اکيون کوليون. انٽر ڪام کنيم. "بابا، ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ ڪرايو شام واري فلائيٽ ۾." اوچتو در کليو.

"سائين ماڻهو بيٺا آهن، موڪليان".

" نه، چانهه کڻي آ."

ڪمري ۾ خاموشي هئي. خاموشيءَ کي به هڪ قوت ۽ وزن ٿئي ٿو. ماڻهو کي ائين لڳندو آهي ڄڻ سمنڊ جي تهه ۾ هليو ويو آهي ۽ مٿس پاڻي جا مڻ وري ويا آهن ۽ وجي ٿو اُنهيءَ وزن ۾ دٻبو. اُٿي وڃي صوفا تي ويٺس. يادگيرين جا انبار هيا.

سن 1956ع . لوڪل بورڊ جو ڊاڪ بنگلو. مئٽرڪ جي تياري. پڙهيم پئي ته در تي ٺڙڪو ٿيو. جيسين اُٿان، وري زور سان جافري وارو دروازو لڏڻ لڳو. ٻاهر نڪتم. هڪ سهڻو سيبتو نينگر سائيڪل جهليو بيٺو هو. ٽڪڙو وڃي پاڪر پاتومانس.

1947ع جا ٻار وڏا ٿي چڪا هيا.

" سڄاتئه"

"اِها به ڪا ڳالهه آهي! تون ننڍي هوندي کان ئي مون تي اثر انداز رهيو آهين. تنهنجون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي هاڻ ته تون منهنجي لاءِ Legend ٿي ويو آهين."

هو ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

" توکي سائيڪل هلائڻ ايندي آهي؟"

مون ڪنڌ هيٺ ڪيو. هاڻي به هو مون کان اڳ پرو هيو.

" ويهه ته مان توکي گهمائي اچان."

هُن مون جهڙي ٽلهي ٽنيري کي سائيڪل تي اڳيان وهاريو. قد جو ننڍو مون کان گهٽو هلڪو پر طاقت ۾ شايد مون کان گهٽو هو. ائين سائيڪل ڊوڙائيندو سول لائين صدر گهمائيندو هليو. سندس ڳالهيون مون

لاءِ عجيب هيون. نوجوانن واريون، ڪيترن رازن تان پڙدو کڻڻ واريون ۽ مون کي ڪيترن اسرارن کان آگاهہ ڪرڻ واريون. واپس پهچايائين. هو تہ نہ پگهريو هيو پر مان پگهريل هيس. هو ڪجهہ وقت ڊاڪ بنگلي واري گهر ايندو رهيو. مان هر پيري سندس سحر ۾ گرفتار ٿيندو رهيس. هو مون کي پاڻ کان وڏو قدآور ۽ قوت وارو هڪ يوناني ديوتا لڳو. اوچتو هو گم ٿي ويو. ڪڏهن وات ويندي ملاقات ٿي تہ نيڪ، نہ تہ بس. خبر پيم تہ هاءِ اسڪول ۾ پڙهائي ٿو. يونيورسٽي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿيندي هئي.

***

اسان چوڪراٽي وهي کان نڪتاسين تہ ادبي وهنوار سان وچي لڳاسين. سنڌي ادب جو وڏو ميل "روح رهاڻ" کوڙي چڪا هياسين. هڪ بہ دوست ساڻ هيا. ڪم جي گهٽائي، ڏگ ڪجهہ سونهون ڪجهہ اڻ سونهون ۽ منزل ڏورا گهڻو ڪجهہ اڪيلي ڪرڻو پئي پيو. هڪ ڏينهن پريشانيءَ ۾ وينو هئس . ٽپالي 19- روپ محل تي هڪ خط ڏئي ويو. هُن جو خط هيو. هو روح رهاڻ جي مواد ۽ سيٽ اپ مان مطمئن نہ هو هُن کي منهنجي تڪليفن جي چڱيءَ پر ڄاڻ هئي. خط ۾ ادبي حوالي سان جيڪي ڪجهہ لکيل هيو مون لاءِ وڏي وَٿ هئي. اشفاق جو منهنجي آڏو هيءُ مختلف روپ هيو. ايڏي ڏيرج ۽ گهرائيءَ سان هيءُ خط لکيل هيو جو مان پاڻ روڪي نہ سگهيس. هاڻ مون کي سائيڪل هلائڻ ايندي هئي. سائيڪل کڻي سندس لکيل ايڊريس تي وڃي فريد محلي پهتس. هڪ ننيڍڙي جاءِ هئي. در کڙڪايم. هڪ نينگر نڪتو. هُن مون کي جاءِ جي لنگهہ ۾ پيل کٽ تي وهاريو. هو آيو هو وڏيڪ سهڻو سيبتو پئي لڳو. اُجرو شبلمي پهرائڻ پهريل. پاڪر ۾ پريائين تہ سندس سڪ ۾ سچائي ۽ پختگي پانيم. گڏ وينو تہ سمجهيم تہ هيءُ اشفاق بيو ڪو اشفاق هيو. مون کان گهڻو متي گهرو، سنجيدو ۽ ادبي مسئلن کان آگاهہ. حياتيءَ جي باري ۾ واضح نظريا، مون پاڻ کي هن جي آڏو سيڪڙات پانئيو. هو اندر ويو دبڪيءَ ۾ ماني ۽ بوڙ کڻي آيو. کٽ تي ويهي کاڌي سين. انهيءَ گڏجاڻي اسان جا ناتا پختا ڪري ڇڏيا. هو مون کي ٻڌندو رهيو آٿت ڏيندو رهيو. پوءِ هو مون کي اندر وٺي هليو. سندس والد صاحب قاضي سچيڏنو ڏنو هيم ۽ سندس نانءُ ٻڌو هيم. منهنجو والد سيٺ محمد اسماعيل سندس زبردست رهيو هو ۽ هو سنا دوست پڻ هئا. ساڻس گڏ وينس تہ ڪپاٽ کُلي ويا. سندس والده عزم ۽ همت واري خاتون لڳم. ڊپٽي

ڪمشنريءَ وارا ڏؤر ڇڏي، هن ننڍڙيءَ جاءِ ۾ وينا هيا. قاضي سچيڏنو صاحب رٽائر ٿيڻ وارو هيو.نہ وٽس بنگلا هيا ۽ نہ محل ۾ ماڙيون. وڏي جگر وارو ماڻهو هيو. عيال وڏو هين، پر ٻنهي جڻن جنهن همت سان ٻار پڙهايا پئي، اُها وڏي ڳالهہ هئي.

"بابا! هاڻ تون اڪيلو نہ آهين تو هيءُ وڏو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن جي سجاڳي ۽ ڀلائيءَ لاءِ نوجوانن جي هن سٿ ۾ اسين بہ شامل آهيون."

هُن پوءِ پنهنجن سيني ٻارن کي سڏ ڪيو: ابرار اعجاز ارشاد، امتياز نسيم ۽ نشاط، سيني کي حڪم جاري ٿيو.سڀ ڪم ۾ جنبي ويا. "روح رهاڻ" جو نئون دور شروع ٿيو.

اشفاق سليم سان گڏ اچي ٻانهن ٻيلي ٿيو. نينگرن ۽ نينگرين، روح رهاڻ جو ڊسپيچ ڊپارٽمينٽ ڪنيو. نسيم ۽ نشاط ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. نسيم تہ اڳ بہ لکندي هئي. اشفاق اسان جي لڏي ۾ اچي شريڪ ٿيو. سليم، غياث، ناصر ۽ امداد _ هڪ ٽيم ٺهي ويئي. "روح رهاڻ" ۾ تبديليون اچڻ لڳيون.

اشفاق ڀرپائين ڪهاڻيون ۽ جديد ادب جي مسئلن تي مضمون لکڻ شروع ڪيا، سندس نگاهہ گهري هئي حياتي جي هر رُخ تي سندس ڊگهي نظر هئي. هُن هڪ ڏينهن مون کان پڇيو:

" مان ماهوار ڊائري لکڻ ٿو چاهيان، تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

"ڇو نہ!"

" پر هيءَ ڊائري تِکي ۽ ڪڙي هوندي!"

" روح رهاڻ گهٽ تکو ۽ ڪڙو آهي؟"

" تون گهٽ آهين."

" مان توکان تہ الڳ نہ آهيان."

هو ڪلي وينو. ائين " جوڳيءَ جي ڊائري" جنم ورتو. ڪنهن کي خبر نہ پئجي سگهي تہ هيءَ ڊائري ڪير لکي ٿو؟ سندس شرط اهو هو تہ اِها ڪنهن کي بہ خبر نہ پوڻ کپي تہ "جوڳي" ڪير آهي.

جوڳيءَ ملڪ ۾ تاڪوڙا وجهي ڇڏيا. حيدرآباد شهر تہ متي تي ڪٽي ڇڏيائين. ايل ايم. سي. هجي يا يونيورسٽي يا ڪورٽون ، ڳلي هجي يا روڊ، سئنيمائون هجن يا فنڪشن، سندس قلم جي تکي نوڪ کان ڪير بہ بچي

نہ پئي سگھيو. هُن جي سماجي ۽ اقتصادي پهلو کان بہ نظر تيز هئي. آرام آرام سان ڳالهہ چوندي، آخر ۾ جڏهن چوندو هو تہ اِها جوڳيءَ کي خبر نہ هئي تہ ڳالهہ پڙهندڙ جوهنيانءُ وچي وٺندي هئي. جوڳي هر پاڙي، هر گهٽيءَ، هر گهر هر اداري جو رازدان هو. سندس آزاد ۽ بيباڪ قلم کان ڪئين ڏڪندا هيا. هر محفل ۾ سندس چو ٻول هوندو هو ۽ هر هڪ ڏجندو هو تہ ڪٿي جوڳي موجود تہ نہ آهي! جوڳي شروعاتي ڪالمن ۾ تہ وڏن اديبن کي بہ نہ بخشيو. وڏا بحث چڙي پيا. "روح رهاڻ" جا صفحا پرجي ويا. هونئن بہ هر مهيني ۾ ڇپيل خطن ۾ اڌ کان مٿي خط"جوڳيءَ جي ڊائري" متعلق هوندا هيا. محترم عبدالله چنہ، رسول بخش پليجو، هادي بخش، سليمان شيخ، غلام سرور ڪيڙو شمس جعفراڻي ۽ ٻيا مستقل تبصره نگار هوندا هيا. جيجي چنہ ۽ محترم عبدالله چنہ جن سان ابي امان وارو رستو هيو. هنن جي گهر جو پاتي هيس، پر پڇاڙيءَ تائين هنن کي خبر نہ پئجي سگهي تہ جوڳي ڪير آهي. اڄ تائين بہ سواءِ ڪن ويجهن دوستن جي، ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي تہ هن قسم جي زوردار، فڪر انگيز ۽ بيباڪ ڪالمن جوخالق ڪير هو. سنڌي ادب ۾ هُن جو نالو ڪٿي بہ لکيل نہ آهي، پر منهنجي لاءِ هو وڏو ليکڪ ۽ انقلابي فڪر جو ڏٽي هيو. تمام ٿورن دوستن کي خبر آهي تہ " جشن روح رهاڻ" جي بنيادي تصور جو خالق هيءُ شخص ئي هو. پهرين ئي جشن ۾ پاڻ هر هڪ انتظام ۾ سار سنڀال ۾ مون کان اڳرو هيو. سندس ننڍا ڀائر ابرار، اعجاز، ارشاد امتياز منهنجي ڀاءُ شمس سان گڏ جهنڊين لڳائڻ، روح رهاڻ جي رسالن ۽ زندگي پبلڪيشن جي ڪتابن جي نمائش جي سينگارڻ لاءِ بسنت هال ۾ راتيون جاڳي هر شيءَ کي سينگاريو ۽ سنواريو. اشفاق رسالي جي وڪري لاءِ هر هڪ کي اپيل ڪندو رهيو ۽ وڪري جي نگراني ڪئي.

ٻئي جشن تي ڪئلينڊر جو آئيڊيا ڏنائين. هر صفحي تي روح رهاڻ جو ٽائٽل هو ۽ اُنهي سال جا ٻارنهن ٽائٽل هيا. ڪٿي بہ هُن مون کي مايوس ٿي ويهڻ نہ ڏنو. سندس مهربان والد صاحب ۽ گهر جا سمورا ڀاتي " روح رهاڻ" فيملي جا ڀاتي هيا.

1965ع ۾ مون فوڪس ويگن ورتي. فيصلو ٿيو تہ سنڌ جو دورو ڪبو. سليم ريڊيو تي نيوز سيڪشن جو انچارج هيو. جنهن شام اسان روانا ٿيون پيا، سليم خبر هلائي تہ " اڄ اديبن جي ٽولي سنڌ جي دوري تي رواني ٿي. "

سليم، ناصر، امداد ۽ مان اشفاق کي گهران ڪڻڻ لاءِ پهتاسين. مان سيڪڙات ڊرائيور هيس. اشفاق کي گاڏي هلائڻي هئي. هو اچا گاڏي ۾ ويٺو مس تہ اندران نينگرين حرڪت ڪري هڪ چٺي موڪلي:

"تولي؟ - تولي؟ - تولي؟ -چا جي تولي - اديبن جي يا ـــ ها ـــ ها ... !"

اشفاق ٽهڪ ڏنو.

اندر لهي ويو اندران وڏا ٽهڪ ٻڌاسين. ڊوڙندو گاڏي ۾ چڙهيو.

" اڙي سليم! چا جي تولي سمجهي خبر هلائي اٿئي. اسان تولي آهيون؟ ڌاڙيلن جي، چورن جي ....!"

اسان سڄي واٽ ٽهڪ ڏيندا هلياسين. اشفاق پاڻ کي "ڪئپٽن" ڊڪليئر ڪيو. اسان بار بار کانئس "ڪئپٽن" سمجهي پڇندا هلياسين هاڻي ڪٿي پهتا آهيون، هاڻي ڪٿي آهيون؟ هو اشراف ٻڌائيندو هليو. ڪٿي ڪٿ نہ ٿيو. پٽ شاهہ جي حاضري پري اڌ رات جو موري پهتاسين، جت ناصر مورائي جو بندوبست هيو. چانور نري ڳگ تي ويا هيا، جهڙا ڪوهر. خشڪ پٽاٽي جون ٽڪيون. اشفاق پهريون گرهہ کنيو تہ دانهن ڪيائين : " ٺڙي آلي ڪيو."

" Lubricant Please."

مان ڊوڙي گاڏي مان چانهن جو ٿرماس کڻي آيس. چانهہ ڏني مانس. ڍڪ پري، گرهہ هيٺ ڪيائين.

" واهہ سائين، تنهنجا رنگ! چانهن، چانور ۽ پٽاٽي جون ٽڪيون عجيب Combinationآهي."

اسان ناصر ڏانهن ڪُرڙيون اکيون ڪيون: "ولهہ پئي پيئي. دير ڪندؤ تہ چانور ڪوهر نہ ٿيندا تہ ٻيو چا ٿيندو. مون ڏي چا ٿا ٽڪيو."

سيني وٺي وڏا ٽهڪ ڏنا.

ٽهڪن ٽهڪن ۾ ورياسين، تنوير وٽ. رشيد وٽ چانهہ، فتاح وٽ ڊاہو غياثُ وٽ نيرن، مرحوم نسيم کرل وٽ موٽندي نيرن. ائين ٽهڪن ٽهڪن ۾ ورياسين.

اوچتو آفيس جي ڪمري جو در کُليو. سيڪريٽري هو.

" سائين جهاز جو ٽائيم ٿي ويو آهي، سکر پهچڻو آهي"

يادگيرن کٽي مات ڪئي.

***

اشفاق جو ڪراچيءَ وارو سرڪاري گهر. تڏي تي وينل خاموش ماڻهو. ابرار. امتياز ۽ فيصل ( اشفاق جو ڪڪو) ڊوڙي مليا. سندن غم پسي مون کان ڏوراپو ڏيڻ نہ ٿيو تہ مون کي وقت سر ڇو نہ ٻڌايو ويو. سندن آليون اکيون پسي، ٻچن جو روئڻ ٻڌي، منهنجيون آليون اکيون سُڪي ويون! دلداري ڏيان پيو تہ هو مون کي دلداري ڏين پيا. افسوس لاءِ ايندڙ دوست ۽ ٻيا ماڻهو ساڻن ملن پيا تہ اُن سان گڏ وڏي مون سان ملن پيا ۽ عذر ڏين پيا.

مان تڏي تي ئي وينو هيس. سمجهيم تہ اشفاق منهنجو رت نہ هيو پر رت جا رشتا سيڪي نہ آهن. پيار خلوص ۽ سچائيءَ جي ساٽ وارو رشتو سيڪي آهي.

❊❊❊

تڏي تان اُٿي ناصر وٽ پهتس، جهجي پياسين، سليم پهتو ۽ سندس بي فڪر منهن تي اڄ ڏک جا اهڃاڻ پڌرا هيا. عذر مون کي ڏنائين. مان روئي پيس. ڳالهيون کُليون تہ سندس بارن ۽ پاپيءَ جي فڪر ورايو.

”وڏي همت واري خاتون آهي. سڄي زندگي سنڀاليندي هئي. هو ڪي مهينا ڪيئن گذاريائين! مان تہ سندس حالت ڏسي نہ سگهندو هيس. هوءَ ڪيئن ٻچن کي آٿت ڏيئي سنڀاليندي هئي. هوڪي مهينا خاموش بستري تي هيو. تانيا،مومل ۽ فيصل ڪيئن صبر ڪيو بينا هوندا هيا. اها پاپي ئي هئي جيڪا ڇپر ڇانءَ ٿي بيني هئي. هاڻ بہ ڏسجانءِ تہ هوءَ ئي ٻچڻ جو پرجهلاءُ بڻجي بيهندي. پائرن. پينرن ۽ ڊاڪٽر عالماڻي وڏو ساٿ نڀايو ۽ وس ڪيا. پر سفر تہ ڪنڻو ئي هيو. اڄ ڪٽي انهيءَ باب ۾ پنو وجهي ساهي ڪٽي سگهجي ٿي. پر باب بند نٿو ڪري سگهجي.“

” اشفاق اسان جي يادگيرين جي سفر جي ابتدا آهي، انتها اڃا ٿي نہ آهي. اسين اڃا آهيون يار اسين اڃا آهيون يار.“ منهنجو آواز گهگهو ٿي ويو. مون ساهي کنئي. يادگيرين جي ورقن ۾ ڇڻ تہ پنو وڌم. ناصر ۽ سليم چپ هيا.

” مان هلان ٿو سيان ٽيجهو آهي. سيان ملنداسين.“

❊

# توليءَ تڪيندي ڏيئا اُجهاٽا

## اشفاق قاضي

اُها يادگيرين جي ورجائڻ واري رات هئي ۽ مان هيس. ٿانيڪي ٿيڻ لاءِ محترم دوست زاهد بوهري جي گهر پهتس. زاهد انتظار پئي ڪيو. زاهد سابق چيف مئنيجر اسٽيٽ بينڪ ۽ Rationale of Partition Deemography and Partition of India جو مصنف بہ آهي تہ اسان جي سنگت جي لڏي ۾ تازو چار پنج سال ٿيا تہ شامل ٿيو هو. اشفاق سان ڪيترين ڪچهريون ڪيون هئائين. زاهد جي گهر بہ محفلون ٿيون هيون، تڏهن زاهد ڊاڪٽر عالماڻي جي فليٽ ۾ رهندو هو. سندس ڊاڪٽر عالماڻي سان گهاٽي ياري آهي.

”زاهد! ڊاڪٽر عالماڻي ۽ ڊاڪٽر نسيم (ڊاڪٽر عالماڻي جي گهر واري ۽ اشفاق جي ڀيڻ) هتي نہ آهن ڇا؟“

زاهد ٻڌايو تہ ڊاڪٽر عالماڻي ڪنهن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ٻاهر ويل هو.

زاهد ڏاڍو ڏکارو هو.

”نيٺ Drop scene ٿيو.“

زاهد پڙڪيو.

”ها، پر پهرين ائڪٽ جو ڊراپ سين ٿيو آهي.“

هُن حيرانيءَ مان مون ڏي نهاريو.

”ٻئي ائڪٽ ۾ مان آهيان.“

”ٻئي ائڪٽ ۾ گهڻائي ڪردار آهن. سليم آهي، ناصر آهي ۽ ڪئين ٻيا. ڪنهن تي ڊراپ سين ٿو ٿئي، ڪهڙي خبر؟“

”زاهد، توکي خبر آهي جڏهن مان باءِ پاس لاءِ لنڊن پيو وڃان، تڏهن اشفاق مون کي چيو هو 'All set' I think is 'All set' was for me and for only me and not for him

مان روئي پيس. زاهد اُٺي ٻاهر هليو ويو. گهڙيءَ ۾ پاٽي ڪٽي موٽيو. ٻہ ڏڪ پيتم. اشارو ڪيومانس تہ ويهہ.

"زاهد! مون ۾ اشفاق ڪئين دفعا موت کي گڏ ڏٺو هو. هڪ دفعي روپ محل کان فوڪس ويگن ۾ نڪتاسين، گاڏي مون پئي هلائي، جوڳي جي ڪالمن تي آيل تنقيدي خطن تي ڳالهائيندا پئي هلياسين. هير آباد جي هڪ گهٽيءَ مان جيئن نڪتاسين پئي تہ هڪ تيز رفتار ٽرڪ اسان جي گاڏيءَ کي اهڙو زور وارو ڌڪ هنيو جو در کلي ويا. اشفاق ٻاهر وڃي ڪِريو ۽ مان اڌ اندر اڌ ٻاهر لڙڪيو پيو هيس. اشفاق جي امڙ اسان ٻنهي جو صدقو ڏنو هو. ٻئي دفعي ڦليليءَ جي ڪناري ڪاتڪن ۾ مارين جي ور چڙهيا هياسين. موت سامهون هيو منهنجي همت ۽ بهادري ڏسي، مون کي چيو هئائين: "اچ مري پئي ها تہ.... تون تہ جن آهين، ٻين لاءِ ائين مربو آهي؟" مون کلي کيس جواب ڏنو هو. "سڄي حياتي قوم ۽ يارن لاءِ وقف ڪئي اٿم، پنهنجي پياري ۽ مني لاءِ موت آيو تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي." ڏاڍي پروسي سان چيو هئائين. "تہ پوءِ ياد رک، جيسين مان جيئرو آهيان، توڏي موت کي اچڻ نہ ڏيندس" جيسين جيئرو هو منهنجي دشمنن سان تہ مهاڏو اٽڪايائين، پر جيڪي دوست دوستيءَ جي آڙ ۾ منهنجا دشمن هيا ۽ هميشہ منهنجا ترا ڪيندا هيا، اُنهن سان تہ ٻنهہ نہ پيس. چوندو هيو: "تون پلي انهن ڪوڙن دوستن سان نباهہ پر مان انهن سان نہ نهندس." انهن سان ڪڏهن نہ پيس. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.... جڏهن هٿيارن پنهوارن سان نام نهاد شاگردن منهنجي آفيس ۾ گهڙي مون تي حملو ڪرڻ تي چاهيو ۽ مون جنهن نموني سان انهن کي منهن ڏنو اُها سڄي ڳالهہ سليم وڃي ٻڌايس. سليم اُن ويل منهنجي آفيس ۾ موجود هيو. جڏهن ڪلاشنيون ۽ پستول مون تي تاڻيا ويا هيا ۽ مون انهن لوفرن کي 'Now and never' چئي مهاڏو اٽڪايو هو. اشفاق فون ڪيو.

'Brave man! Don't allow Criminals to kill you. You are precious for us'

مون کلي چيومانس:

'such Cowards cannot kill me. Rest assure I will live for my beloved ones'

جڏهن جڏهن اهڙن گيدين يا نام نهاد دوستن جا پڻ ڪرايل خوني موتمار حملا ٿيندا هيا يا سازشن جا طوفان اٿاريا ويندا هيا تہ يڪدم فون ڪندو هيو.

"پيارا نيڪ تہ آهين نہ."

"Go ahead. No compromise on principles. You are making history"

"دعا ڪر ڏتڙيل سنڌ جي ڏتڙيل اداري کي ناهي وڃان، هتي جو غريب شاگرد پڙهڻ چاهي ٿو."

"I love you. I adore you. Take care."

خير گيري ڪرڻ ڪيترا دفعا خيرپور بہ لڙي آيو. پڳل پراڻي گيسٽ هائوس تي کِلندو هو: "اڙي وي سي هيئن رهندا آهن."

پاڻ پلا نفيس ماڻهو منهنجي ڪمري جي حالت ڏسي منهن گهنجائيندو هو ۽ دڙڪا ڏيندو هو.

'Don't tell me you are such a disorganized person' لنڊن ۾ هڪ دفعو پتلون سان مون کي سمهندي ڏنائين تہ دڙڪا ڏنائين. پئڪنگ مهل ڪمري ۾ پيل ڪچرو پاڻ ميڙيائين ۽ ڳالهائڻ بہ ڏيندو هليو. فون نہ ڪندو مانس تہ اُباڻڪو ٿي پوندو. يڪدم فون ڪندو. هفتو ڏهہ ڏينهن ڪراچي وڃڻ ۾ لڳا تہ ناراض ٿي پوندو. وڃڻ جو اطلاع ڏبس تہ تڙي پوندو. يڪدم سليم ۽ ناصر سان پروگرام ناهي وٺندو. پڇبو تہ منجهند جي ماني آفيس ۾ يا ٻاهر کائبي. شام جو ڪچهري وٺس. ماني وري ڪنهن صاف سٿري هوٽل ۾. سڀ ماني واريون هوٽلون ياد هونديون هيس. سڀ ماني کارائي خوش ٿيندو.

"زاهد ڇا ايتري سار سنڀال لهڻ وارو ڪو دوست توکي نظر اچي ٿو. موت جو ذمو کڻڻ وارو ڪو يار نظر اچي ٿو؟"

"اڙي يار!" زاهد هميشہ جيان جملو چئي اُٿي هليو.

"Your enemies can harm you for a while but cannot kill out spoken and brave Hameed". مون سوچيو ۽ سوچيندو رهيس. اشفاق مون کان وڌيڪ Out spoken ۽ Brave هيو. هُن ڪينسر جهڙي موذي مرض سان مقابلو ڪيو. اصل ۾ هُن موت سان ويڙهہ ڪاڏي جيت ڪنهن جي ٿي....؟

مون سوچيو موت ۽ حيات تہ گڏ رهندا آهن. اشفاق جهڙو ماڻهو ڪيئن

مات ڪائي سگهي ٿو. صبح جو ٽڏي تي ويس. عبدالله ميمڻ صاحب مليو ته پاڪر ۾ ڪا دير جهلي بيهي رهيو. "اشفاق ۾ تون ڪڏهن الڳ نه هيا. مون کي تعزيت توسان ڪرڻي آهي. "اڪين ۾ پاڻي پرجي آيم. اُستاد بخاري گذاري ويو مان چپ ڪري ويهي رهيس ته من ڪو مون سان به تعزيت ڪري پر اُن عيوض گاريون به کاڌم ۽ مهڻا به. اج ڏسان ته مڙيوئي ماٺهو رڙهندا اچن.

ابرار امتياز ۽ اعجاز سان ملي اڇيو مون سان ملن ۾ پرم رهجي آيم. مانُ مٽاهون پانيم. سندس نياڻيون ۽ پينر روئندي ڏنم ته وڏي مٽي تي هٿ رکيومان. پنهنجو پاڻي جهجي پيون. پڻي اشفاق جون ڳالهڙيون چوريونسين. تانيا ته بس ئي نه ڪري. نشاط جون اکيون روئي روئي سجي پيون هيون. شام جو ٽيجهو هو. راج اچي گڏ ٿيو. سندس عزيز ۽ پراڻا ساٿي: هدايت الله جوکيو امداد جوکيو اياز جوکيو مليا ته پراڻا چاڪ چڪي پيا. ابرار اعجاز ۽ امتياز ڦريو پيا ڦرن. ڪين جڻ هوش نه هو. اشفاق جو نينگر فيصل چاپ ڪم ۾ رڌل هيو. سڏيانس ته ويهه. پر ويهي ئي نه. هو ڳوڙها لڪائي ڪم ڪندو رهيو. خيرپور مان آيل اشفاق جو پيارو پاٽيجو 'اظهار' سڪ سان مليو. مامي اشرف جا نينگر مليا. سيئي ويڳاڻا جڻ اڳواڻ بنا عوام. سليم، ناصر، نثار خواجه، قمر شهباز ۽ بيا دوست رڙهي آيا. ماني ۾ اجا دير هئي. ڪنهن ڪولڊ اسپاٽ تي بوتل پيئڻ نڪري پياسين. اشفاق کي ياد ڪندي هر هڪ جهجي پيو. قمر پراڻيون ڳالهيون ٻڌائي بس ڪري ته نثار پنهنجيون ڳالهيون ٻڌائي. ناصر به واري سان ڳالهائيندو رهيو پر سليم ۽ مان ماٺ هياسين. ٽيجهي جي ماني هلي پئي. سرڪاري گهر وارو لان پريل هو. الائجي ڇو مون کي سندس حيدرآباد وارو گهر ۽ اُن جو لان ياد آيو. سندس والده ۽ پاڻ بيهي اُهو گهر ٺهرايو هئائون، "زبيده ولاز" نالو رکيو هئائينس. اُن لان ۾ جڏهن سندس ڪٽنب سان ويهندو هئس ته سيني پاڻرن پينرن ۽ والده جي محنت کي ڏسي خوشي ٿيندي هئي. کوکر محلي جي هڪ سادي جاءِ ۾ رهندڙ هڪ خاندان ڪيئن ڪمال کان زوال ڏٺو ۽ ڪيئن گهرڙو اڏيو ۽ وڏي محبت سان ڪمال تي پهتو. ويني ويني سندن پراڻي پياري خدمت گذار واحد بخش کي سڏ ڪندو هيس، "واحدو! مينو ۾ ڇا آهي؟" هو هوٽل جي بيري وانگر به چار شيون ٻڌائي ويندو هيو. ڏاڍي پابوهه سان ماني بوڙ چانور بيا طعام ڪٺي اڳيان ڪندو هئو. مان يڪدم کيس چوندو هيس: "واحد بخش اصل مينو ڪٿي آهي؟"

هو ڪلي دال ۽ پينڊيون ڪٺي ايندو هيو. مون کان کوکر محلي واريون

پيندبيون دال نہ وسري هئي. اشفاق مرڪي شامل ٿيندو هيو ۽ گهٽيون شيون مون ڏي سوريندو هيو. هن گهر ۾ بہ سندس پيار سان ماني کارائڻ مون کان نہ وسريو هو. ٿيجهي جي ماني آئي. سيني طعام مون ڏانهن سوريا پر اُهو هٿ نہ هو. مون ڪٽي هٿ جهليو. ٻاهر نڪري بيٺس. اوچتو سندس ويجهي ۽ پياري دوست لمان تي نظر پيم. ياڪرين پياسين. يادگيرين جا انبار هيا. ڪهڙا ورجائي ڪهڙا ورجائجن. مون کي لمان جي آفيس ۾ ڪچهريون ياد آيون. آهستي آهستي گيٽ کان ٻاهر نڪري آيس، مون کي اسلام آباد وڃڻو هيو. دوست حميد آخوند مليم. هو ڏاڍو ڏکويل تہ هو پر همدردي مون سان ڪندو رهيو. پونئين ڏينهن ۾ اشفاق سان گڏ ٻيٺو رهيو. گورنر هائوس وارو وقت حميد آخوند جي اُتي هجڻ سان سولو ڪٽجي ويو. هونئن بہ حميد آخوند دوستن سان نڀائي ڄاڻي. جهاز جو ماحول اُهوئي هو ڏٺل وائٺل. گس پنڌ جيان. جهاز اُڏاميو تہ سمجهيم تہ مان پاڻ بہ اُڏامان پيو. لڳم اشفاق گڏ اٿم.

”ڪاڏي هليو ويو هئين يار!“

”توسان گڏ تہ آهيان“

”ويهہ ڳالهيون تہ ڪر“

”حميد ڳالهيون ڪوڙ پر وقت ڪٽي پيو آهي. مهلت ملي تہ وري ملنداسين.“

اک کلي پئي، اُت ڪجهہ بہ نہ هو. دري مان ٻاهر ڏٺم. ڪڪر دونهين مثل هيا، سڀ ڪجهہ دونهاٽيل. لڙاٽيل حياتي جيان. آسمان ۾ بہ ڪجهہ نہ هو. اڄ بہ جڏهن ڪيس ياد ڪندو آهيان تہ وقت جي رفتار ڪيس دونهاٽيل ڪڪرن ۾ لڪائي ڇڏيندي آهي. سندس وجود هوا جو جهوٽو هوندو آهي، فرحت بخشيندڙ پر جهٽڻ مهل ڪجهہ بہ نہ، هٿ خالي.

تو لئہ تڪيندي ڏيا اُجهاڻا،
چو ڪونہ آئين تون رات راڻا!
(اياز)

❊

## محمد حسين پنهور_ هڪ مشن

مون جڏهن هُن کي ڏٺو تہ هُو ان وقت جوانڙو آفيسر هو. انگريزن وارا ٽوپلا، گهٽو ٽٽو ڪڪائون ٽوپلو ۽ انگريزن ۽ آمريڪين وانگر وڏي شورليٽ يا امپالا يا بيوڪ يا ڪي اهڙيون وڏيون گاڏيون واپرائيندڙ هيءُ هو محمد حسين پنهور، جيڪو زرعي انجنيئر هو ۽ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو. مون کيس پنهنجي والد صاحب محترم سيٺ محمد اسماعيل ميمڻ وٽ ايندي ويندي ڏٺو. بعد ۾ منهنجي سهري محترم عبدالرحيم ميمڻ وٽ بہ مون کيس ڏٺو ڇاڪاڻ تہ عبدالرحيم ميمڻ صاحب پاڻ بہ انجنيئر هو ۽ پاڻيءَ جي ماهرن منجهان هو. وقت ويو ڏاڪا لهندو، ڪن لاءِ ڏاڪا ڏپندو، محمد حسين الائي ڏاڪا ٽپي مٿي چڙهيو الائي ڏکين حالتن ۾ هيٺ بہ لٿو هوندو پر هو آخر تائين اهڙوئي رهيو. هڪ اڏول جاکوڙي انسان، جيڪو گرمي سردي ۾ ساڳيو هو. شايد ڄاڻو هو تہ ملائڪ سندس آڏو دنيا جا بهترين ڪتاب کنيو بيٺا هئا. هو آخر تائين ڪتابن جي جهڳٽي ۾ رهيو جن سندس ذهانت جي حفاظت ڪئي. انگريزي هجي يا ڪا ٻي ٻولي يا پنهنجي منڙي ٻولي، فصاحت ۽ بلاغت سان گڏ سندس ڇپر ڇانءُ بڻيو آخر تائين پنهنجي عقل سليم ۽ هوش حواس سان سنڌ جي خزاني لاءِ ان اُپائيندڙ ڌرتي اُن جي ماڻهن ۽ ان جي ٽيڪنيڪل مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو نون رواجن ۽ اصولن پٽاندر. گرائونڊ واٽر جا مسئلا هجن يا نين پوکن ۽ باغن جا زرعي مسئلا هجن يا نئين ڪان نوان پراجيڪٽس هجن هر هنڌ پنهنجو ڏاڪو ڄمايائين. مون زراعت ۾ بہ چار پراڻا نالا ٻڌا بہ هئا ۽ ڪين ڏٺو بہ هو. گهٽو ٽٽو بابي سائينءَ جا دوست ۽ همسفر هئا. محترم ڊاڪٽر عبدالباقي شيخ، محترم عبدالغني پيرزادو، محترم ڪريم ڏنو راڄپر ۽ ٻيا ڪيترا هوندا، جن ”ڪيتي سرسيتي“ واري نعري سان گڏ ٻانهن ٻيلين ۽ ساٿ ڏٽين جو ڪردار ادا ڪيو. ان ئي ڏس ۾ جديد دور جي نين مشينن ۽ تحقيق

جي روشني ۾ ڪيئي جوان اڳتي وڌيا، پر محترم محمد حسين پنهور جنهن نموني سنڌ جي پاڻي ۽ زراعت جي ترقي لاءِ جا مشعل ٻاري هئي ان جي روشني ڪجهه سرس هئي. ان سان گڏ رهبري ۽ هدايت جا ڪئين رخ جديد تحقيق وسيلي ڏسيا هئائين. ان جي شاهدي سندس تصنيف ڪيل ڳچ سارا ڪتاب ۽ بيو چڏي ويل مواد ڏيندا. سندس وسيع لائبريري جو هڪ هڪ ڪتاب ساکي ٿيندو تہ ان کي چڱيءَ پر واپرايو ويو آهي. محمد حسين پنهور سنڌ جي زراعت ۽ پاڻي جي مسئلن کي جديد دور تائين ان جي جديد حل لاءِ ڪئين ئي نوان حل ۽ نيون رٿون ڪيندو آيو. ڪن تي عمل ٿيو ڪن کي سردخاني حوالي ڪيو ويو. اسان وٽ سائنسدانن ۽ جاکوڙ ڪندڙ محققن جي کوٽ ضرور پئي رهي آهي، پر سنڌ جي سرزمين ٻنهه سنڍ نہ ٿي آهي، جو هت هر ميدان ۾ محترم محمد حسين پنهور جهڙا محقق پيدا ٿيندا رهيا آهن ۽ پيدا ٿيندا رهندا.

محمد حسين پنهور جديد دور جي نوجوان محققن ۽ سائنسدانن لاءِ هڪ استاد جي حيثيت ٿو رکي. هو انهن نوجوانن لاءِ "ايم.ايچ.پنهور ٽرسٽ" ناهي ويو آهي، جنهن لاءِ هن پنهنجي زمين وقف ڪئي آهي ۽ هڪ سکيا جي مرڪز طور گهر ۽ لائبريري جو عطيو ڏنو آهي.

سندس جيون ساٿي محترمہ فرزانہ پنهور ساڻس گڏ رهي، انهي ميدان ۾ ڪم ڪيو ۽ سندن مددگار رهي. هاڻ هوءَ بہ هڪ ٽرسٽي آهي. هن وقت هڪ ٻئي ٽرسٽي سندس فرزند سني پنهور جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. اميد تہ هو پڻ هن ٽرسٽ جي وهنوار کي جديد سوچ، فڪر ۽ گهُرجن مطابق وڌائيندو تہ جيئن پنهور صاحب جو هن ميدان ۾ اختيار ڪيل مشن وارو پنڌ پورو ٿي سگهي.

❊

# ملهه املهه

## شخصيت: ڪامريڊ تاج محمد ابڙو

عزيزم نادر علي سال ٻن کان چوندو رهيو ته مان سندس والد مرحوم تاج محمد ابڙي لاءِ ڪ مضمون لکي ڏيان. هو مختلف ليکڪن جي مضمونن ۽ تاثرات جون فوٽو ڪاپيون ڪيل ڪٽنگس فائيل ۾ وجهي ڏئي ويو. مون ان فائيل کي هٿ به نه لاتو. پيهر پيو فائيل وڏيڪ وڏل مضمونن سان گڏ ڏئي ويو. ڇپائين ته اخبارن ۾ ڇپيل انهن مضمونن ۽ تاثرن کي ڇپرايون ٿا. هاڻي ته ڪجهه لکي ڏيو. نادر علي ۽ سندس پائر پنڌ ڪري ٽڪا ۽ مان هر دفعي اج سيان ڪري انهي گهڙي کي ٽاريندو رهيس، جنهن گهڙي مون کي نئين سنڌ جي نئين تاريخ جوڙيندڙ همٿ ۽ صبر نه ڇڏيندڙ جاکوڙي انسان لاءِ پکڙي ويل يادگيرين کي گڏ ڪري ڪي نوان نقش اُڀاري، انهن خال خال خيالن ۾ اندا پرٽا هئا. مان مير نادر علي کي ٻڌائي نه پئي سگهيس ته "عزيزم! پنهنجي پيارن، همسفرن ۽ سنڌ جي ماڻهن، مٽي ۽ پاڻي سان پيار ڪندڙن لاءِ لکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي."

مون چوڻ چاهيندي به نه چيو "مان هڪ وڏي وِٿ پنهنجي والد ۽ پنڌ ڪندي جو ڏکو ڪاٽم. ڪنهن ڪٽي تي ڇاتي لاتم". پنهنجي امڙ لاءِ، به نه لکيو آهي. زماني جي ڏکن ۽ ڏکيائين کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪندڙ هستين جيجي بيگم زينت چنا ۽ محترم عبدالله چنا يا پنهنجي علمي ادبي رهبرن، مولانا غلام محمد گرامي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، حفيظ شيخ، محمد عثمان ڏيپلائي، رشيد ڀٽي ۽ ٻيا ڪيترا سڄڻ سڄاڳ ساٿي جن جي باري ۾ دل کولي نه اٿم. سو محترم تاج محمد ابڙي لاءِ ڪيئن لکان. جنهن سان دوستي نه هوندي به ساڻس جيڪي به ڪچهريون ٿيون انهن مان ايترو ته لاءِ پرايم جو اج تائين ائين محسوس ڪندو آهيان ته تاج محمد ابڙي جنهن جي حياتي جا ڪيترائي رخ مون ۾ سمائجي ويا آهن. سندس جيڪي جاما

يا ويس هيا مون کٽي پاتا، سندس سماج سڌارڪ يا هڪ سوشلسٽ جي حيثيت هجي يا روشن خيالي ۽ ترقي پسندي هجي يا ايڊيٽر ۽ صحافي هجڻ جي حيثيت، ڪتابن پڙهڻ جو شوق هجي يا اوطاقن تي ڪچهرين وارو رنگ هجي يا ڏک سک ۾ پائيوار هجڻ وارو شرف هجي. يا وڪالت، ماستري ۽ سرڪاري نوڪري واري ڪرت هجي. سيئي اهي ويس وڳا هيا. جيڪي مون کي نصيب ٿيا. تي سگهي ٿو سندس پورهيتي اجرن وڳن کي ڪنهن داغدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي. پر هن پنهنجي فڪر، ڏاهپ ۽ ذهني آزادي وسيلي پنهنجي دامن کي اُجرو رکيو. اهو ههڙي معاشري ۽ سماج ۾ وڏو امتحان آهي.“

اهو اسان سڀني جن بہ سندس ۽ ٻين ڪيترن مفڪرن، بزرگن ۽ نيڪ نيت هستين جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي ڪئي انهن لاءِ دامن پالهو رکڻ ڪيڏو نہ پري رهيو آهي. خاص طرح هن زماني ۽ دور ۾ جنهن ۾ اُهي قدر، محبت ۽ سڪ ئي نہ رهي آهي جن جا هو امين ۽ سنپاليندڙ هئا. جيتوڻيڪ بقول گرامي صاحب هر دور ۾ طلسمي ۽ طاغوتي قوتون يلغار ڪنديون رهيون آهن پر جن وٽ بہ انهي طلسم ۽ طاغوتي قوتن کي ٽوڙڻ جو مسمريزم هو تہ اهي ڪوڙ منافقي، شر ۽ ڏاڍ ڏمر جي طوطن جي منڊي مروڙي، مورڙي ميربحر جي پائرن جيان مانگر مڇ کي تهس نهس ڪري ان جي پيٽ مان پنهنجي ڏاهپ ۽ بهادري وسيلي ٽپندا ڪڏندا ٻاهر نڪري ايندا هئا. قدرت ۽ فطرت بہ انهن جي مدد ڪندي هئي. قدرت جا پنهنجا قائدا ۽ قانون آهن، انهن قائدن قانونن کي سمجهڻ وارن لاءِ، حق، سچ، انصاف، انساني قدرن جي پاسداري ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪونہ هو. تنهن ڪري اهڙا سچا، پڪا، بهادر، ڏاها ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا ۽ هن سرشتي جو وهنوار ڪيترن ئي ڏکيائين، مومل جهڙين ماڙين جي طلسمي ناتن، ناتڪي رنگ محلن ۾ رهندڙن جي ريب فريب هوندي بہ هلندو رهي ٿو جو مالڪ جي اهائي مرضي آهي ان لاءِ هن اهڙا ڪئين محافظ پيدا ڪيا آهن، جن طوفانن ۽ اونداهين ۾ پنهنجي خون جگر جا ڏيا ۽ مشعلون ٻاري حياتي جي ٻيڙي جو سڙهہ سنپايو آهي. حق، سچ ۽ انصاف واري واٽ ڳولي ڦولي اسان لاءِ مشعل راهہ بڻيا. ڏسو سچل ڪيئن نہ چيو آهي:

پسيو جن سبحان، وير نہ وڙهي تن سين،
توبهہ جي تاثيرسين، تري وبا طوفان،
ڏيئي توڪل ترهو آر لنگهيا آسان،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو

محترم تاج محمد ابڙو انهن مفڪر، هستين جيان هن سماج جو عام رواجي هڪ غريب خاندان جو فرد هو هو انهي وقت کان اج تائين مشعال جهليو بينو آهي انساني عظمت کي عروج تي پهچائڻ لاءِ چئي ٿو تہ هي واٽ هي پنڌ اٿو. جي جيئڻو آهي تہ هيئن جيئو جي مرڻو آهي تہ پويان پنهنجي قدمن جا ڪئين نشان ضرور ڇڏي ويڃڻا آهن. جيئن ايندڙ نسل لاءِ رهبري جو ڪم ڏين.

هن عملي ۽ مثالي طرح سان هڪ مبلغ ۽ سَنت وارو ڪم پڻ ڪيو پر هن ان جي لکا نہ ڏني. هو حياتي کي سونهن ۽ سوپيا جو ديس سمجهندو هو. ڪنهن بہ ماڻهو سان شڪايت نہ هوندي هيس، هو هر ماڻهو کي سهڻو ۽ ڏيا وارو سمجهي پيار ڪندو هو. هن کي مون ڪڏهن بہ ڪنهن سان شڪايت ڪندي نہ ڏٺو. هو پنهنجي گڻن ۽ ڏيا کان جڻ واقف ئي نہ هو. هن حياتي ائين گهاري جڻ حياتي جو بيڙو سولو ۽ سنئون هو سڙهہ بہ سنوان تہ رفتار بہ تکي ۽ تيز. ڪيئن وقت واريءَ جيان هٿن مان وهي پيو وهيو پر هن جي سچائي، ايمانداري کي ياد ڪري شيام جو هي شعر پڙهيو تہ مون کي تاج محمد سائين جيان سندس ساٿي سوپوگيانچنداڻي، رشيد ڀٽي، حفيظ شيخ، اياز قادري ۽ ٻيا ڪيترائي ياد آيا.

هي دنيا جهڙي بہ آهي.
پوءِ بہ جيئڻ جي آهي!
ڪنهن جي سار ۾ رات وهاڻي
مهڪي ويل صبح جي آهي!

نارائڻ شيام سان گڏ ئي گڏ آهي شيخ اياز تہ ڪامريڊ تاج محمد پڻ. ٻئي ذهني ۽ فڪري طرح هڪ ئي هيا. هو هڪ وائي ۾ چئي ٿو:

"اجان پوڙن هٿ،
پنهنجا نڪتا ڪين ڪي،

لڙهندا وڃن لاهہ ڪيئي يارن ست،
اڳتي اڇٽو آهہ ڇا، اها ڪنهن کي ڪٿ،
ڪيئن بہ هجي جندڙي، آهي وڏي وِٿ...

هن ڪتاب ۾ هڪ هنڌ شيخ اياز ۽ ڪامريڊ جي اٽيٽت جو واقعو بيان ڪيل آهي، جنهن بعد ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڪامريڊ تاج محمد وچي ڪيس پرچايو.

منهنجي خيال ۾ ڪامريڊ تاج محمد جڏهن سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو تہ هو دوستين ۽ ڪامريڊشپ جي بنيادي اصول تي عمل پيرا رهيو. نوڪري هن کي ڪجهہ وڌيڪ Conscious ڪري ڇڏيو هو. ڪامريڊي نظريو هجي يا سوشلسٽ، هو هڪ ڳالهہ کان چڱي پر آگاهہ هو. اها هئي انسان دوستي، جو هو پاڻ وڏو انسان دوست هو. ٻي ڳالهہ هئي بحيثيت هڪ سماج سڌارڪ جي، ڇاڪاڻ تہ هو هن معاشري جي اوٽاين ۽ بندشن کي پلي پت ڄاڻندو هو ۽ سمجهندو هو ان ڪري هن سڄي حياتي هڪ Conscious فرد طور معاشري جي عائد ڪيل بندشن خلاف جاکوڙ ڪئي. ان لاءِ هن جو بنيادي نقطو هو تہ ايماندارانہ زندگي گذارجي ۽ Person integrity يعني پهريائين پنهنجي ذاتي طور ايماندار هجڻ سان گڏ ۽ Integrity شامل عنصرن جهڙوڪ سچائي، راستبازي، سچائي ۽ سنائي کي پنهنجي جيئڻ جي ڍنگ سان شامل ڪري پاڻ کي هڪ مثال طور جڳ آڏو پيش ڪجي تہ جيئن پوءِ ٻي معاشري جون اوٽايون برايون بندشون پٽ پڌريون ٿي پونديون. پوءِ ٿي انهن سان جنگ جوتي سگهبي. سائين تاج محمد ان لاءِ پاڻ Integrity جو وڏو مثال هو. Integrity رڳو ائين نہ پر ان ۾ موجود سڀئي Integral parts جهڙوڪ سچائي، هڪڙائي، سربستائي، سمورائي، هيڪڙائي، ايمانداري، سچائي، راستبازي، سچائي، اصليت نرملتا ۽ سنائي جهڙا ڀڙا سڀ شامل هجڻ کپن. منهنجي پياري رشيد ڀٽي جي اوطاق تي منهنجيون سائس جيڪي بہ ملاقاتون ٿيون تہ هو کلي عام چوندو هو "يار سچي انساني براين جو حل، اهو آهي تہ هڪجهڙائي هجي، سچ حق لاءِ آواز بلند ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي تہ پنهنجي سچائي ۽ مقصد ڏانهن سچي هجڻ جو ثبوت ڏجي. جنهن لاءِ ڪئين ٿي سکن ذاتي مسرتن ۽ تمنائن کي مارٽو پوندو."

هن جي سڄي حياتي جاکوڙ محنت، پورهئي، سکن ۽ سهوليتن کان

عاري زندگي جيتوڻيڪ هڪ اهم ڪهاڻي آهي. ههڙي حياتي گهارڻ ۾ جڻ تہ هن کي مزو پئي آيو پر مون کيس هميشہ کلندو ۽ ٽهڪندو ڏٺو. هي سڄو سارو ڪتاب سندس حياتي جي گهاريل گهڙين جو طويل داستان آهي. هر ليکڪ جي اک پنهنجي آهي، هن مجموعي ۾ سنڌي ليکڪن جا ڪيئن ئي ستارا پنهنجي قلم جو آب وتاب ڏيکاري چمڪن ٿا. پر ساري روشني هنن هڪ ڪامريڊ تاج محمد جهڙي شمس جوالا مکي کان اڌاري وٺي پاڻ تہ چمڪيا آهن پر ان سج جي اهميت کي محسوس ڪرايو جيڪو جڻ اڄ تائين چمڪي پيو ۽ ٻري پيو. ليکڪن جا خطاب ۽ عنوان مون کي ان ڪري ڏاڍا وڻيا جو سڀ عنوان سندس خوبين، ڪردار ۽ شخصيت جو مڪمل احاطو ڪن ٿا.

محترم مونس بخاري کيس "سنڌ جو املهہ هيرو" ڪوٺيو آهي تہ محترم جمن جيساڻي کيس "پنهنجي دور جو هڪ يادگار ڪردار" قرار ڏنو آهي. محترم مير علي راهمون، "سنڌ جي امر شخصيت"، محترم يار محمد پلي "هڪ سدا بهار شخصيت"، محترم محمد ابراهيم جويو، 'منهنجو هم پيشہ، هم مشروب ۽ همراز' محترم عبدالغفور پرڳڙي، "سنڌ جي ناقابل فراموش شخصيت"، ڊاڪٽر ادل سومري کيس "فڪري راهن کي روشن ڪندڙ"، ستار پيرزادي، "سنڌ جي گهڻ رخي شخصيت" ڪري سڏيو آهي. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ "هڪ امر انسان" سڏي سندس پوري امر ڪهاڻي لکي آهي. سائين سوڀي گيانچنداڻي کيس "منهنجو ساٿي ڪامريڊ تاج محمد" ڪري سڏيو آهي. سوڀو سائين پاڻ ڪامريڊ آهي هنن لفظن سان جڻ کيس ڪامريڊي جي سند ڏني اٿائين. هونئن بہ ڪامريڊ معنيٰ ئي آهي، سنگتي ساٿي جي. ساٿي بہ اهو جيڪو دوستن عام ماڻهن ۽ پوري سماج لاءِ همدرد ۽ هڏڏوکي هجي. ڪامريڊ گهڻو تڻو ڪميونسٽن جي ساٿي يا اشتراڪي ڪميونسٽ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. پر سائين تاج محمد، اهڙو ڪامريڊ هو جنهن جو مول متوئي هو انسان دوستي. پاڻ جهڙو تهڙو ائين زماني سازي وارو دوست نہ هو. هو دوستي ۾ Intimacy گهرائپ يا ويجهڙائپ ۽ هڪ Association ڳنڍڻ واري ناتي کي ئي اهميت ڏيندو هو.

هو سڪ، قرب، محبت، همدردي، هڏڏوڪائپ جو تاڃي پيٽو ائين اڻندو هو جيئن ڪو ڪاريگر ڪوري اٽت ڪري. ههڙا نينهن نپائڻ ۽ نڀائڻ وارا ماڻهو ڪٿي؟ نور عباسي چواڻي، "ماڻهو اڄ ڪو ڪو ملندو نہ تہ پينگ ٿي

وئي آهي. دلبر ڀيو مڙني خير آ واري ڪار آهي". شاهه سائين اهڙن ڳنڍڻ وارن ماڻهن جو عاشق به رهيو آهي.

هلو هلو ڪورئين جت نپجي نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نه سکيا!

ان لاءِ ئي ته تنوير عباسي ڪيس 'روشني جو ڀريون ڪرٽو'، امان شيخ "سنڌ جو خادم"، انيس انصاري "هڪ عظيم انسان" سڏيو آهي. هن ڪتاب ۾ انهن سان گڏ ٻين سنڌي ادب جي وينجهارن ڪئين ئي هيرا لال ونڊيا آهن. سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترم رسول بخش پليجو محترم هدايت منگي، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، برڪت علي آزاد، ڊاڪٽر غلام علي سانگي، محترم غلام قادر بروهي ۽ ٻيا ڪيترا آهن. جن به ساڻس دوستي ۽ پيار جو حق ادا ڪيو آهي. سندس وصيعت وارن اکرن کي ڏسو ته هن کي دوستن تي ڪيترو نه اعتماد آهي. هن پنهنجي اولاد کي هڪ هدايت ۽ عزت سان جيئڻ جو ڍنگ ڏسيو آهي.

"منهنجا دوست ڪافي آهن، مگر هر ڪنهن کي پنهنجا مسئلا درپيش آهن. تنهن ڪري انهن کي ڪا تڪليف نه ڏيندا. البت پاڻ ۾ اختلاف يا ڪنهن منجهيل مسئلي تي سندن صلاح ضرور وٺندا، انهن جي هر وقت عزت ڪرڻ اوهان جو فرض آهي ۽ سندن اولاد سان پڻ تعلق رکڻ جي ڪوشش ضرور ڪندا. ڪانئن ڪڏهن به مالي مدد جي طلب نه ڪندا. ها، البت ضرورت وقت اخلاقي مدد ضرورت وٺندا ۽ مون کي يقين آهي ته ان ۾ هو پوئتي نه هٽندا. مون تي منهنجا محسن ۽ دوست سدائين مهربان رهيا آهن. آئون سندن شڪرگذار آهيان. "اولاد لاءِ وڏو فڪر رکندڙ اخلاقي ۽ انساني قدرن جي امين هن شخص اهو به چاهيو پي ته درس تدريس سان گڏ انهن قدرن جي منبع مان به کين روشني ملي. محترم انيس انصاري پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو. "ٻارن کي ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائيندو رهندو هيو ۽ کين قرآن مجيد پڙهڻ لاءِ جتي جتي بدلي ٿيندي هيس هڪ ملان رکي ڏيندو هين. پاڻ به مولانا تاج محمد امروٽي جو قرآن مجيد جو ترجمو ۽ بائيبل مطالعي هيٺ رکندو ايندو هو".

سندس پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ لاءِ تنوير عباسي لکيو آهي، "تاج محمد ابڙو وڪيل

هو پر وڪيل ڪان وڌيڪ دانشور، ادب، تاريخ، فلسفو سڀ پڙهندو هو. دوستن سان بحث ڪندو هيو. لڪيائين ڪونہ پر پڙهيو بہ گهڻو تہ ڪڙهيو بہ گهڻو".

اهڙي طرح ڪامريڊ سوڀي سندس علمي ۽ ادبي ڪتابن لاءِ چاهہ هيئن بيان ڪيو آهي. "تاج محمد علمي ۽ ادبي ڪتابن ڏانهن راغب ٿيو ۽ بعد ۾ ان جو اهڙو چسڪو آيس جو پنهنجي آفيس جي ڪم ۽ دوستن جي ڪچهري بعد ٿين ترجيح سندس ادبي ڪتاب هوندا هئا. جن ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو تن ۾ علمي ادبي ڪتابن جو بہ حصو هو. علم ۽ ادب جي ان شوق ڪري تاج محمد ئي لاڙڪاڻي ۾ سنڌي ادبي سنگت قائم ڪئي جن جا سرگرم ڪارڪن، جمال ابڙو هري درياني، انيس انصاري ۽ وڏيرو علي محمد عباسي هئا. هي سنگت ڪافي وقت فعال رهي". مون کيس سکر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي سالانہ ميڙن ۾ ڏٺو. هو هڪ سرگرم ڪارڪن پي لڳو پر هن ڪابہ تقرير نہ ڪئي نہ پير پڙهيو. ادبي ڪچهرين جو ڪوڏيو هو. مون کيس گهڻو ٽڻو رشيد ڀٽي جي اوطاق تي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندي ۽ ڳالهائيندي ڏٺو. سندس جاڻ ۽ حاصل ڪيل علم جي وسعت کي ڏسي حيرت ٿيندي هئي. اها بہ اهم ڳالهہ هئي تہ ايتري پڙهيل ڳڙهيل هوندي بہ هو لکي نہ سگهيو. مون لاڙڪاڻي واري اوطاق ۾ چانهہ جون سرڪيون ڀريندي کانئس اها ڳالهہ هڪ سوال جي صورت ۾ پڇي هئي. هو پهريائين چپ رهيو پوءِ اٿي بيٺو. پنهنجي سفيد پتلون کي چڪي مٿي ڪيائين، ان سان گڏ اڏ ٻانهن واري سفيد قميص کي پتلون ۾ سيٽ ڪيائين پوءِ پنهنجي وٽندڙ مک تي دلپذير مشڪ آڻيندي مون ڏي ۽ ٻين دوستن ڏانهن نهاريندي ڪجهہ هيئن چيائين.

"تہ پوءِ، تہ پوءِ چا مان اوهان جي ادبي برادري مان نڪري وڃان. پيارا حميد، دوستو مان علم ۽ ادب جو عاشق ۽ اوهان جي هراول دستي جو جهنڊو کڻي هلندڙ هڪ فرد آهيان. ادب ۽ اديبن جو فهم ۽ ادراڪ وارو پيغام پهچائيندڙ آهيان. چڏيو تہ مان زبان وسيلي مبلغي ڪيان ۽ توهان لکڻ وسيلي مبلغي ڪيو. مون کي توهان ڌار ڪري ئي نہ ٿا سگهو. جو مان اوهان جي جسم ۽ روح جو حصو آهيان".

مون يڪدم اٿي چيو

"بس سهڻا سائين بس! مون ڪڏهن اهڙي ڳالهہ نہ ڪئي آهي. تون اسان جو رڳو جهنڊي بردار نہ پر اهڙو اڳواڻ آهين، جنهن جي همٿ سان نہ رڳو لاڙڪاڻي ۾ پر ٻين شهرن ۾ بہ تنهنجي قائم ڪيل منڊيلن وڏيو مچ مچايو آهي".

مان اڄ جڏهن ماضي ۽ حال جو جائزو وٺان ٿو ته، اهڙا مقصد سان واڳيل Devoted ماڻهو ۽ اهڙا مچ ۽ منڊليون گهٽ ٿو ڏسان.

اڄ جي ادبي ميڙن مجلسن کي ڏسجي ٿو ته ائين لڳي ٿو جيئرا جسم ضرور آهن پر اهي روح ٿي ڪينهن. اهو مقصد ئي ڪونهي جنهن سان اسين واڳيل هجون.

نه سي ووڙ ۾ وڻن، ۾ نه سي ڪاتياريون
پسي بازارون، هينئڙو مون لوڻ ٿيئي

هن ڪتاب ۾ شامل لکڻيون گهڻُ ترڻُ انهن اديبن جون آهن جيڪي ڪنهن مقصد سان واڳيل هئا ۽ آهن. ڪي هي جهان ڇڏي ويا آهن. ڪي اڄ به حيات آهن ۽ اٽائي سٽائي پنڌ ڪي پيا ڏورين، پر سندن اکر اکر ۾ حق، سچ، انصاف، ايمانداري، عشق، Intergrity ۽ Coural ship جو صحيح مفهوم بيان ٿيل آهي. سنڌ اهڙن سچن، پرت وارن پرين سان پيري پئي آهي، تاج محمد اهڙي قافلي جو هڪ اهم فرد رهيو آهي.

عزيزم نادر علي ابڙي ۽ سندن ياڻرن، ورهين جا ورهيه جاکوڙ ڪري، هي مضمون لکرائي گڏ ڪري ڇپرايا آهن. ڪامريڊ تاج محمد سندن پيءُ ضرور هو پر اسان سڀني اديبن جو ساٿي، سنڌي سماج جي سڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ هڏ ڏوکي همدرد هڪ اهڙو انسان هو جيڪو يقينن فرشته خصلت هوندي به فرشتو نه هو. جو هن کي مسئلن جي حل ڪرڻ جي طاقت يا Authority ڪين هئي. هو رڳو هن ناانصافي واري جهريل سماج جو جهوريل پر مردم شناس انسان دوست فرد هو. انهي سماج اندر ٿيندڙ اٽبرابرين زور زبردستين، ناحق، ناانصافين جي مسلسل جلهن ڪري، سندس بيڙي جا سڙهه گهڻي دير سٽ نه جهلي سگهيا. جهريل دل سگهو ئي ڏري پئي ۽ هو اسان کان ڏار ٿي ويو. اهڙن ساٿين ۽ مسافرن لاءِ مون ڪنهن هنڌ پڙهيو هو. ”جڻ ته هو هاڻ هٽ وينو هو. ۽ گهڙي پل لاءِ ڪاڏي اٿي ويو آهي“.

⁂

## رشيد موتي آءُ

چوندا آهن تہ ماڻهوءَ جي ڪا سڃاڻ نہ هوندي آهي، ماڻهو ماڻهن جهڙو هوندو آهي.

رشيد منهنجو دوست، منهنجو ياءُ، منهنجو سڄڻ، منهنجو پرين، ماڻهن جهڙو ماڻهو نہ هو شايد ڪا ان کان مٿانهين مخلوق هو جو سندس خاص سڃاڻپ ضرور هئي. اها سڃاڻپ، هن منافقي ۽ بي بقا دور ۾ ضرور ڪري سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ سندس بي انتها خلوص ۽ پيار سچائي ۽ ايمانداري بيشڪ اڻ لڀ هئي. ان جو وجود جي آفاقي نہ هو تہ زميني بہ نہ هو ڇاڪاڻ تہ هن جي وجود ۾ اهو هڳاءُ ۽ خوشبو هئي جا هن دنيا ۾ مون تہ اڃا نہ ڏٺي آهي.

ٻري بت ۽ هلڪن ٽهڪڙن وارو رشيد، هن دنيا ۾ نہ هوندي بہ منهنجي لاءِ ضرور موجود آهي، ڇاڪاڻ تہ مون سندس وجود ڪڏهن بہ الڳ محسوس نہ ڪيو هو.

رشيد سان منهنجي ملاقات جڏهن پهريون دفعو ٿي تہ الائجي ڇو مون کي ائين لڳو تہ هن سان ڪا ابدي ۽ ازلي ملاقات ٿيل آهي، ڇو جو هو مون کي اوپرو نہ لڳو. مون هن کي پنهنجي استاد جي روپ ۾ ڏٺو پنهنجي رهبر جي شڪل ۾ ۽ پنهنجي مني دوست ۽ ياءُ جي صورت ۾ هينئين سان لڳائي رکيو. مان رشيد کي شايد ڪڏهن بہ وساري نہ سگهان جو سنڌ، سنڌي ادب ۽ سنڌيت سان سڃاڻپ منهنجي رشيد ڪرائي. هن مون کي ٿورين ئي ملاقاتن ۾ اهڙي عشق سان پيچ پلئہ پارايو جو اڄ بہ اسين انهيءَ عشق ۾ مست و مست مدام ٿيو گهمندا وتون.

رشيد انهيءَ مستي جي عالم مان پاڻ ڇڏائي ويو پر مون کي هڪ نئين جهوري بہ ڏئي ويو جا جهوري فراق جي جهوري هوندي آهي.

رشيد جو مطالع تمام گهڻو ۽ گهرو هو ان ڪري هو هر گڏجاڻيءَ ۾ سنڌ، ان جي ثقافت ۽ بيوسي بيان ڪري سگهندو هو. منجهس اها بہ خوبي

هئي جو هو سنڌ جي هر روايت جو پارکو هو. پوءِ اهو ثقافتي دور هجي يا قديمي اروڙ ۽ موهن جي دڙي جو دور، سندس وارثي هر طرح قائم هئي. سندس جسم هر راڳ کان آشنا هو صرف تند تي هٿ رکڻ جي دير هوندي هئي ۽ رشيد سڄو وڄندو هو.

سندس واڃٽ اسان جي ڪنن ۾ تہ ٻرن ٿا، ڪتابن جا ورق ڪارا تہ ٿيل آهن، پر ڪي ڪن اهڙا بہ آهن جو انهن واڃٽن جي ورتاءَ کان اڃان بہ وانجهيل آهن.

سندس قلم جي طاقت دوستن کي سندس عاشق بڻايو ۽ دشمن کي دوست بڻايو ۽ مخالفن جي زبان تي تالا هڻي ڇڏيا.

رشيد جو رويو هڪ صابرين ولي ۽ بزرگ جيان هر ماڻهوءَ کي سندس عقيدتممند بنائيندو رهيو.

سندس موت تي سکر تہ رنو پر سنڌ سڄي روئي پئي هئي، ڇو جو مون جڏهن سکر ۾ سندس تدفين جي موقعي تي جيڪو نظارو ڏٺو هو اهو ئي نظارو مون کي سندس تعزيتي گڏجاڻين ۾ نظر آيو.

اديبن، ادب نواز دوستن، ساٿين ۽ ساٿياڻين گڏجي ڳوڙها ڳاڙيا، پر رشيد ڪو نہ موٽيو.

رشيد بيشڪ مون ۾ آهي، پر مان جيڪو رشيد ۾ هوس، تنهن ڪري ورجائي چوان ٿو تہ رشيد موٽي آءُ، رشيد موٽي آءُ!

پيدائش 20 آگسٽ 1933، وفات 16 فيبروري 1988

*

# سرڪي ـ ادب جو مينار

## شخصيت: نورالدين سرڪي

سنڌ جي سرزمين عجيب آهي!... هتي سَر نِسريا ئي نہ آهن تہ ماڻهن جي پوک مالڪ لُٽڻ شروع ڪئي. هيل چيٽ ڪتي هڪ ڪري ڇڏيائين. منهنجو پاڙيجو عامر عزيز عمر ڪا 38ـ39 سال ڪمپيوٽر جو استاد ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق. شاعريءَ سان بہ شغف ـ نہ ٻُڌايائين. نہ وري سندس امڙ چواڻي تہ ساڻس بہ ڪي ويهي احوال ڪيائين. (هاڻ ايڊمنسٽريٽو هاسٽلز) ڏينهن رات رُڌل رهيو ۽ هڪ ڏينهن الله توهار ڪٽي ڪيائين. پويان معصومڙا ٽي ٻار ماءُ ۽ گهر واري ڇڏي روانو ٿي ويو! مان تہ عامر جو ڄمر سنڀيران، منهنجن هٿن ۾ وڏو ٿيو. علم جوشوق اِهو جو ٻڌن کن تہ ڏگريون هيس. مون کي صدمو اهڙو آيو جو جيڪا شيءِ ڪٽان سا هٿ مان ڇڏائجي وڃي! هٿ اجا پيا ڏڪن، ڳالهائڻ ڇڄرجي وڃي! هوڏانهن ماڻهن جي پوک وڃي لُٽبي. سرڪي سنڌ جو هڪ بهادر پڪو پختو ماڻهو لُٽجڻ جهڙو تہ هوئي ڪونہ. رشيد ڀٽي وارن جي فڪري قبيلي جو ماڻهو جيئن رشيد ڀيري سان ملڪ الموت کي اڳونو ڏئي ڀڄي ايندو هو. نورالدين سڄو ڏينهن کلڻ وارو ماڻهو ٿي سگهي تو ملائڪ ايندا هجنس ۽ هيءُ کين کلندي ٽاري ڇڏيندو هجي، يا اسان يارن جي ڪچهريءَ ۾ ويهي گهرمتي ڏئي ايندو هجي. "يار حميد! ڪاٿي آن، ويهہ يلا، لنچ ۾ ڇا هلندو ـ برياني يا چڪن بروسٽ، يلا ڪٽي چڪن روسٽ ٿا کائون." نورالدين جي آڏرياءُ اها ٿي ۽ پوءِ آرڊر موڪلي ڏيندو. هاڻ هلندي ڪچهري، ڪيترائي سندس چاهيندڙ ۽ ڪتابن جا عاشق سندس علم جي بحر مان نُڪتا چڳڻ لاءِ حيران پريشان وينا هوندا هئا. ڪيس ۽ مون کي پريشان ڪرڻ لاءِ هوندو هو اسان جو يار "سليم ٻوڙو"، اسان جون رڙيون، پر نورالدين سڪون سان ڳالهائيندو ۽ چوندو "هيءُ سمجهڻ واري ڳالهہ پاڻهي ٻڌندؤ ۽ سمجهندؤ ٻي ڳالهہ کي ٻرت بہ نہ ڪندو." پوءِ وڏا ٺهڪ ڏئي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندو ويندو. "يلا حيدرآباد

جي ڏي خبر...“ مون سان مخاطب ٿيندو. ائين ڪئين ڳالهيون ڇُرنديون وبنديون. هيءُ آهي ڪامريڊ نورالدين سرڪي، ؟ ويٺل علم ۽ ادب جي ديس شڪارپور جو. سندس گهرواري شمس صديقي بہ شڪارپور جي صديقي خاندان جو هڪ وڏو حصو هئي. ٻئي گڏيا تہ ٻوليءَ ۽ علم ادب جو جبل ٻڻجي پيا. منهنجي آڏو اهو نظاروتو اچي، جڏهن ٻئي پهرين ”جشن روح رهاڻ“ ۾ شرڪت ٿيڻ لاءِ ڪراچيءَ کان اچي سهڙيا. هاڻ شمس اسٽيج تي افساني جي نشست جي صدر طور ويٺي ۽ صدارتي ٻول ٻوليائين تہ محفل گل و گلزار ٿي پيئي. هوڏانهن نورالدين ويچارو پنهنجي ننڍڙي ڪي ڪنيو پيو هال ۾ ڦري. سندس ڪن ۾ من محفل ۾ هجي. وري جو محفل ۾ اياز آيو تہ ننڍڙي سندس هنج ۾ سمهي پيئي، پر ٻنهي اياز کي ويٺي ٻڌو. ”هيءُ سئن نہ ڏيندي چين...“ سرڪي قديم جُڳ کان سنڌي ٻولي ۽ ادب سان پاڻ کي سلهاڙيل رکيو. سنڌي ادبي سنگت جي انهن بنياد وجهندڙن مان هڪ هيو جن ادب لاءِ پاڻ موکيو. تازو جڏهن سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد شاخ وارن ڪيس پيتا ڏيڻ لاءِ چئن پنجن جڻن جي ميڙ ۾ عقيدت جا گل آڇيا تہ سنگت جا اصل در نسل ڪيترا پراڻا اسان پارا ميمبر ۽ ڪجھ ٻيا ويجهوئي وينا هئاسين. انهن کي سڏڻ کان لاچار ٿي ويل هيءُ ڪجھ دوست ۽ سندن ميڙ ڪيڏو نہ ڏوُر ٻئي پانيم. انهن سڏڻ کان پري ڪري ڇڏيو. سنگت جو اهو تعزيتي ميڙ ڪيڏو نہ اوپرو هوا اسان ”بزمِ روح رهاڻ“ جو تعزيتي ميڙ ڪري ڇڏيو.

ادا نورالدين! تون اسان کان ڏور ناهين. مان تنهنجي تعزيت تي نہ اچي سگهيس، جو منهنجي گهر ۾ پنهنجي سڳي پاٽيجي جي ميت کي ڪاڌي ڪيون ها. شهاب!... ادي شمس!... اسين ڪيئن ٿا پنهنجي نورالدين کي وساري سگهون. نورالدين علم و ادب ۽ ڪتابن جو مينار! ڪيس خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هڪ ڪتاب ڪيڻ (هڪ اعلان) ڪافي نہ آهي. پر ڪوڙ ڪتاب بہ ٿورا هوندا. نورالدين جي ياد ۾ ڪيترائي ميڙ ڪونائجن تہ بہ ٿورا آهن. رڳو اُهي خلوص دل سان هجن.

*

# رسالو

# ”روح رهاڻ“



# حميد سنڌيءَ جي رسالي
# ”روح رهاڻ“ جي حوالي سان

بدر اُجڻ

**تعارف:**

(الف) پرڏيهي ادب ۾ ”روح رهاڻ“ (ب) ”روح رهاڻ“ ۾ عورتون (ت) ۽ وساريل خاندان ۾ ”روح رهاڻ“

**جدت ۽ روايت**

ادبي انعام

**”روح رهاڻ“ جو ادبي مواد**

”روح رهاڻ“ ۾ نثري ادب. (الف) روح رهاڻ جا ايڊيٽوريل. (ب) روح رهاڻ جو افسانوي ادب (ت) روح رهاڻ جا مضمون. (ث) روح رهاڻ ۾ تنقيدي ادب. (ج) روح رهاڻ جا مستقل ڪالم. (ح) روح رهاڻ ۾ ادبي سرگرميون.

**”روح رهاڻ“ ۾ شاعري**

شيخ اياز تنوير عباسي، امداد حسيني، نارائڻ شيام، نياز همايوني، استاد بخاري، شمشير الحيدري.

**ڪجهه انوکي شاعري**

**مکيه مضمون**

بيت، وائي، ڪافي، گيت، قطعو نظم، غزل، رباعي، ترائيل، هائيڪو.

**تعارف:** تحقيق ڪي گورک ڌنڌو شايد ان ڪري چيو ويندو آهي، تہ ان ۾ اهو ۾ اهڙو مواد بہ ڏسڻو پوي ٿو جيڪو ڪن سببن ڪري دؤر جي نظرن کان اوجهل ٿي ويندو آهي. سنڌي رسالن جي اجرا ڪي اچي صدي ٿي آهي. انهيءَ عرصي دؤران الائي ڪيترا رسالا نڪتا. جن مان چند نالا اسان جي ادبي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ آهن. هر ڪنهن ادبي رسالي جو پنهنجو دؤر رهيو. اهو رسالو پنهنجي دؤر جي حوالي سان ۾ اهو ادبي دور انهيءَ رسالي جي

حوالي سان ڇاتو سڃاتو وڃي ٿو. مثال طور: ”سناتن ڌرم پرچارڪ پتر“، ”آشا“ ۽ ”سندر ساهتيه“ جا دؤر ”ترقي“، ”ڪاميابي“ ۽ ”توحيد“ رسالن جا دؤر ”سنڌو“، ”مهراڻ“ ۽ ”نئين زندگي“ جا دؤر ”ڳوٺ سڌارا“، ”مارئي“ ۽ ”اديون“ جو دؤر وغيره. حميد سنڌي جي ”روح رهاڻ“ کي پڻ اسان جي ادبي تاريخ ۾ منفرد مقام حاصل آهي. هيءُ رسالو پنهنجي دؤر جي ڪهاڻي ۽ ڪهاڻي جي ادبي خواهه قلمي تصوير هو. هن رسالي کان اڳ انهيءَ نالي وارو رسالو ورهاڱي کان اڳ ٿياسافيءَ جي آرگن طور وڏو عرصو اسان جي ادبي دنيا ۾ فعال رهيو. ليڪن انهيءَ جي پڙهندڙن جو طبقو محدود هو. ان جي برعڪس حميد سنڌيءَ جو ”روح رهاڻ“ هڪ ادبي تحريڪ تي اپريو جنهن نه فقط ادبي اوسر ۾ بلڪ ذهني، فڪري ۽ نظرياتي تبديليءَ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو.

مون جڏهن سنڌيءَ ۾ ”تنقيدي ادب“ جي تلاش ۾ هن رسالي جا ورق ورائڻ شروع ڪيا ته ان لاءِ مون کي مختصر نوٽ وٺڻا پيا، جن کي هتي ترتيب وار رکي ”روح رهاڻ“ جي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب لاءِ ڪيل خدمتن تي روشني وجهجي ٿي.

”ون مين شو“ مصداق جيان هن رسالي کي جيڪڏهن حميد سنڌي جي ذاتي ڪوشش جو نتيجو چئجي ته ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو پر انهيءَ سفر دؤران ڪيس ادبي دنيا جي پنجن شهزادن جو تعاون پڻ رهيو. جن مختلف وقتن تي اسسٽنٽ ايڊيٽرن، معاونين يا ساٿين طور ساڻس سهڪار ڪيو. اهي قلم ڌڻي آهن، غياث جوڻيجو ناصر مورائي، اشفاق قاضي، خواجا سليم احمد ۽ امداد حسيني.

انهيءَ ذاتي واڳي انتظامي سهڪار کان سواءِ حميد سنڌي کي ڪيترن قلم ڌڻين ۽ ڌياڻين جو علمي ۽ قلمي تعاون مليو. جن جو ذڪر مختلف هنڌن تي ڪيو ويندو. انهيءَ سلسلي جا تي زاويا هتي روشن ڪرڻ ضروري لڳن ٿا.

## (الف) پرڏيهي اديب ۽ روح رهاڻ:

روح رهاڻ مختصر وقت ۾ جيڪا شهرت ماڻي انهيءَ جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ کانسواءِ هند جي مشهور ليکڪن ۽ ليکڪائن هن رسالي سان قلمي سهڪار شروع ڪيو. منگهارام ملڪاڻي، گنگارام سمرات. نارائڻ شيام ۽ اتم جهڙن اهم قلمڪارن کانسواءِ بين ڪيترن ليکڪن ۽ شاعرن ”روح رهاڻ کي پنهنجو رسالو سمجهي ساٿ ڏنو.

سنڌ کان ٻاهر رهندڙ ٻاقي جن ليکڪن ۽ ليکڪائن جو ادبي مواد هن رسالي ۾ شايع ٿيو انهن مان تارا مير چنداڻي، ڪلاپرڪاش، ڊاڪٽر ايم- آر-

مائيدساڻي، ڀڳوان ٿلواڻي، منو تولارام گدواڻي، ڪرشن ڪتواڻي، چترناڪرداس، واسديو نرمل، ٽيڪچند مست، ارجن سڪايل، هريڪانت، ايم. ڪمل، ارجن حاسد، ننڌجويري، پهلاج ديپ ۽ هوندراج دکايل جا نالا ذڪر لائق آهن. انهن ليکڪن خط، ڪهاڻي، مضمون ۽ شاعري جي صنفن ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريا.

هند جي ليکڪن سنڌي ادب کي هن- سنڌ يا هندو مسلمان جي بنياد تي ورهائڻ بدران ادب ۽ ٻوليءَ کي اڪائي تصور ڪري انهيءَ مطابق قلم کنيو. اهو ئي سبب آهي جو سيپٽمبر 1968ع واري "روح رهاڻ" ۾ مشهور قلم ڌڻيءَ منگهارام ملڪاڻي جو خط شايع ٿيو. جنهن ۾ هن سال 1967ع واري ادبي اوسر تي نظر وڌي آهي ۽ جتي "روح رهاڻ" جو ذڪر ڪيو اٿس، اتي "مهراڻ" ۽ هندستان مان شايع ٿيندڙ ٻين رسالن کي به نظرانداز نه ڪيو اٿس، سندس لکڻي مطابق انهيءَ سال جو بهترين افسانوي ادب "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿيو.

هند جي ليکڪن جيڪو نثري ادب "روح رهاڻ" جي معرفت سنڌ ۽ سنڌين کي ارپيو، ان جا مثال ڏيڻ ممڪن نه آهن. البت، ڪن شاعرن جي ڪلام مان اقتباس ضرور ڏئي سگهجن ٿا.

منوتولارام گدواڻي. جنهن "روح رهاڻ" لاءِ ڪهاڻيون پڻ لکيون، سو شاعر جي حيثيت ۾ اسان جي اڳيان هيئن اچي ٿو.

هلي اٿي هيءَ سنڌو ڌارا، سنڌ سنڌ جي سنڌن تان،
وهندي وڃي ڪلڪل ڪندي، ميان پهاڙن پنڌن تان.

(روح رهاڻ- فيبروري 1968ع)

روح رهاڻ جي جنوري 1967ع واري پرچي ۾ گوورڌن محبوباڻي اسان کي هن ريت گيت ٻڌائي ٿو:

وقت، ڪنجوس، منحوس واٽيو بڻي،
زندگيءَ جون گهڙيون ٿو ڳڻيندو رهي،
عُمر، گويا اسان کي مليل قرض آ،
آدمي غم سهي، وياج ۾ ٿو وهي،
مرڪندي، مرڪندي مور موٽاءِ تون،
ساز ڪڻ او سجڻ، ڳاءِ تون ڳاءِ تون.

اهڙيءَ ريت جولاءِ 1966ع ۾ ارجن حاسد هن ريت پنهنجيون ڳالهڙين ڪري ٿو:

ڪجي جي توڏي نظر وبئي پيي،
تنهنجي قدمن ۾ جهڪائي ڇڏبي،
آشڪ جيئن اک ۾ رهي ٿو حاسد.
ساهه ۾ سڪ ايئن سمائي ڇڏبي.

آگسٽ 1966ع ۾ نارائڻ شيام هن ريت پنهنجي شاعراڻي ذات پکيڙي ٿو:

ڪو نه ڪنارن جو ويساهه.
پائيندو پيي آ درياهه.

—

هر هر هيئن اپ ڏانهن نگاهه.
هاءِ منيءَ دل جو ويساهه.

—

ڳائجي اڄ موهن جو دڙو
ڪلهه ٿي هئي، تهذيب تباهه

**(ب) روح رهاڻ ۽ عورتون:**

حميد سنڌي پنهنجي رسالي "روح رهاڻ" کي فقط مردن جي لاءِ وقف نه ڪيو ليڪن عورت اڌ ڪائنات کي پڻ ان ۾ برابر جو حصو ڏنو. اهو ئي سبب آهي جو "روح رهاڻ" جي ورقن ۾ بيگم زينت چنا، زرينه بلوچ، مس- ايم تبسم، نجمه شيخ، رشيده، فريده جوڻيجو عطيه جوڻيجو تارا مير چنداڻي، ڪلاپرڪاش، نسيم ٿيٻو شمس النساءِ، مس ارشاد ايم- سومرو نسيم ڪوثر، مس نصرت چنا، پوپٽي هيرا نندڻاڻي ۽ اقبال پروين سومرو جن جا نالا ذڪر لائق آهن. انهن ليکڪائن خاص طور تي ڪهاڻي ڪيتر ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ انهن مان ٽن ليکڪائن، مس اقبال پروين سومرو نسيم ڪوثر ۽ ايس تبسيم پنهنجي لکڻين تي "مارئي انعام" به حاصل ڪيو. ليکڪائن جي انهيءَ لسٽ ۾ اڄ به سنڌي ادب جي مشهور قلم ڌڻين جا نالا به موجود آهن. باقي ڪي چند نالا آهن. جيڪي ادبي آسمان تي ڪنهن به ستاري وانگر چمڪندي محسوس نه ٿا ٿين.

## (ت) ٻه وساريل خاندان ۽ ”روح رهاڻ“:

حالتن جي ستم ظريفي اڪثر ڪري ڏر ٻڌجي، ڪيترن پرخلوص ماڻهن کي مٽي ٻٽائي ڇڏينديي آهي، تان جو وقت گذرڻ ڪانپوءِ انهن کي ڪنهن پارڪوءَ ڪانسواءِ ڪوئي سڃاڻي نه سگهندو آهي. ”روح رهاڻ“ سان پڻ شروع کان وٺي آخر تائين ٻه خاندان لاڳاپيل رهيا، پر اسان سنڌ واسين اڄ انهن کي وساري ڇڏيو آهي. اهي آهن عبدالله چنا ۽ بيگم زينت چنا ۽ ٻيو ع-ق- شيخ ۽ سندس نياڻيون جهڙوڪ: پروفيسر نجمه شيخ وغيره.

عبدالله چنا ۽ بيگم زينت چنا ”روح رهاڻ“ سان سهڻو ساٿ نڀايو. بيگم زينت چنا ”روح رهاڻ“ جي هڪڙي جشن جو افتتاح ڪيو ۽ عبدالله چنا هن رسالي لاءِ مضمون ۽ ڪهاڻيون لکڻ ڪانسواءِ رسالي جي ليکڪن لاءِ ”اياز ادبي انعام“ ۽ ”ماروي ادبي انعام“ جا سلسلا شروع ڪيا. ٽيڻ ته ايئن گهربو هو ته انهيءَ خاندان جي ادبي خدمتن تي ڪو هڪ اڌ پي-ايچ-ڊي جو مقالو لکيو وڃي ها، پر اسان پنهنجي محسنن ۽ پرخلوص انسانن کي ياد ڪرڻ بدران وسارڻ سکيا آهيون.

ع-ق- شيخ ۽ سندس خاندان جي خلوص ۽ قلمي پورهئي کان ڪير واقف ناهي، پر اهو خاندان به اسان جي توجه کان اوجهل ٿي چڪو آهي.

انهن ٻنهي خاندانن ”روح رهاڻ“ سان جيڪو ساٿ نڀايو ان جي جهلڪ هنن ئي ورقن ۾ نظر ايندي، ان ڪري اسان هتي انهيءَ مواد ۽ معلومات کي نه ٿا ورجايون.

## اڃا هڪ وساريل شخص:

مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي خاندانن کان علاوه اسان هڪ تمام وڏي شخص کي وساري ويٺا آهيون. جيڪو آهي ”رشيد ڀٽي.“ شايد اها سکر واسين جي بدنصيبي آهي، جيڪي اسان کان تڪڙو وسري وڃن ٿا. مولائي شيدائيءَ موت کي لبيڪ چيو ته اسان ڪائنس منهن مٽي ويناسين. شيخ عبدالرزاق ”راز“ جو به اسان اهڙو ئي حشر ڪيو. هن ويچاري جو لاڳاپو ساڃيءَ ڏر سان هيو ۽ سندس موت ڪانپوءِ ڪيس پنهنجي ڏڙي به ياد نه ڪيو. ليڪن ”رشيد ڀٽي“ پنهنجي ادبي وارثن وارو شخص هو. فقط ورسين ملهائڻ سان هن جي روح کي سڪون نه ٿو ڏئي سگهجي، پر جيڪو سندس ادبي مقام هو انهيءَ جي نشاندهي ٿيڻ گهرجي. رشيد ڀٽيءَ نثر نويس جي حيثيت ۾ ”روح رهاڻ“ سان

تعاون ڪيو. طنز و مزاج جي هن بادشاهہ ليڪڪ جون لکڻيون بلاشبہ ”روح رهاڻ“ جو اثاثو هيون. انهيءَ رسالي ۾ مرحوم رشيد ڀٽيءَ جي طنز و مزاج ”جديد سنڌي ادبي لغات“ جي سري هيٺ قسط وار سلسلو شايع ٿيو سندس رنگ، ڍنگ ۽ انداز اوهان بہ ملاحظہ فرمايو:

پانڪ: ادبي دنيا جي اقليت

پاس خاطري: هڪ بيو تنقيدي اصول.

پرهہ ڦٽي: شاعرن جو اڻ ڏٺل وقت.

پيوندي: تحقيقي مقالو جنهن کي ادبي چوري چوڻ بعيد از اخلاق آهي.

جاگيردار: سنڌ جو مظلوم ۽ پاڪ طبقو جنهن تي قلم کڻڻ نقادن کي ناگوار لڳندو آهي.

جمال گهوٽو: نقادن لاءِ ترقي پسند ادب.

جنسيات: مخنس نقادن جي چڙ.

جيون چرتر: ٻئي جي نالي ۾ پنهنجي ساراهہ ڪرڻ.

ڄٽ: اڳ ڪٺو ۽ مَار هاڻي ادب جو معمار

(روح رهاڻ۔ جنوري 1965ع).

**جدت ۽ روايت:**

”روح رهاڻ“ ڪيترن ئي ادبي روايتن کي قائم رکيو ۽ قلمي دنيا ۾ ”جدت“ جو جادو پڻ جاڳايو. ورهاڱيءَ کان اڳ ادبي رسالن جي پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪرڻ جا نت نوان طريقا ڳولهي ڪڍيا. انهن مان هڪڙو طريقو هي هو تہ ”مستقل خريدار“ کي سال جي پڄاڻي تي ڪو هڪ ڪتاب تحفي طور ڏنو ويندو هو اهڙيءَ ريت ڪن رسالن ۾ ذهني علمي جاڻ جي آڌار تي انعام پڻ ڏنا ويندا هئا. ليڪن ”روح رهاڻ“ انهيءَ روايت کي قائم ڪندي هيءَ جدت پيدا ڪئي ليکڪن ۽ ليکڪائن کي ادبي انعام ڏيڻ شروع ڪيا.

**ادبي انعام:**

1965ع ۾ جشنِ روح رهاڻ جي موقعي تي عبدالله چنا ادب جي روشن لاٽن کي محسوس ڪندي سئو سئو رپين جا ”اياز ادبي انعام“ ۽ ”مارئي ادبي انعام“ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ”مارئي ادبي انعام“ فقط ليکڪائن لاءِ ۽ ”اياز ادبي انعام“ ليکڪن لاءِ مخصوص هو. ”مارئي ادبي انعام“ لاءِ بيگم زينت چنا، جمال ابڙي ۽ فتاح ملڪ کي جج بڻايو ويو جڏهن تہ ”اياز ادبي

انعام“ لاءِ محمد ابراهيم جويو غلام محمد گرامي ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي کي مقرر ڪيو ويو. انعام کٽندڙن جا تفصيل هن ريت آهن:

### (الف) مارئي انعام:

(1) **پهريون انعام:** چاليهہ رپيا، مس اقبال پروين سومرو کي سندس افساني ”حادثي کان اڳ“ تي ڏنو ويو جيڪو ”روح رهاڻ“ جي آگسٽ 1965ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

(2) **ٻيو انعام:** نسيم ڪوثر کي ٽيهہ رپين جو ڏنو ويو جنهن افساني تي انعام کٽيو اهو هيو ”شيما“ جيڪو ”روح رهاڻ“ جي مارچ 1966ع واري پرچي ۾ ڇپيو.

(3) **ٽيو انعام:** مس ايس تبسم کي سندس افساني ”معصوم ڏوهاري“ تي ڏنو ويو. ويهہ روپين جو انعام کٽندڙ هي افسانو ”روح رهاڻ“ جي مارچ 1966ع واري پرچي ۾ ڇپيو.

### (ب) اياز ادبي انعام:

(1) ٽيهہ روپين جو پهريون انعام سراج ميمڻ کي سندس افساني ”موکي ۽ متارا“ تي ڏنو ويو جيڪو روح رهاڻ جي آگسٽ 1965ع واري پرچي ۾ ڇپيو.

(2) ٻيو انعام: امر جليل کي سندس افساني ”اروڙ جو مست“ تي ڏنو ويو ٽيهہ روپين وارو هي انعام افسانو ”روح رهاڻ“ جي اپريل 1965ع ۾ ڇپيو.

(3) ٽيون انعام نسيم کرل کي سندس افساني ”گٽس“ تي ڏنو ويو جيڪو ”روح رهاڻ“ جي سيپٽمبر 1965ع واري پرچي ۾ ڇپيو هو.

### (ت) مارئي انعام (شاعري):

هيءُ انعام زينت بلوچ کي ڏنو ويو.

### (ث) اياز ادبي انعام (شاعري):

پهريون انعام امداد حسينءَ کي ٻيو انعام شمشير الحيدريءَ کي ۽ ٽيو انعام فتاح ملڪ کي ڏنو ويو.

### روح رهاڻ جو ادبي مواد:

”روح رهاڻ“ رسالي ۾ جيڪو ادبي مواد شايع ٿيو ان کي ”نثر“ ۽ ”نظم“ جي حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مناسب ائين ٿيندو تہ هر ڪنهن حصي جو ٿورو ٿورو ذڪر الڳ ڪجي.

## روح رهاڻ ۾ نثري ادب:

روح رهاڻ ۾ شايع ٿيل نثري مواد کي ڪيترن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو جهڙوڪ: اداريا، مضمون، افسانا، خط، تقريرون ۽ ادبي سرگرمين بابت رپورٽون وغيره. مناسب ائين ٿيندو ته مکيه صنفن کي ڌيان ۾ رکي ”روح رهاڻ“ جي خدمتن ۽ ڪارنامن جي ڪٿ بيان ڪئي وڃي.

### (الف) ”روح رهاڻ“ جا ايڊيٽوريل:

”روح رهاڻ“ ۾ شايع ٿيل ايڊيٽوريل کي موضوع ۽ مضمون جي حساب سان اسان چئن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا، هڪڙا اهي اداريا آهن، جيڪي ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن ۽ ليکڪن جي وفات تي لکيا ويا آهن، جهڙوڪ: ٽي-ايس- ايليٽ، احسان بدوي، عطا حسين شاهه موسوي ۽ يار محمد مسلم ٽانوريءَ جي وفات تي لکيل اداريا.

حميد سنڌيءَ اهي اداريا ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت لکيا آهن، انهيءَ جو مثال ڏيڻ لاءِ جولاءِ 1966ع ۾ سيد عطا حسين شاهه موسوي جي وفات تي لکيل ايڊيٽوريل مان اقتباس ڏجي ٿو: ـ

”اڄ جي سائين عطا حسين موسويءَ جي پڇار پچارجي ٿي ته آڏو اهڙا رخ رهبري ڪن ٿا، جو مُنهن جي ماٺ بہ گهڻو چيو ڏئي، زبان سان ڪڇڻ جي حاجت نہ ٿي رهي، ادب جي هن اڻ کٽ وڇايل پٽ تي سنڌس ڪارائتن وکن جا ڪئين نشان آهن، پر جي سنڌس زندگيءَ جي بند ٿيل طاقن مان جهاتيون پائبيون تہ ات ڪيئي نيڪين جا انبار هر مسئلي جي لاءِ جفاڪشي، هر ميدان ۾ سندس عملي ڪارڪردگي جا روشن مثال نظر ايندا.“ (ص-1)

ادارين جو ٻيو قسم سنڌي، علمي، ادبي، ثقافتي ۽ قومي مسئلن تي روشني وجهي ٿو. مثال طور: مارچ 1967ع ۾ ”اسان جي ماءُ مونجهاري ۾“ جي عنوان سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي صورت حال تي اداريو لکيو ويو جنهن مان اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

”اسان جي ماءُ، سنڌ يونيورسٽي اڄ وري هڪ انقلابي دور مان گذري رهي آهي. ان جون پٽيون تاريخ جي لفظن لاءِ آيتون آهن. شاگرد هڪ وڏو مونجهارو ڪٽي سلجهائڻ وينا آهن ۽ جنهن ڳالهه کي هنن اڄ محسوس ڪيو آهي، اها ڳالهه يارنهن سال اڳ محسوس ڪرڻ کپي ها، پر اڄ شاگردن محترم حسن علي عبدالرحمان وائيس چانسلر کان زوريءَ استعيفا وٺڻ تي جيڪو احتجاج ڪيو آهي، اهو سنڌ جي زمين جو آواز آهي.“

ادارين جو ٽيون قسم رسالي ۾ شايع ٿيندڙ مواد ۽ ان سان لاڳاپيل سرگرمين تي ٻڌل آهي. رسالي جي هر ڪنهن پرچي ۾ اداري کي ٻن حصن ۾ ورهائي "سب ٽاپڪ" ڏئي، شايع ٿيندڙ مواد جو تعارف ڏنو ويندو هو.

"روح رهاڻ" جي ايڊيٽوريلس جو چوٿون قسم روح رهاڻ جي حوالي سان ٿيندڙ سرگرمين بابت آهي. هن قسم پٽاندڙ اهڙو مواد ڏنو ويندو هو جنهن ۾ خاص طور تي "جشنِ روح رهاڻ" بابت معلومات فراهم ڪئي ويندي هئي. مئي 1965ع، اپريل ۽ مئي 1966ع، اپريل 1968ع ۾ اهڙا اداريا ڏنا ويا آهن.

رسالي ۾ شايع ٿيندڙ ڪن مکيہ ادارين جو وچوڙ هيٺ ڏجي ٿو:

| | |
|---|---|
| - "تو در پٽ ڏٺي" | جولاءِ 1963ع |
| - "ماضي، حال، مستقبل" | آگسٽ 1963ع |
| - "ليڪڪ ۽ گلدٻ" | سيپٽمبر 1963ع |
| - "اميد ۽ خوف" | آڪٽوبر 1963ع |
| - "رهاڻ" | نومبر 1963ع |
| - "اسان جي تهذيب" | ڊسمبر 1963ع |
| - "ٽي- ايس-ايليٽ" | ڊسمبر 1963ع |
| - "گذريل سال" | مارچ 1965ع |
| - "رهاڻ" | اپريل 1965ع |
| - "رهاڻ" (جشنِ روح رهاڻ بابت) | مئي 1965ع |
| - "رهاڻ" (شيخ اياز پابندي بابت) | جون 1965ع |
| - "نذرِ لطيف" | جولاءِ 1965ع |
| - "رهاڻ" (سنڌي ادبي بورڊ بابت) | ڊسمبر 1965ع |
| - "رهاڻ" | نومبر 1965ع |
| - "رت جون ڪٽيون" | ڊسمبر 1965ع |
| - "سامر سيٽ ماهام" | جنوري 1966ع |
| - "پروفيسر جهامنداس ياٽيا" | فيبروري 1966ع |
| - "منهنجي ڪهاڻي" | مارچ 1966ع |
| - "رهاڻ" (جشنِ روح رهاڻ بابت) | اپريل 1966ع |
| - "رهاڻ" (جشنِ روح رهاڻ بابت) | مئي 1966ع |

- "نذرِ لطيف" جون 1966ع
- "رهاڻ" (عطا حسين شاهہ موسوي-وفات) جولاءِ 1966ع
- "سنڌي ادب، رهاڻ" (يار محمد مسلم تاوري وفات) آگسٽ 1966ع
- "رهاڻ" (ادارن ۽ تنظيمن بابت) سيپٽمبر 1966ع
- "رهاڻ" (ادب ۽ قدرن بابت) نومبر 1966ع
- "رهاڻ" (سنڌ جي صورتحال بابت) ڊسمبر 1966ع
- "اسان جي ٻولي" جنوري 1967ع
- "رهاڻ" (جديد ادب جي تحريڪ بابت) فيبروري 1967ع
- "مرڪ جي روشني" (امداد حسينيءَ جي
نڍي ڀاءُ جي موت تي) مارچ 1967ع
- "اسان جي ماءُ مونجهاري ۾" (سنڌ يونيورسٽي) مارچ 1967ع
- "رنل روح" (لطيفيات) مئي، جون 1967ع
- "سنڌي ريڊيو" سيپٽمبر 1967ع
- "اسان جي زمين" (زمينن جي مسئلي تي) آڪٽوبر 1967ع
- "اسان جي گهرج"/ مرسو (نوشهروفيروز وارو) نومبر 1967ع
- "هڪ سنڌي شام لبِ مهراڻ تي" ڊسمبر 1967ع
- "جيئڻ جو حق" جنوري 1968ع
- "رهاڻ" (حيدرآباد ميونسپالٽيءَ طرفان
اردوءَ کي دفتري ٻولي بنائڻ بابت) فيبروري 1968ع
- "مسئلا ۽ اعتماد" (ادب ۽ اديبن جا مسئلا) مارچ 1968ع
- "رهاڻ" (روح رهاڻ جي ادبي جاڳرتا بابت) اپريل 1968ع
- "تو دريٽ ڏٺي" (جشن ڪان اڳ ۽ جشن ڪانپوءِ) مئي، جون 1968ع
- "رهاڻ" (سنڌ جي استحصال بابت) آگسٽ 1968ع
- "رهاڻ" (سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ زرعي زمين بابت) سيپٽمبر 1968ع
- "رهاڻ" (سنڌي قوم جي نفسيات بابت) سيپٽمبر 1968ع
- "رهاڻ" (ملازمتن جي حوالي سان سنڌ جي
استحصال بابت) آڪٽوبر 1968ع
- "رهاڻ" (رسالي روح رهاڻ بابت) نومبر 1968ع

## روح رهاڻ جو افسانوي ادب:

"افسانوي" جديد سنڌي ادب ۾ مقبول ترين صنف جي حيثيت رکي ٿو. "روح رهاڻ" ۽ ان جي معاصر رسالن جيتوڻيڪ شاعري مضمون ۽ افساني جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر هن چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ انهن ۾ افساني وڏي مقبوليت ماڻي ۽ وڏي عرصي تائين ليکڪن، ايڊيٽرن ۽ پڙهندڙن جي دل و دماغ تي راڄ ڪيو. "روح رهاڻ" جو ايڊيٽر حميد سنڌي پاڻ بہ بنيادي طور تي افسانہ نگار هيو ۽ آهي ان ڪري هن پنهنجي رسالي ۾ انهيءَ صنف تي گهڻو توجہ ڏنو.

اسان جيڪڏهن روح رهاڻ جي افسانہ نگارن مان مکيہ ليکڪن ۽ ليکڪائن جا نالا ذهن تي آڻڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ انهن جي لسٽ هن ريت ٺهندي.

## روح رهاڻ جا افسانہ نگار:

آغا سليم، الهبچايو امير احمد ابڙو اياز بلوچ، ايم. جي. پنهور، ارباب سنڌي، اُتم، الهبچايو لغاري، اقبال احمد، اياز بلوچ، الطاف شيخ، امر جليل، اشفاق حسين، بابو لال، ڀڳوان ٺلواڻي، تارا ميرچنداڻي، ٽتر سنڌي، جمال رند، چتر ناڪرداس، حميد سنڌي، خواجہ سليم، دادا سنڌي، دائود بلوچ، ڊاڪٽر ايم- آر- مائيداساڻي، روشن تنيو زيب ڀٽي، زرينہ بلوچ، بشير مورياڻي، شوڪت راهي، شبير ترابي، سراج ميمڻ، شيخ عزيز شمس الحق، عطيہ جوڻيجو عبدالقادر جوڻيجو عبدالحق عالماڻي، عبدالفتاح صديقي، علي بابا، عبدالستار مغل، عبدالله چنا، غلام قادر سومرو غلام نبي مغل، غلام رسول ڪلهوڙو فتاح ملڪ، ڪرشن ڪتواڻي، ڪلا پرڪاش، گل محمد گل، گووردن محبوباڻي، مظهر الحق، منير احمد، منور قاضي، محمد ابراهيم جويو مشتاق شورو محمد بخش سومرو ميمڻ ممتاز منو تولارام گدواڻي، منظور قريشي، محمد جمن پنهور نور احمد سمون، نذيده جوڻيجو نياز همايوني، نسيم ٿيٻو نذير شيخ، نذير قاضي، نسيم گل، ناصر مورائي ۽ هدايت پريم.

پر جيڪڏهن انهن مان ڪن افسانہ نگارن جي "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿيل افسانن جو وچور ناهبو تہ اهو هن ريت ٿيندو:

- **امر جليل:** "اروڙ جو مست" اپريل 1965ع، "مرڻ کان اڳ مرڻ کان پوءِ" جولاءِ 1965ع، "هن چار ۾" نومبر 1965، "ڌرتي جي ڌوڙ آسمان جا

تارا“ اپريل 1966ع، ”لهندڙ سج، وڏندڙ پاڇا“ جولاءِ 1966ع، ”ڏند ڪٿا، سياح گائيڊ“ آڪٽوبر 1967ع، ”سچل سرمست اِن ٽربل“ ڊسمبر 1967ع، ”هڪ لاش، راتين جا رولاڪ“ اپريل 1968ع.

- **ايم جي پنهور:** ”بنا عنوان جي“ سيپٽمبر 1967ع، ”واٽن جو ويراڳ“ آڪٽوبر 1967ع، ”اڪ جون انبڙيون“ جنوري 1968ع.
- **ارباب سنڌي:** ”منصور هزار“ آگسٽ 1966ع، ”سوني سِر“ مئي، جون 1966ع، ”منهنجي ماءُ“، ڊسمبر 1967ع، ”هڪ ڪهاڻي“ جنوري 1968ع، ”مان ۽ شيطان“ فيبروري 1968ع.
- **امير احمد ابڙو:** ”گهر ڦٽائڻ خاطر“ مارچ 1965ع.
- **اياز بلوچ:** ”اونداها شعلا“ نومبر 1965ع، ”مرجهايل مکڙيون“ فيبروري 1967ع، ”تمغا جو تاج محل“ 1965ع.
- **اشفاق حسين:** ”خواب آ منزل“ سيپٽمبر 1963ع.
- **الهبچايو لغاري:** ”ڪاريون اکيون“ سيپٽمبر 1965ع.
- **اقبال احمد:** ”صاحب موصوف“ آڪٽوبر 1965ع.
- **الطاف شيخ:** ”گناهه جي دز“ نومبر 1967ع.
- **آغا سليم:** ”لڇمي“ اپريل، 1965ع.
- **بابو لال:** ”هڪ درد هلڪو هلڪو“ فيبروري 1965ع.
- **ٻگوان ٽلواڻي:** ”هڪ پنهنجو پرائو پٽ“ سيپٽمبر 1967ع، ”انٽرويو“ مارچ 1968ع، ”ڀهرين تاريخ“ آڪٽوبر 1968ع.
- **تارا مير چنداڻي:** ”گڏي“ جون 1966ع، ”اڄ تہ سَسُ مڃايون“ نومبر 1965ع، ”غلط فهمي“ فيبروري 1967ع، ”نوان نغما، ٽٽل تارا“ جولاءِ 1968ع.
- **پٽر سنڌي:** ”رت ۽ آزادي“ مارچ 1967ع، ”ايئن نہ ماريو يار“ مارچ 1968ع، ”جوٽ رت“ مئي، جون 1968ع.
- **جمال رند:** ”۽ پوءِ هو اُڏامي ويا“ اپريل 1965ع، ”منهنجو ڳوٺ منهنجي ماءُ“ اپريل 1966ع.
- **چترناڪرداس:** ”قانون“ 1968ع.
- **حميد سنڌي:** ”منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا“ آڪٽوبر 1963ع، ”آن داتا“ ڊسمبر 1963ع، ”پيار جي ريکا“ فيبروري 1965ع، ”روشن اونداهہ“ اپريل 1965ع، ”ٽڪندو“ سيپٽمبر 1966ع، ”جهيڙي“ نومبر 1966ع.
- **غياث جوڻيجو:** ”ڏيان ڏوهہ ڪنهن کي“ جولاءِ 1963ع، ”اکڙيون تاساريون“

سيپٽمبر 1963ع، ”پاڙيسري“ جولاءِ 1965ع، ”پهرين لانوَ“ سيپٽمبر 1966ع.

- **دادا سنڌي**: ”پار نسورو سچ“ نومبر 1967ع.
- **دائود بلوچ**: ”ڏاند“ نومبر 1967ع.
- **ڊاڪٽر ايم آر مائيداساڻي**: ”ڪهاڻي گم ٿي وئي“ مئي، جون 1967ع.
- **زيب پٺي**: ”پريم پوڄاري“ جولاءِ 1965ع.
- **زرينہ بلوچ**: ”جيجي“ مئي، جون 1965ع.
- **سراج ميمڻ**: ”نئين بوريت“ نومبر 1963ع.
- **شوڪت حسين**: ”جيئي سنڌ“ مارچ 1968ع، ”آزادي“ مارچ 1968ع، ”آئيني ڪان سپنا“ سيپٽمبر 1968ع، ”آسي“ سيپٽمبر 1968ع، ”اَبر ۾ اُهاءُ ٿيو“ سيپٽمبر 1967ع.
- **عبدالحق عالماڻي**: ”محبت جي منزل“ جنوري 1966ع، ”ٻُري هن پيپنور ۾“ ڊسمبر 1967ع، ”پوپاڙيءَ جي پچار“ جولاءِ 1968ع.
- **عبدالفتاح صديقي**: ”حاجي، ڪتو ۽ عشق“ فيبروري 1966ع، ”صنم پٿر جا“ فيبروري 1967ع.
- **علي بابا**: ”لاٽ“ آڪٽوبر 1965ع، ”نئون سال پراڻو ڪال“ سيپٽمبر 1967ع، ”جانورن جي دنيا“ فيبروري 1968ع، ”ساڳيو ڏڻ، ساڳي لٺ، ساڳيو ڏنار“ مارچ 1968ع، ”سندر سپنا پيانڪ سپنا“ اپريل 1968ع.
- **عبدالله چنا**: ”رشوت بند“ آڪٽوبر 1967ع، ”سرڪاري نڪاح“، مارچ 1968ع.
- **غلام قادر سومرو**: ”جوابدار حاضر ڪر“ جنوري 1967ع، ”ٻہ ڏوڙيا پئجي ويا“ مارچ 1967ع.
- **غلام نبي مغل**: ”اندر جا اُڌما ۽ روح جي رڙ“ اپريل 1965ع.
- **فتاح ملڪ**: ”پاڇي سان پيار“ سيپٽمبر 1965ع، ”اجايل بڪايل“ ڊسمبر 1966ع.
- **گوورڌن محبوباڻي**: ”سوني“ جنوري 1965ع، ”دير“ جنوري 1967ع.
- **محمد ابراهيم جويو**: ”چشمِ براهہ“ آگسٽ 1968ع.
- **مشتاق شورو**: ”جيپون چاڙ“ آڪٽوبر 1968ع، ”نينهن سندا ناسور“ ڊسمبر 1968ع.
- **منوتولا رام گدواڻي**: ”لتل ڪانڌ“ آڪٽوبر 1967ع، ”اُف جيون لغڙ ڪاٽا“ اپريل 1968ع.

- **منظور قريشي:** "ويران دل جاڳندڙ خواهشون" فيبروري 1966ع، "پيار پيڙا ۽ پڇتاءُ" فيبروري 1968ع، "آيس ڪهڙي سانگ" مئي، جون 1968ع، "اُها" مارچ 1965ع.
- **نديم قاضي:** "سزا"، "حساب ڪتاب"، "سوال"، "لڄ"، "رات ڏينهن" نومبر 1967ع، "گهاءُ" مارچ 1967ع.
- **نسيم کرل:** "سچو سچو سچ چوڻ" سيپٽمبر 1963ع، "گتس" سيپٽمبر 1965ع، "ڪچو رنگ" اپريل 1966ع.
- **ناصر مورائي:** "ٻريل شمعون ويران دل" آگسٽ 1963ع، "ننڍڙيون ڪهاڻيون" مئي 1965ع.
- **شوڪت راهي:** "بار" سيپٽمبر 1963ع، "بس ۾" ڊسمبر 1963ع، "ڦيرو" جون 1965ع، "حقيقت پسندي" مئي 1966ع.
- **عبدالقادر جوڻيجو:** "ٻرندڙ لانچ" جنوري 1965ع، "اونداهيون سائيون" جولاءِ 1965ع، "سونو روپو سج" ڊسمبر 1965ع، "رات جي وهڪ ۾" اپريل 1965ع، "ڪڙيل تارا" مئي 1966ع، "ويٽنام" جولاءِ 1966ع، "پني جو چوٽ" آگسٽ 1966ع، "هورو" جولاءِ 1967ع، "اجهاٽل مچ ۽ اڏندڙ رک" سيپٽمبر 1968ع.

اهڙيءَ ريت مڪيہ ڪهاڻين جي عنوان جو الف-ب وار وچور ناهيو تہ اهو هينئين صورت وٺندو.

| | | |
|---|---|---|
| (الف) "اڪڙيون تاساريون" | غياث جوڻيجو | سيپٽمبر 1963ع |
| "ان داتا" | حميد سنڌي | ڊسمبر 1963ع |
| "اها" | منظور قريشي | مارچ 1965ع |
| "اروڙ جو مست" | امر جليل | اپريل 1965ع |
| "اندر جا اڏما ۽ روح جي رڙ" | غلام نبي مغل | اپريل 1965ع |
| "اونداهيون سائيون" | عبدالقادر جوڻيجو | جولاءِ 1965ع |
| "اڊڙيل بکيا" | نذير شيخ | اپريل 1966ع |
| "آسي" | شوڪت حسين | سيپٽمبر 1966ع |
| "اچ تہ سَسُ مٿايون" | تارا مير چنداڻي | نومبر 1966ع |
| "اونداها شعلا" | اياز بلوچ | نومبر 1966ع |
| "اجايل بڪايل" | فتاح ملڪ | ڊسمبر 1966ع |
| "ابر ۾ اهاءُ ٽيو" | شوڪت حسين | سيپٽمبر 1967 |

| | | |
|---|---|---|
| "اڪ جون انبڙيون" | ايم. جي. پنهور | جنوري 1968ع |
| "انٽرويو" | پگوان تلواڻي | مارچ 1968ع |
| "ائين نہ ماريو يار" | پتر | مارچ 1968ع |
| "آزادي" | شوڪت حسين | مارچ 1968ع |
| "اصلي روپ، نقلي روپ" | ڪرشن کٽواڻي | اپريل 1968ع |
| "اُف جيون لغڙ ڪاٽا" | منور تولارام گدواڻي | اپريل 1968ع |
| "آيس ڪهڙي سانگ" | منظور قريشي | مئي،جون 1968ع |
| "اجهايل مچ ۾ اڏندڙ رک" | عبدالقادر جوڻيجو | سيپٽمبر 1968ع |
| "آئيني کان سپنا" | شوڪت حسين | سيپٽمبر 1968ع |
| (ب) "بار" | شوڪت راهي | سيپٽمبر 1963ع |
| "بس ۾" | شوڪت راهي | ڊسمبر 1963ع |
| "بدلو" | ساقي هالائي | آگسٽ 1966ع |
| "بي موت" | شمس النساءِ | ڊسمبر 1966ع |
| "بنا عنوان" | ايم. جي. پنهور | سيپٽمبر 1967ع |
| "بري هن ينيور ۾" | عبدالحق عالماڻي | ڊسمبر 1967ع |
| (ٻ) "ٻريل شمعون ويران دل" | ناصر مورائي | آگسٽ 1963ع |
| "ٻرندڙ لانچ" | عبدالقادر جوڻيجو | جنوري 1965ع |
| "ٻار نسورو سچ" | دادا سنڌي | نومبر 1967ع |
| "ٻہ ڪهاڻيون" | ابنِ حيات پنهور | ڊسمبر 1967ع |
| (ڀ) "ڀڳا ڏار اڏاٽا ڀيرا" | منور قاضي | جون 1965ع |
| (ت) "تمنا جو تاج محل" | اياز بلوچ | نومبر 1967ع |
| "توکي ڏسي نہ ڏيهہ" | نذير شيخ | ڊسمبر 1965ع |
| (ٽ) "ٽڪندو" | حميد سنڌي | سيپٽمبر 1966ع |
| (پ) "پاڙيسري" | غياث جوڻيجو | جون 1965ع |
| "پريم پوڄاري" | زيب يتي | جولاءِ 1965ع |
| "پاڇي سان پيار" | فتاح ملڪ | سيپٽمبر 1965ع |
| "پني جو چوٽ" | عبدالقادر جوڻيجو | آگسٽ 1966ع |
| "پهرين لانوَ" | غياث جوڻيجو | سيپٽمبر 1966ع |
| "پوءِ ڇا ڪندا سين" | حفيظ شيخ | ڊسمبر 1965ع |

| | | |
|---|---|---|
| "پنهنجو ماڻهو" | نور محمد سمون | آڪٽوبر 1967ع |
| "پوياڙيءَ جي پچار" | عبدالحق عالماڻي | جولاءِ 1968ع |
| "پهرين تاريخ" | ڀڳوان تلواڻي | آڪٽوبر 1968ع |
| "پيار جي ريکا" | حميد سنڌي | فيبروري 1965ع |
| "پيچرو" | گل محمد گل | فيبروري 1968ع |
| "پيار، پٽر ۽ پڇتاءُ" | منظور قريشي | فيبروري 1968ع |
| "پرهه ڦٽيءَ کان پوءِ" | نياز همايوني | اپريل 1968ع |
| (ج) "جهيٽي" | حميد سنڌي | نومبر 1966ع |
| "جوابدار حاضر ڪر" | غلام قادر سومرو | جنوري 1967ع |
| "جيجي" | زرينه بلوچ | مئي، جون 1967ع |
| "جانورن جي دنيا" | علي بابا | فيبروري 1968ع |
| "جيئي سنڌ" | شوڪت حسين | مارچ 1968ع |
| "جوءِ وٽ" | پٽر | مئي، جون 1968ع |
| "جلسو" | عبدالله چنا | سيپٽمبر 1968ع |
| (ڄ) "ڄڀيون ڄاڻ" | مشتاق شورو | آڪٽوبر 1968ع |
| (چ) "چمات" | بشير موريائي | ڊسمبر 1963ع |
| "چشمِ" براهه (ترجمو) | محمد ابراهيم جويو | آگسٽ 1968ع |
| (ح) "حقيقت پسندي" | شوڪت راهي | مئي 1966ع |
| "حاجي، ڪتوءِ عشق" (ترجمو) | عبدالفتاح صديق | فيبروري 1966ع |
| "حساب ڪتا" | نديم قاضي | نومبر 1967ع |
| (خ) "خواب آ منزل" | اشفاق حسين | سيپٽمبر 1963ع |
| "خيالن جي گود ۾" | ميمڻ ممتاز | آڪٽوبر 1965ع |
| (د) "درد جو رشتو" | سليم خواجه | آگسٽ 1963ع |
| "ديوي" | شمس الحق | آگسٽ 1963ع |
| "ديس ستا دل وارا جاڳيا" | رشيد ڀٽي | آگسٽ 1966ع |
| "دير" | گوورڌن محبوباڻي | جنوري 1967ع |
| (ڌ) "ڌرتيءَ جي ڌوڙ آسمان جا تارا" | امر جليل | اپريل 1966ع |
| (ڏ) "ڏيان ڏوهه ڪنهن کي" | غياث جوڻيجو | جولاءِ 1963ع |
| "ڏيئي جو جن" | غلام رسول ڪلهوڙو | آڪٽوبر 1965ع |

| | | |
|---|---|---|
| ”ڏند ڪٿا ۽ سياح گائيڊ“ | امر جليل | آڪٽوبر 1967ع |
| ”ڏاند“ | دائود بلوچ | نومبر 1967ع |
| (ر) ”راهہِ مستقيم“ | عطيہ جوڻيجو | آڪٽوبر 1963ع |
| ”روشن اونداهہ“ | حميد سنڌي | اپريل 1965ع |
| ”روحي“ | نذير قاضي | نومبر 1965ع |
| ”رات جي وهڪ ۾“ | عبدالقادر جوڻيجو | اپريل 1966ع |
| ”رت ۽ آزادي“ | پٽر | مارچ 1967ع |
| ”رشوت بند“ | عبدالله چنو | آڪٽوبر 1967ع |
| ”رات ڏينهن“ | نديم قاضي | نومبر 1967ع |
| (س) ”سچو سچو سچ چوڻ“ | نسيم کرل | سيپٽمبر 1963ع |
| ”سوني“ | گووردڌن محبوباڻي | جنوري 1965ع |
| ”سونو روپو سچ“ | عبدالقادر جوڻيجو | ڊسمبر 1965ع |
| ”سوني سِر“ | ارباب سنڌي | مئي،جون 1967ع |
| ”سزا“ | نديم قاضي | نومبر 1967ع |
| ”سوال“ | نديم قاضي | نومبر 1967ع |
| ”سچل سرمست اِن ٽربل“ | امر جليل | ڊسمبر 1967ع |
| ”ساڳيو ڏڻ، ساڳي لٺ، ساڳيو ڏنار“ | علي بابا | مارچ 1968ع |
| ”سرڪاري نڪاح“ | عبدالله چنا | مارچ 1968ع |
| ”سندر سپنا - پيانڪ سپنا“ | علي بابا | اپريل 1968ع |
| ”ساڳيو کيت، ساڳي مارئي“ | مظهر الحق | اپريل 1968ع |
| ”سوئر“ | اختر جانوري | نومبر 1968ع |
| (ش) ”شڪست“ | قمر شهباز | نومبر 1965ع |
| ”شيما“ | نسيم ڪوثر | مارچ 1966ع |
| ”شاهڪار“ | عظيم ناز | نومبر 1966ع |
| ”شاهہ لطيف، هٿڪڙيون ۽ رستو“ | خير سنڌي | ڊسمبر 1967ع |
| (ص) ”صاحب موصوف“ | اقبال احمد | آڪٽوبر 1965ع |
| ”صدين جو سوداءُ“ | قاضي خادم | جنوري 1967ع |
| ”صنم پٽر جا“ | عبدالفتاح صديقي | فيبروري 1967ع |
| (غ) ”غلطي“ | ڪلا پرڪاش | فيبروري 1967ع |

| | | |
|---|---|---|
| "غلط فهمي" | تارا مير چنداڻي | فيبروري 1967ع |
| (ق) "ڦيرو" | شوڪت راهي | جون 1965ع |
| (ق) "قدرت خدا جي" | فتاح صديقي | ڊسمبر 1965ع |
| "قانون" | چتر ناڪرداس | اپريل 1968ع |
| (ڪ) "ڪاربون اڪيون" | الهبچايو لغاري | سيپٽمبر 1965ع |
| "ڪچو رنگ" | نسيم ڪرل | اپريل 1966ع |
| "ڪوڙ" | رشيد ڀٽي | جون 1966ع |
| "ڪهاڻي گم ٿي وئي" | ڊاڪٽر مائيداساڻي | مئي، جون 1967 |
| (ک) "کڙيل تارا" | عبدالقادر جوڻيجو | مئي 1966ع |
| (گ) "گتس" | نسيم ڪرل | سيپٽمبر 1965ع |
| "گڏي" | تارا مير چنداڻي | جون 1966ع |
| "گناهہ جي دز" | الطاف شيخ | نومبر 1967ع |
| "ڳوڙهن جي ريکا" | نسيم ٿيبو | جولاءِ 1968ع |
| (گھ) "گهر ڦٽائڻ خاطر" | امير احمد ابڙو | مارچ 1965ع |
| "گهاءُ" | نديم قاضي | مارچ 1967ع |
| "گهايل ٿي گهاريان" | نسيم ٿيبو | نومبر،ڊسمبر 1968ع |
| (ل) "لڇمي" | آغا سليم | اپريل 1965ع |
| "لهندڙ سج، وڌندڙ پاڇا" | امر جليل | جولاءِ 1966ع |
| "لٽل ڪانڊ" | منو تولارام گدواڻي | آڪٽوبر 1967ع |
| "لاٽ" (ترجمو) | علي بابا | آڪٽوبر 1965ع |
| (م) "مون ۾ آهين تون" | شبير ترابي | جولاءِ 1965ع |
| "منهنجي دنيا ۾ مرگهہ ترشنا" | حميد سنڌي | آڪٽوبر 1963ع |
| "مرڪ اوت لڙڪ" | هدايت پريم | مارچ 1965ع |
| "مرڻ ڪان اڳ، مرڻ ڪان پوءِ" | امر جليل | جولاءِ 1965ع |
| "مائي سفوران" | نذيران جوڻيجو | جولاءِ 1965ع |
| منهنجي سامهون | ميمڻ ممتاز | جنوري 1966ع |
| "محبت جي منزل" | عبدالحق عالماڻي | جنوري 1966ع |
| "معصوم ڏوهاري" | ايس۔تبسم | مارچ 1966ع |
| "منهنجو ڳوٺ، منهنجي ماءُ" | جمال رند | اپريل 1966ع |

| | | |
|---|---|---|
| ”مون ديپ جلايو آ پيارا“ | مس ارشاد ايم سومرو | جولاءِ 1966ع |
| ”مهمان خانو“ | عبدالغفار ابڙو | آگسٽ 1966ع |
| ”منصور هزار“ | ارباب سنڌي | ڊسمبر 1966ع |
| ”موتيو جڏهن مينڊرو“ | (نظماڻي ڪهاڻي) | ڊسمبر 1966ع |

**گوورڌن پارتي**

| | | |
|---|---|---|
| ”مرجهايل مکڙيون“ | اياز بلوچ | فيبروري 1967ع |
| ”منڊو سليمان“ | مغل عبدالستار | نومبر 1967ع |
| ”منهنجي ماءُ“ | ارباب سنڌي | ڊسمبر 1967ع |
| ”مان ۽ شيطان“ | ارباب سنڌي | فيبروري 1963ع |
| ”منهنجي ڪرت“ | ارباب سنڌي | مارچ 1968ع |
| ”منجهيل ليڪون“ | شبنم عزيز | آگسٽ 1968ع |
| (ن) ننڍڙيون ڪهاڻيون“ | ناصر مورائي | مئي 1965ع |
| ”ننڍڙيون ڪهاڻيون“ | عبدالقادر جوڻيجو | مارچ 1967ع |
| ”نئون سال، پراڻو ڪال“ | علي بابا | سيپٽمبر 1967ع |
| ”نوان نغمان، تتل تار“ | تارا مير چنداڻي | جولاءِ 1968ع |
| ”نينهن سندا ناسور“ | مشتاق شورو | نومبر،ڊسمبر 1968ع |
| ”نئين بوريت“ | سراج ميمڻ | نومبر 1963ع |
| (و) ”ورثو“ | نذير شيخ | نومبر 1963ع |
| ”ويران دل جا ڳنڍڙ خواهشون“ | منظور قريشي | فيبروري 1966ع |
| ”وري رات آئي“ | قاضي خادم | مارچ 1966ع |
| ”ويٽنام“ | عبدالقادر جوڻيجو | جولاءِ 1966ع |
| ”واٽن جو ويراڳ“ | محمد جمن پنهور | آڪٽوبر 1967ع |
| ”وڇوڙو“ (ترجمو) | اُتم | مارچ 1968ع |
| (ھ) ”هر تمنا حسين خواب“ | مس نصرت چنا | نومبر 1963ع |
| ”هڪ درد هلڪو هلڪو“ | بابو لال | فيبروري 1965ع |
| ”هن جارِ ۾“ | امر جليل | نومبر 1965ع |
| ”هوءَ ۽ مان“ | محمد بخش سومرو | جنوري 1967ع |
| ”هڪ پنهنجو پراڻو پٽ“ | ڀڳوان تلواڻي | سيپٽمبر 1967ع |
| ”هڪ ڪهاڻي“ | ارباب سنڌي | جنوري 1968ع |

| | | |
|---|---|---|
| ”هڪ لاش راتين جو رولاڪ“ | امر جليل | اپريل 1968ع |
| ”هورو“ | عبدالقادر جوڻيجو | جولاءِ 1968ع |
| (ع) ”۽ پوءِ هو اڏامي ويا“ | جمال رند | اپريل 1965ع |
| ”۽ مان ڏسندو رهيس“ | پير مظهر الحق | فيبروري 1966ع |
| ”۽ ڏوڙيا پئجي ويا“ | غلام قادر سومرو | مارچ 1967ع |

## (ت) روح رهاڻ جا مضمون:

”روح رهاڻ“ انهن ڏينهن جو قلمي ۽ نظرياتي ڪارنامو آهي، جڏهن سنڌ هڪ بئي پنيان ”ون يونٽ“ جي پنجوڙ ۽ ايوب شاهيءَ جي مارشلا جي ٻن پڙن ۾ پيسجي رهي هئي. هي اهو زمانو هو جڏهن علم ۽ قلم تي پابنديون لڳايون ويون هيون، ذهنن ۽ زبانن تي تالن هڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جي ادبي دنيا ۾ عجيب قسم جي اٿل پٿل آهي. افسانہ نگارن ۽ شاعرن پنهنجي مخصوص انداز سان نہ فقط عوام جي اُمنگن ۽ احساسن جي ترجماني ڪئي بلڪ انهن کي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ اُياريو. اهڙيءَ صورتحال ۾ ”مضمون“ جي صنف هر وجهہ کان متاثر ٿي ۽ نتيجي ۾ مضمون نويسي جي اُيتري اوسر نہ ٿي. اهو رنگ اسان کي روح رهاڻ تي چڙهيل نظر اچي ٿو. هن رسالي ۾ شايع ٿيل شاعريءَ ۽ افسانن جي ڀيٽ ۾ مضمون گهٽ شايع ٿيا.

هن رسالي ۾ جن مضمون نگارن پنهنجي علم و قلم جي قرباني ڏني. انهن مان مکيہ ليکڪن جي نالن جو وچوڙ هن ريت ٿئي ٿو:

پروفيسر جهامنداس ڀاٽيہ، رشيد ڀٽي، حميد سنڌي، تنوير عباسي، شيخ اياز ع-ق شيخ، ناصر مورائي، خواجہ غلام علي الانا، شيخ حفيظ، خواجہ سليم، شمس الدين عرساڻي، شمشير الحيدري، غلام محمد گرامي، قاضي خادم، ممتاز ميمڻ، منير، سراج ميمڻ، محمد ابراهيم جويو، يوسف، جي ايم سيد، رسول بخش پليجو الياس عشقي، عبدالله چنا، ابن حيات پنهور امداد حسيني، جي. ايم. پنهور، نياز همايوني، عنايت الله عباسي، امان الله موالي، اُتم، علي نواز کيڙو قاضي فيض محمد، فتاح ملڪ ۽ جمال ابڙو.

انهن مضمون نگارن جي قلمي ڪاوشن جي الف- ب وار وچور ناهبو تہ اهو هن ريت ٿيندو:

| مضمون ۽ عنوان | مضمون نگار | مهينو | سال |
|---|---|---|---|
| 1. ”ادب ۽ زندگي“ | جمال ابڙو | جولاءِ | 1963ع |
| 2. ”ادب، زندگي ۽ سياست“ | منير | نومبر | 1965ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 3. "ابر ۾ اهاءَ ٿيو" | شيخ اياز | مئي، جون | 1967ع |
| 4. "اسان جو قليچ" | ابنِ حيات پنهور | سيپٽمبر | 1967ع |
| 5. "ٻارنهن ماشي" | حميد سنڌي | آگسٽ | 1963ع |
| 6. "ٻه شاعر ٻه شخص" | نياز همايوني | ڊسمبر | 1967ع |
| 7. "پنهنجي دور لاءِ لکڻ" | ناصر مورائي | نومبر | 1963ع |
| 8. "پنهنجي ادب کي زور وٺايو" | رسول بخش پليجو | سيپٽمبر | 1967ع |
| 9. "پکو آءٌ نه چوان" | عبدالله چنا | مئي، جون | 1967ع |
| 10. "تتيءَ تڏي ڪاهه" | جي. ايم. سيد | مئي، جون | 1967ع |
| 11. "ڳٽتي" | خواجا سليم | جنوري | 1965ع |
| 12. "جديد ادب جي اهميت" | شيخ اياز | سيپٽمبر | 1963ع |
| 13. "جديد بيت" | شمس الدين عرساڻي | اپريل | 1965ع |
| 14. "علم صوتيات جو مفهوم ۽ مقصد" | غلام علي الانا | ڊسمبر | 1965ع |
| 15. "عجب اسرار" | عباسي عنايت الله | ڊسمبر | 1967ع |
| 16. "روح رهاڻ" | جهامنداس ڀاٽيه | جولاءِ | 1965ع |
| 17."مختصر افسانو ۽ مقصديت" | منير | آگسٽ | 1966ع |
| 18. "مارئي" | مولانا گرامي | مئي، جون | 1967ع |
| 19. "مينهون چام ميهار جون" | ايم. جي. پنهور | نومبر | 1967ع |
| 20. "لٽيرا حاڪم" | عبدالله چنا | جولاءِ | 1966ع |
| 21. "لطيفي روايت" | رسول بخش پليجو | مئي، جون | 1967ع |
| 22. "سنڌي لوڪ ادب" | تنوير عباسي | آگسٽ | 1963ع |
| 23. "سنڌيءَ ۾ افسانا نگاري" | ع-ق شيخ | آڪٽوبر | 1963ع |
| 24. "سچل انسانيت جو پيغمبر" | رشيد ڀٽي | جنوري | 1966ع |
| 25. "سنڌ جو پهريون گورنر" | عبدالله چنا | نومبر | 1966ع |
| 26. "سنڌي شاعريءَ جو مزاج" | شيخ اياز | جنوري | 1967ع |
| 27. "سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب" | سراج ميمڻ | فيبروري | 1967ع |
| 28. "سنڌ جي تاريخ جو هڪ ورق" | عبدالله چنا | سيپٽمبر | 1967ع |
| 29. "شاهه جا ٽي بيت" | الياس عشقي | مئي، جون | 1967ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 30. "هڪ عظيم انسان" | قاضي فيض محمد | مئي,جون | 1968ع |
| 31. "ڪلهوڙا دؤر" | ابنِ حيات پنهور | سيپٽمبر | 1967ع |

**(ث) روح رهاڻ ۾ تنقيدي ادب:**

حقيقت هيءَ آهي تہ "تنقيد" جي موضوع تي تحقيق ڪرڻ واريءَ جستجوءَ مون کي رسالن ڏانهن متوجہ ڪيو پر حميد سنڌيءَ سان دوستيءَ ۽ محبت جي تعلق سندس روح جي رهاڻ ۾ جهلتي پائڻ جو جذبو وڌايو. مان سنڌي رسالي جي تنقيدي خدمتن جو جائزو وٺندي انهيءَ راءِ تي پهتس تہ چو نہ هن معياري رسالي جي مواد بابت اڄ جي پڙهندڙن کي معلومات فراهم ڪجي. هيءَ ڪاوش انهيءَ سلسلي جي هڪڙي ڪڙي آهي.

تنقيد جي اوسر ۾ هن رسالي، ٻين اخبارن ۽ رسالن جي ڀيٽ ۾ الڳ ۽ منفرد ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ تنقيد کي پاسخاطري ۽ گروهہ نوازيءَ جي گند کان بچايو ويو آهي. تان جو نهايت خلوص، ايمانداريءَ سان تنقيدي تقاضائون پوريون ڪيون ويون آهن. هڪ اڌ تنقيدي تبصري ۾ نقاد پنهنجو اصلي نالو لڪائي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ باقي تبصرن ۽ مضمونن ۾ نالا ڏنا ويا آهن.

روح رهاڻ ۾ شايع ٿيل تنقيدي مواد کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون قسم انهن خطن جو آهي، جيڪي هر ڪنهن رسالي ۾ شايع ٿيا ۽ جيڪي اڪثر ڪري ليکڪن جا لکيل هئا. انهن ليکڪن پنهنجي خطن ذريعي "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿيل مواد جو تنقيدي جائزو ورتو آهي ۽ ڀرپور تبصرو ڪيو آهي.

روح رهاڻ ۾ شايع ٿيل تنقيد جو ٻيو قسم اهي مضمون آهن، جن ۾ ليکڪن ادب ۽ اديب کي موضوع بڻايو آهي. پر اهڙا ليک رسالي ۾ گهٽ نظر اچن ٿا. روح رهاڻ ۾ شايع ٿيل تنقيد جو ٽيون قسم اهي تبصرا آهن، جيڪي وقت بوقت مختلف نقادن مختلف ڪتابن تي لکيا آهن.

تبصري نگار جس لهڻي، جو هنن "علمي تنقيد" ۾ هڪ انوکو تجربو ڪيو ۽ اهڙي قسم جا تبصرا ڪيا، جيڪي ڪنهن بہ صورت ۾ اخباري يا اشتهاري تبصرا نہ آهن، پر ان دؤر جي تنقيدي ادب جو بهترين مثال آهي.
هن رسالي ۾ شايع ٿيل تنقيدي ادب جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

**تنقيدي ادب:**

- شيخ اياز جي ترجمو ڪيل ڪتاب "رسالہ شاهہ عبداللطيف" تي حميد سنڌيءَ جو تبصرو نومبر 1963ع.

- محمد عثمان ڏيپلائي جي ناول "سانگهڙ" تي ناصر مورائي جو تبصرو نومبر 1963ع.
- لعل پشپ جي ڪهاڻين جي مجموعي "دائرو" تي تنقيد، نقاد جو قلمي نالو "دوربين" (حميد سنڌي)، فيبروري1965ع.
- غلام نبي مغل جي افسانن جي مجموعي "نئون شهر" تي تنقيد نقاد جو قلمي نالو "دوربين" (حميد سنڌي)، مارچ 1965ع.
- طارق اشرف جي ڪهاڻين جي مجموعي "سونهن، پٽر ۽ پيار" تي تنقيد، نقاد "دوربين" (حميد سنڌي) مارچ 1965ع).
- "هيرا تہ ڏسو" (روح رهاڻ جي سالنامي بابت) قاضي خادم، جون 1965ع.
- روح رهاڻ جي سالنامي تي هڪ نظر ميمڻ ممتاز: جون 1965ع.
- شيخ اياز جي گيتن جو ادبي جائزو رسول بخش پليجو سيپٽمبر 1966ع.
- ارباب سنڌيءَ جي افساني "منصور هزارين" جيڪو آگسٽ جي پرچي ۾ شايع ٿيو. الهبچائي لغاريُ طرفان ان جو ادبي جائزو سيپٽمبر 1966ع.
- "سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي ادب" جي عنوان سان سراج ميمڻ جو گنگارام سمراٽ کي تنقيدي جواب، فيبروري 1967ع.
- يوسف جو لکيل روح رهاڻ جي مستقل ڪالم "جوڳيءَ جي ڊائري" جو جائزو مارچ 1967ع.
- ارجن حاسد جي شاعريءَ جي ڪتاب "پيهي منجهہ پاتار" تي تبصرو، امداد حسيني، سيپٽمبر 1967ع.
- محمد بخش مجنون جي ڪتاب "مسڪين جهان خان کوسو" تي حميد سنڌيءَ جو لکيل تبصرو: آڪٽوبر 1967ع.
- "ڪلياتِ ڪمال"، "عجيب جواهر" ۽ تماهي مهراڻ" تي اداري طرفان تبصرو: فيبروري 1968ع.

خطن ذريعي هن رسالي ۾ جيڪو تنقيدي ادب شايع ٿيو انهيءَ جي مثال ڏيڻ ڪان اڳ مناسب ٿيندو تہ انهن پڙهندڙن ۽ قلم ڌڻين جي نالن جو مختصر وچور پيش ڪجي، جن جا خط "روح رهاڻ" رسالي ۾ شايع ٿيا.

امداد حسيني، آٿر ناٿن شاهي، ارجن حاسد، ايشور چندر، اُتم، امر جليل، انور حسين ٽالپر، الطاف عباسي، اسماعيل ڪلوئي، ارباب علي

کھاوڙ اي اين کھاوڙ ارشاد ارباب، ابوبڪر مگسي، ايس تبسم، اياز بلوچ، اصل سنڌي، اعجاز شمس عقيلي، اشوڪ گنگواڻي، اين گل سومرو امير علي قادري، اياز پنيرو اسلم آزاد، امر گل سومرو بشير مورياڻي، تنوير عباسي، تاج جويو تنوير حسن، غلام علي کوکر، محسن ڪڪڙائي، ناصر مورائي، خواجہ سليم، راز ناٿن شاهي، عطيہ جوڻيجو صدر سومرو شيخ اياز، هري موٽواڻي، شبير ترابي، شوڪت راهي، گوپال ڪلي، شوڪت سنڌي، نياز شاهد، مولا بخش سومرو عبدالقادر جوڻيجو حفيظ شيخ، طارق اشرف، عارف المولي، هادي بخش ميمڻ، شعبان بخت، محسن عباسي، غلام رباني آگرو عبدالجبار جوڻيجو ٽيڪچند مست، سدانند تولاڻي، منظور حسين قريشي، وفا ناٿن شاهي، پير علي محمد شاهہ راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، عبدالڪريم ارشد، فتاح ملڪ، لجپت راءِ جکرو فيروز احمد، محمد خان سومرو نبي بخش شمن، نياز مهر، پريو ناشاد، سيد اڪبر، عبدالفتاح صديقي، فدا بلوچ، غلام سرور ابڙو ملڪ نديم، شيرين تبسم، نرگس ٿل، خواجہ رمضان علي حيدري، دادا سنڌي، سليمان شيخ، محمد عثمان ڏيپلائي، شمس العارفين ساغر، لڇمڻ پمياڻي، هري پنڪج، گنگارام سمراٽ، سردار علي بلوچ، محمد قاسم ابڙو ڊاڪٽر ايم آر مائيداساڻي، پروانو ڀٽي، منگھارام ملڪاڻي، سروپ چند شاد، واسديو سنڌو پارتي، محبوب شيخ، محمد اوپايو خشڪ، مدد علي سنڌي، رقيہ ٿل، عبدالشڪور دائودپوٽو طاهر متياروي، ڪي ايل لالواڻي، عزيز ننٽوي، محمد خان شيخ، مظهرالدين مورائي، نور احمد ٻچاڻي، سيف ٻنوي، منوتولارام گدواڻي، عبدالڪريم ٻچاڻي، پياسي، يوسف لغاري، جڳ وير، رفيق احمد اديب، عبدالڪريم گدائي، محمد شريف ڪلهوڙو هوت سنڌي، رسول بخش مجبور، عاشق علي بلوچ، غلام عباس پنيرو گل بهادر ڏاريجو نجم شيخ، علي احمد پروين روشن ڀٽي، نور احمد کھڙو حميد راهي، محمد هاشم چانڊيو سحر بلوچ، سليم احمد، رشيد ڀٽي، نصراح عباسي، غياث جوڻيجو حسن تنوير، مسڪين ملاڪاتياري، محمد حافظ مگريو نذير بلوچ، رشيد نسيم نوراني، محمد علي ڏاريجو کيمچند لالواڻي، عجيب سنڌي، داد ڪوهستاني، ضياءُ الدين انصاري، عطا محمد لنڊ، حورالنساءَ پليجو جاويد جيلاني، ڪمليش، سعيد احمد قريشي، عبدالرحمان اش، سرويچ سجاولي، پوپٽي هيرانندائي، مولوي حق نواز نسيم ٿيبو ذوالفقار علي راشدي، غلام مصطفي رضوي، غلام حيدر لغاري، نسرين جوڻيجو علي بخش رند.

مون پنهنجي تحقيقي مقالي جي لاڳاپيل باب ۾ انهن سمورن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي تنقيدي نوعيت ۽ اهميت جا آهن. ان ڪري هت فقط چند مثال عرض رکجن ٿا.

سيپٽمبر 1963ع جي روح رهاڻ ۾ بشير موريائيءَ جو خط شايع ٿيو جنهن ۾ هن مواد کي وڏيڪ رسالي جي گيٽ اپ ۽ ٻين ڳالهين تي تنقيد ڪئي آهي. لکي ٿو ته: "آگسٽ واري پرچي جي آخري صفحي تي ايڪٽريس بهار جي تصوير نٿي سونهي. رسالي جي ادبي معيار کي بچائي رکڻ لاءِ انهن شين کان پاسو ڪيو ته بهتر. ٻارن جو ادب سنڌيءَ ۾ تمام گهٽ بلڪ نه هئڻ جي برابر آهي ۽ ان جي جيتري همت افزائي ڪجي اوترو بهتر. پر اوهان کي ڪنهن چيو ته روح رهاڻ کي چون چون جو مربو بڻايو؟ ٻارن جي ادب کي روزانه اخبارن تائين محدود رهڻ ڏيو يا ڌار رسالو ڪڍو." (ص، 31).

اپريل 1965ع واري روح رهاڻ رسالي ۾ ٽيڪچند مست جو خط شايع ٿيو جنهن ۾ هو روح رهاڻ ۾ شايع ٿيل مواد تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

"حميد جي پيار جي ريکا وٽي، ر ــَ! تي پلي کٽي بليڊ بليڊ سان چلي چڏجي، پر ان جو مانسڪ اثر پلا ڪيئن وسرندو. بابو هڪ درد هلڪو هلڪو ۾ ڪجهه فن جي پابندين کان ٿورو ٿورو پري تي، حقيقت نگاريءَ کان پري تي ويو آهي. ڪشن سوبه بمبئيءَ جي ماحول ۾ ايڏو اپوجهه نه رهي سگهندو. رشيد جي لغات وٽندڙ وندرائيندڙ ۽ سوچن لاءِ مجبور ڪندڙ آهي." (ص 87).

## (ج) روح رهاڻ جا مستقل ڪالم:

روح رهاڻ ۾ شايع ٿيندڙ مواد ۽ ان جي ترتيب مستقل نوعيت جي هئي. مثال طور: اداريو هر ڪنهن رسالي ۾ ڏنو ويندو هيو. اهڙي ريت پڙهندڙن جا خط به لڳاتار ڇپبا رهيا ۽ ساڳي طرح شاعري، مضمون ۽ ڪهاڻي به بنا ناغي لڳ ڀڳ هر ڪنهن پرچي ۾ ڏنيون وينديون هيون. پر انهن کان سواءِ به ڪالم مستقل نوعيت جا هن رسالي ۾ ڇپبا ها، جيڪي آهن: "جوڳيءَ جي ڊائري" ۽ "ڪشتو".

ڪن پرچن ۾ جيتوڻيڪ اهي نظر نٿا اچن، پر پوءِ به اُنهن جي نوعيت ۽ حيثيت دائمي هئي. ٻنهي مستقل ڪالمن جي ليکڪن جا نالا ڪونه ڏنا ويندا هئا. انهن منجهان جوڳيءَ جي ڊائري تي ڪن پرچن ۾ سخت تنقيد شايع ٿي، خاص طور تي انهيءَ ڪالم ۾ انگريزي لفظن جو جهجهو استعمال پڙهندڙن کي پسند نه ايندو هو.

"ڪشتو" ڪالم ۾ چٽ پٽي قسم جون ڳالهيون، ٽوٽڪا ۽ حوالا ڏنا ويندا هئا. انهن مان هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو جيڪو فيبروري 1966ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

"مڙس جڏهن گهر پهتو تڏهن زال کي پنهنجي هڪ دوست سان پيار ۽ محبت واريون ڳالهيون ڪندي ڏٺائين. مڙس يڪدم چڙ مان رڙ ڪئي، توهان ٻئي هتي ڇا پيا ڪريو؟

جوڙس سندس دوست ڏانهن مخاطب ٿي چيو: "ڏٺئي، مون توکي چيو ٿي نه. هن حضرت کي ڪا خبر ڪانه ٿي پوي ڏسڻ ڪان پوءِ به ڳالهه سمجهه ۾ اصل ڪانه ٿي اچيس."

## (ح) روح رهاڻ ۽ ادبي سرگرميون:

هن چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي ته "روح رهاڻ" پنهنجي دور جي تحريڪ ۽ ادبي تحريڪن جي جان برابر رسالو هو. هن رسالي طرفان جيڪي جشن منعقد ڪرايا ويا. اهي اسان جي ادبي تاريخ ۾ وڏي اهميت ولارين ٿا. اهڙيءَ ريت هن رسالي سنڌي ادبي سنگت جي سرگرمين کي به نظرانداز نه ڪيو پر جڏهن ۽ جتان هن رسالي جي ايڊيٽر کي ڪنهن ادبي اجلاس جي رپورٽ ملي ۽ ان ۾ ادبي افاديت جي خوشبوءِ محسوس ڪندي پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪئي. ان کان سواءِ "روح رهاڻ" سان لاڳاپيل ليکڪن مان ڪنهن جي به شادي خانه آبادي ٿي ته ان جو اکين ڏٺو احوال به تصويرن سميت رسالي ۾ شايع ٿيو پر جيڪڏهن ڪنهن قلم ڏٽيءَ هيءُ جهان ڇڏيو ته "روح رهاڻ ان لاءِ ايڊيٽوريل ۾ ڳوڙها ڳاڙيا. ساڳيءَ ريت "روح رهاڻ" جي حياتي ۾ جتي به ڪو ادبي ميڙ ٿيو ۽ ان ۾ نامور دانشور ڪا تقرير ڪئي ته ان کي "روح رهاڻ" پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏني.

"روح رهاڻ" ٻن طريقن سان ادبي سرگرمين کي ادبي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪيو. پهرين طريقي موجب هن ريت ادبي سرگرمين بابت رپورٽون شايع ڪيون.

| عنوان | ليکڪ | مهينو | سال |
|---|---|---|---|
| 1. جشن روح رهاڻ | شمشير الحيدري | مئي | 1965ع |
| 2. سنڌي ادب جو سفر | ادارو | نومبر | 1965ع |
| 3. شفق جا موڙ (غياث جوڻيجي جي شادي بابت) | حميد سنڌي | ڊسمبر | 1965ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 4. روح رهاڻ جشن | امداد حسيني | مئي | 1966ع |
| 5. سنڌي ادبي سنگت | ادارو | مئي، جون | 1967ع |
| 6. ﭘـ شاديون ﭘـ موڙ | (اشفاق قاضيءَ ۽ حميد سنڌي جي شادي بابت) | نومبر | 1967ع |
| 7. سنڌي شام | اعجاز قريشي | جنوري | 1968ع |

اهڙي ريت ٻئي طريقي موجب تنهن دور جي مکيه دانشورن جون مختلف فنڪشنن ۾ ڪيل تقريرون شايع ڪيون، جن مان ڪي هي آهن:

1. "جهول ۾ گل ۽ هٿ ۾ مشعل" جشن روح رهاڻ جي سلسلي ۾ ٿيل مشاعري ۾ شيخ اياز جي صدارتي تقرير مئي 1965ع.
2. "وقت جو آواز" جشن روح رهاڻ جي سلسلي ۾ مذاڪري جي صدارتي تقرير، غلام محمد گرامي مئي 1965ع.
3. "فنڪار جو جنم" (سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۾ ملهايل سنڌي شام ۾ افساني جي بيٺڪ وقت جمال ابڙي جي صدارتي تقرير، آڪٽوبر 1965ع).
4. ميرپور بٺوري ۾ بزم صوفيائي سنڌ جي ٽين ثقافتي ڪانفرنس ۾ پڙهيل، شيخ اياز جو صدارتي خطبو ڊسمبر 1966ع.
5. "بزم صوفيائي سنڌ جي ڇهين سنڌي ثقافتي ڪانفرنس جي موقعي تي شيخ اياز جي تقرير"، جنوري 1967ع.
6. "سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملهايل سنڌي شام جي موقعي تي غلام محمد گرامي جي ڪيل تقرير"، روح رهاڻ جنوري 1968ع.
7. سچل سائينءَ جي ساليانې ميڙ تي منعقد ڪيل ادبي ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي تقرير، فيبروري 1968ع.
8. "جشن روح رهاڻ جي موقعي تي شيخ اياز جي افتتاحي تقرير" مئي، جون 1968ع.
9. جشن روح رهاڻ جي "ڪهاڻي بيٺڪ" ۾ علي بابا جي صدارتي تقرير"، مئي، جون 1968ع.
10. جشن روح رهاڻ جي مذاڪري واري وهڪ ۾ ابن حيات پنهور جي صدارتي تقرير، مئي، جون 1968ع.

11. جشن روح رهاڻ جي مشاعري واري ويهڪ ۾ فتاح ملڪ جي صدارتي تقرير، مئي، جون 1968ع.

12. جشن روح رهاڻ جي "راڳ رهاڻ" واري نشست جي مکيه مهمان حفيظ قريشيءَ جي صدارتي تقرير، مئي، جون 1967ع.

**روح رهاڻ ۾ شاعري:**

"روح رهاڻ" سنڌي شاعري جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، ان کي ڪڏهن به نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. بلڪ ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته هن رسالي سنڌي شاعريءَ جي اوسر ۾ ڀرپور ۽ مؤثر ڪردار ادا ڪيو. هن ۾ سنڌي چونڊ شاعرن جي سنگم سان نت نئون شاعراڻو ماحول پيدا ڪيو. جن شاعرن هن رسالي ۾ لکيو تن جا ڪي نالا هي آهن:

"امداد حسيني، اظهار احمد، "اظهر"، استاد بخاري، ارجن سڪايل، ايم ڪمل، امر جليل، ارجن حاسد، الطاف عباسي، اسلم مصراڻي، ايس تبسم، الهورايو اداسي، ابنِ حيات، ابنِ گل سومرو ڊاڪٽر ايم آر مائيداساڻي، اڪرم ٻورڙائي، اصغر چنا، آٿر ناٿن شاهي، بشير سيتائي، بردو سنڌي، تنوير عباسي، ٽيڪچند مست، پهلاج ديپ، پريو ناشاد، پروانو ڀٽي، تاج بلوچ، پير بخش پياسي، تاجل بيوس، جمال سيوهاڻي، چترو ناگپال، حسين عادل، حيات مري، جام ساقي، حسين تنوير خاڪي، خاڪي جويو، دوست علي ڀٽي، دلدار احمد اديب، درگاهي، دادا سنڌي، دوست چانڊيو، سيد متين بخاري، سيد اظهر گيلاني، سيف بنوي، ساز ملاڪاتياري، سيد اڪبر، ساڻي، سورهه سنڌي، سرويچ سجاولي، شيخ اياز، شمشير الحيدري، شعبان بخت، شبير هاتف، رشيد ارشد، رحيم بخش "قمر"، زرينه بلوچ، رشيده، رجب علي ضياءَ، عبدالڪريم پلي، عبدالڪريم گدائي، عبدالجبار جوڻيجو عارف المولي، علي سنڌي، ع-غ- سنڌي، عبدالڪريم ارشد، عبدالمجيد پيرزادو عبد لغفور "عابد"، عبدالخالق "شهيد"، عطا محمد ڀنڀرو عاجز اجڻ، غلام حسين رنگريز، غياث جوڻيجو، فتاح ملڪ، قاضي خادم، قمر شهباز، قطب صديقي، ڪلاپرڪاش، محسن ڪڪڙائي، محسن عباسي، ملڪ نديم، مجرم لغاري، منصور، منظور پرواز، مسرور سومرو، مهر لطيف، منوتولا رام گدواڻي، محمد بخش شاهه، ممون ڀٽي، نياز همايوني، نياز رجباڻي، نعيم دريشاڻي، نارائڻ شيام، نثار شفيع "ناز"، نذير تکڙائي، نقاش، نذير دڪايل،

غلام علي ڪوڪر "سوز"، قيوم طراز وفا ناٿن شاهي، نند جويري، نور عباسي، خواجه قطب علي ۽ نظر سنڌي نحبه."

پر اهو وڌيڪ مناسب ٿيندو ته انهن شاعرن مان چند چونڊ شاعرن جو مختصر پر جامع انداز سان ذڪر ڪريون:

**شيخ اياز:**

مطالعي هيٺ آيل دؤر ۾ حميد سنڌي، شيخ اياز حفيظ شيخ، رشيد ڀٽي، محمد ابراهيم جويو جمال رند، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، جمال ابڙو ۽ غلام رباني آگرو هڪ ئي ادبي وجود جا مختلف روپ هئا. انهن مان شيخ اياز اهو شاعر آهي، جنهن "روح رهاڻ" لاءِ گهڻو لکيو ۽ "روح رهاڻ" پڻ ڪيس پنهنجي دؤر جي عظيم شاعر جي حيثيت ۾ پيش ڪيو شيخ اياز جڏهن وقت جي حڪومت جي ڏاڍ جو نشانو بڻيو ته حميد سنڌيءَ پنهنجي دوست تنوير عباسيءَ ۽ دؤر جي مشهور ليکڪا بيگم زينت چنا سان گڏ اديبن جي احتجاج جو اهتمام ڪيو.

شيخ اياز جي جيڪا شاعري هن رسالي ۾ شايع ٿي، ان جو مختصر وچور هن ريت ٿئي ٿو:

"نئون انسان" (آگسٽ 1963ع)، "بيت" (سيپٽمبر 1963ع)، "بيت" (آڪٽوبر 1963ع)، "نظم" (نومبر 1963ع)، "غزل" (ڊسمبر 1963ع)، "وائي" (جنوري 1965ع)، "وائي" (فيبروري 1965ع)، "بيت" (اپريل 1965ع)، "غزل" (مئي 1965ع)،• "غزل" (جون 1965ع)، "قوالي" (جولاءِ 1965ع)، "غزل" (سيپٽمبر 1965ع)، "آزاد نظم" (آڪٽوبر 1965ع)، "اڪيون ساهميون (نظم) (نومبر 1965ع)، "آزاد نظم" (اپريل 1966ع)، "نظم" (مئي 1966ع)، "وائي" (جون 1966ع)، "غزل" (جولاءِ 1966ع)، "بيت" (آگسٽ 1966ع)، "نظم" (آگسٽ 1966ع)، "آزاد نظم" (سيپٽمبر 1966ع)، "غزل" (نومبر 1966ع)، "غزل" (فيبروري 1967ع)، "آزاد نظم"، "وائي" (آڪٽوبر 1967ع)، "غزل"، "نظم"، "گيت"، "وائي" (ڊسمبر 1967ع)، "لوڪ گيت"، "لوليون" ۽ "نظم" (فيبروري 1968)، "گيت" (مارچ 1968ع)، "گيت اڃايل مورن جا" (اپريل 1968ع)، "نظم" (مئي، جون 1968ع)، "وائي" (جولاءِ 1968ع)، "رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" (آگسٽ 1968ع)، "وايون" (نومبر، ڊسمبر 1968ع).

**تنوير عباسي:**

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ جڏهن شيخ اياز ۽ رسول بخش پليجي تي ڏکيا ڏينهن آيا ۽ وقت جي سرڪار مٿن ناراض ٿي پئي تہ تنوير عباسيءَ پنهنجي يار حميد سنڌيءَ سان گڏجي احتجاجي تحريڪ هلائي.

تنوير عباسي هن رسالي لاءِ ڪيترا نظم، غزل ۽ بيت لکيا، جن مان ڪن جو ياداشتنامو هن ريت جڙي ٿو:

"چوليون" (جولاءِ 1963ع)، "پارس" (آڪٽوبر 1963ع)، "غزل" (ڊسمبر 1963ع)، "چارڻ (نظم)" (اپريل 1965ع)، "غزل" (مئي 1965ع)، "قوميت (نظم)"، (جون 1965ع)، "نظم" (سيپٽمبر 1965ع)، "غزل" (آڪٽوبر 1965ع)، "نظم" (مئي 1966ع)، "غزل" (جولاءِ 1966ع)، "غزل" (نومبر 1966ع)، "بيت (سر ڪيڏارو)" (مئي، جون 1967ع)، "نظم" (ڊسمبر 1967ع)، "غزل" (مارچ 1968ع)، "غزل" (مئي، جون 1968ع).

**امداد حسيني:**

امداد حسيني جو روح رهاڻ سان شروع کان وٺي آخر تائين تعلق رهيو. هيءُ صاحب ڪيترو وقت ايڊيٽر يعني حميد سنڌيءَ جو معاون ٿي رهيو. ان ڪانسواءِ شاعر ۽ نقاد جي حيثيت ۾ سندس گهڻو مواد روح رهاڻ ۾ شايع ٿيو. ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ جي ڊي جي ڪاليج جي مِسلنيءَ جي پهرين صحفي تي مرزا قليچ بيگ جو شعر ڏنو ويندو هو. روح رهاڻ ان روايت کي نہ فقط جاري رکيو پر انهيءَ سان گڏ ان ۾ جوت ۽ نواڻ پڻ پيدا ڪئي. رسالي جي ٽائيٽل تي تصوير ڏني ويندي هئي ۽ انهيءَ جي مناسبت سان امداد حسينيءَ جو شعر ڏنو ويندو هيو. مثال طور فيبروري 1966ع جي سر ورق تي ڪنهن عورت جو چهرو چٽيل آهي، جنهن جي هيٺان امداد حسينيءَ جو هي قطعو ڏنو ويو آهي:

مان رڳو توکي سجاڻان ڄاڻان،
تنهنجي صورت بنا ڀي ڪا صورت،
اهڙي اڻ ڄاڻ نہ لڳندي آهي،
جهڙي پٿر جي ڪا مورت.

اهڙي ريت آگسٽ 1966ع جي سر ورق تي دارا ابڙي جي چٽيل تصوير ڏني وئي آهي. جنهن ۾ هڪ ماءُ پنهنجي ٻچڙي کي پيار ٿي ڪري انهيءَ تي "ابن مريم" جي عنوان سان امداد جو هيءُ قطعہ ڏنو ويو آهي:

ڪير ٿو ڄاڻي پلا هن حال ۾ عيسيٰ جو غم،
سچ گرهڻ جو ڏينهن آهي ۽ اداس آهي صليب،
هاءِ بي يارو مددگار ابن مريم جو نصيب.

خطن ڪانسواءِ امداد حسينيءَ جا ڪيترائي غزل، دوها، بيت ۽ نظم هن رسالي ۾ شايع ٿيا. جنهن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

"هن جي دريءَ جي سامهون" (آگسٽ 1963ع)، "ٽي نظم" (سيپٽمبر 1963ع)، "پاڳل" آزاد نظم (آڪٽوبر 1963ع)، "خوشبو" آزاد نظم (ڊسمبر 1963ع)، "خاموش احتجاج" آزاد نظم (فيبروري 1965ع)، "نئون شعر" نظم (مئي 1965ع)، "نئون فرهاد" نظم (سيپٽمبر 1965ع)، "ننڍا نظم" (صورت، تصوير ۽ طنز) (آڪٽوبر 1965ع)، "بدلو" نظم (نومبر 1965ع)، "نظم" (جنوري 1966ع)، "نظم" (اپريل 1966ع)، "نظم" (جنوري 1967ع)، "آزاد نظم" (فيبروري 1967ع)، "نظم" (سيپٽمبر 1967ع)، "دوها ۽ بيت" (آڪٽوبر 1967ع)، "ڪلهه رات جو نظم" (نومبر 1967ع)، "نظم" (ڊسمبر 1967ع)، "مرثيو" (فيبروري 1968ع)، "نظم" (مارچ 1968ع)، "نظم" (مئي، جون 1968ع)، "نظم" (آڪٽوبر 1968ع).

اهڙي ريت جيڪڏهن نارائڻ شيام، نياز همايوني، استاد بخاري ۽ شمشير الحيدري جي شايع ٿيل شاعريءَ جو وچور ناهيو تہ اهو هن ريت ٿيندو:

**نارائڻ شيام:**

"دوها ۽ سورٺا" (نومبر 1963ع)، "دوها ۽ سورٺا" (ڊسمبر 1963ع)، "غزل" (آگسٽ 1966ع).

**نياز همايوني:**

"سنڌي ماهيا" (روح رهاڻ 1963ع)، "گيت" (نومبر 1963ع)، "ڇيڄ" (اپريل 1965ع)، "جهڙيالي (گيت)" (مئي 1965ع)، "مور ٿو ٽلي" لوڪ ناچ شاعري (ڊسمبر 1965ع)، "ماهيو" (اپريل 1966ع)، "جيئي شال سنڌ" (مئي، جون 1967ع)، "لوڪ گيت" (مارچ 1968ع)، "لوڪ ڪهاڻي" (اپريل 1968ع)، "نظم" (مئي، جون 1968ع).

**استاد بخاري:**

"رباعيون" (نومبر 1963ع)، "ڪاش جُهڙ هجان ها" (ڊسمبر 1963ع)،

”چنڊ وسايون (نظم)“ (فيبروري 1965ع)، ”ڦولهاريل سرنهيون“ (گيت) (اپريل 1965ع ”وائي“(اپريل 1966ع)، ”گيت“(مئي جون 1967ع)، ”نظم“(جنوري 1968ع).

**شمشير الحيدري:**

”قطعه (سيپٽمبر 1963ع)، ”آرزوءَ جو سفر“ (اپريل 1965ع)، ”پڙاڏو سو سڏ (نظم)“ (مئي 1965ع)، ”ڪافي“ (سيپٽمبر 1965ع)، ”حُسنِ نظر“ (آڪٽوبر 1965ع)، ”نظم“ (اپريل 1966ع).

**ڪجهه انوکي شاعري:**

اسان جا ڪيترائي اديب ۽ سياستدان هن وقت جنهن سبب ڪري شهرت ماڻين ٿا، ان کان هٽي ڪري ادبي دنيا ۾ سندن شاعراڻو روپ پڻ آهي. ڪير يقين ڪندو ته امر جليل ۽ جام ساقيءَ به شاعري ڪئي هوندي پر اها خبر اسان کي روح رهاڻ جي ورقن مان پوي ٿي.

آڪٽوبر 1967ع جي روح رهاڻ ۾ جام ساقيءَ جا چار بيت شايع ٿيا جيڪي هتي پيش ڪجن ٿا:

جاڳي اٿيا جوان، هي دريا خان دودا،
هوشو هيمون، هڪل سان آيا اج اوڏا،
لڪن کي لوڏا، ڏينديون سسيون سانيهه جون.

❊

سسيون سانيهه جون، آهن بختاور پيٽيون،
مارئيون ملير جون، آهن سانيه جون سيٽون،
نياڻين نيٽون، اج اُلا نڪرن آگ جا.

❊

اُلا نڪرن آگ جا، سي ينيت بارينداً،
مارو منهنجي ملڪ جا، اڃي واهر وارينداً،
وچن پاڙيندا، وطن يا ڪفن جو.

❊

وطن يا ڪفن ٿا چون متيرا ۽ مانجهي،
آزادي ۽ آزادي اڪين صبح ۽ سانجهي،
هي ويل ناهي وانجهي هٽ جو جوانن ست سٽيا.

اهڙي ريت امر جليل وري ڊسمبر 1963ع واري پرچي ۾ شاعر جي حيثيت ۾ اسان جي اڳيان اچي ٿو. هن پرچي ۾ ”تون ۽ مان“ جي عنوان سان سندس طويل آزاد نظم شايع ٿيو جنهن جي ابتدا هن ريت ٿئي ٿي:

هن زندگي جي مامَ ڪي
تو پيي سليو
مون پيي سليو
تون قدم سمجهي کنيو
۽ مون ڪجھ ڪمايو
فطرت منهنجي هئي اها

۽ انهيءَ نظم جي پڄاڻي هن ريت ڪري ٿو:

رک اُڏي آڪاش ڏانهن
چنڊ کي ويندي ويڙهجي
ويڙهجي ويندي يون بهارون
سنسار رک
جنسار رک
وايو منڊل ويندو سڙي
۽ ختم ٿيندو داستان
تنهنجي منهنجي پيار جي

شاعرن ۽ شاعريءَ جي اهڙي ذڪر سان گڏ جيڪڏهن شاعريءَ جي مکيه صنفن جي ڪاتي بندي نه ڪبي ته روح رهاڻ جي خدمتن جي کاهٽي اڻپوري رهجي ويندي. هن رسالي ۾ شاعريءَ جي مکيه صنفن کي هن ريت جيءَ ۾ جاءِ ڏني وئي.

**بيت:**

شاهه لطيف (جولاءِ 1963ع)، حسين عادل (جولاءِ 1963ع)، شيخ اياز (سيپٽمبر 1963ع)، شيخ اياز (آڪٽوبر 1963ع)، نارائڻ شيام (ڊسمبر 1963ع)، راز ناٿن شاهي ۽ ولي دائود پوٽو (مارچ 1965ع)، امداد حسيني (مارچ 1965ع)، حيات مري (مارچ 1965ع)، شيخ اياز (اپريل 1965ع)، راز ناٿن شاهي (اپريل

1965ع)، ظفر ڪاظمي (مئي 1965ع)، سيد اظهر گيلاني ۽ تاج بلوچ (جولاءِ 1965ع)، قمر شهباز (سيپٽمبر 1966ع)، سيد اظهر گيلاني (نومبر 1965ع)، ذوالفقار راشدي ۽ امن جوڻيجو (جنوري 1966ع)، نعيم دريشائي (فيبروري 1966ع)، ذوالفقار راشدي (فيبروري 1966ع)، محمد اسماعيل ميمڻ (مارچ 1966ع)، نذير قاضي ۽ محسن ڪڪڙائي (اپريل 1966ع)، محسن ڪڪڙائي ۽ پريو ناشاد (مئي 1966ع)، شيخ اياز ۽ ايم اي لاڙڪ (آگسٽ 1966ع)، محمد هوت لغاري (نومبر 1967ع)، محسن ڪڪڙائي (ڊسمبر 1966ع)، شيخ اياز (مارچ 1967ع)، ع-غ سنڌي (سيپٽمبر 1967ع)، ملڪ نديم، جام ساقي، مجرم لغاري ۽ عارف المولي (آڪٽوبر 1967ع)، قمر شهباز (نومبر 1967ع)، درگاهي ۽ نقاش (نومبر 1967ع)، ع-غ سنڌي ۽ پير بخش پياسي (جنوري 1967ع)، سورهيه سنڌي ۽ عطا محمد ڀنڀرو (سيپٽمبر 1967ع).

**وائي:**

شيخ اياز ۽ عبدالڪريم پلي (جنوري 1965ع)، شيخ اياز ۽ راز ناٿن شاهي (فيبروري 1965ع)، عبدالڪريم پلي ۽ رحيم بخش ۽ الطاف عباسي (اپريل 1965ع)، سروپچند شاد، عبدالڪريم پلي ۽ آٿر ناٿن شاهي (مئي 1965ع)، ولي دائود پوٽو (مئي 1965ع)، اسلم مصراڻي (جولاءِ 1965ع)، قمر شهباز الطاف عباسي (آڪٽوبر 1965ع)، غياث جوڻيجو (نومبر 1965ع)، الطاف عباسي ۽ فتاح ملڪ (ڊسمبر 1965ع)، مجرم لغاري (جنوري 1966ع)، نذير قاضي (فيبروري 1966ع)، الطاف (مارچ 1966ع)، شيخ اياز الطاف، استاد بخاري (اپريل 1966ع)، آٿر ناٿن شاهي (سيپٽمبر 1966ع)، غياث جوڻيجو ۽ ارشاد ارباب (نومبر 1966ع)، عبد ماڇوڻي (ڊسمبر 1966ع)، شيخ اياز (مارچ 1967ع)، ارجن حاسد ۽ الهورايو اداسي (مئي، جون 1967ع)، تنوير عباسي ۽ عبدالحڪيم ارشد (سيپٽمبر 1967ع)، شيخ اياز (آڪٽوبر 1967ع)، قمر شهباز (نومبر 1967ع)، شيخ اياز قمر شهباز ۽ مسرور سومرو (ڊسمبر 1967ع)، نذير قاضي، نقاش ۽ مهر لطيف (جنوري، فيبروري 1967ع)، ارشاد ارباب، غلام الرسول سومرو ۽ منظر پروانو (فيبروري 1968ع)، شيخ اياز قمر شهباز (جولاءِ 1968ع)، شيخ اياز (آگسٽ 1968ع)، قمر شهباز شير محمد عاجز اجڻ، ابن گل سومرو ۽ پير بخش (سيپٽمبر 1968ع)، ضياءَ پير بخش، نثار بزمي، شير محمد عاجز اجڻ، اصغر چنو محمد بخش شاد (آڪٽوبر 1968ع)، شيخ اياز (نومبر، ڊسمبر 1968ع).

**ڪافي:**

عبدالڪريم پلي (فيبروري 1965ع)، شمشير الحيدري (سيپٽمبر 1965ع)، عارف المولیٰ (آڪٽوبر 1965ع)، شمشير الحيدري (آڪٽوبر 1965ع)، عارف المولیٰ (جنوري 1966ع)، سوز تڪڙائي (فيبروري 1966ع)، سرويچ سجاولي (جون 1966ع)، مسڪين ملاڪاتياري (جولاءِ 1966ع)، لغاري محمد هوت (جولاءِ 1966ع)، غلام حسين رنگريز (ڊسمبر 1966ع).

**گيت:**

آٿر ناٿن شاهي (آگسٽ 1963ع)، نياز همايوني ۽ عبدالڪريم پلي (سيپٽمبر 1963ع)، نياز همايوني (نومبر 1963ع)، قيوم طراز (ڊسمبر 1963ع)، قمر شهباز (فيبروري 1965ع)، نياز همايوني (آڪٽوبر 1963ع)، الطاف عباسي (مارچ 1965ع)، نياز همايوني (اپريل 1965ع)، قمر شهباز ۽ استاد بخاري (اپريل 1965ع)، نياز همايوني (مئي 1965ع)، چترو ناگپال (مئي 1965ع)، علي سنڌي (جولاءِ 1965ع)، زرينہ بلوچ (آڪٽوبر 1965ع)، غلام علي ڪوڪر ۽ عبدالڪريم پلي (نومبر 1965ع)، نياز همايوني (ڊسمبر 1965ع)، قمر شهباز (جنوري 1966ع)، نياز همايوني (اپريل 1966ع)، محسن لاڙڪاڻوي (جون 1966ع)، عارف المولیٰ (جولاءِ 1966ع)، گووردن پارتي (نومبر 1966ع)، گووردن پارتي (جنوري 1966ع)، گووردن پارتي (آگسٽ 1966ع)، شيخ اياز (مارچ 1967ع)، استاد بخاري (مئي، جون 1967ع)، منظور پرواز (آڪٽوبر 1967ع)، تنوير عباسي، دادا سنڌي، گووردن پارتي ۽ غلام علي ڪوڪر (نومبر 1967ع)، شيخ اياز (ڊسمبر 1967ع)، گووردن پارتي (جنوري 1968ع)، شيخ اياز (فيبروري 1968ع)، شيخ اياز، قمر شهباز، قطب صديقي، نياز همايوني ۽ محسن ڪڪڙائي (مارچ 1968ع)، مسڪين ملاڪاتياري ۽ عبدالغفور عابد (جولاءِ 1968ع)، شيخ اياز (آگسٽ 1968ع)، قمر شهباز، عبدالڪريم گدائي ۽ خميسو خان خاڪي (آڪٽوبر 1969ع).

**قطعو:**

آٿر ناٿن شاهي (جولاءِ 1963ع)، شمشير الحيدري (سيپٽمبر 1963ع)، ارجن حاسد (اپريل 1965ع)، پروانو ڀٽي، محسن ڪڪڙائي ۽ استاد بخاري (مئي 1965ع)، پروانو ڀٽي، ارجن حاسد (مئي 1965ع)، پروانو ڀٽي (جولاءِ

1965ع)، عارف المولي (سيپٽمبر 1965ع)، پروانو ڀٽي (آڪٽوبر 1965ع)، راز ناٿن شاهي (نومبر 1965ع)، محسن ڪڪڙائي، آٿم ناٿن شاهي (ڊسمبر 1965ع)، پروانو ڀٽي، سيف ٻنوي، عبدالحڪيم ارشد (مئي 1966ع)، مخفي خيرپوري (سيپٽمبر 1966ع)، شمس جعفراڻي (ڊسمبر 1966ع)، عزيز جعفراڻي (ڊسمبر 1966ع)، وفا ناٿن شاهي، پريو ناشاد، عبدالحڪيم ارشد، اسلم مصراڻي (جنوري 1967ع)، منصور ويراڳي (سيپٽمبر 1967ع)، پريو ناشاد (آڪٽوبر 1967ع)، حسن تنوير، تاجل بيوس (جولاءِ 1968ع)، پروانو ڀٽي، نذير ٽڪڙائي، دوست چانڊيو ۽ قطب صديقي (آڪٽوبر 1968ع).

**نظم:**

قمر شهباز (آگسٽ 1963ع)، امداد حسيني (سيپٽمبر 1963ع)، امداد حسيني (سيپٽمبر 1963ع)، تنوير عباسي، آٿم ناٿن شاهي (آڪٽوبر 1963ع)، شيخ اياز (نومبر 1963ع)، ايم ڪمل ۽ استاد بخاري (ڊسمبر 1963ع، امر جليل، امداد حسيني (ڊسمبر 1963ع)، فتاح ملڪ ۽ محسن ڪڪڙائي (جنوري 1965ع)، آٿم ناٿن شاهي، غلام حسين رنگريز (جنوري 1965ع)، امداد حسيني ۽ استاد بخاري (فيبروري 1965ع)، محسن ڪڪڙائي (ڊسمبر 1963ع)، محسن عباسي، محسن ڪڪڙائي ۽ سيد متين بخاري (مارچ 1965ع)، تنوير عباسي (اپريل 1965ع)، امداد حسيني ۽ شعبان بخت، آٿم ناٿن شاهي ۽ وفا ناٿن شاهي (اپريل 1965ع)، شمشير الحيدري محسن ڪڪڙائي، نعيم (اپريل 1965ع)، نند جاويري (اپريل 1965ع)، شمشير الحيدري، امداد حسيني، پروانو ڀٽي، تاج بلوچ، راز ناٿن شاهي ۽ عبدالجبار جوڻيجو ۽ پريو ناشاد (مئي 1965ع)، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، نور عباسي (جون 1965ع)، عارف المولي (جولاءِ 1965ع)، آٿم ناٿن شاهي، الطاف عباسي ۽ محسن ڪڪڙائي (جولاءِ 1965ع)، تنوير عباسي ۽ امداد حسيني (سيپٽمبر 1965ع)، تاج بلوچ (سيپٽمبر 1965ع)، امداد حسيني، فتاح ملڪ ۽ تاج بلوچ (نومبر / آڪٽوبر 1965ع)، شيخ اياز (نومبر 1965ع)، امداد حسيني (نومبر 1965ع)، فتح ملڪ (نومبر 1965ع)، شيخ اياز قاضي خادم، وفا ناٿن شاهي، راز ناٿن شاهي (ڊسمبر 1965ع)، رجب علي ميمڻ، غازي ولياڻي، شيخ اياز امداد حسيني ۽ فتاح ملڪ (جنوري 1966ع)، فتاح ملڪ، قاضي خادم، راز ناٿن شاهي (فيبروري 1966ع)، قمر شهباز تاج بلوچ

(فيبروري 1966ع)، فتاح ملڪ، ذوالفقار رجب علي ميمڻ ۽ نعيم دريشاڻي (مارچ 1966ع)، شيخ اياز فتاح ملڪ، آٿر ناٿن شاهي، راز ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، قمر شهباز تاج بلوچ، شمشير الحيدري ۽ قاضي خادم ۽ عبدالحڪيم ارشد (اپريل 1966ع)، شيخ اياز تنوير عباسي، پروانو ڀٽي، امداد حسيني، آٿر ناٿن شاهي، عبدالغفار ابڙو (مئي 1966ع)، امداد حسيني، ايس تبسم ۽ آٿر ناٿن شاهي (جون 1966ع)، قمر شهباز رجب علي رضا، محسن ڪڪڙائي، راز ناٿن شاهي ۽ شفيع ناز (جولاءِ 1966ع)، شيخ اياز رشيد ارشد، عبدالحڪيم ارشد، شمس جعفراڻي ۽ راز ناٿن شاهي (آگسٽ 1966ع)، شيخ اياز فتاح ملڪ، تيڪچند مست، راز ناٿن شاهي، نثار شفيع ناز عبدالحڪيم گدائي، نعيم دريشاڻي، امداد حسيني (سيپٽمبر 1966ع)، نعيم دريشاڻي، امداد حسيني، ارشد نثار شفيع، وفا ناٿن شاهي، غلام حسين رنگريز (نومبر 1966ع)، فتاح ملڪ، آٿر ناٿن شاهي، سومرو غلام رسول (ڊسمبر 1966ع)، امداد حسيني، ارجن حاسد، مس ايس تبسم، راز ناٿن شاهي، بشير سيتائي، الطاف عباسي ۽ نعيم دريشاڻي (جنوري 1967ع)، دلدار احمد اديب، امداد حسيني، قاضي خادم، محسن ڪڪڙائي، وفا ناٿن شاهي ۽ مجرم لغاري (فيبروري 1967ع)، شيخ اياز (مارچ 1967ع)، وفا ناٿن شاهي، پير بخش پياسي، آٿر ناٿن شاهي، ابن حيات پنهور، دلدار احمد اديب، گووردن ڀارتي، نجم شيخ ۽ پروانو ڀٽي (سيپٽمبر 1967ع)، شيخ اياز وفا ناٿن شاهي، راز ناٿن شاهي، درگاهي، تيڪچند مست، نثار شفيع ناز رشيده ۽ نظير تکڙائي (آڪٽوبر 1967ع)، امداد حسيني (نومبر 1967ع)، شيخ اياز (ڊسمبر 1967ع)، تنوير عباسي، راز ناٿن شاهي، فتاح ملڪ، امداد حسيني، سيف ٻنوي، ولي دائود پوٽو پريم، ناشاد، نظير تکڙائي، ابن گل سومرو رجب علي ضياءَ (ڊسمبر 1967ع)، استاد بخاري (جنوري 1968ع)، دلدار احمد اديب، منظور پروانو ۽ ايم آر مائيداساڻي (جنوري 1968ع)، شيخ اياز (فيبروري 1968ع)، امداد حسيني، سروپچندر شاد، عبدالحڪيم ارشد، آٿر ناٿن شاهي، منظور پرواز دلدار احمد اديب، سيف ٻنوي ۽ عبالمجيب پيرزادو (مارچ 1968ع)، قمر شهباز ضياءَ (جولاءِ 1968ع) شيخ اياز (آگسٽ 1968ع)، فتاح ملڪ، سرويچ سجاولي، قمر شهباز غلام حسين رنگريز درگاهي، نظير تکڙائي، دلدار احمد اديب، (سيپٽمبر 1968ع)، امداد حسيني (آڪٽوبر

1968ع)، جمال الدين، جمال سيوهاڻي (آڪٽوبر 1968ع)، گدائي، پرڪاش ديپ، مجرم لغاري، ڊاڪٽر ايم آر مائيداساڻي (نومبر، ڊسمبر 1968ع).

**غزل:**

تيڪچند مست ۽ نياز رجباڻي (جولاءِ 1963ع)، غلام علي ڪوکر "سوز" ۽ عبدالغفور "عابد" (آگسٽ 1963ع)، تيڪچند مست (سيپٽمبر 1963ع)، نعيم دريشاڻي (نومبر 1963ع)، شيخ اياز (ڊسمبر 1963ع)، واسديو نرمل (جنوري 1965ع)، پهلاج ديپ (مارچ 1965ع)، تيڪچند مست ۽ پريو ناشاد (اپريل 1965ع)، شيخ اياز تنوير عباسي ۽ عبدالڪريم گدائي (مئي 1965ع)، شيخ اياز (جون 1965ع)، عبدالڪريم پلي ۽ ارجن حاسد (جولاءِ 1965ع)، شيخ اياز (سيپٽمبر 1965ع)، شيخ اياز (آڪٽوبر 1965ع)، رشيد ارشد (ڊسمبر 1965ع)، آثم ناٿن شاهي ۽ عبدالڪريم پلي (جنوري 1966ع)، عبدالحڪيم ارشد ۽ نثار بزمي (فيبروري 1966ع)، شيخ اياز، سوز تڪڙائي ۽ نظر سنڌي ۽ جليل سروري (مارچ 1966ع)، فتاح ملڪ، ذوالفقار راشدي، سوز تڪڙائي، ارجن حاسد، تيڪچند مست ۽ عبدالڪريم پلي (اپريل 1966ع)، فتاح ملڪ، لغاري محمد هوت، نظر سنڌي، رهبر پنهي، اقبال احمد شيخ ۽ محسن عباسي (مئي 1966ع)، رشيد ارشد ۽ ارجن حاسد (جون 1966ع)، شيخ اياز تنوير عباسي ۽ عبدالڪريم گدائي (جولاءِ 1966ع)، نارائڻ شيام، وفا ناٿن شاهي، ذوالفقار راشدي، شبير هاتف، مس ايس تبسم ۽ سيد قمر الحسن (آگسٽ 1966ع)، امداد حسيني، الطاف، الهورايو اداسي، محسن عباسي، عاجز بيداري ۽ محمد هوت لغاري (سيپٽمبر 1966ع)، شيخ اياز تنوير عباسي، خواجه قلب ۽ غريب شڪارپوري (نومبر 1966ع)، واسديو نرمل، ايس بتسم، درگاهي، مجرم لغاري، نثار بزمي ۽ اسلم مصراڻي (ڊسمبر 1966ع)، عبدالڪريم گدائي، خواجه قلب، نظر سنڌي، رشيد ارشد ۽ واسديو نرمل (جنوري 1967ع)، شيخ اياز واسديو نرمل ۽ ملڪ نديم ۽ سيف بنوي (فيبروري 1967ع)، شيخ اياز (مارچ 1967ع)، شيخ اياز (ڊسمبر 1967ع)، بردو سنڌي (ڊسمبر 1967ع)، درگاهي ۽ عبدالڪريم گدائي (ڊسمبر 1967ع)، پريو ناشاد (جنوري 1968ع)، تنوير عباسي، عبدالغفور عابد، تاجل بيوس، درگاهي، واسديو نرمل ۽ پريو ناشاد (مارچ 1968ع)، سوز تڪڙائي، خواجه قلب (جولاءِ 1968ع)، شيخ اياز (آگسٽ 1968ع)، نثار بزمي ۽ محسن عباسي

(سيپٽمبر 1968ع)، تيڪچند مست ۽ واسديو نرمل (آڪٽوبر 1968ع)، علي محمد وفا ۽ واسديو موهي (نومبر، ڊسمبر 1968ع).

**رباعي:**

واسديو نرمل (سيپٽمبر 1963ع)، محسن ڪڪڙائي (سيپٽمبر 1963ع)، استاد بخاري (نومبر 1963ع)، شبير هاتف (ڊسمبر 1965ع)، شبير هاتف (جولاءِ 1963ع)، آثم ناٿن شاهي.

**ترائيل:**

ارجن سڪايل (نومبر 1963ع)، هريڪانت (جولاءِ 1966ع)، مخفي خيرپوري (جولاءِ، سيپٽمبر ۽ ڊسمبر 1966ع).

**هائيڪو:**

نعيم دريشاڻي (فيبروري 1965ع)، رحيم بخش قمر (مارچ 1965ع)، نعيم دريشاڻي (اپريل ۽ جون 1966ع)، واسديو نرمل (جنوري 1968ع).

**دوها:**

قمر شهباز (جون 1966ع)، امداد حسيني، عبدالحڪيم ارشد، قمر شهباز (ڊسمبر 1967ع) ممنون پٽي (آڪٽوبر 1968ع).

**لوليون:**

شيخ اياز (فيبروري 1968ع).

**نوحو:**

رجب علي ضياءَ غلام حسين رنگريز رازناٿن شاهي، نذير قاضي (مئي 1966ع).

(نوٽ: هن مقالي لکڻ ۾ مان محترم سوبي گيانچداڻيءَ جو شڪر گذار آهيان، جنهن "روح رهاڻ" جو سيٽ مطالع لاءِ ڏنو ۽ ان سان گڏ ٿورائتو آهيان ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جو جنهن پنهنجي بهترين صلاحن سان نوازيو ۽ سنوارڻ ۾ ساٿ ڏنو).

*

# رسالو ’روح رهاڻ‘



روح رهاڻ5 (رسالو): سنڌي ٻوليءَ جو مشهور رسالو ’روح رهاڻ‘ زندگي پبليڪيشنز حيدرآباد پاران، ناميار اديب ۽ ڪهاڻيڪار حميد سنڌيءَ جي ادارت هيٺ مارچ 1960ع ۾ جاري ٿيو. 1961ع ۾ حڪومت طرفان نئون آرڊيننس جاري ڪرڻ ڪان پوءِ ٻين رسالن سان گڏ هن رسالي جي ڊڪليريشن رد ڪئي وئي ۽ بند ٿي ويو. 1963ع ۾ نئين ڊڪليريشن ملڻ ڪانپوءِ ’روح رهاڻ‘ رسالو ٻيهر جاري ٿيو ۽ ڊسمبر 1968ع تائين لڳاتار شايع ٿيندو رهيو. 1963ع ۾ ڪجهه مهينن لاءِ هن رسالي جو ايڊيٽر مشهور ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار جمال رند مقرر ٿيو ان بعد حميد سنڌيءَ وري ادارت جون ذميواريون سنڀاليون. حميد سنڌيءَ سان سهڪاري سٽ ۾ اشفاق قاضي ۽ سليم خواجه شامل هئا. رسالي جي سرورق جو شعر مشهور شاعر امداد حسيني لکندو هو.

’روح رهاڻ‘ رسالي جو ترقي پسند ادبي تحريڪ ۾ وڏو ڪردار آهي، اڄ جي ڪيترن مشهور اديبن ’روح رهاڻ‘ ۾ لکڻ ڪان شروعات ڪئي. هي پنهنجي دور جو انتهائي مقبول رسالو رهيو جنهن ۾ شيخ اياز، م. ع. ڏيپلائي، تنوير عباسي، امداد حسيني، سراج، نياز همايوني، امر جليل، محسن ڪڪڙائي، وفا ناٿن شاهي، رسول بخش پليجو عبدالقادر جوڻيجو شوڪت شورو جمال رند ۽ ٻيا باقاعدگيءَ سان لکندا هئا.




’روح رهاڻ‘ کي سچ لکڻ سبب ڪيتريون تڪليفون به ڏسڻيون پيون، پر هن رسالي پنهنجي پاليسيءَ ۾ تبديلي نه آندي

مارشل لا ۽ ون يونٽ خلاف عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ هن رسالي جو مکيہ ڪردار آهي. هونئن تہ روح رهاڻ جو هر پرچو پڙهڻ وٽان هوندو هو پر هن جو سالنامو يادگار هوندو هو. شيخ اياز جا ڪتاب 'جل جل مشعل جل'، 'هي گيت اُجايل مورن جا' پهريان مڪمل طور 'روح رهاڻ' ۾ ڇپيا پوءِ انهن کي الڳ ڪتابي صورت ملي.

'روح رهاڻ' طرفان 1965ع، 1966ع، 1967ع ۽ 1968ع ۾ ٿيل 'جشن روح رهاڻ' بہ يادگار آهن. بسنت هال حيدرآباد ۾ ٿيل انهن پروگرامن جي مختلف بيٺڪن جي شيخ اياز بيگم زينت عبدالله چنا، رسول بخش پليجي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ٻين ناليوارن اديبن صدارت ڪئي. هن جشن ۾ سڄيءَ سنڌ جا اديب شرڪت ڪندا هئا ۽ تقريرن، ڪهاڻين، مشاعري ۽ موسيقيءَ جون الڳ الڳ نشستون ٿينديون هيون. هن جشن ۾ ادب جي مختلف صنفن ۾ لکندڙ بهترين اديبن کي اوارڊ ۽ اوارڊن سان گڏ ڪجهہ رقم بہ ڏني ويندي هئي، جيڪا عبدالله چنا ۽ بيگم زينت چنا طرفان هوندي هئي. روح رهاڻ جي صلاحڪاري ٽيم ۾ محمد ابراهيم جويو شيخ اياز ۽ رسول بخش پليجو شامل هوندا هئا، جڏهن تہ رسالي تي ايندڙ سمورو خرچ حميد سنڌي ادا ڪندو هو.



1968ع ۾ روح رهاڻ کي حڪومت خلاف مواد ڇاپڻ جو شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو ۽ ان جي ايڊيٽر حميد سنڌيءَ تي 35000 روپيا ڏنڊ وڌو ويو. رسالي جي انتظاميہ طرفان ان نوٽيس کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو. جسٽس عبدالحئي قري شيءَ پنهنجي فيصلي ۾ انهن الزامن کي بي بنياد قرار ڏيندي، رسالي جي حق ۾ فيصلو ڏنو پر مالي مسئلن جي ڪري اهو رسالو جاري رهي نہ سگهيو ۽ نومبر- ڊسمبر 1968ع جي آخري پرچي کان پوءِ بند ٿي ويو.

جنوري 2009ع ۾ حميد سنڌيءَ هن رسالي جي ڊڪليريشن هڪ ڀيرو وري بحال ڪرائي، رسالو ٻيهر ڪڍڻ شروع ڪيو پر اُن جا 8 شمارا شايع ٿيڻ کانپوءِ اهو بہ جنوري 2010ع ۾ وري بند ٿي ويو.

[حميد سنڌيءَ کان ورتل انٽرويو جي بنياد تي تيار ڪيل]

*

## حميد سنڌيءَ جا شايع ٿيل ڪتاب

1. سيمي (ڪهاڻين جو مجموعو)
2. اداس واديون (ڪهاڻيون: ٻيو ڇاپو)
3. وبريون (ڪهاڻيون: ٽي ڇاپو)
4. راڻا جي رجپوت (ڪهاڻيون: ٻيو ڇاپو)
5. جاڳ ٻه تنهنجي جيءَ سان (ڪهاڻيون)
6. سوني زنجير (جاپاني لوڪ ڪهاڻين جو ترجمو)
7. سوڪي ڌرتي (اردوءَ ۾ ڪهاڻيون)
8. آري اڇين شال (سچل سرمست تي تحقيقي مقالا، ترتيب
9. مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون (ترتيب)
10. درد وندي‌ءَ جو ديس (ڪهاڻيون)
11. ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مختلف سُرن بابت مرتب ڪيل ڪتابَ

1. سر ليلا چنيسر
2. سر گهاتو
3. سر ڪاموڏ
4. سر مارئي
5. سر ڪاپائتي
6. سر بلاول
7. سر رامڪلي
8. سر ڪاهوڙي
9. سر ڪارايل
10. سر بروو
11. سر سارنگ وغيره

# فیملی

# البم





حميد صاحب جو والد محترم
سيٺ محمد اسماعيل ميمڻ
۽ والده محترمہ
خديجتہ الڪبريٰ



حميد سنڌي



بيگم تهذيب النساء حميد



بيگم تهذيب النساء، حميد سنڌي، پُٽ ارشد ۽ نياڻي عائشہ حميد.



تهذيب حميد، حميد سنڌي، عائشہ حميد ۽ ڊاڪٽر تمڪنت.
(سالگره جو ڪيڪ ڪٽيندي)



سالگره تي حميد سنڌي کي صاحبزادو ارشد پيار ڪندي.




نياڻي ڊاڪٽر تمڪنت حميد سنڌيءَ سان گڏ.



عائشہ حميد کي پيار ڪندي.



بيگم تهذيب النساء
ارشد حميد سان گڏ.



حميد سنڌي،
محمد اسماعيل بابر (پائيٽيو)
۽ شمس الحق ميمڻ (ننڍو ڀاءُ).



گهوٽ ڪنوار – ڊاڪٽر تمڪنت ۽ سيد سفيان سبحاني ۽ پوٽي ثانيه فاطمه سان گڏ.



شادي جي موقعي تي تهذيب حميد، حميد سنڌي، ڊاڪٽر تمڪنت
۽ سيد سفيان سبحاني.

# ماهوار روح رهاڻ
# ۽ جشنِ روح رهاڻ

# البم















حميد سنڌي ۽ حميد صاحب جو والد صاحب سيٺ محمد اسماعيل کيس مکٽي
جي منڍي پارائيندي



حميد سنڌي جي شادي جي موقعي تي دوست اديبن جي تصوير،
جنهن ۾ ناصر مورائي، شمس الحق ميمڻ (نئدو ياءَ) خواجہ سليم ۽ اشفاق قاضي.



پهرئين جشن روح رهاڻ جي تقريب ـ اقبال پروين سومرو، نذيده جوڻيجو،
بيگم زينت چنه، نورالدين سرڪي، اشفاق قاضي، شمس نورالدين سرڪي،
حميد سنڌي، سڪندر شاهه ۽ شيخ اياز. (1965)




جشن روح رهاڻ جي افتتاح
جي موقعي تي بيگم زينت چنه
۽ حميد سنڌي. (1965)




جشن روح رهاڻ ۾
ابن حيات پنهور صدارتي تقرير
ڪندي، گڏ حميد سنڌي
(1965)



جشن روح رهاڻ جي موقعي تي محترم عبدالله چنہ، بيگم زينت چنہ پاران ڏنل ڊنر، جنهن ۾ شريڪ ٿيندڙ اقبال پروين سومرو، سيما چنہ، حميد سنڌي، شيخ اياز، ناصر مورائي ۽ نياز همايوني.



جشن روح رهاڻ تقريب ۾ شريڪ ٿيندڙ خواتين اديبائون، جنهن ۾ اقبال پروين سومرو، محترمہ زرينہ شيخ اياز، بيگم زينت چنہ ۽ ٻيون.



شيخ اياز پنهجو
ڪلام ٽيپ رڪارڊ
تي رڪارڊ ڪرائي
رهيو آهي.
رشيد ڀٽي ۽
حميد سنڌي تصوير
۾ نمايان آهن.

# ادبي ۽ تعليمي سرگرميون

## البم






حميد سنڌي پبلڪ اسڪول جي سلور جبلي ۾ خطاب ڪندي



مرحوم پروفيسر عبدالغني، حميد سنڌي، نذر محمد ڳاهو
۽ فخر زمان (چيئر مين پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس) سچل چيئر ۾.



ارشد حميد، شفقت حسين شاهه، حميد سنڌي ۽ عبدالغفور ميمڻ صاحب.



حميد سنڌي ڊائريڪٽر ڪاليجز، نمائش جي افتتاح ۾ پرنسپال جارچوي صاحب ۽ ابراهيم شاهه سان گڏ.



حميد سنڌي جي وزيراعظم نواز شريف سان ملاقات.
(وزيراعليٰ سنڌ جام صادق علي تعارف ڏيئي رهيو آهي.)




حميد سنڌي، تنوير عباسي ۽ ممتاز رڃ.



حميد سنڌي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي کي سچل چيئر ۾ چيئر مين جي حيثيت ۾ تحفو ڏيئي رهيو آهي.



گورنر سنڌ محمود اي هارون صاحب ۽ حميد سنڌي
(سچل جي ميلي ۾ دستار بندي کان پوءِ)



گورنر سنڌ محمود اي هارون ۽ وائيس چانسلر حميد سنڌي سچل جي روضي تي.
(دستار بندي مهل)



شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ سينيٽ جي اجلاس جي موقعي تي جي. ڊي ميمڻ،
گورنر محمود اي هارون ۽ وائيس چانسلر حميد سنڌي.



پروفيسر نديم ملڪ، تنوير عباسي، حميد سنڌي ۽ جارچوي صاحب پرنسپال
گورنمينٽ ڪاليج خيرپور.



نصير مرزا، حميد سنڌي ۽ تنوير عباسي.



حميد سنڌيءَ
ڪنهن مسودي
تي نظر ثاني
۾ مصروف.



حميد سنڌي ۽
آپا مريم سلطانه نوحاڻي
سان گڏ.
(وومين گرلز ڪاليج
جي لائبريري جو معائنو)

# حميد سنڌي

## البم





صدر مملڪت غلام اسحاق خان، ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ حميد سنڌيءَ کي
اعليٰ سِوِل ايوارڊ "تمغہ امتياز" ڏيئي رهيو آهي. (23 مارچ 1990ع)



ممتاز مرزا، حميد سنڌي، گورنر سنڌ محمود اي هارون ۽ ٻيا.
(درازا ۾ سچل سائين جو ميلو گهمندي)



گورنر سنڌ جي
صلاحڪار جي. ڊي ميمڻ
جي حميد سنڌي آجيان
ڪري رهيو آهي.
(شاهه لطيف يونيورسٽي
۾ تقريب)



شيخ اياز، رشيد ڀٽي، حميد سنڌي، نسيم کرل ۽ غلام رباني آگرو. (1976)



ايڇ.ايم خوجه، حميد سنڌي ۽ تنوير عباسي.



محمد علي حداد، سيد غوث علي شاهه، حميد سنڌي، تنوير عباسي
۽ سچل چيئر جا ڪارڪن.



سچل چيئر ۾ حميد سنڌي، سيد غوث علي شاھ جي آجيان ڪندي



حميد سنڌي ۽ مهتاب اڪبر راشدي پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ اداري جي ترويج
لاءِ خيالن جي ڏي وٺ.(1986)




پبلڪ اسڪول جو پرنسپل حميد سنڌي، اسڪول ۾ تقريب ۾
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي هڪ شاگرد کي انعام ڏيئي رهيو آهي.



حميد سنڌي ۽ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد شفيق الرحمان پراچا، پبلڪ اسڪول جي
واڌاري لاءِ ڳالھ ٻولھ.



نديم ملڪ، مختيار ملڪ، حميد سنڌي ۽ سيد الله بخش شاھ بخاري



خواجہ سليم، تنوير عباسي، حميد سنڌي ۽ پروفيسرز خيرپور يونيورسٽي جي هڪ فنڪشن ۾.



نصرت حسين ابڙو حميد سنڌي، پروفيسر عبدالغني ميمڻ ۽ ٻيا.
(هڪ تعليمي تقريب ۾)



حميد سنڌي، نوخيز ارشد حميد، سالڪ نذير، ڪمشنر حيدرآباد ۽
پروفيسر عبدالاحد ابڙو (پبلڪ اسڪول جي شاهه عبداللطيف هاسٽل جو افتتاح).



وائيس چانسلر حميد سنڌي، گورنر سنڌ (چانسلر) محمود هارون
کان ايوارڊ حاصل ڪندي.



پروانو ڀٽي، حميد سنڌي، مدد علي سنڌي، نذير ميمڻ، نفيس احمد ناشاد.



وائيس چانسلر حميد سنڌي، گرلس گائيڊ تقريب ۾ پريڊ جي معائني جي شروعات.



وائيس چانسلر حميد سنڌي ۽ خسرو پرويز، ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ميرس.
(خيرپور يونيورسٽي)



حميد سنڌي، غلام عباس پنيرو ۽ فرحت حسين.



پروفيسر ايڇ. ايم خوجه ۽ حميد سنڌي، خيرپور يونيورسٽي ۾.



خيرپور ۾ يونيورسٽي تقريب ۾ حميد سنڌي ۽ تنوير عباسي ڪنهن باهمي مشوري دوران.



حميد سنڌي، ڊائريڪٽر ڪاليجز ۽ پرنسپال گورنمينٽ گرلز ڪاليج، رشيده حجاب.



حميد سنڌي، مهمان آغا شاهيءَ کي تحفو ڏيندي.



حميد سنڌي، نياز همايوني ۽ نفيس احمد ناشاد.



ڊائريڪٽر جنرل انفارميشن نظام الدين جتوئي ۽ وائيس چانسلر حميد سنڌي.



خيرپور يونيورسٽي پهچڻ تي وائيس چانسلر حميد سنڌي جو پُر تپاڪ استقبال.



وائيس چانسلر حميد سنڌي، خيرپور يونيورسٽي ۾ مختلف شعبن جو معائنو.



پرنسپال جارچوي صاحب، حميد سنڌي ۽ تنوير عباسي.



حميد سنڌي ۽ عبدالرشيد ڪرل (مرحوم).



مرحوم ڊاڪٽر محمد صالح گوپانگ ۽ حميد سنڌي



شمس الحق ميمڻ (حميد صاحب جو ننڍو ڀاءُ)، حميد سنڌي ۽ خواجہ سليم.



ٻينجو نواز عزيز ڀائي، ڪنهن تقريب ۾ حميد سنڌيءَ سان عقيدت جو اظهار ڪندي.

# بزم روح رهاڻ



قاضي خادم، حميد سنڌي ۽ رسول بخش پليجو ويچار ونڊيندي.



عبيد راشدي، ارشد حميد، محمد علي ڏيپلائي ۽ حميد سنڌي.



محمود، عنايت بلوچ، ذوالفقار هاليپوٽو ابرار قاضي، حميد سنڌي،
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، اعجاز قريشي ۽ آغا سليم.

# بزم روح رهاڻ



عبيد راشدي، ارشد حميد، محمدعلي ڏيپلائي ۽ حميد سنڌي



رسول بخش پليجو، حميد سنڌي ۽ قاضي خادم.

## بزم روح رهاڻ



جاويد، نذير ملڪاڻي، ڊاڪٽر الهڏنو سومرو ۽ مرزا ڪاظم رضا بيگ.



شاهنواز مسافر، علي نواز پلي ۽ سرور نواز ڀگهيو.

# بزم روح رهاڻ



ڊاڪٽر الهڏنو سومرو ۽ محبوب پٽي.



شاهنواز مسافر، چينن ڪمار ۽ انور جوکيو.



حميد سنڌيءَ جا دلپذير انداز— ماضي ۽ زمانہ حال




چترڪار قاضي خضر حيات پاران حميد سنڌي جا ڪاشيءَ تي پورٽريٽس.

تصويرن جا ڪئپشن: **نفيس احمد شيخ ناشاد**

حميد سنڌي صاحب جي ڪهاڻين جي اُٽڪاري جو ڍنگ ڪجهه هي ته، اها وائلن جي سُرن وانگر ڌيمي ڌيمي انداز ۾ شروع ٿيندڙ ۽ جيئن پاڻيءَ ۾ دائره در دائره رنگ پکڙبو آهي، حميد صاحب جي ڪهاڻين ۾ درد به ايئن ئي ڦهلبو نظر ايندو آهي ۽ تان ته ڪهاڻي هڪ پرپور تاثر تي وڃي ختم ٿيندي آهي.

... المختصر.. ته زندگي!... جيڪا اسان جي حميد صاحب جي حصي ۾ آئي ، سچ پڇو ته اُها هُن سچي جي سچي ڇا ته مُتحرڪ، مصروف ۽ سؤنُ گذاري آهي. اوائل جوانيءَ ۾ پهرين ته پوري توجه سان نصابي تعليم. پوءِ ان دوران افسانه نگاريءَ سان شغف. پوءِ جڳ پڌري رسالي ’روح رهاڻ‘ جو آغاز ۽ گڏوگڏ جشن روح رهاڻ. پوءِ بطور پروفيشن... علمي ادبي ۽ نصابي ادارن سان والهانه وابستگي ۽ انهن جي تنظيم ـ ڪاري، علاوه ازين ڏيهي پرڏيهي نجي سرڪاري دورا ۽ سئر سفر. پوءِ هند سنڌ اندر برپا ٿيندڙ ادبي محفلن، مجلسن ۾ شرڪت. گڏوگڏ سالن جا سال سالانه شاهه لطيف ڪانفرنسن جي زبردست ميزباني... پوءِ ادبي ثقافتي شامن ۽ ڪتابن جي مهورتن وارين محفلن جون صدارتون.

اسان جي قمر شهباز صاحب...حميد صاحب بابت هي به ڪيڏو نه درست لکيو آهي ته: حميد ڪڏهن به ورچي نه ويٺو آهي. اها ئي وک وتري ۽ اهو ئي قلم هٿ ۾. ۽ ائين دل جو سمورو درد ڪاغذن تي اوتي ڇڏيو اٿس، سندس پهريون ۽ آخري عشق آهي سنڌ... ۽ سنڌي ادب ! ۽ هو اڄ به ساڳي لگن سان پنهنجي ٻوليءَ کي مالا مال ڪري رهيو آهي. ۽ ادبي اڄ اجهائڻ خاطر، هڪ دفعو وري ... هن روح رهاڻ کي ’بزمِ روح رهاڻ‘ جي نالي ۾ جيئاري ڇڏيو آهي. جنهن سبب سندس گهر جي چائنٽ، حاضر دور ۾ هڪ دفعو ٻيهر، علم ادب جي آماجگاهه بڻجي چڪي آهي.

ـ نصير مرزا

naeemdeswali

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.